پوجنيه دادا جشن واسواڻي جو جيون درشن



ڊاڪٽر ديال 'آشا'

105

پوڄنيه دادا جشن واسواڻيءَ جو
جيون درشن

ڀاڱو ٽيون

ليکڪ:
ڊاڪٽر ديال ڪوڙومل ڏاميچا "آشا"
وائيس پرنسيپال
۽
پرمک سنڌي وڀاڳ
شريمتي چانڊي ٻائي همٿمل منسکاڻي ڪاليج
الهاسنگر-٣.

ملهه: ڏهه روپيا نومبر ١٩٨٩ع

پرڪاشڪ
شري موٽومل کيراجمل چانڊواڻي
بلاڪ سي-٦٣٧، الهاسنگر-٤.

ॐ

شري ست نام ساکي

ٻه ٻول

ست پرش جو نت اوتار آهن. هو پنهنجي أتم ويچار وهنوار سان ماڻهو ماتر جو مارگ درشن ڪن ٿا، ستلن کي سجاڳ ڪري نام جو امرت پياري اُجڙ دلين کي آباد ڪن ٿا. سادو واسواڻيءَ جو روحاني وارث پيارو ست جشن واسواڻي ٻه ديش وديش ۾ وڃي هزارين ٽوٽل دلين کي نام جي امرت سان سرسبز ڪري رهيو آهي. هي پيارو پنهنجي گروديو سادو واسواڻيءَ جي نقش قدمن تي هلي سندس سکيائن ۽ آدرشن جو سنديش سڻائي رهيو آهي.

پيارو ڀاءُ جشن ديا وارو درويش آهي. هڪ ڀيري اکين کان پڇيائون ته توهان ٿوري گهڻي ڳالهه تي ڳوڙها ڳاڙيو ٿا، ٻئي ۾ سور ٿئي ٿڌهن به توهان روئندا، ٻين ۾ ڪنهن لڳو، بدن جي ڪنهن به عضوي کي ايذاءُ رسي ته توهان لڙڪ لاڙيو ٿا، اهو پنهنجو ڪهڙو سڀاءُ آهي؟ اکين ورائيو "انسان ۾ ديا آهي." ديا وارو انسان ٻئي جو درد ڏسي همدرديءَ جا آنسون وهائيندو آهي. پيارو ست جشن به جڏهن ٻين جي پيڙا ڏسندو آهي تڏهن سندس دل پگهرجي پوندي آهي. هي پيارو نه صرف منش ماتر کي پيار ڪري ٿو پر پکين پسن لاءِ به سندس دل ۾ پيار ۽ همدردي آهي. هو ست سچان سيهه سادگيءَ جي صورت آهي، ديا ۽ نمرتا جي مورت آهي. قربدار آهي، مٺار آهي، مسڪينن جو مددگار آهي.

پياري ديال آشا کي ڏنيواد آهي، جو هن دادا جشن جو جيون درشن لکيو آهي. سنتن جون جيونيون سچو ساهتيه آهن. جنجي پڙهڻ سان منش ست مارگ تي هلي ٿو، سندس ورتي پرڀو طرف لڳي ٿي. پيارو موٺو رام به جس جو ڀاڳي آهي جنهن هي سندر پستڪ پرڪاشت ڪيو آهي.

سوامي شانتي پرڪاش مهاراج

هڪ پشپ

سنتن ستپرشن جي جيون، جيون جي جهاز لاءِ روشن منا
آهي. سنت اسانجا سچا سونهان ۽ سدرشڪ آهن. سندن مارگدرشن
۽ آسيس دوارا اسين پنهنجو وهنوار چاهي پرمارٿ سڌاري
سگهون ٿا. سنتن جو سنگ آ سڪدائي، ڪلپ ورڪش جيان
ڦلدائي. داس جو سڀاڳ آهي جو ننڍپڻ ۾ پياري پاپي صدوري پائي
وشنداس ڏاميچا، پوڄيه مالا پاري ڀائي ڪوڙومل جا ڏاڙهڪ
سنسڪار مليا. وديارٿي جيون ۾ پوڄيه سوامي ليلاشاه
مهاراج ۽ پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج داس جي راه
روشن ڪئي. زندگيءَ جي راه لي جن اڳتي وڌيس ته پوڄيه
دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ
جي آسيس ۽ پيار مليو. ايشور جي ٻه اسيم آسيس رهي. مان
جيڪي آهيان، انهن جي بدولت آهيان.

هن وقت سنڌين جا سونهارا سنت پوڄيه سدگرو سوامي
شانتي پرڪاش مهاراج ۽ پوڄيه دادا جشن واسواڻي ٻئي منهنجي
اکين جا تارا آهن، روح جا راڻا آهن. داس تي سندن وڏ
قرض آهي، جو لاهڻ مشڪل آهي. ٻنهي مهان مورتيون پنهنجي
پيار دوارا داس جي دل باغ بهار ڪن ٿيون. هن ڪان اڳ
پوڄيه "سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جو جيون درشن" لکيـ
جو منهنجي متر شري موٽومل ڪيواجمل چاندواڻيءَ پرڪاشـ
ڪيو. اڄ وري "پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جو جيون درشن"
پڻ پياري عزيز شري موٽومل چاندواڻيءَ جي سهيوگ سان شايـ
ٿي رهيو آهي. هن پياري ٿي مونکي ٻنهي مهان وڀوتين جي
جيون درشن لکڻ لاءِ اتساهت ڪيو. هن پستڪ ۾ سن ٩٨٤
تائين پوڄيه دادا جشن جي جيون جو ذڪر ڪيو اٿم باقي
ٻئي ڀاڱي ۾ بيان ڪبو. پوڄيه دادا جن جي امرت تليه وياکيانن
۽ وچنن جو سنگره ڪجي ته هڪ وڏو گرنٿ تيار ٿي پوي
هت مختصر ذڪر ڪيو اٿم. پر جيڪي آهه سو سندن ئي آهه
داس جو ڪجهه ٻه ڪين آهه، داس ته سندن بالڪ آهه، بالڪ
ڀلون ڪندا آهن. ڀلون بخشيندا نڌر کي نوازيندا. شڪرگذار آهيان
دادي ستي ٽنڊاڻيءَ جو جنهنجي "هيام" پترڪا جو سهارو مليو
آڀاري آهيان بالڪي هيما واسديو ڏيوناڻي، ڀاءُ ماڌوداس
چتاڻي (مالڪ گيتا پريس) جنهن پروف پڙهڻ جي جوابداري
کڻي ۽ چترڪار ڀاءُ رام لعلچنداڻيءَ جو. — ديال 'آشا'



سنڌين جو سونهارو سنت ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي
پياري دادا جشن جو آڌياتمڪ گرديو.

پيارو ياءُ جشن

پيارو ياءُ جشن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو روحاني
وارث آهي. اسانجو روحاني رهبر آهي، ڪيڏو نه نماڻو، ڪيڏ
نه ساڌو ۽ وڏو ودوان ۽ فيلسوف آهي. سندس پيشانيءَ ۾ الاهي
نُور پيو چمڪي، جنهن مان وديا، ڀڳتي ڀاءُ ۽ ديا جون لهرو
پيئون نڪرن. سچي وديا اِهائي آهي، جنهن دواران ڀائي
تعصب، پريشاني، وهم سنسا نڪري وڃن ٿا ۽ من ۾ وشواس
شردا، شانتي ۽ آنند پرابت ٿئي ٿو. پوجيه ياءُ جشن پنهنجي
سنيهه سيوا سادگي، سهانپوڻي سورڳ روپي گڻن جي سگنڌ سا
سنسار کي سگنڌمئه ڪري رهيو آهي. سندس درشن ڪر
سان دل باغ بهار ٿيندي آهي.

پيارو دادا جشن اسانجي من جا مونجهارا مٽائي اسانکي
ست مارگ ٻڌائي رهيو آهي، سورڳ ۽ سيوا جي مشعال کڻي
هزارن پراڻين جي راهه روشن ڪري رهيو آهي. سندس اُپديش
پڌي آنند ايندو آهي. اهڙي مهان هستي، سوڀاري سمت پياري
دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون ۽ ڪاريه بابت پياري ياءُ ديا
آشا هي سندر پستڪ لکي اُم ڪم ڪيو آهي. "دادا جش
واسواڻي جيون درشن" پستڪ هزارن لوڪن جي رهنمائي ڪند
ان لاءِ ياءُ ديال آشا کي ڌنيواد آهي.

شل پرماتما ياءُ جشن کي وڏي آورجا ۽ سٺي صح
بخشي جو هو ديش وديش ۾ وڏيڪ لوڪن کي ڪليا
مارگ ٻڌائيندو رهي.

پروفيسر هوتچند گوپالداس آڏواڻي


آدرڻيه دادا جشن جا ماتا پتا



پوڄنيه ماتا ڪرشنا ديوي واسواڻي



پوڄنيه پتا پهلاجراءِ واسواڻي



نمسڪار

ARTSPOT



پوڄنيه دادا ساڌو ٽي ايل واسواڻي

پنهنجي ڀڻيجي مِشش جشن واسواڻيءَ کي پيار ڪري رهيا

مهاڳ

اڄ تاريخ ۲۳ آڪٽوبر، اڏيان ايڪسپريس ۾ پونا کان بمبئيءَ وڃي رهيو آهيان. سنڌيا جو سيانو ۽ سانتيڪو سمو آهي. ان سانت جي سمي ۾ پنهنجي مانئور ڀاءُ ڊاڪٽر ديال آشا جي پستڪ "پوڄيہ دادا جشن جو جيون درشن" جي ڪاپي هٿ ۾ آئم. پريم ۽ اُتساهہ سان وٺي پڙهان. جيئن پستڪ جا صفحا پيو پڙهان، تيئن دل کي ڪافي آنند ٿئي ٿو. پستڪ ۾ سوين صفحا آهن. سڄي پستڪ پڙهڻ لاءِ گهڻو وقت کپي. خيال پيو اچيم تہ ڀلي گاڏي دير سان بمبئيءَ پهچي تہ مونکي پستڪ پڙهڻ مان گهڻو ئي لاڀ ملندو.

پستڪ مان جيڪي هيستائين پڙهيم، اُن مون کي گهڻو آنند ڪيو ۽ چاهيان ٿو تہ هي پستڪ هڪ هڪ سنڌي گهر ۾ هجي، جيئن روز گهر جا سڀ ڀاتي گڏجي گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪلاڪ هن پستڪ کي پڙهن. کاتري آهم تہ مٿن سٺو اثر ٿيندو ۽ کين آتمڪ آدرش کي عمل ۾ آڻڻ لاءِ اُتساهہ ڏياريندو.

پوڄيہ پياري دادا جشن کي پوڄيہ دادا سادو واسواڻي وڏو روحاني خزانو ڏيئي ويو آهي، پر اهو روحاني خزانو پياري دادا جشن گادريج ڪبٽ يا بئنڪ جي سيف ڊپازٽ والٽ ۾ لڪائي نہ رکيو آهي، بلڪ اهو خزانو پيو ونڊي، پيو ورهائي. لکيئون ولي، اپسانئون ڪري، ياترائون ڪري، اهو خزانو هزارن لکن دلين کي پيو پهچائي. اهو خزانو آهي: ديا ۽ دينتا، دکين ديئن لاءِ درد، نام ڪيرتن، شيوا، سنتوش ۽ سهنشيلتا. اهي اوچ آدرش پياري دادا جشن جي جيون ۾ ڪيئن نہ پيا چمڪن! سندس پياس آهہ تہ اهي آدرش هزارن لکن جي جيون ۾ چمڪن.

پياري دادا جشن جا پورهيا تاب پيا آهن. ڪيترين دلين ۾ آتمڪ انقلاب آندو اٿس. ڪيترين دلين الک جي اوڏو آيون آهن. ڪيترن جي هردن ۾ هري نام جي يادگيري جاڳي آهي ۽ همدرديءَ جو ڀاءُ اڀري آيو آهي.

پياري دادا جشن جي لکڻين ۾ عجب لطف آهي. هن الله لوڪ جي آواز ۾ الک جو آواز آهي. هن درويش جي هڪ



اسانجا روحاني رتنا- سنڌين جا مهان سنت

پوڄنيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ دادا جشن واس

پوڄيه دادا جشن واسواڻي

سدائين جو آ سدا سونهارو دادا جشن پيارو آ،
گيان سندو گلزار آ دادا ڀڳتيءَ جو ڀنڊارو آ.

دادل شاهه جو روحاني وارث منهنجي روح جو راڻو آ،
سادي رهڻي اعليٰ ڪهڻي سد سد هوءَ ته نماڻو آ.

درد آ هنجي دل ۾ ٻين لئه درد ٻين جو دور ڪري،
محبت جي مرهم سان اُن جا گهاءُ پيارو هي ٿو ڀري.

ٻين جي پيڙا پنهنجي سمجهي اُن جي پيڙا مٽائي ٿو،
ٽڪ اکين لڪن جا هوءَ اُن کي پنهنجي سيني لڳائي ٿو.

ٻچن پسن کي پيار ڪري ٿو جوت ديا جي جڳائي ٿو،
ڪڪدامن لئي ڪهل ڪري هوءَ اُن جي جان بچائي ٿو.

ٻئين کي ٻي پنهنجا نه ڏي هوءَ، صورت صاحب جي جاڻي،
مڇلين کي جيئندان ڏئي ٿو مورت مالڪ جي جاڻي.

پنهنجي امرت وچن سان هوءَ لتل دلين کي ٺاري ٿو،
نام جي نوڪا ۾ هوءَ چاڙهي، ڀو ساگر مان تاري ٿو.

درشن سان دک دور ٿين ۽ مونجهارا ٿا مٽجي وڃن،
چمن قولن کان فارغ ٿئي ٿو روح رهاڻيون جڏهن ٿا ڪن.

مولي منهنجو وانگر دادا ٻولا جي مرلي وڄائي ٿو.
مئواڻ ٻوسي پندراهن آ، اُنهن ۾ راس رچائي ٿو.

هڪ اکر ۾ آتمڪ آنش آهي. سندس نرمل نهار ۾، سندس
نرمل نيڻن ۾، سندس سليس ۽ نماڻن اکرن ۾ ڪيڏي نه نمرتا
ڪيڏي نه چڪ! سڀاويڪ سندس ڪاريه اي ڪردار جي وڏ
ڪرپا آهي.

ڌنيواد اسانجي پياري ۽ مانيور ڀاءُ ڊاڪٽر ديال آشا کي
جنهن بوجهه. دادا جشن جي جيون ۽ سکيا جي چمڪند
تصوير هن پستڪ ۾ ڏني آهي. هڪ هڪ صفحو اي روشنيءَ جي
جهلڪار آهي. هڪ هڪ صفحو پڙهڻ سان امنگ ۽ اُتساهه اُٿي
ٿو. پوءِ جو پيارو ڊاڪٽر ديال آشا پڻ هڪ درويش آهي
سندس جيون ۾ شردا جي سڳنڌ. سندس زندگيءَ ۾ زه
سادگيءَ جو. سندس روزاني رهڻيءَ ۾ شردا جي شمع جا سدا
ٻرندي پئي. سياڻو ڊاڪٽر ديال! سنڌي سماج جو هڪ پڙه
آهه. هڪ عالمي هستي آهه. ڪيڏو نه ودوان! ۽ ڪيڏي
سندس نمرتا! سچي پستڪ ۾ محبت ۽ محبت وڌي اٿس
سنڌي سماج ايمان هيڏو لاڀدائڪ پستڪ لکي سنڌي سماج جي
آسيس ڪئي اٿس. اسين سندس شڪرگذار آهيون، ادا
شڪرگذار! ڊاڪٽر ديال آشا جي لکڻي سرل ۽ سليس آهي
اُن سرل ٻوليءَ ۾ ڪيڏو نه رس ۽ ڪيڏو نه جس! سنڌي ساهت
جي کيتر ۾ ڊاڪٽر ديال آشا هڪ ستارو آهي. ڪيترا نه پستڪ
لکيا اٿس! ۽ ڪيترا نه انعام کٽيا اٿس! انگلستان جي هڪ
ٻوڪ ڪوي ٽينسين هڪ هنڌ چيو ٿو:

Let Knowledge grow from more & more,
But more of reverence in us dwell!

مطلب هي: جيئن اسين علم ۾ اڳتي وڌون تيئن اسين شرڌ
۾ به وڌندا رهون.

ڊاڪٽر ديال آشا جي جيون اها ساکي ڏني آهي. سندس
جيون ۾ شردا جي شمع ٻرندي پئي ۽ اُن شردا جو هڪ مثـ
آهي هي پستڪ. خاطري اٿم ته هي پستڪ ڪيترن دلين کي
آتمڪ آدرشن ڏانهن ڇڪيندو ۽ سنڌي دلين ۾ روحاني جذبا
جڳائيندو.

اُديان ايڪسپريس (بمبئي - پونا)   شردا ۾
٢٣-١٠-١٩٨٩ع   گنگارام صاحبداس

ॐ

دادا شيام

پوڄنيه دادا جشن واسوانيءَ

جو

جيون درشن

رشين منين جي ڀومي، پراچين سنڌو سڀيتا جو سرچشمو ويدن جو سرجڻ استل، سنڌو ديش سنتن ۽ صوفين جو ديش آهي. ان پوتر ڀوميءَ ۾ سوين سنتن گيان-ڀڳتيءَ ۽ سوين صوفين پريم ساڌنا جو رستو ٻڌائي هزارين لوڪن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ لڳايو، ڪيترن روحاني رستو ڏيکاري سندن سچي سونهپ ڪئي، انهن سنتن ۽ درويشن جي سونهاڻ نه صرف سنڌ تائين سيمت رهي پر هند جون حدون لتاڙي وچين وديشن کي واسيو. انهن الله لوڪن جي منڍي ۾ ملهائتي هئي. سندن در جي دز ۾ دک دور ٿيا، ڪشت ڪليش ڪٽي ڇڏيا. سنڌ جي سڳوري شاعر شاهه لطيف چيو آهي:

ساري رات سبحان، جاڳي جن ياد ڪيو،
تن جي عبداللطيف چئي، مٽيءَ ۾ لڌو مان،
ڪوڙين ڪن سلام، آئي اچي تن جي.

سنڌ ۾ ڪنهن زماني ۾ ميرن جي حڪومت هئي. ميرن ايران جي بادشاهه سان دوستانا ناتا وڌيڪ پختا ڪرڻ لاءِ پنهنجي عاقل وزير ديوان گدومل کي ايران وڃڻ جو حڪم

مرشد محب مٺي دادل لاءِ ڪيڏي شوڙا هن ۽ آ
دادل لسان ٻلهار وڃي تو دادل هنجي من ۽ آ

'انجليءَ' جي تخلص سان دادا ڪيئي گيت رچيا آهن
درد سوز آ ٿن گيتن ۾ ٻوليءَ ٻولي سان ٿا ڳائن

آهه وڏو ودوان پيارو ٻو نه ڏيکاري ڏيندو آ
ڦلن وارو وڻ جهڪيل سدائين نمل سدائين هوندو آ

سندس نيڻن ۾ نور نوراني، چمڪي سندس ٿي پيشاني
ٻوليءَ جو ٿو نام جپائي، راهه ڏيکاري ٿو روحاني

جانب جادوگر هي آهي، دلين تي جادو لڳائي ٿو
پيار ڏئي هرڪنهن کي پنهنجو، ٻل ۾ پنهنجو بڻائي ٿو

'آشا' تي 'انجليءَ' جي نوازش محب مٺو آهي مننار
ڪين وساري سگهندو 'آشا' پياري دادا جشن جو پيار

ديال "آشا"

ublished by : Shri Motumal Kherajmal Chandwani, Block C-637,
Ulhasnagar-4.
inted by : Shri Madhawdas J. Chhatani (Achhra),
Shree Geeta Printing Press, Ulhasnagar-3.
Phone : 71016

طرفان تحفي طور بادشاه سلامت اڳيان پيش رکي ۽ ميرن جو عرض نامو پڻ پيش ڪيو. ايران جي بادشاه پنهنجي وزير کي حڪم ڪيو ته اها پيتي هڪدم کولي وڃي. حڪم جي تعميل ڪئي وئي. پيتيءَ ۾ ڌوڙ مٽي ڏسي بادشاه سلامت جو پارو چڙهي ويو! وزير وائڙا ٿي ويا ۽ ديوان گدومل به دنگ رهجي ويو! هيرن جواهرن بدران مٽي ڪيئن! ديوان گدومل تمام قابل ۽ سياڻو شخص هو. هو سمجهي ويو ته سندس ساٿي مسلمان وزيرن هيءَ حرڪت ڪئي آهي. بادشاه غصي ۾ تپي باهه ٿي پڇيو ته ميرن هيءَ ڪهڙي سوغات موڪلي آهي؟ ميرن جي ايڏي همت! اُن وقت ديوان گدومل تحمل کان ڪم وٺندي سياڻپ جو جواب ڏيندي چيو ”بادشاه سلامت! سنڌ ۾ سوين درويش فقير ٿي گذريا آهن، جن جي خاڪ سڄي دنيا ۾ پکڙيل آهي. هيءَ مٽي اُنهن درويش فقيرن جي در جي آهي. بي بها سوغات آهي، جنهنجي لڳائڻ سان دک درد دور ٿيو وڃن. اها مٽي مشڪ کان به ملهائتي آهي.“ ديوان گدومل جا اهي الفاظ ٻڌي بادشاه سلامت جو غصو ٺرو ٿيو. سندس دل ۾ سنڌ جي درويش فقيرن لاءِ ازحد عزت هئي. هن صاحب اُن پيتيءَ مان مٽي کڻي اکين کي لڳائي. پوءِ ٻين وزيرن پڻ اها خاڪ کڻي لڳائي. ديوان پنهنجي سياڻپ سان ايران جي بادشاه سان ميرن جا ناتا پڪا ڪيا. سنڌ جي درويش جي خاڪ چوڌاري ڦهليل هئي.

سنڌ جي مهان سنت ساڌو واسواڻيءَ جي من ۾ به سنڌ جي مٽيءَ لاءِ ڪيڏي نه شردا هئي:

وري شل وسان تنهنجي چرڻن جي خاڪ،
جيئي ڌوڙ درويش جي ليان شل مان ناڪ.

کيو ۽ کيس هڪ هيرن جواهرن جي پيٽي ايران جي بادشاھ کي تحفي طور ڏيڻ لاءِ ڏني. ديوان گدومل جيئن ايران روانو ٿيو تيئن هن حال في الحال اُها قيمتي هيرن جواهرن واري پيٽي سرڪاري خزاني واري ڪمري ۾ رکائي. هيڏانهن ميرن جي مسلمان وزيرن جي من ۾ مدائي پيدا ٿي. سندن اندر ۾ حسد جي باھ ڀڙڪي اُٿي ته مير به مسلمان ۽ ايران جو بادشاھ به مسلمان؛ اُن سان دوستانو ناتو وڌيڪ پختو ڪرڻ لاءِ مير وري هندو وزير گدومل کي ايران ڏانهن موڪلين! اها اسانجي بي عزتي آهي. انهن مسلمان وزيرن مخفي ميڙ ڪوٺائي رٿا رٿي ته جيئن ايران ۾ وزير گدومل جي بي عزتي به ٿئي ۽ ايران جو بادشاھ مٿس غصي ٿي ميرن سان ناتا ٽوڙي.

سرڪاري خزاني جا ملازم به مسلمان ئي هئا. حاسد وزيرن اُنهن مسلمان ملازمن کي لب ڏيئي ڪنهن بهاني اُها قيمتي پيٽي پاڻ وٽ گهرائي. اُن مان هيرا جواهر ڪڍي، اُن جي بدران مٽي ڀري وري اُنکي ساڳي سرڪاري خزاني واري ڪمري ۾ اڳ جيان رکائي ڇڏي. هيڏانهن ٻن ٽن ڏينهن کانپوءِ ديوان گدومل اُها پيٽي خزاني مان ڪڍائي ايران روانو ٿيو. ڪجھ ڏينهن بعد ديوان گدومل ايران ۾ پهتو. ديوان گدومل ايران جي بادشاھ کي عرض نامو موڪليو، جنهن ۾ هيئن لکيائين: "مان ميرن جو وزير، سنڌ مان اوهان لاءِ بي بها تحفو ميرن طرفان اوهان کي پيش ڪرڻ چاهيان ٿو. نوازش فرمائي اهو نذرانو قبول ڪريو. اوهان سان ڪي ڳالهيون اورلهيون به ڪرڻيون آهن."

ايران جي بادشاھ ٻن ڏينهن بعد دربار ڪوٺائي، جتي ديوان گدومل ميرن جو نذرانو کڻي آيو. ايران جي وزيرن سندس آجيان ڪئي. ديوان گدومل اُها هيرن جواهرن واري پيٽي ميرن

ٿي رهيو ۽ ان بعد هي صاحب انڪمٽيڪس ايڊمنسٽريٽو آفيسر ٿي
ٿي رهيو. هن صاحب رامائڻ ۽ مهاڀارت سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو
ڪري ڇپايا. هن صاحب ٻين وشين تي ٻه عالماڻا ڪتاب
لکيا جن مان ”گهرو ٽوٽڪا“ چڱي شهرت حاصل ڪئي. هي
نيڪ ۽ آدرش انسان نه صرف سماج سيوڪ هو، پر ڀڳوان شري
رام جو اننيه اُپاسڪ هو. سندس جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي
سگند هئي. شري ڀلاڄراءِ واسواڻي پوڄيه سادو ٽي. ايل.
واسواڻيءَ جو وڏو ڀراتا هو، اُن ڪري به سماج ۾ سندس
ڪافي پرتشٺا هئي. سندس پتا يعني دادا جشن جو ڏاڏو شري
ليلارام ديوي ماتا جو اننيه اُپاسڪ هو ۽ ماتا وران بائي، دادا
جشن جي ڏاڏي پڻ ڀڳتياڻي هئي. گهر جي ڌارمڪ واتاورڻ سبب
شري ڀلاڄراءِ پنهنجي جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏني.

سنڌ-هند جو مهان سنت، فيلسوف، اعليٰ تعليمدان،
اوچ ڪوٽيءَ جو سنت ڪوي، ساهتڪار، ڀارت جي مهان
وڀوتي، سماج سڌارڪ، ليکڪ ۽ تپسوي پوڄيه دادا سادو
ٽي. ايل. واسواڻي شري ڀلاڄراءِ جو ننڍو ڀاءُ ۽ دادا جشن جو
چاچو هو. دادا جشن جو جنم جو نالو ويرو هو. جڏهن ٻالڪ
جشن ڄائو ننڍڙن پوڄيه دادا سادو واسواڻيءَ کيس هنج ۾
کڻي، مصريءَ جي ٽڪري ڏيندي بالڪ جي من موهيندڙ
مشڪندڙ مکڙي ڏانهن نهاريندي پنهنجي نيڻن پري نهار سان
کيس آسيس ڏنائين.

دادا جشن جي پوڄيه ماتا ڪرشنا ديوي به ڀڳوءَ جي
ڀڳتياڻي هئي. هوءَ پربات جو اُٿي گرو ٻاڻي اُچاريندي هئي.
شري ڀلاڄراءِ کي چار ٻالڪ ۽ ٽي بالڪيون ڄايون. شڪنتلا،
دادي هري، ڊاڪٽر سندري. پوءِ دادا جشن، ان بعد شري رام،
شري هيرالعل، ڊاڪٽر هريو ٻالڪ ڄاوا.

سونهاري سنڌڙيءَ جي حيدرآباد شهر ۾ ٢ آگسٽ ١٨
شري ڀهلاجراءِ واسواڻيءَ جي اڱڻ ۾ آيو ڄائو - ڪروڙ جو ا
دادا جشن واسواڻي. ڪرم گيان ڀڳتيءَ جي صورت نماڻ
جنهنجي مکہ مان ٻئي ٽپڪي سدا امرت ٻاڻي. سندس اک
مان نوراني نور پيو جهلڪي. سندس پيشاني منجهان چمڪ
سندس ڪمل مکڙو سدائين پيو مشڪي. سندس مٺڙ
مسڪان ۾ مقناطيسي چڪ، جا پيدا ڪري سڀني لاءِ سن
آهہ اسان لاءِ روشن منار، گيان سندو گلزار ۽ ڀڳتيءَ جو پند
ٻاڻي عليمائيءَ جو هار، ڏئي ٿو هڪ کي پيار. آهہ اڃ
جو آڌار آهہ محبت منو منٺار لهي دکين بکين جي سار، سندس نيڻ
ٻوڙي ٿهار ڪري ٿي نهال. آهہ انجلي سدسد نماڻو، آهہ اسانجو ٻوڙ
راڻو، گوديو دادل شاهہ جي در آهہ وڪاڻو، آهہ وڏو ودوا
۽ ڪين انس ايمان. آهہ قوم سنڌيءَ جو شان، آهہ ونو
هيءَ نہ مهان. اهڙي سنت سچي تان ڪن من تن قربان، جن
جي رڳ رڳ ڳائي دادا شيام دادا شيام. جنهنجي چرنن ۾
آ وشرام. رشين جو جنهن آندو پيغام، نت مستڪ ت
ڪئي پرڻام.

پياري دادا جشن جو ٻوجيہ پتا شري ڀهلاجراءِ ليلا
واسواڻي جنهنجي دور جو هڪ مهان ودوان، گيانوان، تعليم
سماج شيوڪ، ۽ اُپڪاري ۽ ڀڳت جن هو. هن ٻيا منجهان
ڪري ڪيترائي خلق خدمت جا ڪارنا ڪيا. ڪراچي
ٻوجيہ دادا ڀهلاجراءِ وقت بہ وقت جيلن ۾ وڃي قيدين
سندر سکيائون ڏيندو هو. سندن جيون ۾ ٻراوڻن آڻڻ لاءِ ڪ
ڌارمڪ ٻوجهہ ڏيندو هو. هن صاحب ڪيترائي سماج ستا
جا ڪم پڻ ڪيا. تعليم جي کيتر ۾ پڻ سندس ٻوگدان رهي
جي صاحب ڪراچي ميونسپل اسڪولن جو سوشل سپروا

پنهنجي ڪلاس ۾ پهريون نمبر ايندو هو. سندس هوشياري ۽ محنت واري سڀاجهي سڀاءَ سبب ماستر ڪيس گهڻو ڀانئيندا هئا. ماستر سوال پڇيو ناهي بالڪ جنهن جواب ڏنو ناهي. ننڍپڻ کان ئي هي پيارو بالڪ ٻين بالڪن کان نيارو بالڪ هو. اسڪولي تعليم حاصل ڪندي ڪيس ڪيترائي انعام ملندا هئا. هي بالڪ پنهنجي خرچيءَ مان ڪجهه پئسا بچائي گهرجائو ٻارن کي ٿول وٺي ڏيندو هو. صبوح جو ڪڏ تي وڃي پکين لاءِ پاڻي ڀري رکندو هو ۽ انهن جي لاءِ چانور ۽ ٻاجهري رکي ايندو هو. جڏهن هو پکين کي کاڌو کارائيندو هو تڏهن پکي سندس چوڌاري ميڙاڪو ڪري وٺا هوندا هئا. ننڍپڻ کان ئي هي پيارو پکين کي پيار ڪندو هو.

بالڪ جنهن صبوح جو اٿڻ سان ماتا پتا کي پرڻام ڪندو هو. اشنان پاٺي ڪري شري جپ صاحب جي پئوڙي پڙهي، پراٿنا ڪري پوءِ اسڪول ويندو هو. اهو سندس روزانو نيم هوندو هو. بالڪ جنهن ڪلمڪ ۽ چرچائي سڀاءَ وارو هوندو هو. سندس چرچي ۾ به سڀاڻپ سمايل هوندي هئي. هي بالڪ نه فقط لکڻ پڙهڻ ۾ قابل هو، پر راند روند ۾ به هوشيار هوندو هو.

ننڍپڻ کان ئي بالڪ جنهن جي دل مکڻ وانگر نرم هوندي هئي. ڪنهن جو دک سهي ڪين سگهندو هو. ڪو فقير، ڪو اولو لنگڙو، ڪو اپاهج، ڪو بکايل ڏسندو هو ته پنهنجي کيسي جي خرچي به ان کي ڏيئي ڇڏيندو هو.

هڪ دفعي دادا جنهن بال اوستا ۾ ڪراچيءَ جي هڪ بزار مان لنگهي رهيو هو. اوچتو سندس نظر هڪ راندڪن جي دڪان تي پيئي. هي پيارو دڪان تي اندر گهڙي ويو. اتي قسمين قسمين راندڪا رکيا هئا. انهن راندڪن ۾ هڪ

ماتا ڪرشنا بالڪن ۽ بالڪين کي راماڻ، مهاڀارت ۽ ٻين شاسترن جا درشٽانت ٻڌائي منجهن ڌارمڪ سنسڪار وجهندي هئي. ڪين ٿري جپ صاحب ۽ سکمني صاحب ڪنٺ ڪرائيندي هئي. بالڪ جشن جي اهڙي ڌارمڪ ٻوٽو واتاورڻ ۾ پاليا ئي. ماتا ڪرشنا سڀاڳي جنهن اهڙن بالڪن بالڪين کي جنم ڏنو جي هزارن جي راهه روشن ڪري رهيا آهن.

سامي صاحب چوي ٿو:

ورلي ماءُ جڻي، ڪا ٻيهي ٻئو گوپ سپوت،
سامي سڀوڳن جي، جنهن کي ڀڳت وڻي،
جاڳ وڃائي ٻنهجي، سڀ جو داس ٿئي،
ليکو ڪين ڳڻي، ڏسي ايڪ اکين سين.

ٿري ڀلا جراءِ جي اڃا هئي ته سنڌس ٻار اوچ تعليم حاصل ڪري ڪو سٺو عهدو ماڻين. ان ڪري هن صاحب ٻنهي ٻن بالڪين شڪنتلا، هري ۽ بالڪ جشن کي سينٽ پيٽرڪ ڪانوينٽ اسڪول ڪراچي ۾ داخل ڪيو. شام جو سڀيئي بالڪ ماتا پتا سان پنهنجي گهوڙي گاڏيءَ ۾ چڙهي هوا کائڻ ويندا هئا. ماتا پتا سڀني ٻارن ۾ سادگي، سچائي سهڻ، سيوا، سنيهه ۽ سنيم جا سنسڪار وڌا. اڄ ڀي هلي انهن بالڪن بالڪين مان دادي هري ۽ پيارو دادا جشن ته ڏيهه ڏيئا ٻٽيا آهن. پيارو هري جو نه پنهنجي ڪيتري ۾ ڪافي ماهر هو ۽ جلدي ئي وڃي پرلوڪ جي گود ۾ سمايو. پيرڻ سنڌي پنهنجي ورثي ۾ سنڌيا جي شڪر ڀي رهي سنڌس جيون ۾ سادگي ۽ سنيهه جي سڳنڌ هئي. اها پياري پيرڻ ۽ مارچ ١٩٨٩ع پرلوڪ جي پار ڏانهن رمندي رهي.

بالڪ جشن لکڻ پڙهڻ ۾ پيرڻ هو، پر ٺهر هو. سنڌالي

ٿيو. شيشي جي ڪٻٽ مان اُها ريل گاڏي ڪڍي آئي، جنهن
هن اُن ٻالڪ کي ڏٺي ته اُها فقيرياڻي ان دڪان تي اچي
دلسوز آواز ۾ پڪارڻ لڳي ته ڌڻيءَ جي نالي هن معصوم جي
حياتي بچائڻ لاءِ سندس دوا ۽ کير لاءِ هڪ روپيو ڏيڻ جي
عنايت ڪريو. دڪاندار ڪاوڙ مان کيس هڪالڻ لڳو. ٻالڪ
دادا جشن جي دل ٻگهرجي وئي. سندس دل ۾ ان ٻالڪ لاءِ
ڪروڻا ڀاءُ پيدا ٿيو. هن هڪدم اُها ريل گاڏي دڪاندار کي واپس
ڪئي ۽ چانديءَ جا ٻه روپيا اُن فقيرياڻيءَ جي جهول ۾ وڌا
۽ کيس چيو ته جلدي ٻالڪ کي ڪنهن ڊاڪٽر کان دوا وٺي
ڏي ۽ کيس کير پيئار. فقيرياڻي ٻالڪ دادا جشن کي دعائون
ڪندي رمندي رهي ۽ دڪاندار پڻ ٻالڪ جو اهو وهنوار ڏسي
دنگ رهجي ويو ته هي ڪو انوکو ٻالڪ آهي، جنهن کي
ڪيترن ڏينهن کان ان ريل گاڏي خريد ڪرڻ جو شوق هو،
۽ هن ٻالڪ پنهنجو شوق ڇڏي آندل چانديءَ جا ٻه روپيا
ڪيئن نه فقيرياڻيءَ کي ڏئي ڇڏيا. ٻالڪ دادا جشن کي ريل
گاڏيءَ جي واندڪي خريد ڪرڻ جي ڪيڏي نه خوشي هئي،
۽ جڏهن هن ماميءَ وٽان مليل ٻه روپيا خرچي هڪ معصوم
ٻالڪ جي حياتي بچائڻ لاءِ سندس فقيرياڻي ماءُ کي ڏنا، تڏهن
هن عجيب خوشي محسوس ڪئي. ڪنهنجو ڪيو اجايو نٿو
وڃي. دکين ۽ درويشن جون دعائون اِنسان کي اوچ پد تي
پهچائين ٿيون. ڪنهن دکيءَ جي دل وٺڻ وڏو ثواب جو ڪم
آهي. شاعر عزيز صاحب چيو آهي:

ڪنهنجي به دل وٺڻ ۾، سهڻا ثواب آهي،
هي تيرٿن ۾ تيرٿ، لاجواب آهي. (عزيز)

ٻالڪ جشن اڃا نون سالن جو نينگر هو ۽ چوٿون درجو
پڙهندو هو ته سندس پوڄيه پتا شري ڀلاڄراءِ واسواڻي

ريل گاڏي ٻه هئي. سندس دل تي ته اها بٽڻ تي هلندڙ ريل
گاڏي هو خريد ڪري. هن ٻالڪ دڪاندار کان اُن ريل گاڏيءَ
جو ملهه پڇيو. دڪاندار وراڻيو "ٻه روپيا." اهو جواب ٻڌي
هي ٻالڪ سوچ ۾ پئجي ويو. تن ڏينهن ۾ ٻن روپين جو وڏو
ملهه هو. ٻالڪ کي پيسو خرچي ملندي هئي. ٻالڪ خيال ڪيو
ته روز پيسو پيسو بچائي اها ريل خريد ڪندس. ٻالڪ گهر آيو
هو روز هڪ هڪ پيسو اُن ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ بچائڻ
لڳو. ڪڏهن ڪڏهن هو ساڳي رانديڪن جي دڪان تي
وڃي اُن ريل گاڏيءَ جي قيمت وري وري دڪاندار کا
پڇندو هو ته متان اُن جي قيمت گهٽ ٿي هجي. دڪاندار کيس
چوندو هو ته جڏهن تون ٻه روپيا کڻي ايندين تڏهن ئي توکي
اها ريل گاڏي ڏيندس. ٿورن ڏينهن بعد پياري ٻالڪ جشن جـ
ٻامو سندس گهر ۾ آيو ۽ کيس ٻاٻوهه مان چانديءَ جا
روپيا خرچي ڏنائين. هي ٻالڪ چانديءَ جا ٻه روپيا خرچي وٺي
خوشيءَ ۾ نه سمايو ۽ هڪدم اُن رانديڪن جي دڪان تا
ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ نڪتو. ساڳي بزار ۾ هڪ فقيرياڻي
جنهن جي ڪڇ ۾ هڪ ڪمزور بيمار ٻار هو، درد ڀري آ
۾ پڪاري رهي هئي "ڏاڍيءَ جـي ٿالهي هن بيمار معصوم جـ
دوا لاءِ هڪ روپيو دان ڏيو." فقيرياڻيءَ جي درد ڀري دانهن
پياري ٻالڪ جشن جي ڪن تي پيئي. فقيرياڻي راهگيرن کـ
هڪ روپئي لاءِ پڪاري رهي هئي مگر هرڪو بدبختيءَ ڏين ۾
ٻوڙو هو. هن ٻالڪ جو اُن فقيرياڻيءَ ڏانهن ڌيان ويو،
ڪيترن ڏينهن جي ريل گاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي تمنا کـ
هڪدم رانديڪن جي دڪان تي پهچي ويو. هن دڪا
اي جيجو ته اها ريل گاڏي! اڄ مان خريد ڪرڻ آيو آهيا
پوڻيڪي ڪيڏي ڏيو. دڪاندار به خريدار ٻالڪ کي ڏسي خو

بالڪ جشن جي دل ۾ ديا ۽ همدردي هوندي هئي. هڪ
معي ڏهو ۾ سيٺي پائون ۽ پيدون کي چيائين ته اچو ته هفتي
هڪ ڏينهن جي خرچي بچائي، انهن پئسن مان ڪن بکايلن
ي کارايون. ٽن ڏينهن ۾ پئسو يا ٽڪو روزاني خرچي ملندي
ئي. پئسي ۾ وري ٽي پاؤن تيندا يون هيون ۽ پائيءَ جو به
ول ملندو هو. بالڪ جشن جو اهو انگل سيٺي پائون پيدون
قبول ڪيو. پيارو جشن هفتي ۾ هڪ ڏينهن سيٺي کان خرچيءَ
جا پئسا وٺي انهن پئسن مان پڪوڙا ڊبلوٽيون وٺي بکايل
شيون کي کارائي ايندو هو، انهن کي پاڻي پيئاريندو هو. اهي
شير کيس دعائون ڪندا هئا. ڪنهن مهل ٽو ڪنهن ڪٽڪو
ڪهاڻي، پٽو ڪين آهي! انڪري سدائين اهڙا سڪوت جا
ڪم سيٺي کي ڪرڻ گهرجن.

پيارو دادا وديارٿي جيون ۾ اسڪائوٽنگ ۾ به ڀرو
وٺندو هو. اسڪائوٽنگ جو مقصد هوندو آهي ٻين جي شيوا ۽
سهائتا لاءِ سدائين تيار رهڻ. پيارو جشن به ٻين جي مدد ۽ خدمت
ڪرڻ لاءِ هميشه تيار هوندو هو. سندس ڪي همڪلاسي
رهڻ ۾ ڏيمت هوندا هئا ته هي پيارو انهن کي واڃي پاڙهيندو
هو. حاضر جوابيءَ ۾ به هوشيار هوندو هو. هڪ دفعي سندس
گهر ۾ ڪو عزيز آيو. اهو هن پياري جي گفتگو ۽ حاضر جوابي
ڏي دنگ رهجي ويو. بالڪ جشن کي اتساهت ڪرڻ لاءِ
اهو عزيز اٺن ڏينهن لاءِ رهڻ وڳو ڪٽي آيو ۽ اچي بالڪ
جشن کي سوکڙيءَ طور ڏنائين. بالڪ جشن ننڍپڻ کان نرموهي
۽ تياڳي هو. هن ان کان اهو ڪپڙن جو وڳو ڪين ورتو. دادا
ننڍپڻ کان ئي ڏٺي جاڻي. ڏيڻ ۾ ئي کيس آنند ايندو آهي ۽
سچ ته اهوئي آهي ته ڏيڻ ۾ ئي آنند ايندو آهي. وٺڻ واري
جو هٿ سدائين هيٺ هوندو آهي ۽ ڏيڻ واري جو هٿ

رام نوميءَ جي پوتر ڏينهن رام نام اُچاريندي پرلوڪ پڌاريو.
گهر ۾ غم جي گهٽا ڇانئجي ويئي. شري ڀللاجراءِ رڄ مڙس هو،
سماج سيوڪ هو، پر اُپڪاري پُرش هو، اُن ڪري سندس
عزت ۾ ڪراچيءَ جا اسڪول بند ڪيا ويا. سوين سڄڻ
سندس انتم درشن ڪرڻ لاءِ آيا.

اهڙا لوڪ لڏي ويا، ساميءَ هن سنسار مون،
جن جي رت قيتن سان، ست اُئي سمبد ٿيا،
مانڪ راڪس ديوتا، ڀڪي وس ڪيا،
اهڙا سڀ ويا، اسٿت رهي نہ آدمي.

سنسار فنا جو مڪان آهي. هرڪنهن کي سنساري سفر
پورو ڪري رب جي راهہ ڏانهن هلڻو آهي. پوجيہ ڀللاجراءِ
پورب پار ڏانهن رمندو رهيو. ڪيترن ٻارن کيس پنهنجي پيار
جي شرڌانجلي ڏني. ماتا ڪرشنا بہ پوءِ جو ڀاڻو سنت ڪري
ميو. ”تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳي.“

آچاريہ آسوديمل گدوائڻي، شري جمشيد نسروانجي ۽ ٻين
ڪن اُتم پُرشن سان شري ڀللاجراءِ جو سنبنڌ هو. ٻا
اُهو جو نڀاڙي نباهي. انهن سڄڻن کي مٿو ڀللاجراءِ جي ٻارن
جي پرورش جو خيال ليو. انهن سڄڻن ماتا ڪرشنا کي صلاح
ڏني تہ ٻارن جي پالنا جي خيال کان ماستريءَ جي نوڪري
ڪر. گهر ۾ جو ڪو ڪمائيندڙ ڪين هو، اُنڪري ماتا ڪرشنا
همت نہ هاري. دل ٻڌي انڊين گرلس هاءِ اسڪول ڪراچي
۾ اڌيا پڪا جي نوڪري ڪئي. گهر جي خرچ گهٽائڻ جي
لحاظ کان ٻارن کي ڪاڻو پڙهت اسڪول مان ڪڍي ميونسپالٽي
جي اين. جي. وي. اسڪول ۾ داخل ڪرايو. ماتا ڪرشنا
جي ٻارن پنهنجي حال چالڪي ۽ هوشياريءَ جي ان اسڪول
۾ نہ ساک ڪڍي.

سان ڀاڻ جشن تي نوازش ڪندا هئا. دادل شاهه جي اثر هيٺ پيارو ڀاڻو جشن ڪاليج ۾ ڪاڏيءَ جي خميص ۽ پيٽ پائي ويندو هو. جوانيءَ ۾ ئي ڀاڻو جشن سادگي اختيار ڪئي. جهڙو سنگ تهڙو رنگ. هي صاحب سادي لباس ۾ هڪ اعليٰ دماغ شخص هو، سدائين پيو مشڪندو هو.

سنه ١٩٣٨ع ۾ جڏهن دادا جشن ڪاليج ۾ سائنس ۾ ڪو ڪم ڪار ڪري رهيو هو، تڏهن ڪاليج وارن هڪ خاص وڏيون سڀندي مشين گهرائي، جنهن ڏوارن پيارو ڀاڻو جشن روز ڪو ڪم ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن پنهنجي دادا سادو واسوانيءَ کي وڃي چيو "پيارا دادا! اوهان جيڪو هلي اها مشين ڏسو." دادا جن وڃي سو ڪار ڪري پياري ڀاڻ جشن سان گڏ ليبارٽريءَ ۾ ويا ۽ اها مشين نظر مان ڪڍيائون. ان وقت رات جو آسمان ۾ تارا پئي ٽمڪيا. ڀاڻو جشن اها مشين هلائي دادا جن کي ڏيکاري. ان مشين جي اکيان دادا جن هٿ جهليو ته هٿ جا سڀ هڏا نظر تي آيا. پياري دادا پئي مشڪيو. پياري دادا پياري جشن کان پڇيو "پيارا! توکي دوربيني نه هوندي؟" پيارو ڀاڻو جشن هڪدم دوربيني کڻي آيو. پياري دادا چيس "پيارا! هن دوربينيءَ سان باهر هلي آسمان ۾ تارا ڏس!" پيارو ڀاڻو جشن تارا ڏسي ٿو. دوربينيءَ سبب پيارو ڀاڻو جشن ائين محسوس ڪري ٿو ته اهي تارا آسمان مان لهي اچي سندس پاسان چمڪي رهيا آهن. ان وقت دادا واسوانيءَ کيس چيو "پيارا! هاڻ دوربينيءَ جي شيشي کي ڦوڪ ڏي." پياري ڀاڻو جشن آکيا انوسار ڦوڪ ڏني ته شيشي تي ڪهر ڦهلجي ويئي. دادا چيس "هاڻ ان دوربينيءَ سان آسمان ڏانهن نهار." ان ڪهر جي پردي سبب کيس ڪجهه به ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو. ان وقت پياري دادا سادو واسوانيءَ مٺڪي پنهنجي نينهن ڀريءَ نرمل

سدائين مٿي هوندو آهي.

پيارو جشن اسڪول ۾ وقت به وقت ڪيترن ئي تيتالن ۽ سنڌ
جي جيون تي وياکيان ڏيندو هو. هر وياکيان چٽاڀيٽيءَ ۾ هو
پيارو پهريون نمبر ايندو هو. ڪيس ڪيترائي انعام ملندا هئا.

پيارو دادا جشن ودياريٿي جيون کان ئي روشن دماغ
تمام هوشيار هو. هيڊ ماسترن جي پڙهائيءَ سبب انترو
مٽاڻو ٿيو جو هن کي سال سال ۾ ٻه ٻه درجا ڪٽائيائين، ه
ٻيوهن سالن جي ننڍي عمر ۾ مئٽرڪ پاس ڪري سڄيءَ سن
۾ رڪارڊ ٽوڙيو. انڪري کيس ڪيترائي انعام عطا ٿيا.

١٣ سالن جي ننڍڙيءَ عمر ۾ پيارو پاءُ جشن ڊي. جي. سن
ڪاليج ۾ داخل ٿيو. سنڌ ۾ اهو پهريون مثال هو ته تيره
سالن جو ودياريٿي ڪاليج ۾ داخل ٿئي. پيارو پاڻو جشن ٻي
ودياريٿين کان نرالو هوندو هو. ٻيا ودياريٿي راند روند، عيش
عشرت ۾ پورا هوندا هئا ته هي پيارو سڀجي اڀياس ۾ مشغو
هوندو هو. ڪاليج جي ليبارٽريءَ ۾ نيون نيون تجربا ڪند
هو، هي روشن دماغ ۽ پڌتي جيوت هو، ان ڪري ڪاليج
پروفيسر ۽ پرنسيپال کيس پاليندا هئا. خاص ڪري پروفيس
بلڊيڪر کيس ڏاڍو چاهيندو هو.

پوجيه دادا ساڌو واسوانيءَ به تن ڏينهن پرنسيپال جي
جو تياڳ ڪري فقيري اختيار ڪئي هئي ۽ سنڌ جي جدا ج
شهرن ۾ نام جو پرچار ڪري رهيا هئا. پوجيه دادا واسواڻي ج
جڏهن ڪراچيءَ ۾ ايندا هئا ته پاڻ ڪرشنا ڊيوي ۽ سارد
ڪٽنب پريوار سان ضرور ملڻ ويندا هئا. پوجيه دادا واسواڻ
سڀجي پاڻن پياري جشن کي ڏاڍو پيار ڪندا هئا. پيارو جشن
نه سندن سکيائن ۽ سڌانتن کان پرڀاوت ٿيندو هو. دادا سا
واسوانيءَ ۾ نه مقناطيسي ڇڪ هئي. هوءَ سڀجي نمبهن ڀري ڳ

دادا ساڌو واسواڻي ڪراچيءَ ۾ ڪرشن ڪنج ۾ رهندا هئا. هڪ رات جو پيارو دادا جشن، پيڻ شانتي، پيڻ ستي سندن چرنن ۾ ويٺل هئا. دادا واسواڻي پياري دادا جشن کي ڀرائي بائيندي چيو "منهنجا بالڪ! نماڻو ٿي رهج. آسمان مان هڪ مينهن جو ڦڙو ڪريو، سمنڊ ۾ ڦدا ٿي ويو. اُن وقت هڪ سپ، اُن ڦڙي کي جهپيو ۽ اهو ٿي پيو هڪ موتي. اهو ڦڙو ننڍو نماڻو هو، موتي ٿي پيو. جي نماڻا آهن سي ئي ٿين ٿا بي بها موتي! نوجيون، تنهن زندگيءَ ۾ جو رهڻ چاهي، اُن کي ڪڏهن به وڏائيءَ جي چمڪي کي ڇڏي ۽ سانتيڪي جو سانتيڪو نوڪر ٿي رهي. اهي سانتيڪا، سانت وارا آهن سندس سڄا. گرو نانڪ ديو پارس ۾ وري اها پراچين رشين جي سکيا آندي ته نمرتا ۾ نام جپيو ۽ جيون جي جوت جهپيو! جو بوڙي ٿو ته مان ڪجهه ڪين آهيان، سوئي نماڻو ٿئي ٿو، نمرتا ۾ هلي ٿو.

پياري دادل شاهه جا اهي وچن ٻڌي پيارو دادا جشن سندن ڪمل چرنن ۾ ڪري، پريم جا لڙڪ لاڙڻ لڳو. سندس دل ۾ اِڪ ئي آس، اِڪ ئي پياس.

ملشين موکي محبوب، پيو چپا گهران!
نه پل پوئتر! پري آنءَ چران!
ڪر قبول توري قدمن ۾.

نڪي ڪرم، نڪي ڌرم، نڪي يوگ جاڻان،
تو بن اَءِ دادل! نه پيو ڪو سڃاڻان!
منهنجون پياس پڪارون، منهنجا حال نماڻا،
ڏسي انجليءَ ٿي ڪجهه رحم راڻا!
ڪر قبول توري قدمن ۾!

نگاهن سان ڪيس چيو ”مهنجا ٻالڪ جشن! اهو اٿيئي خوديءَ
جو ٻڙدو جو تنهنجي ۽ شري شيام سندر جي وچ آهه! اهو
’مان مان‘ جو ٻڙدو ڪو دور ته ڏسين سڀ ۾ نوراني نور.“
۱۷ سالن جي ننڍي عمر ۾ پائو جشن بي.ايس.سي. امتحان
پاس ڪري رڪارڊ ٽوڙيو. پاڻ جشن پنهنجي قابليت سان ۱۹
سالن جي عمر ۾ ايم. ايس. سي. امتحان ۾ بمبئي يونيورسٽيءَ
۾ فرسٽ ڪلاس فرسٽ نمبر آيو. اها سنڌي جاتيءَ لاءِ فخر
جي ڳالهه هئي. هن صاحب فزڪس ۾ ايڪسري تي ڪو
ڪئي. سنڌس ٿيسز جڳ پرسڌ سائنسدان شري سي. وي. رامن
جانچيو هو ۽ هن صاحب ان لاءِ پائو جشن کي داد ڏنو. پا
جشن چاهي ها ته سائنس جي کيتر ۾ نيون ۽ وڏيون کوجنائون
ڪري وڏو وگياني ٿي سگهي ها! وديارٿي جيون ۾ هي صاحب
ايڏو ته قابل ۽ ہڏي جيوٽ هو، جي چاهي ها ته آءِ.سي.ايس
جو امتحان پاس ڪري ڪليڪٽر جو عهدو ماڻي سگهي
ها، پر هي صاحب جڙوادي وگياني نه ٿي، سچو وگياني
ٿيو. وگيان جي معنيٰ آهه وشيش گيان. آتمڪ گيان ئي سچ
۽ وشيش گيان آهي. اهو گيان ڪنهن لئبارٽريءَ ۾ تجربن
ڪرڻ سان ڪين ملندو، نه لئبوريءَ ۾ سوين ڪتاب اُٿلائڻ
سان. اهو گيان ملي ٿو سنتن جي سيوا ۽ سنگت مان. پيار
پاڻ جشن ڪيئن نه بي. ايس. سي. پاس ڪري ڊي. جي. سنڌ
ڪاليج ۾ فيلو ٿي ڪم ڪري ٿو. ايم. ايس. سيءَ جو امتحان
نه ڪري ٿو. اُن ڪان وٺڻ کانپوءِ دادا سادو واسوانيءَ جي
ڪمل چرڻن ۾ ويهي سندن سيوا ڪري ٿو، سندن سنگ
ڪمائي ٿو ۽ آتمڪ گيان پرانت ڪري سچو گياني ٿي پوي
ٿو. سچو وگياني ٿي اڄ هزارين انسانن کي گيان ڏئي
سندن راهه روشن ڪري رهيو آهي.

هوندم پياري، نه ته اوهين دنيا جا ساگر، اڀڙي مانڊ مون سان ڪين ڪريو. ڀڪ اٿم ته ڪو گناھ مڙهوئي ٿيو آهي. انڪري وري وري اوهانجي ڪمل مکڙي ڏي نهاري دل جي اندر رنو اٿم ۽ معافي گهري اٿم. شل ڏيو معافي! ڏيو معافي! منهنجي دل جا سوامي! اوهان ڪي سڀ ڀروڙ آهه. هڪ هڪ سواس جيڪو ڪڍان، اُهو اوهانجي پيار ۾! دل اندر اٿم هڪ ئي پياس ته جيئان به ته اِڪ اوهان لاءِ، شل مران اِڪ توهان لاءِ نه ٻيو ڪو ٻچاڻان! نه ٻيو ڪو سڃاڻان! هن مانڊ ۾ اوهانجي مهر لئه نهاريان، جو ته اوهين آهيو ئي مهروان. تنهن ڪان ڇوٽيءَ تائين ڪريانداس! پر تنهن هوندي به دل وري ڇوي ٿي ته جيڪو پوٽم جو ٻيو روپ ٻسان، پنهنجي محبوب جو ڪجهه پيار پيئان. مالڪ آهيو. آسيس ڪجو، شل اوهانجي شيوڪن جو شيوڪ ٿي رهان ۽ پوئين پساھ تائين اِڪ توهانجو مٺو نام اُچاريندو رهان! دل اندر هي به سڏون ور ور ٻيو پڪاريان:

پل پل اکڙيون پياس ۾ پڙهن تنهنجو ٻاڻ،
محب تنهنجي مانڊ، منهنجو ساھ سڪائي ٿي!

اوهين ٻاجهارا آهيو. ڪبوتر ڪنليءَ ٿي به اوهانجي ٻاجھ آهه، شل هن پنهنجي نوڪر تي به نيڻهن پري نهار ڪري نهال ڪريو."

سنه ۱۹۳۸ ۾ ديوان گوبالداس جگتياڻيءَ پنهنجو بنگلو بندر روڊ ڪراچيءَ ۾ ٺهرايو ۽ هن پياري ٻوجهه دادا ساڌو واسواڻيءَ کي اُن بنگلي جي مهورت ڪرڻ لاءِ عرض ونتي ڪئي. دادا ساڌو واسواڻي ان سمجهه ۾ ڪراچيءَ ۾ پڌاريا ۽ بنگلي جو مهورت ڪيائون. دادا واسواڻي اُتي نت نيم ستسنگ ڪندا هئا. ڀائو جهمٽ مل دادا جي ستسنگ ۾ روز ويندو هو.

ٻوڄڻيءَ دادا ساڌو واسوائي ڪراچيءَ ڪرشنٽ ڪنج ۾
رهيل هئا. هڪ ڏينهن پياري پائو جشن کي پاڻ سان ٻاهر گهمائڻ
”پيارا! اچ ڦاروان کارءِ.“ پائو جشن دادا جن جي اڳيان ٻوري
ڪري لاءِ هڪدم ڦاروان وٺڻ لاءِ ويو. ڪيترائي دڪان گهمي
پر ڦاروان ڪٿي نه مليون. هڪ دڪاندار کيس چيو ”پيارا! هي
سند ڦارون جي ڪين آهي. سند ۾ ڦاروان جيئن آني سي
ملنديون آهن، پر هاڻي هڪ سؤ روپئي سير به ڪين ملندءِ
ڇاڪاڻ ته ڦارون جي سند ڪين آهي!“ اهو جواب ٻڌي پائو
جشن ٻوڄڻيءَ دادا جن وٽ واپس آيو ۽ نيزاريءَ سان اچي
دادا جن کي ٻڌايائين ”دادا! ڦاروان ته ملياني ڪين. گهڻائي
دڪان گهميس! هي سند ۾ ڪين ملندا آهن.“
پياري دادا کي حقيقت ۾ ڦارون کائڻ جي اڳيان ڪين هئي
پر هن پائو جشن کي ڪا نصيحت آميز ڳالهه ٻڌائڻ جي خيال
کان کيس ڦارون آڻڻ لاءِ چيو. اُن وقت دادا جن پائو جشن
کي چون ٿا ”پيارا جشن! سند موٽي ويئي، ڦاروان نه ملي
ليئن هن ملهانئي جيون جو وقت به وڃي ٿو گذرندو ۽ وڃا
وقت وري واپس نه ايندو. ان ڪري هيئنر ئي نام ڳاءِ، پرڀو
کي ياد ڪر! پيارا! تون اڃا اڃا جاڳيل آهين، باقي ٻورو جاڳ
اٿي الک سين اور، دنيا کان منهن موڙ. پوءِ ٻڌي پار، پ
ٻوڙها ڳار نه ٻهچين ٻڌو ۽ دوار.“
دادا ساڌو واسوائي ڪڏهن ڪڏهن ٻهڌهن پيارن ج
ٻوڪشا ولندا هئا. هڪ دفعي دادا جن پياري پائو جشن ک
منهن موڙيو ته پائو جشن کي ڪا به ڳالهه ملي ڪين ٿي لڳي
اکين مان آنسون جهر جهر ٿي ٽپڪيا! سندس دل ۾ دادا
اونهي اُڪير هئي. انهي پڪتي پاوڻا هئي. پائو جشن دڏ ٻ
دل سان دادل شاهه. ڪي ٻئي ۾ لکيو ”ضرور ڪا ان ڪ

مڃائو. دادا ڄڻ حيدرآباد روانا ٿيا. ڀائو جشن شاڀرڪ طرح ڪمزور ٿي ويو هو، اُن ڪري سندن ماتا ڪيس گهر وٺي وئي. گهر ۾ آرام ڪندي به سندس دل جي تار ته گديڀال هئي پياري دادل شاهه سان. اُنهن جي سڀيه جي سمرٽي ٻيو سوريندو هو. مهيني کن ڪانپوءِ جڏهن ڀائو جشن بلڪل ٺيڪ ٿيو ۽ ٻاڻ ڪيبائين، تڏهن دادل شاهه جي درشن ڪرڻ لاءِ سندس بيو ٿيي پيا.

ڀائو جشن ڀاڀي ڪرشنا ديويءَ کان موڪل ۽ آسيس وٺي ڪراچيءَ مان حيدرآباد آيو ۽ اچي پوڄيه دادل شاهه جي ڪمل قدمن تي ڪري پيو. سندس نيڻن مان نيهن جو نير ڇلڪي پيو. پياري دادل شاهه کيس ڳراٽڙي پائي پيار ڏنا. ڪو دل ولڻ سکي نه سگهن کان.

پيارو ڀائو جشن دادا سائو واسوانيءَ جي سيوا ۽ سنگ ۾ ٿي آنند جو انڀو ڪندو هو.

ڪجهه مهنن بعد هيڏانهن ڀاڀي ڪرشنا ديويءَ جي من ۾ موهه جي چڪ پيدا ٿي. پيئي سوچي ته سڀڙ سهي پياري جشن کي هر طرح لائق بڻايم، ڇا هوءَ هاڻي هميشه لاءِ هتي وٽ ٿي رهندو! اهو ويچار ڪري سندس دل پُرجي ايندي هئي. سندس ڌاڻي ڄاڻهار. سو هڪ ڏينهن دادل شاهه پياري جشن کي چيو ته پيارا! توکي ڀاڀي ڪرشنا پيئي سڀاري، تو لاءِ اُوڙها پيئي ٻاري. وڃ، ڪراچيءَ واپس وڃ. وڃي ڀاڀي ڪرشنا جي نياس پوري ڪر. ڀائو جشن دادل شاهه جي آگيا اکين تي رکي، سندن آسيس وٺي ڪراچيءَ ۾ پوڄيه ماتا ڪرشنا وٽ آيو. ماتا ڪرشنا نور چشم پياري جشن کي ڏسي ڏاڍو خوش ٿي. ڀائو جشن کيس چيو ”پياري اَمي! جيئن تون چوڻ ليئي آءٌ ڪندس. جيڪڏهن تون چاهين ته آءٌ شادي ڪريان نه

هڪ ڏينهن دادا واسوانيءَ چيس تہ اڄ هتي نہ ٽڪي پئہ.
دادا جن جي آگيا انوسار ڀائو جشن راس دادا جن جي ڪمال
چرڻن ۾ گذاري.

سن ١٩٣٨ع جي ڳالهہ آهي. ڪنهن سماجڪ مسئلي کي
دور ڪرڻ لاءِ پوءِ دادا سادو واسوانيءَ ڪراچيءَ ۾ ستياگرهہ
ڪيو. اُن سبب دادا واسوانيءَ ۽ ٻين اڳوانن کي پوليس گرفتار
ڪري لارين ۾ چاڙهيو. ڀائو جشن پڻ دادا واري لاريءَ ۾ چڙهڻ
جي ڪوشش ڪئي. پوليس کيس چڙهڻ کان گهڻوئي روڪيو
مگر ڀاءُ جشن نہ مڙيو ۽ دادا جن واري لاريءَ ۾ چڙهي پيو.
سندس دل ۾ پوءِ دادا جن لاءِ انيڪ ڀڳتي ڀاونا هئي. ڀائو
جشن چيو جتي منهنجي دل جو محبوب، مان بہ اُتي. جيل ۾
ڀائو جشن دادا واسوانيءَ جي دل و جان سيوا ڪندو هو. دادل
شاهہ جيل ۾ بہ ستسنگ جو وايو منڊل پيدا ڪري ڇڏيو. ڪيترا
ڏوهاري پڻ دادا جن جو ستسنگ ٻڌي، پيار حاصل ڪري نوان
ٿي پيا. سندن جيون ۾ پرورتن اچي ويو. چار ڏينهن هي پيارو
دادا جن سان گڏ جيل ۾ رهيو. پوءِ سادو واسواني جيڪي
بہ پڌرايون ڪيندو هو، اهي ڀائو جشن ٽائيپ ڪري سڀني
اخبارن کي موڪليندو هو.

ڀائو جشن کي ٽپ ٿي پيو. سندس علاج ڪيو ويو پر
بخار نہ لٿو. ڊاڪٽر رائو ڏنو تہ مدي جو ٽپ آهي. ٢١ ڏينهن
کان پوءِ بخار موٽ کاڌي، ٻيهر ورتي بخار اُٿلي پيو. پوءِ جنهن
دادل شاهہ پڻ سندس بستري جي ڀرسان ڪلاڪن جا ڪلاڪ
اچي ويهندا هئا. ماتا ڪرشنا بہ سندس سنڀال لاءِ اُتي اچي
رهي. ڀائو جشن مدي جي ٽپ سبب ڪافي ڪمزور ٿي ويو.
گهڻن ڏينهن کان پوءِ ڀائو جشن ٺيڪ ٿيو. پوءِ دادل شاهہ
جن کيس حيدرآباد مان پوءِ هلي لکيا تہ جلدي اچي پاس

پيارو پائو جشن جيئن حيدرآباد اسٽيشن تي پهتو، تيئن سڌو پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ وٽ آيو. سندن ڪمل چرڻن ۾ سر جهڪايائين، سندس اکڙين مان عشق اُڪير جو آب ڇلڪيو! دادل شاهه کيس پنهنجي ڇاتيءَ سان ڇپايو.

پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي ڪراچيءَ ۾ پيرٽ پوري ٽنڊاڻيءَ جي گهر اچي رهيو. پيارو پائو جشن روز گاڏي کاتي مان چار ميل پنڌ ڪري بندر روڊ ايڪسٽينشن تي دادل شاهه وٽ ايندو هو. سندن درشن ڪري نهال ٿيندو هو. سدائين سندس دل ۾ اڪيون پيدا هونديون هيون. تنهن ڀريل نيڻن سان پيو دادل شاهه ڏانهن نهاريندو هو. ڪڏهن ڪڏهن دادل شاهه کي من جون شنڪائون ٻڌائيندو هو ته دادا جن سندس شنڪائن جو نوارڻ ڪندا هئا. هڪ دفعي پياري پائو جشن، دادل شاهه کان پڇيو ته انترمکي ڪيئن ٿجي؟

ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ وراڻيو ”پيارا! جي تون انترمکي ٿيڻ چاهين ٿو ته ٽي ڳالهيون ياد رکج (١) نماڻو ٿيءُ. گروءَ جي سکيا، سنسار جي وديا کان اُلٽي آهي. سچي جگياسوءَ جي پهرين نشاني آهه نمرتا. ان ڪري سدائين نماڻو ٿي رهه، خاڪساري اختيار ڪر. (٢) ميٺاڻ. گروءَ جي آگيا ۾ هل. گرو جيئن چوي تيئن ڪر. جيستائين اسان ميٺاڻ جو سانڍڻ نه سکيو آهه، تيستائين اسان کي گروءَ جي سنگت مان گهڻو فائدو ڪين ملندو. (٣) پياس- اُڪير عجيب لڳ. جنهن جي دل ۾ اڃا اُڪير نه اٿي آهه، سو روحاني راهه ۾ اڳتي وڌي نه سگهندو. پيارا! تون انهن ڳالهين تي عمل ڪر ته آهستي آهستي تون انترمکي ٿيندو ويندين.“

سنه ١٩٣٨ع ۾ ڪراچيءَ ۾ جڏهن ستسنگ جو آستان ٺهيو، تڏهن دادل شاهه شري گوپالداس جگتياڻيءَ جي

توکي خوش ڪرڻ لاءِ شادي به ڪندس. توکي پرسن ڪرڻ لاءِ
هو قرباني ڪندس."

پاپي ڪرشنا پنهنجي جان جگر پياري جشن جا اهي وچن
ٻڌي ڏاڍي سنتشٽ ٿي. هيڏانهن پاڻو جشن رهندو ته پرانو
پاپيءَ جي گهر ۾ هو، پر سندس چت جمي ورتي دادل شاهه
ڏانهن هوندي هئي. لکي چپي پيو دادل شاهه جي پريم جا
لڙڪ لاڙيندو هو.

نه ڪو آر نه پار، سپرين جي سڪ جو،
سوائيءَ پدا سپ ڪي، اچي ڪين قرار،
مڇيءَ جي من ۾ وسي پران آڌار،
سامي سوجهدار، بلڪ پراهون نه ٿئي. (سامي صاحب

هڪ ڏينهن صبوح جو ماتا ڪرشنا نيم انوسار شري گرو
گرنٿ صاحب جو وچن وٺي جيئن ڪمري مان ٻاهر آئي ته هن
پياري پٽ جشن کي چيو "پيارا جشن! مان توکي دادل شاهه
کان دور رکڻ نه ٿي چاهيان. تون پيو نماڻا نيڻ ڪڍي ور و
سندن لئه نهارين. مان توکي خوشيءَ سان موڪل ڏيان ٿي. تون
ڀلي وڃي دادا واسوانيءَ جي ڪمل چرڻن ۾ جيون ارپڻ ڪر
مان توکي مايا جي چڪر ۾ زوريءَ ٻڌڻ نٿي چاهيان. ڀلي
تون ڀڳتيءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌي جيون سڦل ڪر." ما
ڪرشنا جا اهي مٺڙا ٻول ٻڌي پيارو پاڻو جشن اتيدت پرسن ٿي
ءِ سندس اکڙين مان پريم جا آنسو ٽمڪيا. ٻئي ڏينهن پال
جشن ماتا ڪرشنا ديويءَ کان آشيرواد وٺي ڪراچيءَ مان
حيدرآباد روانو ٿيو. ٽرين ۾ به پئي پياري دادل شاهه جي پيا
جا پورهيا ڳاڙيائين. اکين کي انتظار هو پريتم کي ڏسڻ جو.

"پريتم پيا پريتم جي پچار، انهن پنهي کان ڌار،
دل ڪاوند ڪنهن کي نه ڪري."

هئا يا ڪي روحاني رمزون ٻڌائيندا هئا ته پيارو ٻائو ڄشن دادا جن جا امرت وچن هڪدم ڀڳتي ڊائريءَ ۾ نوٽ ڪندو ويندو هو ۽ ڪجهه وقت بعد وري اُنهن امرت وچن کي سندر نموني ٻرڪاشت ڪري لوڪن اڳيان رکندو هو. پياري دادا جن جا اُهي امولڪ وچن ڪيترن جي سونهپ ڪندا هئا.

ٻن مهنن جي سفر ڪانپوءِ دادل شاهه سنڌ ۾ واپس آيو. دادل شاهه ڏڍن ۾ ئي پياري ڄشن کي چيو ته پياري ٻائي توکي سڏپاليندي هوندي. تون پلي سڌو ئي ڪراچيءَ وڃ. دادل شاهه جي آگيا انوسار پيارو ٻائو ڄشن ڪراچيءَ ۾ ماتا ڪرشنا ديويءَ وٽ آيو ۽ اچي ڪيس پرڻام ڪيائين ته منڙي ماتا ڪرشنا کيس ٻانهن مان ٻاڪر ٻائيندي پيار ڏنا. پياري ڄشن ٻي مهنا ساندهه پياري دادل شاهه جي پيار جون پياليون پيتيون هيون. اُن ڪري کيس ڪراچيءَ ۾ دادل شاهه جي جدائيءَ ۾ آرام ئي نه اچي! رات ڏينهن سندن ڏيان ۾ گذاريندو هو. نينهن ۽ ننڊ! عشق ۽ آرام!

اهڙي اکين کي اُڃ جو ڏاڍي ڏاڍن ڪين ڪي،
رڪي سهڻن جي سڄ سرتيون هن سنسار ۾.

شاهه لطيف چيو آهه:

”ياد جنين کي يار جي، ڪري يار بہ تن کي ياد.“

ٻن ڄڻن ڏينهن کان پوءِ پياري ٻائو ڄشن کي بوجنيه دادل شاهه جي تار آئي ته ”حيدرآباد هليو اچ.“ پياري ٻائو ڄشن کي جڏهن اها تار ملي ته سندس رڳ رڳ ٽڙي پيئي. ٻائو ڄشن آگيا اکين تي رکي بوجنيه ٻائيءَ کان آسيس وٺي حيدرآباد روانو ٿيو. جڏهن هي پيارو پياري دادا جن وٽ آيو ۽ سندن ڪمل چرڻن تي ڪري پرڻام ڪيائين ته سندس نيڻن

ٺهر رهيا. پيارو ٻائو جشن به سڄو وقت ٻوجهه دادا جن جي
خدمت ۾ هڪيو حاضر هوندو هو. تن ڏينهن سيميت جي
تنگي هوندي هئي. ٻائو جشن سيميت جو بندوبست ڪري
ٻاڻ سان گڏ لاريءَ ۾ سيميت ڪٽائي ايندو هو. سندس لڱ
تي سيميت جي دز چڙهي ويندي هئي تڏهن به ٻيو مشڪند
هو. تڏهن پيارو دادل شاهه ڪيڻن نه ٻابوهه مان رومال ڪڍي
سندس منهن صاف ڪندو هو.

١٩٣٩ع ۾ ٻوجهه ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ کي ڪولمبي
۾ ٿيندڙ ايشيائي علمي ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ نيند آئي
داداجن اها نيند قبول ڪئي. دادا جن ٻاءُ جشن کي ڪراچيءَ
تار ڪئي ته جلدي اچ ۽ ساڻن گڏ ڪولمبي هل. پياري ٻا
جشن جو سوڀاڳيه هو جو دادا جن ڪيس ٻاڻ سان گڏ ڪولمبي
وٺي وڃڻ لاءِ تار ڪئي. پيارو جشن دادا جن جي آئيا اکين
تي رکي دادا جن سان گڏ جي ڪولمبي سيلان ويو. اُتي
دادا جن جي خدمت ۽ صحبت ۾ رهندي پياري جشن ڪافي
ڪجهه دادا جن مان پرايو. ٻائو جشن تن ڏينهن انگريزيءَ
"Excellsior" پتر سمپادت ڪندو هو، جنهن ۾ ٻوجهه
ساڌو واسواڻيءَ ۽ ٻين سنتن مهاتمائن جا جيون چرتر، آڌياتمڪ
۽ سڪياڌائڪ ليک پرڪاشت ڪندو هو. پياري جشن اُتي
سيلان ۾ اُن پتر جو چڱو پرچار ڪيو. اُن پتر ڪيترن کي
ست مارگ ڏانهن ڇڪيو.

ساڌو واسواڻيءَ سان گڏ پيارو ٻائو جشن سيلان جو سف
ڪندي، نيوئيرا ايليا جي ٻارڪرڪ سونهري جو آنند ماڻيندي
ٻوجهه دادا جن سان گيان گوشٽي ڪندو هو. ڪيترا امول
سوال پڇندو هو.

ٻوجهه دادا جن تڏهن ڪيس سوالن جا جواب پڙائيندي

هڪ وار وري شري گيتا جي سکيا جي جوت جڳي. گيتا جي سکيا جي نه صرف ڀارت کي پر ساري وشو کي ڪيتري نه ضرورت آهي. ڀارت جا ڪروڙين لوڪ اڄ وڍسو ۾ آهن، هڪ ٻئي مٿين ۽ ويڙهن کي وساري پنهنجين ڳالهين ۾ مشغول آهن. پر سونکي ٻڪ آهي ته هڪ ڏينهن ڀارت ۾ نئون سج اڀرندو.

پياري پاڻو جشن چيو ”دادا! مهاتما گانڌيءَ جو به اهو سپنو آهي. هن پڻ گيتا جو اونهو اڀياس ڪيو آهي. اوهان هڪ ڳالهه ور ور دهرائي آهي ته ڀارت، ودياڙين کي ٻن ڳالهين تي ضرور عمل ڪرڻ گهرجي. هڪ ڀڳوت گيتا جو اڀياس ۽ ٻيو شرير کي شڪتيشالي ۽ سوسٿ رکڻ لاءِ ڪسرتون ڪرڻ، ورزشي رانديون ڪرڻ.“ پوڄيه دادل شاهه چيو ”پيارا جشن! ڀارت ۾ ڀڳوت گيتا جي سکيا اڃا زنده آهي، تڏهن ته ڀارت ڀومي ايڏو بار جهلي بيٺي آهي. مان ان اميد ۾ ٻيو هلان ته هڪ سڀاڳي ڏينهن هن سنسار ۾ ڀڳوت گيتا جي سکيا سورج جيان پرڪاش ڏيندي. هڪ چترڪار هڪ سندر چتر چٽيو. ان جو نالو آهي ’اميد‘. ان چتر ۾ اميد روپي ناريءَ جي هٿن ۾ اڪ ستار آهي، جنهن جون تارون ٽٽل آهن. فقط هڪ تار ثابت آهي. جنهن تي وڄي هوءِ سر چاڙهي. ان اڪ تار ۾ اڃا اميد آهي. منهنجي هٿن ۾ به ٽٽل ستار آهي، پر اڪ اميد جي تار اٿم، جنهن مان ٻيو گيت ڇڪيان ته ڀارت ۾ شل وري شيام سندر جي مڌر مرلي وڄي! پيارا! جشن! منهنجي جيون جي رڳ رڳ ۾ شري گيتا جو ناد پيو وڄي، سو تون شل ڏينهن ۽ ڀارت جي سيوا ڪرين.“

پوڄيه دادل شاهه جو اپديش وڃي پهتو پاڻو جشن جي دل تائين ۽ دادل شاهه جي ڪمل چرنن تي ڪري پيو. وقت به وقت پاڻو جشن دادل شاهه سان آتمڪ انس ۽

مان نيرُ ڇلڪندي دادل شاهہ جي ڄرڻ تي ڪري ڄم
پوءِ جڏهن دادل شاهہ ڪيس ٻيار مان اُٿاري آسيس ڏني، ٻيار ڏ
۽ نيڻهن ڀري نهار سان نهال ڪري ڇڏيو.

جڏهن تــي مهر ڪري، سامي ٻوڙو ستگرو،
تڏهن جي مهر ميا سان، رڱ رڱ سب ٺاري،
تــار مڃهان تــاري، ڏيئي هٿ همت ٻــا.

ڪراچيءَ ۾ بندر روڊ ايڪسٽينشن تي سنسڪ عاليشان
آستان جڏهن جڙي راس ٿيو، تڏهن اُتــي هڪ ننڍڙو ڪمرو
ٻياري ڀائو جشن ڪي رهڻ لاءِ ڏنو ويو. اُن آستان ڪي ڪشاد
ميدان بہ هو. اُتي بغيچو ٺاهڻ جو ويچار ڪيو ويو. ڀائو جشن
ٽلن قلن جا ٻج وٺي آيو ۽ پنهنجن هٿن سان زمين صاف ڪري
ٻج ٻوڪيائين. روز اُتي ٻاٽيءَ جو ڇڻڪار ڪندو هو. ٻوٽن کي
ٻاٽي ڏيندو هو. باغ جي هڪ ڪند ۾ انگور جون وليون ۽
ٻيءَ ڪند ۾ ڦوهارو هوندو هو. دادل شاهہ ڪڏهن ڪڏهن اُ
ڦوهاري جي ڀرسان هلي ويهندو هو. پيڙ ستي ٺٺاٽي، پيڙ شانتي
۽ ڀائو جشن سندن ڪمل چرڻن ۾ ويهي سندن ٻولن جو ٻاٽي
پيئندا هئا، پنهنجي آتمڪ اُڃ ٻجهائيندا هئا.

پوءِ جڏهن دادل شاهہ ڀڳوت گيتا تــي وياکيان ڏيندا هئا
ڀائو جشن سندن وياکيان جا نوٽس وٺندو ويندو هو. ڀائو جشن
ڪلاڪن جا ڪلاڪ دادل شاهہ سان گيان گوشٽي ڪندو هو

هڪ دفعي ڀائو جشن دادل شاهہ سان گيان چرچا ڪندي
ڪين چيو تہ اوهانجي رڳ رڳ مان ڀڳوان شري ڪرشن جي
بنسريءَ جــو مــڌر آلاپ پيو اچــي. مونکي بہ مهڪ
ڪرشن ڀڳتيءَ جو اِڪ ڦڙو ڏيــو. دادل شاهہ وراڻيو "ٻيار
ٻالڪ! مونکي تنهنجي آســس ڪيي. او ٻياس الم تہ ٿاڙسه

ماڻ نه لهندي ته پيار به نه لهندو. جڏهن دادل شاهه دروازو ٽپيو ته ڪن پيڻن پياري دادا جي سان ان گهٽنا جو ذڪر ڪيو ته ڪيئن نه آڳ وديشيءَ پياري جشن کي ناحق ڇماٽون هنيون ۽ هن پيارو عبو ۾ سهندو رهيو. دادل شاهه ان وقت پانو جشن کي سڏي گلي لڳايو.

هڪ ڏينهن پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي پياري پانو جشن جي ڪمري ۾ ويٺا هئا. ڳالهيون ٻولهيون ڪندي دادا جن کيس چيو "پيارا! ياد رکج ته جي ٿيا نماڻا، سي ٿي ٿيندا جوت منڊل جا راڻا!" آسمان مان برسات جي اِڪ بوند ساگر ۾ اچي ڪري. ڀيائين ته الين ايشور جو حڪم آهه ته مان ساگر ۾ سمائجي وڃان. ٻر ان وقت هڪ پياسي سپ به سواتي نڪشتر ۾ بوند لاءِ پٽي واجهايو. تنهن ڪيس جهليو ۽ پاڻ ۾ سمائي ڇڏيو. ان بوند مان هڪ ملهائتو موتي پيدا ٿيو. اهو ڦڙو نڌڙو نماڻو هو، جو موتي ٿي پيو. جي نماڻا سي ٿي پيا املهه موتي! جو نوجيون ۾ رهڻ چاهي ان کي گهرجي ته نوڪر ٿي رهي. اهي سانتيڪا آهن سنت سچا. ڀارت جي پراچين رشين جي سکيا ۽ وري شري گرو نانڪ ديو اچي ڏني ته نمرتا سان نام جپيو. جو پوڙهي ٿو ته مان ڪجهه ڪين آهيان، سوئي نماڻو لکي ٿو. پيارا جشن! تون به خاڪساريءَ جو رستو اختيار ڪر."

پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سنگ جي اثر هيٺ پانو جشن ٻين ڪن سنتن درويشن جي سنگ ۾ پڻ آيو. انهن مان خاص هڪ درويش جيهڙي وقت به وقت پانو جشن "اڪسڄال بابا" ڪوٺي سڏيندو آهي، ان جو ذڪر ڪندو آهه. پانو جشن جي دل ۾ اُن درويش لاءِ به عجيب شردا اچا قائم آهه. پانو جشن ڪراچيءَ کان حيدرآباد ايندي يا حيدرآباد کان

باب روح رهاڻ ڪندو هو. رات جي وقت دادل شاهه کي
بيڙون ڏئي ٻوءِ ٻاڻ وچي آرامي ٿيندو هو. دادل شاهه هونئن
حجام کان ڏاڙهي لهرائيندو هو ۽ جڏهن کان ولي نيارو ٻانو
جشن، دادا جن وٽ اچي رهيو ته دادا جن جي ڏاڙهي به ٻانو
جشن لاهيندو هو.

ٻوجهيه ساڌو واسواڻي جڏهن ڪراچيءَ ۾ ايندو هو ته
پوري ننداڻيءَ جي گهر ۾ رهندو هو. تن ڏينهن نيارو ٻانو جشن
ڪاليج ۾ فيلو هو. هي نيارو ڪيئن نه گاڏي ڪاهي مان روز نه
ڪري نياري دادا سان ملڻ ايندو هو. دادل شاهه جي ڪمري
ٻاهران بالڪني هوندي هئي. دادا جو دروازو بند هو ته نيارو
ٻانو جشن ڪلاڪن جا ڪلاڪ دادا جن لاءِ بالڪنيءَ ۾ ترسندو
هو، جيسين دادل شاهه دروازو کولي. نيارو دادل شاهه دروازو
کوليندو هو ته نيارو ٻانو جشن ٻاغ بهار نظر ايندو هو. ٻوجهه
دادا ۽ ڪيس ڏاڍو ٻانئيندو هو. ٻوڻيه گروءَ کي ٻوڻيه ششن مليو

ٻوجهيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سنگ ۾ ٻانو جشن
ڏاڍو نمائو بڻجي پيو. هڪ دفعي هڪ ولايتي سڄڻ ٻوجهه
دادا جن سان ملڻ آيو. ان وقت دادا جن مٺي ڪٽيا ۾ ڏيا
۾ ويٺا هئا. سندن ڪٽيا جو دروازو بند هو. ٻانو جشن هيٺ
لهي ان آيل سڄڻ کي نمرتا سان چيو ته ڪجهه وقت ترس
هن وقت دادا جن ڌيان ۾ ويٺا آهن. ان سڄڻ ورتي اٿاولي
مان ٻانو جشن کي چيو "تون مونکي سمجهين ٿو ته مان ڪ
آهيان؟ مان وڏاس مان آيو آهيان." ٻانو جشن ورتي ۽ حليمائي
سان کيس چيو ته ڪرپا ڪري ڪجهه وقت ترسو. ان شخ
ڪاوڙ ۾ اچي ٻانو جشن کي ڌڪ ڏئي ڀهاڻون وهالي ڪيئو
۽ ٻانو جشن ٻڌڪ ۽ ٻاهر نه ڪڍي. ان ان کي ٻيون ڏٺو
ڪڍر دوزنداون آئون، ۽ ٻانو جشن مسڪندو رهيو. ۽

ڪرشمت ڪنج ۾ آيو. ڪيس منهن ۾ ٻهونن پيارو ڀائو جشن مليو. ڀائو جشن ڪيس ڏاڍو قرب ڏنو. انسپيڪٽر ڪيس پڇيو ته مان ڄاڃ ڪرڻ آيو آهيان ته هن گهر ۾ گهڻا جڻا ڪائيندڙ آهن؟ پياري ڀائو جشن چيس "هن گهر ۾ اتڪل ٽي چار سؤ ڪاڌو کائيندڙ آهن." اهو جواب ٻڌي انسپيڪٽر صاحب تعجب ۾ پئجي ويو ۽ ڀائو جشن کان پڇيائين ته هن گهر ۾ ٽي چار سؤ جڻا ڪيئن رهي سگهندا؟ ڪٿي آهن اُهي رهندڙ؟

پيارو ڀائو جشن اُن انسپيڪٽر کي ڪرشمت ڪنج جي ڪڏ تي وٺي ويو جتي سوين ڪبوتر، ڪانو، جهرڪيون ڪاڌو کائي رهيا هئا. ڀائو جشن ٻاهوه مان انسپيڪٽر کي چيو ته هي پکي ۽ اسانجي گهر جا ڀاتي آهن. ڀائو جشن جو جواب ٻڌي ان انسپيڪٽر جي دل ۾ دلا سان پوڄي آئي ۽ سندس دل ۾ دادل شاهه ۽ ڀائو جشن لاءِ شرڌا پيدا ٿي.

سنه ١٩٤٥ع، ڀائو جشن پوڄيه دادا واسواڻيءَ سان سنڌ جي جدا جدا شهرن، سيلان، ڪلڪتي، بنارس ۽ ٻين شهرن ۾ گڏ ياترا ڪئي. پوڄيه دادا جن جدا جدا هنڌن تي جيڪي وياکيان ڪندا هئا، ڀائو جشن انهن وياکيانن جو سار سهڻي نموني لکندو ويندو هو. هو دادل شاهه جي صحت ۽ کاڌي پيتي جي ٻه پوري سنڀال رکندو هو. سندن سيوا ۾ سدائين حاضر هوندو هو. دادا جن جيڪا ٻه ڪين آگيا ڪندا هئا ته هي پيارو اُها آگيا اکين تي رکي ان موجب ڪاربند ڪندو هو. هي پيارو سچي سنت جو سچو لاثاني شش هو. 'نه' اکر ته سندس زبان تي ئي ڪين هوندو هو. "ها دادا" "جي دادا" دادا جن جي صدقي هن سڀ ڪجهه شان مان، وڏائي، عهدو اقبال وساري ڇڏيو. جي اهي ڳالهيون ڇڏين ٿا، سي ئي ٻاجهه کي اڏين ٿا. پياري ڀائو جشن جي اِهائي ٻياس، اِهائي آس:

ڪراچيءَ ويندي ڪوٽڙي اسٽيشن تي لهندو هو ۽ ان درويش
جو درشن ڪرڻ ويندو هو.

پائو جشن جوتش وديا جو به چڱو ابياس ڪيو هو.
ڪيترائي ڪيس ٻڌهڻجون هست ريکائون ڏيکاري سوال پڇندا
هئا. پائو جشن سندن هست ريکائون ڏسي ڪين پوشيه ٻڌائيندو
هو. ٻو بياري دادل شاهه ڪيس سکيا ڏني ته تون انهن ڳالهين
کان مٿي چڙهه، آتمڪ وديا جو ابياس ڪري پاڻ بچاءِ. ڏا
سان نيبهن لڳاءِ. سواس سواس سان سائينءَ جو سمرڻ ڪر.

جونا جگ سب هووت ناس،
جپ ست نام اِڪ اِڪ سواس.
جنهن دل ۾ نام ياد آهي،
سائي دل آباد آهي.

سن ١٩٤٢ع ۾ ٻي مهاياري لڙائي شروع ٿي. تن ڏينهن ۾
ڪراچيءَ ۾ راشن جو سرشتو جاري هو. اناج، ڪپڙو، گاسليٽ
ماچيس ٻڻ ڪارڊن تي ملندا هئا. پوڄيه دادل شاهه ٻڪين ڪي
ذاپو پائيندو هو. هر روز ڪرشت ڪنج جي ڪڏ تي ٻڪين لاءِ
اناج رکيو ويندو هو. سوين ٻڪي اچي اُتي چوڻو چڳندا هئا
راشن سرشتي شروع هئڻ سبب انهن ٻڪين جي اناج جو مسئلو
پيدا ٿيو. دادا جشن اناج جي مارڪيٽ ۾ وڃي اناج جي ٻڌن
واپارين ڪان ڪنهن نه ڪنهن نموني باجهري ۽ جانورن جي
ڪڻ جون ڳوڻيون خريد ڪري ڪار جي دڪيءَ ۾ رکي اُهي
ڳوڻيون ڪرشت ڪنج ۾ ڪٽي ايندو هو. دادل شاهه، پيارو پائو
جشن اُهو اناج روز ٻڪين لاءِ ڪڏ تي وجهندا هئا.

هڪ ڏينهن راشن کاتي جي هڪ انسپيڪٽر کي اها خبر
پئي ته ڪيئن نه هڪ جوان اناج جون ڳوڻيون وقت به وقت
مارڪيٽ مان وٺي او وڃي. اُهو انسپيڪٽر پڇا ڪندو آهه

هيئان اچي گذر ڪري ويو آهي؟ ڏوڙي هڪدم دادل شاهه ۽ پاڻو جشن کي اُن مسڪين عورت جي گهر وٺي ويا. اُها عورت اڃا سڏڪن ۾ ڇڏڪي. پوڇڻ دادا جن کيس آٿت ڏيندي نوٽن جي ٿهي ڪڍي پياري پاڻو جشن کي ڏني ته ان وڌوا عورت کي سهائتا طور ڏئي. دادا جشن نوٽن جي ٿهي ان مسڪين عورت کي ڏيندي چيو ته امي! انهن پئسن مان اناج، گيهه ۽ ٻيون ضروري شيون گهرائج. وري به توکي مدد موڪلي ويندي. اُن وڌوا ماتا کي مهل جي مدد ملي. سندس اکين ۾ شڪرگذاريءَ جا آنسون هئا. ٿهل ته مهل جي. ڪيئن نه پياري دادا واسواڻي ۽ پاڻو جشن رات جو ئي ان اٽسياٽل غريب عورت کي وڃي سهائتا ۽ ڏڍ ڏنو.

دادا سادو واسواڻي صبوح شام پنڌ ڪرڻ لاءِ نڪرندا هئا. هڪ دفعي ڪراچيءَ ۾ دادل شاهه پنڌ لاءِ جيل ڏانهن نڪتو. ساڻن گڏ پيارو پاڻو جشن، پيرڻ شانتي ۽ پيرڻ ستي ٽنڊاڻي به هئا. رستي تي دادا جن هڪ وڻ جي ڇانيا ۾ هيٺ زمين تي ويٺا. اوچتو دادل شاهه مک بند آلين اکين سان هڪ نئون گيت ڳائڻ شروع ڪيو. اُن وقت ڪنهن وٽ به پنو پينسل ڪونه هئي. پيارو پاڻو جشن مٿيءَ تي آڱرين سان اهو گيت لکندو ويو. پوءِ بعض مٿن ۾ اهو گيت ياد ڪري ورتائين ۽ پوءِ واپس اچي اهو گيت نوٽ بوڪ ۾ لکيائين. پياري پاڻو جشن جي سمرڻ شڪتي ايڏي نه تکي هوندي هئي. ڪيترائي دفعا هي پيارو دادل شاهه جا اموليه وچار ۽ گيت جهٽي لکندو ويندو هو. ان ڏينهن ۾ ٽيپ رڪارڊر ڪونه هوندا هئا.

دادا سادو واسواڻيءَ جي دل ۾ سنڌ جي سڳوري صوفي درويش شاعر شاهه عبداللطيف لاءِ ڏاڍي عقيدت هوندي هئي. دادل شاهه وقت به وقت پنهنجي وياکيانن ۾ شاهه لطيف جو

سچن جي قدمن، سدا شل وهان،
سدن رحم روشن، سدا آنءُ رهان.
ڪپي ڪانہ دولت، نڪي دنيا ناڻو،
کپي تن قدمن جي خاڪ جو خزانو. (نوري)

پوءِ بہ دادا ساڌو واسوانيءَ سانجهيءَ جو لٽ ٽيم ند
ڪرڻ نہ ڪندا هئا. هڪ سانجهيءَ جو دادا جن ڀائو جشن
ڀرڻ شانتيءَ سان گڏ بند ڪري رهيا هئا تہ هڪ غريب
سهڪندو آيو ۽ اچي دادا جن کي چيائين "سائين! اسانج
ٻاڙيءَ جو هڪ غريب شخص اُن گاڏيءَ هيٺان اچي ويو آهي
کيس علاج لاءِ اسپتال ۾ ڪٺائي وياسين، پر پکيئڙو اُتي
پرواز ڪري ويو. سندس وڏوا عورت ٻن ڏينهن کان ڪا
کين ڪاڌو آهي! سندس ٻار بہ بکہ ۾ ٻاهر بيا ٿيين. گهر ج
ڏاڍي سخت حالت اٿن. اهو ٻڌي دادا جن جي اکڙين ۾ آنسو
اچي ويا. ڀائو جشن کي چيائون تہ اُن مسڪين ماتا وٽ وڃ
هلي حال احوال وٺون. اُن شخص چيو تہ اسانجو گهر ڪا
پري آهي. ڀائو جشن دادا جن کي چيو تہ گاڏي ڪري
هلون. گاڏيءَ وارو هلڻ لاءِ تيار ڪين ٿيو. اُن شخص ڀائو جش
کي اُن مسڪين عورت جو پورو پتو ڏنو. دادل شاهہ
دل هئي تہ ان وقت ئي هلي ان وڌوا جا ڳوڙها اُگهجن.
جشن چيو تہ توهان گهر هلو تہ مان ڪٿهن کان موٽر وٺي
اچان ۽ پوءِ ان ۾ توهان کي وٺي تو هلان، تيسين هي شخ
بہ ترسي. ڀائو جشن ڪٿهن پاڙيءَ کان موٽر ڪار وٺي آ
رات جا نو ٿي لڳا. اهو شخص تہ هليو ويو. ڀائو جشن دادا
کي ڪار ۾ وٺي ڳولها ڪندو آخر ڏوبي گهاٽ وٽ اچي پهـ
ڏوبي واڙا ٿي ويا تہ هن وقت هي ڪهڙ هنڌ آيا آهي!
جشن انهن کان پڇو تہ ٻہ ڏينهن اڳ ڪهڙو شخص اُن گاڏ

جي ٻولو ٻوڃيءَ ۾ اچي رهيا. پيارو ڀائو جشن، ڀيڻ هري ديوي، ڀيڻ شانتي، ڀيڻ ستي لڌاڻي پڻ پوڄيه دادا جن سان گڏ رهيا. تن ڏينهن ۾ هند ڀارت ۾ سنڌي ڀائر ڀيڻر شرنارٿي روپ ۾ جدا جدا سرڪاري ڪئمپن ۾ رهندا هئا. پوڄيه دادل شاهه سان گڏجي ڀائو جشن پڻ جدا جدا ڪئمپن ۾ نرواسي سنڌي ڀائرن جي ٻرگهور لهڻ ويندا هئا. وطن کان وڇڙيل سنڌي سمدايه کي دادا ساڌو واسواڻي آتمڪ گيان ڏيئي ڌير ڌيندا هئا ۽ گهرجائن کي آرٿڪ سهائتا پڻ ڪندا هئا. ڀائو جشن سدائين دادا جن سان گڏ هوندا هئا.

پياري دادا گنگارام ساڄنداس پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پوئلڳن ۽ آسيس سان پونا ۾ ميران اسڪول کوليو. دادا واسواڻيءَ ستسنگ سان گڏ ڏکين دريدرن، يتيمن ٻسن جي سيوا جو ڪاريه به پونا ۾ آرنڀ ڪيو. آهستي آهستي ڪاريه ڪيترو وڌندو رهيو. ناري شالا، ٻال مندر، دواخانو وغيره خلق خدمت جا ڪاريه زور شور سان هلڻ لڳا. انهن ڪارين ۾ دادل شاهه جي ديا ۽ پوڄيه ڀائو جشن واسواڻي، دادا گنگارام ساڄنداس ۽ ٻين ستسنگين جو خاص يوگدان رهيو.

پونا ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي طبيعت ڪيترا دفعا ناساز ٿي پيئي. پيارو ڀائو جشن رات ڏينهن سندن سيوا ۾ هڪيو حاضر هوندو هو. رات جو نند ڦٽائي به پنهنجي محبوب جي سنڀار ڪندو هو.

٢٤ اپريل ١٩٥٠ع ڀائو جشن واسواڻي پوڄيه دادو ساڌو واسواڻيءَ سان گڏ سنت تڪارام جي سماڌي آستان تي ويو. اُتي نام ڪيرتن ڪرڻ بعد ڳوٺاڻن جي سيوا ڪئي ويئي. فيبروري سن ١٩٥٠ع ۾ پوڄيه دادا واسواڻيءَ کي ڪجهه ڏينهن

ذڪر ڪندو هو ۽ سندس پيتن جي پڻ چئي سمجهائي
ڏيندو هو. اپريل ١٩٤٧ع ۾ دادل شاهه شاهه لطيف جي پ
تي ويا ۽ پاڻ سان گڏ پائو جشن کي به وٺي ويا. اُتي دادل شا
۽ پائو جشن سماع جو لطف ورتو ۽ ڪن فقيرن سان روح رها
ڪيائون.

ديش جي ورهاڱي سبب لکين سنڌي سونهاري سنڌ
وڻ ڇڏي، اباڻا اڏيل اجها ڇڏي ڀارت يوميءَ ۾ آيا، ڀيهجو
ڌرم جي رکشا واسطي. سنڌ ۾ سندن جان مال ۽ ڌرم خطري
هو. پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي جن جي دل ۾ سنڌ جي هند
سڄڻ چاهي مسلمان فقيرن لاءِ عجيب شردا ۽ پياس هئي سو
به سنڌ جون پوليڪول پرستيون ڏسي وطن کي الوداع ڪري
١٦ نومبر سنه ١٩٤٨ع ۾ بمبئيءَ ۾ پڌاريا. پوڄيه دادا جن سا
گڏ پيارو پائو جشن، پيرڻ شانتي، پيرڻ ستي ۽ ٻيا ڪي ستسنگ
پائو پيدر هئا. دادا جن بمبئيءَ ۾ ڀاءُ درگاداس پدجانيءَ جي
گهر ۾ رهيا. پيارو ڀاءُ جشن دادل شاهه جي شيوا ۾ حا
هوندو هو.

پائو جشن پنهنجي وشيه ۾ هڪ قابل ۽ يوگيه شخص هو
کيس ٻه هزار روپين جي پگهار جي آڇ ٿي، پر هن سنت سڄا
اها آڇ نه قبولي. جنهن جيون ارپڻ ڪئي ستگرن جي در تي
سو دنيوي نوڪرين ۽ مال اسباب ڇا ڪندو! پيارو پائو جش
اڄ به ۽ هاڻي به پاڻ کي پياري دادا جي در جو نوڪر سڏيند
آهي. اڄ هي صاحب اسانجي مهان هستي آهي، وڏي آهي.
لڏهن به وقت به پنهنجي وپاکيان ۾ پاڻکي ”ننالائق نوڪر
سڏيندو آهي! منجهس ڪيڏي نه نمرتا آهي، دادل شاهه جي
ڙي انيه داسيه ڀڳتي پاتا آهي!

فيبروري سنه ١٩٤٦ع ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي پو

ھوندو ھو. سوسٽ ٿيڻ بعد دادل شاھہ بند ڪري ڪائونسل ھال جي ٻاھران اُس ۾ ھلي ويھندا ھئا. پائو جشن بہ سدائين ساڻ ھوندو ھو ۽ ٻيا ڪي ٻہ ٽي پائو پيدو بہ ھوندا ھئا. ڪڏھن ڪڏھن دادل شاھہ جي مک مان گيان گنگا پرواھت ٿيندي ھئي تہ پيارو پائو جشن ھڪدم ڊائريءَ ۾ دادا جن جا املھہ ويچار لکندو ويندو ھو.

سنہ ۱۹۵۵ع ۾ اونھاري جا ڏينھن ھئا. پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻي پونا جي ھڪ سندر باغ ۾ ويٺا ھئا. اوچتو دادل شاھہ جي اکڙين ۾ لڙڪ لڙيا. پائو جشن دادا جن جي اکين ۾ آنسو ڏسي پڇيو "پيارا دادا! اوھان جي نيڻن ۾ نير ڇو؟" پوڄيہ دادل شاھہ چيو "پيارا جشن! ھت طرحين طرحين جا گل ڏسي دل ٻري آئي. ھن دنيا ۾ جدا جدا ڊرم گل آھن، پر مان ڏسان ٿو تہ ڪيئن نہ جدا جدا ڊرم ھڪ ٻئي سان ٻيا وڙھن! ڪرتار ڪن! ان ڪري منھنجي اکڙين ۾ آنسو اچن ٿا تہ لوڪ ٻيا ڌرم جي نالي ۾ وڙھن، خون جون نديون وھائين!

۲۳ مارچ پونا جي ميران پوميءَ ۾ پوڄيہ ساڌو واسواڻيءَ سان ملڻ لاءِ سنت ميھر بابا پڌاريو ھو ڪيس مون ورت ھو. ان موقعي تي پائو جشن سنت ميھر بابا جو سواگت ڪندي چيو تہ اڄ اسانجو سوڀاڳيہ آھہ جو ھت اڄ ٻہ مھان آتمائن جو سندر سنگم ٿيو آھہ.

دنيا ۾ مھاپرش ٻڙي ڪام ڪو آئي ھئن،
مٽائي موھہ من ڪا، امر بنانا سڪائي ھئن.

سنت ميھر بابا ڪيترا نہ سال مون ۾ گذاري آتمڪ آنند پراپت ڪيو آھہ. سندس جيون اسان لاءِ روشنمنار آھہ. اسان ڪي بہ روز ڪجھہ نہ ڪجھہ وقت ايڪانت ۾ رھي مون ڌارڻ ڪرڻ گھرجي. پرماتما راھہ ۾ اڳتي وڌڻ لاءِ اھو مکيہ ساڌن آھي.

ساندھ ھنڌڪيءَ جي تڪليف ٿي پيئي. وري سيپٽمبر مهني
۾ دادل شاهه کي شارپرڪ ڪشت ٿيو. بوجهه ڀائو جشن اٿي
پهر دادل شاهه جي شيوا ۾ هڪهو حاضر هوندو هو.

ديوان تيومل بوجهه دادا واسواڻيءَ کي موٽر ڪار ۾
چاڙهي باغ ۾ وٺي ويندو هو. بوجهه ڀائو جشن سدائين دادل شا
سان گڏ هوندو هو. دادا ساڌو واسواڻي باغ ۾ بينچ تي ويهي
ڪڏهن ڪڏهن روح رهاڻ ڪندا هئا ته ڀائو جشن دادل شاه
جا اعوليه وچن نوٽ ڪندو ويندو هو ۽ پوءِ دادل شاهه ج
اهي ويچار 'ست مالها' ۾ شايع ڪيا ويندا هئا.

دادل شاهه جي ڪٽيا مٿان وري ٻي هڪ ڪوٺي هئي
ڀائو جشن اُن ڪوٺيءَ ۾ رهندو هو. ڪن جو چوڻ هو ته اُ
ڪمري ۾ جشن پوٽن جو واسو آهه. ٻر جت ست سنبرڪ رهن
جن پوٽ ٻه اُتان ٻاسو ڪيو وڃن. پيارو ڀائو جشن روز دادل
شاهه کي آرام ڪرائي وري وڃي اُن ڪمري ۾ ويهندو هو
سيپٽمبر سنه ۱۹۵۲ ممبئيءَ ۾ جڳو ديا ڪانفرنس سنبندل ۾ ڀائ
جشن بوجهه دادا ساڌو واسواڻيءَ سان اُن ڪانفرنس ۾ شرڪ ٿيو
بوجهه دادل شاهه جيو ديا وشيه تي ٻراٻر ٽرپو ڪني
۱۰ آڪٽوبر بوجهه ڀائو جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ سان ڪ
ڪلياڻ ڪئمپ ۾ آيو. شيوا سمتي الهاسنگر-۱ ۾ شري ناڌ
مولواڻيءَ سنڌ ن سوائت ڪيو. دادل شاهه دکي شرناٿي سنڌ
ڀائرن سان حالي احوالي ليا ۽ ڪين ڏي ڏنائون. شام جو ليڪا ج
هاء اسڪول ڪلياڻ ڪئمپ ۴ ۾ بوجهه سوامي شانتي پرڪا
مهاراج ۽ ڀائو پرسرام سنڌ دادا واسواڻيءَ جو هارڊڪ ابيند
ڪيو. سنه ۱۹۵۴ع ۾ دادل شاهه کي وري شارپرڪ بيماري پيئي
ڪين ڊاڪٽر گرانٽ جي نرسنگ هوم ۾ داخل ڪيو ويو. اُن
۽ بوجهه ڀائو جشن دادل شاهه جي خدمت ۾ اتي ئي پهر حا

لائيڪو ڪري ٿو. اُن ٻڍڙي جي اکين ۾ پياري دادا جشن لاءِ شڪرگذاريءَ جا لڙڪ لڙي اچن ٿا، تڏهن به پيارو جشن ٻيس پنهنجي ڇاتيءَ ڇپائي ٿو. ٻڍي وسهه ۾ ٻڌجي وڃن ٿا ته ڪيئن نه پيارو دادا جشن هڪ اسهاتل ٻيوسن کي ايڏو پيار ڪري ٿو، ڪيئن نه هن ٻڍڙي جا گپ چڪ لڳل لڱ پنهنجي ٻانهن سان ڌوئا. پيارو دادا جشن آهه دنيا جي مورت، سيبهه جي صورت.

پوڄيه دادا جشن وقت به وقت ساهڙن ۽ ٻين اسپتالن ۾ مريضن وٽ وڃي نه صرف کين ميوو ۽ ٿول ڏيندو هو، پر کين پنهنجي دل جو پيار، همدردي ۽ آٿت ڏيندو هو. مريض جا مرجهايل مکڙا ٽڙي پوندا هئا. ٻارن جي وارڊ ۾ ويندو هو ته ٻارن کي ٿول ۽ رانديڪا ڏيئي، کين ٽوٽڪا ٻڌائي ٽهڪ ڏيارائيندو هو. دادا جشن جدا جدا وقتن تي اپاهجن جي آشرم ۽ سورداسن جي اسڪول ۾ پڻ اپاهجن ۽ سورداسن جي سار سنڀال لهڻ ويندو هو. ڪڏهن انهن لاءِ ڪپڙا لٽا ته ڪڏهن ڪاڏو تيار ڪرائي ڪٺي ويندو هو.

هڪ دفعي دادا جشن اپاهجن جي اسڪول ۾ ويو، تڏهن اُتي هڪ ٻالڪ جون ٽنگون ڪيٻل ڏسي پاڻ روڪي نه سگهيو! سندس اکڙين ۾ همدرديءَ جا لڙڪ لڙي پيا. هڪ ڪنڌ ۾ لڪي ٻارن وانگر اوڇنگارون ڏنائين. سنتن جي دل مکڻ کان وڌيڪ نرم ٿيندي آهه. سنت تلسيداس رامچرت مانس ۾ چوي ٿو:

سنت هرديه نونيت سمانا،
ڪها ڪون پر مرم نه جانا،
نج تاپ دروهن نونيتا،
پر دک دروهن سنت پنيتا.

پوءِ دادا ساڌو واسواڻيءَ وٽ سون ٻرهمڻن جا خط
ايندا هئا. پاڻو جشن اهي خط پڻ دادا جن کي پڙهي ٻڌائيندو
هو ۽ انهن جي موٽ پڻ لکندو هو. دادا جن وقت به وقت
جيڪي پروچن ڏيندا هئا، انهن جا نوٽس پڻ پاڻو جشن وٺندو
هو ۽ پوءِ انهن کي ليک جي روپ ۾ پرڪاشت ڪندو هو. پاڻو
جشن ”ايسٽ اينڊ ويسٽ“ آڌياتمڪ انگريزي مخزن جو ورڪ
سمپادن شروع ڪيو. ان مخزن ۾ دادا واسواڻيءَ جا اموليه
وچن، ليک، ٻين ودوانن سنت پرشن جا ليک ۽ ٻڌمجا گيان
گرنٿ ليک شايع ڪندو هو. اُن مخزن پڻ روشن منار جو ڪم
ڪيو، سون کي ست مارگ ۾ چڪيو. پوءِ پاڻو جشن جي
تحرير چاهي تقرير ۾ تاثير آهي. سندس منڪرن ۾ به مقناطيسي
چڪ آهي.

پوءِ پاڻو جشن کي هوميوپٿيءَ جي به ڪافي ڄاڻ آهي
انڪري ڪيترائي ٻرهمي ڪيس پنهنجو ڏک درد ٻڌائي هن کان
هوميوپٿيءَ جون دوائون وٺندا هئا. دادل شاهه واري ڪٽ
جي هڪ پاسي بيماري پاڻو جشن جون هوميوپٿي دوائون رکيون
هونديون هيون. بيماري پاڻو جشن جي منڙي مشڪ، نيڻن اوڏ
نگاهه، همدرديءَ واري هلت بيمار جو مٺو ڏک دور ڪري
ڇڏينديون هيون. دوا سان سندس جي دعا. ماڻهڪ روڳي
شاراڪ بيمار جيڪو به وٽس ايندو هو سو نروئو ٿي ويندو هو
هڪ دفعي دادا جشن پونا ۾ بند ڪري رهيو هو ته سندس
نظر هڪ پاڙي شخص تي اچي جهن شايد ڪيترن ڏينهن کان
اشنان ڪين ڪيو هو. سندس ڪپڙا تمام ڦاٽل ۽ ميرا هئا
هي بيارو ان پاڙي کي ميران پوءِ ۾ وٺي آيو. اُتي پنهنجي
هٿن سان کيس اشنان ڪرائي، کيس ڪپڙن جو نئون
وڳو پهرائي، کاڌو کارائي، پنهنجو پيار ۽ همدردي ڏيندي

...و، جتي ڪڪڙين ڪڪڙن لاءِ ٻوءِ گهر ٺهرايو ويو. اُنهن کي گهرڀل کاڌو ڏنو ويندو هو. ڏينهن جو اُهي ڪڪڙ ڪڪڙيون ڪمپائونڊ ۾ گهمندا ڦرندا هئا ۽ رات جو ٻڌهڄي اجهي ۾ آرام ڪندا هئا. پرڀات جو ڪيشن نه اهي ڪڪڙ ڪڪڙيون ”ڪڪڙون ڪڙ، ڪڪڙون ڪڙ“ جو آواز ڪري ستلن کي سجاڳ ڪندا هئا. سڀ ڪيڏا نه ديالو آهن جو پکين پسن تي ... ديا درشٽي ڪن ٿا.

پيارو دادا جشن ڪيشن نه ڪلهه تي وڃي پکين لاءِ نت نيم کاڌو رکي ايندو آهي، پاڻي ٻري رکي ايندو آهي. ڪبوترن لاءِ ...ران ٻوميءَ ۾ جدا چبوترو ٺهرايو ويو آهي، جتي ڪبوترن ۽ جهرڪين کي روز کاڌو ۽ پاڻي ڏنو ويندو آهي. پيارو دادا جشن ...کين پنهنجن هٿن سان ڪيشن نه ٻاجهري ۽ جوئر چڳيندو آهي! دادا جشن پڻ دادل شاهه جي نقش قدمن تي هلي پکين پسن کي پيار ڪندو آهي.

پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي ٢٥ مارچ صبوح جو هيٺيون گيت لکي پياري دادا جشن کي ڏنو:

چار پدارٿ پرمارٿي، آ جيڪو مانگي،
سڀ جڳان کي ڏولي آ! سوني سوني چرنان لاڳي.
پدارٿ پهريون آهه ديا، جڳهہ سارو آهه دکي،
ديا ڪر شيوا ڪر، ڪن کي پيارا! ڪر سکي.
پدارٿ ٻيو آهه سچ، سچ مٿي نه ڪو ڌرم آهه،
سچ ٻول، ستوادي ٿي، سچ مٿي نه ڪو ڪرم آهه!
ٽيون پدارٿ آهه پيار، نرمل پيار، سدا پيو چمڪي،
ڏي پيار، سڀن کي پيار! ڪمل مکڙو نيڻهن ۾ مشڪي!
پدارٿ چوٿون: ٿي نماڻو: دل اندر ٿي مسڪين،
خاڪ ٿي، ون خاڪ سڀن جي، ٿي ڪجهه ڪين ڪجهه ڪين!

سنڌ جي هر ڌيءَ مکڻ سمان نور ڏيندو آهي. مکڻ کي
ڳوٺاڻ ماڻهن سان مکڻ وڻندو آهي، پر سنڌ سنڌيوڪ ٻين جو
ڏک درد ٻيڻا ڏسي رنجي ٿيندا آهن، ارتات سنڌ ۾ دل ڳهوجي
ٿيندي آهي.

ان موقعي تي دادا جشن اپاهجن لاءِ ڏٺيءَ کان آسيس
ڏني. دادا جشن انهن محسوس ڪندو آهي ته اهي اپاهج به جڳ
سنڌ س عزيز آهن. ان وقت دادا چيو ته هي به اسان جا ٻار آهن.
چوڻ کين سڻا بسترا ڏجن. دادا سان گڏ ڪجهه ٻيا ساٿي
هئا. اهي هڪدم چادرون فراسيون وٺڻ ويا ۽ ان وقت
ئي اپاهج ٻارن کي ڏنائون.

٢٠ آڪٽوبر ١٩٥١ صبوح جو ٻوڄيهه دادا ساڌو واسواڻي
ٻئي ڪري نڪتا. ساٿي گڏ پيارو دادا جشن، پيڻ شانتي ۽ ڪي
ٻيا به ساٿ هئا. واپس ورندي دادا واسواڻيءَ هڪ شخص
کي به ڪڪڙيون هڻي ۾ کڻيل ڏٺيون. ٻنهي ڪڪڙين جون
ٽنگون ٻڌل هيون. جڏهن اهي ٻئي ڪڪڙيون نماڻي نيڻن سان
جوڳون نهاري رهيون هيون ۽ ٻئي چياڻون ته "آهي ڪو جو
اسان کي بچائي، نه ته اجهو ٿا ڪٽ سان ڪسجون!" ان وقت
دادل شاهه دادا جشن کان پڇيو "پيارا! هي ماڻهو ڪڪڙيون
ٻڌي ڇو پيو ڪٿي وڃي؟" پياري دادا جشن ورائيو "دادا!
هي ڪڪڙين کي ڪهي وڃي کائيندو." دادل شاهه هڪدم
چيو ته ان ڪڪڙين واري کي سڏيو. اهو شخص دادل شاهه
جي ويجهو آيو. دادل شاهه ان کان پڇيو ته اهي ٻئي ڪڪڙيون
ڪيترن پئسن ۾ ڏيندين؟ ان شخص جيڪي پئسا چيا، ديال
دادل شاهه اوترا پئسا ان شخص کي ڏئي پياري دادا جشن
کي چيو ته اهي ڪڪڙيون مهران ٻوڙيءَ ڏانهن کڻي هل
دادا جشن آگيا انوسار ٻئي ڪڪڙيون مهران ٻوڙيءَ ۾ ڪڻي

نام ڪيترن ڪيو آهي، ستسنگ جي جيون جو بيان اتو اهو ته ڪائڻ، ڪڏ بيهڻ، ڳڏ ڳائڻ. نام ڪيترن ڪرڻ، اڄ اوهان هڪ بياري کي ڪيڏي نه اُتساهه ۾، ڪيڏي نه پيار ۾ آسيس ڏني! اوهان جي مجلس ۾ مان وينس، هن بياري جي آسيس وٺڻ واسطي. اوهان کيس آسيس ڏني. مون ڪائنس آسيس ورتي. مان پيو پاڻ کي چوان:

آءُ قربان تهادي توري، جن دل وچ ڍونڍيا يار!

جن پنهنجي محبوب کي ڳولهيو آهي دل جي اندر، وچ دل مندر، تن تان شل قربان وڃان! اسين اڪثر پريوءَ کي ڪٿي ٻيا ڳولهيون؟ اندر وينو آهي، دل جي مندر ۾ آهي، ٿو ٿورا آهن جي پريوءَ کي دل ۾ ٿا ڳولهين. ڪيترا ٻيا ڊوڙون پائين ٻاهرين ڳالهين پٺيان، پيسي پدارٿ واسطي، سنسار جي شان مان واسطي، پر ڪي ٿورا، جي آهن سياڻا، جي دل وچ ڳولهين پنهنجي پريتم کي.

پيارو جشن، جنهن کي اوهان اڄ سندس جنمدن تي ابڏي آسيس ڏني آهي، هن ڪيئن نه ڪوشش ڪئي آهي ته مان پنهنجي پريوءَ کي پاڻان وچ دل مندر! هندستان کان ٻي پري هي پيارو مون سان گڏ هو. سيلان ۾، ڪولمبو ۾. امتحان وڏو پاس ڪيائين. فرسٽ ڪلاس ۾ فرسٽ آيو. اُن وقت کيس سٺي نوڪريءَ جي آڇ ٿي، پر هن بياري چيو ته منهنجي تلاش ٻي آهي! نه نوڪري، نه پيسو پدارٿ، منهنجي روح جي کوجنا، تلاش ٻي آهي!

عجب لڳندو اوهان مان ڪيترن کي، جڏهن بياري جشن جي ماتا هن کي زور ڀريو ته "تون ٻاهر وڃ ۽ وڃي وڏو ماڻهو ٿيءُ، امتحان وڏو پاس ڪيو اٿيئي، وڃي نوڪري ڪري ڪماءِ، پيسو پدارٿ ڪٺو ڪر." هن بياري چيو: "نه ڪي."

دادا جشن مٿيون گيت پڙهي سنگت کي پڙهايو ۽ اُنجي
سمجهاڻي ڏيندي چيو ته پياري دادا اڄ اسانکي هن گيت دواران
کهڙو نه مٺو اُپديش ڏنو آهي. پيارو دادا چوي ٿو ته جيڪ
شخص روحاني راهه ۾ اڳتي وڌڻ چاهي، اُن کي ڪڏهن نه ڪڏهن
سنت ستپرک جي شرط وٺي اُن جي چرنن جي رج لڳڻ کي
لڳائڻ گهرجي. اُن پرڀوءَ جي پيار جي پانڌيڙي کي دل ۾ ديا
ڌارڻ ۽ دکي لوڪن جي سيوا ڪرڻ گهرجي. ديا ئي ڌرم جو
بنياد آهي. ديا ٻنا سڀ ڪاسائي آهه. ٻاڪي ڪشت ڪليش
ڏيئي ڪري به ٻين کي سکي ڪرڻ گهرجي. اهڙي ساڌڪ کي
سنيهه جي راهه تي هلڻ گهرجي. ڪيترا به ڪيس آڪرشڻ ملن
پر اُنهن ۾ اٽڪڻ نه گهرجي. پرڀو آهي سنيهه سوروپ. سنيهه کان
ڪڏهن به ڪنارو نه ڪرڻ گهرجي. ڪيس جيون ۾ پيار جي جوت
جڳائڻ گهرجي. اُهو پيار وڪارن رهت هجي، هڪ هڪ انسان،
پکي پسوءَ کي ٻڌهڄي دل جو پيار ڏئي ۽ نماڻو ٿي رهي،
خاڪساري اختيار ڪري.

جدا غريبي سر ڌري سي شاهن کي شاهه،
اٿل ڇٽر تن پر جهلي واهه غريبي واهه!

ان ڪري توهان جيون ۾ ديا سيوا سنيهه سنيهه ۽ نمرتا
جي جوت جڳايو. اِهي گڻ اپنائي، نام ڄپائي، نام ڏنائي پرڀو
کي پايو. ڪرايو مانش جنم سڦايو.

٢ آگسٽ پياري دادا جشن جي جنمڏن سنبنڌ ۾ پياري
ٺترومل پرارٿنا ٻوجن جو آيوجن ڪيو ۽ اُن ۾ بوجيه دادا سادو
واسواڻيءَ کي پڻ شامل ٿيڻ لاءِ وينتي ڪئي. دادل شاهه ٿورت
ريڪوڊ تي پرارٿنا ٻوجن ۾ شريڪ ٿيا ۽ آسيس ڏنائون.
شام جي ستسنگ ۾ بوجيه دادا سادو واسواڻيءَ پياري پاڻو جنم
لاءِ ٻڌائيندي چيو ته اڄ اوهان مان ڪن گڏجي ڪاڏو آهي،

اڪ ڏينهن موهن ٻاپو کان پڇيو: ”هن جي دل ۾ درد
دکين لاءِ ڇو آهي؟ غريبن دکين جي سيوا ڪيئن ڪري ٿو؟
ڪل طرح! تنهن جي خبر توهان کي ڪانهي ۽ ڪيترا دفعا
مونکي به ڪانهي. هنجي دل اندر دين دکين لاءِ درد آهي:
سو ڇو؟ هنجي دل ۾ ديا جو ديپڪ ٻيو چمڪي. هڪ دفعي
مان پڇيو مانس: ”پيارا! ڪهڙو وشيش گڻ توڻ چاهين ٿو ته
تنهنجي جيون ۾ کلي؟“ مونکي ڄڻايائين: ”ديا“ جنهنجي دل
اندر ديا آهي، اُن کي درد ٿئي ٿو، ڇو ته ڏسي ٿو ته غريب
دکي آهن. سنت تلسيداس جا اکر هن کي پيارا آهن ۽ مان به
انهن اکرن جو ور ور دُهر ڪندو آهيان.

ديا ڌرم ڪا مول هئه، نرڪ مول ايمان،
تلسي ديا نه ڇوڙئي، جب لگ گهٽ ۾ پران.

جڏهن ديا اچي ٿي غريبن لاءِ، ته ٻيو وچار به اُٿي ٿو:
ايمان نه ڪجي. مان وڏائي، مشهوري، اُن کان ڇل ٻيو اسانکي
وري رکي! ڇو ته ايمان آهه نرڪ جو بنياد. جنهنکي ايمان آهي،
سو ڌرم کان ٻري. جنهنکي ديا آهي، سو ڌرم کي پڪڙي ٿو.
جنهنکي ايمان آهي، سو وڃارو نرڪ ۾!

جيستائين پيارا! تنهنجي گهٽ ۾ پران آهن، توڻ جيترو
آهين، جيستائين توکي زندگي آهي، سيني ۾ ساهه آهي تيستائين
ستان ديا ڇڏين! اهو هڪ سبق سيکر مان جنهن جي جيون
مان سکان، سکندو رهان غريبن دکين تي ديا!

ٻيون ڏينهن مونکي هڪ خط آيو- ستسنگ جي پياري
ٻاڻ مونکي لکيو، منو خط! هن پياري ستسنگي ٻاڻ خط ۾ لکيو
ته ”ڪيئن نه ڪيترن کي خوشي ٿي آهي، جو هن پياري سان
گڏ وڃي واڃي سائينءَ کي ياد ڪن ٿا ۽ دکين جي سيوا ڪن
ٿا. هي تنهنجو پيارو اسانجو به پيارو آهي، جو ته ستسنگ ۾ هن

تڏهن پياري جشن کان پڇيائون ته "توکي ڇا کپي؟" پياري جشن چيو: "امي! مان فقير ٿيڻ ٿو چاهيان!" جڏهن اڄ هن ڳالهه جو ويچار ڪيم ته اِڪ فقير جا اکر ياد پيم. درويش چوي ٿو:

"هن هُن ٻنهي کون وياسين، هُڪي يار جي پياسين!"

پيارا! هن هن ٻنهي کان مان ويس. نه هت نه هت. مونکي دل جي اندر آهه تلاش اِڪ يار جي ته وهان وڃي يار جي پڪي ۾. نه بنگلو ٿو چاهيان، نه ماڙيون، نه محل. مان ته يار کي ٻسڻ ٿو چاهيان پکي ۾، جهو ٻڙيءَ ۾!

اهڙي هڪ کي اڄ توهان قرب ڏنو آهه. ڪيڏو نه قرب! ٻوءِ هي رستو سهج ڪونهي. هي رستو ڪٺن آهه! جو هن مارگ ۾ هلي ٿو، پياس جي مارگ ۾، جو اُکير پنهنجي دل اندر کولي ٿو، ٻئيءَ واسطي، جو ٻئي پدارٿ جي پرواهه نٿو ڪري، اُن کي تڪليفون اچن ٿيون: پر اُهي سڀ تڪليفون ٻئيءَ جا نيارا سهن ٿا. سنڌ جو فقير ڇا ٿو چوي؟

هي بار درد غم جا جهڙي سر تي چاياسين

هي غم درد جا بار جهڙي سر تي چاڙهياسين! اُهي ٻئيءَ جا نيارا چون، "اسين پنهنجي سر اهي بار کڻنداسين، کڻون ٿا! پنهنجي يار جي صدقي غم درد جا بار کڻون ٿا، اکين تي چمون ٿا!

هن پياري بالڪ جي اندر درد آهه. درد مندان کا درد! غريبن دکين لاءِ ڪيس ڪيڏو نه پيار آهه. ٻئيءَ لاءِ پيار ۽ غريبن دکين لاءِ درد! ننڍڪڙي هن پياري جي جيون وڏاڪ وڏاڪ خوج لڀندي ٿي وڃي دکين غريبن جي سيوا ۾! هنجي زندگي پنهنجي لاءِ آدرش آهه! سندس آسيس ورتي الس الائي ڪيترا دفعا!

ٻڌا ۽ ان ٻڌا ۾ ٻاٻوءَ جا پيارا اچي ٻيهن ٿا ۽ چون ٿا: ”اسان
کي وٺو، نه ٻئي پدارٿ لئه، ٻئو پدارٿ اسانکي نه کپي. ٻر
پنهنجون دليون ڏيو.“ دليون ڏيو پنهنجي پار کي. ديالو!
ڪرپالو! سچي ستگر جي چرڻن ۾ پنهنجي زندگي رکو.

”سچو هن سنسار ۾، هت پيو گهمائڻ آيو.“

اهي ٻاٻوءَ جا پيارا، سعدن ناتو، سنبند آهه ان آدرشت
لوڪ سان، ٻر هت اچن ٿا گهمڻ، پنهنجا پيو گهمائڻ هت اچن
ٿا، ٿورو وقت اسانکي آسيس ڏيڻ واسطي. شل عشق پياري
کي عيانتي وڏي ملي. ٻر عيانتي ڪيڏي نه وڏي، الٽو ننڍي.
”پيو گهمائڻ آيو.“ اسين شل اهڙن جي جيون مان سبق سکون ۽
پنهنجي زندگي نئين ڪريون.

وڏيڪ ڇا چوان؟ هڪ مهاپرش جي ڳالهه مون ٻڌي ۽
مونکي روئڻ اچي ويو. هن مهاپرش جو جنم ٿئي ٿو وڏي
ڪل ۾. عمر ۾ وڏي ٿو ۽ ٻوءِ هڪ ڏينهن پنهنجي پتا کي
چوي ٿو: ”پوجيه پتا! مان ٿيڻ چاهيان ٿو فقير.“ پتا دکي
وڃي ٿو. پتا چاهي ٿو ته سندس پٽ سنسار جا سک ماڻي.
اڃا ننڍو آهه. اُن وقت ٻري ڪان ٻاهڙن تان اچي ٿو اِڪ رشي،
اِڪ سنت، اچي ملي ٿو هن جي پتا کي ۽ چويس ٿو: ”مان
جيڪر درشن ڪريان.“ ”ڪنهنجو درشن؟“ ”تنهنجي بالڪ
جو،“ هي سنت چوي ٿو. تڏهن پتا چوي ٿو ”بالڪ ننڍو
آهه، عمر ۾ ننڍو: اُنجو درشن ڪري اوهين ڇا ڪندا؟ توهين
سنت ٻاٻوءَ جا پيارا، توهان جو سائينءَ جي اڳيان اقبال شان
ڪيڏو نه آهه. هي منهنجو بالڪ ننڍو، بلڪل ننڍو.“ تڏهن
هي رشي سنت چوي ٿو: ”توهان کي ڏسڻ ۾ ننڍڙو اچي ٿو،
پر هن جي اندر لڪل الو مهان شڪتي، وڏي شڪتي.“ اوءِ
بالڪ اچي ٿو- ننڍو بالڪ. اڃا پنڌ به نه ڪري سگهي ٿو.

اڃي ڪيترن کي نہ جاڳايو آھہ!" اھي اکر پڙھي مونکي ڪيڏي نہ خوشي ٿي! ھن وقت ڪيترن اُھي جي ٻين کي جاڳائين، جي ٻين جي دلين اندر ٻڌوءَ جي سمرن جي جوت جڳائين.

اُن وقت جڏھن مون اھو خط پڙھيو، تڏھن پياري جشن ڪان مون پنھنجي دل اندر ھڪ سوال پڇيو:

"ٻول پکي ٻرديس جا، تون ڪھڙي ديسان آوندئين؟"

ھي پکيڙا! تون ٻرديس جو آھين. منھنجا پيارا! تون ڪٿان آيو آھين؟ تنھنجي ھلت چلت ڪھڙي؟ تون ڪٿان آيو آھين؟ تنھنجي روز ٻروز جي جيون ڪھڙي؟

"ھٿ وچ مرلي، پيرين گھنگھرون، گلي گلي تون ڀڄاوندئين."

تون مرليءَ تي ڳائين پيو. ڪي ٿورا ڏينھن ٿيا تہ اسان مان ڪن پياري جشن جا ٿورا اکر ٻڌا انگريزيءَ ۾. اسانکي ڪيڏي نہ خوشي ٿي! ۽ منھنجي اندر ڪيترن نہ ويچار آيو تہ ھي پيارو جدا جدا شھرن ۾ وڃي لوڪن کي ٻڌوءَ جو پيغام سڻائي! وڏڪ چوڻ نٿو چاھيان. ڇو ٿا اچن ٻڌوءَ جا پيارا! مرلي ڪٿي ڇپن ٿي، مرلي ڪٿي ھٿن ۾ گليءَ پيا ڳنڪن: ڇو تہ اسين پنھنجن مزن ۾ مشغول، اسين سنسار جي پدارٿن ۾ رتل: ٻڌوءَ جا پيارا اچن، گليءَ گليءَ پيا ڦرن. مرلي وڄائي ڪن دلين کي پيا چڪين: ائين ڇو آھہ؟ ۽ ورڃي اِڪ درويش جا اکر مونکي ياد آيا:

"مصر جي بازار ۾ ملھہ آھہ وڪامڻ آيو."

اھڙا ٻڌوءَ جا پيارا اچن ٿا پاڻ کي وڪڻڻ. اسين ٻسي پدارٿ لئہ پاڻ کي وڪڻون ٿا، پر ٻڌوءَ جا پيارا اچن ٿا 'بزار' ۽ چون تہ اسانکي بہ وٺو. اسين بہ وڪامڻ ٿا چاھيون. اسين بہ چاھيون ٿا تہ اسانکي ڪو وٺي، اسانجو بيھار وٺي." ٻسي پدارٿ لئہ ھو پاڻکي نٿا وڪڻن. سنسار الؤ مصر جي

ٽي ڪي روشن روپ آيا آهن ۽ پياري دادا کي چون ٿا ته
هن ۾ هلو. پيارو دادا وهان ۾ چڙهي ٿو ۽ وهان مٿي اڏامڻ شروع
ڪري ٿو. اُن وقت مونکي يڪدم اندر ۾ آواز اچي ٿو ته
”موڪر! تون ماٺ ڪري ڇو بيٺو آهين؟ گهڻا سال اڳ سڌ
۾ جيئن دادا بس ۾ چڙهيو هو ته تون به ڪيئن نه پوليس وارن
جي ٽنگن مان لنگهي ٽپ ڏيئي وڃي بس ۾ دادا جن جي
پوسان ويٺين، هيئر به ان وهان هينان جيڪو پونب آهه،
ان هن ڪي چنبڙي پئه.“ بس! مون اُن پونب کي وڃي سوگهو
جهليو. وهاڻ هلندو هليو ۽ ڇهن منزلن مان لنگهي جڏهن
ستين منزل تي پهتو، تڏهن مان ڪجهه ڏسي نه سگهيس. فقط
اوندهه ئي اوندهه! اوچتو ان اوندهه ۾ اِڪ آواز پياري دادا
ٽي چوي ٿو: ”تو ٻاڻ سان ڇا آندو آهه؟ تو مهنجو ڪم
ڪيو؟“ پيارو دادا چوي ٿو: ”گهڻيئي ڳوٺ شهر گهميو آهيان،
ير ايا هڪ به جڻو ڪين مليو اٿم، جنهن ۾ تنهنجي جوت
جڳائي سگهان.“ تڏهن اهو آواز پياري دادا کي چوي ٿو:
”موٽي وڃ، موٽي وڃ. ايا تو پنهنجو ڪم پورو ڪين ڪيو
ڪيو آهه. وڃي مهنجي جوت جي ڏارا هن ۾ اوت.“

پياري دادا ڪيئن نه اچي اسانکي شري ڪرشن جو
سنديش سڻايو آهه. شريمد ڀڳوت گيتا سرل سپڪ سنڌي ٻوليءَ
۾ سمجهائي آهه. هيءَ دنيا ڪرم کيتر آهه. اُن کان منهن نه
موڙيو ن. جڳت ۾ رهي جڳت جا ٿي نه رهون. نشڪام ڪرم
ڪندا رهون، آسڪتيءَ جو تياڳ ڪري آتم گيان پراپت ڪريون.

٢ آگسٽ سنه ١٩٦٠ پياري دادا جشن جي جنمدن موقعي
تي بوجب دادا سادو واسواڻي آيديش ڪندي چيو ”اڄ منهنجي
پياري جشن جو جنمدن آهه. منهنجي دل، منهنجو هردو آهه
ٻهيل سانت ۾. منهنجي جيون جو هيءَ هڪ وهار آهه ته ش

هن ٻالڪ کي ڪٽي اچن ٿا. ٻوءِ ڇا؟ هي رشي، هن سنت ٻالڪ کي ڪٽي ٿو. ڪٽي ٻنهي ڇاتيءَ سان لڳائي ٿو ۽ سر جهڪائي چوي ٿو: ”پيارا! ٻرڀوءَ جا پيارا! ڏي مونکي آسيسا!“

ماڻ نڪي ’رشي‘ آهيان نڪي ’سنت‘ آهيان. ٻر رشين سنتن جو نوڪر، داس تيرٿ ٿو چاهيان. اهڙڪي ڏيهن جيڻ اوهان پياري جشن کي آسيس ڏني آهه، تيڻ ماڻ ٻه هن پياري جي چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو ۽ نمرتا ۾ نهاري چوڻ ٿو چاهيان: ”پيارا، ڏي مونکي آسيسا. ڏي هن داس کي آسيسا.“

پيارو ٻائو جشن دادل شاهه جا دل ٻجائيندڙ وچن ٻڌي سندن ڪمل قدمن تي ڪري پيو، ٻرپل دل سان هن ساري سنگت کي پرڻام ڪيو. ڪيترن ئي ٻريمين ٻائو جشن کي جنمڏڻ جون سوغاتون پيش ڪيون. ٻائو جشن ٻدل دل سان چيو ته داس ته آهه دادا جن جي در جو نالائق نوڪر. دادا جن شل ٻنهي نيڻن ٻري نگاهه سان مون نالائق کي پاڪ ڪن. ٻائو جشن مليل سڀ سوکڙيون ٻوڄيه دادا جي ڪمل چرڻن ۾ پيش رکيون.

سنه ١٩٥٩ع ۾ ٻوڄيه سادو واسواڻيءَ جي طبيعت ناساز ٿي پئي. ڊاڪٽرن علاج شروع ڪيو. دادا سادو واسواڻي ٻائو جشن کي چيو ته شريمد ڀڳوت گيتا جو ارڙهون اڌياءُ پڙهي اُن بابت سمجهاڻي ڏي. ڪيتري سنگت اُت ويٺي هئي. دادا جشن آڳيا انوسار شريمد ڀڳوت گيتا جو ارڙهون اڌياءُ پڙهي ان جي سمجهاڻي ڏيندي چيو ته گذريل رات هڪ عجيب سپنو لڌم، جو اڃا تائين پياري دادا کي ٻه ڪين ٻڌايو اٿم. هيئنر اوهان کي ٻڌايان ٿو. رات مونکي ٿاڌي گهڙي ننڊ اچي وئي، جا مونکي سپنن جي سنسار ۾ وٺي وئي. اوچتو ڏسان ٿو ته هڪ تمام سهڻو ۽ سندر روشنين سان ٻمڪندڙ وماڻ

ناهي ٿو. اوهان مان ڪنهن کي به خبر ڪين آهه ته منهنجي دل جي اندر هن پياري واسطي ڪيڏو نه پيار آهه! جيڪڏهن دل ڏولي اوهان سان ذڪر ڪريان ته بولندو بس نه ڪن. اڄوڪي ڏينهن وري هن پياري کان آسيس وٺان ٿو. مونکي خبر آهي ته مونکي جلدي هن پرٿويءَ تان وڃڻو آهي. اوهان مان ڪنهن کي به خبر ڪانهي. مونکي خبر آهي ته مونکي جلد آڳه تي، ناهه ٿي وڃڻو آهي. آڳه مٿي مٿي، سڪ ۽ پيار ۾ چڙهندي، ڪٿ پهچندي؟ ڪنهن کي خبر؟ شايد ڪنهن تاري کي وڃي پهچندي. الڪ ڌام ۾ اها آڳه وڃي پهچندي.

انڪري پياري جشن کي هيءُ ويچار اڄ ڏيڻ ٿو چاهيان "پارت، جنهن کي مون ڪيڏو نه پيار ڏنو آهي، هن وقت پڳل آهي. مان سمجهان ٿو ته اڃا پارت کي آزادي ڪين ملي آهي. هن وقت پارت ۾ گوڙ آهي. پرانت پرانت اندر گوڙ، بنگال ۾ گوڙ، آسام ۾ گوڙ، پنجاب ۾ گوڙ! هن وقت دنيا آهي غمگين. اڪيلي! ڪيترين نه ڌمڪيون اسانکي ملن ٿيون. خبر ناهي ته ٻي جنگ، وشو جنگ وري لڳي! پر هيءَ خبر اسان سڀن کي آهي ته دنيا جي حالت ڪهڙي آهي؟ دکي ويچارا وڌيڪ دکي آهن، بکايلن کي وڌيڪ بک آهي، ڪيترن ويچارن کي ڪوني گهر ڪونهي، جت وڃي رات جو سمهن. مان سند ۾ ڪيئن رهيس؟ هت مونکي هن وقت هڪ ڪوني آهي. ڪيئن مان ويهي ڪم ڪريان؟ ڪٿ مان ويهي پوڄا ڪريان؟ ڪٿ مان پنهنجا ويچار لکان؟ پوءِ مان ٻاڏائي چوان:- "جي مان آسودگيءَ ۾ رهيل نه آهيان، ته دنيا ويچاري به دک ۾ آهي؛ اڄ پارت پيارو پڳل آهه!"

اڄ هڪ پرارٿنا وري دل جي اندر اٿي آهي. اها پرارٿنا اڄ جشن پياري کي چوان ٿو. جو ته پيار ۾ حق آهي.

سانت ٻيٺان، سانت ۾ ڪاڏو ڪاوان، سانت وارن کي ملان، سانت وارن جي آسيس وٺان. اڄوڪي ڏينهن ٻه جيڪر مان سانت ۾ وهان، ڇو ته منهنجي پياري جو ڏينهن آهي. ٻنهي اکر هن واسطي ڇوڻ مناسب نه ٿيندا. ٻر هڪ ٻه اکر هن موقعي تي جيڪر چوان! هن پياري کي ڪهڙي روپ ۾ ڏسان ٿو؟ ڪيئن مان ڪيئن نهاريان ٿو! مان ته ائين چوندو آهيان ته هن پياري کي مونکي سيڪارڻ جو حق آهي. مان دل جي اندر سانت ۾ ويهي هن پياري جي آسيس وٺندو آهيان. عمر ۾ مان بيشڪ وڏو آهيان، ٻر روحاني شڪتيءَ ۾ هي پيارو مون کان وڌيڪ آهي. اڄوڪي ڏينهن مان هن پياري جي چرڻن ۾ سر جهڪائي هن جي آسيس وٺان ٿو. جيڪڏهن مان دل کولي اوهان سان ڳالهيون ڪريان ته اوهانجون اکيون جيڪر روئن، جيئن منهنجي اکين رنو آهي. اڄ صبوح جو مون هن پياري جو ۽ هن جي گڻن جو ويچار ويني ڪيو. هن ۾ ڪيترائي گڻ آهن، ڪيترائون أي شڪتيون آهن. مان ۽ اوهين جيڪر انهن شڪتين جو فائدو وٺڻ جو يتن ڪريون. هت آيس، مون جيو ته مون چوڪ ڪئي جو هن پياري لئه مون انگريزيءَ ۾ سنيهو لکيو. هي پيارو رڳو انگريزن جو ڪونهي، رڳو سنڌين جو ڪونهي، ٻر سڀني قومن جو آهي. هن پياري جي دل اندر اتو قرب سڀني واسطي. انگريزي اخبار، جا هي پيارو ڪڍي ٿو، أن جو نالو هن رکيو آهي "ايسٽ اينڊ ويسٽ". هن پياري جي دل اندر قرب آهي، ننڍن وڏن لئه ۽ غريبن ڏکين لئه هن کي عجيب پيار آهي! ڪي ويچار پياري جشن لئه مون انگريزيءَ ۾ لکيا آهن جن جو ترجمو آهي:-

"پيارو جشن آهي منهنجي ڳوٺن ۽ ٻوارنا جو بالڪ! اڄوڪي ڏينهن مان شڪرانا ڏيان ٿو أن سائينءَ جا، جو قسمت

رهي. وهندي وهندي ڪهڙو ٻاڻي ٿي ڏئي؟ اهو ٻاڻي، جو
نال دنيا کي ڪڍي. جنهن ٻاڻي بيشرط سان دنيا جي تپت ٽٽي.
پيارا جڳن! هن وقت مان پري آهيان، پنهنجي سڄي گهر کان،
ج گهر کان، الک ڌام کان، ست ڌام کان مان پري آهيان!
هن باپ گهر ۾ مان آهيان پنهنجي گهر کان پري پري! پر پرڀوءَ
جو نالو سڀاڳو، جو هت تو اچي مونکي آسيس ڪئي آهي ۽
تو مونکي سبق سيکاريو آهي ته ”ديا ڌرم ڪا مول هئه.“
مان پرڀوءَ جي چرڻن ۾ شڪرگذاريءَ ۾ سر ٿو جهڪايان
ته هوءَ تنهنجي جيون ۾ نئين طاقت ڏئي ته تون پنهنجي جيون
جو ڪارڄ پورو ڪري سگهين. ڪلهه رات، آڌيءَ رات مان
ويس توکان پري پري. خبر ناهه ڪٿي ويس؟ Homeless Space
۾ مان ويس. منهنجو روح، منهنجي آتما وڃي توکان پري پري،
هن ڪوٺيءَ کان پري پري. هن ڌرتيءَ کان پري پري. ۽ مون
ڇا ڏٺو؟ مون ڏٺو ته منهنجو پريو، منهنجو پريتم بيٺو آهي اڪيلو.
ڪنڊ ۾ اڪيلو بيٺو آهي ۽ پيو چوي:- هن وقت مونکي کپن
اهي، جن کي روحاني سپنا آهن، جن جي ڳجهارت آهي
همدردي ۽ پيار غريبن دکين جي لئه. اهڙا سپنا جنکي آهن
اهي پيارا مونکي کپن. اهي جي شهر شهر، نگر نگر ۾ وڃي
دکين جي سيوا ڪن، انهن مون ڏٺو. هينئر منهنجي دل جي
اندر اها پياس آهي ته شري ڪرشن جي آسيس وٺي تون
پنهنجي جيون سموري خرچ ڪرين سيوا ۾، همدرديءَ ۾، جت
ته هجين، ات شل هڪ ورک ڪٺي وڃين. ڪهڙو وڻ؟ اهو وڻ،
جو مون ڏٺو، تنهنکي ڪيترا نه سال ٿيا! ان وقت هيٺ اچي
پياس ۾ وڌو، لپوي ٿي وڌو. همدردي ڪٺي دل اندر وڌو
دکين پسي، ڪولي گانين لئه پيار ڪٺي دل اندر وڌو. پوءِ سالن
جي تپسيا ڪانپوءِ گوتم پياري ۾ اچي ٿي اها جوت دل جي

ماءُ جشن کي چوان ٿو:- ”تون رشين ۾ هميشه صدق رکج. ائين نہ ٿئي تہ تون وڏو ٿين، ڪتاب پڙهين ۽ تنهنجو صدق ڪمزور ٿي پوي.“ هيءُ ۸۰ سال ۽ ۸۱ سال هن جيون جو شروع ٿيو. پر منهنجي دل اندر رشين ۾ صدق آيو، جڏهن مان ۱۵ سالن جو هوس. ۱۵ سالن کان ۸۰، ۸۱ سالن تائين ڪڏهن بہ اهو صدق ڪمزور نہ ٿيو آهي.

پياري جشن کي اڄ هيءَ صلاح ڏيڻ ٿو چاهيان تہ ڪڏهن وقت بہ رشين ۾ صدق نہ ڪمزور ڪج. شل تنهنجي هردي اندر اُها دل رهي، جنهن دل ۾ هجي همدردي غريبن دکين لاءِ، پيار سڀني پراڻين لاءِ. شل پنهنجي دل جي خوشي هن ۾ نہ ڏسين تہ تون وڏن مائٽن سان لهہ وچڙ ۾ آهين، پر پنهنجي دل جي خوشي ڏسين جڏهن تون ٻارن سان ملين، ٻارن سان گفتگو ڪرين، ٻارن جون ڳالهيون ٻڌين. هن زماني ۾، جڏهن گوڙ شور آهي، تڏهن تون ساکي ڏين ايشوري نگر جي، نج نگر جي، رشين جي نگر جي! هيءُ سڀ اڪر ڇو ٿو چوان؟ ڇو تہ مان ڪڏهن وقت بہ هليو وڃان. شل هيءَ اُها جوت اسان سڀني جي اندر جڳائيندو رهي.

پيارا جشن، توکي پنهنجي پوڄيہ پتا وٽان هڪ عجيب خزانو ورثي ۾ مليو آهي. پياري دادا شري ڀلا جراءِ هن ٻالڪ کي ڪهڙو خزانو ڏنو؟ هن جي دل اندر رحم هو، ديا هئي، هن اها سکيا سمجهي تہ ”ديا ڌرم ڪا مُول هئ!“ جيون جو بنياد آهي ”ديا.“ اها ديا شل تنهنجي دل جي اندر رهي، وڌندي رهي! اها ديا تنهنجي جيون، زندگيءَ جو آدرش ٿي رهي. اها ديا تنهنجي جيون ۾ پيئي چمڪي. ”ديا ڌرم ڪا مول هئ“ جيون جو بنياد آهہ ديا. اها ديا شل تنهنجي دل اندر رهي ۽ وڌندي رهي. مان چوندو آهيان تہ اها ديا الوَ گنگا. گنگا بهتي

سان سينٽ ميران ڪاليج جو آرنڀ ٿيو. هن موقعي تي دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻي ۽ مهرشي شري ڪروي آشيرواد ڪندي ڀروچن ڏنو.

اُن اُتسو جي موقعي تي پياري ڀائو جشن واسواڻي وياکيان ڪندي چيو ته هن مها ودياليه ۾ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي اوچ آدرشن جي ساکي ڏني ويندي. پياري دادا بالڪين کي سچي وديا ڏيڻ جي خيال کان ڪيترا سال اڳ حيدرآباد ۾ ميران وديا هلچل شروع ڪئي. ميران اسڪول کوليائين، جنهن ۾ وديارٿين ۾ پرارٿنا، پوترتا، سيوا سادگي، سچائي، سنيهه، همدردي ۽ ديا جا سنسڪار وڌا ويا. ورهاڱي بعد دادا جن هت وري ميران اسڪول برپا ڪري هزارن وديارٿين جي راهه روشن ڪئي. خوشي اٿم جو اڄ پياري دادا جي آسيس سان هن پُڻيه ڀوميءَ ۾ بالڪين لاءِ ڪاليج کلي رهيو آهي، جتي بالڪين کي سچي وديا ڏني ويندي. سچي وديا جي ڳجهارت آهي سيوا ۽ نمرتا.

’وديا دواتي ونيم‘ سچي وديا سيکاري ٿي حليمائي، نمرتا. عقل ۾، علم ۾، جيتري ترقي ڪبو اوتري نمرتا اختيار ڪبو. وديا معنيٰ گيان. هڪ دفعي هڪ اڌياپڪ، ڀينجي وديارٿين کان سوال پڇيو ته هڪ انڌاري ڪوٺي آهي، جا سڄي دز ۽ مٽيءَ سان ڀريل آهي. دريءَ تي، درن تي ڏاڍي دز ڄميل آهي! ڏاڍي بانس پيئي اچي! ڪمري ۾ فرنيچر به ابتو سبتو پيو آهي! هاڻ جيڪڏهن اها ڪوٺي رهڻ لائق ڪجي ته توهين پهرين جيڪر ان ڪوٺيءَ ۾ ڇا ڪريو؟ تڏهن هڪ وديارٿيءَ هڪدم جواب ڏنو ته مان جيڪر ڪوٺيءَ ۾ ٻهاري ٻالي صفائي ڪريان. ٻئي وديارٿيءَ جواب ڏنو ته مان جيڪر در دريون کولي صاف ڪريان ته جيئن بانس وڃي. ٽئين

اندر جاڳي. ان وڻ کي چوندا آهن ”ٻوڏي وڻ“. ٻوءِ ڌرم شهر شهر وڃي ٿو ۽ هرهنڌ ڏئي ٿو پيغام ته ”اوهين سڀ ڀائر آهيو. نه فقط اِنسان ذات، پر ٻيون به سڀ ڀائر آهيو. انڪري هڪ ٻئي کي پيار ڏيو.

شل تون اهڙو وڻ هجين ۽ ڪڍين. رشين جو پيغام ڪڍي ديس پرديس وڃي کين چوين :- اَءِ لوڪو! هڪ ٻئي ٻانهن ۾ هڪ ٻئي جا ساٿي ٿيو، مددگار ٿيو، هڪ ٻئي جي شيوا ڪريو، هڪ ٻئي کي محبت ڪريو، رشين منين جو آدرش مٿي ڪريو. ڀري ڀارت جو شان مٿي ڪريو. ڀري ڀارت کي آزاد ڪريو.

١١ ڊسمبر گيتا جينتيءَ جي موقعي تي پوڄيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته شريمد ڀڳوت گيتا جا شلوڪ مون ورِي ورِي پڙهيا آهن. اهو ڪافي ڪونهي، پر گيتا جو مون پرتڪش درشن ڪيو آهي. اهو درشن مون پياري دادا جي روز بروز جي زندگيءَ ۾ ڪيو آهي! ڀاڳو آهيان، جو پياري دادا جو سنگ مونکي نصيب ٿيو آهي. ان سنگ جو ڪيڏو نه امله لاڀ مونکي مليو آهي. شل هي گيتا مندر جو لاڀ نه فقط پونا نواسي يا ڀارتواسي وٺن، پر سڄي دنيا وٺي.

هڪ ڏينهن پوڄيه دادا ساڌو واسوانيءَ جي ڪمري ۾ توري سنگت ويٺي هئي. اُن وقت پوڄيه دادا جن پياري ڀائو جشن کي چيو، ”پيارا جشن! هي سنسار آهي ترڪڻ بازي، اُن ۾ سنڀالي قدم کڻج.“ اُن وقت ڀائو جشن چيو ”پيارا دادا! مان ته آهيان اُوهانجي حوالي، پوءِ ڊپ ڇاجو؟ اوهان مونکي رکيال آهيو ۽ نگهبان ٿيندا، تڏهن ڪيئن نه ڇڏيندا.“

دادل شاهه چيو:

نشڪام شيوا ڪري جڏهن راڄا ۾ ٻين ٻڻ ٻوڙ سڌي ٻالي،
دنيا دکيءَ جي ڪر تون شيوا، دکين جو آهي تون ساٿي!

٢٠ جون ١٩٦١ع صبوح جو ١٠ بجي هون لگهه ۾ نام ڪمرن

ڪتو ٻوڌ ٻيڙن جي شيوا لاءِ. ڪاڌو تيار ڪرائي، ڪجهه ڪپڙا، ٻشڪيٽ ڪٺي ٻوڌ ٻيڙن کي ڏيندا ويا. ميران اسڪول ڪجهه ڏينهن لاءِ بند ڪري اتي ٻوڌ ٻيڙن کي رهايو ويو. انهن کي روز تيار ڪاڌو ڏنو ويندو هو. انهن کي ڪيترن نه مدد ڪئي ويئي. پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي ۽ ڀائو جشن، ڀائو گنگارام ساڄنداس ۽ دادي شانتي ميران اسڪول ۾ رهيل ٻوڌ ٻيڙن جي خاص سنڀال ڪندا هئا. ٿهل نه مهل جي.

٢٥ نومبر ١٩٦١ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمڏن انسو سنڌن حاضريءَ ۾ پونا ۾ ملهايو ويو. ان موقعي تي پوڄيه ڀائو جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏيندي چيو ته اڄ اسين پياري دادا جي جنمڏن ملهائڻ لاءِ گهڻي تعداد ۾ هت آيا آهيون. پياري دادا هن نالائق نوڪر تي هميشه دبا جي درشٽي پئي ڌري آهي. ڪيئن نه ٻاڻ سان ڏهه ٻارهن ورهيه وٺي هلڻ جي مون تي ڪرپا ڪئي اٿن! پر اڄ جيئن مان سانت ۾ ويٺو هوس، تيئن هن اسٽول سرير سان نه، پر ڌيان ۾ سوکيم سرير سان، پيارو دادا مونکي ٻاڻ سان وٺي هليو پري پري. پرٿوي ۽ پهاڙ، جبل ۽ نديون لتاڙي، پيارو دادا مونکي تارن ۽ سج چنڊ ۽ گگن منڊل کان گهڻو دور هڪ اهڙي استان تي وٺي هليو، جتي شانتيءَ جو راڄ هو. گوڙ اصل نه هو. اٽ مون ڇا ڏٺو؟ مون ڏٺو ته هڪ سڀا ۾ کي ٿورڙا اچي گڏ ٿيا هئا. انهن مان هڪ اٿي چوي ٿو ته پيارو دادا آهي هڪ وڏو ڪوي، هڪ وڏو فيلسوف، هڪ وڏو ليکڪ! ٻيو چئو اٿي چوي ٿو ته پيارو دادا آهي وڏو برهم گياني! اهڙيءَ طرح سڀني ڪجهه نه ڪجهه ٻوليو، پر هڪ پيارو جو ڪنڊ ۾ اڪيلو ويٺو هو، تنهنکي ڇيائون ته تون ته ڪجهه ٻول. تڏهن هنءَ پيارو اٿي چوي ٿو ته پيارو دادا آهي شري ڀيام سندر جي

چيو تہ مان جيڪر ڪمري ۾ ڪرسيون ميزون ٺاهي صاف ڪري رکان. پڇندڙ پڇندي ليکي اهي جواب ٺيڪ تہ هئا، پر اهي جواب ماستر صاحب کي برابر ڪين لڳا. اُن وقت هڪ ننڍڙو نينگر اُٿي چوي ٿو تہ ”سائين! مان ٻهارين جيڪر ڪمري ۾ جوت جڳائي انڌيرو دور ڪريان. پوءِ صفائي ڪريان.“ ماستر اِن ٻالڪ جو جواب ٻڌي ڏاڍو پرسن ٿيو. ماستر چيو ”وديارٿيو! ڪمري ۾ جڏهن ٻهارين پرڪاش ٿيندو تڏهن ئي سڀ شيون ڏسي سگهبيون. ڪٿي مٽي آهي، ڪٿي ڪچرو ڦرنيچر پيو آهي. پوري پوري پروڙ پرڪاش سان ئي پوندي. مان هن ننڍڙي نينگر کي سندس ڏنل جواب لاءِ انعام عطا ڪريان ٿو.“

پيارا ٻالڪيون! هن ڪاليج جو بہ آدرش آهہ ”جوت جڳايو“ پيارو دادا اُپنشدن جو منتر ورجي ورجي اُچاريندو آهي ”تمسو ما جوتر گميہ“ هي پرڀو! اونڌهہ انڌڪار مان ڪڍي، تون مونکي جوتيءَ ۾ آڻ. روشنيءَ ۾ آڻ. دنيا ساري اونڌهہ انڌڪار ۾ آهي. روشني کپي. پيارو دادا اسان کي روشني، پرڪاش رکڻ جو رستو ٻڌائي ٿو.

١٢ جولاءِ ١٩٦١ع پوني ۾ ڪڏڪواسلا ٻند ٽٽو، انڪري پونا شهر ۾ ٻوڏ پيئي. ڪيترون ڪچيون جايون، جهوپڙيون ڊهي پٽ پيئون. هزارين ٻانوَ ڀيڻن جي جيون دکيہ ٿي پيئي. پوڄيہ دادا سادو واسواڻي هڪدم ٻانو جنن کي آگيا ڪئي تہ سيواڌارين جي ٽولي وٺي هڪدم ٻوڏ پيڙتن کي سهائتا ڪريو. ميران هاءِ اسڪول ۾ ڪن کي اچهو ڏيئي اُنهن جي سيوا ڪرايو. ٻانو جنن تہ سيوا جو ڪوڏيو هو. سندس دل ۾ دکين لاءِ درد، مسڪينن لاءِ محبت هوندي آهہ. انڪري ٻانو جنن، پاڻ آڻو ريلواڻي، پاڻ نمو مہچندڻا ۽ ٽن ڪن شيواڌارين جي ٽولي وٺي

ٻانهي ٻوٽ لڳ اسين سڀيئي اڄ ۽ روز ٻروز اُن ڪل مالڪ اڳيان صدق ۽ پريم سان اهڙا آرادنا ڪريون ته هي پڀو! تون اسان جي پياري دادا کي تندرستي ۽ وڏي آورجا ڏي ته اڃا گهڻو وقت تنهنجو نام جپائيندو رهي ۽ غريبن دکين ۽ ڏکين جي سيوا ڪندو رهي!"

ميران گرلس ڪاليج جو پهريون پرنسيپال پروفيسر ڪي. اين. واسواڻي هو. هڪ سال جي عرصي بعد هي پيارو ڪاليج ڇڏي، وري دهليءَ واپس ويو هو. هن آدرشي ڪاليج لاءِ يوگيه پرنسيپال جي ڳولها ڪئي ويئي پر گهربل لياقت وارو ڪوبه سچو ڪين مليو، جو پياري دادا جي آدرش انوسار ڪاليج جي واڳ سنڀالي سگهي. پياري ڀائو گنگارام ساجنداس پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ کي وينتي ڪئي ته ڇو نه اهو پد پياري ڀاءُ جشن کي ڏنو وڃي. اهوئي اوهانجي آدرشن کي ڪاليج ۾ عملي جامون پهرائي سگهندو، ٻالڪين جي راهه روشن ڪري سگهندو. باقي سوال آهي ته ڪاليج لاءِ آرٽس جو ماٿو گهربل آهي پر مان يونيورسٽي اختياريءَ وارن کان پياري ڀاءُ جشن لاءِ خاص منظوري وٺي ٿو اچان، صرف اوهان جي منظوري ۽ آگيا کپي. اوهان ئي هن پياري کي ان پد سنڀالڻ لاءِ آگيا ڪريو. پيارو دادا ساڌو واسواڻي مشڪيو. اُن وقت پيارو دادا جشن به اُتي ويٺو هو. پيارو دادا گنگارام ساجنداس پياري دادا جشن جي پرنسيپال جي پد جي مقرريءَ لاءِ وائيس چانسلر کان خاص منظوري وٺي آيو. پياري دادا جشن جي ٻهه اڃا ڪين هئي ته هوءَ پرنسيپال جو پد ماڻي. سندس اهائي ڀاونا هوندي هئي ته اٺئي پهر پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سيوا ۾ هڪيو حاضر رهان. سندس سنگ کان ٻلڪ به پاسي نه رهان.

شمع، جا پيمي ٻاٽ ٻري ۽ ٻين کي روشني ڏئي! اوڏيءَ مهل مون پياري دادا ڏانهن ڏٺو ته حيران ٿي ويس! مون ڇا ڏٺو؟ مون ڏٺو ته پياري دادا جي انگ انگ مان، نهن کان چوٽيءَ تائين، روم روم مان هڪ عجيب روشني نڪري رهي هئي، جنهن ۾ تيجسوي دادا خوب چمڪي رهيو هو.

پيارو دادا پنهنجي ننڍڙيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ آڌيءَ رات جو چپ چاپ سانتيڪا ڳوڙها ڳاڙيندو آهي، نه پنهنجي ڪشٽن ۽ سُورن لاءِ، پر دکين دريدرن، غريبن ۽ مسڪينن لاءِ. جڏهن ساري ڪائنات ننڊرا ديويءَ جي گود ۾ اڻوٽ پيئي هوندي آهي، تڏهن هي جتيندر پرش، پيارو دادا اُپائطهار اڳيان پنهنجي دل کولي ويهي ساڻس ڳالهائيندو آهي. ڏسڻ ۾ ته اِڪ اِنسان آهي، پر هن اِنساني لباس پنهيان هڪ سچي صبحاني صورت تجلا ڪيو پيئي چمڪي!

پيارو دادا هڪ ميويدار وڻ مثل آهي، جنهنکي ڪير پٿر هڻي ته موٽ ۾ هؤ کيس ميوو ڏئي ٿو! پياري دادا کي جوانيءَ ۾ ڪجهه پئسو هو. هڪ ڀاءُ ڪيترن هزارن جي ساڻس وساهه گهاتي ڪري ويو. سڀ ڀ ڀاڄا آهي. اِنسان ڪڏهن ٻڙيءَ ۾ ته ڪڏهن ڀاڪر ۾. ڪجهه سمي ڪانپوءِ اُن ڀاءُ کي پئسي جي سخت تنگي ٿي ۽ پياري دادا وٽ ڪنڌ جهڪائي اچي بيهي ٿو. اهڙي اِنسان کي ٻه دادا ديا ۽ ڪروڻا وچان هڪ چيڪ ڪڍي ڏئي ٿو! اُن ڀاءُ جي دل ڀڄاڻ ۾ ڳوڙها ڳاري ٿي ۽ سندس جيون نئين ٿي پوي ٿي. اِيو هڪ سڄڻ وري پياري دادا جو اقبال سهي نه سگهيو. اخبار ۾ ڪن ۽ ڪچ سان ڪالر ڪارا ڪري ٿو. پر ڪجهه وقت ڪانپوءِ اهو ڀاءُ ٻه مشڪلات جي سبب ۾ دادا وٽ اچي سجدو ڪري ٿو. پيارو دادا اُن کي سؤ روپيا ڏئي ٿو. اهو نه دانا درويش ۽

هن جي ٻڌيان هئن ٿا. هن سنت جي شرط وٺي ٻاڻ سنت ٿين ٿا ۽ هزارين دلين کي راهه ۾ ڇڪين ٿا.

ٻوءِ هن زماني ۾ ٨٠ سال اڳ هڪ ٻڍيءَ جو پيارو حيدرآباد سنڌ ۾ پڙهيل ۽ هڪ نوجوان، جو بجلي ڪمپنيءَ ۾ ڪم ڪندو هو، صبوح کان وٺي سانجهيءَ تائين. اِڪ ڏينهن ان کي پنهنجي دعم نگاهه سان نهاري ڪيس چيائين، "اَءِ نوجوان! اهو بجلي گهر لون ڇڏي اچ. مان توکي بيو بجلي گهر کولي ٿو ڏيان اُت اچي ڪم ڪر." هن نوجوان نڪا ڪئي هر، نڪا نم، بجلي ڪمپنيءَ ۾ استعيفا ڏيئي اچي سنتن جي ڪم کي لڳي ٿو. اهي ٻئي ڪير هئا؟ جي هن وقت توهان جي آڏو سامهون ويٺا آهن. پيارو دادا ۽ ڀاءُ گنگارام. سندس ڀاءُ ۽ ٻين چيس ته بيوقوف نه ٿيءُ. نوڪري نه ڇڏ. کائيندين ڪٿان؟ ٻر هن کي اٽل وشواس هو ته جنهن ٻڍيءَ جي پياري مون کي ڪوليو آهي، سو منهنجي سار به لهندو. ٻاڻ ۽ سندس ڌرمپتني لڇمي ساڻس هئي. ميران هلچل جي ميدان ۾ ٽپي پوي ٿو. کيس فقط ٥٠ روپيا در مهينو ملن ٿا، جنهن مان جاءِ جي مسواڙ، ڪپڙو، کاڌو، سڀ ٻڌهي کي ڪرڻو هو.

ميران اسڪول کيترن نه ڏکن ڏاکڙن مان لنگهيو. پئسي جي تنگي. سڀ ڪنهن ٻالهه کي ڀاءُ گنگارام کي منهن ڏيڻو هو، جنهنڪري کيس در مهينو ٥٠ رپيا ڪٽڻ جي به سهوليت نه رهي. لڇمي ماٺو موڪليندي هئس ته پگهار موڪليو. اُن وقت ڀاءُ گنگارام ڪنهن کان ٻه يا ڏهه رپيا اُڌارا وٺي گهر موڪليندو هو. ڪيڏيون نه لاهيون چاڙهيون هن پياري سنيون! ٻر صدق جو سباهي ٿي ڪم ڪندو رهيو. وري وري چوندو هو:- پيارو دادا هن وقت به منهنجي سنڀال وٺندو رهي.

سنتن وٽ رهڻ کان ڪنوٽي آهه. سندس سباجها، جي

پوڄيہ دادا واسوانيءَ جي آڳيا اکين تي رکي پياري ڀائو جشن سينٽ ميران ڪاليج فار گرلس جي پرنسيپال ٽيڇ جي جوابداري هموار ڪئي. اُن ڏينهن ڪاليج جي پراڻنا هال ۾ دادا سادو واسواڻي ڳالهائيندي چيو تہ اڄ کان ميران ڪاليج جو ڪم پياري جشن کي سونپيو وڃي ٿو. سنہ ١٩٥٦ع ۾ پياري جشن جي علميت ۽ ڪلچر جو قدر ڪري ڪئناڊا انٽرنيشنل اڪيڊميءَ کيس ڊاڪٽر آف فلاسافيءَ جي آنرري ڊگري عطا ڪئي. ٿورو وقت ٿيو تہ ساڳيءَ اڪيڊميءَ پياري جشن کي لکيو تہ توهان جيڪر مهرباني ڪري اسانجي هن اڪيڊميءَ جو ڊيپوٽي ڊائريڪٽر ٿي رهو. هن پياري اُها آڇ قبول ڪئي. پيارو جشن، ميران ڪاليج جي شيوا ڪندو، سو ٻڌي مان خوش ٿيس ۽ توهين بہ خوش ٿيندا. پيارو جشن تنهنڪري سنساري نموني ڪونہ رهڪٽو جشن. شل مٿس آسيس ٿئي ۽ شاگردن تي، جن کي هن واسطي پيار آهي ۽ جن کي هؤ پيار ڏئي ٿو. شل اُهي شاگرد وڌيڪ سچي وديا جي پاڪ ۾ وڌن ۽ وڌندا رهن.

٢٠ مارچ ١٩٦٢ع پياري ڀائو گنگارام ساڄنداس جي جنمدن سنبنڌ ۾ ڀائو جشن واسوانيءَ کيس جنمدن جون مبارڪون ڏيندي چيو تہ ٻہ هزار ورهيہ اڳي هڪ سنت پرک جو جنم ٿيو. هي ڪروڙن دلين جو پيارو هڪ ڏينهن اِڪ نديءَ جي ڪناري تي اچي ويٺو آهي. ڏسي ٿو تہ ڪي ماڇي مڇيون وڃنا ڦاسائين. هيءَ اُنهن مان ڪن کي سڏي ٿو ۽ پنهنجي نرمل نظر سان نهاري، مٺي زبان سان کين چوي ٿو "پيارا! پيارا! اچو! اچو! توهين هن وقت مڇيون وڃنا ڦاسايو! مون وٽ اچو تہ مان توهان کي ماڻهن جون دليون ڦاسائڻ سيکاريان." هن مهانپرش جو منو، من موهيندڙ آواز ٻڌي ڪي مهاتما يڪدم اچي ٿا ۽

ٻيو؟ ھن پياري جي اندر ھڪ پياس آھي تہ پياري دادا جي
ستسنگن جا ٽيلھا پوري ديس پرديس وڃي پياري دادا جو پيغام
پھچائين. ان ڪري مان ڪيس اڄ ھي ستسنگن جو ٽيلھو سوکڙيءَ
طور پيش ڪريان ٿو.

پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنم سمبت ۾ ٢٢ نومبر
ميران ڪاليج ۾ اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. جنھن ۾ پوڄيہ
دادا ساڌو واسواڻي پڌاريا. ان موقعي تي دادا جشن وياکيان
ڪندي چيو تہ اڄ اسانجو سوڀاڳيہ آھي جو ڀارت جي مھان
وڀوتي پيارو دادا اسانجي وچ ۾ آھي. سندن آشيرواد ۽ پريرڻا
سان ئي ھي ميران ڪاليج ٻڌا ٿيو. بالڪن بالڪين ۾ پوترتا
پوترتا، سادگي سيوا ستيہ سنيھہ سھانڀوتيءَ جا ٻج ڇٽڻ لاءِ ئي
دادا سند ۾ ميران وديا ھلچل شروع ڪئي. دادا جن مھان
فيلسوف، ساھتيڪار، اعليٰ تعليمدان، سماج سڌارڪ، گيانوان
ودوان آھن. اسانجا روحاني راڻا سد سد نماڻا! اڄ سندن
جنمدن آھي. شل سندن آسيس ھن ميران ڪاليج، اوھان
سڀن ودياٿين، پروفيسرن ۽ داس تي چمڪي ۽ چمڪندي
رھي، جو شل اسين سندن آدرشن جي ساکي پنھنجي جيون
۾ ڏيون.

آرتوار صبوح جو ستسنگہ کان پوءِ دادا ساڌو واسواڻيءَ
کي پالڪيءَ ۾ ڪٽي پوڄي پنڌ نڪتا. سڀ ڪندا اچي بعد گارڊن
وٽ پھتا. پوءِ سڀ نديءَ جي ڪناري تي ويھي رھيا ۽
دادا جن روح رھاڻ ڪئي. اوچانک ياٿو جشن جي نظر وڃي اڪ
ماڇيءَ تي پيئي، جو مڇيون ڦاسائي رھيو ھو. سندس جار ۾
ٿھڪيون ٿي مڇيون ڦاٿيون ھيون. دادا جشن جي اڇا ٿي تہ
انھن مڇين کي مھاڻي جي جار مان مڪت ڪرائجي. ياٿو جشن،
پاڻ ھو ۽ ڪي پوڄي ان مھاڻي جي ويجھو آيا ۽ ڪيس سڏي

پنهنجن پيارن ششن کي ڪيڏو نه پيار ڪن ٿا. آنهن جي اچڻ لاءِ نهارين، اُنهن جي انتظاريءَ ۾ بيا اچ وڃ ڪن ته ڪيڏي مهل ٿو اسان جو پيارو اچي ۽ ڪيڏي نه قرب ۾ قربدار ٻاڪرو پائي ڇاتيءَ ڇپائين، گلي لڳائين. پر آ! اُنهن جي رمز جي راند ڏاڍي ڏکي! ڪڏهن ڏسن ته سعدن پيارو شش اچي پيو ته يڪدم در بند ڪرائي ڇڏين. شاهه صاحب جو منو بيت آهي:-

ڪڏهن طاقيون ڏين، ڪڏهن کلن در دوستن جا،
ڪڏهن اچان، اچڻ نه لهان، ڪڏهن ڪونيو نين،
ڪڏهن سڪان سڏ کي، ڪڏهن گجهاندڙ ڳرهين،
اهڙا ئي آهين، صاحب منهنجا سپرين.

اهڙن ڪشالن مان ڀاءُ گدگارام لنگهيو آهي ۽ ڪيس اهو ئي صدق ته منهنجو پيارو دادا مون سان هميشه ساڻ آهي. ورڪي ڪيمن نه ورهاڱي بعد پوني ۾ آيا سين. ڀاءُ گدگارام جي دل اندر لگن لڳل هئي ته ميران اسڪول کلن، جت ٻارڙا اچن. جن جي ڪچڙن دلين ۾ پياري دادا جي سکيا جو سلو پوکجي، جيئن اهو سلو وڌي ۽ اهي ٻارڙا آئينده جي اُميد ٿين ۽ ڀارت جو جهنڊو جهولائين. ڀلا هن جي اندر اها آگ ٻيٺي پوي سو سک سمهڻ چو ٿي ڏئيس! وڃه ملندو هوس ته پياري دادا سان ڳالهه ڪندو هو. نيٺ آگيا وٺي اسڪول کوليائين. هن پياري جي جٿاڪشي ۽ هوشاريءَ سان اسين هن آستان تي گڏ ٿيون ٿا. جيتوٽيڪ شڪتي سڀ پياري دادا وٽان مليس. هي پيارو سيوڪ جو اوزار ٿي ڪم ڪري ٿو. هن ۾ اڻڊو اتساهه آهي، جو پين ۾ اتساهه اڀاريندو ته ميران مزور ڪم ڪرائو. پياري دادا [illegible] ۾ بيحد صدق اٿس. آگياڪاري نه عجب آهي. [illegible] ٻه دادل جي اڃا هوندي، اوتٿين ڪندو. سوال نه پڇندو،

انهن وديا جو آواز آهي ته اسين پنهنجي جيون ۾ جوت جڳايون سادگي ۽ سيوا جي، پرارٿنا ۽ پوترتا جي، آتمڪ شڪتيءَ جي ۽ هيءَ ڳالهه به پروڙيون ته زندگي سچي تڏهن آهي، جڏهن اسين ٻين واسطي رهون ٿا. روز ڪو نه ڪو ننڍو يا وڏو سيوا جو ڪم ڪريو. اوهين پڻ پستڪن جو گيان پراپت ڪريو ۽ ان سان گڏ جيون ۾ پيار ۽ پر اُپڪار جي ساکي ڏيو.

پونا يونيورسٽيءَ مان ميران ڪاليج کي پتر آيو ته پنجويهه هزار روپيا ڊپازٽ رکو. دادا گنگارام اهو خط دادا ساڌو واسواڻيءَ وٽ کڻي آيو. دادا جن خط پڙهي مشڪندي اهو خط پائو جشن کي ڏنو. قادر جي قدرت، ٻئي ڏينهن هڪ پيارو پائو جشن وٽ آيو ۽ اچي چيائينس ته مان دادا ساڌو واسواڻيءَ سان اڪيلائيءَ ۾ ملڻ ٿو چاهيان. مونکي جيڪر دادا وٽ وٺي هلو. دادا جشن اُن پياري کي پوءِ دادا ساڌو واسواڻيءَ وٽ وٺي آيو. اُن شخص دادا جن کي پرڻام ڪري هڪ نوٽن جو ٿهو سندن چرڻن ۾ رکندي چيو: ”ڪرپا ڪري اِها ننڍڙي سوڪار ڪريو ۽ ڪاليج جي سيوا ۾ لڳائجو.“ دادا جن نوٽن جو ٿهو ان وقت ئي پرنسيپال پائو جشن کي ڏيندي چيو ته نوٽ ڳڻ. پائو جشن نوٽ ڳڻي دادا جن کي چيو ”پنجويهه هزار آهن.“ پوءِ دادا جن مشڪندي چيو ”پيارا جشن! پرڀو ڪيئن نه سڀئي ڪم ٺاٺ وٺو ڪري. ڪالهه توهانکي ڪاليج لاءِ پنجويهه هزار روپيا ڊپازٽ گهربي هئي سا پرڀوءَ اڄ توهان کي هن پياري هٿان موڪلي آهي.“

پيتمان کي ڪارج پرڀو آپ ڪلونيا هر ڪم ڪراون آپا رام.

پوءِ دادا جن اُن شخص کي آسيس ڪندي ڌنيواد ڏنو.

٢٠ جون ١٩٦٤ع صبوح جو سينٽ ميران ڪاليج جو نئون سال شروع ٿيو. اُن سمبند ۾ پرارٿنا هال ۾ پوءِ دادا ساڌو

چيائون ته پيارا! هن مهيني ۾ توکي اڄ گھڻو ملندو؟ مهاڻي
وراڻيو "اٽڪل پنجاهه روپيه ڪمائيندس." ڀائو جشن ان مهاڻي
کي ٥٠ روپيا ڏيندي چيو ته اڄ جي ڪمائي توکي ملي، هاڻ
تون انهن مڇلين کي ڄار مان آزاد ڪري پاڻيءَ ۾ ڇڏي ڏي.
مهاڻي هڪدم ڄار کولي ڇڏيو ۽ مڇليون پاڻيءَ ۾ ٽپڻ ٽپڻ
لڳيون. اهو درشيه ڏسي ڀائو جشن ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ ان مهاڻي
کي سمجهائيندي چيائين "پيارا! هي مڇيون پڻ اسان جيان جل چر
جل سدن جيون آهه. ڪين جل کان ڌار ڪرڻ آهه پاپ. جيڪر
تون پيو ڌنڌو اختيار ڪري اڄيوڪا ڪيڏين ته پڻوءَ جي توتي
ڪيڏي نه آسيس ٿئي." ڀائو جشن ان مهاڻي کي پوڄيه دادا
واسواڻيءَ وٽ وٺي آيو. دادا جن پڻ ان مهاڻي کي مهر ڀري
نگاهه سان نهاريندي پيار ۽ آسيس ڏني.

٢٠ جون ميران ڪاليج جي ٽئين سال جي سنبنڌ ۾
ميران هال ۾ وڏيڪ مٽنر جي اُچارڻ بعد پوڄيه دادا ساڌو
واسواڻيءَ ڪاليج جي ٻالڪين کي آسيس ڏني. ان موقعي تي
پرنسيپال ڀائو جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو ته اسين
سوڀاڳيشالي آهيون جو اڄ پيارو دادا اسانجي وچ ۾ آهه ۽ ڪيئن
نه اسان کي پنهنجي مهر نظر سان نهال پيو ڪري. سندس
آشيرواد سان ئي هي ڪاليج ترقيءَ جي راهه ڏانهن وڌي رهيو
آهه. آئيندهه جو زمانو آهه وديارٿين جو زمانو. دنيا جي ڀاڳ
وجهي اي وِڌندي، پر دنيا کي ڀارت جي ضرورت آهه. ڀارت
ئي اهي ڪمن جي شيوڪ ٿين. اڄ سائنس واسطي دوڙ آهه، پر
سائنس ۽ آرٽس کان وڌيڪ اسانکي آدرشي دلين جي ضرورت
آهي. اڄ اسين دماغي شڪتي وڌائيندا رهون ٿا، پر دل جي
شڪتي وڃي نبلي ٿيندي. ان ڪري دنيا جي درگتي ٿي
رهي آهي. جوڌاري ڪليش ۽ جهيڙا، جنگيون ۽ خونريزي آهه!

ائو دکين جي سيوا. وديا وٺي گھڻن جي سيوا ڪريو. پاڙيسرين جي خدمت ڪريو، دکين ۽ غريبن جي سيوا ڪريو، پنھنجي ديش ڀارت جي سيوا ڪريو، ھر ڀراڻي ماتر جي سيوا ڪريو. 'جن سيويا تن پايا مان'

شري ھرچو واسواڻي پوجيه دادا جشن جو ننڍو ڀراتا ھو. ھي پيارو انجنيري پاس ڪري ولائت جي سنڊن شھر ۾ ويو. اُتي ھي پيارو ست سال ڪن رھيو ۽ پوءِ ڀارت ۾ واپس آيو. ھي پيارو تمام قابل انجنيئر ھو ۽ ھمدرد ۽ ھڏڏوکي، نرمل ۽ نماڻو. سدائين پيو مشڪندو ھو. لارسن ٽوبرو ۾ ڪيس سٺي نوڪري ملي. ان ڪمپنيءَ کي چيمبور ۾ ڪارخانو ٺھرائڻو ھو، ان جي عمارت جو ڪم پياري ڀاءُ ھرچو واسواڻيءَ کي سپرد ڪيو ويو. ٢٤ جون شام جو ھي پيارو ميران پوميءَ ۾ آيو. گيتا ڀون جي نھندڙ عمارت نظر مان ڪڍيائين. ڪلاڪ ڪن ڪانپوءِ پوجيه دادا جشن سان فون تي ڳالھايائين. ساڳي رات جو ڏھين بجي دادا جشن کي چيمبور مان فون آيو ته پيارو ھرچو ڪمپنيءَ جي نھندڙ بلڊنگ نظر مان ڪڍي رھيو ھو ته اوچتو ڇت تان سندس پير ترڪي ويو ۽ ھيٺ ڪري پيو. سندس حالت گنڀير آھي ۽ اسين کيس ساسون اسپتال ۾ کڻائي نا اچون. پوجيه دادا جشن، پيڻ ھري، دادا گنگارام ۽ ٻيا پريمي ھڪدم ساسون اسپتال ۾ پھچي ويا. ھيڏانھن پياري ھرچوءَ کي بيھوشيءَ جي حالت ۾ جيئن ئي اسپتال ۾ آنداءون ٿي ته رستي تي ئي سندس پکيڙو پرواز ڪري ويو. دادا جشن ۽ ٻيا پريمي جيئن اسپتال ۾ پھتا ڏسن ته پيارو ھرچو ته چير ننڊ ۾ وشرامي آھ! کيس نمسڪار ڪري اسٽول شرير ميران پوميءَ ۾ کڻائي آيا. اُتي پوجيه دادا ساڌو واسواڻي، پوجيه دادا جشن ۽ سنگت پرارٿنا ڪئي. ساري رات نام ڪيرتن ٿيندو رھيو. ٢٥ جون

ورسوائي پڙهايا ۽ ٻالڪين کي آسيس ڏنائون. ان موقعي تي پرنسيپال پائو جشن وڌايان ڪندي چيو ته گنڊيل مارچ مهني ۾ ميران هاء اسڪول جا وديارٿي ايس. اي. ايس. امتحان لئه تي ويا. اُن کان اڳ هو پوڄيه دادا جن وٽ آسيس وٺڻ لاء آيا ۽ دادا جن کي وينتي ڪيائون ته اسان کي ڪا سکيا ڏيو. اُن وقت دادا جن ڪين آسيس ڪندي، سکيا ڏيندي چيو "پيارا! شرڌا رکو! اڄ ڪلهه شاگردن کي اڏيائڪن لاء شرڌا ڪين آهه. ٻارڻ کان وڏن لئه شرڌا ۽ عزت. پرڀوء جي پيارن سنتن درويشن لاء شرڌا. ٻارڻ جيڏن لاء شرڌا ۽ ٻارڻ کان گهٽ درجي وارن لاء پيار ۽ شرڌا. پرڀوء کي هر روز ياد ڪريو.

هڪ دفعي لنڊن ۾ هڪ پوڙهو ماڻهو، جنهن جي نظر گهٽ هئي، آمدرفت جي گهڻائيءَ سبب رستو پار نه ٿي ڪري سگهيو، اُت بيٺو رهيو. ٻڌي ٿيو ته رستو ڪيئن پار ڪريان! ان ويچار ۾ هي بيٺو هو ته هڪ نوجوان اُن پوڙهي کي هٿ کان وٺي رستو پار ڪرائي ڇڏيو. اُن پوڙهي اُن نوجوان جي شڪرادائي مڃي. رستي تي راهگيرن پنهنجا ٽوپلا لاهي هن نوجوان کي سلام پئي ڪيا. هڪ عورت اُن پوڙهي کان اچي پڇيو ته پيارا! توکي خبر آهه ته جنهن توکي هن پيڙ واري رستي مان وٺي آندو اُهو ڪير هو! تڏهن پوڙهي چيو ته مونکي اُن جي خبر ڪين آهه. ان عورت کيس ٻڌايو ته اُهو نوجوان هتان جو شهزادو آهه. هن شهزادي کي ٻارڻ کان گهٽ درجي وارن لاء به شرڌا هئي. ٻالڪيو! توهان به جيون ۾ شرڌا ۽ سيوا جي سکيا ڏيو. اهڙي سيوا اسان مان گهڻا ڪرڻ لئه تيار آهن؟ پياري دادا جن جي دل اندر دکين لئه درد آهي، مسڪينن لئه محبت آهه وري وري پيارو دادا اسانکي سکيا ڏئي ٿو ته پرڀوء جي نوم

جنهن لاءِ غمگينيءَ جو ڏينهن آهي، ڇو جو ٻرهمڻ ۽ پياري جنهن جي پاءِ هرشچندر جي ٻارهين جو ڏينهن آهي! شل اسين ٻ ڀائرن جا دوست ٿيون، خدمتگار ٿيون ۽ هلندا رهون شري شيام سندر جي پوڄو راهه ۾.

٣١ جنوري ١٩٦٥ شام جو لوڪ سڀا جو اسپيڪر سردار حڪم سنگهه پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ آيو. دادا گنگارام ڪيس وٺي ڪري ته سياڻي ميران ڪاليج ۾ نيو گهمايو. ١ فيبروري صبوح جو سردار حڪم سنگهه سينٽ ميران گرلس ڪاليج ۾ پڌاريو. ان موقعي تي پرنسپال پائو جشن واسواڻيءَ سندس سواگت ڪندي چيو ته سردار حڪم سنگهه گرو ڀڳت آهي، نماڻو آهي، سندس جيون ۾ سادگيءَ جي سڳند آهي. نئين جاڳرتا، نئين پرگتي جيون لاءِ ضروري آهي ته اسين آتمڪ اصولن جو عمل ڪريون. ان ڪري ضروري آهي ته اسين نئين وديا جو آتمڪ واهو مندل پيدا ڪريون. ميران ڪاليج ۾ پڻ ڪيو وڃي ٿو ته بالڪين کي وديا جو نرمل واهو مندل ملي. اڄ اسان جي ڀارت ۾ سيتي ساوتري، گارگي ۽ سيتا جهڙين ديوين جي آسيس جي ضرورت آهي.

ان موقعي تي دادا ساڌو واسواڻيءَ پڻ آشيرواد ڪئي.

سردار حڪم سنگهه سکياداڻڪ ڳالهيون چيون.

ميران اسڪولن جي هيڊ ماستر پوڄيه دادل شاهه کي عرض ڪيو ته ٢٤ اپريل کان ونڪيشن آهي، اوهان ٢٣ اپريل وديارٿين کي اچي آسيس ڏيو. پوڄيه دادا واسواڻي عرض اونائي هال ۾ پڌاريا. دادا جن سڀني وديارٿين ۽ ماسترن ڏانهن نيهن ڀري نگاهه سان نهاريندي آسيس ڪئي. ان وقت پرنسپال ونڊري هيرانندانيءَ دادا جن کي ڪارڊ ڏنو ته پنهنجو سنديش لکي ڏيو. دادا جن هيٺيون سندر سنيهو لکيو:

منجهند جو ١٢ بجي پياري هرچوءَ جو استول شرير سينگاري شمشان ڀوميءَ ڏانهن کڻي ويا ۽ اگني سنسڪار ڪيائون. پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي ۽ ٻيائو جشن ستسنگ ۾ پياري شري هرچو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪندي ڪيس شرڌانجلي ڏني.

٢ آگسٽ ١٩٦٤ پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ جو جنمدن هو، مگر پياري هرچو واسواڻيءَ جي ڏکدائي ڏيهانت سبب دادا جشن سانت ۾ رهيا ۽ سنگت به ڪو ڪاريه ڪرم ڪين رکيو. نما شام جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ اُپديش ڪندي چيو ته اڄ پياري جشن جو جنمدن آهه. هي پيارو شري ڪرشن ڪنعيا جي راهه ۾ هلندو هلي ٿو. هڪ دفعي شري ڪرشن کان پڇيو ته ”تون ڪير آهين؟“ شري ڪرشن جي اکين ۾ اچن ٿا ڳوڙها. ڳوڙهن ڀريل اکين سان شري شيام سندر چوي ٿو ”مان آهيان غريبن مسڪينن جو متر، منهنجو پيو نالو آهه دريدر نارايڻ. جي در در ڀٽڪن ٿا، جي ڏکي آهن، تن جو متر آهيان، تن جو خدمتگار.“ هي اوهانجو پيارو پاڻ جشن، منهنجو پيارو بالڪ، غريبن ڏکين جي شيوا روز ڪري ٿو. ڪيئن؟ تنهن جي گهڻن کي خبر ڪين آهه. اسين تازو وياسين بند گاردن. اُتي هن پياري ڪيئن نه مهاڻي جي ڄار مان مڇين کي مڪت ڪرايو. اڄ رات ڏهن جو وقت آهه. هي پيارو پاڻ سان هڪ ٻه ساٿي وٺي وڃي ٿو. ٻاهر ٿڌ آهه، پر هنکي ٿڌ جي پرواهه ڪين آهه. وڃي ڏسي ٿو ته ڪيترا فقير غريب رستي جي پاسن کان ٿڌ ۾ ڏڪي رهيا آهن، ڪي سمهيا پيا آهن! اُنهن کي ڍڪڻ وارو ڪير؟ اڄ شري ڪرشن ڪنعيو، اڄ واهگرو اُنهن کي ڍڪڻ وارو آهه. پيارو جشن وڃي هڪ هڪ جي مٿان بلئنڪيٽ وجهي ٿو. هوءَ ڪيڏو نه ڳد ڳد ٿين ٿا. اهوڪو ڏينهن جهڙو وڏي اتساهه سان ملهايون ٿا هي ڏينهن پياري

ٻنهي. ماڻهوءَ ۾ ٽڪا ڪٿي هجن، ٽڪا ٿين، هڪدم هن جي ڪلهي تي چڙهي ويٺو. استري ۾ پگهرياڻي هئي. تنهن چيو ته هي ته منهنجي ٻالڪن جيان ٻالڪ آهه. سو ونئي قيوري ٻائڻ لڳي. ويچارو ماڻهو شرمندو ٿي نامديو جي چرڻن تي ڪري زار زار روئڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو:- ”معافي! معافي!“ پوءِ منهنجي سوڀتي ڳالهه ڪري ٻڌايائين. نامديو چيس ته ”ڀوريان چوڻ اهڙا ڳالهه ٻڌائڻ ته مان جلدي ڪاوڙ ڪريان ها!“

سنت نامديو ۾ ڪيڏي نه ڪميا هئي. ڪميا نمرتا آهن سچا ڳهڻا. پڀوءَ کي روز پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا ۾ وڏي شڪتي آهي.

١٩ مئي صبوح جو دادا ساڌو واسواڻي هيٽ سٽسنگ هال ۾ پريمين سان مليا. ٻاهر ڪيترائي سفيد پوش پاڻو پيدر ويٺل ڏسي دادا جن هڪدم پاڻو جشن کي آگيا ڪئي ته اڄ هنن پيارن کي پونديءَ جا لڏون کاراءِ. پاڻو جشن هڪدم لڏون گهرائي غريب پيدرن پاڻون کي ڏنا. دادا جن جي آگيا سان وري پاڻو جشن انهن کي روڪ پئسا ٻه ڏنا. پوڄيه دادا کي ٻين کي ڏيڻ ۾ ڏاڍي آنند ايندو هو. پاڻو جشن ۾ خلق جي خدمت جو ڪوڏيو هوندو هو. اڄ ٻه هوءَ دکين دريدرن جي شيوا تي زور ڏيندا آهن.

ولڪيشن بعد ٢١ جون ١٩٦٥ ميران ڪاليج کليو. ان ڏينهن پرارٿنا هال ۾ پرنسيپال پاڻو جشن ڪاليج ۾ نئون داخل ٿيل ٻالڪين جي آجيان ڪندي چيو ته اهي ميران ڪاليج ۾ جڳ وديا جي مندر ۾ گهڙيون آهن. اها ميران، جا راڻي هئي، ۽ شري ڪرشن جي پريم صدقي سڀ دنيا جو مان شان ۽ عيش ليااڳي ڇڏيائين. هوءَ شري ڪرشن جي پريم ۾ اهڙو ته مست ۽ مگن ٿي ويئي، جو سندس هردي اندر انوکا گيت اٿڻ لڳا ۽ دل جي اونهي تڙف وچان وري بي خود اٿهي

”سچي سونهن آهه هوءَ ڇوءَ ن، تون ۾ ڇوءَ.“

پوءِ دادا جشن واسواڻيءَ دادل شاهه جو اِهو سنيهو پڙهي ٻڌائيندي چيو تہ پيارو دادا پنهنجي پيغام ۾ چوي ٿو تہ سچي سونهن اُن کي ملي ٿي جو سڀ ڪجهہ صبر ۾ سهي ٿو. اڳلو توکي ڪجهہ بہ چوي، تون اُن جي موٽ نہ ڏي، تون سانت ۾ رهہ. جيڪڏهن هڪ شاگرد ٻئي سان مستي ڪري تہ اُهو ٻيو شاگرد پاسو ڪري هليو وڃي. ڪاوڙ نہ ڪريو. ڪو گهٽ وڌ ڳالهائي توهان اُن سان بہ پيار وارو وهنوار ڪريو.

سنت نامديو ڪڏهن بہ ڪاوڙ نہ ڪندو هو. هن ڪاوڙ تي سوڀ پاتي هئي. هن جو ناماچار ڏاڍو هو. سڀ هن سنت جي آسيس وٺڻ ايندا هئا. سنت نامديو جو ناماچار ۽ مهما ٻڌي هڪ مهنت سهي نہ سگهيو. اُن کي رات ڏينهن اِها چنتا تہ ڪنهن نہ ڪنهن نموني نامديو کي غصو ڏياريان، جيئن هُو لوڪن ۾ بدنام ٿئي. هڪ ڏينهن هڪ ماڻهوءَ کي پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ڪرائڻي آهہ، اُن لئہ ٻہ سؤ رپيا کپنس. سو اُن مهنت وٽ وڃي ٿو ۽ ويڻتي ڪري ٿو تہ ٻہ سؤ رپين جي مدد ڪريو تہ نياڻيءَ جو ڪارج سڌ ٿئي. مهنت چيس تون ٻہ سؤ ٿو گهرين! مان توکي چار سؤ ڏيندس، جي تون منهنجو هڪ ڪم ڪندين. اهڙي ڪا تجويز ڪر، جو نامديو کي ڪروڌ چڙهي وڃي.

اُن ماڻهوءَ چيو:- سائين! اها ڪا وڏي ڳالهہ ڪانهي. هينئر ئي ٿو وڃي ڪروڌ جو مچ مچايان. تڪڙو تڪڙو نامديو جي جهوپڙيءَ ۾ آيو ۽ گهٽ وڌ ڳالهائڻ لڳو. نامديو جا ٿِر ابتا سبتا ڪرڻ لڳو. نامديو هري نام ۾ مگن رهيو. جيئن ٻيو هي ماڻهو گاريون گهڻ ڏي تيئن نامديو ٻيو هري ڪيرتن ڪري. نيٺ اهو ماڻهو ٿڪو. ان وقت نامديو جي اِستري اچي اُ—

وڌيڪ ٽڪرا ڪندي ۽ ڀارت جي جنتا ۾ قوت پيدا ڪندي.

گهڻا سال ٿيا ته لنڊن مان هڪ ودوان آيو ڀارت ۾ ۽ هو ڀارت جي بي تاج بادشاهه، پوڄيه مهاتما گانڌيءَ ڏانهن ڇڪجي ويو ۽ ڀارت ۾ اُن وقت جيڪا ايڪتا هئي، اُن جو مٿس ڏاڍو اثر ٿيو. پوءِ هو واپس پنهنجي ملڪ ويو. ڀارت جي آزاديءَ بعد، اٺين سال وري آيو ڀارت جو سير ڪرڻ. گهڻيئي شهر گهميو ۽ گهڻين قومن جي ماڻهن سان مليو ۽ پوءِ دک ظاهر ڪيائين ته مونکي گهڻيئي ماڻهو گڏيا، سک ۽ مرهٽا، گجراتي ۽ پنجابي، پر اهڙو ڪين گڏيو جيڪو هندستاني هجي. سندس اکر انگريزيءَ ۾ هئا ته: "I have yet to meet an Indian."

برابر اڄ ڀارت ۾ ٽڙ ڦڙ گاڙا وارو واڳو منڊل پيدا ٿي ويو آهي. اهڙي اونڌهه ۽ غم واري واتاورڻ ۾ ميران ڪاليج جون بالڪيون پنهنجو آواز ڪڙو ڪري چون ته اسين ڀارت جون آهيون، تنهنڪري ڀارت جي خدمت ڪرڻ اسانجو فرض آهي. ڀارت تي اهو نالو "انڊيا" ڪيئن پيو. هڪ وديش ياتري گريس جي ملڪ مان آيو ڀارت ۾ ۽ ڏٺائين ته ڀارت جون استريون ڏاڍي پوترتا ۾ هلي رهيون هيون. انهن استرين جي پوترتا مٿس اهڙو اونهون اثر ڪيو جو ڀارت کي نالو ڏنائين "انڊو" يعني "چنڊ". ڇو ته چنڊ آهي پوترتا جي نشاني. پوءِ اهو اکر "انڊو" وقت بوقت، ڪن اچارن جي اثر هيٺ ڦري ٿيو انڊو، جنهن مان نالو پيو "انڊيا". سو توهين شال چنڊ وانگيان پوتر ۽ سج وانگر لڄ وارئون بڻجو.

اسانجو سڀاڳ آهي جو اسين ڀارت ۾ جنميا آهيون، ڀارت جا اسين آهيون. شال ڪنوارپڻي کان توهين بالڪي پري رکو، پر ايڪتا ۽ الفت ۾ ٻڌيون رهو ۽ چئو بالڪي وري وري هڻي سڏيو ته "مان ڀارت جي آهيان، منهنجو جسم ۽ جان ۽

ڳائيندي هئي :- ”مجهي چاڪر راکو جي.“

پيارو دادا چوندو آهي ته موهنکي پياري ۾ پيارو اکو آهي شيوا. پڙهو، وديا وٺو، وڌيڪ پڙهو، پنهنجيون دليون پال ٻين ٻولين ۽ وشين جي ساهتيه جي خزانن سان مالا مال ڪريو. اها ڳالهه نه وساريو ته دنيا ڏاڍي ڏک ۽ ڪشٽ ۾ آهي، انجي شيوا ڪريو. غريبن ۽ ڏکين جي خدمت ڪريو. لنهنڪري پنهنجا خرچ گهٽايو ۽ بچائڻ سکو. ان مان ڏکي دنيا جي شيوا ڪريو. مسڪينن ۽ غريبن تي جيڪو به پئسو خرچ ڪريو ٿا، اهائي سچي بچت اٿوَ. ڇو ته اهو خرچيل پئسو، دان تي پرلوڪ جي بئنڪ ۾، توهان جي نالي ۾ جمع ٿيندو ٿو رهي. باقي جيڪو پنهنجو تن عيش عشرت تي خرچيو ٿا يا مزي لئي، سو وڃرت ٿا وڃايو. ياد رکو، پاڻ سان هڪ ٽڪون پئسو به ساڻ ڪڻي نه ويندا. پر جيڪي دان ڪندا، اهوئي پاڻ سان شبھ ڪرمن جو ڦل کڻي ويندا.

هڪ ماڻهو هو. اهو پياري دادا وٽ نوٽن جا بنڊل کڻي آيو ۽ دادا کي اهي نوٽ نذرانو ڏيندي چيائين ته اهي مندر ناهڻ لاءِ ڪتب آڻجو، پر پياري دادا کيس چيو ته هڪ مسڪين منش جي دل ئي سريشٽ مندر آهي ۽ نرم آهي ونڊڻ. جيڪي هجي سو لوڪن سان ونڊيو. ڇو ته جيڪو ڏئي ٿو، سو جيئي ٿو. پنهنجو پاڻ ڏيو، پنهنجي وطن کي، اهو هو منتر، هڪ سوتر، جو پياري دادا، سال اڳي هڪ هنڌ پنهنجي اپديش ۾ ڏنو ته ”ڇڏو مسان ڀارت جو آهيان.“ ان منتر جي اڄ گهڻي ضرورت آهي، ڇو ته اڄ ڀارت ۾ ايڪتا ڪونهي. هڪ ٻئي جي ڏک ۽ ڪشٽ کي پنهنجو نٿو سمجهي. جيڪڏهن ڪلڪتي ۾ ڏڪار ٿو پوي ته گجرات ۽ مهاراشٽرا کي دل ۾ ايڙو خيال نٿو ٿئي، اها جدائي وڃي ٿي ڀارت کي وڏي

١٣ جنوري لعل لوئيءَ ڏينهن صبوح جو پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي بالڪني لاهي اچي گيتا ٻون وت رکيائون. اُن ڏينهن ته مهراڻ ٻوميءَ ۾ جام غريب آيل هئا. پوڄيه دادا جن اُنهن کي سڏي خوب خرچي ڏني، ميوو ڏنو. اُن وقت پوڄ دادا جن يانو جشن کي چيو ته پيارا! اڄ تڏڪار آهه! جيڪو منهنجي ڪپڙن جا صرف ٻه وڳا مون لاءِ رکو ۽ ٻيا سڀ منهنجا ڪپڙا هاڻي ئي هتان گهرجائن ۾ ورهائي ڇڏيو. پياري دادا کي غريب گهرجائن جو ڪيڏو نه اونو هوندو هو. ٻين کي ڏيڻ ۾ ئي کين آنند ايندو هو. يانو جشن پياري دادا جن جي آگيا جو هڪدم پالن ڪيو.

١٤ جنوري ٽموريءَ جو ڏينهن هو. يانو جشن پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ کي وينتي ڪئي ته اڄ تڏڪار وڏيڪ آهي، جيڪو هٿ هال ۾ ئي ونا هجو، ٻاهر نه هلو. پر دادل شاهه چيو ته مونکي وٺي هلو. سنتن جي ليلا عجيب! ٻاهر ڪيترائي غريب گهرجائو وٺا هئا. دادل شاهه ديا جو ساگر هو. هڪدم دادا جن بصر، پٽاٽا، دال، چانهه جا پاڪيٽ گهرايا. مشڪندي مشڪندي اهي پاڪيٽ گهرجائن کي ڏنا.

١٥ جنوري پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي طبيعت تمام ناساز ٿي پيئي. پوڄ دادا جن پياري يانو جشن کي سڏي چيو
”مٺو پيو ڦري، تون منهنجي پرسان رهج.“ "Be by me my
Child." پوڄ دادا جن جو يانو جشن لاءِ اهو آخري آديش هو. يانو جشن دادل شاهه کي آڪسيجن ڏني. يانو جشن دادا جن جي خدمت ۾ هڪيو حاضر هو. يانو جشن کين نه دادل شاهه کي پيڙون ڏيندو هو، پيڙون ڏيندي ساڻن روح رهاڻ ڪندو هو، پر اڄ دادل شاهه جي حالت گنڀير ٿي نظر آئي. پياري دادي شانتيءَ يانو جشن کي چيو ته اڄ دادا شاهه الائي

هڪ هڪ ٻار آهي ڀارت ماتا جو. تنهنڪري مان ٻارن کي پوتر رکندس ۽ شڪتيوان بڻائيندس. غريبن ۽ مسڪينن کي پنهنجو ڀارت ماتا جو اولاد سمجهي، سندن خدمت ڪندس ۽ پنهنجو چرتر اعليٰ رکندس." پنهنجي چرتر کي بي داغ رکڻ لاءِ، سوڌو کي پوتر ۽ بلوان بڻائڻ لاءِ توهان کي اهڙن وديالين جي ضرورت آهي جيڪي مرڪز هجن شڪتيءَ ۽ پوترتا جا. هن ڪاليج ۾ توهين اُن مهان آتما جي ڇايا هميشه رهندي، جو شڪتيءَ جو ڀنڊار ۽ پوترتا جو مجسم آهي.

١ آڪٽوبر صبوح جو ميران ڪاليج جا پروفيسر، ميران اسڪولن جا ماستر ۽ هاسٽل جون بالڪيون پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪٽيا ۾ گڏ ٿيا. دادل شاهه نيهن ڀريل نهار سان سڀني تي نوازش ڪئي. دادا گنگارام ميران وديا هلچل جي آدرشن تي روشني وڌي. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ چيو ته هڪ هڪ پروفيسر، اڌيائڪ جو آدرش هئڻ گهرجي ته هو وديارٿين جو مترُ ٿي رهي. مترُ سماج جو، مترُ پکين پسن جو، سڀني انسان ذات جو مترُ ٿي رهي. متري پاڻ ۾ ماستري ڪري.

١ جنوري ١٩٦٦ صبوح جو پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ پانو جشن کي سڏائي پڇيو ته اڄ غريبن کي ڇا ٿو ڏين؟ پانو جشن وراڻيو: "دادا، اوهان جيڪا آگيا ڪريو سو ڪين ڏجي. پوڄيه دادا جن پوءِ هيٺ لٿا. سوين مسڪين محتاج هوند ويٺا هئا. پانو جشن بلئنڪيٽ، بسڪوٽن جا پاڪيٽ ۽ روڪ روپيا گهرجائن کي ڏيڻ لاءِ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي اڳيان رکيا. پوڄ دادا جن هڪ هڪ دکي دريدر کي نيهن ڀري نهار سان نهاريندي روڪ رپيا، بلئنڪيٽ ۽ بسڪوٽ ڏيندا ويا.

١٧ جنوري صبوح جو گيتا مندر ۾ شري گرو گرنٿ صاحب جو اکنڊ پاٺ صاحب رکيو ويو ۽ دادل شاهه جي سماڌي آستان تي ستسنگ ٿيو.

ٻوجهه ڀائو جشن جو ٻوجهه دادا ساڌو واسواڻيءَ سان انوٽ سنبنڌ هو. سندس دل ۾ دادل شاهه لاءِ اونهي اُڪير هئي ۽ انهيءَ ڀڳتيءَ ڀاونا آهي. دادل شاهه جي ويوگ ۾ ڀائو جشن جي اندر مان سوز ڀريا آلاپ نڪتا. ڀائو جشن ٻاهران ته سانت ئي سانت ۾ رهيا، مگر سندن درد ڀري دل ورهه ۾ سڏڪا ڀريندي چيو:

جادوگر هليا ويا، جادو لڳائي!
وڃرائي هليا ويا، وڃرائي ٻٽائي!
ٿيا ڪن ۾ سي غائب، سين ڪان جدائي! جادوگر هليا ويا...
نه هڪ ٻي توکي ڪري سگهيو قابو،
هزارن دلين جو وئين درد وڃائي! جادوگر هليا ويا...
آليون اکيون ٻيون ٻرسات وسائن،
تون ته هليو وئين مٺي مرڪ مشڪائي! جادوگر هليا ويا...
نه موهه هوءِ ڪنهن سين، نڪي ڪنهن سين وير،
وطن وئين تون هنسا! سبق پڙهائي! جادوگر هليا ويا...
عجب تنهنجي جيون، عجب تنهنجي ليلا،
دل دل ڪيئه قابو، ڪهڙو جادو لڳائي! جادوگر هليا ويا...
ڪري ڪاره پورو، وئين ڪن ۾ اڏامي،
هزارن کي حاڪم! روشن راهه بتائي! جادوگر هليا ويا...
رهين راس هڪڙي، خبر ڪين ٻيئي،
وڇڙڻ هيٺن تون لڪڙو، موج ميلا مچائي! جادوگر هليا ويا...
تنهنجي ياد دادل! ٿي روحڙو روئاري،
آهي "انجلي" آسي، ٻيئي ٻنڌڙو بچائي! جادوگر هليا ويا...

ڪيئن ٻيو ڪٽي ۽ سڀني ٽنگون نه چُرن پُرن ڪين ٿيون. پاڻو
جشن چيو ته اهو مارفيا سُئيءَ جو اثر آهي. دادا جن کي سُئيءَ
جو اثر اڄ جلدي ٿيو آهي. پياري شانتيءَ چيو ته هاڻي دادا جن
ڪونگهرو ٻئي نموني هٽي رهيا آهن. سڀني سمجهڻ جو نمونو
نه اوڙ آهه. پاڻو جشن اڌ رات جو ڊاڪٽر نارائڻ هاٿيراماڻيءَ
کي فون ڪري گهرايو. ڊاڪٽر نارائڻ هڪدم پهچي ويو. هن
دادل شاهه جي گنڀير حالت ڏسي هڪدم ڊاڪٽر گرانٽ کي
گهرايو. ڊاڪٽر گرانٽ دادل شاهه جي تپاس ڪري چيو ته
مغز جي نس ڦاٽي آهه. هڪدم خاص ڊاڪٽر وارياور کي گهرايو
ويو، جنهن دادل شاهه کي سُئي هڻي پاڻو جشن کي ٻاسيرو
ڏي چيو ته حالت نازڪ آهه! پوءِ پاڻو جشن، پيرڻ شانتي، پيرڻ
سنتي ۽ ڪي ٻيا ٻي پوءِ ڌر پرارٿنا ڪرڻ لڳا. ١٦ جنوري
صبوح جو سوائين الين ٻجي سنڌين جي شرومڻي سنت، مهان
ودوان، فيلسوف دادا ساڌو واسواڻيءَ اسٿول شرير جو تياڳ
ڪيو. چوڌاري غم جون گهٽائون ڇانئجي ويئون. هزارن دلين
جو سهارو روحاني راڻو رمندو رهيو! ديس پرديس کان هزارين
عقيدتي ٻراهي پوڄنيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو انتم درشن ڪرڻ
اچي آيا. سڀني اکڙين ۾ وڇوڙي ۽ ٻوڻ جا آنسون هئا! ١٧ جنوري
دادل شاهه جو اسٿول شرير سيدگاري ٽرڪ ۾ رکيو ويو. هزارين
پراڻي اُن ٽرڪ سان رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. جلوس
پونا شهر جي مکيه رستن تان ٿي، شام جي وقت مشن ڀوميءَ
۾ واپس آيو! دادل شاهه جي سوني ڪايا گيتا مندر جي پاسان
رکي ويئي. ورد سڀني جو اُچارڻ ڪيو ويو. پاڻو جشن پوڄنيه
دادل شاهه جي اسٿول شرير کي پوڪرما ڏني ۽ پوءِ اگني سنسڪار
ڪيو ويو. سڀني جي اکڙين مان لڙڪ لڙي رهيا هئا. پاڻو جشن
سانت ٿي سانت ۾ ٻڏو رهيو ۽ پوءِ پرارٿنا ڪيائين.

دادل توکي ٻڪاريم:- ”ترس نہ مان بہ اڃان! نہ رهي سگهان توکان اِڪ پل بہ ڌار.“ ٻر تو ٻنيان ڪين نهاريو، فقط تو ٻڪاريو:- ”منهنجا بالڪ، هيءَ وېل ناهي ترسڻ جي، هيءَ وېل ناهي ٻيهڻ جي! تون وڪ تڪڙي وڌاءِ! ڇڏي سڀ غفلت خيال، ڇڏي سڀ جنجال، تون لڪي ڊوڙ پاءِ.“ ۽ مون ٻڇيو:- ”ٻرتيم، ڪيئن پايان تکي ڊوڙ؟“ تو چيو ”سڀ ڪجهه گهور اِڪ گهوٽ مرشد هاديءَ تان. ابو ڏاڏو گهور، مال ملڪيت گهور، مان مرشد گهور، سڀ ڪجهه گهور، پنهنجو پاڻ تون گهور، اِڪ گهوٽ مرشد هاديءَ تان.“ آسيس ڪر تہ نہ سمجهان نہ آهين تون اِڪ پل بہ جدا. هيءَ جيون سموري، اِڪ اِڪ پران ڪريان توتان فدا. ڪريان توتان فدا.

پنهنجي بالڪ جي پرارٿنا، پنهنجي داس، نالائق نوڪر جي وينتي تون ئي قبول ڪر. تون سمرٿ سائين، تون ديال، تون ڪرپال، تون سڀ ڪجهه آهين. آسيس ڪر تہ نہ سمجهان نہ آهين تون اِڪ پل بہ جدا. هيءَ جيون سموري، اِڪ اِڪ پران ڪريان توتان فدا، اِڪ توتان فدا.

٢٣ جنوري صبوح جو وېد منتر اُچارڻ، شريمد ڀڳوت گيتا جي پاٺ پڙهڻ بعد پياري پائو جشن ٻاڻي اُچاريندي، دادي هري، دادي شانتي، دادي ستي، ڀاءُ آتم واسواڻي ۽ ٻين ڪن ٻڌين سان گڏجي ٻوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جا سڳڪ ميڙيا. سڳڪ ٻوتيءَ ۾، ڀسم جدا ڪلشن ۾ رکي، پائو جشن پوڄ دادا جن جي سڳڪن جي ٻوتي مٿي تي کڻي ۽ ٻين ڀسم جا ڪلش کڻي دادل شاهہ جي ڪٽيا ۾ آندا ۽ دادا شاهہ جي صندل تي رکيا. پائو جشن اکنڊ جوت جڳائي ۽ درد ڀري آواز ۾ پرارٿنا ڪئي.

٢٨ جنوري پياري پائو جشن پياري دادا جي ورهہ ۾ هيلمون گيت چيو:-

٢٠ جنوري رات جو سماڌي آستان تي دادا جشن دلسوز آواز ۾ پرارٿنا ڪندي چيو ”منهنجا پريتم! منهنجا ٺاڪر! منهنجا گرديو! مرشد مٺا! تون هليو وئين تڪڙو ئي تڪڙو، تڪڙو ئي تڪڙو! نه ڏنءِ ڪو اشارو، نڪي ڪيءِ ڪو آواز! نڪي سليءِ، اَءِ سڄڻا! ڪنهن سين راز! آسيس ڪر ته نه سمجهان ته آهين اِڪ پل به جدا! هيءَ جيون سموري، اِڪ اِڪ پران، پريتم ڪريان توتان فدا! ڪريان توتان فدا.

منهنجا پريتم! منهنجا گرديو! مرشد مٺا! هئين تون نرمل، جيئن نرمل موتي! تنهنجي جيون ۾ جڳي جوت منڊل جي جوتي! ان جوت ڪيو هزارن کي حيران! تنهنجي مشڪ ڪيو ميڙن کي مستان! سا جوت گرديو! اڄ دل دل ۾ جڳاءِ! سا مشڪ محبوب! وري تون مشڪاءِ! آسيس ڪر ته سمجهان ته نه آهين جدا، اِڪ پل به جدا! هيءَ جيون سموري، اِڪ اِڪ پران ڪريان توتان فدا!

منهنجا پريتم! منهنجا ٺاڪر! منهنجا گرديو! مرشد مٺا! هئين تون تياڳي، پر تنهنجو تياڳ هو ٻيءَ طرح! هئين تون ويراڳي، پر تنهنجو ويراڳ هو ٻيءَ طرح. نه ڪڏهن تو پاتا ڪپڙا رتا، پر تنهنجي دل هئي رتل، تنهنجو روح هو رتل اِڪ رنگ ۾ سدا! اِڪ رنگ ۾، رام رنگ ۾، شيام رنگ ۾، نام رنگ ۾، پيار جي رنگ ۾، پرم جي رنگ ۾، محبت جي رنگ ۾، عشق جي رنگ ۾. تون رهئين اِڪ سائينءَ جي سنگ ۾ سدا. آسيس ڪر ته نه سمجهان ته آهين اِڪ پل به جدا. هيءَ سمست جيون، اِڪ اِڪ پران پريتم، ڪريان توتان فدا، ڪريان توتان فدا.

منهنجا ٺاڪر، منهنجا پريتم، منهنجا گرديو، مرشد مٺا، ڏاڍ سمجهي ۾ ته تو پنڌ پنهنجي ڪيو تڪڙو ئي تڪڙو. تون چڙهئين پنهنجي نيلي جبل تي، تڪڙو ئي تڪڙو ۽ توسان گڏ هو گرو نانڪ ديو، عجيبن جو اسوار. توکي پڪاريم، پريتم، توکي پڪاريم،

اٺ ھوليءَ پيارا واڻي ھلڻين شاھ صاحب جي آستان،
اُت ھن پنھنجي داس تي ڪيئہ ڪيڏا نہ احسان،
ٻڌائي ڏھوٽ جي پاڪر ۾ کيلي تو ھولي،
تون مرشد منھنجو، مان تنھنجي گولي،
نہ خبر ھئہ ايندي ھيءَ ھولي، ٻڌندس اندر ۾ اڪ ٻولي،
ٻولڻہ تون ڪٿي؟
اڪ ھوليءَ ٻولڻہ تو سيکاريو: نھاري نُوراني،
نيٺن سين تو پڪاريو: ملھائين جي ھولي تہ پاھ رتڙي چولي،
ھئہ ڪين ڄاڻ ايندي ھيءَ ھولي،
ٻڌندس اندر ۾ اڪ نئي ٻولي،
گرديو تون ڪٿي؟ دادل تون ڪٿي؟
اڄ وينو نھاريان پل پل پڪاريان، وري آئي آھ ھولي،
اڄي ذي رتڙي چولي، جا چولي مان پايان،
نہ تو بن ڪجھ چاھيان.
تنھنجو رباب تي تنھنجو نام ڳايان، تنھنجي صورت ڏيايان،
تنھنجي ڪمل قدمن ۾ ڪنڌڙو ڪپايان،
اڄي توکي پايان، اڄي توکي پايان.
دادل تون ڪٿي؟ محبوب تون ڪٿي؟ مرشد تون ڪٿي؟
٢٦ مارچ ٻوڊر ھوب جي ميٽنگ ميران ڪاليج جي ٻوارتما
ھال ۾ ٿي. اُن ميٽنگ ۾ پوڄيہ دادا جشن چيو تہ اسين سڀ
ٻوڊر ھوب جا ميمبر پڪراھ ٿي پياري دادا سادو واسوانيءَ جي
شروع ڪيل ڪارج کي ھلائيندا ھلون. سندس جڳايل جوت
کي وڌيڪ پرجولت ڪريون. سڀ ڪم ڪيئن نہ پاڻيھي پيا
ھلن. پوڄيہ دادا جن ادرشت طرح پاڻيھي پيا ڪم ھلائيندا
ھلن ۽ پيا ھلائيندا. اسين تہ آھيون نمت ماتر. اڄو تہ دادل
شاھ جي ڪم کي جيئي وجھڻ جو سنڪلپ ڪريون. اح صوح

مٺڙو ٿيو اُداس، تو بن مٺڙو ٿيو اُداس.
تو بن ٻيٽم، وتان ويڳاڻي،
حال اندر جو تون ئي ڄاڻي،
ميران ڀومي بدواس، مٺڙو ٿيو اُداس.
ياد پون ٿيون نيڻهن نهارون،
ٻُر پيالين جي تو پيارئون،
وهاري پنهنجي پاس، تو بن مٺڙو ٿيو اُداس.
اوندهه مان اچي تو لنگهايو،
سمنڊ سڄيل مان پار پهچايو،
انتر جوت پرڪاس، تو بن مٺڙو ٿيو اُداس.
ڪڪه ٻن ۾ پيشي توکي ڳولهيان،
راز اندر جو ڪنهن سين کوليان؟
هردي ۾ وشواس، تو بن مٺڙو ٿيو اُداس.
آهين ڪين پري تون پيارا،
هت هت هرهنڌ تنهنجا اِشارا،
دل دل ۾ تنهنجو نواس، ته 'انجلي' مٺڙو ڪيئن اُداس.

بياري پائو جشن، بياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي فراق ۾ ڪيترائي گيت جيبا جن ۾ سوز ۽ درد هو، انهن گيتن جو وستار سان ورڻن اڳتي ڪبو.

هوليءَ جي ڏينهن پياري پائو جشن سوز ڀري صدا ڪئي.

اڄ ڏينهن هولي، ٻڌان اندر ۾ اِڪ ئي ٻولي،
سڄڻ تون ڪٿي؟ دادل تون ڪٿي؟
ڪٿي ته تنهنجي جوتي ۾ وڃي ڪيترئون هولئون ملهايم،
هيو نه هيم، نه ڏٺم جانم.
ارڏي هيءَ هولي، ٻڌندس اندر ۾ اِڪ ئي ٻولي،
ٻوائم تون ڪٿي؟ دادل تون ڪٿي؟

۽ ڏکيءَ جي بندگي آهي.

پياري دادا جشن جي اپيل اونائي ڪيترن ئي پاسن پيرن جدا جدا شيوا جا ڪم ٻاڙ تي هموار ڪيا. ڪن سنگت جي جتين جي سنڀال جي جوابداري کڻي ته ڪن دادل شاهه جي سماڌيءَ جي صفائي ته ڪن مندر جي صفائي ته ڪن باغيءَ جو پربند وغيره.

٣ اپريل دادا چيلارام جي جنمدن سنبنڌ ۾ پوجيه دادا جشن نج ٽاڻو پونا ۾ شرڌانجلي ڏيندي چيو ته دادا چيلارام جي سچي جيون نام جپڻ ۽ جپائڻ ۾ گذري. ڪيترن نه سنڌ ۽ ڀارت جي ڪيترن شهرن ۾ وڃي نام ڪيرتن ڪرايائين. اڄ پرڀات جي ڦيري ۾ مون وري گرباڻيءَ جي هن سٽ جو اُچارڻ ٿي ڪيو:

سمرڻ سمر سمر سک پاوڻ،
ڪل ڪليش تن ماهه مٽاوڻ.

دادا چيلارام اسانکي اهڙو ته نام رس چکايو، جنهن جي چکڻ سان هن سنسار جي تپت اُجهامي ٿي وڃي. جيون جو سچو خزانو آهي ”نام سمرن“. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ۽ اهو ساڳيو سنديش ڏنو. ”نام جپيو، نام جپايو“. جيون جي سچي سک جي ڪنجي آهي نام. نام ڳايو، مها سک پايو. شل سنتن جي سکيا جي پيروي اسين ۽ ڪريون. اُنهن جي آسيس ولي نام جپيندا رهون.

پونا جي سنڌي ساهتيه سڀا جي ساليانيءَ اُتسو ۾ پوجيه دادا جشن ”هيرا موتي“ خاص انڪ جو مهورت ڪندي چيو ۽ اوهان کي ڌنيواد آهي جو اوهان مان ڪن هن مخزن ۾ پوجيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سنبنڌ ۾ سندر ليک ۽ ڪوتائون لکي شايع ڪيون آهن. پيارا ٻالڪو، پيارئون ابيرون! شڪتي

جو هڪ ٻالڪي مونکي مليو، چيائين ته اڄ ٻوڙر هوٽ جي جدول باديءَ جي ڀورين ميٽنگ ٿيندي جنهن ۾ پيارو دادا حاضر نه هوندو. مون کيس چيو ته ائين ناهي. دادا جن اسان سان آهن ۽ اسان سان هوندا هميشه هميشه.

هڪ دفعي پياري دادا چيو ته هڪ ڀيري کي بيمار ڏٺو. سڄي سنگت کي بيمار جي ڏوريءَ ۾ ٻڌو. ڪنهن جا ٻه اوڳڻ نه ڏسو، ٻه گڻ گراهڪ ٿيو. تڏهن ڪنهن ڀيڻ ڀائيءَ دادا جن کي چيو ته جيڪڏهن ڪنهن کي سندس اوڳڻن لاءِ نه چونداسين ته اهو پاڻ کي ڪيئن سڌاريندو. پياري دادا چيو ته پيارا، توهين ڪير آهيو سڌارڻ وارا. جي توهين اُن جا سچا خير خواهه آهيو ته اُن پاءِ، پيڻ لاءِ پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو. پرڀوءَ وٽ دوڙ ڪري وڃو. پرڀو اُن جي جيون ۾ ڦيرو آڻيندو، اُن جا اوڳڻ مٽائي ڇڏيندو. توهين صرف هڪ ڀيري کي بيمار ڏٺو. بيمار ۾ بدگت ۽ سدگت ناهيو. شري ايشا جنهن وقت هيءَ دنيا ڇڏي، اُن وقت کيس ٻارهن شش هئا. انهن ٻارهن ششن ڇا نه ڪيو. اهو نه گڏجي دادل شاهه جي ڪاريه کي اڳتي وڌايون.

پڇاڙيءَ جي ڏينهن ۾ ٻوجهه دادا جن مونکي ڪيترائي دفعا چيو ته پياري پاءُ گنگارام تي ڪم جو ٻوجهو گهڻو آهي. سندس ڪجهه ٻوجهو گهٽايو. ان ڪري مان چاهيندس ته توهان مان ڪي پيارا ڪي شيوا جا ڪم پاڻ تي هموار ڪن.

ارپنه دادا جن سنگت کي اپيل ڪئي ته هي وقت آهي جو هڪ هڪ پنهنجو وقت ڏئي شيوا واسطي. سوان لوميءَ جو هيڏو ٻوڙو ڇلي رهيو آهي، تنهن لاءِ شيوڪن جي ضرورت وڏيڪ وڌيڪ آهي. ان لاءِ اڄ اسين ڏاڍم ٻڌڪ ڪولهون ٿا. زندگيءَ جو ڪجهه وقت خدمت ۾ گذاريو. خلق جي خدمت

اُهين ڏاڍو جن جيو آهي:

سڪل لانڌو تي اوهه اُتم ٽسانءِ،
ٽالڪ جهڙ گهٽ وسڻ هرناءِ.

اهو آستان سڀاڳو آهي، جت نام ڳائجي ٿو. موٽڪي خوشي آهي ته هن آستان تي ڀورين نام ڳائجي ٿو. ڪل نام سمرڻ سان گڏ سيوا جو ڪاريه ٿيندو رهي. اِها آهي پياري دادل شاه جي سکيا. ڀورين نام ٻوءِ سيوا. ڪل سمرن ۽ سيوا ۾ هميشه مشغول وڌندي رهي!

۴ جون ميران پوءِ ۾ ميران اسڪول جو بنيادي ڏينهن سمبند ۾ اُتسو آيوجت ڪيو ويو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته ۳۳ سال اڳ ۴ جون ڏينهن جو ڏهين ٻجي حيدرآباد سنڌ ۾ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ميران اسڪول آرنڀ ڪيو. پياري دادا هڪ ننڍي سان ميران وديا هلچل شروع ڪئي. اڄ ان ڪاريه تي اٽڪل اٺ ڪروڙ خرچ ٿي ويو آهي. پياري دادا ٽن نيمن تي زور رکيو- سنگم، ساڌنا، سيوا. انهن آدرشن تي هلي هرڪو اوچ منزل تي پهچي سگهندو. دادل شاه جي سمست جيون قربانيءَ تي ٻڌل هئي. دکين دردن جي سيوا پرڀوءَ جي پوڄا ڪري سمجهيائين. ڪل هيءَ ميران هلچل جڳهه جڳهانتر جڳندي رهي.

٦ مئي پوڄيه دادا جشن ڪڪي رتنا واسواڻيءَ جي گهر ۾ پڌاريا. ڪڪيءَ مٺو گيت ڳايو ۽ دادا جشن مٺو اُپديش ڏنو.

٢٩ مئي دادا جشن ماسٽر ڪوڏو سنگهه دوداڻيءَ جي گهر ۾ هليا، جت شري گرو گرنٿ صاحب جي پاٺ صاحب جو ڀوڳ پيو هو. اُتي دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته جيئن آيس، گرو گرنٿ صاحب جي چرڻن ۾ سر جهڪايم، توهان سڀني لاءِ، هن داس لاءِ آسيس پڻ! گرو گرنٿ صاحب ڪهڙو نه عجب

ڪوليو! اڳتي هلو. پياري دادا اٿين ور ور پڪاريو. ڪهڙي شڪتي ڪوليون جو اسانجي قوم اڳتي هلي. اِها اسو قربانيءَ جي شڪتي. اسان کي سڀ ڪجهه آهه. اسانجي سماج ۾ ڪيترا نه شاهوڪار آهن، واپاري آهن، هوشيار پڙهيل نوجوان آهن، پروفيسر آهن، پر اسانجي قوم کي کپن اُهي اِنسان جن جي جيون ۾ هجي قربانيءَ جي شڪتي. اُهي وٺي هلندا اسانجي قوم کي اڳتي اڳتي! اهڙو هو هڪ پرڀوءَ جو پيارو مهاتما گانڌي. سڀ ڪجھ ڪيائين لدا. هن پياري پرڀوءَ جي صدقي ڪم ڪيو. اهڙو هو پيارو دادا واسواڻي به. اهڙي هوندي ڪان وٺي پياري دادا جي جيون ۾ اِها شڪتي ڪلي. پرڀوءَ جيون جو مقصد رکيائين

نانڪ داس سدا قرباني.

اوهان به جيون ۾ قربانيءَ جو گڻ ڌاريو. سنڌي سماج جي سرڪشا لاءِ، سنڌي ساهتيه جي وڪاس لاءِ ڪجهه نه ڪجهه قرباني ڪريو. پياري دادا کي سنڌي ساهتيه لاءِ ڪيڏو نه قرب هو. هُو چوندو هو ته سنڌي ساهتيه جو روح آهي راڳ. شاهه لطيف، سچل، سامي، بيدل، بيڪس ۽ ٻين شاعرن لاءِ دادا جن کي ڪيڏي نه عزت هوندي هئي. اوهين انهن درويش شاعرن جي ڪلام جو مطالع ڪريو. جيئن جيئن ويندا اُهي ڪلام پڙهندا، تيئن تيئن توهانکي روحاني رس ايندو. نه وساريو سنڌي ٻولي، نه وساريو سنڌي ساهتيه. سنڌي قوم کي زنده رکڻ چاهيو ٿا ته ٻوليءَ کي زنده رکو. ٻولي جيئندي ته قوم به جيئندي!

٢٦ مئي ١٩٦٦ پونا جي ٻڌمجي ڪمپائونڊ ۾ لهرو ونشمو سداڻيءَ جي ٤ءَ جو مهورت ڪندي پوجيه دادا جشن جهو نه هوهي اٿر عو پوارلما سان هي ڪارڻ شروع ڪرائو لسا. ٿڙو

شل اهڙو سڀاڳو ڏينهن اسان وٽ به جلدي اچي، جو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو سپنو ساڪار ٿئي. پيار ۽ قرب سان دادا جن جو ڪاربه هلائيندا هلون.

٢ آگسٽ ٻوڄيه دادا جشن جو جنمدن هو. دادا جشن سڄو ڏينهن سانت ۾ گذاريو. دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ هوُن ٻڳيه ۽ نام ڪيرتن ٿيو.

پيارو دادا جشن هر آرتوار صبوح جو ميران هال ۾ ٻوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي واڻيءَ "ٻرپات جي پڙدي" پستڪ مان ڪونه ڪو وچن ڪڍي اُن وشيه تي پرورچن ڪندا هئا ۽ اڄ تائين اهو نيم نڀائيندا پيا اچن. ڪجهه ڏينهن بعد پونمين جي آگرهه تي هر گرووار شام جو پڻ وياکيان ڏيڻ شروع ڪيو. سوين صدقي پياري دادا جشن جو وياکيان ٻڌڻ لاءِ منتظر هوندا آهن. سندن وياکيان ۾ عجيب تاثير هوندو آهي جو دليون ڌوڏي ڇڏيندا آهن. ڪي پوئمي ته ٻمبئيءَ مان خاص دادا جن جو اپديش شرڪت ڪرڻ لاءِ ايندا آهن. سندن اپديش ٻڌڻ سان ڄڻ من جي ٻيٽري چارج ٿي ويندي آهه.

٧ سيپٽمبر جنماشٽميءَ جي پوتر ڏينهن صبوح جو ميران سٽسنگ هال ۾ هوُن ٻڳيه ۽ نام ڪيرتن ڪان پوءِ ٻوڄيه دادا جشن سفيد پوش پيدون کي اناج ۽ ڪپڙو ڏنو. شام جي سٽسنگ ۾ ٻوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو منو اپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان بعد پياري دادا جشن پرورچن ڪندي چيو:

مون گهر ڏيئڙا وسامي ويڙا،
شيام شمع ٿون ٻار!

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀيڻون! اڄ ڀڳوان شري ڪرشن شيام سندر جو جنم ڏن آهه. خوشيءَ جي موقعي تي جيڪڏهن ڪنهن کان ڪجهه گهرڻو آهه ته هو هڪدم ڏيندو

شاستر آهي. گرو گرنٿ صاحب آهي نه فقط سکن لاءِ، نه فقط خالصن لاءِ، نه فقط سنڌين لاءِ، پر سڀني لاءِ، گرو گرنٿ صاحب جو پيغام آهي سڀني قومن لاءِ، سڀني ملڪن لاءِ، سڄي سنسار لاءِ. اهو پيغام ڪهڙو؟ هڪ موقعي تي پياري دادا چيو ته گرو گرنٿ صاحب جو پيغام آهي هي:

نام جي شيوا ۾ رهو مشغول،
ته درگاهه ۾ اوهين پئو قبول.

١٩ جون آرتوار صبوح جو برادر هوڊ ايسوسيئيشن جي سهاري ميوان يوميءَ ۾ هلندڙ مگهارام ڪيملاڻي اسپتال ۾ ميٽنگ ٿي. ان اسپتال جي انچارج ڊاڪٽر سٽي ميرچنداڻي هئي. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پياري ٻالڪي سٽي، سندس آواز ۾ ڪيڏو نه سوز ۽ درد! ڪيئن نه بيمارن جي نه پيار ۽ همدرديءَ سان خدمت ڪندي هئي. ميٽنگ ۾ ڪن رايو ڏنو ته دوائن ۽ سڀني هٽن جا اگهه وڌائجن. پوءِ دادا جشن چيو ته اگهه نه وڌايو. جيڪڏهن اسپتال ۾ کوٽ آهي ته پونو ٽيڪي اچي پورت ڪندو. پيارو دادا هي ڪاري اسان کي ڏيئي ويو آهي، جي صدق ۽ شرڌا سان هلائيندا سون ته ٻاٽيڪي دادا جن مددگار ٿيندا. شل هڪ هڪ بيمار کي پيار به ڏيون. اهڙو سياڻو ڏينهن جلدي اچي، جنهن ڏينهن نه فقط دوا ڏيون، پر غريبن کي ڪاڏي لئه به ڪجهه نه ڏيون. ولايت ۾ "ميٿو برادرس" جي هڪ اسپتال آهي، جت جيڪي غريب اچن، تن کي دوا سان گڏ مدد به ڏين. سندن گهر وارن کي ڪاڏي پيتي جو سامان به وٺي ڏين. هڪ دفعي هڪ بيمار وٺي آنو، جنهن کين دوا جو بل ڏنو. پوءِ ميٿو برادرس کي خبر پيئي ته هو غريب هو ۽ اڌارا پئسا وٺي بل ڀري ويو آهي، سو يڪدم اُن کي اُهي بل جا پئسا ته واپس ڪياڻون، پر وڌيڪ پنهنجا پئسا پڻ کيس سهائتا طور موڪليائون.

ٿي ها ته اسانجي گهٽتائي ٿئي ته اسين ڪيڏو نه ڏکي ٿيون
ٿا. ان ڪري لوڪ ڏاڍو ڏکي آهن. ٻار کي سمجهايون ته ٻين
جي ڳالهين ڪري اسين ٻار ڏکي نه ٿيون. ٻار جو ڏڙدو ٻري
ٿي ته سائينءَ جي چرڻن ۾ چت لڳي. سوامي وويڪانند اڃا
ننڍو آهه ته سنت رامڪرشن وٽ آيو ۽ هن کان پڇيائين "توهان
ڀڳوان کي ڏٺو آهه؟" سنت رامڪرشن چيو: "ها! مان ڀڳوان
کي توکان به وڌيڪ نزديڪ ڏسان ٿو." سنت رامڪرشن ٻڌايو
ته ڪيئن "ٻار" جو ڏڙدو دور ڪجي. دادا جن ته وري وري
ٻنهجي اُپديش ۾ ٻڌايو ته "ٻار" جو ڏڙدو دور ڪجي. سنت
"ٻار" جو ڏڙدو دور ڪري ڪيئن نه سماڌيءَ ۾ وڃن ٿا.

هڪ سنت هڪ ڏينهن جهنگل ۾ ويٺو آهه ته سندس
ٽنگءَ ۾ اچي ٿو تير لڳي. هڪ شڪاريءَ ڀري کان سمجهيو ته
ڪو جانور ويٺو آهه. يڪدم سنت جا شش تير ڪڍڻ جي
ڪوشش ڪن ٿا، ڇو ته کين ڏاڍو سور ٿئي ٿو ۽ تير نٿو ڪڍائي.
ٿوري مهل کان پوءِ سنت سماڌيءَ ۾ وڃي ٿو. ان وقت شش
هن جو تير ڪڍي ٿا وٺن. هن سنت کي خبر به نٿي پوي.
اهڙي حالت ۾ مون پياري دادا کي ڪيترا دفعا ڏٺو. ڪراچيءَ
۾ دادا جن کي ڳانوٽ جو سخت سور ٿيندو هو. اهڙو سخت
جو سڄو ڏينهن ٽاڪوڙ پيا ڪرائيندا هئا. اهڙي سور ۾ به
دادا جن ڏنا شام جو گيتا ڪلاس ۾ اچي وياکيان ڏيندا هئا.
سڄا سارا چاليهه منٽ اٿي بيهي ڳالهائيندا هئا. کين سور جي
سڌ نه ڪين پوندي هئي. ٻنهجو ٻار وساري ڇڏيندا هئا.

شري گيتا مندر جي ڀرسان پوڄيه دادل شاهه جي پوتر
سماڌي آستان تي دادل شاهه جو سندر ٻنلو ٺهيو ويو آهي ۽
سماڌي آستان تي سهڻو سنگمرمر لڳايو ويو، ان لحاظ کان
پوڄيه دادا جن سنگت ۾ وچار ظاهر ڪندي چيو ته ان ڪاره

آهه. ان ڪري اڄ ور ور اِها پڪار ڪريون: ”شيام شمع تون پار.“ اسانجي اندر ۾ جنم - جنمانتر جي اونده آهه، اگيان آهه، هي بانڪي بهاري! تون گيان ۽ پريم جو پرڪاش اچي ڪر ته تنهنجو روشن روپ پسون.“

١٨ آگسٽ دادي شانتي واسواڻيءَ کي اوچتو اچي ڇاتيءَ ۾ سور ٿيو. گوري ورتائين، پر سور گهٽ ڪين ٿيو. اُن وقت پائو جشن سڌجهڌ جي رسوئي ڪاڻي آرامي ٿيو هو. جيئن ئي پائو جشن کي پياري شانتيءَ جي درد بابت ٻڌايائون ته پائو جشن اڌ ننڊ مان اُٿيو ۽ هڪدم فون تي ڊاڪٽر کي گهرايائين. ڊاڪٽر جي صلاح موجب پيرط شانتيءَ کي رٻي نرسنگ هوم ۾ داخل ڪيو ويو. پائو جشن ڪلاڪن جا ڪلاڪ اتي سندس ڏيک ريک ڪندو هو. جڏهن پيرط شانتي تندرست ٿي واپس وري، تڏهن ۽ پيارو پائو جشن سندس صحت جي ڪافي پرگهور لهندو هو. پائو جشن جي دل ۾ پيرط شانتيءَ لاءِ عجيب قرب هوندو هو.

١٦ آڪٽوبر آرتوار صبوح جو ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن پياري دادا جي پستڪ ”پربات جي پڙدي“ مان هينيون وچن پڙهندي پروچن ڏنو:

”ڌيان ڪرڻ آهي پاڻ وسارڻ“

پياري دادا جي مٺين لفظن ۾ ڪيڏي نه اونهائي سمايل آهه. ڌيان ڪرڻ آهي پاڻ وسارڻ. جو چاهي ته ڌيان ڪريان سو پاڻ وساري. ’پاڻ‘ جو پڙدو پربوءِ کان پري رکي ٿو. دادا جن کان هڪ دفعي پڇيو ويو ته دادا! پربوءِ کي ڪيئن پائجي؟ دادا جن چيو: ”پيارا! پربوءِ کي اسان کسان ڪجهه نه کپي. نه مال، نه ملڪيتون ۽ نه شيوائون، پر هڪ ڳالهه پربو گهري ٿو ’پاڻ‘ جو پڙدو پري ڪريون. اسانکي پنهنجو پاڻ ڏيڻو پاڻ آهي. ڪيو اسان سان رد ٿد ڪري، يا ڪو اسانجي پرخلاف

آهيون، اسانکي بچاءِ." هن پياري بروقت اُن شخص کان طوطا خريد ڪري کين آزاد ڪري اُڏائي ڇڏيا. طوطن شرط ورتي ته آزاد ٿيا. اسين به ٻوٻوءِ جي، گوديو جي شرط ورتون ته مايا جي ڄار مان مڪت ٿيون. ور ور اُچاريون:-

"گوديو! شرط تنهنجي آهيان، مونکي تونهين تار، تونهين تار!"

١٣ نومبر آرتوار صبوح جو پوڄيه دادا جشن پوڄيه دادل شاهه جي پستڪ "پرڀات جي پڙدي" مان هيٺيون وچن پڙهي پروچن ڏيندي چيو:

اَءِ پار مسافر! اندر، اندر اِڪ ديهي،
آيو ڌام الکه مان آهي، اِڪ پڪي پيهي پيهي!
ڇا پيو ڳائي؟ ٿي فدا، ٿي کجهه ڪين، کجهه ڪين!
رهه روز ٿي نماڻو، روز مسڪين دين!

هي ڪنور ڪلجڳ جو زمانو آهه، جنهن وقت مان اسين لنگهي رهيا آهيون، سو کهڙو نه سخت ۽ ڪٺن زمانو آهه! اهڙي وقت ۾ جو چاهيندو ته مان روحاني راهه ۾ هلان، تنهن کي مدد ملندي. اسين به پنهنجي جيون اهڙيءَ طرح رهون جو پياري دادا جي ساکي ڏيون. پيارو دادا اسانکي چوي ٿو: "پار مسافر ڪريو تياري! ڪريو تياري! دين مسڪين ٿي ٻوٻوءِ کي پڪاريو!"

هڪ دفعي اسين ڪراچي ڪرشت ڪدنج جي باغ ۾ ويٺا هئاسين ۽ دادا جن مٺي ڪوٺيءَ ۾ در بند ڪري ويٺا هئا. اسان هڪ ٻئي کان سوال پئي پڇيو ته پيارو دادا ڪير آهه، جنهن اسانجي دلين تي جادوگر وارو جادو لڳائي ٻاڌ ڳانهن ڇڪيو آهه! هڪ چيو "مهان ودوان آهه"، ٻئي چيو "وڏو ساهتيڪار آهه"، ٽئين چيو "فيلسوف، ٻرهمگياني، وڏو سنت آهه." اِئين اسان ٻاڌ ۾ گفتگو پئي ڪئي. اوچتو پيارو دادا

لاءِ جيڪر هڪ هڪ ٻراهمي پنهنجي هڪ مهيني جي ڪمائي ارپڻ ڪري. ٻوجيه دادا جشن جو اهو ويچار ٻڌي سيٺين ٻراهمڻ ڏاڍو پرسن ٿيا ۽ ٻه وقت ٿي وينل ٻراهمڻ پنهنجي پنهنجي پگهار ڏيڻ جي پڌرائي ڪئي.

٦ نومبر آرتوار صبوح جو ٻوجيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پياري دادا ور ور چيو ته پيارا هميشه جاڳ، وڌيڪ ننڊ نه ڪر. تون پيارا! ڪيئن رهيو آهين سدسار ۾! ايا تڪا ٻروڙ تو پاتي آهه، تڪا تلاش تو ڪئي آهه، تڪو گرو تو ڪيو آهه. نه ڪڏهن ڪامل مرشد جي چرنن ۾ ويهي تو سکيا ورتي آهه! پيارا! تنهنجا سال گذري ويا آهن مايا جي ٻرپنچ ۾. هميشه ته اچي ٻرپات ٿي آهه، انت ڪال اچي ٿو، تون ايا ننڊ جي نشي ۾ غلطان!

"رتن تياڳ ڪوڏي سنگ رچي."

ڪوڏين ڪاڻ پيا چڪر ۾ ڦرون. ننڍين ننڍين ڳالهين تي پاڻ ۾ تڪرار ڪريون ٿا. ستسنگ لاءِ وقت ڪونه اٿون. هفتي جا ١٦٨ ڪلاڪ وسري ۾ وڃون ٿا. جيڪر روز هڪ ڪلاڪ ڪامل مرشد جي قدمن ۾ ويهي نام جپيون. مرشد جي مهر مڱون، سيوا ڪريون. جيٺو نوجوان اچي ٿو گرو امرداس جن جي مزوري ڪري. گرو امرداس هن ڏانهن نهاري نهاري هن تي راضي ٿين ٿا. هن سان پنهنجي نياڻيءَ جي شادي ڪرائين ٿا ۽ کيس چون ٿا "پيارا جيٺا! گهر جيڪي گهرڻو اٿي." جيٺو چوي ٿو "گرديو! نام جو دان ڪيو." نام اٿو جيون جي جوت، جيون جو خزانو. اهو اُن کي ملي ٿو جو گروءَ جي شرڻ وٺي ٿو. پيارو داڪٽر ٻوامر هڪ دفعي درواري تي ستو هو. ڏٺائين ته هڪ شخص ڇهه طوطا پڃري ۾ کڻي پيو لنگهي. طوطن کڻ پياري ٻوامر ڏي نهاري چيو "اسين تنهنجي شرڻ ۾

جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جي مورتي رکيل هئي. پوءِ دادا جشن اُني ۽ ٻن ٽي ۽ ٽي منٽ دل ڀڄائيندڙ اُپديش ڏني کيو. دادا شيام! دادا شيام! جي ڌنيءَ جي چوڌاري گونج هئي.

٢٥ نومبر صبوح جو پوتر سماڌي آستان تي هون ڀڳيو. دادل شاهه جي سماڌيءَ جو بنيادي پٿر وڌو ويو. پوءِ دادا جشن دلسوز پرارٿنا ڪئي ۽ سڀني گڏجي "سدنان کي ٺاڪر آب ڪلوئيا، هر ڪم ڪراون آيا رام" شبد ڳايو.

پياري دادا جشن، پيرڻ شانتي، پيرڻ ستي، ڀاءُ آتما واسواڻي، ڀاءُ آنڊ رلواڻي، ڀاءُ ڀمي مهچندياڻا ۽ ٻين پرامين تقريون ڪيون وڏيون. پوءِ سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي.

٢٥ نومبر شام جي ستسنگ ۾ ڪيترن ئي شردالن دادا سادو واسواڻيءَ کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني ۽ گرو دڪشنا پيش ڪئي. ان موقعي تي پوءِ دادا جشن واسواڻيءَ دل ڀڄائيندڙ اُپديش ڪندي چيو:

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ منهنجون پياريون ڀيڻرون! اڄ اوهان جو عجيب اُنساهه ڏسان ٿو. ڪيڏي نه نرمل، پوتر اُتساهه سان ڪٺا ٿيا آهيو ۽ دل جي اندر اُٿي ٿو هڪ سوال "سڄڻ ٿون ڪٿي؟"

اکيون آج آليون، چپ نا ڪهن،
پران پران ياد ڪن، ور ور پڇن:
سڄڻ ٿون ڪٿي؟ دادل ٿون ڪٿي؟

اوهان ڪيڏي نه قرب ۽ پيار ۾ پنهنجون نماڻيون پيشانيون پياري دادا جي چرنن ۾ ارپڻ ڪيون! ڪيڏي نه قرب ۾ غريبن دکين جي شيوا ڪئي. ڪالهه شام جو رت ياترا ۾ اوهان ڪيڏي نه اُتساهه سان نام ڌنيون لڳائيندا هليا. اُن وقت مونکي ٻه آيا پياري دادا جا اکر "نام ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهه. ڪاڄڳ

هيٺ لهي آيو ۽ پڇيائين ”ٻار ۾ ڪهڙي روح رهاڻ ويٺا ڪريو!“ تڏهن مون چيو ”پيارا دادا! اسين ويٺا هڪ ٻئي کان پڇون ته پيارو دادا ڪير آهه! هاڻي توهين آيا آهيو، ٻار ٿي ٻڌايو ته توهين ڪير آهيو؟“ اُن وقت پياري دادا چيو ”پيارا! مان آهيان ڪجهه ڪين، ڪجهه ڪين! مان آهيان ٻڙو. ٻڙو معني ٻڙي، پر انگريزي ٻڙي نه، جو ته اُن جو وري ٻه 0 گول ٿيندو آهي ۽ ڪجهه جڳهه والاري ٿو. مان آهيان ”سنڌي ٻڙي“ جا آهه هڪ نقطو، جو آهه ڪجهه ڪين!

اڄ جا عاقل چون ٿا ته شخصيت وڏايو ۾ پيارو دادا چوي ٿو ته پنهنجو پاڻ گٺوايو. اسين ٻار جا ٻڙدا پاڻي پيا گهمون. اهي ٻڙدا اسانکي اونده جي اوڙاهه ۾ ڪيرائيندا. اهي پنج ٻڙدا آهن: ”وديا جو ايمان، سونهن جو ايمان، ڪل جو ايمان، عهدي جو ايمان، تن جو ايمان. وديا، سونهن، عهدو اقبال تن ٻدارت سڀ سائينءَ جون بخشيشون آهن، پوءِ ايمان ڇاجو! ان ڪري جيڪو چوڻ سکون:

سائين! سڀ ڪجهه تيرا تيرا، نا ڪجهه ميرا ميرا!

٢٢ نومبر کان ٢٥ نومبر پونا جي ميران پوميءَ ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسوانيءَ جو ٨٧ جنمدن اُتساهه اُمنگ سان ملهايو ويو. ٢٢ نومبر صبوح جو ميران سنڌي پرائمري اسڪول جي وديارٿين دادا جن جو جنمدن اُتسو ملهايو. ٢٣ نومبر پرڀات جو دادل شاهه جي ڪتبا ۾ نام ڪيرتن ٿيو. ١٠ ٻجي هون ٿيو ۽ دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو ٢٤ نومبر شام جو ٤ ٻجي رٿ ياترا شروع ٿي، جنهن ۾ دادل شاهه جي شاهي تصوير سينگاري رکي وئي. اُن رٿ کي پوڄيه دادا جن ۽ ٻيا پوڄي ڪيمپ نه ڪاهي رهيا هئا. نظارو ڏس وٽان هو. دادل شاهه پون پون جهانڪيون ۾ ڏيکاريل هيون

الهه - واڻي. ڏسو توهين ڪيئن نه دنيا جي ٻنڌڻن ڀٽڪي ڀٽڪي، سهڪي سهڪي ساهه ڏيو ٿا! دنيا ۾ رهي ڪوڙ ڳالهايو ٿا. مان شان وڏائيءَ ٻنڌڻن پيا ڀٽڪو. اها وڏائي توهان سان هلندي ڪين. وڏو انسان، ڪي ننڍو انسان، زمين ساڳي واري تو- ڇهه فوٽ. باقي سان ڪٿي ڪجهه ڪين ٿو وڃي. انڪري پياري دادا چيو ته هي چڱيو! هي چڱيو! اجا گهڻا سال پاڻ ٻنڌڻن پيا ڊوڙون پائيندا؟

"هوءَ" ڇا؟ "هوءَ" اٿوَ نئين بدارت. اهو هلندو توهان سان موت جي مسافريءَ ۾. "هوءَ" اٿوَ اهو بدارت جو نه چور لٽي سگهي، نه پاڻي ٻوڙي سگهي، نه اگني جلائي سگهي. "هوءَ" اٿو سچو خزانو نام جو خزانو، پريم جو خزانو، شيوا جو خزانو! "هي چڱو هوءَ وٺو" انهن چئن اکرن ۾ اٿوَ پياري دادا جي سکيا سمايل. نام جو بدارت وٺو، شيوا جو بدارت وٺو، غريبن دکين جي شيوا ڪريو، تن جي چرنن ۾ سر جهڪايو. نام جپيو، نام ڳايو، چرن ڪمل ڌيايو، مانک جنم سڦل بڻايو.

١ جنوري ١٩٦٧ ميران سنتسنگ هال ۾ پوڄيه دادا جڳن نئين سال جو سنديش ڏيندي چيو ته نئون سال اچي ٿو ۽ دل جي اندر اُن نئون مٺيون يادگيريون، پياري دادا جون يادگيريون!

جڏهن پوي ياد، صحبت سڄڻن جي،
فريادون فرياد، ناگهه وڃن نڪري.

جڏهن پون ٿا ياد منهنجا سڄڻ! اهي ڏينهن جي تڏهنڙي سنگ ۾ گذاريا سين، تڏهن اوچتو ئي اوچتو اندر ۾ اٿي ٿي پڪار! ڪيئن نه نئين سال جي نئين ڏينهن پيارو دادا مٺا لڳائيندو هو. ڪيرتن ڪرائيندو هو. پرساد ورهائيندو هو. ڦورون گهوريندو هو. گهنڊ وڄائيندو هو ۽ وري وري پڪاريندو هو: نوان ليو! نوان ليو! شال پراڻا ڪپڙا لاهيو!

۾ نام يوگ جي ڪيڏي نه ضرورت آهي. جڏهن نام سمرڻ اسانجي شهرن ۾ نڪرندا ۽ هري نام جي ڌوم مچائيندا، تڏهن اسانجي شهرن ۽ ڳوٺن تي آسيس ايندي. اهڙي نام جي ڌوم ڪلهه اوهان مچائي.

اڄ پرڀات جو هٿ منهن ڌوئي اچي سانت ۾ ويٺس. اهو سوال ڪٿي سانت ۾ ويٺس "منهنجا ٻاٻا! منهنجا سڄڻ! تون ڪٿي؟" اندر جي اونهائيءَ ۾ ويس ۽ اُن وقت پياري دادا جو مٺو، مٺڙو آواز ٻڌان ٿو:

آهيان ڪين پري، اکيون کول، نهار!
هن قرب جي ڪنيءَ ۾ اچي پاءِ ديدار!

اکيون کوليان ٿو. اهي اکيون جي کلن ٿيون، جڏهن هي ٻاهريون اکيون ٿين بند. اکيون کوليان ٿو ته پياري دادا جو روشن روپ ڏسان ٿو، چمڪندڙ روپ، اهو روپ جنهنجو اکرن ۾ ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي. پوءِ ڪن ۾ اهو روپ غائب ٿي وڃي ٿو ۽ اُن جي جڳهه تي ڏسان ٿو روشنيءَ جو گولو. اُن گولي مان پيئون اچن عجيب ڌارائون. هن وقت ٻه جيئن اوهانجي اڳيان ويٺو آهيان، ٻيو سمجهان ته اهي ڌارائون پيئون اچن. پيارو دادا هن وقت ٻه اسان سان آهي، ٻيو ڌارائون موڪلي. شل جهجهيون، جهپٽ سگهون. پياري دادا ١٦ جنوري ١٩٦٦ سري جو چولو ڇڏيو. اُن ڏينهن ڪانپوءِ پياري دادا جون ڌارائون وڌيڪ تيزيءَ سان اچي رهيون آهن. پياري دادا جي سکيا جي ساکي جيون ۾ ڏيو. هڪ ڏينهن پيارو دادا سکيا ڏئي ٿو "هي ڇڏيو، هو وٺو."

'هي' ڇا؟ 'هو' ڇا؟ هي اٿو دنيا جو سمورو پسارو. بنگلا ماڙيون، مال متاع، وڏائي، جن لئي سڀ سرگردان ۾ آهن. اڙائي! پيارو دادا چوي ٿو "هي ڇڏيو." چو ته هي سڀ اٿو

لوڪن سان ڳُهت ڳالهايون. ٻه وري وري اندر اندر، وچ دل مندر ويهي پنهنجي محبوب سان حال اوريون، نيڻن جو ناتو جوڙيون! جو ٻاٻوءَ سان ڳالهيون ڪري ٿو، اُن جي اندر اُلي ٿي سڪ، اُڪير، پياس. ان جون اکيون ٿين آليون. سو سهاڳو ڪيس ٻڌم اچي پياري پياليون.

شل نئين سال جي آسيس توهان مان هڪ هڪ تي ٿئي. پياري پيڙ سٽي ٽڏائي ڪيئن نه پياري دادا جو سنديش ”شيار“ پترڪا ڏواران پهچائي رهي آهه. اها پترڪا سون کي سجاڳ ڪري ٻاٻوءَ جي راهه ۾ چڪي رهي آهه. شل ان پتر تي ۽ پاڪن تي به ٻاٻوءَ جي آسيس ۽ پياري دادا جي مهر چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

١ جنوري دادا جشن کي هريجن ڪالونيءَ ۾ ڪوٺ ني. دادا جشن سنگت سان گڏ هريجن ڪالونيءَ ۾ پڌاريو. اُت هريجن ڀائرن ڀيڻن ڀڄن ڳايا. هون پڄيه بعد دادا جشن هريجن ڀائرن ڀيڻن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته اسين سڀ ڀارتواسي آهيون، ڀارت ماتا جي سنتان آهيون، ڀارت ماتا جي ڄم ڄمايون. مان گجراتي، مان مدراسي، مان بينگالي، مان مرهٽو اهي ويچار وساريون. اوچ نيچ جو ڀيد مٽايون، هڪ ٻئي کي گلي لڳايون. اڄ توهان جي چرڻن ۾ هڪ وينتي رکان ته جيئن اڄ توهان مان ڪن مٺا ڀڄن ڳايا، تيئن روز ٻاٻوءَ جا گيت ڳايو. پرارٿنا ڪريو. ڀلي هرڪو پنهنجي سهوليت انوسار پنهنجي گهر ۾ ڪري. توهان تي ٻاٻوءَ جي وڏيڪ آسيس چمڪندي.

٨ جنوري ميران اسڪول ۾ سنڌي سيمينار جو آيوجن ڪيو ويو. دادا جشن مهورتي تقرير ڪندي چيو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ امولڪ خزانو آهي فقيرن درويشن جي باڻي. انجو اڀياس ڪريو. سنڌي ٻولي انهن شيڊول ۾ اچي ٿي ان لاءِ مبارڪ.

نوان وسترَ پاتو! پراڻا وڳار جلايو! نئين جوت جڳايو! سوارٿ کي ٻوڙيو! نئين سڪ، نئين اُڪير ۽ پريو سان نئون ناتو جوڙيو! نوان ٿيو!

نوان ڪيئن ٿيون؟ اِڪ ڏينهن اهو سوال پياري دادا جي چرنن ۾ رکيم ۽ پياري دادا چيو ”منهنجا ٻالڪ! جي نئون ٿيڻ چاهين ته سانت جو سادن اختيار ڪر! روز ڪجهه وقت سانت ۾ گذار! شروع ۾ ڏسندين ته مَن آهه چنچل، پيو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي. پر پيارا! تون سانت ۾ وهندو ڪر. اِڪ ڏينهن هي چنچل مَن استر ٿيندو. ٻوڙون پاڻي ٽڪبو. دلگير نه ٿيءُ. مَن استر ٿيڻ سان دل صاف ٿيندي ويندي. پڙدا ٿيندا پري. تون ڏسندين اسرار، پسندين ڪيئن نه جڳت جولي ٻيٺي تو ۾ ۽ مون ۾ پري. هي سال آهه وڏن وڏهن جو سال. هن سال ۾ ڪيڏي نه آسيس ايندي اُنهن تي، جي پنهنجي جيون جو جهاز ڪندا اِڪ پريو جي حوالي:

هيءَ جيون جي ٻيڙي ڪيم تو حوالي،
ڪپتان منهنجا، پار پهچاءِ.
مينهن وسن پيا، طوفان لڳن پيا،
سڄڻ سائين منهنجا، ڪناري لڳاءِ.

اسين روز ڪيترو نه ڳالهايون ٿا، پر فضول. اسان ڪيترا اکر اجايا، ڪيتري شڪتي وڃايون ٿا. جيڪر گهٽ ڳالهايون. سچ ڳالهايون، مٺو ڳالهايون ۽ سانت ۾ ڪجهه وقت گذاريون. هي ننڍڙو سادن استعمال ڪريون. اسان جي جيون ۾ وڏي تبديل اچي ويندي. شري ايشا کي هڪ نوجوان چيو، ”سائين، مونکي ڪو سولو سادن ڏسيو، جيئن منهنجي روحاني اُنتي ٿئي.“ شري ايشا چيس ”ماڻهن سان گهٽ ڳالهاءِ، پريو سان وڌيڪ گفتگو ڪر.“

هڪدم ڀڳهوجي پوندي آهي. هڪ ڏينهن دادا جشن پونا جي
ٻاهرين جي آشرم ۾ هليا. اُتي ڪيترا ٻار ويچارا منڊا ٽنڊا،
هٿن ڪان هلاڪ، ڪي لولا لنگڙا. ڪين دادا جشن پنهنجي پوتر
هٿن سان ڪاڌو کارايو. ٽول ڏنو. انهن ٻالڪن جي حالت ڏسي
پياري دادا جي دل پوڄي آئي. سڀني اکڙين مان همدرديءَ
جا آنسون ٽپڪڻ لڳا. اُن وقت دادا جن ماڻهو موڪلي
بلئنڪيٽس گهرايا ۽ انهن ٻاهرين ٻارن کي بلئنڪيٽس ڏنا.

پوڄيه دادا ساڌو واسوائڻيءَ جي ورسي اتسو سمبند ۾
١٦ جنوري ١٩٦٧ع صبوح جو ميران هال ۾ هوڻ يگيه ڪيو
ويو. سفيد پوشن جي شيوا ڪئي وئي. شام جي ستسنگ ۾
ڪيترن پيارن پوڄيه دادا جن کي شردانجلي ڏني. پوڄيه دادا
جشن واسوائڻي پاوپيدي شردانجلي ڏيندي چيو ته اڄ منهنجي
دل ڀريل آهه. اِن ڪري گهڻا اکر اُکلڻ ڪين ٿا. اڄ اوهان
کي ڇا چوان؟ ويو سال گذري! هن وقت منهنجي دل جي
ستار تي، تند تار تي پيو اُٿي هڪ نئي سر، هڪ نئي آلاپ.
منهنجي روح جو رباب پيو ڳائي اِڪ نئي راڳ:

مدون مونکي آئيون، تون نه مونٽين هوت.

اڄ صبوح جو سوپل پرڀات جي پڙدي ۾ جاڳه ٿي. اکيون
کوليم ۽ پياري دادا جو ڪمل مکڙو ڏٺم. اُن مکڙي ۾ ڪيڏي
نه سونهن، ڪيڏو نه چمڪو، ڪيڏي نه جوت! تيئن ازغيبي
دل جي اندر آيا هي اکر:

مدون مونکي آئيون، تون نه مونٽين هوت،
دم دم آهه دل کي لڳي لنهنجي چوٽ،
هاڻي موٽ منهنجا گهوٽ، نه ته ٿوري وينده وسامي!

اِها پڪار ڪٿي سائنت جي اونهائيءَ ۾ ويس. اندر اندر وڃ
دل مندر. پوءِ ڇا ڏٺم؟ اِهو نظارو منهنجي اکين اڳيان اڄي

سنڌي ٻوليءَ تي سنتن درويشن جي آسيس آهه. انهن جي
ڪلامن، ٻاڻيءَ ۽ راڳن سنڌي ٻوليءَ جو ساهتيه زندهه رکيو آهه
اوهان ايڪتا ۽ حليمائيءَ سان سنڌي جاتيءَ جو شان بلند رکو
١۴ جنوري پونا لائنس ڪلب جي گولڊن جبلي اُتسو
ٻوجهه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته لائنس ڪلب دوارا
جيڪر ڪيتري نه سيوا ٿئي. پياري دادا واسواڻي سيوا باب
چيو ته سيوا ڪرڻ سانت ۾، ڪڏهن به گوڙ شور ڪانسواءِ. سيوا
ڪرڻ نمرتا ۾، ائين نه سمجهو ته جن جي توهان سيوا ڪري
ٿا، اُنهن تي ڪا مهرباني ٿا ڪريو. پيار ۾ سيوا ڪريو. ٻيهڄي
هٿن سان سيوا ڪريو. ٻڪين پسن جي سيوا ڪريو. اهي
اسانجا ڀائر آهن. پيارو دادا وري چوندو هو ته ٻڪي پسو
۾ اتو ٻرپوءَ جا پيارا ٻراني. انهن جو ماس نه کائو. هڪ دفعي
هڪ بالڪي دادا جن وٽ آئي ۽ چوڻ لڳي ”پيارا دادا
مان اوهانجي آگيا انوسار مانس آهار جو تياڳ ڪيو هو، پر هاڻي
ساڳون ڀاڄيون کائي کائي رس نٿو اچي. مونکي جيڪر موڪ
ڏيو ته مان وري مانس کائڻ شروع ڪريان.“ پياري دادا هڪڙ
هڪ چاڪو گهرائي اُن بالڪيءَ کي ڏيندي چيو ”توکي مانس
کائڻ تي دل لڳي آهي ته هن چاڪوءَ سان مهنجي بدن ما
جيڪو ٽڪرو توکي کپي اوترو ڪپي، وڃي رڌي کاءُ.“ اهـ
ٻڌي بالڪيءَ جي هٿن مان چاڪون ڪري پيو. سندس
اکڙين ۾ آنسون اچي ويا ۽ دادا جن کان معافي وٺندي چيائين
”بس اڄتي مان ڪڏهن به مانس ڪين کائينديس.“
مهنجا پيارا ڀائرو، پيارئون ڀيڻرون! هسڪ ڪاڏي ڪا
ٻري رهو. اسانجو فرض آهي ته انهن ٻڪين پسن جا رکشڪ
ٿيون نه ڀکشڪ.
ڪڏهن به ڏکيءَ جو ڏک ڏسي پياري دادا جشن جي نـ

سڪ سوز دل جو، درد دل جو، جهڙڪي آهه أنڪي آهه
جڳني. ان لاءِ ضروري آهه ته علم عقل جي ڳالهين کان پري رهون.
هڪ ڏينهن مون رستي تي ٻن ڄڻن کي بحث ڪندو ڏٺو. ٻاڻ
۾ "ايڪو اونڪار" شبد جي معنيٰ تي بحث پئي ڪيائون.
تڪ ڪندي ويا گرم ٿيندا. نيٺ ڪاوڙ ۾ هڪ ٻئي کي ڌڪ
هڻڻ لڳا. اهي ٻئي علم ۾ اڙيل هئا. پياري دادا سيکاريو ته
جي علم ۾ اڙيا، سي ڀڳتيءَ جي چاڙهي کين چڙهيا.

۽ هنن کي ڏٺا ته هڪ پيرط مونکي گڏي ۽ چيائين ته دل
۾ رکي اٿم ته توهين گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ جو ڀوڳ
پائو ٿا، ان وقت ڪيترا اچن ٿا، جن جا من اگهاڙا آهن. مون
پيرط کي چيو ته تون ٻين جي من جو خيال نه ڪر. تون گرو
چرنن جو ڌيان دل ۾ ڌار. مذهب جي مونجهن کان پري ٻار.
پياري دادا سيکاريو ته علم عقل ۽ مذهب جي مونجهن کان پري
رهو. دل اندر پياس، سڪ سوز اٿاريو. ڳلن ڳوڙها ڳاڙيو. پريتم
جو نام اچاريو دل جي اونهائيءَ مان. پريم سان پڪاريو:

هيءَ جند، هيءَ جان، اِڪ اِڪ پران،
پريتم! تنهنجي تولان قربان!

۲ مارچ سوموار ڀوميءَ ۾ اٽڪل ۴۵ کن سورداسن کي
گهرايو ويو. انهن مان ڪن ڏاڍي پريم سان ڀڄن ڳايا. کين
ڀوڄن ڪارايو ويو ۽ پوءِ پوڄيه دادا جشن کين خرچي ڏيندي
چيو ته پرڀوءَ کي نه وساريو. سنت سورداس ڀڳوان شري ڪرشن
جو اننيه اپاسڪ هو. هن شري ڪرشن جي ڪيڏي نه مهما
ڳائي آهه. اوهين به پرڀوءَ جا گڻ ڳائي جيون سڦل ڪريو. روز
پاڻ ۾ گڏجي ڪيرتن ڪريو. جيئن جيئن نت نيم توهان ڪيرتن
ڪندا ويندا تيئن توهانکي عجيب آنند جو انڀو ٿيندو.

پوڄيه دادا سادو واسوانيءَ جي سندر پتلي ٺاهڻ جو
ڪم بمبئيءَ جي پرسڌ سنگتراش شري واگهه کي سپرد ڪيو

ڏٺو، جو نظارو اڄوڪي ڏينهن اُٺين سال اوهان ڏٺو. هن ٻولو
سماڌي آستان تي ڪانئين جا ٻڌل، جن مان ٻيٺي آڳ نڪري،
اگنيءَ جون ڄڀون ٻيٺون مٿي چڙهن. اگنيءَ جي ٻاڙهين ڄڀن،
لال ڄڀن مان نڪري اچي ٿو پيارو دادا، نوجوان دادا. پياري
دادا جي سرير تي آهن وستر اگنيءَ جي رنگ جا. پياري دادا
جو مکڙو پيو چمڪي. پيارو دادا چوي ٿو ”مان هليو ڪين
ويو آهيان! مان آهيان اوهان سان. مان هوندس اوهان سان
هميشه هميشه.“ اُٿو! اُٿاريو! نهاريو! روح تي رنگ چاڙهيو!
نياس جو رنگ، پيار جو رنگ، سيوا جو رنگ، ديا ۽ نمرتا جو
رنگ. ٻوءِ هرهنڌ اوهان سدا محبوب جو مشاهدو. سنت
ڪبيرداس چوي ٿو:

لالي ميري لال ڪي، جت ديکون تت لال،
لالي ديکن مين گئي، تو مين ڀي هو گئي لال.

جيڪو ان رنگ ۾ رڱجي وڃي ٿو، اُهو آنش جو اِنسان
سڀني ٻراڻين کي پيار ڪري ٿو، نمرتا ۽ نشڪام ڀاونا سان
دکين دردمن جي شيوا ڪري ٿو. سنسار جا ڪم ڪاريون
ڪندي چت جي ورتي ڇوواهه لي ڪلاڪ مالڪ سان جوڙي
ٿو. شل اهڙو رنگ اسان مان هڪ هڪ تي چڙهي جيئن پياري
دادا سانڌو واسوانيءَ جي سکيائن جي ساکي ٻڌهڻي جيون
۾ ڏيون.

١٦ فيبروري آرتوار صبوح جو نوجيه دادا جڳن اُپديش
ڪندي چيو ته جيون جو اوم اُدارف آهه ٻکتي. انڪري ٻکتي
حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪرايو. ٻکتي ڪيئن ملي؟ پياري
دادا سيکاريو ته جي ٻکتي چاهين ته:

علم ۽ عقل کان پنهنجو لون يار،
دل جي اندر سڪ سوز آڻ يار.

وقت کهڙو پڪل آهن، شهر پڪل آهن، قومون پڪل آهن. همت، صابتاي ۽ شيوا سان وري پڪل ڀارت کي اوهين نئون بڻائي سگهندئون. پياري دادا ساڌو واسوانيءَ پنهنجو هيڏو وقت تن من ڌن ميران ڪاليج لاءِ ڏنو. ان لاءِ ته ڀارت جون ڪنيائون سچيون ديويون بڻجن. سچي وديا خالي لکڻ پڙهڻ ۾ نه آهي. وديا آهه روشني ۽ ڪاليج آهه پوتر وايو منڊل جو استان. پڀوءَ کي ملڻ جو رستو آهه شيوا جو. جو ته اهي دکي ۽ مسڪين آهن ايشور جون پڪل تصويرون. سچو ڌرم گهمڻ وڃائڻ ۾ ڪين آهه. پر سچو ڌرم آهي دکين دريدرن جي شيوا ڪرڻ ۾. پاڻ وٽ جيڪي آهي، سو ٻين سان، مسڪينن سان ونڊڻ ۾ ئي سچو ڌرم آهي.

١٨ جون پوڄيه دادا جشن ڪن برهمڻن سان گڏ سنت تڪارام جي آستان ديهو ڳوٺ ۾ آيا. اُتي مندر جو درشن ڪري غريب ڳوناڻن جي شيوا ڪئي. دادا جن ڪين خوب ڌول ڏنا.

٩ جولاءِ سماڌي ستسنگ ڪان پوءِ پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ ايمپريس باغ ۾ ويا. اُتي آنند جو وايو منڊل هو، ايڪانت هئي. دادا جن روح رهاڻ ڪئي ۽ پاڻون پيدون ”هري ڪرشن، هري رام، دادا شيام“ جي ڌني لڳائي.

٢١ جولاءِ گرو پورنما جي پوتر ڏڻهن سوين صدقي آيا، جن سماڌي آستان تي پوڄيه دادل شاهه جي مورتيءَ کي پرڻام ڪري پياري دادا جشن جي آسيس ورتي. پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته جيئن وهدوار ۾ گروءَ جي ضرورت آهه، ليئن آڌياتمڪ اُنتيءَ لاءِ ستگروءَ جي ضرورت آهي، جو پڀو کي اونده جي اوڙاهه مان ڪڍي روشنيءَ جي راهه ۾ آڻي ٿو. شري گرو گرنٿ صاحب ۾ گروءَ جي ڪيڏي نه مهما ڳايل آهه:

ويو. شري واڳهہ پياري دادا جي پتلي جو ماڊل ٺاهي تيار ڪيو. اهو ماڊل ڏسڻ لاءِ پوڄيہ دادا جشن واسواڻي، دادا گنگارام ساجنداس ۽ سنگت سان گڏ بمبئيءَ روانا ٿيا. دادا جن سنجهہ جو ١٢ بجي الهاسنگر پولا مندر ۾ پڌاريا. پولا مندر جو درشن ڪري دادا جن سنگت سان گڏ سنجهہ جو ٣ بجي بمبئيءَ پهتا. پوڄيہ دادا جشن، دادا گنگارام ۽ ٻين ڪلاڪ کن دادل شاهہ جي پتلي جو نهيل ماڊل پئي ڏٺو ۽ شري واڳهہ کي صلاحون ڏنائون. موٽندي شري ساڌ ٻيلا جو درشن ڪري پونا ڏانهن واپس وريا.

٣٠ مئي منگل ڏينهن صبوح جو سماڌي ستسنگ بعد پوڄيہ دادا جشن سنگت سان گڏ سنت گيانيشور جي آستان آلنديءَ ڏانهن روانا ٿيا. ”هري ڪرشن هري رام، دادا شيام! دادا شيام!“ جي ڌني لڳائيندا اچي سنت گيانيشور جي مندر ۾ پهتا. اتي پوڄيہ دادا جشن ڪيترن ئي غريبن کي پنهنجي هٿ سان پوڄن ڪارايو. کين ڪپڙا ڏنا ۽ سڀ ڪان وڌيڪ کين پنهنجو پيار ڏنو.

٤ جون ميران اسڪول جي ٻوٻا ٽيڪ جو ڏينهن هو. هون يگيہ ۽ شاسترن جي پاٺ بعد پوڄيہ دادا جشن چيو تہ ٣٤ سال اڳ حيدرآباد سنڌ ۾ اموست ويلي هڪ مهر جي لهر آئي. ميران وديا هلچل جاري ٿي. ميران وديا هلچل فقط نندڙن بالڪن بالڪين لاءِ نہ ڪلي، پر وڏن لئہ بہ ميران وديا هلچل پياري ساڌو واسواڻيءَ هلائي. شل اسين بہ ميران وديا هلچل جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون- پوتوتا ۽ پوارٿنا، سادگي، سيوا، سچائي سنيهہ جا گڻ اپنايون. پياري دادا جو سپنو ساڪار ڪريون

١٥ جون ڪاليج جي پهرين ڏينهن ڪاليج جي بالڪن اڳيان پرنسپال دادا جشن واسواڻي ٽوڪيو ڪندي چيو تہ هر

وڃن ٿا. مان ڪاليج ۾ پڙهندو هوس. هڪ نماشام جو دادا جن جي چرنن ۾ ويٺو هوس. پياري دادا کان پڇان ٿو ”پيارا دادا! ڇا ڪريان جو روحاني راهه ۾ اڳتي وڌي سگهان؟“ پياري دادا چيو ”بالڪ! ڀورين ٻڌڻ سک. سنتن جي باڻي ۽ سنتن جا وچن ٻڌڻ سک.“ اسين ٻڌون ٿا پر ٻوڙا آهيون! سچيءَ طرح نٿا ٻڌون.

هڪ دفعي هن هال ۾ دادا جن لائوڊ سپيڪر تي ڳالهايو، جنهنڪري سڀ ٻڌي ٿي سگهيا. اُپديش کان پوءِ دادا مٿي پنهنجي ڪوٺيءَ ۾ هليا ۽ ڪي ڀائر پٺيان به هليا. مون پياري دادا کي چيو ”دادا! توهان اڄ ڪهڙو نه مٺو اُپديش ڏنو. ڪيترين دلين کي آنند آيو!“ پياري دادا مشڪندي چيو ته هنن کان پڇ ته اُپديش ۾ ڇا ٻڌائون؟“ تڏهن مون هڪ ڀاءُ کان پڇيو ته پياري دادا اڄ ڪهڙو اُپديش ڏنو. اهو ڀاءُ وائڙن وانگر نهارڻ لڳو. وري ٻئي ڀاءُ کان پڇيم، اهو ڪياڙي کنهڻ لڳو. وڏي ڀيڻ کان ساڳيو سوال پڇيم، مگر ڪنهن به جواب ڪين ڏنو. ستسنگ ۾ بيٺڪ سندن سرير ويٺل هئا پر سندن من هوائي جهاز ۾ چڙهي اڏاڻا!

افسوس! اِها آهه اسانجي من جي حالت! الائي اسانجا وچار ڪٿ ڪٿ پيا ڊوڙن! هن ستسنگ ۾ ڪهڙا نه مٺا گيت درويش سنتن جا پيا ڳائجن، پر اسين ٻڌون ڪين ٿا. اسان جا من الائي ڪهڙن وچارن ۾ پيا ڊوڙون پائين! سياڻو سو اِنسان آهه، جو ٻڌي ٿو. اهو ساري سرشٽيءَ جي ڪڻي ڪڻي مان ڪرتار جو آواز ٻڌو ٻڌي. شل اسين ٻڌڻ سکون! اسين ٻڪوادي ٿي پيا آهيون، ڪيئن نه پنهنجي ڪوڙي زبان سان ٻين کي رنجايون ٿا، ٻين جي دل ڦٽيون ٿا. ڪهڙا نه اڄايا سڄايا گفتا زبان مان ڪڍون ٿا. ان ڪري ڳالهايون گهٽ ۽

ست گور سک ڪي ڪريءَ ٻرنپال،
شيوڪ ڪم گـور سدا دئيال.

ڪيترا سال ھن ڳالھ کي ٿيا. مون ڏاڍا ساڌن نيم پالن ڪيا، پر پراپت ڪجھ ڪين ٿيو. ڪوشش ڪيم ت روحاني راھ ۾ اڳتي اڳتي قدم کڻان، پر وريو ڪين. ھڪ رات روئي روئي پريوءَ کي پڪاريم ت پريو! مون ۾ ڪا اُميد آھ يا ن؟ اِھو سوال دل اندر کٽي نعب ۾ ويس. نعب ۾ سپنو ڏسان ٿو. سپني ۾ ڏسان ٿو ت سمنڊ جي لھرن ۾ پيو لڙھان ۽ پيو پڪاريان: "آھي ڪو، جو بچائي؟ بچائي؟ ٻڏان ٿو." اُن وقت ڇا ٿو ڏسان؟ پيارو دادا لھرن جي مٿان بيٺو آھ ۽ مون ڏانھن نھاري چوي ٿو "پيارا! تون ڊڄ ن، مھنجي پيرن کي ڇنبڙي پئ ت پوءِ ساڳر مان لنگھي پوين پار." مان ھڪدم پياري دادا جي پوتر چرڻن کي وڃي پڪڙيو ۽ دادا مونکي ڪناري تي وٺي آيو.

مھنجا پيارا ڀائرو، مھنجون پياريون ڀيڻون! توھان ن ڪڏھن ن ڪڏھن ستپرک جا چرڻ پڪڙيو، شرڻ وٺو، جو توھان کي نام جي نؤڪا ۾ چاڙھي ھن ڀؤساگر جي پيڙ مان پار لنگھائي.

آرتوار ١٦ جولاءِ صبوح جو دادا جشن دادل شاھ جي باڳيءَ "پرڀات جي ٽڙدي" مان وچن ورتو:

ٻڏين ڪين ٿو، پل پل آھ پيارا!
وڃن جي پيا وھدم جا نعارا!

دادا جشن پروچن ڪندي چيو ت پيارو دادا ھن مٽي وڃ ۾ کھڙو ن سدا اُبديش ڏئي او. گرو جي ان ٻتڻ کي ڪولس نا ستڻ. شري گرو نانڪ شري جپ صاحب ۾ چوي ٿو:

"سڻيئيءَ دوک پاپ ڪا ناس"

نام سڻڻ سان سڀ ڏک دور، ڪشٽ ڪلمش ناس ٿي

سڌيا جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو تہ اڄ مون ٻئي ٻاڙ کان سوال پڇيو آهي تہ اِنسان ڇا آهہ؟ اهو سوال ڪيترن ودوانن ستپرکن ٻڌوءَ جي پيارن، پڪتن وقت بہ وقت ٻئي پڇيو آهي تہ اِنسان ڇا آهي؟ اِنسان آهہ پکيڙو پرديس جو. اُڏامي اُڏامي اچي هت اچي ويٺو آهہ! پر هت رهندو فقط ٿوري وقت واسطي. اسان مان هڪ هڪ آهي پکيڙو. سنسار جي ورکہ جي ڪنهن نہ ڪنهن ٽاريءَ تي اچي آکيرو اڏيون ٿا. ڪي سال ان آکيري ۾ گهاريون ٿا. پوءِ سڏ ٿئي ٿو ۽ پوءِ پنهنجا پر پکيڙي اُڏامي وڃون ٿا، گم ٿي وڃون ٿا. اِنسان هن پرٿويءَ تي اچي پاڻ کي وساري ڇڏيو آهہ!

اَءِ پيارا! تون استول شرير ڪين آهين، پنجن تتن جو پتلو ڪين آهين. خاڪ مٽيءَ جو گهر تون ڪين آهين. تون تہ آهين اُهو، جنهن هن شرير ۾ اچي نواس ڪيو آهہ. تون تہ آهين پکيڙو. بيدل فقير چوي ٿو:

ٻول پکي پرديسڙا، تون ڪهڙي ديسون آوندئين؟

اَءِ پيارا! هت مايا منڊل ۾ اچي، مايا جو نشو پي پنهنجو نج ديس تو آهہ وساريو ۽ هت اوندهہ ۾ پيو ٽاڪوڙا هڻين! اکيون کول تہ توکي پروڙ پوي تہ تون ڪير آهين. تون هن پرٿويءَ جو جيو ڪين آهين. تون تہ آهين آڪاش جو پکي، ازل پکي.

اِها پڪار اچي سنت ستپرک اُتارين ٿا ۽ سڀاڳو سو، جو اِها پڪار سڻي ٿو ۽ چوي ٿو تہ مان اهو ڪين آهيان، جو پاڻ کي پيو سمجهان. من اندرين جي اڻ هيٺ اچي، ٿوري سواد خاطر پيو دنيا جو غلام ٿيان. مايا پيٺي مونکي روز نچائي. مايا جو غلام ٿي پيو آهيان. پر مان غلام ڪين آهيان. منهنجو اصل ۽ نسل تہ اوچو آهہ. پيارو دادا سادو واسواڻي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

منو ڳالهايون ۽ سنتن سنتپرکن جا وچن ۽ واڻي ٻڌي اُن جـ
مٿن ڪريون ۽ مٿن کان پوءِ ندياسن ڪريون.

ڊاڪٽر گهنشيام رلواڻيءَ جي پتنيءَ ڊاڪٽر سنيلا پو
ڪواٽر گيٽ ۾ رهيو ويو گهر کوليو. اُن ويو گهر جو مهورت
ڪندي پوڄيہ دادا جشن چيو تہ جيڪي بہ بالڪ هت پيدا
وٺان اچن، شل اهي نام جي واهو مندل ۾ اُسرن اُڀرن. بالڪ
ئي آئينده جي اميد آهن. شل هن ويو گهر تي پوڄيہ
دادل شاهہ جي آسيس چمڪندي رهي.

٣١ جولاءِ دادا جشن جي جنمدن اتسو سنبند ۾ ميران
ڪاليج جي سنڌي ائسوسيئيشن ۽ هاسٽل جي بالڪين اتس
جو آيوجن ڪيو. شروع ۾ پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ پوڄيہ داد
جشن ۽ دادا گنگارام ساڄنداس جو هارديڪ سواگت ڪيو
بالڪين دادا جن جي چرنن ۾ ڪيترين ئي سوکڙين پيش
رکيون. ان موقعي تي دادا جشن اپديش ڪندي چيو تہ داد
سادو واسواڻي جڏهن ولايت ۾ هو تڏهن هڪ بالڪيءَ دادا جـ
کي هڪ گل ڏنو جنهن جو نالو هو 'Forget me not' 'مونکي
نہ وسار'. مان بہ توهان کان ان گل جي سوکڙي ٿو گهران. شـ
توهين شيوا ڪريو، سمرن ڪريو ۽ مانکہ جنم سڦل ڪريو
اوهان پيار وچان هن جي فراڪ ۽ ٻيون سوکڙيون ڏنيون آهـ
سي غريب ٻارن ۾ ورهايو.

٢ آگسٽ صبوح جو ميران پوميءَ ۾ ميران اسڪول جـ
هزارن ٻارن پياري دادا جشن کي مبارڪون ڏيندي آسيـ
ورتي. دادا گنگارام ساڄنداس پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ جـ
انگريزي ڪوتائن جو مجموعو "Tear Drops" شايع ڪيو. دادا
جشن نہ صرف سنڌيءَ ۾ مگر انگريزيءَ ۾ پڻ گيت لکيا آهـ
جن ۾ درد ۽ سوز آهي.

جي سگھيائن جي ساڳي جيون ۾ ڏيان ۽ ڏيندو رهان. توهان
مان ڪيترن ئي داس کي جنمدن جون سوکڙيون ڏنيون، سي
مون پياري دادا جي چرڻن ۾ رکيون. جيڪي آهه سو پرڀوءَ
جو، منهنجي گرديو جو. مان ته آهيان ڪجهه ڪين! ڪجهه
ڪين! آسيس ڪندا.

٣ آگسٽ ٻوڙ سماڌيءَ جي ستسنگ کان پوءِ اوچتو ئي
دادا جشن ۽ ٿورا ستسنگي ڪمات هائوس ۾ دادا گنگارام
ساجنداس جي گهر ويا. دادا گنگارام جي ڌرمپتنيءَ لڇميءَ
جلدي ڪاڌو تيار ڪيو، ڀورڻ سيتي گڏجي نام ڪيرتن ڪيو
۽ پياري دادا جشن روح رهاڻ ڪئي. اُن بعد دادا جشن سيتي
ستسنگين سان گڏجي ڀوڄن ورتائو.

١ آڪٽوبر صبوح جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پروچن
ڪندي چيو ته هن هفتي ٻاپوءَ جي پياري اِندي بيسنت جو
جنمدن آهه. هيءَ هڪ عجيب استري ٿي گذري آهه. هنجي
جيون ۾ ڪيئن نه ڦيرو اچي ٿو. اُتلي ولايت جي ملڪ ۾ هن
جو جنم ٿيو ٿو. هن کي آواز اچي ٿو ته ڀارت ۾ وڃي رشين ۽
سنتن جو پيغام پکيڙ. سندس ڪتب جا ڀاتي ڪيس جهلين ٿا
ته نه وڃ، پر هيءَ سائينءَ جو سڏڙو اوناڻي اچي ٿي. هن ڪيترا
ئي امولهه پستڪ لکيا. شريمد ڀڳوت گيتا جو انگريزيءَ ۾ ترجمو
ڪيائين. هن ٻاپوءَ جي پياريءَ کي ٻالهائڻ جي ۾ عجيب ڏات
هوندي هئي. ٻالهائيندي هئي ته دليون ڏوڏيندي هئي. پيارو
دادا جڏهن ڇهون درجو پڙهندو هو تڏهن حيدرآباد سنڌ ۾
اِندي بيسنت جو وياکيان ٻڌائين. پياري دادا ٻالهه ڪئي ته
ليڪچر ٻڌڻ ڪانپوءِ مان پنهنجي گهر ڪوليءَ ۾ وڃي در بند
ڪري ٻاپوءَ کي پرارٿنا ڪرڻ لڳس ”اي ٻاپو! مونکي نه
ٻالهائڻ جي اهڙي بخشش ڪر جو داس ٻرداس وڃي تنهنجو

آهين پاڻوي تون نسل نا وسار،
ڏوري لماڻي رکه سچ سان پيار.

منهنجا ٻارا! تون ڪير آهين؟ تنهنجو اصل ڪهڙو؟ نسل ڪهڙو؟ تون تہ شاهن جي شاهہ جو بالڪ آهين. پاڻ پڇاڻ.

اڪ رات مان رستي جي وچ ڏسان ٿو تہ هڪ ماڻهو ڪريو پيو آهہ. سندس نزديڪ وڃان ٿو، نهاريان ٿو، ڪيس سڃاڻان ٿو. اِڪ شاهوڪار ماڻهوءَ جو پٽ آهہ، پڙهيل آهہ، سندس پنا وڏو زميندار آهہ، مون کي عجب لڳي ٿو. هي ٻيارو هت رستي تي ڇو سمهيو پيو آهہ. ڪيس ڏولڏاڙيان ٿو، ٻڌي نٿو. سندس نزديڪ وڃان ٿو ۽ ڏسان ٿو تہ سندس مکہ مان شراب جي بانس پيئي اچي. هن ٻياري شراب پيتو آهہ، مايا مدبل ۾ اچي پنهنجو اصل نسل سڀ وساريو آهہ. افسوس! اسان مان ڪيترا نہ مايا جي نشي ۾ ٻران چڙهن ٿا. اسان کي ٻروڙ پوي ڪين تہ اسين ڪير آهيون. الڪوي سدت سنچرکہ ور ور هڪ ٿي آواز اُٿاريان ٿا: منهنجا ٻيارا! تون جاڳ، ٻروڙ پاءِ تہ ڪير آهين؟ تون تہ آهين ٻکيڙو پرديس جو، پنکہ ڪول تہ تون اُڏامي هلين پهچين نج ڌام، امر ڌام.

اج جيڪو هي هڪ ويچار پاڻ سان ڪڻي وڃون تہ اسين آهيون ٻکيڙا ۽ اسانجو نج وطن آهہ جوت منڊل، جت جوت جڳي اڀناسي. اِهو جوت منڊل، اِهو نج وطن پيو اسانکي سڏي، ۽ اسين مايا جي گوڙ شور ۾ اِهو سڏ نٿا ٻڌون.

هنسا، ڪهو ٻرالن پاس!
ڪوڻ ديس سين آيو هنسا، اُڙڻو ڪوڻ گهاٽ!

منهنجا پيارا ڀائرو! پيارئون پيدرون! پياري دادا اسانکي ور ور اِهو پيغام ڏنو تہ جاڳو! جاڳو! ۽ اسين اڃا سمل آهيون. داس تي اهڙي آسيس ڪندا جو سڄائي اجهي ۽ پياري دادا

رنيائين. مون کي گڏيو ۽ چيومانس ”پيارا! هاڻ ته ستسنگ ۾ اچ.“ چيائين ”هيڏو وڏو دڪان، مان نوڪرن جي حوالي ڪيئن ڪريان! پٽ ننڍو اٿم، سو ٿورو وڏو ٿئي، دڪان سنڀالي ته پوءِ ايندس.“ سندس پٽ به وڏو ٿيو. وري گڏيو، چيومانس ”هاڻي ته ستسنگ ۾ اچ.“ چيائين ”ڏندو ڏاڍو وڏي وهو آهي. اڌ ڏندو مان سنڀاليندو آهيان ۽ اڌ ڏندو پٽ سنڀاليندو آهي. ٻيو ننڍو پٽ وڏو ٿئي ته پوءِ ستسنگ ۾ ايندس.“

ٿورن ڏينهن بعد ڪال جا قاصد آيا ۽ کيس وٺي ويا. هي بيارو ستسنگ ۾ ڪين آيو! اهڙي حالت اسان مان گهڻن جي آهه! ڪم ڪار ڪريو پر هردي اندر هري نام ڳائيندا ڪريو. روز ستسنگ ۾ اچو. سنت تلسيداس ستسنگ جي مهما ڪندي چوي ٿو:

بن ستسنگ وويڪ نه هوئي، رام ڪرپا بن سلڀ نه سوئي.

١٥ آڪٽوبر آرتوار صبوح جو ستسنگ ڪندي پوجيه دادا جشن چيو ته پيارو دادا اجوڪي وچن ۾ اسانکي کهڙي نه سندر سکيا ڏئي ٿو. اها سکيا اسان مان هڪ هڪ لاءِ آهي. پيارو دادا چوي ٿو ته من کي تيز هڻو ڪال جو. اسان کي مايا موهه آهي. دنيا جي مان وڏائيءَ جو نشو آهه، جو ته اسين آهيون ويسر ۾. اسانکي ٻوڙوءَ جي يادگيري ڪونهي. ڪيترن کي ته ڪال جو نالو به ڪين وڻي. پر ڪال ته هڪ هڪ جي مٿان اڀو آهي. دنيا ۾ ٻيءَ ڳالهه جي اهڙي پڪ ڪانهي، جهڙي ڪال جي اچڻ جي. جمڻ وقت هرهڪ ٻارڙ سان موت جي لکمت ولي لو اچي.

ڪال ننڍي وڏي کي ڪين ڏسي! اڄ منهنجي پياري ٻاءِ هرچوءَ جو جنمدن آهه. ان کي مون اڄ ياد ڪيو. منهنجو اهو ٻاءِ سهڻ ڪان ننڍو هو. ان سانجهيءَ جو مون سان ڏون

نام نغارو وڄايان.“

اسين ٻه پنهنجي پراڻين ڳرنٿن جو اڀياس ڪري سچ جي
کوج ڪريون. آتم چنتن ڪريون، پاڻ سڃاڻون. هڪ هڪ مهاپرش
پاڻ پڇاڻڻ تي ڪيڏو نه زور ڏنو آهي. اهو آتم ڪم مٺش جوڻيءَ
۾ ڪرڻ ئي ممڪن آهي، ان ڪري وڃڻ وقت نه وڃايو.

٢ آڪٽوبر گانڌي جينتي سمبنڌ ۾ پوڄيه دادا جشن
ننڍڙيءَ سنگت سان گڏ جي ڪوڙهين جي اسپتال ڪونڊوا
۾ ويو. اُتي اٽڪل ٣٥٠ ڪن ڪوڙهه ۾ ورتل ڀائر ڀيڻر رهن ٿا.
هڪ شاهي وڻ جي هيٺان سڀ ڪوڙهي ويٺا. دادا جن ۽
سنگت انهن جي سامهون ويٺي ۽ نام ڪيرتن ڪيائون. ان
موقعي تي پوڄيه دادا جشن ڪوڙهين کي آٿت ڏيندي چيو ته
توهين به اسانجا ڀائر ڀيڻر آهيو ۽ اسان توهان جا ڀائر ڀيڻر آهيون
پياري مهاتما گانڌيءَ ڪيتن نه هڪ ڪوڙهيءَ جي سيوا ڪئي
جيل ۾ به گانڌيجيءَ هڪ ڪوڙهيءَ جي خدمت ڪئي. مهاتما
گانڌي هو غريبن جو ابو اما.

دادا جشن ۽ سنگت سڀني ڪوڙهين کي پوڄن ڪاراڻي
کي سوکڙيون ڏنيون.

٨ آڪٽوبر ڊاڪٽر هيرانند هاٿيراماڻيءَ جي گهر شرڪ
گرو ڳرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ صاحب جي ڀوڳ جي موقعي
تي پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته شري گرو ڳرنٿ
صاحب ۾ نام جي ڪيڏي نه مهما ٻڌل آهي. ان ڪري روز نام
ڄاڻيندا ڪريو. اهين نه ٿئي جو سنساري ڌنڌن ۾ اهڙو اٽڪي
رهون، جو نام ڳائڻ جو وقت ئي نه ملي ۽ انت ڪال اچي
سهڙي! مون هڪ ڀاءُ کي چيو ته ستسنگ ۾ ايندو ڪر. هن
چيو ته دڪان نيندو آهيان ۽ دڪان تي اڪيلو آهيان. ڪيئن اچان
واهگروءَ جي مهر سان هن جو دڪان وڌيو ۽ اهو نوڪر

وساريو. ور ور کيس ياد ڪريو، جيون شاد ڪريو.

٣٠ آڪٽوبر سومر ڏينهن سوامي گوالانند مهاراج جي ورسي اُتسو سنبنڌ ۾ پوجيه دادا جشن اگروال ڪالوني سوامي گوالانند آشرم ۾ پڌاريا. سنت رامڪرشن دادا جشن جو سواگت ڪيو. دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته سوامي گوالانند هڪ ودوان ۽ گياناوان سنت هو. هن سڀن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيو. اسين اگيان اوسٿا ۾ آهيون، ڀيد ٻڌيءَ ۾ آهيون، انڪري دکي آهيون. شل اُٿون، جاڳون ۽ وٺون رهبر روحاني. هڪ ڏينهن مون پياري دادا کان پڇيو ته رهبر روحاني ڪيئن وٺون؟ پياري دادا چيو: "هي ڇڏيو، هو وٺو." هن سنسار جو ڏمڀ ڇڏيو. نام خزانو وٺو. دنيا جو تن دولت سڀ اِتي ڏوڙ ڪوڙ. ان ڪري نام جو خزانو ڪٺو ڪريو. ٻڌل کي ڇوڙيو. ڇوڙيل کي ٻڌو. ٻڌل ڇا آهه! توهان پنهنجو پدارٿ ڪٺو ڪري ٻڌي ڇڏيو آهه، اُن کي ڇوڙيو معنيٰ پنهنجو پدارٿ دان ڪريو ۽ ڇوڙيل آهه زبان. اُن کي ٻڌو يعني زبان تي ضابطو رکو. اسين ڪيڏي نه بُرائي ٻچار ڪريون ٿا! ڪيئن نه ٻين سان کهرو ڳالهايون ٿا. ٻين کي دک رسايون ٿا!

ايران جي بادشاهه هڪ ڏينهن دربار ۾ پڇيو "دنيا ۾ مٺي ۾ مٺي شيءِ ڪهڙي آهي ۽ ڪَوڙي ۾ ڪَوڙي شيءِ ڪهڙي آهه!" ڪن چيو ته مٺيون شيون آهن انب، ماکي وغيره ۽ ڪَوڙيون شيون آهن ڪريلا، ڪشين وغيره. پر هڪ سياڻي چيو "قبلا! هڪ شيءِ آهه جا مٺي به آهه ته ڪَوڙي به آهه. زبان سان مٺو ڳالهائي دلين کي آٿت ڏجي ٿو ۽ کهرو ڳالهائي دلين کي ڏکوئجي ٿو. ان ڪري زبان کي ٻڌل رکو. اهائي زبان اُس ۾ ويهاري، اهائي ڇانو ۾. شل اهڙي آسيس اسان مان سڀن تي ٿئي جو ٻڌل کي ڇوڙيون ۽ ڇوڙيل کي ٻڌون!

تي ڳالهايائين ۽ ٽن ڪلاڪن بعد رات جو فون آيو ته هوجي
ڏڪو ڪاڏو آهي ۽ اسپتال ۾ ڪٽائي ڏسا اڇونس، ٽون اُمت اچ.
مان اسپتال ۾ پهچان ٿي پهچان، تنهن ڪان اڳي هن بيماري جو
پکيڙو پيري مان آواز ڪري ويو. موڪلي ٻوء خبر پيئي ته
پارٽ هڪ منڊ ڪي ٻ چار ڏينهن اڳ هڪ خط لکيو هئائين، جنهن
۾ لکيائيدس ته هڪ ڪروڙ جي جڳهه ٺهرائي اٿم ۽ سڄي وقت
۾ هڪ ٻه حادثو نه ٿيو آهه. ڪيس خبر ڪين هئي ته ٻن ڇڻن
ڏينهن ڪان پوء سندس لاء اُهو ڏينهن اچڻو آهه يعني جيئن پارٽ
ان جاء جي لباس ڪندو ته سندس پير ترڪي ويندو ۽ پارٽ
ان حادثي جو شڪار ٿيندو!

سڀ اَنوَ فاني، فاني! اسان مان هڪ هڪ کي اِهو سبق
سکڻو آهه. دنيا جا عيش، مزا سڀ فاني! هڪ راڄا هڪ وڏو
محلات جبل تي ٺهرايو آرام لاء. پوء ڪيس خبر پيئي ته اهو
جبل ٻرندڙ جبل آهه ۽ ڪنهن مهل به ڦاٽي پوي. ان ڊپ ڪان
چيائين ته مان ان محلات ۾ ڪين رهندس ۽ سڄي شهر ۾
ڍنڍورو گهمايائين ته ڪو به ماڻهو مفت هن محلات ۾ رهي سگهي
ٿو. پر موت جي ڊپ سبب ڪو به ماڻهو ان محلات ۾ رهڻ
لاء تيار ڪين ٿيو. ڪنهن وقت به جبل ڦاٽي پوي!

هيءَ دنيا به ٻرندڙ جبل مثل اٿوَ. پنهنجي من کي سمجهايو
ڪال ديس ۾ رهون ٿا، ڪنهن وقت به سائينءَ جو سڏ ٿئي
سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

پاني ڪيرا بد بدا، اِس مانس کي جات،
ديکت هي ڇپ جائيگا، تارا جيون پربات.

هي جيون آهه پاڻيءَ جي بد بدن سمان ناسونت. پرڀات
جو آسمان ۾ تارا ڏسندي ڏسندي غائب ٿيو وڃن ٿا، ٺيڪ
هي جيو ۽ جڳت فاني آهن. ان ڪري پيارا! پوء ڪي

ساجنداس وديارٿين ڏانهن مخاطب ٿيندي چيو ته پياري دادا توهان لاءِ هي ميران اسڪول کولي توهان کي نئين جيون ڏاهڻ جو وجهه ڏنو آهه.

ان موقعي تي بوجبه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته توهان پياري دادا جي جنمدن موقعي تي غريبن کي ڏيڻ لاءِ ڪيترا نه وستر، سوکڙيون، ۳۰۰۰۱ روپيا روڪ ڏنا. ان لاءِ مان توهان سڀني وديارٿين ۽ اڌياپڪن جو شڪرگذار آهيان. ڏيڻ ۾ ئي آنند آهه. پياري دادا جي دل ۾ غريبن لاءِ ڪيڏو نه پيار هو. هڪ دفعي جڏهن پيارو دادا ڪلڪتي ۾ سيٺ سترامداس جواهري وٽ مزمان هو، تڏهن دادا جن پيسل سان پٽيءَ کي وٽي کڻيو. سيٺ سترامداس اهو ڏسي پٽي ڏيڻهن چانديءَ جو هڪ سٺو هٿ ٺهرائي آڻيو ۽ اچي دادا جن کي ڏنو ته ان سان پٽي کڻندا ڪريو. پياري دادا سندس صدق ڏسي مشڪيو ۽ ڪيس چيائين "پيارا! توهانجي مهرباني، مان هي چانديءَ جو هٿ ڇا ڪندس! جيڪر هن چانديءَ جا پيسا نڪ غريبن جي شيوا ۾ خرچ ڪريو." تڏهن پياري سترامداس وراڻي ڪئي "پيارا دادا! هي چانديءَ جو هٿ مهرباني ڪري پاڻ وٽ رکو، غريبن مسڪينن لاءِ مان توهان کي جدا پيسا ڏيان ٿو. ان سانجهيءَ جو پيارو دادا سيٺ سترامداس سان گڏ ڪالي گهاٽ تي ويو، جت سوين مسڪين موتاج وينا هئا. پياري سترامداس پوڙهن ۽ ٻاجهيءَ جو بندوبست ڪيو ۽ دادا جن کي عرض ڪيائين ته انهن گهرجائن کي پوڄن ڪارايو. دادا جن ڪيڏي پيار سان سون غريبن فقيرن کي پوڄن ڪارايو. پياري دادا کي اهين هي خدمت ڪرڻ ۾ ئي خوشي حاصل ٿيندي هئي. توهين سياڻا آهيو جو دادا جن توهان لاءِ ميران اسڪول کوليو. سنه ۱۹۳۶ ۾ پيارو دادا سيلان ۾ هڪ صلح ڪانفرنس ۾

١٠ نومبر ٻوجهه دادا جشن ٻروچن ڪندي چيو ته جيئن پياري دادا جو ٻيو جنمڏينهن نزديڪ پيو اچي، تيئن دل اندر اُٿي پيئي اِڪ پڪار، پياس جي پڪار:

مهنجا ٻرڀتم! ڏي اسانکي مهر نهار،
ان سياڳي ڏينهن لاءِ ڪر اسان کي تيار!
اسانجا قصور، اوڳڻ نه ويچار،
ٻو ڏس، دل دل ۾ آهي تو لئه سڪ پيار!

لوڪ چون ٻيا پياري دادا جو جنمڏينهن اچي پيو، ڪريون تياري، ٻر مان پيو چوان ته نه ٻرڀتم جو جنمڏينهن، ٻر ٻرڀتم پاڻ پيو اچي، ٻوف جا پيرا ٻري! ڪريون شل تياري! دل جي مندر ۾ ٻارڻيون ننڍڙا ڏيئڙا، ملهايون ڏياري! پياري دادا وري چيو "ڏيئڙا ٻارڻيو! جوت جڳايو!" اِها جوت ڪهڙي؟ نام سمرڻ جي جوت. ان کري هِن ڏينهن ۾ جيڪر وڌيڪ وڌيڪ نام ڳايون، ڪمل چرن ڌيايون! گوڙ شور کان ٻري، سانت ۾ گرديو جي ڪمل مکڙي جو ڌيان ڌري وري اُچاريون اهو منتر، جو مون واسطي ۽ ٻين واسطي آهه مها منتر:

اوم هري ڪرشن، هري رام! دادا شيام! دادا شيام!

اِها جوت آهه پيار جي جوت، شيوا جي جوت! انڪري هِن ڏينهن ۾ جيڪر غريبن مسڪينن جي وڌيڪ شيوا ڪريون. ڪين اُن ڏيون، ڪپڙا ڏيون، سڀ کان وڌيڪ ڪين دل جو پيار ڏيون. پکين پسن جي شيوا ڪريون.

دادا سادو واسواڻيءَ جي جنمڏينهن سمبنڌ ۾ پونا جي ميران ٻوميءَ ۾ ٢٢ نومبر سينٽ ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان اُتسو ملهايو ويو. سوين ودياررٿين ٻوجهه دادا واسواڻيءَ جي چرنن ۾ ڪيترئيون ئي سوغاتون پيش ڪيون. ٻونسپال اشوري ملاڻيءَ دادا جشن واسواڻيءَ جو سواگت ڪيو. دادا گدڪارا

ڀڳوانن ٻڌائي ٻالڪن جي راھ روشن ڪئي.

شام جو ۴ بجي ميران پوريءَ مان رٿ ياترا نڪتي. هزارين شردالو دادا شيام دادا شيام جون ڌنيون لڳائيندا هليا. رٿ ۾ دادل شاھ جي شاهي مورتي رکيل هئي. پيارو دادا جشن ڪيئن نہ دادل شاھ جي رٿ کي ڪاهي رهيو هو ۽ هڪ هڪ چونڪ تي پياري دادا جي سکيائن جو ڦهلاءُ ٿي ڪيو.

٢٥ نومبر پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن سنبنڌ ۾ منڊپ ۾ هون يگيہ ۽ شاسترن مان پاٺ ٿيو. پوڄيہ دادا جشن سون سفيد پوش پيدون ۽ سورداسن کي ڪمبل ۽ بسڪيٽن جا پاڪيٽ ڏنا. انهن کان وڌيڪ دادا جن ڪين ڀڳتي نيڻن پوري نهار ڏيئي نهال ڪيو. شام جي ستسنگ ۾ دادا هوتچند آڏواڻي، دادي هري واسواڻي، پيرٺ شانتي واسواڻي، دادي ستي ٿڌاڻي، دادا گنگارام ساڄنداس پياري دادا جي گڻن جو ذڪر ڪيو.

پوڄيہ دادا جشن پشپانجلي ڏيندي چيو تہ اڄ جيئن پرڀات جو اکيون کليون تہ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جون ڪيترئون تصويرون اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون. ڪيئن نہ پيارو دادا پنهنجي مٺڙن وچن ۽ نيڻن پوري نگاھ سان نهال ڪري ڇڏيندو هو. هڪ هڪ کي پنهنجي پيار جون پياليون پيئاريندو هو. ڪيئن نہ دکين دردين جي سار لهندو هو. داس لي ۾ سندس ڪيڏا نہ احسان. ڪريان محبوب مٿي تان جند جان قربان. پياري دادا جي باڻيءَ مان اڄ ڪهڙو نہ مٺو وچن لکتو.

”هي جيون آھ ورکہ، هڪ وڻ. ان وڻ تي ٻہ پکي ويٺا آهن. هڪ آھ گرديو، جو ويٺو ڳائي، ويٺو مرڪ ۾ نهاري ۽ ٻيو پکي آھ شش، جو افسوس! ويٺو ميوو کائي. اهو ميوو

شريڪ ٿيو. اُتي هڪ سڄڻ دادا جن کان پڇيو تہ توهان ڇا جي
ڪري اسڪول کوليو آهه؟ پياري دادا چيو "ٻار سڪي رهن،
ڪين سچي وديا ملي، سنا سنسڪار ملن." سکي رهڻ جو ساڌن
پياري دادا ٻڌايو تہ سکي سو آهه جو ٻين کي سکي ڪري ٿو.
ان ڪري توهان بہ ٻين کي سکي ڪرڻ جو يتن ڪريو.

٢٣ نومبر ميران پوميءَ جي لڳاڀڳ مندرن ۾ ميران
پرائمري اسڪول، ميران هاءِ اسڪول جي وديارٿين ۽ ڪلياڻ
ناري شالا جي ڀينرن جو ميڙ ٿيو، جن پڻ ڪيترئي سوغاتون
غريبن کي ڏيڻ لاءِ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن ۾ ارپڻ
ڪيون. پرنسيپال وندري هيرانندڻيءَ ۽ دادا گنگارام ساجنداس
دادا ساڌو واسواڻيءَ جي آدرشن بابت ڳالهايو. ان موقعي تي
پوڄيہ دادا جشن وڌائيان ڪندي چيو تہ هڪ وقت پياري داد
ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن ۾ پاڻ پيدو روپيا، سون، چانديءَ
جون مندرون ۽ ٻيون سوغاتون پيش رکندا هئا. پر دادا جن اُهي
نہ وٺندا هئا، موٽي انهن سنستائن کي ئي ڏيندا هئا. هڪ دفعي
هڪ ٻڍڙي اميءَ دادا جن کي هڪ پائي، هڪ تلسيءَ جو پ
۽ اُن سان گڏ هڪ ڪاغذ ڏنو. دادا جن جڏهن اهو ٻڌو کولي
تہ هڪ جاءِ جي سند هئي. انهيءَ اميءَ دادا جن کي ٻڌهجي
جاءِ ارپڻ ڪئي هئي. دادا جن اميءَ کان اها جاءِ نہ ورتي، ج
نہ تن ڏيڻ ۾ پيارو دادا ڪجهہ بہ سوڪار ڪين ڪندو هو
پر ٻوءِ وقت آيو، جڏهن پياري دادا چيو "ڏيو! ڏيو! مونکي
ڏيو تہ غريبن کي ڏيان." اڄ توهان پياري دادا جي چرنن
ڍوب جون پيٽائون رکيون آهن، تنهن لاءِ مهرباني.

٢٤ نومبر ميران ڪاليج جي بالڪن دادا واسواڻيءَ
چندن اُنسو ملهايو. ان موقعي تي پڻ پوڄيہ دادا جشن داد
ساڌو واسواڻيءَ جي عمون جون ڪيترئون ئي ٻوليءَ ڏانالد

ڪي جي ٻاهري وڃڻ آيا، ته دادا کي اڪيلو ڏسي پڇيو: "دادا! توهان اڪيلا! توهان جو سيوڪ ڪٿي؟" دادا جن مشڪي چيو "واهه، وڃي ٻڌو."

اهڙو ويچار شل اسان دل ۾ قابو رکون. پنهنجي گروءَ ڏانهن پيا پل پل نهاريون، منهن ڪين موڙيون. دنيا جي ڪم ڪار فائدي ڏي نه نهاريون. ڪم ڪريون، فرض پاليون، پر نيڻ رکون ايشور جي نيڻن ۾. اسين نٿا نهاريون، تنهنڪري دکي، ڏايا ڏايا دکي ٿيون ٿا! سچو گرو آهه الله جو نُور. سچو شش نه آهه ان کان دور. گرو ته سدا ديال، سد سد ڪرپال. اسين به شل پياري دادا ڏانهن نهاريندا رهون، هڪ پل به نه ٿيون سندس نُور کان دور! شل ور ور هي گيت اُچاريون:

دادا ٻڪڙيو اٿم تنهنجو چولو تنهنجو چولو،
جنم جنم ۾ ٿيان تنهنجي گولن جو گولو.

۱ جنوري ۱۹۶۸ صبوح جو ۱۱ بجي پوڄيه دادا جشن واسواڻي شريمتي چانديبائي همٿمل ملڪاڻي ڪاليج الهاسنگر ۳ ۾ پڌاريا. پرنسپال هوتچند گوپالداس آڏواڻي دادا جن جي آجيان ڪندي چيو ته اڄ اسانجو سوڀاڳيه آهي جو دادا سادو واسواڻيءَ جو روحاني وارث دادا جشن واسواڻي اسان وٽ پڌاريو آهي. ديال آشا دادا جي سواگت ۾ گيت ڳايو. ان بعد دادا جن همٿمل مينارام ملڪاڻي هاسٽل جو بنيادي پٿر وڌو. دادا جن وياکيان ڪندي چيو ته مان توهان وٽ ٽيهن سال جي ٻهرلين ڏينهن لي شانتيءَ ۽ خوشيءَ جو سنيهو کڻي آيو آهيان.

پرسڌ ليکڪ ٻنڪم چندر چٽرجيءَ جي اتهاسڪ ناول "آنند مٺ" ۾ آزاديءَ جي ڀوڳن لڙائيءَ جو ذڪر ڪيل آهي، جا سنياسين ڪئي هئي. ان اتهاس ۾ هڪ هنڌ سوال آيل آهي ته ڀارت جي سچي آزادي ڪڏهن ايندي؟ ڀارت آزاد

آهه ڪڏهن مٺو ڪڏهن ڪڙو، ڪڏهن فائدو ڪڏهن نقصان
ڪڏهن صحت ڪڏهن بيماري، ڪڏهن مان ڪڏهن اَپمان
ڪڏهن سک ڪڏهن ڏک! شل اهي ميوا نہ کائون! پر گوڏيو
جي ڪمل مکڙي ڏي نهاريون. اُن جي آسپاس ڏارا پکڙيون
سڀ شش ميون کان منهن موڙي ٿو ۽ فقط گوڏيو کي نهاري
ٿو! اُهو ئي ٿئي ٿو آتم آباد، جيون مڪت! پيارو دادا
ڪيترائي دفعا اسانکي چوندو ڪين هو پر وٽنو نرمل نيٽر
سان نهاريندو هو. وقتي وقتي مشڪندو هو. سندس مشڪ
معنيٰ هئي تہ هؤ اوهان جو اندر جاڻي ٿو پر ڪڇي ڪين، اک
بہ ڪين ڪڇي!

پيارو دادا ساڌو واسواڻي هڪ دفعي ڪانپور ويو، هڪ
سمپلن ۾ ٻوليءَ جو پيغام ڏيڻ. ساڻس گڏ آهه هڪ نوجوان، ج
سندس شيوا لاءِ، جو دادا جو سيڪريٽري ٿي وڃي ٿو. ڪانپو
کان موٽندي اسٽيشن تي افسوس! اُهو نوجوان دادا جن کي
چوي ٿو تہ ڪيس هڪ پيڻ ساڻس ملڻ لاءِ تار ڪئي آهي. هي
اُن سان ملي ٻن ڏينهن بعد واپس ورندو ۽ اوهان بيشڪ ه
گاڏيءَ ۾ حيدرآباد واپس وڃو. هن گاڏيءَ ۾ اوهانکي ڪا
تڪليف ڪين ٿيندي. پياري دادا اُن نوجوان کي روڪيو ڪين
هڪ اکر بہ ڪين چيو، فقط پيو نهاريس قرب ۾، پيار ۾. جيسي
گاڏي چُري، دادا نهاريندو ئي رهيو، پر هي جوان دادا جي
نرمل نؤر ڏانهن نهاري بہ نٿو، وٽنو ڇوڪريءَ جي تار ڏ
نهاري! افسوس! جي دادا ڏانهن نهاري ها تہ ڪيس لپو لڳ
ها، پوءِ دادا کي ڇڏي ڪين ها. دادا کي پڪڙي ها، ڇوڪري
سان ملڻ ڪين وڃي ها! هن وقت ڇا تہ سندس اوچ منز
هجي ها! پر افسوس! هن منهن موڙيو پياري دادا کان ۽ و
۽ ورڪ ڪين موٽيو. حيدرآباد اسٽيشن تي بوجهہ دادا ج

ڪري. پارٽ ۾ اهو وقت اچي جو ودياڙٿي ڦي نه ڏي ۽ ماستر ٻگهار نه ولي. هڪ گهر سمان هجي. دادا هوتچند آڏواڻيءَ، پرنسيپال ڪندناڻيءَ شري گنگارام مسڪاڻيءَ کي ڌنيواد آهي جو هي پيارا ودياڙٿين جي سک سهنج لاءِ هاسٽل ٺهرائي رهيا آهن. پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻي دادا جن جي شڪراداني ڪئي.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي مهاپڳيه سمبند ۾ ١٤ جنوري اڳروال ڪالوني پونا ۾ اتسو جو آيوجن ڪيو ويو. ان موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ انڌڪار سبب لکين لوڪن گنگا نديءَ ۾ ٽبي ڏني هوندي پر مان گنگا ندي هن ڏسان ٿو ۽ ان ۾ ٽبي ڏيان ٿو. پياري دادا سيڪاريو ته ڀڳتن جو ڀڳت ٿجي. مان لوهان ڀڳتن اڳيان سر جهڪائي آسيس مڱان ٿو. پياري دادا جي تصوير ڏانهن ور ور نهاري چوان پيو، ناڻي آهن انسان، نه ته سرو پا عبهان. ناڻي ۾ پرڀوءَ جا پيارا انسان ئي اچن ٿا پر آهن روحاني راڻا. لوڪن کي هٿ ڪارڻي سدا پئي ڦٿيو. پياري دادا ڪيترا نه پر اپڪار جا ڪاريه ڪيا. سدا ڪبير چوي ٿو:

ورکش ڪبهين نهين ڦل ڀکئن نديءَ نه سنچئه نير،
پر اپڪار ڪي ڪارڻي ساڌن ڌرئ شرير.

درخت پنهنجو ميوو پاڻ ڪين کائين. سدائين ميوو، پاڻي، ڪاٺ، ٻين جي ڪم اچي ٿو. نديءَ هزارين پراڻين جي پياس پوري ڪري ٿي. زمينون سرسبز ڪري ٿي. ان ڪري اَن پيدا ٿئي ٿو. جل جيون آهه. ندي ٻين جي ڪم اچي ٿي. ليڪن سدا ستپرک پڻ ٻين لاءِ جيئن ٿا. ٻين جي ڀلائي ڪن ٿا. پاڻ کي تڪليف ڏيئي به ٻين کي خوش ڪن ٿا.

منهنجا پيارا ڀائرو! پيارليون ڀينرون! اڄڪي لوهان به روز ڪٿو نه ڪٿ،

ٿيو. ڌاري حڪومت نه رهي آهي، پر اڄ پارٽيءَ جي حالت ٿي
سوچيندي، نظر ڪندي مان ڏسان ٿو ته پارٽ جي آزادي اڄ
اڌوري آهي! ڏهن مان ۾ اهو سوال اٿندو ته اسانجو پيارو
پارٽ ديش ڪڏهن صحيح معنيٰ ۾ آزاد ۽ شاد ٿيندو؟

هي جو پارٽ ۾ ٽڪر نظريو، پرانتڪوان، ڀيد ڀاو آيو آهي
سو اسان کي نقصان رسائيندو. اسانجو پارٽ هڪ آهي، اسانجي
ماءُ هڪ آهي، سا آهي پارٽ ڀومي. اسين سڀ هڪ آهيون
ڏهن ۾ مان پارٽواسين کي ڪٿي ٻوليان، ڪٿي ٻوليان...؟
ڪو چوي مان مهاراشٽري آهيان، ڪو چوي ته مان بينگالي
آهيان ته ڪو ٻاٽ کي گجراتي يا آسامي ٻيو سڏائي. ڏهن ماءِ
ٻڃان ٿو ته پارٽواسي ڪير آهي؟ مان انهن کي ڪٿي ٻوليان...؟
مان ڏسان ٿو ته هڪ طوفان اچي رهيو آهي، هڪ آنڌي اچي
رهي آهي، پر اسانجو پارٽ، ان طوفان مان نڪري ٻاهر ايندو
اسانجا وڏڙا پنهنجو جو نقل ٿا ڪن. اسان کي اهو نه ڪرڻ
گهرجي. اسان، جي ٻڌهجي پراچينتا ڏسنداسين ته رشي منو
کان وٺي ٿانڌيءَ تائين اسان جي رشين منين ۽ گرن سادگي
جو پالن ڪيو آهي. اڄ جا وڏڙا آهن جي پارٽ جي نوڪ
کي ايندڙ آنڌيءَ کان ٻاهر ڪڍي سگهندا. اڄ پارٽ ۾ جوئي
اونده آهي، اُن انڌڪار ۾ وڏڙا ٿي روشنيءَ جا ٿورا ٻڻجي
سگهن ٿا. پيارا وڏڙليو! سادا ٿيو! مائٽن جا همدرد ٿيو
پارٽ کي ياد ڪريو. اسانجا ڪي پارٽواسي ٻوڙو هڪ وڏو
ڪاڻي ڪونه ٿا سگهن. انهن جي خدمت ڪريو. جيئن واڄ
زماني ۾ گروءَ ۽ وڏڙنيءَ جو لاڳاپو رهندو هو، ٿل ورڪ اهو
ٽوڙ اچي. مان اڄ پارٽ جو ذڪر ٿيو ڪريان، جو تعليم جي
ڪمشو ۾ رهبري ڪندو رهيو هو. مان ورڪ ۾ اهوئي سچو
اهان ته ٿل پارٽ ورڪ ۾ تعليم جي ڪمشو ۾ دنيا جي رهبري

پياري دادا سادو واسوانيءَ ورو ور پڪاريو "ڏيو، ڏيو، ڏيندا رهو!"

سن ۱۹۰۵ع ۾ پيارو دادا ڪراچي ڪاليج ۾ هو. ڪاليج ۾ پياري دادا ڪيترائي سنڌارا آندا ۽ اُتِ آشرم کوليائين. اُن آشرم ۾ ڪيترائي وديارٿي رهندا هئا. اُتِ هڪ ننڍڙو ڇوڪرو رسويو به رهندو هو. اهو رسويو دادا جن کي نه صرف پروفيسر پر سچو سنت ڪري سمجهندو هو. جڏهن هي پيارو، پياري دادا جي کوٺي صاف ڪندو هو ته ٻاهر جتي لاهي، پوءِ کوٺيءَ ۾ گهڙندو هو. هڪ ڏينهن جتي لاهي هو دادا جن جي کوٺيءَ ۾ ٻهاري پائڻ ويو ته آشرم جا ٻه وديارٿي اُتان لنگهيا. انهن کي اچي مستيءَ ڪيو. چيائون، اِها جتي لڪايون ٿا. جڏهن رسويو ٻاهر ايندو ته ڳولهيندو ۽ پوءِ مزو ٿيندو. اهو چرچو ڪرڻ ٿي چاهيائون. جتي کنيائون ٿي ته اچانڪ اُن وقت پيارو دادا اُتي اچي ويو ۽ دادا جن مشڪي هنن کان پڇيو ته توهان ڇا پيئي ڪيو؟ ٻنهي وديارٿين دادا جن کي رسويي سان چرچي ڪرڻ جي ڳالهه ٻڌائي. اُن وقت پياري دادا کين چيو "پيارا! چرچو ڀلي ڪريو. پر ان کان وڌيڪ سرهيا ان چرچي ۾ ايندي، جي توهين هڪ هڪ روپيو چانديءَ جو جتيءَ جي ٻنهي پاڙن ۾ وجهي ڇڏيو ۽ پوءِ لڪي ويهو." شاگردن ائين ڪيو. غريب ننڍڙو رسويو جڏهن دادا جن جي ڪمري مان ٻاهر آيو ۽ جتي پاتائين ته سندس پيرن ۾ ڪجهه لڳو. جان ڪڍي ڏسي ته مار! ٻنهي پاڙن ۾ چانديءَ جو روپيو پيو آهي! سندس اکيون چمڪڻ لڳيون ۽ خوشيءَ ۾ منهن ٻهڪڻ لڳس. اهو نظارو ڏسي انهن شاگردن کي انوکي خوشيءَ جو احساس ٿيو، کين سندر آزمودو مليو. پياري دادا سيکاريو ته ڏيڻ ۾ جو سک آهي، سو وٺڻ ۾ ڪٿي آهي.

شپ ڪرم ڪريو. ڪڏهن دکيءَ جو دک دور ڪريو. ڪڏه
ٻڪڻي جو پيٽ ڀريو، ڪڏهن پياسيءَ جي پياس پوري ڪريو
ڪڏهن ندگي کي پڪيو. پياري دادا ساري حياتي پين جي
ڀلي لاءِ خرچ ڪئي.

هڪ سنت هڪ ڪانيڙ کي رستي تي ڏٺو، جو ڪاني
جي ڀري ڪلهي تي وٺيو. سنت کيس روڪيندي چيو ته اِ
ڪانين جي ڀري کول. ڪانيڙ جيئن ئي ڪانين جي ڀري کول
ته ان مان هڪ نانگ نڪري آيو. ڪانيڙ نانگ ڏسي ڏڪ
ويو. رڙ نڪري ويس. نانگ جهنگل ڏانهن هليو ويو. سنت
ڪانيڙ کان پڇيو "پيارا! توهن کان اڄ ڪو شپ ڪم ڪ
ٿيا؟" ڪانيڙ چيو "سائين! رستي تي بک لڳم. ٻه مانيون هئ
جيئن کائڻ شروع ڪيم ته هڪ بکايل شخص اڳيان آيو ۽ چيائي
ته چئن ڏينهن کان بکايل آهيان. مون هڪ ماني اُن بکايل ک
کارائي ۽ هڪ ماني پاڻ کاڌي. ٻيو ته ڪو وڏو ڪم مون ڪي
ڪيو آهه." سنت چيس "پيارا! اڄ هن نانگ جي ڏنگ سا
تنهنجو موت ليکو هو، پر ان شپ ڪرم ڪرڻ ڪري تو
نانگ جي ڏنگ کان بچي وئين."

توهان ٻه جيڪر دکين بکين بيمارن ابهمن جي سار لهو
بکين پسن کي پيار ڏيو، پياري دادا جي سکيا هئڊايو. ر
ڪو نه ڪو شپ ڪرم ڪريو. نام ڳايو نام ڌيايو! پوءِ سک پاي

١٥ جنوري دادا مهاڳيه سنبتد ۾ صبوح جو سماڌي
جي سنسنگ ڪان پوءِ شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پا
صاحب جو آرنڀ ٿيو. اُن بعد ميران انگلش ميڊيم اسڪ
جي وديارٿين اُنسوَ جو آيوجن ڪيو. اُن اُنسو ۾ دادا جي
وديارٿين کي ڏنيواد ڏيندي چيو ته اڄ توهان عُوامن کي ڏ
لاءِ ڪيڏاون نه شيون ڏنيون آهن. ڏيڻ ۾ ئي سچو سک آه

سيوا آهي ٻاٻوءَ جي پوڄا. ٻئي ڀاءُ ۽ اُنو ٻاٻوءَ جي سنتان. اُنهن جي ۾ سار لهو. روز ڪو نه ڪو نئون يا وڏو سيوا جو ڪم ضرور ڪيو. پيارو دادا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

ٻڪاٻل کي ڏيو کاڌو خوراڪ،
غريبن دکين کي ڏيو محبت جي ماڪ،
ڪپڙا ڏيو تن کي، جي آهن ننگا،
ٻنگلا جي تن کي ڪريو توان سنتن سنگا.

پياري دادا جي اِها سکيا همدايو! نام ڳايو! نام ڏيايو!

١٨ جنوري پوڄيه دادا جشن، پياري ٻگومل ٿڌاڻيءَ ۽ شري ڀڳوان سنگهه آڏواڻيءَ کي شردانجلي ڏيندي چيو ته اڄ پيرا سٽي ٿڌاڻيءَ جي پوڄ پتا شري ٻگي مل ۽ سنڌي قوم جي سيوڪ پياري ڀڳوانسنگهه آڏواڻيءَ جي پوتر يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. پياري ٻگيمل پياري دادا سان نينهن جو ناتو جوڙيو، ڪيس روحاني رنگ لڳو. شل اسان کي به اهڙو رنگ لڳي. پياري ڀڳوانسنگهه کي ڪيڏو نه ڌن هو. پر هي پيارو اُن ڌن کي ٻاٻوءَ جي امانت سمجهي لوڪن جي سيوا ۾ خرچ ڪندو هو. سامي صاحب چوي ٿو:

مايا اڇي وڃي، ڪهڙي ڀاءِ،
ڪڏهن ڏني رهي ڏوڙ ۾، ڪڏهن راجا ڪاءِ،
ڪڏهن چور ڦري وڃا، ڪڏهن ساڙي باهه،
سڦلي ٿيندءِ ساءِ، جا خرچين ناتو ڏٺيءَ جي.

جيڪي ڪجهه ٻاٻوءَ اسانکي ڏنو آهه، سو ٻاٻوءَ جي امانت سمجهي دکين دردين ۾ ونڊيو ورهايو.

٢٢ جنوري منگل شام جو ٦-٣٠ بجي پونا ڪلب ۾ لائنس ڪلب طرفان پرنسيپال دادا جشن واسواڻيءَ جو وياکيان رکيو ويو. ٿورين لائنس ڪلب جي پريزيڊنٽ دادا جشن جو سواڳت

١٦ جنوري صبوح جو هون ٻگهه ۽ شاستون جي پاٺ کان پوءِ سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. منجهند جو لنگر ۾ پوڄيه دادا جشن پنهنجي پوتر هٿن سان پرندي پئي ورهائي. پنهنجي پيار ۽ نيڻهن پوري نهار سان نهال ٿي ڪيو. شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پوڄيه دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته اڄ جيئن پرڀات جو اک کلي ته پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي جيون جون ڪيترائون تصويرون اکين اڳيان ڦرڻ لڳيون. پيارو دادا هو گيان جو گلزار، ڀڳتيءَ جو ڀنڊار، عشق جو اوتار. پيارو دادا مهان ودوان هو، تعليمدان هو، مسڪينن جو مددگار هو، دکين جو آڌار هو. پياري دادا کي جيڪي ملندو هو سو دکين جي شيوا ۾ خرچ ڪندو هو. پيارو دادا هو تياڳ تپسيا جي مورت.

ڪڏهن ڪڏهن پيارو دادا اسانکي حيدرآباد ۾ قليليءَ جي ڪناري هڪ باغ ۾ گهمائڻ وٺي هلندو هو. سڀ ڏينهن اُت گهاريندا هئاسين. پياري دادا جي پيءُ کي خبر پيئي ته اِهو باغ پياري دادا کي ڏاڍو وڻي ٿو. هڪ ڏينهن پياري دادا جي پيءُ دادل شاهه کان پڇيو ته ان باغ جو ملهه اٽڪل گهڻو هوندو. پوڄيه دادل شاهه وراڻيو ته چون ٿا اِهو باغ انهن هزارن کي وڪامندو. پوڄيه دادا جن جي پيءُ دادا جن کي اٺ هزار روپيا ڪڍي ڏنا ته بلاشڪ اِهو سندو باغ خريد ڪريو. دادا جن اُهي اٺ هزار روپيا دکين دردين جي خدمت ۾ خرچ ڪيا. پيارو دادا جنهن هيڏو عهدو اقبال ڇڏيو، سو باغن بوستانن کي ڇا ڪندو! پياري دادا جو اهو عقيدو هو ته پرڀوءَ جي شيوا آهه پرڀوءَ جي پوڄا.

منهنجا پيارا ڀائرو! پيارئون ڀينرون! اڄ مهاڀڳهه جي موقعي تي پياري دادا جو اهو پيغام ڪٽي وٺو ته دکين جي

شيوا جي جيون. اهڙا آتش جا انسان ئي ملڪ کي اڏي سگهندا جن ۾ قرباني ۽ شيوا جو انگ هوندو. شال اسين به قرباني ۽ شيوا، سچائي ۽ سيبه جي راهه ۾ ثابت قدم هلي ديش جو نونرماڻ ڪريون.

٢٨ مارچ شام جو ٦ بجي ميران هاءِ اسڪول ۾ سنڌو ڪوجنا ڪيندڙ پونا طوفان پياري ڊاڪٽر اچمڻ خوبچنداڻيءَ جي پوشارت سان سنڌي پرڪشا سمتيءَ جو آرنڀ اتسو ٿيو. ان موقعي تي پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو ته جي سنڌي قوم زنده رهڻي آهه ته سنڌي ٻولي زنده رکڻ گهرجي. اڄ ڪلهه افسوس! سنڌي گهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو واهپو گهٽبو پيو وڃي. سنڌي ٻار هندي يا انگريزيءَ ۾ ڳالهائڻ ۾ فخر وٺن ٿا. سنڌي مائٽ پنهنجن ٻارن تي انگريزي نالن رکڻ تي فخر ڪن ٿا. هڪ ٻالڪ کي سڏين جنڪي، پر سندس سچو نالو جنڪرشن آهه. 'جنڪرشن' ڪهڙو نه مٺو نالو آهه! سنڌين ۾ ڪيڏيون نه خوبيون آهن، پر سنڌي ننلپٽي جي انُر هيٺ آهن، جنهنڪري هنن جي اندر جون شڪتيون پوريءَ طرح نٿيون کلن. ان ڪري اوهان نرلپٽو ڇڏيو! نئين سنڌ اڏيو! سنڌي ٻوليءَ کي همٿايو! سنڌي درويشن فقيرن سنتن جي آسيس پايو! پنهنجي قوم زنده رکو.

ڪي سؤلا ننڍڙا پستڪ نڪرڻ گهرجن، جن دواران اسانجا ٻار، جي هندي انگريزي اسڪولن ۾ وديا وٺن ٿا، سي سنڌي سوليءَ طرح ۽ ٿوري وقت ۾ سکي سگهن. سنڌي ٻارن کي سنڌي ٻولي سيکاريو، جيئن هو سنڌي ساهتيه جو ابياس ڪري سگهن. سنڌي ساهتيه ۾ هڪ عجيب خزانو آهه. ان خزاني کي محفوظ رکو، ان مان فيض حاصل ڪريو.

١٠ اپريل پوجيه دادا جشن سنگت سميت بمبئي روانا

دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ ڀارت کي قرباني ۽ سچائيءَ
وارا سپوت گهرجن. ڀارت ۾ وڏيج واپار ڪافي وڌيو آهه
ڦنڪڙيون ٻه گهٽيون ڪليون آهن، پر سچا شيوڪ ڪتي آهن؟
ڪيترا ڪم ڪن ٿا، پر هرهڪ ڪم پنهنجو پنهنجو سوارٿ رکن
ٿا. خود مطلبيءَ ۾ گرفتار آهن! جت ڪت بلئڪ مارڪيٽ ۽
ٺڳي لڳي پيئي آهي! هڪ کير واري جو پٽ مونکي مليو
ٻڌائين: مونکي ته بابا سيکاريو ته گراهڪن کي کير ۾ پاڻي
گڏي ڏي ته گهڻو ڪمائيندين. مون بابا کان پڇيو "جي گراهڪ
مونکان پڇن ته کير ۾ پاڻي گڏيو اٿيئي ڇا؟ ته ڪهڙو جواب
ڏيان؟ مان ڪوڙ نه ڳالهائيندس." تڏهن پتا پٽ کي سيکاري
تو ته تون کير جي ٿانوَ ۾ اڳ ۾ ئي پاڻي وجهي ڇڏ ۽ پوءِ ان
۾ کير وجهه. ڪير پڇيئي ته کير ۾ پاڻي وڌو اٿيئي ڇا ته کين چئج
'نه'. ڇو ته تو پاڻيءَ ۾ کير وڌو ۽ نه کير ۾ پاڻي."

مطلب ته اڄ ڪله وهنوار ۾ ڪوڙ جو واپار پيو هلي
جاهون ٺهرايو، ان ۾ به ٺڳي! سرڪاري پليون ٺهن، ان ۾
ٺڳي! ٺڳي ڪندڙ اهو نه سوچيندا ته پل يا جاءِ اوچتو اچي
پٽ پونديون ته گهڻين حياتين جو ۽ مال جو نقصان ٿيندو
هرڪنهن ڪم يا شيءِ ۾ ڪا نه ڪا ملاوت لڳي پيئي آهه
پوءِ ڀارت ڪيئن اوچ آدرش کي پهچندو؟ مونکي هڪ ڊاڪ
گڏيو. اچي روئڻ ۾ چنڪيو ۽ چوڻ لڳو "مونکي معافي ڪجي
جو ته مونکي ڪوئي ڪرمن جو حساب ڏيڻو پوندو. ڪيترن
بيمارن کي مون صرف صاف پاڻيءَ جون سيون هڻي هزار
روپيا ڪمايا آهن. هاڻ مان پڇتاءُ ڪريان ٿو ته مون ڪيڏو
گناهه جو ڪم ڪيو آهه!" جيسين سچائي قرباني نه هوندي، تيسين
انسان ذات مٿي نه اسرندي.

پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون هئي قرباني

٢٥ اپريل ميران هاءِ اسڪولن جي امتحانن جو نتيجو ظاهر ڪيو ويو. ٢٦ اپريل کان وئڪيشن شروع ٿيڻي هئي. ٢٥ اپريل ٻوجهه دادا جشن ميران اسڪول جي وديارٿين اڳيان اُپديش ڪندي چيو تہ پنهنجي جيون 'پرارٿنا' ۾ ٻڌو. ننڍڙن نرمل ٻالڪن جي پرارٿنا پرڀو جلدي ٻڌي ٿو. هڪ ٻالڪيءَ جي آڱر مان منڊي گم ٿي وئي. ٻالڪيءَ جو شري ڪرشن ۾ وشواس هو ۽ ٻالڪيءَ پنهنجي پتا کي چيو تہ منڊي ضرور ليندي. منهنجو شري ڪرشن ضرور منڊي لڀائيندو. پتا عجب ۾ پيو پوي. پتا کي پرڀوار سميت ٻئي شهر ۾ وڃڻو هو. ٻالڪي اُن شهر ۾ ڀڄي بہ پرارٿنا ڪري ٿي، صدق نٿي وڃائي. چوي ٿي منڊي ضرور ملندي. ڇهن ڏينهن کانپوءِ هڪ ننڍڙو پارسل اچي ٿو. اُن سان گڏ چٺي بہ. جنهن سوناري منڊي ناهي هئي سو ٻالڪيءَ جي پتا جو دوست هو. سونارو ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ڪيڏانهن ويو ٿي تہ ڏٺي تہ ٽئڪسيءَ جي ڪنڊ ۾ هڪ منڊي پيئي آهہ. منڊي کڻي ٿو ۽ سڃاڻي ٿو تہ هيءَ منڊي تہ منهنجي مٺو جي ڪڪيءَ جي آهہ. شايد اُن ٽئڪسيءَ ۾ چڙهي ڪيڏانهن ويا آهن تہ منڊي ڪري پيئي اٿن. ڪيئن نہ شري ڪرشن هن ٻالڪيءَ جي پرارٿنا ٻڌي ٿو. توهين بہ پرڀوءَ ۾ پڪو وشواس رکي پرارٿنا ڪريو. پرارٿنا آ جيون جو آڌار. انڪري پرارٿنا ۾ جيون ٻڌو.

١٥ جون ميران ڪاليج جي نئين سال جي تقرير ڪندي پرنسيپال دادا جشن چيو تہ اڄ مان ٻارن سان هڪ سوال ڪٿي آيو آهيان تہ پياري دادا ميران ڪاليج ڇو کوليو. پونو شهر وديا جو مرڪز آهي. پوني ۾ ڪيترا نہ ڪاليج آهن! وڏا ڪاليج، مشهور ڪاليج. پوءِ بہ پياري دادا هي ننڍڙو ڪاليج ڇو کوليو؟ پياري دادا ميران ڪاليج کوليو اُن اميد ۾ تہ هن ڪاليج ۾ جي ٻالڪيون وديا وٺن، تن مان ڪن نہ ڪن جي

ٿيا. شام جو ۴ بجي دادا جشن راشٽريه شيوا سمتيءَ جي ڏرمائو
اسپتال جو مهورت ڪندي چيو ته جيڪو ڇهن نيمن جو پالن
ڪندو ته بيماري نه ٿيندي. ڪاڏي جي سڀال ڪرڻ، گوڙ شور
ذڪڙ کان پري رهڻ، تازي هوا کائڻ، پيار ۾ رهڻ، هميشه ڪلمڪ
تي رهڻ ۽ نام ڳائڻ. دک سک ۾ مشڪندا رهو. توهانکي ڏنيواد
آهي جو ايترا شيوا جا ڪاريه ڪري رهيا آهيو. شال شيام سندر
جي آسيس ۽ سنتن فقيرن جي آسيس اوهانجي ڪارين تي
چمڪندي رهي.

شام جو دادا جشن آزاد ميدان بمبئيءَ ۾ هيومنسٽ
ليگ جي سلور جبلي اُتسو ۾ مکيه مهمان جي روپ ۾ شريڪ
ٿيا. ڪانفرنس جي اُتسو جو اُدگهاٽن ڪانگريس پريزيڊنٽ شري
نجلنگپا ڪيو. اُن موقعي تي پياري دادا جشن وياکيان ڪندي
چيو ته اڄ چوڌاري هنسڪ واتاورڻ آهي. هڪ ملڪ ٻئي ملڪ
کي هڙپ ڪرڻ لاءِ ڪيئن نه لکن لوڪن جي تباهي آڻي ٿو.
لکين لوڪ هنسڪ ڪاڏو کائين ٿا. هي پکي پسون سڀ پرڀوءَ
جي سنتان آهن. شري گوتم ٻڌ، شري وردمن مهاوير، سنت
فرانسز. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ پکين پسن کي ڪيڏو ن
پيار ڏنو، جيو دبا جي جوت جڳائي. اسين به سندن آدرش کي
اپنائي پنهنجي جيون ۾ دبا ۽ پريم جي ساکي ڏيون. نه صرف
پکين پسن، پر سڀني پراڻين کي پيار ڏيون. هنسا کان پري رهي
نئين جيون لاهيون، ٻين جي سک ۾ ئي پنهنجو سک سمجهون
توهان ٻين تي دبا ڪندا ته پرماتما توهان تي دبا ڪندو. اهو
قدرت جو قانون آهي. ان ڪري جيو دبا جي جوت جڳائيو
مانش جيون سڦل بڻايو.

٧ بجي دادا جشن ڪولابا سنسنگ جي ڪمپائونڊ
اروڄن ڏنو. رات جو ٨ بجي دادا جن سنگت سميت پونا روانا ٿيا

واسوانيءَ اُپديش ڪندي چيو تہ شادي جنھن ۾ صلح سلوڪ آھي، سا شادي آھي، سرڳ جو دنيا. ۽ جنھن شاديءَ ۾ آھي متڀيد ۽ تڪرار، سا شادي ٿي پوي ٿي دوزخ دنيا! شل اڄوڪي شادي ٿئي سرڳ جو دنيا! شادي آھي جيون جي عمارت جي نئين ماڙي اڏڻ. ان نئين ماڙيءَ جي اڏڻ جي ڳجهارت آھي هڪ اکر ۾ 'سلوڪ'. هڪ گهر ۾ مان ڪي ڏينھن رهيس. مون ڏٺو تہ ان گهر ۾ عجيب واءُ منڊل هو. آنند جون لهرون هيون. مون پڇيو تہ ان واءُ منڊل جي ڳجهارت ڪهڙي؟ مونکي ٻڌايائون، ڳجهارت آھي 'پيار ۽ نئڙت'. اسين هڪ ٻئي سان پيار ۽ نئڙت ۾ هلندا آهيون. هڪ ٻئي کي پيار ڏيون ۽ پيار جي صدقي ڪيترئي ڳالهيون وساري ڇڏيون. پتي ڪا ڳالهہ ڪري، جا پتنيءَ کي نہ وڻي، وساري ڇڏي. پتني ڪا ڳالهہ ڪري، پتيءَ کي نہ وڻي، وساري ڇڏي. پيار ۾ هڪ ٻئي جا نقص ڪين جاچيون. ۽ ڪوشش ڪريون تہ هڪ ٻئي جي همت تي هلون، هڪ ٻئي جي صدقي قرباني ڪريون! انهن اکرن ۾ اٿو ڳجهارت سکي گهرن جي.

هن وقت اسانجا گهر پنگل آهن. هن وقت گهرن ۾ تڪرار آهن. هڪ گهر ۾ ويس، ڏٺم تہ پتي ۽ پتني پيا هڪ ٻئي سان جهيڙا ۽ تڪرار ڪن. ٻئي دکي! سندن گهر هو نرڪ جي تصوير. ان ڪري گهرن کي سرڳ بڻايو. ان لاءِ هي ڳالهيون ضروري آهن. هڪ ٻئي جي همت تي هلو. هڪ ٻئي سان پريم ۽ نئڙت جو ورتاءُ ڪريو. هڪ ٻئي سان سچا ٿيو، وفادار ٿيو! ٻڌيءَ جي جيون نرمل ۽ پوتر رکو. ٻارنءَ لاءِ پيار رکو! سنتن ۽ سنتوڪن لاءِ ڀڳتي رکو. روز ٿوروئي وقت گڏجي سنتن جي باڻيءَ جو پاٺ ڪريو، ڪيرتن ڪريو، پرارٿنا ڪريو! توهانجي گهرن تي برڪت ايندي، توهانجي ٻارن تي عجيب اثر ٿيندو. توهانجا گهر سرڳ جي تصوير ٿي پوندا.

اندر چڻگ اُٿي. شيوا جي چڻگ، قربانيءَ جي چڻگ.
ڪي نه ڪي ٻالڪيون اُٿن جي پنهنجي جيون ارپڻ ڪن
پنهنجي پرگت، سنگت، ديس، اِنسان ذا
جي شيوا ۾! هن وقت اسين پنهنجي زندگي خود مطلبيءَ ۾
گذاري رهيا آهيون. خود غرضيءَ کان وڏو ٻيو مرض ڪين آهه!
پيارو دادا چوي ٿو ته ان مرض کان آزاد ٿيو. جيڪي اوهان
وٽ آهي سو ٻين سان ونڊيو ورهايو. اوهانجو ڌن، اوهانجي
وديا، اوهانجي شڪتي، اوهانجي جيون آهي اِڪ امانت،
دکين دريدرن جي شيوا واسطي!

ڀراچين ڀارت ۾ رشي پنهنجي ودياٿين کي منتر ڏيندا
هئا. مان ٻه اوهان کي اُهو منتر ڏيڻ چاهيان ٿو، جو پياري
دادا اسانکي ڪيترا سال اڳ ڏنو "مان ڀارتواسي آهيان".
اڄ ڪلهه پرانتڪ ڀيد ڀاوَ وڃي ٿو وڌندو! ڀارت وڃي پيو ٽڪر
ٽڪرا ٿيندو! اوهين جيڪر هن ويچار ۾ وڌو ته اوهين ڀارتواسي
آهيو، ڀارت ماتا جي سنتان. اوهين سڀ هڪ آهيو. مهاراشٽري،
مدراسي، گجراتي، بنگالي، بهاري، سنڌي، پنجابي، اوهين
سڀ هڪ آهيو. ايڪتا جي شڪتيءَ ۾ نئون ڀارت بڻايو.
اوهين ڀارتواسي آهيو، انڪري اوهانجا شرير ڀارت ماتا جا آهن
شرير کي پوتر رکو ۽ سگهارو رکو! شرير دواران ڀارت ماتا جي شيو
ڪريو. اوهانجا من ٻه ڀارت ماتا جا آهن، دماغ کوليو
وديا وٺو پر نه وساريو ته وديا جو مقص
آهه دکين، دريدرن، ڳوٺاڻن، ڪسانن جي شيوا. انڪري پنهنج
چرتر ٺاهيو. شڪتي کوليو. اُها شڪتي خرچ ڪريو ڀارت ما
جي شيوا ۾.

پياري سندر ٿڌاڻيءَ جو وواهه ڳو سنگت ۾ ٣١ جولا
ٿيو. ان موقعي تي لاوان پڙهڻ کان پوءِ پوڄيه دادا جن

ه اقرار مون ڪيا. ٽيون انجام هي: جڏهن پياري دادا جي
ترن ۾ سر جهڪايم، ان ڀاونا سان ته شل قدمن ۾ قبول پوان،
جڏهن مون انجام ڪيو ته شل گرديو، پياري دادا جي در تي
سدائين وڪاميل رهان. دنيا جي در تي شل نه وڃان. ڪيڏي به
لالچ اچي، ڪيڏو به ڏسو پدارٿ، مان شان وڏائي ملي، شل
دنيا جي در تي نه وڃان، پر هميشه هميشه، منهنجا پريتم!
تنهنجي در تي وڪاميل رهان.

ٻيو اقرار جو مون ڪيو سو هي ته پنهنجي سموري جيون
ارپط ڪريان غريبن دکين دردمندن جي سيوا ۾. ٽيو ته هڪ موقعي
تي پياري دادا مون کان پڇيو ته "منهنجا بالڪ! تنهنجي دل
جي اونهي ۾ اونهي پياس ڪهڙي؟" ان وقت مان پياري دادا
کي چيو "دادا! هن دل جي پياس آهه سماديءَ واسطي. شل
سماديءَ ۾ گهڙي پنهنجي پريتم جو ديدار ڪريان!" ان وقت
پياري دادا چيو "پيارا! تون چاهين ٿو ته سانت ۾ وڃي پوريل
اکين سان پريتم جو ديدار ڪرين. پر مان چاهيان ٿو ته تون
کليل اکين سان پنهنجي پريتم، محبوب، ايشور، پنهنجي اشٽ
جو ديدار ڪرين! اهو ديدار تڏهن ڪندين جڏهن تنهنجي دل اندر
پيار، محبت، قربانيءَ جو ڀاءُ ايندو. هڪ هڪ دکيو ۾، هڪ
هڪ غريب ۾، هڪ هڪ پسوءَ پکيءَ ۾، هڪ هڪ ٻوٽ
ٽي ۾، پنهنجي پريتم جو ديدار ڪندين. پيارا بالڪ! اها انهئي
سچي سمادي. سچي سمادي اها ڪانهي ته تون اکيون ٻوٽي
ديدار ڪرين. شل کليل اکين سان سماديءَ ۾ رهين!"

اڄ جيڪي مون پنهنجي جيون جو وچار ڪيو آهه، تڏهن
مون ڏٺو آهه ته اهي اقرار مون وري پڪا آهن. منهنجي
دادا جي ڪرپا وري وري اچي مونکي ڪنيو آهه. منهنجي پريتم
پنهنجي ٻاجهه ٻانهن ۾ وري وري کنيو آهه. سندس ڪرپا مونکي

٢ آگسٽ پياري دادا ڄشن واسواڻيءَ جي ڄمڻ ڏينهن سبب کيترن ئي شردالن کين مبارڪون ڏنيون ۽ آسيس ورتي. شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا ڄشن وياکيان ڪندي چيو ته گروديو جي ڪمل قدمن ۾ سر جهڪايان ٿو، اوهان سڀني واسطي ۽ ٻين ڪيترن واسطي، جي هن وقت هت پهچي نه سگهيا آهن، تن سڀني واسطي آسيس پنان ٿو ۽ اوهان مان هڪ هڪ جي چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو، هن داس واسطي دعا پنان ٿو. اڄ جيڪر ڪي به اکر کين ڳالهايان، پر سانت ۾ رهان. جو ته دل اندر اهو پياس ته وڃي محبوب جي، پريتم جي، پياري دادا جي ڪمل قدمن ۾ ويهي ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙيان. پر اوهان جو حڪم آهي ته ڪي اکر ضرور چوان. ان حڪم اڳيان سر جهڪايان ٿو.

اوهانجو قرب عجيب آهي! اڪ نالائق سان، توهان ڪيڏي نه لائقي ڏيکاري آهي. اوهانجي قرب، پيار، دل جي محبت اڳيان مان وري وري سر جهڪايان ٿو. اوهان کان هيءَ هڪ آسيس پنان ٿو ته شل پوئين پساهه تائين پياري گروديو جو، پياري دادا جو ۽ پياري دادا جي سنگت جو هڪ شيوڪ ٿي رهان! اڄو آدرش پياري دادا مونهجي اڳيان رکيو ته ”پيارا! اڪ نوڪر ٿي رهجانءِ!“ نالائق نوڪر آهيان. پر اوهان جي آسيس آهندي ته مونهجي نالائقي وڌندي گهٽ ٿيندي. شل پوئين پساهه تائين هڪ نوڪر ٿي رهان هن سنگت جو، سڏي سنگت جو، پياري ڀارت جو، انسان ذات جو، ڏکين دردمندن جو، جي وڃارا نڪارن ليا، ڌڪارن ليا، اڪيلي پئي جو، سڀني جو شل نوڪر ٿي رهان!

اڄوڪي ڏينهن جيئن ٥١ سالن جي جاتڪ لسي پيو آهيان، ليکن ناٽڪ ٿي وري وري ياد ڏياريو اٿر: پيارا! تو جي عهد ڪيا، انجام اقرار ڪيا، اهي پاليا اٿيئي يا نه؟ نه انجام،

جي وڏائيءَ جو ويچار ڪريو، اُن ٻاٻوءَ جي ڪمل چرنن ۾ سو جهڪايو ته توهان جي اندر اک کلندي. هت ڪيترا نه ڪم لڀن ٿا. پيارو دادا ڪيئن نه وڏو پنهنجا ڪم ٻاڙ هلائي. روز روز پياري دادا جي ڪرپا جون ڪرامتون ڏسندو آهيان، ٻ پياس اٿم ته ڪي ٿورا نڪرن جي سوال صبوح جو ڪنا ئي هت پياري دادا جي ڪمل قدمن ۾ واهي ٻاٻوءَ جو ويچار ڪن، سانت ۾ سمرن ڪن، ڌيان ڪن. روز ڪجهه نه ڪجهه وقت سانت ۾ گذاريون. روز سنتن ستپرکن جو سنگ ڪريون. سنتن جي باڻيءَ جو پاٺ ڪريون. نه فقط چپن سان پر دل سان، سواسن سان. اُن باڻيءَ جي جيون ۾ ساکي ڏيون. هڪ ڏينهن جوت جو درشن ٿيندو.

پيو، پنهنجي جيون ڪريون آهوتي ٻاٻوءَ جي ڪمل قدمن ۾. پنهنجو سک نه ڳولهيون، ٻين جو سک ڳولهيون. اسان سان ڪو ٻوري هلت نه هلي، ان کي پنهنجي دل جو پيار ڏيون. اسان سان ڪو فريب ڪري، ٺڳي ڪري، اسانجو ڪو اپمان ڪري، اسانجي نندا ڪري، اسان سان بي انصافي ڪري، اُن لاءِ به پرارٿنا ڪريون. اُن کي پنهنجي آسيس ڏيو. قربانيءَ جي جيون رهو. 'نانڪ داس سدا قرباني'. ٿپ ٿپ تي شل ڪريون ٻاڙ کي قربان، ان ڪري شل ٻين جو سک ڳولهيون. اڄ ڪلهه ڇا ٿو ڏسان؟ جيڪڏهن مون کي ٿورو سک ملي ٿو، ٻاٻوءَ ٻال سڀ ڄڻن جو سک ڦٽي ته به مونکي پرواهه ناهي. ائين نه ڪريو. ٻين جو سک ڳولهيو. ٻال مونکي دک ٿئي. ٻيا شل سکي رهن. پيارو دادا اهڙو انسان هو، قربانيءَ جو انسان. پنهنجو سک ڪڏهن ڪين ڳولهيائين. ٻين جا بار کنيائين. ٻين جون بيماريون، سڀ، ٻاڙ تي هموار ڪيائين.

اڄ هڪ ٻئي اهڙي ٻاٻوءَ جي پياري جو مون ورڪي وري

سوگهو جهلي بيٺي آهه. پياري دادا جون ٻه ٽڪون ٽ
اچن ٿيون:

ڪِينٽو ٻيو گيت ڳائي،
اِڪ اِڪ جي اندر آڳ آهي!

اِڪ پکيئڙو اتي توهان جي دلين اندر. اُهو پکيئڙو و
گيت ڳائي ٿو هن ڌرتيءَ تي اسين آيا آهيون ڇا جي واسطي
نه ان واسطي ته پنهنجو پدارٿ ڪٺو ڪريون، بنگلا ماڙيون اڏايون
عيش عشرت ڪريون. سڀ ڇڏي ويندا سين. عهدو اقبا
مان شان سڀ ڇڏي ويندا سين. هت آيا آهيون هڪ ڪ
واسطي. هڪ هڪ جي اندر جا آڳ آهه، سا آڳ اُٿاريون. اسا
مان ڪيترن جو سوڀاڳيه آهه جو هڪ اهڙي آڳ جي اِنسان
آنش جي اِنسان، پياري دادا جي چرنن ۾ ويهڻ جو موقعو مليو
پياري دادا جي اکرين ۾، اکين ۾، هڪ هڪ ڪرم ڪار ۾ آنش
هئي. پياري دادا جو پيغام: ”آنش اُٿاريو! آنش اُٿاريو!“ اس
مان ڪي پياري دادا جي چرنن ۾ ويٺا سين. ڪي لهرون
ڪي چڻنگون ان آنش جون جهپيون سين. شل اِهي چڻنگو
وڌنديون رهن. اِڪ ڏينهن آڳ جو روپ وٺن. انڪري آڳ اُٿاري
آنش اُٿاريو! اِها آنش ڪيئن ڪلي؟ ان لئه ٻه ڳالهيون ضرور
آهن. ٻهرين ته اندر وڃو! پيتو جاڳو! پياري دادا جي سڪيا
وري وري هن ڳالهه تي زور ڏنل آهه: پيتو جاڳو، ميري پيا
پيتو! پيارا! تون اجا گهڻو وقت ٽڪندين؟ پنجاهه سال ٿ
ٿي ويا. اجا گهڻو وقت ٽڪندين؟ اسانجون اِندريون ٻيئو
ٻاهر ٽڪن! اندر اتي سچو پدارٿ، پرم پدارٿ. اندر اتي آ
ان آڳ جو، جوت جو درشن ڪريو:

”امرت ويلا سچ ناءُ، وڏيائي ويچار.“

امرت ويلي اُٿي سِمرڻ جو جاپ ڪريو. اُن وڏي مان

ملندو؟ تڏهن اهي ماڻهو چون ٿا ته جيڪڏهن هي انجام ڪري ته ڇوڪريءَ جي سنڀال لاءِ مهني سو مهني اسان کي پئسا پهچائيندو ته اسين هن کي ڇڏينداسين، ٻيو ڪو شريف انسان ان لاءِ ضامن ٿئي. اهو ٻڌي اوستا وارو شخص چوي ٿو ”مان ٿو هن جو ضامن ٿيان.“

هيٺئين ساڌو وڃي ٿو ۽ ٻار کي چوي ٿو ”پيارا! اڄ کان توکي ٻڍيءَ زال نه ڏني آهي. هاڻي توکي زال جي نه سنڀال ڪرڻي پوندي. ان ڪري توکي پورهيو ڪرڻو پوندو. صبوح کان شام تائين اهو ساڌو پورهيو ڪري ٿو، پئسا ڪمائي هن زال کي موڪلي ٿو. اِڪ اکر ڪين ٿو ڪڇي! فقط پيو پڪاري: ”نانڪ داس سدا قرباني!“ مهنا گذري وڃن ٿا. هن ٻالڪيءَ جو وقت اچي پڄو آهي، ٻار ڄمڻ جو وقت! ٻه ٻار نڪري ٿيا ڪين. سوڙ وڃي وڌندو! تڏهن ان ڇوڪريءَ جي دل اندر پڇتاءُ اٿي ٿو ته ”آ! هي مون ڇا ڪيو؟ هڪ بيگناهه ساڌوءَ کي مون ڦاسايو. هيءَ ان جي سزا هن وقت مان ڀوڳي رهي آهيان!“ ان وقت پنهنجي مائٽن سان سچي سچي حقيقت ڪري ٿي ته مون وڏو گناهه ڪيو آهي! وڃي هن ساڌوءَ کان مون لاءِ معافي وٺو، تڏهن مان ڇٽنديس. هي ڪم ڪيو ان ڇوڪري، جو رهندو آهي اسانجي پاسي واري گهر ۾. ٻه انکي ٻچائڻ واسطي مون ڏوهه وڌو ان ساڌوءَ تي!“ مائٽن جي اکين مان ڳوڙها ٽڙن ٿا. چون ٿا: ”اسان ڪيڏو نه گناهه ڪيو! هن ساڌوءَ هڪ اکر نه ڪين ڪڇيو! اسان ڇا ڪيو؟“ مائٽ اچن ٿا. سڄو ڳوٺ ڪٺو ٿئي ٿو. لوڪ چون ٿا ته ”هلي اسين هن پياري کان ڳچيءَ ۾ ڪپڙو وجهي معافي گهرون.“ هن پياري کي سڄو لوڪ ٿي ڏسي لوڪ اچن ٿيا. ڪن ۾ ڪم ٿي وڃي ٿو. توسي ڪين ٿو. ڳوٺ ڇڏي وڃي ڪٿهن ٻئي هنڌ رهي ٿو.

ويچار ڪيو آهه. عجيب اِنسان هو. هڪ هنڌ رهي ٿو، ٻيھجو
ڪيترو وقت سانت ۾ گذاري ٿو. دکين درپدرن جي شيوا ڪري.
اُت هڪ آشرم آهه. اُن آشرم جي ماڻهن کي خبر پوي ٿي ته
هي عجيب اِنسان آهه. ڪيس وينتي ڪن ٿا ته تون اچي آشرم
جو وڏو ٿيءُ. هي پيارو وڏائيءَ کان ڀڄي. هيڪي زوريءَ آشرم
۾ وٺي اچن ٿا، ٻه ٽي ڏينهن اُت رهي ٿو. ڪڪ ٿي پوي ٿو.
هڪ ڏينهن آشرم مان هليو وڃي ٿو ۽ هڪ ٻوٽ ۾ رهي ٿو،
جت ڪيس ڪوئي ڪين سڃاڻي. اُت ڪيترو وقت هي پيارو
سانت ۾ گذاري ٿو. روز دکين جي خدمت ڪري ٿو. هن ٻوٽ
جي اِڪ ڇوڪري ٻوڙي سنگهه ۾ ڦاسي ٿي ۽ گرپونتي
ٿئي ٿي. ڇوڪريءَ کان مائٽ پڇن ٿا: ”هي ڪم ڪنهن ڪيو؟“
ڇوڪري ڪڪرميءَ کي بچائڻ چاهي ٿي. ڏوهه ان سنتپرکه تي
وجهي ٿي. چوي ٿي: ”هي ڪم ان ساڌوءَ ڪيو.“ مائٽن کي
جوش لڳي ٿو. چون ٿا، هي پاڻ کي ڪوٺائي ٿو ساڌو ۽ ڪم
کهڙا ٿو ڪري؟ وڃي هن کي جهڏن کان پڪڙين ٿا. هيڪي
ڌڪ هڻن ٿا، گاريون ڏين ٿا، پر هي پيارو ورڃ پيو
پنهنجي دل اندر پڪاري

”نانڪ داس سدا قرباني“

پرڀو! هيءَ قرباني منهنجي قبول ڪر! هن ۾ ٻه ڪو تنهنجو
راز آهه! واهگرو! واهه واهه! هن ساڌوءَ کي لٺيون هڻن ٿا،
اڌ مئو ٿي پوي ٿو، پر ڪجهه ڪين ٿو. اُتان هڪ پرڌ اوستا
جو ماڻهو اچي لنگهي ٿو ۽ لوڪن کي چوي ٿو ته هن ساڌوءَ
کي ڇو ٿا مارهو؟ ڇوڪريءَ جا مائٽ چون ٿا ته هي ساڌو ڪين
آهي پر اِڪ بگهڙ! جولو ساڌوءَ جو، پر ڪرتوت ٻسونءَ جا
ان ڪري اسين هن کي مارڻ هين جو ساهه ڪڍنداسين. هي
پرڌ اوستا جو انسان ڪين چوي ٿو ته مارڻ مان توهان کي

خبر ڪين آهي، پر مونکي خبر آهي ته اسانجون تعليمي سنسٿائون جيڪڏهن ڪنيون ٿين ته ڇا نتيون ڪري سگهن. آئينده جا اڳوان اسڪول جي بينچن تي ويٺا آهن. مان اڄ ڇوڪ چاهيان ٿو ته نئين سنڌي سماج جا اڏيندڙ هن وقت اسڪولن جي بينچن تي ويٺا آهن. توهين ڪين ڪهڙي سکيا ويٺا ڏيو؟ توهين اڌياپڪ، ڪاليجن جا پروفيسر، ڇا نٿا ڪري سگهو! توهان وٽ آهن اهي، جي اسانجو آئينده روشن ڪري سگهن ٿا، جي فقط ڪين پوري سکيا ڏني وڃي. هڪ دفعي دادا ساڌو واسواڻيءَ چيو ته اڌياپڪ آهه اڪ هاري، اڪ ڪسان. جيئن هاري ٻج پوکي ٿو، تيئن هڪ هڪ ماستر پنهنجن شاگردن جي دلين ۾ اُتم سنسڪارن جا ٻج پوکي سگهي ٿو. مان اوهان کان سوال پڇان ٿو ته اوهين ڪهڙا ويٺا ٻج پوکيو؟

اوهين هڪ هڪ وديارٿيءَ جي دل اندر چرتر جا ٻج پوکيو. اسانجي سنڌي سماج کي سڀ ڪجهه آهي، پئسو، دماغ، سمجهه، هوشياري، ڪم ڪرڻ جي طاقت. فقط جي اسانجي اندر چرتر ڪلي ته اسانجي نئين ڀڳت ڀارت جي اڳيان اڪ مثال ٿي سگهي ٿي. شاگردن جي دلين اندر ٻه ٻج ضرور پوکيو. صدق جو ٻج، اهو صدق ٽن قسمن جو آهه. پهريون پرڀوءَ ۾ صدق. ولايت جي اثر هيٺ اسانجا نوجوان ناستڪ ٿيندا وڃن ٿا. ڀڳت ناستڪ ڪين ٿيندا. شاگردن جي ڪچڙن دلين ۾ هي ويچار پڪو ڪرڻو ته پرڀو آهي. پرڀوءَ جي پيار ۾ شل اسانجا نوجوان وڏن ۽ پرڀوءَ جي ڀئه ۾ رهن. اڄ ڪلهه پرڀوءَ جو ڀئه ڪين آهي، ان ڪري دنيا وڃي پيئي اونڌاهه ۾ ڪرندي! شل اسانجا شاگرد هيءَ ڳالهه سمجهن ته پرڀو آهه حاضران حضور. جيڪي ڪرڻون ٿا، سو پرڀوءَ جي حاضريءَ ۾. انڪري ڪوڙ پاپ ۽ ڪڪرم کان پري رهون، پنهنجي

اڄ ٻه ڪي اهڙا اِنسان اٿوَ. انهن جي سانتيڪي شڪتي
۾ دنيا هلي ٿي. اِنسان ذات زنده رهي ٿي. شل اهڙن اِنسان
جي جيون مان اسين ڪجھ سکون. روز پنهنجي اندر وڃون
روز روز هيءَ پرارٿنا ڪريون ”نانڪ داس سدا قرباني.“ وڏيو
قربانيون اسين ڪري سگهنداسين ڪين، پر روز روز ننڍڙيو
قربانيون ڪريون. اسان مان هڪ هڪ ڪا نه ڪا قرباني رو
ڪري سگهي ٿو. پنهنجي روٽيءَ مان قرباني ڪري ڪنهن
ڪنهن بکايل کي کارايون. پنهنجي ڪپڙن مان ڪجھ قرباني
ڪري اُنهن کي ڏيون جي ننگا آهن. ياد رکو، هيءَ اٿوَ پياري
دادا جي سکيا ته جنهن ڏينهن اوهان قرباني نه ڪئي آهه
ننڍي قرباني يا وڏي قرباني، اُهو ڏينهن وڃايو! جنه
جيون ۾ ڪا قربانيءَ جي جوت نٿي چمڪي، سا جيون ويرا
آهه، بيابان آهه!

٢٥ آگسٽ سنڌو ڪوڄا ڪينڊر پونا جي سهاري ميرا
هاءِ اسڪول ۾ اکل ڀارت سنڌي تعليمي سيمينار آيوجت ڪ
ويو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن مهورتي تقرير ڪندي چ
منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيارئون ڀينرون! لائق ڪين اٿم جو ه
سيمينار جو مهورت ڪريان. اوهين ڀارت جي جدا ج
هنڌن تان اچي ڪٺا ٿيا آهيو. اوهين ودوان آهيو، تعليمدا
آهيو، مان ڪجھ ڪين ڄاڻان! پر دل اندر پنهنجي پيار
قوم، سنڌي پرڳڻ لاءِ درد اٿم. دردمندان ڪا درد! سنڌ
سماج جي حالت جو وچار ڪري هڏن اکين وري و
آهه! ڳوڙها ڳاڙيا آهن! ڪيترا ڀيرا آڌيءَ رات جو اٿي پنهنج
پياري سماج لاءِ پرڀوءَ در پرارٿنا ڪئي اٿم. منهنجي دل
آهه اُميد ته پرڀوءَ جي ڪرپا ۾، سنتن، ستپرڪن، درويش
فقيرن جي فضل ۾ اِڪ ڏينهن سنڌي پرڳڻ اڀرنداسين.

”ڀارت ۾ سنڌين جا تعليمي مسئلا“ وشيه تي وچار ڪر
لاءِ اوهين اڄ هتي ڪٺا ٿيا آهيو. مونکي انهن مسئلن جي گهڻ

ڪري رهيو آهي. ڀيڻ رڪمڻيءَ جي دل اندر آهه پيار ۽ ديا ٻڪين، ٻسن ۽ اِڪ اِڪ ٻراڻيءَ واسطي. هيءَ ڀيڻ ديا جي جوت ڪٺي ڀارت جي ڀن ڀن نگرن ۾ وڃي ٻيٺي آواز اُٿاري ته ٻڪي ٻسون اُٿو اوهانجا ڀاڄ. اُنهن کي پيار ڏيو. ساڳي سکيا پياري دادا جي، جا ميران اسڪولن ۾ ڏني وڃي ٿي. پياري دادا آواز اُٿاريو ”جيئو ديا جي جوت جڳايو.“ هي ٻڪي ٻسون آهن گوبند جا ٻار. نه ڪين کهو، نڪي کهايو. افسوس! اڄڪلهه ڪيترا ٻڪين ٻسن کي ڪُترا ڪُترا ڪري رڌي کائين ٿا! مدهجا پيارا ٻالڪو! توهين اِن هنسڪ کاڌي کان پري رهو. ٻڪين ٻسن کي پيار ڪريو!

ڪارتڪ اڪادشي پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو سنڌي تاريخ موجب جنمدن هو. پرڀات جو ٦ بجي پوڄيه دادا جن جي ڪنيا ۽ شاسترن مان پاٺ ۽ نام ڪيرتن ٿيو. صبوح جو ڏهين بجي هون ٿيو بعد سفيد پوشن ۽ غريبن جي سيوا ڪئي ويئي. منجهند جو ڪمات هائوس ۾ ڀاءُ ڪشور ٻڪومل ٿڏاڻيءَ جي گهر هميشهه جيان ستسنگ ٿيو. پهرين دادا گنگارام ساجنداس پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪيو.

ان موقعي لي پوڄيه دادا جشن واسواڻي ڳالهائيندي چيو ته پياري دادا سمست جيون لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ ارپڻ ڪئي. رات مون هڪ سپنو ڏٺو. سپني ۾ ڏٺم ته حيدرآباد شهر ۾ مان، ڀاءُ گنگارام ۽ پيارو دادا ساڌو واسواڻي گاڏيءَ ۾ چڙهي پرسرام وڪيل وٽ ماڻي کائڻ پيا وڃون. مٿو رستو اڻاڙي آيا آهيون ته پيارو دادا چوي ٿو ”مونکي ڏاڍي بک لڳي آهي، مونکي هت ئي گاڏي بيهاري کارايو. مون دادا جن کي چيو ته باقي ٿورو مفاصلو آهي، هلي ٿا پهچون، پرسرام جا جولدو؟

جيون ۾ سچ ۽ پريم جي ساکي ڏيون! اهڙا نوجوان نمين سماج
ناهي سگهندا.

ٻيو صدق آهي ڀڳت ۾ صدق. مونکي ڪي ملن، چون
ته اڄ سنڌي ڀڳت ڪٿي آهي! سنڌي ڀڳت ته خلاص ٿي
وئي آهه! اِئين ڪين اٿو! جڏهن ڀڳت سنت پارو شاهه، سنت
وسڻ شاهه، ساڌو واسواڻي، ساڌو هيرانند، ساڌو نولراءِ، رشي
ڏيارام، سوامي ٽيئونرام، ڀڳت ڪنورام جهڙا پر اُپڪاري سنت
پيدا ڪيا، هيمون ڪالاڻيءَ جهڙو وير شهيد پيدا ڪيو، سا
ڀڳت ڪيئن ناس ٿيندي؟ ٽيون صدق آهه ٻاڻ ۾ صدق.
هڪ هڪ وديارٿيءَ کي آتم وشواس سيکاريو، ٻاڻ ۾ وشواس.
جنهن منش کي آتم وشواس آهي سو ڇا نٿو ڪري سگهي؟

شاگردن جي دلين ۾ سيوا جو ٻج پوکيو. شاگردن کي
سيکاريو ته غريبن ۽ دکين جا دوست ٿين، مسڪينن جا مددگار
ٿين. اڄ ڪلهه ڪيڏو نه دک آهه، ڪيڏي نه غريبي! وڏوانون
روئن پيئون، غريب ٻڪارڻ پيا، ٻاڪارڻ پيا. ڇا سيوڪ ڪون
جي دکين دردن جا ڳوڙها سڪائين! ميران اسڪولن ۾ اهو
نماڻو پنن ڪيو ٻيو وڃي. شل پريوءَ جي آسيس هن سيمينار
تي ڇمڪي!

ميران هاءِ اسڪول جو وارشڪ اُتسو ١٠ آڪٽوبر ١٩٦٨
شام جو ٦ بجي ميران يومیءَ ۾ آيوجت ڪيو ويو. وديارٿين
جيو ديا بابت سندر ناٽڪ پيش ڪيو. اُتسو جي مکيه مهمان
هئي شوبهتي رڪمڻي ديوي. ان موقعي تي بوجه دادا جشن
واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو ته جڏهن ديوتائون راضي ٿيند
آهن ته ميٺهن جي ورکا ڪندا آهن. اڄ مان انهن سمجهان ٿ
ته ديوتائون اسان تي پرسن ٿيا آهن جو ورکا وسي آهي. پيار
دادا مٺي ميٺهن ڌواران ٻهڙهي آسيس جي ورکا اسان تي

دادل شاهه جون مورتون رکيون ويئون. اُتي دادا جشن ٻه ٻه منٽ پنهنجي امرت وچن جي ورکا پئي ڪئي. ٢۴ نومبر آرتوار صبوح جو ٻوجي. دادا جشن اُپديش ڪندي دادا ساڌو واسواڻيءَ جون ڪي پريرڻادايڪ ڳالهيون ٻڌايون. وديارٿين دادل شاهه جي جيون جي گهٽنائن سان سمبنڌت ناٽڪ ڪري ڏيکاريا. دادا جشن وديارٿين کي انعام ڏنا.

٢٥ نومبر صبوح جو هون يگيه بعد دادا جشن سؤن سفيد پوش پيڙن ۽ سورداسن کي چادرون، اناج ۽ ٻيو ٽول ڏنو. معجهد جو دادا لنگر جو آرنڀ ٿيو. ڪيتن نه پيارو دادا جشن ٻاط ٻڪمت ۾ ٻوندي ورهائي رهيو هو! شام جو ڪيترن پيارن دادل شاهه کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني ۽ پياري دادل شاهه جو منڙو اُپديش ٽيپ رڪارڊ تي ٻڌايو ويو. اُن بعد پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄوڪو ڏينهن مون واسطي آهي پرارٿنا جو ڏينهن ۽ پرڀوءَ جا شڪرانا مڃڻ جو ڏينهن، دکين دريدرن جي سيوا جو ڏينهن ۽ سانت ۾ گذارڻ جو ڏينهن، ان ڪري فقط ٻه چار اکر اوهانجي چرنن ۾ رکندس. اڄوڪو ڏينهن اوهان ڪيڏي نه اُتساهه اُمنگ سان ملهايو آهي! اوهانجي دلين ۾ پياري دادا لاءِ ڪيڏي نه سڪ ۽ شرڌا آهه. پيارو دادا هو پرڀو ۽ گروءَ جو اوتار. هڪ ڏينهن دادا کان پڇيوسين ته اسين اوهانجا ڪيئن ٿيون؟ پياري دادا چيو ته جي اوهين منهنجا ٿيڻ چاهيو ٿا ته پرڀوءَ کي پيار ڏيو ۽ هڪ ٻئي کي پيار ڏيو.

پياري دادا جي سکيا اٿو هدن اکرن ۾: "پيار ڏيو! قربت ڏيو!" هن وقت اسانجي پڪمت پڪل آهه، گهر ٻڪل آهن ڇو جو اسين پيار کان پري آهيون. پرڀوءَ جي يادگيري ڪٿي؟ هن وقت ته اسين آهيون وسري ۾! پهڪ ٻئي پدارٿ ۾ وڌيا آهيون.

پياري دادا چيو "گنهگار اُڌار ڪي سمجهائيندو، مونکي هم
ني ڪارايو." پياري دادا کي هڪ حلوائيءَ کان ٽول وٺي آئي
ڏيون ٿا. اُت غريب، فقير بيٺا آهن. دادا اُهو ٽول اُنهن کي
ڏيئي ڇڏي ٿو. وري ٻيهر ڪافي مٺائي ۽ ٻيو ٽول وٺي اچو
ٿا سو به پيارو دادا مسڪينن ۾ ورهائي ڇڏي ٿو. پيارو داد
ائين وڃي ٿو ڏيندو. پاڻ ڪجهه ڪين کاڌائين. پياري دادا جي
بک هئي نه ڏيو! ڏيو! اڄ جو سڀيهو دادل شاهه ڏئي ٿو ته ڏيو
ڏيو! ڏيندا رهو! ڌن، اَن، پنهنجو پيار ۽ همدردي ڏيندا رهو
ڏيندا رهو!

دادا ساڌو واسواڻي جنمدن سڀنڌ ۾ ٢٢ نومبر ميرا
ڪاليج طرفان اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. مکيه مهمان هو پو
يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر ڊاڪٽر ٽانسڪر. ڪاليج ج
بالڪين غريبن کي ڏيڻ لاءِ ڪيترائون شيون دادل شاهه ج
چرنن ۾ پيش ڪيون. پرنسيپال دادا جشن واسواڻيءَ مکيه مهما
جو سواگت ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻي پيدرن
جاڳرتي آڻڻ لاءِ ميران وديا هلچل شروع ڪئي. ميران اسڪو
۽ ميران ڪاليج ۾ پراچين ڀارتيه سنسڪرتيءَ جو سنديش ڏ
وڃي ٿو. بالڪين بالڪن ۾ اُتم سنسڪار وڌا وڃن ٿا. جيئ
اڳتي هلي هو آدرش ناگرڪ ٿي قوم جو ڪنڌ مٿي ڪن.

٢٣ نومبر شام جو ٤ بجي ميران پوميءَ مان 'رٿ يا تر
شروع ٿي. رٿ تي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي شاهي تصو
سينگاري رکي وئي. اُن رٿ کي پوڄيه دادا جشن ۽ ٻيا پو
ڌنيون لڳائيندا ڪاهي رهيا هئا. دادا جن جي جيون جون
۽ جهانڪيون ڏيکاريل هيون. هزارين شرڌالو "پلي آئين دا
شاهه، اڱڻ اسانجي دادل شاهه" گيت ڳنڳنائي رهيا هئا
"دادا شبام" جي ڌني لڳائي رهيا هئا. هدا جدا ڇوڪن

ـپار ڪري ٿو. سنسار ۾ رهي سنسار جو ٿي نٿو رهي. پيارو
ـدادا ساڌو واسواڻي نئين سال لاءِ پڀوءَ کي ڪهڙي نه مٺي
ـپرارٿنا ڪري ٿو:

نئون سال آيو، اچي شل نهارين!
رحم جي اکين سان، مهر ۾ وهارين!
نئين جوت تون اوت مهنجي اکين ۾،
نئين سِڪ سچ لئه مهنجي پکن ۾.
نئون ڏي صدق تون ۽ نئين شيام ڀڳتي،
نئون جوش جيون ۽ نئين شيوا شڪتي!
نئون ڪر، ڏي تون نرمل زندگي،
نوان ڀاوَ، نوان نوڙيان بندگي!
نئين پريت ڏي تون غريبن ٻڪين لاءِ،
نئون درد دل ۾ ڏي تون دکين لاءِ!
’نوري‘ نماڻي ڪر توکي تياري،
سنتن جي در جي ملي ڌوڙ پياري!

اِها پياري دادا جي هيءَ پرارٿنا اسين اندر جي اونهائيءَ
ـن وَر وَر اُچاريون. پياري دادا جي سکيائن جي ساکي ڏيئي
ـان ٿيون! نوان ٿيون!

١٥ جنوري صبوح جو دادا واسواڻي چونڪ وٽ سوين
ـامي گڏ ٿي دادل شاهه جي ڌني هٽڙ لڳا ۽ جئه جئه ڪار
ـڪرڻ لڳا. اُن وقت پوڄيه دادا جشن، پساڄ پهو مچيديا، باهَ
ـڌ رلواڻي سيڪاراڻ ٽوڪ ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو
ـلو اُچي چادر ۾ ويڙهيل کڻي آيا. پتلي ڪري ڪرڻ کان اڳ
ـدادا جشن پتلي واريءَ جاءِ تي پنج رتن وڌا ۽ پرارٿنا ڪئي.
ـام جو وري دادا جشن، دادا گنگارام ۽ ڪي ٻيا اڳتي آيا.
ـجبه دادا جشن دادا جن جي پتلي تي ويڙهيل اڇو ڪپڙو لاٿو

بنگلا ماڙيون، موٽرون، هوائي جهاز، ريفريجريٽر، ايئرڪنڊيشنر، ٻيون ڪيتريون سهوليتون اسان کي آهن، پر تہ بہ اسان کي سک ڪٿي آهي. ٻئي کي اسان آهي وساريو، انڪري وڃون پيا دک جي اوڙاهہ ۾ ڪرندا.

منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀينرون! اوهين جي اڄ هت ڪٺا ٿيا آهيو، اها اِڪ سکيا پياري دادا جي پاڻ سان کڻي وڃو "ٻئي کي نہ وساريو". جو ٻئي کي نٿو وساري اهو اِڪ نئين دنيا ۾ نواس ڪري ٿو. اُن دنيا ۾ ڏسندا تہ ٻئي جا فرشتا ۽ ديوتائون ويٺا اوهان جي رکيا ڪن. ٻئي کي پيار ڏيو، هڪ ٻئي کي پيار ڏيو! دلين جي اندر پيار جا چشما کوليو! ان پيار ۾ هڪ ٻئي جا ڏوهہ نہ ڏسو، پر گڻ گراهڪ ٿيو. ان پيار ۾ هڪ ٻئي جي نڪتہ چيني نہ ڪريو پر هڪ ٻئي مان سکو. پيارو دادا پاڻ پيار جي صورت هو، محبت جي مورت هو. سندس اکڙين ۾ عشق تہ اکرن ۾ بہ پيار. جنهن جي دل ۾ پيار آهي سو دکين دردين جي خدمت ڪري ٿو. ان ڪري پيارو دادا ور ور چوندو هو تہ منهنجي لاءِ ٻئي جي سيوا آهي غريبن جي سيوا. ان ڪري دکي لوڪن کي سکي ڪريو ۽ نام کي نہ وساريو. نام جپيو! نام ڌيايو، پريم سک پسايو!

١ جنوري ١٩٦٩ پوڄيہ دادا جشن واسواڻيءَ پروچن ڪندي چيو تہ اڄ نئون سال شروع ٿئي ٿو، اسين بہ نوان ٿيون. ٻئي کي ۽ پياري دادا کي پرارٿنا ڪريون "اسان کي نئون بڻاءِ! نئون بڻاءِ!" اسان زندگيءَ جا ڪيترا نہ امولہ سال ۽ وقت وڃايا آهن. نئون اهو ٿئي ٿو، جو ڪنهن ڪامل مرشد جي شرڻ وٺي روحاني راهہ ۾ اڳتي وڌي ٿو. سورج ۽ هوا ۾ جيئن ارپڻ ڪري ٿو. ڪائنات کي جلدي الفت جو رستو اختيار ڪري ٿو. نہ صرف ٻئي کي پيار ڪري ٿو پر خلق ۾ خالق جي سڀني پراڻين کي

جي شهيديءَ جو ڏينهن آهي! ديش جي آزاديءَ جي هون ڪيد
۽ ڪيئن نه هن ڀياري پنهنجي پراڻن جي آهوتي ڏني. جڏهن
جج هن ڀياري کي ڦاسي ڏيڻ جو فيصلو ظاهر ڪيو ته ڀياري
دادا ساڌو واسواڻيءَ سرڪار کي تارون موڪليون ته هن ڀياري
نوجوان کي ڦاسيءَ جي سزا نه ڏني وڃي پر مارشل لا سبب
ڪجهه ڪين ورتو. هي ڀيارو ڦاسيءَ جي تختي تي به ”ڀارت
ماتا ڪي جيءِ!“ جا نعرا هڻندو شهيد ٿيو. ڀارت جي آزاديءَ
لاءِ ڪيترن نه پنهنجون قربانيون ڪيون. انهن سورمن جي
قربانين سبب ديش آزاد ٿيو، پر اڄ ڀڳت سنگهه ۽ هيمونءَ، شري
لوڪمانيه تلڪ ۽ لالا لجپتراءِ جهڙا ديش ڀڳت ڪٿي؟ جن کي
ديش جو اونو هجي! اسان مان هڪ هڪ تي ڀارت ماتا جو
قرض آهي. اهو قرض تڏهن اسين لاهي سگهنداسين جڏهن
پنهنجا فرض پوريءَ ريت پاليندا سين. ديش سان وفادار ٿيو!
ديش جي آزاديءَ جي سرکشا ڪريو! ديش جي نونرماڻ ۾
يوگدان ڏيو!

شري چيتنيه مها پرڀو جينتي سنبنڌ ۾ پوڄيه دادا جشن
ڳالهائيندي چيو: ڦڳڻ مهيني جي چوڏس ڏينهن سنت چيتنيه
جو جنم ٿيو. چوڏس جو ڏينهن ان ڪري سڀاڳو آهي، جو ان
ڏينهن پرهلاد کي اگنيءَ ۾ اڇلائين ٿا ۽ ڪيئن نه پرهلاد جي
پڀو رکشا ڪري ٿو. سنڌيا جي وقت مندر ۾ آرتي ٿئي ٿي،
ان وقت شري چيتنيه جو جنم ٿيو. چنڊ جيان هن جو مکڙو
ٿي چمڪيو، جنهنڪري هن کي ڀيئرون نالو ڏين ٿيون
گور رنگ (گوري رنگ وارو). سندس ماتا ڪيس نالو ڏنو
”نماڻي“ ڇو ته نم جي وڻ هيٺ هن اسواري ٻار جو جنم ٿيو.

شري چيتنيه اڃا ننڍڙو ٻالڪ آهي. سندس پتا ڪيترائون
شيون سندس اڳيان آڻي رکي ٿو. رانديڪا، مٺايون، ميوا ۽

۽ سيني ڳڌجي 'سنتان کي ڪارج' شبد ڳايو. ١٦ جنوري
صبوح جو هون ٿي ڳيو بعد دادا جشن ڪيترن گهرجائن ڪ
ڪمبل ڏنا. منجهند جو دادا لنگر آرنيو ٿيو. دادا جشن ڪيئ
نه ڀڳت ۾ ٻڍڙيون ٻچي وڌايون ۽ پنهنجي نيڻن ڀري نگا
سان نهال ٿي ڪيو! شام جو ساڍي ٥ بجي وري داداجن ج
چونڪ تي دادل شاهه جي پتلي جي اڳيان دادا جشن شلو
اُچاريندي پرارٿنا ڪئي. دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻيءَ دادا ج
جي پتلي جو مهورت ڪيو ۽ پريمين ڳالهن جي ورکا ڪئي.
شام جو ٧ بجي دادا منبپ ۾ دادا گنگارام ساجنداس
ٻين پيارن دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏني. پوءِ دادا جش
پونا جي نقاش شري ڪيدڪر ۽ شري واگهه جي شڪرگذار
ڪئي، جن پياري دادا جي پتلي جو ماڊل ۽ پتلو ٺاهيو. دا
جشن پرو چن ڪندي چيو ته پياري دادا جي جيون هئي ار
جي جيون. ٻال اوستا کان ٻچاڙيءَ واري ڏينهن تائين دادا ڏيند
رهيو. اسڪول ۾ پڙهندي، ڪاليج ۾ پڙهندي، ڪيئن نه دا
پنهنجي خرچيءَ مان پيسا بچائي گهرجائو وديارٿين کي م
ڪندو هو. هڪ هڪ کي پنهنجو پيار ۽ همدردي ڏيندو ه
پياري دادا کي لکين روپيا ملندا هئا سي دکين جي سيوا
خرچ ڪندو هو. ڪيترن کي پنهنجو پيار ڏيئي سندن ڳو
اُگهيائين. پکين پسن کي به دادا ڪيڏو نه پيار ڏيندو هو.
منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! توهان به جيون ۾ پرم ج
جوت جڳايو، نام ڳايو! نام ڌيايو! پکين پسن، جيون جنت
پشپن پتن کي به پيار ڏيو. دکي لوڪن کي سکي ڪرڻ
يتن ڪريو.
٢١ جنوري دادا جشن شهيد هيمون ڪالاڻيءَ کي شرڌانج
ڏيندي چيو ته اڄ سنڌ جي نذر نوجوان وير هيمون ڪالاڻ

آواز اُٿاري چوي ٿو ”پيارا! تون، تون آهين اهو سَت چِتنيہ! تون آهو آهين ٻاڻ ٻوڌم جا پيرا پوي.

مهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀينرون! توهان سَت چِتنيہ ۽ پياري دادا جيان شري ڪرشن جو نام ڳايو، سَتَس ڏيان ڏيايو، مانک جنم ڪيو سڄايو!

گرو پورڻما جي پوڄ ڏينهن پوڄيہ دادا جشن پووچن ڪندي چيو تہ هڪ سَت ڪويءَ گروءَ جي اُتاهہ مهما ڪئي آهہ. پيارو دادا بہ اسان کي پنهنجي ٻاڻيءَ دواران صلاح ڏيندي چوي ٿو:

وار وار سَر جهڪاءِ سَتگر چرنا!
وار وار وڃ ڏوڙي، تن ستٿن پيران!
گرديو چرڻن رج، وار وار ڪر اشنان!
نئُري نماڻي روئي روئي دل ڏوئي پاءِ پد نروان!

پياري دادا جو کهڙو نہ مٺڙو وچن! سياڻو سو، جنهن کي سچي گروءَ، ڪامل مرشد جو سنگ مليو ٿو. زندگيءَ جو پرم پدارٿ اُو گروءَ جو سنگ. گروءَ جهڙو ٻيو داتار ڪونهي. سچو شش گروءَ جي در تي پڪاري ٿي بيهي ٿو. جهڙ ۾، مينهن ۾، تتيءَ ۾، ٿڌيءَ ۾، گروءَ جي در پياسي ٿي مهر لاءِ پڪاري ٿو. پر مهر وٺڻ لاءِ هڪ ڳالهہ جيڪا ضروري آهي سا آهي آگيا ۾ هلڻ. پياري دادا سادو واسواڻيءَ وري چيو تہ روحاني زندگيءَ جي پيڙهہ اُئو حڪم ۾ هلڻ. ”گرو کي آگيا ماني ماتي.“ پر آگيا ۾ هلڻ سولي ڳالهہ ڪونهي. جو آگيا ۾ هلي ٿو سو پرم منزل پائي ٿو. گرو جيئن چوي تيئن ڪجي، گرو جيئن ڪري تيئن ڪجي. گروءَ جي آگيا پالن ڪندي ڪيترن ئي قرباني ڪرڻي پوي، تڏهن بہ منهن نہ موڙجي.

٢ آگسٽ پوڄيہ دادا جشن جي جنمدن سمبنڌ ۾ ڪيترن ئي

پسنڪ. ٻالڪ کي چوي ٿو ته هن شين مان جيڪي توکي
کپي سي تون کڻ. ٻالڪ چيتنيه سڀني شين ڏي نهاري شريمد
ڀڳوت گيتا تي هٿ رکي ٿو. اُتي بيٺل ٻانڀڻ پنڊت اهو ڏسي
چون ٿا ته هي ٻالڪ شري ڪرشن جو ڀڳت ٿيندو. شري چيتنيه
وڏو ٿئي ٿو. وڏي وديا ولي ٿو. نياءِ شاستر ۾ نروڻ آهه.
اسڪول کولي ٿو. نوجوانن جون دليون ٿوڏي ٿو. پياري دادا
ساڌو واسواڻيءَ به پنهنجي ڪاليج ڏينهن ۾ هزارن وديارٿين
کي پريم جي راهه ۾ ڇڪيو. ڪيترا وديارٿي پياري دادا تان
بلهار ٿيا ويندا هئا.

هڪ ڏينهن شري چيتنيه وڃي ٿو گيا ۾ پوڄ ڪتا جو بعد
پرائڻ. مندر ۾ گهڙي ٿو. مٿس شري ڪرشن جي ڪرپا ٿئي ٿي.
سندس دل جي دري کلي ٿي. اُت شري ڪرشن ليلا پئي هلي.
شري ڪرشن ليلا ڏسي شري چيتنيه جو من مگن ٿي ويو. اُن
وقت کان ٿي هن جي جيون تي شري ڪرشن جو جادو لڳي
ويو. موٽي اچي ٿو گهر. سندس ڳلن تان پيا ڳوڙها ڳڙن. هڪ
شيام سندر جي رنگ ۾ رتل! سندس ماتا کي عجب لڳي ٿو ته
منهنجي پٽ کي ڇا ٿيو آهه! اسڪول وڃي ٿو. اُته ٻ
"شيام شيام!" پيو ڳائي. "هري بول هري بول" جي ڌني
لڳائي. شري ڪرشن جي رنگ ۾ رڱجي لعل ٿي پوي ٿو.

ڪيترا سال ٿيا ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي ڪلڪتي
شهر ۾ هليو. اُته هڪ هنڌ اُپديش ڏيڻ هليو. اُپديش پوري
ٿيڻ کان پوءِ هڪ ماڻهو پياري دادا وٽ آيو ۽ اچي چيائين
"واسواڻي! تون ته ٻانڀڻ آهين شري چيتنيه." وري هڪ رات ڪلڪتي
شهر کان ڪيترا ميل پري پوي هڪ هنڌ پياري دادا کي ڪون
ڪيائون، جت شري چيتنيه جو نام ڪيرتن پئي هليو. ڪيرتن
کان پوءِ پياري دادا اُپديش ڏنو. اُپديش کان پوءِ هڪ ٻ

هن زندگيءَ جو انت اڃا ڪين.

مان نہ وري وري ائين سمجهندو آهيان تہ روز روز اسان کي نئون جنم ملي ٿو. قرآن شريف ۾ لکيل آهي تہ ”ننڊ آهي موت جي ننڍي ڀيڻ.“ ننڊ ۾ وڃون ٿا، موت ۾ وڃون ٿا. وري صبوح جو نوان ٿي اٿون ٿا. روز صبوح جو اسان کي نئون جنم ملي ٿو. ان ڪري مان پيو سمجهان تہ اڄ نہ فقط منهنجو جنم ڏڻ، پر اسان سڀني جو جنم ڏڻ آهي. پوءِ فقط مون کي ڇو ٿا واڌايون ڏيو؟ اوهان سڀني کي واڌايون!

صبوح جو روز اٿان، پرڀوءَ جا، گرديو جا شڪرانا مڃيان. چوان:- ”منهنجا سائين! تو اڄ مون کي نئون جنم ڏنو آهي. ان نئين جنم ۾ تون اچي منهنجي سنڀال لهجانءِ! اچي منهنجي رکيا ڪجانءِ! وڏو تنهنجو پاڙي، منهنجي ٻيڙي نماڻي! اتم صدق سائين، تون رکپال آهين!“ ان صدق ۾ اٿان، پنهنجو ڪم ڪار ڪريان. ڪم ڪار جي وچ ۾ وري وري نيڻن نماڻن سان پنهنجي محبوب ڏي نهاريان. ڪيس پڪاريان:- ”منهنجا گرديو! منهنجا پريتم! وقت وڃي پيو گذرندو، ٽڪرو، ٽڪرو! سال سارا اجهو ٿي ويا! هي جنم منهنجو نہ ڪر ويران! هيءُ باغ، هن جيون جو چمن نہ ڪر بيابان! سڀ مشڪل ڪر تون آسان! اندر اندر، وچ دل مندر، اڪير جي آتش اٿار! ان آتش اڪير ۾ شل جلي وڃان، شل خاڪ ٿي وڃان!“

ڏينهن پورو ٿئي، رات اچي. رات جو سمهڻ وقت پاڻ کي چوان:- ڪهڙي خبر، سڀان ڪٿ هوندس؟ شايد اهوڪي رات هن سرير جي پڄاڙيءَ جي رات هجي! ڪٿ رکندو مون کي منهنجو رام؟ خبر ناهہ! پر مون کي چنتا آهي ڪين. جو ٻنهي لوڪن جو، هن لوڪ جو ۽ پرلوڪ جو آهي هڪ مالڪ، منهنجو پريتم! هن لوڪ جو ۽ پرلوڪ جو آهہ اِڪ ئي سوامي.

شرڌالن داداجن کي مبارڪون ۽ پيتائون ڏنيون. نماشام جي
ستسنگ ۾ دادا جشن ٻروچن ڪندي چيو:

گرديو جي ڪمل قدمن ۾ سر جهڪايان ٿو، اوهان سڀن
واسطي آسيس پنان ٿو ۽ اوهان سڀن جي، اوهان مان هڪ هڪ
جي، چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو. هن اوهان جي داس واسطي
دعا پنان ٿو.

مون کي چيو ويئي ٿو ته اڄ منهنجو جنم ڏن آهه ۽ مان
پيو پاڻ کان پڇان:- ڪنهن جو جنم ڏن؟ نه منهنجو، ٻر هن سرير
جو! مان ۽ اوهين نڪو ڄمون ٿا، نڪو مرون ٿا! اسان مان
هڪ هڪ آهه انادي. هي دنيائون نهيون، هي سنسار ٻرگهٽ
ٿيو، تنهن کان اڳ اسين هئاسين. چو ته اسين آهيون انادي.
وستر پيا بدلايون، ويس پيا مٽايون. ويس پائي ڪڏهن هت
ڪڏهن هت پيا ڦرون. افسوس! پاڻ کي وساريو اٿئون! مان
ڪير آهيان؟ اصل ۾ ڪير آهيان؟ وساري، وساري، دنيا جي
در تي بکاري ٿي پيو ڦران. ٿوري مزي ڪاڻ، ٿوري سواد
ڪاڻ اٿم پاڻ کي بڻايو اندرين جو غلام! اندرين جي قيد ۾ پاڻ
کي ڪيو اٿم قيدي! مايا جي اثر هيٺ اچي پيو سمجهان ته
آهيان هي سرير. ٻر سرير ڪين آهيان!

اڄ منهنجو ڏن ڪين آهه. اڄ آهه سرير جو جنم ڏن. مون
کي خبر ڪين آهه. ٻر مون کي چيو ويو ٿو ته اڄوڪي ڏينهن
٥١ سال اڳ، حيدرآباد سنڌ جي اڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾، اڪ
ننڍڙي گهر ۾، هن سرير جنم ورتو ۽ هن سرير جي ياترا جو
ٿيون سال شروع ٿئي ٿو. نه منهنجي زندگيءَ جو، ٻر سرير جي
ياترا جو. اها زندگي ڪڏهن شروع ٿي، مون کي خبر ڪين
آهه. ٻر اها مون کي خبر آهه ته هيءَ جيون، جا مون کي آهه
جا اوهان مان هڪ هڪ کي آهه، اها زندگي آهه انمٽ. هن جيون

ٻولهو وڃي ٿو. هانگ ڪانگ جي سنڌي ڀائرن ۽ پياري ڀاءُ
شري هوتچند کي ڏنيواد! شل وڌيڪ وڌيڪ ساکي ڏسندا رهن ته
سچي جيون آهه دکين دردن، مسڪينن ۽ بکايلن جي شيوا!

هڪ ڏينهن جي ڳالهه ياد اچيم ٿي. ڪيترا سال ان ڳالهه
کي ٿي ويا. ان ڏينهن ۾ پيارو دادا ڪيئن نه ٽڪڙو ٽڪڙو پنڌ
ڪندو هو! اسين ڪراچيءَ ۾ هئاسين. مونکي ڪيترا ڀيرا وجهه
ملندو هو پياري دادا سان اڪيلو پنڌ ڪرڻ جو. اهو منهنجو
سڀاڳ هو. هڪ ڏينهن پنڌ ڪري ڪري، ميل لتاڙي ڪٿ
اچي پهتا آهيون؟ ڪراچي ڊسٽرڪٽ جيل جي ٻاهران. پيارو
دادا قيدين کي ڏسي ٿو ۽ پوءِ مون کي چوي ٿو:- ”لوڪ ٻه
قيدي اٿمي، پر کين خبر آهه ڪين!“ اسين قيدي آهيون،
قيد ۾ قاتل! ترشنائن، واسنائن، اندرين جي قيد ۾ آهيون قاتل!
قيدي ٿي پيا پنهنجي زندگي ڪاٽيون. ان قيد ۾ انسان ڦاٿڪي
آهه ڦاسايو. بيشڪ، پنهنجو پدارٿ هٿ ڪريون ٿا، مان شان وڏائي
حاصل ڪريون ٿا. پر اهو ڪيترو وقت هلندو؟ اهو سڀ
ڇڏي ويندا سين.

ڪلهه پياري دادا پنهنجي دل ڇڪائيندڙ اپديش ۾ چيو ته
اسين پنهنجي جهولي پيا ڀريون رانديون پٿرن ۽ ٺڳڙين سان. جڏهن
وقت ڪال اچي ڪنڌ کان پڪڙي ٿو، چوي ٿو:- ”چل مڙي
ڀائي!“ ان وقت ڏسون ٿا ته سڀ آهه رانديون، پٿر ۽ ٺڳڙيون!
ٻيون ڏينهن مونکي هڪ شاهوڪار ڀاءُ جي گهر وٺي هليا. ان
وقت هي پيارو گذاري ويو. موت جي اڳيان هي پيارو بيوس!
ڪيترا لک هن ڪمايا. پر هڪ لک به ڪيس ڪتب ڪين آيو.
سڀ هتي ڇڏي ويو. ان ڪري پيارو دادا چوي ٿو، قيدي نه
ٿيو. آتم ڄاڻو، سچا ٿيو.

مان پياري دادا کان ٻڌان ٿو:- سچا انسان جي نشاني

وء چيندا ڇا جي؟ ٻڌ ڇا جو؟ منهنجا ٻانڪر، ڄمت وهارين،
شل مهر ۾ نهارين. رکج پنهنجي رحم ۾.

اوهين ڪيڏو نه مهربان ٿيا آهيو. اِڪ نالائق سان توهان
ڪيڏي نه لائقي ڪئي آهه. توهان مون کي ڪيترا نه پئسا ڏنا
آهن. اِڪ نالائق سان توهين ڪيڏي نه لائقي ڪئي ٿا. جيڪي
مون کي سمجهو ٿا، سو ڪين آهيان. مان جيڪي آهيان، تنهن
جي ٻروڙ توهان کي آهي ڪين، ٻر دل جي اندر اٿم پياس ته
سنتن، سنتپرکن جي در تي، پياري دادا جي چانئٺ تي ٿيان
اِڪ نوڪر، اِڪ داس، ٿيان داس، ڪجهه ڪين. شل اِڪ سياڳي
ڏينهڙي قدمن ۾ قبول ٿيان. دل جي اندر اٿم اها پياس ۽ اٿم
اُميد ته جنهن پياس ڏني آهه، سو پياس پوري ڪندو، ضرور
ڪندو. اوهان سڀن جي آسيس ٿيان ٿو.

اوهين ڪيڏو نه مهربان ٿيا آهيو. اوهان مونکي اڄوڪي
ڏينهن ڪنهن نه گهر ڪانسواءِ ڏهه هزار سٺ رپيا ڏنا آهن. اهو
رقم اوهان مون کي ڪين ڏني آهه. اها رقم اوهان پياري داد
جي اِڪ نوڪر کي ڏني آهه. منهنجا ڪين آهن. پياري داد
جا آهن ۽ پياري دادا جي چرنن ۾ رکان ٿو. ان رقم سان پياري
دادا جو جنم ڏن ڳوٺري فنڊ شروع ڪيو وڃي.

اڄوڪي ڏينهن پيارو بزرگ ٻاءُ شري هوتچند آڏواڻي ٻن
سان پيا ڏهه هزار ڪٺي اچي ٿو. تورا ڏينهن ٿيا ته هي پيار
هانگ ڪانگ ويو ۽ اُتي جي ڪن سنڌي ڀائرن کيس اها رقم
ڪٺي ڪري ڏني، ان ويچار سان ته پياري دادا وٽ "پيدارو
ڪوليو وڃي. جنهن "پيداري" مان غريب، غربا، ڏکويلو، مسافر
ٻانوي روز هڪ ويلو کائي وڃن، پنهنجي آسيس ڏيئي وڃن. اِ
پيداري جو سڄو پياري دادا جي اکين ۾ هو ۽ مونکي خوشي
آهه ته اڄوڪي ڏينهن پياري دادا جي آسيس سان اهو "پيدارو

سڀاڳو سو، جنهن کي ديش ڌاري گرو مليو. ان جهڙو بختاور ٻيو اُتو ڪونه. گروءَ جو سنگ ڪمايو. مٿس رنگ چڙهي ويو - گرو ڀڳتيءَ جو رنگ، پرم ڀڳتيءَ جو رنگ، اها پرم ڀڳتي الڳ بخشش، جا گرو پنهنجي پياري کي ڏني. گرو ڀڳتيءَ ۾ وڌو. گرو ڪرپا لاءِ پڪاريو! گرو ڪرپا لاءِ نهاريو! ستگرن جي ڪمل چرنن ۾ ويهي ڳلن تان ڳوڙها ڳاڙيو! مانش جنم سڦل ڪريو.

٢ آڪٽوبر تي جيڪو دادا جشن مهاتما گانڌيءَ کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته اڄ پياري باپوءَ جو جنمڏينهن آهي. مهاتما گانڌي وڏو ٻئرسٽر هو. ڪيڏو نه ڪمائيندو هو. پر جڏهن کيس ديش جو سڏ ٿيو، تڏهن پنهنجو سڀ ڪجهه ڀارت ماتا جي چرنن ۾ ارپڻ ڪيائين. هي پيارو جڏهن آفريڪا مان ٿي موٽيو، تڏهن آفريڪا ۾ هڪ شرڌالوءَ ايڪيهن سونين گنين جو هار کيس ڀيٽ ڪيو. سندس پتني ڪستوربا اِهو هار پاڻ وٽ سانڍي رکيو. مهاتما گانڌيءَ کيس چيو ته اِهو سونو هار به ديش جي آزاديءَ جي هوَن ڪنڊ ۾ ارپڻ ڪر. ڪستوربا چيو ته اهو سونو هار نُنهن لاءِ ڪم ايندو. تڏهن مهاتما گهر جي سيڻي ٻائين جي ميٽنگ سڏائي اُنهن کي سمجهايو ته اسان وٽ جيڪي آهي سو ديش جي امانت آهي، اسين ٽرسٽي آهيون. تڏهن ماتا ڪستوربا اُهو سونين گنين وارو هار گانڌيجيءَ کي ڏنو ته بلاشڪ ديش جي ڪم لڳايو.

مهاتما گانڌي هو قربانيءَ جو مجسم. هن پياري ڪيڏي نه قرباني ڪئي. ڪٿي آهن اڄ اهڙا انسان! اڄ ديشواسين گانڌيجيءَ جي سکيائن ۽ سڌانتن کي وساري ڇڏيو آهي! ديش ڀڳتيءَ بدران ڀيٽ ڀڳتي وڌي ويئي آهي! گانڌي هو تياڳ تپسيا جي مورت، ستيه سيوا سادگي اهنسا جي صورت. ديش جي آزاد ٿيڻ کان پوءِ به ايا هن پياري جو رام راجيه جو سپنو

کھڙي؟ پيارو دادا چوي ٿو تہ هڪ نشاني سچاڳہ اِنسان جي
هيءَ تہ اُن کي ڀروڙ ٻوي ٿي تہ هوُ آهي ياتري، ليرتواسي. هت
مان ياترا تي آيو آهيان. هت مونکي رهڻو آهہ ڪين. آ! منهنج
گهر تہ آهہ اُت، جتان مان آيو آهيان ۽ جت مونکي هلڻو آهہ،
نج گهر. ان نج گهر جي پياس ۾ هي پيارو وڃي ٿو وڌندو
اسان کي پياس آهي يا نہ؟ جي پياس نہ اٿون تہ اڃا اسين
ستل آهيون، قيد ۾ آهيون.

هڪ موقعي تي پياري دادا ٻڌايو تہ پکين کي بہ پياس
آهہ. ڪيترا سال ٿي ويا، هڪ تجربو ڪيائون. هڪ پکيءَ کي
پڃري ۾ بند ڪري ٨٥٠ ميل ٻري ڪٽي ويا تا ۽ پڃرو کوليو
تا. هن پکيءَ کي رستي جي ڪا خبر ڪين، چو جو ڪيس وٺي
ويا بند ريل گاڏيءَ ۾. پر هي پکي سڌ سان اڏو سمهي. ڪيترا
ڏينهن ڪيس لڳي ويا تا. ٨٥٠ ميل لتاڙي اچي پنهنجو گهر
ڳولهي لڌو ٿو. پکين کي بہ پنهنجي گهر واسطي پياس آئو
اسان کي پياس آهي يا نہ؟ سچاڳہ اِنسان اهو، جنهنکي پياس
نج گهر واسطي. نج گهر واسطي پياس رکو. اسين تہ وچارن
بہ نج گهر کي نٿا پهچڻ چاهيون. اسان جا وچار ڪٿ ڪٿ
پيا گهمن؟ آمريڪا ۽ انگلنڊ، ساڱان ۽ سينگاپور، ڪئنا
۽ هانگ ڪانگ! پنهنجا وچار روز روز موڪليو نج گهر ڏي
توهين بہ سچاڳہ ٿيو.

ڪيئن اسان جا وچار اُتي وڃن؟ ڪيئن پياس اُتي
پياري دادا چيو تہ سنگ ڪمايو. گروءَ جو سنگ ڪريو. ستسنگ
۾ روز اچو. ڏسو سڀاڻو لڻ ڪيڏو نہ ڪم ڪريو ٿا. سڀاڻو
ڳالهہ پوشڻ ڪريو ٿا. پنهنجي روح جو ڪجهہ وچار ڪريو
ستسنگ ۾ نہ اچي سگهو تہ گهر ۾ وِلهي وقت پڃائي پنهنج
گروءَ جي ٻاڻيءَ جو پاٺ ڪريو. روز روز گروءَ جو سنگ ڪريو

اکين ۾ نهار! مان اُتي ويٺو آهيان.“ گوپي ڀنيان نهاري ٿي. ڀِت ۾ هڪ ڳاءِ بيٺي آهي. ڳاءِ جي اکين ۾ نهاري ٿي ۽ هوبهو شري ڪرشن کي ڏسي ٿي. ڀوءِ ڊوڙي وڃي ٻين گوپين کي ٻڌائي ٿي ته مون شري شيام کي ڏٺو! ٻيون گوپيون ڪانئس پڇن ٿيون ”پياري شيام کي تو ڪٿي ڏٺو؟“ گوپي چوي ٿي ”مرلي منوهر کي مون ڳئو ماتا جي اکين ۾ ڏٺو.“ شري ڪرشن کي سڏين ٿي گوپال. ڳائين جي پالنا ڪندڙ.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻرون! توهان ڳئو ماتا جي اکين ۾ نهاريو آهي؟ مون وري ڳئو ماتا جي اکين ۾ نهاريو آهي ۽ ائين محسوس ڪيو اٿم ته اُنهن اکين مان شري ڪرشن ٻيو اسان ڏي نهاري ۽ ٻيو ٻڪاري. ديا ڪريو! ديا ڪريو! اڄ ڪلهه اسانجي شهرن ۾ هزارن ۽ لکن جي تعداد ۾ هر روز ڳائيون ٻيون قتل ٿين! ويچارا جانور ٻيا ڪسجن! هڪ هڪ شهر تي اِن پاپ جو ڪيڏو نه بار آهي! ديا ڪريو! ڳائين تي ديا ڪريو! هڪ وقت هو، جڏهن ڀارت تي مسلمان راڄ ڪندا هئا. توهان کي ٻڌي عجب لڳندو ته مغل بادشاهن فرمان ڪڍيو ته ڳائين جي ڪُس تي بندش وڌي ٿي وڃي. تن ڏينهن ۾ ڳائين کي قتل ڪرڻ ڏوهه ڪري ليکيو ويندو هو. ڇو ته هنن روز ڀانئي ته ڀارت جي زندگي آهه ڳاءِ. ڳئو ماتا اسانجي ڪيڏي نه سيوا ڪري ٿي. اسانکي کير ڏئي ٿي، اسانجي صحت جي رکيا ڪري ٿي. شل ڳئو ماتا جي صدقي اسين سڀين پراڻين تي ديا ڪريون ۽ هنسا جي ڪاڏي ڪان ٻري رهون!“

جڏهن دادا جشن ڳائين جي اهميت تي ڳالهائڻ شروع ڪيو، تڏهن ڳائيون دادا جي نزديڪ سامهون اچي بيٺيون ۽ ڄڻ مٿي ڪري ٿي پياري دادا جشن ڏانهن نهاريائون.

٢١-٢٢ نومبر سيران پرائمري اسڪول، سيران انگلينڊ

ساڪار نه ٿيو آهه! اِهو تڏهن ٿيندو جڏهن اسين نشڪام ڀاونا
سان ڪا نه ڪا قرباني ڪنداسين.

مهاتما گانڌيءَ جي جنمدن شتابدي اُتسؤ سنبنڌ ۾ دادا
گنگارام ساجنداس ڀوجيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو لکيل پستڪ
Gandhi: The man of ages پرڪاشت ڪيو. ٨ آڪٽوبر
ميوان ڀومِيءَ ۾ مهاراشٽر اسيمبليءَ جي اسپيڪر شري ٽي-ايس
ڀارڊي اُن سندر پستڪ جو مهورت ڪيو. ان موقعي تي دادا
جشن وياکيان ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ گيتا
ڪلاس ۾ مهاتما گانڌيءَ بابت جيڪي وياکيان ڏنا سي هن
پستڪ ۾ شايع ڪيا ويا آهن. پياري دادا ۽ مهاتما گانڌيءَ جو
سنبنڌ هڪ ٻئي سان قرب ڀريو هو. گهڻو ڪري سندن رهڻي
ڪهڻي ساڳي هئي. گانڌيجيءَ ۾ سادگي، سيوا سنيهه ستيه
همدردي، ديش ڀڳتي، ايشور ڀڳتي، اِهي گڻ چمڪيا پئي
پياري دادا جي جيون ۾ به انهن گڻن جو پرڪاش هو. گانڌيجي
جيل ۾ هو ته داداجن جا ڪتاب پڙهندو هو. شل پارس مهاتما
گانڌيءَ جي جيون ۽ سکيا جي ساکي ڏئي.

١٦ نومبر گوپ اشٽميءَ جي موقعي تي پياري دادا جشن
پروچن ڪندي چيو ته اڄ گئو ماتا جي اڳيان سر جهڪائي
آسيس ٿو وٺان. گئو ماتا شري ڪرشن کي ڪيڏي نه پياري
هئي! جڏهن شري ڪرشن ٻندراٻن ڇڏي ويو ته گئي گليءَ
پڪار هئي ”شيام سندر ڪٿي؟“ گوپين جي اکين ۾ آنسو
هئا. هڪ گوپي شري ڪرشن کي پڪاريندي لڙڪ لاڙيندي
سمهي پوي ٿي. سپني ۾ شيام سندر جي مرلي ٻڌي ٿي
هيڏانهن نهاري ٿي، هوڏانهن نهاري ٿي، پڪاري ٿي: ”شيام
سندر ڪٿي؟ منهنجو پيارو ڪٿي؟“ شيام جو آواز ٻڌي ٿي
جواب ٿو ”اي گوپي! [illegible]

ٻوڙي آهه، اُن مان ڇا ملندو؟ ٿوري وَٽ مان ڪمائي ٿيندي. جيترو گهٽ مال وڪامندو، اوترو فائدو ٿيندو."

گروجن مهر ۾ مشڪي موديءَ کي چيو ته، "پيارا! جي نديا نماڻا، سي ٿيندا روحاني راڻا!" ان ڪري نديا نماڻا ٿيو! سائينءَ جي خوف ۾ رهو. "جهان ۾ پؤ، تنهن ۾ ڀاؤ." موديءَ جا ڪپات کلن ته ۽ گروجن جي چرنن ۾ ڪري پوي ٿو. گروجن کي وينتي ڪري ٿو "ڪرپا ڪري داس جي گهر هلو." گروجن نيتا قبوليو ۽ چيو ته: "پيارا! تون سچ سان زندو وهنوار ڪر ته پوءِ ايندا سين."

اسان وٽ به گروجن ڪيئن ايندا؟ جي سچي ڪمائي ڪونهي! اسانجي زندي وهنوار، ڪم ڪار سڀ ۾ پيو ڪوڙ ٻڌوڙ هلي! پوءِ اسان ڏي گروجن جي آسيس ڪيئن ايندي؟ اسين ٻيار ٿيون، سچ جا پوڄاري ٿيون! ستنام جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون.

٢٤ نومبر شام جو ۴ بجي ميران پوميءَ مان رٿ ياترا شروع ٿي. شاهي رٿ تي پوڄنيه دادل شاهه جي سندر تصوير سينگاري رکي ويئي ۽ ٻين ٽوڪن ۾ دادل شاهه جون جدا جدا جهانڪيون رکيون ويون. دادا جشن ۽ ٻيا ڪيترا پريمي پياري دادل شاهه جي رٿ کي ڪاهي رهيا هئا. "پلي آئين دادل شاهه" جي ڌنيءَ جي چوڌاري گونج هئي. جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جون تصويرون سينگاري رکيون ويون. اُت دادا جشن ۽ ٻي ٻه ٽي منٽ هنديءَ ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن جو اُهلاڻ پڻ ڪيو.

٢٥ نومبر صبوح جو هون ڪرڻ بعد ستيد روشن کي دادا جشن اناج ۽ ڪپڙا ڏنا. ان بعد مڇڇهند جو دادا لنگر جو آرنڀ ڪيو. دادا جشن ٻاڻ ٻيڪٽ ۾ ٻولدي پڻ ورهائي.

ميڊيم اسڪول ۽ ميران هاءِ اسڪول طوفان ٻوجيه دادل شاهه جو
جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ٻوجيه دادا جشن وديارٿين کي دادل شاهه
جي وديارٿي جيون جا ڪيترائي سکيادائڪ پرسنگ ٻڌايا.

٢٣ نومبر شري گرو نانڪ ديوَ جي جنمدن اُتسوَ سنبند
۾ صبوح جو سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. نماشام جو
شري گرو گرنٿ صاحب جي پاٺ جو ڀوڳ وڌو ويو. ٻوجيه
دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان بعد
دادا جشن پرچن ڪندي چيو ته اسانجي دلين جو محبوب
گرو نانڪ ديوَ، جنهنجي نالي ۾ اٿوَ آسيس، عجيب بخشش
سچو پاتشاهه، پائي چولو اِنساني، ڪٺي رحم روحاني، هن ڌرتي
لوڪ تي پڌاريو. گروجن اچي اِڪ پيغام ڏنو: ”ڀڳوءَ جا ٿيو.“
ڪيڏا نه سنڪا سنا اٿون، ته ڀ ڀڳوءَ جا ٿتا ٿيون، پيا دنيا
جي دکن ڏانهن ڏڪجون.

گروجن ڪيڏا نه دوُرا لڳايا! هڪ ڏينهن اچي ٿا سيالڪوٽ
شهر جي بزار مان لنگهن. اُت ڏسن ٿا اِڪ موديءَ جو دڪان
گروجن پاڻ مودي ٿي ڪم ڪيو. هوُ جنهن وقت اَن تور يندا
هئا ته ”تيرا، تيرا، تيرا! سڀ ڪجهه تيرا!“ اُچاريندي الائي
ڪهڙي عاشقان دي اُڪير ۾ چڙهي ويندا هئا. پيارو دادا پڻ
گروجن جيان مودي ٿي ڪيئن نه اجوڪي ڏينهن غريب گهرجائن
کي اناج ڏيندو هو ۽ نام اُچاريندي اُچاريندي لين ٿي ويندو
هو. گروجن موديءَ جي دڪان وٽ بيٺا آهن. موديءَ جي
دڪان تي ڪيترا وَٽ، دڪو، آنو، پاءُ، سير آهن. گرو نانڪ
موديءَ کان پڇي ٿو ته هي ڇا آهن؟ مودي چوي ٿو ته هي
سڀ تورڻ لاءِ وَٽ آهن. گروجن ننڍڙي ۾ ننڍو وَٽ ڪڍي مٿي
تي رکن ٿا ۽ چون ٿا ”هي ننڍڙو وَٽ آهه منهنجي مٿي جو
ڇٽ!“ مودي چوي ٿو ”سائين! ان وَٽ جي تور هلڪي

ون ڪيترين اسپتالون، ڌرمشالائون ٺهرايون آهن. دان ڪيا
م. پر دل جي شانتي پراپت نہ ڪئي اٿم. پياري دادا جيو
ندا نماءُ ڪم ڪريو، پر دل جي اندر پيار ۽ محبت رکو."

پياري دادا جي جيون پيار ۾ ٻڌل هئي. پيارو دادا
پرادون جي شڪتي آشرم ۾ رهيل آهي. اُتي اوچتو هريجن
و ستياگرهہ ٿئي ٿـو. هريجن چون ٿا پگهار وڌايو. ميونسپل
ختياريءَ وارن ۽ انهن هريجن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ٿئي ٿي. شهر
گندگي وڌي وڃي ٿي. هڪ ڏينهن پرڀات جو پيارو دادا
ھجن هٿن ۾ وڏو ٻهارو کڻي رستا صفا ڪري ٿو. ڪي هريجن
و ڏسي دادا جي ويجهو اچن ٿا ۽ چون ٿا ٻهارو اسانکي ڏيو.
ين ڪندي ميونسپل جا مدبر بہ اچن ٿا ۽ دادا کي رستن جي
اري پائيندي ڏسي پشيمان ٿين ٿا. چون ٿا دادا! توهان
اري نہ پايو. اسين هنن هريجن سان ناهہ ڪريون ٿا، جيئن
هان چوندا اسين ڪنداسين. دادا کين پيار ڀري نگاهہ سان
اري نهاري نهال ڪن ٿا. پئي ڌريون ٺهي وڃن ٿيون. پياري
دا جي نهار ۾ الائي ڪهڙو جادو هو.

مهنجا پيارا پائرو ۽ پياريون ڀينرون! توهان بہ جيڪر
يوءَ جي، ڪڏهن نہ ڪڏهن پرڀوُر ڻ سدت جي شرڻ وٺو. شرڻ
ي شرڌا ۾ نام جپيو ۽ دکي لوڪن جي سيوا ڪريو! ٻکين
ن کي پيار ڏيو!

٢٥ ڊسمبر پوجيہ دادا جشن وياکيان ڪندي چيو تہ ٻ
زار ورهيہ اڳ آيو شري ايشا. هڪ ڏينهن لوڪ هڪ بالڪيءَ
ي شري ايشا وٽ وٺي اچن ٿا ۽ اچي ٿا چون تہ "اَءِ سد
ها! هيءَ بالڪي پاپ ۾ ڪريل آهي." شري ايشا اُن بالڪيءَ
نهن نهاري ڪيئن چوي ٿو "مهنجي بالڪي! تون رهہ پاپ
ن پري، دلبر جو ڌيان ڌري!" بالڪي تہ جي لي "مان هاڻ

نماشام جي سٽسنگ ۾ پياري دادا جنهن ساڌو واسوانيءَ کي شپانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسوانيءَ هزارن دلين تي جادو لڳايو. فڪر ۽ فراق ۾ ڦٿڪايائين. اهڙڪي ڏينهن هي سٽون ور ور اچاريون اٿم:-

نالي آهن اِنسان، پر سروپا سبحان.

سنت سچا اِنساني چولو پائي اچن ٿا اسان پاپين جي اُڌار واسطي. سو ڪان ونئي پير ٿانئين اٿو پاڻ شاهن جا شاهه، ڏيکاري ڏين ڪين. اسين دادا جي چرنن ۾ رهياسين ۽ عجيب ليلائون ڏٺيوسين. هڪ دفعي دادا سکر ۾ آهه، جڏهن پيو هلائي. غريب ٻارن کي ڪونيو اٿس، چوي ٿو ڪٽڪ جا داڻا جڏهن ۾ پيهي ٿو ڏيکاريائو. توهين مانيون پچائجو. آ! جيئن پيو جڏهن هلي تيئن دادا جن جي اکين ۾ پيو چمڪي عجيبن جو اسرار. اسين به وينا آهيون. دادا اُن وقت چوي ٿو: ”اسين به سنسار جي جڏهن ۾ سڄو وقت پيا پيسجون. ان جڏهن جا به پڙا اٿوَ، ساڪ نعدا، گرمي سردي، لاهيون چاڙهيون. انهن ڇڪرن ۾ مهاڏڪي آهيون. جيڪي اُن جا داڻا جڏهن جي ڪليءَ پرسان آهن سي پيسجڻ کان بچي وڃن ٿا. تيئن جيڪي پرڀوءَ جي پا ڪنهن سنت ستپرک جي شرڻ وٺن ٿا، سي مايا جي پڙن ۾ پيسجڻ کان بچي وڃن ٿا.

اهڙن ستپرکن مان هڪ اٿو هي اسانجي دلين جو محبوب شاهن جو شاهه. کهڙي نه عجيب ليلا لڳايائين ۽ رحم رانديون ڪيائين. اهڙڪي ڏينهن ڪيترين نه پاڳلپڻون دل جي اندر اٿن ٿيون. جي دل جي دبلي کوليان ته ڪيترين ڳالهيون پيهنجي مٺڙي محبوب جون پڌاپانو. هڪ ڳالهه ضرور اٿو نه سنتن کي کپي سڪ. نماڻا ٿي سڪ ۾ سڏيو. سڪ سڄڻ واسطي.

هڪ ڏاني پرش پياري دادا کي ملڻ ۽ چيائين ”دادا!

علم ۽ عقل کان پَرَ تون ٻار،
دل جي اندر سِڪ سوز اُٺار.

سڪ سوز دل جو، درد دل جو، جنھن کي آھہ، اُن کي آھہ پڳتي. ان لاءِ ضروري آھہ تہ علم يا عقل جي ڳالھين کان پري رھون. ھڪ دفعي ٻن پيارن کي رستي تي بحث ڪندي ڏٺم. ٻئي گروءَ جا پيارا 'اونڪار' شبد جي معنيٰ تي بحث ڪندي ويا گرم ٿيندا. نيٺ ڪاوڙ ۾ ھڪ ٻئي کي ڌڪ ھڻڻ لڳا. اھي ٻئي علم ۾ اَڙيل ھئا. سنڌ جي درويش بيدل سائينءَ چيو آھہ:

اکران دي وچ جو ڪوئي اَڙيا، عشق دي چاڙھي موُر نہ چڙھيا.

ھڪ ڀيرو مونکي گڏيءَ ۽ چيائين "دل ۾ دک اٿم تہ توھين شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ صاحب جو ڀوڳ پايو تہ، ان وقت ڪيترا اچن ٿا جن جا متا اُگھاڙا آھن. مون اُن ڀيڻ کي چيو تہ تون ٻين جي متن جو خيال نہ ڪر. تون گرو چرنن جو ڌيان دل ۾ ڌار. مذھب جي مونجھن کان پَرَ پار! پياري دادا سيکاريو تہ علم عقل ۽ مذھب جي مونجھن کان پري رھو. دل اندر پياس، سڪ سوز اُٺاريو، ڳلن ڳوڙھا ڳاڙيو، محبوب جو نام اُچاريو، دل جي اونھائيءَ مان پڪاريو:

ھيءُ جند ھيءُ جان، اڪ اڪ پران،
پريتم! لئي لولان قربان!

ڀيڻ جيوني ھيراڻيءَ ۽ سندس ٻوچ ٻنا کي آسيس ڏيئي ٻوجھہ دادا جشن سنگت سان ملند ۾ جنتس چنداڻي ٻيا گھر ۾ پڌاريو. دادا ڪشنچند شھاڻيءَ سندن سواگت ڪيو. اُت دادا جشن وياکيان ڪندي چيو تہ پياري ڪشنچند شھاڻيءَ کي ڏنيوان آھہ جنھن پنڙن پنڙن جي سکي زندگي بسر ڪرڻ لاءِ پنا آشرم ٺھرايو آھي. ھي پيارو تن من ڌن سان ڪيئن نہ دکي لوڪن

ڇا ڪريان؟" شري ايشا چوي ٿو "پاپ جو ڦلُ سڀ
ڪري ڇڏ." شري ايشا هن کي هڪ جهوپڙي ٺهرائي ڏني
۽ هوءَ اُن ۾ رهي ٿي. شري ايشا سندس زندگيءَ کي
ٻڌائي ڇڏيو.

ڪجهه برهمچاري تپو بن ۾ رهن ٿا. اُنهن کي ڪي دشت
سندر استري موڪلين ٿا ڏڪارڻ واسطي. هيءَ استري اچي
پر برهمچاري هن ڏانهن نهارين به نٿا. تڏهن هيءَ استري وا
وڃي ٿي. برهمچارين جو گرو چوي ٿو "پيارا! هيءَ استري
موٽي ايندي. هن وقت ڪارو ڪانءُ آهي، پر هنس ٿي
موٽي ايندي. ڇو ته هن کي ستپرک جي نهار ملي آهي." ا
به ڪارا ڪانءَ آهيون. اسانکي به ڪنهن ستپرک جي نهار ک
پياري دادا واسوانيءَ کان هڪ ڏينهن پڇيوسين ته "پيارا دا
نوان ڪيئن ٿيون؟" پياري دادا چيو "هن جنم ۾ نئون
وٺو. ان ڪري ڀوڳيون اڳ ڀڃڪن پاپن جو پڇتاءُ ڪريو. ن
سان پڇتاءُ ڪريو پر پڪي ارادي سان ته وري اُهين
ڪنداسين. پڇتاءُ ايندو ته ڳوڙها پيا ڳڙندا.

ڀوڳيون پڇتاءُ پاپن جو، ٻيو پڇتاءُ بيخبريءَ جو. اند
انجام ڪريو ته پريوءَ کان سواءِ ٻيو ڪيڏانهن ڪين نهارينداس
اِڪ پريو ئي آهي اسانجو سڀ سک داتا، آهي اسانجي ماتا!

٢٨ فيبروري ٻوجهه. دادا جشن ٿاٽا ۾ پيرڻ جيوتي هيرا
جي مڪان تي پڌاريا. اُت پيرڻ جيوتيءَ سندر سندر نهرايو آ
اُن سندر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. دادا جشن پر
ڪندي چيو ته پياري جيوتيءَ جي جيون ۾ پريم جو پوک
ليو آهي. سندس جيون نرمل، دل ڀڳتيءَ ۾ پيل اٿس.
جو پريم پڌارت آهي ڀڳتي. انڪري ڀڳتي حاصل ڪرڻ جي ڪو
ڪريو. ڀڳتي ڪيئن ملي؟ پياري دادا سيکاريو ته جي ڀڳتي

ڪاليو پڙي ڪولي ٿو ته ڇا ٿو ڏسي؟ اُن مان نانگ نڪري اچي ٿو. هُن کان رڙ نڪري وڃي ٿي. سنت پڇيس ته هُن کان اڳ ۾ ڪو شپ ڪرم ڪيئہ ڇا؟ ڪاليو چوي ٿو: "سائين! رستي تي نڪ لڳم. ڪائڻ لاءِ ٻہ مانيون هيم. ڪائڻ شروع ڪيم ته هڪ ٻکايل آيو جنهن چيو ته ٻکايل آهيان ماني کاراءِ. مون کيس هڪ ماني ڏني ۽ مان هڪ ماني کاڌي. سنت چيس "پيارا! اڄ هن نانگ جي ڏنگ ڪري تنهنجو موت ٿيڻو هو، پر تنهنجي ان شپ ڪرم ڪري، تون بچيو آهين!

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀيڻرون! توهين ٻہ روز ڪو نہ ڪو شپ ڪرم ڪريو. شپ ڪرم اٿو سرڳ ۽ شيوا. جيون ۾ ديا جي جوت جڳايو! نوجيون سوسائٽيءَ ۾ آيا آهيو! نوان ٿيو! نوان ٿيو!

١١ جنوري پونا جي گيتا سوسائٽيءَ ۾ دادل شاهہ جو ورسي اتسو ملهايو ويو. پوڄيہ دادا جشن اُن اُتسو ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ وڃي رهيا هئا ته رستي تي هڪ مائيءَ کي ڏٺائون جا چئن ککڙين جون ٽنگون ٻڌي اُنهن کي ڪٽڻ وڃي رهي هئي. دادا جن هڪدم رکجي ويا. دادا جن اُن ماتا کان چارئي ککڙيون خريد ڪري ککڙين کي مڪت ڪيو. ڪين ڪسجڻ کان بچائي پوءِ ڊما لعلچند کي سپرد ڪيون. اُن پيڻ اُنهن ککڙين جي پالنا جي جوابداري پاڻ تي همواز ڪئي. پيارو دادا جشن پکين کي ٻہ ڪيڏو نہ پيار ڪندو آهہ. ان بعد دادا جشن گيتا سوسائٽيءَ ۾ لڳايل مندپ ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون ۽ سکيائن بابت پرووچن ڏيندي چيو ته منهنجا ڀيڻجا مرغن پالن ڪريو. روز روز سانت ۾ ويهي ڀڳوءَ کي ياد ڪريو ۽ دکين دردن جي شيوا ڪريو! پکين پسن جي خدمت ڪريو!

١٦ جنوري دادا ساڌو واسوانيءَ جي جنم تٿي اُتسو

جي ڪيڏي نہ پيو شيوا ڪري. پياري دادا سادو واسواڻيءَ ڪي هن پياري لاءِ ڪيڏو نہ قرب هو. سندن وٽ اهي قبول ٿيون ٿا جي نماڻا شيوڪ آهن. پيارو ڪشنچند بہ سندي پدمت جو نماڻو شيوڪ اٿو، سچو رتن آهہ. اسين بہ شيوا مارگہ ۾ وڪہ وڌايون.

جيڪي اسين ٻڌايون ٿا، سو ڳڻوايون ٿا، ڇو تہ انت ڪال اچي پيو. هڪ هڪ کي سڌ ٿيندو. اُن وقت اسين پاڻ سان ڪجھہ ڪين کڻي سگھنداسين. هڪ سئي بہ ڪونہ کڻي سگھنداسين. شري گرو نانڪ ديو جن دنيچند کي چيو: ”پيارا! هيءَ سئي توکي ڏيان ٿو، سوگهي رکج. پرلوڪ ۾ مونکي واپس ڏج.“ دنيچند چيو ”گرو مهاراج! پرلوڪ ۾ هلندس، پاڻ سان ڪجھہ ڪين کڻي سگھندس. هيءَ سئي اوهانکي اُتي ڪيئن ڏيندس!“ تڏهن شري گرو نانڪ جن هن لکاپتيءَ کي چيو ”پيارا! جي کڻي هڪ سئي بہ نہ سگھندين تہ پوءِ هيڏا لک ڇو پيو ميڙين؟“ دنيچند جي جيون بدلجي ويو ٿي. هي پيارو ٻڌڻ لڪہ دکين دريدرن جي شيوا ۾ خرچ ڪري ٿو. پنهنجو جنم سڦل ڪري ٿو. ڀل اسين بہ اهڙيءَ طرح جنم سڦل ڪريون.

نماشام جو دادا جشن نوجيون ڪالونيءَ جي هال ۾ پڌاريا. اُت دادي جيني سپاهيملاڻي ۽ ڀاءُ مدگهارام سپاهيملاڻيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو. بوجہ دادا جشن ٻروچن ڪندي چيو تہ پياري پيرط جيني ۽ ڀاءُ مدگهارام سون پاڻون پيدون لاءِ سندر مڪان ٺهرائي ڪين ٽانئيڪو ڪري ڪهڙو نہ سندر ڪارج ڪيو آهہ. ڀل ٻنهيءَ جي ۽ پياري دادا جي مٺي وڏيڪ آسيس ٿئي جو سماج سيوا جا ڪارج ڪندا رهن

هڪ سمي هڪ ڪالير کي رستي تي ڏٺو. ڪاڇي تي ڪاٺين جي ٻرتي کڻي پئي وڃي. سمي هن کان پڇيو، ”ڇا پيو کڻي وڃين؟ ڪالير چيو ”ڪاٺيون.“ سمي پڇس تہ ٻرتي کول.

کان پوءِ ڏسن ته پکيئڙو پڃري مان پرواز ڪري ويو. اها اٿوَ عياني! انڪري سجاڳ رهو. نام جپيندا رهو. حياتيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونهي.! شري ٻانسڪر نماڻو هو، وڏوان هو. ديش شيوڪ هو. شل پرماتما کيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

٢٢ فيبروري شام جو ميران انگلش ميڊيم اسڪول جو وارشڪ اتسو ملهايو ويو. اُن موقعي تي شري هوتچند آڏواڻيءَ "دادا درشن" جو مهورت ڪيو. پوءِ دادا جشن وياکيان ڪندي ميران اسڪول جي وديارٿين ۽ دادا گنگارام ساجنداس ۽ پرنسيپال ايشوري ملاڻيءَ کي ڌنيواد ڏني، جن پياري دادل شاهه جي جيون جون ڪي جهلڪيون ناهي دادا درشن جو آيوجن ڪيو.

٢٠ مارچ تماشار جي ستسنگ ۾ پوءِ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ اسانجي بزرگ ڀاءُ پياري گنگارام ساجنداس جو جنمدن آهي. هن پياري جي مرضي ناهي ته اسين ڪو اهو ڏينهن ملهايون يا مان ڪي اکر چوان. هڪ ستپرک جا اکر مون کي ياد اچن ٿا. هن پياري جو جنمدن آهي. سندس شردالو هن کي زوريءَ ڇڪي سنگت ۾ آڻي وهارين ٿا. سندس جنمدن ملهائڻ واسطي. تڏهن هي ستپرش چوي ٿو: ”منهنجو جنمدن ڇو ٿا ملهايو؟ مان ته آهيان پنهنجي محبوب جو مزور. مزور جو ڪم آهي مزوري ڪرڻ.“ ڀاءُ گنگارام جي ۾ اها پياس آهي ته پڇاڙيءَ جي سواس تائين پياري دادا جي در جي مزوري ڪندو رهان. پرڀات ڪان وٺي رات تائين هي پيارو ڪم ڪري ٿو. مون پڇيومانس ته ايڏو ڪم ڪيئن ٿو ڪري سگهين؟ چيائين ته رات فقط ۾ ڪلاڪ ننڊ ڪئي اٿم. انهن ٻن ڪلاڪن ۾ مون وٽ آيو منهنجو پرم پيارو دادل. جيئن اهي اکر چيائين، تيئن سندس اکيون اچي چمڪڻ لڳيون، جيئن آسمان ۾ تارا.

سنبت ۾ ٻوپهر جو دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ دادا جشن پرارٿنا
ڪئي. صبوح جو هون ٿيڻ بعد دادا جشن سفيد پوش پيدرن
کي اناج، ڪپڙو ۽ روڪ سهائتا ڏني. نما شام جي ستسنگ ۾ دادا
جشن دادا سادو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته اڄ پياري
دادا جون ڪيترايون يادگيريون تري اچن ٿيون. ڪيترا سال ٿيا،
پياري دادا جي چرنن ۾ ويٺا هئاسين. پياري دادا چيو: ”مونکي
اُڄ لڳي آهه.“ هڪ هڪ پاڻي پرڻ لاءِ ڊوڙيو. ڪن پاڻيءَ جو
گلاس پري آندو ته ڪن ڪٽورو. پياري دادا چيو ته مونکي
اهو پاڻي نه کپي، پر مونکي کپي توهانجي دلين جي پياس جو
پاڻي، اُڪير جو پاڻي. دلين اندر اُڪير اُڀاريو. پياس ۾ پريوءَ
کي پڪاريو! پنهنجا فرض پالن ڪريو، پر سمجهو آهيون
نيرتواسي. هڪ نديءَ جي ڪناري کي سادو رهيا ٿي. ڏينهن
جو ڪم ڪار ڪيائون ٿي ۽ سنجها جو مونئي هون ٿيڻ ٻاري
نام اُچاريائون ٿي ۽ هي گيت ڳايائون:

”سو سياڻو، جنهنجي هٿن ۾ ڪام ۽ دل ۾ نام.“

مون پياري دادا کان پڇيو ته هٿ ۾ ڪام ۽ دل ۾ نام
ڪيئن؟ پياري دادا چيو ته مٽي نهار. ڪي ٻر ڪولي اُڏامن ٿا،
ڪم ڪن ٿا. نما شام اچي ته ڪي ٻر ڪولي پنهنجي گهر ڏانهن
اُڏامن ٿا. تيئن توهين به پيارا ڪم ڪريو. نما شام اچي ته نج
گهر جي يادگيري رکو. دل ۾ اُڪير رکي نام ڳايو!

٢٢ فيبروري صبوح جي ستسنگ ۾ بوجهه دادا جشن پونا
يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر شري پالسڪر کي شرڌانجلي
ڏيندي چيو ته هيائين هڪ واريءَ جو گهر آهه! لڳو واهه واهه
ساهه! ڪالهه ۴ بجي ٽپال آئي جنهن ۾ شري پالسڪر لکيو ته
جنهن بجي اچي مونسان ملجو. پر جنهن بجي کان اڳ ئي پيارو
لوڪ پڌاريو. سنجهند جو رسوئي ڪانئي سڀهو. ڪجهه ونسع

کان پوءِ ڏسن ته پکيئڙو پڃري مان پرواز ڪري ويو. اها اُنو ڀيائي! انڪري سڄاڳ رهو. نام جپيندا رهو. ڀيائيءَ تي ڪو ڀروسو ڪونهي.! شري پاٽسڪر نماڻو هو، ودوان هو. ديش سيوڪ هو. شال پرماتما کيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

٢٢ فيبروري شام جو ميران انگلش ميڊيم اسڪول جو وارشڪ اتسو ملهايو ويو. اُن موقعي تي شري هولچند آڏواڻيءَ ”دادا درشن“ جو مهورت ڪيو. پوءِ دادا جشن وياکيان ڪندي ميران اسڪول جي وديارٿين ۽ دادا گنگارام ساڄنداس ۽ پرنسيپال ايشوري ملاڻيءَ کي ڌنيواد ڏني، جن پياري دادل شاهه جي جيون جون ڪي جهانڪيون ٺاهي دادا درشن جو آيوجن ڪيو.

٢٠ مارچ نماشام جي ستسنگ ۾ پوءِ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ اسانجي بزرگ ڀاءُ پياري گنگارام ساڄنداس جو جنمدن آهه. هن پياري جي مرضي ناهه ته اسين ڪو اُهو ڏينهن ملهايون يا مان ڪي اکر چوان. هڪ ستپرک جا اکر مون کي ياد اچن ٿا. هن پياري جو جنمدن آهه. سندس شرڌالو هن کي زوريءَ ڇڪي سنگت ۾ آڻي وهارين ٿا. سندس جنمدن ملهائڻ واسطي. تڏهن هي ستپرش چوي ٿو: ”منهنجو جنمدن ڇو ٿا ملهايو؟ مان ته آهيان پنهنجي محبوب جو مزور. مزور جو ڪم آهه مزوري ڪرڻ.“ ڀاءُ گنگارام جي ۾ اها ڀياس آهه ته ڀڄاڙيءَ جي سواس تائين پياري دادا جي در جي مزوري ڪندو رهان. پرڀاس ڪان ولي راس تائين هي پيارو ڪم ڪري ٿو. مون ڀڄيوماڻس ته ايڏو ڪم ڪيئن ٿو ڪري سگهين؟ ڀيائين ته راس فقط ۾ ڪلاڪ ننڊ ڪئي اٿم. انهن ٻن ڪلاڪن ۾ مون وٽ آيو منهنجو پرم پيارو دادل. جيئن اهي اکر چيائين، تيئن سندس اکيون اچي چمڪڻ لڳيون، جيئن آسمان ۾ تارا.

سنبت ۾ پرڀات جو دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ دادا جشن ٻوارڻا ڪڍي. صبوح جو هون ٿيڻ بعد دادا جشن سفيد پوش پيدون کي اناج، ڪپڙو ۽ روڪ سهائتا ڏني. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته اڄ پياري دادا جون ڪيترئون يادگيريون تري اچن ٿيون. ڪيترا سال ٿيا، پياري دادا جي چرنن ۾ ويٺا هئاسين. پياري دادا چيو: ”مونکي اُڃ لڳي آهه.“ هڪ هڪ پاڻي پرڻ لاءِ ڊوڙيو. ڪن پاڻيءَ جو گلاس ڀري آندو ته ڪن ڪٽورو. پياري دادا چيو ته مونکي اهو پاڻي نه کپي، پر مونکي کپي توهانجي دلين جي پياس جو پاڻي، اُڪير جو پاڻي. دلين اندر اُڪير اُڀاريو. پياس ۾ پريوءَ کي پڪاريو! پنهنجا فرض پالن ڪريو، پر سمجهو آهيون تيرٿواسي. هڪ نديءَ جي ڪناري کي ساڌو رهيا ٿي. ڏينهن جو ڪم ڪار ڪيائون ٿي ۽ سنجها جو موٽي هون ٿيڻ پاري نام اُچاريائون ٿي ۽ هي گيت ڳايائون:

”سو سياڻو، جنهنجي هٿن ۾ ڪام ۽ دل ۾ نام.“

مون پياري دادا کان پڇيو ته هٿ ۾ ڪام ۽ دل ۾ نام ڪيئن؟ پياري دادا چيو ته مٽي نهار. پکي پر کولي اُڏامن ٿا، ڪم ڪن ٿا. نماشام اچي ته پکي پر کولي پنهنجي گهر ڏانهن اُڏامن ٿا. تيئن توهين به پيارا ڪم ڪريو. نماشام اچي ته نج گهر جي يادگيري رکو. دل ۾ اُڪير رکي نام ڳايو!

٢٢ فيبروري صبوح جي ستسنگ ۾ پوجيه دادا جشن پونا يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر شري پالسڪر کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته حياتي هڪ واريءَ جو گهر آهه! لڳو واءُ ويو ساهه! ڪالهه ٤ بجي ٽپال آئي جنهن ۾ شري پالسڪر لکيو ته ”جنهن بجي اچي مونسان ملجو، پر جنهن بجي کان اڳ ئي پيارو پراڻ پڌاريو. سنجهه جو رسوئي کاڌي سڀهو. ڪجهه وقت

ٿيو ۽ ستسنگ جو آيوجن ٿيو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن
ڇيو ته اڄ شري هنومان جينتي آهي. هنومان شري رام جو
ڀڳت هو. شري رام کان سواءِ هنکي ڪجهه نٿي منو لڳو.
جڏهن سيتا ماتا هنجي قدرشناسي ڪرڻ لاءِ هنکي نَولکو هار
ڏنو ته هن اُن هار جو هڪ هڪ موتي ڀڃي ڀڃي ڏٺو ته
ان ۾ شري رام سمايل آهه يا نه. انهن سڄو هار ڀڃي موتي ڦٽا
ڪندو ويو. ڪيس شري رام کانسواءِ ٻي ڪا پياس ڪين هئي.
سندس رڳ رڳ ۾ رام ڀڳتي سمايل هئي. پياري ڀاءِ آتم جي دل
۾ به اُتي ڀڳتي سمايل آهه پياري دادل شاهه لئه. شل ان ڀڳتيءَ
۾ وڌندو رهي. هي پيارو پياري دادا جي ٻاڻيءَ جي پرچار ۽
پرسار لئه ڪيڏي نه ڪوشش ڪري ٿو. شل مٿس پرڀوءَ جي ۽
دادا جي آسيس چمڪندي رهي.

١٥ مئي پياري دادا جي ٻالڪيءَ شانتي ديديءَ کي
پاليءَ ۾ درد ٿيو. پهرين دادا جشن ڪيس گوري ڏني. ڪجهه
وقت بعد ڊاڪٽر رچلواڻيءَ سندس علاج ڪيو، پر جڏهن جيئن
جو اُن جل پورو ٿئي ٿو، تڏهن ڪابه دوا سٺي فائدو نٿي
ڏسائي. رات جو ٩ بجي پياري شانتي سنساري سفر پورو ڪري
پرڀوءَ جي پار ڏانهن وڃڻدي رهي. سندس استول شرير اڳيان
ساري رات نام ڪيرتن ٿيندو رهيو. ١٦ مئي پياري شانتيءَ جو
استول شرير سيدگاري شمشان ڀوميءَ ڏانهن کنيو ويو. دادل
شاهه جي سماڌيءَ وٽ پرارٿنا ڪئي وئي. سوين پريمي
شمشان ڀوميءَ ڏانهن هليا. اتي سندس استول شرير کي اگني
ڏني وئي. ان موقعي تي پياري دادا جشن دلسوز پرارٿنا ڪندي
چيو: "منهنجا پوتر! منهنجا ناڪر! منهنجا دادل شاهه! ور ور
دل جي اندر پيو اچارڻ گرباڻيءَ جو سوار "ٿوري گت مت
منهن جاڻي!" تنهنجي گت مت منهنجا پوتر! توهين جاڻين.

ڇيائين تہ پيارو دادا اڇي مونکي آسيس ڏيندو آهہ. ان آسيس سچهان مونکي ڪم ڪرڻ جي شڪتي ملي ٿي. پڪتيءَ سچهان شڪتي وٺي هي پيارو ڪم ڪري ٿو! ڪيڏا نہ ڪم ڪري ٿو، پر سدائين چوي تہ ڪم جو ڪندڙ ڪرائيندڙ آهہ پيارو دادا. پياري دادا جي آسيس سڀو ڪم ڪري ٿي.

پيارو ڀاءُ گنگارام نديهڻ ۾ سنتن جي در تي آيو. سڀ ڪجهہ ڇڏي اچي سنتن جي شرڻ ورتائين. چيائين تہ مان دنيا جي در جي نوڪري نہ ڪندس. هن وقت سندس اکين مان ڳوڙها ڳڙندا اٿوَ. چوندو آهہ تہ پياري دادا جو ايڏو قرض آهہ جو جنم جنم ۾ سندس داس ٿي رهندس. شرڻ وٺڻ ڪا سٿري ڳالهہ ڪانهي. شرڻ وٺڻ آهہ اگنيءَ جو مارگ. ڪيڏيون نہ ڪسوٽيون ڏنيون اٿس، پر صدق ۽ وشواس ۾ هلندو هلي ٿو. جيئن پيو آزمائش جي اگنيءَ مان لنگهي، تيئن پيو وڌيڪ چمڪي. شال سدائين چمڪندو رهي ۽ داس ٿي بہ اهڙي آسيس ڪري.

١٨ اپريل پودرهوڊ جي ميٽنگ ٿي. پوجيہ دادا جشن واسوانيءَ دادل شاهہ جي دربار جي سيوڪن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ مان توهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان جو توهان پياري دادا جي ڪارڻ جو وستار ڪري رهيا آهيو پر ياد رکجو تہ پڀوءَ جي نام کان سواءِ اهي سڀ ڪم اڌورا آهن! اهي ڪم اسانکي ڪمپائونڊ تائين وٺي هلندا. پر ڪم پڀوءَ ۾ رهي سگهي رمز وجود وڃاوڻ دي. سانت ۾ ويهي پڀوءَ کي ڌيايو. پڪتي مان شڪتي وٺي اچي ڪرم جي ميدان ۾ ڪم ڪريو. پيار وساري، پڀوءَ جي آسيس پائي، اچي سيوا ڪريو! سيوا جي ميدان ۾ دين مسڪين لئي ڪم ڪريو! اهو ڪم بہ پڀوءَ کي ارپڻ ڪري سندس آسيس پايو!

٢١ مئي پياري آنر واسوانيءَ جي جنم ڏڻ سنبنڌ ۾ سند

دادا کان آسيس وٺندي هئي ۽ پوءِ سانت ۾
ويٺي هوندي هئي. ٻيٺي ٻهاريندي هئي پياري
دادا جي ڪمل مکڙي ڏي. هڪ ڏينهن دادا هن کان پڇيو تو
”ڪڪي تون ڪيئن آهين؟“ تڏهن هيءَ بالڪي دادا کي
چوي ٿي ”اوهان جيڪر مونکي نالي سان سڏيو.“ منهنجو نالو
ياد ڪرڻ سولو آهي. اوهان هميشه پنهنجو اُپديش پورو ڪري
پوءِ چوندا آهيو اوم شانتي! شانتي! شانتي! مان شانتي آهيان.
ان ڏينهن کان هن بالڪيءَ جو دادا جن سان وڏڪ نينهن جو
نالو لئي ٿو.

عجيب پيار هن بالڪيءَ جو پياري دادا واسطي! ۽ عجيب
پيار پياري دادا جو هن بالڪيءَ واسطي! شروع ۾ سعدس نالو
هو شانتي هوتچند ماکيجاڻي. دادا جي ديا درشٽيءَ سان
سعدس ششو ستان ٿي پيئي. گروءَ جي آکه جو بار ٿي پوي
ٿي ۽ اسان سڀن ۾ اها هئي جنهن کي اهو پد پراپت ٿيو اهائي
شانتي. سعدس نالو ٿي ٿـي پيو شانتي ٿي. واسواڻي. پياري
دادا سان سعدس کو پراڻو ناتو هو. سنتن جي سنگه ۾ رهڻ
ڪا سٿري ڳالهه ڪين آهي. ”ڪنن ڪسوٽي بيکي،
جوتا ٽڪيا نه ڪوءِ!“ گرو جن چون ٿا هيءَ ڪنن ڪسوٽي آئي.
هن ڪنن ڪسوٽيءَ لي جوتا ٽڪي سگهن ڪين. هن بالڪيءَ
ڪيڏو نه سٺو! هن ڪيترا نه سال پياري دادا جي سيوا ۾ گذاريا.
گروءَ جي پياري هئي، ڀڳتياڻي هئي. مون سان هن جو ڳهاٽو
سمبنڌ هو. پنهنجي من جا لڪل وچار به منهنجي اڳيان اچي
ظاهر ڪندي هئي. ڪيس ڪنهن لاءِ وير وروڌ ڪين هو.
هڪ هڪ جو ڀلو چاهيندي هئي. سدائين ٻيٺي مشڪندي
هئي. هڪ هڪ کي آسيس ڏيندي هئي. ڪوبه ونس اڀدو هو
ڪليف ۾، لنگيءَ ۾، اها لڳي جيسٽائين دور نه ڪندي

اسين اڻڄاڻ ڪجھ ڪين ڄاڻون. اڄوڪي ڏينهن تنهنجي چرنن
۾، منهنجا پريتم، هنن ڳوڙهن جي پيٽا ٿا رکون. سي ڳوڙه
تون قبول ڪر. اسان کي به تون نئون ڪر. ڪر اسان تي تون
احسان. نوجيون جو ڏي دان! جيئن پنهنجي بالڪي شانتي
کي ڏنو نوجيون جو دان. هيءَ پياري پنهنجي جيون جي سڳند
پکيڙي هن ٻي ٻقا جي باغ ۾ پشن جيان رهي ۽ پنهنجي مانڪ
پاترا سڦل ڪئي. رک تون ڪيس پنهنجي روبرو!

منهنجا پريتم! منهنجا ٺاڪر! منهنجا دادل شاهه! تو ڏ
ڪيس سوُر، دل جو سور، سڪ جو سور. ان سور ۾ ان بالڪي
جي اندر ڪليو نوُر، نوُراني نوُر، الاهي نوُر! هن جي اندر ڪل
پيار جي جوت، محبت جي جوت! اهو پيار هن سين سان ونڊ
ورهايو. ان پيار ۾ هن تنهنجو نام ڳايو، نام ڌيايو! واهگ
شڪر! دادا شيام شڪر! ڪندي هن ڏنو پوئون پساهه. هن وق
تنهنجي چرنن ۾ آهه! پوءِ چنتا ڇا جي؟ دک ڇا جو؟ سپا
شانتي! سهاڳڻ شانتي! پنهنجي سڳند پکيڙي آئي تو وٽ،
تون ڪيس پنهنجي روبرو!"

١٧ مي ء نماشام جي ستسنگ ۾ پياري ديدي شانتيءَ
شرڌانجلي ڏيندي دادا جشن چيو ته سڀاڳي شانتي اڃا ڏه
ورهين جي هئي، جڏهن پهريان پهريان ڪيس پياري دادا
درشن نصيب ٿيو ٿو. سنه ١٩٢٩ ۾ پيارو دادا حيدرآباد ۾ آ
آئي دادا ٻاني ايسرداس جي ڪاٽي ۾ برپامه جي ٻرڏي
ستسنگ ڪندو هو. ڪيئن نه ٻالڪ ٻيدر اچي اُته ڪٺا ٿيندا
۽ پياري دادا جي چرنن ۾ ويهي پياري دادا جي عجيب
سڻندا هئا. تن مان هڪ هئي بالڪي شانتي جا سوئل
جو پنهنجي ٻيڻ نيٽيءَ سان دادا جي ستسنگ ۾ ايندي ه
دادا جو اُپديش پورو ٿيندو هو ته هيءَ بالڪي دوڙي

جو جشن ڪليو. اهو پيار هن سڀني کي ڏنو. پياري شانتيءَ جي جيون جي ڳجهارت آئو "پيار".

مان وري وري سندس چرنن ۾ وڃنس. مون وري وري ڪانئس سکيا ورتي. مونکي چيائين "نه وسار! نه وسار، ته جيون جو اسرار آهي پيار. ٻئيءَ لاءِ پيار، دکين دردين لئه پيار. پيار بنا هيءَ زندگي ويران آهه، پيار بنا سنسار بيابان آهه! جنهن عمر ۾ اڪثر ڪري ٻار راندين روندين ڪن، گهمن ڦرن، اُن ٻال اوستا ۾ هيءَ پياري پياس جا ڳوڙها ڳاڙيندي ميران جا ڀڄن ڳائيندي هئي:

"مئن تو ٻريم ديواني" "ميري تو گرڌر گوپال"

پياري شانتي اسڪول ۾ پڙهندي هئي ته ميران جو پارٺ ور ور ڪندي هئي. اُن وقت هوءَ سڀ ٻچ ٻالڪ ڪي ميران سمجهندي هئي. ميران جا ڀڄن ڳائيندي سڌ ٻڌ ڀلجي ويندي هئي. ننڍيءَ عمر ۾ سندس دل اندر ٻئيءَ لئه پيار پيدا ٿئي ٿو.

پياري شانتيءَ ڪيئن نه سيوا ڪئي! پنهنجي صحت جي پرواهه ڪين ڪيائين. وري وري کيس چوندو هوس "شانتي! تون پنهنجي سنڀال ڪر! تون ٻالڪ ڪي ايڏو نه پتوڙ!" مشڪي جواب ڏيندي هئي. "هي سرير هڪ ڏينهن خاڪ ٿيندو ضرور! پوءِ ڪنهنجي سيوا ۾ ڪتب اچي." هڪ هڪ دکي درديءَ جي لاءِ ٻئيءَ جو روپ هو. شل اسين به جيون ۾ ٻئيءَ ۽ سيوا جي ساکي ڏيون.

٢ آگسٽ آرتوار صبوح واري ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته شل سڀ ڏيئي سرهو ٿيان. باقي حياتيءَ جو وقت الائي ڪيترو آهه. شل گرديو جي ڪمل قدمن ۾ قبول پوان! اح پياري دادا جي واڻي پرياس جي پڙدي مان کڙو ته سندر وچن آيو:

"آهين تون اصل الک جو، دل جو ڪتاب ڪافي!"

هئي، تيستائين هن کي آرام ڪين ايندو هو. همدرديءَ جي
مورت هئي.

پيارو دادا پڻ ڪيس ڪيترا ڀيرا ”امي“ ڪري ڪوٺيندو
هو. وري وري پياري دادا اسان کي ٻڌايو ته شانتي اڳئين جنم
۾ منهنجي امي هئي. پياري دادا سڀڙ جو چولو ڇڏيو، ان
کانپوءِ هن جي دل ٽٽي پئي ٿي. جلدئي ان بعد هيءَ بيمار
ٿي پئي ٿي. ٽيون ڏينهن ڪيس سائينءَ جو سڏ ٿيو. هڪ هڪ
کي اهو سڏ ٿيندو، انڪري منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀيڻئون!
سڏ ٿيڻ کان اڳ تياري ڪريون. ٿئي ۽ سيوا جو
ٿئي، سٽڪرمن روپي ٿئي.

٢٧ مئي دادي شانتيءَ جي ٻارهين جي ڏينهن ڪيترن
پيارن ڪيس شرڌانجلي ڏني. ان موقعي تي دادا جشن چيو ته
١٥ مئي کان وٺي پيو ورور پياري دادا جي پاٺيءَ جي هيءَ تڪ
اچاريان:

ڪين رهيو ڪو ساري جهان، ڪوٽ قلعا سڀ فاني،
نوري گوبند گاءِ سدا تي سڄاڳ مدگر رهڻ روحاني.

هن جهان ۾ ڪو ڪين رهيو. ڪو اڄ ويو ڪو پوءِ ويو
پر رهيو ڪو ڪين! اها پروڙ پياري شانتيءَ ڏهن ورهين جي
ڄمار ۾ پاتي. ننڍي هوندي سندس ناتو پياري دادا سان ٿئي
ٿو. سندس بخت کلي ٿو. ساري جيون پياري دادا جي ڪمل
چرنن ۾ ارپڻ ڪري ٿي. پياري دادا جي سنگ ۾ پاڻ سڄاڳ ٿئي
ٿي ۽ ٻين کي سڄاڳ ڪري ٿي. هن پياريءَ ڪڏهن اينڊس ڪين
ڏنو، ڪڏهن ڪا شڪايت ڪين ڪئي. هن ڪڏهن ڪو پسند
ڪين لکيو. هڙئي هئي لکل زندگي، پر هڙي جيون ۾ کلي
اها شڪتي، جنهن شڪتيءَ دواران هن ڪيترن ئي اڙ ڪيو
اها شڪتي هئي نمار جي شڪتي. شانتيءَ جي دل اندر پ

پياري دادا ڪوٺيو “جوت منڊل جي جوت اُڀاسي”.

اها جوت ڪيئن جاڳي؟ اها جوت جاڳي ٿي سنتن سنتوڪن جي سنگ ۾، دکين دردمندن جي ٽهل ۾، نماڻي ٿيڻ ۾. جو سنتن جو سنگ ڪمائي ٿو، جو دکين دردمندن جي ٽهل ڪري ٿو، سو نماڻو ٿئي ٿو ۽ جو نماڻو ٿئي ٿو، ڪجهه ڪين ٿئي ٿو. جڏهن جو آپو مٽجي ٿو، جو ٿئي ٿو سنتوڪن جي چرڻن ۾ خاڪ، سو سڀاڳو ٿئي ٿو نرمل پاڪ. اُن جي اندر اچي ٿو جاڳي نرمل نور، جوت منڊل جي جوت اُڀاسي.

اڄوڪي ڏينهن جيئن سڀني پيارن جي چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو، ليڪن هڪ ئي آسيس پنان ٿو ته شل نمڙو ٿيان، نماڻو ٿيان. گرديو جي، پياري دادل جي ڪمل قدمن ۾ گم ٿي وڃان. چاهيان ڪين مڪتي، نڪي پد نروان. ڪمت پياري جي قدمن ۾ ٿيان قربان.

اڄ توهان پيارن داس کي پندرهن هزار روپين جي ڳوٿري ۽ ٻين کي سوکڙيون پيش ڪيون. اها ڳوٿري شانتي يادگار فنڊ لاءِ ڏيان ٿو. آسيس ڪندا جئن پياري دادا جي سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيئي جيون سڦل ڪريان.

١٧ آگسٽ رکشا بنڌن ڏينهن ڪيترن ڀيڻن ڀائرن دادا جنن کي پيار ۽ شرڌا وچان رکڙيون ٻڌيون ۽ موٽ ۾ دادا جن ڪين موچي ڏني. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جنن ٻروچن ڪندي چيو ته اڄ ٻپاهر جي ٽڙدي ۾ سويل ساڻـ ۾ پياري دادا جي چرڻن ۾ وينس ۽ واڪي پڪاريم: “ڇوڙي نه ڇڏجانءِ! ڪمل قدمن ۾ رکجانءِ!” هڪ شش کان سدس گرو پڇي ٿو: “پيارا! توکي ڇا کپي؟” شش چوي ٿو: سائين! مونکي ٻيو ڪجهه نه کپي، پر اهڙي بخشش ڏيو، جو جنم جنم ۾ تنهنجي چرڻن ۾ پڌل رهان!” منهنجي به اهائي پرارٿنا آهه. رکشا بنڌن.

ڪيترا سال اڳي پياري دادا اِها ساڳي سکيا مونکي ڏني، جا اڄ جي وچن ۾ آهي. مونکي ڪتابن پڙهڻ جو ڏاڍو شونق هوندو هو. ڪلاڪن جا ڪلاڪ ڪراچي ڪاليج جي لئبرريءَ ۾ ويٺو پڙهندو هوس. پياري دادا سان ڪراچي جيل ۾ ويس. ١٤ ڏينهن جيل مليو. مون اُت ٽرنڪ ڪتابن جي گهرائي. جيلر چيو ته ١٤ سال جيل ۾ رهڻو اٿيئي ڇا، جو هيڏا ڪتاب گهرايا اٿيئي؟ پياري دادا چيو ته هيترا پستڪ پڙهيم ته ڇا ٿيو! هڪ پستڪ پڙهه، اُهو اٿيئي دل جو پستڪ. دل کول. سنڌ جو سونهارو شاعر درويش شاهه لطيف به چوي ٿو:

اکر پڙهه الف جو، ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر تون اُجار، ٻيا پنا پڙهندين ڪيترا!

پرڀوءَ کي نه وساريون. اندر اندر دل وچ مندر، پرڀوءَ جو ڌيان ڪريون، نام ڳايون، نام ڌيايون ۽ نام جا روپ دکي دريدر اُنهن جي خدمت ڪريون.

صبوح جو ١٠ بجي دادا جشن سفيدپوش پيدون کي اناج ڪپڙو ۽ روڪ سهائتا ڏني. ان بعد ساڌن اسپتال ۾ بيمارن ميوو ورهائڻ ويا. نما شام جي ستسنگ ۾ شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ جي ڀوڳ بعد ڀجنيه دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان ڪانپوءِ ڀجنيه دادا جشن پرو ڪندي چيو ته اُئين مونکي ڇيو وڃي ٿو ته اڄ هن سرير ج جنمدن آهي. دل جي اندر پياس اٿم ته ڪل سمورو هي سرير هي تن من، گرڌو جي سيوا ۾ خرچ ٿئي. سال گذري ويا. ص ڪين اٿم ته باقي وقت ڪيترو. ڪل اهڙي آسيس ٿئي ج اِڪ اِڪ پران، اِڪ اِڪ سواس ڏي ساڳي گرڌو جي! ا اِها ساڳي ڏني ڪين اٿم، جو ته هي سرير اجا ٻاڪ ڪين آه هي نيڻ اجا ٿوهل ڪين آهن، جو بس اُها روشني، جدهن

ڪان ٻاهرو ٻيو نه هي ڪير آهه، جنهن کي تون ڀروان ڀئين؟ ن مونکي آهستي چيو "شري ڪشنچند بيوس". مون سندس الو ٻڌو هو.

ڪوي بيوس هڪ عجيب شاعر هو ۽ سندس دل اندر غريبن لئه پيار هو. ڪيئن نه سانتيڪي طرح ٻارڙن جي ساراهه جا گيت ڳائي ۽ دکين جي شيوا ۾ وقت گذاري! هن پياري ڪيڏو نه سنو! صبر ۽ شڪر ۾ سڀڙ سنائين. سندس ٻاٽيءَ ۾ هوني آواز آهه نه صبر ۽ شڪر ۾ رهي سائينءَ جا گڻ ڳائيندا ڪرڻ. بيوس کي غريبن لاءِ همدردي هئي، پيار هو. اوهان ٻه دکين ڏکيلن لاءِ دل ۾ درد رکو. درد وارو انسان ئي سچو انسان آهه. بيوس جي جيون جو اهو سنيهو اٿو ته نماڻا ٿيو.

٤ آڪٽوبر دادا جشن سنگت سان گڏ بمبئي ياترا لاءِ روانا ٿيا. ١٠-٣٠ بجي بمبئي وي. ٽي. اسٽيشن تي پهتا. اُتان سڌو دادا جن ميوان ستسنگ ڪولابا ۾ پڌاريا. اُتي دادا جن پدهش ڪندي چيو ته جيون جو ٻيو خزانو ڪٺو ڪريو. پنهنجي جيون پيار ۾ ٻڌو. پيار بنا جيون ويران اٿوَ. قدرت سان پيار ڪو. قدرت جي سنگ ۾ اٿو جيون جو آنند. ڪجهه وقت قدرت جي سنگ ۾ گذاريو. ٻيو ڪجهه وقت ڪنهن سنتپرک جي سنگ ۾ گهاريو، ستسنگ ۾ وڃو. ٽيون پنهنجو سنگ ڪريو. توهان پاڻ کي پاڻ کان جدا ڪيو آهه. توهين ڪير آهيو؟ پنهنجو پاڻ پڇاڻو. توهين لکن ڪروڙن ڪئي ڪرڻ ۾ پنهنجي عمر بنا ئدوايو. مانگ ڏيهه الائي ڪيترن ڪمالن ڪانپوءِ توهانکي مليو آهه. اها امولڪ ڏيهه ڪئن ڪچرن ميڙڻ ۾ نه وڃايو، ٻو پنهنجو سڄهه پاڻ پڇاڻو؟ اسٽيشن تي ڏاڍر هڪ غريبڙو ٽوڪريءَ ۾ شيون ڪي وڪڻو هو. هڪ ڇوڪر سندس ٽوڪريءَ مان هڪ شيءِ ٽي پڪڙ لڳو. ٽوڪريءَ وارو ان کي پڪڙڻ ويو ته ڇڏيان بنا

رکشا معدني رکيا. رکڙيون پيڙهون ٻڌن تيون پائون کي نه رکيا نٿي.

هڪ دفعي ديوتائن ۽ دئيتن جي وچ ۾ اچي جنگ لڳي ٿي. ١٢ سال اها جنگ هلي ٿي. ديوتائن جو راجا اندر ۽ دئيتن جو راجا بلي هو. اندر پنهنجي هار ڏسي ڊوڙندو وڃي ٿو پنهنجي گروءَ وٽ ۽ چوي ٿو گروديو بچايو! تڏهن گروديو ورهسپتي هڪ ريشمي ڌاڳو ڪٽي اندر ديوتا کي ڏيندي چوي ٿو ته اهو ڌاڳو وڃي تون پنهنجي پتنيءَ کان ٻانهن ۾ ٻڌاءِ ته تنهنجي رکشا ٿيندي. جئڪار ٿيندي. اندر ائين ڪري ٿو. ٻرابر ديوتائن جي جئه ٿئي ٿي.

هن وقت به دئيت ۽ ديوتائون آهن. اسان مان هڪ هڪ جي اندر انهن ٻنهي جي وچ ۾ جنگ پئي هلي. ساڳيو انسان ڪنهن مهل ڏاڍو سٺو، ڪنهن مهل بيو تڪرار جهيڙا ڪري. انهيءَ جنگ کان ڪير بچائي؟ گروديو. ان ڪري گرو ڪرڻ لئه پڪاريو. اکين ڳوڙها ڳاڙي نهاريو ۽ فضل لئه ٻاڪاريو. گروءَ جو سنگ ڪريو. ستسنگ ۾ روز اچو. گرو ڀڳتيءَ ۾ پنهنجي جيون ٻڌو.

سڌو ڪو ڄڻا ڪيندر پونا جي سهاري ميران هاءِ اسڪول ۾ ڪوي ڪشنچند بيوس جي جيون ۽ ڪاوڙ تي سيمينا جو آيوجن ڪيو ويو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن سيمينا جو مهورت ڪندي چيو ته اڄ توهين ڪنا ٿيا آهيو هڪ جي ياد ۾. هن پياري جو درشن ٣٥ سال اڳ مونکي مليو. پيارو دا لاڙڪاڻي ۾ هليو. دادا جن در بدر ڪري اندر وهندا هئا. هڪ صبوح جو هي پيارو آيو ۽ چيائين: "دادا جن جو درشن ڪرڻ ل آيو آهيان" مون چيو ته پيارا پاءِ! دادا جن جو در بند آهي. توها ٿي توسٽو پوندو. هي پيارو چوي ٿو "چوڻ مان توسندس. هن جي منهن ۾ مٺيا هئي ۽ نيڻن ۾ نيهن جو نشو. واتو ۽ هڪ ٻيو ماڻهو آيو، جو هن کي اچي پواڻ پيو. مون

وٺي ٿو. اهو ابياس روز روز ڪري ٿو. ڏسو ٻهراڻ اسين
ٻارڙو پڙهڻ وڃون ٿا. ماستريائي ڪيئن نه اسانکي ڪوڙا اُچارائي
ٿي. ٻڪ ڏون ڏون، ٻه ڏون چار، ٽه ڏون ڇهه. وري ٻار ڪان
پڇي ٿي ته ڇوي ٿو: ٻه ڏون چار، وري ڀوارائي ٿي. واڪي
سان ٻار اُچارين ٿا. ڪين ڪوڙا ياد پنهنجي وڃن ٿا. تيئن اسين به
روز روز نام اچاريون. من ڀٽڪي، من کي چئون: نام ڳاءِ، ستنام
اُچار. وري وري من ڀٽڪندو. پر روز روز جي ابياس سان من
سيتل ٿي پوندو ۽ اسانکي سچي آنند جي پراپتي ٿيندي.

سينٽ ميران ڪاليج ۾ دادا ڪلا پردرشن جو آيوجن
ڪيو. ٢١ نومبر ڇنڇر ڏينهن پونا يونيورسٽيءَ جي وائيس
چانسيلر ڊاڪٽر آپٽي ان پردرشنيءَ جو مهورت ڪيو. ان موقعي
تي دادا جشن ۽ پاڪيائن ڪندي چيو ته پياري دادا سادو واسواڻيءَ
جي جيون قربانيءَ ۽ سيپتا واري هئي، جهڙڪري سندس
اکين ۾ ديا، همدردي ۽ پريم جي روشني پيئي چمڪندي هئي.
جن ڪيس ٻڌو ۽ سندس پوتر سنگ ۾ آيا، تن کي عجيب لطف
۽ آنند جي پراپت ٿيو. پياري دادا جي اکڙين ۾ هو آزاد ڀارت
جو سپنو، شڪتيوان ڀارت جو سپنو. ڀارت شڪتيوان تڏهن
ٿيندو، جڏهن ڀارت ۾ ايڪتا ايندي. اها ايڪتا ڪيئن ايندي؟
جڏهن اسين غريبن ۽ مسڪينن، دکين ۽ درپلدرن کي نه
وساريندا سين، پر انهن جي خدمت ڪرڻ پنهنجو فرض
سمجهندا سين، جو ته درپلدرن جي سيوا آهه پرڀوءَ جي ڀڳتي.

اڄ ڀارت ۾ جو هيترو مونجهارو ۽ پريشاني آهه! چوگرد
ڀوڏار بک ۽ بي ايمانيءَ جو اتنا زنڊ لڳو پيو آهه! اهو تڏهن
دور ٿيندو جڏهن اسانجا اهڙا طاقت جو نشو ڇڏيندا ۽ اهو
سڀ تڏهن ٿيندو جڏهن اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ انهن کي اهڙي
قسم جي وديا ڏني ويندي. اسانجي ميران ڪاليج ۾ پروفيسر

ڀوڪر ٽوڪريءَ مان شيون ڪڍي ڀڄڻ لڳا. ڏسندڙن اهو
ڏسي کليو. اسين ٻه کلون ٿا. ٻه اسين ڪيئن ٻيا ٻنهجو مان
جنم گذوايون. ان ڪري ٻنهجو قدر سڃاڻو. ان لئه ڪجهه وق
سانت ۾ ويهي رام نام سمريو ۽ دکين جي سيوا ڪريو.

١١ آڪٽوبر آرتوار صبوح جو دادا جشن اُبديش ڪند
چيو ته اج جو ڏينهن ڪهڙو نه مٺو آهه! اج پياري شانتيءَ ج
ڄڳيه جو ڏينهن آهه. ڀرڀات جو جيئن اُٿي شانتيءَ جي تصو
اڳيان سر جهڪايم، تيئن منهنجي دل اندر هڪ يادگيري آئي
ڪيترا سال ٿيا ته پياري دادا پياري شانتيءَ کان پڇيو "بالڪ
تنهنجي اونهي ۾ اونهي ڪهڙي پياس آهه؟" شانتي پياري دا
کي چوي ٿي "دادا! منهنجي پياس آهه ته مان ڀڳوءَ کي پايا
جيئن ميران، مڪتا ۽ سهجا بائيءَ پاتو درشن ديدار."

ڀارت جي روح اندر اٿو اهائي هڪ پياس ته ڀڳوءَ
درشن پايون. اسان مان هڪ هڪ جي دل اندر اها پياس آ
اها پياس توهان کي ستسنگ ۾ ڇڪي آڻي ٿي. پيارو دادا شانت
کي چوي ٿو "نام ڳاءِ، وچ دل جي اندر، ڳلن ڳوڙها ڳاڙ." شان
ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويٺي نام ڳائيندي هئي ۽ سندس ڳلن
ڳوڙها پيا ڳڙندا هئا. اهڙي وچن ۾ پيارو دادا اسانکي ج
ٿو سانت ۾ ويهو. سانت ۾ ويهي نام ڳايو ته دلبر جو ديدار
ڀر نندا کان پري رهو. جيڪو وقت بچيو، هلندي چلند
نام اُچاريو.

اسانجو من ڏهني ڏسائن ۾ پيو ڀٽڪي. اهڙي وچن
آواز آهه ته سانت ۾ دل جي دري کوليو. ڪيئن کوليون
لئه پياس جي ضرورت آهه. اڀياس ڪريو ته سونيءَ سان
سائين ٻسو. ڏسو ننڍڙو بالڪ ڪيئن ٿو بند ڪري سگهي
کائي ٿو، ڏڪا اچس ٿا، پر آهستي آهستي بند ڪري

٢١ نومبر ڇنڇر رات جو بال ڪلب جي ٻالڪن جو ميڙ ٿيو. پوڄيه دادا جشن جي پڻ دادي هري واسواڻي هر هفتي انهن ٻالڪن کي سندر سکيائون ڏيندي آهه. اڄ اتسو ۾ دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پڻ هري ديويءَ کي ڌنيواد آهه جنهن هن بال ڪلب جي استاپنا ڪري ٻالڪن ۾ پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي سکيائن جو ڦهلاءُ پڻ ڪيو آهي. ڪچڙن دلين ۾ سٺن سنسڪارن جا ٻج پيئي ڇٽي. پيارن ٻالڪيون! ٻڍاءُ کي نه وساريو ۽ دکين دريدرن پکين پسن جي سيوا ڪريو. جيءُ ديا جي جوت جڳايو، سادو کائو، سادو پايو، پنهنجي جيون سڦل بڻايو.

٢٤ نومبر شام جو دادل شاهه جي رٿ ياترا ميران پوميءَ مان آرنڀ ٿي. پيارو دادا جشن ۽ ٻيا پريمي دادل شاهه جي رٿ کي ڪاهي رهيا هئا. هزارين پريمي ڌنيون لڳائي رهيا هئا ۽ جدا جدا چونڪن تي دادا جشن، دادا واسواڻيءَ جي سکيائن جو ذڪر ڪيو.

”شري نوري گرنٿ“ جو وموچن ڪندي پوڄيه دادا جشن چيو ته اڄ نئين يگ جي نئين شاستر جو پرڪاش ٿئي ٿو. پياري ڀاءُ آنر واسواڻيءَ ڪيڏي نه جفاڪشي ۽ محنت ڪري، اوجاڳا ڪڍي پياري دادا جي سموري باڻي سنگرهه ڪري ”نوري گرنٿ“ جي روپ ۾ اسانکي ڏني آهه. مان ان جو شڪرگذار آهيان. ٻالڪي رتنا واسواڻيءَ راتيون جاڳي دادا جي باڻي اتاري آهه. ڀاءُ نرمل واسواڻيءَ پڻ ڪيڏي نه قرب ۾ شري نوري گرنٿ جي سيوا ڪئي آهه. پياري ستسنگيه ۽ سندس ڀاءُ پرڀتي جو به شڪرگذار آهيان جن حڪم پرڀاس ۾ هي گرنٿ ڇپيو آهه. جن ڪمپازيٽرن اها باڻي ڪمپوز ڪئي آهه انهن مان، مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان، جن هي محنت

امتحانن جي نتيجن تي ٻرابر زور ڏين ٿا، پر اُن کان وڌيڪ زور ڏين ٿا چرتر نرماڻ، سيوا ۽ روحاني شڪتي کولڻ تي. چرتر نرماڻ ڪيئن ٿئي؟ ان لاءِ وري وري اهائي هڪ پرارٿنا ڪندا آهيون ته سائين، ڀارت کي چرتروان منش ڏي، جن کي عهدي اقبال ۽ آفيس جو نشو نه هجي، پر جن کي لگن هجي سڄي خلق جي خدمت جي. انهيءَ ڪري هن ڪاليج ۾ وديارٿي هفتي ۾ هڪ دفعو پنهنجي هٿن سان ڪاڌو رڌي، جدا جدا سنستائن ۾ وڃي ڏکين، بکين، ورڌ اوستا وارن، اپاهجن ۽ سورداسن کي کارائيندا آهن ۽ اُنهن جي آشيرواد وٺندا آهن. اڄ ڪاليج ٻاران ڪيترائي شيون ۽ بلئنڪيٽ ۽ سورداسن لاءِ سونهن پياري دادا جي چرنن ۾ ارپڻ ڪيا اٿن. سيوا جي آدرش کي عملي جامو پهرائڻ لاءِ اڄ ڊاڪٽر آڏيٽي کي عرض آهي ته گهٽ ۾ گهٽ هڪ سورداس کي پنهنجن هٿن سان ڪپڙا پهرائي. شال هن ڪاليج مان اهڙيون ٻالڪيون نڪرن، جيڪي پنهنجي جيون پياري ڀارت جي سيوا ۾ ارپڻ ڪن.

٢٠ نومبر ميرا انگلش ميڊيم اسڪول دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو. وديارٿين دادل شاهه جي جيون تي ڀاڪيان ڏنا. ان موقعي تي پياري دادا جشن جيو "پيارا ٻالڪو ۽ پياريون ٻالڪيون! پرڀوءَ ۾ وشواس رکو. روز صبوح جو اُٿڻ سان پرارٿنا ڪريو. پيارو دادا جڏهن ننڍڙو ٻالڪ هو تڏهن سندس ماتا کيس چوندي هئي ته نيون ڪر نه ڪر، پر پرڀوءَ کي پرارٿنا پهرين ڪر. اسڪول وڃڻ کان اڳ پرڀوءَ کي پرارٿنا ضرور ڪجو. ننڍپڻ ۾ انهن اُتم سنسڪارن سبب ئي پيارو دادا اڄ تي علي هزارن دلين جو روحاني راڄو بڻيو. توهين نه صبوح، شام ۽ رات گهٽ ۾ گهٽ ٽي دفعا پرڀوءَ کي ضرور پرارٿنا ڪريو ۽ ڪو نه ڪو ننڍڙو سيوا جو ڪم ڪريو.

سوال جو جواب مليو ٿو.

توهان سڀني جو سوڀاڳ آهي جو هن موقعي تي توهين حاضر آهيو، جڏهن هن نئين يگ جي نئين شاستر جو پرڪاش ٿئي ٿو. سال گذري ويندا، پر هڪ ڏينهن ايندو، جڏهن هن شاستر جو جدا جدا ٻولين ۾ ترجمو ڪيو ويندو، پوءِ لوڪن کي پروڙ پوندي ته هن شاستر ۾ ڪهڙو نه عجيب خزانو سمايل آهي.

اهڙي ڏينهن جيڪر ٻارڻ سان ٻرن ڪريو ته نوان ليندا سين. نوجيون جو دان پياري دادا کان وٺي ويندا سين. شال پڪڙ اسانجو ٻند ٿئي. شال گرو ڪرپا وٺي پياس اُتاريون، اُوڙها ڳاڙهيون، ور ور پڪاريون "مهنجا پريتم! تون ڪٿي؟ اچي مونکي نهار هڪوار ته وڃن جلي سڀ وڪار! دل درپڻ ۾ پاڻان ڏيدار! هلي پهچان هن پار، جت تون پيو چمڪين، عجيبن جا اسرار!"

اڄ پياري دادا اسانکي اُپديش ۾ به اکر پڙهايا "نه وساريو! نه وساريو" اهڙي پوتر ڏينهن اهي اکر اسين ٻارڻ سان ڪٽي ويهون! نه وساريو. نه وساريو. پرڀوءَ کي نه وساريو! پنهنجي ڪم ڪار ۾، روز پروز جي وهنوار ۾ رکو يادگيري نج گهر جي! دکين دريدون کي نه وساريو، جو ته اهي غريب مسڪين، پياري دادا سيکاريو آهه ته آهن پرڀوءَ جا روپ، ڀڳوان جون ٻچل مورتون، تن جي شيوا ڪريو! تن جي چرنن ۾ سر جهڪايو، آسيس پايو. نه وساريو! نه وساريو!

ميران اسڪول جي بالڪين ۽ ماستريائين دادا درشن جون سندر اَلساهت ڪندڙ جهانڪيون تيار ڪيون. جن جو نودرشن ڪي. سي. ڪاليج ۽ ايم. آر. ڪاليج بمبئي ۾ بمبئي واسين جي سهوليت جي لحاظ کان ڪيو ويو. دادا درشن سمپتي ۾ دادا جشن سنگت سان گڏجي ٢٧ ڊسمبر پونا

ڪري اڄ هي عجيب گرنٿ تيار ٿيو آهي. هن مهان پستڪ ۾، مان سمجهان ٿو، آهي ٻج اِڪ نئين دنيا جو.

"نُوري گرنٿ" جو پيغام آهي نه فقط سنڌ واسطي، نه فقط ڀارت واسطي، پر سڄي دنيا واسطي. منهنجا پيارا ڀائرو، منهنجون پياريون ڀينرون! هڪ نئون ڀڳ کلي ٿو، جنهن ۾ دل ۽ دماغ گڏجي هڪ نئين دنيا ٺاهيندا. ورتمان زماني جو زور آهي دماغ تي ۽ دماغ جي تلاش آهي وگيان، سائنس واسطي. سائنس ڪيڏو نه ڪمال ڪري ڏيکاريو آهي! پر سائنس اهي شڪتيون کوليون آهن، جي اِڪ ڪن ۾ اِنسان ذات جي تباهي آڻي سگهن ٿيون. دماغ کي دل جي آسيس کپي. دماغ جي چاهنا آهي سائنس واسطي، دل جي پياس آهي پريم، محبت، ڀڳتي، دکين دردن جي سيوا واسطي. انهن ٻنهي جو ميلاپ، آهي دماغ، دل جو ميلاپ آهي "نوري گرنٿ".

نوري گرنٿ آهي ڀڳتيءَ جو شاستر. پر ان ۾ ڀڳتي ۽ ڪرم جو سندر ميلاپ آهي. "نوري گرنٿ" ۾ سکيا ڏنل آهي ته سچو ڪرم ڪيئن ڪجي. سچو ڪرم سو، جو آهي گروءَ جي چرنن ۾ ارپڻ ٿيل. سچو ڪرم سو، جو ڪجي ٿو پرڀوءَ جي پيار ۾، جنهن ۾ ڪابه ڦل جي اِڇا ڪين آهي. اهڙو ڪرم ٻڌن ڪين ٿو ٿئي. پر اهڙو ڪرم اِنسان کي آزاد ڪري ٿو، انتهڪرڻ شُڌ ڪري ٿو، دل جي درپڻ کي ڌوئي صاف ڪري ٿو ۽ اِڪ سياڻي ڏينهڙي دل جي درپڻ ۾ اچي چمڪي ٿي جوت منڊل جي جوت ابناسي. جا آهي سچو گيان. گيان پستڪن جي ودّيا ڪين آهي، پر گيان آهي جوت جو ديدار. ڀل ڪو انسان ڪيترا نه شاستر ڪنٺ ڪري ته به هو گيان کان آهي پري، جيستائين هن جي هردي ۾ جوت جو پرڪاش نه ٿيو آهي. اها جوت نرمل، نوتر جوت هردي جي اندر ڪيئن چمڪي؟ نوري گرنٿ ۾ اِ

آءٌ لاءِ مان جنم مرڻ جي چڪر ۾ اچڻ قبول ڪندس. مان دوزخ ۾ وڃڻ لاءِ به تيار ٿيندس، جيڪڏهن مان اُتي ڪنهن دکيءَ کي درد کان ڇڏائي سگهان." پيارا! اوهين به ڏکين جو درد دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. پکين پسن تي ديا ڪريو. جيڪڏهن توهان سکي ٿيڻ چاهيو ٿا ته ٻين کي سکي ڪريو.

دادا ساڌو واسواڻي مهاپرش سڀني ۾ ١٤ جنوري شري گرو گرنٿ صاحب جو پاٺ صاحب رکيو ويو. نماشام جي ستسنگ ۾ اسڪول جي ٻالڪن ٻالڪين دادل شاهه کي ڀڄن ٻڌائون شردانجليون ڏنيون. ١٥ جنوري شري نوري گرنٿ جي اکنڊ پاٺ جو آرنڀ ڪرڻ بعد ٻڍڙن جي سيوا ڪئي ويئي. ميران اسڪول جي وديارٿين ۽ اڌياپڪن سفيد پوش ۽ ٻڍڙن جي سيوا لاءِ ڪيترائون شيون پيش ڪيون. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن چيو ته پيارو دادا فيلسوف هو، ودوان هو، سنت هو، ڪوي هو، هڪ اعليٰ درجي جو انسان پرٿويءَ تي پڌاريو. هڪ دفعي پياري دادا کان پڇيوسين ته هن ڪرم ڀوميءَ ۾ اُتم ۾ اُتم ڪم ڪهڙو آهه؟ پياري دادا چيو "سيوا." پيارا ٻالڪو پيارئون ٻالڪيون! توهان طوطي وانگر ڪتاب پڙهي ياد ڪري ڏگريون وٺو ٿا، ائين نه ڪريو. سچي وديا اُها جا دماغ کي روشن ڪري، دل جي شڪتي وڌائي ۽ هٿن سان ڪم ڪرڻ سيکاري. ڊاڪٽر آلبرٽ سوائٽزر ليالي جو انسان هو، وڏو ودوان هو، پر هن شيدين جي ڪيڏي نه خدمت ڪئي. اُنهن لاءِ ڪاٺ پيتو پنهنجي ڪلهن تي کڻي ويندو هو. اُنهن لاءِ اسپتالون کوليون ٿو. پنهنجي ڪلهن تي ڪاٺ جا ٻنڊ کڻي ٿو. هڪ ڏينهن جنهن ٻنڊ کڻي پيو وڃي ته سامهون هڪ شيدي گڏجيس ٿو، ان کي چوي ٿو ته هن ٻنڊ کڻڻ ۾ هٿ ته وجهاءِ. هي شيدي چوي ٿو "مان پڙهيل آهيان، مان ڪيئن ٿو کڻي ٻنڊ

کان بمبئيءَ لاءِ روانا ٿيا. ڪي. سي. ڪاليج هال ۾ يونيورسٽيءَ
جو مهورتي اُتسو ٿيو. شري هوتچند آڏواڻي پوڄيه دادا جشن
واسواڻيءَ ۽ ڊاڪٽر گجيندرڪر جو سواگت ڪندي چيو ته
سادو واسواڻيءَ جي جيون اسان لاءِ پريرڻا جو چشمو آهي.

پوڄيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ ڪلهه چوڌاري
اونده اندڪار ۽ مارا ماري پيئي ڏسجي، پر اسين نئين يُگ جي
دروازي تي بيٺا آهيون. جيڪو اونده اندڪار ڏسي رهيا
آهيو سو نئين يُگ جي جنم جا سور آهن. اهو نئون يُگ اچي
رهيو آهي. پيارو دادا واسواڻي نئين يُگ جي آڳيواڻن مان هڪ
هو. هن هڪ نئين جوت جڳائي. هُن جي اکين ۾ هڪ نئين دنيا،
نئين يُگ جو سپنو هو. اُهو نئون يُگ اچي ٿو ۽ اسان کي اُن
يُگ لئه پاڻ کي تيار ڪرڻ گهرجي. اِن ڪري ٻين کي
سڌارڻ بدران اسين پاڻ کي سڌاريون. دنيا جو سڌارو اسين پاڻ
سان شروع ڪريون. هڪ هنڌ اچي باهه لڳي. پريس جو ايڊيٽر
اندر ڪوٺيءَ ۾ ويٺو هو. باهه وسائڻ جي انجڻ جو آواز ٻڌي
ٿو. يڪدم فون ڪري پڇي ٿو ته ڪٿ باهه لڳي آهه؟ فون
تي جواب ٿو مليس. اُتي ڏسي ٿو، ڏسي ته مار! باهه ته
سندس پريس جي هڪ ڪمري کي لڳي آهه! اسانجي حالت به
اهڙي آهه!

اسين سچ جي تلاش ۾ ٻاهر پيا نهاريون. جيڪو اُن سچ جي
تلاش اسين پاڻ ۾ ئي ڪريون. اسين پاڻ سان ڪيترو قدر
سچا آهيون. ٻين مٿان ٽيڪا ٽپڻيون ڪرڻ بدران پنهنجي اندر ۾
نهاريون، پاڻ سڌاريون، پنهنجي اندر ۾ ايشور جو درشن ڪريون.

هڪ ڀيري ڪنهن پياري دادا کان پڇيو ته مڪتيءَ کان
مٿي به ڪا حالت آهه؟ پياري دادا چيو "موکي مڪتي ڪين
گهرجي. پر مان جيڪاهن ڪنهن کي به مدد ڪري سگهان ته

١٤ جنوري آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن داڪٽر مدگهنمل ڪي شردانجلي ڏيندي چيو ته داڪٽر مدگهنمل جيون ٻاٽوا ٻوري ڪري رهندو رهيو. پياري دادا سادو واسوائڻيءَ لاءِ سندس دل ۾ عجيب پيار ۽ شردا هئي، شروع کان ئي هن جو ناتو نڀائيندو رهيو. هن پياري دادا جي جي ڪيڏي نه سيوا ڪئي. سيوا ڪري هي پيارو پڳت ٻڌجي پيو. جنهن جنم ورتو آهي، سو اوس مرندو. هيءَ دنيا آهي هڪ ورڪ منل. ڪي نه ڪي ڀنا پيا روز ڇڏن! ڪي ڪڏهن ڪي ڪڏهن. ڪهڙو ٿو اڄ ڪري، اهو ڪير ڇئي نه سگهندو. ٻر اها پڪ آهي ته هن ورڪ جو پتو ضرور ڪرندو. اسان مان اها ڳالهه ڪيترا وساري ٿا ڇڏين. پيارو دادا اڄ پڙهجي وڃن ۾ چوي ٿو:

"ڏس، اڄائن ۾ گرفتار آهين، ترشنائن جي قيد ۾ قابو آهين! ڪيئن ڇٽين؟ شرط وٺ! پرڀوءَ جي ڪمل چرنن کي ڀيٽي پئو."

پيارو دادا چوي ٿو ته توهين اڄائن ۾ اڙيل ۽ ترشنائن ۾ گرفتار آهيو. قيدي آهيو. اندر ۾ اُنساهه اُمڱه اٿسي ٿو ته جيون ٺهين ڪنداسون، ٻر وري وڃي ٿا پاپ ۾ ڪرون! ڏسو، اسانجون اکيون ترشنائن جي قيد ۾ قيدي. هڪ ڏينهن پياري دادا هڪ ٻيءَ ۾ پٺي لطف ڪيو. اس ڏٺائين ته ڪيترا قيدي آهن جي ٻيءَ ۾ وڃنا ڪم ڪن. پياري دادا جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي آيا. مون پڇيو "پيارا دادا! توهين ڳوڙها ڇو ٿا ڳاڙيو؟" پياري دادا چيو "ٻالڪ! لوڪ سڀ هڪ قيدا وانگر آهني. ويچارا قيدين جيان ترشنائن جي زنجيرن ۾ قيد آهني!"

اِهي اڪر اسان مان هڪ هڪ آهن. ڪيڏا نه ترشنائن

ڪٽائيندا هئس. اڄڪلهه به گهڻو ڪري پڙهيل شخص پوڙهن کا
پري ڀڄن ٿا. پنهنجي گهر جي ڪم ڪرڻ کان به انڪار ڪند
آهن. توهين جيڪر ائين نه ڪيو. جيڪي پڙهو تنهن تي عم
ڪريو. پيارو دادا پرنسيپال هو تڏهن به ماتا جي کٽ جي نيوا
پاڻ چڪيندو هو. وٽس پٽيوالا هئا پر ماتا جي سيوا پاڻ ڪند
هو. توهان به ماتا پتا جي سيوا ڪريو. اُستادن جي آگيا مڃيو
ٻکين پسن کي پيار ڪريو. اُنهن کي روز کاڌو کارايو. هسڪ
کاڌي کان پري رهو. روز پرارٿنا ڪريو.

١٦ جنوري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڄمڻ تثيءَ جو
موقعي تي نما شام جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن واسواڻي
شرڌانجلي ڏيندي چيو پياري دادا جون انيڪ يادگيريون ت
اڇن ٿيون. هڪ دفعي پياري دادا کان مون پڇيو ته هن ڪ
ڀومیءَ ۾ اُتم ۾ اُتم ڪم ڪهڙو آهه؟ دادا چيو "پيارا! 'سم
۽ سيوا.' شل اسين به پنهنجي جيون ۾ سورڻ سيوا جي ساک
ڏيون. پياري دادا هن سنساري سفر جي پڇاڙيءَ جي ڏينه
ٽائين پئي ڏنو. هڪ ڪوڙهيو آيو، چيائين ڏهه روپيا ک
پياري دادا هنجي اکين ۾ نهاريو ۽ چيائين هنکي پندرهن روپ
ڏيو. اڄا پياري دادا جي ڪرسي مٿي کٽي هلياسين ٿي ته پرپا
پياري دادا ڏٺو ته گوپال فقير پيو اچي. گوپال فقير ڏايو گد
۽ ميرو گذاريندو هو. ڪيترو به ڪپڙو ڏيوس ته به ميري
ميرو. پياري دادا پيار جي نظر سان نهاري چيو: ڏيهو. دادا ج
گوپال کي سڌي خرچي ڏني. پياري دادا جي اڄ سکيا اٿو ه
اکر ۾. ڏيو! ڏيو! ڏيندا رهو! ڏيڻ ۾ جيون جي ڳجهارت آهه
ڏيڻ ۾ ئي سچو آنند آهي، اوهان کي پرڀوءَ جيڪي ڏنو آ
ان مان بين کي ڏيو: عقل، علم، ڌن دولت، پيار همدرد
ڪجهه نه ڪجهه ڏيو! ڏيو!

جس سک کھ نت باجھ میت،
سو سک ساڌو سنگ پرِيت!

جڏهن سک لاءِ اسين ٻاهر ڀٽڪندا پيا، سو سک سنتن جي سنگ ۾ ملندو. دنيا جا سک ڪيڏا به ملن پر اندر جو آنند ماڻي نه سگهندا. پر ڪيڏو به ڀڄو ڀڃارت، مان شان، بنگلا ماڙيون هجن ته به اندر جو آرام ڪين ملندو. اندر جو آرام ملندو سنتسنگ مان. ان ڪري منهنجا پيارا! سنگ ڪمايو. پيا سک اٿو فاني، پر سنتن جي سنگ ۾ اٿو رحم روحاني. سچو سک چاهيو ته اچو سنتن جي گهر.

١٨ مارچ ڇنڇر ڏينهن صبوح جو ١١ بجي ٻودر هوڊ جي ميٽنگ ٿي. ان موقعي تي پياري دادا جشن ڀوڙاڻ دادي شانتيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته مان روز شانتيءَ جي آسيس وٺندو آهيان. هوءَ اسانکي ڪيڏو نه اُتساهه ڏياريندي هئي! جڏهن وقت پيارو دادا هن ڀڙتويءَ جو سٺو ٻورو ڪري الڪذام پڌاريو، تڏهن سنگت مونکي هن سنسٿا جو لائيف ٽرسٽي ٿونڊايو. مون شانتيءَ کي چيو ته توُن لائيف ٽرسٽي ٿيءُ، مونکي لائق ڪونهي. ان وقت شانتيءَ مونکي چيو ته مٿان ائين چئين. سنگت جي جوڙ اڳيان تون سر جهڪاءِ، سنگت جي آڳيا اکين تي رک. اڄ هن پياريءَ جي چرنن ۾ سر جهڪائي آسيس گهران ٿو. ٻوڙگ پاڻ گنگارام ۽ سندس ٻالڪي ايشوريءَ 'دادا درشن' لاءِ ڪيڏي نه ڀڳتاڪشي ڪئي. 'نوري گرانٽ' جي پرڪاش لاءِ پاڻ آنسر واسواڻي، نرمل، ڪڪي رتنا ڪيڏي نه محنت ڪئي. ان لاءِ مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. پياري گنگارام سچي جيون پياري دادل شاهه کي ارپڻ ڪئي آهي. ڪيڏو نه ڪم ڪري ٿو. ڪيس ڪم ۾ جهڪڙ واهر ڪريو. ڪيترا ڀرپڻي هن آستان تي پاهران اچن ٿا. اِهَا اُهُ ته اُهين

ٻيا طوفان لڳن ٿا. بمبئيءَ ۾ سنه ١٩٤٦ع ۾ هڪ وڏو طوفان لڳو. ان طوفان ۾ وڏا وڏا ورڪ ڪري پيا. اسانجي جيون ۾ به طوفان اُٿن، اسانکي ڪيرائي ڇڏين ٿا. حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ انگريز ڪليڪٽر هو. هڪ وڌوا جو ڪيس هن وٽ آيو. وڌوا اچي ٿي هن کي پنهنجو حال ٻڌائي. آ! ڇا ٿيو؟ ڪليڪٽر هنجي سونهن تي موهت ٿي پيو. وڌوا ته حال اوري هلي وئي پر هنجي اندر ترشنا جو طوفان پيدا ٿيو. ويچارو بي آرام! رات جي وقت نڪري ٿو. وڌوا جي گهر وٽ پهچي ٿو. ڏسي ٿو دروازو بند آهي. ڪنهن نموني اندر وڃي ٿو! انسان جي اهڙي درگتي. وڏا وڏا وير ترشنا جي طوفان ڪيرائي ڇڏيا. مالڪ جي مهر ڪيپ، رحمان جو رحم ڪيپ جو انهن طوفانن کان بچائي! انڪري ڪنهن ڪامل پرش جي شرڻ وٺو، جو وڪارن جي وهڪري مان پار لنگهائي.

١٦ مارچ شڪروار ڏينهن پيارو دادا جشن سنگت سان بمبئيءَ ياترا لاءِ روانو ٿيو. پهرين صبوح جو ١٠ بجي ٽاٽا ۾ پيرڻ جوتي هيراڻيءَ جي گهر پهتا. اُتي نام ڪيرتن بعد دادا جشن ننڍڙو اُپديش ڏنو. ان بعد ڊاڪٽر منگهرمل جي گهر شيام نواس ۾ بمبئيءَ ۾ ستسنگ ٿيو. اتان دادا پياري مولچند انچندانيءَ جي گهر ويا. پيارو مولچند مهني کن کان بيماريءَ جي بستري تي هو، سندس گهر ۾ ستسنگ ٿيو ۽ دادا جشن پرارٿنا ڪئي. اتان وري شري درگاداس پنجابيءَ جي گهر ويا. شري درگاداس کان سندس صحت لاءِ پڇيائون. دادا جشن ۽ سنگت وري دادي شانتيءَ جي پيرڻ نيڻيءَ جي گهر آئي. شام جو ٧ بجي ڏوري ستسنگ ڪولابا ۾ دادا جشن سنڌو اپديش ڏيندي چيو ته توهانجي پيار ۽ محبت اڳيان سر جهڪايان ٿو. اڄ شري سڪيلي صاحب مان ڪهڙو نه ملو وڃي آيو:

ڪري ڪين سگهيا، جلدي ئي رام ٽوميءَ جي ٻوٽو ڏيئي شري رام جي چرڻن ۾ وڃي وشرام ورتائون.

هڪ ڏينهن مون پوڄيه پتا کان پڇيو ”شري رام کي پاڻ جو رستو ڪهڙو؟“ چيائون ”شري رام لاءِ هردي ۾ پيار اپار! پيار ۾ نام اُچار! پيار ۾ دکين جي سيوا ڪر، تن جي چرڻن ۾ سر جهڪاءِ، تن جي آسيس پاءِ.“ پوڄيه پتا پاڻ ان رستي تي هلي مانک جنم سڦل ڪيو. شل اسين به سندن ٻڌايل راهه تي هلي جنم سڦل ڪريون.

دادي شانتيءَ جي جنمدن سپتاهه ۾ ٢٤ اپريل صبوح جو مهران هاءِ اسڪول ۾ اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. ان موقعي تي پياري دادا جشن چيو ته پياري شانتي هڪ انمول لعل هئي. دنيا جي مان شان وڏائيءَ کان پري هئي، پر اونهي سمنڊ وانگر هئي. هڪ دفعي پياري دادا کان پڇيوسين ”دادا! توهين رانول ديس جا راڻا، هن ديس ۾ ڪيئن آيا آهيو؟“ پياري دادا چيو ”هن پرٿويءَ تي آيو آهيان هيرا جواهر ڪٺا ڪرڻ واسطي.“ انهن جواهرن مان هڪ هئي شانتي. اڄ سندس جنمدن ملهايون ٿا. اڳئين سال به سندس جنمدن ملهايوسين. اڳئين سال ڪيترن کيس سوکڙيون ڏنيون. اُن وقت چيائين ته هي سوکڙيون بار آهن، پر انهن ۾ جو پيار سمايل آهي، سو قيمتي آهي. شانتي ٻال اوستا ۾ ڪيئن نه ڪنڊ ۾ ويهي نام اُچاريندي هئي. دادل شاهه جي سنگ ۾ رچي راس ٿي. ڪيئن نه دکين دريدرن جي سيوا ڪندي هئي. توهين به جيڪر روز پرڀوءَ کي ياد ڪريو ۽ روز ڪنهن نه ڪنهن دکيءَ جي دل وٺو، اُن جي سيوا ڪريو.

٢٥ اپريل دادا جشن پرائمري اسڪولن جي ٻارن کي پياري شانتيءَ جي جيون ٻون کي ڳالهيون ٻڌائيندي ٻول ڏنا. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن پياري شانتيءَ کي پشپانجلي

جي رهائش لاءِ جيڪر ياترين ۾ پون ٿيون. ’سنگت جي شيوا
اِهي اکر مهنجا نه آهن پر پياري دادا جا آهن. هي سوني سنگت
آهن. اُن جي شيوا ڪريو. ان وقت دادا گنگارام اُمنگ ۾ اچي
چيو ته ياترين گهر ٺهرائڻ جو پربنڌ ڪبو.

رام نوميءَ جي پوتر ڏينهن پوڄيه دادا جشن پوڄن ڪندي
ڀڳوان شري رام جي جيون جون پريرڻادائڪ گهٽنائون ٻڌائيندي
چيو ته شري رام کي نه وساريو! اڄوڪو ڏينهن يادگيري ڏياري
ٿو پوڄيه پتا جي، شري ڀلاجراءِ ليلارام واسواڻي جي. رام نومي
جي پوتر ڏينهن شام جو پوڄيه پتا پرلوڪ پڌاريو. اُن وقت پيارو
دادا به حاضر هو ۽ وٽني پنهنجي وڏي ڀراتا لاءِ پرارٿنا
ڪيائين. مهنجو پوڄيه پتا شري رام ڀڳت هو، شري ڪرشن
ڀڳت هو. سنتن سنتپرشن لاءِ کيس عجيب پيار ۽ صدق هو،
پوڄيه پتا جي هوشيار هو، همدرد هو، ودوان هو. ڪيترا ئي
پستڪ لکيائين. هڪ ڏينهن مان ننڍڙو بالڪ پوڄيه پتا کان
پڇان ٿو ”توهان هيترا پستڪ لکيا آهن، تن سڀني جو تاتپرج
ڪهڙو؟“ پوڄيه پتا چيو ”سڀني پستڪن جو تاتپرج آهه هي ته
نرڌنءَ لاءِ پيار اُتار ۽ دکي دريدر، جي آهن ڀڳوان جا ڀڳا
روپ، تن جي شيوا ڪر!“ سندن رڳ رڳ جي اندر دکين جي
شيوا جو ڀاءُ هو. ڪڏهن به ڪين شيوا جو سڏ ڏيندو ته سڀ
ڪم ڪارون ڇڏي اُت ويندا هئا. خاص ڪري پوڙن وقت
ڪيڏي نه شيوا ڪندا هئا. نوجوانن جون ٽوليون ٺاهي ٻيڙن
جي وڃي خدمت ڪندا هئا. ڪين موڪن جي تڪليف هئي
رت پيو وهندو هون، ڪين چوندا هئاسين ته ڪجهه وقت جهڪ
آرام ڪريو. چوندا هئا ”هي وقت ناهي آرام جو، هي وقت
آهه رام نام جو ۽ شيوا جي ڪام جو.“ ڀڄاڙيءَ جي وقت
شري راماڻ تي سندر پستڪ لکڻ شروع ڪيائون پر لکي پورا

صاف ٿئي ٿو، هردو شڌ ٿئي ٿو. اُن جي سنل سرت سڄاڳ ٿئي ٿي. سرت شبد ۾ نواس ڪري ٿي. شري شنڪر آچاريہ ٽن قسمن جي ڪرپا جو ذڪر ڪيو آهه. پهرين ڪرپا جي نشاني آهه مانک جنم، سو سڀاڳو جنهن کي مفت چولو ملي ٿو. ٻي نشاني ڪرپا جي آهه پياس، پياس اِڪ پرڀوءَ واسطي. ٽين نشاني ڪرپا جي آهه جڏهن جگياسوءَ کي ڪو ڪامل ستپرک ملي ٿو جو کيس روحاني راهه ٻڌائي ۽ چوٿين نشاني ڪرپا جي آهه جڏهن جگياسو گروءَ جي ٻڌايل راهه تي هلي پرڀوءَ جو درشن ڪري. پياري شانتي سڀاڳي جنهن جي مٿان اِهي چارئي ڪرپائون ٿيون. شل اسين بہ ان راهه ۾ هلي جيون سڦل ڪريون.

١٨ مئي صبوح جو پوڄيہ دادا جشن ”هرچو نواس“ ساڌو واسواڻي نگر، گڻيش کنڊ پونا ۾ شانتي وديا ڀون جو مهورت ڪندي چيو تہ پياري هرچوءَ کي نوجوانيءَ ۾ سائينءَ جو سڏ ٿيو. هي پيارو وڏو انجنيئر هو، پر ٻي ڊپو. سائينءَ لاءِ صدق هوس ۽ سندس دل ۾ دکين لاءِ پيار هو. اڄ سندس نالي واري هن هرچو نواس ۾ شانتي وديا ڀون آرنڀ ڪيو وڃي ٿو، جتي بالڪن بالڪين ۾ اُتم سنسڪار وڌا ويندا.

٢٣ مئي صبوح جو دادا جشن سنگت سان گڏ پونا مان ممبئي ٻاهرا لاءِ نڪتا. صبوح جو ١١ بجي ڀاءُ ڀڳوان ڏاتواڻيءَ جي گهر پهتا. اُتي دادا جشن شري سکمي صاحب جو هيٺيون دوهو چوندي پروچن ڪيو.

ڦرت ڦرت پراو آئيا، پريا تساءِ سرناءِ،
نانڪ کي پرڀ بينتي اپني ڀڳتي لاءِ.

پرڀو! اسين ٿڪجي شرڻ ۾ آيا آهيون. اسانکي پنهنجي ڀڳتي ڏي. دنيا جي چڪر ۾ ڪيڏو نہ ڀٽڪيا آهيون پر سچي سک شانتي پراپت نہ ڪئي اٿون. سچي سک شانتي پراپت

ڏيندي ڇيو ته اڄ پياري شانتيءَ جو جنمڏينهن آهه. اڄ ٿوري ڏينهن کانپوءِ جو ساڻس گھٽين مان کھڙو ته مٿو وچن آيو آهي:

پرين جي پياس ۾ جن پتوڙيو پاڻ کي،
تن سپاڳڻ جي دلين ۾ درد ٿو دکي سدا.

هيٺ ٿورن اکرن ۾ آهه پياري شانتيءَ جي تصوير چٽيل. پياري شانتي اِڪ پياسي روح هئي. ان پياس ۾ هنجي دل قتيل رهي. هنجي دل ۾ هو درد دردمندا کا درد! هڪ دفعي پياري دادا ٻڌايو ته جو سڄاڳ ٿئي ٿو، ان جي اندر اُڪير اُٿي ٿي، پياس اِڪ پريوءَ واسطي. اهڙي اِنسان کي سنسار ۽ سنساري پدارٿ ڇڪين ڪين. سڀاڳي شانتي جنهنجي اندر اُڪير هئي، پياس هئي ۽ ان پياس ۾ ويهي هن گيت ڳايا. انهن گيتن ۾ سڪ آهه سوز آهه! هڪ پنهنجي گيت ۾ لکي ٿي:

روئي روئي راتيون سڪ ۾ گذاريان،
تنهنجي ياد ۾ آ! ويٺي واٽون نهاريان.
ڪٿي تو کي ڳوليان؟
ڪڏهن ملندين، تيندي شانتي سهاڳڻ!
تو بن، محبوب! وتي پيئي ڦري اياڻ!
ڪٿي تو کي ڳوليان؟

سندس دل جي پياس هئي ته سهاڳڻ ٿيان. مٺي محبوب سان ملان. اسين به پرينءَ کي پاڻ لاءِ دل جي اندر پياس اُڀاريون!

پياري دادي شانتيءَ جي مهاڀڳيه جي ڏينهن ١٦ مئي دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پياري شانتي کهڙي نه سڀاڳي هئي! سڀاڳو اِنسان ڪير آهي؟ نه اُهو، جنهن کي لاٽري لڳي ٿي يا اهو جو ڏوڙ مان ڏن ڪاهي ٿو، نه اهو جنهن کي وڏو عهدو اقبال مليو ٿو، پر اهو جنهنکي سنسار ۾ ڪنهن محبوب جو سنگ، سيوا ۽ پيار مليو ٿو. ان سنگ ڌاران هنجو انڀڪرڻ

سندس نالو رکيل آهي، "وشرام ڪالوني". هڪ هڪ انسان وشرام جي تلاش ۾ آهي. جدا جدا رستن تي ٻيا پنڌ ڪريون، پر اسان مان هڪ هڪ کي ڪيئي سچو سک. ڪي سمجهن ٿا سک آهي پئسي پدارٿ ۾، ڪي سمجهن ٿا سک آهي عيش عشرت ۾، اندرين جي ڀوڳ ۾. اسان مان هڪ هڪ سک پيو ڳولي پر سک ملي ڪين ٿو. هڪ ڪروڙپتيءَ آپگهات ڪيو. اُن ڪان اڳ لکيائين "پئسي پدارٿ ۾ سک ڪونهي. مان دکي آهيان انڪري آپگهات ڪريان ٿو." اندرين جي ڀوڳ ۾ سک ڪين آهي. ڀوڳ ۾ ته آهي روڳ. جيسين من پيو ڀٽڪي تيسين شانتي سک ڪين ملندو! وشرام ڪيئن ملي؟ وشرام ملي ٿو جڏهن پنهنجي گهر موٽون ٿا. مسافر مسافري ڪري ٿڪجي ٿو، اُن وقت پڪاري ٿو ته جيڪر گهر موٽان، وشرام پايان! اسانجو گهر ڪٿي آهه! سچو گهر نج ڌام جو ڇڏي هٿ پيا ڀٽڪون. سچو سک آهه پرڀوءَ جي ڪمل چرڻن ۾. ان ڪري پرڀوءَ جي شرڻ وٺون ته سک ملي، سچو وشرام پراپت ڪريون!

ميران ڪاليج وئڪيشن بعد ١٥ جون کليو. اُن ڏينهن پرنسيپال دادا جشن واسواڻيءَ پرارٿنا هال ۾ وياکيان ڪندي چيو ته پياري دادا سادو واسواڻيءَ ميران ڪاليج کوليو ان اُميد ۾ ته هن ڪاليج ۾ جي بالڪيون وديا وٺن، تن مان ڪن نه ڪن جي اندر چڻنگ اٿي. شيوا جي چڻنگ، قربانيءَ جي چڻنگ. ڪي نه ڪي بالڪيون نڪرن جي پنهنجي جيون ارپن ڪن پنهنجي ڀڳت، سنگت، ديش ۽ انسان ذات جي شيوا ۾! هن وقت اسين پنهنجي زندگي خود مطلبيءَ ۾ گذاري رهيا آهيون. خود مطلبيءَ کان وڏو ٻيو مرض ڪين آهه. پيارو دادا اسانکي چوي ٿو: ان مرض کان آزاد ٿيو. جيڪي توهان کي آهه سو ٻين سان ونڊيو ورهايو. اوهانجو پئسو، اوهانجي

ٽيندي ڀريوءَ جي چرنن ۾. روز روز پرارٿنا ڪريو ۽ پرلوءَ ڪان پڳتيءَ جو دان منگو.

دادا جن شام جو ميران سنسنگ ڪولابا ۾ شري نوري گرنٿ جو استاپن ڪندي چيو ته نوري گرنٿ هڪ عجيب شاستر آهه. نوري گرنٿ ۾ اتو جيون جي سک جي ڳجهارٿ سمايل. پيارو دادا اهو املهه خزانو ڏيئي ويو آهه، جنهن جو ملهه ڪٿي نٿو سگهجي. نوري گرنٿ جو تت سار اٿو هين ٻن اکرن ۾ سمايل:

”اکڙيان کول! پياري! اکڙيان کول!“

اسين ويسر ۾ وڃايل، ڪيڏو نه دکي آهيون! جنم جنم ۾ ڀٽڪيا آهيون. ستن سمندن کان به وڌيڪ ڳوڙها ڳاڙيا اٿون.

هن وقت نوري گرنٿ مان کهڙو نه مٺو وچن آيو:

وِيٺو ڳاٺي ڳاٺي، جاڳو پياري جاڳو!
مانکه جنم ڪريو اوهين نه سياڳو!

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻرون! جاڳو! جاڳو! پيارو دادا اسان سڀن کي چوي ٿو ته پنهنجو مانکه جنم سڦلو ڪريو ۽ ائين وئرٿ نه وڃايو. جيڪر گهر گهر ۾ نوري گرنٿ رکو. مونکان ڪن پيارن پڇيو آهه ته نوري گرنٿ رکڻ ۾ ڪو بنڌن ته ڪين آهي؟ پيارا! ڪو به بنڌن ڪين آهه صرف دل ۾ شرڌا ۽ پياس رکي نوري گرنٿ پڙهو.

پروگرام جي شروعات ۾ دادا هوتچند آڏواڻي ۽ ڀاءُ موتيلعل ٻناڻيءَ دادا جشن جي آجيان ڪئي.

٢٨ مئي دادا جشن سنگت سان گڏجي لوناوالا ويا. اُتي دادا جن ٻه ڏينهن قدرت جي گود ۾ ايڪانت ۾ گذاريا.

٣٠ مئي رات جو ٩ بجي پونا جي وشرام سوسائٽيءَ ۾ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته هن ڪالونيءَ تي کهڙو نه

ٻاري ننڍا ٻون ٻالڪڙن ونس آيون. دادا جشن کان مٺائيءَ جو
ٽيڪ کاڌائون، آسيس ورتائون ۽ مٺو ٻنهون ٻارايائون. دادا
جشن جيو ته اهڙي جوت اسان مان هڪ هڪ جي اندر ٻيٺي
ري. اِن جوت جو جيڪڏهن ديدار ڪريون ته هي دنيا وسري
وڃي. ٣١ جولاءِ ميران هاءِ اسڪول طرفان دادا جشن جو جنمڏن
لسو ملهايو ويو. ٻالڪن ۽ پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ پياري
دادا جشن کي پشپانجلي ڏني. اِن موقعي تي پياري دادا جشن
ٻاکيان ڪندي چيو ته دل پريل آهي. مان اڄ هتي خالي ۽
وهين مونکي پري موڪليو. توهان اڄ مونکي پکين لاءِ اَن ۽
ڪراين لاءِ ڪيترائي شيون ڏنيون آهن. مان توهانجو شڪرگذار
آهيان. مونکي سڀ کان ملهائتي سوکڙي توهان اِها ڏني آهي
جو ٻن ڪلاسن جا وديارٿي انجام ٿا ڪن ته ٢٥ نومبر پياري دادا
جي جنمڏن تائين وڻشدو ٿي رهندا. شل اَهو سڀاڳو ڏينهن اچي،
جو سڄو ميران اسڪول ويشدو ٿئي. ٻه ڏينهن ٿيا ته مون نئون
ميل پاتو. منهنجي پير ۾ لڪ نڪتي. اِن لڪ جي ڪري مونکي
ڪيڏو نه سور ٿئي ٿو. آ! جڏهن ڳڳدامن کي ڪاتيءَ سان قتل
ڪندا هوندا ته کين ڪيڏو نه سور ٿيندو هوندو! سنڌن
ٻڪرائون ٻڌو ته توهانجي دل ڏهلجي وڃي. اِهي سنڌن
انهون اِن ماس ۾ گهڙي ٿيون وڃن، جيڪو توهين گهرن ۾
وڃ مصالح وجهي رڌي کائو ٿا. پيارا وديارٿيو! انڪري هنسڪ
ماڌي کان پري رهو.

١ آگسٽ ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان دادا جشن
جو جنمڏن اُتسو ملهايو ويو. اِن موقعي تي دادا جشن وياکيان
ڪندي چيو ته اڄ گروڪل هئا، جت شاگرد وڃي وديا وٺندا
هئا ۽ شاگردن اڌياپڪن جي وچ پيار ۽ شرڌا جو ناتو هوندو
هو. اڄ توهان وٽ هڪ ٿي سکيا ڏيئي ٿو وڃان. وندايو ورتايو.

وديا، اوهانجي شڪتي، اوهانجي جيون آهي اِڪ امانت، دکين
درپدرن جي شيوا واسطي.

سرير کي پوتر رکو. نرمل رکو ۽ سگهارو رکو. سرير دوارا
ڀارت ماتا جي شيوا ڪريو. دماغ کوليو، وديا وٺو پر نہ وساريو
تہ وديا جو مقصد آهي دکين، ڳوٺاڻن ۽ ڪسانن جي شيوا. ان
ڪري پنهنجو چرتر ناهيو، پرانتيتا جو ڀيد مٽايو. شڪتي کوليو
۽ اُها خرچ ڪريو ڀارت ماتا جي شيوا ۾.

٨ جولاءِ گرو پورڻما جي پوتر ڏينهن پياري دادا جشن
پروچن ڪندي چيو تہ رشين جي سکيا موجب ان ڏينهن
چترماس جي موسم شروع ٿئي ٿي. ان ڏينهن کان وٺي چار
مهنا جگياسو ۽ سنياسي رٿن ڪين ڪندا پر هڪ جڳهہ تي رهي
شاستر جو ابياس ڪندا آهن ۽ ڌيان ۾ گذاريندا آهن. گروءَ
جي سکيا ٻڌي اٿون، پڙهي اٿون، هينئر وقت آهہ ان جو
استعمال ڪريون. چوتہ ابياس کان سواءِ جيون وئرٿ آهہ! ان
ڪري گرو منتر جو ابياس ڪريو ۽ گروءَ جي آسيس وٺو. جيئن
گرو چوي، اُن جي آگيا انوسار هلو تہ منزل تي پهچندا.

هڪ دفعي پيارو دادا جشن پنڌ ڪندي موٽي رهيو هو تہ
رستي تي هن هڪ ٻڍڙو ڏٺو. يڪدم اُنجي ويجهو ويو اُنکان
حال احوال ورتائين ۽ پوءِ کيس ميران پوميءَ ۾ وٺي آيو. پيرسن
جا پير گپ چڪ ۾ ٻوڙيل هئا. پياري دادا جشن پنهنجي پوتر
هٿن سان سندس پير ڌوتا، کيس نوان ڪپڙا پهرائي، کاڌو
کارائي، کيس خوب سوکڙيون ڏنائين. اُن کان وڌيڪ کيس
پنهنجي دل جو پيار ڏنائين. ٻڍڙو باغ بهار ٿي ويو. اُنجي ٿي
اکيو اچ شري ڪرشن ۽ سداما جو ميلاپ ٿيو آهہ. پيارو دادا
جشن ڪيئن نہ ٻڍڙن نياڻين جي سار لهي ٿو!

پياري دادا جشن جي جنم ڏينهن سلسلي ۾ ٣٠ جولاءِ ڪنهن

نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ڀروچن ڪندي چيو ته توهان مان ڪن داس لاءِ جيڪي چيو، اُن جي لائق مون ۾ ڪين آهي. مان ته آهيان پياري دادا جي در جو نوڪر. توهان نوڪر سان ڪيڏا نه پيار ٿا پلايو. توهان داس کي اڄ ڪيترائي ٿه پيتائون ڏنيون آهن. پياري بزرگ ڀاءُ شري گنگارام کي عرض ڪريان ٿو ته انهن پنهنجي سان اڄ کان ئي پياري دادا جي جنمدن ڳوٺ سريءَ جي شروعات ڪري. پياري دادا داس لي ڪيڏي نه ديا درشٽي ڪئي. پنهنجي ٻاجهه ٻانهن ۾ جهپي ورتائين، سندس هڪ به احسان لاهي نٿو سگهان. پياري دادا ورور چيو تام کي نه وساريو! تام جا پڳل روپ دکي دريدر، دين مسڪين، پکي پسون، انهن جي شيوا ڪريو. اوهين جيڪر پياري دادا جي اِها سکيا هنڊايو.

تام ۾ ڪيڏي نه شڪتي آهه! تام سنتن کي سجاڳ ڪري ٿو. جي ويس ۾ وچايل آهن، تن جي اندر يادگيري اُٿاري ٿو سچي وطن جي، نج ديس جي! تام ۾ اهڙو بل آهه جو مئلن کي جيئاري ٿو. اسان مان ڪيترا مئل آهيون. ڏسڻ ۾ برابر جيئرا پيا اچون، پر اسانجا روح مئل آهن ۽ تام اسانکي وري جيئاري سگهي ٿو. سنت راڌا چرنداس کي 'ٻڙا باباجي' ڪري سڏيندا هئا. اِڪ آشرم ۾ رهندو هو. هڪ نماشام جو پنهنجن شش کي چوي ٿو: "مان اڄ رات جهنگل ۾ گذاريندس ۽ صبوح جو واپس ايندس. توهين صبح جو سويل آشرم جي دروازي تي ويهجو. جيڪو پهرين هتان لنگهي تنهنکي ترسائجو، جيستائين مان موٽان!" آکيا انوسار ٻئي ڏينهن صبوح جو شش دروازي تي ويهن لا. اُتان اِڪ ارٿي لنگهي ٿي. اِڪ مارواڙي سيٺ گذاري ويو هئي اُن کي کڻي پئي ويا شمشان ڀوميءَ ۾. سنت جا شش اُن ارٿيءَ کي ترسائين ٿا. ٻڙا باباجي اچي ٿو ۽ ارٿيءَ جون رسيون کولي ٿو ۽ پوءِ سڀن کي چوي ٿو، اهو ته ننڊجي ڪيو ٿي

جي توهين سکي ٿيڻ چاهيو ٿا ته ٻين کي سکي ڪريو. ننڍي ڇوڪريون پاڻ ۾ ملن ٿيون. ڇو ته ٿيون سيان اچو ته ڏسون ته اسان مان هٿ ڪيترا سهڻا آهن. هڪ ڇوڪري گهر وڃي سڳنڌ پرڻي ولايتي صابڻ سان پنهنجا هٿ صاف ڪري ٿي. ٻي ڇوڪري نيل پالش ۽ سينٽ گهرائي هٿ سهڻا بڻائي ٿي. اُن وقت هڪ ٻڪارڻ پوڙهي اچي ٿي. چوي ٿي بک ٿي مران، ڪجهه ڏيو." پر بالڪين وٽان ناڪاري جواب مليس. اُهي ڇو ته ٿيون ته پنهنجا هٿ ڪيئن خراب ڪنديونسين. ٽين بالڪي پنهنجي هٿن جو خيال نه ڪري ڏکي ان ٻڪارڻ کي ماني آٽي ڏني ٿي. ان جا هٿ اچي ٿا چمڪن. توهين به گهرجائن جي شيوا ڪري پنهنجا هٿ چمڪايو، ڇو ته سچي سونهن اهو انهن هٿن ۾ جيڪي دکين جي شيوا ڪن ٿا.

سومر ٢ آگسٽ سينٽ ميران ڪاليج طرفان پرارٿنا هال ۾ پياري دادا جشن جو جنمدن ملهايو ويو. بالڪين انگريزي، سنڌي، هندي ۽ مرهٽي ڀاشائن ۾ پنهنجي پياري پرنسيپال دادا جشن واسواڻيءَ کي پشپانجلي ڏني. دادا جشن ان موقعي تي ڪاليج جي پٽيوالن کي ڏهه ڏهه روپيا خرچي ۽ هڪ هڪ ٽفن باڪس ڏنو. اولن لدگڙن ٻارن کي گهرايو ويو هو. دادا جن انهن کي نوان ڪپڙا پهرايا ۽ ٽول ڏنو. دادا هڪ بالڪ کي هنج ۾ کڻي پيار ڏنو. ان موقعي تي دادا جشن چيو ته نياڻيون! توهان ڪيڏي پيار ۽ صدق وچان غريب گهرجائن لاءِ سوکڙيون ڏنيون آهن ان لاءِ شڪرگذار آهيان. اوهان مان ڪن ٢٥ نومبر پياري دادا جي جنمدن تائين و پشو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو آهه ته ڪن سنيما نه ڏسڻ جو انجام ڪيو آهه! مان انهن سڀني جو شڪرگذار آهيان. داس کي آسيس ڪريو ته شل پياري دادا جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيکاريندو رهان.

لڳي پيئي، پوءِ شري ڪرشن سان ٻيهر داسين يا ڪورون سان. جنهن مهل ڪو ڪنهن سان رکو ڳالهائي ٿو، ڪروڌ ۾ پرچي ڳالهائي ٿو، نندا ڪري ٿو، ڪنهن پکي پسون سان هٺسڪ وهنوار ڪري ٿو، ڪنهن غريب محتاج کي موٽائي ٿو، ڪام ۾ ڪري ٿو، ڪنهن سان ڪوڙ ڳالهائي ٿو، ڪنهن کي لڳي ٿو، رشوت وٺي ٿو، ڏيتي ليتيءَ جي ڇڪتاڻ ڪري ٿو، تڏهن جڻ هو شري ڪرشن کان پري ٿي دئيتن جي سموه ۾ سملت ٿئي ٿو. هن سنسار جي ٿپ ٿپ تي لالچون اچن ٿيون، رکيا ڪجي: اها رکيا آهي نام. گرو اسان تي ڪرپا ڪري نام جي رکيا ڏني ٿو. پرڀوءَ جو نام اسانجي سديوَ رکشا ڪري ٿو. اڄوڪي ڏيهن جو آواز آهي "وڏيون ڳالهيون ڇڏيو، نام جي ڏاڪڻ ۾ پنهنجي جيون ٻڌو! نام ڳايو نام ڌيايو، دئيتن کان پاڻ بچايو، پورڻ پد پايو، پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريو!

٢٩ آگسٽ صبوح جو دادا جشن سنگت سان گڏ بمبئي ياترا لاءِ روانا ٿيا. ١٠ بجي ٽرين وي. ٽي. اسٽيشن تي پهتي. سوين پريمي داداجن جي درشن لاءِ آيل هئا. اتان داداجن آر. ڪي. اڪيڊمي هال ڪولابا ۾ هليا، جتي ميوان ستسنگ طوفان ڪاريه ڪرم رکيل هو. شروع ۾ ڀاءُ خوبچند شوداساڻي، دادا هوتچند آڏواڻي، پرنسيپال موتيلعل ٻناڻي دادا جي آجيان ۾ ڳالهائيندي پرارٿنا ڪئي ته بمبئيءَ ۾ جلدي جلدي اچي پياسين جي پياس پوري ڪريو. دپال آشا منو گيت ڳايو.

پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته پنهنجي پراڻن جي سنڀال لهو. توهان جا سواس وڃن پيا گهٽجندا! توهان جو تورو نقصان ٿئي ٿو ته توهان جا منهن ملول ٿي وڃن ٿا. هڪ ساٿو ملجو، چيائين ته اڄ ڪي آهيان ڇو جو رات ۾ ننڊ نه هارائي آيو آهيان. پنسي ۽ عيش لاءِ ڪيڏي نه چنتا! پراڻه

ڪيائون. ڪيرتن ڪن ٿا:

هري رام هري رام، رام رام هري هري!

هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري!

عجيب اسرار ٿئي ٿو. مارواڙي استري جا گذاري ويئي هئي، سا اُٿي ڪٽي ٿئي ٿي ۽ ڪيرتن ۾ شامل ٿئي ٿي. ڏهه منٽ ڪيرتن هلي ٿو، ڏهه ئي منٽ هيءَ ڀيڻ ڪيرتن ڪري ٿي. جيئن ڪيرتن بند ٿئي ٿو، وري هيءَ استري موت جي ننڊ ۾ وڃي ٿي. هن ڀيڻ جا سٻنڌي اُن سنت کي چون ٿا "ڪرپا ڪري هن کي جياري ڏيو." سنت چوي ٿو "هيءَ جيڪو ٿيو، سو سڀ پرڀوءَ جي حڪم ۾ ٿيو. پرڀوءَ جي اڇا هئي ته هيءَ ڀيڻ نام جپي، پوءِ موت جي ننڊ ۾ وشرامي ٿئي، جيئن سندس انت سهيلي ٿئي."

اسين ته مثل آهيون. نام اسانکي جياري سگهي ٿو. ان ڪري ور ور نام اُچاريو. نام جو مارگ آهي سولو مارگ، سهج مارگ! صبوح جو سوال اٿو. اُٿي پرڀوءَ جا گڻ ڳايو، نام ڳايو!

امرت ويلا سچ ناءُ وڏيائي ويچار!

شڪروار ٦ آگسٽ ڪيترن ڀيڻين دادا جشن کي رکڙيون ٻڌيون. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته رکشا معنيٰ رکيا ۽ ٻنڌن معنيٰ ٻڌڻ. اهو ڏينهن جاهن رکيا ٻڌي وڃي ٿي بچاءَ لاءِ. اسان مان هڪ هڪ کي رکيا جي ضرورت آهه. ڪو ڪهڙي جو نه فقط اسان جي سرير جي رکيا ڪري پر روح جي ٻڻ رکيا ڪري. هي سنسار آهه جنگ جو ميدان. روز روز لڙائي پيئي لڳي، ديوتائن ۽ دئيتن وچ ۾. جو نه اسان هڪ هڪ جي اندر ديوتائون ٻه آهن ۽ دئيت ٻه آهن. ڪڏهن ڪاوڙ ۾ پوجي ويندا آهيون، اُن وقت اسانجو مٿهن دئيتن وانگر ٿي پوندو آهي. ڪروڪشتر جي لڙائي

بيشڪ اوهان سڀن جي ماتاجي آهي ۽ هن کي هڪ مهاراڻيءَ جي دل آهي. توهان کي خبر ڪين آهه ته هيءَ ڪيترو پئسو دان ۾ ڏني ٿي. مان هن کي ماتاجي، مهاراڻي ڪري سڏيندو آهيان. اهڙي هڪ مهاراڻيءَ جي ڳالهه مونکي ياد اچي ٿي. هڪ ملڪ جي مهاراڻي هئي. سندس گهوٽ راجا ڪيس گهڻو پيار ڪندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس موتين جي مالها سوکڙي طور ڏني ٿو. هيءَ مهاراڻي غريبن جي جهوپڙن ۾ ويندي هئي. مالها مان موتي هڪ هڪ ڪري وڪڻي ٿي ۽ انهن پئسن سان غريبن جي شيوا ڪري ٿي. موتين جي مالها ائين خرچي ٿي. هڪ ڏينهن راجا هن کان پڇي ٿو: "موتين جي مالها ڪٿي؟" راڻيءَ جي اکين ۾ ڳوڙها اچن ٿا ۽ راجا کي چوي ٿي: "موتين جي مالها ڏس منهنجي اکين ۾!" هڪ هڪ ڳوڙهو پيو چمڪي جيئن موتي! مان چاهيان ٿو ته توهان مان ڪي، جي اڄ منهنجا ٻچڙا اکر ٻڌو ٿا، تن کي اهڙي موتين جي مالها ملي. شل اوهان مان ڪن جي دلين اندر دکين دردمندن لاءِ درد جاڳي! شل اوهين زندگي خرچ ڪريو غريبن جي شيوا ۾. شل هن ڪارخاني تي اهڙي آسيس اچي جو هت ڏينهن رات برهم اگني ٻرندي رهي.

٣٠ آڪٽوبر ڪارتڪ گيارس ڏينهن سنڌي تاريخن موجب دادا واسواڻيءَ جو جنمدن هو. اُن سنبنڌ ۾ دادا جشن چيو ته پيارو دادا جوت منڊل مان هت ڀرتوي لوڪ تي آيو، پاڻ سان اِڪ پيغام کڻي، اِڪ شمع کڻي. اِها شمع هئي پيار جي ۽ اهو پيغام هو، 'جاڳو! جاڳو!' پيارو دادا جت ويو اُت سُتلن کي سجاڳ ڪيائين. اڄوڪي ڏينهن جو پيغام آهه "پريم جي جوت جڳايو." ان پيغام جي اڄ اسان سڀن کي سخت ضرورت آهه! ڇو ته اڄ هڪ ملڪ ٻئي ملڪ سان جنگ جوٽي رهيو آهه ۽ انسان انسان کي قتل ڪري رهيو آهي. هڪ ٻئي کي پيار ڏيون

سواس ڳڻايون ٿا، تن جي چنتا ڪين آهه! پنهنجي جيون جي بادشاهي اوقات سواس پيا ڳڻيون. اُن جي پرواهه ۽ چنتا ڪين! ان ڪري اِڪ اِڪ پران سان نام جپيو. جيون ۾ به فڪر رکو. هڪ فڪر ته نام اُچارڻو پيو موت جو. موت اچي اوچتو ڪڙڪندو. ان ڪري اُن جي اچڻ کان اڳ تياري ڪريو. سنت نصير هڪ ستپرک ٿي گذريو آهه، جنهنجو درشن مون دل اندر ڪيو آهه. اُهو چوي ٿو ته جيڪو محبوب جي ميلاپ کانسواءِ مري ٿو، سو ڪتو ٿي مري ٿو. اُن ڪري نام جپي مرندا ته مرد ٿي مرندا. سواس سواس سين ستنام جپيو!

راتع جو دادا جشن سنگت سان گڏجي پونا ۾ واپس آيا. دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ پرارٿنا ٿي ڪيائون ته ڪين ٿوري تڪليف ٿي. ڊاڪٽر آيو. دادا کي ربي هال ۾ وٺي ويا. ڊاڪٽر رايو ڏنو ته گهڻي ٿڪاوٽ سبب ٿي پياري دادا جشن کي تڪليف ٿي آهي. ان ڪري ڪجهه ڏينهن آرام ڪن. پوءِ دادا جن کي آستان تي واپس وٺي آيا.

پيرڻ مايا ڀڳوانداس جي نئين ڪارخاني بي. آر. اسٽيل انڊسٽريز جو مهورت ڪرڻ لاءِ پوڄيه دادا جشن واسواڻي ۱۳ آڪٽوبر صبوح جو نئين بمبئيءَ ۾ پڌاريا. شروع ۾ پيرڻ مايا ٻي. رامچند دادا جن جو سواڳت ڪيو. ان بعد دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پيرڻ مسز مايا مون بابت ڪي اکر چيا، جن جي مون ۾ لائقي هرگز ڪين آهي. مان سنت ڪين آهيان، ستپرک ڪين آهيان. مان اِڪ مزور آهيان. پنهنجي مالڪ جو مزور. شل ڏينهن رات دکين جي شيوا ۾ مشغول رهان. پيرڻ مايا جو هردو اِڪ عجيب هردو آهه! ان هردي ۾ ڪيڏي نه همدردي، دکين غريبن، مزورن واسطي! مونکي وري چوندي آهي، "هي مزور منهنجا يار آهن ۽ مان سندن ماتا آهيان!" هيءَ

جدا جدا ٽولڪن ني ٻراهمڻ دادا جشن جو سواڳت ڪيو. ڪن ٽولڪن ني دادا جشن پياري دادل شاهه جو پيغام ٻڌايو.

٢٥ نومبر صبوح جو نوري گرنٿ جي ڀوڳ ڪانپوءِ پياري دادا جشن سفيد پوشن جي شيوا جو ڪارڻ آرنڀ ڪيو. شام جي ستسنگ ۾ دادا هولچند آڏواڻيءَ، دادي هري واسواڻيءَ، ڀيڻ ستي ٽڏاڻيءَ، دادا گنگارام ساڌو واسواڻيءَ جي ڀڄن ڀڄن ڀهلن لـي ڳالهايو. شري پرشوتم جلوٽا، ديال آشا، وشنو سدارنگاڻي ۽ سشي آهوجا ڀڄن ڳايا.

پياري دادا جشن واسواڻي پوڄيه ساڌو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو "منهنجا پيارا ڀائرو، منهنجون ڀيڻرون! اڄ منهنجي دل ڀريل آهي، انڪري چاهيان ٿو ته جيڪر سانت ۾ ويٺو هجان، ويٺو گرديو جي ڪمل مکڙي ڏي نهاريان، پياس ۾ پڪاريان، ڪر قبول قدمن ۾. اڄوڪو ڏينهن مون واسطي آهه ٻرارٿنا جو ڏينهن ۽ پڀوءَ جا شڪرانا مڃڻ جو ڏينهن، دکين درپدڻ جي شيوا جو ڏينهن ۽ سانت ۾ گذارڻ جو ڏينهن. آسيس ڪريو ته شال پوڄ ٻاهن تائين سنتن جي در تي، پياري دادا جي در تي، اڪ نوڪر ٿي بيهان، اڪ خدمتگار. شال اِڪ نورهيت ٿي بيهان ۽ اِڪ سپاڳي ڏينهڙي گرديو جي ڪمل قدمن ۾ قبول ٿيوان!

قرب ۽ پيار ۾ توهان ٻڌهنجون ڀيڻائون پياري دادا جي عوٽن ۾ اڄ ارپڻ ڪيون آهن. ڪيترو نه اوهان دادا جي ڪارڻ لاءِ ڏنو پيا. ان لاءِ شڪرگذار آهيان. ٻر انهن ڀيڻائن کان وڌيڪ پياري دادا کي گهرجي جيون جي ڀيٽ. پيارو دادا اسان مان هڪ هڪ کان گهري ٿو اسانجي دل. پيارو دادا چوي ٿو "مونکي پنهنجون دليون ڏيو، مونکي پنهنجي زندگي ڏيو." پياري دادا جهڙي امبري، مٺڙي اختيار ڪئي. پياري دادا

۽ وڏيڪ وڏيڪ پيار جا مرڪز ڪوليون. ڏاڍو ڪو آهي ڪون، سڀ هڪ آهيون، ڇو ته هڪ مڌجهان آيا آهيون. شل سڀ ٻيائي وساريون، جدائي جلايون، هڪ ٻئي سان پيار ۾ ملون، پيار ۾ وهدوار ڪريون. دکين دردن جي شيوا ۽ پيار ۾ ڪريون. ويريءَ کي به پيار ۾ پڪاريون! انئين مانش جيون سڦل ڪريون.

٢٠ نومبر ڇنڇر صبوح جو ميران سنڌي پرائمري اسڪول طرفان دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن ٻالڪين سان طوطلي منٺي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي کين دادا واسوانيءَ جي ٻال اوستا جون ڪٿائون ٻڌايون. شام جو وري ٻال ڪلب طرفان جنمدن اُتسو ملهايو ويو. دادا جشن ٻالڪن ٻالڪين کي ٻڌايو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي صبوح جو پهرين پرارٿنا ڪندو هو، پوءِ ئي نيرن ڪائيندو هو. توهان به پهرين پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪندا ڪريو. پنهنجي خرچيءَ مان ڪجهه پئسا بچائي ڪنهن گهرجائو هم-ڪلاسيءَ جي مدد ڪندا ڪريو.

٢١ نومبر صبوح جي ستسنگ ۾ دادا جشن دادل شاهه جي باڻي پرڀات جي پڙدي مان وچن ونندي منو اُپديش ڏنو.

٢٤ نومبر صبوح جو ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان دادا واسوانيءَ جو جنمدن اتسو ملهايو ويو. پيارو دادا جشن ان اتسو ۾ پڌاريو. پهرين هيڊ مسٽريس ميڊم ايشوري ملاڻيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جن ان موقعي تي دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون تي ڳالهائيندي چيو "ٻالڪيون! اوهين دادل شاهه جا آدرش، پرارٿنا، پوترتا، سيوا ۽ سادگي جيون ۾ اپنايو. سچن سنتن جا جيون چرتر پڙهو ته توهانجي جيون نرمل ٿي پوندي.

٢٤ نومبر ٤ بجي پيارن دادل شاهه جي رٿ ياترا نڪتي. هزارين ونڊارتي ۽ ڀراڻي رام نام جون ڌنيون لڳائيندا هلندا.

اندر اُتار ٻوٽو لڌو پيار، دکين دردن لڌو پيار! ان پيار ۾ شال ٿيون دکين دردن جا شيوڪ، خدمتگار ۽ انهن مانش ڄڻ سڦل ڪريون.

٢٦ نومبر صبوح جو گيتا ڀون ۾ ميران ٻوٽين طوفان دادي هري واسواڻيءَ جو جنمڏينهن ملهايو ويو. ان موقعي تي پياري دادا جشن چيو تہ ميران ٻوٽين جي ٻالڪين کي ڌنيواد آهي. هنن پياري دادا جو پيار پيتو ۽ هميشہ پياري دادا جي شيوا ڪري رهيون آهن. پڻ هريءَ کي ڌنيواد آهي جنهن ميران ٻوٽين طوفان کهڙو نہ سندر پستڪ "سينٽ آف اوَر ٽائيمس" لکي پرڪاشت ڪيو آهي. شيوا جو اُجورو اٿو وڏڙڪ شيوا. دنيا ۾ ڏاڍو دک اٿوَ. شاهوڪار، غريب سڀ دکي اٿوَ. تن جي شيوا ڪريو. پياري دادا سين جي ڏاڍي شيوا ڪئي. هڪ هڪ ۾ ڏٺائين محبوب جي مورت. هڪ هڪ کي ڏٺائين رحم جي نهار. اوهين بہ جيڪر پياري دادا جي سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيو.

١٦ جنوري ١٩٧٢ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي مهاڀگيہ (ورسي اُتسوَ) سنبند ۾ صبوح جو هوَن ڀگيہ بعد پياري دادا جشن سفيد پوشن کي روڪ سهائتا ۽ ڪپڙا ڏنا. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ هن وقت دل ٻوڙل اٿم ۽ ٻوڙل دل سان پيو نهاريان، ور ور نهاريان محبوب جي منيءَ مورت ڏي ۽ اندر پيو ٻڌان هي اکر:

ٿالي آهن اِنسان نہ تہ سروپا صبحان!

هي سنت ستپرک، درويش فقير جي اچن ٿا ڌام الکہ مان، اچي هنن اسان سڀني کي سجاڳ ڪن ٿا. اسانجي اندر اچي يادگيري اُٿارين ٿا جوت مندل جي، جت جوت جڳي اُبناسي. ٿالي ۾ ۽ ڏسڻ ۾ اِنسان، پر آهن رحمان. اسان سان گڏ گذارين ٿا، پر ڪيترا پورا اسين کين سڃاڻون ڪين. آتما جي اکين

جي سکيا اٿو هن هڪ اکر ۾ 'جاڳو! جاڳو!' جو اِنسان سڄاڻ ٿئي ٿو، اُن جي ساکي آهه هڪ اکر ۾ "پيار". پيار ڏيو! قوت ڏيو. پيار کان مٿي ٻيو ڪجھ ڪين آهه! ڀارت ڀڳل آهه! اسانجا گهر ڀڳل آهن، ڇو جو اسين پيار کان ٻري آهيون. پرڀوءَ کي پيار ڪريو. هن وقت اسانکي ڪيتريون نه سهوليتون آهن! بنگلا، ماڙيون، موٽرون، گاڏيون، هوائي جهاز، ريفريجريٽر ۽ ايئرڪنڊيشنر. پر انهن ۾ سک ڪين آهي. مونکي مليا آهن ڪيترا جن کي دنيا جون سڀ سهوليتون آهن ته به مون سندن اکين ۾ ڳوڙها ڏٺا آهن. مونکي چيون "اسانکي سڀ ڪجھ جيڪي دنيا ڏئي سگهي ٿي، سو آهي، پر اسين دکي آهيون!" مان کين چوان "پيارا! توهين دکي ضرور ٿيندا، ڇو جو توهان جون دليون آهن خالي. جنهن دل ۾ پرڀوءَ لاءِ پيار ڪين آهه، سا دل سکي ٿي سگهندي ڪين!" جنهن زندگيءَ ۾ پرڀوءَ لاءِ پيار ڪين آهه، سا زندگي ويران آهه! پرڀوءَ لئه پيار اُتاريو. پيار جي چڻنگ لڳندي سنتن ستپرشن جي سنگ ۾. ان ڪري انهن جو سنگ ڪمايون. اُن سنگ دواران اسانجي ڀڳل جيون تي ويندو رنگ چڙهندو. اسانجي اندر جا ڪوش ويندا صاف ٿيندا. هردو ويندو نرمل ٿيندو ۽ دل جي صاف درپن ۾ اِڪ ڏينهن اچي چمڪندي پيار جي نرمل جوت.

جو پرڀوءَ جي پيار ۾ وڌي ٿو، اُهو هڪ نئين دنيا ۾ نواس ڪري ٿو. پيارو دادا به هو پيار جي مورت، عشق جو اوتار.

پياري دادا جي اکرن ۾ پيار ۽ اکڙين ۾ پيار هو. اڄو نه اڄوکي پوتر ڏينهن پياري دادا جي چرنن ۾ سر جهڪائي پرارٿنا ڪريون "اُتار! اسانجي دلين اندر ڪا چڻنگ پيار جي! عشق جي! اسانجون دليون ٿي ويئون آهن ٿڌيون، انهن ٿڌين دلين ۾ ڪا آتش اُتار ۽ اچي رڱ اسانکي اِڪ نئين رنگ ۾. اسان جي

۽ اسين اهڙي اوليه ڏينهن ڪهڙن نه ڪنهن ڪمن ۾ ڪتب آڻيون ٿا. منهنجي اندر سڄاڳي آئي. اميري ڇڏي فقيري اختيار ڪئي.

رات جو جاڳرلي سنسڪر ٿيو. پيارو دادا جشن به سنسڪر ۾ ويٺو هو. مان به ويٺو هوس. رات جو هڪ بجي ڪن دادا سنسڪر هال مان اٿي ٻاهر ويا. ڪجهه وقت بعد مان به ٻاهر نڪتس. ڏسان ٿو ته گيتا مندر جي پٺيان پيارو دادا جشن پنهنجي هٿن سان ويٺو ٻوڙيون ٽري. ڪي پاڻ پيدا ٻوڙين جو اتو ڳوهي رهيا هئا ته ڪي ٻوڙيون وڃي رهيا هئا.

ڪلاڪ ڪن ڪان پوءِ اٽڪل ٻي ٻجي اڌ رات جو پيارو دادا جشن پياري آڻو ٻيلواٽي ۽ پاڻ پمي منجيديا ڪي ساٿ وٺي سؤ ڪن ڪمبل ڪٽي ميوان پومي ۽ ڪان ٻاهر نڪتا. رستن جي فوٽ پاٿن تي پي سهاري سمهيل غريبن جي مٿان ڪمبل وجهندا ويا. سياري جا ڏينهن، ڪيئن نه پياري دادا جشن وڃي اڌ رات جو مسڪينن جي سار لڌي.

١٧ جنوري صبوح جو هون ڪيو بعد سڌيڊ ٻوشن جي شيوا ۽ منجهند جو لنگر ٿيو. دادا جشن پاڻ پدگمت ۾ ويٺل جي شيوا لي ڪئي.

٣٠ جنوري دادا جشن ڪانديولي بمبئي ۾ شري گوڊاريلعل دسيجا جي نئين فيڪٽري جو مهورت ڪندي چيو ته پلي ڏنڊا ڏاڙيون ڪريو، ڪارخانا کوليو، لک ڪما ڪريو، پر لک جي لک رکو، پرڀوءَ کي نه وساريو. سڀ ڀاري فرض پاليندي، ڪم ڪار ڪندي، پنهنجي دل جي تار پرڀوءَ سان ڳنڍيو. پنهنجي ڪمائي جو ڏهون حصو سڪرت جي ڪمن ۾ خرچ ڪريو. اڄ مهاتما گانڌي ۽ جي پڻيه تٿي ۽ جو ڏينهن آهي. هن پياري سرڪسر پارت ماتا جي ڪمال ڇرنن ۾ ارپڻ ڪيو. ونڊو

ساڻ ڪين نهاريون ته پروڙ پوندي ته ھي آھن سڀ وبا صبحان!

منھنجا پيارا ٻارو ۽ پيارين پيروون! اڄ پياري دادا اسان کي گھڻو ئي سندر پيغام ڏنو. ان پيغام جي، سکيا جي اڄ سڄيءَ دنيا کي ضرورت آھي. پياري دادا گيتا جي اکرن ۾ اسان کي چيو ته ”ارجن! نه وسار، تون سرير ڪين آھين، تون آھين آتما!“ اسان آھي ٻار ڪي وساريو، سڀ سنپرڪ اچي اسان کي سڃاڻ ڪن ٿا ته ٻار پروڙ. تون ھت ڇا واسطي آيو آھين؟ پر تون ھت مايا جي پدارٿن ۾ اھڙو ليپٽجي ويو آھين جو اُنھن ڪانسواءِ توکي ٻيو ڪجھ مٺو نٿو لڳي. جڏھن ڪم لاءِ اسين ھت آيا آھيون اُھو ڪم اسان کان وسري ويو آھي. پياري دادا اچي اسان کي سڃاڻ ڪيو. سنپوشن جي سنگ ۾ ئي جيو سڃاڻ ٿئي ٿو.

اسين مانڪ جنم جو پورو قدر ڪين ٿا ڪريون. ھيرن جھڙي ھيءَ امولڪ ديھي ويرت پيا وڃايون. ھڪ درويش کان ھڪ ڏينھن ڪي پرڻي پڇن ٿا: ”سائين! اوھانجي زندگيءَ ۾ ڦيرو ڪيئن آيو؟“ درويش چيو: ھڪ وقت ھوُ ھڪ بادشاھ جي دربار جو امير ھو. ھڪ ڏينھن بادشاھ ھڪ ھڪ امير کي قيمتي ڪيمخاب جو چوغو سوکڙيءَ طور ڏنو. دربار جي سڀني اميرن پنھنجو پنھنجو چوغو پھريو. ھڪ امير کي زڪام جي تڪليف اچي ٿي. پل ۾ ھن راجا جي ڏنل اُن چوغي جي ٻانھن سان نڪ اُگھيو. اِھو ڏسي ٻئي اُمير وڃي راجا کي اھا دانھن ڏني ته اوھانجو ڏنل قيمتي چوغو ڪيئن نه ٻيو فلاڻو امير استعمال ڪري. راجا کي ڪاوڙ لڳي. ھڪدم اُھو چوغو اُن امير کان واپس گھرائي ورتائين ۽ کيس دربار مان ھڪالي ڪڍيائين. درويش چيو ته اھا حالت جڏھن مون ڏٺي، تڏھن مون ٻاڻ کي چيو ته پروءِ اسان کي به گھڻو نه منش جو چولو ڏنو آھي،

توهان ٻارن جو اچي درشن ڪريان، ۽ ڄاڻان واهگرو جو حڪم ٿئي سڀ ڪي ٿئي ٿو اُن مالڪ جي حڪم موجب.

منهنجا پيارا ٻارو، ٻارڙيون ڀيرون، ٻالڪو، ٻالڪيون! منهنجا پنهنجا ڪرتويہ پاليندي پرڀوءَ جي ياد تازي رکون. جڏهن پرڀوءَ اسان کي مانش جنم ڏئي سونو وجهہ ڏنو آهي، اهو سونو وجهہ دنيا جي ڀوڳن ڀڃارڻ، رسن ۾ وڃائڻ نہ وڃايو. مان هڪ ڏهن سڀڏو ڏسان ٿو تہ اسين ٻاهر ۾ ڪيترائي تلاش ۾ لڳا آهيون پنهنجي پريتم لاءِ ۽ ٻيا چئون تہ ”ميرا محبوب ڪهان هئہ؟ ميري دل ڪا محبوب ڪهان هئہ؟“ اس ڏاڍي آهہ. ٻيا ٻڌڻ ڪريون. اس ۾ ٻاٽيءَ لاءِ پياس اٿي تہ ۽ اسانجا جب بہ سڪي وڃن ٿا تہ بہ ٻيا ٻڌڻ ڪريون. او چتو اڪ شاهوڪار اچي ٿو سهڙي - اسانکي ٻهاري چوي ٿو ”پيارا! ساهوڻ منهنجو بنگلو آهہ، جت سيڌي ڪمرن ۾ ايئرڪنڊيشن لڳل آهہ. توهين جيڪر ٿورو وقت اُت هلو، ٿڌو جل، ٿڌو کير پيئو، ڪجهہ وقت اُتي آرام ڪري پوءِ ڀلي اڳتي وڌو. اسان مان تہ ڪن ناڪار ڪئي ۽ اڳتي وڌ وڌائيندا هليا. ڪن چيو تہ هلو تہ هلي اُتو ٿوري ٻي ڪجهہ وقت آرام ڪريون. اُهي وڃن ٿا، ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرن ۾ وڃي آرام ڪن ٿا، ٿڌو کير پيئن ٿا، ڪي آئيسڪريم کائين ٿا. اُتي تي ڪين آرام اچي ٿو وڃي، اڳتي ڪين ٿا وڌن. جيڪي اڳتي وڌيا تن چيو ”تتيءَ ٿڌيءَ ڪاهہ، ناهہ وڃل وهڻ جي.“ هلو اڳتي وڌ وڌايو. ڏٺائون تہ جيڪي ساڻي بنگلن ۾ ترسيا سي تہ موٽيا ٿي ڪين آهن. اُب ٿي ڦاسجي پيا! منهنجي اڪ ڪلي پوي ٿي.

دل ۾ اڪ ٿي پڪار ”ميري دل ڪا محبوب ڪهان هئہ؟“ اسان کي جڳائي تہ اسين پنهنجو ڪم ڪندا رهون، پنهنجا فرض پالن ڪريون. ڌرم ڪيتر ۾ پنهنجا فرض پاليندي، ڏنڊو وهنوار

بسترَ تي، بدن تي گنجي ۽ لنگوٽي پاتي. سندس دل ۾ غريبن مسڪينن لاءِ ڪيڏي نه همدردي هئي جو انهن کي ننگو اگهاڙو ڏسي پنهنجي سريرَ جي ڪپڙن جو به تياڳ ڪيائين. اهڙا نشڪام انسان ئي قوم کي اڏي سگهن ٿا. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! اوهين به صدق سان مسڪينن جي مدد ڪريو. ائين نه سمجهو ته اوهين انهن کي مدد ڪري مٿن وڏو احسان ٿا ڪريو. نشڪام ڀاونا سان سمرپڻ ۽ سيوا جي جوت جڳايو. مانش جيون سڦل بڻايو.

٢٠ فيبروري صبوح جو دادا جشن 'شانتي ڪنج' جو ٻنيادي پٿر وجهندي شري آر. جي. آڏواڻيءَ ۽ پياري نارائڻ گدواڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته ٻراهمڻ جي سهوليت لاءِ ميران ڀوميءَ نزديڪ جايون جوڙائي رهيا آهن. ڀونءِ ۾ ڪيترا سنڌي گهر آهن جي گندن پاڙن ۾ رهن ٿا، جن کي پوريون سهوليتون ڪين آهن، سندن اکين ۾ ڳوڙها آهن. جيڪر اهڙن سفيد پوشن لاءِ به سستا سٺا گهر ٺهرايو. شل هن شانتي ڪنج ۾ جيڪي ڀائر ڀينر رهن، سي پنهنجي جيون شانتيءَ ۾ گذارين ۽ روز ڪنڊ ۾ ويهي ڳروءَ جو ڌيان ڪن. توهان پياري شانتيءَ جو نالو هن سوسائٽيءَ تي رکيو آهي، مان جيڪر چاهيان ته هن شانتي ڪنج ۾ هڪ ڪاڏو نه واپرايو وڃي.

٢٧ فيبروري صبوح جو ٦ بجي ٻوجيه دادا جشن سنگت سان ناسڪ ياترا لاءِ روانا ٿيا ۽ ١١ بجي ناسڪ ۾ پنڊت هرديوءَ جي گهر پهتا. ١١-٣٠ بجي دادا جن ايچ. بي. سنڌي هاءِ اسڪول ۾ پڌاريا، جت سوين سنڌي ڀائر ڀينر ۽ وديارٿي پياري دادا جشن جي درشن لاءِ منتظر ويٺا هئا. اسڪول جي بالڪن دادا جن جي آجيان ۾ گيت ڳايو. پياري دادا جشن سڀني جي شڪرگذاري ڪندي چيو ته ڪيترن ڏينهن کان ٻاس هئس ته

اڄ مانجهند دربار جي هڪ مها پرش سوامي ڌرمداس جو جنم ڏڻ آهه. سندس مکڙو پيو مهنجي اکين اڳيان ڦري. سوامي ڌرمداس جن وڏا اُپديش ڪين ڏنا، پر ننڍڙن مثالن ۾ پنهنجن پيارن کي سکيا ڏيندا هئا. اُنهن سکيائن ۾ هو امرت سمايل. هڪ ڏينهن پنهنجي شش کي ٻڌائين ته هڪ ڳوٺاڻو ڪڻڪ جي ڳوڻ خريد ڪري گڏهه تي ڪڻي پنهنجي ڳوٺ ڏي ويو. رستي تي اچي برسات پيئي. سندس ڪڻڪ جي ڳوڻ برسات پوڻ سبب پاڻي پاڻي ٿي وئي. پرڀوءَ کي دل ۾ ڏاڍو ڏکڻ لڳو ته ”مان مسڪين ماڻهو، زندگي لاءِ ڪڻڪ جي ڳوڻ خريد ڪيم، برسات وسائي اُها ڪڻڪ جي ڳوڻ به چٽ ڪري ڇڏيس.“ سڀ لهي چڪو هو. ڳوٺاڻو هڪ وڻ هيٺان ليٽي پيو. اُتان اوچتو اچي هڪ ڌاڪو لنگهيو، اُن ڳوٺاڻي کي لٽڻ لڳو. اُن ڌاڪوءَ مٿس بندوق ٿي هلائي ته بندوق هلي ڪين. برسات سبب بارود پسي پيو هو. اهو ڏسي هڪدم اهو ڳوٺاڻو پرڀوءَ جا شڪرانا مڃڻ لڳو ته پرڀو تو ڀلو ڪيو جو مينهن وسايو، نه ته هي ڌاڪو بندوق سان مونکي ماري ماٺ ڪري ها!

مهنجا پيارا ٻارو ۽ پيارئون ڀيڻرون! جيڪي پرڀو ڪري اُن تي راضي رهو. زحمت ۾ به رحمت آهي.

جو ٿئي ڀاوي سائي ڀلي ڪار.

رام نوميءَ ڏينهن نماشام جو دادا جشن پوڄن ڪندي چيو ته اهڙي سڀاڳي ڏينهن ڀڳوان شري رام هن ڀونءِ لوڪ تي پڌارو. شري رام سڪدار، ڪيئن نه دشٽن جو سنهار ڪري رشين منين جي رکيا ڪري، ستيه ڌرم جي جڙ کتي. شري رام ڀڳتن کي ڪيڏو نه پيار ڏنو. اُن رام کي نه وساريون. وڏ وڏ 'رام رام' پڪاريون. اڄ صبوح جو نوري ڪرنت مان وچن ورتم:

سڀڙ لــن جو نوري نماڻــي سڄاڻو،
جنهن انـــدر پيار پرڀوءَ لئه آهـــو.

ڪندي، اندر جي اُڪير وچان پڪاريون ”ميري دل ڪا محبوب ڪهان هئہ؟“ دنيا اسان کي لالچائڻ چاهي ٿي. پنسو پدارٿ، اِندرين جو ڀوڳ، مان شان وڏائي، انهن ڳالهين ۾ سچي تلاش وساري ٿا ڇڏيون. سياڻا سي، جن جي دل اندر اِڪ ئي پڪار تہ ”ميرا محبوب ڪهان هئہ؟“ ٻاهر ڀٽڪڻو ڪين آهي، پر اندر، دل وچ مندر جهاتي پائڻ جي ضرورت آهي. اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪريو. ان لئہ سانت جو ابياس ڪريو. ڪنهن سانتيڪي ڪنڊ ۾ پرڀات جو، نما شام جو، جنهن وقت عجيب لهرون اُٿن ٿيون، اُن وقت وهو. ايڪاگرتا ۾ رهو ۽ ڏک سک ۾ راضي رهي نام جو ابياس ڪريو تہ توهان کي عجيب آنند جو انڀوُ ٿيندو.

٢٦ مارچ آرتوار صبوح جو ٻڊر هوب سنستا جي ميٽنگ ۾ پياري دادا جشن ڳالهائيندي چيو تہ هن سنستا جو هلائيندڙ پيارو دادا آهي، اَدرشت روپ ۾ هيءَ سنستا هلائي رهيو آهي. اسين پياري دادا جا سپاهي ٿي ڪم ڪندا رهون. مان چاهيان ٿو تہ پياري دادا جي سماڌيءَ اڳيان سندر باغ لهرايو وڃي. ڪم ڪاريون ڪريو، پر دل جي اندر پڀوءَ جي يادگيري رکو. هڪ وينتي ڪريان تہ سڀن سان مٺو ڳالهايو. ٻاڻ وساري پڀوءَ جي آسيس پايو.

زبان جنهنجي مٺڙي، سو سڀ کي وڻي ٿو،
هزارن دلين جو سو راڻو بڻجي ٿو.

شيوا جي ميدان ۾ نماڻا ٿي ڪم ڪريو. ڏين ٿيو، مسڪين ٿيو! ڪجهہ ڪين ٿيو!

١٦ اپريل وسپت شام جو پياري دادا جشن مانجهند دربار ڪار ٻمبئيءَ ۾ پروچن ڪندي چيو تہ ڪيتري وقت کان ٻاس هئم تہ هن دربار ۾ اچان ٿو سڀ ڪم حاڪم جي حڪم موجب ٿئي ٿو. هيئنر واهگوروءَ جي حڪم موجب هتي پهتو آهيان.

ميران اسڪول جي ٻالڪن ٻالڪين کي ٽول ۾ رانديڪا ڏنا. ان بعد سفيد پوش ڀيڻن جي سيوا ڪئي ويئي. تماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ڀيڻ شانتيءَ جي جيون تي ڳالهائيندي چيو ته پياري شانتيءَ جو سوڀاءُ هو جو ٻال اوستا ۾ پياري دادا جي سنگ ۾ آئي.

ننڍي هوندي پياري شانتيءَ هڪ ساهيڙيءَ وٽ چانديءَ جو ناڪ ڏٺو. سندس دل ٿي ته اهڙو ناڪ مون وٽ به هجي ته مان اُن جي پوڄا ڪريان. پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿي ته "پرڀو! مونکي به جيڪر اهڙو ناڪ ڏيين ته اُنجي پوڄا اُپاسنا ڪريان." پرڀو پريم پوري پرارٿنا ٻڌي ٿو. هڪ ڏينهن هوءَ پياري پنهنجي اڱڻ جي دالان ۾ ويٺي آهي ته هڪ ڪانءُ اڏامندو اچي ٿو، جيئن ڪانءُ چهنب کولي ٿو ته انجي منهن مان هڪ چانديءَ جو ناڪ پياري شانتيءَ جي اڳيان اچي ڪري ٿو. شانتي ناڪ کي پراپت ڪري ڏاڍو پرسن ٿئي ٿي ۽ عجب ۾ پوي ٿي ته پرڀوءَ ڪيئن نه سندس اڇا پوري ڪئي. پرڀوءَ ۾ سندس وڌيڪ وشواس وڌي ٿو. هوءَ پياري ڪيئن نه پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جي سنگ ۾ رچي راس ٿئي ٿي. سندس دل ۾ پرڀوءَ لاءِ عجيب ڀڳتي ۽ دکين درپيڊن، پکين پسن لاءِ سيوا جي ڀاونا هئي.

١٥-١٦ مئي پياري دادي شانتيءَ جي پڻيتٿي ميران ڀوميءَ ۾ ملهائي ويئي. ١٥ مئي صبوح جو سويل پرڀاٽ ڦيري نڪتي، جنهن ۾ پيارو دادا جشن به شريڪ ٿيو. ان بعد صبوح جو ١٠ وڳي هون يگيه ۽ سفيد پوشن جي شيوا جو ڪاريه ٿيو. تما شام جي ستسنگ ۾ ڪن پوڄين پياري دادي شانتيءَ کي شردانجلي ارپڻ ڪئي. ان موقعي تي پياري دادا جشن دادي شانتيءَ جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته پياري شانتيءَ جو جيون هو

هي سنسار آهي ٻاٻوءَ جي پيار جو ساگر، پر هن سنسار مان ڪيترا هليا وڃن ٿا پياسي! ٻاٻوءَ جي پيار جو پاڻي پيئون ڪونه ٿا، ٻيا ڪيترا ڪم ڪريون ٿا. ڏنڊا هلايون ٿا، سنستائون کوليون ٿا. پئسو پدارٿ ڪٺو ڪريون ٿا. بنگلا ماڙيون جوڙايون ٿا، مان شان عهدو اقبال هٿ ڪريون ٿا، پر ٻاٻوءَ جي پيار جو چشمو دل اندر ڪونه ٿا کوليون! سياڻو سو جنهن جي اندر اچي ٿو ٻاٻوءَ لاءِ پيار. اُن جي جيون ٿئي ٿي ارپڻ جي جيون. اُهو پنهنجو سڀ ڪجهه شري ڪرشن جي چرنن ۾ ارپڻ ڪري ٿو. شري ڪرشن ارجن کي چوي ٿو:

”ارجن! جيڪي کائين، هون ۾ وجهين، دان ڏين، تپسيا ڪرين، شل سيوئي سو مونکي ارپڻ ڪرين! اُن پياري جي دل اندر اُٿي ٿي پياس ته شل هيءَ جند جان، اِڪ اِڪ پران، ڪريان قربان ڪمل قدمن ۾. اُهو پيارو ٿي پوي ٿو دکين دريدرن جو دوست، خلق جو خدمتگار!

اِئين رهيو منهنجو پوڄيه پتا شري پهلاجراءِ واسواڻي. اڄ سندس پوتر يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. نماشام جو جيئن سج سونهن ۾ پئي لٿو، پوڄيه پتا شري جو چولو ڇڏيو. اُن وقت پيارو دادا سادو واسواڻي حاضر هو ۽ وٽني پنهنجي وڏي پرا لاءِ پرارٿنا ڪيائين. پوڄيه پتا جي رڳ رڳ ۾ هو دکين، ٻکين ٻسن لاءِ پيار. شيوا جو سڏ ڪڏهن ڪين موٽايائين. گهٽ ذات جي ماڻهن لاءِ ۽ ڪم ڪندڙن لاءِ هن راتري اسڪول ۽ لائبري ڪلاسز کوليا. چوندو هو ته وديا تي هڪ هڪ جو حق آهي وديا مفت ڏيڻ گهرجي. جيئن غريب ۾ غريب ماڻهو به ود حاصل ڪري سگهي.

٢٥ اپريل پياري شانتي ديويءَ جو جنم ڏين مهان ٻوڌ پونا ۾ پارن جو ڏينهن ڪري ملهايو ويو. پياري دادا جنه

جو نقل ڪري رهيا آهن. مريادا جا ليڪا لنگهي ٻڌڻ وديا
ڏون کي گهيرائو ڪن ٿا، پيچ ڏاهه جون ڪارروايون ڪن ٿا.
اسڪول، ڪاليج ۽ يونيورسٽيز آهن وديا جا مرڪز، روشني ۽
جا روشن - منار. اُتي اِهي ڪم اُتساهائيندڙ آهن. انڪري وديارٿين
جي چرتر ڏانهن خاص توجه ڏيڻ گهرجي. جيسين وهنوار نه
سڌريو آهي، پرمارٿ ڪيئن ٿيندو. وديارٿين کي پستڪيه گيان
سان گڏ آتمڪ گيان به ڏنو وڃي، جيئن پراچين زماني ۾ رشي
گروڪلن ۾ آتمڪ گيان ڏيندا هئا. وديارٿين ۾ ماتر پتر سيوا،
گرو سيوا، ديش سيوا، پکين پسن جي سيوا جا سٺا وچار پيدا
ڪيا وڃن.

اڌياپڪ وديارٿين جا سچا مترُ ٿيڻ گهرجن. سچو گرو
وديارٿين کي ناهڻ جو يتن ڪندو آهي. هڪ ماستر ڪلاس ۾
ڏٺو ته بينچ تي ٻه ڇوڪرا ويٺل آهن. هڪ ويٺو مسخري ڪري.
پوءِ ماستر اُن ڇوڪر کي سڏ ڪيو. جڏهن مستي نه ڪئي
هئي پر ماستر ان کي حرڪتي سمجهيو. چيائينس: "هٿ ڪول."
اُن ٿي وِهس ڦوٽي هڻندو. شاگرد چوي ٿو: "سائين! مون
ڪجهه ڪين ڪيو." ماستر کي وڏيڪ ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ وري
چوينس ٿو هٿ ڪول، وڏيڪ ڦوٽي هڻيس ٿو. ڪيڏي نه بي-
انصافي! اهين نه ڪريو. ولايت جي هڪ ماستر بابت لکيل آهي
ته ڪلاس ۾ اچي ٿو ۽ ڏسي ٿو ته هڪ ڇوڪرو جو اڳتي هلي
مشهور نقاش ۽ شاعر ٿيو، سو ڇوڪرن کي خراب تصويرون
ڪڍي پيو ڏيکاري. ماستر اهو ڏسي ڪجهه ڪين. اٽي ڏينهن
ان ماستر صاحب هڪ سٺي چونڊ جو پستڪ اُن حرڪتي بالڪ
کي ڏيندي چيو "تون جيڪر ان ڪتاب مان چتر ڏسي سٺا
سندر چتر ڪڍ." ماستر جو اهو وهنوار ڏسي ان ڇوڪري
جي من ۾ ڦيرو اچي ويو. توهان به جيڪر وديارٿين کي ان

آدرشن جو جيون. ساري جيون پياري دادا جي چرڻن ۾ ارپڻ
ڪيائين. پياري دادا سان انگل ٻه ڪندي هئي. سدائين سندس
مُکھ تي مشڪ نمايان هوندي هئي، سادگيءَ جي صورت ۽
سنيھ جي مورت هئي. سندس هردو پڪتيءَ ۾ پڌل هوندو هو.
ٿل اسين ٻه ان راهہ ۾ هلي جيون سڦل ڪريون.

۴ جون ميران اسڪول جو جنمڏڻ هر سال جيان ملهايو
ويو. هن موقعي تي دادا جشن وديارٿين ۽ اڌيا پڪن اڳيان
اُپديش ڪندي چيو تہ توهان جوتيون ڪٺي پياري دادا سادو
واسوانيءَ جي چرڻن ۾ رکيون. توهين ٻه ديپڪ ٿيو. جوت
جڳايو پريوءَ جي پيار جي. هن وقت ناستڪپڻي جي لهر وڃي
ٿي وڌندي. پياري دادا کان سوال پڇيائون تہ پريو ڪٿ آهي؟
پياري دادا چيو، پريو حاضر حضور آهي. پريوءَ کي نہ وساريو.
پريوءَ کي ياد ڪري پاڻ کي نئون بڻايو. پنهنجي پڳت کي نہ
وساريو، ڀارت کي نہ وساريو. سيوا ۽ قربانيءَ جي جوت
جڳائيندا رهو!

١٦ جون صبوح جو ١١ بجي پونا يونيورسٽيءَ جي فزڪس
وڀاڳ جي هال ۾ پياري دادا جشن جو وياکيان رکيو ويو. جت
يونيورسٽيءَ جا پروفيسر ۽ وديارٿي شريڪ ٿيا. ڊاڪٽر پڌي
پياري دادا جشن جو سواگت ڪندي چيو تہ پرنسيپال جشن
واسواڻي نہ صرف سادو واسوانيءَ جو روحاني وارث آهي، ٻ
وڏو ودوان ۽ ڪوجنيڪ پڻ آهي. فيلسوف ۽ ساهتيڪار آهي
تعليمدان ۽ روحاني رهبر آهي.

ان موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو تہ سچي
وديا جون ٽي نشانيون آهن: نرتا، آتمڪ شڪتي ۽ سُوا
اسانجي ميران ڪاليج ۾ انهن ٽنهي تي خاص ڌيان ڏنو وڃي
ٿو. اڄ ڪيترا وديارٿي پنهنجي آدرشن کي ڀلجي پنهنجي سُ

ھئي: آواز آجا! آجا! مون وٽ آءُ منهنجا ٻالڪ. تون اڃا گھڻو وقت رهندين ٻري! مونکان ٻري رهيو آهه چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦاسجڻ. گيتا ۾ شري ڪرشن چوي ٿو:

ڌرمن سڀني جو ڪري تياڳ ارجن! مون وٽ آءُ،

۽ پاپن سڀني جا بندن آءُ ٽوڙيان، اچي مڪتي پاءِ.

ٻالڪ جي ڪمل مکڙي ڏي نهاري مون اڄوڪي ڏينهن آهه پڪاريو ”منهنجا ٻالڪ! منهنجا دلدار! تون سڏين پيو! هن پار اچي پيو تنهنجو آواز آجا! آجا! ڇڏي هي ڇپر مان تو وٽ اچان ٿو. مونکي نئون ٻڌاءِ، مونکي معاف ڪر. مونکي معاف ڪر، اڄ توهان پيلا لڳايا آهن، ألسر ڪيا آهن ٻه منهنجي حالت ڪهڙي؟ ويٺو روئان پنهنجي حال تي! اڄ جيئن اوهانجي چرڻن ۾ سر جھڪايان ٿو، هيءَ آسيس ٻڌان ٿو: ”اڏيون آرٽيون! دعا ڪجو، سوليون ساهيڙيون! آسيس ڪجو، شل پٽ سان رهجي اچي. ’نانڪ پٽ سيتي گھرجاءِ.‘ انهن ٿي تي جو جڏهن مالڪن وٽ موٽي ويس، پياري دادا وٽ واپس ويس ۽ پيارا چيون:- ”ڪميٽيءَ مان ڪجهه ڪين ٿيو.“

توهان ڪيڏا نه مهربان ٿيا آهيو. اِڪ نالائق سان، توهان ڪيڏي نه لائقي ڏيکاري آهه. مان توهان کان ڪجهه ڪين گهريو، مگر توهان اڄ هزارين روپيا ڏنا آهن جي مان پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ڪمل چرڻن ۾ ڀيٽ رکان ٿو. ساڌو واسواڻي وديا منڊل لاءِ ڏيان ٿو. ساڌو واسواڻي وديا نگر لاءِ منهنجي دل اندر ڪيڏا نه سپنا آهن! ان زمين تي شل وڏيڪ وڏيڪ وديا جا مرڪز کلن. شل ميران يونيورسٽي کلي. سانت لاءِ ڪي ڪمرا هجن. ڪي ساڌڪ ايڪانت ۾ ويهي نام ڳائين، نام ڌيائين، پرم سک پائين.

ڊاڪٽر پيو گهنشيام ڀلواڻيءَ کي ڪکو جاتو. آن سمند

نموني ناهڻ جي ڪوشش ڪريو.

٢٦ جولاءِ گرو پورڻما جي ڀڳو ڏينهن ڪيترن ڀيڻين پياري دادل شاه جي ڪٽيا ۾ اچي پياري دادا جشن کان آسيس ورتي. نما شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن گرو مهما جو ورڻن ڪندي چيو ته ڪن سنت ڪوين ايشور کان وڌ درجو گروءَ جو ڏنو آهي. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

گرو گوبند دونون کڙي، ڪاڪي لاڳون پاءِ،
بلهاري گــرو آپڻي، جن گوبند ديئو بتاءِ.

سنت ڪبير گروءَ تان وار وار قربان ٿيڻ چاهي ٿو، ڇاڪاڻ ته گروءَ ئي کيس ڀڳو ڀڳوانءَ جو پٽ ڏيکاريو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻيون پيدرون! ماتا پتا ڀرتويءَ تي جنم ڏئي ٿو، ارٿات فرش تي آڻي ٿو ته ستگرو شش کي فرش کان عرش تي پهچائي ٿو. گروءَ جا احسان لاهي نٿا سگهجن. انڪري گروءَ ۾ وشواس رکي سندس آدرشن ۽ سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جا داس تي ۽ اسان سڀن تي ڪيڏا نه احسان آهن. ڪيئن نه پياري دادا اسان سڀني کي سچائي ڪري نام امرت پياريو، روحاني راهه ۾ چڪيو. سندس هڪ ٿورو به لاهي نٿا سگهون. پيارو دادا هو پارس، اها پروڙ اسان مان ڪن پاتي. اڄ گرو پورڻما جي ڀڳو ڏينهن پياري دادا جي ڪمل چرنن ۾ وار وار سر جهڪايان ٿو ۽ آسيس مڱان ٿو.

٢ آگسٽ پياري دادا جشن جي جنمدن سبب ۾ ڪيترن شردالن کين واڌايون ڏنيون. منهنجو مٺران هال ۾ آنسو ٿيو، جتي ڪيترن ئي پيارن دادا جن کان ڪيڪ ڪٽايو. دادا جشن ڪلاڻيندي ڪلاڻيندي ڪيترئون سکياداڻڪ ڳالهيون ٻڌايون. نما شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو، منهنجا پيارا ڀائرو، ڀيڻيون پيدرون! هن وقت دل جي اندر پيو اٿان

گروءَ جن نام ڪيرتن ڪندي ليِن ٿي وڃن ٿا. جيلر ڏسي ٿو تہ چڪي پنهنجو پاڻ ئي هلي رهي آهي. اُن ۾ اناج پوندو وڃي ۽ پيسجي اٽو ٿيندو پيو وڃي. جيلر اهو ڪؤتڪ ڏسي هڪدم بادشاهہ سلامت وٽ اچي اِهو ذڪر ڪري ٿو. بادشاهہ کي اِن ڳالهہ تي اعتبار ئي ڪين اچي. بادشاهہ جيلر سان گڏ جيل ۾ آيو. بادشاهہ ڏسي ٿو، گرونانڪ جن نام سمرڻ ۾ مگن آهن ۽ چڪي پنهنجو پاڻ پيئي هلي. گروجن جي اِها گهٽنا ڏسي بادشاهہ عجب ۾ پئجي ويو ۽ هن محسوس ڪيو تہ گروجن رواجي انسان ڪين آهن، اولياءَ آهن. بادشاهہ گروجن جي ڪمل قدمن تي ڪري پيو ۽ معافي ورتائين. نام جي شڪتيءَ سبب اِها چڪي هلي رهي هئي. نام ۾ ڪيڏي نہ شڪتي آهي. گروجن نام جو ڪيڏو نہ پرچار ڪيو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻرون! توهان بہ ڪم ڪاريون ڪندي، نوڪري ڪندي نام کي ياد ڪريو.

جنهن وساريو نام، تن پت وڃائي پنهنجي.

٢١ نومبر کان ٢٤ نومبر ميران يوميءَ ۾ ميران اسڪولن ۽ ميران ڪاليج ۾ پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمدن اُتسو اُتساهہ اُمنگ سان ملهايو. پيارو دادا جشن اُنهن سڀني اُتسون ۾ شرڪ ٿيو ۽ هن صاحب پياري دادا جي جيون جون ڪيترين ئي پرڪاشدائڪ گهٽنائون وديارٿين کي ٻڌائيندي سندن راهہ روشن ڪئي. ٢٣ نومبر رات جو وديارٿين منچ تي دادا ليلا جو ڪاريہ ڪرم پيش ڪيو. ٢٤ نومبر شام جو ميران يوميءَ دان رٿ ياترا آرنڀ ٿي. پيارو دادا جشن ۽ ٻيا پريمي رٿ کي ڪاهي رهيا هئا. اُن رٿ ۾ دادل شاهہ جي من موهيندڙ تصوير سينگاري رکي وئي هئي. هزارين پريمي "ڀلي آئين دادل شاهہ! جيءَ ڀلي آئين دادل شاهہ!" جي ڌني لڳائي رهيا هئا. جدا جدا منڊلين تي دادا جشن پياري دادا جي سکيائن جو فهلاءُ ڪيو.

۾ ڊاڪٽر گھنشيام ريلواڻيءَ پنهنجي گهر جي ڪمپائونڊ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو. پيدرن ڪيرتن ڪيو. اُن بعد نوري گرنٿ مان وچن ورتو ويو. پياري دادا جشن چيو تہ پياري ڊاڪٽر ريلواڻيءَ کي ٻالڪ ڄائو آهي، اُن لاءِ اڄ ٻالڪ جو سواگت ٿا ڪريون. شل پڀوءَ جي آسيس ٻالڪ تي ٿئي جو وڏي هوندي ڊاڪٽر بڻجي پنهنجي پتا ماتا وانگر بيمارن جي سيوا ڪري. شري ٻالڪ تي ڪرتار جي ڪرپا ۽ پياري دادا جي دَيا چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

٢ آڪٽوبر نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن مهاتما گانڌيءَ جي جيون تي روشني وڌي. ۴ آڪٽوبر داداجن سينٽ فرانسز کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني.

٢٠ نومبر شري گرونانڪ صاحب جنمدن سنبنڌ ۾ صبوح جو سٽيڊ پوش جي سيوا ڪئي وئي. نماشام جي ستسنگ ۾ شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ صاحب جي ڀوڳ صاحب بعد پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو شري گرو نانڪ ديو جي زندگيءَ بابت اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو تہ شري گرونانڪ هو ڪلجگ جو اوتار، جنهن مٽايو اچي اگيان جو اونڌڪار، ڏنو پڪين پسن کي پيار، سڀني نيڻن ۾ نام جو خمار. شل اسين بہ نام کي نہ وساريون. گرونانڪ ديو کي هڪ حاسد بادشاهہ جيل ۾ بند ڪري ٿو. گروجن سان ڀائي مردانو بہ ساڻ آهي. جيل ۾ گروجن کي جيلر جنڊ هلائڻ جو ڪم ڏئي ٿو. اُن وقت گروجن مرداني کي چون ٿا ”مردانا! کول رباب!“ مردانو چوي ٿو سائين! اسان کي تہ چڪي هلائڻي آهي، پوءِ رباب وري ڪيئن کوليان؟“ گروجن وري کيس چون ٿا ”پيارا! رباب کول تہ ڪيرتن ڪريون.“ گروجن جي اڳيان چڪي نہ رڪي آهي ۽ اُن نہ رکيو آهي. مگر

نرمل رکي، جيئو نه ونديءَ ورهائي. جيڪي اسان وٽ آهي، سو اسان جو ڪين آهي. پيارو دادا ڪيئن ڏکين ڏينهن جي سار لهندو هو. اسين به پرڀوءَ جي ڏني مان ٻين جي سهائتا ڪريون.

ٿيون، جو اوزار ٿيڻ چاهي هر حال ۾ مشڪندو رهي. ڏک ۾ چاهي سک ۾ شڪر ڪري. تيري ڪانٽون سي ڀي پيار، تيري ڦولون سي ڀي پيار. اسين روز سماڌيءَ استان تي پياري دادا جا اهي اکر اُچاريندا آهيون:

واهه واهه جڳ وهارڻ تون،
فضل ڏوري نهارڻ تــون،
شڪر آهي، شڪر تنهنجو!

چولون جو گروهه جو اوزار ٿيڻ چاهي سو گروهه جي آگيا اکين تي رکي. گروهه جي آگيا جو پالن ڪندي ڪيتري به قرباني ڪرڻي پوي، اُن کان ڪيباني ڪين. خوشيءَ سان گروهه جي آگيا مڃي.

٢٦ نومبر آرتوار جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پرورچن ڪندي چيو ته اڄ پياري هريءَ جو جنمدن آهــي. پڻ هري ڪيئن نه سانتيڪي نمونــي دادل جو ڪم ڪري رهــي آهي. ڪيترن دلين کي دادل جي چرنن ۾ ڇڪي رهي آهي. اسين به پياري دادا جي سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيون.

١٢ جنوري ١٩٧٣ع صبوح جو ١٠ بجي جڳ هند اسڪول لمبوريءَ جي سوامي وويڪانند هال جو مهورت ڪندي پياري دادا جشن پيڻ وشن ديوي نارائڻداس، پيڻ ڪوشليا عطر سدگياڻي ۽ ٻين ڪاريه ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته خوشي اٿم جو توهان هن هال تي ڀارت جي هڪ مهاپرش سوامي وويڪانند جو نالو رکيو آهــي. سوامي وويڪانند ڀارت ۾ چاهي وديش جــي جدا جدا ملڪن ۾ ڀــارتيه سنسڪرتي ۽ سڀيتا ؛

٢٥ نومبر صبوح جو هون ٻجي بعد دادا جشن سفيد پوشن کي اناج، وستر ۽ روڪ سهائتا ڏني. مدهبن جو دادا لنگر جو آرنڀ ٿيو. هزارن برهمڻن ڀوڄن ورتايو. پيارو دادا جشن پاڻ ڀڳت ۾ پوندي ورهائي رهيو هو.

٢٥ نومبر نماشام جي ستسنگ ۾ ڪيترن پيارن پياري دادا جي حياتيءَ ۽ سکيائن بابت ڳالهايو. اُن بعد پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو منو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. پياري دادا جشن پوڄيه دادا ساڌو واسوانيءَ کي شرڌانجلي پيش ڪندي چيو: اڄ منهنجي دل ڀريل آهي. انڪري چاهيان ٿو ته جيڪر سانت ۾ ويٺو هجان. وڃي گرديو جي مٺي مکڙي ڏي نهاريان ۽ پياس ۾ پڪاريان، "ڏي پناهه پيرن ۾! نالائق آهيان، پر دل ۾ پياس اٿم ته شل پوئين پساهه تائين سنتن جي در تي، پياري دادا جي در تي اِڪ نوڪر ٿي رهان، اِڪ خدمتگار. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارين ڀينرون! اوهين ڪيڏا نه مهربان آهيو. اڄ اوهان ٢٩ لک روپين جي ڳوٿري پياري دادا جي ڪمل چرنن ۾ پيش ڪئي آهي. اِها ڳوٿري ڏيکاري ٿي ته پيارو دادا اِڪ زنده شڪتي آهي. پيارو دادا هليو ڪين ويو آهي. پيارو دادا پاڻ اَدرشت روپ ۾ ويٺو پنهنجا ڪم هلائي. شل اسين سندس اوزار ٿي ڪم ڪريون! اڄ جيئن اوهان پياري دادا کي ڳوٿري ارپڻ ڪئي، اُن وقت مون پاڻ کان پڇيو ته پياري دادا کي ڇا کپي؟ ان سوال جو جواب مونکي آيو "پياري دادا کي کپي جيون، زندگيءَ جي ڀيٽ." پيارو دادا اسان مان هڪ هڪ کان گهري ٿو اسانجي دل، اسانجي زندگي، جيئن اسانجي جيون کي نئون بڻائي.

اچو ته پياري دادا جا اوزار ٿيون. پياري دادا چيو ته جو ڏُروءَ جو اوزار ٿيڻ چاهي، اُن لاءِ ضروري آهه ته هوَ جيون

نڪرندڙ هيون. سڪ جو ساگر هو نه فقط چڱن کي پيار ڏنو، پر پاڻ گنهگارن کي به گلي لڳايائين. جيئن جتن، ٻڪرين ٻسن، پتن وڻن ٽڻن کي به پيار ڪيائين. پيار جو پيغام کڻي ديس ديسانتر ڦريو. هڪ ئي سنيهو سڻايائين ته پيار ڏيو! سوارٿپڻو ڇڏي پيار جي جوت جڳايو. هڪ ٻئي کي پيار جو ٻاٽلي پيئاريو!

هڪ دفعي هڪ وڏو شاعر داداجن وٽ آيو هو. پيارو دادا ڪم ۾ ڪافي مشغول آهي ته به ڪي مدت هن سان مليو ٿو ۽ پوءِ مان هن کي ڏاڪڻ تائين ڇڏڻ وڃان ٿو. هي شاعر مونکي چوي ٿو ته هن اعليٰ انسان ۾ الائي ڇا آهي! ٿوري وقت ۾ مونکي اهڙو ته پيار جو پيالو پيئاريائين جو منهنجي پتنيءَ به مونکي ڪڏهن اهڙو پيار نه ڏنو آهي." پياري دادا مان پيار جي ندي پئي وهندي هئي. پياري دادا چيو ته دکي دنيا جو دک دور ٿيندو ڪين، جيسين پيار جو چشمو نه کلندو.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! توهان به جيڪر پنهنجي جيون ۾ پيار جي ساکي ڏيو. دکي لوڪن کي پيار ڏيو، ٻڪرين ٻسن کي پيار ڏيو! پرڀوءَ لاءِ دل ۾ پيار رکو. اُن پيار ۽ پياس مان پرڀوءَ کي پڪاريو.

رات جو جاڳرتي ستسنگ ۾ ٻه پهر دادا جشن ويٺا. اڌ رات جو ستسنگ مان ٻاهر نڪتا. پاڻ سان ڪجهه ڪمبل ڪار ۾ کڻي ميران پوميءَ کان ٻاهر ويا.

ٿڌ سيارو ۽ اڌ رات. رستي جي پاسن کان ڪيترائي ني سهاري شخص سمهيا پيا هئا. پيارو دادا جشن اُنهن مٿان ڪمبل وجهندو ويو. ڪيڏي نه وقتائتي اولي شيوا پياري دادا جشن ڪئي. ٻئي ڏينهن لنگر ۾ پڻ پياري پاڻ بدست جي شيوا پئي ڪئي.

اوچ آدرشن جو پيغام ڏنو. هن پارٿين ۾ پنهنجي وياکيانن دوارا
نئين چيتنا آندي. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ وانگر هي پيارو
۽ وشو ڌرم سميلن ۾ شريڪ ٿيو ۽ ڀارت جو شان بلند ڪيائين.

منهنجا پيارا وديارٿيو! پيارا اڌياپڪو! اوهين جيڪر
سوامي وويڪانند، پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ۽ ٻين سٽپرڪن
جي ساهتيہ جو اڀياس ڪيو تہ اوهانکي نئين روشني ملندي.
اُنهن مهاپرشن جي سکيائن آدرشن تي هلڻ جي ڪوشش ڪريو.
نئين سماج جو نرماڻ ڪريو. آتم وشواس ۽ همت سان توهين
سڀ ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. شل هن وديا مندر تي پرڀوءَ جي،
ڀارت جي رشين منين سنتن جي آسيس چمڪندي رهي.

١٦-١٧ جنوري پوڄيہ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم تٿي
اُتسوَ ميران پوميءَ ۾ ملهايو ويو. صبوح جو هون ٿيڻ بعد دادا
جشن سئيد پوش پيدون کي اناج ۽ ڪمبل ڏنا. نماشام جي
ستسنگ ۾ ڪن شردالن دادل شاهہ کي شردانجلي ڏني. پياري
دادل شاهہ جو منو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. پياري
دادا جشن واسواڻيءَ دادل شاهہ کي پشپانجلي ڏيندي چيو، تہ
پياري دادا اڄ ڪهڙي نہ رحم ليلا لڳائي! پيارو دادا ڪير هو؟
پياري دادا جي جيون ۾ ڪهڙو جادو هو؟ ڪيئن نہ ٻئي دلين
کي پنهنجي پيار ۾ ڇڪيائين! الائي پياري دادا ۾ ڪهڙي ڪشش
هئي. ٿورو وقت پيارو دادا پاڻ کان پري رکندو هو تہ آنند ماڻد
ٿيندي هئي. هڪ دفعي پياري دادا کان پڇيم تہ "پيارا دادا!
توهان ۾ ڇا آهہ، جو توهان کان پري رهڻ ۾ بي آرامي پيدا ٿئي
ٿي؟" پياري دادا چيو، "پيارا بالڪ! مان ڪجھ ڪين آهيان،
پر سچي ستگر وٽان مونکي هڪ بخشش مليل آهہ 'پيار' جي."

پيارو دادا سڀني جو سروپ هو، محبت جي مورت هو.
سندس هٿن جي آڱرين مان الائي ڪهڙيون ڪرڻون پيئون

اها به ڳالهه آهي ته جيڪو به ڪم ٿئي ٿو، جيڪو به ڪم ڪري ٿو، جيڪو به ڪم ٿيڻو آهي، سو سڀ پياري دادل جي ٻوتاب سان. اِهو اُدرشٽ شڪتي آهي جا ميران ٻوميءَ جو چرخو پيئي چلائي. ڪيٿن نه پيارو گنگارام، ڀارت جي شهرن ۾ ۽ ڀارت کان ٻاهر ولايت جي شهرن ۾ اڪيلو ويو آهي ۽ ڀاڳ سان دادل جي سکيائن جا سنيها، پستڪ ۽ پاٺي کڻي ويو آهي. چوندو آهي ته اِهو آهي سچو بارود جو لوڪن جي دلين تي اثر ڪندو. سنسار جي ڪمن لاءِ لکين رپيا ڪٺا ڪيا اٿس ۽ ڪري پيو. سندس هڪ ٿي وشواس، هڪ ٿي صدق آهي ته پياري دادا جو هر هڪ ڪم ۾ هٿ آهي.

ڪيٿن نه پنهنجو تن من ڌن سڀ ميران ٻوميءَ جي سيوا ۾ خرچ ڪيو اٿس ۽ ڪري پيو. روز پرڀات جو اُٿي پنهنجي پوڄا جي ڪمري ۾ وڃي پنهنجي پريتم لاءِ ڳوڙها ڳاڙي ۽ کيس ياد ڪري ٿو. هنجي دل ۾ ديا آهي سڀني پرانين لاءِ ۽ پيار دکين دريدرن لاءِ. صبوح جو گهران نڪري ته ڪجهه نه ڪجهه هٿ ۾ کڻي نڪري ۽ رستي تي ڪتن ۽ غريبن کي ڏيئي پوءِ هٿ ايندو آهي. هنجي دل مندر ۾ آهي دادل جو ديرو ۽ اُن سڀني ٻارڙن لاءِ پيار. اڄ اسين کيس لک لک مبارڪون ڏيون ٿا ۽ سائينءَ در پرارٿنا ڪريون ٿا: ”پريو! تون پنهنجي پريم سيوڪ کي سٺي صحت ۽ وڏي آورجا ڏجانءِ!“

۴ جولاءِ پياري دادا جشن ڊاڪٽر لاهوريءَ جي پرلوڪ پدارڻ سبب کيس شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ڊاڪٽر لاهوريءَ جي دل ۾ بيمارن لاءِ همدردي هوندي هئي. ڪيترن ئي غريب بيمارن جو مفت علاج ڪندو هو. هي پيارو امريڪا ۾ وڃي مسڪين سنڌي بيمارن جي مفت سيوا ڪندو هو. ٿيڻو ڪري اڄ ڪله ڊاڪٽر صرف مريضن کي ڦرڻ ٿا، پر هي پيارو هو

١١ فيبروري نماشام جو پياري دادا جشن آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ ۾ پروچن ڪندي چيو ته اندرين تي ضابطو رکو، اُنهن جي سنڀال ڪريو. انهن کي ٻوڙ رکو. پنهنجي اِڇا شڪتي پختي رکو. ارادو ڪري سمهو ته صبوح جو سوير اُٿندا سون، پوءِ اُن ارادي تي پختا رهو. من چوي نه اُٿ، نه ائين نه ڪريو. ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين ۾ من سان وڙهندا ته من باز ايندو. نت ته من جا غلام ٿي پوندا. من جي شرط نه وٺو، پر هن کي چئو ته ستن جي شرط وٺنداسين. ستن جي ٻاڻيءَ جو پاٺ ڪنداسين. پرڀوءَ کي ياد ڪنداسين. ائين ڪرڻ سان توهانجي دل جي دري کلندي ويندي. اِڪ سياڻي ڏيهن مالڪ جي مهر ملندي. ان لئه ابياس جي ضرورت آهه. ابياس ۽ آسيس ٻئي جيون جي ياترا ۾ مددگار آهن.

١٣ فيبروري شام جو ٧ بجي پياري دادا جشن ڪي. سي. ڪاليج بمبئيءَ ۾ "يوگ ۽ اُن جو سنديش" وشيه تي ودوتا پورڻ وياکيان ڏنو.

٢٠ مارچ پياري دادا گنگارام ساجنداس جي جنمدن سمبنڌ ۾ نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ڳالهائيندي چيو ته پياري گنگارام جو وچار ڪري، 'نُوري گرنٿ' مان وچن ورتم. کهڙو نه مٺو وچن آيو: "عجب تنهنجو نام آهي، عجب تنهنجو پيار! هرگز نه لائق تنهنجي لطف جي مان آهيان. فقط جائنت تنهنجي در جي چمڙ آءٌ چاهيان! توفيق ڏي گوبندا! تنهنجا گيت ڳايان. تنهنجا ڪمل چرن پڪڙي، اچي توکي پايان!"

هن وچن ۾ پياري گنگارام جي جيون جي تصوير چٽيل آهي. هن وچن ۾ گنگارام جي دل جي پڪار سمايل آهه. اِها ئي پياس اٿس ته دادل جا گيت ڳايان. دادل جو سيهو ٻري ٻري پچايان. دادل جي سکيا جو ٻج هزارين دلين ۾ چٽيان. پر ڪيس

ٻڌائيندي خوب کلائيو. تنهن شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن چيو ته اوهان پيارن ڪيڏي نه قرب ۾ اڄ ڀيٽائون ڏنيون آهن. اهي ڀيٽائون مان پياري دادا جي ڪمل چرنن ۾ ڀيٽ رکان ٿو. انهن سان اڄ کان پياري دادا جي جنمدن ڳوٺڙي شروع ڪجي ٿي. مان توهان مان هڪ هڪ جو شڪر گذار آهيان. هيءَ دنيا آهه ڪرم ڀومي. هڪ هڪ کي ڪرم ڪرڻو آهه ضرور. پر سو سڀاڳو، جو هڪ هڪ ڪرم ڪري ٿو ارپڻ پرڀوءَ جي چرنن ۾. ان لاءِ ڪرم ٿي پوي ٿو اِڪ دري، جنهن مان هو نهاري ٿو پنهنجي محبوب ڏانهن وري وري. پيارا دادا ساڌو واسواڻيءَ کان اِهو سوال پڇيم "ڪرم ڪرڻ وقت پرڀوءَ کي ڪيئن ياد ڪري سگهجو؟" پياري دادا مشڪندي چيو ته انجو جواب توکي پوءِ ڏيندس. سانجهي ٿي ته مان پياري دادا کي موٽر ڪار ۾ ٻاهر وٺي ويس. مون موٽر پاڻ هلائي ۽ پياري دادا سان گفتگو به پئي ڪئي. پياري دادا چيو "پيارا! هيئنر تنهنجي سوال جو جواب توکي ملي چڪو." مون پڇيو "دادا! سو ڪيئن؟" پياري دادا چيو ته تون ڪيڏي نه ڌيان سان موٽر وٺو هلائين پئي ساڳئي وقت ڌيان سان مون سان به گفتگو ڪري رهيو آهين. اهڙيءَ طرح سنسار ۾ ڪم ڪر. جيئن ڪم ڪندو رهين تيئن شري ڪرشن سان گفتگو ڪندو رهه. پياري دادا جو ڪهڙو نه مٺو وچن:

هيءَ گهڙي آهي هيءَ ويلا،
سمر سمر سب جاڳ اڪيلا!

مانش جنم جو پل پل پرڀوءَ جي سمرڻ ۾ سڦل ڪريون. سنسار اچي اسانکي سجاڳ ڪن ٿا. سنتن جو سڏڙو اونايون. ڪال جو قاصد ڪاهي ٿو اچي ڪڙڪي! ان ڪري دنيا جا ننڍا وهنوار ڪندي به نام کي نه وساريو. نام ڳايو، نام ڌيايو!

پريم ۽ ڪرڻا جي مورت. بيمارن کي پنهنجي ڪار ۾ چاڙهي اُنهن کي اسپتال ۾ آڻي سندن علاج ڪندو هو. سنڌي سماج جو نشڪام سيوڪ هو. شل پڀو ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

وئڪيشن بعد ۱۵ جون ۱۹۷۳ ميران ڪاليج کليو. پرنسيپال دادا جشن واسواڻيءَ مهورتي تقرير ڪندي چيو ته مان توهانجو هڪ سيوڪ آهيان ۽ دل اندر پرارٿنا اٿم ته هن نئين سال ۾ شال نمرتا ۽ پيار ۾ اوهان جي سيوا ڪندو رهان! ميران ڀڳتياڻي جنهنجو مٺو نالو هن ڪاليج تي رکيو ويو آهي، محلات جا سک تياڳي فقيرياڻي ٿي ٿي، شيام سندر جي تلاش ۾ نڪري پئي. شيام سندر کي پياس ۾ پڪاري ٿي ۽ عجيب ڀڄن ڳائي ٿي. اسين به پياس ۾ شري ڪرشن کي پڪاريون. پياري دادا سادو واسواڻيءَ جنهن هي ڪاليج ٻڌا ڪيو، اُن پرپورڻ گرديو جي ڪمل چرنن ۾ سر جهڪايان ٿو. پياري دادا پروڙ باڻي ته نئين يگ ۾ استري جاتيءَ کي مکيه پارٽ ادا ڪرڻو آهي. مڙدن کي وجهه مليو، جو هنن وڃايو. نئين دنيا ٺاهڻ ۾ پيدرون ڪيڏو نه ڪم ڪري سگهن ٿيون. ان لئه توهان بالڪين کي تياري ڪرڻي آهي. ان ڪري توهان کي پوري سکيا ملڻ گهرجي، پورو وايو منڊل ملڻ گهرجي. انڪري منهنجو پرڻون اڪر توهان واسطي آهي ته ٻاڻ سان سکيون ٿيو. مڙدن وانگر ٽيڻ جي چاهنا نه رکو. همدردي، سادگي سيوا سنيهه پوترتا ۽ قربانيءَ جي پاڪ ۾ وڌو! ڀڳتيءَ ۾ وڌو.

۲ آگسٽ پياري دادا جشن جي جنمدن سبب ڪيترائي ڀائر ڀيڻر صبح جو دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ آيا ۽ پياري دادا جشن کي مبارڪون ڏنائون. منجهند جو ميران ستسنگ هال ۾ ميلو مڃي ويو. ڪن ڀيڻن ڀائرن دادا جشن کان ڪيڪ ڪٽايا ۽ ڪن سوغاتون پيش ڪيون. دادا جشن ڪي سکياڌائڪ ڳالهيون

ڏانوَ جي ڏاڍي ضرورت آهي. مون ٻج ڪٽي ڪونڊيءَ ۾ ڏاٺا ٻوڪيا. اڌ اڌ ڪلاڪ پيو ڏسان ته ٻوٽو نڪتو آهي! نيٺ ڏسي ڏسي ٿڪ ٿي پيس. ڇڏي ڏنم. ٻه چار ڏينهن گذريا ته ڏسان ڪونڊيءَ ۾ سلا نڪتا آهن. اهو ايمان رکو ته ٻوٽو اسانجي پالڻا ڪندي آهي. جيئن ماتا ننڍڙي ٻار کي ماچيس نٿي ڏئي، ڇو ته هن کي اها پوري ٻُجهه ڪونهي. تيلي ٻاري چولي تي رکندو ته هٿ لڳندس. ليڪن ٻوٽو اسانجي ماتا آهي. جيڪي سڄو سمجهندو سو ڪندو. توهين ايڪاگر من سان ويهي پرارٿنا ڪريو. هلندي چلندي، ڪم ڪار ڪندي ٻوٽي جي مهما ڳايو. ٻوٽي جي مهما جو ويچار ڪريو. جهڙو ڌيان ڪندا اونئين ٿيندا. پرارٿنا ۾ عجيب شڪتي آهي!

٥ سيپٽمبر ميران پوميءَ ۾ پياري دادا جشن پوچن ڪندي چيو ته اڄوڪو ڏينهن مڌهجي واسطي مهان پوتر ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن کي ڪوٺين 'راڌا اشٽمي'. ۽ هفتا اڳ اسان جنماشٽمي ملهائي، جنهن ڏينهن پنج هزار ورهيه اڳ ڀڳوان ٻاڪ پڌاريو ڀوري وس پسنتي. برندا بن ۾ اڄوڪي ڏينهن ميلا لڳن. اڄ ڀارت ۾ اڄوڪي ڏينهن کي وڏي اهميت ڏين. راڌا کي ڪوٺين 'شري راڌي'. ڇو ته ڪيترن جو وشواس آهي ته جي شري ڪرشن کي پهچڻ چاهيو ته اوت وٺو شري راڌي جي. شري راڌي جا چرن پڪڙيو، توهان کي تڪڙو ئي تڪڙو شري ڪرشن سان ملائيندي.

شري ڪرشن هو پوپو ۽ راڌا آهي اسان مان هڪ هڪ جو روح. هڪ هڪ کي شري ڪرشن ڇڪڻ چاهي ٿو، پر اسين ڇڪجون ڪين ٿا. شروع ۾ شري ڪرشن راڌا ٻاهر ٻڌي ٿو، تنهن پوءِ ٿو راڌا کي ڇڪيان. هي جو ٻوٽو ٻاڪ وڃي بيهي ٿو انجي گهر ٻاهران. راڌا جو گهر هو باغ ۾. باغ جي ٻاهران

پياري دادا جا داس تي به لک احسان، جن جو ذڪر هيءَ زبان ڪري نٿي سگهي. اوهين به داس کي آسيس ڪجو ته پڇاڙيءَ تائين پياري دادا جي سکيائن جي ساکي ڏيندو رهان. پياري دادا جي در جو داس تي سنڌي پڳت جي، دکين دريدرن جي، پکين پسن جي پوئين پساهه تائين شيوا ڪندو رهان.

١٢ آگسٽ آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ڀڄن پاٺ کانپوءِ شوداساٺيءَ پياري دادا جشن جي آجيان ۾ به اکر ڳالهايا. پياري دادا جشن پوڇڻ ڪندي چيو ته پڀوءَ جي پرارٿنا دواران اسانجا دک درد دور ٿي سگهن ٿا. پڀوءَ ۾ پڪو وشواس رکي پرارٿنا ڪريون. اسان کي پوريءَ طرح پرارٿنا ڪرڻ نٿي اچي. جيڪڏهن پوريءَ طرح پرارٿنا ڪريون ته جيڪر ڪيترين ڪشالن کان ڇٽي پئون. گرهست جي جيون ۾ ڪيترين ئي مشڪلاتون ۽ مسئلا پيدا ٿين ٿا، پوءِ انهن مسئلن کي دور ڪرڻ لاءِ هٿ هٿ پيا ڊوڙون پايون. اسانجون پرارٿنائون آهن جيئن پاڻيءَ تي ليڪو. هڪ ٻالڪيءَ مونکي خط لکيو ته منهنجو پڀوءَ مان وشواس نڪري ويو آهي. اوڇتو منهنجي منهن تي اچي وار نڪتا آهن. سڀ پيا مونکي چيڙائين. مون پڀوءَ کي پرارٿنا ڪئي، پر پڀو ته ٻڌي نٿو.

پرارٿنا ڪريو دل جي اونهائيءَ مان. توهانجي پرارٿنا آهي جيئن ٽنل ٽئي تي پاڻيءَ جو ڦڙو وجهو ته ڳم ٿي ويندو. سچي ۽ اونهي پرارٿنا جي نشاني آهي اکين جا ڳوڙها." پياس سان پڀوءَ کي پڪاريو. سمجهو ته توهانکي ڪا تڪليف آهي، اُن لاءِ پڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو. ڪيس پنهنجي ماتا جندي سمجهي ساڻس حال اوريو. اڳين ته ڇو ته هوُ انترجامي آهه، اسين جو حال اورينس. حال اوريو. پوءِ، صدق رکو ته پڀو ٻڌي ويندو. ڪڏهن اسانجي پرارٿنا جو جواب نٿو ملي اُن لاءِ، صدق ۽

سٽون ٿا، نه اسين ننڍا سٽون. اسين چئون، دنيا اسانکي سڀ ڏنو آهه، ڀلو ڀڌارٿ، بنگلا ماڙيون، موٽرون گاڏيون، نوڪر چاڪر. ڀڳوان جي اسانکي ضرورت آهه ڪين. مغروريءَ ۾ غلطان آهيون. شري شيام جي بنسريءَ جو آواز هڪ هڪ جي اندر پيو وڄي، پر سٽون ننڍا. جيسين نماڻا نه ٿيا آهيون. ان آواز کي ڪي چون ”انهد شبد“. شري شيام سندر جي بنسري پيئي وڄي، ڀلا ڪٿي سي جي سٽن؟

راڌي ٻڌي ٿي، ڇوي ٿي ڪهڙو آواز آهه، جو منهنجي دل کي پيو گهائي؟ سندس هٿن مان گهاگهر پاڻيءَ جي ڪري پوي ٿي. راڌا جي سڌ ٻڌ گم ٿي وڃي ٿي. ڇوي ٿي، هي ڪهڙو آواز آهه، جو منهنجي رڳن کي پيو ڇڪي. هيٺ راڌا کي ٻوڙ پوي ٿي. سندس اکين مان ڳوڙها لهن ٿا ۽ سمجهي ٿي ته منهنجو سچو گهوٽ، جنم جنم جو گهوٽ آهه هي ننڍڙو ٻالڪ. مان بيشڪ ارڙهن ورهين جي آهيان، هي ننڍڙو ٻالڪ آهه، هي آهه منهنجي جنم جنم جو سائي، مان سموري هنجي آهيان. شري شيام جي پيار ۾ سڀ وساري ٿي. پنهنجو تن ڌن، ڪل وساري ٿي، سموري تپت وساري ٿي. ڇوي ٿي، مان آهيان شيام سندر جي سموري، شل نه ٿيان قولن ڪوڙي! ڪيس اصل جا انجام، قول، ياد پون ٿا. اسان ته هتي اچڻ کان اڳ انجام ڏنا هئا، پر اهي انجام اسان وساريا آهن. شل قولن ڪوڙا نه ٿيون! اهو آهه راڌا اشٽميءَ جو پيغام. ڀڳوءَ کان ٻري اسانکي سچو سک ڪين ملندو. ان ڪري ڀڳوءَ لاءِ پياس ۾ پڪاريو! شري راڌا جيان سڀ ڪجهه ارپڻ ڪيو شري ڪرشن جي ڪمل چرنن ۾.

پياري دادا گنگارام ساجنداس جي ڌر مينندي لڇمي بائي ١٠ آکٽوبر ٻولوڪ پڌاري. سندس استول شرير سمائي آسمان

هو وڃي بنسري وڄائي ٿو. راڌا ٻاڻ کي چوي ٿي: مون ٻڌو آهي هن ڇوڪر بابت. مان شادي ڪيل آهيان، پتورت آهيان. هن ڏي نهاريندي به ڪين. پر هر روز شري ڪرشن اچي ويهي ٿو راڌا جي گهر ٻاهران. هڪ ئي سر آلاپي ٿو: ”آجا! آجا! راڌي! تون مون وٽ آءُ!“

روز روز ٻئي اچي ٿو، تڪيندي ڪين ٿو. توهانجي ۽ هن داس جي گهر ٻاهران اچي ويهي ٿو، بنسري وڄائي ٿو. سر لاهي ۽ چاڙهي ٿو. هڪ ئي پڪار ڪري ٿو: ”آجا! آجا!“ اسين پرڀوءَ کي چئون ٿا: ”اسين شادي ڪيل آهيون. اسين تو ڏي ڪين نهاريندا سين!“

پر اسان ڪنهن سان شادي ڪئي آهي؟ ڪن پوڄا سان، ڪن مان شان وڏائيءَ سان، ڪن پنهنجي پدارٿ سان، ڪن عيش سان شادي ڪئي آهي. اسين چئون شادي ڪيل آهيون، پتورت آهيون، اسين نهاريندا سين ڪين. اسانجو محبوب وڃي ٿو پڪاري. اسانجو سچو گهوٽ، جنهن کي ڇڏي صديون ٿي ويون آهن! اسانجو پريتم هر روز اچي ٿو اسانکي پڪاري ”آجا! آجا! وشرام پاءِ! سچو وشرام آئي منهنجي ڪمل قدمن ۾! پيارا جڏهن کان منهنجي ڪمل چرڻن کان پري ٿيو آهين، تو پاڻکي نه آراميءَ ۾ اُڇلايو آهي. مون وٽ آءُ!“

هڪ ڏينهن شري راڌا پنهنجي سر تي گهاگهر کڻي وڃي ٿي جمنا نديءَ مان پاڻي ڀرڻ. پاڻي ڀري ٿي. شري شيام سندر جي بنسري ٻڌي ٿي. ان بنسريءَ جو اِڪ آواز هيءُ:

ڌرمن سڀن جو ڪري تياڳ ارجن، تون منهنجي شرڻ آءُ،
نه پاپن جا بندن سيئي آنءُ توڙيان اچي مڪتي پاءِ!

راڌا ٻڌي ٿي آواز- هيٺ ٿو ڦرڪي گهاگهر ٿي پوي. ڦرڪي مٽڪي نماڻي ٿي. جڏهن نماڻا ٿيون ٿا، شري ڪرشن جو آواز

۾ هٿ اُلهاسنگر ۾ مان سوامي شانتي پرڪاش مهاراج وٽ ۽ پونا ۾ دادا جشن واسوانيءَ وٽ روحاني آپريشن ڪرائڻ ويندو آهيان. ٻئي سنت مهمان آڌياتمڪ ڊاڪٽر آهن. آنسو جي شروع ۾ ڏيال آشا دادا جشن واسوانيءَ ۽ سوامي شانتي پرڪاش بابت ڳالهايو. ان موقعي تي پائو پرسرام سيٺي جو هارديڪ سواگت ڪيو.

١٠ نومبر شري گرو نانڪ صاحب جي جنمدن سنبنڌ ۾ شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ صاحب جو ڀوڳ صاحب وڌو ويو. سفيد پوش ڀيڻن کي اناج ۽ وستر ڏنا ويا. نما شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان بعد پياري دادا جشن شري گرو نانڪ ديو جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته اڄ ڪلجڳ جي اوتار نماڻي مورت، شري گرو نانڪ ديو جن جي جنم جو ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن ڪيئن نه پيارو دادا موديخانو هلائيندو هو. گهرجائن کي اناج ڏيندي نام جپيندو جپائيندو هو. گرو جن ديس وديس ۾ رٽن ڪري خوب نام جو پرچار ڪيو.

هڪ دفعي گرو جن جهنگل ۾ ڏيرو لڳايو هو. اُتي مرداني کين وينتي ڪئي ته سائين ڪيترن ڏينهن کان ٻارن جو منهن ڪونه ڏٺو اٿم، موڪل ڏيو ته گهر وڃي ٻارڙن جو منهن ڏسي اچان ۽ ٻارڙن لاءِ ڪجهه ٽول به ڏيو. گرو جن مرداني کي گهر وڃڻ جي موڪل ڏيندي هڪ ڳوڻ ۾ ننڍڙا پٿر ڀري کيس اها ڳوڻ ڏيندي چيو، "پيارا! ان ڳوڻ ۾ اليشي ٽول، تون بلاشڪ پنهنجي ٻارن ۽ گهرواريءَ لاءِ سوکڙيءَ طور کڻي وڃ."

مرداني پٿرن جي ڳوڻ نه کنئي، پر من ۾ ويچار ڪيو ته گرو جن ٽول طور ڏني ته پٿرن جي ڳوڻ آهي! هڪ نيڌل سڃو، پوءِ هن ڳوڻ جو ٻار! هيءُ پٿر کڻي وڃي ڇا ڪندس؟

تي ڪٺي آيا. جت پياري دادا جشن سرڳواس لاءِ دلسوز پرارٿنا
ڪئي. ١٨ آڪٽوبر نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن
سرڳواس کي ڀاو ڀيني شرڌانجلي ڏني.

٤ نومبر سوامي ليلاشاهه مهاراج برهملين ٿيا. ٥ نومبر
شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته
سوامي ليلاشاهه مهاراج نه صرف مهان سنت هو، پر مهان
سماج سڌارڪ به هو. ڏيتي ليتيءَ ۽ ٻين سماجڪ مسئلن کي دور
ڪرڻ لاءِ سوامي ليلاشاهه ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پرچار ڪيو.
ناري اُٿان لاءِ هن ڪيترن شهرن ۾ ناري شالائون کوليون.
برهمگياني ودوان سنت هو. سڀن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ چڪيائين.
اهڙا سنت سدائين امر آهن، سندن ڪارج جي جوت پيڙهي
جڳندي رهندي.

٧ نومبر صبوح جو ١١ بجي پياري دادا جشن جهوليلعل
سندر الهاسنگر ٢ ۾ اکين جي ڪئمپ جو مهورت ڪندي ڀائو
پرسرام ٽيئونمل ۽ ڊاڪٽر موديءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته
نيتر دان اُتم دان آهي. هي مهان يگيه آهي. پياري ڊاڪٽر
موديءَ جي هٿ ۾ پرڀوءَ شفا ڏني آهي. هي پيارو ٥٤ سالن
جي عمر ۾ به ٢٤ سالن جي نوجوان کان وڌيڪ ڦڙتائيءَ سان
بيمارن جي سيوا ڪري رهيو آهي. شل پرماتما کيس وڌيڪ
سڦلتا ڏئي.

هن موقعي تي پوجنيه ستگرو سوامي شانتي پرڪاش مهاراج
پڻ پڌاريا، جن سيواڌارين ۽ ڊاڪٽر موديءَ کي ڌنيواد ڏيندي
چيو ته اڄ اسانجي وچ ساڌو واسواڻي جو روحاني وارث پيارو
جشن واسواڻي آهي، جنهن هن يگيه جو مهورت ڪيو. ڊاڪٽر
موديءَ کي مان بجلي ڊاڪٽر ڪري سڏيندو آهيان. ڊاڪٽر
موديءَ چيو ته مان اکين جي باهران آپريشن ڪندو آهيان

اسين ٻه مرداني وانگر سواسن روپي هيرا جواهر وڃون
وڃائي پڇتاءُ ڪريون ٿا، پوءِ پڇتائڻ مان ڪهڙو لاڀ. اب
پڇتائي ڪيا هوت هئي، جب چڙيا چگ گئي کيت.

انڪري سواسن جو قدر ڪريو! سمرڻ ۽ سيوا ۾ سواس
سڦلا ڪريو.

٢١ نومبر صبوح جو ميران انگلش ميڊيم اسڪول ۾ دادا
ساڌو واسواڻيءَ جو جنم ڏينهن اتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي
دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جا پريرڻادائڪ پرسنگ
ٻڌائيندي چيو ته پياري دادا جي سکيائن جي ساکي پنهنجي
جيون ۾ ڏيون. ٢٢ نومبر ميران ڪاليج ۾ جنم ڏينهن سپتاه ۾ اتسو
جو آيوجن ڪيو ويو. ڪاليج جي بالڪين جدا جدا ڀاشائن ۾
پياري دادل شاهه کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏني. پرنسپال
دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا هو نمرتا ۽ دئيا جي
مورت. وڏو ودوان گيانوان هوندي، دادا ۾ ڪيڏي نه حليمائي
هوندي هئي. هڪ هڪ کي ڪيڏي نه قرب ۽ پيار سان ملندو
هو. پيارو دادا ڪنهن دکيءَ کي ڏسندو هو ته سندس دل
پگهري ايندي هئي. پيارو دادا سڀني دکي دلين جو سهارو هو.
اوهين به ان راهه ۾ هلو. جيترو وڌيڪ پڙهو اوتري وڌيڪ نمرتا
۽ دئيا پائڻا رکو. هميشه ڪاڏي ڪسان پري رهي، پکين پسن کي
پيار ڪريو. ٢٣ نومبر ميران هائي اسڪول ۾ شيوا ڪنج طوفان
دادل شاهه جو جنم ڏينهن اتسو ملهايو ويو. ان اتسو ۾ پڻ دادا
جشن منو اپديش ڏنو ۽ رات جو ميران اسڪول جي بالڪين
دادا ليلا جو سندر ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ٢٤ نومبر شام جو ٤
بجي ميران پوميءَ مان رٿ ياترا آرنڀ ٿي. رٿ تي پياري
دادل شاهه جي وڏي تصوير سينگاري رکي وئي هئي. پيارو
دادا جشن ۽ ٻيا پريمي ان رٿ کي ڪاهي رهيا هئا. جدا جدا

ڇو ته پنهنجو بوجهو هلڪو ڪريان. مرداني ان ڳوڻ کي ڳنڍ ڪيا، جيئن پنهنجو پاڻ پٿر اُن مان ڪرندا وڃن.

جيئن پنڌ ڪندو اڳتي وڌيو ته ڳوڻ مان پٿر ڪرندا ويا. پٺي ڏسڻ مردانو جيئن گهر پهتو ته سندس پيار ۽ ڌرمپتني ڏاڍو خوش ٿيا. سندس هڪ ٻالڪ اُن خالي ڳوڻ ۾ جيئن ئي هٿ وڌو ته ٻه لعل (هيرا) ان ڳوڻ مان نڪري آيا. اهو ڏسي مردانو عجب ۾ پئجي ويو. سندس مُنهن جو پڻو ئي لهي ويو. سندس ڌرمپتنيءَ ڪانئس پڇيو ته اوهين اوچتو ائين مايوس ڇو ٿي ويا آهيو؟ مرداني وراڻيو، گروجن مون کي هيءَ سڄي ڳوڻ پٿرن سان ڀري ڏني هئي ته ٻارن ۽ ڌرمپتنيءَ لاءِ سوکڙي ڪري کڻي وڃج. مان لاچار اها ڳوڻ کڻي دل ئي دل ۾ غيرت آڻيندي اهي پٿر ڳوڻ مان رستي تي ڪيرائيندو آيو آهيان. شايد هڪ ٻه پٿر بچي پيو آهي جو بدلجي لعل (هيرو) ٿي پيو آهي. مان ڪيڏو نه مورک ڇنبس جو گروجن جي ڏنل پٿرن کي پٿر سمجهي زوريءَ رستي تي ڪيرائيندو آيو آهيان.

مرداني نه روئي ڪاڏي نه آرام ڪيو. خالي ڳوڻ کڻي ساڳيو رستو وٺي آيو پر ڪيس هڪ به هيرو نصيب نه ٿيو. پنڌ ڪندو وري شري گرو نانڪ ديوَ جن وٽ موٽي آيو ۽ پنهنجي غلطي محسوس ڪندي وينتي ڪيائين ته سائين، اوهان جي ڏنل پٿرن جي ڳوڻ کي رستي تي خالي ڪندو ويس. جيڪي به پٿر بچيا سي هيرا جواهر ٿي پيا. مهرباني ڪري مون کي وري اها ڳوڻ پٿرن سان ڀري ڏيو ته مان گهر کڻي وڃان.

شري گرو نانڪ ديو مرداني جي اها ڳالهه ٻڌي مُشڪڻ لڳا ۽ مرداني کي چيائون: "مردانا، اهو وقت گذري ويو." مرداني جي اکين ۾ پڇتاءَ جا آنسون هئا.

سنڌرڪن جا اوزار ٺيڪ چاهيو ته آبو منايو ۽ سمرڻ ۽ سيوا جي جوت جڳايو. اهڙ مڙيو، پر نام نه وساريو!

١٢ ڊسمبر پياري ٻاءِ آتم واسواڻي، ٻاءِ نرمل واسواڻي، پيٽ ڪڪي رکندا واسواڻيءَ جي پوٽي، ماتا يشي ٻائي مولچند واسواڻي پرلوڪ پڌاري. سڌس اسڪول شروع سماڌي آستان تي ڪٺي آيا. پياري دادا جشن سرگواسڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. ١٣ ڊسمبر نماشام جي ستسنگ ۾ ڪيس پاوٻيدي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري پاپي يشي ٻائي سنساري سفر پورو ڪري رب جي راهه ڏانهن رمندي رهي. پياري پاپي نماڻي هئي، ڀڳتياڻي هئي. شل پرڀو ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

٢٩ ڊسمبر ميران انگلش ميڊيم هاءِ اسڪول جي وارشڪ اتسو جي موقعي تي پوڄيه دادا جشن اتسو جي مکيه مهمان وزير شري موهن ڌاريا جو سواگت ڪندي چيو ته شري موهن ڌاريا اسان وٽ ڌاريو ئي ڪين آيو آهي. هو اسانجو اِڪ متر ۽ ڀاءُ آهي. هي پيارو ڀارت سرڪار جو اِڪ قابل وزير آهي. سچو وزير اهو جو لوڪن جي سيوا ڪري ٿو. اهو جو پنهنجو عهدو اِڪ امانت ڪري سمجهي ٿو. جنهن جي دل جي اِڪ ئي پياس آهي ته مان لوڪن کي سکي ڪريان ۽ جنهن کي پروڙ آهي ته ڪيئن لوڪن کي سکي ڪجي، شري موهن ڌاريا اهڙي قسم جو وزير آهي. هي پيارو آزاديءَ جو اپاسڪ آهي. ڀارت آزاد ٿيو، ان کان پوءِ به هي پيارو جدا جدا هلچلون هلائي پنج ڀيرا جيل ۾ ويو. سڌس دل اندر غريبن، دکين لاءِ همدردي آهي. هن جي اکين ۾ نئين ڀارت جو سپنو آهي، شڪتيشالي ڀارت، آزاد ڀارت. هن وقت ڀارت شڪتيشالي ڪين آهي ڇو جو اسان ڀارتواسين ۾ ايڪتا ڪين آهي. ننڍڙين ننڍڙين ڳالهين تي هڪ ٻئي سان ڪيئن نه وڙهي رهيا آهيون. پنهنجن هٿن

چونڪن تي دادل شاهہ جون تصويرون رکيون ويئون. پياري دادا جشن هڪ هڪ چونڪ تي پياري دادل شاهہ جي سکيائن جو پرچار ڪيو.

٢٥ نومبر صبوح جو هون لڳيہ بعد شري نوري گرنٿ جي پاٺ صاحب جو ڀوڳ وڌو ويو. سفيد پوش پيرن کي دادا جشن اناج ۽ وستر ڏنا. مڇهيد جو دادا لنگر ۾ پياري دادا جشن ڀڳت ۾ پاڻ پرڙهون تي ورهايون. اهي ڀاڳن وارا جن کي پياري پنهنجن پوتر هٿن سان پرساد ڏنو. نما شام جي ستسنگ ۾ ڪن پريمين دادل شاهہ کي شڌانجلي ڏني. پياري دادل شاهہ جو مٺو اپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو.

ان موقعي تي دادا جشن پرو چن ڪندي چيو: منهنجا پيارا ڀائرو، منهنجون ڀينرون! اوهان سڀن جو شڪرگذار آهيان. ڪيڏي نہ قرب ۽ پيار ۾، ڪيڏي نمرتا ۾ اوهان پنهنجون ڀيٽائون پياري دادا جي جنمدن ڳوٺڙيءَ لاءِ موڪليون آهن. اڄ پياري دادا جي چرنن ۾ ٢٧ لک روپين جي ڳوٺڙي ڀيٽ رکيسين. ان ڪان وڌيڪ پياري دادا کي ڪپي اسانجي جيون جي سوکڙي. پياري دادا جو اتم ڪارڄ سال بہ سال وڌندو پيو وڃي. اهو سمورو ڪم پيارو دادا پاڻ پيو ڪري. ان وڌندڙ وشال ڪارڄ لاءِ اوزار ڪپن. پيارو دادا اسانکي چٽي رهيو آهہ تہ مونکي هٿ کپن، ٻانهون کپن جي وڃي دکين درڊرن جي نمرتا ۽ نشڪام ڀاو ۾ شيوا ڪن. وڌوائن جا ڳوڙها سڪائين. اناٿن کي آلٽ ڏين. جي ٻالڪن ٻالڪين کي نئين وديا ڏين ۽ سندن ڪچڙن دلين ۾ چرتر جا ٻج پوکين.

جدا جدا شهرن ۾ پياري دادا کي اوزار کپن. توهين جي ڀارت جي جدا جدا شهرن مان هتي اچو ٿا، پياري دادا جا اوزار ٿي وڃي پنهنجي شهر ۾ شيوا جا مرڪز کوليو. جي سڀني

ٿي چڪيا، ته سندس واڇن مان رت ٿي وهيو." پوءِ چيو "هاٿي ڏٺم، جنهن ماس ٿي کاڌو. اڳيان گاهه پيو هو ته اهو ڇڏي به ماس ٿي کاڌائين." هاٿي آهه راجا جي نشاني، راجا نياءَ ڇڏي انياءُ جو ورتاءُ ڪندا. ڪلجڳ ۾ ائين ٿيندو. ارجن چيو "ڳانءِ ڏٺم، جنهن پنهنجي ڳاٻيءَ جو کير ٿي ڌاتو." جيئن هيٺيون نياڻيون مائٽن کي ڪمائي پيون کارائين. اڳي مائٽ نياڻين جو ڪين کائيندا هئا. نڪل چيو "ڏٺم ته پهاڙن تان پاڻي ٿي وهيو، ته سڀڏو تلاءُ ۾ نه ٿي پيو، ته پاسن کان ٿي طرف ٿي ڪريو." ڪلجڳ جا لوڪ پنهنجن جي سيوا نه ڪندا، ته جت واهه واهه ٿيندي اتي جو ڪم ڪندا. سهديو چيو "ڏٺم ته ساوو گاهه، اُن لي ٿو ٿي ڪريا، جنهن ڪري ساوي گاهه جا ٻارا ڳهٽي پاڪي ناس ٿيل ٿي لڳا." تيئن ڪلجڳ ۾ سنت ساڌو ڳهٽيئي ٿيندا، ته بلڪل ٿورا سچي سونهن ۾ چمڪندڙ ڏسڻ ۾ ايندا. ته ڪلجڳ ۾ وري ڪنهن به ڪنن تپسيا ڪرڻ ڪانسواءِ جيڪو نانءُ جپيندو، تنهن جو ڪلياڻ ٿيندو.

دادا جشن اُنسي مهابليشور ۾ جدا جدا پائنٽس تي هلي قدرت جا نظارا ڏٺا. ساوتري پائنٽ تي موٽندي ٿورو وقت اُتي سنگت سان ترسيو. اُتي روح رهاڻ ڪندي چيو ته جيڪو ڪام ۽ زبان جي سواد تي ٻارهن سال سانده سوڀ پائي ٿو، سو پنهنجي جيون کي سوڀارو بڻائي ٿو. زبان تي ضابطو رکڻ ڏاڍو ڏکيو آهه. ڪيڏي نه ٻڪ ٻڪ ۽ ٻرائي بچار اسين ڪريون ٿا. جن ڳالهين سان اسانجو ڪو واسطو ڪين آهه، انهن بابت اجايو ڳالهائي شڪتي وڃايون ٿا. زبان سان نام ڳايو. نام سان نينهن لڳايو.

سنگت سان ڳڻ جيڪو ڳالهيو هو سو دادا جن ڪان اڻڏو ته ٻواوس ٿيو جو اکين ۾ ٻاڦي آئي دادا جي ڪمل قدمن تي

سان پياري ديس جي تباهي آڏي رهيا آهيون. ڀارت اڃا آزاد ڪٿي آهي! ڇو ته ڀارت ۾ هن وقت به لکين انسان کي اَجهو ڪٿي آهي، اَنُ ڪٿي آهي، لٽو ڪٿي آهي!

پياري دادا جي اکين ۾ پڻ نئين ڀارت جو سپنو پئي ڇمڪيو. ڀارت لاءِ پياري دادا کي ڪيڏو نه پيار هو! دادا ور ور چوندو هو "منهنجو ڀارت ڪڏهن وسندو؟ ڪڏهن آزاد ٿيندو؟" پياري دادا چيو ته نئون ڀارت لوڪ سڀا ۽ راڄيه سڀا ۾ ڪين لهندو، پر نئون ڀارت گهرن ۽ اسڪولن ۾ لهندو. ان ڪري پنهنجي ٻارن جي، وديارٿين جي سنڀال ڪريو. گهرن ۾ کين نئون واءُ منڊل ڏيو. اسڪولن ۾ به کين نئين وديا ڏيو. اها وديا جا شاگردن جو چرتر ناهي ۽ کين تيار ڪري، جيئن وڏي هوندي هو پنهنجي پرڳت، پنهنجي ديس ۽ انسان ذات جا سيوڪ بڻجن. پياري دادا جي سونهپ هيٺ ميران اسڪولن ۾ ان قسم جو يتن ڪيو ٿو وڃي. اڄ به سندن آسيس سان وديارٿين کي اها وديا ڏني وڃي ٿي، جنهن جو زور آهي دکين درٻدرن جي سيوا تي. کين سنتن سنتوکن جي سکيا ڏني وڃي ٿي. وديارٿي چاهه سان شريمد ڀڳوت گيتا ۽ شري سکمني صاحب جو اڀياس ڪن ٿا.

١١ جنوري پيارو دادا جشن ڪن پريمين سان گڏجي مهابليشور روانو ٿيو. اتي دادا ڪجهه وقت قدرت جي نظارن جو آنند وٺندي ايڪانت سانت ۾ رهيو. اتي دادا روح رهاڻ ڪندي چيو ته ڀڳوان شري ڪرشن کان پنجن پانڊون پڇيو ته ڪلجڳ ۾ ڇا ٿيندو آهي؟ شري ڪرشن پنجن ئي پانڊون کي موڪليو ته چڪر هڻي اچو ۽ جيڪي ڏسو، سو اچي ٻڌائجو. پنجئي پانڊو وڃن ٿا ۽ موٽي اچي شري ڪرشن کي ٻڌائين ٿا. شري يڌشٽر چوي ٿو "هنس ڏٺم، جن کير پئي پيتو ۽ موتي

هن وزير کي ڦاسيءَ تي چاڙهيو ويو، چاڪاڻ ته هن منهنجي آڳيا جو اُلنگھن ڪيو آهي! اُن رات راجا سپني ۾ ڏٺو ته شري ڪرشن لوڪ ۾ بيٺو آهيان. هڪ تمام عاليشان روشن مڪان آهي. راجا اهڙو مڪان ڏسي پڇيو ته "هي مڪان ڪنهن ٺهرايو آهي؟" اُت کيس ٻڌائين ٿا "تو جيڪي لک موهرون وزير کي ڏنيون، انهن موهرن سان هي مڪان ٺهرايو ويو آهي!" راجا صبوح ٿيڻ سان وزير کان معافي گهري ٿو ۽ چوي ٿو "پيارا! مون تولاءِ ڦاسيءَ جي سزا ڏيڻ جو حڪم ڪيو پر تنهنجو ڪو قصور ڪين آهي. تو ته لک موهرون سڪرت جي ڪم ۾ لڳايون. مونکي معاف ڪر." وزير سيوا ڪئي شري ڪرشن ارپڻ. اوهين جيڪي به سيوا ڪريو سا شري ڪرشن ارپڻ جي ڀاو ۾ ڪريو. پوءِ توهانجي مايا، توهانجي سيوا، شري ڪرشن وٽ قبول ٿيندي.

٢٦ جنوري راڌاڪرشن ديا ڊسپينسريءَ جي وارشڪ اُتسوَ سمبنڌ ۾ پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته مان اسپتال جي ڊاڪٽرن ۽ ٻين ڪم ڪندڙن جو شڪرگذار آهيان جو هو همدردي ۽ اُتساهه سان بيمارن جي سيوا ڪري رهيا آهن. ڪيئن نه هيءَ ننڍڙي اسپتال ٢٦ سالن کان ڪم ڪري رهي آهي. اها سڀ پياري دادا جي آسيس آهي. پيارو دادا اَدرشٽ روپ سان پنهنجا ڪم ڪارون هلائي رهيو آهي. ڪلهه مان هڪ بالڪيءَ کي اسپتال ۾ ڏسڻ ويس، ڏاڍو پيئي روئي. چوي پيئي ته سٺي نه هٽائيندس. مون اُن بالڪيءَ کي چيو: "بالڪي! ڊاڪٽر جيئن چوني تيئن ڪر ته تنهنجي تڪليف جلد دور ٿيندي."

هيءَ دنيا اَٿو اِڪ اسپتال، هتي دنيا ۾ ڪوئي به دک کان آجو ڪين آهي. اسان کي به انجيڪشن-سٺيءَ جي ضرورت آهي. اسانجا ڊاڪٽر آهن سنت. انهن پرڀوءَ جي پيارن جي آسيس کپي. ڊاڪٽر اسان کي دوا ڏيڻ چاهين ٿا، پر اسين نٿا وٺون.

ڪري پيو. دادا جن ڪيس ڪيڏو نه پيار ڏنو.

١٦-١٧ جنوري ميران پوميءَ ۾ مهايگيه، پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ورسي اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن شرڌانجلي ڀيٽ ڪندي چيو ته آدرشت روپ ۾ پيارو دادا اسان سان آهي. سانت جي اونهائيءَ ۾ ويندا ته دادل جو درشن ماڻي سگهندا. توهان اڄ ڪيتريون نه شيون غريبن لئه دان ڪيون آهن پر دادل کي اسان وٽان ڇا کپي؟ هڪ ننڍڙي ڳالهه پياري دادا ٻڌائي. هڪ ماتا جي ٻالڪي ولايت ويئي. ماتا جي جنمدن جي تاريخ آئي ته ٻالڪيءَ اُتان هڪ ٻتي ڪيس پارسل ڪري موڪلي جا اُن ڏينهن اچي ڪيس ملي. ماتا پارسل کوليو. ماتا جي اکين مان لڙڪ لڙي آيا. ماتا پنهنجي ٻالڪيءَ کي چٺي لکي: ”ٻالڪي! پارسل پهتو. پر مونکي نه کپين تون!“ پيارو دادا چوي ٿو ته ”مونکي کپو توهين!“ پوءِ پياري دادا جا ڪيئن ٿيون؟ دکين غريبن جي شيوا ڪريون. توهين وڃي ڳوٺن جي شيوا ڪريو تا ان لاءِ ڌنيواد.

هڪ راجا جي دل ٿي ته هماليه جبل تي ياتري پيا اچن وڃن، تن لاءِ هڪ ڌرمشالا ٺهرايان. هن پنهنجي وزير کي هڪ لک سونيون مهرون ڏنيون ته وڃي ڌرمشالا ٺهراءِ. وزير وڃي ٿو. ڏسي ٿو ته هماليه پربت هيٺان کي ڳوٺ آهن، اُتي ڏاڍو ڏک آهه! ڳوٺاڻا پيا بک ۾ پاهه ٿين! وزير اُنهن ڳوٺاڻن جي خدمت ۾ هڪ لک مهرون خرچ ڪري ڪين سکي ڪري ٿو. ڳوٺاڻا ڪيڏو نه خوش آهن. ور ور پيا پربوءَ جا شڪرانا مڃين. وزير کي وري راجا جو ڊپ لڳي ٿو. هي پيارو راجا وٽ واپس اچي ٿو ۽ سموري حقيقت راجا کي ٻڌائي ٿو. راجا مٿس ڏاڍو غصو ڪري ٿو ۽ جوش ۾ حڪم ڪري ٿو ته هٿني اندر

٢٧ جنوري ٻوجهه دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي هال ڪولابا بمبئيءَ ۾ داداجن جي پرو چن جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. شروع ۾ دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي، ڀاءِ موليلعل بناڻي، شري آر. جي. آڏواڻي داداجن جي آجيان ۾ ٻه ٻه لفظ ڳالهايا. ان بعد دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته مان اوهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. مان سنت ڪين آهيان پر سنتن جي در جو داس آهيان، گولو غلام آهيان. دادل شاهه جي در جو ڪمپائونڊر آهيان. سنتن سڪيائن جون دوائون کڻي آيو آهيان. حالي ٽوپڻ گهلي آيو آهيان، ان ۾ جڙهو، ڇڙهو! ٽڪيٽ جي في نه الڳ، پر بياس ٻاڻي پوڻم وٽ هلو. اڄ شري نوري گرنٿ مان ڪهڙو نه مٺو وچن ورتم:

"بيما ٻجاءِ وڇڙيل ملاءِ."

اسين پنهنجي محبوب کان وڇڙيل آهيون، ڪيڏو نه دکي آهيون. اسانکي ماڙيون، بنگلا، پئسو پڌارٿ، موٽرون گاڏيون آهن پر تڏهن به مهادکي آهيون. هڪ ڀيڻ مون وٽ آئي، چيائين "منهنجو پتي ڪروڙپتي آهي ۽ پتا به ڪروڙپتي آهي، ڪيڏن سکن هوندي به مان دکي آهيان. من ۾ شانتي ڪونهي. جيڪر آپگهات ڪري ڇڏيان." اسان کي دنيا جو ڌن دولت سک شانتي نٿا ڏيئي سگهن! ان ڪري پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريون "پرڀو! بيما ٻجاءِ، وڇڙيل ملاءِ." ان ڪري سنتن جو سنگ ڪريو، سنتن کان روحاني رحم جو خزانو منگو، جيئن سوليءَ جو شبد سان، آتما جو پرماتما سان ميلاپ ٿئي.

دنيا ۾ رهو آيا وانگر. ڌنو گهر ۾ آيا (ماني) ڪيئن نه ٻار سان توهان جا ٻار پالي سنڀالي ٿي، پر سندس لڳ تار پنهنجي ٻارن سان ڳنڍيل آهي. چوي ٿي ته هٿ ڪم ڪار ڪري ڌنو ڪمائي پنهنجي ٻارن کي موڪليان. توهان جڳت ۾ اُن

اسين ٻالڪيءَ وانگر روئون ٿا، دوا کان پري ڀڄون ٿا، تڏهن بيمار گذاريون ٿا. سنت اچي پڪارين ٿا ته اَءِ لوڪو! هن جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽو، آزاد ٿيو. نام جي سٽي لڳايو. هيٺئين شري سکمني صاحب مان وچن ورتم. ڪهڙو نه مٺو وچن آهي!

ڇوٽت نهي، ڪوٽ لکه پاهي،
نام جپت تهه، پار پراهي،
انڪ بگهن جهه آءِ سنگهاري،
هرِ ڪا نام تتڪال اڌاري،
انڪ جون جنميءَ مرجاءِ،
نام جپت پاويءَ بسرام،
هؤ ميلا، مل ڪبهه نه ڌوويءَ،
هرِ ڪا نام، ڪوٽ پاپ کوويءَ.

گرو جن چون ٿا: لکين ڪروڙين پاڻهون هڻجي نه به تون ڪين ڇٽندين. فقط نام جپڻ سان تون ترِي پار پوندين. جيڪي انيڪ تڪليفون توکي ستائين ٿيون، اُت هري نام يڪدم تنهنجو اڌار ڪندو.

انيڪ جوٺين ۾ اِنسان جمي ٿو ۽ مري ٿو، پر جي نام جپي سچو آنند پائي. اهنڪار جي مٿل سبب هؤ ميرو آهه، اُن کي اُهو ڌوئي ڪين ٿو پر هريءَ جو نام ڪروڙين پاپ لاهي يا ڌوئي ڇڏي ٿو. ان ڪري ٻڌوءَ جو نام جپيو. هڪ دفعي پياري دادا کان پڇيوسين: "پيارا دادا! اسان تي پاپن جا بار آهن. ڪي پاپ پاڻيهي ڪريون ٿا، ڪي ازخود ٿي وڃن ٿا. اُنهن کان ڪيئن ڇٽون؟" پياري دادا چيو: "نام جپيو، نام جي نديءَ ۾ اِشنان ڪريو ته توهان جا سڀ پاپ ڌوپجي ويندا."

ٻئي مارايو آهي ۽ مان وري ٻئي جنم ۾ جڏهن تو ٻڪريءَ جو جنم ورتو ته توکي ماريندس. هيئنر جو تون منهنجون ٻه ٽنگون تو کائيون ته ان سوُر ۾ مان سڄي رات پيئي ڦٿڪندس ۽ اهو بدلو وري مان توکان ٻئي جنم ۾ وٺندس." اُن وقت هن شخص جا ڪپاٽ کلڻ لڳا.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! جيڪي ڏيندا، سوئي موٽي توهان کي ملندو. اهو ڪرم جو قانون اٿوَ. انڪري سڀن کي پيار ڏيو. شڀ ويچارن، شڀ ڪرمن جي ٻوڪ ٻوکيو.

گرو مندر ڪانپور دادا جن ڀاءُ موتيرام ماکيجاڻيءَ جي گهر ۾ پڌاريا.

۲۹ جنوري منگل شام جو دادا جن سنگت سان ورليءَ ۾ سمنڊ ڪناري پند ڪندا اوچتو ڀيڻ چتري منگهارام پنجابيءَ جي گهر ۾ پڌاريا. ڀيڻ چتري ۽ ڀاءُ منگهارام جي اکڙين ۾ پريم ۽ شڪرگذاريءَ جا لڙڪ هئا ته ڪيئن دادا عنايت ڪري سندن اڱڻ ۾ اوچتو پڌاريو آهي ۽ سندس دل جي پياس پوري ٿي آهي. دادا جن اتي ڪيتريون روحاني ڳالهيون ٻڌايون. دادا جن ۳۰-۳۱ جنوري ۽ ۱ فيبروري دادا مندر ۾ ستسنگ پروچن ڪيو. ماتا ڏيويءَ اهو پربند ڪيو هو. بعد صبوح جو دادا جن پياري لڇمڻ پنجابيءَ جي گهر پڌاريا ۽ آشيس ڏنائون.

دادا جن موٽر ڪار ۾ پئي ويا ته اوچتو سندن نظر رستي جي پاسي ۾ پيل هڪ بيمار تي پيئي. دادا جن هڪدم ڪار مان هيٺ لهي اُن بيمار کان حال احوال ورتو. اهو پيارو مهني کن کان اُتي پيو هو. دادا جن ڪنهن به دکيءَ جو دک ڏسي نه سگهندا آهن. دادا جن هڪدم اُن بيمار کي اُتان کڻائي، ڪنهن اجهي هيٺان وهاري ڪيس پاڻي ۽ کير پياري ان جو ڪنهن اسپتال ۾ علاج جو بندوبست ڪري پوءِ ڪار ۾ چڙهيا.

۲۴ فيبروري دادا جن اپديش ڪندي چيو ته اڄ منهنجي

ماڻهوءَ وانگر، آيا وانگر رهو. سنتن کي پلي پيار ڪريو ۽
پنهنجي من جي تار پڀوءَ سان ڳنڍيو. منهن ماڻهن ۾ موهه نه
رکي پلي اُنهن سان پڀر سان هلو چلو، پر دل جي ورتي ڳنڍيل
هجي پڀوءَ سان.

٢٨ جنوري سومر صبوح جو دادا جن ڪلوا ۾ مايا ديويءَ
جي ڪوڪن ناهڻ جي ڪارخاني جو مهورت ڪيو. دادا جڏهن
مشين جي بٽڻ کي دٻايو ته مشين هلڻ لڳي. اُن وقت ني
ڪوڪا ٺهندا ويا. دادا جن چيو ته مشين جو ڪيڏو نه آواز
آهي! هڪ هڪ مشين مان آواز اچي پيو: "خبردار رهو! سڄاڻ
ٿيو! مالڪ جا گڻ ڳايو! مايا ديويءَ کي ڏنيواد آهي جو هيڏيون
ننڍڙيون هلائي رهي آهي ۽ روحاني راهه ۾ به هلڻ جو وڏيڪ
وڏيڪ پتن پيئي ڪري.

شام جو دادا جڏهن ڀاءُ مولي ڪشچند جي گهر ۾ پڌاريا
۽ ننڍڙو اُپديش ڏنائون. منگل ٢٩ جنوري شيام نواس گرو مندر
۾ دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ نوري گرنٿ مان کڻڙو
۽ مٺو وچن نڪتو:

"جيڪي ڏيندين، ڏيندين، سوئي توکي موٽي ملندو."

پيارا! دنيا اَنُو اِڪ آرسيءَ جيان، هڪ پهاڙ مثل. مهابليشور
۾ اِڪ پهاڙ آهي. اُتي آواز ڪبو ته ساڳيو آواز پٺي هنڌان پڌڻ
۾ ايندو. ان ڪري سڀن کي پيار ڏيو. پڀر جي هلت هلو.
ڳگدامن تي ديا ڪريو. هڪ راجا وٽ هڪ شخص خاص مهمانن
جي خاطرداريءَ لاءِ رکيل هو. اِڪ ڏينهن اوچتو راجا وٽ اِڪ
مهمان اچي ٿو. اُهو شخص چوي ٿو ته هڪڙي ماڻهوءَ لاءِ سڄي
ٻڪري کپايان، ان کان ته صرف ٻڪريءَ جون به ٽنگون ئي
کپايان، اُهو ماس مهمان لاءِ ڪافي ٿيندو. ٻڪري اهو ٻڌي
آواز اُٿاري ٿي "پيارا ڀاءُ! هيل تائين تون مونکي هڪ ئي مهل

ٻالڪي همت اُڀاڙڪو سمجهندي آهيان. شل ٻرماتما کيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

١٠ مارچ ميران ستسنگ ۾ رشيڪيش جو سوامي چدانند مهاراج پڌاريو. ان موقعي تي دادا جشن دادا جن جي مورتيءَ ۽ سوامي چدانند کي نمسڪار ڪندي چيو ته اڄ منهنجي دل جو ٻڪي وڃو گيت ڳائي ”مون گهر سنت پڌاريا، مون گهر وڌيون واڌايون!“ هيٺئين شري ٽوري گرنٿ مان کڻو ته منو وچن نڪتو: ”ڄڪڻ اوندهه ۾ ڪو ورلي سڄان!“ اهڙو هڪ اُتم انسان اسيس ڏيڻ لاءِ هيت آيو آهه. سندس چرڻن ۾ سر جهڪائي اسيس پنهان ٿو. هي سنت همت هيت وڃي هڪ ٿي آواز اٿاري ٿو ته مانڪه ديهه جو قدر ڪريو. پاڇن پنيان نه ڊوڙون پايو! نج نام جي يادگيري رکو!

١٧ مارچ بورڊ هوڊ جي جدول ٻاديءَ جي ميٽنگ ۾ دادا جشن سيتي ڪم ڪندڙن جا شڪرانا مڃيندي چيو ته مان هن سنستا جو رهبر ڪين آهيان، نڪي روشنيءَ جو انسان آهيان، ر دادل جي در تي ٻوارليا اُتم ته ٻوتين پساهه تائين خدمتگار، خادم ٿي رهان ۽ پياري دادا جي آدرشن تي هلي، دادل شاهه جي قدمن ۾ قبول ٿيوان! اسين سڀ پڪل اوزار آهيون. پيارو دادا گدڪارام ٦٦ سالن جو آهي ته به ڪيشن ته دور دور ديسن ۾ وڃي پنهنجي مني محبوب دادل شاهه جو پيغام پيو پهچائي. پنجن سالن کان پوءِ پياري دادا جي جنم شتابدي اچڻي آهه. هي پنج سال جيڪر اسين تياري ڪريون. اسڪولن ۽ ڪاليج مان ڪي اهڙا شاگرد تيار ٿين، جن جي جيون ۾ پراچين آدرشن جي جوت جاڳي. اهڙيون ٽوليون پياري دادا جي چرڻن ۾ ارپن ڪريون. گروءَ جي سکيا پنهنجي جيون ۾ پرڪاش ڪرڻ جي

پياري ڀاءُ ٽانور امرناٽيءَ جو جنم ڏڻ آهي. هي پيارو دادا جو ڀڳت آهي، سنتن ستپرڪن جو شيوڪ آهي، دکين دريدرن جو دوست آهي. سادو نماڻو نيڪهن وارو. هڪ وقت هي پيارو وديش ۾ نوڪري ڪري ٿو. هڪ ڏينهن سندس دل جي اندر اُٿي ٿو سوال ته هيءَ زندگي ڇا واسطي؟ هن پياري جي اندر پياس اُٿي ٿي ته ڪو سنت سڄان ملي، جنهن جي چرنن ۾ واڇي ڀڳتيءَ جو ڀوڄن ڪاوان، پريم جو پاٺ پڙهان، رحم جي روشنيءَ ۾ رهان. جنهن جي دل اندر آهي پياس، اُن ڪي سنت سڏي وهارين ٿا پنهنجي پاس! هن پياري ڀاءُ تي ٻيوءَ جي ڪرپا ٿئي ٿي جو پياري دادا واسواڻي ڏي ڇڪجي اچي ٿو. ڪيئن نه هي پيارو دادا جي پاڻيءَ جو اڀياس ڪري ٿو. هڪ ڏينهن پيارو دادا کيس چوي ٿو "پيارا امر، تون سياڻو آهين. تنهنجي اندر اُٿي آهي تلاش. پر جنهن کي تون پيو ڳولين سو اٿيئي تنهنجي اندر، دل وچ مندر." پيارو ڀاءُ امر نوڪري ڇڏي ڪيئن نه دادا جي سکيائن جو ڦهلاءُ ڪري ٿو. بنگلور ۾ نڪاڻو ڪري نديڙو ستسنگ ڪري ٿو. ستسنگ سان گڏ هي اُت دکين دريدرن جي شيوا ڪري ٿو. هن پياري کي ڪولين 'امر' شل پيارو امر رهي. امر سو رهي ٿو جو گرديو جي ڪمل قدمن ۾ قبول پوي ٿو. شل هن پياري تي ۽ اسان سڀن تي اهڙي آسيس ٿئي جو پنهنجي روز به روز جي جيون ۾ گرديو جي سکيا جي ساک ڏيون.

٣ مارچ ستسنگ ۾ دادا جن پروفيسر ايشوري جوتواڻي، پروفيسر نرملا جوتواڻي ڀاءُ چندرو جوتواڻي، جي ماءُ جي پرلوڪ پڌارڻ سبب شرڌانجلي ڏيندي چيو ته اميءَ جي دل ۾ پيار ۽ ڀڳتي سمايل هئي. کيس ستسنگ لاءِ ڪيڏي نه پياس هوندي هئي. هانگڪانگ مان موڪلي لکيائين ته هت سڀ سک آهن پر هڪ وڏو ڏک آهي جو ستسنگ ڪونهي! ستسنگ جي وقت مان

راوڻ جي شڪتي گهڻو وقت ڪين هلي. جيئن اڄ ڪلهه راوڻ جي شڪتي پنهنجي ڪم ڪري. ڇا ته للڪار! پاڻ ٻاهر پيئي ٿي، پر اها شڪتي جلدي ناس ٿيندي ويندي. رام راڄ ايندو! اها پياس هئي مهاتما گانڌيءَ جي دل اندر. پياري دادا به پنهنجي باڻيءَ ۾ چيو آهه!

شري رام! تنهنجو شل شان رهي،

تنهنجو ڀارت لئي احسان رهي.

پوءِ جهڙا راڄ هلائيندڙ ڪيئن. پوءِ جڏهن جي جيون ۾ نمسيا جي موت جاڳي. شل پڳل ڀارت اهڙي اوڄ تي رسي! پياري ستسنگيو! توهين به جيون ۾ تياڳ جي ساکي ڏيو. تياڳ وارا انسان ئي سماج کي ديش کي ٺاهي سگهندا. پوءِ وانگر پوئتي پيل رکو. هڪ رام جي اوٽ وٺو. نام ڳايو نام ڌيايو. پوءِ سک پايو!

٢ اپريل کي سندر شيام نواس بمبئيءَ ۾ پياري دادا جشن واسواڻيءَ پروچن ڪندي چيو ته اڄ شري سکمني صاحب مان ڪهڙو نه مٺو وچن آيو

”ڪبهون مها ڪروڌ بڪرال، ڪبهون سرب ڪي هوت رَوال“

گرو ارجن ديو مهاراج ڪهڙي نه سندر نموني انسان جي سڀاءَ چٽين ٿا. ڪڏهن انسان ڪروڌ ۾ پوڻي راڪاس ٿي پوي ٿو ته ڪڏهن ساڳيو انسان سڀني جي خاڪ ٿي پوي ٿو. منش جي حالت سدائين هڪجهڙي ڪين آهه. اڃا استرتا جي منزل تي ڪونه پهتو آهه. استرتا وارو منش سدا سنتوش ۾ رهي ٿو. اسين اڃا ممتا جي حالت ۾ آهيون، سمتا جي منزل کان دور آهيون. ڪيترا انسان حيواني جيون گهارين ٿا. پنجن وڪارن جي وس ٿي پيا پئڪن! اسانجو من چڪر ڪٽيل آهه. گرو جن آواز اٿارين ٿا ته آتمڪ انسان ٿيو. آتمڪ انسان ڪي

ڪوشش ڪريون.

٣١ مارچ پوڄيه دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. ١ اپريل سومر ڏينهن رام نوميءَ جو پوتر ڏينهن هو. داداجن صبوح جو ١٠ بجي مايا ديويءَ جي ڪارخاني جو مهورت ڪرڻ لاءِ ڪلوا ۾ پڌاريا. اتي داداجن مهورت بعد وياکيان ڪندي چيو ته اڄ رام نوميءَ جو پوتر ڏينهن آهي. رامايڻ هڪ عملي شاستر آهي. رامايڻ ۾ سچي جيون جو نقش چٽيل آهي. اسين پنهنجي زندگي ڪهڙن آدرشن ۾ ڍالون. اهو سندر نموني رامايڻ ۾ بيان ڪيل آهي. اڄ فقط هڪ آدرش ڏانهن اشارو ڪندس. رامايڻ سيکاري ٿو ته بي ڊپا ٿيو. بهادر ٿيو. جو بهادريءَ سان تڪليفن کي منهن ڏئي ٿو ان کي ازغيبي طرح مدد ملي ٿي، هو سڦلتا جو سهرو ٻڌي ٿو. اڄ ڪلهه ماڻهن سائنس ۾ واڌارو ڪيو آهي، چنڊ تائين وڃي پهتا آهن. هماليه پربت جي چوٽيءَ چڙهي ويا آهن، پر پاڻ تي ضابطو رکڻ ڪين سکيا آهن. ننڍيءَ وڏيءَ ڳالهه تي ڪيئن نه ڊپ ۾ اچي وڃن ٿا. ويهين صديءَ کي ڊپ ۽ چنتائن جي صدي ڪري سڏيو اٿن. اڄ ڪلهه اسين ڪيترن ڊپن ۾ رهون ٿا. بيماريءَ جو ڊپ، آئينده جو ڊپ، نوڪريءَ جو ڊپ. شري رامايڻ سيکاري ٿو ته ڊپ جي دوا آهه صدق. پڀوءَ ۾ صدق رکو، ستگرو ۾ وشواس رکو. رام کي نه وساريو. رام جو نالو ڪيڏو نه مٺڙو آهي. رام جو نام اچاريندي رتناڪر جهڙو ڏاڪو، خوني، ڀارت جو مهان رشي ۽ ڪوي بڻيو. رام جي اوٽ وٺو. هڪ ٻئي سان پيار جو ورتاءُ ڪريو. هڪ ٻئي جي مدد ڪريو.

شام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ دادا جن اپديش ڪندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن شري رام شڪتيءَ جو اوتار آيو. پاڻ سان عجيب شڪتي کڻي آيو. اها شڪتي راوڻ جي پيدا ٿي، پر

عيش آرام جا گهر آهن. اُتي هڪ جهاز اچي ٿو بيهي. جهاز جو ڪپتان سڀني مسافرن کي چوي ٿو ته هت سڄو ڏينهن جهاز بيهندو. توهين وڃي شهر گهمي ڦري اچو. سڄ اُڀرڻ تي گهگهو وڄندو ۽ سڀ موٽي اچجو. سڀ ماڻهو لهن ٿا. شهر ۾ وڃي ڪي هوٽلن تي، ڪي سئنيمائن ۾، مطلب گهڻائي عيش عشرت ۾ مشغول ٿي وڃن ٿا، جو ته اُتي کاڌو پيتو سڀ مفت مليو ٿي. ڪيترا ڪانڊ پيئڻ ۾ رڌل هئا. باقي چار پنج ڄڻا هئا جن چيو ته اسين سمنڊ جي ڪناري تي وڃي پنڌ ڪنداسون، هيرا لعل سون چاندي هٿ ڪنداسون. ٻيا هنن تي کلن ٿا. سڀني جو گهگهو لڳي ٿو. ويچارا ٿڪل ٽٽل نشي ۾ چُور! ڪن کي اٿيون اوڪارا ته ٻه ڊوڙندا پڻي آيا، پر هُو چار پنج ڄڻا جن ڪناري تي پنڌ پٺي ڪيو، سي هيرا لعل موتي سون چاندي ڪٺي سولائيءَ سان جهاز ۾ چڙهن ٿا.

پيارا ٻالڪو! هيءَ دنيا اُن هڪ ٻيٽ، جت اچي وسر جي وهنوار ۾ اسين وقت وڃايون ٿا. ڪال جو نغارو وڄي ٿو، اسين روئندا رڙندا هلون ٿا. پياري شانتي سمنڊ جي ڪناري تي بيٺي هرڪا شيءِ هيرا، مهر ڀا موتي، سڪ سيوا جو سون، ڀڳتي جي چاندي ڪٺي ڪيائين. پياري شانتيءَ کي پورن سنتوکو پياري دادا وٽان اهو خزانو مليو. پياري شانتي سڄو خزانو ڪٺو ڪري ورتي. اسين به شل اهو سڄو خزانو، سورڻ ۽ سيوا جو خزانو هٿ ڪريون.

پياري دادي شانتيءَ جي ورسي سڀني ۾ ١٥ مئي پرڀات جو پرڀات ڦيري نڪتي. ڏهين بجي هون لڳي بعد دادا جشن ڪيترن ئي ٻالڪن ٻالڪين کي ٽول ڏنا. سفيد پوشن جي سيوا ڪئي. نماشام جي ستسنگ ۾ ٻالڪن ٻالڪين دادي شانتيءَ جي جيون تي وياکيان ڏنا. ١٦ مئي نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پياري شانتي ديويءَ کي ڀاو ڀني شرڌانجلي ڏني.

ڪاٿ دنيوي لالچ اڳيان سگهندي ڪين. ٻر اسين ڪري ٿا. اسين مڪڙ وانگر آهيون. مڪڙ منائيءَ تي وهي ٿي، ساڳي مکڙ وري گند تي وڃي وهي ٿي. مڪڙ ڪي ٻهي مان مزو پيو اچي. پر ماکيءَ جي مکڙ گلن کانسواءِ ٻئي ڪنهن هنڌ نه وهندي. گلن تي ويهي گلن جو مينا ج پيئندي. اوهين ٻه سنتن جي سنگ ۾ ويهي نام رس پيئو. دنيا جا رس گهٽا ورتا اٿو. اهي دنيوي رس ڏکدائي اٿو ۽ نام رس سکدائي آهي.

ممتا وارو انسان 'مان' ۽ 'منهنجو' ۾ ڦاٿو پيو آهي. اُن جو آدرياءُ نه ڪڏهن به ڪاوڙجي پوندو. منهن جو پردو ئي لهي ويندس. ممتا وارو منش 'مان' ۽ 'منهنجي' کان مٿي، پيو سدائين مشڪندو. اُن جي اندر ديا جو ڏيئو ٻري ٿو.

٢٢ اپريل ڊاڪٽر پوپر دادا جشن کي سنڌ ڪرانٽ لاءِ لوناوالا وٺي ويو. دادا جشن اُتي ڪجهه وقت پهاڙن ۾ ايڪانت ۾ گذاريو. رستي تي ڪن مزورن پٿي ڪم ڪيو. دادا جن چيو ته انهن ٻيارن کي ڪجهه ٽول ڪارايون. ڊاڪٽر پوپر هڪدم انهن لاءِ ٽول وٺي آيو. پيٽ نرملا جوتواڻي دادا شيام جي ڏني لڳارائي. پوءِ دادا جن انهن مزدورن کي پاڻهه سان ٽول کارايو. رات جو دادا جن وري پونا واپس آيا.

٢٥ اپريل دادي شانتيءَ جو جنمدن ميران پوميءَ ۾ خاص ٻارن جو ڏينهن ڪري ملهايو ويو. ميران اسڪول جي وديارٿين دادي شانتيءَ جي حياتيءَ بابت ڳالهايو. دادا جشن ڪين ٽول ۽ انعام ڏنا. پوءِ دادا جشن سڀن جي شڪرگذاري ڪيندي چيو ته اڄ صبوح هڪ بالڪيءَ مونکي چيو ته شانتيءَ بابت ڪا نئين ڳالهه ٻڌائڻ. سو مونکي هڪ ڳالهه اچي ياد پيئي. سمنڊ جي هن پار هڪ عجيب بيٽ آهي، جت عجيب وڻ ٽڻ، گل ڦل، پهاڙ ندايون آهن. سنبيمانون هولدون طرح طرح جي

نه ٻيا ٻڪارين ته مايا جي جادوءَ جي اثر هيٺ نه اچو. اسانجي حالت مڇيءَ وانگر آهي. مڇي ٿوري اٽي جي لالچ تي پنهنجي جڀ ڪڍي اٽو ڪانڊ تي چاهي، پر اٽو ته آهي ڪنڍيءَ تي لڳل. سدس جڀ ڦاسي پوي، پوءِ ڪيئن نه ڦٿڪي ساهه ڇڏي ٿي.

اسين به مرداني وانگر ريٽون ٿي پيا آهيون. وساري ڇڏيو اٿئون ته اسانجو اصل نسل ڪهڙو آهي! مايا اسانجي مت ڪسي ولي ٿي. اسان کي ڪيئن نه پاپ ۾ ڪيرائي ٿي. هڪ سمت ڪان سدس شش پڇيو، "سائين! سبب ڪهڙو، جو توهان کي شيطان نٿو ستائي؟" سمت چيو "پيارا! مون گرو ڪريا وٺي پنهنجي دل جو دروازو بند ڪري ڇڏيو آهي، پوءِ شيطان ڪٿان ايندو؟ پياري دادا ميران وديا جا مرڪز ان لاءِ کوليا ته دماغ سان گڏ دليون به پختيون ٿين. من موهڻي مايا ڪيترن کي نه پيلايو آهي. مايا جا ٽي روپ آهن. وشو مايا، وديا مايا، اوديا مايا. اوديا مايا جا وري ٽي روپ آهن، (١) ڪنچن، سون - پدارٿ. هڪ ٻاءُ مونکي گهر وٺي هليو ۽ ڪنبت کولي ڇيائين، ڏس ته مون وٽ ڪيترو نه پئسو آهي. اهڙو پيو به ڪنبت اٿم. هاڻ وري وڃان ٿو مسافريءَ تي. مون ٻاڻ کي چيو ته هن پياري کي نه بار نه ٻچو! ڪيس ڪيڏي نه مايا آهي، پوءِ به پاڻهي نٿو! ڪيترا پئسي پدارٿ ڪٺي ڪرڻ لاءِ ڪهڙا نه ڪڏا ڪم ڪن ٿا. سچ جي ڪمائيءَ ۾ برڪت اٿو! (٢) مايا جو ٻيو روپ آهه ڪامني. وڏا جوڌا ڪامنيءَ ڪيرائي ڇڏيا. روم ملڪ جو سپهه سالار انٽاني، جنهن ڪيترا ملڪ هٿ ڪيا، سدس پهلواني عجيب هئي. ايجپٽ ملڪ تي ڪاهي آيو هو. ايجپٽ جي راڻي ڪليوپيٽرا هڪ رنز لائيزي ٿي. سمجهي ٿي ته انٽانيءَ سان جنگ جوٽڻ محال آهي.

٢٥ جون شام جو پوڄيه دادا جشن آر. ڪي. انڪيڊمي ڪولابا ممبئيءَ ۾ اُپديش ڪندي چيو ته گرديو جي ڪمل قدمن ۾ سر جهڪائي توهان سڀني لاءِ آسيس ڏيان ٿو. اڄ نوري گرنٿ مان ڪهڙو نه مٺو وچن آهي:

سنتن وٽان مونکي مليو هي نيائو،
رام نام ڳاءِ، نام اٿي جيون جو جيائو.

جيڪر هڪ گهر جي در وٽ بيهي وڃي بيماري دادا جو هي نيائو پهچايان. اسين نام کان وڇڙيل آهيون. شل نام ۾ نواس ڪريون! ممبئي شهر کي ان نيائي جي ضرورت آهي. منهنجي گرديو جي سکيا آهي ته سڀني ڄاڻءِ، نه ڪنهنجي ٻڌاءِ. سڀني اهي، جا ڳنڍي، وڇڙيلن کي ملائي. ايڪانت ۾ سڀن کي ملائي. شل مان سڀني ٿيان! مايادويءَ به ڪهڙو نه مٺو گيت ڳايو:

پنهنجو پاڻ مون آهي وساريو،
مايا کي مون وهي نهاريو!

هت اچي پنهنجو اصل نسل مون وساري ڇڏيو ۽ مايا جي جادوءَ مونکي قابو ڪري ڇڏيو. مايا جي رنگ ڍنگ ۾ مان قابو ٿي پيس. مايا جو غلام ٿي پنهنجو اصلوڪو روپ شير جو وساري رڍ ٿي پيس. گروجن وٽ مردانو آهي. مرداني کي ڪاڏي جو ڏاڍو شوق. آسام جي ڪامروپ ۾ گروجن ويو ته. اُت نُور شاهه جادوگرياڻي رهي ٿي، جا آيل لوڪن کي پهرين حلوا، پُوڙيون ۽ طرح طرح جا طعام کارائي پوءِ جادو لڳائي ٿي. مرداني کي به بک لڳي آهي. گروجن کي چوي ٿو ته مان ماني کائي اچان. گروجن مرداني کي جهلين ٿا، پر ته به مردانو وڃي ٿو. مرداني کي پوءِ نُور شاهه پنهنجي جادوءَ سان رڍ بڻائي ڇڏي ٿي! گروجن پنهنجي مهر نظر سان نهاري اسانکي

ـو اچي سهڻي ٿو. پيارا! هميشہ ٿي نام ڪمايو، ڳو ڪريا
والي ٻاجھہ ٻيڙيءَ ۾ چڙهو ۽ سنسار ساگر پار ڪريو.

٢ آگسٽ پوجيہ دادا جشن جو جنمدن هو. ان سڀني ۾
ـوران ٻوميءَ ۾ ڪيترائي ڪاريہ ڪرم رکيل هئا، پر پيارو دادا
جشن صبوح جو سويل چئني لڪي ڪنهن ٻوميءَ سان ڪار ۾
ـڙهي هليو ويو. جنمدن سڀني ۾ سڻيد ٻوشن جي شيوا ڪئي
ـامي. شام جي ستسنگ ۾ اٿاهہ ٻوميءَ پياري دادا جشن جي
آسيس وٺڻ لاءِ آيل هئا، پر محبوب جو مکڙو نہ ڏسي مايوس
ـٿي ٿيا. اُن وقت دادا گنگارام ساجنداس ستسنگ ۾ ٻوميءَ کي
دادا جشن جو لکيل هيٺيون پتر پڙهي ٻڌايو:

مهنجا پيارا!

مونکي معاف ڪجو. پياس اٿم تہ اڄوڪو ڏينهن
ـسانت ۾ گذاريان. پوتم جي ڪمل قدمن ۾ ويهي سندس پاڪ
ـروشن مکڙي ڏي نهاريان. روح کي نام جو امرت جل پياريان،
آسيس پايان. مون بابت جيڪي اوهين سمجهو پيا، اهو ڪين
آهيان، پر دل اندر پياس اٿم تہ شال گرديو جي ڪمل چرنن ۾
ـبول ٿيان. اهڙي آسيس اوهان پيارن کان پڇان ٿو. نوري
ـونت جو اکنڊ پاٺ آرنڀ ٿيو، اُن وقت کهڙو نہ مٺو وچن
ـسانکي مليو. ان وچن ۾ آهي هن پگل دل جي پڪار:

نيارايان پيو نهاريان تنهنجي نيڻ نيڻ ۾ آهہ جادو نرالو!
رهي نہ منهنجو نيڻ نيڻ ور ور تہ آلو آلو!
تنهنجي نرمل نهار، تنهنجو پاڪ پيار پيو دل کي ٺٺاري!
تنهنجي ديد درواشي ڪيئن پيئي ٿي روح کي روناري!
مرنا آئي، اي پريتم! ڪج پوري شال دل نوريءَ جي پياس!
جنم جنم ۾ ٿي رهان، تنهنجي رحم ۾ پاڪ قدمن جو داس.

مانک جنم مليو آهي، شال سڦلو ڪريان. سڦلو تڏهن

ڪيس چوائي موڪلي ٿي ته تون اچي مون سان مل ته ٻاهه جون ڳالهيون ڪريون. هُو قبول ڪري ٿو. هيڏانهن راڻي هار سينگار ڪري پاڻ کي اهڙو سهڻو ٿي بڻائي جو جهڙي اپسرا! ٻيڙيءَ ۾ وڃي آهه، اندٽاني اچي ٿو، ڪيس چوي ٿي "پيارا! تون ڪٿي آهين؟ مون ته تو لاءِ ور ور پٺي نهاريو، نيڻ ڪٽي ٻٺي پڪاريو!" بس هن جي انهن ليائيندڙ لفظن تي اندٽاني موهجي پيو. وساري ڇڏيائين ته ڪو سندس لشڪر بيٺو آهه. ڪليٺو پٺترا جي ڄار ۾ ڦاسي هو ساڻس گڏ رهي ٿو. ڏينهن گذري وڃن ٿا. نيٺ سندس ماڻهو کيس ڪوٺڻ اچڻ ٿا ۽ چون ٿا "سپه سالار! توکي تنهنجي ملڪ جي ٿائيو ندي وڃي سڏي." هي عورت جي اند ۾ چوي ٿو ته ٿائيو نديءَ کي باهه ڏيو. منهنجو ڪهڙو ڪم! ڏسو ڪيئن نه ڪامڻي ڪيرائي ٿي. پياري دادا هڪ موقعي تي سيکاريو ته رستي تي پيڊ ڪرڻ ته اکيون هيٺ ڪري هل، جيئن ڪنهن روپ تي اکيون نه پون. پر اِستريءَ ڏي نه نهار! رستي تي به نام اُچاريندو هلج.

ٽيون روپ مايا جو آهه عهدو، اختياري، مان شان. لوڪن جي ساک، ڪيڏا نه انڪري خون ٿين ٿا. عهدو اختياري اِنسان کي ڪيرائي ٿي. ان ڪري پرميو! پياس ۾ پڪاريو ته پريو پنهنجي ٻيڙيءَ چاڙهه! گر پڪتي آهه ٻاجهه جي ٻيڙي. وقت نه وڃايو، ڪنهن وقت به ڪال جا قاصد اچن. انڪري جلد ٻيڙيءَ ۾ چڙهو، اوت تياري ڪريو، ڪي نشي شراب پي ٻيڙيءَ ۾ وڃنا. ڪيئن پيءَ پر ويٺو هو. نشي ۾ غلطان ونجهه ٻٺي هلايائون. سمجهيائون ته پيءَ پر پهتا هونداسين. رات پوري ٿي. پرڀات جو ڏسن ته ٻيڙي ته اُتي ئي بيٺي آهه. ٻيڙيءَ جي نوڙي وڻ سان ٻڌل هئي، اُها ڇوڙي ڪين هئائون. اسين به انهن مايا جي نوڙن سان ٻڌا پيا آهيون ۽ نيف انف ڪال جو

واسواڻيءَ سوامي ڀوڏراج جي پستڪ ”سچو ساٿي“ جو مهورت ڪندي چيو ته سوامي ڀوڏراج جو ڀورڙون نالو شري ٻوڄراج هو. هي پيارو هڪ آدرشي اڌياپڪ هو. ڪئين شاگردن کي ڪسوٽ ڪرائيندو هو. سندن جيون ۾ سٺي چرتر جا ٻج ڇٽيندو هو. ڪين آدرشي انسان بڻائڻ جو يتن ڪندو هو. ٻوءِ ڪيس سوامي ٻرمانند جو سنگ مليو ٿو، جنهن کي پنهنجو گرو ڪري ٿو. گروءَ جي سنگ ۾ ڪيس روحاني رنگ لڳي ٿو.

هن ٻي ٻئا جي باغ ۾، دوست دلبر مون مليو،
جنهن جا پورهيا ٿاب ٿيا، بخت منهنجو آ کليو!

جڏهن بخت کلي ٿو، تڏهن سنتن جو سنگ ملي ٿو. گروءَ وٽان ڪيس اهائي سکيا ملي ٿي ته ”ڇڏي هستي ٻاءِ مستي، اڪ نُوَرَ ۾ ٿي تون فنا.“ مٿس گروءَ جي سکيا جو اثر ٿئي ٿو ۽ ٻوءِ ٻوڄراج مان ڦري ڀوڏراج ٿئي ٿو. سنڌ جو مهاڪوي سامي صاحب چوي ٿو:

اهڙي ڪير ڪري سامي ءَ ٻيا ستگرو،
پڪمت جوڳ وڀواڳ جا، ڏئي پيدار پوي،
انهيءَ جوت اندر ۾، سنتهه سڌ پوي،
پلڪ نه ٿئي پوي، رمتا رام اکين کون.

هي پيارو هستي ڇڏي گيان ۽ شيوا جي مارڳ تي هلي ٿو ۽ اڪ پوم شڪتيءَ جو اوزار بڻجي ڪم ڪري ٿو. پوم شڪتي آهه، جا سرشٽي ٺاهي، داهي ۽ چوگرد هلائي ٿي. اسين به ان پوم شڪتيءَ جا اوزار بڻجي سگهون ٿا. انسان ۾ اُهو جزو پيو آهي، پر اسين پنهنجي هستي نٿا ڇڏيون. هستي ڇڏي مستي ناهيون. سنڌي ساهتيه ۾ ڪيڏا نه املهڪ خزانا سمايل آهن. سنڌي ساهتيه ٺاهيندڙ الو آتش جا انسان، عشق جا انسان، درشن جا انسان. انهن ٿي ڏاڍي نول لڌو آهه. انهن انسان

ٿئي جڏهن سر ڏيان. سر ڏيئي سرهو ٿيان. سر ڏيڻ ڇا آهه؟
سر ۾ آهن ٻه نيڻ، ٻه ڪن ۽ هڪ زبان. شل ڪنن سان سَت
شاستُرن جي ڳاٺي ٻڌان. سَتن سَتپُرشن جا امرت وچن سُڻان!
زبان سان نام اُچاريان. نام جي مهما ڪريان! نيڻن سان اِڪ
ستگرو جي صورت ڏسان! نيڻن ۾ منهنجي محبوب کي وهاريان.
ڇپر بند ڪري دم دم ديدار ڪريان ۽ ستگرو سان رهاڻ ڪريان!
ڇپر کوليان ته هيت هيت، هوهيت، هڪ هڪ ۾ سَتن ۽ گُنهگارن
۾، ٻنهي پسن ۾ هڪسان اِڪ صورت سبحاني هوبهو! سڀ ۾ اِڪ
سڄڻ جي صورت ڏسي، شل فدا ٿيان، گم ٿي وڃان اِڪ گوبند ۾!
اهڙي آسيس هن داس تي ڪجو. اهڙي آسيس شل
اوهان ٿي ٻه ٿئي!

انين ٻڄي جيئن اچا سماڌيءَ تي ستسنگ شروع ٿيو ته
ٻري ٻري ڪان آواز آيا "اچي ويو پيارو اچي ويو. نيڻن ۾
نيارو، اکين جو تارو اچي ويو، دادا جشن سَت سونهارو!"
ساري سنگت دادا جشن کي جنمڏن جون مبارڪون ڏنيون. اُن
وقت پياري دادا جشن جي نرڙ تي ڪارو نشان نظر ٿي آيو.
جاچ مان معلوم ٿيو ته موٽر حادثي سبب پياري کي ڌڪ جو
نشان ٿي پيو هو، ٻر ٻڙيءَ کين ٻاجهه ٻانهن ۾ جهلي بچايو. رات
جو پياري دادا جشن دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ روح رهاڻ ڪئي.

٣ آگسٽ رکشا ٻنڌڻ ڏينهن ڪيترن ئي ڀيڻين دادا
جشن کي رکڙيون ٻڌيون ۽ موٽ ۾ دادا هڪ کي ٻيهڄو
نرمل پيار ڏنو.

١ آڪٽوبر شري ڪمليشور دادا جشن کان ٿي. وٽءِ تي
ملاقات ورتي.

١٣ آڪٽوبر پونا جي ميران ستسنگ هال ۾ سوامي نوڙراج
تي سيمينار ڪيو ويو. ان موقعي تي ٻوڄيه. دادا جشن

شيڪسپيئر پنهنجي ناٽڪ ۾ ذڪر ڪري ٿو هڪ ماڻهوءَ جو، جنهن جي اکين ۾ جادوءَ جا ڦڙا وجهڻ تي، انهن ڦڙن جو اثر اهڙو آهي، جو اهو ماڻهو جنهن وقت اکيون کوليندو ۽ جنهن تي پهرين پهرين سندس نظر پوندي، ان تي موهت ٿي پوندو. هي ماڻهو جنهن وقت اکيون کولي ٿو ته سندس نظر هڪ گڏهه تي پوي ٿي ۽ هو گڏهه کي تمام خوبصورت سمجهي مٿس موهت ٿي پوي ٿو. اسانجي به اهڙي حالت آهه. اَوديا اسانجي اکڙين ۾ ڦڙا وڌا آهن. ماتا جي گرڀ ۾ هئاسين ته اوندهه ۾ هئاسين. ماتا جي گرڀ مان آزاد ٿي وري مايا جي گرڀ ۾ پيا آهيون. اَٿهور اوندهه ۾ آهيون. سنت اسانکي چون ٿا، اکيان کول! اکيان کول!"

هڪ ستپرڪ هڪ ماڻهوءَ کان پڇي ٿو "پنهنجو پاڻ سڃاتو اٿيئي؟" اهو ماڻهو چوي ٿو: "نه." ستپرڪ پڇي ٿو، "پرڀوءَ کي سڃاتو اٿيئي؟" اهو شخص چوي ٿو، "نه." ستپرڪ پڇي ٿو، "هن سنسار کي سڃاتو اٿيئي؟" اهو ماڻهو چوي ٿو، "نه." تڏهن ستپرڪ چوي ٿو: "هڪ انڌو اٺ ڪٺي هليو بزار گهمڻ. بزار ڦري آيو پر ڏٺائين ڪجهه ڪين." اسين به ان انڌي وانگر آهيون. هن جڳت جي بزار ۾ آيا آهيون. ڪجهه ڪين پڇاڻيو اٿئون. ان ڪري پرڀوءَ جا پيارا پڪارين ٿا، "اکيون کول."

هڪ ٻرط جو گهوٽ گذاري ويو. مونکي اُٿ ولي هليا. ٻرط ٻئي راتو ۽ ڏهوٽ کي اُلڙي پاڻي ٻيٺي چوي ته مون سان ڳالهاءِ. ٻبو گهوٽ هجي ته ڳالهائي! اسين سرير کان اڳي هئاسين ۽ سرير کانپوءِ به هونداسين. هي سرير آهه نو دوار نگر، جنهن ۾ ٻه اکيون، ٻه ڪن، ٻه ناسون، هڪ زبان، ٻه لڪل اندريون. هن نو دواري نگر ۾ آهه نواس آتم جو، جو ٿي اسين آهيون. هي اکيون مليون آهن ته اَلک جو ديدار ڪريون. ٻو

جي ساهتيہ سڄي دنيا ۾ اهم جڳهہ والاري آهي. پيارو دادا واسواڻي جنهن جي ٻاڻي "نُوري گرنٿ" ۾ ڪٺي ٿيل آهي، اهڙو پستڪ ٻيو ڪونہ سڀاڳان، جنهن ۾ اِڪ ڪوي، سنت جي اهڙي ٻاڻي سمايل آهي، جنهن ۾ املهہ هيرا لعل سمايل آهن.

اڄ سوامي ٻودراج جو "سچو ساٿي" پستڪ انگريزيءَ ۾ پرڪاشت ٿي رهيو آهي. مونکي خوشي ٿئي ٿي، جيڪڏهن اهو پستڪ بهتر نموني شايع ٿئي ٿو ڇاڪاڻ تہ هن ۾ ڇپائيءَ جون ڪافي چوڪون رهجي ويون آهن. پياري نٿرلعل رامچنداڻيءَ کي ڌنيواد ڏيان ٿو، جنهن جي رڳ رڳ ۾ پنهنجي گروءَ لاءِ پيار سمايل آهي. سندس پرشارٿ سان ئي هي پستڪ پرڪاشت ٿيو آهي. شل هن پڳتي پورل پستڪ جو گهڻين دلين تي اثر ٿئي!

هن موقعي تي پوجيہ دادا جشن پروفيسر رام پنجواڻيءَ کي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ سنڌيءَ جو ريڊر ٿيڻ سبب، پياري ديال آشا کي هندي ساهتيہ ۾ پي. ايڇ. ڊي. ڊگري عطا ٿيڻ سبب آشيرواد روپ ۾ دشالا پائيندي چيو تہ شل هي پيارا سنڌي ساهتيہ کي مالامال ڪندا رهن.

پوجيہ دادا جشن سان گڏ سوامي ٻودراج جي پتني ستي ديوي، شري موتيلعل ٻناڻي ۽ آيل اديب دادل شاهہ جي سماڌيءَ تي هليا ۽ پشپ ڀيٽ ڪيائون.

١٣ آڪٽوبر آر. ڪي. اڪيڊمي بمبئيءَ ۾ پوجيہ دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ ڪهڙو نہ مٺو ڪيرتن ٿيو جڻ تہ گنگا نديءَ جي نرمل جل ۾ اشنان ڪري ڪيم. اڄ مايا ديويءَ ڪهڙو نہ مٺو ڀڄن ڳايو. اُن گيت جي پهرين ٻن اکرن ۾ آهي پياري دادا ۽ سڀني سنتن درويشن جو آواز "اکيان کول! اکيان کول!" اسين اوندهہ ۾ پيا ٿاڦوڙا هڻون. اسانجون اکيون بند آهن. هي اکڙيون کليل هونديون تہ سچ ڪوڙ جي پروڙ ٿا پائون.

ڏنا. دادا جشن ونڪيان ڪندي چيو تہ دادا ساڌو واسواڻي نمبر ڪان ئي عجيب شاگرد هو. سندس جيون ۾ ديا جو ديپڪ نئي چمڪيو ۽ اُن ديا جي ديپڪ جي روشني ٻين ڪيترن ۾ چمڪي. توهان ۾ ديا جا ديپڪ ٻرجو. روز ڪو نہ ڪو نيڪ سيوا جو ڪم ڪريو. صبوح جو اٺين سان پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو. ٢٢ نومبر صبوح جو ميران ڪاليج ۾ دادل شاھہ جو جنمڏينهن ملهايو ويو. ان موقعي تي دادا جشن واسواڻيءَ چيو تہ اڄ اسين پياري دادا جو جنمڏينهن ملهائي رهيا آهيون. دادا انساني چولي ۾ ايندڙ ۽ پوءِ ديس پرديس وڃي پريتم جو پيغام پهچايائين. پياري دادا جي اکين ۾ عجيب جادو هو. سندس مٺو مڌر مرليءَ جهڙو آواز دلين کي ڏوڏي ڇڏيندو هو. پياري دادا خاص ڇوڪرين جو ڪاليج ان لاءِ کوليو تہ بالڪين جي دلين ۾ نام جو ٻج ڇٽجي، جيئن اُنهن جي جيون پوترتا، پريم، پرارٿنا ۾ چمڪي. پارس کي اهي ديوون ماتائون ٻڻجي نئون ٻڻائين ۽ دکين دردمندن جي سيوا ۾ پنهنجي جيون خرچ ڪن. ٢٢ نومبر شام جو انڊسٽريل يونٽ جي پيدن کي پياري آتم رلواڻيءَ دادا جشن ڪان ڪمبل ۽ ٻالڪن کي کوٽ ۽ ٽول ڏياريا. ان موقعي تي دادا جشن انڊسٽريل يونٽ ۽ ٻال ڪئمپ جي ڪاريہ-ڪرتائن کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ پياري دادا جي آسيس اوهان تي آهي. شل ان آسيس ۾ وڌيڪ ڪم ڪندا رهو ۽ سمورن ۽ سيوا جو ٻج ڇٽيندا رهو. اڪ ڏينهن اهي ٻوٽا سمورن ۾ سيوا جي روشني پرڪاش ڪري دکي دنيا جو ڪچهہ دک دور ڪندا.

٢٣ نومبر ميران سنڌي اسڪول ۾ دادا واسواڻيءَ جو جنمڏينهن اُنسو ملهايو ويو. دادا جشن ٻالڪن کي دادل شاھہ جي جيون جون پريرڻادائڪ ڳالهيون ٻڌايون ۽ چيو تہ روز

هي اکيون ڪيئن نہ وري وري اسانکي پاپ ڏي گهلي هلن ٿيون. ڪن مليا آهن هري نام ۽ ڪيرتن سڻڻ واسطي، ڀڳوان جي مهما ٻڌڻ لاءِ، پر افسوس! انهن ڪنن سان پر نندا سڻون ٿا. اجائي بڪواد ٻڌون ٿا. مک مليو آهہ نام اُچارڻ لاءِ پر اُن مک سان اسين ڪيئن نہ ڪوڙ ڳالهايون ٿا ۽ ڪيترن کي رنج رسايون ٿا. زبان جي چسڪي ڪري ڪيئن نہ هنسا جو کاڌو کائون ٿا! هي اِندريون جي اسانکي مليون آهن پرڀو پراپتيءَ لاءِ، اُنهن ذريعي پاپ ڪريون ٿا. هن نوَ دناري نگر ۾ ڏهون دنار آهہ 'دسمہ دنار'. اُهو دنار جڏهن کلي تڏهن اسين پرڀوءَ کي پراپت ڪريون، سچو سک حاصل ڪريون.

پياري دادا کان پڇيوسين تہ دسمہ دنار ڪيئن کلي؟

پياري دادا چيو "پيارا بالڪ! دسمہ دنار کولڻ واسطي سنتن جو سنگ ۽ شڀ ڪرم ڪرڻ ضروري آهن. پنهنجو فرض سمجهي ڪرم ڪرڻ، سچائيءَ سان ڪرم ڪرڻ. ڪرم ڪرڻو آهي نرموهي ٿي نہ تہ اهنڪار پيدا ٿيندو. نرانڀ ڪرم ڪرڻو آهي. ڪرم جي اُجوري جو خيال ٻنهہ ڪرڻ کين ڄڳائي. ڪرم ۽ اُن جو ڦل ٻئي پرڀوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪرڻ. جڏهن منش ائين ڪري ٿو تڏهن دل اندر پرڀوءَ لاءِ پياس پيدا ٿئي ٿي. پياس واري اِنسان کي ڪو نہ ڪو ستپرک ستگرو روپ ملي ٿو جو کيس پرڀوءَ جو درشن ڪرائي ٿو.

دادا ساڌو واسوانيءَ جي جنمدن سنبنڌ ۾ ٢٠ نومبر شام جو ڀيڻ مني ٻگومل ٿڏاڻيءَ جي گهر ڪنات هائوس ۾ ستسنگ ٿيو. دادا جشن دل پڄائيندڙ اُپديش ڏنو. ٢٦ نومبر ميران ٻوميءَ ۾ شندال ۾ ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان دادل شاهہ جو جنمدن ملهايو ويو. اسڪول جي وديارٿين دادا واسوانيءَ جي جيون ڪارڻ تي وياکيان ڏنا. پوءِ دادا جشن کين انعام

هڪ دفعي پياري دادا کان سوال پڇيائون ته: "پيارا دادا! اوهان سوين پستڪ لکيا آهن. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته ٿورن اکرن ۾ اوهانجو پيغام ڪهڙو؟" پيارو دادا پنهنجو ڪمل مکڙو کولي ٿو ۽ مٺي مرليءَ جي آواز ۾ چوي ٿو: "پيارا! مونکي جيڪي چوڻو آهي، تنهن جو تت سار آهي ٻن اکرن ۾. پهريون اکر سمرڻ ٻيو شيوا. سمرڻ ۽ شيوا نه وساريو! انهي ٻن ڳالهين اپنائي مانش جنم سڦل ڪريو!"

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀيڻيون! توهان به جيون ۾ سمرڻ ۽ شيوا جي ساکي ڏيو. چت جي ورتي پريم سان جوڙيو ۽ ڏکين ٿڪين ٽٽن جي شيوا ڪريو!

٢٩ نومبر شري گرو نانڪ ديو جي جنمدن سنبنڌ ۾ سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي ۽ نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن شري گرو نانڪ جي سکيائن تي روشني وڌي.

٣٠ نومبر شام جو نوجيون سوسائٽي لئمنگٽن روڊ بمبئيءَ ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. ان موقعي تي دادا جشن واسوانيءَ شريمد ڀاڳوت پراڻ جو مهورت ڪندي ڀاءُ جيئانند لعلواڻي ۽ سندس ڌرمپتنيءَ سشيلا لعلواڻيءَ کي ڌنيواد ڏني، جن جي پرشارت سان اهو گرنٿ شايع ٿيو. دادا جن وياکيان ڪندي چيو ته هي پراچين گرنٿ ڀارت جو امولڪ خزانو آهي. اڳي ماڻهون شريمد ڀاڳوت، راماين، مهاڀارت ۽ ٻيا ڌارمڪ شاستر پاڻ به پڙهندا هئون ۽ وري ٻارن کي به پڙهي ٻڌائيندا هئون. انهن جي ڪچڙن دلين تي انهن سکيادائڪ شاسترن جو ڪافي اثر پوندو هو. شريمد ڀاڳوت ڀڳوان ڀڳتيءَ جو گرنٿ آهي، ان جو اڀياس ڪريو. اڀياس ڪندي ڀڳوت ڀڳتيءَ ۾ لين ٿي وڃو. انهن مانش جنم سڦل ڪريو.

١ ڊسمبر ١٩٧٤ صبوح جو ١١ بجي سوامي ٽيئونرام آشرم

ستسنگ ۾ اچو ۽ وڏڙن جي شيوا ڪريو. ٢۴ نومبر دادا جشن سنگت سان گڏجي ڪيڏي نه اُمنگ اُتساهه سان دادل شاهه جو رت ٿي ڪاهيو، نظارو ڏسڻ وٽان هو.

٢۵ نومبر صبوح جو هوُن ٿيو، نوري گرنٿ جي پاٺ جي پوڄا صاحب بعد سفيد پوشن جي شيوا ڪئي ويئي. مڌڄهند جو دادا لنگر آرتي ٿيو. دادا جشن پاران سنگت جي شيوا ٿي ڪئي. نما شام جي ستسنگ ۾ ڪن پيارن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ڪاريه بابت پنهنجا ويچار ظاهر ڪيا. ان بعد دادل شاهه جو منتر اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. پياري دادا جشن پشپانجلي ڏيندي چيو ته مان اوهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. اوهان ڪيڏي نه قرب ۽ پيار مان پياري دادا جي چرنن ۾ ڳوڙهي ڀيٽ رکي. ڪلهه رت ياترا ۾ اوهان ڪيڏو نه اُتساهه ۽ اُمنگ ڏيکاريو. پيارو دادا زنده آهي. اڄ ڏينهن تائين هت ميران ڀوميءَ ۾ ٻيو ميلا لڳائي، جت ٻئي اچن سون هزارن جي تعداد ۾. اچي نام ڳائين، ”هري ڪرشن! هري رام، دادا شيام، دادا شيام!“ ۽ پياري دادا جي ڪمل چرنن ۾ سر جهڪائين.

پياري دادا ڪيڏا نه دورا لڳايا! ڀارت ۾ ۽ ڀارت کان باهر ويو. شهرن ۾، ڳوٺن ۾ ۽ ڳوٺن ۾ ويو. شاهوڪارن کي مليو ۽ غريبن کي گڏيو. راجائون وٽس ايندا هئا ۽ سندس چرنن ۾ سر جهڪائيندا هئا. راجائن جي محلاتن ۾ به رهيو ۽ غريبن جي جهوپڙن ۾ به وڃي رهيو. هڪ ڏينهن مونکي چيو آهي ته ڪيئن هي اسانجي روح جو راڳ، سڌ سڌ نماڻو ٻڪرين جي جهوپڙن ۾ وڃي پنهنجي پاڪ هٿن سان ٻهاري پائي ٿو. مان به اڪ ٻڪري. شل مهنجي دل جي ٻڪل جهوپڙيءَ ۾ اچي ٻهاري پائي، مونکي صاف ڪري.

ڪاسائن جي ڪپن ڪاٺين کان بچايائين. ڳائين جي آرتي ڪيائين. ڪتن کي مانيون کارايائين، ٻڪرين ۽ ڪڪڙين کي سڀني گهر ۾ اچڻ ڏنائين. پکين پتن، بوٽن وڻن کي به پيار ڏنائين. سندس جيون هئي پيار. سندس زندگي هئي سيوا ۽ ٻندگي.

دادا ڪري ڪيس ڪوٺيون ٿا. دادا اهو جو ڏئي، ڏئي، ٻيو ڏئي. ٿڪجي ڪين. پياري دادا ڏنو، ڏنو. جيڪو به وٽس آيو، ان کي پياري دادا ڏنو، ٿڪو ڪين. پڇاڙيءَ جي ڏينهن وٽس اچن ٿا ڪيترا دکي. هڪ هڪ کي ڪجهه نه ڪجهه ڏئي ٿو. هڪ ڪوڙهيو وٽس اچي ٿو ۽ چوي ٿو "منهنجي سرير ۾ طاقت نڪري وئي آهي. ڪجهه مدد ڪريو." پيارو دادا هن کان پڇي ٿو "پيارا! توکي ڇا کپي؟" هي ڪوڙهه وارو فقير چوي ٿو "١٥ روپيا کپن." پيارو دادا کيس پنجويهه روپيا ڏئي ٿو، تنهن سان گڏ نيڪين ڀري نهار پڻ.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! اڄ جيڪر پياري دادا جو اهو پيغام ياد سان ڪٺي وڃو "ڏيو! ڏيو! ڏيندا رهو. پيار ڏيو، همدردي ڏيو. ڪنهن بکايل کي روٽي ڏيو، ڪنهن بي اجهي کي اجهو ڏيو!

١ ڊسمبر شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ ۾ پياري دادا جشن منو اپديش ڏيندي دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون جون ڪي پرٽاداڪ گهٽنائون ٻڌايون.

٣١ ڊسمبر نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ ۾ پياري دادا جشن واسوانيءَ پروچن ڪندي چيو ته اڄ سال جي پڇاڙيءَ جو ڏينهن آهي. هرڪو اڄ پنهنجي حساب ڪتاب جو پوتاميل ڪندو آهي ته ڇا کٽيم ۽ ڇا ڪمايم. اسان پنهنجي جيون جو پوتاميل تيار ڪيو آهي يا نه؟ ٣٦٥ ڏينهن

اُلهاسنگر ۾ پياري دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي پرڌانپڻي هيٺ ملهايو ويو. هن موقعي تي پوڄيه دادا جشن واسواڻي مکيه مهمان جي روپ ۾ پڌاريو. اُتسو جي شروعات ۾ شري گوبند ايل. ڀاٽيا ۽ ديال آشا پياري دادا جشن جي آجيان ڪندي ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وڌي. پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پشپانجلي ڏيندي چيو ته اڄ سنڌ جي مهان وڀوتي ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن ملهائي رهيا آهيون. داس ننڍي هوندي حيدرآباد سنڌ ۾ رشي ديارام گدومل سنسڪرت پاٺشالا ۾ ٻين هندو سندن وياکيان ٻڌا. سندن پروچن ۾ ڪيڏو نه تاثير هوندو هو. هو گيانوان ۽ ودوان هئا. خوشي اٿم جو سندن روحاني وارث پيارو جشن لعل آشرم ۾ پڌاريو آهي. يوگيه گروءَ جو يوگيه شش آهي.

پوڄيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ منهنجو سؤڀاڳيه آهي جو پوڄ سواميجن جي آسيس ملي آهي. سواميجن آهن شانتيءَ جو پرڪاش ڪندڙ. سوامي جن هزارن پريمين کي پڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيو آهي. خوشي اٿم جو هت اڄ جنتا جناردن پرشد جي سهاري پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو توهين جنمدن ملهائي رهيا آهيو. جوت منبل جي جوت کڻي پيارو دادا پرٿويءَ تي آيو. ست لوڪ جي اسراري روشني کڻي پيارو پڌاريو. پياري دادا پاڻ نام جپيو ۽ هزارن لوڪن کان نام جپايو. پيارو دادا مسڪينن جو متر هو، دکين جو دوست هو. پڇاڙيءَ جي ڏينهن تائين دکين دردمندن جي پياري سيوا ڪئي ۽ ڪرائي. سندس دل ڊوڙي وڃي انائن بيواهن ڏي. غريبن کي پياري پنهنجي ڇاتيءَ سان ڇنايو. ودوائن جا ڳوڙها سڪايائين. پاپين گنهگارن کي پنهنجو پيار پيارايائين. پس پکين کي

پيا وڃاڻون. اِن ڪري سڄاڻ ٿيو! نانءُ ڳايو! نانءُ ڌيايو!

١٦-١٧ جنوري ١٩٧٥ به ڏينهن دادا ساڌو واسواڻيءَ جو مهاپرکيه اُتسو ميران پوميءَ ۾ ملهايو ويو. ١٦ جنوري صبوح جو هون پڄڻ بعد سفيد پوشن جي سيوا ڪئي ويئي. ٽما شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا کي نمرتا کان ٿي لعلڻ جي لدو لڳل هئي. هوشيار شاگرد هو، ته به گهڻو وقت ڌيان ۾ گذاريندو هو. ٻارن کي سمجهائيندو هو ته پيارا! ڏس پرڀوءَ توکي ٻه ٻانهون، ٻه هٿ، ٻه ڪن، ٻه اکيون، ٻه ناسون، ٻه پير ڏنا آهن ۽ دل هڪ ڏني آهي. اِها دل تون داتار کي ڏي. پياري دادا کي اِڪ مائٽ چيو ته اچي مون سان وڪالت جو ڪم ڪر، ڏاڍو ڌنوان ٿي پوندين. پياري دادا ڌن جي پرواهه ڪين ڪئي. لڇي امير ٻاتائين فقيري. ڪيترن ئي وڏن ۽ شاهوڪار گهرن جي نياڻين جي پياري دادا کي آڇ آئي، پر پياري پرڀوءَ سان ناتو جوڙڻ جي اِڇا ڏيکاري. جوانيءَ ۾ ئي سڀ جي پروڙ پائي. وڏن ڪاليجن جو پرنسپال ٿي رهيو، پر لڏهن به عهدي ۾ اٽڪيو ڪين. پروفيسري ڪندي پياري دادا سو وديارٿين جي جيون کي ٺٺون بڻايو. فقيري اختيار ڪرڻ کان پوءِ ديس پرديس وڃي سنتن کي سڄاڻ ڪري سمرڻ ۽ سيوا جو سنديش ڏنائين. اسين به سمرڻ ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪريون.

پيارو ڀڳوانداس ننڊوسنگهه. ٣١ جنوري ١٩٧٥ پرلوڪ پڌاريو. ١ فيبروري شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو:

اڄ منهنجي دل پيئي ور ور پڪاري،
هينئڙو تو ساري منهنجو ساهه سڄڻ کي سنڀاري.

گذري ويا. پاڻ کان پڇون ته ڇا ڪمايوسين ڇا وڃايوسين! هڪ هڪ سال ڪري گذرندو پيو وڃي. خبر ڪين آهه ته ڪڏهن وقت ٿو سڏ ٿئي. روز روز ٻڌون پيا ته هي ويو، هو ويو. هڪ ڏينهن مهنجو به وارو ايندو. لک ڪروڙ ڪمائي ڇڏي ٿا وڃون. گرو جن چون ٿا، "پيارا! ڇا لئه پيا پنهنجي شڪتي گنوايو؟ سونا سواس پيا وڃايو! سڪندر بادشاهه عالمگير، ڪيڏا نه ملڪ فتح ڪري ٿو. يونان واپس ورندي ڪيس ڪافي ساريرڪ پيڙا ٿئي ٿي. لشڪر کي چوي ٿو ته مونکي جلدي يونان وٺي هلو ته مان پنهنجي پياري امڙ جو منهن ڏسان. ساڻس حاذق حڪيم ساڻ آهن، سي سندس نبض ڏسي چون ٿا ته سائين توهان ٿوري وقت جا مهمان آهيو. يونان پهچڻ ۾ اڃا ڪافي وقت کپي. سڪندر وري ڪين چوي ٿو اهڙي ڪا دوا ڏيو جو مان ڪجهه عرصو نيڪ ٿي امڙ وٽ پهچان. حڪيم چون ٿا، "قبلا! اهڙي ڪا دوا اسان وٽ ڪين آهي جا توهان کي موت کان بچائي." سڪندر حڪيمن جا اِهي لفظ ٻڌي ٿو ته سندس اکين ۾ آنسون اچي وڃن ٿا. چوي ٿو، مان جيڪڏهن اڌ دنيا فتح ڪئي ته ڇا ٿيو! ڪيڏيون جنگيون ڪري پنهنجي اموليه جيون ته برباد ڪيم ۽ هزارن جون حياتيون به وڃايم! هيءَ دنيا پوءِ ڪهڙي ڪم جي! سڪندر سڀ سالارن کي چوي ٿو ته جڏهن مان مري وڃان ته مهنجا ٻئي هٿ ڪفن کان ٻاهر ڪڍجو، جيئن لوڪن کي لک پوي ته عالمگير سڪندر هٿين خالي دنيا مان هليو ويو.

ٻئي هٿ ڪفن مان سڪندر سليو،
هٿان ڪين ڪوڏي کڻي ڪو هليو!

مهنجا پيارا ٻانڌو پياريون ڀيڻون! اسان مان هڪ هڪ جي اها حالت ٿيڻي آهه، پوءِ پنهنجا اموليه سواس اجايو ڇو

تان رام ڀڳتن جي ٽولي اچي ٿي لنگهي. ٻولي ۾ ”رگهوپتي راگهو راجا رام، پتت پاون سيتا رام“ جو ڪيرتن ڪندا پيا هلن. رگهناٿ جي ٻولي ڏارا چڙهي ٿي وڃي. بندوق اُتي ئي ڦٽي ڪري، سپاهيءَ جا ڪپڙا بدلائي، ڪيرتن - ٽوليءَ ۾ شامل ٿئي ٿو. ڪيرتن ٽوليءَ سان مندر ۾ پهچي ساري رات رام ڌنيءَ ۾ مگهن رهي ٿو. صبوح جو پاڻ کي ڏوهي ٿو سمجهي. چوي ٿو، مون پنهنجي ڊيوٽي پوريءَ طرح نه ڪئي. ٻيءَ رات به سندس ساڳي حالت ٿئي ٿي. ٽين رات به ائين ڪري ٿو. پيو پهرو ڏئي، ته ڪيرتن ٽولي ڏسي سڀ وسري وڃيس ۽ وڃي ٿو ڪيرتن ٽوليءَ ۾ شامل ٿئي. ماڻهو ڏسن ٿا ته هي پنهنجي ڊيوٽي پوريءَ طرح نٿو ڪري. وڃي ٿا ڪرنل کي دانهن ڏين. ڪرنل هڪ ماڻهو موڪلي گهرائي ٿو ۽ ڪانئس پڇي ٿو ته ”هيءَ ڳالهه برابر آهه؟“ هي چوي ٿو: ”سائين! ڳالهه سچي آهه.“ صاحب چوي ٿو: ”توءِ توکي خبر آهي ته ان جي سزا ڪهڙي آهي؟“ رگهناٿ چوي ٿو: ”ها سائين! انکي شوٽ ڪيو ويندو آهه.“ صاحب چويس ٿو: ”رگهناٿ! چاڪاڻ ته تو سچ ڳالهايو آهي، توکي معافي ڏيان ٿو. وري ائين نه ڪج.“ رگهناٿ سر جهڪائي وڃي ٿو. وري رات اچي ٿي ۽ ساڳي ٽولي ڪيرتن ڪندي لنگهي ٿي. رگهناٿ رام ڪيرتن ٻڌندي مستيءَ ۾ چڙهي وڃي ٿو، سڀ وسري ٿو وڃيس ۽ بندوق ڦٽي ڪري رام ڪيرتن ۾ شامل ٿئي ٿو.

صبوح جو موٽي سڌو صاحب وٽ وڃي ٿو: ”سائين! مون ڊيوٽي برابر نه ڪئي ۽ هيءَ منهنجي استعيفا وٺو.“ صاحب وائڙو ٿي وڃي ٿو. چوي ٿو: ”رگهناٿ! مون پاڻ رات جو اچي ڏٺو ته ڪهڙي نه خبرداريءَ سان پهرو ويٺي ڏنو. مون توسان ڳالهايو، تو مون کي جواب ڏنو.“ بس رگهناٿ جي

پيارو ڀڳوانداس بيشڪ ڀڳوان جو داس هو. هن پنهنجي جيون ڀڳوان کي ارپڻ ڪئي. هڪ ڏينهن مون هن کان پڇيو ”شري ڀڳوان ڪٿي؟“ جواب ڏنائين ”سنتن ستپرکن ۾.“ پياري ڀڳوانداس شري ڀڳوان جو روپ ڏٺو پياري دادا ۾. پياري دادا جي چرڻن ۾ پاڻکي ارپڻ ڪيائين. بي. اي. پاس ڪيائين، خوشيءَ سان اڳزيڪيوٽو انجنيئر ٿي سگهيو ٿي، پر هن کي پياري دادا جي سنگ ۾ روحاني رنگ لڳو. هي پيارو آتش جو انسان هو. شل پڙهو ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پوٽا ۽ پياري دادا گنگارام ساجنداس جي پوشارت سان سنه ١٩٥٠ع ۾ پونا ۾ ميران هاءِ اسڪول پوپا ٿيو، انڪري ١ مارچ ميران اسڪول جو سلور جبلي اُتسو ملهايو ويو. پرنسيپال دادي وندري هيرانندائيءَ اسڪول جي ترقيءَ تي روشني وجهندي دادا جشن جو سواگت ڪيو. ان موقعي تي پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته ڪٿ اُپنشد ۾ هي اکر اچن ٿا ”اُتشٺ! جاڳرت!“ رشي وديارٿين کي چون ٿا: ”اُٿو! جاڳو!“ پياري دادا به اسان سڀني کي اچي سجاڳ ڪيو. پياري دادا چيو ته هيءَ هڪ زبان اٿم، پر جي لک زبانون هجنم ته هڪ هڪ زبان سان گهر گهر ۾ وڃي چوان جاڳو! جاڳو! ميران اسڪول جا شاگردو! توهين پنهنجي اڳيان شيوا جو آدرش رکو. ’ڪڇ نه ڪڇ ڪرجانيڪي!‘ ان لئه بهادر ٿيو، دپ نه ڪريو. سچ ۾ پنهنجي جيون پڌو. سچ جا سپاهي ٿيو. پرڀوءَ ۾ صدق رکي اڳتي اڳتي وڌو.

هڪ دفعي پياري دادا رگهناٿ سپاهيءَ جي ڳالهه ٻڌائي. رگهناٿ هڪ سچيار سپاهي هو. رام ڀڳتيءَ ۾ رتل هو. سندس صاحب هڪ انگريز ڪرنل هو. سندس بنگلي جي ٻاهران بندوق کڻي سڄو وقت پهرو ڏيندو هو. هڪ رات اُن رستي

ڀورائي. ڏيس ٻوڏيس ٿوري ٿو. هزارين لوڪن کي نانءُ جو جل پياري روحاني راهه ۾ ڇڪي ٿو. سڌس دل اندر ڏکين لاءِ درد هو. لوڪن کي چوي ٿو: نانءُ ڄپيو ۽ سڀن جو ڀلو ڪريو. هڪ ڏينهن ڏسي ٿو ته هڪ نوجوان مهاڻو وچ تلاءُ ۾ ويٺو آهه. سنت ليلاشاهه نوجوان کان پڇي ٿو ته ”هت ڇا ويٺو ڪرين؟“ نوجوان چوي ٿو: ”مڇين ڦاسائڻ جو ڪم ٿو ڪيان.“ سنت ليلاشاهه چويس ٿو، ”پيارا! مڇين ڦاسائڻ جي بدران مڇين کي ڇڏائڻ جو ڪم ڪر.“ سنت ليلاشاهه جي دل ۾ ڪيڏي ديا هئي. هن سنت جي چرنن ۾ سر جهڪائي سندس آسيس پاتان ٿو.

پيڻ پکونتي رچهسنگهاڻيءَ جو نوجوان پٽ پيچڪيءَ ۾ ٻولوڪ پڌاريو. سندس پتي ڊاڪٽر رچهسنگهاڻي ڪيس ۱۲ مارچ پياري دادا جشن وٽ وٺي آيو. دادا جشن ڪيس سانتونا ڏيندي چيو ته پياري پيڻ، ٻرپوءَ جو پاڻو ست ڪري مڃ. ”تيرا ڀاڻا ميٺا لاڳيءَ، نام پدارٿ نانڪ مانگيءَ.“ هڪ يهودي پادريءَ کي ٻه پٽ هئا، جن کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. چرچ مان موٽندو هو ته ٻنهي کي سدائي انهن سان پيار ۾ کيڏندو هو. هڪ ڏينهن اهي ٻه بالڪ جيئن رستي تان لنگهي رهيا ته هڪ گاڏيءَ هيٺان اچي ويا ۽ ٻئي ٻولوڪ پڌارجن ٿا! کين سندس گهر آڻين ٿا. سندن ماتا گيانوان آهه. چوي ٿي، انهن ٻچڙن جو حڪم هو ۽ ٻچڙن جو پاڻو چشمن تي چمي ٿي. هاڻ چوي ٿي ته منهنجو پتي موٽندو ته ٻنهي کي انهن ڏسي بيهوش ٿي ويندو. ڇا ٿي ڪري؟ ٻنهي کي سندن پاڻي ڪرائي، اُجا وستر پهرائي هڪ کٽ تي سمهاري مٿان چادر وجهي ٿي ڇڏي. پتي موٽي ٿو. ننڍي چوي ٿي: ”بالڪ سمهيا پيا آهن. پهرين ٻڌهين ماڻي ڪاڻو نوءِ بالڪن کي اٿاريو.“ مائيءَ ٿي استري چوي ٿي ته

اکين مان زار زار ڳوڙها وهڻ لڳين ٿا ۽ صاحب کي چوي ٿو: ”سائين! شري رام پاڻ سپاهيءَ جا وستر پهري اچي پهرو ڏنو آهي. اهڙي رام تان مان ٻلهار وڃان، قربان وڃان!“ يڪدم پنهنجي نوڪريءَ جو استعيفا ڏئي ٿو ۽ گنگا نديءَ جي ڪناري تي وڃي رام ڀڳتيءَ ۽ رام شيوا ۾ وقت گذاري ٿو. روز غريبن کي کارائي ٿو، پل وٽن ٿا چڙهندا. هڪ ڏينهن مودي اچيس ٿو. چويس ٿو: ”سائين! توهان سيڌو وغيره گهرايو آهي. ٽي مهنا ٿي ويا آهن، پل ڪين ڏنو اٿو.“ رگهنات چوي ٿو: ”گهڻو پل آهه؟“ مودي چوي ٿو: ”ٽي هزار روپيا.“ رگهنات چوي ٿو: ”پيارا! فڪر نه ڪر. منهنجو رام توکي پل پهچائيندو.“ ڏينهن ٻن ۾ هڪ ٻراهمڻ پورا ٽي هزار روپيا ڏئي پل ڀري ٿو. پيارا شاگردو! سائينءَ ۾ صدق رکي اڳتي قدم وڌائجو ۽ پڪو ته هن جيون ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڪرجائينگي. شل ميران اسڪول تي ٻري اِڪ چمڪندڙ تارو، ڀارت جو اِڪ روشن ستارو!

٦ مارچ آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پوڄن ڪندي چيو ته اڄ سنت ليلاشاهه جو جنمڏڻ آهه. هن پياري تي ڪامل مرشد مهر ڪئي ۽ هي وڃي لعل ٿي پيو. ننڍي هوندي کيس سائيءَ جي بيماري ٿي پيئي. ماڻهن گهڻائي علاج ڪيا، پر بيماري ڪونه لٿي. پوءِ ڪين ڏس مليو ته ننڍي محمد خان ۾ هڪ سنت ستپرک رهي ٿو، اُن وٽ اِن بيماريءَ کي ڇڏائڻ جو نسخو آهه، هنکي اُتي وٺي وڃن ٿا. سنت ڪيشوداس پنهنجي رحم نظر سان نهاري چيو ته ”واهگرو سڀ ڀلي ڪندو، پر هي ٻالڪ ته منهنجو ٿي رهندو ۽ اِڪ اعليٰ هستي بڻبو.“ ١٦ ورهين جي عمر ۾ ليلاشاهه سنتن جي چرڻن ۾ اچي رهي ٿو ۽ سنتن آسيس سان رام رنگ ۾ رچي لعل ٿئي ٿو. سائينءَ جي صورت هو. پنهنجي لاءِ ڪوبه مڪان نه

ملڻس سو وڃي ورهائيندو. هڪ ڏينهن پياري گنگارام کان مون پڇيو ته جي ٻُڌو توکي چوي ته مون کان ٽي ڳالهيون گهُر ته جيڪر ڪهڙيون ڳالهيون گهُرين؟ جواب ۾ چوي ٿو ته ٻُڌوءِ کان گهُران: تياڳ، تپسيا ۽ توڪل. پيارو ڀاءُ گنگارام تياڳ آهه. ڪجهه وقت ٿيو، ولايت جي ملڪن ۾ پياري دادا جو پيغام کڻي ويو. اُتان موٽيو، ڪجهه ڪين پنهنجي لاءِ آندائين، سڀ ٻين لاءِ. ٻي ڳالهه تپسيا. هن جي جيون سادي، ڪپڙا سادا، کاڌو سادو، رات جو فقط کچڙي ۽ کير کائي. سادي سندس رهڻي ۽ ٽين ڳالهه توڪل. چوي جيڪو ڪم ڪريان ٿو، اهو پياري دادا لاءِ ڪريان ٿو. انڪري ڪيئن نه فتحياب ٿيندس.

پياري جي دل اندر اهو وشواس آهي ته مان اڪيلو ڪين آهيان. ٻوني ۾ يا ٻوني کان ٻاهر، منهنجو مرشد مون سان آهه ۽ جي مرشد مون سان آهه ته مون کي ڪهڙو ڀؤ ڀولو؟ شل اسان سڀني تي به اهڙي آسيس ڪري ته اسان جي جيون ۾ به تياڳ، تپسيا ۽ توڪل جي روشني ڪلي، اسان جو مانک جنم سڦل ٿئي! پياري ڀاءُ گنگارام جي دل جي پياس آهه ته پياري دادا جو پيغام پکيڙيان، ان ڪري سنگت ٻاران هن پياري جي چوڻ ۾ ٽي هزار رپيا رکان ٿو، جيئن پياري دادا جو ساهتيه مفت ۾ ورهائي سگهي ۽ ڪن دلين کي ٻُڌوءِ در ڇڪي سگهي.

٣٠ مارچ ٻودر هوڊ جي جدرل باڊيءَ جي وارشڪ ميٽنگ ميران سنسنگ هال ۾ ٿي. شري ٺوڙي گرنٽ جي وچن بعد دادا گنگارام ساڄنداس سنستا جي ڪيل ڪارج جي رپورٽ پيش ڪئي. ان موقعي تي دادا جشن چيو ته مان سڀني جا شڪرانا مڃيان ٿو. سچو ڪپتان هن جهاز جو اٿو پيارو دادا. منهنجي ٻاري ۾ ڪي اکر چيا ويا، اُن جي مونکي لائق ڪونهي. مان ٻالڪ کي سياڻو سمجهان جي مونکي ان جهاز ۾ خلاصيءَ جو ڪم ڏنو وڃي.

جيڪڏهن ڪو شخص اسانکي ٻه ملهائتا جواهر رکڻ لاءِ ڏئي ۽ ڪجهه وقت کان پوءِ واپس گهري ته اُنکي موٽائجن يا نه؟" پادري چيو ته: "ضرور." وري استري پڇيو ته: "موٽائي ڏيڻ کپن يا نه؟" پادري تڪڙائيءَ سان چيو ته: "جيوماڻهءَ کين نه ضرور موٽائي ڏيڻ کپن." هيءَ پوءِ پنهنجي پتيءَ کي اندر وٺي ويئي ۽ چيو تـه: "هي ٻه لعل پڀوءَ ڏنا ۽ وري پڀوءَ موٽائي ورتا."

پياري ڀڳونتي! تنهنجو پٽ ڪيلاش پڀوءَ توکي ڏنو، وري موٽائي ورتو. اُن پڀوءَ جي امانت هئي، اُن ڪري تون ڏک نه ڪر.

اڄ پاءُ ڳنگارام جي جنم جو ڏينهن آهي. اڄ صبوح کان وٺي سين هن کي واڌايون ڏنيون آهن. ٻه مون جيئن هن جي مک ڏي نهاريو، ڏٺم هي نرموهي پئي لڳو، جڻ پئي ڪنهن جو جنم پئي ملهايائون. هن پياري پنهنجو رت سڀ سمورو ڏنو آهه سنگت جي شيوا ۾. جو ته سنگت ۾ پنهنجي مرشد پياري دادا جو روپ ڏسي ٿو. اڄ مون پاڻ کان پڇيو ته هن پياري جي جيون جي ڳجهارت ڪهڙي؟ ٻئي ٻري سنٽرلائيز ۾ هڪ سماڌي آهـ، ٻيسٽلازيءَ جي سماڌي. جت لوڪ اچي سر جهڪائين ٿا. هن پڀوءَ جـي ٻاري غريبن انائن يتيمن، جن سمجهيو ته هن سنسار ۾ اسان لاءِ ڪوئي ڪونهي، تن جي هن شيوا ڪئي، تن کي هن چاتيءَ چپايو. تن کي چيائين، توهين منهنجا آهيو، مان توهان جو آهيان. پيسٽلازيءَ جي سماڌيءَ تي لکيل آهن هي اکر:

"مون کي ڪجهه ڪيم، ٻو جيڪي آهي سو سڀ ٻين جي واسطي." انهن ٿورن اکرن ۾ آهه پياري پاءُ ڳنگارام جي جيون جي ڳجهارت. پاڻ لاءِ ڪجهه ڪين گهري، جيڪي

رام نوميءَ جي پوڻ ڏينهن صبوح جو پياري دادا جشن سنيد پوشن کي شربت جا شيشا ڏنا. ان بعد دادل شاهه جي ڪنيا ۾ نام ڪيرتن ٿيو. تماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ پوجيه پتا شري پهلاجراءِ واسواڻيءَ جي پوڻ يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. مان ننڍڙو بالڪ هوس تڏهن پوجيه پتا کان رام نام جو سبق سکيس. هڪ ڏينهن ڏسان ٿو ته پوجيه پتا ميز تي ويٺو لکي. نهاريان ٿو، ساڳي سٽ ٻيو ور ور لکي. مان وائڙو ٿي وڃان ٿو. من ۾ چوان ٿو بابا مشق ويٺو پچائي ڇا؟ ساڳي سٽ ور ور ٻيو لکي. تڏهن بابا جن کان پڇان ٿو. بابا جن چون ٿا ”پيارا بالڪ! مان اکنڊ جاپ ويٺو ڪريان. ’هري رام هري رام، رام رام هري هري‘ جو منتر ويٺو لکان. هن ڪلور ڪلجڳ ۾ هري رام جو نالو سنسار ساگر مان پار لنگهائيندو.

ٻيو سان جيڪو نام اُچاري،
جيون لنيا پار سو تاري.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀينرون! رام نام مصريءَ ماکيءَ کان به مٺو آهي. مصري ماکي پئسن سان ملندي، پر رام نام مفت ملي ٿو. رام نام جو پڌارٿ امر اچل آهي. رام نام جو نالو وٺي جيڪي به ڪاليندا آهو مٺو لڳندو. رام نام من کي پوتر ڪري ٿو. ان ڪري ور ور نام اُچاريو.

١٧ اپريل گروار ڏينهن ڀارت جو اڳيون راشٽرپتي ڊاڪٽر راڌاڪرشنن سنساري ياترا پوري ڪري پرڌام پڌاريو. تماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ڊاڪٽر راڌاڪرشنن وڏو ودوان هو. ڀارت جو راشٽرپتي ٿي رهيو، پر هئي پيارو نماڻو هو.

هن جي دل اندر هو عشق عجيب واسطي. ٻري ٻري

اڄ مان هت ويٺو هوس ته مون کي ويچار آيو ته اسين جيڪر هڪ ٽولي ناهيون، جنهن ۾ اُهي هجن جي چون ته اسين ٻار کي ارپڻ ڪنداسين پياري دادا جي چرڻن ۾. ڪو به ڪم ڏيو، اسين ڪرڻ لاءِ تيار آهيون. انهن پيارن کي سندن آجيوڪا لاءِ ڪجھ ڏجي. ان ٽوليءَ ۾ ڀيڻرون به شامل ٿي سگهن ٿيون. اهڙي ٽولي ناهي پياري ڀاءُ گنگارام جو ڪجھ بوجو هلڪو ڪجي.

توهان کي پياري دادا جي جنم شتابديءَ جي ياد ڏياريان ٿو. باقي ساڍا چار سال. اڃا اسان تياري ڪئي ڪين آهي. هڪ هڪ جيڪر ويچار ڪري ته جنم شتابدي اچي پهتي، ڪهڙي ڀيٽا اسين پياري دادا جي چرڻن ۾ رکون.

پياري دادا کي ڪيترا نه ڪم ڪرڻا آهن. ڇو ته پياري دادا کي پورڻ آهي ته هيءَ دنيا دکي آهي، ان لاءِ رحم روحانيءَ جي ضرورت آهي. عمدي ۾ عمدي سوکڙي انو جيون جي سوکڙي. ان ڪري پنهنجي جيون کي آدرش ۾ ٻڌو. پيرون آدرش پورنا. پنهنجي اندرين تي ضابطو رکو. پنهنجي نظر صاف رکو. پنهنجي من کي ايڪاگر ڪريو. ٿيو نمرتا. نماڻا ٿي ڪم ڪريو ۽ نمرتا جي نشاني آهي ميٺاج. ان ڪري مٺيءَ طرح غريبن دکين سان ڳالهايو. ڪنهن سان به تکو نه ڳالهايو. ڪڏهن مان سمجهان جو ته پيارو دادا انهن غريبن جي روپ ۾ اسان وٽ اچي ٿو، اسانجو امتحان وٺڻ. شل ان امتحان ۾ ناپاس نه ٿيون. جڏهن پورنا ڪلي ٿي ۽ نماڻا ٿيون، تڏهن پنهنجي جيون ارپڻ ڪريون. ٿيون سڀرڻن. مدهنجا گڏيو! مان سڀورو آهيان تنهنجو. هري! مٺن جهڙو نشو نيوو! پياري دادا جي جنم شتابدي اچي پهتي. شل پياري دادا جي چرڻن ۾ هيءَ پڪار رکون: ”هري! مٺن جهڙو نشو نيوو!“

”تون ئي هڪ آهين، جو مونکي انسان ڪري سمجهين ٿو.“ هن نياري جي دل اندر هو عشق عجيبن واسطي. ٻنهجي جيون ٻالوا جي سڳنڌ هاريندو هليو ويو!

٢٥ اپريل دادي شانتيءَ جي جنمڏن سڀڻڌ ۾ صبوح جو هون ٻکيه بعد ٻارن جو ڏينهن ملهايو ويو. پياري دادا جشن ٻارن کي ٿول ۽ رانديڪا ڏنا. ٥٦ سال اڳ پياري شانتيءَ هن پرٿويءَ تي جنم ورتو. سندس ماتا کي اڳم لڳي ٣ ڏينهن هيون. پياس هئس ته پٽ جمي، پر ڌيءَ ڄائي ته چنتا ۾ پئجي ويئي. جمڻ وقت ٻار روئندا آهن پر هن ٻالڪيءَ پئي مشڪيو. سندس مکڙو چنڊ جيان پئي چمڪيو. ڪڪن ٿالي مهراج سندس چٽي ناهي. مهراج چيو ته هيءَ ٻالڪي سؤ پٽن جي برابر آهي. يا راڻي بڻجي، يا سنتياڻي ٿيندي. شانتيءَ جو پتا ڊاڪٽر هو. شانتيءَ کي ديويءَ جو روپ ڪري سمجهندو هو. روز اسپتال ۾ وڃڻ کان اڳ هنجي آسيس وٺي ويندو هو. چوندو هو ته هن جي آسيس سان منهنجي ڪمائي سٺي ٿي ٿئي. هن جي پتا جو جوتش ۾ ڏاڍو وشواس هوندو هو. اسپتال ۾ ويندي ته جي ڪو سنياسي ڳڏيو هوس ته اُن کان پڇندو هو ته ”اڄ منهنجي ڪمائي ٿيندي؟“ هڪ ڏينهن هڪ سنياسيءَ کيس ٻڌايو ته سندس حياتي باقي هڪ هفتو آهي. هي اها ڳالهه پڪي ڪري روز روز نام جپيندو رهيو ۽ پنهنجو ڪم ڪندو رهيو. هفتي جي پڇاڙيءَ جو ڏينهن آيو. هن سڀن کي چيو ته اڄ منهنجي پڇاڙيءَ جو ڏينهن آهي. سڀ هن تي کلڻ لڳا. هي اسپتال ويو. ڪم تان موٽي ماني کاڌائين، آرام ڪيائين، اوچتو کيس ڇاتيءَ ۾ سور پيو ۽ هي پيارو پنهنجي ڌام اڏاڻو.

پياري شانتي اڃا ڪنڊڪ ڏسي لهوس ۾ پئجي ويئي. پوءِ کيس ته هن دادل جو پيار پيتو ۽ ويئي پاڻ کي تيار ڪندي.

ملڪن ۾ هن ڀارت جي رشين ۽ سنتن جو پيغام پهچايو. اڄ نه ان پيغام جي دنيا کي ګهرج آهي. هن پياري پورب ۽ پڇم جي وچ ۾ پُل جي ڀال نڀاهي. اهڙين پلين جي هن وقت ڏاڍي ضرورت آهي. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن کي پياري دادا لاءِ عجيب شرڌا ۽ پريم هو. پياري دادا کي به هن واسطي عجيب پيار ۽ قرب هو. پهريون دفعو هي پيارو حيدرآباد سنڌ ۾ ميران اسڪول ۾ آيو. تنهن کانپوءِ ٻيو دفعو هٿ پوني ۾ آيو، جڏهن ميران اسڪول جي بلڊنگ ڪوارٽ جو اُدگهاٽن اچي ڪيائين. ان وقت وائيس پريزيڊنٽ هو. پيارو دادا ۽ ڊاڪٽر راڌاڪرشنن ٻئي پاڻ ۾ ڀاڪر پائي مليا. پنهنجي تقرير ۾ چيائين ته جنهن آستان تي ساڌو واسواڻي آهي، اهو آستان مون لاءِ هڪ تيرٿ آستان آهي. مان هت تيرٿ ياترا ڪرڻ آيو آهيان. ٽيون دفعو به هن آستان تي آيو، جڏهن ميران ڪاليج ۽ ڪاليج جي هاسٽل جو اُدگهاٽن ڪيائين. ان موقعي تي پهرين پهرين پياري دادا جي سماڌيءَ تي هلي سر جهڪايائين. ڪيڏو نه نماڻو!

راڌاڪرشنن هڪ ودوان هو. هڪ موقعي تي سنت رامڪرشنن کان پڇيو ته سچي ودوان جون نشانيون ڪهڙيون؟ هي پڇيو جو پيارو چوي ٿو ته پهرين نشاني هيءَ ته هو نماڻو آهي. نمرتا جي تصوير آهي ۽ ٻي نشاني چت شانتي. ان پياري جي دل اندر چت شانتي آهي. ڊاڪٽر راڌاڪرشنن جي جيون ۾ اهي ٻئي گڻ چمڪيا. هيڏو عهدو اقبال هوس، ته به نماڻو ٿي رهيو ۽ سندس جيون ۾ چت شانتيءَ جو پرڪاش هو. ڪيترائون لاهيون چاڙهيون ڏٺائين، پر پنهنجي چت شانتي نه وڃايائين. ڪيس رشيا ۾ ڀارت جو ايمبيسيڊر ڪري موڪليائون. واپس ورڻ وقت اسٽالن کان موڪلائڻ وڃي ٿو. ڪيس ڀاڪر پائي ملي ٿو. اسٽالن جي اکين مان ڳوڙها ڳڙي اچن ٿا ۽ چوي ٿو:

جي نظر نوان رهي ٿي. هڪ ڪانسواءِ ٻين استرين کي ٻهڻجي ڀيڻ ڪري سمجهي ٿو. (٢) ڪروڌ تي ضابطو ڪري ٿو. (٣) لوڀ کان آزاد رهي ٿو. اهي گڻ پياري هوتچند آڏواڻيءَ ۽ پياري ڪشنچند شهاڻيءَ ۾ آهن. شل اسين به سندن مثال وٺي زندگي تعين ڪريون!

١٨ مئي آرتوار ڏينهن ڀمپري ڪالونيءَ ۾ سوامي ديانند جي ٻوٽا ڪيل آريه سماج جي جنم شتابدي جشن هند هاءِ اسڪول جي سوامي وويڪانند هال ۾ ملهائي وئي. ان موقعي تي پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو ته هڪ سؤ سال اڳ سوامي ديانند 'آريه سماج' جي استاپنا ڪري نئين سڄاڳي آندي. مهرشي ديانند عجب انسان هو. ڀارت جي مهان هستي هو. ڪيئن ننڍيءَ عمر کان وٺي هن جي دل ۾ پياس، ته سچ ڪٿي آهي؟ سچ جو سونو مکڙو مان ڪٿ وڃي پايان؟ ان ننڍيءَ عمر ۾ اڪ شوراتريءَ جي رات جو مندر ۾ ويٺو آهي. ڏسي ٿو ته مهاديو جي مورتيءَ تي ڪوئا پيا اچ وڃ ڪن. چوي ٿو، هي مهاديو ڪيئن هوندو؟ سندس دل اندر جاڳرتا اچي ٿي. سندس اِڪ ڀيڻ ١٤ ورهين جي اوچتو گذاري وڃي ٿي. چوي ٿو، منهنجي ڀيڻ جا هلي چلي پيئي سا ڪاڏي وئي. ٿوري ئي وقت ۾ سندس چاچو، جو کيس ڏاڍو پيار ڪندو هو، پرلوڪ پڌارجي ٿو. سندس دل اندر سوال پٺيان سوال پيا اٿن. ٢١ ورهين جو ٿيو آهي. ڪيترو وقت سانت ۾ گذاري ٿو. ڪڏهن ڪڏهن ڪنڊ ۾ ويٺو آهي ته ڪڏهن ڪڏهن وڻ هيٺ وڃي ويهي ٿو. مائٽ هن جي هيءَ حالت ڏسي چون ٿا ته هن کي شادي ڪرايون. مائٽن کان بچڻ واسطي ۽ هي جو اِڪ شاهوڪار گهر ۾ ڄميو، پنهنجو گهر ڇڏي بي گهر ٿئي ٿو. ١٥ سال تلاش ڪري ٿو. ڪيترن سادن سنتن سنياسين کي

سنڌس اِڪ نئي پڪار، اِڪ نئي تلاش، اِڪ نئي آس ۽ اُن جو اَلک جي يادگيريءَ ۾ رهان. شاهه صاحب جي بيت جا هي اکر "ماڙهون گهرن مال آنءُ ڏيهن گهران سڀرئن." هنجي دل اندر گهڙي ويا ۽ هن فقط پنهنجي پريتم جي پاس رهڻ ٿي چاهيو. روز روز رام ڌن ڪندو ڪندي وڃي پنهنجي پريتم جي ڏار پهتي.

٢٨ اپريل آر. ڪي. انڪيڊمي بمبئيءَ ۾ نماشام جي ستسنگ ۾ هاسانند جادوگر يادگار ٽرافي پياري دادا جشن جي هٿان پرسنر هوتچند گوپالداس آڏوانيءَ کي سنڌس سماج ۽ تعليمي خدمتن سبب ڏني وئي ۽ دادا ڪشنچند شهاڻي پرڪ سماج سيوڪ ۽ پياري وشن سدارنگاڻيءَ کي ميڊلس ڏنا ويا. پرنسيپال موتيلعل ٻناڻيءَ ٻڌايو ته هر سال جدا جدا سماج سيوڪن جي قدرشناسي ڪئي ويندي آهي. ان موقعي تي دادا جشن واسوانيءَ وياکيان ڪندي چيو ته اسانجي بزرگ پائرن شري هوتچند آڏوانيءَ ۽ شري ڪشنچند شهاڻيءَ سنڌي سماج جي ۽ انسان ذات جي ڪيڏي نه شيوا ڪئي آهي. پياري دادا اِڪ موقعي تي چيو ته شيوا جو اُجورو آهي وڌيڪ شيوا. شل پنهنجي پيارن تي پرڀوءَ جي اهڙي آسيس ٿئي جو اهي وڌيڪ وڌيڪ خلق جي خدمت ڪندا رهن. خلق جي خدمت سان خالق خوش ٿئي ٿو. ٽرافي آهي سوڀ جي نشاني. سچي سوڀ اُن جي آهه جو پاڻ کي وس ۾ رکي ٿو. پنهنجي اِندرين ۽ من کي جيتي ٿو. من جيتي جڳ جيت. سڪندر بادشاهه پارس ۾ هڪ يوگيءَ وٽ اچي ٿو ۽ کيس چوي ٿو "مون سڄي دنيا فتح ڪئي آهه." يوگي ٽهڪ ڏئي چوئس ٿو "بيشڪ تو دنيا فتح ڪئي آهه، پر ڇا تو پاڻ تي سوڀ پاتي آهه؟" سڪندر يوگيءَ جو جواب ٻڌي چپ ٿي وڃي ٿو. جو پاڻ تي سوڀ پائي ٿو سو ٽن ڳالهين کان آزاد ٿئي ٿو. (١) ڪام تي سوڀ پائڻ. اُن

۽ اچي ٿو، جتان اجمير اچي ٿو. اتي هوشيار ڊاڪٽر هن جي دوا ڪن ٿا. ٣٠ آڪٽوبر ١٨٨٣ جي منجهند ۾ پيارن کي ڪوٺي ٿو ۽ ڪانئن پڇي ٿو: ”توهان کي ڇا کپي؟“ هو چون ٿا ته ”اسان کي توهانجي حياتي کپي.“ رشي ديانند مشڪي ٿو ۽ کين چوي ٿو: ”پيارا! هي سرير ناسونت آهي. ضرور ناس ٿيندو. هن سرير سان موهه ڪهڙو؟ شام جا ساڍا پنج لڳا آهن. پڇي ٿو: اڄ تاريخ ڪهڙي؟ پکش ڪهڙو آهي؟ پوءِ ويدن جي منترن جو اچارڻ ڪري ٿو. گائتري منتر اچاري ٿو ۽ سماڌيءَ ۾ وڃي ٿو. پوءِ اکيون کولي ٿو ۽ سندس چپن مان اچن ٿا هي اکر: ”اي مالڪ، مهرباني! جا تيري اڇا!“ پوءِ پرلوڪ پڌارجي ٿو. پر رشي ديانند گذاري ڪين ويو آهي. اِڪ زنده شڪتي آهي، جا شڪتي پيئي پڪاري: اُٿت! جاڳرت! اُٿو! جاڳو! صدين کان ستل پيئي رهيا آهيو. اُٿو! جاڳو. ڀارت ۾ ڪيڏو نه ڏک آهي! صدين جون زنجيرون آهن ڀارت تي، سي ٽوڙيو! اُٿو! جاڳو! ان رشين جي پيغام سان ڀارت نئون ڪريو! اُٿو جاڳو! شڪتي ڪمايو! برهمچاريه ۾ جيون ٻڌو. اِندرين تي ضابطو رکو. من کي ايڪاگر ڪريو. دل کي پوتر رکو. اهڙا جيون رهو، جيئن وري ڀارت ملڪن جو مهندار ٿئي! رشي ديانند جو سپنو سڦل ڪريو!

٢٤ مئي تي شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته سرير ۾ جيسين پراڻ آهن، تيسين پڀوءَ کي ياد ڪريو. سواس سواس سان سائينءَ جو سمرڻ ڪريو. جڏهن ڪو پراڻي مري ٿو ته اُن جي ارٿيءَ سان پيا پڙهي چون ٿا ”رام رام ست هه! واهگرو ست هه! ست نام ست هه!“ چون جيتري اِئين هڪ ٻئي کي چئون. نام جي يادگيري ڏياري نام جيون جياريون. نام هت نه سگهي، هت نه سگهي الو. پٽي لوڪ چون سهيلا ڪريون. شري سڪمڻي

ملي ٿو. پُورنانند سرسوتيءَ کي به ملي ٿو، جو هن کي سنياس آشرم ۾ داخل ڪري ٿو. هن جو پهريون نالو هو شُوَ چنتيه. اِهو مٽائي رکي ٿو ديانند سرسوتي، جنهن نالي سان اڄ هي مشهور آهه. ٣٦ ورهين جي عمر ۾ کيس مٿرا ۾ سوامي ورجانند جو سنگ ملي ٿو. ٽي سال سندس سنگ ۾ رهي اڀياس ڪري ٿو. پوءِ سوامي ورجانند کيس چوي ٿو: ”وڃ پيارا! وڃ اونده اندڪار ۾ وڃ، جوت جڳاءِ!“ ڪيئن نه پوءِ ڀارت جي جدا جدا شهرن ۾ هي وڃي ٿو ۽ لوڪن کي رشين جو پيغام، ويدن جو پيغام ڏئي ٿو ته توهين سڀ هڪ آهيو. ذات پات جا ويڇا وساريو. سڀ جي ساکي ڏيو ۽ گئو ماتا جي رکيا ڪريو. سندس اکرن ۾ آتش آهي، سندس اکڙين ۾ اِڪ جوت آهي. سندس جيون ۾ اِڪ عجيب جوتي آهه، جا ڪيترن کي ڇڪي ٿي.

١٠ اپريل ١٨٧٥، هڪ سؤ چوڏهن سال اڳ بمبئيءَ ۾ هي پيارو ’آريه سماج‘ استاپن ڪري ٿو. هن سماج دئاران ڪيترن جي جيون ۾ تبديلي آئي آهي. دکين درپدرن جي صدقي هيءُ پاڻ غريبيءَ ۾ رهي ٿو ۽ هڪ وقت اچي ٿو جڏهن راجائون اچي هن جي چرنن ۾ سر جهڪائين ٿا. جوڌپور جو راجا هن کي پاڻ وٽ ڪوٺ ڪري ٿو. اُت هي وڃي رهي ٿو ۽ پنهنجو آندولن شروع ڪري ٿو. راجا وٽ جي پيا آهن، سي هن کي سهي نٿا سگهن. جڳناٿ رسوئي کي رشوت ڏين ٿا ته هن کي کاڌي ۾ زهر وجهي ڏئي ۽ جڳناٿ ائين ڪري ٿو. اِڪ ڏينهن رشي ديانند کي کير ۾ زهر وجهي ڏئي ٿو. رشي ديانند کير پي وڃي ٿو. کيس خبر پوي ٿي. يڪدم جڳناٿ کي ڪوٺي چوي ٿو: ”هي رپيا آڻيءِ، ٽڪيٽ وٺي هتان پري پري نيپال ۾ هليو وڃ، نه ته منهنجا پريمي توکي ماري ڇڏيندا.“ ڪيڏو نه رحمدل! زهر پنهنجو اثر ڏيکاري ٿو. رشي ديانند جوڌپور ڇڏي مائونٽ ابو

ڪال جو قاصد ڪين آيو. انهن ڏينهن هُو ايڪانت وٽ آيو ۽ چيائين "سائين! ڪلهوڪو ڏينهن نه گذري ويو." ايڪانت چيس "پيارا! اها اليٺي سڪي جيون گذارڻ جي ڪنجي. روز ڪال کي ياد ڪر. جيڪڏهن موت ياد هوندو ته اِنسان اَشُڀ ڪرمن کان پري رهندو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! انڪري ڪال جا قاصد اچن، اُن کان اڳ ستڪرمن روپي ڌن تيار ڪريو.

٧ سيپٽمبر نما شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي بمبئيءَ ۾ پياري دادا جشن پورچن ڪندي چيو ته مان اڄ ٽن هفتن ڪانپوءِ هت اچان ٿو. توهان جو پيار مون کي پوني جي ڀاڙن تان هت آڻي ٿو. اڄ ڪهڙو نه مٺو گيت پياري دادا جو ديوي مايا پنهنجي مٺي آواز ۾ ڳائي ٻڌايو. ان گيت منهنجي روح کي لوڏيو.

دنيا ڪر اچي ڪول دسمي دنار،
ڪولي ڪولي پنهنجي مندر ۾ وهار.

ڪيترا نه مندر اسان ڏٺا آهن! هڪ ڀيڻ مون کي گڏي. چيائين، ڀارت جي اندر ۽ ڀارت کان ٻاهر ڪيترن هنڌ وڃي مون مندر ڏٺا آهن. مان ڏانهس نهاري پڇان ٿو: ڀيڻ! ڀلا تو ٻوليءَ جو مندر ڏٺو آهي؟ وائڙي ٿي وڃي ٿي. پوءِ کيس ٻڌايان ٿو ته اهو مندر آهي نو دواري نگر جو. اهو توهان ڏٺو آهي يا نه. سچي شش جي دل اندر آهي. پڪار ته منهنجا پريو! هن نو دواري پريءَ جي اندر جو مندر آهي، اُن ۾ وهار ته منهنجو دسمي دنار کلي، جيئن مان هلي نواس ڪريان ان مندر ۾ ۽ جهٽ شري ڪرشن جن ٿي مولي ٻاڙهي ڀيو هڪ گيت ڳائي: "آجا، آجا، وشرام ٻاءِ!" ان مندر ۾ آهه گرو نانڪ، وانو پڪاري: "سٽ ڪرتار!" اتي سٽياڻي ميران، واني هڪ گيت ڳائي:

صاحب جو سونھن آهه:

سنگ سهائي سوءِ آوي نہ چيس،
جـو ٻڌائـي لاسٽ پـريس.

اهو ٻڌو ياد نٿو اچي جو سدائين اسانجو رکشڪ آهي، مالڪ آهي. ٻڌ اسان انهن سان ٻڌت گهڻي وڃنا آهيون جي وڪار اسانجا وڌي آهن. انهن وڌڻ اڪي وساريو ۽ سڄڻ کي ساريو.

٢٥ مئي آرتوار ڏينهن چمبور جي منٽري ڪالونيءَ ۾ ستسنگ ٿيو. پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو تہ اڄ ڀڳوان ٻڌ جي جينتي آهي. شري گوتم ٻڌ سنسار کي نئين روشني ڏني. شري گوتم ٻڌ اهنسا ۽ ديا جي مورت هو. سندس زماني ۾ ڪيڏيون جنگيون لڳن ٿيون، پر هي پيارو پيار جو واتاورڻ پيدا ڪري پريورتن آڻي ٿو. لوڪن کي اشٽ مارگ جو رستو ٻڌائي سندن راهه روشن ڪري ٿو.

٢٦ مئي صبوح جو دادا جشن شيام نواس گرو مندر ۾ منو اُپديش ڏنو.

٢٦ مئي شام جو دادا جشن پيرڻ موهني ڪشنچند آڏوانيءَ جي بنگلي تي جهوڙي ۾ اچي رهيا. ٢٧ مئي صبوح جو اُس دادا جن روح رهاڻ ستسنگ ڪندي چيو تہ ڪال کي نہ وساريو. هڪ دفعي سنت ايڪنات وٽ هڪ شش آيو ۽ پڇيائينس تہ سڪي جيون ڪيئن گذاريان؟ سنت ايڪنات چيس ”پيارا! اهي ڳالهيون ڇڏ. پهرين ٻڌ تہ تنهنجي حياتي هن پرٿويءَ تي باقي هڪ هفتو آهه.“ اهو ٻڌي شش شانت ٿي ويو. گهر اچي پنهنجا حساب ڪتاب لاٿائين. ڪن کي قرض ڏنو هئائين، انهن کي قرض معاف ڪري ڇڏيائين. سڀ بوجها لاهي باقي ڇهه ڏينهن دل سان خوب نام جپيائين. ستون ڏينهن آيو ۽

۾ اسين نواس ڪريون ٿا. اُپنشدن ۾ هڪ رشي چوي ٿو ته ٻرهمءِ هيءَ سرير ٺاهيو ته ان ۾ ڇيد وڌائين. جن وسيلي اسين ٻيا ٻاهر نهاريون. هن نَوَ دواري نگر ۾ رهي اسين جانوري زندگي رهون ٿا. پر اِڪ ڏهون دوار آهي جو وٺي هلي ٿو نج گهر ڏي. سياڻو سو جنهن جو اهو ڏهون دوار کلي ٿو. اُن کي جوت جو ديدار ملي ٿو. اُهو جوت جو بالڪ ٿي پوي ٿو. سندس ساري جسم مان پيڙهون جوت جون لهرون اچن. اهڙو پيارو سنساري ڇڪتاڻ کان آزاد ٿئي ٿو. اسين رهون ٿا ڪلجڳ جي سنسار ۾. هي پسو پدارٿ ڇا آهه؟ ٻُڙن مان ٺهيل آهه. لک واري کي ٥ ٻڙيون، ڪروڙ واري کي ٧ ٻڙيون. سڀ آهه ڪلپنا. سرير ڇڏڻ وقت ڪجهه به پاڻ سان ڪين ٿا کڻي وڃون.

اهو ڏسمي دوار ڪيئن کلي؟ جڏهن ديا ٿئي. هونئن نٿو کلي. ڪو ٻرهمءِ جو پيارو اوزار کڻي اسان جو ڏسمي دوار کولي ٿو. ان لاءِ ديا جي ضرورت آهه. ديا ٿئي پئي روز روز. هي ڪلجڳ جو زمانو آهه، ديا جو زمانو. هٿ هٿ پيو ديا جو مينهن وسي. فقط اسين جهپيون ۽ اندر ۾ سانڍيون. اسين آهيون ان ٺوڪريءَ وانگر، جنهن ۾ پاڻي پئو ته وهي وڃي. اسين به ستسنگ ۾ اچون ٿا، نام ٻڌون ٿا، ڪيرتن ڪريون ٿا. ٻاهر وڃون ته سکيا وهي وڃي. اهي ٺدگه بد ڪرتا آهن.

ان لاءِ پهرين ڳالهه ضروري آهه ته اندرين تي ضابطو رکون. هيءَ دروازا جي ٻاهر پيا نهارين، انهن کي اُلٽو ڪرڻو آهه. ان ڪري ضابطو رکڻو آهه. انهن دروازن دواران پنج ويري پيا اسان کي لٽين، پيا اوڙاهه ڏي گهلين. هڪ پرسن مونکي مليو. چيائين، هيڏي اوستا ۾ به ڪا سهڻي ڇوڪري ڏسان ته اندر ۾ برا ويچار اُٿن ٿا. اکين تي ضابطو ضروري آهه. انڪري سنيمائن کان پري رهو. اڄڪلهه ته سنيمائون گهرن ۾ ٿي. وي. جي

”ميري تو گوڌر گوپال، دوسرا نہ ڪوئي!“

ان منڊر ۾ آهہ پيارو دادا! پيو مٺي مرليءَ جي آواز ۾ پڪاري: جاڳو! جاڳو! هيءُ مانک جنم ڪيڏو سڀاڳو! ان منڊر ۾ آهہ اکنڊ جوت، جنهن جو هڪوار جي ديدار ڪرڻ نہ وري دنيا ۾ ڪين انڪون. اهـا آهہ سچي ديا، جا اسان سنتن کان پڻ سگهون ٿا. پر اسين ڪانئن ڇا ٿا گهرون؟ اسين گهرون ٿا دنيوي پدارٿ. اهي نہ پاڻيهي قسمت سارُ اسان کي ملندا. سنتن وٽ وڃي گهرون هيءَ ديا: منهنجا گرديو! منهنجو دسمي دئار کول! سنتن ستپرکن کي پرپوءَ اوزار ڏنا آهـن، جن سان هوُ دسمي دئار کولي سگهن ٿا، فقط کپن اُهي جگياسو، جنکي پياس هجي تہ اسان جو دسمي دئار کلي.

هڪ سنت ۸۰ ورهين جي جمار ۾ بستري تي ليٽيو پيو آهہ. سندس چوڌر شش ويٺا آهـن، تن کي چوي ٿو: ”هاڻ مان وڃان ٿو. خدا حافظ!“ انهن چوي ٿو ۽ سندس اکين ۾ ڳوڙها اچن ٿا. شش کي شڪا ٿئي ٿي تہ سنت روئي ڇو ٿو؟ هڪ شش جو پاڻ کي گروءَ کان وڌيڪ ٿو سمجهي، سنت کي چوي ٿو: ”سائين! توهين تہ پنهنجي گهر ٿا وڃو. پوءِ روئو ڇو ٿا؟“ سنت چوي ٿو: بيشڪ وڃان ٿو پنهنجي گهر، ان لاءِ ڪين ٿو روئان. روئان ان لاءِ ٿو تہ پرپوءَ مونکي اوزار ڏنا، ان تلاش ۾ هٿ هٿ ويس تہ ڪي ڪانکي ملن، جن جو دسمي دئار کوليان. اهي اوزار واپس کڻي وڃان ٿـو. ان سوال جو جواب مان اُهہ ڪهڙو ڏيندس؟ پيارو دادا چوندو هو تہ اسين سنتن کان گهرون ٿا گجرون، پر ۽ پٽاٽا. اهي نہ گهرو. مانک جنم ان لاءِ ڪين مليو آهہ.

اهو نو دئارو نگر ڇا؟ اهـي ۹ دروازا ڪهڙا؟ ٻہ اکيون، ٻہ ڪن، ٻہ ناسون، هڪ مک ۽ لڪل اِندريون. ان دئاري نگر

تي ٥٧ سورداس ٻارن کي گهرايو ۽ انهن سورداس ٻارن کي پياري دادا جشن کان ٽول ڏياريو. انهن ٻالڪن کي ڪاڌو کارايو. پياري دادا جشن اسڪول جي اڌياپڪن ۽ وديارٿين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هڪ ٻئي لاءِ پيار ۽ همدردي رکو. ماتا پتا ۽ اڌياپڪن جي عزت ڪريو. انهن جي آگيا جو پالن ڪري سندن آسيس وٺو. اوهين پل ڪيترا به پستڪ پڙهو، پر جيڪڏهن وڏن جي آسيس نٿا وٺو ۽ ننڍڙن کي پيار نٿا ڏيو ته علم ڪهڙي ڪم جو! روز پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو. جيون ۾ سادگي سيوا سمرٿ جي ساکي ڏيو.

٢ آگسٽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جي جنمدن سنبنڌ ۾ نما شام جي سٽسنگ ۾ ١٥٩٧١٩ روپين جي ٿوڙي پيش ڪئي وئي. پياري دادا جشن اها ٿوڙي پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي چرنن ۾ پيش ڪندي چيو ته ان رقم سان پياري دادا جو جنمدن فنڊ شروع ڪيو وڃي. اوهان جو قرب ۽ پيار ڪيڏو نه وڏو آهه! ان قرب اڳيان مان سر جهڪايان ٿو ۽ هڪ ئي آسيس پيان ٿو ته شل هيءَ مانک پاتڙا سڦل ٿئي! جنهن ڪم واسطي پياري دادا مونکي هت چڏيو، شل اهو ڪارج پورو ڪريان! پياري دادا مونکي ور ور اها سکيا ڏني ته تون ڀارت جي پراچين رشين جو ٻالڪ آهين، انهن کي نه لڄائجانءِ، پر هميشه پنهنجي جيون جي ساکيءَ دواران انهن جو جهنڊو بلند رکج. سنگت جو هڪ نوڪر ٿي رهجانءِ، دکين دريدن جو هڪ شيوڪ ٿي رهجانءِ. پکين پسن جو خدمتگار ٿي رهجانءِ.

اهڙي ڏينهن جيڪر اوهان مان هڪ هڪ وڻ اڃان ۽ هڪ هڪ جا چرن چهان ۽ هڪ ئي آسيس گهران، آسيس ڪريو ته گرديو جي سکيا جي ساکي ڏيندو رهان ۽ جڏهن اچي هلان، انهن نه چون ته ڪمهٽيءَ مان ڪين ٿيو.

روپ ۾ گهڙيءَ آيون آهن. رنگين تصويرون کان پري رهو. اکيون رکو محبوب جي ڪمل مکڙيءَ ڏي. ڪن تي ضابطو رکو. ٻڌندا کان پري رهو. سچ ڳالهايو. جو سچ ڳالهائي ٿو، ان لئي دنيا اچي ٿي. مصالحيدار کاڌن کان پري رهو. ڇو ته اهي آتمڪ شڪتي گهٽائين ٿا. خاص ڪري مانس آهار کان پري رهو. پنهنجي سواسن تي ضابطو رکو. سواس سواس سين نام اچاريو. پنهنجي من تي ضابطو رکو. ڪوبه اپوتر وچار من اندر اچڻ نه ڏيو. پوتر جيون رهو. اهو انسان سڀاڳو جو مندر ۾ وهي ٿو. ان مندر ۾ وڃڻ لاءِ ڪهڙي پياس. سڀيءَ وانگر پياس رکو. دسمي دئار کولڻ لاءِ سڪ اُٿاريو. سنتن جي چرنن ۾ ويهو اِڪ پياس سان ته شل اسانجو دسمي دئار کلي.

اسين به اندر اندر پريوءَ جي مندر ۾ وڃي نواس ڪريون ۽ سچو آنند ماڻيون ۽ پوءِ اهو اچي ٻاهر ورهايون. ڇو ته ڪيترا آهن جي راهه کان ڀٽڪيل آهن، تن کي ان مندر ۾ پهچايون، پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريون.

٩ سيپٽمبر منگل صبوح جو پيڻ مايا ديويءَ جي گهر نار منديءَ ۾ دادا جشن روح رهاڻ ڪئي. ١٠ سيپٽمبر صبوح جو دادا جشن کي مندر شيام نواس وارين روڊ ۾ اُپديش ڏنو ۽ رات جو پونا واپس ورِيا.

٢ آگسٽ صبوح جو ميران ڪاليج ۾ پياري دادا جشن واسوانيءَ جو جنمڏن ملهايو ويو. ڪاليج جي ٽن ڪڪين پياري دادا جشن جي گڻن جو ذڪر ڪيو. پياري دادا جشن منو اُپديش ڏنو. ان بعد ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان جنمڏن اُنسو ملهايو ويو. پياري دادا جشن جي ٥٧ جنمڏن سبب اسڪول جي ٥٧ وديارٿين پرتگيا ڪئي ته هوءَ سڄو سال ماس آهار کان پري رهندا. اسڪول جي وديارٿين ۽ اڌيا پڪن ان موقعي

ڪندو هو. سندس لاءِ غريبن جي شيوا هئي پرڀوءَ جي پوڄا. اهڙي گهر ۾ منهنجو جنم ٿئي ٿو. ننڍي هوندي کان مون تي سٺا سنسڪار پون ٿا ۽ منهنجي پوڄيه ماتا منهنجي ڪيڏي نه شيوا ڪئي! ساديءَ جي واءُ منڊل ۾ مونکي نپايائين. نام سمرن جا ٻج منهنجي ڪچڙيءَ دل ۾ پوکيائين. وڏي وديا مون کي ڏنائين ۽ مون کي وري سکيا ڏنائين ته پوترتا جي آدرش ۾ پنهنجي جيون ٻڌج." جڏهن وقت آيو ۽ پوڄيه ماتا کي جسم نه موڪل ڏي ته مان سنسار جي گهير ۾ نه گهڙان پر پرڀوءَ جو ٿيان. مونکي موڪل ڏنائين. ٿوريون ماتائون ائين ڪري سگهن ٿيون، سڀاوڪ منهنجي دل اندر ڪيڏي نه شڪرگذاري اٿي ٿي.

ننڍپڻ ۾ مون تي سٺا سنسڪار پيا. پر ڪهڙا به سٺا سنسڪار هجن، ته ڪسيءَ ۾ آهيون. ڪي صاف پاڻيءَ جي ڪسيءَ ۾ آهن، ڪي ڪني پاڻيءَ جي ڪسيءَ ۾ آهن. پر سڀ ڪسيءَ ۾ آهيون. جيستائين ڪو سنت سڄان اچي ٿو، اچي نهاري ٿو، اُتاري ٿو، تيسين ڪسيءَ ۾ ڪريل آهيون. چڱا ماڻهو جي دکين دريدرن جي شيوا ڪن ٿا. اهي به ڪسيءَ ۾ آهن، جيسين انهن جي اندر سچائي نه آئي آهي.

اها ڪسي ڇا آهي؟ اسان جو چت، اسانجي ڌارا، سرت نواس ڪري ٿي جت اکين جون پروڻون اچي ملن ٿيون. شاسترن ۾ ان کي ڪوٺين "اجه چڪر." اجه چڪر ۾ سرت رهي ٿي. پر اڪثر سرت هيٺ پيئي نهاري. سرت جي نگاهه آهه هيٺ، هيٺين ڇن چڪرن ۾. انهن چڪرن ۾ اسانجي ڌارا ڦاٿل آهه. ان ڪري اسانجا وچار وري پوڃ پاسي وڃن ٿا. ڇوڪرا ڇوڪرين جا پيا وچار ڪن. ڇوڪريون ڇوڪرن جا پيئون وچار ڪن. ورڌ اوسٿا جا ماڻهو مونکي چوندا آهن،

اڄ صبوح جو اُٿيس. دل جي اندر ٻڌم اکر اِڪ گيت جا. گيت، جو ڪي سال اڳ مون لکيو هو:

ڪسيءَ ۾ ڪِريل هوس، اچي تو نهاريو،
ننڊ جي نشي مان اچي تو اُٿاريو!
ڪسيءَ ۾ ڪِريل هوس، اڄ صبوح جو اُٿيس.

منهنجا ويچار سڀاوڪ پنهنجي پوڄيه پتا ۽ پنهنجي پوڄيه ماتا ڏي ويا، جن هي مانک جنم ڏنو. مانک جنم، جنهن جو قدر ڪيترن سڃاتو ڪين آهي،

”ڪبير مانش جنم دلڀ هي، هوت نه بارونبار!“

هيءُ مانک جنم دُرلڀ آهي. وري ڪين ٿو ملي. جنهن جو ڀاڳ کليو ٿو، تنهن کي مانک جنم ملي ٿو. ان جنم جو اسان کي قدر ڪين آهي. ان ڪري اسين وڃي ٿا ڪسيءَ ۾ ڪِرون. هي جنم اسان کي مليو، جيئن اسين مٿي اڏامي سگهون. هنس پکيءَ وانگر پر پکيڙي اڏامون. پر اسين آهيون ڪسيءَ ۾، هنسي پدارٿن جي ويچارن ۾، اندرين جي عيش آرام ۾، ڀوڳ جي ويچارن ۾، مان شان وڏائيءَ جي ويچارن ۾.

”ڪسيءَ ۾ ڪِريل هوس، اچي تو نهاريو!

بيشڪ منهنجو جنم اِڪ پوتر سڪتي گهر ۾ ٿئي ٿو. منهنجو پوڄيه پتا هڪ ڌرماتما پُرش هو. وِدوان هو، پر وديا جو کيس ايمان ڪين هو. رام ڀڳت هو، ڪرشن ڀڳت هو. جدا جدا ڌرمن ۽ ملڪن جي سنتن سنتپرڪن، درويشن فقيرن لاءِ کيس شرڌا هئي. ”سڀ ڌرمن ۾ اِڪ جوتي تنهنجي، سڀ سنتن ۾ اِڪ مورتي تنهنجي!“ اهو سندس وشواس هو ۽ ڏکين درپڊرن لاءِ کيس رڳ رڳ ۾ پيار هو. هن جو جيئڻ هو شيوا ڪرڻ. ٻوڏون پونديون هيون، ڏڪر پوندو هو، نوجوانن جون ٽوليون وٺي ڳوٺن ۾ وڃي شيوا ڪندو هو. پنهنجي صحت جي پرواهه ڪين

ڀارو دادا جشن ميران ڪاليج جي پرنسيپال جو پد سنڀاليندي ڪاليج جي ٻالڪين ۽ پروفيسرن کي ڪيڏو نہ قرب ڏيندو آهہ. سي ٻالڪيون سڀاڳيون جي پرنسيپال دادا جشن جي سونهپ سان پڙهن ٿيون. ڪتابي گيان سان گڏ سچي وديا گهڻ ڪن ٿيون ۽ ساڻ ساڻ پياري دادا جي آسيس پراپت ڪن ٿيون. ڀارو دادا جشن پوڄيہ دادل شاهہ جي سڄڻ پريمين سان ملندي، پورچڻ ڪندي، هيڏا شيوا جا ڪارڄ ڪندي ڪاليج جو ڪاروبار ڪيڏي نہ اُتساهہ اُمنگ سان پيو ڪري، هڪ هڪ جي دل پنهنجي پيار سان پيو ڀري. ڪيس ڏسي ويٺي دل ٺري ٺري. سندس تصوير اکين ۾ ويٺي ٺري ٺري. شل داس کي بہ رکي ڪين پاڻ کان پري پري، وارو وصل جو وري وري!

ڀارو دادا جشن سالن کان 'ايسٽ اينڊ ويسٽ' ماسڪ انگريزي مخزن جو سمپادن ڪري رهيو آهہ. ان مخزن ۾ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ، ٻين ودوانن ۽ پياري دادا جشن جا امولہ ليک ۽ ڪوتائون شايع ٿينديون رهن ٿا، جن جي پڙهڻ سان روح کي راحت پهچي اچي. پياري دادا جشن جي ليکن ۾ ڪيترائي ملهائتا موتي ملندا. ڪو صراف ئي سندس انهن موتين هيرن جواهرن جي ڪٿ ڪري سگهندو.

١٤ آگسٽ صبوح جو ڀارو دادا جشن سنگت سان بمبئيءَ روانو ٿيو. نماشام جو گرو مندر شيام نواس بمبئيءَ ۾ دادا جشن منو اپديش ڏنو. ١٥ آگسٽ صبوح جو ڀيڻ موهني سبلاڻيءَ جي گهر دادا جشن روح رهاڻ ڪئي. نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ ستسنگ ٿيو جنهن بمبئيءَ جي سنگت پياري دادا جشن جو جنمڏينهن ملهايو، ڪيس ١٦١٠٠ روپين جي ڳوٿري ڀيٽ ڪئي. دادا جشن اها ڳوٿري شيوا ڪارڄ لاءِ واپس ڪئي ۽ منو اپديش ڏنو. ١٧ آگسٽ ڀيڻ مايا ڏيوڙيءَ جي گهر ۾ سيوا ۽ ستسنگ جو

اسانجي حالت ڏاڍي ڏکي آهہ. رستي تي ڪو سنڌر روپ ڏسون، اسان جي من اندر ڪام جو وچار اُٿي ٿو. ان جو سبب هي آهي تہ اسانجي ڌارا هيٺين چڪرن ۾ قاتل آهي. انڪري وچارن لوڪن جا وچار سمورو وقت اِندرين ڀوڳ پٺيان، ٻئي پدارٿ پٺيان، مان شان وڏائيءَ پٺيان پيا ڀٽڪن. انهن هيٺين چڪرن ۾ اسان جي ڌارا قاتل آهي، اسين قيدي آهيون، ڪسيءَ ۾ ڪريل آهيون. پوءِ ڪو سنت ستپرک اچي اسان ڏي نهاري ٿو. سنتن جي ٻاهرين نهار تہ ڪيترن کي ملي ٿي. سياڻو سو، جنهن جي اندر سنت گهڙي ٿو، ڌارا کي اُلٽو ڪري ٿو. ڌارا جنهن هيٺ ٿي نهاريو، سا هاڻي مٿي نهارڻ شروع ڪري ٿي.

ڪسيءَ ۾ ڪريل هوس، اچي تو نهاريو،
نعل جي نشي مان، اچي تو اُٿاريو!

اِهو ڪم فقط ڪو سنت سجان ڪري سگهي ٿو. نہ ماءُ نہ ڀيڻ، نہ ڀاءُ نہ پيءُ، پر سنت ستپرک اهو ڪم ڪري سگهي ٿو. "انسي لال تجهہ بن ڪؤن ڪري؟" اڄ منهنجين اکين اڳيان ڪيتريون تصويرون ڦريون آهن. ڪاليج ۾ آهيان، مونکي ٻيا چون، تون هوشيار شاگرد آهين. ١٧ ورهين جي عمر ۾ مان گريجوئيٽ ٿيان ٿو. پهريون نمبر اچان ٿو. مونکي ڪاليج ۾ فيلو ڪري رکن ٿا. مونکي اُن وقت سپنا تہ مان آءِ.سي.ايس. امتحان پاس ڪندس ۽ پوءِ ڪليڪٽر ٿيندس. اڄ ستسنگ ۾ مون وٽ هڪ ڪليڪٽر کي وٺي آيا. ان وقت چاهيو ٿي تہ ڪليڪٽر ٿيان. پيارو دادا آيو. اچي نهاريائين! سندس نهار ۾ ڇا هو؟ ڪهڙو جادو؟ جنهن قلب کي ڪيو قابو! ڪن ۾ منهنجا سڀ سپنا اُڏامي ويا ۽ مون ڀانئيو ڇو نہ ڪليڪٽر ڪين ٿيندس، پر هن سنت جي چرنن جو داس ٿيندس.

اسڪول ڪار ممبئيءَ ۾ دادا جشن پڌاريا. پرنسيپال سينا سامتاڻيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو. اُنَ دادا جن ’تون ڪو ناهين اڪيلو‘ وشيه تي وياکيان ڪندي چيو ته توهين پاڻ کي ڪڏهن به اڪيلو نه سمجهو. پرڀو توهان سان سدائين ساڻ آهي. پوءِ چنتا ڇا جي؟ ڊپ ڇا جو؟ شري ڪرشن ارجن کي چيو ته ”تون اڪيلو ڪين آهين، مان توسان آهيان.“ اسان مان هڪ هڪ ارجن آهه ۽ شري ڪرشن اسانکي پيو چوي ”مان توهان سان آهيان.“ اسين فقط شري ڪرشن جو آواز ٻڌون. پنهنجو بار لاهي واهگوروءَ تي وجهو ته هو توهانجي رکيا ڪندو.

تو ناڪو تم په ارداس، جيئه پنڊ سڀ تيري راس،
تم مات پتا هم بالڪ تيري، تمري ڪرپا مهه سوک گهنيري.

پرڀو اسانجو ماتا پتا آهي، اسين سندس بالڪ آهيون. ماتا پتا سدائين پنهنجي ٻار جي سنڀار لهي ٿو. اهو صدق ڪبي ته رام راکو رکپال آهي. مان اڪيلو ڪين آهيان. پرڀو سدائين اسان سان ساڻ آهي.

٣ آڪٽوبر شام جو پياري دادا جشن ميران سوسائٽي پونا ۾ ساڌو واسواڻي هال جو مهورت ڪندي چيو ته پياري کي جي. ملڪاڻيءَ، پياري عطر سنگتاڻيءَ ۽ اوهان سڀن کي ڌنيواد آهي جو اوهان هن هال تي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو نالو رکيو آهي. پياري دادا جي دل پيار جو ساگر هئي. سڀن واسطي پياري دادا کي پيار هو. هو پياري دادا کي ڳڏامن جو خاص وچار رهندو هو. امونت ويلي اُٺي انهن لاءِ پرارٿنا ڪندو هو ۽ چوندو هو ته مان انهن ڳڏامن جا ڪيڪرات ۽ پڪارون ٻڌان ٿو، جن کي پرڀات جي پوڙ سمي ڪوس ڌرن ۾ ڪهن ٿا، ٽڪرا ٽڪرا ڪن ٿا. اهو ماس اسين خريد ڪري پنهنجن ڏيگڙن ۾ رڌي، مصالح وجهي کائون ٿا ۽ پيا سمجهون ته اسانکي

ڪاريہ ڪرم رکيو وڃو.

١٦ سيپٽمبر دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ ديوي مايا رامچند جو جنمڏينهن آهي، جنهن هڪ ٿورن سالن ۾ ستسنگ جي ڪيڏي نہ شيوا ڪئي آهي. ڪروڙپتي آهي. الائي ڪيترا دفعا دنيا جا چڪر هڻي آئي! ڪيس ٻڍوءَ جو وچار گهٽ ڪين هوندو هو. انهن ڏينهن جو ذڪر مونسان ڪندي آهي ۽ چوندي آهي تہ مون لئي ڪيڏي نہ ڪرپا ٿي آهي! مان ڏسان پيئي تہ پيارو دادا آهي اِڪ زنده شڪتي. ان شڪتيءَ جي آسيس سان مان ٻالڪي ڦريل ڏسان ٿي! هڪ وقت هو، جڏهن هر روز ڪلبن يا پارٽين ۾ ويندي هئس. هينئر چوان ستسنگ ۾ اچي نام ڪيرتن ڪريان ۽ سٽان يا سانت ۾ ويٺي هجان! هن پيٽ جي جيون ۾ مان ٻڍوءَ جي ڪرپا ڏسان ٿو. هڪ وقت هيسڪ ڪاڏا ڪاٽيندي هئي ٻر هن وقت هيءَ پيٽ انهن ٿامسي ڪاڏن کان ٻري آهي. هينئر سندس دل پيل آهي، ڪنهن جو درد سهي نہ سگهي. پڪين پس لاءِ بہ سندس دل ۾ ديا ۽ پيار آهي. ڪيڏا نہ ڪارخانا سنڀاليا اٿس ٻر هاڻي ڪيس ٻوڙ پيٽي آهي تہ مايا يا مايا جا پدارٿ گڏ ڪرڻ آهن سڪل ڪانا چوسڻ.

پياري دادا وري هيءَ سکيا ڏني تہ سڪل ڪانا نہ چباڙيو! ڪمند جي رس چوسيو! ڪمند جي رس آهي پڪتي جا اسانکي ملي ٿي سنتن ستپرکن جي سنگ ۾. افسوس! اسين سڪل ڪانا ويٺا چباڙيون. هي لک ڪروڙ، هي شان مان وڏائي، آهن سڪل ڪانا. هي عيش عشرت، هي اِندريہ ڀوڳ، جو ڀوڳان منجي رس جو سواد ڏني ٿو، ٻر ان مان ٻوءِ روڳ اٿي ٿو، اهي سڀ آهن سڪل ڪانا. شل سڪل ڪانا نہ چباڙيون ٻر ڪمند جي رس چوسيون.

١٩ سيپٽمبر دادا جشن بمبئيءَ روانا ٿيا. ڪملا ڀاءِ

ڪيو. صبوح جو ١١ ٻجي داداجن سنگت سان گڏ بمبئيءَ مان
ٻڙودا لاءِ روانا ٿيا.

٦ نومبر ٻڙودا جي شري لڌارام هاءِ اسڪول جي هال ۾
دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمڏن ملهايو ويو. شروع ۾ پرنٽ
سنڌري گيانچنداڻيءَ دادا جشن جو سواگت ڪيو. پياري دادا
جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ۽ سکيائن تي پرڀاوتادائڪ
اُپديش ڏنو. ان بعد دادا جن سوامي پريمداس سيوا نڪيتن ۾
پڌاريا. پياري ڀاءُ شري ليلارام پرسواڻيءَ داداجن جو سواگت
ڪيو. دادا جشن انهي مشين جو مهورت ڪندي چيو ته ان
مشين دواران ڪيترين ڀينرن کي روزگار ملندو. پياري ليلارام
پرسواڻيءَ کي ڌنيواد آهي جو هي دکين ۽ گهرجائن جي سيوا
ڪري رهيو آهي. سيوا جو اجورو آهي وڌيڪ سيوا. شب ڀاونا
سان جيڪي ڏيندا اُن جو ڏهوڻو تي اوهان کي واپس ملندو.
ان ڪري انهن ڪارجن کي همٿائڻ لاءِ دل کولي دان پيج ڪريو.
غريبن جي سيوا آهي پرڀوءَ جي پوڄا. ٧ نومبر صبوح جو شري
لڌارام هاءِ اسڪول ۾ ستسنگ جي ڪاريڪرم ڪانپوءِ سفيد پوشن
جي سيوا ڪئي ويئي. پياري دادا جشن سفيد پوش ڀينرن کي
اناج جا پاڪيٽ ۽ ڪپڙو ڏنو. نماشام جو ٻڙودي جي ٽائون هال
۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ مٺو اُپديش ڏنو. ٨ نومبر صبوح جو
دادا جن سنگت سهت احمدآباد ڏانهن روانا ٿيا ۽ ١١ ٻجي
صبوح جو اُتي پهچي ويا.

١٠ نومبر رات جو دادا جشن سنگت سان احمدآباد مان
گانڌيڌام لاءِ روانا ٿيا ۽ ١١ نومبر پرڀات جو گانڌيڌام ۾ پهتا.
ڪيترن ئي پريمين داداجن جو سواگت ڪيو. اتان دادا جن
آديپور ۾ آيا. صبوح جو ٩ ٻجي دادا هوندراج دکايل دادا جشن
کي مهاتما گانڌيءَ ۽ ڀائي پرتاب جي سماڌين تي وٺي ويو.

طاقت ملندي. پرائي ماس مان، جنهن ۾ ڪيڏو نه رنج ڀريل آهي، اسانکي طاقت ڪيئن ملندي؟ هن سوسائٽيءَ لاءِ ميران سنتياڻيءَ ۽ هن هال لاءِ ساڌو واسواڻيءَ جو نالو آهي. توهان جيڪر انهن سنتن ڀڳتن جو شان رکو. اڄ توهان کي وينتي ٿو ڪريان ته هن سوسائٽيءَ ۽ هن هال ۾ هسڪ ڪاڌو نه ورتايو وڃي. انهن سنتن ستپرکن جي آدرشن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيو.

١١ آڪٽوبر صبوح جو پيارو دادا جشن سنگت سان گڏ بمبئيءَ روانو ٿيو. شام جو ڪي. سي. ڪاليج ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ اُپديش ڪندي چيو ته سدائين شڀ ويچار رکو. سنتن جي واڻيءَ مان ڪو نه ڪو سوال ڪڍي ورور اچاريو. ڪجهه وقت ٻچائي ايڪانت ۾ پرڀوءَ جو چنتن ڪريو. دکين دريدرن جي سيوا ڪريو. ١٢ آڪٽوبر آرتوار صبوح جو دادا جشن گرو مندر شيام نواس ۾ پروچن ڪيو. نما شام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ دادا جشن مٺو اُپديش ڏنو.

١٩ آڪٽوبر سوامي پوتراج جي پوتر يادگيريءَ جو ڏينهن هو. انڪري صبوح جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن سوامي پوتراج کي پشپانجلي ارپڻ ڪئي.

٣ نومبر ڏياريءَ جي ڏينهن پياري دادا جشن سون سفيد پوش پيدون ۽ ٻارن کي مٺائيءَ جون پيتيون ڏنيون ۽ نما شام جي ستسنگ ۾ پوجيه دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان بعد دادا جشن ”ڏياريءَ جي اهميت“ تي وياکيان ڏنو. ۴ نومبر صبوح جو دادل شاهه جي ڪٽيا مان آسيس وٺي پيارو دادا جشن سنگت سان گڏ آديپور ياترا لاءِ روانو ٿيو. ۴ نومبر صبوح جو ١١ بجي دادا جشن نج ڳنو دربار ڪار ۾ پروچن ڪيو. ۵ نومبر صبوح جو گرو مندر شيام نواس ۾ دادا جن اُپديش

جمن ۾ ڏٺي جيئن سٽل ڪيون.

ميران يومي پونا ۾ پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمدن اُتسو ٢١ نومبر کان آرنڀ ٿيو. ٢١ نومبر دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ ستسنگ ٿيو. ان شام جو انڊسٽريل يونٽ ۾ ٻال ڪيمپ طوفان جنمدن اُتسو ملهايو ويو. دادا جشن پياري آتمؤ ريلوانيءَ کي ڌنيواد ڏيندي مٺو اُپديش ڏنو. ٢٢ نومبر ڇنڇر صبوح جو ميران گرلس ڪاليج ۾ اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. پونا يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر پروفيسر ڏاپولڪر مکيه مهمان هو. پرنسيپال دادا جشن واسوانيءَ مکيه مهمان جي آجيان ڪندي چيو ته پيارو دادا اعليٰ تعليمدان هو، فيلسوف هو، شاعر هو، ساهتيڪار هو. سماج سڌارڪ، روحاني رهبر هو. هن ڪاليج ۾ پياري دادا جي آدرشن جي ساکي ڏني وڃي ٿي. بالڪين جي تعليمي، مانسڪ ۽ آتمڪ اُنتيءَ ڏانهن پورو پورو توج ڏنو وڃي ٿو.

٢٢ نومبر نما شام جو دادا جشن پوجيه ساڌو واسوانيءَ جي جيون تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٣ نومبر آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پڻ دادا جشن دادل شاهه جي جيون جا ڪي پرڻادائڪ پرسنگ ٻڌايا. شام جو 'دادا ليلا' جو ڪارج ڪرم وديارٿين پيش ڪيو. ٢٤ نومبر صبوح جو ميران هاءِ اسڪول ۽ ميران پرائمري اسڪولن طوفان دادل شاهه جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي دادا جشن ڳالهائيندي چيو ته هڪ ڏينهن سپني ۾ ڏسان ٿو ته مان هڪڙي بيٺو آهيان. چوگرد چوڌاري پهاڙ ۽ پهاڙ آهن. اُت اِڪ مٺڙي مڌر مرليءَ جو آواز ٻڌان ٿو ۽ اِڪ عجيب قسم جي سڪون محسوس ڪريان ٿو. ڏسان ٿو ته اِڪ اوچي پهاڙ تان اِڪ مرلي وڄائيندو پيو اچي. نزديڪ وڃان ٿو، ڏسان ٿو، هي ته پيارو دادا پاڻ آيو آهي. سندس هڪ هٿ ۾ ٽوڪري آهي. مان دادا کان پڇان ٿو "پيارا دادا! هن

دادا جشن اُتان ٻوٽام ڪري مٿري وديالیہ ۾ پڌاريو. اُتي ٻڻ ڪرشنا ڀيماڻيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ”پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀيڻرون! اسانجي سنڌي قوم ۾ ايڪتا جي ڪمي آهي. انڪري ڀاڳ ۾ ايڪو ڪري سنڌي قوم جو شان بلند ڪيو. ويچي وڏائيءَ جا ويچار توهان کي سائينءَ جي درگاهہ ۾ ڪين وٺي هلندا. پيار ڪان سواءِ پرڀوءَ جي در رونڻو پوندو. هيءَ گهڙي، هيءَ ويلا، اِڪ اِڪ جاءِ اڪيلا! هن وقت کان وٺي نئين زندگي رهو. هن نگر جو شان وڌايو. محبت ۽ پيار ۾ هلي سنڌي قوم کي پڪو پختو بڻايو!“

١٢ نومبر دادا جشن سوامي ليلاشاهہ مهاراج جي آستان تي پڌاريو. سماڌي اُدگهاٽن سماروهہ جي شروعات ۾ پهرين شريمد ڀڳوت گيتا ۽ شاسترن مان پاٺ ڪيو ويو. پوءِ دادا جشن سوامي ليلاشاهہ مهاراج جي سماڌيءَ ۽ سوامي ليلاشاهہ هال جو مهورت ڪندي چيو تہ سنت ليلاشاهہ ڪرم يوگي سنت هو، ودوان هو، گياتوان هو، يوگ شاستر جو ڄاڻو هو، پر ڏيکاري اصل ڪين ڏيندو هو. سادي لباس ۾ مهان انسان هو. سندس دل ۾ دکين دريدرن لاءِ درد هو. سماج ۾ ڪرسمون ڏسي، اُنهن کي دور ڪرڻ لاءِ هن مهاپرش ڪيترا نہ دورا لڳايا. جوندو هو تہ ليلاشاهہ جي رلهي ڪلهي تي ۽ روٽي راڄ تي. سنت ليلاشاهہ ڪيڏو نہ پئسو ڪنو ڪري سگهيو ٿي. سندس ڪيترائي شش شاهوڪار هئا. هڪ آڱر جي اشاري تي ڪيس لکاهہ روپيا ڏين ها، پر هن سنت ڪڏهن ڪان گهريو ڪين. اُن گهريو پيو وٽس ايندو هو. وٽس جيڪي ايندو هو، هي پيارو سماج جي شيوا ۽ غريبن دکين جي خدمت ۾ خرچ ڪندو هو. ڪڏهن بہ هن پئسو پنهنجو ڪري نہ سمجهيو. ڪنچن ڪامنيءَ کان پنهہ پري رهيو. شل اسين هن سنت جي سکيائن جي ساکي پنهنجي

ورهين جي عمر ۾ پيارو دادا برلن (جرمني) شهر ۾ ويو. اُتي وڏي ڌرمي ڪانفرنس، وشو سميلن ڪوٺايو ويو هو، جت جدا جدا ڌرمن جا پرسد ماڻهو، جدا جدا ملڪن مان اچي ڪٺا ٿيا هئا. ڀارت جي پاران پيارو دادا اُتي حاضر هو ۽ ان موقعي تي جيڪا تقرير پياري دادا ڏني، اُن تقرير جادوءَ جو اثر ڪيو ۽ ماڻهو پڇڻ لڳا ته هي نوجوان ڪير آهي، جنهن جا اکر، اسانجي دلين کي ڌوڏين ٿا ۽ اسانجون اکيون کولين ٿا ۽ اسان کي نوان درشن ملن ٿا. جرمنيءَ مان مونکي اڃا تائين به ڪڏهن ڪڏهن پتر ايندا آهن، جن ۾ اُتي جا پرسد پرش لکندا آهن ته پياري دادا جي يادگيري سندن دلين ۾ اڄ ڏينهن تائين سرسبز آهي.

پيارو دادا آزاديءَ جو اُپاسڪ هو. مهاتما گانڌيءَ آزاديءَ جي هلچل جاري ڪئي. اُن هلچل جو پيارو دادا هو هڪ ٿنڀو. مهاتما گانڌيءَ جي پياري دادا سان ڪيڏي نه محبت هئي. جيل ۾ ويندو هو ته پياري دادا جا پستڪ پاڻ سان گڏ کڻي ويندو هو، جن پستڪن جو هو هي هڪ آواز: ”جند جان جان، اِڪ اِڪ پران، ڪريون قربان، ماتر ڀومي تنهنجي چرنن ۾!“

پيارو دادا ڌياني هو، گياني هو، روحاني رهبر هو، عشق جو اوتار هو. پيارو دادا ڪرم يوگي هو، برهمچاري هو، برهم رشي هو، سنت هو، درويش هو، پر ڪين رهيو دنيا کان دور. دنيا جي ڪوڙ شور جي وچ ۾ رهي هن پياري ڏني ساکي ته جيون ملي آهي لوڪن جي سيوا واسطي.

عجيب سپنو ڏٺم. اُن سپني ۾ ڇا ٿو ڏسان؟ سورڳ وڪنٺ جي دروازي تي اچي بيٺو آهي، ڪير؟ پيارو دادا! ديوتائون سندس سواگت پيا ڪن: ”ڀلي آيا! ڀلي آيا!“ انهن پياري دادا کي چون ٿا ”توهان جي اچڻ لاءِ ويٺا نهاري

نوڪريءَ ۾ ڇا ڪيو اٿوَ ۽ ڪيڏانهن پيا وڃو؟" پيارو دادا چوي ٿو "اُن نوڪريءَ ۾ پشپ آهن، ميران اسڪول ۾ وڃي ٻالڪن ٻالڪين ۾ ورهائيندس." پشپن جي سونهن ڏسي عجب ۾ پوان ٿو. اِڪ اِڪ پشپ ۾ ٽي پتا هئا. پڇان ٿو ته ههڙا سندر گل ڪٿان آندا اٿوَ؟ پيارو دادا چوي ٿو "هي گل فقط نيلي گلستان ۾ ڄمندا آهن. اهي گل آهن نوجيون جا!" الي مهندي ڪوٺيءَ جو ڪمهن در اچي کڙڪايو ۽ سپنو ٽٽي پيو. اهي پشپ پيارو دادا ورهائڻ چاهي ٿو. انهن گلن جي ٽن پتن تي جيڪي منا اکر لکيل هئا، سي جيون ۾ پرڪاش ڪرڻ جو يتن ڪريون ته پيارو دادا اهي گل اسان کي به ڏيندو. ڪهڙا اکر لکيل هئا؟ نه سڄ ڪان سهڻا رهه ٿون پوي، ڪام ڪروڌ کڻ تون تڙي، ۽ ڏي دکين دريدرن کي ٻئي ٻڪ پري ته نوجيون ۾ نواس ڪرين.

دادا جشن سفيد پوش پيدرن کي اناج جا پاڪيٽ ۽ روڪ سهائتا ڏني.

شام جو ۴ بجي ميران پوميءَ مان رٿ ياترا نڪتي. وڏي رٿ تي پياري دادل شاهه جي شاهي تصوير سينگاري رکي وئي هئي. اُن رٿ کي پيارو دادا جشن ۽ ٻيا پريمي شرڌا سان ڪاهي رهيا هئا. سوين ياتري پيدل 'پلي آنين جهيءَ تون آنين دادل شاهه' جي ڌني لڳائي رهيا هئا. جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جون تصويرون سينگاري رکيون ويئون هيون. دادا جشن اُته دادل شاهه جي مورتيءَ کي پرڻام پئي ڪيو. ڪن چونڪن تي دادا جشن نديڙا منا اُپديش پڻ ڏنا.

۲۵ نومبر جو شري نڍڙي گرنٿ جي پاٺ جي ڀوڳ بعد هون لڳي ٿيو. مڌڇنڊ جو دادا لنگر ٿيو جنهن ۾ دادا جشن پاڻ پئي سيوا ڪئي. نما شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن پنهنجي ڏيندي چيو: پيارو دادا فيلسوف هو، ٻوهم گياني هو. تيهن

سنت ڪيڏا نه ڏيالو ٿين ٿا، هڪ هڪ جو ڪيڏو نه خيال ڪن ٿا.

هڪ ڏينهن پياري دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو "اسانجون ڪي ٻڍڙيون ماتائون ۽ ٻڍڙا پائر ٻڍاپي ۽ صحت جي ناسازيءَ سبب هِت ستسنگ ۾ اچي نٿا سگهن. توهان مان ڪي نگرن جي پنهنجي پنهنجي پاڙي ۾ انهن ٻڍڙن ٻڍڙين لاءِ هفتي هفتي ستسنگ جو آيوجن ڪن. گهٽ ۾ گهٽ ٻارهن ٻڍا ٻڍڙيون ضرور گڏ ڪيو. مان اُن ستسنگ ۾ اچي آسيس وٺندس." دادا جشن جي ان ڳالهه ڪيترن کي پرپور ڪيو. پيڻ ايلا سڪراٽيءَ اڊوال ڪالونيءَ ۾ ان قسم جو پهريون ستسنگ رکيو، جت پياري دادا جشن ٻڍڙن ٻڍڙين کان آسيس ورتي ۽ منو اُپديش ڏنو. ان بعد هفتي هفتي جدا جدا پريمين ان نموني ستسنگ جو آيوجن ڪيو، جت پيارو دادا جشن وڃي ٻڍڙن ٻڍڙين سان پيار سان ملندو هو ۽ پُڇن ڪندو هو.

هڪ ڏينهن پياري دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اسين ڪيڏو نه کائون ٿا. سرير جي صحت لاءِ ايڏو ڪاڌو کائڻ ضروري ڪين آهي. گهٽ کائڻ سان صحت پڻ سٺي رهي ٿي. مان جيڪر چاهيان توهان مان ڪي نگرن جي جمع ڏينهن يا ٻئي ڪنهن ڏينهن اُسي پنهنجي حصي جو ڪاڌو ٽفن باڪس ۾ هٿ کڻي اچن ۽ اهو ڪاڌو فقيرن ۽ بکايلن کي کارائين. مان به اوهان سان ان ڪارج ۾ شامل ٿيندس. دادا جشن جي پريرنا سان ڪيترن پريمين دادا جن جي رٿ کي عملي جامو پهرايو. جمع جو ڏينهن آيو. ڪيترا پريمي پنهنجو پنهنجو ڪاڌو کڻي آيا ۽ پيارو دادا جشن انهن سان گڏجي فقيرن غريبن وٽ ويو ۽ کين پاڻ مان ڪاڌو کارايائين. ڪن جا معصوم ٻچا بک ۾ ٻاهه ٿي رهيا هئا، جڏهن کين اوچتو تيار ٿيل ڪاڌو مليو تڏهن

شري ڪرشن، شيام سندر، مرلي منوهر! پلي آيا! پلي آيا!“ ۽ پيارو دادا وڃڻ ۾ اندر گهڙڻ ٿي آهي ته ڇا ٿو ٿئي؟ هڪ پڪار ٻڌڻ ۾ اچي ٿي ڀرٿويءَ تان ۽ پيارو دادا چوي ٿو: ”وڃڻ ۾ هلندس ڪين، ٻر وڃندس، وڃي اُن پاڻ، اُن پيڙ جي شيوا ڪندس جو آهي تڪليف ۾، سور ۾.“

اِها آهي پياري دادا جي سکيا. اهو آهي پياري دادا جي جيون جو آواز. ”شيوا ڪريو! شيوا ڪريو!“ پياري دادا وري پڪاريو: ”نوجيون وٺو! پيارا! توهين اڃا گهڻو وقت پيا ڀٽڪندا، پيا رلندا، ترشنائن ۾، وڪارن ۾، ڪمين واسنائن ۾، ڀوڳن ۾، مان شان ۾، وڏائيءَ جي وچارن ۾؟ اُٿو! جاڳو! نوجيون وٺو ۽ نوجيون جي ڪنجي پياري دادا چيو، آهي ٻن ڳالهين ۾: (١) نام (٢) شيوا. سچي جيون آهي هن ۾: ”رام سمر، رام سمر، يهي تيرو ڪاج هي!“ سچي جيون آهي نام جو سمرن.

هن وقت لوڪ لڙهي ويا آهن پنهنجي پدارٿ ۾، اندرين جي ڀوڳن ۾، وڏائيءَ جي وچارن ۾. هن وقت لوڪن کي وچار آهي عيش عشرت جو. ٻر پياري دادا چيو: ”هي جڳ پورو ٿئي ٿو، هڪ نئون جڳ کلي ٿو. نام جو جڳ، جنهن جڳ ۾ نام جي ۽ سنتن جي مهما وڌيڪ ٿيندي. نام ڳايو، نام ڌيايو ۽ نه وساريو ته نام جون مورتون آئو دکي ۽ غريب، ڪنگال! هن ڏينهن ۾ غمگيني آهه، دلين ۾ دک آهه، مايوسي آهه. ماڻهو مشڪلاتن ۾ آهن، تڪليف ۾ آهن. مهانگائي وڌندي وڃي ٿي. ڪيترن کي کاڌو ڪونه ٿو ملي، ڪپڙو ڪونه ٿو ملي، اُجهو ڪونه ٿو ملي. ڪيترن کي گهر ڪين آهن. وچارا رستن تي سمهن ٿا! ڪيڏو نه دک، ڪيڏي نه غريبي، ڪيڏي نه مفلسي! انڪري پياري دادا چيو: شيوا ڪريو! جيڪي اوهانکي آهي سو ونڊيو ورهايو.“

ٻڌائيندي ودياٿين کي چيو ته سچ سنيهه سيوا سادگي سمورن سهائيوتيءَ جي سڳنڌ ڦهلايو. پياري دادا جا اهي آدرش اپنايو.

١٦ جنوري دادا مهاڀڳيه جي سنبنڌ ۾ صبوح جو ميران هال ۾ هون ڀڳيه ٿيو. ان بعد دادا جشن سفيد پوش ڀيڻن کي اناج ۽ ڪمبل ڏنا. نما شام جي ستسنگ ۾ ڪن پيارن دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏني. پياري دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان موقعي تي پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ دل ڀڳل اٿم. ڀڳل دل سان پيو محبوب جي مٺي مورت ڏي نهاريان. اڄ نما شام جو توهان ديپڪ ڪٺي دادا چونڪ تي هليا ۽ پياري دادا جي پتلي اڳيان ديپڪ رکي آسيس ورتي. مان ور ور پئي دادا جي مورتيءَ ڏانهن نهاريو. عجيب مشڪ، عجيب جوت ڪمل مکڙي مان پئي آئي. هاڻي پياري دادا پنهنجي مٺي اُپديش دوارا کهڙو نه مٺو پيغام ڏنو:

من پرپوڙهه هوڪيءَ ناءِ، دهه دس ڌاوت آويءَ ناءِ.

!اسين ڪيترو نه ڀٽڪيا ۽ رليا آهيون! انڪري دکي آهيون. نسو پدارث ڪنو ڪيو اٿئون. جنگلن ماڙين ۾ رهون ٿا، هوائي جهاز ۾ مسافري ڪريون ٿا، پر سکي ڪين آهيون. اسانجو من پيو ڀٽڪي، ان کي پرپوڙ ڏيون. پياري دادا پنهنجي اُپديش ۾ چيو ته من کي چئو ”هي من! تون هريءَ جو نام اُچار ته تنهنجي چنتا دور ٿئي. ڪيڏو نه ڀٽڪيو آهين! ڪيڏو نه رليو آهين.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! ڪيترا نه ڳوڙها ڳاڙيا اٿئون! نه فقط هن جنم ۾ پر ڪوٽي ڪوٽي جنمن ۾ رنو اٿئون. پياري دادا چيو ته سنتن سمڌن جو ناٽي، ان ڪان نه وڌيڪ اسان مان هڪ ڳوڙها ڳاڙيا آهن. سنت ستپرک اڪ ٿي آواز اٿارين ٿا ته هري نام جپيو. پنهنجو من اسٿر

هوُ ڏاڍو خوش ٿيا.

٢ جنوري ١٩٧٦ ئما شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ايڊيش ڪندي چيو ته پنهنجا فرض پالن ڪريو. جيڪو ڪم توهان کي سونپيل آهي اُن کان منهن نه موڙيو. پياري دادا ٻڌايو ته هڪ نوجوان پنهنجي ٻڍڙي نانيءَ سان گڏ رهندو هو. آفيس جي وقت کان اڳ ۽ پوءِ ڪيترا ڪلاڪ سندس خوب سيوا ڪندو هو. حيدرآباد سنڌ ۾ پڙهو گهميو ته سوچجي نٿبو اچڻي آهي، اُن اُنسو لاءِ والنٽيئر ڪپن. هن نوجوان پنهنجو نالو ڏنو. اُتي وڃي سيوا ڪيائين. هيڏانهن نانيءَ جي سيوا ڪير ڪري؟ ائين نه ڪريو. پنهنجا ڪرتويه پوريءَ ريت پالن ڪريو! ٻيو نيم هر حال ۾ راضي رهو. 'جو تنهن ياوي سائي پلي ڪار.' پياري دادا جي پتلي هينئان لکيل آهي: "نه ڪر فڪر، ڪر شڪر! ڪر شڪر!" توهين به هر حال ۾ پرڀوءَ جا شڪرانا مڃو! ٽيون نيم ڪنهن ۾ به گمان - شڪ نه آڻيو. هڪ شاهوڪار پيرط جي هيري جي منڊي گم ٿي وئي. سندس شڪ وڃي نوڪر ۾ پيو. پوليس نوڪر کي پڪڙي خوب مار ڏني. نوڪر چوي ته هن منڊي ڪين کنئي آهي، تنهن پوليس ڪيس وڌيڪ مار ڏني. نوڪر ويچارو مار کائي اڌ مئو ٿي گوٺ واپس هليو ويو. ٿورن مهنن ڪانپوءِ اُن شاهوڪار پيرط پنهنجي گهر ۾ ڪپڙن کي رنگ پئي هڻايا. ڪپڙت مان سامان ڪڍندي ڏسي ته اِڪ ڪنڊ ۾ منڊي پئي آهي. ان شاهوڪار پيرط کي ڏک ٿيو ته اجايو هن نوڪر ۾ شڪ آندو. انڪري ڪنهن ۾ گمان نه آڻيو.

١٥ جنوري ميران هاءِ اسڪول ۽ ميران پرائمري اسڪول طرفان پياري دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي ورسي ملهائي وئي. ڪن وديارٿين دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏني. پياري دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جا ڪي پراڻا اَنڪ پوسنگ

ڊپا ڊسپينسريءَ جي وارشڪ ڏينهن پياري دادا جشن ڊاڪٽرن
۽ سيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته جيسين هن اسپتال دواران
توهين سيوا ڪندا ايندا، دکين دردن جي ٻولي ۽ محبت ۾،
انهن ۾ ڏسندا ڀڳوان جو روپ، تيسين توهانکي ڪسي جي
تڪليف ڪين ٿيندي. اٽڪل ڏيڍ سؤ کن بيمار روز هت اچن
ٿا، جن مان ڪيترا غريب آهن، ڪين شايد پورو کاڌو کائڻ لاءِ
ڪين آهي. مان ته اُن ڏينهن لئه پيو نهاريان جڏهن توهان
بيمارن کي نه فقط دوائون ڏيندا پر کاڌو پڻ کارائيندا، ڪپڙو
پهرائيندا. اهو سڀ نشڪام سيوا ڀاوَ سان ڪندا رهو. اهو
به هڪ رستو آهي ڀڳوان کي پائڻ جو. گيان مارگ، ڀڳتي مارگ،
راج يوگ، هٺ يوگ، بيشڪ ڀڳوان جي پراپتيءَ جا مارگ آهن،
پر ڪلجڳ ۾ سهج مارگ آهي سيوا مارگ. ان مارگ ۾ جو هلي
سو غريبن جي سيوا ڪري ان ڀاوَ ۾ ته اسين غريبن تي مهرباني
ڪين ٿا ڪريون، پر هُو اسان تي مهرباني ڪن ٿا، جو اسانکي
وجهه ڏين ٿا سيوا ڪرڻ جو، مانکه جنم سڦل ڪرڻ جو. شل
ان ڀاوَ ۾ هيءَ اسپتال وڌندي رهي.

٣١ جنوري ٿما شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ
۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پڻ ساوتري آڏوانيءَ
پياري دادا جشن جو سواگت ڪندي وينتي ڪئي ته بمبئيءَ
۾ جلدي جلدي اچي پريمين جي پياس پوري ڪريو. پياري
دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ صبوح جو جيئن اٿيس
ڪي اکر سامي صاحب جي باڻيءَ جا مڌهجي چپن تي آيا.
اهي اکر وري پئي اچاريا اٿم:

سدائين نرمل، ساڌوجن سنسار ۾،
ليپ نه لڳي تن کي جيئن جل ۾ رهي ڪنول!

هن شلوڪ ۾ سامي جن سچي انسان جي تصوير اسان اڳيان

ڪريو. پيارو دادا چوي ٿو:

سڪ ساڳو ۾ آنڪر، مت جاڻو ري پياسا پياري.

انکري نام ھدايت ڪنو ڪريو. ھڪ دفعي دادا کان ڀيوسين ته نام ھدايت ڪيئن ڪنو ڪريون. پياري دادا چيو ته جيڪڏھن روحاني راھ ۾ اڳتي وڌڻ چاھيو ٿا ته ھي پنج ڳالھيون ڪريو. جيئن نئين عمارت ٺھرائڻ وقت ان جي پيڙھ ۾ ٥ رتن وجھيا آھن، تيئن نوجيون جي عمارت اڏڻ لاءِ ان جي پيڙھ ۾ ٥ رتن وجھو. پنج رتن معنيٰ پنج آدرش. پھريون آدرش آھه نمرت. نماڻا ٿيو! دل ۾ غريبي اختيار ڪريو.

جنا غريبي سوڌري سي شاھن کي شاھ،

اڏل چڙو ٿن ٻر جھلي واھ غريبي واھ!

جيسين اندر ۾ ايمان آھه، خودي آھه تيسين نام ھدايت ملڻ مشڪل آھه.

خودي ۽ خدا ڪين ماپن ھڪ من ۾،

جئن ٻن ترارين جاءِ ڪانھي ھڪ مياڻ ۾.

ان ڪري آپو وڃايو! خاڪساري اختيار ڪريو. ٻيو آدرش آھه پياس پريوءَ واسطي. اندر ۾ اُڪير اُٿاريو، عاشقان دي اُڪير. پياس لاءِ ضروري آھي ته سمجھون ته پنھنجي محبوب کان وڇڙيل آھيون. وڇوڙي جي ويچار مان اٿي ٿو درد، درد معدان ڪا درد. ان ڪري پياس ۾ پوتم لئه پڪاريو. اسانکي سچو سڪ تڏھن ملندو جڏھن محبوب سان ملنداسين.

١٦ جنوري رات جو جاڳرلي ستسنگ ٿيو، جنھن ۾ پڻ دادا جشن شرڪ ٿيو ۽ پنھنجي آسيس سان نھال ڪيائين.

١٧ جنوري منجھند جو دادا لڏگو ۾ پياري دادا جشن ٻاڻ سنگت جي شيوا ڪئي.

٢٦ جنوري بودر ھود پونا جي سھاري ھلندڙ راڌاڪرشن

هن کي ٺڪون لڳڻ لڳيون، ۽ هن جي چت شانتي ٽٽي ٿي. سنت ايڪنات چوڻ لڳو: "اڄ مون تي ڪيڏي نه ڪرپا ٿي آهي. ١٠٨ ڀيرا اشنان ڪيو اٿم. هونئن ته هڪ اشنان ڪرڻ کان ئي ڪڏهن سستي ٿيندي اٿم. اڄ پانڊورنگ خاص مهربان ٿيو آهي!" نيٺ ننڍڙڪ ٺڪون هڻي ٿڪجي پيو. سنت جي چرڻن ۾ ڪري معافي گهري ٿو. ڪيس حقيقت ٻڌائي ٿو ته پنهنجي جي لالچ تي اِئين ڪيم. مونکي ڇهائون ايڪنات کي ڪاوڙ ۾ نه توکي هيترا پيسا ڏيندا سين. ايڪنات چوڻس لڳو، مون کي اڳوات ئي ٻڌائين ها ته مان اهڙي ڪاوڙ ڪريان ها، جو توکي ٻڪڻ پيسا ملن ها ۽ هيڏي تڪليف وٺڻي ڪين پوي ها!

هن سنت جي چرڻن ۾ ڪيترا اچي وهندا هئا. هڪ موقعي تي چوڻس ٿا: "اسان کي پنهنجو پيغام ڏيو." ايڪنات چوي ٿو: "پيغام اٿو هي، لنگهي ساگر سنسار هلو هن پار!"

اِهي اکر اڄ توهان وٽ ڇڏي وڃڻ ٿو چاهيان. اسين آهيون پکيڙا پرديس جا، اِئين پياري دادا ٻڌايو. هلو هن پار، نج ڌام کي نه وساريو. هلو هن پار، لنگهي ساگر سنسار. ڪيئن ساگر سنسار جو لنگهون؟ اسانجي پيڙهن ۾ آهن ڇيد. اِن ڪري ٻڏي وڃن ٿيون. ڪيئن پهچون هن پار؟ سنت سنتوڪ پيڙهون کڻي اچن ٿا، اسان کي چون ٿا: اچي وهو. نام جي پيڙيءَ ۾ چڙهو ته توهان کي پهچايون هن پار، لنگهي ساگر سنسار. ان ڪري سڄڻ سنتوڪن جي چرڻن ۾ اچي وهو. سَتسنگ ۾ اچو. هڪ هڪ سَتسنگ اُنو پيڙي. ان پيڙيءَ ۾ چڙهي چت شانتي ناهيو! هر حالت ۾ چت شانتيءَ ۾ رهو! اهو پدارٿ هٿ ڪري، هي سنسار ساگر لنگهي توهين ۾ هلو هن پار، جت شري ڪرشن پنهنجن جي لي مرلي چاڙهي وائو اِڪ ئي گيت ڳائي: "آجا! آجا!" هن پار هلو ۽ پنهنجو مانک جنم سڦل ڪريو!

رکن ٿا. سچو انسان، سادو جن، سنسار ۾ رهي ٿو، ڪنهن تپوبن جي اونهائيءَ ۾ يا پهاڙ جي چوٽيءَ تي يا نديءَ جي ڪپ تي نٿو رهي، پر سنسار جي وچ ۾ رهي دکي لوڪن جي شيوا ڪري ٿو. پر نرمل ٿي رهي ٿو. هن جو اندر آهه اوچو جيئن جل ۾ رهي ٿو ڪنول. جل ڪيس ڇهي سگهي ڪين. سادو تيئن رهي ٿو سنسار ۾. سندس اندر آهه اوجل. اسانجي اندر آهه مٿل. جنم جنم جو مٿل ڪٺو ڪيو اٿون. پر سادو جن جي هڪ نشاني هيءَ، نرملتا ۽ نرمل انسان جي نشاني ڪهڙي؟ هڪ نشاني چت شانتي! ڇا ۾ ٿئي هؤ پنهنجي چت شانتي نٿو وڃائي. اسين سندس چت شانتي ٽوڙي سگهون ڪين. اهڙن ماڻهوءَ جي پيارن کي اسين تڪليفون ڏيون، انهن سان وڙهون، پر سندن چت شانتي ٽوڙي سگهون ڪين.

مهاراشٽر ۾ هڪ وڏو سنت ٿي گذريو آهه، سنت ايڪناٿ. ستسنگ هلائيندو هو. ڪيترا ماڻهو هن جي ستسنگ ۾ ايندا هئا. ڪن کي حسد ٿئي ٿو. چون ٿا، ڪا تجويز ڪري هنکي ڪيرايون. هڪ ماڻهوءَ کي لالچائين ٿا ته ايڪناٿ کي ڪاوڙاءِ ته توکي هيترا پيسا ڏينداسين. ماڻهو چوي ٿو، اها ته سولي ڳالهه آهه. صبوح جو سوير ايڪناٿ نديءَ تي سنان ڪرڻ ويندو هو، پوءِ اچي پوڄا ڪندو هو. ٻئي ڏينهن جيئن ايڪناٿ نديءَ تان سنان ڪري موٽي ٿو، هي ماڻهو ايڪناٿ کي ٿڪون هڻي ٿو. آءِ منهنجا ڀاءُ! تنهنجو وات ڪيئن ٿي هليو؟ تنهنجون ٿڪون چوڻ سگهي وڃون؟ سنت ايڪناٿ کي ٿڪون لڳن ٿيون. سندس شانتيءَ ۾ وگهن نه ٿو پوي. سائينءَ جو نالو اُچاري ٿو: "پاندورنگ"، "پاندورنگ" چئي وري وڃي سنان ڪري ٿو. موٽي ٿو. وري هي ماڻهو ڪيس ٿڪون هڻي ٿو. ائين قصو پيو هلي. ١٠٨ ڀيرا ايڪناٿ سنان ڪري ٿو، ١٠٧ ڀيرا

لڳن ۽ شڪ ڪلا ٻئي بالڪ ڏي نهارين ٿا. موهت ٿين ٿا. ٻيا ڪن ٿا، هي ڪنهن جو بالڪ آهه؟ راهه ٿانئين توسن ٿا. ٻر ڪوبه پيدا نٿو ٿئي جو چوي ته هي بالڪ سندن آهه. سمجهن ٿا شايد ڀڳوان شو شنڪر اسان جي پڪار ٻڌي آهه ۽ هي ٻار اسان کي ڏنو اٿس. ان ٻار کي پاڻ سان وٺي وڃن ٿا ۽ ڪيس پنهنجو پٽ ڪري پالين ٿا.

بالڪ عمر ۾ وڏي ٿو. جهڙو پڙهڻ ۾ هوشيار، تهڙو راندين ۾ لڪو. تنهن سان گڏ سندس منهن ۾ عجيب سونهن. جو ڪيس ڏسي، ڏانهنس ڇڪجي اچي. سياوڪ ماتا پتا جو هن بالڪ ۾ موهه ٿئي ٿو. ٿورو وقت به هن کي پاڻ کان پري ٿيڻ نٿا ڏين. چون ٿا هن ڪانسواءِ اسين ڪيئن رهي سگهنداسين؟

پوءِ ڇا ٿو ٿئي؟ بالڪ ١٦ ورهين جو ٿئي ٿو. پتا ويو آهه مندر ۾ پوڄا ڪرڻ. پٽ ماتا کي چوي ٿو: ”امي! هيءَ ننڍي پيتي توکي ڏيان ٿو. اها پتا کي ڏجانءِ، مان وڃان ٿو!“ ماتا گهڻو ئي پڪاري ٿي: ”پٽ، تون ڪٿي ٿو وڃين؟“ پر پٽ گم ٿي ويو هو.

پتا مندر مان موٽي ٿو ۽ پڇي ٿو: ”پٽ ڪٿي؟“ ماتا ڪيس ٻڌائي ٿي ته ڪيئن نه پٽ هيءَ ننڍي پيتي ڏيئي چئي ويو، ”مان وڃان ٿو. اڃا موٽيو ڪين آهه. پتا ڊوڙي ٿو، ٻين کي ڊوڙائي ٿو، پٽ ته گم ٿي ويو. جيئن آيو، تيئن ويو.

پتا پيتي کولي ٿو. ان پيتيءَ ۾ هڪ چٺي ۽ هڪ ٻاڪي ٻنا سئيءَ پيئي آهه. چٺيءَ تي لکيل آهن هيءَ اکر: ”جيئن سئي ٻاڪيءَ ٻنا آهه نڪمي، تيئن آهه اها جيون، جنهن ۾ پياس پرڀوءَ لاءِ ڪين آهه.“ پتا جي دل اندر اهي اکر گهڙي وڃن ٿا. چوي ٿو: ”ڳالهه سچي آهه. منهنجي جيون ۾ اڃا سنساري پدارٿن، پٽ ۽ ٻين لاءِ موهه آهه. منهنجي جيون جو

٥ فيبروري بسنت پنچميءَ جي پوتر ڏينهن پوجيه دادا جشن پدمجي ڪمپائونڊ پونا ۾ نرگڻ ٻالڪ منڊل جي نج ٿانو مندر جو بنيادي پٿر وجهندي هوَن لکيو ۽ پرارٿنا ڪئي. دادا جشن نرگڻ ٻالڪ منڊل جي ڪاريه ڪرتائن شانتي ديوي، ڪملا ديوي، راڌڪا ديوي ۽ ٻين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته اوهانکي ڌنيواد آهي جو جدا جدا هنڌ تي نام جي جوت پيا جڳايو. شل هن مندر مان جوت جون لهرون نڪرنديون رهن، جي لوڪن جي جيون کي نئون بڻائين. پنج ڪوڏيون هن مندر جي ڪاريه لاءِ ڀيٽ ڏيان ٿو، قبول پون. اميد ته پڀوءَ جي آسيس سان هت جلدي ئي مندر تيار ٿيندو، جت اوهين ويهي نام ڳائيندا نام ڌيائيندا.

٢١ فيبروري ستسنگ جو پيارو سيواڌاري شري نارائڻداس گجواڻي پرلوڪ پڌاريو. پياري دادا جشن پرارٿنا ڪندي سرڳواسيءَ کي ڀاو ڀيني شرڌانجلي ڏني.

٢٦ فيبروري شوراتريءَ ڏينهن نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ڀڳوان شنڪر جي مهما ڪندي چيو ته شِو ڀڳت ٿيرو ويڪادر ۽ سندس پتني شوڪلا جو ورڻن ڪندي چيو ته ٻئي ڀڳوان شنڪر جا اُپاسڪ هئا. ٻئي دکين دريدرن جي شيوا ڪن ٿا. ڪوبه وٽانئن خالي ڪين ويندو.

سالن پٺيان سال گذرندا وڃن ٿا. هنن کي ٻار ڪين ٿو ٿئي. هڪ ڏينهن شو جي مندر ۾ آلين اکين سان پڪارين ٿا: ”اسانجي آيُ وڏي ٿي وئي آهي، ۽ اسان کي هڪ پٽ به اڃا ڪين ٿيو آهه. پڀو! تون رحم ڪري اسانکي هڪ پٽ ڏي ضرور.“ پرارٿنا ڪري مندر کان ٻاهر اچن ٿا. ڏسن ٿا ٻيهان اڪ وڻ هيٺ هڪ ٻار ليٽيو پيو آهي، پيو پڪاري: ”بابا! بابا!“ هن ٻار جو مکڙو عجيب سونهن ۾ پئي چمڪيو.

مان اڄ ڀڳهاردار، موکي مالڪ جو حڪم مڃڻو ٿي پيو!" راجا کي غصو لڳي ٿو. چوِس ٿو، "تنهنجي مالڪ جو مالڪ مان آهيان. تنهنجو ڪم هو ته اهو خزانو مون وٽ کڻي اچين ها."

خزانچيءَ کي راجا جيل ۾ وجهائي ٿو ۽ پوءِ راجا چوي ٿو، "مان ٽيروءَ کان به حساب وٺندس!" راجا اچي ٿو جت ٽيروُ وڻ هيٺ ويٺو آهه، پنهنجي مستيءَ ۾ مستان. ان مستيءَ جو ذڪر ڪيئن ڪريان؟ ٽيروُ ڏسي ٿو راجا آيو آهي، پر اٿي راجا جو آدرياءُ ڪين ٿو ڪري. راجا کي ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ ٽيروءَ کان پڇي ٿو ته توکي پتا ٿيو آهي؟ ٽيروُ چوي ٿو: "ڪجهه وقت اڳي تون بيشڪ منهنجو راجا هئين پر هيئنر اهين ڪين آهين. هيئنر منهنجو راجا آهه ڪل مالڪ ڀڳوان شنڪر. ٻيو ڪو راجا مان ڪين سڃاڻان!" پوءِ ٽيروُ وڌيڪ چوي ٿو: جنهن کي ڪا ترشنا ڪين آهه، جنهن کي سنسار ۾ ڪجهه ڪين کپي، اهو فقط هڪ راجا کي سڃاڻي. ٻئي ڪنهن راجا ڏي نهاري ڪين. اِڪ راجائن جي راجا اڳيان پيٺو آرتي ڪري!"

ٽيروءَ جي انهن اکرن ۾ ڇا آهي؟ راجا جي دل اندر اهي اکر کهڙي وڃن ٿا، ٽيروءَ جي چرنن ۾ راجا سر جهڪائي ٿو ۽ چوي ٿو: "مون کي سکيا ڏيو!" ٽيروُ راجا کي کهڙي سکيا ڏئي ٿو؟ جيڪر اها سکيا اڄوکي پوڙو ڏينهن اسين ٻاٽ سان کڻي وڃون:

نند ڇڏ، نه ٿيءُ ديوانو،
ڏس هڪ هڪ آهه اڪيلو روانو!
دل جي اندر ڏي اڪ کي جاءِ!
جاڳي جاڳي لون شؤ ڏياءِ.

٦ مارچ صبوح جو پوڄهه دادا جن پونا مان سنسيءَ ٻاڙا لاءِ

سچ لڌي ليو، پر ٻڍڙيءَ لاءِ مون کي پياس ڪٿي آهي؟"

اسان مان به ڪيترن جي جيون جو سچ لڌي ليو. پر اسين موهه ۾ ڦاٿل آهيون. ٻڍڙيءَ لاءِ پياس ڪٿي؟ اسانجي جيون ته آهي نڪمي.

پتا جي دل اندر جاڳرتا اچي ٿي. چوي ٿو، "هي سنساري پدارٿ ڪهڙي ڪم جو؟ مون کي ڪجهه ڪين. مون کي کپن ٻڍڙيءَ جا ڪمل چرن!"

ٻئي ڏينهن خزانچيءَ کي سڏي چوي ٿو: خزاني جو دروازو کولي ڇڏ ۽ وڏي آواز ۾ سڀني کي ٻڌاءِ ته جنهن کي جيڪي کپي سو بيشڪ کڻي وڃي! خزانچي اهين ڪري ٿو ۽ سون جي تعداد ۾ ماڻهو ڊوڙندا اچن ٿا. تن مان ڪي شاهوڪار بڻ آهن. انهن کي لڄ پيئي ٿئي ته پرائي ملڪيت ڪيئن کڻون. ڳالهه ناهي چون ٿا، ٻڍڙيءَ اسان کان ٥ هزار اڌارا ورتا هئا، سي کڻي ٿا وڃون. ڪو ڪا شيءِ پيو کڻي ته ڪو ڪا شيءِ. نيٺ سڄو خزانو خلاص ٿي ٿو.

ٻڍڙيءَ تي ڪرپا ٿي آهي. ٻڍڙو نئون ٿي پيو آهي. شوءِ اچي سندس دل کي پڪڙيو آهي. ٻڍڙيءَ کي پيو سڀ وسري ويو آهي. 'بس ڪٿي سڀ ڳالهه پرائي!' کيس فقط شوءِ ياد آهي. ٻڍڙو هڪ لنگوٽيءَ ۾ وڻ هيٺ اچي ويٺو آهي. دل جي اندر پيو ور ور اچاري هي منتر: "اوم نمه شوايه! اوم نمه شوايه!" شوءِ جي چرنن ۾ مان نمان ٿو!

راجا کي سموري ڳالهه جي خبر پوي ٿي. ڇو ته ماڻهو هينئر ڏاڍو ٻڍڙيءَ جي پيا ساک ڪن. راجا کي اها ڳالهه نٿي وڻي ته ٻڍڙيءَ جو مان راجا کان اوچو ٿئي. ٻڍڙيءَ جي خزانچيءَ کي گهرائي چوي ٿو: "تو هي ڇا ڪيو؟ تنهنجو مالڪ چريو ٿيو، پر تو هي ڇا ڪيو؟" خزانچي چوي ٿو: راجن! مان ڇا ڪريان؟

ٻاٻوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿي ”اي رب سائين! اڄ مونکي ڇوڏهن روپيون موڪليج، چار مزمان ايندا.“ رابيئا کي وشواس هو ته ڌڻي ضرور مانيون موڪليندو. پاڻ نشچنت ٿي ويٺي هئي. در تي کڙڪو ٿيو. رابيئا در کوليو. ڏسي ته هڪ ڀيڻ ڪجهه مانيون ۽ ڀاڄي کڻي آئي آهه. اها ڀيڻ رابيئا کي عرض ڪري ٿي ته هي کاڌو قبول ڪريو. پرڀو ڪيئن نه هڪ هڪ جي ويٺو سار لهي. اسين به جيڪر سائينءَ ۾ صدق رکي پرارٿنا ڪريون.

٩ مارچ پيارو دادا جشن سنگت سان گڏ پياري ڀڳوان ڏالواڻيءَ جي فيڪٽريءَ ۾ پڌاريو. اُت دادا جشن ننڍڙو اُپديش ڪندي چيو ته فيڪٽريءَ جو سيٺ پنهنجن ڪم ڪندڙن سان انهن هلي جيئن پنهنجن ٻارن سان پريم ڀريو ورتاءُ ڪبو آهه ۽ ڪم ڪندڙ به اهڙي سچائي، مريادا ۽ پيار سان وهنوار ڪن، جيئن پنهنجي پتا سان ڪبو آهه. اهو آدرش فيڪٽريءَ جو هئڻ گهرجي. ١٠ مارچ صبوح جو داداجن مايا ديويءَ جي گهر اُپديش ڏنو. رات جو داداجن سنگت سان گڏ پونا ۾ واپس وريا.

٢٩ مارچ ميران هاءِ اسڪول جي سلور جبلي اُتسو سنبنڌ ۾ مهاراشٽر جو گورنر شري علي ياور جنگ مکيه مهمان طور شريڪ ٿيو. ان موقعي تي پياري دادا جشن سندس سواگت ڪندي ٻڌايو ته ڪيئن ورهاڱي ڪانپوءِ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ پونا جي پوتر ڀوميءَ ۾ ميران هاءِ اسڪول جي استاپنا ڪئي. هن اسڪول ۾ وديارٿين جي مانسڪ ۽ نيتڪ اُنتيءَ ڏانهن خاص ڌيان ڏنو وڃي ٿو. پياري دادا جي آدرشن جا ٻج ڇٽيا وڃن ٿا، جيئن اهي وديارٿي اڳتي هلي ڀارت جا نيڪ ناگرڪ بڻجن.

١٣ اپريل وساکيءَ جي ڏڻهن صبوح جو پيارو دادا جشن دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ پرنام ڪري سنگت سان گڏ بمبئيءَ

روانا ٿيا. شام جو آر. ڪي. انڪيڊمي هال ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. دادا جن اُپديش ڏيندي چيو ته سک ساگر ۾ اچي پياسي ٿي نه وڃو. دنيا دک جو گهر ٿي پيئي آهي، ڇو ته اسين ڀوڳيءَ رهت نٿا رهون. هڪ راس وهني پياري دادا کي پيرون ڏنم. اُن وقت پياري دادا کان سوال پڇيائون: "دادا! پياس اٿم ته سک ساگر مان پياسي ٿي نه وڃان! ان لاءِ ڇا ڪريان؟" پياري دادا چيو "ٻر ڪول! ڪسپ ڪول!" اها ڳالهه نه وساريون ته اسين آهيون ڀڪيڙا پرديس جا. هڪ هڪ ڀڪيڙو اڏامي وڃي پهچندو پرم ڌام، نج ڌام. وري پياري دادا کان پڇيم "ٻر ڪيئن کوليان؟" دادا جن چيو "پستڪن پڙهڻ سان ٻر نٿا کلن، ٻر سڪ سچڻ لاءِ رکه، اُڪير الک لاءِ اُٿار. سڪ وارن جي اندر اِڪ ئي آس ته محبوب ملي. هوءَ هر حال ۾ راضي. ان ڪري پيارا! اوت الک جي ڀڪڙي قدم به قدم اڳتي وڌاءِ. ساک نندا، مشڪلاتون مصيبتون، مان شان، شاهوڪاري غريبي هر حالت ۾ اِڪ حاڪم کي ڏياءِ، سندس چرنن ۾ سر جهڪاءِ. سک سپنا، دک بدبدا. اُن کو آدر ڏيجيئي جو پيچي پگوان. هر حال ۾ پرسن چت رهه، نام ڌياءِ، نام ٿون ڳاءِ، پرم سک پاءِ.

٧ مارچ صبوح جو دادا جن شيام نواس گرو مندر ۾ اُپديش ڏنو. ٿما شام جو پارڪ سيوا سدن هال دادر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو، جت پيارو دادا جن پڌاريو. شري ٿوري گرنٿ مان وچن وٺڻ بعد پياري دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته پرماتما ۾ پورن وشواس رکي پرارٿنا ڪريو "شرڌا وان لڀئي گيانم." شرڌا وارو ئي گيان پراپت ڪري سگهي ٿو. سنتياڻي رابيعا جو پرڀوءَ ۾ ڪيڏو نه وشواس هو! رابيعا پاڻ اُن ماني ڪانه ڪندي هئي، جا ڪيس ڪو نه ڪو پرڀو ڏئي ويندو هو. هڪ ڏينهن رابيعا وٽ چار درويش مزمان ٿي اچا هئا. رابيعا

پاڻ جي پوڄا بعد پياري دادل شاهه جو مٺو اپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. پياري دادا جشن پڻ پياري شانتيءَ کي پيار ڀري ڀيٽانجلي ڏني.

دادي شانتيءَ جي ڇهين ورسي ١٥-١٦ مئي ممبران پوميءَ ۾ ملهائي وئي. ١٥ مئي پرڀات جو پياري دادل شاهه جي ڪٽيا ۾ ستسنگ ٿيو. ان بعد پرڀات ڦيري نڪتي، جنهن ۾ دادا جشن به شرڪت ڪئي. امرت ويلو ۽ رام نام جي ڌني، ڪيڏو نه آنند جو وايو منڊل هو! صبوح جو هون ٿيڻ بعد دادا جشن پنج سؤ سفيد پوش پيرون کي چادرون ڏنيون. نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن دادي شانتيءَ کي شردانجلي ڏيندي چيو ته هڪ دفعي پياري شانتي دادل شاهه جي چرڻن ۾ ويٺي هئي ۽ دادا کان هڪ سوال پڇيائين: "پيارا دادا! مان اڃا سجاڳ ڪين ٿي آهيان. ڪو سولو رستو ٻڌايو، جيئن مونکي سجاڳي اچي."
ان وقت پيارو دادا شانتيءَ کي چوي ٿو:

پرديسي! ڍل نه ڪر، نهار،
سڀ ماڻي اٿيئي، ٿيءُ ترت تيار.

اهي مٺا اکر پياري شانتيءَ جي دل اندر گهري وڃي ٿا ۽ پوءِ پاڻ کي مسافر، ياتري ڪري سمجهيائين. هن ديهه ڇڏڻ کان ٻه ڏينهن اڳ پنهنجي خط ۾ لکيو ته مسافر آهيون، ڪا تياري ڪريون. ڪنهن وقت به ڪال جا قاصد اچن ته نام جو خزانو ڪٺي هلون. ڪيس خبر ڪين هئي ته ان ڏينهن کان پوءِ پاڻ دادل شاهه جي ڌام پهچندي. اسين به پياري شانتيءَ وانگر تياري ڪريون، نام ڌن ڪنو ڪندا رهون، هن مانک ديهه جو سڦر سڦلو ڪريون.

٢٠ مئي دادا جشن سڪمت سان گڏ بمبئيءَ روانو ٿيو. ان ڏينهن نماشام جو دادا جي آر. ڪي. انڪيڪليءَ ۾ اپديش

روانو ٿيو. سنت دليپڪمار راءِ دل جي تڪليف سبب بمبئيءَ ۾ زير علاج هو. پيارو دادا جشن ڪانئس پڇڻ لاءِ ونس ويو. شري دليپڪمار راءِ ۽ ڏيڊي اندرا ديوي دادا جشن ۽ سنگت کي ڏسي باغ بهار ٿيا. نما شام جو دادا جن گيتانجلي بلڊنگ ۾ ستسنگ جو مهورت ڪندي پياري خوبصورت شوداساڻي ۽ ٻين شيوادارين کي ڌنيواد ڏني. سومر ١٤ اپريل صبوح جو دادا جشن ڳر مندر شيام نواس ۾ پروچن ڪندي دواخاني جو مهورت ڪيو. ١٥ اپريل کان ١٩ اپريل تائين دادا جن جدا جدا جڳهين تي روح رهاڻ ڪئي ۽ ٢٠ اپريل پونا واپس ويا.

دادا جن پونا ۾ هر آرتوار صبوح جو ۽ گروار شام جو پروچن ڪري سون ساڌڪن جي سونهپ ڪندا رهن ٿا. دادا جن صبوح جو نيرن وقت ۽ رات جو پڻ ڪيئن نه ڪڏهن ڪنيا ۾ نه ڪڏهن ورانڊي ۾ روح رهاڻ ڪندي اسانجي رهنمائي ڪندا رهن ٿا، سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌائي پرڀاوت ڪن ٿا.

دادي شانتيءَ جو جنمڏن ٢٥ اپريل صبوح جو ميران پوميءَ ۾ ٻارن جو ڏهڻ ڪري ملهايو ويو. پياري دادا جشن ٻالڪين ٻالڪن کي ٽول ۽ رانديڪا ڏنا ۽ ٻارن کي چيو ته سدائين سچ ڳالهائيندا ڪريو. پياري شانتيءَ کي سچ لاءِ پيار هوندو هو. هڪ دفعي سندس ماستر کيس چيو ته ”توکي حسابن جو پيپر اڳوات ٻڌائي ڇڏيان؟“ ٻالڪي شانتيءَ چيو ته اِها ٺڳي ڪين ڪنديس. جيڪي مونکي ايندو سو امتحان ۾ لکي اينديس. مدهڄا پيارا وديارٿيو! توهين به ڪڏهن سچ کان منهن نه موڙجو. نيو پياري شانتيءَ کي ڪنهن لاءِ به تڪرار جي ڀاونا ڪين هوندي هئي. سڀن جو ڀلو چاهيندي هئي. توهين به ڪنهن سان نفرت نه ڪريو. هڪ ٻئي کي پيار ڏيو.

نما شام جي ستسنگ ۾ پڻ شري گرو گرانٿ صاحب جي

دادا جشن جو جنم ڏينهن ملهايو ويو. اسڪول جي وديارٿين دادا جي ٥٧ جنم ڏينهن موقعي لاءِ ڪين ٥٧ ڦول سوکڙيءَ جي روپ ۾ پيش ڪيا. دادا جشن وديارٿين کي خوب ٿهڪ ڏيارا. داداجن ان موقعي تي اُپديش ڪندي چيو ته پنهنجي جيون ٻوٽو رکو، ڇو ته ٻوٽا آهه جيون جو چٽ. قدرت جو سنگ ڪريو. سانت ۾ ويهي روز پاڻ کان سوال پڇو ته مان ڪٿان آيو آهيان ۽ ڪٿي ويندس. سانت ۾ ويهي ڪي پستڪ لکو، ڪي مضمون لکو ۽ ڪلا سکو. روز ڪجهه نه ڪجهه پورهيو ضرور ڪريو. انڌن ٻارن سان پيار رکو. ڏکين پسن کي پيار ڏيو. اسپتال ۾ وڃي مريضن جي سيوا ڪريو ۽ انهن سان پريم ۾ گفتگو ڪريو. مصالحيدار شين ۽ ماس مڇيءَ کان پري رهو. سنيمائن ۽ ناچن کان پري رهو. نام اُچاريو، نام ڳايو. هر هڪ سواس سان رام نام جپو.

منجهند جو ميران هال ۾ سوين ٻارڙين دادا جشن کي جنم ڏينهن جون مبارڪون ڏنيون. ڪن ڪيڪ ڪٽايا ته ڪن پيشانيون ٽيڪ رکيون. دادا جشن پڻ روح رهاڻ ڪندي خوب ڪلايو. نما شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن جي ڪمل چرڻن ۾ جنم ڏينهن ڳوٺڙي پيش رکي وئي. پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته اوهان ڪيڏي نه قرب ۾ داس کي اڄ پيشانيون ڏنيون آهن. مان اهي پيشانيون پياري دادا سادو واسوانيءَ جي ڪمل چرڻن ۾ رکان ٿو ۽ ان رقم سان پياري دادل شاهه جي جنم ڏينهن ڳوٺڙي آرپڻ ڪئي وڃي.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀينرون! اوهين سڀڪي مون بابت سمجهو پيا اهو مان ڪين آهيان. اوهان مان ڪيترن، نرمل آتمائون، پيرو پڪتيا ٽيون جيهن منزل تي آهن، ان کان مان گهٽو هيٺ آهيان. ان ڪري ادب جا هٿ ٻڌي اوهان جي

ڏنو. ٢٨ مئي صبوح جو گرو مندر ۾ دادا جن پروچن ڏنو ۽ شام جو پونا واپس وريا.

٢ جولاءِ دادا جشن بمبئيءَ ۾ ملهايو. اُن ڏينهن نما شام جو آر. ڪي. انڪيڊميءَ ۾ دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته سنتن ستپرشن کي نام جي شڪتي ملي ٿي. اها آڌياتمڪ شڪتي سڀني شڪتين کان وڌيڪ آهي. هڪ دفعي ٻن ڀائرن ننوا ۽ جيوا گهر جي ٻاهران سڪي ڪاٺي زمين ۾ هڻي ڇڏيا ته جنهن سنت جي چرڻن ڌوڙ واري جل سان هيءَ ڪاٺي هڪدم ساوي ٿيندي، اُن کي هو پنهنجو گرو بڻائيندا. ٻئي ڀائر ستگروءَ جي تلاش ۾ رهيا. ڪن جا چرڻ ڌوتائون، اهو جل اُن سڪل ڪاٺيءَ تي وڌائون، مگر ڪاٺي سڪل رهي. هڪ ڏينهن هو سنت ڪبيرداس وٽ ويا. هن جا چرڻ ڌوئي جيئن اهو جل سڪل ڪاٺيءَ مٿان وڌائون ته ڪاٺي هڪدم سرسبز ٿي پيئي. انهن ٻنهي ڀائرن سنت ڪبيرداس کان گرو منتر ورتو. نام ۾ ڪيڏي نه طاقت آهي جو هڪ سنت جي چرڻن ڌوڙ واري پاڻيءَ سان سڪل ڪاٺي به ساوي ٿي پيئي.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارين ڀينرون! اسين صرف ٻاهرين طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ رات ڏينهن ڪوڙ دولاب ڳالهايون ٿا، ٺڳون ٿا ۽ املڪ سواس وڃائون ٿا. نام جي شڪتي پراپت ڪريو. اُن لاءِ روز ڪجهه نه ڪجهه وقت سانت ۾ سائينءَ جو سمرڻ ڪريو. جيئن جيئن توهين روز اهو اڀياس ڪندا، توهان کي آتمڪ بل ملندو ويندو.

٣ جولاءِ شام جو نج ٺاڪر دربار ڪار ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪيو ۽ ٤ جولاءِ آرتوار صبوح جو گرو مندر شيام نواس ۾ اُپديش ڏنو.

٢ آگسٽ ١٩٧٦ سينٽ ميران هاءِ اسڪول ۾ پياري

اهي پئسا توهان ڏنا آهن پياري دادا جي اِڪ نوڪر کي. جنهن سنگت موڪل ڏني ته هر سال جيان اهي رقم پياري دادا جي چرنن ۾ ارپڻ ڪئي وڃي ۽ ان رقم سان پياري دادا جو جنمدن اُنوي فنڊ شروع ڪيو وڃي. پياري دادا جو جنمدن ٢٥ نومبر اُتساهه سان ملهائجو ۽ پياري دادا جي پٽيه تٿي، ١٦ ۽ ١٧ جنوري به اُتساهه سان ملهائجو. سال به سال اهي ٻئي موقعا اُتساهه سان ملهائيندا رهجو. مان سڀڙو ۾ هجان يا هجي سڀڙو ڪري ٻوي، اهي ڏينهن اتساهه سان ملهائيندا رهجو. سنتن جي ورسين تي ۽ سنتن جي جنم اتسون تي عجيب آسيس جي ورکا ٿئي ٿي. جو به انهن ورسين ۽ اتسون ۾ شامل ٿئي ٿو، ان کي اها آسيس ملي ٿي. اهو سڀاڳو ٿئي ٿو. اهي پئسا جي توهان ڏنا آهن ۽ انهن مان ڪي ٻوڙيون رقمون ڪن خاص ڪمن لاءِ مليل آهن، ٻيو ڪي رقمون توهان ڏنيون آهن ۽ مون کي موڪل ڏني اٿو ته جيئن مان چاهيان، تيئن ڪم لڳايان. اڄ مدهمجا وچار وڃن پيا انهن وٽ، جي نديءَ جي ڪپ تي رهيل هئا. ڪلهه ۽ ٿيون ڏينهن ميدهن تيز پيا! نديءَ اُٿل ڪاڏي. ڪيترن جون جهوپڙيون پاڻيءَ ۾ لڙهي ويئون. هڪ اُبهم بار ڇهن مهدن جو لڙهي ويو، موڳي ويو. دنيا ۾ ڪيڏو نه دک آهه! غريب، مسڪين، دريدر، ڪيڏو نه سهن ٿا! ته به سڀڏن ڇڻن تي هڪ ئي اکر:- ”شڪر! شڪر! شڪر!“ ڪيئن نه اسان کي سيکارڻ پيا! جي مونکي موڪل ڏيو ته انهن رقمن مان ڪجهه حصو انهن ٻيارن جي سيوا ۾ خرچ ڪيو وڃي. ٻيارو ٻاٻا آتم ريلواڻي، جو ”سيوا فنڊ“ جي چارج ۾ آهي، ان کي وينتي ڪريان ته ٻوڏ جي ستايلن جي سيوا ۾ جيئن واجب سمجهي، تيئن خرچ ڪري.

ٻيو ڪم جو مون کي ٻيارو آهي، سو ڪهڙو؟ دل ۾ پياس

چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو. آسيس ڀلان ٿو. مونکي آسيس ڪريو ته شل رهجي اچي! ٻٽ سان پار پهچان! شل هيءَ مانڪ پاترا سڦل ٿئي! "سک ساگر ۾ آنڪي، مت جانو ري پياسا، پياري!" آسيس ڪريو ته هن سک ساگر مان پياسي ٿي نه وڃان. پياسي ٿي وڃن پيا ڪيترا، ڇو ته ڪيترا مانڪ جنم جو قدر ڪين ٿا سڃاڻن. ڪيترن کي ڀروڙ ڪين آهي ته هي مانڪ جنم ڇا لاءِ مليو آهي. ڪوڏيءَ ڪاڻ وڃنا هيرو جنم وڃايون! هيءَ مانڪ جنم مليو آهي، نه عيش عشرت، ڀوڳ واسطي، نه ٻئي پدارٿ ڪٺي ڪرڻ واسطي، نه عهدي اقبال هٿ ڪرڻ واسطي، نه مان شان وڌائيءَ واسطي، پر هي جنم مليو آهه ايشور جي پراپتيءَ واسطي.

هن سنسار ۾ ڇا وڃنا ڏسون؟ لوڪ وڃنا ٻاٽيءَ مدهه ماندا ٿي ولوڙين ۽ ٻاٽيءَ کي ولوڙيندا، ولوڙيندا، هڪ هڪ ڪري هلندا هلن پيا. افسوس! ڪانه ڪمائي ڪرڻ بنا سنسار مان لڏيندا وڃن پيا. اسان جا ڪم ڪاريون، ٽنڊا ٽاڙيون، جن ۾ ڀريوءَ جي يادگيري ڪين آهه، جن ۾ دکين دريدرن لاءِ همدردي ڪين آهه، جن ۾ نام جي جوت ڪين آهه، سڀ آهن ٻاٽيءَ ۾ ماندا ٿي ولوڙڻ. انهن ڪمن ڪارين مان حاصل ڪجهه ڪين ٿو ٿئي ۽ اسان مان ڪيترا وڃنا پنهنجو جنم اجايو وڃايون. شل مان ائين نه ڪريان! شل اوهين ائين نه ڪريو! شل هيءَ مانڪ پاترا سڦل ڪري، پنهنجي پريتم، پنهنجي محبوب کي ملي ٻوءِ سنسار ڇڏيون!

اڄ توهان مونکي ڪيڏي نه رقم ڏني آهه. هڪ لک ڇائيتاليهه هزار ۽ سؤ ٽيهه رپيا، ڇهانوي پئسا. مون اوهان کان ڪجهه ڪين گهريو. گهرڻ جي لائق ڪين الر. ري گهريو ايڏي رقم توهان مونکي ڏني آهه! پر مونکي ڪين ڏني الو،

اڪانت ۾ گذاري. انهن ڪرڻ سان آتمڪ شڪتي ڪندي، جنهن جي ضرورت اسان مان هر هڪ کي ۽ سڄيءَ دنيا کي آهي، آتمڪ شڪتي ڪوليو! پوءِ اها شڪتي اچي دنيا جي شيوا ۾ خرچ ڪريو ته سڀني جو ڪلياڻ، سرو جو ڪلياڻ ٿئي. جنهن جي اندر اها شڪتي کلي ٿي، اهو نماڻو ٿئي ٿو ۽ ٻوڙي ٿو ته انسان ڪجھ ڪين آهي، انسان ته هڪ اوزار آهي. ڪم ڪندڙ آهي. ٻڌو! ان سپاهي جي دل منجهان اچي پيو هڪ آواز: ”ناهم ناهم! تون هو تون هو!“ منهنجا پيتم! مان آهيان ڪجھ ڪين! سڀ ڪجھ تون آهين! ڪم ڪندڙ تون آهين! جي هن پڳل اوزارن مان ڪجھ ڪم ٿئي ٿو ته مهما تنهنجي آهي. ان قسم جا شيوڪ ڪين، جي نڙس ۽ ٻولر ۾ دکين دريدرن جي شيوا ڪن. اهڙن انسانن دوارا ڪيڏي نه آسيس اچي ٿي. انڪري چاهيان ٿو ته اهڙو هڪ مرڪز ٿئي، پر سڀ ٿئي ٿو ٻاٻوءَ جي حڪم ۾.

٢ آڪٽوبر مهاتما گانڌيءَ جي جنم ڏين سنبنڌ ۾ پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته گانڌيجي نه صرف نشڪام نشڪاوان نيتا هو، پر ٻاپوءَ جو ڀڳت هو. دکين دريدرن لاءِ سندس دل ۾ درد هو. هن ڪيترن نه سنساري سکن جو تياڳ ڪري دکي لوڪن جي شيوا ڪئي.

هڪ دفعي مهاتما گانڌيءَ کي خبر پئي ته چانهه جي کيتن ۾ ڪم ڪندڙ غريبن کي آزاريو ٿي. مزورن کان ١٤ ڪلاڪ ڪم وٺن ٿا پر انهن کي ڪم جو اجورو تمام ٿورو ڏين ٿا. گانڌيجي هڪ کيت جي جاچ ڪرڻ ويو ٿو. ان کيت جو مالڪ هڪ انگريز آهي. کيس خبر پئي ٿي ته مهاتما گانڌي سندس کيت ۾ جاچ ڪرڻ آيو آهي. اهو انگريز ڪاوڙ ۾ ٿو اچي

اٿم، اکين ۾ سپنو اٿم، خبر ڪين اٿم ته جيئين هي سپنو آهه، ڄيئين اهو سپنو سڦل ٿيندو يا نه. سپنو اٿم ته ڪي ڪوٺيون ٺهن، جت جگياسو سانت ۾ وڃي ڪي ڏينهن گذارين، پياس ۾ ڀڳوءَ کي پڪارين، پنهنجي اندر جي اونهائيءَ ۾ وڃڻ جي ڪوشش ڪن.

ڪيترا سندر ڪم ڀڳوءَ جي ڪرپا سان هت هلن پيا. اسڪول ۽ ڪاليج، جن ۾ هر روز ٽن هزارن کان وڌيڪ وديارٿي اچن ٿا، اچي اُها وديا وٺن ٿا جا سندن چرتر ٺاهي ۽ جا هڪ ٿي سبق سيکاري ته هيءُ جيون آهي امانت انسان ذات ۽ پکين پسن جي سيوا واسطي. انهن ٽن هزارن وديارٿين مان ڪيترا آهن غريب وديارٿي، جنکي توهين کاڌو کارايو ٿا، ڪاپيون ۽ اسڪولي ڊريس وغيره مفت ڏيو ٿا. ٻيءَ طرح سندن سيوا ڪريو ٿا. هت ٻه اسپتالون هلن ٿيون، جت غريبن کي مفت دوائون ڏنيون وڃن ٿيون. هت ڀنڊارو آهي، جت غريب روز اچي ماني کائين ٿا ۽ توهانکي آسيس ڏين ٿا. ٻڍر هوڊ ولفيئر فنڊ آهي، جنهن دوارا ڪيترن سفيد پوشن جي سيوا ٿئي پيئي. هنري شالائون آهن، جن دوارا يتن ڪيو وڃي ٿو ته ڪي ڀيڻ پنهنجي پيرن تي بيهن. توهين روز پکين کي کارايو ٿا، پسن جي سنڀال لهو ٿا ۽ ٻيا سيوا جا ڪم توهين ڪريو پيا، پر شال هيءُ ڳالهه نه وساريو ته جيئن پياري دادا چيو ته ڪمن جو ڪم آهي آتم جي آبادي ڪرڻ. آتم جي آبادي ٿئي ٿي جڏهن اسين پاڻکي ڪجهه وقت ڪم کان ٻاهر رکي، سانت ۾ پنهنجي پريتم جي چرنن ۾ ويهون ٿا، پنهنجي اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، نام جو ابياس ڪريون ٿا. منهنجي پياس آهي ته اهڙو مرڪز ٿئي، جت هن سنستا جو هڪ هڪ ڪم ڪندڙ، سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن سڀ ڪم وساري، وڃي سانت ۾ ۽

اکيون آسماني، اڇي تو نهاريو،
هٺي لهر لڻ ۾، سٽل کي اڀاريو!
اِڪ ڏيهہ سان، دادل، دلڙي تو گهائي،
وڃي اونده اڏامي، نئين جوت آئي!

اِڪ ڏيهہ دلبر جي مونکي ڏيوانو بڻائي ڇڏيو. دنيوي ڌهڙن جي آس منهنجي اندر مان اڏامي ويئي ۽ نئين جوت منهنجي جيون ۾ پرڪاش ٿي. شل پياري دادل جي آسيس اسان سڀن تي جهڪي ۽ چمڪندي رهي جو اسين جيون ۾ سمرپڻ ۽ شيوا جي ساکي ڏيون.

١٢ سيپٽمبر ڇنڇر ڏينهن پيارو دادا سورداس جي اسڪول ۾ ويو. اُتي سورداس کي داداجن ٽول ڏنو. نما شام جو نج ٽانو ڪار ۾ داداجن اُپديش ڪندي چيو تہ شري سکمڻي صاحب جي اڄوڪي وچن ۾ گروجن چون ٿا:

ڪئي ڪوٽ درسن پرڀ پياس،
تن ڪئہ مليو پرڀ ابناس.

جن کي پرڀوءَ جي درشن لاءِ پياس آهي، تن کي پرڀو اچي ملي ٿو. انڪري پياس اُڀاريو ۽ سچي پياس جي نشاني اٿو اکين جا ڳوڙها. آلين اکين سان پرڀوءَ کي پڪاريو تہ توهين بہ پرڀوءَ کي پائيو، پنهنجو مانش جنم سڦل ڪريو!

آرتوار ١٣ سيپٽمبر داداجن ٻولم ڪٽير ۾ هنديءَ ۾ اُپديش ڏنو. نما شام جو پارس سيوا سدن هال دادر ۾ داداجن پروچن ڪيو.

١٣ سيپٽمبر شام جو ڪي. سي. ڪاليج ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪيو. ١٤ سيپٽمبر منگل صبوح جو داداجن گرو منڊر شيام نواس ۾ اُپديش ڏنو. ١٥ سيپٽمبر نما شام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ داداجن پروچن ڪيو.

چوي ٿو ته گانڌيءَ کي پستول سان شوٽ ڪندس. ڪي مائٽ اها ڳالهه مهاتما گانڌيءَ کي وڃي ٻڌائين ٿا ۽ چون ٿا باپوجي! توهين جيڪر هتان جلدي هليا وڃو. اُن رات جو ١٢ بجي اوندهه ۾ مهاتما گانڌي اُن کيت جي مالڪ جي گهر وڃي ٿو. انگريز در کولي ٿو. گانڌيجي چويس ٿو: ”پيارا! تون مونکي پستول سان مارڻ چاهين ٿو نه. مان تو وٽ آيو آهيان، ڀلي تون مونکي مار. تون هت مونکي ماريندين ته ڪنهن کي خبر به ڪين پوندي.“ انگريز مهاتما گانڌيءَ جا اهي لفظ ٻڌي واڳرو ٿي وڃي ٿو. سندس دل ۾ ڦيرو اچي وڃي ٿو. سوچي ٿو ته هي انسان نه پر ديوتا آهه. اهو انگريز زميندار مهاتما گانڌيءَ کي وچن ڏئي ٿو ته آئينده هو مزدورن سان بهتر وهنوار ڪندو. کين ڪم جو پورو پورو اُجورو ڏيندو.

شل اسين به پنهنجي جيون ۾ مهاتما گانڌيءَ جي سکيائن ۽ سڌانتن جي ساکي ڏيئي قوم جي ڪم اچون، جيون سڦل ڪريون.

١٠ سيپٽمبر تماشام جو آر. ڪي. انڪيڊميءَ ۾ پياري دادا جشن جو جنمدن ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن پرو چن ڪندي چيو ته منهنجو جنمدن وساريو، پر منهنجي محبوب گروديو دادل شاهه جو جنمدن اُتساهه سان ملهائجو. ڪاليج ۾ پڙهندو هوس، مونکي چون ٿا، تون هوشيار شاگرد آهين، تون ڪاليج ۾ فيلو ٿي پاڙهه. اڃا مان ١٧ سالن جو هوس ته مون بي. ايس. سي. پاس ڪئي. مونکي چون ٿا ته تون آءِ. سي. ايس. امتحان پاس ڪري ڪليڪٽر ٿجانءِ. اهي سڀئي منهنجي دل ۾ هئا. پر دادل شاهه اچي پنهنجي آسماني اکين سان مون ڏي نهاريو، جن منهنجي دل کي گهائي ڇڏيو.

٢٣ آڪٽوبر ٻپهري جو ٽيجي دادا جشن ٻڙودا روانا ٿيا.

٢٤ آڪٽوبر ٻڙودا ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمڏينهن ملهايو ويو. ان موقعي تي سفيد پوشن جي سيوا ڪئي ويئي. دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي هو روحاني ديس جو راڄو، ڀلي جسماني چولو هن ڌرتيءَ تي ڇڏاريو ۽ ستل لوڪن کي اچي سجاڳ ڪيائين. انهن جا ڪشٽ ڪليش ڪٽڻ لاءِ ڪين نام جي دوا ڏنائين. پنهنجي پريم جو پروانو ڏئي لوڪن کي روحاني رستو ٻڌايائين ۽ امر جيون جي راهه سڃاڻايائين. ڪهڙي نه سرل سولي سکيا پياري دادا اچي ڏني. نام ڳايو ۽ دکين دردين، پکين پسن جي سيوا ڪريو! پيارو دادا اڄ زنده آهي. پنهنجي رحم روشنيءَ جي شمع جهلي بيٺو آهي. جيڪي پياسي دليون آهن، تن لاءِ بيٺو نهاري. انڪري پياس ۾ پڪاريو ۽ رحم روشنيءَ ۾ نهاريو!

٢٥ آڪٽوبر صبوح جو گوڪل نگر سوسائٽيءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. دادا جشن مٺو اپديش ڏنو. نما شام جو ڪنور رام ڪالونيءَ ۾ دادا جن پروچن ڪيو. ٢٦ آڪٽوبر ٻڙودا جي ٽائون هال ۾ دادا جن ”يوگ جو سنديش“ وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.

٢٧ آڪٽوبر صبوح جو دادا جن ٻڙودا مان احمدآباد لاءِ روانا ٿيا. دادا جن سنگت سميت ١١ بجي صبوح جو سردارنگر احمدآباد ۾ پڌاريا. ڪاڪي هرگنداس سندن سواگت ڪيو. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته ٻارهن مهينن کان پوءِ توهانجي آسپاس وڃڻ لاءِ هت آيو آهيان. پاڙي تي هت هت جو ڦران. پنهنجي گرديو دادل شاهه ۽ سنتن سنيهڙن جو پيغام جو پهچايان. ڪاڪي هرگنداس توهانکي وڌائي ڪئي ته ماس آهار کان دور رهو. انهن ڳڌامن کي ڇڏيو! مونکي خوشي

١٠ سيپٽمبر شڪروار ڏينهن دادا جشن سنگت سميت پوني مان بمبئيءَ روانا ٿيا. منجهند جو ١٢ بجي ٽيچرس ٽريننگ ڪاليج آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ سندن ڪاريڪرم رکيو ويو هو. ان موقعي تي دادا هوتچند گوپالداس آڏواڻي دادا جن جي آجيان ڪندي چيو ته اڄ اسانجو سڀاڳيہ آهي جو اسانجو روحاني رهبر اسانجي رهنمائي ڪرڻ آيو آهي. پرنسيپال دادا جن کي پشپ مالها پيش ڪندي شڪرادائي ڪئي. هن موقعي تي پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته وديارٿين کي ڀارتيہ سنسڪرتيءَ جي ڄاڻ ڏيو. انهن جي اڳيان اوچ آدرش رکو جيئن هو اڳتي هلي ديش جا نيڪ ناگرڪ ٿين. نہ صرف ڪتابي گيان ڏانهن ڌيان ڏيڻ گهرجي پر وديارٿين جي نتڪ انتيءَ ڏانهن بہ پورو پورو توج ڏيڻ گهرجي. سچي وديا سيکاري ٿي نمرتا، پوترتا، قرباني، شيوا، سادگي، سنيهہ، ستيہ. انهن گڻن جا وديارٿين ۾ بيج پوکيو.

٢٢ آڪٽوبر ڏياريءَ جي پوتر ڏينهن صبوح جو دادا جشن ميران پوميءَ ۾ سفيد پوشن کي مٺائيءَ جا پاڪيٽ ڏنا. ’رگهوپتي راگهو راجا رام‘ جي ڌنيءَ سان وايومنڊل گونججي اٿيو. دادا جشن سماڌيءَ تي پرڻام ڪري سنگت سميت بمبئيءَ روانا ٿيا. اتي نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ پياري دادا جشن اپديش ڪندي چيو ”پياري ستسنگيو! ڏياريءَ جو سنديش آهہ پنهنجي دلين اندر جوت جڳايو! هي ٻاهريون روشنيون هڪ نشاني آهن، اندر جي اوندهہ مٽايو! اڄوڪو ڏينهن لڪشمي نارائڻ جو ڏينهن آهہ. شري نارائڻ کي ڏيائي، لڪشميءَ کي شڀ ڪمن ۾ لڳايو. اسين لڪشميءَ جو غلط استعمال ڪري رهيا آهيون. اڄ ساري رات شري رام کي ياد ڪريو، توهانکي جوت جو ديدار ٿيندو.

دادل شاهه جي سکيائن جو سنديش سڻايو.

٢٥ نومبر صبوح جو ستسنگ ۾ هون لڳيو هيو. دادا جشن سورداسن ۽ گهرجائن کي ڪمبل ڏنا. مدهحند جو دادا لڳو ۾ پياري دادا ڀاڳ ڀڳت جي شيوا پڻ ڪئي. نماشام جو ڪن پيارن دادل شاهه کي ڀشپانجلي ڀيٽ ڪئي. ان بعد دادل شاهه جو آيديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته مدهجا پيارا پائرو ۽ پيارئون پيئرون! توهان ڪيڏي نه اتساهه ۽ اُمنگ سان پياري دادا سادو واسواڻيءَ جو جنمدن ملهايو. جدا جدا شيوا ڪارڻ لاءِ اوهان پياري دادا جي ڪمل قدمن ۾ جنمدن ڀوڄي ڀيٽ رکي، ان لاءِ توهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان.

هن سنسار ۾ اسين ڇو آيا آهيون؟ ان سوال جا ڪيترائي جواب ملن ٿا. هڪ جواب جو مونکي وري وري ملندو آهي، سو هيءُ ته هت آيا آهيون نئين تيرڻ واسطي، نوجيون پرابت ڪرڻ واسطي. نوجيون پرابت ڪرڻ واسطي اهو ضروري آهي ته اسانجي اندر ۾ پيار جاڳي. پيار آهي جوت. جوت جڳي ٿي جوت منجهان، پيار آهه اڳئي. انڪري ڪنهن اڳئيءَ جي انسان جي تلاش ۾ نڪرو، جنهن جي نيڻن ۾ پيشي پوي جوت. جوت مندل جي جوت ابداسي. اهڙو انسان، جي توهان کي ملي ته وڏڪ پڪڙڻ جي ضرورت ڪين آهه. ان انسان جا ڪمل چرن اڪڙاو. سندس چرڻ ۾ وهي، سندس آڳيا ۾ هلو، سندس شيوا ڪريو. جا اپياس جي راهه هو توهان کي ٻڌائي، ان راهه ۾ ٻڌ ڪريو. توهانجو مانک جنم پاڪيهي سڦل ٿيندو.

سدت ستپرک ڪيڏو نه مهربان آهن! سندن ڪيڏي نه ڪرپا! جنهن خزاني هٿ ڪرڻ ۾ اسانکي جنم لڳي وڃن، اهو خزانو اسانکي مفت ڏين ٿا.

آهه ته توهان مان ڪيترا هٿڪ ڪاڏي ڪان ٻري آهن. جنهن ڏينهن توهان سردارنگر ۾ ڪاسائن جا دڪان بند ڪرايو اُن ڏينهن مونکي تار موڪلجو ته مان ٻيا ڏيڙ جي اوهان وٽ ايندس ۽ اُن ڏينهن سردارنگر جو نالو ’سد ديانگر‘ رکنداسين. اهو نگر جنهن ۾ سدائين ديا جي جوت ٻرندي جڳي! اهو ڏينهن شل جلد اچي جو سردارنگر ۾ ڪوس گهر صفا بند ٿي وڃن.

٢٨ آڪٽوبر احمدآباد جي ٽئگور هال ۾ پياري دادا جشن ”تون ڪو ناهين اڪيلو“ وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٩ آڪٽوبر صبوح جو دوتنات مهاديو هال ۾ دادا جن اُپديش ڏنو ۽ نماشام جو پاٽا واڙيءَ ۾ دادا جن پروچن ڪيو. اُتان دادا جن ٽرين دواران گانڌيڌام روانا ٿيا. صبوح جو دادا جن سنگت سهت گانڌيڌام ۾ پڌاريا. آديپور ۾ ٢٩ آڪٽوبر صبوح جو دادا جن ڪميونٽي هال جو بنيادي پٿر وڌو ۽ پوءِ گرو مندر ۾ پروچن ڪيو. شري جيٺن ڪرپالاڻيءَ جي آستان تي دادا جن ١٢٥ گهرجائو ڪکين کي ٽول ۽ فراڪ ڏنا. ٣١ آڪٽوبر شام جو دادا جن مهاتما گانڌيءَ جي سماڌيءَ وٽ پروچن ڪيو.

٢٠ نومبر کان ميران يوميءَ ۾ بال ڪئمپ، شانتي شيوا نڪيتن، ميران انگلش ميڊيم اسڪول، ميران پرائمري اسڪول، ميران هاءِ اسڪول، ميران ڪاليج جدا جدا ڏينهن تي پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمدن اُتساهه اُمنگ سان ملهايو. انهن اُتسون ۾ دادا جشن دادل شاهه جي جيون جا ڪيترائي پهلو ڏاڍايڪ پرسنگ ٻڌائي راهه روشن ڪئي. ٢٤ نومبر شام جو ٤ بجي رٿ يانرا آرنڀ ٿي. رٿ تي پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جي شاهي تصوير سينگاري رکي وئي. اُن رٿ کي پيارو دادا جشن ۽ ٻيا ڀولڪي ڪاهي رهيا هئا. سوين ڀائر ڀينر ڌنون لڳائي رهيا هئا. دادا جشن جدا جدا چونڪن تي پياري

جنمدن اتسو ملهايو ويو. پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ ۽ پوجيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج هن اتسو ۾ پڌاريا. شروع ۾ ديال آشا ٻڌي مهان آلمائن جي آجيان ۾ گيت ڳايو. پوجيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج، شري سمک اسواڻيءَ ۽ ٻين ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن تي پرڪاش وڌو. پياري هري ٽهلراماڻيءَ دادا جن کي ڳوڙهي پيت ڪئي. پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ ڏوڙڻي گرنٿ مان کڙو ته منو وچن آيو:

هڪڙن جي سٽين ٿون ٻاڪار،
ڪين ڪائين ٿون ماس آهار.

الهاسنگر ۾ جيئن ديا جي جوت جڳايو! اوهانجي گهر تي فرشتا ورکا وسائيندا. روز روز ڪيترن ته گگدام پيا ڪسجن. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ اهو آواز اٿي اٿاريو ’بچايو! بچايو! انهن گگدامن کي بچايو. آسيس پايو!‘‘ پيارو دادا اڄ به اها للڪار پيو ڪري. اوهين جيڪر هن نگر ۾ ديا جي جوت جڳايو ته هي الهاسنگر قياس نگر يا ديانگر ٿي پوي. دادا جي سکيا اٿو اڪ اکر ۾: ڏيو! ڏيو! ڏيو! ڪراچيءَ جي خالقڏني هال ۾ ستياگره شروع ٿي ٿيو. لوڪن پياري دادا کي چيو ته ڪرپا ڪري نئيو اپديش ڏيو. پياري دادا چيو ته سڀ ڪان سٺي ٽڙيل آهه ڪرتوبه پالن ڪرڻ. اوهين به ڪرتوبه پالن ڪندي نام کي ياد ڪريو. نام جا روپ دکي دريدر ٻکي پسون انهن کي پيار ڏيو.

٦ ڊسمبر سومر نماشام جو بمبئيءَ جي رنگ ڀون ۾ دادل شاهه جو جنمدن ملهايو ويو. بمبئي يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر شري ٽوپي مکيه مهمان هو. پروفيسر ترملا جوتواڻي، ڀرٽ رندا واسواڻي ۽ شري جلوٽا دادل شاهه جا ڀڄن ڳايا. پياري موهن چاٻڙيا دادل شاهه جي جيون جوت کي گهٽماٽون ’شبد پڙي‘ جي روپ ۾ مدح ۾ پيش ڪيون. دادا هونجهه آنڊاڻي،

سنت ڪرپال، ڪرپا جي ڪريءَ،
نانڪ سنت سنگ نندڪ ڀي تريءَ.

سنتن جي سنگ ۾ نندڪ ٻه تري پار پون ٿا. سنت جي ڪرپا ڪن ته ڇا نه ٿا ڪري سگهن؟ اِڪ مهر جي نهار اسان کي ڏين ته اسانجا پڙدا پري ٿين ۽ جنمن جا پورهيا ٿاب پون. پرڀو اَدرشت آهي. پرڀوءَ کي اسان مان ڪيترا ڏسي نٿا سگهن، پر پرڀوءَ جا درشت روپ آهن سنت.

پيارو دادا سادو واسواڻي هڪ اهڙو آتش جو اِنسان هو، سندس نيڻن ۾ پريم جو پرڪاش هو. دادا هو پريم جو اوتار. سندس رڳ رڳ ۾ هو پريم.

پياري دادا چيو "جي توهين مونجا نيڻ چاهيو ٿا ته پرڀوءَ کي پيار ڪريو ۽ هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. پياري دادا جي سکيا اِئين ٻن اکرن ۾: 'پيار ڏيو! قرب ڏيو!' هن وقت اسانجي پدگمت پگل آهه، اسانجا گهر پگل آهن، ڇو جو اسين پيار کان پري آهيون. اسان کي دنيا جا ڪيترا نه پدارت آهن، پر چت شانتي ڪين آهي. دلين جي اندر پيار جا چشما کوليو. ان پيار ۾ هڪ ٻئي جي نڪته چيني نه ڪريو. هڪ ٻئي مان سکو. پرڀوءَ کي ٻه پيار سان ياد ڪريو ۽ دکين دردمندن جي پيار سان سيوا ڪريو.

٤ ڊسمبر کان ٦ ڊسمبر ميران ستسنگ جي سهاري پياري دادل شاهه جو جنمدن اُتسو بمبئيءَ ۾ ملهايو ويو. ٤ ڊسمبر ڪار بمبئيءَ جي مگنلعل پيو پلس اسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ ڪاريڪرم رکيو ويو. اُت پياري دادا جشن دادل شاهه جي جيون تي روشني وڌي.

٥ ڊسمبر آرتوار صبوح جو آر. ڪي. ٿڙاڻا ڪاليج اُلهاسنگر ٣ جي ميدان تي ٿوري ستسنگ سهاري دادل شاهه.

ناناڻن جي آجيان ڪئي. دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ شري ايشا جو جنمدن آهه. هي پيارو ڏينهن ۽ پريم جي مورت هو. اوهين به جيڪر جيون ۾ ڏيا ۽ پريم جي ساکي ڏيو.

٢٥ ڊسمبر شام جو سنڌي ڪالونيءَ ۾ سنڌي سوشل هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پريزيڊنٽ پياري پگوانداس ۽ نانا امر داداڻن کي وينتي ڪئي ته بنگلور نواسين جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ جلد به جلد اچڻ جي عنايت ڪريو. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اِنساني چولي ۾ پرڀوءَ سان ناتو جوڙڻ جو توهانکي کهڙو نه سونهري وجهه آهي. اهڙو وجهه نه وڃايو. موهه جو بندن ٽوڙيو ۽ نام سان نيهن جو ناتو جوڙيو. ٽوڙيءَ جو هڪ پاسو توهان وٽ ڇڏي ٿو وڃان ۽ هڪ پاسو پاڻ وٽ ٿو رکان. پرڀوءَ جي ٽوڙيءَ جي هڪ ڇيڙي توهان پنهنجي پاسي ڇڪيندا ته توهان وٽ هليو ايندس. مان هت ڇا واسطي آيو آهيان؟ مونکي ڪين اوهانجون دليون. انهن دلين ۾ گنگا جل وجهي وري توهان وٽ ئي ڇڏي ويندس. انڪري نام کي نه وساريو ۽ دکين دردمندن نِڪين پسن جي شيوا ڪريو. پياري بزرگ پاءِ امر کي ڌنيواد آهه جو هت بنگلور ۾ پياري دادا جي جوت جڳائي وئي آهي. شل اوهان سڀن لي پرڀوءَ جي آسيس چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

٢٦ ڊسمبر آرتوار صبوح جو دادا جشن سنڌي پنچايت هال ۾ پروچن ڪيو. شام جو سنت رامڪرشن مندر ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ سنت رامڪرشن 'اڄ جي دنيا لاءِ پيغام' وشيه تي وياکيان ڏنو. ٢٧ ڊسمبر شري گرو گوبندسنگهه صاحب جو جنمدن هو. سنڌي پنچائتي هال ۾ اهو ڏينهن ملهايو ويو. ان موقعي تي دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته گرو گوبندسنگهه شڪتيءَ جو اوتار هو. ڪيئن نه گرو گوبندسنگهه صاحب پرڀات

پاڻ ناري گوسهائي، شري ڪرشنجيا ۽ پنڊت ليلا ملڪاڻوڪر دادل شاهه کي پشپانجلي ڏني.

هن موقعي تي پياري دادا جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي انهن مهان هستين مان هڪ هو، جي لوڪن کي سجاڳ ڪن ٿا ۽ کين پنهنجي اڪل شڪتين کولڻ لئه اُتساهت ڪن ٿا. پياري دادا ور ور پڪاريو: اَءِ اِنسان! تون فقط پنجن تتن جو پتلو ڪين آهين. تنهنجي اندر عجيب شڪتيون آهن. پياري دادا معمولي اِنسان کي به پرڀوءَ ڏانهن پرڀوءَ جي راهه ۾ ڇڪيو. پاپين گنهگارن شرابين کي به پنهنجو پيار ڏيئي نئون بڻايائين. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! اوهين پنهنجي وچارن جي سنڀال ڪريو. جهڙا وچار ڪندا، تهڙا توهين ٿيندا. انڪري پوترتا پريم، سادگي سيوا ۽ قربانيءَ جا وچار من ۾ رکو. جي ڪنهن وقت ڪو ٻرو وچار من ۾ اچي ته ان کي هڪدم تڙي ڪيو. ائين ڪرڻ سان تن من جي اندر توهانجي جيون نئين ٿي سگهي ٿي. ٻين کي مدد ڪريو. سڀن کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. نام جپيو ۽ سيوا جي جوت جڳايو.

٨ ڊسمبر شيام نواس گرو مندر ۾ داداجن منو اپديش ڏنو. رات جو داداجن ستگت سان گڏ پونا ۾ واپس آيا.

٢٣ ڊسمبر صبوح جو پيارو دادا جشن ستگت سان گڏ پونا مان بس ۾ بنگلور لاءِ روانو ٿيو ۽ رات جو ڏهه بجي بنگلور ۾ پڌاريا. ٢٤ ڊسمبر صبوح جو سواگت سمتيءَ جا ميمبر داداجن جو سواگت ڪرڻ آيا. پياري پاڻ امر سندن پوڄا ڏني. نما شام جو داداجن دادا امر جي ستسنگ آستان تي پڌاريا ۽ منو اپديش ڪيائون. ٢٥ ڊسمبر صبوح جو سنڌي پنچائت هال ۾ ستسنگ جو ڪارڻ ڪرم رکيو ويو. پنچائت جي سيڪريٽري شري وڌواڻ

نام ڏنائون ۽ دکين دردن جي شيوا ڪئائون ۽ ڏکين ڏسن کي پيار ڏنائون.

٢٨ ڊسمبر صبوح جو ست پنچات هال ۾ پروچن ڪندي دادا جشن چيو ته اڄ نوري گرنٿ مان کڻو ته منو وچن آيو ”نيند نه ڪجي ايتري، اٿ جاڳ وسارا!“ وسر ڇڏيو! منهنجا پيارا ٻالڪو ۽ پيارئون پيدوون! انڪري وسر جو وهنوار ڇڏيو. ان لاءِ ست ڳالهيون ضروري آهن:

(١) توهين سرير ڪين آهيو. ٻالڪي اها يادگيري ور ور ڏياريو. هي سرير توهان مسواڙ تي ورتي آيا آهيو. هي سرير هڪ ڏينهن ڪري پوندو. سامي صاحب چوي ٿو:

ڪايا ڪوٺ ڪچو، آهي مدارو نه متيءَ جو،
آهي ساهه سرير ۾، لڳهن جوڙي راس رچو،
جنهنکي لڏو تن مان، سو پيري ڪان بچو،
ڪري پيو ڪچو، جڏهن ويو ساهه سرير مان.

ان ڪري ٻار کي سرير سمجهڻ اگيان آهي. هڪڙا سڪل ڪل سان ناريل ٿيندا آهن، ٻيا تازا ملائيءَ وارا ناريل ٿيندا آهن. ٻاگيءَ واري ناريل ۾ ملائي ڪل سان چنبڙي پيئي هوندي آهي ۽ سڪل ناريل کي پچو ته گورو نڪري ايندو. توهين سرير ۾ رهي سرير کي چنبڙي نه پئو. پر سرير جي سنڀال ڪندي ٻار کي آتما سمجهو. (٢) صبوح جو سوير اٿي ڀڳوان ٻرڀوءَ کي ياد ڪريو. ڪيترا انين چون ٿا ته اسانکي وقت ڪين آهي جو ٻرڀوءَ کي ياد ڪريون. انهن سان ڪا نه ڪا ٿڪ سمت ٻاڻيءَ جي ڪٽي ور ور اچاريو ۽ ان جو ڌيان ڪريو. (٣) ٻنهي جو ڪم حد اندر ڪريو. موڙ ٻالن ڪرڻ ضروري آهن پر حد ۾ ڪريو. هڪ ٻالڪ کي ڌم ڪوڙ هنيا. ڏينهن راس پنسي ڪمائڻ لڳا هئي سهڪيو. پڇيومانس ”پيارا ٻال! ايترو پنسو ڇا ڪندين؟“ چيائين

ٿي ڌيان ۾ ويٺا هئا. ڪين روحاني آواز اچي ٿو: ”گوبند اُٿي
اچ ميدان ۾.“ پوءِ گرو گوبند سنگهه ڇا نه ڪيو! ڪين نه
پنهنجا چار جان-جگر، لاثاني لعل ديس ڌرم لاءِ قربان ڪيا.
هندو ڌرم لاءِ گروجن خالصا پنٿ جاري ڪيو! پر اڄ اسين
گرو گوبند سنگهه صاحب جي سکيائن ۽ سڌانتن کي وساري
ويٺا آهيون! منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀيڻرون! شڪتي
ڪوليو! آتمڪ شڪتيءَ دواران توهان ڪيڏا نه اُتم ڪم ڪري
سگهو ٿا. سمرٿ ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪريو!

٢٧ ڊسمبر شام جو بنگلور سنڌي فيڊريشن هال ۾ دادا
جشن پروچن ڪندي چيو ته پنهنجي سنڌي ٻولي نه وساريو.
سنڌ ڪيڏا نه مهان سنت درويش پيدا ڪيا آهن. جا قوم
پنهنجي ٻوليءَ کي وساري ٿي سا زنده ڪين رهي سگهندي.
پنهنجي قوم، پنهنجي سڀيتا کي بچايو! مڪاني لوڪ چون ٿا
ته سنڌي قوم صرف پئسو ڪمائي ڄاڻي، وڏيون عمارتون ٺهرائي
ڄاڻي. پونا ۾ ميران انگلش ميڊيم اسڪول ۾ پڻ سنڌي سيکاري
ويندي آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ عجيب خزانو اٿس. شڪارپور ۾
ڪيڏو نه واپار هلندو هو. پر اتي ۾ هڪ وڏو سنت سامي صاحب
پيدا ٿيو، جنهن جي ٻاڻي هڪ امولڪ خزانو آهي. ساميءَ جا
سلوڪ هڪ عجيب شاستر آهي. اهي سلوڪ مونکي اهڙو ئي
پيارا آهن جهڙو شريمد ڀڳوت گيتا، گرباڻي، نوري گرنٿ، سنتن
درويشن جا وچن. پياري دادا سادو واسواڻيءَ هڪ موقعي تي
چيو ته اهي سلوڪ آهن سڀ ڪتب جي ٻاڻي. انهن سلوڪن ۾
آتمڪ زندگيءَ جو نقشو چٽيل آهي. سندس سلوڪن جو اڀياس
ڪريو. انهن سلوڪن ۾ بي بها هيرا جواهر اٿو. ساميءَ صاحب گروءَ
جي ڪيڏي نه مهما ڪئي آهي. اوهين به ڪنهن نه ڪنهن
ڪامل گروءَ جي شرڻ وٺي نام جي نوڪا ۾ چڙهو. نام ڳايو،

مال اسباب جو ڪيترو نہ لاڀ حاصل ٿئي ٿو تڏهن بہ ڪوڙ
تان ڪنارو ڪري ٿو. جيئن جيئن توهان سچ ڳالهائيندا تيئن توهان
کي آتمڪ شڪتي ملندي. ڪوڙ ڳالهائڻ سان آتمڪ شڪتي
گھٽجي ٿي.

آمريڪا جو پهريون پريزيڊنٽ، جارج واشنگٽن هڪ
شاهوڪار پتا جو بالڪ هو. ڪين هڪ سندر باغ هو. واشنگٽن
کي هڪ ڏينهن ننڍي ڪهاڙي سوکڙي طور ملي ٿي. ڪيس
دل ۾ ويچار اچي ٿو تہ جيڪر هيءَ ڪهاڙي ڪم آڻي ڏسان.
پتا جي باغ ۾ اچي اهڙ ڪن ٻوٽن ۽ وڻن تي اها ڪهاڙي هلائي
ٿو. جڏهن سندس پتا باغ ۾ اچي ٿو ۽ ڏسي ٿو تہ سندس باغ
جا ڪيترائي ٻوٽا ناس ٿيا پيا آهن، ڪاوڙ ۾ ڀرجي وڃي ٿو.
چوي ٿو تہ جي مونکي خبر پوي تہ ڪنهن هي ٻوٽا ڪپي ناس
ڪيا آهن، تہ مان يڪدم اُن کي سخت سزا ڏيندس. واشنگٽن
پنهنجي پتا جا اهي اکر ٻڌي ٿو. يڪدم بي ڊپائيءَ سان پتا
کي چوي ٿو: ”پتاجي! اهو ڪم مون ڪيو آهي.“ پتا اهو
جواب ٻڌي وسمءِ ۾ پئجي وڃي ٿو ۽ چوي ٿو: ”پٽ! تنهنجي
سچائيءَ تان ٻلهار وڃان!“

منهنجا پيارا ٻالڪو ۽ پياريون پُٽريون! اوهين بہ سچ جي
راهہ تي هلو. سچ تي صاحب راضي.

نماشام جو برادري منڊل طرفان گرو راجا ڪلياڻ مندر ۾
ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري دادا جشن پرويچن ڪندي
چيو تہ توهان ۾ برادري ڀاوَ ڏسي پرسنتا ٿي اٿم. ولايت ۾ هڪ
مندر آهي جنهن کي ڪوٺين ”برادري ڀاوَ جو مندر“. هڪڙا بہ
ڀائر گڏ رهندا هئا. ڪين ٻنيون هيون. هڪ شادي ڪئي ۽ ڪيس
ٻار بہ ٿيا. ٻئي شادي نہ ڪئي. ٻنهيءَ جي ڪمائيءَ مان اڌو اڌ
ڪري ڪٽيندا هئا. ڪجهہ حصو اُن جو هڪ پنهنجي گدام

"منهنجي دوست کي پنجاهه ڪروڙ آهن. مان ٻه پنجاهه ڪروڙ گڏ ڪرڻ ٿو چاهيان." اَن ڀاءُ اچا ۴٩ ڪروڙ ڪٺا ڪيا ته ڪال جو قاصد اچي ڪڙڪيس! ويچارو ۴٩ ڪروڙ ٽي اتي ڇڏي ويو! خالي هٿين رمندو رهيو. انڪري راتِ ڏينهن مايا يا مايا وي پدارٿن پٺيان نه ڊوڙو. ڪجهه وقت سانت ۾ گذاريو. سانت ۾ رهڻ سان توهانجي شڪتي ڪلندي.

(۴) مزي ۽ سوادن کان ڪنارو ڪريو. سواد جا غلام نه بڻجو. ڏسو مڇي اٿي جي سواد ڪري ڪيئن نه جار ۾ ڦاسي پوي ٿي. صحت جي سنڀال لهو. سواد ڪري پنهنجي سريو کي پرشت نه ڪريو. (۵) ٻين جا اوگڻ نه ڏسو، پر گڻ گراهڪ ٿيو. (٦) هر حال ۾ مشڪندا رهو. سک ۾ چاهي ڏک ۾ ايشور جا شڪرانا مڃو. پيارو دادا ٻه چوي ٿو "اَءِ دل! نه ڪر فڪر، ڪر شڪر ڪر شڪر!" (٧) شيوا ڪريو. روز ڪو نه ڪو ننڍو يا وڏو شيوا جو ڪم ڪريو. ڏکي دريدرن جي شيوا پڪين پس جي شيوا. انهن سڌانتن تي هلڻ سان توهانکي آنند جي پراپتي ٿيندي، توهان جي جيون نئين ٿي پوندي.

٢٩ ڊسمبر صبوح جو دادا امر جي بال ڪنج جي بالڪن اڳيان پياري داداجنن منو اُپديش ڏنو. نماشام جو ڀارتيه وديا ڀون ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ 'يوگ' جي وشيه تي وياکيان ڏنو. ٣٠ ڊسمبر دادا جن مسور روانا ٿيا. ٣١ ڊسمبر دادا جن مسور ۾ سنڌي يوٿ انسوسيئيشن جي اسپتال ۾ پڌاريا. ڊاڪٽر رهيجا دادا جن جو سنڪار ڪيو.

١ جنوري ١٩٧٧ صبوح جو سنڌي سوشل هال ۾ سنسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري دادا جنن پروچن ڪندي چيو ته اڄ نئين سال جو پهريون ڏينهن آهه. نئين سال جو نيابو آهه ته نوان ٿيو. جيون ۾ سچ جي ساکي ڏيو. توهان کي دنيوي

ڏرڻ لڳا دل کهڙي ڪر جي.

٣٠ جنوري آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن مهاتما گانڌيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته اڄ مهاتما گانڌيءَ جي شهيديءَ جو ڏينهن آهي. ٢٩ سال اڳ اهڙي ڏينهن پيارو دادا حيدرآباد سنڌ ۾ هو. جڏهن اوچتو ئي اوچتو وڄ وانگر خبر اچي ٿي ته مهاتما گانڌيءَ کي دهليءَ ۾ گولي هڻي ماريو اٿن. پيارو دادا ڪجهه وقت سانت ۾ اچي ويو ۽ پوءِ چيائين ته مونکي اميد هئي ته مهاتما گانڌي اهڙو واءُ منڊل پيدا ڪندو جو اسانجا هندو ڀائر ۽ ڀينر جي لڏي ڀارت ۾ ويا آهن، سي سنڌ ۾ واپس ايندا ۽ جي پناهگير سنڌ ۾ آيا آهن، سي واپس ڀارت ۾ موٽندا. هيئنر اها اميد منهنجي وئي.

مهاتما گانڌيءَ ۾ گوتم ٻڌ جي ديا هئي ۽ شري ايشا جي قرباني هئي. گرو نانڪ ديو جن وانگر مهاتما گانڌي ايڪتا ۽ ميلاپ جو اوتار هو ۽ سنت فرانسز وانگر غريبيءَ ۾ رهيو. هڪ ڏينهن پياري دادا کان پڇيوسي ته مهاتما گانڌيءَ جي جيون جي خصوصيت ڪهڙي آهي؟ پياري دادا چيو ته مهاتما گانڌيءَ جي جيون جي خصوصيت هيءَ آهي ته هن پاڻ کي ڀارت جي غريبن دکين دردمندن ڀوتاڻن اڻ ندگن سان هڪ ڪري ڇڏيو آهي. سندن دک گانڌي پنهنجو دک ڪري سمجهي ٿو. مهاتما گانڌيءَ جي جيون جي اها ساکي هئي. جڏهن گول ميز ڪانفرنس لاءِ لنڊن ويو ٿي ته سندس لاءِ اڇا گرم بلئنڪيٽ ٺهرايا ويا. مهاتما گانڌيءَ اهي بلئنڪيٽ ڏسي چيو ته مان لنڊن ۾ ڀارت جي ڪروڙن بکايلن اڻ ندگن جو عيوضي ٿي وڃان ٿو. مونکي ڪين جڳائي ته اهڙا اڇا بلئنڪيٽ ڪتب آڻيان. اهي بلئنڪيٽ واپس ڪيا ويا ۽ مهاتما گانڌي پاڻ سان بلڪل سادا بلئنڪيٽ کڻي وڃي ٿو. جڏهن ٻهار ۾ مهاتما گانڌيءَ کي

۾ رکندو هو. هڪ ڏينهن شادي ڪيل ڀاءُ کي ويچار ٿئي ٿو ته منهنجي ڀاءُ شادي ڪونه ڪئي آهي. مونکي ته ٻار ٻه ڪمائي ڪارائيندا، هنجي ڪير ڪندو؟ سو رات جي اوندهه ۾ نڪري، پنهنجي گدام مان اَن جون ڳوٿيون ڪڍائي نڪري ٿو. ويچار اٿس ته ڀاءُ جي گدام ۾ رکائي اچان. هوڏانهن هن ڪنواري ڀاءُ کي ويچار اچي ٿو ته مان اڪيلو ڇڙو ڇانڊ آهيان، منهنجو ڀاءُ ٻچڙيوال آهي، ڇونه اهو اَن ڀاءُ جي گدام ۾ وڃي رکايان. هڪ هڪ پنهنجي طرف کان نڪري ٿو. رستي تي اچي ميڙهن ٿئي ٿو، ته ٻه هلندا هلن ٿا، تان جو هڪ هنڌ ٻنهي جون ڳالهيون اچي ٿيون گڏجن ۽ ٻئي هڪ ٻئي کي ملي خوش ٿين ٿا ۽ هڪ ٻئي کي پنهنجو ويچار ٻڌائين ٿا. اهڙو اٿوَ ڀراتري ڀاوَ. اَن آستان تي هنن ٻن ڀائرن جي يادگيريءَ ۾ مندر ٺهيل آهي. شل توهان ۾ ٻه وڏيڪ ڀراتري ڀاوَ وڌندو رهي ۽ هڪ ٻئي جو ٻار هلڪو ڪندا رهو.

٢٦ جنوري راڌاڪرشن ڊيا ڊسپينسريءَ جي وارشڪ اُتسوَ جي موقعي تي داداجن ڊسپينسريءَ جي ڊاڪٽرن ۽ ٻين سيواڌارين کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هڪ ٻالڪي مون وٽ آئي. چيائين "مان جيڪر اسپتال ۾ اچي بيمارن جي ڦٽن کي صاف ڪريان، سندن سيوا ڪريان، پر امي مونکي موڪل نه ٿي ڏئي." مون سندس اميءَ کي چيو "تون ٻالڪيءَ کي ڀل موڪل ڏي ته وڃي اهو سيوا جو ڪم ڪري ۽ آسيس ڪٽ." سندس اميءَ ٻالڪيءَ کي بيمارن جي خدمت ڪرڻ جي موڪل ڏني. اها ٻالڪي ڪيڏو نه خوش ٿي! اهڙا ڪم ڪندڙ ڪين، جي پنهنجي جيون ارپن ڪن. هت ميران ڀوميءَ ۾ ڪيترا نه سيوا جا ڪم ٿين ٿا. سيوا ڪجهي محبت ۽ پيار سان. ٻارو دادا ڪيئن ته دکين جي دل وندڻو هو. دادا جي دل ۾ هو دردمندا ڪا درد.

جيون ڏکدائڪ هئي. ناليءَ ۾ براهمڻ هئا، پر سڀني جيون ۾ پرڀوءَ جي ساکي ڪين هئي. اُن زماني ۾ پرڀوءَ ڪيترا سنت پڻ ذاتين ۾ پيدا ڪيا، جن اچي سانتيڪي نموني ۾ ساکي ڏني ۽ ڪيترن جي جيون ۾ جوت جڳائي. پرڀوءَ نه پڇي ذات پات، پرڀوءَ پڇي پريم کي پاٽ!

روهيداس ٻالڪ جي دل اندر دلبر لاءِ پيار آهه. هن سنتن جي ٽولي ڏٺي، اٿ ويٺي ٿو رام نام ڳائي ۽ ڪي ٽهيل جتيون ڪڍي اُنهن کي ڏئي ٿو. پتا کي اها ڳالهه نٿي وڻي. پتا ڪيس ننڍي هوندي شادي ڪرائي ٿو، ان ويچار کان ته هن جو ڌيان سنسار ۾ وڌڻ لڳي، پر روهيداس جي دل اندر آهي پياس اِڪ پرڀوءَ واسطي. سو هن تي شاديءَ جو ڪو اثر نٿو ٿئي.

هڪ ڏينهن هڪ سنتن جي ٽولي ڏسي ٿو. ڇا ٿو ڪري؟ دڪان تي ڏسي ٿو ته پتا ڪين آهي. سڀ جتيون ڪڍي اُن ٽوليءَ کي ڏئي ٿو. پتا موٽي اچي ڏسي ٿو ته جتيون آهن ئي ڪونه. ڏاڍو خوش ٿئي ٿو ته منهنجي پٽ سٺو سودو ڪري رکيو آهي. پٽ کان جتين جا پئسا گهري ٿو. پٽ چوي ٿو: ”بابا! مون ته سادن جي ٽوليءَ کي سڀ جتيون ڏيئي ڇڏيون.“ پتا کي بيحد ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ پٽ کي چوي ٿو ته اِڪدم گهر مان نڪري وڃ. روهيداس پنهنجي استريءَ سان وڃي اِڪ جهوپڙيءَ ۾ رهي ٿو. روهيداس جي باڻي گرو گرنٿ صاحب تي چڙهيل آهه. هڪ پنهنجي شبد ۾ سنت روهيداس چوي ٿو:

”ناگر جنو! ميري ذات ٻکيات چمارن،
ردءِ رام گوبند گن سارن!“

براهمڻ کي چوي ٿو ته منهنجي ذات ڀلي چمار جي آهي، پر منهنجي هردي اندر رام نام ۽ گوبند جا گڻ سدا براجمان آهن. ان شبد ۾ هي سنت وڌيڪ چوي ٿو ته جهڪا هن گنگا جل

خبر پئي ٿي ته پيرن کي هڪ وڳي کان وڌيڪ ڪپڙو ڪين آهه، تڏهن پاڻ کي چوي ٿو ته مونکي حق ڪين آهه ته مان وڌيڪ ڪپڙا پهريان. ان ڏينهن کان وٺي ايڪ لنگوٽي والا ٿيا ٿو. مهاتما گانڌيءَ بيشڪ پاڻ کي پين سان هڪ ڪري ڇڏيو.

شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي هال ڪولابا بمبئيءَ ۾ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ سنڌ جي سنت، درويش شاهه صاحب جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. سچو فقير هو، درويش هو، سنت هو، برهمگياني هو، شاعرن ۾ شاعر هو، شاعرن جو سرتاج هو، پر هن پياري پاڻ کي ڪجهه ڪين سمجهيو. هڪ ڏينهن ڪانئس پڇن ٿا ته "سائين! توهين شيعا آهيو يا سني؟" هي پيارو چوي ٿو "مان ٻنهي جي وچ ۾ آهيان. ڪجهه ڪين آهيان." هڪ ڏينهن سندس چوڌاري ڪي مريد ويٺا آهن. ڪانئس پڇن ٿا "سائين! انسان ڇا آهه؟" شاهه صاحب چوي ٿو "انسان آهه ڦوڪ. جيسين ڦوڪ اندر آهه، تيسين انسان هلي چلي سگهي ٿو. جان ٿي ڦوڪ نڪتي ته انسان ٿي پوندو ڀاري. پوءِ ته سندس سرير اهڙو ڳورو ٿي پوندو جو کيس چار جڻا کڻن، تڏهن کڄي. اِها ساڳي سکيا رشين ۽ سنتن جي آهه. آتما اُڏامي ته ديهه جو ملهه ڪهڙو! انڪري آتما جي سڃاڻ پايو. توهان جا لک ڪروڙ ڪهڙي ڪم جا، جي آتما جي پروڙ نه پاتي اٿوَ. سانت ٿي سانت ۾ ويهي آتما جي کوج ڪريو."

۴ فيبروري شام جو نيو ٽائون ڪار ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ هڪ سنت جي جنم جي ڇهين شتابدي آهي. ڇهه سؤ ورهيه اڳي هن پياري جو جنم هڪ چمار جي گهر ۾ ٿيو. سندس پتا چم جو ڪم ڪار ڪري ٿو. ان ڏينهن ۾ براهمڻ چوندا هئا ته فقط اسانکي حق آهي ته ڌرم جو پرچار ڪريون ۽ ستسنگ هلايون. ذات پات جو ڀيد هو. ڪيترن براهمڻن جي

پشپ ٻوڪيو. ٻهراڙون پشپ نڇاور جو ٻوڪيو. نماڻا ٿيو! ايمان ڀائي! نيپولين ڪيترا نه ملڪ فتح ڪيا. ڪيترا راجائون هٿڪان نه ڪندا هئا. مان سڪندر قبر تي ويم. منهنجيون اکيون آليون ٿيون ۽ مڪر مان اهي اکر نڪتا "انسان! تون آهين ڪير؟ مٽيءَ جو ٻُتُ!" ان ڪري پيارا نڇاور جو گل ٻوڪيو. ٻيو پشپ پياس جو پشپ دل ۾ ٻوڪيو. پياس ۾ اِڪ ٻوٽم کي پڪاريو. ڪٿي نيڻ نيارا نگر ڏي نهاريو. اهو نگر، اهو نج ڌام، سچ کنڊ جو اسانجو اصلي مڪان آهي، جتان هت آيا آهيون، هت پيا ڪوڙين ٽوشدائن ٻنڌڻن پئڪون، پيا ڦيريون پايون. ٻرٻوءِ لاءِ پياس اُتاريو. ٽيون پشپ دَيا جو دل ۾ ٻوڪيو. جنهن جي دل ۾ دَيا ڪين آهي سو مڙش ڪين آهي. دَيا ڌرم جو مول آهي. دَيا واري انسان جي دل نرم ٿئي ٿي ۽ نرم دل انسان ٻاٻوءَ جي نزديڪ ٿئي ٿو. ٻراهت جي پڙدي ۾ ڪيئن هزارن جانورن جو ڪوس ٿئي ٿو. ويچارا گڳدام ڪهڙن ڪيڪراٽون ڪن ٿا. توهان انهن جو ماس کائو ٿا. ڪوس گهر بند ڪريو! انهن گڳدامن تي کهل ڪريو! انهن جي آسيس وٺو. ٻڌهجي دلين ۾ دَيا جا پشپ ٻوڪي الهاسنگر کي به دَيا جو نگر بڻايو. دکين دريدرن جي شيوا ڪريو. پياري دادا جو پيغام هيئين سان هنڊايو. نام ڳايو نام ڌيايو!

شل هن باغ تي اهڙي آسيس اچي جو اِڪ شيوا جو مرڪز بڻجي ۽ جت هوءِ نام جي ڌوم مچي، مچندي رهي.

اُنهي جي شروع ۾ داس دادا جن جي آجيان ۾ گيت ڳايو. شام جو ۵ بجي الهاسنگر ۲ ۾ ٽڪريءَ تي بالڪن جي باريءَ ٽونان 'ميرا گهر' جو مهورت ڪندي دادا جن شري بالڪرشن ۽ ٻين ڪاريه ڪرتائن کي ڌليواد ڏيندي چيو ته توهان اناٿ ٻواهه ٻارن لاءِ هي گهر کولي اڄ اُتم ڪم ڪيو آهي. ٻنسن جو

مان شراب ناهيندا ته اهو شراب جيتوڻيڪ ٻوٽو گنگا جل جو ٿيل آهي ته به اهڙو ڪوي ليکبو ۽ جيڪڏهن اهڙو شراب گنگا نديءَ ۾ اُڇلائيندا ته اهو گنگا جي نرمل جل سان ملي پاڻ به ٻوٽو ٿي پوندو. ليڪن جيتوڻيڪ منهنجي ذات نيچ آهي ته به سنتن جي سنگ ۾ مان ٻوٽو ٿي پيو آهيان. پر اها سڀ مهما سنتن جي سنگ ۽ نام جي آهي.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! اوهين به سنتن جو سنگ ڪمايو ته توهان تي نام جو رنگ لڳي.

٦ فيبروري آرتوار صبوح جو ١١ بجي ٻوجيه دادا جشن اُلهاسنگر ۾ گول ميدان واري شاهي باغ جو نالو "سادو واسواڻي باغ" رکڻ جي رسم ادا ڪئي. هن موقعي تي داداجن اُلهاسنگر ميونسپل جي ائڊمنسٽريٽر شري انيل تاري کي باغ لاءِ اهو نالو رکڻ جي منظوري ڏيڻ لاءِ ڌنيواد ڏيندي چيو ته جڏهن به آستان تي ڪنهن سنت جو نالو رکيل آهي، ان آستان تي آسيس جي ڌارا وهي ٿي. هڪ شرط اِٿو ته جنهن باغ تي سنتن جو نالو رکو ٿا، ان نالي جو شان رکجو. پياري دادا واسواڻيءَ جي آدرشن جي ساکي ڏيو. شل هن باغ ۾ ڪنهن جي پر نندا نه ڪريو. نڪي هن باغ ۾ شراب يا ماس جو استعمال ڪجو. بيڙي نه پيئجو ۽ جوئا نه کجو. مونکي جيڪر وجهه ملي ته مان هن باغ جي روز بهاري پايان. سنتن جي سيوا ڪرڻ ۾ ڪيڏو نه سوڀاڳيه آهي.

هڪ دفعي مدراس ۾ پياري دادا واسواڻيءَ کان پڇن ٿا: "اوهين ڪير آهيو؟" پيارو دادا چوي ٿو ته مان هڪ هاري، هڪ ڪسان، هڪ باغائي آهيان. دلين ۾ وڃان ٿيو نام جا ٻج پوکيندو، جيئن توهان جون دليون سندر باغ بڻجي پون. جيڪڏهن توهان به دل کي سندر باغ بڻائڻ چاهيو ته ان ۾ ٻنهي قسمن جا

ٻڌون ٿا تہ شري رام جو نام ڀڳت هنومان پنهنجي دل کولي ڏيکاريو آهي. سندس دل ۾ ويٺو آهي رام، تيئن دادا ڳنگارام جي دل ۾ ويٺو آهي پيارو دادا. هڪڙي پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ ڪري، ٻيو پنهنجي گرديو جو ڪم ويٺو ڪري. پياري شري متراڻيءَ جو ہ شڪرگذار آهيان. مان چاهيان ٿو تہ توهان مان هڪ هڪ ڪم ڪندي منو ٿئي. غريب دکي اٿو ٻڙيوءَ جا روپ. انهن سان منو ورتاءُ ڪريو. جيڪڏهن توهين ڪڏهن ٿڪو يا ٿڪو ڳالهايو تہ باط تي ڏنڊ وجهو. روحاني زندگيءَ جو قانون اٿو تہ باط تي نظر رکو.

چين جو هڪ وڏو ودوان ڪنفيوشس موت جي بستري تي ليٽيو پيو آهي. سندس پيارا سندس چوگرد بيٺا آهن. ان وقت واڻ کولي شش کي چوي ٿو "ڏسو! منهنجي وات ۾ جڀ آهي يا نہ؟" شش چون ٿا "ها." وري پڇي ٿو "ڏند آهن يا نہ؟" شش چون ٿا "نہ." تڏهن ڪنفيوشس چوي ٿو "پيارا! جڀ جائي جم کان هئي ۽ اڃا بہ آهي. ڏند جاوا بہ ٿيا، کهڙا نہ سخت هئا تہ بہ اڳ ئي پڇي پيا. ٻو جڀ اڃا آهي. ڇاڪاڻ تہ جڀ نرم آهي. ان ڪري توهين بہ نرم ۽ مٺا ٿي رهندا تہ زندهہ رهندا. اها سکيا جيڪر توهين ۽ مان پنهنجي جيون ۾ استعمال ڪريون. شل مان بہ منو ٿي پنهنجي گرديو جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيندو رهان.

٢٥ مارچ دادا جشن سنگت سان گڏ ٻڙودا روانا ٿيا. شام جو ٥ بجي ٻڙودا اسٽيشن تي ڪيترن ئي شردالن دادا جن جو سواگت ڪيو. ان رات جو آنوترام اسڪول جي ميدان تي ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. ٻهراڻ پيرڻ سندري گيانچنداڻيءَ دادا شيام ترست طرفان دادا جن جي آجيان ڪئي. پياري دادا جشن ايڊريس ڪندي چيو تہ جيڪي ٿئي ٿو ان ۾ ڀلو آهي.

خيال نہ ڪريو. سچائي ۽ صدق سان شيوا ڪندا تہ ٻيا پاڻيهي اچي پهچندا. وديش ۾ جارج ملر اناٿ آشرم هلائيندو هو. سوين ٻار سندس آشرم ۾ رهندا هئا. هڪ ڏينهن سندس منيجر چيو تہ "سائين! اڄ نڪي چانور آهن نڪي اٽو آهي. ٻار ڪٿان کائيندا!" جارج ملر کيس چيو تہ تون صدقي ڪين آهين. انڪري ڪم ڇڏي ڏي. جارج ملر سانت اُٿي سانت ۾ هڪ ڪمري ۾ وڃي پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو. عجب اسرار! اوچتو مدد جو بيل گاڏيون ڀرجي اچي بيهن، جن ۾ تيار تيل کاڌو آهي ۽ ڪيترو سيڌو آهي. پرڀو ڪيئن نہ وقت سر هڪ هڪ جو خيال ڪري ٿو. ٻارن کي وقت سر کاڌو ملي ٿو.

سر سر رزق سباهي ٺاڪر ڪاهي من ڀؤ ڪرينا.

توهان بہ صدق جا سپاهي ٿي ڪم ڪندا رهو. شل توهانجي هن سندر ڪاريہ تي پرڀوءَ جي آسيس چمڪي، چمڪندي رهي.

٧ فيبروري صبوح جو داداجن ڪملا هاءِ اسڪول ڪار بمبئيءَ ۾ پڌاريا. پرنسيپال سيتا سامتاڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن ڀورين پرنسيپال نرملداس گربخشاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پياري پرنسيپال نرملداس پنهنجي نالي کي ساڪار ڪيو. جهڙو سندس نالو نرمل هو اهڙو هي پوتر انسان هو. هي تعليمدان هو، سماج سڌارڪ هو. هڪ نيڪ انسان هو. هن پنهنجي حياتيءَ جو گهڻو حصو ڪملا گرلس هاءِ اسڪول جي خدمت ۾ خرچ ڪيو. پيارا وديارٿيو! توهين آئينده جي اُميد آهيو. ان ڪري توهان تي وڏي جوابداري آهي. سچ سادگي سيوا جي راه تي هلو. وڏا ٿي ڀارت ماتا جي شيوا ڪريو.

١٣ مارچ پودر هوب سنستا جي جدول باديءَ جي ميٽنگ ۾ پياري دادا جشن چيو تہ پيارو دادا گنگارام ڪيڏو نہ ڪم ڪري ٿو. هي ڏهن انسانن جي مت آهي. هڪ تصوير ۾

جي مٿي اڳيان پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو تہ مان بہ اڪ شاگرد آهيان. توهان ڪتابي وديا وٺو ٿا، جا طوطي وانگر ياد ڪري توهين امتحان پاس ڪريو ٿا. سچي وديا آهي دل دماغ ۽ هٿ جي سکيا. سچي وديا دماغ جي شڪتي کولي ٿي ۽ ان سان گڏ دل جون شڪتيون بہ کولي ٿي ۽ هٿ جو پورهيو ڪرڻ سيکاري ٿي. خبر اٿو تہ مان ڪهڙي درجي جو وديارٿي آهيان؟ وديارٿين جواب ڏنو "ميران اسڪول جو." پياري دادا چيو تہ مان زندگيءَ جي اسڪول ۾ ٻاراٽي ڪلاس ۾ پڙهندو آهيان. ان جيون جي اسڪول ۾ ٽي ڳالهيون سکڻيون آهن. پورو زندگي، سچ ڳالهائڻ، سيوا ڪرڻ. جو سچي معنيٰ ۾ انسان ٿيڻ چاهي ان کي اهي ٽي سبق پڪا ڪرڻ گهرجن.

نما شام جو پڙودا جي گانڌي گره هال ۾ پياري دادا جشن انگريزيءَ ۾ "شري ڪرشن ۽ سدس سکيا" وشيہ تي ڀاشڻ ڏنو. ٢٧ مارچ صبوح جو داداجن لڪارام هاءِ اسڪول جي هال ۾ داداجن پرووچن ڪيو. ٢٧ مارچ شام جو داداجن دهليءَ روانا ٿيا. ٻئي ڏينهن صبوح جو داداجن سنگت سان دهليءَ ۾ پهتا ۽ پياري ڪنعيالعل ڏاتواڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. منجهند جو ١٢-٣٠ بجي پياري دادا جشن چيمس فورڊ ڪلب ۾ پترڪارن کي ملاقات ڏني. پترڪارن داداجن کان ڪيترائي سوال پڇيا. داداجن ڪين ڏاڍا تز ۽ انوکا جواب ڏنا.

٢٩ مارچ صبوح جو سوڄدي نگر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ٺهراءُ پروفيسر ڪي. ايل. واسواڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ رام نوميءَ جو پورو ڏينهن آهي. اڄوڪي ڏينهن مريادا پرشوتم شري رام پرڀوءَ تي پڌارپو ڌرم جي رکشا لاءِ، اڌرم ۽ اتياچار جي انت آڻڻ لاءِ. پرڀو ڪيئن نہ اسانجي وچ سار لهي. ڪيئن نہ جڏهن

ان ڪري هر حالت ۾ چئو: "شڪرانا! شڪرانا!"

هڪ ٻالڪي شري رام جي ڀڳتياڻي ٿي گذري آهي. هوءَ هڪ غريب ٻڍڙيءَ جي ڏاڍي سيوا ڪري ٿي. روز ڪيس ٻوڙي ٻهاري ٿي، دوا درمل وٺي ڏئي ٿي. هڪ ڏينهن هن وٽان موٽندي ڌڪو کائي ٿي ۽ سندس ٽنگ جا ڪيترا هڏا ڀڄي پون ٿا. لوڪ مٿس کلن ٿا ته هيڏي سيوا ڪندي به ڌڪو کاڌائين. هوءَ چوي ٿي ان ۾ ڀلو هوندو. ڪيتري وقت کانپوءِ سندس ٽنگ ٺهي ٿي. سندس مکڙي ۾ عجيب سوڀيا آهي. هڪ شاهوڪار هن کي ڏسي ٿو ۽ چوي ٿو، هن جو مڱڻو مان پنهنجي پٽ سان ڪندس. مڱڻو ٿئي ٿو. شاديءَ ڏينهن هوءَ ٻالڪي تيار ٿي ويٺي آهي. ڇا ٿو ٿئي؟ جيئن گهوٽ اچڻ لاءِ ٻاهر نڪتو آهي ته ڪيس هڪ نانگ چڪ پائي ٿو ۽ اُتي جو اُتي مري ٿو وڃي. ڇوڪريءَ کي خبر پوي ٿي. چوي ٿي: "شڪر! شڪر!" ماڻهو هن کان پڇن ٿا ته تون شڪر ڇاجي ٿي چوين. ٻالڪي چوي ٿي: "منهنجو رام مون لاءِ جيڪي ڪري ٿو اُن ۾ ڀلو آهي." اُن رات اِڪ سپنو لهي ٿي. سپني ۾ ڏسي ٿي ته رام جو هڪ مندر آهي. اُتي هڪ ڪاريگر وٺو هڪ پٿر کي گهڙي. ڌڪن پٺيان وڃي پيو ڌڪ هڻندو. اهو پٿر گهڙي مندر جي چوٽيءَ تي لڳائڻو هوس. اُن وقت هن جي اکين تان پڙدا لهن ٿا. چوي ٿي، پڀو به وٺو هڻ گهڙي، گهڙي، نيٺ پنهنجي محل جي چوٽيءَ تي رکندو.

منهنجا پيارا ٻانڙو ۽ ڀينرون! دک سک ۾ پڀوءَ جا شڪرانا مڃيو. پڀوءَ جو مٺو نام ڳايو. اِن لاءِ توهانکي ڪي به پئسا خرچ ڪرڻا نٿا پون. شري رام جو نالو الو مکڻ ماکيءَ مصريءَ کان مٺو. رام جو نالو اوهانکي سچي سک جو رس پيئاريندو.

٢٦ مارچ صبوح جو للارام سنڌي هاءِ اسڪول ۾ ودياٿين

سنڌي ٻولي زندهه رکندا ته سنڌي جاتي زندهه رهندي.

٣٠ مارچ شام جو لجپت ڀون هال ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ "ڀون ڪو ناهين اڪيلو" وشيه تي مٺو اپديش ڏنو. شري شيوڪرام ڪرمچند دادا جن جي آجيان ڪندي چيو ته پيارو دادا جشن اسانکي روحاني خوراڪ ڪارڻ آيو آهه.

دادا جن رات جو جيٺن شري ڪنعيي ڏانواڻيءَ جي گهر آيا ته اتي شري لعل آڏواڻي مرڪزي وزير پياري دادا کان آسيس وٺڻ آيو. رات جو پونا مان ڊاڪٽر گهنشيام ريلواڻيءَ دادا جن کي فون ڪيو ته ماتا ڪرشنا جي صحت ٺيڪ ڪين آهي. توهان کي ڏاڍو ياد ڪري رهي آهي. چاهي ٿي ته توهان سندس نزديڪ هجو. دادا جن ٻيا سڀ پروگرام رد ڪري اڌ رات جو ٿي هوائي جهاز رستي دهليءَ مان بمبئي روانا ٿيا ۽ اتان سڌو پونا ۾ واپس آيا.

٣١ مارچ منجهند جو پيارو دادا جشن دهليءَ مان پونا پهتو. ان وقت ٿي دادل شاهه جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري پيارو دادا جشن پوج ماتا ڪرشنا ديويءَ وٽ آيو. ماتا ڪرشنا بيماريءَ جي بستري تي هوندي سچتر سمت پياري جشن کي ڏسي باغ بهار ٿي پيئي. پاڻوهه وچان کيس ڀاڪرڙي پاتائين. ڊاڪٽر ريلواڻي، ڊاڪٽر پريم رامچنداڻي، ڊاڪٽر نارائڻ هاٿيراماڻي ماتا ڪرشنا جي تپاس ڪري دوا درمل ڏيندا ۽ سيوا ڪندا هئا. پيارو دادا جشن پڻ پوج ماتا جي ڏيکه ريکه لاءِ ڪلاڪن جا ڪلاڪ وٽس ويٺو هوندو هو. ماتا پاڻ کي بهتر سمجهندي هئي ته آيل سنگت سان پيئي روح رهاڻ ڪندي هئي. ١٣ اپريل ماتا ڪرشنا جي شاريرڪ پيڙا وڌي وئي، انڪري پيارو دادا جشن، دادي هري ديوي، ڀيڻ سندري، ڀاءُ هيرو ۽ ڪي ٻيا پيڙ سندس نزديڪ ويٺا رهيا ۽ رام نام جي ڌني شروع

رشين منين تپسيا پئي ڪئي ۽ راڪاسن وگهن ٿي وڌا تڏهن رشين جي دلين مان پڪار اُٿي، اُن وقت شري رام شڪتيءَ جو اوتار، مسڪينن جو مددگار پرٿوي لوڪ تي پڌاريو. شري رام ڪيئن نه راوڻ سان جنگ جوٽي. جڏهن جنگ جي ميدان تي شري رام سان جنگ ڪندي راوڻ جو پراڻ پکيئڙو اُڏامي وڃي ٿو، سندس پتني مندودري زار زار روئي پڪاري ٿي ته ڪيڏو نه سندس پتيءَ جو شان مان هو، ڏهڪاءُ هو. اڄ سندس سوني ڪايا پٽ تي پيئي آهه! راوڻ ۾ ڪيڏا نه گڻ هئا، پر ايمان ۽ ضد ڪيرائي ڇڏيس. انڪري ايمان نه ڪريو، ضد نه ڪريو. ستيه ڌرم جي راهه پڪڙيو، پوءِ ڏسو ڪيئن نه پرڀو توهانجي اچي ٿو رکيا ڪري.

٢٩ مارچ شام جو جڪپوريءَ ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. جڪپوريءَ جي پنچائت دادا جشن کي مانپتر ڏنو. دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته مان مانپتر ڇا ڪندس؟ مونکي توهان جا من پتر ڪيو. توهانجا من ۽ توهانجون دليون وٺڻ آيو آهيان. اُهي مونکي ڏيو ته پياري گروديو، پياري پرڀوءَ جي چرنن ۾ رکان ۽ پڪاريان ته پرڀو هنن دلين ۾ اوت، جوت منڊل جي اپاسي جوت. ان جوت جو جي اڪوار ديدار ڪريو ته چوراسيءَ جي چڪر کان ڇٽي پئو. پوءِ توهين سنسار ۾ رهندا پر سنسار توهانکي ڇڪيندو ڪين. اڄ توهين شري اُڏيري لعل جو ڏينهن ملهائي رهيا آهيو، تنهن لاءِ توهانکي ڌنيواد. ڪيئن نه سنڪٽ سميه ۾ شري اُڏيري لعل هندن کي مسلم بادشاهه جي ظلم کان اچي بچايو ۽ هندو ڌرم جي رکشا ڪئي. اڄ توهين سنڌيت جو ڏينهن پڻ ملهائي رهيا آهيو. جي توهين چاهيو ٿا ته سنڌي سڀيتا زنده رهي ته پنهنجي سنڌي ٻولي نه وساريو. سنڌي ٻوليءَ ۾ انڪ هيرا جواهر سمايل. سنڌي ٻوليءَ جي لپيءَ تي ٻ انڪار نه ڪريو. پاڻيهي وقت سڀ مسئلا دور ڪري ڇڏيندو.

١٦ اپريل صبوح جو پيارو دادا جشن، پڻ هري ديوي، پڻ سندري، ڀاءُ هيرالعل ۽ ٻيا ٻوهي پياري ڀاڀيءَ جا سنگ ميڙُ شمشان ڀوميءَ ۾ ويا. سنگ هڪ دٻيءَ ۾ وڌائون ۽ ڀسم هڪ ڳوٺ ۾ وجهي، ٻيڙيءَ ۾ چڙهي نديءَ جي وچ وهڪري ۾ پروان ڪيائون. ڀاڀي ڪرشنا ديويءَ جي ڪمري ۾ شري گرو گرنٿ صاحب ۽ شري نوري گرنٿ جو پاٺ رکيو ويو. پيارو دادا جشن روز رات جو اسع هلي "موت ڇا آهي"، "موت کان پوءِ" وشين تي اپديش ڏيندو هو.

١٨ اپريل آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پياري ڪرشنا ديويءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پهرئين درجي سنتيءَ ۾ هڪ مٺو بيت اسان کي ياد ڪرايو هئائون. سال گذري ويا آهن. اڄ کان ٻه مٿي صدي گذري وئي آهي، پر اڄ ڏينهن تائين اهو بيت منهنجي دل جي تختيءَ تي اُڪريل آهي:

موکي ڪڏهن نه ڪير پيارو،
پيار منجهان ٿي گود وهاريو،
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو،
منهنجي امڙ!

ننڊ ڦٽي مون جڏهن ٿي ليٽي،
ڪڏهن ٿي سمهاريو لولي ڏيئي،
ڇڏي نه موکي ڪيڏانهن وئي،
منهنجي امڙ!

پنڌ ڪندي جي ٿڪو ڪاڏم،
ڪڏهن ڪڇي ٿي چاليءَ لاتم،
پيار منجهان ٿي پاڪر پاتم،
منهنجي امڙ!

ڪيائون. رات جو پياري پاپيءَ پياري پٽ جشن کي چيو ته ڏاڍو سڌر اٿم. پياري پاٺو جشن چيس ”پاپي! هاڻ اڃي ٻهتي آهين. پيارو دادا پيو وڃڻ اڃيمي. ۱۴ اپريل ايڪادشيءَ جي ٻوٽو ڏينهن پياري ماتا ڪرشنا ديوي سنساري سڌر سمايت ڪري ٻرٻوءَ جي ٻار ڏانهن رمندي رهي!

۱۴ اپريل شام جو پياري ماتا ڪرشنا ديويءَ جو استول شرير ڏوليءَ ۾ سينگاري سماڌي آستان تي ڪٽي آيا. سوين پاڻو پيدو پياري پاپيءَ جي انتم درشن لاءِ آيا. ان موقعي تي دادا جشن پرارٿنا ڪندي چيو ته ”منهنجا پريتم! منهنجا ناٿ! اڄوڪي ڏينهن منهنجي پياري جنم داتا، منهنجي مٺڙي جنني، منهنجي پياري پوڄنيه ماتا، اسان مان ڪيترن جي ماتا، ۸۰ سالن جي ياترا پوري ڪري پرلوڪ پڌاري آهي. ڏي تون کيس پنهنجي مهر جي نهار! کيس تون پار اُڪار!

منهنجا پريتم! منهنجا ناٿ! محبوب منا! سندس روح ۾ هو روشن پيار؛ سندس هردي ۾ هئي همدردي! سندس دل اندر هئي بک نام واسطي، شردا سنتن سنبوڪن واسطي. گرو گرنٿ صاحب جي اُپاسڪ هئي. گيتا جي پڄتياڻي هئي. نام واسطي بک کڻي آهي پرلوڪ پڌاري. اُس تون کيس نام جي وايو منڊل ۾ وهار! سندس دل اندر هئي پياس ته جنم مرڻ جي چڪر کان ڇٽان! کيس تون وٺي هل ڪال نديءَ جي هن پار! تون کيس پار اُڪار! پار اُڪار! ڪال نديءَ جي هن پار تون کيس پهچاءِ. پرنين ڪناري سندس پيڙي تون لڳاءِ!“

سماڌي آستان تان پياري پاپي ڪرشنا ديويءَ جو استول شرير ڏوليءَ ۾ کڻي سوين پاڻو پيدو رام نام جون ڌنيون لڳائيندا شمشان ڀوميءَ ۾ آيا. دادا جشن اُت پرارٿنا ڪندي ماتا کي پرڻام ڪيو. پياري پاپيءَ جو اگني سنسڪار ڪيو ويو.

رهڻ نه غافل)، ڪروڙن مان ڪو هڪڙو چوي ٿو، ”مونکي اهي راندڪا، عهدا اقبال، مان شان ۽ ٻيو پدارٿ ڪين کپن. مونکي کپين تون! منهنجي ما! تون مون وٽ آءُ!“ اها پڪار ماتا ٻڌي ٿي ۽ سڀ ڪم ڇڏي ڊوڙي پنهنجي ٻالڪ کي اچي جهاليءَ ۾ جهالي ٿي!

پيارو دادا واسواڻي پرڀوءَ کي ماتا جي روپ ۾ ڏسندو هو، خاص ڪري جڏهن بيماريءَ جي بستري تي هوندو هو. پياري دادا ڪيترين ئي بيمارين سٺيون! ڪيڏا نه سور سٺا! نه پنهنجي واسطي، پر اسان جي واسطي ۽ بيماريءَ جي وقت اڪثر پياري دادا جي چپن تي هوندي هئي بنگالي ٻوليءَ جي پرارٿنا: ”شاڪمبرما، ٻڌيرما، ترپان داتو!“ ”اي شاڪمبريءَ جي ماتا! اي گوتم ٻڌ جي ماتا! مونکي تون تروان ڏي!“

وسپت، ٢٥ مارچ، شام جو لوهان پيارن کان آسيس وٺي جمع صبوح جو سويل مان ياترا تي نڪتس. ٻه ڏينهن پوندا ۾ رهي دهليءَ لاءِ روانو ٿيس ۽ ٢٨ مارچ، سومر صبوح جو اُت پهتس. دهليءَ ۾ ڪيڏو نه قرب ڏٺم. جڳ ته پيار جو درياهه ٿي اٿليو. دهليءَ ۾ ١٢ ڏينهن جو پروگرام رکيل هو، پر اڃا ٻه ڏينهن گذريا ته ٻڌر رات جو اٽڪل ١٠ بجي فون رستي مونکي خبر ملي ته منهنجي پياري ماتا، منهنجي پوڄيه امي، جنهن کي مان ”پياري پاپي“ ڪري سڏيندو آهيان، سخت بيمار آهي ۽ هوءَ چاهي ٿي ته مان سندس نزديڪ هجان. مونکي ڪي چون ٿا ته هيڏو پروگرام ڇڏي تون واپس ڪيئن وڃين؟ پر ان وقت منهنجي دل اندر ان بيت جا اکر وڄڻ لڳا، جو پولڻ دڳي ۾ سکيو هوس:

وڃي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس،
سک سوين آءٌ توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساهه ڇڏيندس،
منهنجي اَمڙ!

ولايت جو هڪ وڏو ودوان، دنيا جي جدا جدا ٻولين جو ٿورو ڪجهه ابياس ڪري چوي ٿو: "دنيا جي سڀني ٻولين ۾ مٺي ۾ مٺو اکر آهه ماتا، اَما، اُمي، جنني، Mother".

ڪيترن سنتن پرڀوءَ کي ماتا جي روپ ۾ ڏٺو آهي. ورتمان زماني جو مهان سنت شري رامڪرشن پرمهنس، پرڀوءَ کي ماتا ڪري سڏيندو هو. وري وري سندس چپن تي اهو اکر هو، "ما! ما!" "ما!" اکر اُچاري، هيءُ سنت سماڌيءَ ۾ چڙهي ويندو هو! پنهنجن پيارن کي چوندو هو: "پرڀو آهي ماتا، جڳت جنني!" ماتا پنهنجن ٻارن کي ٿول يا رانديڪا ڏيئي پاڻ وڃي ڪو پيو ڪم ڪندي آهي. ٻار ويٺا رانديون ڪندا آهن، پر ڪو هڪ ٻار نڪري ٿو، لکن ڪروڙن مان ڪو هڪڙو اهڙو نڪري ٿو، جو چوي ٿو: "مون کي ٿول، رانديڪا ڪين کپن، مون کي کپين تون، منهنجي ماتا! اَما! مان توکان سواءِ نٿو رهي سگهان!"

"ماڻهو گهرن مال، آءٌ نه گهران سپرين!"

جڏهن ٻار ماتا جي وڇوڙي جي درد ۾ روئي ٿو ۽ پڪاري ٿو، تڏهن ماتا سڀ ڪم ڪارڻون ڇڏي اچي اُن ٻار کي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڇپائي ٿي! سنت رامڪرشن چوندو هو ته جڳت جنني، جڳدمبا، پرڀو، اسان کي رانديڪا ۽ ٿولڙا ڏئي ٿو. پئسو پدارٿ، بنگلا ماڙيون، عهدا اقبال، اهي سڀ آهن ٿولڙا ۽ رانديڪا جيڪي پرڀو (ماتا) اسان کي ڏئي ٿو. اسين انهن ۾ کپس وساري ويٺون ٿا. پر ڪو هڪ نڪري ٿو (سڀ نه آهن جاهل، سڀ نه

يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسيلر، ڊاڪٽر ڏاڏولڪر آيو. پياري پاپي انهن موقعن تي حاضر هئي. سندس واقفيت مون هن سان ڪرائي. چيومان: ”هيءَ منهنجي ٻوجهه ماتا آهي. اُن وقت پاپي کين مخاطب ٿي انگريزيءَ ۾ چوي ٿي:

"I am his mother, but I am your mother also!"

”مان بيشڪ هنجي ماءُ آهيان، پر مان توهان جي به ماتا آهيان!“

پيار ٻوڙائو ٿئي کين ۽ پيار وارو انسان ٻڌو ٿئي ڪين. جنهن جي دل اندر آهي پيار، ٻڍڙن ۽ ٻارن جي پيارن لاءِ پيار، دکين دردمندن، مسڪينن، پسن پکين لاءِ پيار، قدرت لاءِ پيار، اهڙو انسان آهي هميشه تاز بتاز، نئون نئون! پياري پاپي جيتوڻيڪ عمر ۾ ٨٠ ورهين جي هئي، ته به ٻالڪي وڏي ڪين سمجهندي هئي. ان ڪري ڪيترن ننڍڙن ٻالڪن پياري پاپيءَ سان پنهنجي اندر جو احوال اوريندا هئا. پڇاڙيءَ تائين پياري پاپي نوان تجربا استعمال ڪندي هئي. ٻه لوڪ پدارٿ کان ٻه چار مهينا اڳ ٿيءَ جي ڪندي جي هڪ نئين ايڪسرسائيز (exercise) سکي. پڇاڙيءَ جي بيماريءَ کان سواءِ پياري پاپي ڪڏهن بيمار ڪين پيئي. سندس سرير هميشه سگهارو هو. مون هڪ ڏينهن پڇيومانس: ”انهنجي صحت جي اُجهارت ڪهڙي آهه؟“ مونکي چيائين: ”اُجهارت هيءَ آهي: سادگيءَ جي جيون رهان، هر روز سوير کان پورهيو وٺان ۽ جيئرن جي مدد ڪري سگهان اوڙون جي مدد ڪريان!“

پياري پاپي بيشڪ سادگيءَ جي صورت هئي. سندس ڪپڙو سادو، کاڌو سادو، رهڻي ڪهڻي سادي هئي. انهن هلائڻ جو ڪيس چاهه هئو. ڳالهه ڪندي هئي ته ڪيئن ڪي سال اڳ سنڌ ڪراهه ۾ وڃي هئي ۽ اتي ان گهر ۾ رهيل هئي جت

وڏي جڏهن آءٌ وڏو ٿيندس،
سک سوڀن آءٌ توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساهه ڇڏيندس،
منهنجي اَمڙ!

پنهنجن مٽن کي چيم: "پياري پاپي پيئي سڏي. مان وڃان ٿو سڀ ڪم ڪارڻون ڇڏي!" دهليءَ جو پروگرام، لکنؤ، هردوار، رشي ڪيش ۽ برندابن جا سڀ پروگرام رد ڪري ان رات جي اونده ۾، جڏهن ڪن ٿورن پيارن ڪانسواءِ مان ٻين کان موڪلائي به ڪين سگهيس، هوائي جهاز ۾ چڙهي وسپت صبوح جو بمبئيءَ ۾ پهتس، جتان موٽر رستي اٽڪل ١٢ بجي هت پونا ۾ پهتس. سڌو پياري پاپيءَ وٽ ويس. پياري پاپيءَ مونکي ڏٺو ۽ سندس اکين ۾ عجيب چمڪو ظاهر ٿيو. اهو عجيب چمڪات مان وساري ڪين سگهندس! انهيءَ چمڪات کي ڏسڻ لاءِ جيڪڏهن سٽ سمنڊ پار ڪري اچان ها ته به ٺيڪ هو. پاپي اُن وقت ضعيف حالت ۾ هئي، پر جڏهن مونکي ڀاڪر پائي پنهنجي ڇاتيءَ ۾ ڇپايائين، تڏهن سندس سوڀ ۾ نجاڻان ڪٿان سگهه اچي وئي! ان ڀاڪيءَ جي بيان ڪرڻ کان منهنجو قلم ڪمزور آهي! سندس اکيون آليون ٿيون ۽ ڪيترو وقت منهنجو هٿ پنهنجن هٿن ۾ پڪڙي ويٺي.

پياري پاپي پيار واري هئي، قرب واري هئي. پنهنجي دل جو پاڪ نرمل پيار هن نه فقط پنهنجن ٻارن کي ڏنو، پر هڪ هڪ کي ڏنائين. هِن ڏينهن ۾ مونکي مليا آهن ڪي ڀائر، ڪي ڀيڻرون. آلين اکين سان مونکي چيو اٿن: "پياريءَ پاپيءَ اسان کي ڪيڏو نه پيار ڏنو! اهو پيار وري اسانکي ڪير ڏيندو؟" پياري پاپي چوندي هئي: "مان سڀن جي ماتا آهيان." ٿورا ڏينهن ٿيا هت اوزنڌ جي راڻي آئي. ان کان اڳ پونا

۽ پياري ڀاڀيءَ هڪ رپيو بہ ڪين ورتو. شاديءَ جي رات جو ڏلر ۽ رام جي ساهرن وٽان پياري ڀاڀيءَ کي ٻہ ٽرنڪون آيون. ڪيس جوابي موڪليائون: "تو اسان کان ڪجهہ ڪين ورتو آهي. سڪ ۾ ڏيهاڙي لاءِ ٽورا ڪپڙا ٺهرايا اٿون. اهي اسانکي واپس نہ ڪجو نہ تہ اسانکي ڏک ٿي پوندو." پياري ڀاڀي اهي ٽرنڪون کولڻ کانسواءِ واپس موڪلي ڇڏي ۽ چوي ٿي: "معاف ڪجو، توهان کي ڏک پهچائڻ نٿي چاهيان، پر مون ڪيو آهي ۽ قولن ڪوڙي ڪين ڏيندس!"

پونا ۾ ڪيس "گيتا سوسائٽيءَ" ۾ هڪ جڳهہ هئي، جا جڏهن وڪيائين ٿي تہ ڪيس بلئڪ ۾ ڪيترا هزار ٿي مليا. چيائين: "بلئڪ ۾ هڪ رپيو بہ ڪين وٺندس. ڀل مونکي گهٽ رقم ملي ۽ ٽئڪس وڌيڪ ڏيڻي پوي. ڪوڙ ڪرڻ نٿي چاهيان!"

ڏهن ورهين جو هوس جڏهن ٻوجهہ پتا (شري ڀلاجراءِ ليلارام واسواڻي) سورڳ جو چولو ڇڏيو. اڪ ڌرماتما انسان هو. سندس دل اندر شري رام ۽ شري ڪرشن واسطي ڀڳتي هئي. ڀارت جي ۽ ٻين ملڪن جي سنتن واسطي ڪيس شرڌا هئي. سڀني ڌرمن ۽ قومن واسطي ڪيس پيار هو. ودوان بہ هو، پر ڪيس وديا جو ايمان ڪين هو. نماڻو هو. نيڌڻن وارو هو ۽ سندس دل جي اندر ڏکين دردن، غريبن ۽ مسڪينن واسطي همدردي هئي. وري وري چوندو هو تہ هيءَ زندگي ملي آهي امانت ڏکين دردن جي سيوا واسطي.

سنڌ ۾ خاص ڪري جڏهن ٻوڏون پونديون هيون، پنهنجا ڪم ڪارون ڇڏي پري، اهڙن مشڪل هنڌن تي، جتي ڪو ڪين ويندو هو، اُتي ٻوجهہ پتا وڃي ڳوٺاڻن جي سيوا ڪندو هو. ڪيس پواسير جي تڪليف هئي. جڏهن ميرا ڪپڙا ڌوئڻ لاءِ گهر موڪليندو هو تہ ڏسبو هو تہ رت ۾ رڱيل هوندا هئا.

شهر جي پرڪاش نارائڻ ٻڻ رهيل هو. هڪ ٻي ڇوڪرو هو ۽ شهر جي پرڪاش نارائڻ ڀرپاڻ سٽ ڪتيندو هو، پوءِ پياري ٻاٻيءَ جو وارو ايندو هو. سمورو سٽ شهر جي پرڪاش نارائڻ کي مليو، جنهن ٻاٻيءَ جي ڪتيل سٽ مان هڪ نهڪن نهرائي پياري ٻاٻيءَ کي موڪليو.

پياري ٻاٻيءَ کي واهگروءَ دنيا جو گهڻوئي ڌن ڏنو. شاهوڪاريءَ ۾ رهي سگهي ها، پر سندس جيون بلڪل سادي هئي. چوندي هئي: ”پئسو آهي امانت غريبن، مسڪينن، ڏونائن جي شيوا واسطي!“ کيس ڏونائن لاءِ عجيب همدردي هئي. اُنهن کي کوهه کوٽائي ڏيڻ لاءِ ۽ اُنهن جي ودياءَ لاءِ وري وري مدد موڪليندي هئي. چوندي هئي: ”سچي شيوا آهي ڏونائن جي شيوا.“

مان کيس وري وري چوندو هوس: ”توهان جيڪر سڀني ڌنڌن واسطي نوڪر يا آيا رکيو!“ ڪلهي ڳالهه ٽاري ڇڏيندي هئي ۽ چوندي هئي: ”سڀو ڌنڌن نوڪر هوندو ته پوءِ مون واسطي ڪهڙو ڪم بچندو؟ سرير پورهيو نه ڪندو ته سست ٿي پوندو ۽ جلد بيمار ٿي پوندو!“

ڪي سال اڳ مونکي چيائين: ”توکي ڪيترن هندن تي وڃڻو پوي ٿو. مان جيڪر توکي هڪ نئين موٽر وٺي ڏيان!“ مون چيومانس: ”مان موٽر ڇا ڪندس؟ پر مونکي خوشي ٿيندي جي تون پنهنجي واسطي موٽر وٺندين!“ وري به ڪلهي چيائين: ”منهنجي موٽر انهيءَ هي منهنجون ٻه ٽنگون!“

پياري ٻاٻي سادگيءَ جي صورت هئي ۽ کيس سڀ واسطي عجيب پيار هو. ننڍي هوندي مون کيو هٿائين ته ڏيتي ليتي ڪين ونديس. منهنجي ٻاءُ ڊاڪٽر رام کي وڏو عهدو هو ۽ وڏو پگهار. سولائيءَ سان وڏي ڏيتي ليتي ملي سگهيس ها،

ڀاونا، همدردي ۽ سيوا جا ٻج ٻوکيا. اسان تي ڪيڏو نه احسان ڪيائين!

مان سندس وڏو پٽ هوس. مونکي وري وري چوندي هئي، ”مهنجون اميدون تو ۾ آهن. تون جلدي اسرندين، تون هوشيار بالڪ آهين، توکي وڏي نوڪري ملندي ۽ گهڻيئي پئسا ڪمائيندين، مهنجا ڏک ڪن ۾ دور ٿي ويندا.“

١٣ سالن جي عمر ۾ مون مئٽرڪ جو امتحان پاس ڪيو. ١٧ سالن جي عمر ۾ B. Sc. ڊگري حاصل ڪيم ۽ ڪاليج ۾ پهريون نمبر آيس. ان وقت مونکي I C. S. امتحان ڏيڻ جو ارادو هو ڇو نه امتحان جي تياريءَ لاءِ مهنجي اڳيان ڪيترائي سوال هئا، پر جلد مهنجا ويچار ڦرندا ويا ۽ مان جڏهن M.Sc. پوري ڪريان ٿو ته پياري ٻاٻيءَ کي چوان ٿو، ”مهنجي دل نه لڳي آهي لاهوتين سان! مان دنيا جي در تي نوڪري ڪرڻ نٿو چاهيان. مان پنهنجي سمست جيون سنتن جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪرڻ چاهيان ٿو. مونکي موڪل ڏي!“ پياري ٻاٻيءَ جون مون ۾ ڪيڏيون نه اميدون هيون. پر ٻاٻي سوارٿي ڪين هئي. ڏسي ٿي مهنجو ڌيان ٻئي پاسي آهي ۽ مونکي چوي ٿي: ”پٽ، تون پال پنهنجي جيون سنتن جي ڪمل قدمن ۾ ارپڻ ڪر. مهنجي لولي آسيس آهي!“ اهڙيون ماتائون مان سمجهان ٿو ته اسانجي قوم ۾ ورلي هونديون.

جڏهن مان دهليءَ مان هت واپس آيس، ان وقت ڏٺم ته پياري ٻاٻي سرو جي پاري ڪشٽ مان لنگهي رهي هئي. پر سندس منهن تي هئي مٺي مشڪ ۽ سندس چپن تي هو نام ”واهگورو!“ وري وري چوندي هئي. نه انهن پيئي سمجهان ڄڻ نه اندر ۾ ڪپ ۽ ڪاليون پيئون لڳن. سندس اندر پيو جلندو هو، ڄڻ نه ڪا اگهي پيئي ٻري. پيٽ سڙ جي اگهيءَ

کيس مٺو چوندا هئا، ”تنهنجو رت پيو وهي، تون گهر وڃي آرام وٺ!“ پر پوڄيه پتا کين چوندو هو، ”هي ته اورو رت ٿو وهي، پر جڏهن سوراڄ جو سمورو رت دکين دريدرن جي شيوا ۾ وهي وڃي، تڏهن ئي مان پاڻکي سڀاڳو سمجهندس.“

پوڄيه پتا جي دل درياه هئي. جيڪا ڪمائي ڪيس ٿيندي هئي سا خرچي ڇڏيندو هو. اڪثر ڪري روز، جيئن شام جو گهر موٽندو هو ته ڪي نه ڪي ياتري، مسافر يا سنياسي پاڻ سان وٺي ايندو هو. پهرين انهن کي کارائيندو هو، پوءِ پاڻ کائيندو هو. هٿ جو ڇوٽ هو، تنهنڪري بچايائين ڪين. ننڍيءَ عمر ۾ سوراڄ جو چولو ڇڏيائين. ان وقت پياري پاپيءَ جي عمر ٣٢ سال هئي. پاپيءَ کي وڏي ڪمپنيءَ مان ڪجهه رقم ملي. اسين ست ٻار هئاسين. ستن ٻارن لاءِ ڇا نه ڪيي؟ پياري پاپي ان ڏينهن کان وٺي نه فقط اسانجي ماتا هئي، پر پتا جون جوابداريون پڻ سنڀاليائين ٿي.

ننڍي هوندي اسان کي سادگيءَ جو سبق سيکاريائين. چوندي هئي: ”پنهنجي پدارٿ کان وڌيڪ آهي چرتر ۽ چرتر ٺهي ٿو سادگيءَ ۾.“ سئنيما تي وڃڻ ڪين ڏيندي هئي. اڇا ڪپڙا اسان ڪين پاتا. پتي جي راند اسان ڪڏهن نه ڪئي. ڏينهن ۾ پنجو خرچي ملندي هئي ۽ سڀ ٻار پاڻ ۾ خوش هوندا هئاسين.

پياري پاپي چوندي هئي، ”وديا جيتري توهانکي ڪبي پال ونو. مان وديا ڏيڻ ۾ پٺتي ڪين پونديس.“ پياري پاپيءَ جي هڪ هڪ ٻار وڏي وديا ورتي. ٽي ٻار ولايت وديا وٺڻ ويا. وري وري چوندي هئي، ”وقت ايندو جڏهن توهين وڏو عهدو ماڻيندا ۽ شاهوڪار ٿيندا. ان وقت نه وسارجو ته سچي جيون جي اُڄهارت آهي سادگي ۽ شيوا.“ پياري پاپيءَ اسانجي ڪچڙن دلين اندر سادگيءَ ۽ سچائيءَ، صبر ۽ صدق، ڀولڙا ۽

ٻاٻي چوي ٿي: ”مان تيار آهيان!“

پياري ٻاٻي بيشڪ تيار هئي! وسنت صبوح جو پرڀات جي پڙدي ۾، ايڪادشيءَ جي ٻوڙو ڏينهن، ٻيج لڳي ٿو ٻن منٽن پياري ٻاٻيءَ پنهنجا پران ڇڏيا. ڊاڪٽر ٻلواڻي سڄي رات وٽس ٽڪيل هو. لباس ڪري چوي ٿو: ”پياري ٻاٻي نه آهي ڪين!“ مان کيس چوان ٿو: ”پياري ٻاٻي آهي ۽ هميشه هوندي!“ اسان جا پيارا مري ڪين ٿا وڃن. اسان جا پيارا زنده آهن. بيشڪ هن سريرَ جو چولو ڇڏين ٿا. ادرشٽ دنيا ۾ نواس ڪن ٿا. اُتان وري اسان ڏي نهارين ٿا ۽ پڪارين ٿا: ”ڪريو تياري! ڇو نه هيءَ دنيا جا آهي. اوهان کي پياري، آهي اوهان کي ٻه ڇڏڻي. ڪريو تياري!“ سڪ ساگر ۾ آهڪر مت جاڻو ڙي پياسا، پياري! شل روز روز تياري ڪريون! نام اُچاريون! پرڀوءَ کي پياس ۾ پڪاريون! ۽ نه وساريون ته دکي دريدر، غريب مسڪين، پسون ۽ پکي آهن نام جون پڳل مورتون. تن پيار ڏيون، تن جي سيوا ڪريون. تن جي چرنن ۾ سر جهڪايون، آسيس پايون. هيءَ ياترا سڦل ڪريون!

پياري دادا جشن پياري ڪرشنا ديويءَ جي پرهلين تيرٿ سبب ٻاٻيءَ جي گهر ’موت ڇا آهي؟‘ وشيہ تي روح رهاڻ ڪندي چيو ته هي سنسار آهي اِڪ مسافرخانو. اسان مان هڪ هڪ آهي مسافر، ياتري. هيءَ دنيا اسان جو گهر ڪين آهي. ”رهنا نهين ديس بيگانا هي!“ هن سنسار ۾ ڪو ڪين رهيو، ڪو ڪين رهندو. هڪ هڪ کي آهي هلڻو. هلڻو ضرور! اڄ نه ضرور. هڪ هڪ جي زندگيءَ ۾ اهو ڏينهن اچي ٿو، جڏهن ڇڏي هي سنسار، ڇڏي سڪل هي پسار، ڇڏي ڪٽنب قبيلو ۽ يار، ڇڏي دولت ۽ بار، ڇڏي عهدو اقبال، ڇڏي ملڪيت ۽ مال، ڇڏي مان شان وڏائي، هڪ هڪ کي آهي هلڻو هن پار.

مان پياري ٻاٻي لڳڻي ۽ سون وانگر وڃي صاف ٿيندي، سندس روح ويو وڌيڪ چمڪندو. ٻيڙيءَ جي ڏينهن ۾ پياري ٻاٻيءَ جي منهن جي رونق ٻي هئي. هڪ صبوح جو ڏٺائون ته پياري ٻاٻيءَ ڪيترو وقت ڪمري جي دريءَ ڏي ٻئي ٻڪ ٽڪ نهاريو. سندس اکيون ٻئي چمڪيون. سندس منهن تي مٺي مشڪ. جڏهن ته ڪو اسرار وڃي ڏٺائين. ڪجهه وقت ڪانپوءِ کانئس ٻڇيائون: "هينئر تو ڇا ڏٺو؟" هڪدم چيائين: "ڪرشن اچي اڳيان بيٺو، ڪيترو وقت وٽني کيليائين. مون چيومانس، مهنجي اکين ۾ اچي نواس ڪر! ٻسو نئين ۾ نندلالا! پوءِ ڪٿ ۾ گم ٿي ويو!"

هينئر آخرين وقت اچي پهتو هو. ٻئر جو ڏينهن هو، وساکيءَ جو ٻوٽو ڏينهن. پياري ٻاٻيءَ کي ٻروٽن هٿا ته هينئر وقت پڄڻي آيو آهي. سندس سڄو نبل هو، تنهن هوندي به قرب ۾ ڪيترن کان موڪلايائين. ڪيترن کي آسيس ڏنائين. سمورو وقت مان سندس نزديڪ ويٺو هوس. اوچتو مون کي چيائين: "سامهون ڪبٽ ۾ کاڌيءَ جو ٿاڪيو پيو آهي، ان کاڌيءَ ۾ مونکي ويڙهه. مان چاهيان ٿي کاڌي پائي پوءِ وڃان. مونکي رنگين يا ريشمي ڪپڙا نه وجهجو." ٻروقت تي کاڌيءَ جو ٿاڪيو ڪڍيو ون ٿا. پياري ٻاٻيءَ جو سڄو کاڌيءَ سان ڍڪيون ٿا. کيس خوشي ملي ٿي. وڌيڪ کيس ڪجهه ڪپڙو ڪين هو. رات اچي پيئي ۽ پياري ٻاٻيءَ مونکي چيو: "مان هاڻ ٿڪي آهيان!" اُن وقت مونکي يادگيري پيئي ته گوتم ٻڌ جڏهن ٨٠ ورهين جو ٿيو، تڏهن پياري ٻڌهجي شش کي چيائين: "آنند! مان هاڻي ٿڪو آهيان!" پياري ٻاٻي به ٨٠ ورهين جي هئي ۽ مان کيس ڳوالڙي پائي چوان ٿو: "پياري ٻاٻي! هينئر اچي ٻچتي آهين! توکي وڻط واسطي پيارا اچن پيا! اچو آيا کي آيا!" ۽ پياري

جي ڌيان ۾ گذار! اسين به جيڪر ائين ڪريون. وقت اچي ٿو، جڏهن هي سڀ ڪري پوندو. هي سڀ جنهن جو اسان کي ڪيڏو نه ٻانور آهي، جنهن دواران اسين سمجهون ٿا، ڇا آهي جو اسين نه ٿا ڪري سگهون. اهو سڀ هڪ ڏينهن خاڪ ۾ خاڪ ٿي ويندو! مٽيءَ ۾ ملي ويندو. اُن ڏينهن جو جي اسين ڌيان ڪريون ته اسانجي جيون نئين ٿي سگهي ٿي.

پراچين ڀارت ۾ هڪ هڪ جگياسو آتم چنتن ۽ موت جو ڌيان ڪندو هو. ان ڪري تن ڏينهن ۾ ماڻهن کي موت جو ڊپ ڪين ٿيندو هو. ڌيان دواران خبر پوي ٿي ته موت هڪ ڀرم آهي -Death is an illusion. واستو ۾ ته موت آهي ئي ڪين. ڇو ته اسين مري نه ٿا سگهون. اسان مان هڪ هڪ امر آهي. ولايت ۾ هڪ وڏي ڪميونٽي آهي، جن کي ڪوٺين Trappists. هي سنسار کان پري رهن. پنهنجو ڪيترو وقت پرڀوءَ جي ڌيان ۾ گذارين. هنن کي وڏا آشرم آهن. شهرن جي شور کان پري، قدرت جي گود ۾ سندن آشرم آهن. سندن آشرمن جي چوگرد آهن وڏا ڊگها وڻ. انهن آشرمن جون ڪي تصويرون مون ڏٺيون آهن ۽ انهن تصويرن مان ڄڻ ته شانتيءَ جون لهرون پيئون اچن. انهن آشرمن جي ڀتين تي هي اکر اُڪريل هوندا آهن: ”موت کي ياد ڪر!“ ۽ هڪ هڪ ٽريپسٽ (Trappist) هر روز ڪجهه وقت موت جي ڌيان ۾ گذاريندو آهي. اسين به جيڪر هر روز موت جو ڌيان ڪريون.

پيارو دادا ڳالهه ڪندو هو ته ڪيئن نه حيدرآباد سنڌ ۾ پياري دادا کي مرزا قليچ بيگ پنهنجي گهر ڪوٺ ڪئي. مرزا قليچ بيگ ودوان هو، پر ڪيس وديا جو اڀمان ڪين هو. خدا ترس إنسان هو ۽ کيس إنسان ذات لاءِ همدردي هئي. پيارو دادا سندس گهر ويو. اُت پياري دادا کي پنهنجو مٿرو

اسان مان ڪيترن کي موت جو ڊپ آهي. هڪ ڀيڻ مونکي ڏني. چيائين ”موت جو ويچار ڪريان ٿي، مونکي الائي ڇا ٿو ٿئي. سڄو سرير اچي ٿو ڪنبي!“ اسين به موت ۾ ڊڄون ٿا. ڪيترا ته موت جو اکر ڳنهڻ يا ٻڌڻ ڪين چاهين. ڪيترا ان اکر کي اُپسوڻ ڪري سمجهن ٿا.

ٻارهين ورهين جو ٻار هوس. منهنجي هڪ وڏي مائٽ مونکي مانيءَ تي ڪوٺ ڪئي. ماني کائيندي ڳالهه نڪتي؛ چيو: ”هڪ هڪ کي مرڻو آهي ضروري.“ منهنجو وڏو مائٽ هي اکر ٻڌي ٿو، کيس ڏڏڪو اچي وڃي ٿو. سندس هٿ مان گراهي ڪري پوي ٿي. منهنجي پوڄيه ڀاڀيءَ کي چوائي موڪلي ٿو ته ”هن ٻار کي مون وٽ وري ڪڏهن نه موڪلجِ. هي ٻار مانيءَ تي اُپسوڻ جهڙيون ڳالهيون ڪري ٿو. مان چاهيان ٿو، توهين جيڪر سمجهو ته موت ڇا آهي؟ جيڪر موت سان مترتا جو ناتو ڳنڍيو. ڇو ته موت اچي پيو. اِيءَ ڪنهن ڳالهه جي اسان کي شايد پڪ نه به ٿي سگهي، پر هن ڳالهه جي اسان مان هڪ هڪ کي پڪ آهي ته هر روز موت نزديڪ پيو اچي. موت جي ٽڪيٽ، اوت موت ٽڪيٽ وٺي آيا آهيون. ان ٽڪيٽ تي تاريخ ڇپيل آهي، جڏهن اسان کي هي سنسار ڇڏڻو پوندو. پر اها تاريخ اسين پڙهي نٿا سگهون. اسان کي خبر ڪين آهي ته ڪهڙي تاريخ موٽي وڃڻو آهي. پر هن ڳالهه جي ضرور پڪ آهي ته اسان کي موٽي وڃڻو آهي، ان ڪري مان چاهيان ٿو ته اسين موت سان مترتا جو ناتو ڳنڍيون. پوءِ موت ايندو. اسان کي ڊپ ڪين لڳندو، پر موت جي منهن ۾ اسين پيا مشڪندا سين.

پراچين ڀارت ۾ هڪ هڪ وديارٿيءَ کي رشي اها سکيا ڏيندو هو: ”منهنجا بالڪ! هر روز ڪجهه نه ڪجهه وقت موت

اهي ڇڏينديون هيون. شارڏامڻي ٻانهيون لاهڻ جي ڪوشش ڪئي ٿي، پر لاهي نه سگهي. ننڍي هوندي اهي ٻانهيون پاتيون هئائين، تنهن وچ سندس هٿ جون ڪرايون وڏيون ٿي ويون هيون. چوي ٿي، جي ٻانهيون نه لهن ته دستي سان انهن کي ڀڃان. هٿ ۾ دستو کڻي ٿي. اوچتو ئي اوچتو آواز ٻڌي ٿي. هي آواز ته سنت رامڪرشن جو آهي! اهو آواز ڪٿان آيو؟ مٿي نهاري ٿي. ڇا ٿي ڏسي. سامهون هوبهو سنت رامڪرشن بيٺو آهي ۽ کيس چوي ٿو: شارڏا! هي تون ڇا ڪري رهي آهين؟ مان مري ڪين ويو آهيان. مان ته فقط هڪ ڪوٺيءَ مان ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ ويو آهيان!

اڄ هي هڪ ويچار ٻالڪن سان کڻي وڃو ته موت کان نه ڊڄون. موت آهي ڇا. جڏهن تان هلي اسين پهچون ٿا اِڪ نئين لوڪ ۾. جو لوڪ هن لوڪ کان گهڻو بهتر آهي. موت آهي دروازو، جنهن تان لنگهي اسين هلون ٿا هڪ ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾، جا ڪوٺي هن ڪوٺيءَ کان گهڻو بهتر آهي. ائين نه چئو ته پياري ٻاپي آهي ڪين. پياري ٻاپي آهي. ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ آهي. ٻي ڪوٺي هن ڪوٺيءَ کان پري ڪين آهي. اسان جا پيارا هي سرڳ ڇڏي ڪهڙي سرڳ ۾ نواس ڪن ٿا؟ پياري ٻاپي پنهنجو استول سرڳ ڇڏي هن وقت ڪهڙي سرڳ ۾ آهي؟ ويٺي اسان ڏي نهاري، ويٺي اسان کي پڪاري: ”ڪريو تياري! ڪريو تياري! جلدي هيءَ وسرو ساري! ڇو ته توهان کي به اچڻو آهي هن ڪوٺيءَ ۾! اسانجا پيارا جڏهن ان ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ پهچن ٿا، تڏهن ڏسن ٿا ته جن ڳالهين پٺيان اسين هٿ پيا ڊوڙون پايون، پيا سهڪون، سهڪي سهڪي هڪ ڏينهن ساهه ڏيون ٿا، اهي سڀ آهن ٿاڇا. پئسو پدارٿ مال ملڪيت عهدو اقبال بنگلا ماڙيون، انتڪال ۾ سڀ ٿي پون ٿا ٿاڇا. انڪري تياري ڪريون!

ٻڪاريائين ۽ چيائين: ”منهنجي سرن کي هت دفن ڪندا ۽
هر روز گهٽ ۾ گهٽ اڌ ڪلاڪ هتي اچي مان موت جو ڌيان
ڪندو آهيان ۽ پاڻ کي ياد ڏياريندو آهيان ته هڪ ڏينهن
مون کي هت اچي سمهڻو آهي هميشه واسطي!“ موت ڇا
آهي؟ اهو سوال اسان پڇيو پياري دادا کان ۽ ان سوال جي
جواب ۾ پياري دادا چيو: ”موت آهي اِڪ پُل.“ بيشڪ، موت
آهي اِڪ پل، جا هن دنيا کي، هن لوڪ کي، هن لوڪ سان ڳنڍي
ٿي. موت اچي ٿو، اُن وقت اسين پل تان لنگهي پرلوڪ ۾
پهچون ٿا. پرلوڪ هن کان گهڻو بهتر، گهڻو سندر ۽ روشن
آهي. اُن لوڪ بابت ويچار اُنهن ته اوهان سان ڪيترئون ئي
ڳالهيون ڪريان، جيئن اوهانجي دلين تان موت جو ڊپ
لهي وڃي.

موت ڇا آهي؟ هڪ ٻئي موقعي تي پياري دادا چيو ته
موت آهي دروازو! دروازو کلي ٿو ته اسين هڪ ڪوٺيءَ مان
نڪري ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃون ٿا. جان مئسفيلڊ، انگلنڊ جو وڏو
شاعر، هڪ پنهنجي گيت ۾ چوي ٿو:

Death opens unknown doors. It is most grand to die

”موت غيبي دروازو کولي ٿو. مرڻ سڀ کان عاليشان
۽ شاندار آهي.“

اسان جا پيارا مري ڪين ٿا وڃن، ٻئي دروازي مان
لنگهي، هن دنيا جي ڪوٺي ڇڏي ٻي ڪوٺيءَ ۾ نواس ڪن ٿا.
سنت رامڪرشن جڏهن گذاري ويو ٿو، سندس ڌرمپتني،
شاردامڻي پيئي روئي. چوي ٿي، مان وڌوا ٿي آهيان! مونکي
ٻانهيون پيئون آهن، اها سهاڳ جي نشاني مونکي لاهڻ کپي.
تن ڏينهن ۾ ڪرائيءَ کان ٽونٽ يا اُن کان ٻه مٿي ٻانهيون
پائينديون هيون ۽ جڏهن گهوٽ گذاري ويندو هو ته ٻانهيون

آهي. موت هن واسطي آهي اونده. ان ڪري ڪيس ڏپ آهي. ڏنو ويو. سندس منهن مروڻجي ويو آهي. پاڻکي ٻيو چوي: هينئر منهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ ساڳي اسپتال ۾ نزديڪ هڪ بستري تي هڪ ننڍي ٻالڪي اٽڪل ١٢ ورهين جي سمهي پيئي آهي. ڊاڪٽر ڪيس چون ٿا ته هن دنيا ۾ تون باقي ٿورو وقت آهين، ٻر ٻالڪي پيئي مشڪي. ڊاڪٽر کي عجب لڳي ٿو. چون ٿا هڪ وڏو ماڻهو مشهور ليکڪ اُن جي حالت ڪهڙي ڏکدائڪ ۽ هيءَ ٻالڪي موت جي منهن ۾ پيئي مشڪي؟ سبب ڪهڙو؟ ٻالڪي چوي ٿي: ”مون پنهنجي اشٽ ديو سان ناتو جوڙيو آهي ۽ منهنجو پيارو هن وقت بيٺو آهي منهنجي اڳيان. پنهنجون ٻاجهه ٻانهون کولي بيٺو آهي ۽ چيو مون کي چوي: ”مون وٽ آءُ. مون کي پاڻ وٽ آڻيو آهي. پوءِ مونکي ڪهڙو ڀؤ، ڪهڙو ڀولو؟ خوشيءَ ۾ ٻوڙي هيءَ ٻالڪي اُن وقت به لکون ڳائي ٿي:

اَٿم پڪڙيو پريتم جو چولو،
پوءِ مون کي ڀؤ نڪو ڀولو.

پياري پاپيءَ وٽ پڇاڙيءَ جي وقت مان حاضر هوس. ڪيس ڀاري سور هو. اهڙو سور، جنهن جو اکون ۾ ذڪر ڪرڻ مشڪل آهي. پاڻ چوندي هئي ته انين پيڙي سمجهان جڻ ته ڪب ۽ ڪاليون پٽيون لڳن. اهڙي سور هوندي به پڇاڙيءَ جي وقت مون ڏٺو ته سندس اکيون ڪنهن اسرار ۾ کتل هيون. سمورو وقت سندس اکيون کليل هيون. اکيون ڇمڪيانين به ڪين، وري هٿ پئي جوڙيائين ۽ پئي مشڪيائين. پياري پاپيءَ ڪمائي ڪئي هئي. اشٽ ديو سان ناتو جوڙيو هئائين ۽ انتڪال جي وقت اشٽ ديو پنهنجي مهر ۾ اچي رکيا ڪري ٿو. شل اسان تي اهڙي آسيس اچي. شل اسين به ناتو جوڙيون،

تياري جدا جدا قسمن جي آهي. هڪ تياري جيڪر اسان مان هڪ هڪ ڪري، سا آهي هيءَ، ڪنهن نه ڪنهن ستپرش سان ناتو جوڙيو. ستپرش هليا ڪين ويا آهن. ستپرش زنده شڪتيون آهن. گرو نانڪ ديو، شري ڪرشن، شري رام، شري ايشا، گوتم ٻڌ، سنت ڪبير، سنتياڻي ميران، پيارو دادا، هن وقت به آهن. اسين ڪين ڏسي سگهون ٿا. ساڻن گفتگو ڪري سگهون ٿا. ضروري آهي ته ڪنهن نه ڪنهن ستپرش سان ناتو رکو. ان کي پنهنجي دل جو پيار ڏيو! اشت چونديو. جيڪو به ستپرش توهانجي دل کي ڇڪي، ان سان ڪو نه ڪو ناتو جوڙيو. چاهيو ته پيءُ جو ناتو، دادا جو ناتو جوڙيو. پياري دادا جيو ته شري ڪرشن آهي اسانجو دادا، "دادا شيام". انڪري ستسنگ ۾ اسين ان منتر جو ڪيرتن ڪندا آهيون: "هري ڪرشن، ڪرشن هري رام، دادا شيام دادا شيام!" جي توهين چاهيو ته اشت ديو سان متر جو ناتو رکو. چاهيو ته ماتا جو ناتو يا پتا جو ناتو رکو. ڪي پيروون شري ڪرشن کي پنهنجو ٻالڪ ڪري سمجهنديون آهن. ٻال گوپال. هڪ ناتو جو خاص ڪري هن يگ واسطي آهي، اهو آهي مالڪ ۽ داس جو ناتو. اسانجو اشت، اسانجو مالڪ آهي. اسين سندس داس آهيون. اهو ناتو پڻ جيڪو ناتو اوهانکي وڻي، اهو توهين اشت ديو سان جوڙيو ۽ دن به دن اهو ناتو وڌو وڌائيندا. انتڪال ۾ اوهانجو اشت ديو اوهان وٽ ايندو. اوهان کي ٻاجهه ٻانهن ۾ وٺي هلندو. پوءِ جم جا دوت ڪين پڪڙيندا. توهين سنتن جي ڇانو ۾ هوندا.

فرانس جي هڪ اسپتال ۾ ٻه ڄڻا موت جي بستري تي هئا. هڪ هو وڏو ليکڪ والٽيئر، سندس پستڪ هن لکيا، جن مان ڪي پستڪ هن وقت به دنيا جي ڪن يونيورسٽين ۾ پڙهيا وڃن ٿا. اهو مشهور ليکڪ هيٺر موت جي بستري تي

۾ ٿوهان ٿونر جي آهوني وڌي آهي. اڳين زماني ۾ ڏُڪيہ ٿيندا هئا، جن ۾ لکاهہ ڏاڻن جا گيهہ، جؤ ٿو ۽ ٻـي آهولي ٿوندي هئي. اڄ ٿوهان هي ڏُکيہ ڪري ديوتائن کي راضي رکيو آهہ. ڪيترا سال ٿيا. پياري دادا کي هڪ رياست جي راڻيءَ ڪوٺ ڪئي. پيارو دادا جڏهن اُت پهتو، تہ اُن وقت محلات ۾ راڻيءَ وٽ وڏو ڏکيہ هلي رهيو هو. محلات جي ٻاهر ڪيترا غريب ٻکايل بيٺا هئا، جن ٻئي کاڌي لاءِ پڪاريو. ڏکيہ کانپوءِ راڻي ٣٦ پوڪارن جا پوڄن پياري دادا اڳيان آڻي رکي ٿي ۽ وينتي ڪري ٿي تہ کائو. پياري دادا جون اکيون ڀنل آهن ۽ پيارو دادا پوڄن کين نو ورتائي. راڻي هٿ ٻڌي پڇي ٿي: اَءِ سنت سڄا! مون کان ڪا خطا ٿي هجي تہ معاف ڪريو، پوڄن ورتاءِ." پيارو دادا چوي ٿو: "سڄو ڏکيہ انهي هدن ٻکايلن جي ٻک مٽاءِ. انهن جي آسيس تنهنجي رياست لي ايندي." راڻي ڪدم حڪم ڏئي ٿي تہ سڀن غريبن کي کاڌو ۽ ڪپڙو ڏنو وڃي.

سڄو سک آهي پرڀوءَ جي پيار ۾. جي پرڀوءَ لاءِ پيار ناهي تہ شيوا، پرُاپڪار جي ڪم ۾ ايمان جو ڏنگہ آهي. گڏجي گڏجي نام ڪيرتن ڪريو. پنج سؤ ورهيہ اڳ شري چيتنيہ اچي بنگال، اوڙيسا ۽ آسام کي نئون ٻڌايو. ڪيرتن دواران مڌهن نئين جيون جو پج چٽيو. نام لاءِ پيار رکو ۽ هڪبئي لاءِ پيار رکو. پسون پکي، اِڪ اِڪ پراڻيءَ لاءِ دل اندر پيار رکو. ولايت جي اِڪ اخبار لکي ٿي تہ اسانکي سڀ سکہ سمپتي، دنيا جو ڌن دولت عهدو اقبال آهي. اسانکي ضرورت آهي سنتن جي ۽ ستسنگہ جي. جت پرڀوءَ جي يادگيري ناهي، اُت اونڌهہ آهہ. هڪ وڏو ودوان هڪ نگر ۾ آيو. اچي اُت هڪ اسڪول کوليائين. ١٥ سال پورهيو ڪيائين. پوءِ دکہ ۾ ٿو جي چيائين: منهنجو پورهيو ويو

جيئن انتقال جي وقت اسين به پڪاري سگهون:

اٿم پڪڙيو پريتم جو چولو،
پوءِ مون کي نڪو ڀؤ، نڪو ڀولو!

١٨ اپريل مهرشي ڪروي جي جنمدن سنبنڌ ۾ دادا جشن نماشام جو پشپانجلي ڏيندي چيو ته رشي ڪروي هڪ غريب گهر ۾ جنم وٺي ٿو. ڪيترين مشڪلاتن هوندي به وديا وٺي هڪ آدرشي اڌياپڪ ٿئي ٿو. پوءِ پروفيسر بڻجي ٿو. نيٺ سندس قدر پوني ۾ ٿئي ٿو. هي پيارو سادگي، شيوا، سچائي ۽ سورمتا جي مورت هو. هن اعليٰ تعليمدان جي يادگيريءَ ۾ هر سال هت سيوا ڪاريءَ لاءِ انعام ڏنو وڃي ٿو. اڄ اهو انعام ڪماري ليلا سکراماڻيءَ کي ڏنو وڃي ٿو. هيءَ بالڪي ڪيڏي نه صدق سان ستسنگ جي شيوا ڪري ٿي. ڪيئن نه روز اسپتالن ۾ وڃي بيمارن ۾ ميوو ورهائي ٿي. شل مٿس پياري دادا جي آسيس چمڪندي رهي.

پياري ڀاڀي ڪرشنا ديويءَ جي ٻارهين ڏينهن ٢٤ اپريل آرتوار صبوح جو گيتا پاٺ ۾ هون يگيه ۽ شاسترن مان پاٺ ڪيو ويو. پياري دادا جشن پرارٿنا ڪئي ۽ غريبن کي کاڌو کارايو ويو. اُن بعد دادا جشن، ڀيڻ هري ديوي، ڀيڻ سندري، ڀاءُ هيرالعل ۽ ٻيا پريمي ڀاڀي ڪرشنا ديويءَ جا سنڪ کڻي بعد گارڊن تي آيا. اُتي لانچ ۾ چڙهي نام ڪيرتن ڪندا نديءَ جي وچ سير ۾ آيا. اُتي دادا جشن پرارٿنا ڪئي ۽ پوڄ ماتا صاحب جا سنڪ پروان ڪيا. ڪجهه سنڪ ڏيال آشا هردوار ۾ گنگا نديءَ ۾ وڃي پروان ڪيا.

٢٠ مئي صبوح جو دادا جشن ستسنگ سان گڏ بمبئيءَ روانو ٿيو. نماشام جو آر. ڪي. انڪيڊميءَ ۾ ڀوڄن ڪندي دادا جشن چيو ته هن وقت هوڙن لڳين جي ضرورت آهي، جنهن

جيئو ته لائق ڪين آهيان جو هن ڪانفرنس جو مهورت ڪريان، پر دل اندر سنڌو ديش واسطي ۽ سنڌي سماج لاءِ پيار آهي. سنڌي قوم لاءِ دل ۾ درد آهي. دردمندا ڪا درد! سنڌي سماج جي حالت جو ويچار ڪري هنئن اکين وري وڃي رنو آهه. ڪيترا ڀيرا اڌيءَ رات جو اٿي پنهنجي پياري سماج لاءِ پرڀوءَ در پڪاريندا ڪئي آهم. ڪيترا ڀيرا سپني ۾ سنڌڙيءَ، جيءَ جندڙيءَ جو درشن ڪيو آهم. ڪڏهن پاڻ کي قليليءَ جي ڪناري تي ڏسندو آهيان. "قليليءَ جي ڪناري صوفيان دا ميلا!" ڏسندو آهيان ته اچي ڪٺا ٿيا آهن سنڌ جا سنت، ستپرڪ، درويش، فقير، شاهه سچل ۽ سامي، بيدل بيڪس، روحل دلپت، پيرس ۽ منهنجو پيارو گرديو نوري نماڻي. هي درويش شاعر زنده شڪتيون آهن. اسان هن وقت هنن پيارن کي وساري ڇڏيو آهه ۽ پيا پاڻ پنيان ڊوڙون. واد وواد ۾ شڪتي گنوايون. انگري منهنجو ڀوريون اڪر اوهانجي چرنن ۾ هي آهي ته سڀ ويچا وساريو، ايڪتا جي پاڪ ۾ ڪٺا ٿيو، هڪ ٿيو، هڪ آواز سان ڳالهايو. اسان سنڌين کي پارت ۾ ڪو پرانت ڪونهي. اسين سنڌي ٽڙيل پکڙيل آهيون. ڪي ڪٿي! ڪي ڪٿي! اسين ٿورا آهيون، شايد ٢٠ يا ٢٥ لک. پر جيڪڏهن اسين هڪ آواز سان ڳالهائينداسون ته سڀ پارٽيون اسانکي ٻڌنديون. ايڪتا ۾ شڪتي آهه. ان ايڪتا جي شڪتيءَ ۾ اسين اڪ نئين سنڌي ڀڪت اڏي سگهون ٿا.

اوهين اڄ هت ڪٺا ٿيا آهيو تعليمي مسئلن بابت ويچار ڪرڻ واسطي. مونکي انهن مسئلن جي گهڻي خبر ڪين آهي. پر مونکي خبر آهي ته اسانجون تعليمي سنسٿائون جيڪڏهن ڪنهين ٿين ته پيا نئيون ڪري سگهون. نئين سنڌي سماج جا اڏيندڙ هن وقت اسڪولن جي ٻچن تي وڃا آهن. توهين

اڃا هو. هن اسڪول مان ننگر کي ڪوبه فائدو ڪين مليو. ساڳئي ننگر ۾ اڪ ٻيو ماڻهو آيو جو ٻڌ ودوان هو، ۽ اُن سان گڏ ٻڌمت هو. ڪيس ٻڌ‌ءَ لاءِ پيار هو ۽ هن پياري اڇي هڪ ستسنگ کوليو. اُن ستسنگ دئاران هن ڪيترن کي ڇڪيو ۽ ڪن جي زندگي نئين ٿي. ستسنگ ۽ اسڪول ۾ هي تفاوت آهي. اسڪول ۾ زور ڏنل آهي پستڪن ۽ اکرن جي وديا تي، ۽ ستسنگ ۾ زور ڏنل آهي زندگيءَ تي. زندگي نئين بڻائو. انڪري جيڪي پڙهو يا ٻڌو، اُن جو ابياس ڪريو. پراچين ڀارت ۾ دروڻاچاريه وٽ يڌشٽر وديا وٺي ٿو. پهريون سبق يڌشٽر کي ملي ٿو: "سچ ڳالهايو ۽ ڪاوڙ کان پري رهو." هر روز آچاريه، يڌشٽر کان پڇي ٿو: "بالڪ! تو پهريون سبق پڪو ڪيو آهه؟" ۽ هر روز يڌشٽر چوي ٿو: "گرديو! پهريون اڌ پڪو ڪيو اٿم، ٻيو اڌ اڃا پڪو ڪري ڪين سگهيو آهيان." ست ڏينهن گذري وڃن ٿا. اٺين ڏينهن دروڻاچاريه ڪاوڙ ۾ اچي يڌشٽر کي چوي ٿو: "تون ته ڪو مورک نادان آهين. ٻڌو سولو سبق اڃا ياد ڪري ڪين سگهيو آهين." يڌشٽر جون اکيون چمڪن ٿيون ۽ چوي ٿو: "گرديو! هينئر سچو سبق پڪو ٿيو." عجب ۾ اچي دروڻاچاريه پڇي ٿو: "اهو ڪيئن؟" تڏهن يڌشٽر چوي ٿو "گرديو! مان هميشه سچ ڳالهائيندو آهيان. ان ڪري اوهانکي چيم ته پهريون اڌ سبق مون ياد ڪيو آهي. هن ستن ڏينهن ۾ ڪنهن مون تي ڪاوڙ ڪين ڪئي، ان ڪري چئي ڪين سگهيس ته ٻيو اڌ پوريءَ طرح ياد ڪيو اٿم. اڄ توهان مون تي غصو ڪيو، ڏٺم منهنجي اندر ذري به ڪاوڙ ڪين آئي ۽ مونکي پڪ ٿي ته مان ڪاوڙ کان پري آهيان."

١٨ جون جيڪو ڏينهن پونا جي نهرو ميموريل هال ۾ پياري دادا جشن مهاراشٽر سنڌي تعليمي ڪانفرنس جو مهورت ڪندي

ٻاري دادا ڪيس چيو "God is now here." ٻڌو آهي حاضران حضور. جيڪي ڪرڻو آ سو ٻڌوءِ جي حاضريءَ ۾. ان ڪري ڪوڙ ٻاپ جي ڪڪرم ڪان ڪنارو ڪرڻو. پنهنجي جيون ۾ سچ ۽ ٻولي جي ساکي ڏيو. پيو صدق ڀڳت ۾ رکو. اڄڪلهه ڪيترا سنڌي مونکي ملن، چون ته سنڌي ڀڳت مري چڪي آهه. منهنجا پيارا ڀائرو! ائين ڪين آهي. سنڌي ڀڳت جيئري جاڳندي آهي. جنهن سنت ٻارو شاهه، سادو هيرانند، رشي ڏيارام، دادا سادو واسواڻي، سوامي ٽيئونرام، ڀڳت ڪنور رام صاحب جهڙا سنت، شهيد هيمون ڪالاڻي، ٻام رامچنداڻيءَ جهڙا شهيد پيدا ڪيا. ٽيون پاڻ ۾ وشواس رکو. وديارٿين کي آتم وشواس سيکارڻو. جنهن انسان ۾ آتم وشواس آهي سو ڇا نٿو ڪري سگهي. ٻيو ٻج ٻوکيو شيوا جو ٻج. شاگردن کي سيکارڻو ته غريبن دکين جا دوست ٿين، مسڪينن جا مددگار ٿين. اڄڪلهه ڪيڏو نه دک آهه، ڪيڏي نه غريبي آهه! وڌوائون روئن پيئون. سچا شيوڪ ڪپن جي دکين دردن جا ڳوڙها سڪائين. ميران اسڪولن ۾ اهو پڙهن کيو پيو وڃي. ٻالڪن ٻالڪين ۾ صدق ۽ شيوا جا ٻج ڇٽيا پيا وڃن. اڪ ڏينهن انهن ٻجن مان سلا نڪرندا، وڻ ٿيندا ۽ سنڌي ڀڳت وري شڪتيوان ٿيندي.

پڻ ٻوفيسر ٻوٽي هيرانداڻيءَ جو شڪرگذار آهيان. سندس رڳ رڳ ۾ سنڌي ٻوليءَ واسطي پيار آهي. هڪ پستڪ لکيو اٿائين 'ٻولي منهنجي ماءُ' ٻر سمجهندو آهيان ته هنکي ٻوليءَ واسطي اهڙو پيار آهي جيڏو هڪ ماتا کي پنهنجي ٻار لاءِ ٿيندو آهي. مان ڀاءُ ڪيرت ٻاٻاڻي، ڀاءُ موهن ڪلپنا، پڻ ڪوشليا عطرسنگتاڻيءَ جو به شڪرگذار آهيان جن جي ڪوشش لي همٿ آيو آهيان.

منهنجي نماڻي وينتي اوهانجي چرڻن ۾ آهه ته اڪ ٿين

ڪين کھڙي سکيا ورتا ڏٺو؟ رستن تان لنگھان، ٻالڪن کي ڏسان ته سندن هٿن ۾ گليلا، سندن چپن تي گيتا اکر. دل ۾ دک نٿيم. ٻوءِ سندن اکين ڏي نهاريان. هنن ٻالڪن ٻالڪين جي نيڻن ۾ ڏسان ساڳيو نُور، ساڳيو آتمڪ نُور جو مهاتما گانڌيءَ، روبندرناٿ ٽئگور ۽ دادا ساڌو واسواڻيءَ پنهنجي زندگيءَ ۾ پرڪاش ڪيو. هڪ هڪ ٻالڪ جي اندر اهو نُور آهي، اها آتمڪ شڪتي آهي. سچي وديا سا، جا آتمڪ شڪتي کولي. وديا اِن ۾ ڪين آهي ته پستڪن جون ڪي ڳالهيون شاگردن کي ٻڌايون وڃن يا ياد ڪرايون. سچي وديا سا آهي جا وديارٿين جي لڪل شڪتي کولي ٿي. ان قسم جي وديا ڏيڻ لاءِ خاص اڌياپڪ کپن جي وديارٿين جا متر ٿين. مترتا جي واءُ منڊل ۾ اندر جون شڪتيون کلن ٿيون.

هڪ هڪ وديارٿيءَ جي دل اندر چرتر جا ٻج ٻوکيو. اسانجي سنڌي سماج کي سڀ ڪجهه آهي. پئسو، دماغ، سمجهه، هوشياري، ڪم ڪرڻ جي طاقت. فقط اسانجي اندر چرتر کلي ته اسانجي سنڌڙي ڀڳت ڀارت جي اڳيان اِڪ مثال، اِڪ روشن منار ٿي سگهي ٿي. وديارٿين ۾ صدق ۽ سيوا جا ٻج ٻوکيو. صدق ٽن قسمن جو آهه. پهريون ڀڳوءَ لاءِ صدق. ولايت جي اثر هيٺ اسانجا نوجوان ناستڪ ٿيندا پيا وڃن. نٿين ڀڳت ناستڪ ڪين ٿاهيندا. شاگردن جي ڪچڙين دلين ۾ هي وچار پڪو ڪرايو ته ڀڳو آهي. ڀڳوءَ جي پيار ۾ شل اسانجا نوجوان وڏن ۽ ڀڳوءَ جي دپ ۾ رهن. اڄڪلهه ڀڳوءَ جو دپ ڪونهي ان ڪري رشوتخوري، بليڪ مارڪيٽنگ ۽ ٻيا پاپ وڃن ٿا وڌندا. دنيا وڃي پئي اوڙاهه ۾ ڪرندي!

پياري دادا کي هڪ شاگرد چيو، ”توهين ڀڳوءَ بابت ڳالهيون ڪريو ٿا پر ڀڳو ته آهي ڪين. "God is no where"

اسين سڀ فقط اوزار آهيون. پڪل اوزارن دواران ڀڳو ڪيئن نہ ڪم ڪري رهيو آهي! سڀ مهما اُن ڀڳوءَ جي آهي! اڄ ١٥ آگسٽ ڀارت جي آزاديءَ جو ٽيهون سالگرهہ آهي. اڄ بزارين ۾ ڀليون آهن ۽ ماڻهن جي دلين ۾ خوشي آهي، پر منهنجي دل ۾ خوشي ڪين آهي. منهنجي مايوس دل پيئي پڪاري: ڀارت اڃا آزاد ڪين ٿيو آهي! ڀارت کي سچي آزادي تڏهن ملندي جڏهن هڪ هڪ ڀارتواسيءَ کي کاڌو ملندو، ڪپڙو ملندو، اَجهو ملندو، وديا ملندي، روزگار ملندو. اڄ ڀارت ۾ ڪروڙن کي کاڌو ڪين ٿو ملي. ڪين روزگار ڪين ٿو ملي. ڪيترا آهن جي ڳوٺن ۾ رهن ٿا ۽ وڻن جي پنن تي گذران ڪن ٿا. ڪيترا آهن جي شهرن ۾ رهن ٿا، پر ڪين هڪ ويلو ڀورو ڪين ٿو نصيب ٿئي. اڄ اسانجي گهر ۾ رفيوجيريٽر آهن. اڳي کاڌو بچندو هو تہ غريبن کي ڏيو هو. هاڻي بچيل کاڌو رفيوجيريٽر ۾ رکيو وڃي ٿو. ائين نہ ڪريو! پنهنجي کاڌي مان ڪو حصو غريبن ٻکايلن کي ڏيو. پنهنجي ڪمائيءَ مان ڪجهہ حصو، گهٽ ۾ گهٽ روز هڪ رپيو غريبن جي سيوا لاءِ بچايو ۽ پنهنجن ٻارن کي سيکاريو تہ پنهنجي خرچيءَ مان روز ڪجهہ نہ ڪجهہ غريبن سان ونڊين ورهائين. ڀڳوءَ کي وڏا ڪم ڪين کپن. ڀڳوءَ کي قبول آهن ننڍڙا نماڻا ڪم. ننڍڙيون پيتائون، جي دل جي سڪ ۽ پريم ۾ سندس چرڻن ۾ ارپڻ ڪريون ٿا. هڪ راجا لکاهہ رپيا خرچي شري ڪرشن جو مندر سنگمرمر جي پٿر مان ٺهرايو. مندر ٺهي راس ٿيو تہ راجا هڪ سنتپرش کي گهرايو، جنهن مندر جو مهورت ڪيو. اُن وقت هن سنتپرش پنهنجي اپديش ۾ ٻڌايو تہ اڳئين رات جو کيس سپني ۾ شري ڪرشن جو درشن مليو ۽ شري ڪرشن کيس چيو تہ لوڪن کي ٻڌائج تہ هي مندر ٺهرايو آهي نہ راجا، پر هڪ وڌوا جا شهر جي ٻاهر

تعليم جي رت تيار ڪريو، جنهن تعليم جو آواز آهي ”نئين سنڌ اڏيندا سين! نئين سنڌ اڏيندا سين! نئين سنڌي پنگت ٺاهيندا سين!“ صدق جي طاقت ۽ شيوا جي شڪتيءَ ۽ ايڪتا ۾ هڪ ٻئي سان هٿ هٿ ۾ ملائي اڳتي اڳتي وک وڌائيندا سين، ترقيءَ ٽڏيءَ ڪاهيندا سين، نئين سماج جو نئون گيت ڳائيندا سين! نئين قوم ٺاهيندا سين!

١٥ آگسٽ صبوح جو جئہ هند ڪاليج بمبئيءَ ۾ دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ آزاديءَ جو ڏينهن آهي، ڀر ڀارت اڃا آزاد ڪين ٿيو آهي، ڇو جو ڳوٺن ۾ لکين ڪروڙين انسان آهن جن کي ٻورو ڪاڌو ڪين ٿو ملي. ڪيترا آهن جي وڻن جي پٽن تي گذران ڪن ٿا. توهين آئينده جي اميد آهيو. توهين نئون ڀارت ٺاهي سگهو ٿا. ان لاءِ ضروري آهي ته ٻهراڻ پاڻ کي ٺاهيو، پنهنجي جيون نئين ڪريو! پنهنجين اندرين تي ضابطو رکو، من کي ايڪاگر ڪريو ۽ دکين دردن غريبن جي شيوا ڪريو!

ٽما شام جو آر. ڪي. انڪيڊمي ڪولابا ۾ پياري دادا جشن جو ٥٩ جنمدن ملهايو ويو. ٻئرسٽر هوتچند آڏواڻي، پيٽ ديوي مايا داداجن جي آجيان ڪندي داداجن کي جنمدن جون مبارڪون ڏنيون ۽ داداجن کي جنمدن ڳوڙي پيٽ ڪئي. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ توهان مونکي جنمدن ڳوڙي ڏني آهي، ان لاءِ شڪرگذار آهيان. پياري دادا جو اڪ نوڪر آهيان. اها ڳوڙي پياري دادا جي ڪمل قدمن ۾ رکي ٻوءِ اوهانجي ستسنگ جي ميمبرن کي شيوا ڪارڄ لاءِ ڏيان ٿو. اوهين سندر ڪارڄ ڪري رهيا آهيو. شل اهي لوڪ سنگره جا ڪارڄ وڌن، وڌندا رهن. جت سچائي آهي ۽ صدق آهي، اتي ٻنسي جي ڪمي ڪين آهي. توهان وٽ ڌن جي ندي وهندي. وهانجا ڪارڄ وڌندا. ٻر نه وسارجو ته ڪم ڪندڙ اڪيلو آهي.

ٻيمار ٿيو هو. ڊاڪٽر جواب ڏين ٿا. هي ماڻهو پنهنجي گروءَ کي گهرائي ٿو ۽ چوي ٿو: ”سائين! ٻالڪ تي آسيس ڪريو. ڊاڪٽر جواب ڏيئي ويا آهن!“ تڏهن گرو ڪيس چوي ٿو: ”هونڪي ٻڌاءِ ته ٻالڪ لاءِ ٻيءَ در ڪهڙي ارداس ڪريان؟ ٻالڪ کي حياتي ڏني يا ٻالڪ کي پاڻ وٽ گهرائي وٺي!“ ۽ هي ماڻهو ڪهڙو جواب ڏئي ٿو؟ چوي ٿو: ”سائين! مان ڪير ٿيو چوان هيئن ٿئي يا هونئن ٿئي؟ آنءُ ڪميڻي ڪير جا اُهو کي آڏو اچي؟ جيڪي به اوهين ڀلو سمجهو، اهو ڪريو! مان ۽ ڪٽنب جا ڀاتي سڀ اوهانجي حوالي آهيون!“ اها آهي شرڻ وٺڻ. جو شرڻ ۾ اچي ٿو اهو سڀ ڪجهه قبول ڪري ٿو. اُن جي جيون جو هي منتر آهه: ”پڀو! جيڪي تو ڪيو، سو واهه واهه! جيڪي ڪرڻ ٿيو، سو واهه واهه! جيڪي ڪندين سو واهه واهه!“ هر حال ۾ پڀوءَ کي ساراهيو. هر حال ۾ پڀوءَ جو ڀاڻو منو ڪري قبول ڪريو. جا تڌ ڀاوي، سائي ڀلي ڪار! ۽ گرو ڪرپا لاءِ پڪاريو! جيئن ميٺهن وٺن کي ڌوئي صاف ڪري ٿو، تيئن گرو ڪرپا اسانجي انتهڪرڻ کي صاف ڪري ٿي! گرو ڪرپا ويدن ۽ اُپنشدن کان مٿي آهه ۽ گرو ڪرپا کان مٿي ڪجهه ڪين آهه.

۳۰ سيپٽمبر دادا جشن دهليءَ ۾ پڌاريو. ۱ آڪٽوبر منجهند جو ۱۲ بجي چيمسفورڊ ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ٿي. اُنهه پياري دادا جشن کان پترڪارن سادو واسواڻي مشن بابت ڪي سوال پڇيا. دادا جشن ڪين اُترانتا جواب ڏيندي چيو ته جمعه شب ڪم ٿين ٿا ۽ جمعه ڪم ڪندڙن ۾ سچائي آهي ۽ پڀوءَ ۾ صدق آهي، اُنهه پنسي جي ڪمي ڪين آهي. ايشور جي آسيس ۽ پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي ڪرپا سان ميران ٻوميءَ ۾ ڪيترائي شيوا جا ڪارج ٿي رهيا آهن. پيارو

هڪ پڳل جهوپڙيءَ ۾ رهندي آهي. اها ٻانهه ٻڌي سڀ واٽڙا ٿي ويا. ٻچا ڪرڻ ٿي کين معلوم ٿيو ته هيءَ وڏوا هر روز ڏسندي هئي ته ڪيئن سنگهرُ جي پٺ سان پڳي ڳانڍيون سندس جهوپڙيءَ وٽان لنگهي وينديون هيون ۽ هن وڏوا چيو: ”مونکي ته آهي ڪجهه ڪين، جو منڊر ناهڻ جي شيوا ۾ ڏيان.“ ڪيس پنهنجو ڪوڏي ڪونه هو. ڪيس چيل نڊو هو ۽ ان تڏي مان ڏورا ڪانا ڪٽي رستي تي بيهي ٿي ۽ جيئن پڳي ڳانڍيون سنگهرُ ڪٽي لنگهن ٿيون، هڪ پڳي کي اهي ڪانا ڪارائي ٿي ۽ آلين اکين سان شري ڪرشن کي پرارٿنا ڪري ٿي: ”هي پڀو! ان ڪجهه ڪين جو تنهنجي منڊر جي شيوا ۾ ڏيان! هن داسيءَ جا هي ڏورا ڪانا قدمن ۾ قبول ڪج. ٻي ڪا شيوا ته مان ڪونه ٿي ڪري سگهان. من هن پڳي جي ٿوري شيوا ڪريان، جو تنهنجي منڊر لاءِ پٿر کٽي وڃي ٿو!“ هن وڏوا جا ڏورا ڪانا قبول پيا. راڄا جا لک ناقبول!

سو سپاڳو، جو سنتن جي در تي پاڙڪي وڪڻي ٿو. سنتن جو اِڪ ٻانهون، غلام ٿي رهي ٿو. هڪ سنتوڪ چيو آهي ته جو سنتن جي در تي وڪاميل آهي، اُن کي ڪال کهي نه سگهندو. اوهان ڪتا ڏٺا آهن. جيڪي پاليل هوندا آهن، اُنهن کي سندس مالڪ ڳچيءَ ۾ پٽو ٻڌندا آهن. جن ڪتن کي پٽو ٻڌل هوندو آهي، اُنهن کي ميونسپالٽيءَ جا ماڻهو ڪٽي ويندا. ٻيا ڪتا جنکي پٽو ٻڌل ڪين آهي، جي ڏڪا ڪين آهن، اُنهن کي گوليون هڻندا يا زهر کارائيندا. ساڳيءَ طرح جي سنتن جي در تي توهين وڪاميل هوندا ته ڪال توهانکي گولي ڪين هڻندو، ڇو سنت پاڻ توهان وٽ ايندا ۽ پنهنجين ٻانهن ۾ توهانکي کٽي هلندا، ان ڪري شل سنتن جي شرط وٺو!

شرط وٺڻ ڇا آهي؟ هڪ ماڻهوءَ جو هڪ ٿي پت سنت

ڳالهائيندي چاهيو ٿي ته ڀارت ۾ رام راڄ ٿئي. ڀارت ۾ هڪ به ڏکيو يا بکيو نه رهي! پر اڄ ڀارت جي حالت ڪهڙي نه ڏکدائڪ آهي! ڀارت ترقيءَ جي راهه تي پير ڪري سگهندو ڪين، جيستائين ڀارت جا وزير ۽ عملدار پنهنجي جيون هنن ٻن آدرشن ۾ نه ٻڌندا: سادگي ۽ سيوا. اڄ ڪلهه ڀارت ۾ ڪيڏو نه فضول خرچ ٿي رهيو آهه! راشٽرپتي ڀون ۾ جي ڪم ڪن ٿا، انهن تي سال ۾ ۷۰ لکه روپيا خرچ ٿئي ٿو! ڀارت جي ڳوٺن ۾ لوڪ پيا بکه ۾ مرن! ڳوٺاڻا ويچارا وڻن جا پتا کائي پيا جيئن. شل پرڀو پنهنجي مهر ۾ ڀارت ۾ رام راڄ استاپن ڪري، جيئن ڀارت جي هڪ هڪ شخص کي انُ لٽو ۽ اجهو ملي.

شام جو رامڪرشن مشن هال ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ ”سوامي رامڪرشن جو پيغام“ وشيه تي ڳالهائيندي چيو ته دنيا هن وقت اونده جي دؤر مان لنگهي رهي آهي. دنيا کي هن وقت سنتن جي سنديش جي سخت ضرورت آهي، ڇو ته سنتن جي سنديش ۾ اها جوت آهي جا دنيا کي اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي سگهي ٿي. اها شڪتي آهي جا دنيا کي نئون بڻائي سگهي ٿي. سوامي رامڪرشن پرمهنس جي جيون اسان لاءِ روشن منار آهي.

۳ آڪٽوبر صبوح جو دوردرشن طرفان ڊاڪٽر پريم ڪرپال پياري دادا جشن کان ٽي. ويءَ لاءِ ملاقات ورتي. شام جو ماولنڪر هال ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جو ۹۸ جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي وزير شري لعل ڪرشن آڏواڻي، جسٽس جينانند نٿن ۽ ڊاڪٽر پريم ڪرپال دادا ساڌو واسوانيءَ جي مهانتا جو ذڪر ڪندي دادا جشن جي آجيان ڪئي. پياري دادا جشن دادل شاهه کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي پريم جو ساگر هو ۽ نمرتا جي مورت هو. پياري

دادا چوندو هو ته دکين دريدرن جي شيوا آهه پڀوءَ جي پوڄا. ان صدق ۾ ساڌو واسواڻيءَ مشن طوفان خلق خدمت جا ڪم ڪئي رهيا آهن.

نما شام جو سروجني نگر ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. پياري دادا جشن اڊيش ۾ پياري پاپي ڪرشنا ڏيويءَ کي ٻط شردانجلي ڏيندي چيو ته انسان جو پهريون گرو ماتا آهي. آمريڪا جو پريزيڊنٽ چوندو هو ته جيڪي مان آهيان، سو سڀ پنهنجي ماتا جي ڪري. انگلنڊ جي وڏي وزير چرچل اڳيان هڪ موقعي تي سندس اُستادن جي لسٽ رکيائون ۽ ڇپائونس ته هن ۾ ڪابه درستي ڪرڻي هجي ته ڪريسا ڪري اسانکي ٻڌايو. چرچل چيو ته منهنجي وڏي ۾ وڏي گروءَ 'منهنجي ماتا' جو نالو هن ۾ لکيل ڪين آهي. منهنجي ماتا ئي منهنجي مهان گرو آهي. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ کي پوڄ ماتا صاحب لاءِ اندر ڀڳتي ڀاونا هوندي هئي. پياري دادا پنهنجي پوڄيه ماتا جون سڀ ڳالهيون رکيون. فقط هڪ ڳالهه ماتا جي ڪين مڃيائين، اُها هئي شاديءَ بابت. دادا جي پوڄيه ماتا چاهيو ٿي ته دادا شادي ڪري ۽ دادا ائين ڪين چاهيو. ڀاڙيءَ ۾ پرلوڪ پڌارڻ کان اڳ پوڄيه ماتا وران پائيءَ پياري دادا کي چيو "تو چڱو ڪيو جو شادي ڪين ڪئي، ڇو ته مان ڏسان ٿي ته تون منهنجو ست سنت آهين!"

هڪ هڪ مهاپرش جي جيون ۾ هي ٽي انگ آهن: (١) ماتر ڀڳتي (٢) ديش ڀڳتي (٣) ايشور ڀڳتي. ٿل اوهين ٻ انهن گڻن جي ساکي جيون ۾ ڏئي جنم سڦل ڪريو.

٢ آڪٽوبر آرتوار صبوح جو پياري ڪنهني ڏاتواڻيءَ جي گهر ستسنگ ٿيو. هون ۽ شاستون جي پاٺ بعد دادا جشن اڊيش ڪندي مهاتما گانڌيءَ کي ڀيانجلي ڏيندي چيو ته اڄ مهاتما گانڌيءَ جو آدرش ڪٿي آهي؟ مهاتما

آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ دادا جن ايڊريس ڏنو. شڪروار ۴ نومبر تي مدڙو شيام نواس ۾ دادا جن پروچن ڪيو. ۵ نومبر صبوح جو سويل دادا جن سنگت سان گڏ بڙودا روانا ٿيا ۽ منجهند جو ٢ بجي بڙودا پهتا. سؤن ڀائرن دادا جن جو سواگت ڪيو. نماشام جو لڊارام هاءِ اسڪول جي هال ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جو ۹۸ جنمڏن اُتسو ملهايو ويو. نام ڪيرتن بعد ڀيڻ سندري گيانچنداڻيءَ دادل شاه کي پشپانجلي ڏيندي دادا جشن بابت ڳالهائيندي چيو تہ دادل شاه جي جوت جلوو دادا جشن ۾ چمڪي رهيو آهي. پوجيہ دادا جشن دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون تي روشني وجهندي ٻڌايو تہ پيارو دادا هو رانول ديس جو راڻو، هوري ويس فقيري، پرٿوي لوڪ تي پڌاريو ۽ هزارن سُتل لوڪن کي اچي سجاڳ ڪيائين ۽ اڃا پيو سجاڳ ڪري. اچو! اچو! اچي دادل شاه جي ديا نديءَ جو جل پيئو ۽ پنهنجي تتل هردن کي سيتل بڻايو!

٦ نومبر آرتوار صبوح جو سنت ڪنوررام ڪالونيءَ ۾ پوجيہ دادا جشن هري شيوا ڪنيا وديالي جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وجهڻ جي رسم ادا ڪئي. پرنسيپال ڀيڻ تلسي نوتاڻيءَ پنهنجي وديالي جي ڪيل ترقيءَ تي روشني وجهندي دادا جن جي آجيان ڪئي. پوجيہ دادا جشن ڀيڻ تلسي نوتاڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ هن عمارت جي ناهڻ لاءِ ڇهہ لک روپيا گهربل آهن. داس ڇهہ سؤ هڪ رپيا ڏئي ٿو، باقي ٻڙيون پيارو دادا ۽ ٻاٻو اچي پنهنجي ڀنڊار مان ڏيندو. سچي وديا آهي روشني. پوترتا جي روشني. هرهڪ بالڪا پنهنجو تن من پوتر رکي. ٻي روشني آهہ پرڀوءَ جي پيار جي روشني. جنهن جي دل ۾ پرڀوءَ لاءِ پيار ڪين آهہ، اهو اڃا انسان ڪين ٿيو آهہ! ٽين روشني آهہ شيوا جي روشني. دکين نکين پسن جي شيوا. سچي

دادا کي سڀني ڌرمن ۽ قومن لاءِ ساڳيو پيار هو. ناستڪن کي بہ پيار ڏنائون. ڪنهن تي نڪتہچيني ڪين ڪيائين. هڪ هڪ ۾ گڻ ڏسندو هو. مسڪينن جو مددگار هو، پکين پسن جو رکشڪ هو. ڪيترن کي ڪاسائن جي ڪاتين کان بچايائين. ڪيترن کي ڪراهہ مان ڇڪي سڌيئين دڳہ لڳايائين ۽ وري سيکاريائين تہ پريو آهي پيار، هڪ ٻئي کي پيار ڏيو!

۴ آڪٽوبر صبوح جو بابا نيپوراج اسڪول ۾ اُتسو ٿيو. دادا جشن وديارٿين کي سکياداٿڪ ڳالهيون ٻڌايون. شام جو آر. ڪي. پورم اڌيالعل مندر ۾ دادا جن مٺو اُپديش ڪندي چيو تہ اڄ سنت فرانسز جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. هن سنت کي پريوءَ ۽ پکين پسن لاءِ عجيب پيار هو. اوهين بہ پنهنجي جيون نام سمرن ۽ سيوا ۾ سڦل ڪريو.

٦ آڪٽوبر گروار ڏينهن انڊيا انٽرنيشنل سينٽر ۾ پياري دادا جشن ”يوگ“ جي وشيہ تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.

۷ آڪٽوبر سبزي منڊيءَ جي لعل سائين مندر ۾ سنڌي پنچاسہ طرفان دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. پياري دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ڪارج تي روشني وجهندي چيو تہ غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي پريوءَ کي ياد ڪريو. توهان ڀلا لکہ ڪروڙ توهان کي ڪم ڪين ايندا. نام ڌن ڪٺو ڪريو ۽ ڏکين ٻکين پکين پسن جي سار لهو تہ پريو اوهانجي سار لهندو. ۷ آڪٽوبر دادا جشن سنگت سان گڏ مهاتما گانڌيءَ جي سماڌيءَ تي ويو ۽ اُتي پرڻام ڪندي پرارٿنا ڪيائين.

۸ آڪٽوبر صبوح جو دادا جشن ڊاڪٽر گرمک لڪاڻيءَ جي گهر ۾ روح رهاڻ ڪئي ۽ نما شام جو ڪشميري پوئن ۾ وياکيان ڏنو.

۳ نومبر پوڄيہ دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. نما شام جو

٢٣ نومبر ميران ڪاليج جي ٻالڪن 'دادا ليلا' جو ڪارڪرم مئنج تي پيش ڪري ٻرپاوت ڪيو. ٢٤ نومبر شام جو رت ياترا آرنڀ ٿي. پيارو دادا جشن پيرين اگهاڙو دادل شاهه جي رت کي ڪاهي رهيو هو. جدا جدا ٽولڪس تي دادل شاهه جي جيون جون جهانڪيون ڏيکاريل هيون. هزارين ڀڳتي ۽ وديارٿي "جيءَ تون آئين! دادل شاهه! اگهڻ اسانجي دادل شاهه!" گيت ڳائي رهيا هئا. 'دادا شيام' جي ڌني لڳائي رهيا هئا. جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جون تصويرون سينگاري رکيون ويئون هيون. اُت پياري دادا جشن ڀڄار ڪندي پياري دادل شاهه جو پيغام ٻڌي ڏنو.

٢٥ نومبر صبوح جو شري 'نوُري گرنت' جي پاٺ جي ڀوڳ صاحب ڪانپور هون پگيو ۽ سفيد پوشن جي شيوا جو ڪارج ٿيو. دادا جشن سون سفيد پوش پيڙون ۽ سورداسن کي ڪمبل ڏنا. منجهند جو دادا لنگر آرنڀ ٿيو. پياري دادا جشن پاڻ پنگت ۾ ڀوندي ٿي ورهائي. شام جو مندپ ۾ ڪن شرڌالن دادل شاهه جي گڻن جو ورڻن ڪيو. دادل شاهه جي چرڻن ۾ جنمدن ڀوڳوري ڀيٽ رکي ويئي.

ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن پنهنجي ڏيندي چيو ته پيارو دادا سادو واسواڻي پريم ۽ دڀا جو اوتار هو. پياري دادا جيو دڀا جي جوت جڳائي هزارن گگدامن کي ڪسجڻ کان بچايو. هڪ دفعي هڪ ٻالڪي پياري دادا وٽ اچي چوي ٿي "پيارا دادا! مون اوهانجي آگيا انوسار مانس آهار کان ڪنارو ڪيو، پر هيترا ڏينهن ساڳون ڀاڄيون کائي کائي دل ڪٽي ٿي پيئي آهي. مولڪي جيڪر موڪل ڏيو ته مان وري مانس کائڻ شروع ڪريان." ٻالڪيءَ جا اهي لفظ ٻڌي پياري دادا هڪدم هڪ ڇري گهرائي ان ٻالڪيءَ کي ڇري ڏيندي چيو، "ٻالڪي!

وديا سيکاري ٿي ته اسين ڳڳدامن کي نه کهايون ۽ کين نهار ڏيون. شل هن اسڪول جون ٻالڪيون انهن ڳڻن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏين.

شام جو گانڌي گرهه ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ دادل شاهه جي جيون ڪارڄ تي اثرائتو وياکيان ڏنو. ٻڙودا جي ڪليڪٽر شري اگاشيءَ اُنسو جي صدارت ڪئي.

۷ نومبر صبوح جو دادا جن احمدآباد لاءِ روانا ٿيا. رستي تي نڙياد شهر ۾ سنڌي جواهر وديا مندر ۾ دادا جن ننڍڙو اُپديش ڪندي چيو ته سنڌي ٻولي نه وساريو. سنڌي پنگت زنده رهڻي آهه ته سنڌي ٻولي زنده رکو. ٻوليءَ کانسواءِ سنڌي پنگت ويندي ٻڏندي! پنهنجي اموليه ماتش جيون سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦل ڪريو. پاڻ ۾ ميل ميلاپ ڪري هلو!

پيارو دادا جشن سنگت سهت ۷ نومبر منجهند جو احمدآباد ۾ پڌاريو ۽ اُتي مڻي نگر ۾ سردار نانڪ سنگهه جي گهر ۾ رهيو. نما شام جو سردار نگر ۾ دادل شاهه جو ۹۸ جنمدن اُتسو ملهايو ويو. پوجيه دادا جشن دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون تي روشني وڌي. ۸ نومبر منگل صبوح جو واڙيج ڪانچ مندر ۾ دادا جن منو اُپديش ڏنو ۽ نما شام جو نرنڪاري ڪالونيءَ جي دربار ۾ دادا جن وياکيان ڏنو. شام جو ۷ بجي پاڻيا واڙيءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. اُتي دادا جن وياکيان ڏنو. رات جو ۹ بجي دادا جن احمدآباد مان بمبئيءَ روانا ٿيا.

۲۱ نومبر کان ميران پونيءَ ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جي جنمدن سپتاهه ۾ اُتسو ملهايو ويو. ميران اسڪولن، ميران ڪاليج ۽ ٻين سنستائن پياري دادل شاهه جو جنمدن اُتسو ملهايو. پوجيه دادا جشن وديارٿين کي پوجيه دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون جا ڪيترائي پرسنگ ٻڌائيندي سندن راهه روشن ڪئي.

بين لي ڏيا ڪندا ته اوهانکي آتمڪ آنند پراپت ٿيندو. دکين دريدرن جي سيوا آهي پرڀوءَ جي پوڄا. پياري دادا ور ور اها ڳالهه پنهنجي اپديش ۾ چئي. اڄ پياري دادا جو اهو پيغام ٻالڪ سان ڪٿي وڃو. جيون ۾ ڏيا ۽ پريم جي جوت جڳايو! نام ڳايو نام ڌيايو! پريم سک پايو!

١٤ ڊسمبر پيارو دادا جشن سدگت سان گڏ بس ۾ ڪولهاپور روانو ٿيو. نماشام جو هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو، جت پياري دادا جشن مڌو اپديش ڏنو. ١٥ ڊسمبر پرڀات جو داداجن بس دواران بنگلور روانا ٿيا. داداجن رات جو بنگلور ۾ پهتا ۽ اتي پياري شيام رام واڌوا جي گهر ۾ رهيا. ١٦ ڊسمبر صبوح جو سنڌي سوشل هال ۾ دادا جشن 'موت ڇا آهه' وشيه تي پروچن ڪندي چيو ته موت پر ڊڄو نه، ڇو ته موت آهي دوار، جنهن مان لنگهي اسين هڪ نئين دنيا ۾ هلون ٿا، جا هن دنيا کان گهڻو بهتر، سندر ۽ روشن آهي. اڪ اڪ کي هتان هلڻو آهي، ڇو ته هيءَ دنيا آهي اڪ مسافرخانو. پيارو دادا پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

موت اچي پئو، مرڻو ضرور،
دنيا ساريءَ جو آهه دستور.

اسان مان هڪ هڪ اوت موت جي ٽڪيٽ وٺي آيو آهه. ٽڪيٽ تي موٽڻ جي تاريخ لکيل آهه، پر اسين پڙهي ڪين ٿا سگهون. وڻجارا ٿي هت آيا آهيون، سچي وکر وٺڻ واسطي. شل هر روز رام نام جو وکر وٺون، دکين جي شيوا ڪريون. ١٧ ڊسمبر داداجن مدراس روانا ٿيا. اُت داداجن پياري پرشوتمداس جي گهر ۾ رهيا. سندس گهر ۾ ننڍڙو ستسنگ ٿيو ۽ داداجن مڌو اپديش ڏنو. ١٨ ڊسمبر صبوح جو سنڌي منڊل انسوسيئيشن جي هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو، اُت پياري

توکي مانس کائڻ جو شوق ٿيو آهي، تون جيترو مانس کائڻ چاهين، هن ڇوڪريءَ سان اوترو مانس منهنجي هن بدن مان ڪپي ڪٽي وڃي رڌي کاءُ.“ پياري دادا جا اهي دلسوز لفظ ٻڌي ٻالڪيءَ جي اکين ۾ آنسون اچي ويا ۽ داداجن کي انجام ڏنائين ته هوءَ هميشه هنسڪ کاڌي کان پري رهندي.

پيارو دادا نه صرف پاڻ ديا جو ساگر هو، پر هن ڪيترن ئي دلين ۾ ديا جا ٻج پوکيا. ديا بن سڌ ٻه ڪاساني. ديا ئي ڌرم جو بنياد آهي. جنهنجي دل ۾ ديا ڪين آهي اُن کي منش سڏائڻ جو حق ڪين آهي. انڪري دل ۾ ديا جا ديپڪ ٻاريو!

هڪڙو شخص ڌنڌي جي لحاظ کان پنڌ ئي پنڌ ٻئي شهر ڏانهن ٿي ويو. سندس پتنيءَ ڪيس رستي لاءِ کاڌو تيار ڪري ڏنو. ڏينهن لٿي جو هي پيارو هڪ کوهه وٽ اچي پهتو. سندس اڇا هئي ته وڻ هيٺان ويهي ڀوڄن ڪري، ٿڪاوٽ لاهي، پوءِ اڳتي وڌان. جيئن هو وڻ جي ويجهو اچي ٿو، ڏسي ٿو ته اُتي هڪ تازو ويم ڪيل ڪتي پنهنجي گلڙن سان ويٺي آهه! اُها ڪتي ڏاڍي بکايل پيئي لڳي! ويم ڪانپوءِ ڪتيءَ کي ڏاڍي بک لڳندي آهه. هن پياري جي دل ۾ ديا پيدا ٿئي ٿي. هو بکايل ڪتيءَ کي پنهنجي دٻلي مان کاڌو ڪڍي کارائي ٿو. اُهو دٻلو کوهه تان پري گلڙن کي پاڻي پيئاري ٿو. ائين ڪرڻ سان هو من جي پرسنتا جو انڀو ڪري ٿو. هي پيارو ويچار ڪري ٿو ته وري جلدي هن ڪتيءَ کي بک لڳندي. اهو ويچار ڪري هي پيارو پنهنجو سمورو کاڌو اُن ڪتيءَ پرسان رکي، ڀوڄن وارا ٻئي دٻلا خالي ڪري، پاڻيءَ سان پري ڪتيءَ ۽ اُن جي گلڙن اڳيان رکي اڳتي ٻئي شهر ڏانهن وڌي ٿو. اُن شخص کي رستي ۾ هلندي پرڀو شڪتيءَ جو درشن ٿيو ۽ هو درويش بڻجي پيو.

منهنجا پيارا ٻالڙو ۽ ٻالڙيون ڀيڻرون! اوهين به جيڪڏهن

اکين جي ڪئمپ جو مهورت ڪندي آهوجهڪ پاڻو ٻوسوام ۽ ڊاڪٽر موديءَ کي ڌنيواد ڏني. ان بعد داداجن ساڌو واسواڻي باغ ۾ پڌاريا جت دادل شاهه جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. شروع ۾ شري هولچند آڏواڻي، شري دولترام جڳياسي ۽ ديال آشا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون بابت ڳالهايو.

پوءِ دادا جشن پرووچن ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ هڪ اکر زوردار نموني اُچاريو "جاڳو! جاڳو! منهنجا پيارا ٻانڙو، پيارڙون ٻچڙون! سُتل آهيو. غفلت ڇڏيو. پورڻ ٻاليو ته مانڪ جنم ڇا لڌ مليو آهه. جيڪي پوکيندا سو ئي لڻندا." انڪري نام جو ٻج دلين اندر پوکيو. توهين مونکي چئو ٿا ته مان جلد جلد الهاسنگر ۾ اچان. مان چوان ٿو ايندس. اڄ مونکي پنج شيوڪ کپن، جي الهاسنگر کي صاف رکڻ جي ڪوشش ڪن. اڄ جيڪر انهن سان مان به گڏجي ڪنهن گليءَ ۾ ٻهاري پايان. راجپور ۾ هريجنن جي اسٽرائيڪ هئي انڪري سڄي شهر ۾ گندگي لڳي پئي. تن ڏينهن دادل شاهه راجپور ۾ هو. پياري دادا پاڻ پنهنجي پاڪ هٿن ۾ ٻهارو کڻي وڃي هڪ رستي جي صفائي ڪئي. اها خبر بجليءَ جيان ڦهلجي وئي. پوءِ ته ڪيترائي هريجن پاڻ اچي صفائيءَ کي لڳي ويا. ميونسپال جا ميمبر اچي ويا ۽ پاڻ ۾ سمجهوتو ڪري اسٽرائيڪ ختم ڪيائون. پيارا ٻانڙو! پنهنجو نگر صاف رکو! صفائي ڌرم جو مکيه انگ آهي. الهاسنگر ۾ ايڏي صفائي هئڻ گهرجي جو ڀارت جي اڳيان مثال لئي ۽ لوڪ چون ته سنڌين ۾ صفائيءَ لاءِ ڪيڏو نه پيار آهي.

ستسنگ پوري ٿيڻ کانپوءِ دادا جشن هڪ گليءَ ۾ هليو، جت گندگي هئي. اُت دادا جشن جهاڙو پائڻ لڳو. پوءِ ته ٻيا به پيارا جهاڙو کڻي صفائي ڪرڻ لڳا. پياري دادا جشن اُت

دادا جشن اُپديش ڏنو. سانجهيءَ جو داداجن ’صوفي در‘ آستان تي هليا. دادا جشن نيڌؤ اُپديش ڪندي چيو ته صوفي معنيٰ ’صفا‘. سچو صوفي پنهنجي دل صاف رکي ٿو. انڪري سانت ۾ وهي نام جو ابياس ڪري ٿو. من جي وڪارن کي روڪي ٿو. ’ف‘ معنيٰ فنا. پريوءَ جي پريم ۾ پاڻکي فنا ڪري ٿو. توهين به ’مان مان‘ جي مانگرمڇ کي ماري، فنا ٿي، هڪ محبوب جو مشاهدو ماڻيو.

اُن بعد دادا جشن هندو ڌرمشالا ۾ اُپديش ڪندي چيو ته نام کي نه وساريو. جڏهن وساريو نام، تن پت وڃائي پنهنجي. ١٩ ڊسمبر پريس ڪانفرنس ۾ دادا جشن پترڪارن کي سوالن جا جا جواب ڏيندي دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون ۽ ڪاريه ڪان پرچت ڪيو. نماشام جو پارتيه وديا ڀون ۾ داداجن ”ڇڪتاڻ تي ڪيئن سوڀ پائون“ وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٠ ڊسمبر داداجن ڪلپاڪ دربار سنڌي ائسوسيئيشن ۾ پروچن ڏيندي چيو ته پريوءَ لاءِ دل ۾ پياس اُتاريو ۽ اُن پياس ۾ پريوءَ کي پڪاريو.

٣٠ نومبر پوجيه دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريو. صبوح جو ١١ بجي گيتانجلي ڪولابا ۾ دادل شاهه جو ٩٨ جنمدن ملهايو ويو. سورداس بالڪين کـي کاڌو کارايو ويو. نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمدن ملهايو ويو. پياري دادا جشن دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏني. ١ ڊسمبر صبوح جو گرو مندر شيام نواس ۾ داداجن اُپديش ڏنو. شام جو داداجن جهوءَ تي سمنڊ ڪناري پنڌ ڪيو. ٣ ڊسمبر نيم ٿاڻو ڪار ۾ دادل شاهه جو جنمدن ملهايو ويو. دادا جشن ساڌو واسوانيءَ جي جيون ۽ سکيائن تي پروچن ڪيو. ۴ ڊسمبر دادا جشن اُلهاسنگر ۾ پڌاريا. داداجن جهوليلعل مندر ۾ ڊاڪٽر موديءَ جي

جنهن جي جيون ۾ سمورا سچا سادگي سنيهه جا گل ٽڙيا. سندس سرهاڻ اڄ به بکريل آهي. اسين به جيون ۾ انهن گلن جي ساکي ڏيون.

٢٢، ٢٣، ٢٤ ڊسمبر صبوح جو سنڌي پنچايت هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. دادا جشن ٽنهي ڏينهن مٺا اپديش ڏنا. داداجن اپديش ڪندي چيو ته پرڀوءَ ۾ صدق رکو، شردا رکو. پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو صدق سان.

هڪ وڏي ٽرين پئي وڃي. ان ٽرين جي هڪ گاڏي ۾ فقط هڪ ننڍڙي ڇوڪري ويٺي هئي. هڪ ماڻهو ان ۾ چڙهي وڃي ويٺو. ان شخص ان بالڪيءَ کان پڇيو "تون هن گاڏي ۾ اڪيلي ويٺي آهين، توکي ڊپ ڪين ٿو ٿئي؟" ان بالڪيءَ چيو "ڊپ ڇا جو! هن ٽرين جو هلائيندڙ آهي، منهنجو بابا." ان ڇوڪريءَ جو پتا ان ٽرين جو ڊرائيور هو. کيس پوءِ ڊپ ڇا جو!

اسانجي زندگيءَ جي ٽرين به پئي هلي. ڪيترا دفعا اسين پاڻ کي اڪيلو پيا محسوس ڪريون. پر ان گاڏيءَ کي هلائيندڙ آهي اسانجو بابا پيو پرماتما، پوءِ ڊپ ڇاجو. ان ڪري اسين اڪيلا ڪين آهيون. اسانجو سائين، ستگرو سدائين ساڻ آهي! پوءِ گهٽتي ڇاجي!

ائٽم بم لهيو ته آمريڪا جي ماڻهن کي ڊپ ته ڪنهن وقت به رشيا بم ڪيرائي. اهڙي ڊپ ۾ ٿي رهيا جو هڪ ڏينهن رستي تي خوفناڪ آواز ٿيو. لوڪن سمجهيو ته بم ڦاٽو. ڊپ ۾ ڪيترا ماڻهو بيهوش ٿي ويا، پر سچ پچ فقط هڪ ٽرڪ جو ٽائر زور سان ڦاٽو هو. ڪيڏي نه ڊپ ۾ لوڪ ٿي رهيا! اسين جي صدق ۾ هلون ته پوءِ ڊپ ڇاجو! صدق هي ته اسانجي جيون جو جهاز پيو هلائي پرم پتا پرماتما. هيءَ جيون جي اهڙي

ڪين چيو ته پڀوءَ کي پرارٿنا ڪندا رهو ته هي پڀو! ٻاهرين صفائي اسين ڪريون ٿا، تون اسان جي اندر کي، من هردي کي صاف ڪر، جيئن پنهنجي دل جي درپڻ ۾ اسين تنهنجو ديدار ڪري سگهون.

٧ ڊسمبر رنگ پور ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ دادل شاهه جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي ديا جو اوتار هو، سيوا جي مورت هو. دادل شاهه چيو ته مونکي مڪتي ڪين کپي، مان پرٿويءَ تي وري اچي سيوا ڪرڻ ٿو چاهيان. دکي لوڪن جو درد دور ڪرڻ ٿو چاهيان. دادل جي دل اندر ديا جو ديپڪ ٻري پيو. پکين پسن، هڪ هڪ پراڻيءَ کي دادا پيار پئي ڏنو. چيائين ته پڀو آهه پيار، انڪري هڪ ٻئي کي پيار ڏيو.

شري پرشوتمداس جي گهر دوردرشن وارن دادا جشن کان ملاقات ورتي. ٢١ ڊسمبر دادا جشن گيتا جينتي سنبنڌ ۾ وچار ظاهر ڪندي چيو ته شريمد ڀڳوت گيتا اسانجو مهان گرنٿ آهي. گيتا گيان جو ڀنڊار آهي. ان جو اڀياس ڪيو ۽ ان جي ساکي جيون ۾ ڏيو. ٢١ ڊسمبر دادا جشن مدراس مان بنگلور ۾ آيو. ان ڏينهن گيتا جينتي ۽ شانتي يگيه سنبنڌ ۾ اتان جي ڪن پريمين سفيد پوش ڀيڻن کي دادا جشن جي هٿان ساڙهيون ڏياريون. نماشام جو سنڌي سوشل هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ان موقعي تي دادا جشن پرواچن ڪندي چيو ته اڄ گيتا جينتيءَ جو پونر ڏينهن آهي. پنج هزار ورهيه اڳ شري ڪرشن ارجن کي گيتا جو گيان ڏنو. گيتا جو پاٺ ڪريو، گيتا جي شلوڪن سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو، پر ان کان وڌيڪ گيتا جي سکيا جيون ۾ پرڪاش ڪريو. اڄ شانتي يگيه پڻ آهي. پياري شانتي هئي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ٻالڪي،

رنگ لڳي ٿو. ٽيون سؤ سنگ ڪيو، بعد ۾ پنهنجو سنگ ڪيو، ارڏاس آتم چنتن ڪيو. چوٿون ٻال سنگ ڪيو. ٻال اٿو گوپال. پنجون دکين دريدرن جو سنگ ڪيو ارڏاس انهن جو دک دور ڪرڻ جو يتن ڪيو. انهن ڪرڻ سان توهان کي آتمڪ آنند جو انڀؤ ٿيندو. مانش جنم سڦل ٿيندو.

٢٧ ڊسمبر ڪونور ۾ روٽري ڪلب ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. دادا جشن اوٽيءَ ۾ ڪجهه وقت ايڪانت ۾ پڻ گذاريو ۽ قادر جي قدرت جي عجيب نظارن جو آنند ماڻيو. ٢٩ ڊسمبر داداجن اوٽيءَ مان مسور ۾ آيا.

٢٩ ڊسمبر نماشام جو مسور جي سنڌي پنچائت جي ڌرمشالا هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. اتي دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته مان سنت ڪين آهيان، پر سنتن جي در جو اڪ داس آهيان. شل سنتن جي دربار ۾ قبول پوان. سنتن جو پيغام ڪٿي پيو هت هت ڦران. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! هردم نج گهر جي يادگيري رکو. پنهنجا ڌنڌا ڌاڙيون، ڪم ڪاريون بيشڪ ڪريو، پر پڀوءَ کي نه وساريو ۽ پڀوءَ جا پڪل روپ دکي دريدر انهن جي سيوا ڪريو. نام پدارٿ نانڪ مانگي. پڀوءَ کان نام جو پدارٿ گهرو.

٣٠ ڊسمبر صبوح جو دادا جشن بنگلور جي سنڌي يوٿ ايسوسيئيشن جي سهاري هلندڙ سنڌ اسپتال ۾ پڌاريو ۽ بيمارن کي آسيس ڪيائين. نماشام جو گرو راجا ڪلياڻ منڊپم هال ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ پياري دادا سادو واسوانيءَ جي جيون ۽ ڪارج تي روشني وڌي. ٣١ ڊسمبر صبوح جو ساڳئي استان تي دادا جشن سنڌيءَ ۾ پروچن ڏيندي دادل شاهه جي جيون جون ڪي پرڻادائڪ گهٽنائون پڌايون ۽ لنگر ٿيو. ١ جنوري دادا جشن پروچن ڪندي دادا امر کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته

ڪيم تو حوالي! منهنجا سائين، جيڪي تون ڪندين، تنهن ۾ منهنجو ڀلو هوندو.

جا تن ڀاوي سائي ڀلي ڪار

پياري دادا جو به پرڀوءَ ۾ پورو پورو وشواس هوندو هو. جڏهن وقت پيارو دادا ولايت ۾ هو ته پنهنجو ڪاروبار پورو ڪري موٽڻو هو. ڪيس واپسي ٽڪيٽ لاءِ پئسا ڪين هئا. پر داداجن کي وشواس هو ته پرڀو پاڻيهي ڪم ڪندو. ڪپورٿلا جي راڻي لنڊن ۾ آئي. پڌي پئي ته دادا هت آيل آهي. هوءَ داداجن کي ڪوٺ ڪري پئي ته مون وٽ اچي چانهه پيئو. اها راڻي دادا سان موڪلائڻ وقت وينتي ڪري پئي ته منهنجي پياس آهه ته مان توهان کي ٽڪيٽ وٺي ڏيان. اها راڻي داداجن کي واپسيءَ جي ٽڪيٽ وٺي ڏئي پئي. پياري دادا جو پرڀوءَ ۾ پورڻ وشواس هو ته پرڀو ڏيندو ڏيندو، ڪين ڇڏيندو. اسين به پرڀوءَ ۽ گروديو ۾ وشواس رکون. سچو صدق رکون ته اسانجي جيون جي جهاز کي پاڻيهي لوڏن لمن مان بچائي پار پهچائيندو.

٢٣ ڊسمبر نماشام جو دادا جشن ڀارتيه ڀون ۾ شريمد ڀڳوت گيتا بابت انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٤ ڊسمبر شام جو بنڊڪرس شيوا سمتي دربار ۾ دادا جشن اُپديش ڪيو. ٢٥ ڊسمبر سنڌي ڪالونيءَ جي نزديڪ دادا جشن وچولي درجي وارن لاءِ جاين جوڙائڻ جو بنيادي پٿر وڌو. نماشام جو دادا جشن رامڪرشن مٺ ۾ "چت شانتي ڪيئن ملي" وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٦ ڊسمبر داداجن بنگلور جي پريمين کان موڪلائي مسور ۽ اوٽيءَ روانا ٿيا. ان ڏينهن نماشام جو شري چيلارام جي گهر ستسنگ ٿيو. اُت دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته قدرت جو سنگ ڪريو. قدرت جا نظارا ڪيترو نه اسانکي سيکارين ٿا. ٻيو سنتن جو سنگ ڪريو. ان سنگ ۾ رام نام جو

نڪو انعام. نڪي لقب نڪي شان مان. سانت ئي سانت ۾ بنا ڏيکا ڏيکيءَ جي خلق جي خدمت جا ڪارج ڪندو هو. پروفيسر هاسانند جادوگر مثل طوفان ڪيس ٽوڪي ٿي ڏنائون تہ انهن کي لکيائين ”نہ ڏيو ٽوڪي، ڏيو معافي!“ هي پيارو پنهنجي جيون جي سڳنڌ پکيڙي ويو. ودوان هو پر کيس وديا جو ايمان ڪين هو. نماڻو هو، نيڻهن وارو هو. سادگيءَ جي صورت هو، ديش ڀڳت هو. ڀارت جي آزاديءَ صدقي جيل ۾ ويو. ديش جي ورهاڱي کان پوءِ هن پياري اجمير ۾ سڌار سڀا ڌواران ودوائن، غريبن گهرجائن جي ڪافي سيوا ڪئي. سندس دل ۾ هو دردمندن ڪا درد. سندس هرديءَ ۾ پرڀوءَ لاءِ پياس. پاڻ نام جپيائين ۽ ٻين کان نام جپائيندو هو. ’آتم درشن‘ جو سمپادن ڪندو هو. ڀڳت جن هو. شل پرڀو کيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

١٤ جنوري شام جو ٥ بجي شانتي ڪنج ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ورسي ملهائي وئي. نام ڪيرتن کان پوءِ دادا جشن پياري دادل شاهہ جي جيون جو ذڪر ڪندي چيو تہ ٥٢ سال اڳ ڪراچيءَ ۾ صبوح جو پياري دادا پنڌ پئي ڪيو تہ هڪ ٽانگو سندس پير مٿان لنگهي ويو ۽ پيارو دادا هيٺ ڪري پيو. ڪن ماڻهن وڃي ٽانگي واري کي پڪڙيو، پر پياري دادا کين چيو تہ ٽانگي واري کي ڇڏي ڏيو. هي سڀ پرڀوءَ جي حڪم ۾ ٿيو آهي. پيارو دادا چار مهنا بستري داخل هو. سندس کٽ دريءَ وٽ پيل هوندي هئي. ان دريءَ مان ٻاهر پيو نهاريندو هو، پرڀات کي پرنام ڪندو هو. لهندڙ سج جي سونهن ڏسندو هو. پکين کي اڏامندو ڏسندو هو ۽ هوا جا گيت پيو ٻڌندو هو. رات جو چنڊ تارن ڏي نهاريندو هو ۽ ائين معلوم ٿيندو هو تہ انهن منجهان پيارو پرڀو پيو نهاري. وري وري

هي پيارو ڪيئن نه بنگلور ۾ پياري دادل شاهه جي جوت جڳائي ويٺو آهه. نماشام جو داداجن ٽئين سال جو سنديش ڏيندي چيو ته نوان ٿيو.

۲ جنوري ۱۹۷۸ صبوح جو دادا جشن پياري دادا امر جي آستان تي پروچن ڪندي چيو ته اڄ نُوري گرنٿ مان کڙو نه منو وچن آيو:

گهر اسانجو هٽڙي ناهي، گهر اسانجو اُت جت امر ڌام پيو چمڪي،
امر ڌام نه اُت آهه، جت نام نرمل پيو مشڪي!

هن وچن ۾ کهڙي نه ڳوڙهي معنيٰ سمايل آهي. شل سڀڪو گهر، نج گهر جي يادگيري دلين اندر رکون! نام جي جوت جڳائيندا رهون. سنسار ۾ رهي سنساري نه ٿيون. دلين اندر دلبر جي يادگيري رکون. نج وطن کي نه وساريون!

۲ جنوري رات جي شري رام واڌوا جي گهر روح رهاڻ ڪندي دادا جشن ڪيترئي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌايون.
۳ جنوري دادا جشن بنگلور مان روانا ٿيا. نماشام جو هبليءَ جي هڪ مندر ۾ دادا جشن منو اُپديش ڏنو. ۴ جنوري دادا جشن منجهند جو ۱۲ بجي ڪولهاپور گانڌي نگر ۾ پڌاريا. پهرين داداجن اسڪول جي وديارٿين سان مليا ۽ پوءِ داداجن اُپديش ڏنو. پياري ڀاءُ هربخش پنجابيءَ داداجن ۽ ساري سنگت جي آجيان ڪئي. ۴ جنوري رات جو داداجن ميران پوميءَ ۾ واپس وريا.

۸ جنوري صبوح جو سنسگ ۾ پياري دادا جشن شري پرڀداس برهمچاريءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پيارو بزرگ شري پرڀداس برهمچاري گذريل ۲۰ ڊسمبر تي پرلوڪ پڌاريو. عجيب انسان هو. ٻين جي سڄي زندگي ٻين جي سيوا ۾ خرچ ڪيائين. ٻين جي واسطي ڪجهه ڪين گهريائين. ڪو اجورو

دادا جشن سورداس ۽ گهرجاڻو ٻچڙن کي ڇانورن جا پاڪيٽ ۽ وسترو ڏنا. تماشائن جي سٽسنگ ۾ دادا جشن پياري دادل شاهه کي شردانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا ننڍپڻ ۾ ئي ڪجهه وقت سانت ۾ گذاريندو هو ۽ پاڻ کان پڇندو هو ته مان ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟ منهنجو اچ گهر ڪٿي، اچ وطن ڪٿي آهي؟ هڪ هڪ هي سوال پڇڏي هلندو هلي ٿو. دادا جي ڀاڙي ۾ اڪ ڪاڪو رهندو هو، جو ڀاڙي جي ٻارن کي مصريءَ جي ٽڪ ڏيندو هو ۽ کين چوندو هو ته مصري کائو، منو نالو ڳايو! اوچتو هي ڪاڪو گذاري ويو ٿو. دادا ٻالڪ واڻڙو ٿي ويو ٿو. ڪاڪي کي ڏسڻ ويو ٿو. ڏسي ٿو ته ساڳيو سوال جو هلندو هو، ڳالهائيندو هو، ٻالڪن کي مصري کارائيندو هو، سو هيٺ زمين تي پيو آهه! نڪي هلي چلي ٿو، نڪي ڳالهائي ٻولهائي ٿو! پياري دادا جي دل اندر سوال اٿي ٿو ته جو هلندو هو، ڳالهائيندو هو، جو مصري کارائيندو هو سو ڪيڏانهن ويو؟ دادا ٻالڪ سانت ۾ ويهي اهي سوال پاڻ کان پڇندو هو ته سواءِ پڇڏي انسان ڪاڏي ٿو وڃي. پياري دادا ننڍپڻ کان ئي پاڻ سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي، سچ جي تلاش ڪئي. اسين به آتمڪ گيان حاصل ڪري پرڀتم کي پائڻ جو يتن ڪريون. اهڙو سچو سودو ڪريون جو ٻئي لوڪن ۾ ڪم اچي، ڪڏهن پراڻو نه ٿئي. سنڌ جو درويش شاعر شاهه لطيف به سالڪ کي صلاح ڏئي ٿو:

وکر سو وهاءِ جو پٺي پراڻو نه ٿئي،
واهڇيندي ولات ۾ ذرو ٿئي نه ضاءِ،
ساڪا هڙ هلاءِ، آڳهه جنهنجي اُهين.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀارلون ڀيڻرون! اڄ پياري دادل شاهه جي ورسي آهه. توهين به سمرڻ ۽ سيوا سان ورسي وڃو. شبد ڪرم جو سمرڻ ڪيو ڪريو جيئن هن ڀوساگر مان تار اچي

پياري دادا جي چپن تي هيءُ اکر هوندا هئا "دريءَ منجهان دوست ڏٺوسين، لالڻ ليئڙو پائي هليو ويو!" بيماريءَ جي بستري تي پيارو دادا چوندو هو ته سُور سياڻپ وٽ اچي ٿو. جيئن گل کي نپوڙڻ سان عطر ملي ٿو تيئن سُور جڏهن سوايو کي نپوڙي ٿو ته روح جي روشني پرڪاش ٿئي ٿي، آتمڪ شڪتي کلي ٿي.

١٤-١٥ جنوري ميران اسڪوان طرفان پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي پُڻيه تِٿي ملهائي وئي. پياري دادا جشن وديارٿين ۽ اڌيائڪن اڳيان وياکيان ڪندي چيو ته توهان اڄ غريبن لاءِ ڪيترائون ئي شيون ڏنيون آهن، ان لاءِ ڌنيواد. پيارو دادل شاهه ۾ هڪ ڏينهن توهان وانگر ٻار هو. دادا بالڪ حيدرآباد ۾ اڪيڊمي اسڪول ۾ پڙهندو هو. اسڪول جو هيڊ ماستر سادو هيرانند هو، جنهنجو نالو اڄ ڏينهن تائين امر آهي. سندس نالي ۾ عجيب سگنڌ آهي. هڪ ڏينهن سادو هيرانند، دادا بالڪ کي ساڻ وٺي هڪ هڪ ڪلاس ۾ وڃي ٿو ۽ چوي ٿو "هن شاگرد ڏي نهاريو. سڄي اسڪول ۾ مان هنکي آدرشي شاگرد ڪري سمجهان ٿو. توهين هن منجهان ڪجهه سکو!" هڪ ڏينهن اسڪول جا شاگرد دادا بالڪ کي ملن ٿا ۽ چون ٿا اسانکي ٻڌاءِ ته تنهنجي جيون جي ڳجهارت ڪهڙي آهه! دادا بالڪ چوي ٿو: "مون پنهنجي اڳيان اِڪ آدرش رکيو آهه: "ڪجهه نه ڪجهه ڪر جائيندگي!" پرٿويءَ تي آيو آهيان ان لاءِ ته ڪجهه نه ڪجهه ڪريان. پنهنجي قوم لاءِ، ديس لاءِ، انسان ذات لاءِ، پکين پسن لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪريان! جو ته هيءَ زندگي آهه امانت شيوا واسطي." منهنجا پيارا بالڪو، پياريون بالڪيون! توهين پياري دادا جيان اهو آدرش رکي وک وڌايو.

١٦ جنوري صبوح جو ميران يوميءَ ۾ هون يگيه بعد

ڪري سگھن ٿا. سوامي چندرام چندن جھڙو سيتل هو، نماڻو هو. پنهنجن ستگرن جو پيغام ديش وديش ۾ پهچايائين، سو ان کي نام جپايائين.

٧ مارچ شوراتريءَ ڏينهن دادا جشن سنگت سان گڏ پونا مان بمبئيءَ روانا ٿيا. اُن ڏينهن نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ شوراتريءَ جو پاڪ ڏينهن آهي. شو کي ڀولاناٿ ڪري پڪاريندا آهن، ڇاڪاڻ ته شو شنڪر جلدي پرسن ٿيندو آهي. سندس ٿوري ڀڳتي ڪريو، ڪيس ٿورا بيل پترا ارپن ڪريو ته توهانجا منورٿ پورا ڪندو. انڪري ڪيس ڀولاناٿ ڪري سڏيندا آهن. پر شو ڀولو ڪين آهي. بيشڪ ٿوري ۾ راضي ٿئي ٿو، ان ويچار سان ته اسان کي پاڻ ڏانهن ڇڪي ۽ جي هڪ وار ڇڪيو اٿائين ته پوءِ ترشول هڻي اسانجي اوديا، اگيان ٽوڙي ٿو. اسانکي اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو، اسانجي ٽين اک کولي ٿو. ڏسي ٿو ته اسانجو ڪنهن سان موهه آهي، ترشول هڻي موهه ڪپي ٿو. جنهن سان اسانجو موهه آهي، اُن کي اسان کان جدا ڪري ٿو. اُن وقت اسانکي ڪيڏو نه سور ٿئي ٿو، درد ٿئي ٿو، پر پوءِ اسانکي پروڙ پوي ٿي ته ان ۾ شو جي ڪيڏي نه ڪرپا هئي. جي اسانکي اسانجي پيارن کان نه وڇوڙي ها ته اسين جيڪر دائمي اونده ۾ هجون ها. ڇو ته موهه آهي اونده. اڄ جيڪر اوهين ٿوچي ور ور "اوم نمو شوايه، اوم نمو شوايه" جو منتر اُچاريو!

٨ مارچ ڀَرَ ڏينهن شام جو بسنت پارڪ چيمبور ۾ پياري ڀاءُ نند گدواڻيءَ ستسنگ جو آيوجن ڪيو. ڪڪي رلنا واسواڻيءَ ۽ پرويسو نرملا جوتواڻيءَ مٺا ڀڄن ڳايا. شري نيرنت سياڻيءَ، پياري نند گدواڻيءَ، دادا امر ۽ ديال آشا پياري دادا جشن جي

محبوب سان وڃي مليو.

١٦ جنوري رات جو جاڳرتي ستسنگ ۾ پڻ پيارو دادا جشن ڳوڙها ڳاڙيو ۽ ستسنگ کي آسيس ڏنائين. ١٧ جنوري دادا لنگر ۾ دادا جشن ڀڳت جي پاڻ سيوا ڪئي. نماشام جو دادا چونڪ تي هلي ڏيئڪن سان دادا جي پنهنجي واري آستان کي جڳمڳايو.

٢٦ جنوري راڌاڪرشن ڊسپينسريءَ جي وارشڪ اتسو ۾ وياکيان ڪندي دادا جشن چيو ته سڀني سان پريم جو ورتاءُ ڪريو. ڪو اوهان سان برو هلي، اوهان موٽ ۾ اُن سان ڀلو ڪريو.

جي وڏ جڙن جن سين، سي وڏ سي ئي ڪن.

پياري دادا سادو واسواڻيءَ ڪيئن نه پنهنجي جيون ۾ اهڙا ساکي ڏني. هڪ ڀاءُ جنهنجو ناتو دادا سان هو، ڪنهن تان هي ڀاءُ دادا سان نٺو ٿيڪي. هي پيارو داداجن خلاف اخبارن ۾ ڇا جو ڇا وجهائي ٿو. ڪجهه وقت بعد اُهو ڀاءُ ڪنهن تڪليف ۾ ٿو اچي. داداجن کي خبر پئي ٿي. داداجن اُن ڀاءُ جي گهر هلن ٿا ۽ کيس چون ٿا "پيارا! تون تڪليف ۾ آهين، مان توکي مدد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان!" اُن ڀاءُ جي اکين ۾ آنسون اچي وڃن ٿا ۽ زار زار روئندي چوي ٿو "دادا! معافي ڏيو، معافي!"

٢٧ فيبروري پونا جي سوامي ٽيئونرام منڊر جو سنستاپڪ سوامي چندنرام پرهلين ٿيو. ٢٨ فيبروري دادا جشن سنڌس اسٿول شرڀو جو درشن ڪرڻ لاءِ اگروال ڪالونيءَ ۾ سوامي ٽيئونرام منڊر ۾ آيو ۽ هن سنت کي شرڌانجلي ڏيندي چيائون ته سوامي چندنرام ننڍپڻ کان ئي سوامي ٽيئونرام جي سنگ ۾ آيو. ستگرون جي سيوا ڪري پاڻ به اُن جي پيو. ستگرو سنت جي مهر جي لهر ۾ چڙهي وڃن ته پنهنجي نينهن نهار سان نهال

هڪ ڳالهه ٿي ته وساريو نه پوءِ جي يادگيريءَ ڪانسواءِ هيءَ جيون آهي وڃوان. ڏسو، انسان ڪيئن دنيا جي ڌن دولت ٻنهي ٻاٽي ڊوڙون پائي پائي، سهڪي سهڪي پنهنجو ساهه ڏين ٿا. لکا ڪروڙ ڪنا ڪن ٿا، پر انهن کي نام جو پدارٿ ڪين آهي ته لکاپتي ۽ ڪروڙپتي به ڪنگال آهن. جڏهن انسان ديهه ڇڏي ٿو تڏهن سڀ سنبنڌي پڇن ٿا ته ڪيتري ملڪيت ڇڏي ويو. پر روحاني دنيا ۾ ان وقت فرشتا پڇن ٿا، ڪهڙي ڪمائي ڪري آيو.

ڪل ڪاپي ڪانڊا هر ٺاءِ،
سمر سمر، سدا سک پاءِ.

”ڪل“ اکر جي معنيٰ آهي ”ڪلجڳ“ ۽ ڪلجڳ جي نشاني آهي لپيٽ. ڪلجڳ لپائيندڙ آهي. پر هريءَ جو نالو من کي سيتل ڪندو ڪندڙ آهي. ڪلجڳ ۾ گهر گهر ۾، دل دل ۾ تپت آهي. باهيون پيئون پون. پنجن قسمن جون باهيون آهن. وقت جي تنگيءَ ڪري فقط ٻن قسمن جي باهين جو ذڪر ڪيان ٿو. (۱) ڪام. ڪيترا آهن جي ڪام جي اگنيءَ ۾ ٻريا پون ۽ پاپ جي اوڙاهه ۾ پيا ڪرن. ڪام کان بچائي ٿو نام. (۲) ڪروڌ جي اگني به ڀاري آهي. ڪيئن ڪروڌ ۾ اچي هڪ ماتا پنهنجي ننڍي ٻالڪ کي باهه ۾ اڇلائي ٿي. پوءِ پڇتائي ٿي. ڪروڌ کان به بچڻ جو اپاءُ آهي نام. ٿي وڌيڪ نام جو اڀياس ڪريو. اٿندي وهندي، هلندي چلندي نام اچاريو، نام جو جل پيئو ۽ پيئاريو ۽ ڪلجڳ جون باهيون وسايو.

جمع ۱۰ مارچ کي مندر، شيام نواس ۾ ستسنگ ٿيو. پوڄ سيتا ۽ پوڄ راڌي آڏواڻيءَ داداجن جي آجيان ڪئي. پوڄ دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته اڄ شري سکمني صاحب مان ڪهڙو نه مٺو وچن آيو:

آجيان ۾ ڳالهايو. اُن بعد دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پيار اهڙا چيز آهي جا راڄ ڪري ٿي، تلوار جي طاقت ڪانسواءِ. پيار ٻڌي ٿو ٻوڙي جي مدد ڪانسواءِ! هن ڌرتيءَ تي اسين آهيون ته پيار جي شڪتيءَ ۾ وڌون. پيار جي طاقت کوليون. مان ڏسان ٿو ته بمبئيءَ ۾ منهنجا ڪيترا ڀائر ڀينر مشين وانگر پيا هلن. مشينون نه ٻڻجو. ان لاءِ ضروري آهي ته سڀ ڪم ڪار ڪريو پيار ۾. جيڪي ڪريو، سو ڪريو ڀڳوان جي صدقي، پوءِ توهانکي ٿڪ ڀي ڪونه ٿيندو. هيٺر مان ڏسان ته توهان مان ڪيترا ٿڪل آهن، ٿٽل آهن. ڪم ڪري ٿڪجي پيا آهيو. ڪم جي ڳجهارت آهي هيءَ ته ڪم ڪريو پيار ۾.

ماتا ٻالڪ جي سنڀال لهي ٿي ۽ ٿڪجي ڪين، ڇو ته هوءَ ڪم ڪري ٿي پيار ۾. ڪيترا سال ٿيا مونکي مدي جو ٽب ٿيو، چاليهه ڏينهن ٽپ هليو. منهنجي ماتا پياري ٻائيءَ چاليهه راتيون جاڳي منهنجي سنڀال لڌي. هڪ ڏينهن مون کيس چيو "ٻائي، تون ڏينهن رات ڪم ڪري ٿڪي هونديءَ؟" ٻائيءَ چيو "پيار ۾ ٿڪ ٿئي ڪونه! توهين به جي پنهنجو سڀ ڪم ڪار ڪريو ڀڳوان جي پيار ۾ ته توهانکي خوشي پيئي ٿيندي، توهين ٿڪبا ڪڏهن ڪين.

وسپت ۹ مارچ نماشام جو نج ٿانو ڪار بمبئيءَ ۾ ستسنگ ٿيو. دادا جشن دادا چيلارام کي شردانجلي ڏيندي چيو ته هن پياري هڪ اکر ۾ پنهنجو پيغام ڏنو: "نام نه وساريو، نام نه وساريو!" ۽ اهو پيغام ڪٽي هي پيارو شهرن ۾ ويو ۽ ڳوٺن ۾ ويو. نام جو ناد وڄايائين ۽ سنل لوڪن کي سجاڳ ڪيائين. ٻالڪ نام جپي، لوڪن کان نام جپارايائين. ڇاڙيءَ تائين اهو ڪارڄ ڪندو رهيو. سندس يادگيريءَ ۾ پيار جا پشپ چاڙهي سندس آسيس پنان ٿو.

ڀڳت ڏسي ٿو تہ ٽي سوکڙيون آهن: (١) بيماري (٢) ننڊا (٣) ڏک. ڀڳوان ڏهي وڃي ٿو، پر ڀڳت سڌس اندر صدق اچي ٿو ۽ چوي ٿو تہ جي ڀڳوان اهي سوکڙيون ڏئي ٿو تہ اُن ۾ ڪا معنيٰ هوندي ۽ شري ڪرشن کي چوي ٿو: سائين! مان ٽيئي سوکڙيون کڻان ٿو!“ جڏهن ٽيئي کڻي ٿو تہ ڏسي ٿو ٽيئي ئي ٿيون موهن جون مرليون، جن مان هڪ ئي آلاپ پيو اچي: آجا! آجا! وشرام پاءِ!“ اسين بہ جڏهن بيماري ۽ ننڊا ۽ ڏک ۽ موت ڀڳوان جي بخشش ڪري قبوليون ٿا تہ اهي ئي ٿيون شيام جون بنسريون، جي اسانکي سڌس ڪمل چرڻن جي نزديڪ وٺي هلن ٿيون.

موت تي ڏک نہ ڪرڻ گهرجي. ڇو جو موت آهي ئي ڪونہ. جنهن کي اسين موت ڪوٺيون ٿا، سو آهي هڪ ڪوٺيءَ مان ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃڻ. اسان جا پيارا مري ڪونہ وڃن ٿا، فقط سرير جو چولو ڇڏي ٻيءَ ڪوٺيءَ ۾ وڃن ٿا. اسين ڪين هلي ملنداسين. ان ڪري شل روز روز تياري ڪريون.

١٨-١٩ مارچ دادا جشن لوناوالا ۾ ٻڪوٽيءَ جي گود ۾ سانت ۽ ايڪانت ۾ گذاريا. آرتوار ڏينهن پونا ۽ بمبئيءَ جا ڪيترا ڀائي بہ داداجن کان آسيس وٺڻ آيا. دادا جشن ان ڏينهن ستسنگ ۾ اپديش ڪندي چيو تہ اڄ امرت ويلي جيئن اٿيس، تيئن شري گرو تيغ بهادر جن جي مٺي ٻاڻيءَ جا منڍا اکر منهنجي دل اندر آيا، جي اڄ مون ور ور پئي اچاريا آهن:

ڪرنا هوتا نا ڪيئو پڙيو لوڀ کي قند،
نانڪ سميو رم گيو، اب ڪيون روَوت اند.

شروع ۾ شري گرو تيغ بهادر بابا بڪالي ۾ هڪ ڀوري ۾ نام سمرڻ ۽ ڌيان ۾ پنهنجو سمو سڦلو ڪندا هئا. ٻاهر ڪين نڪرندا هئا. ڪنهن سان ڪين ڳالهائيندا هئا. سڀ ڪين اڪ مستانو

سنت جنان مل ڪرهه بيچار،
ايڪ سمرن نام آڌار!

گروجن ارجن ديو مهاراج اڄ اسانکي سندر سکيا ڏين ٿا. چون ٿا ته سنتن سان ملي ويچار ڪريو. اسانجو من ڪيتن نه چنچلتا ۾ پيو ڀٽڪي! پر جي سنتن جي چرنن ۾ ويهي ويچار ڪنداسين ته اسانجو من استر ٿيندو. هن وقت اسان جا ويچار پيا ڀٽڪائين. انڪري لکن ۾ ڪروڙن هوندي به اسين دکي آهيون. هڪ هڪ انسان کي ٽي شڪتيون مليل آهن: (١) ويچار شڪتي (٢) اڇا شڪتي ۽ (٣) ڪلپنا شڪتي. اهي ٽي شڪتيون جي اسين پوريءَ طرح ڪتب آڻيون ته اوچ منزل کي پراپت ڪري سگهون ٿا.

جڏهن سنتن سان ملي اسين ويچار ڪنداسون ته اسانکي سچ ۽ ڪوڙ جي پروڙ پوندي ۽ پوءِ اسين به هريءَ جو سمرن ڪنداسين ۽ هري نام کي ئي پنهنجي جيون جو آڌار بڻائينداسين.

اڄ سنت رامڪرشن پرمهنس جي جنم جو ڏينهن پڻ آهه. سنت رامڪرشن پنهنجن پيارن کي چوندو هو ته پرڀو آهي ماتا ۽ ماتا کي پائڻ جو سولو رستو آهي پياس جو رستو. پياس اُٿاريو، اڪير اُٿاريو! اڪير ۾ ماتا کي پڪاريو. اڪير جي نشاني آهي ڳوڙها. ڳوڙها ڳاڙيو. ماتا کي چئو ”مان توکان سواءِ رهي نٿو سگهان! ڏس هي منهنجيون اکيون آليون. سڻ تون هن ڀڳل دل جي پڪار! آجا! ماتا! آجا!“ ڪنهن نه ڪنهن سڀاڻي ڏينهن ماتا اچي بالڪ کي ڇاتيءَ چپائيندي!

اُن سانجهيءَ جو شري هوشچند آڏوانيءَ جي گهر ستسنگ ٿيو. دادا جشن اپديش ڏيندي چيو ته دک درد ۾ پرڀوءَ جي ديا آهي. هڪ ڀڳت کي شري ڪرشن درشن ڏنا ۽ ڀڳت کي چيو ته هنن ٽن سوکڙين مان جيڪا سوکڙي کپيئي سا کڻ.

گرو تيغ بهادر جن کي ڪيئن نه اورنگزيب بادشاهه ٻڌي ۽ باند ڪري ٿو. اُهي گرو جن ٻاڻي اُچارين ٿا، سترنجاهه شلوڪ. جن کي سڏيون ٿا ’نائين محلي جا شلوڪ‘ اُنهن مان هڪ شلوڪ آهي:

ڪرنا هو تو نا ڪيئو، پڙيو لوڀ ڪي ڦند،
نانڪ سمئو رمِ گيو، اب ڪيون رووت انڌ.

اسان مان هڪ هڪ کي گروجن چون ٿا ته جيڪي ڪرڻو هو، سو تو ڪين ڪيو. لوڀ جي ڦند ۾ ڦاسي تو پنهنجو مانک جنم، درلڀ جنم اجايو وڃايو. هيئر وقت گذري ويو، هيئر ڪال اچي توکي پڪڙيو آهي. اُن وقت تون ويٺو روئين!

شل اسان جي حالت اهڙي نه ٿئي. شل ڪال اچي اُن کان اڳ سجاڳ ٿيون. نوان ٿيون، نئون جنم وٺون. انڪري شل نام نه وساريون ۽ دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا ڪري هيءُ ٻالڪا سڦل ڪريون.

۲۷ مارچ شري چندرام آڏواڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي پياري دادا جشن چيو ته شري چندرام اِڪ عجيب اِنسان هو. سادو، سنتوشي، نماڻو، نهٺو، نيڪهن وارو صدقي اِنسان هو. گروجن لاءِ کيس عجيب ڀڳتي هئي. پياري دادا سادو واسواڻيءَ لاءِ کيس عجيب پيار ۽ صدق هو. پاڻ ماني کائيندو هو، تڏهن کان اڳ ڪنهن نه ڪنهن کي کارائيندو هو. جي ٻيو ڪير نه هوندو هوس ته پکين کي کارائيندو هو. وٽس ڪوبه گهرجائو ايندو هو ته اُنکي هٿين خالي ڪين موڪليندو هو. سندس دل درياهه هئي. هي بزرگ ڀاءُ هڪ آدرشي اُپاسڪ هو. ڪيئن نه پياروڻ نيم ستسنگ ماڻ پڙهندو هو ۽ شيوا جا ڪاتا سنڀاليندو هو. شل ٻاٻو کيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

۸ اپريل شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ ۾

ڪري سمجهندا هئا. گرو هرڪشن صاحب جڏهن سورڳ جو چولو ڇڏڻ لڳا تہ چوڻ لڳا تہ ڪانئن پوءِ گديءَ تي اُهو ويهندو جو هن وقت "بابا بڪالي" ۾ آهي. سوڍي ڪل جا ٢٢ ڄڻا اُٿ ويٺي پنهنجون گاديون ناهين ٿا. هڪ هڪ چوي ٿو تہ "مان گرو آهيان." هڪ هڪ پنهنجا چاڙتا رکي ٿو، جي لوڪن کي گمراهہ ڪن ٿا.

مکڻ شاهہ لبانا پنهنجا ٻيڙا ڀري پئي ويو. اوچتو طوفان لڳي ٿو ۽ ٻيڙا ٻڏڻ تي آهن. جڏهن مکڻ شاهہ گرو نانڪ ديو جن جو ڌيان دل ۾ ڌري پڪاري ٿو "اي سچي پاتشاهہ! هي ٻيڙا بچايو!" مکڻ شاهہ انجام ڪري ٿو تہ جي ٻيڙا بچيا تہ گرو گديءَ تي جيڪو هوندو، اُن کي پنج سؤ سونيون مهرون ڏيندس. ٻيڙا بچن ٿا ۽ جڏهن مکڻ شاهہ دهليءَ ۾ اچي ٿو تہ پڇا ڪري ٿو تہ گرو گديءَ جو وارث ڪير آهي. کيس ٻڌائين ٿا تہ بابا بڪالي ۾ آهي. هي اُتي اچي ٿو. ٢٢ گرن جا چاڙتا کيس ورائي وڃن ٿا. هڪ هڪ چوي ٿو تہ مان ئي سچي گروءَ وٽ وٺي هلندس. پاڻهين ئي وٽ مکڻ شاهہ وڃي ٿو. هڪ هڪ جي اڳيان پنج سونيون مهرون پيشا رکي ٿو. هڪ هڪ خوش ٿئي ٿو. مکڻ شاهہ کي پروڙ پوي ٿي تہ هي سچا گرو ڪين آهن. پڇا ڪري ٿو تہ هنن پاڻهن کانسواءِ ٻيو ڪو سنت آهي؟ کيس ٻڌائين ٿا تہ هڪ مستانو آهي جو ڀوري ۾ رهندو آهي، انجو نالو آهي تيغ بهادر.

مکڻ شاهہ تيغ بهادر وٽ اچي ٿو. پنج مهرون پيشا رکي ٿو. تيغ بهادر ڏانهنس نهاري چوي ٿو: "پنهنجو انجام ياد ڪر!" هيئنر مکڻ شاهہ کي پروڙ پوي ٿي تہ هي سچو گرو آهي. سو جهٽ جي ڪڏ تي چڙهي پڪاري ٿو: "گرو لڌا! گرو لڌا!"

ڏيوي، ڀاءُ آتم واسواڻي، دادي سُتي ڏناڻي، ٻزرگ ڀاءُ ڪشنچند شهاڻي ۽ ٻيا ٻاهري پڻ آيا. جن جي شيوائن جي قدرشناسي ڪندي پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج کين دشالا پاتا. ڪڪي رتنا واسواڻي ۽ پروفيسر نرملا جوتواڻيءَ مٺا ڀڄن ڳايا.

اُتسو جي صدارت پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪئي. پياري دادا جشن جي آمد سبب اُن موقعي تي پوڄيه سوامي جن هيٺيون ڀڄن ڳايو:

مون گهر ساڌ اچن، آنءُ قربان وڃان،
آنءُ قربان وڃان، هي سر صدقي ڪريان.
١- آسڻ اکڙين ۾ انهن کي آنءُ ڏيان،
پير ڌوئي پرم سان جيڪر آنءُ پيئان،
چرڻ چُمي جو پيري پوَنءِ سان پيان، مون گهر...
٢- پلنگ وڇايان پرم سان پاويءَ ساڻ پلا،
سمهاري سيڄن تي جهليون جهول هٽان،
انيڪ حال اندر جو ساڻن ورهه ونڊيان، مون گهر...
٣- هيرا ماڻڪ موتي ڪنچن پيش ڌريان،
ٻانس ٻانس جا ڪانڊ خوشيءَ مان ته ڪريان،
ڪارائي خوش ڪري ڦل ڦول ڦوٽا ڏيان، مون گهر...
٤- چمڪ چوکا ساڌونڙا لڇڻي لعل رتا،
محبت ماڻ پريا، لهي نام متا،
سوارام چوي وانون ان جون وڃان، مون گهر...

پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن وياکيان ڪندي چيو ته پرسنتا آهي جو اڄ هتي اسانجو پيارو جشن واسواڻي آيو آهي. هي پيارو ڪيئن نه پنهنجي گرديو ساڌو واسواڻيءَ جي نقش قدمن تي هليو، دنيا ۽ شيوا جي جوت جڳائي رهيو آهي. اڄ هي پيارو پنا آشرم جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وجهندو.

سوامي ليلا شاھہ جو جنمدن اُتسو ٻوڄي. دادا جشن واسواڻيءَ جي اڳواڻيءَ ۾ ملهايو ويو. ڀاءُ گنگادر ٽولاڻي داداجن جو سواگت ڪيو. داداڄن سوامي ليلا شاھہ جي تصوير تي ڦول مالها پيٽ ڪئي. شروع ۾ دادا هوتچند آڏواڻي، شري موتيلعل ٻٽاڻي ۽ ديال آشا سوامي ليلا شاھہ کي ڀِشپانجلي پيٽ ڪئي. پياري دادا جشن سوامي ليلا شاھہ جي جيون تي روشني وجهندي چيو تہ سوامي ليلا شاھہ اِڪ سچو فقير هو. درويش هو. تياڳ تپسيا جي مورت هو. سادگيءَ جي صورت هو. ڀارت کان ٻاهر وديش ياترا لاءِ ويو. هانگ ڪانگ ۾ شري هري ليلا ڪيس شاهي عمارت ۾ رهائي ٿو. ڪيس رهڻ لاءِ سندر ڪمرو جنهن ۾ هڪ وڏو پلنگ پيل آهي، مگر سنت اُن پلنگ تي نہ سمهي ڪٿي جي ٽُوڻ هيٺ وڇائي سمهي ٿو. صبوح جو جڏهن هري ليلا اچي ڏسي ٿو تہ هيٺ پٽ تي ڪٿي وڇايل آهي اڏهن سواميجن کان پڇي ٿو تہ توهان زمين تي ڇو سمهيا؟ سوامي ليلا شاھہ چيو ”هندستان ۾ لکين اِنسان زمين تي سمهندا آهن. جڏهن اُهي پلنگ تي سمهندا، تڏهن ليلو بہ پلنگ تي سمهندو.“ سوامي ليلا شاھہ ڪرم يوگي سنت هو. ڏتي ليتي ۽ ڀين سماجڪ برائين کي دور ڪرڻ لاءِ سنت ليلا شاھہ ڪيڏي نہ ڪوشش ڪئي.

٩ اپريل ڇينڊي چنڊ ڏينهن صبوح جو سوامي ٽيئونرام پريم پرڪاش آشرم اُلهاسنگر ٥ ۾ جڳتا جنارڌن پريشد جي طرفان سوامي شانتي پرڪاش پيرا آشرم جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وجهڻ جو اُتسو آيوجت ڪيو ويو. اُن موقعي تي ٻوڄي دادا جشن واسواڻي صاحب مکيہ مهمان جي روپ ۾ پڌاريا. اُتسو جي شروع ۾ ديال آشا دادا جشن جو سواگت ڪندي جڳتا جنارڌن پريشد جي سيوا ڪارين تي روشني وڌي. هن موقعي تي داداجن سان گڏ دادا گنگارام ساجنداس، پرڻ ماٽا

برڪت جو هڪ قانون هي آهي ته ٻهڄڻ وڻن جي آسپاس ولو. جت وڻن جي آسپاس آهي، اُت برڪت اچي ٿي. ٻڍن لاءِ عزت رکو، اسڪولن جي ٻارن کي سيکاريو. ٻڍن جي شيوا ڪريو، مهراڻ اسڪولن ۾ اها سکيا ڏني وڃي ٿي.

سڪندر بادشاهه جو ڪيڏو نه شان هو. هڪ ڏينهن لشڪر وٽي هڪ ڳوٺ ۾ پهتو آهي، جت اوف پيئي وسي. سڪندر بادشاهه وڏي باهه ٻاراڻي آهي ۽ ان باهه جي نزديڪ ڪرسيءَ تي ويهي هٿڙکي گرم ڪري رهيو آهي ته سامهون ڏسي ٿو ته هڪ ٻڍڙو سپاهي، سيءَ ۾ پيو ڪنبي ۽ ڪڏهن هي عالمگير بادشاهه ڪرسيءَ تان اُٿي کڙو ٿئي ٿو ۽ اُن ٻڍڙي سپاهيءَ کي چوي ٿو ته تون اچي ڪرسيءَ تي ويهي سيڪ ڪر. ڪيئن چين ولايت ۾ هڪ وقت ٻڍڙن کي سڀني پٽ ڪلهي تي کڻي وڃي درياهه ۾ ڦٽو ڪري ايندا هئا. هڪ ڏينهن هڪ پٽ پنهنجي ورڌ اوستا جي پتا کي ڪلهي تي کڻي پئي ويو ته سامهون کيس ڪنفيوشس گڏيو ۽ هن مهاپرش نوجوان کان پڇيو ته پتا کي ڪٿ پيو کڻي وڃين؟ پٽ ورائيو ته بابا هاڻي ٻڍو ٿيو آهي، گهر ۾ گهڻي تڪليف ٿو ڏئي. ان ڪري کيس درياهه ۾ ٻوڙڻ ٿو وڃان. ڪنفيوشس کيس چيو ته ڪڏهن سوچيو اٿيئي ته تون به اوستا ۾ وڏو ٿيندين ۽ تنهنجو پٽ توسان ائين ڪندو، پوءِ تنهنجي ڪهڙي حالت ٿيندي؟ هن مهاپرش جا اهي اکر نوجوان جي دل ۾ گهڙي ويا ۽ پتا کي واپس گهر وٺي آيو ۽ اچي سندس خوب شيوا ڪيائين. ان ڪانپوءِ چين ولايت ۾ هڪ نئين هلچل جاري ٿي ۽ ٻڍڙن جي شيوا ڪرڻ لڳا. هڪ وقت جڏهن ڀارت ۾ هڪ هڪ گهر ۾ وڏن جي تمام چڱيءَ طرح شيوا ٿيندي هئي، ان ڏينهن ۾ ٻڍڙن جا آشرم ڪونه هوندا هئا. هن وقت اسانکي ٻڍڙن لاءِ آشرمن جي ضرورت ٿئي

اُميد ته اِها عمارت جلدي ٺهي راس ٿيندي، جتي ٻُڍا ٻُڍڙيون نواس ڪري سُکي زندگي بسر ڪندا. ٻُڍڙن جي سيوا اُتم سيوا آهي. اڄ مريادا موڪلائي رهي آهي. ڪيترا ناخلف پُٽ پنهنجي ماتا پتا سان اڻسهائيندو ورتاءُ ڪن ٿا، ڪي گهر مان ٻاهر ڪڍي ڇڏين ٿا. اهڙن ٻُڍڙن لاءِ هي ٻُڍا آشرم بهتر اجهو ٿيندو. مونکي ڪي ٻاپوءَ جا پيارا چوندا آهن ته توهان غريبن کي ڪارائي ڪارائي تنبو ٻڌائي ڇڏيو آهي. مان کين چوندو آهيان ته ونتوڙي ندي ٻار ڪوٺي اَئو ته تنبن جي ضرورت پوندي، نه ته نديءَ ۾ ٻُڏي ويندا. ٻُڍڙن اناٿن ٻيواهن جي سيوا آهي ٻاپوءَ جي پوڄا. انهن جي دل سان سيوا ڪريو.

دادا گنگارام ساڄنداس دلسوز آواز ۾ پڪاريو ته ننڍي ٽهيءَ وارن کي وڏن لئه عزت ۽ پيار سيکاريو. اها سکيا کين اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ڏيو.

پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ پنج هزار روپيا ٻُڍا آشرم لاءِ پياري دپال آشا کي ڏنا. پوڄيه دادا جشن پوڄن ڪندي چيو ته سوامي شانتي پرڪاش مهاراج جي رڳ رڳ ۾ آهي دکين غريبن لاءِ همدردي. انهن کي کاڌو پهچائي، ڪپڙو پهچائي، سڀ کان وڌيڪ ٻاپوءَ جي پيار جو سنديش سڻائي، نام جو پيغام پهچائي. چو ته سوامي شانتي پرڪاش مهاراج کي پروڙ آهي ته ٻاپوءَ جي پيار بنا، نام بنا جيون ويران آهي! دنيا بيابان آهي! سوامي شانتي پرڪاش جي جيون جي ساکي آهي هن ۾ ته شانتي پرڪاش تڏهن ٿي آئي جڏهن انسان ٻاپوءَ جي پيار ۾ پنهنجو پاڻ وساري دکين دردمندن جي سيوا ۾ پاڻ کي خرچ ڪري ٿو، قربان ڪري ٿو. اوهين سوامي شانتي پرڪاش جي نالي ۾ ٻُڍا آشرم کوليو ٿا، اوهانکي ڌنيواد! ٻُڍا ڪير آهن؟ جن جي ٻُڌي کليل آهي. ٻُڍا آهن ٻُڌيوان. پراچين ڀارت ۾ ٻُڍن جي سيوا ڪندا هئا.

سوڀا مليو آهي سيوا واسطي. تيون ڪڏهن سان ڪاوڙ نہ ڪن. هڪ هڪ سان مٺو ڳالهائين. ٧٣ ورهين جو هڪ وڏي اوستا جو انسان هو. ٢٣ ورهين جي نوجوان وانگر ڪم ڪندو هو. ڪانئس پڇيائون تہ تنهنجي جيون جي ڳجهارت ڪهڙي؟ چيائين: مان سويل اٿان ۽ اٺين ٻڄي جي چرنن ۾ ڪجهہ وقت گذاريان. ننڊ سٺي ڪريان، ان ڪري سويل سمهان ۽ ڪنهن سان ڪاوڙ ڪين ڪريان. ڪيتريون ڳالهيون آهن، جي مونکي ڪين وڻن. ٻي ان ڪري ڪنهن سان ڪٽ پٽ ڪين ڪريان. اسانجا پيڙا بہ نہ جهڳڙو اٿين هلن تہ سٺن جيون سکمہ لئي ٿوي.

پوڄيہ دادا جشن، پوڄيہ سوامي شانتي پرڪاش مهاراج ۽ ٻيا ڪيترا پريمي پوءِ الهاسنگر ۾ هليا. اُت دادا جشن ٿاريل نئي سوامي شانتي پرڪاش پريا آشرم جي نئين عمارت جو بنيادي پٿر وڌو.

٩ اپريل شام جو ڪولابہ بمبئيءَ ۾ چيٽي چنڊ جو ميلو ملهايو ويو. هزارين سنڌي ڀائر ڀينر ان اُتسو ۾ شريڪ ٿيا. ان موقعي تي پياري دادا جشن واکيان ڪندي سنڌي سماج کي اپيل ڪئي تہ اچو تہ اڄ نئين سال ۾ پڪو پرڻ ڪريون تہ ديس پرديس ۾ سنڌيت جو جهنڊو جهولائيندا سين، سنڌي جاتيءَ کي زنده رکندا سين. انڪري ضروري آهي تہ گڏجي هڪ اهڙو جهنڊو ٺاهيون جو سنڌيت جو نشان هجي. اڄوڪي ڏينهن اهو جهنڊو گهر گهر ۾ ڦهرايو وڃي. چيٽي چنڊ ٽاڻ سان اِڪ پيغام ڪٽي اچي ٿو: نوان ليو! نوان ليو! پراڻا ڪپڙا، وڪارن واسنائن وير ورود جا، سوارٿپڻي جا ڪپڙا لاهي ڦٽا ڪريو! نام جا، سيوا جا، پوڄا ۽ ڌرم جا، قرباني ۽ پراپڪار جا نوان وستر پهريو! هڪ ٻئي جي سيوا ڪريو، هڪ ٻئي جا مددگار ٿيو. پنهنجي جيون ۾ محبت ۽ ميلاپ جي ساکي ڏيو!

ٿي، ان جي معنيٰ آهي ته اسانجي سڀيتا وڃي ٿي ڪرندي. سڀيتا کي بچائڻ لاءِ ضروري آهي ته وديارٿين کي سيکاريو ته وڏن جي عزت ڪن ۽ سيوا ڪن. هڪ گهر ۾ پٽ پنهنجي پتا کي چيو ته وڏڪ هن گهر ۾ توکي رهائي ڪين سگهبو. سبب هي هو، جو هن پٽ جي استري پڌي سهري مان ڪڪ ٿي هئي ۽ پتيءَ کي چيائين ته هن گهر ۾ يا مان رهنديس يا هي پڊوا! نيٺ پٽ کي اهو قدم کڻڻو پيو ۽ پتا کي گهر کان ٻاهر ڪڍيائين. پتا گهڻو ٿي چيو ته هي گهر مون ٺهرايو، هن گهر ۾ مون توکي پالي نپائي وڏو ڪيو، پر پٽ ڪجهه به نه ٻڌي. نيٺ پتا چيو ته مان وڃي ٿو رستي تي رهان. مونکي هڪ چادر ڏيو ته سيارو کي ٽڪيان ڇو جو ٻاهر ٿڌ آهي. پٽ هڪ سٺي چادر ڪڍي اچي پتا کي ڏني. تڏهن ئي هن پڌڙي جي پوٽي ننڍڙي ٻار پنهنجي پتا کي چيو ته ڏاڏي کي سڄي چادر نه ڏيو، پر اڌ چادر ڏيوس. پيءُ پنهنجي پٽ کان پڇيو ته اڌ چادر ڇو ڏيونس، ته هن ننڍڙي ٻالڪ چيو، ته ٿورن سالن ۾ مان وڏو ٿيندس ۽ توهان پوڙهو ٿيندائو. پوءِ توکي اها اڌ چادر ڏيندس ته توهان به وڃي رستي تي ويهين. اهي اکر ننڍي ٻالڪ جا پتا جي دل ۾ گهڙي ويا ۽ يڪدم پنهنجي پوڙهي پتا کي چيائين، توهين هت گهر ۾ رهو. مان توهانجي سيوا ڪندس.

پوڙن کي ڪپڙي ته تياري ڪن. ڇو جو اهو ڏينهن نزديڪ پيو اچي، جڏهن ڪين هيءَ ڌرتي ڇڏڻي پوندي. انڪري روز ڪمائي ڪن. ان لاءِ ٽي ڳالهيون ضروري آهن: (۱) نام جو ابياس ڪن. امرت ويلي جو فائدو وٺن. پرڀات جي پڙدي ۾ ايڪاگر من سان نام ڳائين، ڪمل چرن ڌيائين، پرڀوءَ کي پڪارن: هيءَ پوڙهي اوسٿا پور پهچاءِ!" پيو هڪ ٻئي جي مدد ڪن. جيڪا سيوا ڪائن ٿي سگهي سا ڪن. ڇو جو هي

١١ مئي شام جو ڪي. سي. ڪاليج ۾ دادا جشن 'جيون ۾ سچو آنند ڪيئن ماڻجي' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ١٢ مئي صبوح جو گرو مندر شيام نواس ۾ داداجن منو اُپديش ڏنو. شام جو داداجن پونا روانا ٿيا.

٢٥ اپريل دادي شانتيءَ جو جنمدن ميران پوميءَ ۾ ملهايو ويو. پياري دادا جشن ٻالڪن ٻالڪين کي ڪپڙا ٽول ۽ خرچي ڏني. هون يگيه ۽ شاسترن مان پاٺ ڪيو ويو. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن پياري شانتي ديويءَ کي پنهنجي پيار جي پشپانجلي ڏيندي چيو ته توهين ٻه پياري شانتيءَ جيان جيون ۾ پوترتا، پيار، صدق، سيوا ۽ سرل جي ساکي ڏيو!

٣٠ اپريل دادا جشن سنگت سان گڏ لوناوالا روانو ٿيو. اُت داداجن پرڪرتيءَ جي گود ۾ ڪجهه وقت ايڪانت ۾ گذاريو. پياري دادا کي قدرت جا نظارا متاثر ڪندا آهن ۽ سانت وٺندي آهي. شهاڻي هاليڊي هوم ۾ ستسنگ ٿيو، جت پياري دادا جشن منو اُپديش ڪيو. ١ مئي سومر ڏينهن داداجشن لوناوالا جي سورداسن جي آشرم ۾ ويو. داداجن سان گڏ پروفيسر هوتچند آڏواڻي، شري ڪشنچند شهاڻي ۽ ٻي سنگت ٻه ساڻ هئي. داداجن سورداسن کي کاڌو کارايو ۽ کين ڪپڙا ڏنا.

١٥-١٦ مئي ميران پوميءَ ۾ دادي شانتي ديويءَ جي پڻيه تٿي ملهائي وئي. ١٥ مئي نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري شانتيءَ جي جيون جو سنديش آهي ٻن اکرن ۾. اهي ٻه اکر آهن 'وٺو ۽ ڏيو'. وٺو، نام وٺو! انڪري پرڀوءَ جي در تي پڪاري ٿي ويهو، نماڻا ٿي ويهو، جيئن پياري شانتي ڪندي هئي. ڏينهن رات پرڀوءَ کي پڪاريندي هئي: "مانگئه دان، تاڪو نام." نماڻا نيڻهن وارا ٿي پرڀوءَ کان نام دان منگو! نام جي بخشش وٺو!

سومر ۱۰ اپريل آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ بمبئي ستسنگ جو وارشڪ اُتسو ملهايو ويو. مايا ديويءَ ڪيل سيوا ڪارج جي رپورٽ پڙهائي. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته سن ۱۹۶۵ ۾ مايا ديوي پونا ۾ پياري دادا سادو واسواڻيءَ سان پهه ملت ملي ۽ ڪيس چيڪ پيش ڪري پوءِ جيئن دادا جي ڪٽيا مان ٻاهر ٿي نڪتي تيئن دادل شاهه پنهنجي نيڻن نهار سان هن ڏي نهاريو ٿي. ان نهار ۾ ڪهڙو جادو هو، ڪهڙي ادرشٽ شڪتي سمايل هئي، تنهن جي خبر ڪنهن کي ڪين آهي، پر مان ائين سمجهندو آهيان ته ان نهار ديوي مايا کي ڇڪي سادو واسواڻي مشن جي سيوا ۾ آندو آهي. مان چاهيان ٿو ته پياري دادا جي جنم شتابدي ملهائڻ جي اڳواٽ تياري ڪريو!

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! توهان مان ڪيترا نه پيا اچيو پڇڪن. پڇڪڻ تڏهن بند ٿيندو جڏهن ڪنهن نه ڪنهن ستپرش جي شرڻ وٺنداسين جو اسان کي سڌين راهه تي آڻيندو. ان ڪري ستن ستپرشن جو سنگ ڪريو.

ستن کي گيان آهي، سچ جي پروڙ آهي، ان ڪري هو اسان کي سچيءَ راهه تي وٺي هلندا. پنهنجي کاڌي پيتي ۽ وچارن جي سنڀال رکو. ڪڏهن به ڪوئي خيال کي من ۾ جاءِ نه ڏيو. شڀ وچار، شڀ سنڪلپ ڪريو ۽ کاڌو به شڀ کائو. ستسنگ اُتم دواخانو. ستسنگ ڪمايو. ستسنگ ۾ اچڻ سان شڪتي ملي ٿي، منش روحاني راهه ۾ اڳتي وڌي ٿو. پيارو دادا سادو واسواڻي پنهنجي ٻاڻيءَ ۾ چوي ٿو:

نرمل ڪرم هڪ هي تون ڪر،
رام رلن وڌ سمرن ڌر.

اسين ڪوڏيون پيا ڪٺيون ڪريون. ستن سنتوکن جي سنگ ۾ نام ڌن ڪٺو ڪريو!

جڏهن ٻڌو ته، ته به ورئي ڦاسي پوندا ۽ ورئي پيا چڪر ۾ ڦرندا.

٢١ مئي آرتوار شام جو دادا جشن جهوءَ تي سمنڊ ڪناري پنڌ ڪري پوءِ اچي هڪ هنڌ ويٺو. ڪيترا پوڙهي به اچي مڙيا. داداجن اُت روح رهاڻ ڪئي. ٢٢ مئي سومهاڻ جو جهوءَ تي ٻامڻن ٻنگلي جي ميدان تي دادا جشن شري گوتم ٻڌ جي جيون ۽ سکيائن بابت پرووچن ڏنو. ٢٤ مئي ٻڌر شام جو نيچ ٿانو ڪار ۾ داداجن اپديش ڏنو. ٢٨ مئي آرتوار صبوح جو دادا جشن جسٽس چنداڻي پنا آشرم ملڻ ۾ هليو ۽ اُتي ٻڍڙن ٻڍڙين سان مليو. ان بعد داداجن شهاڻي ڪالونيءَ جي هال ۾ پڌاريا. شري ڪشنچند شهاڻيءَ داداجن جو سواڳت ڪيو. ان بعد دادا جشن مٺو اپديش ڏنو.

١ جولاءِ ٻپهرو دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريو. نماشام جو دادا جشن گرو مندر شيام نواس ۾ اپديش ڏنو. ٢ جولاءِ آرتوار صبوح جو شري سوڀچندر دربار ورلي بمبئيءَ ۾ پياري وشنو انچنداڻيءَ جي ٻالڪن کي جٽيا پاتا ويا. ستسنگ ٿيو ۽ ان بعد دادا جشن مٺو اپديش ڏنو. ٣ جولاءِ آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته ٿورو ڳالهايو، ٿورو کائو، ٿورو سمهو. گهڻي کائڻ سان، گهڻي سمهڻ سان سستي سوار ٿي اچي. گهڻي ڳالهائڻ سبب شڪتي وڃي ٿي. محمد صاحب جي ملڪ ۾ هڪ حڪيم آيو. چيائين هت ڪو ٻيو حڪيم ڪونه آهي، مونکي ڪمائي سٺي ٿيندي. ٻه هفتا گذري ويا ته وٽس هڪ به بيمار ڪين آيو. تڏهن محمد صاحب کان پڇيائين، سبب ڪهڙو جو هيترن ڏينهن ۾ مون وٽ هڪ به بيمار ڪين آيو آهي؟ محمد صاحب کيس چيو "پيارا! هتي حڪيم جي ضرورت ئي ڪونه پوي. اسين ڪائون ڪاڪون ۽

پياري شانتيءَ جي اکين مان لڙڪ پيا لڙندا هئا، ان درد ڀري دل سان نام اُچاريندي هئي. اوهين به پياس مان پرڀوءَ کي پڪاريو. ٻي ڳالهه ’ڏيو.‘ ڏيو! ڏيندا رهو. اوهان وٽ جيڪي آهي سو پرڀوءَ جي امانت آهي. ان ڪري دکين دريدرن پکين پسن جي شيوا ڪريو. پياري شانتي سانت مان ٻاهر ايندي هئي ته دکين دريدرن جي شيوا ڪندي هئي. سڀني حال احوال وٺندي هئي، کين پيار ڏيندي هئي، کين مدد ڪندي هئي. اسين به جيڪو اڄ هتي ٻه اکر پاڻ سان کڻي وڃون ’وٺو ۽ ڏيو‘. نام وٺو ۽ پنهنجي وت آهر ڏيو، پئسو ڏيو! پيار ڏيو! همدردي ڏيو! هڪ هڪ کي پنهنجي مشڪ ڏيو!

٢٠ مئي پيارو دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريو. ان ڏينهن نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته پرهينءَ ٻُڌ پورڻما آهي. اهو ڏينهن دنيا جي ملڪن ۾ لکين لوڪ ملهائين ٿا. ان ڏينهن، ٢٥ صديون اڳ شري گوتم ٻڌ جنم ورتو. شري گوتم ڪيترا ئي سال بن ۾ آنند جي پراپتيءَ لاءِ تپسيا ڪري ٿو. آخر ۾ ويساک پورڻما ڏينهن کيس گيان پراپت ٿئي ٿو، درشن ملي ٿو. ان درشن ۾ کيس سک جي راهه جي پروڙ پوي ٿي ۽ لوڪن کي سک جي راهه ٻڌائي ٿو. گوتم ٻڌ چوي ٿو ته دک جو ڪارڻ آهي ترشنا. جو ترشنائن کان ڇٽل آهه سوئي سکي آهه. انڪري ترشنائن جا غلام نه ٿيو. گوتم ٻڌ سيکاريو ته ڪنهن کي رنجايو نه. جو ٻين کي رنج رسائي ٿو ان کي پاڻ رنج ملي ٿو. اهو قانون آهي. انڪري هڪ هڪ کي پيار ڏيو. پکين پسن کي نه کايو. نڪي ڪڏهن ماس کائو. هنن ڏکدامن کي پيار ڏيو ۽ آسيس پايو! ڪن جو وچار آهه ته ٿوري ٿوري ماس آهار ڇڏيون. ڇڏڻ جو قانون آهي ته هڪدم ڇڏيو. جو ٿوري ٿوري ڇڏيندو سو اڃا ٻدل آهي. جي اوهانجي اندر پرڀو پنهنجي ڪرپا ۾ ڇڏڻ جي پريرڻا وجهي ته هڪدم

ڳالهايو. ٻيو هر حال ۾ راضي رهو. مالڪ جا شڪرانا مڃيو، جيڪي ڏئي تنهن ۾ ڀلو سمجهو. ٽيون جيڪي توهان وٽ آهي سو ونڊيو ورهايو. ڏکين ڏريلن هيڻين پسن جي خدمت ۾ خرچ ڪريو. توهان تي ٻارڙن جي آسيس ڇمڪندي. جيئون ۾ دنيا جا ڏيهڪ پايو.

٧ جولاءِ شام جو ڳانڌي گهر هال ۾ پياري دادا جشن 'لنڊن کان ڪيئن ڪمايو ڪيجي' وشي تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٨ جولاءِ داداجن احمدآباد روانا ٿيا. اتي پياري هيرانند ساڌواڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. صبوح جو ١١ بجي پريس ڪانفرنس ۾ پترڪارن پياري دادا جشن کان ڪيترائي سوال پڇيا ۽ داداجن کين تز جواب ڏنا. شام جو سردارنگر ۾ شاهي مڪيب ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. اوچتو اتي اڃي مينهن جو وسڪارو ٿيو. دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته اڄ قدرت جو مينهن وسيو آهي. ٻيو مينهن، نام جو مينهن ۽ ٽيون ڏکين جي سيوا جو مينهن. ڀل انهن ٽنهي مينهن جي آسيس پايو. پياري ڪاڪي هرگنداس کي ڌنيواد آهي جو هت جيو ديا جي جوت ٻکائي رهيو آهي. ٩ جولاءِ آرلوار ڏينهن پڪ آشرم ۾ داداجن روح رهاڻ ڪئي.

١ آگسٽ ميران اسڪولن پياري دادا جشن جو جنمدن انسؤ ملهايو. پياري دادا کي ڪيترن ئي سوکڙين پيش ڪيون. دادا جن اهي سوکڙيون ٻارن ۽ گهرجائن ۾ ورهايون ۽ وديارٿين کي سچ ۽ سورمتا، سادگي ۽ سنيهه، سيوا جي سکيا ڏني. ٢ آگسٽ صبوح جو ميران هال ۾ هون يگيه ۽ شانتون پاٺ ٿيو. نام ڪيرتن بعد سفيد پوشن جي سيوا ڪئي وئي. منجهند جو ١ بجي ڪيترن پراڻين ميران هال ۾ داداجن کي واڌايون ڏنيون. دادا جن مرڪندي ٻڌهجي

جو ۽ ڀيڻون ڀاڳيءَ جا پيالا. انڪري اسانجي صحت سٺي رهي ٿي." جو سادو کاڌو کائي ٿو ۽ ڀوري انداز ۾ کائي ٿو، اُن وٽ بيماري ڪين ٿي اچي. الپ مارگ ۾ جو هلي ٿو سو نماڻو ٿئي ٿو. انڪري الپ ندرا، الپ ڀولڻ، الپ آهار اهي ٽيئي ڳڻ توهان کي وهنوار چاهي پرمارٿ ۾ وڏي مدد ڪندا.

۴ جولاءِ منگل شام جو ڪي. سي. ڪاليج هال ۾ داداجن 'لالچ ۽ ٻين وڪارن تي ڪيئن جيت پائجي' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ۵ جولاءِ صبوح جو داداجن سنگت سان گڏ ٻڙودا روانا ٿيا ۽ منجهند جو ٻڙودا ۾ پڌاريا. نماشام جو پرم پرڪاش آشرم وارشا ڪالونيءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ڀڄن سنت ڌرمداس نعيڙو اُپديش ڏنو.

پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ ڪان هن آستان تي سوامي ٽيئونرام مهاراجن جو جنمدن اُتسو ملهايو ويندو. سوامي ٽيئونرام هڪ لاثاني سنت هو. ڪيئن نه ننڍپڻ ۾ ئي سندس من ۾ وئراڳ ورتي پيدا ٿي ٿي. اُن زماني جي پرسڌ صوفي شري آسورام کان گرو منتر وٺي سادنا ڪري ٿو. سمرڻ ڪندي پاڻ ۾ مهان سنت بڻجي پيو. سنڌ جي ڳوٺ ڳوٺ ۾، شهر شهر ۾ نام جو پرچار ڪيائين. هزارن بت دلين کي نام جي امرت سان شاد ۽ آباد ڪيائين. منهنجا پيارا پاٺرو ۽ پياريون ڀيڻون! اوهان ۾ نام کي ياد ڪريو.

۶ جولاءِ پترڪارن دادا جشن کان ملاقات ورتي. نماشام جو نيايه مندر هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. ڀڄن سندري گيانچنداڻي، پيرٽ ڀشپا ۽ شري للا ڀياري دادا جشن جي آجيان ڪندي چيو ته پيارو دادا جشن جلد ۾ جلد هتي اچي اسانکي سنجيت ڪري. دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته هڪ ٻئي سان مٺو ڳالهايو. پنهنجن نوڪرن، ڀاڙدستن، عزيزن، مترن سان مٺو

ٻار آهيو! اوهان کي مانڪ جنم مليو آهي. مانڪ جنم جو قدر سڃاڻو! مانڪ ٻاڻوا سڦل ڪريو، ٻيو بڌ ٻرابت ڪريو! پيارو دادا اسان کان وڇڙيون ڳالهيون ڪين ٿو گهري. پياري دادا جي سکيا مان ڪو نه ڪو آدرش کڻون ۽ جيون نه اسين پياري دادا جي صدقي اُن آدرش جي ساکي جيون ۾ ڏيندا سين. هر روز ڪجهه نه ڪجهه وقت بچائي نام جو ابياس ڪندا سين. امرت ويلو اجايو ڪين وڃائيندا سين. هميشا جي ڪاڏي کان ٻري رهندا سين. روز ٻکين کي روٽي کارائيندا سين. ننگن کي ڍڪيندا سين. ٻکين کي دانو پاڻي ڏيندا سين. ڪڏهن بيمار کي سنتن جي باڻي پڙهي ٻڌائيندا سين. ڪڏهن وڏن جي سيوا ڪندا سين. پياري دادا جو پيغام، پياري دادا جا پستڪ لوڪن وٽ کڻي ويندا سين.

اڄ توهان چيو ته مهنجا ست سال پورا ٿيا. چوندا آهن ته ست نه ڪٽ لت! مان ٻاڻ کي ست جو ڪين ٿو سمجهان. مان نه انهن سمجهندو آهيان نه اهڙي چوڪر آهيان جو ٻهڙن ٻهڙن اچي پياري دادا جي چرڻن ۾ شرڻ ورتي هئم. ست جو ٻاڻ کي ڪين ٿو سمجهان، انڪري لت جي ضرورت ڪين اٿم. ٻو بيشڪ هڪ لت ٻاڻ وٽ رکندو آهيان. ان لت سان وري وري ٻاڻ کي ڏڪ هڻندو آهيان ۽ ٻاڻ کي سمجهائيندو آهيان ته هميشه ٻرڀوءَ ڏي مک رک. اڄ پياري دادا جو مٺو اپديش ٻڌو سين. پياري دادا چيو ”ڀڪتي ڪريو، ٻرڀوءَ جي پيار ۾ ڪريو!“ ’جو ڪجهه ڪريو سو ٻرڀوءَ جي رنگ.‘ انهن ٿورڻ اکرن ۾ آهي سچي زندگيءَ جو نقشو چٽيل. ڀڪتي ڪريون شل ڪريون ٻرڀوءَ جي صدقي. انهن چيو ”تو لو واسطي! لو واسطي!“

٥ آگسٽ چنڇر ڏينهن پيارو دادا جشن لوناوالا روانو ٿيو.

جيون جون ڀرپور ڦلدائڪ ڳالهيون ٻڌايون.

نماشام جي ستسنگ ۾ دادا گنگارام ساڄنداس، دادا هوتچند آڏواڻي، پياري دادا جشن بابت مٺا لفظ چيا. پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته گروءَ جي ڪمل چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو. اوهان پيارن ۽ داس لاءِ دعا پنان ٿو. توهان پياري دادل شاهه جي هن داس کي اڄ ڪيڏيون پيتائون ڏنيون آهن. مان اهي پيتائون پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي چرڻن ۾ ڀيٽ رکان ٿو ۽ پاڻ گنگارام کي عرض ڪريان ٿو ته انهن پيتائن سان پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن ڳوٺڙيءَ جو آرنڀ ڪيو وڃي. اوهانجا ڪيڏا نه قرب آهن. اوهان مان اڪ اڪ جو شڪرگذار آهيان.

مهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀينرون! آسمس ڪندا ته شل ٻوٽين پساهه تائين پنهنجي گروءَ، مٺي مرشد، پياري دادا جو اڪ نوڪر ٿي رهان. اڪ خدمتگار! پياري دادا جي ستسنگ جو، سيڌي ڀڳت جو اڪ خادم ٿي رهان. شل سچائيءَ سان، نِرٿس سان، محبت سان، اوهان سڀن جي سيوا ڪريان ۽ ٻئ سان هلي پار پهچان. نانڪ ڀت سيتي گهر جاءِ! شل اڻين ته نٿي جو اُت وڃان ۽ مالڪ چون ته ڪميٽيءَ مان ڪجهه ڪين ٿيو. ايندڙ سال پياري دادا جي جنمشتابديءَ جو سال آهي. جيڪر پياري دادا جي جنم شتابدي نه فقط پونا ۾، پر ڀارت جي مکيه شهرن ۾ ۽ ولايت جي ملڪن ۾ اُتساهه سان ملهائي وڃي. پياري دادا جو اسان مان هڪ هڪ تي قرض آهي. ستل هناسين، غفلت ۾ غلطان، وسر ۾ وڃايل. پياري دادا اچي سجاڳ ڪيو. آسماني اکين سان اچي پياري نهاريو ۽ پنهنجي مٺي آواز ۾ پڪاريو 'پاڻ سڃاڻو! پاڻ سڃاڻو!' اوهين ٻوليءَ جا ڪينان ڪين آهيو. اوهين ٻولوءَ جي سنتان آهيو! گوبند جا

۾ ڪين ٿي آيو ۽ شيشي ۾ موچن جو پاڇو ڏسي ور ور اُن کي ڇهڻ ٿي هليائين ته سندس ڇهڻ شيشي کي پئي لڳي. وري وري ڇهڻ شيشي سان اڳڙ ڪري ڇهڻ مان رت وهڻ لڳو ته طوطي ڇڏيو ڪين، پئي ڪوشش ڪيائين ته موچ کاوان. ائين ڪندي ساڻو ٿي ڪري پيو ۽ مري ويو! انسان مان به ڪيترن جي طوطي جهڙي حالت آهي. پاڇن پٺيان ڊوڙون پائي، سهڪي سهڪي دم ڏيون ٿا. اموليه منش جنم ويرٿ وڃايون ٿا. پئسو پدارٿ، لک ڪروڙ، ڏنڊا، عهدا سڀ اڙو پاڇا. هڪ نام اڙو سَت. پرڀو آهي ست چت آنند روپ، اُن جي اوٽ وٺو!

۱۹ سيپٽمبر منگل شام جو ڪي. سي. ڪاليج هال ۾ پوڄ دادا جن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته پرڀوءَ مان صدق نه وڃايو. صدق جا سپاهي ئي پرڀوءَ جي راهه ۾ اڳتي وڌو. هڪ شاهوڪار ڀيڻ گهر ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جو سندر مندر ٺهرايو. هر روز ان مندر ۾ پوڄا اُپاسنا ۽ ڌيان ڪندي هئي. هڪ دفعي سندس سڪيلڌو پٽ ڏاڍو بيمار ٿي پيو. هن پٽ جي صحت لاءِ پرارٿنا ڪئي مگر سندس ٻار جو پکيئڙو پرواز ڪري ويو! هن ڀيڻ جو صدق ٽٽي پيو. چوڻ لڳي: "شري ڪرشن! توکي اڄ کان مون ڇڏيو. مان اڳتي تنهنجي پوڄا ڪين ڪندس. مون توکي سڪيلڌي پٽ لاءِ هيڏي پرارٿنا ڪئي. تو منهنجي پرارٿنا ڪين ٻڌي!" اهو سچو پيار ڪين آهي. اها ته دڪانداري آهي، ڏي وٺ جو حساب آهي. مان تنهنجي ڀڳتي ڪندس تون منهنجي پٽ کي ٺيڪ ڪر. جي تون ائين نه ڪندين ته مان تنهنجو سمرڻ ڪين ڪندس. سچي پيار وارو انسان پنهنجي محبوب جي رضا ۾ راضي رهي ٿو.

لوڪي ڪانئون سي ٿي پيار، اوري قولون سي ٿي پيار.

آئي دادا چار ڏينهن ٻوڪرنيءَ جي گود ۾ گذاريا. آرتوار ٦ آگسٽ صبوح جو ١١ بجي دادا جشن شهاڻي هاليبدي هوم ۾ روح رهاڻ ڪئي ۽ رات جو پڻ ننڍڙو اپديش ڏنو. منگل ڏينهن داداجن پونا واپس وريا.

١٧ سيپٽمبر پيارو دادا جشن سنگت سان گڏ بمبئيءَ روانو ٿيو. ڪلاٿ مرچنٽ ائسوسيئيشن پاڻيا واڙي ڪالباديويءَ ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو. داداجن اُتي پرچن ڪندي چيو ته اسين هن سنسار ۾ آيا آهيون سچ جو سودو ڪرڻ واسطي، نام جو بيدارت ڪنو ڪرڻ لاءِ، پر هت ڪيڙن ۽ پين واپارن ۾ رُڌل ٿي، سچي سودي کي وساري ڇڏيو آهي. اسانجي سچي پونجي آهن اسانجا پراڻ، اسانجا سواس. ڪيئن نه اجاين ڳالهين ۾ پنهنجا امولهه سواس گنوايون ٿا! ڏينهن رات ۾ ٢٤ هزار سواس لاهيون چاڙهيون ٿا. سواس سواس سان نام اُچاريون. سواس جي پونجيءَ کي سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦل ڪريون.

نماشام جو نيج ٿانو ڪار ۾ دادا جشن اپديش ڏنو. ١٨ سيپٽمبر سنڌيا جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ اپديش شروع ڪندي داداجن چيو ته اڄ هڪ منٽ لاءِ پولوءَ در پرارٿنا ڪريون انهن پارهن هزار پيارن لاءِ جي ايران (طهران) ۾ اجل جو شڪار ٿيا آهن. اهي به اسانجا پاڻ پيهو آهن، ڇو ته انسان ذات هڪ ڪٽنب آهي. اسين سڀ هڪ پوار جا آهيون.

پرارٿنا بعد دادا جشن چيو ته اسين پاڇن پنيان ٻيا دوڙون! پياري دادا ور ور چيو ته پاڇن کي پڪڙي سگهندا ڪين، جي ڪوشش به ڪندا ته ٿڪا ڪانيدا. ان ڪري پوئوءَ جا چون پڪڙيو. رج ۾ هوڻ وانگر سهڪي پراڻ ڏيندا. انهن ته ڪيو. هڪ طوطو پڃري ۾ باند هو. پڃري جي ٻاهران مرچن جا ڏونا هئا. طوطي چاهيو ٿي ته مرچ کاوان. ڪمس ڪمڪو ڏڪڻ

اسٽيشن تي سؤن ماڻهن دادا جن جو هارن سان سواگت ڪيو. دادا جن اتي شري ٽانورداس ڏنواڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. آرتوار شام جو يوٿس ڪانفرنس ۾ ڀاڱيدارن دادا جن کان ڪي سوال پڇيا ۽ دادا جن کين انهن جا جواب ڏنا. ٢٥ سيپٽمبر سنڌي ڌرمشالا ڪالا محل ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پنچائت طرفان دادا جن جو آدر ستڪار ڪيو ويو. ديال آشا پرڻ ٻوڏ سهائتا سنبند ۾ آگري ۾ آيل هو، انهن ٻڌ دادا جن جي آجيان ۾ گيت ڳايو.
دادا جن اپديش ڪندي چيو ته هڪ هڪ سچو گرو شش کي سجاڳ ڪري ٿو ۽ کيس چوي ٿو، ”پيارا! هي سڀ اَنيتي ٿيا. هي پنهنجو پدارٿ، هي مان شان وڏائي، سڀ اَنيتي ڏوڙ، اَنيتي ٿيا. جيون جو لڪشه پدارٿ، پرم پدارٿ اَنيتي اِڪ ٻي چيز. ان چيز وٺڻ جي ڪوشش ڪر! ”ڪيئن وٺان گرديو؟“ شش پڇي ٿو ۽ جڏهن گرو ڏسي ٿو ۽ شش جي دل اندر اونهي اڪير پيدا ٿي آهي، پوءِ شش کي وٺي هلي ٿو ان راهه ۾، جنهن تان هلي ڪيترن پرم پد پاتو. پيارا، تون به هلي پرم پد پاءِ!

سچي گروءَ جي ضرورت آهي. اسين ڇو ضرورت ڪهڙي؟ پاڻيهي پار پهچي سگهون ٿا. هڪ ماڻهوءَ چيو، مان موٽر هلائڻ پاڻيهي ٿو سکان. مون ڏٺو آهي منهنجا دوست ڪيئن هلائيندا آهن. موٽر هلائي ٿو. پهرئين ئي دفعي سان هڪ بار کي ڇهي وڃي ٿو. ٻريڪ لڳائڻ کيس وسري وڃي ٿي. رواجي موٽر هلائڻ لاءِ سيکاريندڙ کپي ته روحاني موٽر هلائڻ لاءِ ته وڌيڪ ضرورت آهي، ڇو ته ان راهه ۾ جيڪي رنڊڪون اچن ٿيون، ان جي خبر اسان کي ڪين آهي. ڪو گرو کپي.

شيام سندر آهي سچو گرو. سچي گروءَ سان اسين

انڪري ڪڏهن به ٻئيءَ مان صدق نه وڃايو. شردا ۽
وشواس سان ڀڳت ڀڄن ڪريو.

٢٠ سيپٽمبر کو مندر شيام نواس ۾ داداجن پروچن ڪيو.
٢١ سيپٽمبر دادا جن سنگت سميت گواليار روانا ٿيا. ٢٢ سيپٽمبر
مڌهند جو داداجن گواليار ۾ پهتا. سؤن صدقين داداجن جو
سواگت ڪيو. شام جو پترڪارن دادا جن کان ملاقات ورتي.
٢٣ سيپٽمبر صبوح جو سنڌي ڌرمشالا ۾ ستسنگ جو آيوجن
ڪيو ويو. دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته ٻلي توهان پنهنجا
ڌنڌا ڌاڙيون ڪريو، نوڪريون ڪريو، پر ٻئيءَ کي نه وساريو ۽
ٻئيءَ جا روپ اٿو ڏاڻ ڏکي لکي پسون، اُنهن جي به سار لهو!
سنت چون ٿا ته غم کائو. جيون جي روز جي ڪم ڪار ۾،
وهنوار ۾ اهڙا وقت اچن ٿا، جڏهن وقت انسان کي ڪاوڙ لڳي
ٿي. هؤ ڪروڌ ۾ ٻڏجي وڃي ٿو. دادل شاهه اسان مان هڪ هڪ
کي هيءُ سکيا ڏئي ٿو "اي پيارا ٻالڪ، اي منهنجي پٽ! جي
توهين روحاني راهه ۾ هلڻ ٿا چاهيو ته غم کائڻ سکو. نه پاڻ
وڏن کان، پر ننڍن نماڻن کان، پنهنجي زبردستن کان، پنهنجن
نوڪرن چاڪرن کان. ڪو به توهان سان اڻٺو هلي ته غم کائي
وڃو. اڄ کان ئي اهو ساڌن جيون ۾ عمل ۾ آڻيو.

ستسنگ بعد دادا جن کان سفيد پوش پيرن کي چادرون
۽ روڪ سهائتا ڏياري وئي. ان بعد داداجن سنڌ آدرش ٻال
مندر ۾ پڌاريا. اُت ٻالڪن ۽ اڌياپڪن کي آسيس ڏيندي
چيائون ته سنڌي ٻوليءَ کي نه وساريو. نما شام جو پڻ دادا جن
اُپديش ڪندي چيو ته پاڻ ۾ ايڪتا ۾ رهي سنڌي قوم جو
شان بلند ڪريو، دکين دريدرن جي سيوا ڪريو ۽ نام کي
نه وساريو.

٢٤ سيپٽمبر دادا جن گواليار مان آگري روانا ٿيا. آگري

سونهن سيوا سادگيءَ جي ساکي ڏيو.

۲۹ سيپٽمبر منگل شام جو آگري ميونسپل هال ۾ دادا جشن 'توهين اڪيلا ڪين آهيو' وشيه تي انگريزيءَ ۾ پرائو وياکيان ڏنو. داداجن آگري ۾ ساڌو واسواڻي مشن جو مرڪز کوليو. داداجن کي آگري ۾ جيڪي به ڀيٽائون مليون، سي پياري ٽانورداس کي ڏنائون ته اُتي جي سيوا ڪارين ۾ خرچ ڪري.

۳۰ سيپٽمبر دادا جن ڪانپور ۾ پڌاريا. اُتي دادا جن ڀڳل ڪشور منشاراماڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. گووند پوريءَ ۾ سنڌي سيوڪ سنگهه ڌرمشالا ۾ دادا جن مٺو اُپديش ڏنو ۽ نماشام جو ڪستوربا گرلس اسڪول ۾ داداجن وياکيان ڏنو. ڪانپور مان داداجن لکنوءَ آيا. آرتوار ۱ آڪٽوبر سوامي ٽيئونرام پرم پرڪاش مندر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيل هو. جدا جدا سنستائن طرفان داداجن جو سواگت ڪيو ويو. پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي سوامي ٽيئونرام مهاراجن کي شرڌانجلي ڏني. آرتوار شام جو اميدآباد ۾ ستسنگ جو ڪاريڪرم رکيو ويو. دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته مان اِن نگر جو ٿانءَ آهيان، جنهن ۾ منهنجي گروديو دادل شاهه کي سندر پشپ پوکيا آهن. مهما ڪريو منهنجي مٺي محبوب مرشد دادل شاهه جي.

ساڌو واسواڻيءَ جو ۹۹ جنمدن ۸-۹ آڪٽوبر ساڌو واسواڻي مشن دهليءَ طرفان ملهايو ويو. ۸ آڪٽوبر صبوح جو پٽيل نگر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. اُن موقعي تي دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي ڳالهائيندي چيو ته ستسنگ آهي روح جي روٽي. توهين هر هفتي ۾ هڪ ڏينهن ستسنگ ڪريو ٿا. مان چاهيان ٿو ته هر روز اچي ستسنگ جو لاڀ وٺو. جيئن شريرَ لاءِ اشنان ضروري آهي، تيئن من جي ميل نوارڻ لاءِ ستسنگ ضروري آهي. جي هفتو اشنان نه ڪريو ته بدن ۾

ڪو نہ ڪو نالو جوڙيون. هڪ ھڪ ٻاڻ فيصلو ڪري نہ مان نالو شيام سندر سان رکڻ چاهيان ٿو. وڏيو نہ ڀاءُ جو نالو رکو، ٻالڪ جو پتا يا ماتا سان نالو رکو، نوڪر جو مالڪ سان نالو رکو. شيام! تون منهنجو مالڪ، مان تنهنجو نوڪر ٿي ڪم ڪندس. ڪو نہ ڪو نالو جوڙيو. اهو نالو وڃو وڌيڪ پختو ڪندا، پيار ڏياران، ڀڳتيءَ ڏياران. هڪ سياڻي ڏيهاڙي شيام سندر گروءَ جو روپ وٺي توهان وٽ ايندو. شيام جي روپ سان اسانکي گرو مليو ٿو ۽ جڏهن گروءَ جي ڪرپا ٿئي ٿي، اسانکي شيام سندر جو درشن ملي ٿو.

پياري دادا جا اهي اکر: شيام سندر آهہ منهنجو گرو، اندر ويٺو بين بجائي! هڪ هڪ دل جي اندر ويٺو آهہ. هڪ هڪ دل آهي ڪمل گل. ان ڪمل جا وچ پتا کلندا. جيئن جيون وچي ٿي پوتر ٿيندي. جيئن نرمل پيار جو پرڪاش ٿيندو وڃي ٿو، تيئن ڪنول جا پتا کلن ٿا. پوءِ پشپ ۾ جوت ڏسون ٿا. اها نيلي جوت، جنهن جو اکرن ۾ اظهار ڪرڻ مشڪل آهہ. ان نيلي جوت ۾ ملي ٿو درشن شيام سندر جو. چپن تي چاڙهي مرلي ويٺو اِڪ ٿي گيت ڳائي: آجا! آجا! وشرام پاءِ! منهنجا پيارا! تون ڪيترو نہ ٿڪو آهين، هيٺ مون وٽ اچ! اچي وشرام پاءِ!

سومر شام جو داداجن سوامي ليلاشاهہ گئوشالا ۾ پڌاريا. داداجن اُت اُپديش ڪندي سوامي ليلاشاهہ جي جيون جو ذڪر ڪيو تہ ڪيئن نہ هن ڪرم يوگي سنت سماج سيوا ۽ پروپڪار جا ڪارج ڪيا.

۲۷ سيپٽمبر صبوح جو آگري جي ڪي. سي. انٽر ڪاليج ۾ داداجن وديارٿين ۽ اڌياپڪن اڳيان وياکيان ڪندي چيو تہ زندگيءَ جي امتحان جي تياري ڪريو. جيون ۾ ستيہ سنيم

آهيان، ليڪن تون وٿوري اختيار نہ ڪيم. دادل شاهہ جي ماتا جڏهن ڏينهن پرلوڪ پڌاري، اُن ڏينهن دادل شاهہ تار رستي نوڪريءَ جي استعيفا موڪلي. ڪيس ڪنهن پدارٿ لاءِ ڪابہ ڇڪ ڪانہ هئي.

(۳) مان شان جو ڇڪر: دادل شاهہ مان شان کان پري هو. پاڻکي گرو ڪين سڏائيائين. گدي ڪين لاهيائين. ڪوبہ ڪيس پيرين پوندو هو تہ پهرين پاڻ اُن کي پيرين پوندو هو. ڪوبہ ڀيٽ ڪين لاهيائين.

دادل شاهہ ٻيشڪ نماڻن ۾ نماڻو هو، ان ڪري اسانجي روح جو راڻو هو.

۱۰ نومبر شام جو رنگ پور ۾ دادل شاهہ جي جنمدن اُتسو سنبنڌ ۾ پياري موهن چاٻڙيا جي هدايتڪاريءَ هيٺ، سوامي وويڪانند اسڪول جي ودياٿين دادل شاهہ جي جيون جوت کي جهانڪيون شيڊو پلي جي روپ ۾ منچ تي پيش ڪري متاثر ڪيو. پياري دادا جشن انگريزيءَ ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جا پرورٽاڊائِڪ پرسنگ پڌائيندي چيو تہ پياري دادا جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون. ۱۱ نومبر چيمبور جي منتري ڪالونيءَ ۾ پياري نند گدوانيءَ ستسنگ جو آيوجن ڪيو. دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ ۹۹ سال اڳ اسانجي دلين جو محبوب پيارو دادا ڪارتڪ ايڪادشيءَ جي پوتر ڏينهن پرڀاتہ جو ڇهين بجي الکہ ڌام جي روشني کٽي پرلوڪ لوڪ ڏي پڌاريو. اڪ ٿي آواز اچي اُٿاريائين "جاڳو! جاڳو!" پيارو دادا چوي ٿو "سک ساڳر ۾ آنڪي، مت جائو ري پياسا پياري!" پياسي ٿي هن سنسار مان نہ وڃو، پر نام جو خزانو ڪٺو ڪريو. نام ڌن توهان سان سڳي ساٿي هلندو.

آرتوار ۱۲ نومبر پوڄيہ دادا جشن اُلهاسنگر ۾ پڌاريو.

ڪيڏي نہ بانس ٿي ۽ مونجهہ ٿي. ٿام جل سان روز روح کي اشنان ڪرايو.

نماشام جو لڇمڻ پوڻ ۾ ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. ڀڄن پياري شيوڪرام، ڊاڪٽر گرمکہ لڪاڻي، پياري ڄيٺي لعلواڻي دادل شاهہ جي گيتن جو ورڻن ڪيو. اُن بعد دادا ڄشن دادل شاهہ کي پشپانجلي پيش ڪئي. ۹ آڪٽوبر لڇمڻ پوڻ ۾ دادا ڄشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ڪاريہ تي انگريزيءَ ۾ روشني وڌي. ڀارت سرڪار جي وزير شري لعلڪرشن آڏواڻيءَ صدارتي ڀاشڻ ڪندي دادل شاهہ جي سکيائن جو ذڪر ڪيو.

٨ نومبر پوڄيہ دادا ڄشن بمبئيءَ ۾ پڌاريو. نماشام جو لج ٽانڪ دربار ڪار ۾ داداڄن پروچن ڪيو. ۹ نومبر وسپت ڏينهن شام جو آر. ڪي. انڪيڊمي ڪولابا ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي پياري دادا ڄشن دادل شاهہ کي پشپانجلي ڏيندي چيو تہ اڄ دادل شاهہ جو اُپديش ڪهڙو نہ مٺو ۽ دل ڇهائيندڙ آسان پڌو: "پورڻ پرک ٿيڻ ڏولاني." پيارو دادل بہ پورڻ پرکہ هو. پورڻ پرک اهو، جنهن پرڀوءَ جو درشن ڪيو آهي ۽ الکہ جو اسرار کلي پرڀوءَ تي پڌارجي ٿو. پورڻ پرکہ کي مايا نٿي منجهائي. دادل شاهہ جي اکڙين ۾ نهاريو هو تہ الکہ جو اسرار پيو چمڪندو هو. ڪيئن نہ اڇي پهنجي رحم روشنيءَ سان دکي لوڪن کي نهال ڪيائين. دادل شاهہ مايا جي ٽن چڪرن کان آزاد هو.

(١) پوڄہ چڪر: دادل شاهہ برهمچاري هو. سندس جيون گنگا جل کان وڌيڪ پوتر هئي. سندس حاضريءَ ۾ ويٺو هو تہ انين سمجهہ ۾ ايندو هو جڻ تہ ڪنهن روحاني گنگا ۾ اشنان ڪري رهيا آهيون.

(٢) ڌن دولت جو چڪر: دادل شاهہ وڏا عهدا ماڻيا، جو تہ سندس ماتا ڪانفس پوڻ ورتو هو تہ جيئين مان جهڙي

آڏواڻي، پونا يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسيلر پروفيسر ڏاپولڪر، ڊاڪٽر موديءَ پياري دادل شاهه جي ميران هلچل جي پرشنسا ڪئي. ان موقعي تي پياري دادا جشن چيو ته پياري دادا سادو واسواڻيءَ جو سپنو ساڪار ڪرڻ لاءِ هن پوتر آستان تي بالڪين کي شڌ واتاورڻ ۾ سکيا ڏني ويندي. بالڪين جو انداز ڏن ٻه ڏن وڌندو پيو وڃي، ان خيال کان هت ميران ڪاليج کوليو ويندو، جيئن پياري دادل شاهه جي سکيائن جو سنديش گهڻن دلين تائين پهچائي سگهجي. ميران ڪاليج ۾ بالڪين جي نه صرف پڙهائيءَ ڏانهن ڌيان ڏنو وڃي ٿو، پر سندن مانسڪ ۽ نئتڪ وڪاس ڏانهن لڪ ڏنو وڃي ٿو. روز پرارٿنا سان ڪاريه آرنڀ ٿيندو آهي. پيارو دادا مهان شڪشا شاستري هو. هن وديا جي کيتر ۾ نئين سڄاڳي آڻڻ لاءِ ميران وديا هلچل شروع ڪئي. ان هلچل جي ڏس ۾ هت هي مهان وديا مندر استاپت ڪيو ويندو.

نماشام جي ستسنگ ۾ دادل شاهه جي اپديش کان پوءِ پياري دادا جشن پوڄيه دادل شاهه کي شپانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا جو عجيب درشن هو ڀڳتي يوگ، گيان يوگ، راج يوگ. انهن مارگن تان هلي انسان پرڀوءَ جي پراپتي ڪري ٿو. پر پياري دادا چيو اڪ ٻيو مارگ آهي، جنهن مارگ تان اسان جهڙا معمولي انسان هلي پرميشور کي پائي سگهون ٿا، شيوا مارگ ۽ ان مارگ جو قانون آهي هي هڪڙو: ”غائب ڏس تون غريبن ۾!“

هڪ موقعي تي پياري دادا پنهنجي جيون جي ڪن آزمودن جو ذڪر ڪيو ۽ ٻڌايائين ته ڪيئن هڪ وقت پيارو دادا ڀاڳ تلاش ۾ نڪتو. هڪ ئي سوال سندس دل جي اندر: ”ڪهان هءِ؟ ڪهان هءِ؟ ڪرشن ڪنهيا ڪهان هءِ؟“ انهن

اُت ساڌو واسواڻي باغ ۾ دادل شاھ جو ٩٩ جنمڏڻ اُتسو ملهايو ويو. ديال آشا، ڊاڪٽر ڌرمداس لڪاڻي ۽ ٻين دادا جن جو سواگت ڪندي ساڌو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪيو. ٻوجهه دادا جشن واسواڻيءَ دادا ساڌو واسواڻيءَ کي ڀيٽانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا ور ور پڪاريو ”جاڳو! جاڳو!“ اسان مان ڪيترا دنيوي ڀوڳن عيش عشرت ۽ وهنوار جي نشي ۾ چُور آهن. پيارو دادا سن ١٩١٠ع ۾ وشو ڌرم ڪانفرنس ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ ولايت ويو. وڃڻ وقت پياري دادا کي سندس هڪ مترُ چيو ”مهرباني ڪري منهنجو هڪ ڪم ڪجو. منهنجو پٽ ولايت ۾ پڙهڻ ويو آهي. پهرين خط پٽ لکندو هو پر گذريل ڇهن مهينن کان هن خط پٽ ڪين لکيو آهي. تون اُن سان ملي اسانکي احوال لکجو. هيءَ اُن جي ائڊريس اٿيئي. دادا جرمنيءَ جو ڪم پورو ڪري لنڊن ۾ آيو ۽ هن ڇوڪر جي ڳولا ڪيائين. گهڻي ڳولها ڪرڻ کانپوءِ اُن نوجوان کي هڪ شراب جي گُٽي تي ويٺل ڏٺائين. ڪيس پنهنجي نيڻن پريم نگاھ سان نهاريندي دادا چيو ”پيارا بالڪ! تون ڪٿي آهين! تو شراب جي نشي ۾ پنهنجي ماتا پتا کي وساري ڇڏيو آهي! تنهنجا مائٽ پيا لوڪي سڏيارين.“ اهو ٻڌي نوجوان جو نشو لٿي ويو. اسين به اُن نوجوان وانگر مايا جي نشي ۾ مالڪ کي وساري ويٺا آهيون، سڌ ٻڌ ڀلائي ويٺا آهيون. شل دادا وانگر ڪو ستپرش اچي اسانکي اُن نشي مان سجاڳ ڪري ۽ اسين اصلي وطن کي ياد ڪريون.

٢٥ نومبر پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ٻوڙ جنمڏڻ موقعي تي صبوح جو پونا جي ڪورياگائون پارڪ ۾ شريمتي رڪمڻي ديوي ارنڊيل ساڌو واسواڻي وديا نگر جو بنياد پٿر وڌو. دادا گنگارام ساجنداس ٻڌايو ته اُهه سيمنٽ مهران ڪالونيءَ جي عمارت ٺهي ويندي. شريمتي رڪمڻي ديوي، دادا هونچند

ايڪانت استل تي هڪ عاليشان جڳهہ ٺهرائي سادو واسواڻي مشن پونا کي ارپڻ ڪئي. ان موقعي تي اُتسو جو آيوجن ڪيو ويو. شري نارائڻداس مياڻيءَ ٽرسٽ جي چيئرمن داداجن جو سواگت ڪيو. دادا هوانچند آڏواڻيءَ چيو ته هن آستان جو نالو سادو واسواڻي آشرم رکيو وڃي ٿو. پوڄيہ دادا جشن ان آشرم جو مهورت ڪندي چيو: مونکي وشواس آهي ته اهڙو ڪو آشرم کلي، جت کي پياسي وقت بہ وقت ڪٿا ٻڌن ۽ جوڳ، ڌيان، سادن ۽ سيوا جي زندگي رهن ۽ پنهنجي آتمڪ شڪتي کولين. پراچين ڀارت جو شان هئا رشين جا آشرم ۽ ڀارت وري اُسرندو جڏهن ڀارت ۾ سچا آشرم کلندا. جت آتمڪ اُنتيءَ تي زور ڏنو ويندو. سنسار هلي ٿو انهن انسانن تي، جن پنهنجي آتمڪ شڪتي کولي آهي. سادو واسواڻي مشن جي سهاري هيٺ پونا ۾ ڪيترائي سندر سيوا جا ڪاريہ هلي رهيا آهن. اسڪول ۽ ڪاليج، ڀنڊارو جت غريبن کي مفت کاڌو ڏنو وڃي ٿو. خيراتي اسپتالون. شانتي سيوا نڪيتن جت ڀينرن کي روزگار جو وسيلو ملي ٿو. سيوا سدن. جيو ڏيا کاتو. پو پياري دادا چيو ته سڀني کان اُتم ڪاريہ آهي آتمڪ آبادي ڪرڻ.

مان شڪرگذار آهيان ايڇ. جي. مياڻي ٽرسٽ وارن جو، جن هي سندر آستان دادل شاهہ کي ارپڻ ڪيو آهي. اڄ دادل شاهہ کي اِها جڳهہ ڏسي سوڪڙي ملي ٿي. منهنجو وچار آهي ته هت هڪ خيراتي اسپتال کولي وڃي، جا ٻارهن ئي مهنا غريب ۽ دکي لوڪن جي سيوا ڪندي رهي ۽ وقت بہ وقت هت پياسي روح اچي آتمڪ زندگيءَ جو اڀياس ڪن. دنيا جا ڪم ڪاريون ڀل ڪريو، ضرور ڪريو! ڪي ڏينهن بچائي سنسار جي شور کان پري ٿي اڪ ٻہ هوءَ کي ياد ڪريو. نام اُچاريو، روح کي رحم جو باطي پيعاريو! ۽ دکين دردن جي سيوا ڪريو، آتمڪ

پياري دادا ٻئي پڪاريو. ورڻي ورڻي سندس ڳلن تان ڳوڙها ٻئي ڳڙيا ۽ وڻ هيٺان پيارو دادا ويٺو هو. نماشام جو وقت هو. سج سونهن ۾ ٻڏي لٿو. اُن وقت پياري دادا هڪ آواز ٻڌو. ڪرشن جو آواز، مرليءَ جو، بنسريءَ جو آواز. ان آواز پڪاريو مان آهيان اُتي، جتي دکين دردمندن جي سيوا ٿئي ٿي شردا ۾، پيار ۾ ۽ محبت ۾. اهو درشن پياري دادا کي مليو ۽ پياري دادا سيکاريو ته جي توهين ڪرشن کي پياري ٻروءَ کي پائڻ چاهيو ٿا ته دکين دردمندن جي سيوا ڪريو. سيوا ڪريو شردا ۾، پيار ۾، محبت ۾. ائين نه ته توهين مٿن مهرباني ڪريو ٿا، پر سمجهو ته هُو اوهان تي مهرباني ڪن ٿا، ڇو ته هُو توهانکي وجهه ڏين ٿا سيوا ڪرڻ جو ۽ پنهنجو مانک جنم سڦل ڪرڻ جو. انڪري پياري دادا چيو، "غريب ڏس تون غريبن ۾." سندن لون خاڪ لڳڻ تي لڳاءِ. "تي نوڪر ٿوري ليکهن دا." اهي غريب آهن ستگرو جون مورتون. اهي دکي دردمند، دين آهن ڪرشن جون مورتون. ڪرشن جو آهي غائب. ڪرشن اهي روپ ڌاري اسان وٽ اچي ٿو، اسانجو امتحان وٺڻ واسطي، اسين مندر ۾ وڃي ڪرشن جي پوڄا ڪريون ٿا. پوءِ رستي تي اچون ٿا. ڪرشن اسانکي ملي ڪنهن غريب، ڪنهن دکيءَ جي روپ ۾. اسين اُن سان ٺڪو ڳالهايون، اُنکي اسين چئون تون هٽي وڃ. اسان جي پوڄا جا مندر ۾ ڪنهن سا ڪهڙي ڪم جي؟ انڪري دکين دردمندن جي سيوا ڪريو پيار سان. پکين پسن کي به پيار ڏيو. پياري دادا ڪيئن نه ٻگدامن کي پيار ڏنو، جيئو ديا جي جوت جڳائي هزارن پکين پسن کي جيئندان ڏنو. اوهين به جيون ۾ جيئو ديا ۽ پريم جي جوت جڳايو. نام ڳايو! نام ڌيايو! پريم سک پايو!

٢٦ نومبر ممبئيءَ جي اين. جي. ميانٽي نوسٽ ڪنڊالا ۾

وڌي ويو. هينئر پياس لڳي اٿم. اُن وقت هڪ ڀاءُ چيو ته مان ڊوڙي وڃي ٿو پاڻي پري اچان. ڀاءُ ويو، نهاريندي نهاريندي اڌ ڪلاڪ گذري ويو ته ڀاءُ نه موٽيو. پيارو دادا پنڌ ڪري واپس ئي موٽيو ته رستي تي ڏسي ته هي ڀاءُ هڪ ميڙ ۾ بيٺو آهي، جتي باندرن جو ناچ پئي ٿيو. ڀاءُ اسانکي ڏسي ڏاڍو ڪڪو وڪو ٿي ويو. پڇيو واپس نه هينئري ڊپ جو لڳايئه؟ چيائين ”پاڻي ڪٿي پئي آيس ته رستي تي هي باندرن جو ناچ ڏٺم. ڇهن منٽ ۾ ڏسي پاڻي ڪٿي ٿو وڃان. پو پيئس ته اوهان وٽ اچڻ ٿي پئجي ويس! اسانجي حالت ۾ اهڙي اٿو! پيو گھوري ٿو پياس جو پاڻي. اسين هٽ باندرن جي بازار ۾ پئجي وڃون ٿا، مايا جي مهاڄار ۾ اٽڪي پئون ٿا. مارئي سياڻي، جنهن محلاس کي ٺڳڪنا ڪيو. ڪڏ ٿي تهڙي ۾ پنهنجي ملڪ ملير لاءِ پئي پڪاريائين:

واجھائي وطن کي آءُ ساري ڏينهن ساهه،
پٽ منهنجو پنڌ ۾ قيد م ڪريجاهه!
پوڙ پاڻي پوئن ريءَ ڏار م ڌريجاهه،
ٿڌي وسانج ٿر جي مٽي مٿيءَ مٿانهه،
جي پوئون ٿيم پساهه، ته نجانءِ مڙهه ملير ڏي.

شل اهڙي پياس، اهڙي اُڪير، اسانجي اکڙين ۾ ٿئي پنهنجي ڏيهه گھر لاءِ. اباڻن جي اُڪير ئي راليان ڏينهان روئاري! شل اڪ ڏينهن پوءتر وٽ پهچائي.

۹ ڊسمبر ڇنڇر صبوح جو ڀائو انمچند ميرچندائيءَ جي گھر ستسنگ ٿيو. اُتي دادا جشن روح رهاڻ ڪندي ڪيترن پوئمين جي شعڪالن جو سماڌان ڪيو. نماشام جو حيدرآباد جي هيرا هال ۾ پياري دادا ساڌو واسوائيءَ جو جنمڏين اُتسو ملهايو ويو. ڳرو مندر جي پوڙهپڻت پوجيه دادا جشن کي ڏهه هزار روپين

شڪتي کوليو! سک، ساگر مان پياسي ٿي نه وڃو. آتمڪ زندگيءَ جي انسان جون ٽي نشانيون آهن: (١) اهو انسان دل جي اونهائيءَ منجهان پرارٿنا ڪري ٿو. دل جي اندر ويٺل محبوب کي پسي ٿو، ان سان گفتگو ڪري ٿو. (٢) اهو پاڻ کي خالي ڪري ٿو ۽ ڀڳوان جي شڪتيءَ جو واهڻ ٿئي ٿو. اهڙي هڪ انسان دواران ڀڳوان جا ڪتو ڪري سگهي. هڪ پياري دادا جي دواران ڀڳوان ڪيڏا نه سڪرت جا ڪارج ڪيا! (٣) اهڙي انسان جو چت هميشه دک ۽ سک ۾، ساک ۽ نندا ۾، نفعي ۽ نقصان ۾، صحت ۽ بيماريءَ ۾ شانت ۾ رهي ٿو. اهو انسان ڏولائمان نٿو ٿئي. هڪ هڪ پانڌيئڙي لاءِ ضروري آهن: (١) پوترتا، جيستائين اسانجي جيون پوتر نه ٿي آهي، اسانجي سڀ ڪمائي ڪن ۾ چٽ ٿي ويئي ٿي. (٢) پياس، سڪ، اڪير، جا پل پل پيئي پڪاري: "ڀڳو، مونکي ڪيئن اڪ تون ٿي تون! اڪ تون ٿي تون! تو بن ٻيو نا ڪيپي!" اها پياس آهي آتمڪ زندگيءَ جو روح. (٣) سانت ۽ ڌيان. (٤) ديا. شل هن سندر آستان ٽي يارت جي رشين جي روشني چمڪي ۽ ڪيترن دلين کي نئون ڪري.

٨ ڊسمبر صبوح جو سڪندرآباد جي ڪميونٽي هال ۾ پياري دادا پروچن ڪيو. ٽما شام جو ييڻ اوڙنا پاوناٽيءَ جي پوار ستسنگ جو آيوجن ڪيو. ٿورن ڪکي رليا واسواڻيءَ ۽ پوفيسر نرملا جوتواڻيءَ پياري دادل شاهه جا ڀڄن ڳايا. شري نڙري گرنٿ جي وچن بعد پياري دادا جڏهن آپديش ڪندي چيو ته ماتا جي پريم ۾ اسان واليءَ کي وساري ونا آهيون. انڪري نج گهر جي يادگيري رکو، سڪند جي سمرتي رکو.

ڪراچيءَ ۾ هڪ ڏينهن پياري دادا نڪريءَ ٽي پيد پڻي ڪيو. پياري دادا چيو ته مونکي نڪرڻ وقت پاڻي پيئڻ

پيا ۽ ۱۱ ڊسمبر مدراس پهتا. اسٽيشن تي ڪيترن ئي پريمين دادا جن جو سواگت ڪيو. اتي دادا جن پياري پرشوتمداس پوجواڻيءَ جي جاءِ تي رهيا. ان ڏينهن هڪ ننڍڙو ستسنگ ٿيو. شري نوري گرنٿ مان وچن آيو:

هجان شال هردم، تنهنجي حضور ۾،
رهان روز روشن، تنهنجي نرمل نور ۾.

پياري دادا جن اپديش ڪندي چيو ته اڄ اهو نرمل منتر پاڻ سان کڻي وڃو. مون کان گهڻئي پڇندا آهن ته ڪو سولو سادو ڏس، جيئن وشيه کان بچيل رهون. سؤلي ۾ سؤلو سادو آهي هيءُ ته هردم حاڪم جي حضور ۾ رهون! پرڀو اسان کان پري ڪين آهي. پراڻن کان به وڌيڪ نزديڪ آهي. شل هن جي حضور ۾ رهون! پرڀوءَ جي نور ۾ پيا مشڪندا رهون. اڄ جيڪر وري وري دل جي اندر پياري دادا جا اهي نرمل اکر اچاريون.

سوير شام جو سنڌي ڌرمشالا ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شري رامچند مٽراداس دادا جن جو سواگت ڪيو. پياري دادا جن اپديش ڪندي چيو ته ناپاڪ نظر سان ڪڏهن ڏسي نه نهاريو. ڪوڙ کان ڪنارو ڪريو. پرنندا کان پري رهو، ڏکين ٻکين جي سيوا ڪريو.

۱۲ ڊسمبر منگل صبوح جو شانتي نڪيتن سوسائٽيءَ جي ايوان ۾ پياري دادا جن مٺو اپديش ڏنو. شام جو سنڌو سدن ۾ ڪيترن پريمين دادا جن کان سوال پڇيا ۽ دادا جن ڪين تن جواب ڏنا. ان بعد صوفي در تي دادا جن سنت بابا نيچراج جي جيون تي روشني وڌي. ۱۳، ۱۴، ۱۵ ڊسمبر دادا جن مدراس ۾ جدا جدا آستانن تي انگريزيءَ ۾ واکيان ڏنا. ۱۴ ڊسمبر جي آلس جو سڀاپتي شري پرڀوداس پٽواري مدراس جو گورنر هو، جو دادا جن جو پروچن ٻڌي ڏاڍو پرڀاوت ٿيو. شري پرڀوداس

جي ڳوٺڙي پيٽ ڪٽي. داداڄن ان ۾ هڪ هزار روپيا پنهنجا وجهي ڇڏيا ڳوٺڙي کين حيدرآباد جي ساڌو واسواڻي مشن جي سيوا ڪارڻ لاءِ واپس ڪندي، دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ۾ روشني وجهندي چيو ته نام کي نه وساريو. غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي سمرن ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪريو. اڄ پياري دادا جي ٻاڻي ٽوڙي ڪرنٽ مان ڪهڙو نه مٺو وچن آيو:

ننڊ ننڊي نوڙي دنيا ساري،
وسرو جي وهنوار وچاري،
جڳ سارو سپنو جاڳو! جاڳو!
اکين جهڙن اوجاڳو، سوئي سياڻو!

سوئي نصيبن وارو آهي جو اوديا اگيان جي ننڊ مان سجاڳ ٿي سائينءَ جو سمرڻ ڪري ٿو. ڀاڳشالي اهي کين آهن جن کي لک ڪروڙ آهن، بدگلا ماڻهون آهن، پر سوئي سياڻو جو نام ڌن کٽو ڪري ٿو.

۱۰ ڊسمبر آرتوار صبوح جو هيرا هال ۾ گيتا جينتي ۽ شانتي يگيه ستبت ۾ ستسنگ ٿيو. ان موقعي تي پياري دادا جشن چيو ته گيتا جي سکيا آهي ته پنهنجي جيون کي گيت بڻايو. ان لاءِ جيڪر هي ٽي ڳالهيون ڪريو: ڀڳوان ڀڳتيءَ سان ڪو نه ڪو ناتو جوڙيو. پنهنجي روز به روز جي ڪم ڪار ۾ اهو ناتو وچو وڌيڪ پختو ڪندا. ٻيو هر حال ۾ راضي رهو. ٽيو ته مهنجي جيون جي گاڏي پرڀو پاڻ ويٺو هلائي، پوءِ مونکي ڪهڙي چنتا! ٽيون سيوا ڪريو. ڏکين ڏکين ۽ پکين پسن جي سيوا ڪريو. شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو "جيڪو فقط پنهنجي لاءِ ٿو رڌي، آهي سو ته چور." انڪري چور نه ٿيو. ونڊيو ورهايو. ڏکي لوڪن جي خدمت ڪريو.

۱۰ ڊسمبر شام جو دادا جشن سنگت سان گڏ مدراس روانا

اِي ته مان مندر جي نهرائڻ ۾ ڪجهه ڏيان. ڪيس ڪجهه ڪين هو. ٻيو جو ڪيس فقط ڳاڙهو ۽ رهڻ جي ڪوٺي هئي. پگهار ڪيس ڪين ملندو هو. سندس وار بلڪل سنڌر هئا. پنهنجا سونهري وار لهرائي وڪيائين ۽ اُن مان جيڪي پئسا مليس، سي مندر جي نهرائڻ ۾ ڏنائين. ٻاٻوءَ جي قدمن ۾ اُهي قبول پيا. جڏهن مندر جو مهورت ٿيو، تڏهن جڏهن سٽپرڪ مهورت ڪيو، اُن ڇيو ته رات جو سپني ۾ ٻاٻوءَ کيس ٻڌايو ته هي مندر ٺهرايو آهي نه راجا، نه اُن نوڪرياڻيءَ، جنهن پنهنجن وارن جي قرباني ڪئي. جيڪو ڪم ڪريون، شل ٻاٻوءَ کي ارپڻ ڪريون ۽ چئون، ٻاٻو! سڀ تو واسطي، تو واسطي! شري ڪرشن ارجن کي گيتا ۾ سکيا ڏني ٿو ته سڀ ڪجهه مونکي ارپڻ ڪر! اسين به پنهنجو سڀ ڪم ڪار ٻاٻوءَ کي ارپڻ ڪريون. جيڪو به ڪم ڪريون، سو چئون: ”ٻاٻو! تو واسطي! تو واسطي!“

هڪ هوشيار ڪرڪيٽ کيلاري پنهنجي سورداس پتا کي ڪرڪيٽ ميدان تي وٺي ويندو هو. پتا تاڙين جي آواز تي پڇندو هو ته ڪڏهن باؤنڊري هئي ۽ جڏهن کيس ٻڌائيندا هئا ته تنهنجي پٽ باؤنڊري هنئي ته ڏاڍو خوش ٿيندو هو. اوچتو پتا گذاري ويو. ان جي ٻئي ڏينهن هي کيڏاري اهڙي ته سٺي راند کيڏي ٿو، جو سڀ عجب ۾ پون ٿا. کيڏاريءَ کان پڇن ٿا ته ”ڪلهه تنهنجو پتا گذاري ويو ۽ اڄ تو اهڙي سٺي راند ڪيئن ڪئي؟“ چوي ٿو: ”ڪلهه تائين منهنجو پتا ڏسي نٿي سگهيو. اڄ ٿي پهريون ڏينهن آهي، جو روحاني دنيا مان ويٺو ڏسي! ان ڪري مون تمام سٺيءَ طرح راند ڪئي.“

شل اسين به ان وشواس ۾ وڌون ته ٻاٻو اسانجو پتا آهه ۽ ويٺو اسانکي ڏسي. شل اسين به جيون جي راند سٺيءَ طرح کيڏيون، جيئن ٻاٻو ڏسي خوش ٿئي. ٻاٻوءَ جي حاضري هردم

پڌاريءَ دادا جشن کي راڄ ڀون ۾ اچڻ لاءِ نمنڊڻ ڏنو. ١٥ ڊسمبر دادا جشن راڄ ڀون ۾ ويو. گورنر شري ڀڳوداس داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن اُهو ننڍڙو مٺو اُپديش ڏنو. ١٥ ڊسمبر شام جي اُتسو جو سڀاپتي شري ارنگ ناٽڪ وديا ڪاني جو وزير هو. پياري دادا جشن ’نئين تعليم جو آواز‘ وشيه تي انگريزيءَ ۾ ودوتا ڀريو ڀاشڻ ڪيو. ١٦ ڊسمبر داداجن سنڌي ماڊل اسڪول ۾ پڌاريا. اُتي داداجن اپيل ڪئي ته سنڌي ٻارن کي سنڌي ٻولي ضرور سيکاريو. ڇنڇر شام جو سنڌي دربار ۾ داداجن پروچن ڪيو. ١٧ ڊسمبر آرتوار صبوح جو سنڌي هندو مدبل طوفان ساڌو واسواڻيءَ جو ٩٩ جنمڏن اتسو ملهايو ويو. پياري دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته ڪيترا سال اڳ پيارو دادا هت مدراس ۾ آيو ۽ اچي پنهنجي رحم ليلا لڳايا نين. دادا جا ڪيترا انگريزي پستڪ ’گڻيش اينڊ ڪمپني‘ ڇپائي شايع ڪيا ۽ ڀارت جي ڪنڊ ڪڙڇ ۽ دنيا جي ملڪن ۾ پهچايا. پيارو دادا ڏکي لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ انساني جامو پهري ڌرتي لوڪ تي پڌاريو ۽ اچي پريم جل پيئاريائين. شل اسين به اهو پريم جل پي جيون سڦل ڪريون.

١٨ ڊسمبر صبوح جو پيارو دادا جشن بنگلور ۾ پڌاريو. تنهن شام جو دادا امر جي آستان تي دادا جشن مٺو اپديش ڏنو. ١٩ ڊسمبر گيتا ڪلاس جي اتسو ۾ دادا جشن گيتا جي سکيا بابت ڳالهايو. ٢٠-٢١ ڊسمبر پنچايت هال ۾ ستسنگ ٿيو. شري ويرانداس داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن اپديش ڪندي چيو ته ٻارڙن کي وڏيون ڳالهيون ڪين ڪرڻ. ٻارڙن کي ڪين ننڍڙيون قربانيون، ننڍڙيون سوکڙيون، جي دل جي پيار ۾ ڏيون ٿا. جپان جي راجا هڪ مندر ٺهرايو. هڪ نوڪرياڻيءَ جي دل

دادا ساڌو واسواڻي پريم ۽ دَيا جو اوتار هو. اڄ دنيا ۾ ڪيڏي هنسا ٿي رهي آهي. روز هزارن جيون کي ماريو وڃي ٿو. اڄ اوهان جي چرنن ۾ اپيل ڪريان ٿو ته هنسا جي ڪاڏي کان ٻري رهو. جي سکي رهڻ چاهيو ٿا ته ٻين کي سکي ڪريو. اهو قدرت جو قانون اٿو. نوري گرنٿ مان اڄ ڪهڙو نه مٺو وچن آيو:

سڀئي جيو پراڻي، ٿين شل سکي،
متان ڪڏهن ڪنهن کي ڪرين اون دکي.

منهنجا پيارا ٻارڙو ۽ پياريون ڀينرون! سڀني وشو جي ڪلياڻ جي ڀاونا ڪريو، ان ۾ ئي اوهانجو سک سمايل آهي.

٤ جنوري داداجن پونا ميران يوميءَ ۾ واپس آيا.

پونا جي ميران يوميءَ ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ورسي اُتسؤ ١٢ جنوري ١٩٧٩ کان آرنڀ ٿيو. ١٢ جنوري ميران ڪاليج ۾ ڪاليج جي ٻالڪن جدا جدا ڀاشائن ۾ دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏني ۽ دکين جي شيوا لاءِ کي پيٽائون پياري دادا جشن جي چرنن ۾ ڀيٽ رکيون. ان موقعي تي دادا جشن پياري دادل شاهه جي جيون جا ڪي پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌائيندي ٻالڪن ۾ نئون اُتساهه پيدا ڪيو. ٿما شام جو شانتي ڪنج ۾ ورسي اُتسؤ ملهايو ويو. اُت پياري دادا جشن مٺو اُپديش ڏنو. ١٣ جنوري ڇنڇر صبوح جو ميران هاءِ اسڪول طرفان ورسي اُتسؤ ملهايو ويو. داداجن وديارٿين کي دادل شاهه جي وديارٿي جيون جا ڪي ورق ٻڌائيندي سکيا ڏني ته هڪ ٻئي کي مدد ڪريو. سهانڀولي ۽ سنيهه ڌاريو ۽ دَيا جا ديپڪ ٻاريو! آرتوار ١٤ جنوري صبوح جو داداجن مٺو اپديش ڏنو. ١٥ جنوري ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان ورسي ملهائي وئي. دادا جشن وديارٿين کي اپديش ڪندي چيو ته هڪ ٻئي

محسوس ڪريون. پنهنجي جيون سچ ۽ پيار ۾ ٻڌون. پنهنجي جيون ۾ دنيا جي جوت جڳايون. شيوا ڪرم ڪندا رهون. ڪنهن وقت به ڪال اچي، اُن کان اڳ دليون پريم سان ڀريون. هن ڀار پنهنجي آتم وٽ پهچي، پنهنجي درلڀ ديهه، مانک جنم جي ياترا سڦل ڪريون!

۲۳ ڊسمبر صبوح جو پياري دادا جشن سڌي ڪالونيءَ ۾ ۽ شام جو پئڊڪورس شيوا سمتي دربار ۾ اپديش ڏنو. آرتوار ۲۴ ڊسمبر دادا جن بنگلور مان مئسور ۾ آيا. اُتي شام جو دادا جشن رامڪرشن انسٽيٽيوٽ ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. مئسور مان دادا جن اوٽيءَ روانا ٿيا. اوٽيءَ ۾ دادا جن گهڻو وقت سانت ۽ ايڪانت ۾ گذاريو ۽ ملا اپديش به ڏنا. ۳۱ ڊسمبر دادا جن اوٽيءَ مان مئسور ۾ آيا. مئسور ۾ اشنان ڪندي پياري دادا جن جو پير ترڪي پيو. ڪين چوٽ رسي ۽ اشنان گهر کان ٻاهر نڪرندي اها ڳالهه ڪنهن کي ڪين ڪيائون. ساريرڪ ڪشٽ هوندي به ڪو به ڪاريڪرم رد ڪين ڪيائون. ٿما شام جو دادا جشن پروچن ڪيو. اتان دادا جن بنگلور ۾ آيا. ۱ جنوري شام جو دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته اڄ نئين سال جو پهريون ڏينهن آهي. اوهين به جيڪر نوان ليو. وڪارن جا پراڻا وستر لاهي گيان ۽ پريم جا وستر پهريو. پياري دادا امر ڪي ڌنيواد آهي جو هت سمرڻ ۽ سيوا جي جوت جڳائي وئو آهي. اوهين به جيون ۾ نام سمرڻ ۽ شيوا جي جوت جڳايو، من مندر چمڪايو. ۲ جنوري منگل شام جو ۴ بجي دادا جشن هيراني اسپتال جي هڪ نئين بلاڪ جو بنيادي پٿر وڌو. انسو جو مهمان ڪرناٽڪ جو گورنر شري گووند نارائڻ هو. ان موقعي تي دادا سادو واسواڻيءَ جو ۹۹ جنمدن السو پڻ ملهايو ويو. دادا جن سادو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته پيارو

وري داداڄن جي ڪٽيا ۾ ستسنگ ٿيو. پياري دادل شاهه جو اپديش ٽيپ رڪارڊر تي ڀرايو ويو. صبوح جو ڏهين ٻجي دادا منڊپ ۾ هون يگيه ۽ شري گرو گرنٿ صاحب جي اکنڊ پاٺ صاحب جو ڀوڳ پيو. اُن بعد دادا جشن سفيد پوش ڀيڻون کي ٻراسيون، چانور ڪٽڪ جا پاڪيٽ ڏنا. نماشام جي ستسنگ ۾ ڪيترن ڀائرن دادل شاهه جي گڻن جو ورنن ڪيو.

ان موقعي تي پياري دادا جشن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي نموني جي مورت هو. پولن ۾ ورلڊ ڌرم ڪانفرنس ٿي ۽ پوءِ يورپ ۾ جدا جدا هنڌن تي دادل شاهه ليڪچر ڏنا. دادل شاهه جي ليڪچرن ۽ انٽرويوز جون رپورٽون اخبارن ۾ ڇپيون ويون. دادل شاهه انهن اخبارن جون ڪٽنگس پاڻ سان ڪٺي پارسل ۾ پئي آيو، ان ويچار سان ته پنهنجي مترن کي وڃي اهي ڏيکاريندس. جڏهن جهاز ۾ پئي موٽيا ته رات جو ڊيڪ تي ويٺا هئا. چنڊ پئي چمڪيو، پاڻيءَ جون ڇوليون پئي لڳيون. اُن وقت دادل شاهه جي دل اندر ويچار آيو ته هي اخبارون ۾ جا ساک ٿي آهي، سا مان پاڻ سان ڪيئن پيو کڻي گهمان؟ هي ته ايمان جون ڳوڙهون آهن! يڪدم پنهنجي ڪئبن ۾ وڃي اهي سڀ ڪٽنگس کڻي اچي سمنڊ ۾ اڇلائي ڇڏيائون. 'برهم گياني ڪيءَ غولبي سماها.'

هڪ ميڙ ۾ دادل شاهه کي ڪوٺ ڪن ٿا ته اچي ليڪچر ڏيو. دادل شاهه اٿي وڃن ٿا. اُن وقت هڪ ڪرمغز ماڻهو اٿي دادل شاهه بابت گهٽ وڌ اکر ڳالهائي ٿو ۽ ڪين چوي ٿو ته توهانکي هت ڪنهن گهرايو آهي؟ دادل شاهه نمرت جا روپ، اُن ماڻهوءَ جي اڳيان سر نوائي، آسيس گهرن ٿا ۽ سانت ۾ ميڙ مان واپس وڃن ٿا.

هڪ ڏينهن دادل شاهه مسٽر گدڪارام جي آفيس ۾ اچي

جا مددگار ٿيو. پاڻ کي تڪليف ۾ وجهي به ٻين جي سهائتا ڪرڻو.

آمريڪا ۾ هڪ ملٽري آفيسر پنهنجن سولجرن کان هڪ وڏو بنڊ رڙهائي رهيو هو ته هڪ ماڻهو سادي پوشاڪ ۾ اچي اُتان لنگهيو. هن ماڻهوءَ ڏٺو ته سولجر بنڊ رڙهي نٿي سگهيا. تڏهن ملٽري آفيسر کي چيائين ته تون ڇو نٿو کين مدد ڪرين؟ آفيسر کي غصو لڳو ۽ چڙ ۾ چيائينس ته ”توکي خبر ڪونه آهي ڇا ته مان ڪارپورل آهيان!“ ماڻهوءَ معافي ورتي ۽ ڪوٽ لاهي وڃي سولجرن کي مدد ڪيائين. سولجر سولائيءَ سان بنڊ رڙهي سگهيا. ڪارپورل هن ماڻهوءَ کي هڪ اکر شڪرگذاريءَ جو ڪين چيو. ماڻهوءَ جيئن ڪوٽ پاتو، تيئن ڪارپورل کي چيائين ته ”وري ڪڏهن به منهنجي مدد جي ضرورت پوي ته مونکي سڏجو.“

تڏهن ته ڪارپورل کانئس پڇيو ته ”توهانجو نالو ڇا آهي؟ توهين ڪم ڪهڙو ڪندا آهيو؟“ ماڻهوءَ چيو ته ”منهنجو نالو جارج واشنگٽن آهي. مان لشڪر جو سپهه سالار آهيان!“ ڪارپورل حيران ٿي ويو. کيس پنهنجي هلت تي پشيماني آئي ۽ چيائين ته ”مان هڪ خسيس آفيسر ٿي پنهنجي ماڻهن کي مدد ڪين ڪئي ۽ هن سپهه سالار هيڏي نڙت ۾ اچي منهنجن سولجرن کي بنڊ رڙهڻ ۾ مدد ڪئي!“ اوهان به ٻين کي مدد ڪريو!

١٦ جنوري پرڀات جو پياري دادل شاهه جي سماڌيءَ کي پرڻام ڪري ڪيترائي پريمي پرڀات ڦيريءَ ۾ شامل ٿيا. پيارو دادا جشن پاڻ پرڀات ڦيريءَ ۾ شريڪ ٿيو. ’رام نام دادا شمار‘ جي ڌني لڳائيندا، پريم جي پيار جا گيت ڳائيندا، پڪرما ڏيئي ۷ بجي ڌاري ڦيرو واپس آيا. صبوح جو ۸ بجي

ملڪيت ناهيو. چارئي پنهنجي پنهنجي زندگيءَ ۾ رڌل رهن ٿا. ڪجهه وقت ڪانپوءِ شاهوڪار پنهنجن پٽن کي گهرائي ڪائن خبرچار پڇي ٿو. پهرئين پٽ چيو ٿو ته توهانجي ملڪيت ٻيڻي ڪئي اٿم. ٻئي پٽ چيو ٿو ته توهانجي ملڪيت ٽيڻي ڪئي اٿم. ٽئين چيو ٿو ته ملڪيت ڏهوڻي ڪئي اٿم. چوٿين چيو ٿو مان ته ملڪيت ٻولوڪ جي ٻنڌڪ ۾ پيو ڪني ڪريان. نيت ته اُلي هلڻو آهي. هتي جيڪي ڪمايون ٿا، سو هتي ئي ڇڏي ويندا سين، مان ملڪيت مان دان پنج پيو ڪريان ۽ سنتن سنتپرکن جي سيوا ۾ پيو خرچ ڪريان. ٻولوڪ ۾ پيو ملڪيت ناهيان. پتا کي هن پٽ تي ڪاوڙ لڳي ٿي ۽ چوي ٿو ته توکي لائق ڪين آهي، جو منهنجي آڪهه جو پاڙڪي سڏائين. بهتر آهي ته وڃي فقير ٿيءُ! هي پٽ سڀ ڪم ڇڏي ٿو ۽ ٻاپوءَ جي تلاش ۾ نڪري ٿو. مشهور سنت ٿئي ٿو. سوين هنجي اڳيان سر جهڪائين ٿا. راجائون، شاهوڪار هنجي آسيس لئي اچن ٿا. اها خبر سندس پتا وڏو گهور ۽ ماتا ڪملا کي ملي ٿي. ٻئي پٽ وٽ اچن ٿا ۽ اچي معافي گهرن ٿا ۽ چون ٿا، اسانجي ملڪيت ۾ دان ۾ ڏي. جيڪي ۽ جيترو هٿ سيوا ۽ شڀ ڪمن ۾ ڏيندا سو جڙ جمع ڪريو ٿا ٻولوڪ جي ٻنڌڪ ۾. لڳهڪوي ڏيو! ڏيو! ڏيندا ڪريو!

١ فيبروري ١٩٧٩ ميران انگلش ميڊيم اسڪول جو وارشڪ اُتسو ميران ڀومي ۾ مهاراشٽر جي منتري ڀائي ونديءَ جي زير صدارت ملهايو ويو. ان موقعي تي پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته ڀائي ونديءَ هڪ نيڪ انسان آهي. سادگي ۽ سيوا جي سڪيلڌ سندس جيون ۾ چمڪي رهي آهي. پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي ٻارڙن ۽ آسيس سان ئي هي ميران وديا مندر هلي رهيا آهن ۽ سندس آدرش انوسار ئي

ٿو. ان وقت مسٽر گنگارام وڃي نيون ڪاڍي. دادل کي ڏسي هڪدم نيون ڇڏي ٿو. دادل شاهه کيس چون ٿا: ”پيارا! توهين نيون ڪاڍو!“ گنگارام ڪاڍي ٿو. پوءِ دادل شاهه ڇا ٿا ڪن؟ اُني گنگارام جي ٿالهي کڻي چون ٿا ته مان صاف ڪندس. گنگارام جي اکين ۾ پاڻي اچي ٿو.

پراڻي سکر ۾ دادل شاهه رهيل هئا. نياڻين کي ڪوٺائي کارائين ٿا. دادل شاهه اُن وقت ڇا ٿا ڪن؟ پاڻيءَ جو لوٽو ۽ ٽوال کڻي، هڪ هڪ نياڻيءَ جا پير ڌوئن ٿا! پيارو دادا نمرتا جو اوتار هو. پياري دادا جي نيڻن ۾ ڪهڙي چمڪيو عجيبن جو اسرار! اسين به جيون ۾ نمرتا ۽ پيار جي ساکي ڏيون.

١٩ جنوري پيارو دادا جشن لوناوالا روانو ٿيو. اُتي حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي هاليڊي هوم ۾ ٺهري هولچند آڏواڻيءَ سان گڏ رهيو. دادا جشن اُت ايڪانت ۾ رهيو. نماشام جو شهاڻي هاليڊي هوم ۾ ستسنگ ٿيو. پياري دادا جشن اُن ڏينهن سوامي وويڪانند جي جنمڏن هئڻ سبب سندس سکيائن بابت مٺو اُپديش ڏنو. ٢٠ جنوري رات جو داداجن پونا ۾ واپس آيا.

٢٦ جنوري راڌاڪرشن ڊسپينسريءَ جي وارشڪ اُتسو ۾ پوڄيه دادا جشن وڌاڪيان ڪندي چيو ته ڊاڪٽر هيرانند هانئيراماڻي، ڊاڪٽر نارائڻ هانئيراماڻيءَ جو شڪرگذار آهيان، جن جي پورشارٿ سان هيءَ اسپتال دکي بيمارن جي سيوا ڪري رهي آهي. سيوا جو اجورو آهي وڌيڪ سيوا. پونءَ جي يادگيري ۽ اُپڪار جيون کي سکدائڪ بڻائين ٿا. هڪ ساهوڪار ڏٺو ته سندس وار اڇا ٿي ويا آهن. اڳي اڇا وار ڇتاءُ ڪري سمجهندا هئا. ساهوڪار ڇٽن پٽن کي پنهنجي ملڪيت جا چار حصا ڪري ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ته هاڻ وڃي ڪم ڪريو ۽

جي ٻاڻي پڙهنداسين. هڪ موقعي تي دادل شاهه کان پڇيوسين ته نئون جيون ڪيئن ناهيون؟ دادل شاهه چيو: ضروري آهي ته ويچار شڪتي کوليو. پنهنجي جيون نرمل رکو. اندرين تي ضابطو رکو. من ايڪاگر ڪريو. ارادي ۾ پختا رهو. وڪارن کي اڳتي نه ڏيو. نام اُچاريندا ڪريو ۽ دکين دوئين، پکين پسن جي شيوا ڪندا رهو ۽ سڀ ۾ ترم جي جوت جڳائيندا رهو. اڪ ڏينهن پرم منزل کي پراپت ڪندا.

اسانکي کپي ته اسين ويچار شڪتي کوليون، جو ته جيون جي راهه ۾ اسانکي ڪيترا ملندا، جي ترم جو لباس پهرين ٿا، پر جن جي جيون ۾ ترم جي جوت ڪين ٿي جڳي. اسان کي کپي ته اسين پنهنجي جيون نرمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اسانجا نيڻ نرمل رهن، ڪن پرنندا کان پري رهن، زبان جوٺ نه ڳالهائي، مٺو ڳالهائي. سواد جي ڪري هدسڪ کاڌو ڪين کائي. جيڪو هن جنم شتابديءَ جي موقعي تي ان قسم جي پياري دادا کي گرو دکشنا ڏيون. ڪو چوي ته مان پنهنجون اکيون پياري دادا کي دکشنا ڏيان ٿو. اهي اکيون ڪڏهن به ڪنهن ڏي ناپاڪ نظر سان ڪين نهاريندئون. ڪو پنهنجي زبان، ڪو ڪن، ڪو هٿ، ڪو من پياري دادا کي دکشنا روپ ۾ پيش ڪري. اهي سوکڙيون پياري دادا کي پسند پونديون. نرمل ٿي رهڻ جي ڪوشش ڪريون، دکين جي شيوا ڪريون. پکين پسن کي اَن جا ڪڻا ۽ پاڻي ڏيون. اهي ننڍڙا ڪارج پنهنجي گرديو دادل شاهه جي چرنن ۾ ارپڻ ڪريون ۽ اڪ سهائي ڏينهڙي هيءَ مانک پاڙا سڦل ڪريون!

۱۹۷۲ع ۱۲ مارچ دادا جشن پونا جي لعل صاحب مندر ۾ جي طوفان شروع ٿيندڙ چوهڙمل ڪلڪ جو مهورت ڪندي ٻڌايو ته سچو مندر ڪٿي آهه؟ ان سمجهڻ ۾ دادا جشن دادل شاهه

وديارٿين کي سکيا ڏني وڃي ٿي. پيارو دادا سنت هو، پر پاڻ کي سنسار کان الڳ ڪين رکيائين. لوڪن جي ڀلي خاطر سنسار جي وچ ۾ رهيو ۽ دکين دردمندن جو دوست بڻيو. دادل شاهه جي اميد ٻارڙن ۾ هئي. ڀارت آزاد ٿيو، پر سچي آزادي ڪٿي؟ اڄ جا ٻار سڀاڻي جا نيڪ ناگرڪ ٿي ڀارت جو نئون نرماڻ ڪندا. هت وديارٿين ۾ اتم سنسڪار وڌا وڃن ٿا، جيئن هو اڳتي هلي ڀارت ماتا جو شان بلند ڪن.

١١ مارچ آرتوار ڏينهن سادو واسواڻي مشن جي ميٽنگ ۾ ڳالهائيندي دادا جشن چيو ته داس ٿي آسيس ڪريو جو توهان سڀن جو نوڪر ٿي ڪم ڪندو رهان ۽ اڪ ڏينهن گرديو دادل شاهه جي قدمن ۾ قبول پوان! ٣١ آڪٽوبر سنڌي تاريخ موجب دادل شاهه جو هڪ سؤ سال جنمدن آهي، توهين ان ڏينهن اکين جي آپريشن جي ڪئمپ کوليندا. نيترودان اتم دان آهي. توهانکي ڌنيواد! پر مان جيڪر چاهيان ته ڪئمپ ۾ توهين هڪ نئين ڳالهه آڻيو. جيڪي ٻه ڏينهن هت ڪئمپ هجي، اهي سڀ ڏينهن جدا جدا ٽوليون، جدا جدا وقتن تي اچي ڪيرتن ڪن، جيئن ڳوٺاڻا نماڻا، جن جا آپريشن ٿين، سي پڀوءَ جو نام سڻن ۽ ڳائين. پياري دادا سيکاريو ته سيوا ڪريو ۽ سيوا جو نام اوتيو! ٣١ آڪٽوبر کان ٢٥ نومبر تائين پوني جي جدا جدا پاڙن ۾ ستسنگ ٿين. پياري دادا جي جنم شتابديءَ جو پيغام جدا جدا پاڙن ۾ پهچايو. گهڙو ته سنو ٿئي جو هڪ هڪ پاڙي مان گهٽ ۾ گهٽ پنج گهر نڪرن، جي چون ته هي سڄو سال اسين ماس آهار کان پري رهنداسين. پنج گهر نڪرن جي چون ته اسين پکين کي روز داڻا کارائينداسين، پاڻي پيئاريندا سين. پنج گهر نڪرن جي چون ته سنڌيا جي وقت اسين گڏجي پڀوءَ جي آرتي ڪنداسين. سنتن سيوڪن

ٻيون، جو اسين ڳهڻو نه کائون ۽ بازاري کاڌا، جن ۾ مرچ مصالح آهن، کائون نه.

(٢) سانت: هر روز ٻه پهرا ٿورو وقت سانت ۾ گذاريو. امرت ويلي اٿي نام ڳايو ۽ سانت ۾ ويهي پاڻ کان پڇو ته مان ڪير آهيان؟ ڪٿان آيو آهيان؟

(٣) تازي هوا کائو ۽ سورج جا ڪرڻا جهليو. سوير صبوح جو ۽ سج لهڻ وقت سورج جي ڪرڻن ۾ اشنان ڪريو. ڊگها ساهه کڻو.

(٤) سڀن کي پيار ڏيو. ڪنهن جي لاءِ به دل اندر ڌڪار نه رکو. ڌڪار آهي زهر. اهو زهر پنهنجي سريرَ ۾ نه ڦهلايو. پيار ۾ عجيب شڪتي آهي.

(٥) ڀڳوان ۾ وشواس رکو. ڀڳوان اسانجو ماتا پتا آهي. پوءِ اسين ڊپ ڇو ڪريون؟ چنتا ڇو ڪريون؟ جيڪي ڀڳوان ڪري ٿو، ان ۾ ئي اسانجو ڀلو آهي.

(٦) مشڪندا رهو. هر حال ۾ خوش گذاريو ۽ هر روز گهٽ ۾ گهٽ ٻه پهرا ٽهڪ ڏيو. انهن ڇهن قانونن ۾ پنهنجي جيون ٻڌو ته توهين ڏسندا ته توهانجي صحت سٺي رهندي ۽ ڊاڪٽرن وٽ وڃڻ جي ضرورت نه پوندي.

٢٠ مارچ شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته هڪ ڏينهن امي دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جني هڪ مهاراج کي ڏيکاري ٿي. مهراج اميءَ کي چوي ٿو "امي! پنهنجي پٽ جي شاديءَ جو يوڳ لکيل ڪين آهي، پر ڪيس ڪنهن پرِوار وشال ٿيندو!" امي عجب ۾ پوي ٿي ته شاديءَ ڪانسواءِ اهڙو پرِوار ڪيئن ٿيندو! هن وقت دادل شاهه جو ڪيڏو نه پرِوار آهي! سندس بالڪ بالڪيون ديس پرديس ۾ آهن. اڄ دادل شاهه پرِوار جي پوم پياري دادا گنگارام جو جنمدن آهي.

جي هڪ آزمودي جو ذڪر ڪيو ته دادل شاهه هڪ وقت چيو ته مان ڀڳوءَ جي تلاش ۾ نڪتس. مندرن ۾ تڪاڻن، ديولين ۽ مسجدن ۾ ويس. ڀاڙن جي چوٽين تي ۽ ندين جي ڪناري تي ويس ۽ پڇيم "ميرا ڀڳتم ڪهان هئه؟ ميرا شيام ڪهان هئه؟" مونکي ڀڳو ڪين مليو. اڪ نما شام جو جيئن سج سونهارو ٿي لٿو، منهنجي اکين آب ڀري وهايو. ان وقت اڪ منو مڌر مرليءَ جو آواز ٻڌم. ان آواز چيو "مان آهيان اُتي، جت دکين دردمندن جي شيوا ٿئي ٿي، ڀام ۽ شردا ۾." سچو مندر اُت آهه، جت شيوا ٿئي ٿي نرمل پيار ۾. مان انين ٻيو سمجهان ته اج اڪ مندر جو توهين اُدگهاٽن ڪيو ٿا. شل هن ڪلنڪ ۾ سچي پيار ۾ شيوا ٿئي، ٿيندي رهي. ٻياري ڀام آڏواڻيءَ شروع ۾ ٻڌايو ته هن ڪلنڪ ۾ ڇهه ڊاڪٽر ايندا. اج توهان وٽ ٻيا ڇهه ڊاڪٽر ڇڏي وڃان ٿو. انهن ڊاڪٽرن جي قانونن ۾ اوهين جيون ٻڌندا ته توهان کي ٻين ڊاڪٽرن وٽ وڃڻ جي ضرورت گهٽ پوندي.

اسانجي زندگي وچي ٿي وڏيڪ تڪليف ٿيندي، جڏهن ڪري اسين وري وري بيمار ٿيون ٿا. جي اسين صحت جي نيمن ۾ جيون ٻڌون ته هوند بيمار ڪين ٿيون. هڪ ودوان ذڪر ڪري ٿو ته هڪ نگر ۾ ويو، اُت ڪيس ٻيٽ ۾ سُور ٿيو. پڇا ڪرڻ تي ٻڌو ٻيس ته اُن نگر ۾ ڊاڪٽر ٿئي ٿي ڪونه. سبب ڪهڙو؟ کيس ٻڌايائون ته اُت ٻه ڊاڪٽر اچي رهيا ٿا وٽن هڪ ٻه بيمار ڪين آيو، چو ته اُن نگر ۾ ماڻهو بيمار ٿين ٿي ڪين. سندن جيون صحت جي قانون ۾ ٻڌل هئي.

مان ٻه چاهيان ٿو ته توهين ٻه بيمار نه ٿيو. انڪري ڇهن ڳالهين جو ويچار ڪريو:

(۱) ڪاڌو: ٿورو ڪاڌو کائو. گهڻيون بيماريون انڪري ٿين

ڏيندي ھيو تہ جڏھن بہ شيوا جي ڪم ۾ ھوءَ چاھي اُن ۾ ڪتب
آڻي. دادا گنگارام ٻيهر دل سان چيو تہ شل پوئين ساھہ تائين
دادل شاھ جي دربار جو نوڪر ٿي رھان، خدمتگار ٿي رھان،
اھڙي آسيس داس لئي ڪجو.

١٦ اپريل نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊمي بمبئيءَ ۾ ستسنگ
جو آيوجن ڪيو ويو. پياري خوبچند شوداساڻيءَ وارشڪ
رپورٽ پڙھندي چيو تہ ٢٥ سال اڳ ڪيئن نہ پياري دادا
ساڌو واسواڻيءَ جي آگيا ۽ آسيس سان ھت بمبئيءَ ۾ ھڪ
ننڍڙي ڪمري ۾ ستسنگ آرنڀ ڪيو ويو. ھن موقعي تي
پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو تہ ڪل مالڪ
جا شڪرانا مڃيان ٿو، جڏھن جي ڪرپا سان بمبئيءَ جو "ساڌو
واسواڻي مشن" اڄ سلور جبلي ملھائي ٿو. جيئن عمر ۾ وڏان
ٿيو، تيئن وڌيڪ بوڌ پاڻان ٿيو تہ پرڀوءَ جي ڪرپا بنا
ھڪ بہ قدم نٿو کڻي سگھجي. پرڀوءَ جي ڪرپا اسانکي جھلي
بيٺي آھي ۽ پرڀوءَ جي ڪرپا کانسواءِ ھن سنسار ۾ ڪجھہ
ڪين آھہ. پرڀوءَ جي ڪرپا لاءِ نھاريو! ھيجي ڪرپا لاءِ پڪاريو!
اڄ اسان ھڪ سؤ "نؤري گرنٿ" جي پاٺن جو آرنڀ ڪيو ۽
اُن موقعي لئي کھڙو نہ منو وچن اسانکي مليو "اِڪ ڪڻو
ڪرپا جو ڪافي." اھي ٿورا اکر پياري دادل شاھ جا اڄ پاٺ
سان ڪڻي ويو. گھڻيون ڳالھيون ڇا ڪنداسين.

توھان سڀني کي ڌنيواد آھي جو اڄ توھين سلور جبلي
ملھائي رھيا آھيو. شل گولڊن، ڊائمنڊ ۽ ٻيون جبليون ملھايو.
پر پرڀوءَ جي ڪرپا نہ وساريو! اِڪ ڪڻو ڪرپا جو ڪافي! اڄ
توھان ھڪ سؤ "نؤري گرنٿ" جي پاٺن جو آرنڀ ڪيو، جنھن
جو ڀوڳ اوھين جنم شتابدي اُتسو لئي پائيندا. مان ائين پيو
سمجھان تہ اڄ توھان جنم شتابدي اُتسو جو آرنڀ ڪيو آھي.

ستسنگ جو پيارو، توهان سڀن جو پيارو، سنگت جو مٺيو، پوشڪ. مان کيس 'ڪوهنور' هيرو ڪري سمجهندو آهيان. ٻه ڪانئس پڇندا ته تون ڪير آهين؟ ته دادا گنگارام اوهان کي چوندو ته مان دادل جي دربار جو اڪ نوڪر، خدمتگار آهيان. ڪيڏي نه اُڪير ۽ پياس ۾ دادل شاهه جي تصوير ڏانهن نهاري نهاري ڳوڙها ڳاڙيندو آهه. پرڀات کان وٺي رات تائين ويٺو ڪم ڪري. سندس روزاني جيون پنجن ڳالهين ۾ بدل آهه: (۱) پرارٿنا. پرارٿنا ۾ هن جو عجيب صدق آهه. سندس جيون ڀڳتيءَ جي پيار ۾ بدل آهه، انڪري پياس جا ڳوڙها ڳاڙيندي پرارٿنا ڪري ٿو. (۲) سچ. هي پيارو ڪڏهن نه پيچ ڪري ٿو. صبوح جو گهران نڪري ته پاڻ سان مانيون ڪٺي نڪري. ڪتن کي، سوداسن کي، اپاهجن ۽ بکايلن کي کارائي. سندس دل اندر پياري دادا جي سکيا گهڙي وئي آهه ته جو فقط پنهنجي لاءِ ٿو رڌي، سو چور آهه. (۳) پنڌ: روز پنڌ ضرور ڪندو. روح لاءِ پرارٿنا ۽ شرير لاءِ پنڌ ضروري آهه. جي شرير نيڪ ته انسان ڀڳتيءَ جو ڪم اُلساهه سان ڪري سگهندو. (۴) سستمند کاڌو کائڻ. هن پياري جو کاڌو سادو ۽ صحت بخش. ڏينهن جو ڦلڪو ڏڌ ۽ رات جو کچڙي ڪير ملڻس ته وڌيڪ ضرورت ڪين سمجهي. سندس جيون سادگيءَ ۾ بدل آهه. (۵) پورهيو. هي پيارو سڄو ڏينهن پورهئي ۾ گذاري، رات جو ڏهه ڏيڍ تائين ويٺو ڪم ڪري. هي پيارو جيڪو به ڪم ڪندو چوندو ته دادل پيو ڪم ڪري. دادل جي شڪتيءَ ۾ اٽل وشواس اٿس. انڪري سڀ ڪم دادل شاهه ارپڻ ۽ شري ڪرشن ارپڻ جي ڀاءُ ۾ ڪندو آهه. سندس اڪ ئي پياس آهه ته شل دادل شاهه جي ڪمل قدمن ۾ قبول پوان.

دادا جشن پنج هزار روپين جي ڀيٽ دادا گنگارام کي

۱۵ مئي پوجيه شانتي ديويءَ جي ورسي سنبنڌ ۾ نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن شردانجلي ڏيندي چيو ته پياري شانتيءَ جي جيون ۾ ڪيترائي گڻ هئا. سندس دل اندر الاهي عشق هو، دردمندن ڪا درد هو. دکين دردن پکين پسن لاءِ همدردي هئي. رامون جاڳي رام رڇهائيندي هئي. ڳئن تان ڳوڙها ڳاڙي پياس ۾ پڪاريندي هئي. دک ۾ ۽ سک ۾، ساک ۾ ۽ نندا ۾، صحت ۾ ۽ بيماريءَ ۾ سندس چپن تي هي هڪ اکر هوندو هو: شڪرانا! شڪرانا! اسين به انهن گڻن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون!

۲۷ مئي شام جو پوجيه دادا جشن بمبئيءَ روانو ٿيو ۽ رات جو ۸ بجي پياري لڇمڻ پنجابيءَ جي گهر ۾ پڌاريو. پياري موهني لڇمڻ پنجابيءَ جي پورڪ پڌارڻ سبب داداجن پرارٿنا ڪئي. ۲۸ مئي شام جو آر. ڪي. اڪيڊميءَ ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته توهان مان ڪي ٿورن جي بمبئيءَ جي ستسنگ جي وڏڪ شيوا ڪن. تيسين چت شانتي پراپت نه ٿي، جيسين دل جي اندر پرڀوءَ جي يادگيري ناهي. چوويهن ڪلاڪن مان گهٽ ۾ گهٽ ڏهون حصو پرڀوءَ جي شيوا ۾ خرچ ڪريو. ڪجهه وقت سانت ۾ ويهو، ڪجهه وقت ناد ڪريو، ڪجهه وقت ستسنگ ۾ اچو، ڪجهه وقت دکين جي شيوا ڪريو.

اڄ پارس جي سوروپ راڻا پرتاب جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. مغلن سان جنگ جوٽيائين، مشڪلاتن ۽ مصيبتن سان مقابلو ڪيائين، پر پنهنجو سرمان نه ڇڏيائين، مغلن اڳيان سر نه جهڪايائين. جبلن ٽڪرن ۽ جهنگلن ۾ رهيو، ڪيترا ڏينهن کيس روٽي به نصيب ڪين ٿي. هڪ ڏينهن چار مانيون مليس. گهر جا چارئي ڀاتي هڪ هڪ ماني ڪري کڻن ٿا. اوچتو هڪ

اسان تي پياري دادا جو ڪيڏو نه قرض آهي. پياري دادا اسان لاءِ ڇا نه ڪيو؟ اسين پياري دادا لاءِ ڇا ڪرڻ لاءِ تيار آهيون؟ اهو سوال مان اوهان مان هڪ هڪ جي چرنن ۾ رکڻ چاهيان ٿو. منهنجا ڀاءُ، هن جنم شتابدي سال ۾ تون پياري دادا لاءِ ڇا ڪندين؟ منهنجي ڀيڻ تون ڇا ڪندينءَ؟ مونکي خوشي ٿيندي، جي اوهان مان هڪ هڪ مونکي ڪارڊ تي لکي موڪليندؤ ته هن سال مان پياري دادا جي صدقي ڇا ڪندس. اهي ڪارڊ مان پياري دادا جي چرنن ۾ رکندس ۽ پيارو دادا اوهان تي وڏي آسيس ڪندو. پياري دادا کي وڏيون ڳالهيون ڪين کپن. اسانجون ننڍڙيون ننڍڙيون ڀيٽائون دادا قبول ڪري ٿو، جي اُنهن ۾ اسانجي دل جو پيار ۽ سڪ آهي. ڪو ڀاءُ شايد چوندو ته پياري دادا جي صدقي مان هي سڄو سال هنسا جي کاڌي، ماس مڇي وغيره کان پري رهندس. ڪا ڀيڻ چوندي ته مان هي سڄو سال پياري دادا جي صدقي گهر ۾ ٻه ٿانيون رکنديس. هڪ ۾ پکين لاءِ داڻا ۽ ٻئي ۾ پاڻي. ڪو ڀاءُ چوندو ته هي سڄو سال مان ڪوڙ کان پري رهندس. تڪليف کي منهن ڏيندس، پر سچ کان منهن ڪين موڙيندس. پيارو دادا مونکي مدد ڪندو. ڪا ڀيڻ چوندي ته سڄو سال هر روز هڪ لاءِ وڌيڪ کاڌو تيار ڪنديس، ڪنهن نه ڪنهن بکايل انسان يا پسون يا پکيءَ کي کارائينديس. اهڙيءَ طرح هڪ هڪ چوي ته پياري دادا جي صدقي مان ڪجهه نه ڪجهه ڪندس.

"نؤري گرنٿ" ۾ اها شڪتي آهي، جا اسانکي نئون نهالي سگهي ٿي. اُها روحاني روشني جا اسانکي اونداهه مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿي. ان ڪري ان پاٺ جو شرڌا سان ابياس ڪريو.

۱۸ اپريل تماشام جو ٽيج ٿانو ڪار ۾ پياري دادا جشن اوڇن ڏنو.

„بنا ستسنگ ويڪ نه هوئي رام ڪرپا بنا سلڀ نه سوئي.“

انڪري نت نيم ستسنگ ڪريو. نام ڳايو نام ڌيايو، تم سک پايو!

۴ جولاءِ شام جو ننڍي ٽانڊو دربار ڪار ۾ داداجن پرويچن ڪندي چيو ته شري سکمني صاحب ۾ گروجن چون ٿا:

انڪ جون جنم مرجام،
نام جپت پاوهه وسرام!

پيارا! ڪيترا نه جنم ورتا اٿون! موت جي منهن ۾ ويا آهيون! هڪ هڪ جوٽ ۾ دکي ٿيا آهيون، گهڻا ڳاڙها اٿون، پر اجا سمجهون ٿا، سجاڳ نه ٿيا آهيون. گروجن شري سکمني صاحب ۾ چون ٿا ته نام جپيو ته سچو وشرام پايو. نام ڪانسواءِ راجائون ۽ ڪروڙپتي پڻ دکي آهن. سکي سو آهي جو هري نام جپي ٿو. نام جو ابياس ڪريو. گرونانڪ ديو جن چون ٿا:

'امرت ويلا سچ نانءُ، وڏيائي ويچار'

امرت ويلي اٿي نام جو جاپ ڪريو، پرڀوءَ جي وڏيائيءَ جو ويچار ڪريو.

۵ جولاءِ شام جو داداجن گرو مندر شيام نواس ۾ پرويچن ڪيو. ۶ جولاءِ صبوح جو مايا ديويءَ جي گهر نار منديءَ ۾ منو اپديش ڏنو. منجهند جو داداجن پونا واپس وريا.

۹ جولاءِ گرو پورنما جي پوتر ڏينهن سڀني پريمين داداجن کي نارئل ۽ پشپ ڀيٽ ڪيا. پيارو دادا جشن آهي نارئل ۽ پشپ دادل شاهه جي مورتيءَ اڳيان رکندو ويو ۽ هڪ هڪ کي پنهنجي نيڻن پوتر نهار سان نهال ڪيائين.

۲ آگسٽ پياري دادا جشن واسواڻيءَ جو جنمڏن اتسو ملوان ڌوميءَ ۾ اتساهه ۽ امنگ سان ملهايو ويو. ڪيترن ئي پريمين داداجن کي جنمڏن مبارڪون ڏيندي سوکڙيون ڀيٽ

ٻلي اڇي هڪ ماني کڻي ٿي وڃي. سندس پٽ امرسنگهه روئي ٿو، پڪاري ٿو، ”بابا! منهنجي ماني ٻلي کڻي وئي. مان بک ۾ پاهه ٿيو پيان!“ اُن وقت امرسنگهه جي پيءُ پنهنجي ماني پاڻ کي ڏني ٿي، پاڻ نٿي کائي. ٿوري وقت بعد پيءُ بک سبب بيهوش ٿي وڃي ٿي. راڻا پرتاب سهي نٿو سگهي. سندس ڳلن تان ڳوڙها ڳڙن ٿا، پر نه به چوي ٿو ”سڀ ڪجهه قربان ڪندس، پر ڀارت ماتا جو شان اوچو رکندس. مغلن اڳيان سر ڪين جهڪائيندس. سندس دل جي پياس هئي ته چتوڙ مغلن کان آزاد ڪرايان، پر واهگوروءَ جو حڪم ٻيءَ طرح هو. هي وڏو گذاري وڃي ٿو. مرڻ کان اڳ، چتوڙ کي چوي ٿو ”مان وڃان ٿو، آزاديءَ جو ڪم اڃا اڌورو آهي! شل چتوڙ آزاد ٿئي!“

آزاديءَ جو ڪم اڃا اڌورو آهي. اڃا ڀارت آزاد ڪين ٿيو آهي، ڇو ته ڀارت ۾ ڪيڏي نه غريبي آهي! لکن ڪروڙن جي تعداد ۾ ڀارت ۾ ڳوٺاڻا آهن، جن کي پورو کاڌو ڪين ٿو ملي، ڪپڙو ڪين ٿو ملي، رهڻ لاءِ اجهو ڪين آهي. شل ڀارت آزاد ٿئي ۽ ڀارت جا لوڪ سکي ٿين!

٣٠ مئي شام جو داداجن نج ٿانو دربار ڪار ۾ ستسنگ ڪيو. ٣١ مئي شام جو ڪي. سي. ڪاليج ۾ داداجن ’موت بعد جيون‘ وشيه تي انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو.

٢ جون ڇنڇر ڏينهن پياري دادا جشن پيءُ چتري منگهارام پنجابيءَ جي گهر ماسڪ ستسنگ جو مهورت ڪندي چيو ته ستسنگ ۾ جي اسين ڌيان سان سنتن جي باڻي ٻڌون ۽ نام ڪيرتن ڳايون ته اسانجو انتهڪرڻ ويندو صاف ٿيندو. ستسنگ ۾ اڪ مدو ٿي وهڻ گهرجي. ستسنگ جي وڏي مهما آهي. ستسنگ ته وڏ ڀاڳيءَ کي نصيب ٿئي ٿو، جڏهن مٿان پرڀوءَ جي ڪرپا آهي. سنت تلسيداس رامچرت مانس ۾ چوي ٿو:

چيائون ”مان در بند ٿو ڪريان، وري منجهند جي مانيءَ مهل هيٺ لهندس.“ اُن وقت مون دل ۾ چيو ته دادا ويا آهن مٿي. هاڻ ته چار ڪلاڪ در ڪونه کوليندا، سو ڇونه ته ٽي ڪلاڪ ٻاهران ٿي اچان. اهو ويچار ڪري مان ٻاهر هليو ويس. ٽنيان ڪلاڪ کن ڪانپوءِ دادا در کوليو ۽ سڏيائين پر مان ويو هوس ٻاهر. وري اڌ ڪلاڪ ڪانپوءِ مونکي داداجن سڏيو ته به ڪين هوس. جڏهن واپس آيس ته ٻڌايائون ته داداجن مونکي ور ور سڏيو آهه! اندر ۾ پشيمان ٿيندي مان وڃي داداجن جي چرنن ۾ سر جهڪايو. اُن وقت پياري دادا چيو ”پيارا! تون ڪاڏي ويئين؟“ دادا پنهنجي نيڻن ڀري نگاهه سان نهاريندي چيو ”اڃا گهڻو وقت پيو ٻاهر ڀٽڪندين؟“ حقيقت ۾ سڀ آهه اندر، دل وچ منڊر. اندر الکو سچو پدارٿ، پرم پدارٿ.

هڪ فقير روز ڀکيا ڪري کائيندو هو، گذر ڪري وڃي ٿو ته اها زمين راجا خريد ڪري ٿو. جڏهن اُن زمين جي کوٽائي ڪن ٿا ته اُن زمين جي اندران هيرن جواهرن جي ديگ نڪري ٿي. اسانجي اندر ۾ هيرن جواهرن جي ديگ آهه، پر اسين اندر نٿا وڃون، ٻاهر پيا ڀٽڪون. هڪ ڪاٺيو ويندو هو روز ڪاٺيون ڪرڻ. ڪاٺيون ڪٽي وڪڻي ويندو هو. هڪ ڏينهن رستي تي هڪ سنت کيس چيو ته پيارا، تون جهنگل ۾ ٿورو اڳيرو وڃ، اندر وڃ. ٻئي ڏينهن ڪاٺيو جهنگل ۾ وڌيڪ اندر وڃي ٿو، اُتي چندن جا وڻ آهن. اڄ هو چندن جون ڪاٺيون ڪٽي اچي مهانگي مله تي وڪڻي ٿو. ٻئي ڏينهن وري اهو ڪاٺيو جهنگل جي اڃا وڌيڪ اندر وڃي ٿو ته کيس چاندي نظر اچي ٿي. چاندي ڪٽي اچي ٿو. ٽئين ڏينهن اڃا وڌيڪ جهنگل جي اندر وڃي ٿو ته ڏسي ٿو ته سون پيو آهه. هي عجب ۾ پوي ٿو ۽ سون ڪٽي اچي ٿو. هي ڪاٺيو ڪيڏو نه

ڪيو. مدهند جو ميران هال ۾ آنند جي لهر ڇانئجي وئي، پياري داداجن پنهنجي جيون جا ڪيترا آزمودا ٻڌايا. شام جي ستسنگ ۾ دادا گنگارام ساجنداس پوڄيه دادا جشن واسوانيءَ جو ذڪر ڪندي چيو ته سادو واسواڻي مشن جي ڪارڻ تي ڪيڏي نه ڪرپا آهي، جو دادا جشن اڪ نرمل، اڪل شيوڪ، صبوح کان رات تائين سدستا جي شيوا ڪري ٿو. گذريل سالن کان ڪيترن ئي يادگيريون ڪيون اٿس ۽ پنهنجي گرديو دادل شاهه جو پيغام جدا جدا هنڌن تي پهچايو اٿس. سندس جيون ۾ آتم جوت پيهي پئي. اها جوت دادل شاهه کيس ڏني آهي امانت، انسان ذات جي شيوا لاءِ ۽ سنگت جي شيوا لاءِ. سندس نمرتا ۽ نياز، سندس ادب ۽ حليماڻي عجيب آهن. سدستا جي هڪ هڪ ڪاڻي کي رهبري ڏني ٿو. هو هٿتي آرتوار صبوح جو ۽ وسپت سانجهيءَ جو اُپديش ڏيئي هزارين دلين تي نام جو جادو لڳائي ٿو. سندس پيار جي ڏوريءَ ۾ ڪيئن نه ستسنگ ۽ هر هڪ ڪاڻي جي شيوا ٿي رهي آهي. شل دادل شاهه جي اهڙي پوم پياري شيوڪ جي آگيا ۾ هلون ۽ شرڌا ۽ صدق ۾ سندس سکيائن تي عمل ڪريون.

پوڄيه دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته توهان اڄ پياري دادا جي هن نوڪر کي ڪيڏو نه قرب ڏنو آهي، پيتائون ڏنيون آهن. اوهانجي ڏنل ٢٧٢٦١٣ روپين جي ٿولهي پياري دادا جي چرڻن ۾ پيش ڪريان ٿو ۽ هميشه جيان ان رقم سان پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي جنمدن ٿولهي فنڊ شروع ڪيو وڃي.

پيارو دادا چوي ٿو ته اندر وڃڻ جو رستو الٽي ٻاڻ وسارڻ! ٻاڻ وسار، اندر نهار. هڪ دفعي داداجن ڪراچيءَ ۾ ڪرشن ڪنج ۾ رهيل هئا. داداجن نيون ڪاني مٽي تي وٺا.

ڪيانيءَ جي. چوندا آهن ته هي هانءُ جهڙو سمجهو سياڻو آهي ۽ ڪونو نشاني آهي نڙت جي. ان جي معنيٰ ته جڏهن ڪي سچو گيان ڪچي، سو نماڻو ٿئي. سچو گيان پستڪن جي وديا ڪين آهي، سچو گيان آهي جوت، جا اندر پرڪاش ٿئي ٿي. اُن جوت جو ديدار اُن کي ملي ٿو، جو نماڻو ٿئي ٿو. انڪري نماڻا ٿيو! جوت جو درشن ڪريو. اها جوت آهي آتمڪ جوت.

٢٧ آگسٽ منجهند جو ١٢ بجي دادا جشن بمبئي ڪلاٿ مرچنٽ ايسوسيئيشن جي آفيس ۾ پڌاريا. پياري هرپرام وليچا داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن اُپديش ڪندي چيو ته مانش ديهه جو قدر سڃاڻو! هي درلڀ ديهه توهان کي آهه پاڻ سڃاڻڻ لاءِ، نام سمرڻ لاءِ، ستڪرمن ڪرڻ لاءِ، نئون ٿيڻ لاءِ، آتمڪ شڪتي کولڻ لاءِ.

هڪ دفعي شري گرو نانڪ ديو جن اچي اميناباد ۾ پهتا آهن. اُتي رهن ٿا. گروجن جو هڪ ڀڳت هو لالو واڍو، هن جي ڪٽيا وٽ گروجن اچن ٿا ۽ دروازو کڙڪائين ٿا. هڪ ڀيرو، ٻيو ڀيرو، ٽيون ڀيرو، گروجن دروازو کڙڪائين ٿا، پر دروازو کلي نٿو. وري کڙڪائين ٿا. نيٺ لالو اچي دروازو کولي ٿو. ڏسي ٿو ته گروجن پاڻ آيا آهن پرڀ جا پيارا پري. شرمسار ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ جو دروازو کولڻ ۾ هيڏي دير ڪيائين. چرنن تي ڪري پوي ٿو. گروجن کيس اُٿارين ٿا ۽ پڇن ٿا: ”دروازو کولڻ ۾ هيڏي دير ڪئي، تو ڇا ويهي ڪيو؟“ پشيمان لالو چوي ٿو: ”گروديو! مون پٽ ۾ ڪليون وجهي ٺوڪيون!“ گروجن پنهنجي اسراري اکين سان لالوءَ ڏي نهارين ٿا ۽ چون ٿا ”ايڏا گهڻو وقت ڪليون ٺوڪيندين؟ هاڻي جاڳ! توجيون پراپت ڪر!“

اسين به ويٺا ڪليون ٺوڪيون ۽ گروجن سيا اسان جي

شاهوڪار ٿي پوي ٿو. پر ڏٺن ۾ وري پئي ڏينهن اندر اندر جهنگل جي اندر وڃي ٿو ته هيرا جواهر ڏسي اهي کٽي اچي ٿو، ڏاڍو خوش آهي. اسانجي اندر ۾ اڻ هيرن جواهرن جي کاڻ. اسين رڳو اندر وڃڻ سکون. جيئن جيئن اندر جي اونهائيءَ ۾ وڌيڪ ويندا سين تيئن عجيبن جو اسرار پسندا سين. اندر وڃڻ لاءِ پيارو دادا چوي ٿو ته ٻاهر وسار، اندر نهار.

اسين اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪريون ته اڪيچار وچار اچي اٿن! من چنچل، اٿئي پور پيو پڪي. جي من سانت ڪندو ته شرير گوڙ مچائيندو. هڪ دفعي پياري دادا وٽ سنڌ جو جڊيشل ڪمشنر مسٽر ڪرائون اچي ٿو ۽ دادا سان گفتگو ڪندي پڇي ٿو ته "ڪيئن روحاني راهه ۾ قدم وڌايان؟" دادا کيس چيو "روز پهرين اڌ ڪلاڪ سانت ۾ ويهه ۽ پوءِ آهستي آهستي وڌيڪ وڌيڪ وقت." هو چوي ٿو "ڪهڙي وڏي ڳالهه آهه. مان سانت ۾ ويهي سگهندس." پر ڏينهن رکي دادا وٽ اچي ٿو ۽ چوي ٿو "سانت ۾ ويهڻ مون لاءِ ڏکيو آهه. سانت ۾ ويٺس ته سڄي بدن ۾ خارش اچي ٿي." اهو ٻڌي دادا مشڪيو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! اوهين روز سانت ۾ ويهو، ڀلي من ڀٽڪي، ڪنهن نه ڪنهن سماءِ ڏينهن ضرور من اسٿر ٿيندو ۽ پوءِ اوهين سانت جو آنند انڀؤ ڪري سگهندا.

٢٦ آگسٽ آرتوار ڏينهن پيارو دادا جشن سنگت سان گڏ پونا مان بمبئيءَ روانو ٿيو. دادا جن بمبئيءَ پهتا. اتان سڌو گيتانجلي ستسنگ هال ۾ پڌاريا. اتي دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ گڻيش چترٿيءَ جو پوتر ڏينهن آهي. شري گڻيش کي وگهن ناشڪ سڏيو ويندو آهي. گڻيش کي منهن آهي هاٿيءَ جو ۽ وهنل آهي ڪوئلي تي. گڻيش کي سڏين مشڪ واهڻ، يعني جنهنجو واهڻ آهي مشڪ ڪوئو. هاٿي آهي نشاني

آڳيا انوسار ٻي چانديءَ جي ٿالهي چڙهوان ودياٿيءَ کي ڏني ويندي.

پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پنهنجا فرض پوريءَ ريت پالن ڪريو. اسانکي ٻڙيوءَ جيڪي ڏنو آهي سو دکين دکيڙن سان ونڊيون ورهايون. روز ڪجھ وقت جيڪر شانت ايڪانت ۾ ٻڙيوءَ کي ياد ڪريو!

٣١ آگسٽ شڪروار مڇهند جو دادا جشن پونا مان طوفان جهوليلال جي آسو ۾ ڪرافورڊ مارڪيٽ ۾ پڌاريا. پياري هوندلداس سنڌاڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اوهانکي ڌنيواد آهي جو هيڏي انساهه اُمنگ سان لعل سائينءَ جو ڏينهن ملهايو ٿا، ورڻ ديوتا جي پوڄا اُپاسنا ڪريو ٿا. اُڏيرولعل سنڌ جو اوتار هو. اوهين پاڻ ۾ ايڪو ڪري رهو. جتي ايڪتا آهي اُتي آنند آهي. سنڌي قوم جو شان بلند ڪريو!

٢٢ سيپٽمبر پيارو دادا جشن لوناوالا ۾ آيو. اُتي حيدرآباد سنڌ نئشنل ڪاليجئيٽ بورڊ جي هاليڊي هوم ۾ رهيو. داداجن سان دادا هولچند آڏواڻي ۽ ڪي ٻيا مِتر به رهيا. داداجن اُتي ٻه ڏينهن قدرت جي گود ۾ ايڪانت ۾ گذاريا ۽ پهاڙين جو سير ڪيو. ٢٣ سيپٽمبر داداجن اُٺ يتيم ٻارن کي گهرايو. داداجن هڪ هڪ ٻالڪ کي ٽُول ۽ پنج روپيا خرچي ڏيندي پيار ڏنا. ٢٤ سيپٽمبر داداجن جهوڪ ممبئيءَ ۾ پڌاريا. اُتي ڊاڪٽر ڪرشن آلوي کين عرض ڪيو ته روز صبوح جو ڪلاڪ ڪن سندس قدرتي علاج گهر ۾ اچن ته هو سندن صحت جي خيال کان سندن سريرَ جي مالش ڪري. داداجن روز صبوح جو ڊاڪٽر ڪرشن آلوي جي علاج گهر ۾ ايندا هئا ۽ شام جو سندس علاج گهر جي ايوان ۾ ستسنگ ٿيو چڻ

دلين جي دروازن کي کڙڪائين. اڃا گھڻو وقت ڪليون ٺوڪيندا سين؟ اسان جو ڪم ڪار، ڌنڌو وھنوار، جي اِن ۾ نام جي يادگيري ڪين آھي، آھي ڪليون ٺوڪڻ. اڃا گھڻو وقت ويسو جي وھنوار ۾ گذاريندا سين؟ مھنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! اٿو، جاڳو، گروءَ جن کي وڌيڪ وقت ٻاھر نہ ترسايو. اُٿي دل جو دروازو کوليو ۽ گروءَ جن کان نوجيون جو خزانو وٺو! نوان ٿيو! نوان ٿيو!“

٢٧ آگسٽ تہ شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيہ دادا جشن منو اپديش ڏنو. ٢٨ آگسٽ صبوح جو داداجن ڀيڻ جيٺي جگتياڻيءَ جي گھر شيام نواس ۾ سنديڙو اپديش ڏنو. تہ شام جو نج ٿاڻو ڪار بمبئيءَ ۾ داداجن پڌرچڻ ڪيو. پڻ ٢٩ آگسٽ صبوح جو باندرا ۾ پياري عالمچند ۽ گلاٻراءِ وزيراڻيءَ جي گھر پڌرچڻ ڪيو. اُن ڏينھن شام جو داداجن ڀيڻ ڪشو ڏاسواڻيءَ جي گھر روح رھاڻ ڪئي، ٣٠ آگسٽ وسپت شام جو ڪي. سي. ڪاليج ھال ۾ ڪاريڪرم رکيو ويو. دادا ھوتچند گوپالداس آڏواڻي داداجن جو سواگت ڪندي چيو تہ ٿازو ڪي. سي. ڪاليج جو سلور جبلي اتسو ملھايو ويو. اُن سمبند ۾ ھاڻي پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ دادا جشن کي ڪاليج طرفان چانديءَ جي ٿالھي ڀيٽ ڪندو. پرنسيپال ڪي. ايم. ڪندناڻيءَ داداجن کي چانديءَ جي ٿالھي ڀيٽ ڪئي، پر داداجن ڪيس اھا ٿالھي واپس ڏيندي چيو تہ مان ڪاليج جي ڪابہ سيوا ڪين ڪئي آھي، انڪري اھا ٿالھي ڪاليج جي اُن ودياراٿيءَ کي انعام طور ڏني وڃي جنھن جي جيون ۾ سادگي سيوا پريم پرارٿنا ۽ نمرتا جي جوت جرڪندي ھجي. اھو ٻڌي پرنسيپال ڪندناڻيءَ داداجن کي وينتي ڪئي تہ ھيءَ ٿالھي اوھان سويڪار ڪريو. اوھانجي

نه مان وساريان، نه تون وسار،
مان توڏي نهاريان، تون مون ڏي نهار،
مونکي ٻار آڪار، ننگ نڌر جو آهي تولي تولي!

٢٦، ٢٧، ٢٨ سيپٽمبر ٻڻ داداجن اتي سٽسنگ ٻروچن ڪيو.

٣٠ سيپٽمبر ٻوجهه دادا جشن جهوءِ ۾ ڊاڪٽر ڪرشن الوي جي قدرتي علاج گهر جي اڀوان ۾ منو ابڍيش ڏيندي چيو ته جنيد فقير چالهه سال رات جو ڪڏهن ننڊ نه ڪئي. رات جو جاڳي جاڳي وٺي الله کي پڪاريندو هو. ڌيان ڪندو هو. هيڏي تپسيا ڪانپوءِ هڪ ڏينهن سندس اندر ۾ ايمان اچي ٿو ء چوي ٿو نه مان پهتل پوش آهيان. ان رات جو جنيد فقير آواز ٻڌي ٿو نه 'تون ڪافر آهين.' جنيد عجب ۾ ٻوي ٿو ء من ۾ سوچي ٿو نه مان ڪافر ڪيئن ٿيس؟ ء الله جو آواز ڪيس چوي ٿو نه وڏي ۾ وڏو گناهه، عظيم گناهه آهي ايمان. ان وقت جنيد فقير ڏاڍو پشيمان ٿئي ٿو ء پڪاري ٿو "منهنجو جاڳڻ، منهنجا سپ ڪرڪار مڙيوئي ڏوهه! تون ٻارس، مان لوهه، سچي نه سون ٿيان!" اسانجا ٻه سپ ڪر ڏوهه آهن، چاڪاڻ جو هڪ هڪ ڪر پنيان 'مان مان' آهي. ان ڪري ايمان نه ڪريو. نماڻا ٿيو! ٻوٻوءِ کي پڪاريون، ٻيو توکان سواءِ اسين ڪجهه ڪين آهيون.

١ آڪٽوبر سومر دسهڙي جي ڏينهن ساڌئي آستان تي سٽسنگ جو ڪاريڪرم رکيو ويو. پياري دادا جشن ابڍيش ڪندي چيو ته اڄوڪو ڏينهن آهي سوب جو ڏينهن. اڄوڪي ڏينهن شري رام راوڻ تي سوب پاتي. جيون جنگ جو ميدان آهي. هڪ هڪ جي اندر راڪشي شڪتيون آهن. هڪ هڪ جي اندر راوڻ آهي. جو شري رام جي شرڻ وٺي ٿو، سو راوڻ تي سوب پائي ٿو، اهو اولڌهه مان نڪري روشنيءَ ۾ ٿو اس

ڪندا رهيا. داداجن جهوءِ تي شري ڪي. پُؤ. آڏوائيءَ جي بنگلي ۾ رهيا.

٢٥ سيپٽمبر شام جو ڊاڪٽر ڪرشن انوري جي هال ۾ داداجن پروچن ڪندي چيو ته مهاتما گانڌيءَ جي وچار موجب قدرتي علاج جا ٻه مکيه انگ آهن: پرارٿنا ۽ نام سمرڻ، ڪيرتن. مونکي خوشي آهي جو هن قدرتي علاج اسپتال ۾ اسين پرارٿنا ڪريون ٿا ۽ نام ڪيرتن ڳايون ٿا. اڄ اسان دادل شاهه جو منو گيت ٻڌو: "آيا آهيون ٻري ٻري ڪان، يار مسافر، هٽڙي هٽڙي!" اسان مان هڪ هڪ آهي ياتري، مسافر! اها ڳالهه هرگز نه وساريو. هيءَ ڌرتي اسانجو گهر ڪين آهي. اسانجو نج گهر، نج ڌام، نج ديس ته آهي سچ کنڊ، ستيه لوڪ، ڪرشن ڌام، جوت مندل، جت جوت جڳي ابناسي. روز به روز جي ڪم ڪار ۾ شل نج گهر نه وساريون. گيتا ۾ شري ڪرشن چوي ٿو "ارجن! مونکي ياد ڪر ۽ وڙهي يڌ ڪر! اوس تون به ايندين منهنجي گهر!"

هت دنيا ۾ ڏسون ٿا، آهي دک، آهي غريبي، مفلسي. ڪيترن کي کاڌو کائڻ لاءِ ڪين آهي! ڪيترن کي ڪپڙو پهرڻ لاءِ ڪين آهي! ڪيترن کي رهڻ لاءِ گهر ڪين آهي! ڪيڏو نه دک آهي! هن دکي دنيا ۾ رهي شل هڪ ٻئي جا مددگار ٿيون. اسانکي جيڪي آهي سو اسانجو ڪين آهي، پر امانت آهي، دکين دريدرن جي سيوا واسطي. انڪري هي ٻه ڳالهيون نه وساريون

(١) پڀوءَ جو نام اچاريون، ڪيس هڪ پل بي نه وساريون.

(٢) دکين دريدرن جا دوست ٿيون، بکايلن کي روٽي کارايون، ننگن کي وستر ڏيون. دکي دلين کي آٿت ڏيون، ٿي اجهن کي اجهو ڏيون. هڪ هڪ کي پنهنجو پيار ڏيون، مٺي مرڪ ڏيون. پياس ۾ پڀوءَ کي پڪاريون:

ڪيو. ان موقعي لئي پياري دادا جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو ته اهو ڪو ڪارڻ، دادل شاهه جي دل وڻان آهي. پياري دادل شاهه جو ڌرم آهه پيار، سيوا ۽ قرباني. اڄ هن نيترادان جي ڪارڻ سان دادل شاهه جي جنمشتابدي اُتسوَ جو اُدگهاٽن ٿئي ٿو. پياري ڊاڪٽر موديءَ کي ڌنيواد آهي. هي پيارو هٿ سون بيمارن جي لباس ڪري سندن اکين جو آپريشن ڪري کين نئون نُور ڏيندو. نُور بنا سڀ ڏُوڙ. اکين جي جوت جي ڪيڏي نه اهميت آهي. شل اندر ۾ جوت جڳائيون!

ڊاڪٽر موديءَ چيو ته مان هن جي اکين جا آپريشن ڪندو آهيان، پر هت اچي مان دادا جشن کان روحاني اکين جو آپريشن ڪرائيندو آهيان. دادا جشن جو درشن ڪرڻ سان ٿي آنند جو انڀو ڪندو آهيان. هي سچو ڊاڪٽر آهي.

ڊاڪٽر موديءَ ۴۱۰ ڀائرن ڀيڻن جي اکين جا آپريشن ڪيا.

شام جو ۵ بجي ڪئنٽ هائوس ۾ پياري ڪشور، سندر ٻڪومل ننداڻيءَ جي گهر دادل شاهه جي جنمدن سڀيتا ۾ ستسنگ ٿيو. پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ 'نوري گرانٽ' مان کهڙو نه ملو وچن آيو:

اڄ ڏينهن سڀاڳو، اکين ۾ آيو اوجاڳو! واهه واهه واهه!

اهو وچن جڏهن مون پڙهيو ته مونکي يادگيري پيئي ته ڪيئن نه ڪيترا سال اڳ پياري دادل شاهه ٻڌايو ته سندن سچي جنمدن جي ڪنهن کي خبر ڪين آهي. سندن سچو جنمدن نڪي ۲۵ نومبر آهي، نڪي ڪارتڪ ايڪادشيءَ ڏينهن آهه. سچو جنم ٿيو اڪ رات جو اڪ گهر جي دالان ۾ ٿي پيئي ڪيانون. آسمان ۾ چنڊ ۽ تارا سونهن ۾ ٿي مشڪيا، سانت ۽ ايڪانت ۾ پياري دادا دوڙ جوت جو ديدار ڪيو. ان بعد

ڪري ٿو. اسان مان ڪيترا راوڻ جي اثر هيٺ آهيون. انڪري ٽپ ٽپ تي ڪروڌ ڪريون ٿا، لوڀ جي وس چڙهون ٿا، ايمان ۽ ٻوڙي وڃون ٿا، ڪام جو شڪار ٿيون ٿا. شري رام جي شرڻ پڪڙيون!

۲ آڪٽوبر جهوڙه تي شري ڪرشن اتري جي اسپتال واري جاءِ ۾ دادا جشن مهاتما گانڌي ۽ لعل بهادر شاستريءَ کي شرڌانجلي پيش ڪندي چيو ته اهڙن نشڪام نشٺاوان نيڪ نيتائن جي ڀارت کي سخت ضرورت آهي، جي قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائين. ۳ آڪٽوبر ساڌوءَ آستان تي وياکيان ڪندي دادا جشن چيو ته هيون جواهرن ۽ موتين کان مٿي آهه پيار. پرڀوءَ لاءِ پيار، هڪ ٻئي لاءِ پيار. جت پيار ڪين آهه، اُت سچو سک ڪين آهه. سڪندر بادشاهه ڌري گهٽ دنيا فتح ڪئي، تڏهن به چيائين ته پاڻ کي دکي ٿيو محسوس ڪريان. گروجن ڀاڳيءَ ۾ چون ٿا: ”سگل سرشٽ ڪا راجا دکيا، هرڪا نام جپت هوءِ سکيا“ سکي سو آهه جو ڀڳوان سان پرڀوءَ جو نام جپي ٿو، جنهن جي دل اندر کليو آهه پيار جو چشمو.

۴ آڪٽوبر دادا جشن ڊاڪٽر ڪرشن اتري کان موڪلايو. ان ڊاڪٽر ٽه ڏينهن پياري دادا جشن جي صحت جي ڏاڍي سنڀال لڌي. ڪيس روز مالش ڪندو هو، قدرتي علاج ذريعي داداجن جي قرب سان سيوا ڪئي. موڪلائڻ وقت ڊاڪٽر ڪرشن اتري داداجن کي ۱۱۱۱ روپيا پيش ڪندي چيو ته مان ڀاڳيشالي آهيان جو اوهان ٽه ڏينهن هت امرت پيتو آهي. داداجن سنگت سميت ۴ آڪٽوبر شام جو پونا روانا ٿيا.

پوڄيه دادا ساڌو واسواڻي جنمشتابدي اُتسو سمپت ۾ ۱۳ آڪٽوبر مهران پوءِ پونا ۾ ’اکين جي ڪيمپ‘ جو آيوجن ڪيو ويو، جنهن جو مهورت مهاراشٽر جي گرهه منتري پاٽل ولد

درشن ڪري ۽ آسيس پائي ڏاڍو خوش ٿي. ڊاڪٽرن جڏهن جڳهه ڪپائڻ لاءِ چيو اها ٽنگ بلڪل ٺيڪ ٿي ويئي ۽ سندس بخار پڻ لهي ويو. سندس ڏٺا درشني ڪن ته ڏک ئي دور.

هڪ ڏينهن مان پوني مان پياري دادا جشن وٽان ٿي الهاسنگر گهر ۾ واپس آيس. پياري دادا مونکي ميوو پرساد روپ ۾ ڏنو هو. مان پياري دادا جو ڏنل پرساد نه صرف گهر جي ڀاتين ۾ ورهائيندو آهيان پر ٻين ماڻهن کي به ڏيندو آهيان، جيئن سڀني کي پرساد گهڻن جي مک ۾ پوي. دستور موجب مان اُن ڏينهن پياري دادا جو ڏنل ميوو گهر ۾ ورهائي رهيو هوس ته اوچتو منهنجي مارُوت دادن ڀائي هوندراج للا گهر ۾ آئي. هيءَ پڻ الهاسنگر ۲ ۾ رهندڙ آهي. کيس ڪيترن ڏينهن کان هٿن ۾ کجلي ملو هو. گهڻيون ئي دوائون ڪيون هئائين، پر کيس فائدو ڪين رسيو هو. کائڻ پيئڻ ۽ ڪم ڪرڻ کان هلاڪ هوندي هئي. مان کيس گهر ۾ آيل ڏسي پياري دادا جو هڪ ميوو کيس ڏيندي چيو ته پياري دادا جو هي پرساد کاءُ ته تنهنجو ڏک دور ٿي ويندو. اُن پڻ وشواس رکي ڦل کاڌو. ٻن ٽن ڏينهن بعد سندس ڏک دور ٿي ويو.

۴ نومبر شري گرو نانڪ ديو جو جنمدن اسان مڙني ٻوميءَ ۾ ملهايو ويو. صبوح جو شري گرو گرنٿ صاحب جي پاٺ جي پورڻ بعد هون لڳو ئيو. دادا جشن مودي خاني جو آرنڀ ڪري سڀني سفيدپوش ڀائرن ڀينرن کي چانور، ڪڻڪ، کنڊ، دال ۽ چانهه جا پاڪيٽ ڏنا. نما شام جي ستسنگ ۾ دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان بعد پياري دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته شري گرو نانڪ ديو غريب نواز هو. ٻاٻو ۽ سڀ سنتوک ماڻهن جي ٻولي تي پوسي ٿين ٿا، نه اميرن ۽ شاهوڪارن ۽ تي. هڪ دفعي شري گرو نانڪ ديو جن ڀائي لالوءَ سان گڏجي

دادل شاهه اڪ اڪ ٻوٽيءَ ۾ اُن جوت جو درشن ڪيو. سڀني ذرڙن ۾، سڀني انسانن پکين پسن ۾ اها جوت پيئي چمڪي. اسين به پڙدا پري ڪريون ته جوت جو درشن ڪريون.

پوجيه دادا جشن رڌي سڌيءَ جا مالڪ آهن پر ڏيکاري ٻڌهه ڪين ڏيندا آهن. هڪ دفعي پروفيسر ايشوري جوتواڻيءَ کي دم سهڪي جي زبردست تڪليف ٿي پيئي. پياري دادا سان سندس گنڀير حالت جو ذڪر ڪيو ويو. پيارو دادا ڊاڪٽر پريم سان گڏ ايشوري جوتواڻيءَ جي گهر آيو. کيس آسيس ڪندي کي ڊرائيس وٺڻ لاءِ ڏنائين. انهن ڊرائيس ۾ پياري دادا جي دعا سمايل هئي. ٿوري ئي وقت ۾ ڀيڻ ايشوريءَ جو اڌ دک دور ٿي ويو. ٽن چئن ڏينهن ۾ شفاياب ٿي پيئي. وڏن وڏن ڊاڪٽرن جي سين ۽ دوائن دک دور ڪين ڪيو مگر پياري دادا جي آسيس کيس سٺي صحت بخشي.

پرنسيپال وندري هيرانندائيءَ جي هڪ ننڍڙي جي رت سڪي وئي. کيس زبردست بخار، ٽيمپريچر ١٠٦ ڊگرين تي وڃي پهتو. انهن پئي سمجهيو ويو ته سندس انتم گهڙي آهي! هن پياريءَ صدق سان سائين ستگر دادل شاهه کي ٻڪاريو. ڪيئن نه اُن وقت سندس گهر ۾ پيارو دادا جشن آيو. سندس مٿي تي هٿ رکندي چيائين "وندري! گهٻراءِ نه." اُن وقت داداجن سان گڏ پاڻ پنو مدچنديا به ساڻ هو. تنهن داداجن کي وڌائي ڪئي ته دادي وندري گهر ۾ اڪيلي آهي. وڇاري ڪيئن ڪندي! ڊاڪٽر ته کيس رلائي ڇڏيندا! اُن وقت پياري دادا جشن کيس نيڻهن پوري نگاهه سان نهاريندي چيو ته وندريءَ کي نه ڪجهه آهي ۽ نه ڪجهه ٿيندس. پياري دادل شاهه کيس پنهنجي ٻاجهه جي ٻانهن ۾ جهليو آهي.

پرنسيپال وندري گنڀير حالت ۾ پياري دادا جشن جو

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! توهان به ايمانداري ۽ سچائيءَ جي ڪمائيءَ جو ڪاڌو کائو. ڪوڙ دولاب سان ڪمايل ڌن توهان کي نقصان پهچائيندو. جهڙو ان تهڙو من.

۱۰ نومبر منجهند جو پيارو دادا جشن سنگت سان ڏڪڻ شولاپور روانو ٿيو. رات جو گرو نانڪ نگر سوامي ليلاشاهه هال ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري دادا جشن مٿو اپديش ڪندي چيو ته سمرڻ ۽ شيوا ۾ جيون سڦل ڪريو. آرتوار صبوح جو دماني آڊيٽوريم ۾ پوجيه دادا جشن 'موت ڪانپوءِ ڇا' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. غير سنڌي ڀائرن به پياري دادا جي وياکيان جو لاڀ حاصل ڪيو. شام جو دادا جشن پياري خاندان جي نئين بنگلي جو بنيادي پٿر وڌو. رات جو ڪنعيالعل جانيءَ جي گهر جي ايوان ۾ دادا جن اپديش ڏنو ۽ رات جو ۱۱ بجي دادا جن پونا روانا ٿيا.

ساڌو واسواڻي مشن ممبئيءَ طرفان ساڌو واسواڻي جنمشتابدي اتسو ۱۴ ڊسمبر کان ۱٦ ڊسمبر ڪراس ميدان ممبئيءَ ۾ ملهايو ويو. شري نوري گرانٽ جا هڪ سؤ هڪ پاٺ صاحب رکيا ويا. ٽيئي ڏينهن پياري ساڌو واسواڻيءَ جي مڌر ٻاڻي جدا جدا سنگيتڪارن مڌر سر ۾ ڳائي. پياري دادا جشن جو درشن ۽ ستسنگ امرت تليه وچن پڌي دليون باغ بهار ٿي ٿيون. سڄي جو واهو منڊل لڳو پيو هو. پوجيه دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي ڳالهائيندي چيو ته پيارو دادا ڏياني هو، گياني هو، روحاني رهبر هو، عشق جو اوتار هو. پيارو دادا ڪرم يوگي هو، برهمچاري هو، برهم رشي هو، سنت هو، پر ڪين رهيو دنيا کان دور. دنيا جي ڪوڙ شور جي وچ رهي هن پياري ڏني ساکي ته جيون ملي آهي لوڪن جي شيوا واسطي. پياري دادا ڪيڏي نه شيوا ڪئي. دکين دردين

آيا. ڀائي لالوءَ ڏٺو تہ ڀڪٽڪو ڪندو هو ۽ سندس دل ۾
گروجن لاءِ ڏاڍي شرڌا ۽ اُڪير هوندي هئي. گروجن جو درشن
ڪري باغ بهار ٿيو. هن هڪدم گروجن لاءِ ڀوڄن تيار ڪرايو.
هيڏانهن اُن شهر جي وزير ملڪ ڀاڳوءَ بہ گروجن کي ڀوڄن
ورتائڻ جو نمنترڻ ڏنو. گروجن ڀائي لالوءَ جو ٻاجهريءَ جو
ڍوڍو ۽ ساڳ سڪ سان کاڌو ۽ ملڪ ڀاڳوءَ وٽ ڀوڄن ڪين
ورتايو. هڪ ٻرهمڻ ملڪ ڀاڳوءَ جا ڪن ڀريا تہ گرونانڪ اوهانجي
ٻرهم ڀوڄ ۾ شريڪ نہ ٿي اوهانجي بي عزتي ڪئي آهي. تنهن
تي ملڪ ڀاڳوءَ گروجن کي گهرائي پڇيو تہ اوهان ڪهڙي ڪارڻ
اسانجو ڀوڄن نہ ورتايو آهي؟ هاڻي ڀوڄن انگيڪار ڪريو.

گروجن ڪيس چيو تہ چڱو ڀلا تون ڀوڄن گهراءِ. هيڏانهن
گروجن ڀائي لالوءَ جي گهران پڻ ٻاجهريءَ جو ڍوڍو گهرايو.
ملڪ ڀاڳوءَ مالپوڙا ۽ ٻيا طعام کائڻ لاءِ گروجن جي اڳيان رکيا.
گرونانڪ جن هڪ هٿ ۾ مالپوڙو ۽ ٻئي هٿ ۾ ٻاجهريءَ جو
ڍوڍو کڻي انهن کي زور ڏنو تہ ملڪ ڀاڳوءَ جي مالپوڙي مان
رت ۽ لالوءَ جي ڍوڍي مان کير وهڻ لڳو. اهو ڪوتڪ ڏسي
ملڪ ڀاڳو دنگ رهجي ويو. گروجن ڪيس سمجهائيندي چيو تہ
پياري لالوءَ جو ڍوڍو ايمانداري ۽ محنت جي ڪمائيءَ جو ۽
تنهنجو مالپوڙو بي ايماني ۽ ظلم سان ڪمايل ڪمائيءَ جو آهي.
تنهنڪري لالوءَ جو ڍوڍو کير جهڙو مٺو آهي ۽ تنهنجو سوائي
مالپوڙو رت جهڙو آهي. ان ڪري اسان پياري لالو دکڻ جو
ڀوڄن ورتايو. ملڪ ڀاڳوءَ جا ٽاڪ لڳي ويا ۽ هوءُ گروجن جي
چرنن تي ڪري پيو. گروجن اُن وقت سکيا ڏيندي چيو تہ پيارا!
جي ظلم زوري ڪري ٻين جو رت پيئن ٿا اُهي جو اُن ڏن من
اپوتر آهي.

جي رت لڳي ڪپڙي جاما هوءِ پليت،
سو رت پيوي مانسا، تن ڪہ نرمل چيت.

ڪان ميران اسڪولن ۽ ميران ڪاليج ۾ جدا جدا ڏينهن تي پياري دادل شاهه جو جنمشتابدي اُتسو ملهايو. دادا جشن وديارٿين ۽ اڌياپڪن کي دادل شاهه جي جيون جا ڪيترائي پرڀاوشالي پرسنگ ٻڌائيندي چيو ته روز ڪو نه ڪو شيوا، ديا، پر اُپڪار جو ڪم ڪريو، اهو ڏينهن ئي اوهانجو سڦلو ليکبو. وديارٿين دادل شاهه جي چرنن ۾ ڪيتريون ئي شيون غريبن کي ڏيڻ لاءِ ڀيٽ رکيون.

١٩ نومبر سومر شام جو هال ڪلب ۾ اُتسو ٿيو. منگل شام جو ڪلياڻ ناري شالا ۾ شانتي شيوا نڪيتن دادل شاهه جو جنمدن اُتسو ملهايو. پياري دادا جشن، پياري آتو ولواڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي مٺو اُپديش ڏنو. ٢٣ نومبر شام جو ميران انگلش ميڊيم اسڪول جي ٻالڪن منچ تي 'دادا ليلا' جو سندر ڪاريڪرم پيش ڪيو. پياري دادا جشن، هيڊ مسٽريس ڀيڻ اشوري ملاڻي ۽ ٻالڪن کي 'دادا ليلا' پروگرام پيش ڪرڻ لاءِ ڌنيواد ڏيندي چيو ته پياري دادا جي جيون جي سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيو. هڪ ٻئي لاءِ پيار ۽ همدردي رکو. ٢٤ نومبر صبوح جو هون يگيه بعد پياري دادا جشن سون گهرجانو ڀڳتن کي ٻلشڪيمت ڏنا. شام جو ۴ بجي ميران پوميءَ مان رٿ ياترا نڪتي. پيارو دادا جشن پياري دادل شاهه جي رٿ کي ڪاهي رهيو هو. جدا جدا ٽرڪن ۾ دادل شاهه جون جهانڪيون ڏيکاريل هيون. هزارين ياتري ڀڳت 'جيءَ آئين تون دادل شاهه' 'ڀلي تون آئين دادل شاهه' جون ڌنيون لڳائي رهيا هئا. جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جون تصويرون سينگاري رکيون ويئون هيون. پياري دادا جشن وڃي اُت پرنام ٻئي ڪيو. ڪن چونڪن تي دادا جشن ننڍڙا اُپديش ٻئي ڏنا.

محتاجن مسڪينن پڪين پسن جي شيوا ڪيائين. انهن کي پيار ڏنائين.

هڪ فقير هو. عجيب انسان هو. پني کائيندو هو. اَنُ، سيڌو، دال، ڀاڄي پني ايندو هو. چوندو هو، مونکي هڪ واسطي نه ڏنو، پر ٻين واسطي ڏنو. پنهنجن هٿن سان ڪاڌو رڌيندو هو، ڪاڌو تيار ڪندو هو. پر کائيندو ڪين هو. چوندو هو: ”پهرين ڪنهن اَنڌيءَ کي، ڪنهن ٻڍڙيءَ جي روپ کي کارايان، پوءِ مان کائيندس.“ پيارو دادا به ڪيترو وقت ائين ڪندو هو. ماني سندس اڳيان ايندي هئي. چوندو هو، اها مونکي ڏنو نه مان ڪنهن نه ڪنهن غريب کي ڏيئي اچان. پوءِ مان کائيندس. اسين به جيڪر ائين ڪريون! پهرين ڪنهن نه ڪنهن بکايل کي کارايون، پوءِ پاڻ کائون!

اڄڪلهه ڪيترن گهرن ۾ ريفريجريٽر آهن ۽ جيڪو به ذرو ڪاڌو بچي، سو غريبن کي ڪين ڏيون. انگريزي ريفريجريٽرن کي مان ڪوٺيندو آهيان ”چور.“ غريبن جو ڪاڌو چوري ڪن ٿا. ڳوٺن ڪجهه به بچندو هو ته غريبن کي ڏيندا هئاسين. هاڻي وڃون ٿا بچائيندا. وڃون ٿا وڌيڪ سوارٿي ٿيندا. اڳي ڳئون لاءِ ماني ڪڍندا هئاسين، اتٿيءَ لاءِ حصو رکندا هئاسين، ڏکين دريدرن جو خيال ڪندا هئاسين. هڪ شلوڪ گيتا جو پيارو دادا وري وري چوندو هو: ”جو فقط پنهنجي لاءِ ٿو رڌي، آهي سو ته چور!“ اسين چور آهيون. فقط پنهنجي لاءِ رڌيون ٿا، پاڻ کائون ٿا. اڄ کان جيڪر توهين پنهنجو ڪاڌو ڪنهن نه ڪنهن سان ضرور ونڊيو ورهايو.

دادا ساڌو واسواڻي جنم شتابدي اُتسو سمتيءَ ۾ ١٧ نومبر شام جو ميران يونيءَ ۾ پياري دادا جشن پوڄيه ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ۽ ڪارج تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ١٨ نومبر

اسانکي ڪپي نه اسين وچار شڪتي کوليون ٿو نه جيون جي راهه ۾. اسانکي ڪيترا ملندا جي ڌرم جو لباس پهريل ٿا، پر جن جي جيون ۾ ڌرم جي جوت ڪين ٿي جاڳي ۽ اسانکي ڪپي نه اسين پنهنجي جيون نرمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريون. اسانجا نيڻ نرمل ٿين. اسانجا ڪن پر نندا کان پري رهن. اسانجا مک جوٺ نه ٻولين، ڪنهن کي نه رنجائين. اسانجي زبان سواد جي ڪري هنسا جو ڪاڌو نه کائي. جيڪر هن جنم شتابديءَ جي موقعي تي پياري دادا کي گرو دڪشنا ڏيون. ڪو چوي ته مان پنهنجيون اکيون پياري دادا کي دڪشنا ڏيان ٿو. اهي اکيون ڪڏهن به ڪنهن ڏي ناپاڪ نظر سان ڪين نهارينديون. ڪو پنهنجي زبان، ڪو پنهنجا ڪن، ڪو پنهنجا هٿ، ڪو پنهنجو من پياري دادا کي دڪشنا ڪري ڏئي. اهي سوکڙيون پياري دادا کي وڻنديون. گرو دڪشنا ڏيون، نرمل ٿي رهڻ جي ڪوشش ڪريون، دکين جي سيوا ڪريون، پکين پسن کي انجا ڪٽا ۽ پاڻي ڏيون. اهي ننڍڙا ڪارج پنهنجي گرديو دادل شاهه جي چرنن ۾ ارپڻ ڪريون ۽ اک سڀاڳي ڏهاڙي هيءَ مانک ياترا سڦل ڪريون.

پوجيه دادا ساڌو واسواڻي جنم شتابدي انسو سنبنڌ ۾ پوجيه دادا جشن واسواڻي ٦ ڊسمبر بمبئيءَ ۾ پڌاريا. انهن نماشام جو دادا جشن وراڻيءَ ۾ سنگت سان گڏ سمنڊ ڪناري پنڌ ڪيو. سنگت داداجن کي عرض ڪيو ته اڄ ڪو اپديش ڏيو. دادا جشن چيو ته پرڀوءَ واسطي ڪجهه به ناممڪن ڪين آهي. روز پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو:

ڪيا ناهين گهر تيري، ميري سائين!

گهر ته تيري سڀ ڪڇ هئي، جس ديوهي سو پاوهي.

جيڪي شرڌا ۽ صدق سان پرارٿنا ڪندا، اوڙي توهان

٢٥ نومبر صبوح جو ٨ بجي شري ٽوري ڳونت جي اکنڊ ڀاٽ جي ڀوڳ صاحب بعد ڪن ڀائرن ڀيڻن دادل شاهه کي پشپانجلي ڏني. اُن بعد دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته هڪ سؤ ورهيه اڳ ٢٥ نومبر ١٨٧٩ تي پيارو دادا ساڌو واسواڻي آيو. پنهنجي نج ڌام، جوت ڌام، پرم ڌام مان پيارو دادا هت پڌاريو. حيدرآباد سنڌ ۾ هڪ سوڙهي گهٽيءَ ۾، هڪ ننڍيءَ جي مڪان ۾ پياري دادا جو جنم ٿيو. اڄ دنيا جي جدا جدا ملڪن ۾، نه فقط سنڌي، پر غير سنڌي پارسي ۽ ڀارت کان ٻاهر، ولايت جي ملڪن ۾ اڄ لکن جي تعداد ۾ هن پياري جي اڳيان سر جهڪائين ٿا ۽ سندس نالو ڪيڏي نه پريم ۽ شرڌا سان اچارين ٿا. سندس پستڪ چاهه سان پڙهن ٿا. پياري دادا جي نيڻن مان پريم اسان ڏي نهاريو. سندس پوتر هٿن مان آئي ٿي اسان لاءِ ايشور جي آسيس جي ڌارا. پياري دادا جا پير هئا پرٿوي تي، پر سندس هردو چوويهه ئي ڪلاڪ رهيو ٿي شري ڪرشن جي ڪمل چرڻن ۾.

پيارو دادا فيلسوف هو، برهمگياني هو. ٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ پيارو دادا جرمنيءَ جي برلن شهر ۾ وشو ڌرم سميلن ۾ شريڪ ٿيو، جنهن جدا جدا ملڪن ۽ جدا جدا ڌرمن جا پرسد ماڻهو آيل هئا. ڀارت پاران پيارو دادا اُتي حاضر هو. اُن موقعي تي پياري جيڪا اڳوار ڏني تنهن جادوءَ جو اثر ڪيو. ماڻهو پڇڻ لڳا ته هي جوان ڪير آهي، جنهن جا اکر اسانجي دلين کي ڌوڏين ٿا، اکيون کولين ٿا ۽ اسانکي نئون درشن ملي ٿو. جرمنيءَ مان موٽڪي اڃا تائين ڪڏهن پتر ايندا آهن، جن ۾ اُتي جا پرسد پرش لکندا آهن ته پياري دادا جي يادگيري سندن دلين ۾ اڃا تائين وسندي رهي ٿي. پياري دادا جي اڇا شڪتي تمام اوچل هئي.

اُنسو ڏاڍي امنگ اُلساھ سان ملھائي رھيا آھيو. اڄ لوھان ڪيترن گھرجائن کي ڪاڏي جو سامان ڏنو، چادرون ڏنيون. پياري دادا جي سکيا اَنو اھا تہ پرڀوءَ جي ڏني مان ٻين کي ڏيندا رھو. ڏنو ٻہو آھي. اھي دکي دريدر اَنو پرڀوءَ جون مورتون. اُلھاسڪر سندن جو ھردو آھہ. مان جيڪر ڪي راتيون ھمت اچي گذاريان. ڪي راتيون جاڳون ۽ جاڳي جاڳي درويشن فقيرن جي باڻي اُچاريون. رام نام جا ميلا لڳايون.

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ وري وري پڪار ڪئي تہ ھن سکہ ساگر مان پياسي ٿي نہ وڃو، مانش جنم جو قدر سڃاڻو. ھي مانکہ جنم مليو آھہ پرڀوءَ کي ڳائڻ لاءِ، سو اجايون ڳالھين ٻنيان وقت نہ وڃايو. ھڪ ڏينھن پياري دادا کان پڇيوسين تہ خاص ڪري گرھستين لاءِ پرڀوءَ کي ڳائڻ جو سولو ساڌن ڪھڙو آھہ؟ پياري دادا چيو تہ روز صبوح جو سوير اُٿي پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو ۽ سنجھا وير بہ پرڀوءَ جو نام اُچاريو. اھا پرارٿنا ڪھڙي؟

تون مات پتا اسين بالڪ تيھنجا،
ڪين ويچارج اوگڻ منھنجا!
ڪم ڪار ساري ۽ ڏيان سچ جي ساکي،
ھلان راھہ اُھائي، جا سنتن آھہ آکي.

١٠ ڊسمبر صبوح جو پياري رام ميرچنداڻيءَ جي گھر والنٽيئرس جي ميٽنگہ ۽ دادا جن انھن کي آسيس ڪندي سندن ھمت افزائي ڪئي.

شام جو وري سمڌ ڪماري داداجن سنگت سان ٻنڌ ڪري بعد مالا شارڈامڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ لوھان جيڪر گھڙيال وانگر ٿيو. گھڙيال چوندو آھي ڪلاڪ ٻيو ٽڪ ٽڪ ڪري، ليڪن لوھين بہ سواس سان نام جپيو. نام ٿي

لي برڪت ايندي. ٻڍوءِ جي ڪرپا سان ڪيترئون اڻ ڳڻيون
جهڙيون بيماريون ڇڏي ويئون. ان ڪري ٻڍوءَ کي نه وساريو،
دم دم کيس ياد ڪريو.

٧ ڊسمبر ته دادا جشن سمنڊ ڪماري ٻڌ ڪري جيئن
وينو ته سنگت دادا کي اُپديش ڪرڻ لاءِ عرض ڪيو. داداجن
اُپديش ڪندي چيو ته اڄ راج رشي شري ڏيارام گدومل جي
يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. هو پيارو ودوان هو. ساهتيڪار هو.
سماج سڌارڪ هو. اعليٰ عملدار هو. اُن کان وڌيڪ هو دکين
جو دوست ۽ ايشور جو ڀڳت. سندس جيون تياڳمير هو. ڪيڏا
نه سرڪاري عهدا ماڻيائين پر مان مغروريءَ کان پري. سانت
لاءِ کيس عجيب پيار هوندو هو. اڄ ته اسين ٻه روز ڪجهه
وقت سانت ۾ گذاري نام ڳايون. ڪمل چرن ڌيايون. ٻڍوءَ ۽
پياري دادا جي آسيس پايون.

٨ ڊسمبر صبوح جو ٻوجهه دادا جشن ساڌو واسواڻي باغ
اُلهاسنگر ٣ ۾ پڌاريا جت ٻوجهه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو
جنمشتابدي اُتسو مهاراشٽر جي وزير شري ڄشو آڏواڻيءَ جي
زير صدارت ملهايو ويو. شروع ۾ پرنسپل هوتچند آڏواڻيءَ ۽
ديال آشا، دادا جشن واسواڻي ۽ شري ڄشو آڏواڻيءَ جو سوائگت
ڪندي ساڌو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪيو. شري هوتچند
ٿهلراماڻيءَ ست هزار روپين جي جنمدن ٿيلهي داداجن جي
چرڻن ۾ ڀيٽ رکي. دادا جشن اُن ۾ پنج هزار روپيا وجهي،
٦٥ هزار روپين جي ٿيلهي اُلهاسنگر جي سنڌيڪيشن جي سيوا
لاءِ واپس ڪئي. شري ڄشو آڏواڻيءَ پڻ دادل شاهه جي سکيائن
تي روشني وڌي.

ان موقعي تي ٻوجهه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته
خوشي اٿم جو توهان پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمشتابدي

جي ياترا لاءِ پونا مان روانا ٿيا ۽ ٢٢ ڊسمبر بينگلور ۾ پهتا. اسٽيشن تي سوين پريمين داداجن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. پياري دادا امر جي پرشارٿ سان اڄي روز ستسنگ ٿيندو آهي. ان ڏينهن شام جو اُن ستسنگ آستان تي داداجن جو ڪارڪرم رکيو ويو. شروع ۾ ڀائرين دادا امر داداجن جو سواگت ڪيو. دادا جشن مٺو اپديش ڏنو. ٢٣ ڊسمبر سوامي رامڪرشن آشرم ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا ڪير هو؟ پيارو دادا سنت هو، سڌارڪ هو، ڀارت جو پيارو هو، دکين جو دوست هو، مسڪينن جو مِتر هو، پسن پکين جو رکشڪ هو، پرڀو جو اوتار هو. هڪ سؤ سال اڳ سونهاري سنڌ ۾ آيو عشق جو اوتار. اچي اسانکي سجاڳ ڪيائين ته مانک ديهه جو قدر سڃاڻو! هي مانک ديهه ملي آهي پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ. نام سمرڻ ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪريو. پرڀوءَ لاءِ پياس جا ڳوڙها ڳاڙيو!

هڪ شاهوڪار ماتا کي ٽي پٽ هئا. ماتا اعليٰ تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ ٽنهي پٽن کي ولايت موڪليو ٿي. ٻ سال اتي وديا پراپت ڪري ٽيئي پاڻو وطن واپس اچن ٿا. سندن ماتا هڪ هڪ کان پڇي ٿي ته توهان مون لاءِ ڇا آندو آهي؟ سندس هڪ پٽ چيو ته "امي! مون تو لاءِ ساڙهي آندي آهي." ٻئي پٽ چيو "امي! مان تو لاءِ هڪ سنڌر تصوير الليءَ مان آندي آهي." ٽئين پٽ چيو "اما! تو لاءِ مان آندو ڪجهه ڪين آهي! روز توکي ياد ڪري اڙڪ لاڙيندو هوس. اڄ تنهنجو درشن ٿيو آهي، آسيس ملي آهي." ماتا هڪدم ان پٽ کي ڇاتيءَ سان لڳائي پيار ڪري ٿي ۽ کيس چوي ٿي، "پيارا پٽ! هاڻ توکي رکندس ڪين پري، رکندس توکي جيءَ سان جڙي."

مٺهڙا پيارا ياترو ۽ پيارئون پريمون! اسين به جڏهن

اُتو جيون جو رکپال، نام ئي اِڪ اِڪ جي لهي ٿو سنڀال. نام
سان پنهنجي جيون جو ڏاڪو ٻڌي اڳتي اڳتي وک وڌايو.

١٣ ڊسمبر صبوح جو بمبئيءَ ۾ ڪف پريڊ ڀرسان هڪ
رستي جو نالو "سادو واسواڻي مارگ" رکيو ويو. اُن موقعي تي
بمبئي ڪارپوريشن جي ميئر شري چمبورڪر، وزير شري
هشو آڏواڻي، پروفيسر هولچند آڏواڻيءَ سادو واسواڻيءَ جي
يوگدان تي روشني وڌي.

اِن اُتسو ۾ پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي
چيو ته هندي، سنڌي، پنجابي، گجراتي، مرهٽا سڀ هڪ
ڀارت ماتا جي سنتان آهيون. جدائي جلايو! پيار جو جادو
لڳايو. پيارو دادا سادو واسواڻي به هو پيار ۽ ڪروڻا جو اوتار.
پيارو دادا فقيري ويس پهري ديس پرديس گهميو. ڪلڪتي
۾ هو ته ڪيس چيائون ته جيڪر توهانجو نالو رستي تي رکون!
دادل شاهه ڪين قبوليو! هو چوندو هو ته سمرڻ ۽ سيوا ۾
اڪل جيون رهان. تن ڏينهن ۾ مهاتما گانڌي، رويندرنات
ٽئگور ۽ دادا واسواڻي ٽيئي ڀارت جا رتن ليکيا ٿي ويا. دادل شاهه
اُچي سکيا ڏني ته سمرڻ، سيوا ۽ قربانيءَ جي ساکي ڏيو. پياري
دادا جي جيون جو منتر آهه:

غريبن کي سيوا هئه پرڀو کي پوڄا.

پياري دادا جي ٻي سکيا، جي توهين سکي ٿيڻ چاهيو ٿا
ته ٻين کي سکي ڪريو. منهنجا پيارا ڀائرو، پياريون ڀيڻيون!
پياري دادا جي سکيا جي ساکي جيون ۾ ڏيو. ٻين ڏکين
جي سيوا ڪريو، ٻين کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.
بمبئي ميونسپل ڪارپوريشن کي ڌنيواد آهي جو هن رستي تي
پياري دادا جو نالو رکيو اٿائون.

٢١ ڊسمبر پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ ڏکڻ ڀارت

ڪندي چيو ته اڄ پراڻي سال کان موڪلائڻ ۽ نئين سال جي آجيان لاءِ هت ڪٺا ٿيا آهيون. شل نوجوان جا دلدار هڪ هڪ واسطي ڪلن! هڪ هڪ نئين سال جو پيغام آهي، نوان ٿيو! مان جيڪو چاهيان، اڄ رات جيئن ٻارهن جا گهنڊ لڳن، تيئن هرهڪ پاڻ مان ڪو نه ڪو اوگڻ ڇوڙيندي، ان کي اڳتي ڪڍڻ جو پڪو ڪري. ڪير آهي جو اوگڻن کان خالي آهي؟ گرو جن چيو ته:

جيتا سمندر ساگر نير ڀريا، تيتي اوگڻ هماري،
دئيا ڪرو، ڪڇ مهر اپائو، ڏٻندي پٿر تاري.

اڄ جيڪو ور ور اها پرارٿنا پرڀوءَ کي ڪريون. نوان ٿيون! نوان ٿيون!

١ جنوري ١٩٨٠ صبوح جو پياري دادا جشن قدرت جي گود ۾ 'دودا پيٽا پائنت' وٽ ڪجهه وقت سانت ۾ گذاريو. شام جو داداجن روح رهاڻ ڪئي. ٢ جنوري داداجن اونيءَ مان ڪئمبٽور روانا ٿيا. اتي پياري چترومل ڪرشن مندر اڏرايو آهي. دادا جشن اتي منو اپديش ڏيندي چيو ته هڪ درويش سال ۾ هڪ ڏينهن پهاڙن تان لهي، لوڪن کان پڇندو هو ته "اٿو ڪا يادگيري؟" مان به اونيءَ جي پهاڙن تان لهي اهو ساڳيو سوال ڪڍي آيو آهيان ته نج وطن جي يادگيري اٿو يا نه؟ وسري ۾ وقت نه وڃايو. ٻيون سڀ ڳالهيون ڀلي وساريو، پر پرڀوءَ کي نه وساريو. داداجن سنگت سان گڏ ٤ بجي مجهند جو اپروچ پهتا. اتي پڻ دادا جن سکيادائڪ اپديش ڪندي چيو ته پنهنجي دلين کي نام رس سان نرمل ڪريو. امرت ويلي اٿي نام جو اڀياس ڪريو.

امرت ويلا سچا وڏياڻي ويچار

پرڀات جو اٿي هڪ پرڀوءَ جو ويچار ڪريو. نام جپڻ

ٻوڙوءَ لاءِ پياس جا ڳوڙها ڳاڙيندا سين ته ٻوڙو ٻوماتما اسانکي گلي لڳائيندو.

٢٤ ڊسمبر شام جو دادا جشن ڀيڻ ليلان پرسرام جي آستان تي روح رهاڻ ڪندي چيو ته پنهنجو ڌيان هردي ڪمل جي آستان ۾ ڄمايو. ڌيان ڪرڻ سان توهانکي عجيب آزمودا ملندا، من جي چنچلتا دور ٿيندي ۽ پنهنجي ساکي سوروپ جي ٻوڌ پوندي.

٢٧ ڊسمبر دادا جشن بنگلور مان ڪرڳمور لاءِ روانا ٿيا. رستي تي مئسور ۾ براهمڻن ستسنگ جو ڪاريڪرم رکيو. دادا جشن اُت منو اُپديش ڏنو.

٢٨ ڊسمبر دادا جشن ڪرڳمور ۾ ڀيڻ لڪشمي شوداساڻيءَ جي گهر جي ڪمپائونڊ ۾ روح رهاڻ ڪندي چيو ته قدرت جو سنگ ڪمايو. غريبن مسڪينن جو سنگ ڪري کين پيار ۽ همدردي ڏيئي سندن سيوا ڪريو ۽ پنهنجو سنگ ڪمايو. ارٿات ايڪانت ۾ آتم چنتن ڪريو. ٢٩ ڊسمبر دادا جشن پياري دادي شانتيءَ جو ذڪر ڪندي چيو ته هڪ ڏينهن پياري شانتيءَ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ کان پڇيو ته آتمڪ اُنتيءَ لاءِ ڪهڙا ساڌن ضروري آهن؟ پياري دادا ان سوال جو جواب ڏيندي چيو ته ٻوڌ پائڻ ته هي سنسار فاني آهي. ان ڪري جڳت ۽ جڳت جي پدارٿن ۽ سنبنڌن ۾ موهه رکڻ ناداني آهي! ٻيو ساڌن سڀني کي پيار ڏيڻ، نه صرف مانو ماتر کي پر ٻين سڀني پراڻين کي پيار ڏيڻ، مٿن ديا ڪرڻ.

٣٠ ڊسمبر دادا جشن ڪرڳمور جي اسڪول جي وديارٿين سان مليو ۽ کين سکياداڪ ڳالهيون ٻڌايائين. کين ڀيڻ لڪشميءَ طرفان پرسون ۽ ميوو ڏنائين. شام جو دادا جشن پياري اُم جي گهر روح رهاڻ ستسنگ ڪيو. ٣١ ڊسمبر دادا جشن اُپديش

جي ميوان ٻوميءَ ۾ واپس وريا.

١٦-١٧ جنوري دادا مهاڳيهه جي سنڌ ۾ ميوان ٻوميءَ ۾ خاص ڪاريڪرم ٿيا. ١٦ جنوري صبوح جو هون ٿيو ۽ شاسترن جي پاٺ بعد پياري دادا جشن سفيد پوش پيدرن کي ڪمبل ۽ اناج جا پاڪيٽ ڏنا. شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ کي ڀاؤ ڀري شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا پنهنجي جيون ۾ ڀڳاڙيءَ تائين سيوا جي ساکي ڏني. ورڌ اوستا ۾ به ڪيئن نه پيارو دادا اچي ويهندو هو پاهر، گيتا ڀون جي پاهر ۽ ونس ايندا هئا قطارن ۾ غريب، دکي، مسڪين. اڪ اڪ کي ڪجهه نه ڪجهه ڏيندو هو. ڪن کي ڪپڙو، ڪن کي کاڌو، ڪن کي پئسا. چوندو هو، موٽاءِ ڪنهن کي به نه! ”نا جانون ڪس ڀيک ۾، نارائڻ مل جاءِ!“

ساڌو جي چولي ڇڏڻ کان ٻه ڏينهن اڳ پياري دادا چيو، ”منهنجا ڪپڙا ڪٺي اچو ۽ سڀ غريبن ۾ ورهائي ڇڏيان. منهنجي لاءِ فقط ٻه چولا رکو. اهي ٻه چولا منهنجي لاءِ ڪافي آهن!“

انهن اکرن جي معنيٰ اُن وقت اسان کين سمجهي. اُن وقت کين ڀورڙيوسين ته اسان جي دلين جو محبوب هوندو اسان وٽ مهمان فقط ٻه ڏينهن.

پر پيارو دادا ويو ڪٿي آهي. پيارو دادا هميشه زنده آهي! ڀلوي ڪر ٿي وڃدي، سج لٿو ٿي وڃدو، چنڊ تارا ڪٿيون غائب ٿي وڃدا ٿا، پر پيارو دادا هوندو هميشه هميشه! ۽ هن وقت به پيارو دادا پيو نهاري، پيو هڪ هڪ کي پڪاري، ”نام ڳايو! نام ڌيايو! ۽ غريبن دکين جي سيوا ڪريو!“

پياري دادا پاڻ کي غريبن ۽ دکين جي سيوا ۾ قربان ڪيو!

٢٠ جنوري دادا جن لوناوالا روانا ٿيا. اتي ٿي ڏينهن

ڪريو ته توهان کي چت شانتي ملندي.

دادا جن ايروڊ مان سلم لاءِ روانا ٿيا، رات جو اُتي پهتا. صبوح جو ستسنگ ٿيو. پياري دادا جن شري سکمني صاحب جي سوتر "سڪل ڌرم مهه سريشٽ ڌرم، هرڪو نام جپ نرمل ڪرم" تي گيان گرڀت وچن ڏنو. سلم مان دادا جن بنگلور روانا ٿيا.

۴ جنوري شام جو بنڪوس شيوا سمتيءَ طرفان دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ۱۰۰ جنمدن ملهايو ويو. داد جن دادل شاهه جي جيون تي روشني وجهندي سنگت کي چيو ته توهان ۽ دسمه دوار کولڻ لاءِ يتن ڪريو. شريمد ڀڳوت گيتا ۾ هن شرير کي نو دوار ڪوٺيو ويو آهه. دسمه دوار آهه آتما جو دروازو. مانک ديهه ۾ اچي به جي دسمه دوار نه کوليوسين ته هيءَ ياترا نسڦل ويندي. ان ڪري سنتن جي سنگ ۾ رهي دسمه دوار کولڻ جي بخشش منگو.

۵ جنوري شام جو سنڌي يوٿ ائسوسيئيشن جي سهاري باوا سمتي هال ۾ ساڌو واسواڻيءَ جو جنمشتابدي اتسو ملهايو ويو. دادا جن انگريزيءَ ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي جيون مان ڪيترا پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌائيندي چيو ته دادل شاهه جي سکيا ٻن لفظن ۾ اٿو: سمرڻ ۽ شيوا. پرڀوءَ کي نه وساريو. هر وقت هن کي ياد ڪريو. آتم کي آباد ڪريو ۽ جيون ارپڻ ڪريو دکين دردن ٿڪين پسن جي شيوا ۾. شيوا ڪريو نشڪام ۽ پيار ۾.

۶-۷ جنوري دادا جن پنجابي هال ۾ پروچن ڪندي چيو ته نام کي نه وساريو. جنهن وساريو نام تن ٻنهي وڃائي ٻنهي.
پرڀوءَ کي پنهنجو مالڪ سمجهي پياس ۾ پڪاريو!

۸ جنوري دادا جن پونا لاءِ روانا ٿيا ۽ ۹ جنوري پونا

سائين مولچند صوفي ٢٣ جنوري ٻاوڪ ٻڌايو. دادا جشن
کمس شوقانجلي ڏيندي چيو ته سائين مولچند سنڌي قوم جو
ٻوٽو هو. سنڌي صوفين جو اِڪ روشن منار هو. سنت هو،
سنتوڪي هو. ٻاپوءَ جو پيارو هو، درويش هو، دکين دردن جو
دوست هو. هزارين دلين جو محبوب هو. نيڪن وارو نماڻو هو.
جڏهن جڏهن ملندو هو ان وقت چوندو هو "دعا ڪر! انهن
ته نٿي، اُس وڃان ۽ چون ڪميٽيءَ مان ڪجھ ڪين ٿيو!"
هن پياري جي مک مان اهي اکر ٻڌي منهنجون اکيون آليون
ٿينديون هيون. منجهس ڪيڏي نه نِرڙت ۽ نياز هو. وٽس ڪيترا
ايندا هئا، انهن کي روحاني راهه ٻتائيندو هو. سويل سمهندو
هو ۽ اڌ رات جو اٿي ڏاڍيءَ جي عبادت ڪندو هو. ڏينهن جو
دکين دردن جي سيوا ڪندو هو. بمبئيءَ ويندو هوس ته
ڪوشش ڪري هن پياري جو درشن ڪرڻ ويندو هوس. سندس
آسيس وٺندو هوس.

هيءُ پيارو ننڍيءَ عمر ۾ ئي پنهنجي مرشد جي چرڻن ۾
ويٺو. سنگ ڪمايائين، سيوا ڪيائين، مرشد جي سکيا گرهڻ
ڪيائين. سندس مرشد جي سکيا ۾ هڪ ڳالهه تي زور هو:
"خدائي ڪاڻ، ديدار پاءِ، ته مانک جنم سڦل ٿئي."

خودي وڃائي خدا کي پاتائون،
پاڻ گنوائي، پاڻ ڄاتائون،
اڄ سڀ هليا ويا! داجو هليا ويا!

هڪ ئي ٻڌو اسان جي ۽ ٻاپوءَ جي وچ آهه- خوديءَ
جو ٻڌو. سياڻو سو جو اهو ٻڌو ٽوڙي ٿو. جڏهن خودي وڃي
ٿي، تڏهن انسان خدا کي پائي ٿو. سائين مولچند ائين ڪيو.
خودي وڃائي خدا کي پاتائين. پاڻ گنوائي، پاڻ ڄاتائين. دل
جي اندر ٻارڻيا اُم ته شل هن سنگت ۽ هن داس جي ٻوه ۽

دادا جن سانت ۽ ايڪانت ۾ گذاريا. منگل ۲۲ جنوري رات جو دادا جن پونا جي ميران يوڻي ۾ واپس آيا. ۲۵ جنوري ڊاڪٽر هيراننڊ هائيراماڻيءَ جي گنڀير حالت ٻڌي دادا جن سنگت سان گڏ سندس گهر ۾ آيا. ڊاڪٽر هائيراماڻيءَ جي سرت سالم هئي. هن دادا جن کان پڇيو ته هن مهل ڪيئن آيا آهيو؟ دادا جن چيس ته تڪڙو تڪڙو آيس، سمجهيم ته توهان کي دادل شاهه وٽ پهچو اڇي. توهين بهتر ۽ وڏيڪ روشن لوڪ ڏي وڃي رهيا آهيو. ان ڪري خوش ٿيو. هاڻ پيون سڀ ڳالهيون وساري پڪو چت نام ۾ رکو.

دادا جن ڊاڪٽر هائيراماڻيءَ جي گهر مان واپس آيا ته ڪلاڪ کن ڪانپوءِ فون آيو ته ڊاڪٽر صاحب پرم ڌام پڌاريو. ۲۶ جنوري ڊاڪٽر صاحب جي استول شرير کي سينگاري دادل شاهه جي سماڌي آستان تي کڻي آيا. دادا جن اُن وقت پيل هوندي سان پرارٿنا ڪئي.

۲۷ جنوري آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ دادا جشن ڊاڪٽر هيراننڊ هائيراماڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سنڌ کان وٺي هن پياري جو نيهن جو ناتو ستسنگ ۽ دادل شاهه سان هو. ڪيترا مهنا دادل شاهه ڊاڪٽر جي گهر وڃي رهيو ۽ اُت ٻڌڻي رحم ليلا لڳايائين. ڪيئن ته نعين وڏن پائين ۾ سورٺ ۽ سيوا جو ٻج پوکيائين. حيدرآباد ۾ ستسنگ جي اسپتال ۾ سيوا ڪندو هو. هت پونا ۾ دادل شاهه جي سنستا پوڙ هوڊ ائسوسيئشن جو ڪيترا سال چيئرمين ٿي رهيو. دادا جي ته هن ڪنڌي نه سيوا ڪئي. دادا جن کي جڏهن ڪاربوڪ تڪليف ٿيندي هئي ته هي پيارو راتين جون راتيون دادا جي سيوا ۾ حاضر هوندو هو. غريب بيمارن جي ته پورو ۽ همدرديءَ سان خدمت ڪندو هو. اهڙو ڪيس ٻهڪي رحم ۾ رکي.

ٻچن کي پنهنجي پيرن تي بيهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيو آهي. سنڌ ۾ ڪو به ٻار يا ٻيڻ پڙهندو ڪين هو. سنڌ ۾ هڪ به سنڌي هندو فقير ڪين هوندو هو. هڪ هڪ سنڌي ان ۾ شان سمجهندو هو ته هو ٻانهن يا دماغ جو پورهيو ڪري کائي. منهنجي اکين ۾ آنسون تري ايندا آهن جڏهن مان هت ڪن ٻچن کي در در پنندو ڏسندو آهيان! هيئنر وقت آيو آهي، جڏهن اها ڳالهه ٻڌ تيڻ گهرجي ۽ هڪ هڪ پورهيو ڪري کائي. ان ڪري اهڙن مرڪزن جي ضرورت آهي جي هنري وديا ڏئي ۽ خاص ڪري ٻچن کي همٿائين، جيئن هو ٻانهن جو پورهيو ڪري گهر جو گذران ڪن. منهنجي سنڌي ٻالڪين ۽ ٻچن کي وينتي آهي ته هلندڙ اسڪيم جو فائدو وٺو. مشن ۾ سلائيءَ جي سکيا به وٺو ۽ خرچ پکي لاءِ توهان کي پنجاهه روپيا به در مهني ملندا ۽ ڇهن مهينن کانپوءِ مشين به توهانکي ڏني ويندي. اڄ ڪلهه سبڻ جي ڪم مان پيٽ گذران ڪري سگهجي ٿو. اهڙو سونو وجهه نه وڃايو. پياري شانتيءَ جي يادگيريءَ ۾ اهو سيوا پڪيه شروع ڪيو ويو آهي. مشين هلائيندي نام اچاريو، پرڀوءَ جا گڻ ڳايو. توهان جي ڪم ۾ برڪت پوندي.

١٦ مئي صبوح جو هن پڪيه ۽ شاسترن جي پاٺ بعد پياري دادي شانتيءَ جا سنڪ دادل شاهه جي سماڌيءَ جي هڪ ڪنڊ ۾ رکيا ويا. پياري دادا جشن پراڻا ڪئي. دادل شاهه جو منو ايڊيشن ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو ۽ سنڌيڊبوش ٻچن جي سيوا ڪئي وئي.

شام جي ستسنگ ۾ پوڄه دادا جشن پڻ شانتيءَ جي جيون جون ڪجهڙيون ٿي ڳالهيون ٻڌائيندي چيو ته شانتي سماڄيءَ جو ڏهن ورهين جي ٻال اوستا ۾ سندس دل ۾ دادا ۽ پرڀوءَ لاءِ پيار پيدا ٿيو. هن سمست جيون پياري دادا کي

شردا جا پشپ پياري جي چرڻن ۾ قبول پون! شال اُن ڌام مان، جت هوءَ پيارو هن وقت آهي، اسان کي پنهنجي آسيس موڪلي، موڪليندو رهي. شال اسين به هن سپاهيءَ وانگر خودي وڃائي خدا کي پايون. نام ڳايون نام ڌيايون!

٢٥ جنوري داداجن بنگلور جي سنت شري راڌاڪرشن سواميءَ کي شردانجلي ڏيندي چيو ته هي عجب سنت هو، ستپرک هو، پرڀوءَ جو پيارو هو. ودوان هو، پر نماڻو، نيڻهن وارو هو. آل انڊيا سائين سماج جو پريزيڊنٽ هو، پر پاڻ کي سنتن جو داس ڪري سمجهندو هو. هي پيارو شرڊيءَ جي سائين بابا جو انيه اُپاسڪ هو. پياري دادا لاءِ کيس عجيب شردا ۽ قرب هو. ڊسمبر ۾ بنگلور ۾ ويس ته مونکي خبر ملي ته هي پيارو سخت بيمار آهي ۽ نرسنگ هوم ۾ آهي. سندس درشن واسطي اُت ويس. سندس حالت نازڪ هئي. اُن وقت مون سمجهيو ته مان هن پياري جو انتم درشن ڪري رهيو آهيان. سندس چرڻن ۾ سر جهڪايم ۽ دل جي اندر هن لاءِ پرارٿنا ڪيم. گذريل سومر رات جو هن پياري استول شرير جو تياڳ ڪيو. هن وقت آهه پنهنجي ڌام ۾، شال اُتان سڀن کي پنهنجي آسيس موڪليندو رهي.

١٥-١٦ مئي ميران يوميءَ ۾ دادي شانتي واسواڻيءَ جي ورسي ملهائي وئي. اُن سلسلي ۾ ١٥ مئي صبوح جو هون يگيه ٿيو. دادا جن بالڪن بالڪين کي ٽول ۽ رانديڪا ڏنا. شام جي ستسنگ ۾ شانتي شيوا نڪيتن طرفان ٽيلرنگ سکيا ۾ پهريون ۽ ٻيو نمبر آيل ڀيڻن کي پوڄيه دادا جن سلائيءَ جون مشينون ڏنيون. پاڻ آنڌ ريلواڻيءَ شانتي شيوا نڪيتن جي ڪارج تي روشني وڌي. دادا جن پياري آنڌ ريلواڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته هي پيارو انسان ۽ لگن سان سيوا ڪندو آهي

ملندو، شانتيءَ جو انڀو ڪندو. سنتن جو سنگ ۽ سيوا ڪري پنهنجي پاڻ سڦل ڪيائين. اڄ سندس نالو امر آهي ۽ امر رهندو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! تڪڙي وک وڌايو. ڪنهن وقت به ڪال جا قاصد اچن. تنهن کان اڳ تيار رهو. ننڊ نه ڪريو! دکين دردين ۽ ٻکين پسن جي سيوا ڪندا رهو!

۱۹ مئي صبوح جو پيارو دادا جشن سنگت سان گڏ پونا مان بمبئيءَ لاءِ روانو ٿيو. ايل آر. ڪي. انڪيڊيميءَ ۾ سادو واسواڻي مشن جي ستسنگ جو بنيادي ڏينهن ملهايو ويو. ڀوڳانين پياري خوبچند شوداساڻيءَ سيوا ڪارڻ جي رپورٽ پڙهي. ان موقعي تي پياري دادا جشن وڌايون ڪندي چيو ته پياري ڀاءُ خوبچند چيو ته، سال اڳ اجوڪي ڏينهن بمبئيءَ ۾ نوري ستسنگ آرنڀ ڪيو. هڪ هڪ ستسنگ آهه جوت جو مرڪز. هن وقت سنسار ۾ اوندهه انڌڪار آهه. جوت جي ضرورت آهه. جوت جڳائيندا رهجو. پر توهانجي جوت ڪهڙي به ننڍڙي هجي، هڪ موم بتيءَ جي مثل هجي ته به سنسار جي سموري اوندهه ان جوت کي وسائي ڪين سگهندي. هن سال توهان سيوا جي جدا جدا ڪمن تي هڪ لک چوهٺ هزار روپيا خرچ ڪيو، ان لاءِ توهان کي ڌنيواد. هڪ ڏينهن پياري دادا سادو واسواڻيءَ کان پڇيوسين ته اتم ۾ اتم ڪم ڪهڙو آهه؟ داداجن چيو اتم ۾ اتم ڪم اهو آهه جو پرڀوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪريون ٿا، دکين غريبن جي سيوا ۾! سيوا ڪريو، ضرور ڪريو. پر سڀ سيوا سا جا ارپڻ ٿيل آهه پرڀوءَ جي چرنن ۾. جنهن ۾ 'مان مان' جو ويچار اصل ڪين آهه. ان ڪري جڏهن وقت سيوا جا ڪارڻ ڪريون، ته دل اندر سمجهون ته اهي سيوا جا ڪارڻ اسين نه ڪري رهيا آهيون، پر پرڀوءَ جي ٻوڙ شڪتي. دل اندر شل اها ڀاونا هجي: ”تو

اڻبڻ ڪئي، ايتري قدر جو پنهنجي آکهه به بدلائي، ماکيجاڻيءَ
پدران واسوائي سڏايو. ڀڄاڙيءَ تائين پياري دادا جي نماڻي
ٻالڪي ٿي رهي. سندس رڳ رڳ ۾ هئي اِڪ ئي پڪار ”اَهه
تهنجي مهر نهار، ٺوري نماڻي لڳکانيندين پيار.“ مٿس
دادل شاه جي مهر نهار ٿي ۽ هن سنسار ساڳر مان لنگهي
وڃي پهتي دادل شاه جي دربار. لوڪ چوندا آهن ته اڃا وقت
گهڻو ئي پيو آهه، پوري وقت تي پاڻيهي پرڀوءَ کي پائڻ جو
يتن ڪنداسين. هيئر ته دنيا جا عيش عشرت ۽ مزا ماڻيون.
شانتيءَ ائين ڪين ڪيو. ننڍي هوندي کان ڪيس لڳن هئي،
چوندي هئي ته خبر ڪين آهي ته ڪڏي مهل تو سڏ اچي،
شل اُن کان اڳ هلي محبوب سان ملان.

شيطان کي لشڪر آهه. هڪ ڏينهن شيطان پنهنجن چاڙن
کان پڇي ته لوڪن کي ڪيئن پرڀوءَ جي يادگيريءَ کان پري
رکجي؟ هڪ چيو ته لوڪن کي چئجي، ”ڀڳوان آهي ئي ڪونه.“
ٻئي چيو ته ”اسين لوڪن کي گهڻو ئي چئون ته ڀڳو ڪونهي
پر سڀ چئن ته پرڀوءَ جي ساکي ڏين ٿا!“ ٽئين چيو ”لوڪ
کي چئجي ته نرڪ آهي ئي ڪين. چو ته ڪيترائي نرڪ جي
ڀؤ کان پرڀوءَ کي ياد ڪن ٿا.“ چوٿين چيو ته پوءِ لوڪ سو
جي پراپتيءَ لاءِ پرڀوءَ کي ياد ڪندا.“ آخر پنجين چيو ته ”لوڪ
کي چئجي، ”اڃا وقت پيو آهه، پاڻهي پرڀوءَ جي پوڄا سو
ڪنداسين، هيئر ته خوب مزا ماڻيون! عيش ڪريون!“
ڳالهه سڀني چاڙن کي وڻي. اُن ڏينهن کان وٺي شيطان
چاڙا لوڪن ۾ اهو پرچار ڪندا رهيا.

پياري شانتيءَ ننڍپڻ ۾ ئي دنيوي مزن جو تياڳ ڪيو
نام جي اوٽ ورتي. ڪيس اِڪ ئي پياس هئي ته ڪو سد
سڄان ملي، جنهن اهسان وٺي پرڀوءَ کي پائڻ. ڪيس دادل ش

ٻي جيون اهڙي رکون جو بيمار ٿي نہ پئون. ڪيترائن بيمارين جو ڪارڻ آهہ جو اسين قدرت جا قانون ڀڃون ٿا. اتمان حڪيم کان پڇيائون تہ صحت جو قانون ڪهڙو آهہ؟ جواب ۾ چيائين، ”ڪم کائو ۽ غم کائو.“ گهرج کان گهٽ کائو، جيتري بک هجي اُن کان گهٽ کائو. اسين پنهنجا پيٽ ڏٽيون ٿا. نتيجو اهو ٿو نڪري جو بيمارين جو شڪار ٿيون ٿا. مرچ مصالح ۽ گيهہ بہ گهٽ کائو.

غم کائو. ٻارڙا بابت ڪابہ گهٽ وڌ ڳالهہ ٻڌو يا ڪو توهان سان ڪسو ٻڪو هلي، صبر ۾ سهو، غم کائو، جوش نہ ڪريو. ڪاوڙ غصي کان پري رهو. ڪاوڙ ڪرڻ سان اسين پنهنجي رت ۾ زهر ڦهلايون ٿا ۽ صحت وڃايون ٿا. منهنجو هڪ مٽر هو. پنهنجي بنگلي جي باغ ۾ ٻڪي پٽڻ ڪيائين. ڏٺائين تہ مالهيءَ پورو ڪم ڪين ڪيو آهہ. غصي ۾ اچي مالهيءَ سان ڪي لڪا اکر ڳالهايائين. اهڙو جوش ۾ اچي ويو جو ڳالهائيندي ڪري پيو ۽ گذاري ويو! جو صبر ڌاري ٿو، اهو پنهنجي صحت سڌاري ٿو. ان ڪري منهنجا پيارا ٻارو ۽ ڀيڻرون! ”ڪم کائو ۽ غم کائو.“

۳۰ جون صبوح جو ٻوڄي دادا جشن بمبئيءَ روانا ٿيا. آلي شام جو آر. ڪي. انڪيڊمي ڪولابا ۾ دادا جن ”پيار“ جي وشيہ تي وياکيان ڪندي چيو تہ پيار آهہ پاڻ کي ڪجهہ ڪين سمجهڻ ۽ پنهنجي محبوب مرشد کي، گرديو کي سڀ ڪجهہ ڄاڻڻ. پيار معنيٰ جيڪي آهہ اُن من تن سڀ مٺي محبوب جي ڪمل قدمن ۾ ارپڻ ڪرڻ. سچي عاشق کي پريتم ڪانسواءِ ٻيو ڪجهہ ڪين کپي. ڪيس دنيا جي راڄائي ڏيو تڏهن بہ هو؛ چوندو تہ مان ڇا ڪريان اُن کي! سونگي ڪنهي پريتم جو پيار، تنهن ٻري ٿيار! سچو گرو چاهي ٿو تہ وڌس جي

واسطي! تو واسطي!“

٢٥ مئي صبوح جو ٻوڄهه دادا جشن چيمبور ۾ راشٽريه سيوا سمتيءَ جي انڊڪس اسپتال جو بنيادي پٿر وڌو. انسو جي شروع ۾ پياري گرڌاريلعل ڇابڙيا دادا جشن ۽ پدمنٽ جو سواگت ڪندي راشٽريه سيوا سمتيءَ جي ڪارڻ تي روشني وڌي. ان موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته هيءَ اسپتال مرڪز ٿيندي دکين بيمارن جي سيوا جو. هي ٻه هڪ مندر آهه. توهين هڪ مندر ٺهرائي رهيا آهيو. اڄ توهان جڳ هي يگيه ڪري رهيا آهيو. ان يگيه ۾ جيڪي آهوتي وجهندا سي سڀاڳا. هيٺئين مونکي هڪ لفافو مليو، جنهن ۾ ٢٥٠١ روپين جو چيڪ آهه ۽ لکيل آهه ته هن ساگر ۾ شل هي قطرو قبول پوي. انهن ٢٥٠١ روپين ۾ مان پنهنجي فقيراڻي پيٽا ٢٥٠٠ روپيا وجهي، پنج هزار هڪ ڪري هن مندر ڪارڻ لاءِ ڏيان ٿو. جت سچائيءَ سان سيوا ٿئي ٿي ۽ دکين دردين جي سار ٻوله شرڌا ۾ لڌي وڃي ٿي، اهو ٻڌو پنهنجي اڪٽ پيار مان ڪيترولي پيو موڪلي.

اسانجي ملڪيت، اسانجا خزانا اسانجا ڪين آهن. امانت طور اسانکي مليل آهن ته شب ڪارڻ ۽ دکين دردين جي سيوا ۾ خرچ ڪريون. پيارو دادا چوندو هو ته جيڪو مايا سيوا ۾ خرچ ڪري ٿو، سو لڪشميءَ جي پوڄا ڪري ٿو، ٻيو جيڪو ڌن مال ٻين ۾ نه ورهائي، سو ايشور سان وساهه گهاتي ڪري ٿو. بيمارن مان چنڊ جا ڪيترائي سرشتا آهن- النوپٿي، هوميوپٿي، نيچروپٿي، هائڊروپٿي، ٻيو سڀني ۾ اُتم سرشتو آهي سمپٿي، همدردي. مونکي اميد آهي ته جيڪي هن اسپتال ۾ ڪم ڪندا سي همدرديءَ جو آدرش اپنائيندا. همدرد ڊاڪٽر ڏسڻ سان بيمار جو اڌ دک دور ٿي ويندو آهه. اسين ته پنهنجي روز نه روز

ساڌو واڻيءَ کي ڌنيواد ڏني، جنهن جي ٻڌارڻ سان اهو ٻالڪ مٺن کي شيوا ڪارڻ لاءِ مليو آهي. داداجن اُپديش ڪندي چيو ته شل هي آستان ئي ٻوڍي ٻاٻوءَ جي مهر جو مڪان، جتي چمڪي سندس سدائين احسان ۽ ميٺي ٻولي نام سمرڻ جي جوت ۽ دکين دربدرن، بکين بسن جي شيوا جي روشني. شل هي آستان ذات پات جي ڪنهن ڀيد ڀاءَ کانسواءِ کليل رهي. ساڌو واسواڻي مشن جو آستان ٺهڻ ۾ هڪ يگيه آهي. ان يگيه ۾ شل گهڻن جون ننڍيون ننڍيون آهوتيون پيون. پريو اسان کان وڏا ڪم ڪين ٿو گهري. پريو ننڍيون ننڍيون ڀيٽائون قبول ڪري ٿو جي اسين صدق ۽ پريم سان ارپڻ ڪريون ٿا. پياري دادا هڪ دفعي چيو ته جيڪو پنهنجي ماءُ پيءُ جي خدمت ۾ خرچ ٿئو ڪري، لڪشمي اُن وٽان موٽ کائي ٿي. پريوءَ جي ڏنل مايا ملڪيت ٻين سان ونڊيو وراهيو، دکين دربدرن جي شيوا ۾ خرچ ڪريو. هڪ ٻئي موقعي تي پياري دادا چيو ته مونکي فقط هڪ زبان آهي پر جي هڪ لک زبانون هجن ها ته هڪ هڪ زبان سان چوان ها ڏيو! ڏيو! ڏيندا رهو.

هڪڙي راجا ڀڳوان شري ڪرشن جو سندر مندر ٺهي ٺهرايو. ان مندر لاءِ سنگمرمر کڻ ٻيل گاڏين تي آندو ٿي ويو. رستي تي هڪ ٻڍڙي مسڪين ڀڪتياڻي انهن ٻيل گاڏين کي ويندو ڏسي گاڏين کان پڇي ٿي ته توهان ڪيڏانهن پيا هي سنگمرمر کڻي وڃو. ٻيل گاڏي ڪيس ٻڌائين ٿا ته راجا ڀڳوان جو مندر اڏرائي رهيو آهي، ان لاءِ هيءُ سنگمرمر جو پٿر کڻي وڃي رهيا آهيون. اُن ٻڍڙي مسڪين مائي جي دل ٿئي ٿي ته هوءَ ٻه ننڍين مندر جي اوساري ۾ ڪجهه ڀيٽ ڪري پر وٽس پيسو پڌارڻ ڪين آهي جو هوءَ انهن ٻيل گاڏين کي مندر لاءِ ڀيٽ ڪري. هن پياريءَ وٽ پنهنجي سمهڻ لاءِ هڪ کاٽ جو اُڏو آهي. اهو

پيارا اچن، سي ڪجھ ڪين ئي ٻون. گروءَ کي ٻيو ڪجھ ڪين کپي، هڪ ئي ڳالھ تہ ستسنگ پيارا ٿي ٻون خالي. جي خالي ٿين ٿا، ٿن کي ٻيو ڀنڊڇي مهر ۾ ڀري ٿو، اهي ٿين ٿا ڀڳوءَ جي ڀڳوان جي پيالي. ڀڳوءَ کي بہ گھرجن پيار وارڊون دليون. انڪري دل ۾ پيار پيدا ڪريو، گرديو لاءِ، ڀڳوءَ لاءِ. اهو ڀڳوان ئي ڀڳتن وٽ پهچائيندو. سچو گيانوان، سچو پنڊت بہ اهو آهي جو ڀڳوان جي پٽ تي هلي ٿو. سنت ڪبيرداس چوي ٿو:

پڙھ پڙھ کي جگ مئا پنڊت ڀيا نہ ڪوءِ،

اڍائي اکشر ڀڳوان کي پڙهي سو پنڊت هوءِ.

دلين اندر ڀڳوءَ جي ڀڳوان جا چشما کوليو! شرڌا سان ڀڳتن جو نام ٻوليو!

۳۱ جون شام جو جئہ هند ڪاليج ٻمبئيءَ ۾ پياري دادا جشن ستديءَ ۾ ڇپيل ”شري گرو گرنٿ صاحب“ جو مهورت ڪندي پرڪاشڪ پياري جيناند لعلواڻي ۽ ستسنگ پتني سشيلا لعلواڻيءَ کي ڌنيواد ڏيندي چيو تہ هنن پيارن ڪيترو نہ ڪشٽ ڪري، سنڌي ڪري شري گرو گرنٿ صاحب سنڌيءَ ۾ ڇپائي شايع ڪيو آهي. شري گرو گرنٿ صاحب ۾ گرن ۽ ڀڳتن جي امولہ واڻي سنگرهيت آهي. شري گرو گرنٿ صاحب ۾ اهو آواز آهي جو سڄي سنسار کي جڳائي، اونده مان ڪڍي جوتيءَ ۾ آڻي ٿو. اهو پيغام آهي جو دکي لوڪن کي سک جي راھ ٻڌائي ٿو. ان ۾ گروءَ ۽ نام جي ڪٿڏي نہ مهما ڳايل آهي. اسين بہ نت نيم شري گرو گرنٿ صاحب شرڌا سان پڙهون ۽ ان جي سکيا هنڊايون.

۱۳ جولاءِ داداجن سردارنگر احمدآباد ۾ سادو واسواڻي مشن ڪامپليڪس جو بنيادي پٿر وجهندي پياري هموطن

ڀارت ديس ڀڳل آهه. قوم ٽٽين ٿيندي، ديش ٽٽون ٿيندو جڏهن نوجوانن جون ٽوليون پيدا ٿينديون جي پنهنجي زندگي ارپڻ ڪنديون لوڪن جي سيوا واسطي. ان ڪري ٽئين وديا جي ضرورت آهي جا وديارٿين جي ڪچڙن دلين ۾ سادگي، سيوا، ڀوڳنا ۽ پرارٿنا جا ٻج پوکي. اهڙي وديا ڏيڻ جو ٻئين ميران اسڪولن ۾ ڪيو ويجي ٿو. ميران وديارٿين کي سيکاريو وڃي ٿو ته جيون جي جنگ ميدان ۾ اڪيلي ڪي بهادريءَ سان منهن ڏيو. نام نه وساريو ۽ دکين دربدرن ۽ پڪين پسن جي سيوا ڪريو. توهان سادو واسوانيءَ جي انهن سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏئي مانش جنم سڦل ڪريو. ڪاڪي هرگنداس ۽ سندس سائين کي ڌنيواد آهي جي هت پياري دادل شاهه جي جوت جڳائي ويٺا آهن.

١٣ جولاءِ شام جو دادا جن سردار نانڪ سنگهه جي گهر ستسنگ ڪيو. رات جو دادا جن احمدآباد مان بمبئيءَ لاءِ روانا ٿيا.

٢٧ جولاءِ گرو پورنما جي پوتر ڏينهن صبوح جو پياري دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته اجوڪو ڏينهن ٻاڻ سان يادگيري ڪٽي اچي ٿو ڀارت جي آدي گرو ويد وياس جي. سري ويد وياس ڪيڏي نه سيوا ڪئي. چار ويد، برهم سوتر لکيائين. ١٨ پراڻ، مهاڀارت تيار ڪيائين. هڪ هڪ ڀارتواسيءَ تي سندس قرض آهه. اهو قرض اسين لاهينداسين، جڏهن انهن شاسترن جو ابياس ڪنداسين ۽ پنهنجي زندگيءَ ۾ ان سکيا جي ساکي ڏيڻ جي ڪوشش ڪنداسين. اها سکيا ٿورن اکرن ۾ آهه ”اي انسان! تون پاڻ بچاءِ! پاڻ کي خرچ ڪر دکي دنيا جي سيوا ۾. اجوڪي ڏينهن شش پنهنجي گروهه جي چرڻن ۾ اچي ڪنا ٿين ٿا ۽ سندس آسيس وٺن ٿا. گرو ڪير؟ گرو جو شش کي

ڳاهه جو ڍڳو ڪٺي اُنهن ڳائُن جي ٻيلن کي کارائي ٿي ته اهي پيارا ٻيل ڀڳوان جي مندر لاءِ پٿر ڪٺي وڃي رهيا آهن. ٻيلن کي ڳاهه کارائي ٿي، ڪين پاڻي پيئاري ٿي. شل اهو ڪٽڪو قبول پوي. پوءِ اُن ڀڳوان جي مندر جو ڌيان ڪري ٿي. هيڏانهن ڪجهه مدت بعد اُهو مندر جڙي راس ٿئي ٿو. راجا ڏاڍو پرسن ٿئي ٿو. ويچار ڪري ٿو ته ان مندر جو مهورت ڪهڙي مهاپرش کان ڪرايان. رات جو ڪيس سپني ۾ ڀڳوان درشن ڏيندي چوي ٿو ته پيارا! تنهنجي راڄڌانيءَ کان ڏهن ڪوهن جي مفاصلي تي هڪ وڻ هيٺان هڪ ٻڍڙي مسڪين مائي رهي ٿي، اُن جي من ۾ مون لاءِ انيڪ ڀڳتي ڀاونا آهي، تون جيڪر هن مندر جو مهورت ان پياريءَ کان ڪرائين. راجا سپني ۾ ڀڳوان جو درشن ڪري ڏاڍو پرسن ٿئي ٿو ۽ آڳيا انوسار اُن مائي کي پنهنجي راڄ محل ۾ گهرائي سندس مان ڪري ٿو ۽ کيس مندر جي مهورت لاءِ وينتي ڪري ٿو. ٻڍڙي مائي چوي ٿي ته مان مهورت ڪرڻ جي لائق ڪين آهيان. مان ته آهيان غريب مسڪين، مون ڪجهه به هن مندر لاءِ پيٽ ڪين ڏنو آهي، مونکي ڪهڙو حق آهي جو مان ٻئي جي مندر جو مهورت ڪريان! راجا کيس پرارٿنا ڪري ان مائي کان مندر جو مهورت ڪرائي ٿو. اُن ٻڍڙي مسڪين مائي کي راڄ محل ۾ رهائي سندس شيوا ڪري ٿو. اُن مندر لاءِ ڪن هزار ڏنا، ڪن لک ڏنا، پر سڀني کان وڌيڪ مسڪين مائي جو ڳاهه جو ڍڳو پرڀوءَ کي قبول پيو، جو ڳاهه جو ڍڳو هن مندر لاءِ سنگمرمر آڻيندڙ ڏاندن کي کارايو. پيارا! پرڀو ڏسي ٿو دل، پرانم.

هن مندر پلاٽ تي گهڻيئي ڪلياڻڪاري ڪارج ڪيا ويندا. ستسنگ هال، ناري شالا، دواخانو، وديارٿين لاءِ مفت اسڪول کلندو. هن وقت اسانجي سنڌي قوم، اسانجو ڌرم،

دعا ڏاريو، دکين دربدرن بيمارن لکين پڻ لئي دعا ڪريو. مان پياري ڊاڪٽر موديءَ جو به شڪرگذار آهيان جو هن اسپتال لاءِ هن پياري سهيوگ ڏنو ڪيو آهي.

داداجن پوارٿنا هال جو مهورت ڪندي چيو ته شل هن هال دوارا پياري دادا واسواڻيءَ جا وديا بابت آدرش ڦهلجن. نت نيم بالڪيون پڙهائيءَ کان اڳ هت اچي پوارٿنا ڪن. پوارٿنا دوارا آتمڪ بل ملي ٿو، جيئن شرير لاءِ کاڌو پيتو ضروري آهي، تيئن منش لاءِ پوارٿنا به ضروري آهي. پوارٿنا دوارا من جا مونجهارا مٽجي وڃن ٿا ۽ من ميزان ۾ رهي ٿو، شانت رهي ٿو، آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. پستڪن جي وديا ضروري آهي، پر ان سان صرف دماغ جي شڪتي کلي ٿي. پياري دادا چاهيو ته بارن جي اندر جون شڪتيون کلن. پياري دادا چيو ته ڀارت جي آئينده جي اميد بارن ۾ آهي. ڀارت راجيه سڀا يا لوڪ سڀا دوارا ڪين نهندو، پر ڀارت جا اڏيندڙ آهن بالڪ بالڪيون، جن کي نئين قسم جي وديا ملڻ گهرجي. ان وديا جو آواز آهي چرتروان ٿيو، آتما جي آبادي ڪريو، شيوا ڪريو. سچي وديا جي مراد آهي شيوا.

شام جو ميران ستسنگ هال ۾ پياري دادا جشن جي جشن ستسنگ ۾ دادا هوتچند آڏوائي، دادا گنگارام ۽ شري واڌواڻي پياري دادا جي گڻن جو ورڻن ڪيو. پياري دادا جشن سڀني جي شڪرگذاري مڃيندي چيو ته جيڪي توهان مون لاءِ چيو آهي، سو مان نه آهيان پر ور ور اچ اهو آواز پئي پڙو اٿم ته مرشد شال وٺان! شل انسان ذات، پڪين پڻ جو اڪ خادم ٿي رهان ۽ پنهنجي مرشد کي وٺان، ان جي ڪمل قدمن ۾ قبول پوان! پڻ سان پنهنجي گهر پهچان.

ناتڪ پڻ سيتي گهر جاءِ.

اوندهه جي آزاهه مان ڪڍي روشنيءَ جي راهه تي آڻي، گيان مارگ ٻڌائي.

۲۹ جولاءِ منگل ڏينهن ميران سنڌي پرائمري اسڪول جي ودياٿين ۽ اڌياپڪن پياري دادا جشن جو ۶۲ جنمدن اُتساهه اُمنگ سان ملهايو. اُن موقعي تي داداجن ٻالڪن ٻالڪين کي خوب کلايو ۽ ٻهڳجي سکياداڻڪ اُپديش ۾ چيو ته مان به اوهان وانگر پڙهندو هوس، تڏهن مون هڪ سپنو ڏٺو. سپني ۾ ڏٺم اُو ته ڀڳوان شري ڪرشن سنگهاسن تي ويٺو مرلي وڄائي. اُن مرليءَ مان ٽن اکرن جو آواز پئي آيو. اهي ٽي اکر هئا ”ٻيو ويٺو ڏسي!“ ڪوبه ڪم ڪريو ته ٻاڻ کي ياد ڏياريو ته ٻيو ويٺو ڏسي، پوءِ اوهين ڪوبه برو ڪم ڪين ڪندا. اوهانجي جيون لئين ٽي پوندي.

۲ آگسٽ صبوح جو داداجن ساڌو واسواڻي وديالنگر ۾ پڌاريا. اُتي ڪورپگانو ۾ ساڌو واسواڻي مشن طرفان داداجن اکين جي اسپتال جو بنيادي پٿر وڌو. ان موقعي تي داداجن پياري وشنو المچنداڻيءَ کي ڌنيواد ڏني جنهن ٻهڳجي پوڄ پتا شري جمناداس المچنداڻيءَ جي پوتر يادگيريءَ ۾ ان اکين جي اسپتال لاءِ مايا جي سيوا ڪئي. داداجن پرچن ڪندي چيو ته اڄ هن اکين جي اسپتال جو بنيادي پٿر وڌو ويو آهي. شل هن اسپتال دواران گهڻن کي جوت ملي! پر نه وساريو ته مانک جنم مليو آهه ته اندر جون اکيون کوليون. جڏهن اندر جون اکيون کلن ليون، تڏهن پروڙ پوي ٿي ته سچ ڇا آهه؟ ڪوڙ ڇا آهي؟ هي جيڪي ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو سڀ آهي فاني. سچ آهي اڪ رحم روحاني! ان سچ جي پروڙ لاءِ دل ۾ ديا ڌاريو. ديا ئي ڌرم جو بنياد آهي.

ديا ڌرم ڪا مول هئي، نرڪ مول ابهمان،
تلسي ديا نه ڇوڙيئي، جب لگ گهٽ ۾ پران

تو نہ پياري پاپيءَ وٽ وڃان ٿو. ڪيس وينتي ڪريان ٿو تہ مونکي موڪل ڏي تہ مان پنهنجي جيون پياري دادا جي چرڻن ۾، پياري ٻاپوءَ جي قدمن ۾ ارپڻ ڪريان. پياري پاپي مونکي موڪل ڏني آ. مان ڄڻو سمجهان تہ اسانجي قوم، سنڌي قوم ۾ اهڙيون گهٽيون مائيون هونديون!

مون تي ڪرپا ٿي جو مونکي گروءَ جي تلاش ڪرڻي ڪين پيئي. گهر ۾ ئي پيارو دادا گرو روپ مليو. ”ٻوٽ ابداسي گهر ۾ پائيا.“ گروءَ جي ڪرپا مونکي جهلي بيٺي آهہ. گروديو جي ڪرپا ڪانسواءِ مون ۾ ڪجهہ ڪين آهہ. پنهنجي حالت جو ويچار ڪري وري روئندو آهيان، وري وري پڪاريندو آهيان:

رکي در لـي نوڪر، نہ موڪل ڏجانءِ،
ڏسي ڏوهہ مهنجا، ڪميڻيءَ نہ ڪڍجانءِ!

شل مان نماڻو ٿيان، ڪجهہ ڪين ٿيان، خاڪ ٿيان، نماڻو ٿي شل اوهانجي شيوا ڪريان. پڳل سنڌي قوم جي شيوا ڪريان، ڀارت جي، انسان ذات جي، پکين ٻسن جي شيوا ڪريان!

١٩ آگسٽ صبوح جو دادا جشن ناولٽي سنيما ۾ اسڪولي وديارٿين کي سنڌر سکيائون ڏيندي اوچ آدرش تي هلڻ لاءِ اتساهہ ڦوڪيو.

٢٦ آگسٽ رکشا بنڌن ڏڻهن ڪيترن ئي ڀينرن پياري دادا جشن کي پيار وچان رکڙيون ٻڌيون. دادا جن موٽ ۾ ڪين پيار، نيڻهن ڀري نهار ۽ سڪا ڏنا. شام جي ستسنگ ۾ داداجن ٻروچن ڪندي چيو تہ اجوڪي ڏڻهن جو سنديش آهہ ميلاپ ۽ محبت ۾ رهو. هڪ ٻئي جي رکشا ڪريو تہ ٻڌو توهانجي رکشا ڪندو. ٻوادري پاڻ وڌايو!

٣٠ آگسٽ ڇنڇر شام جو دادا جشن ميران هال ۾ انگريزيءَ

دادا هوتچند چيو ته مان فلاسافر آهيان. فلاسافر اهو آهي جو اونداهي ڪوٺيءَ ۾ ڪاري ٻليءَ کي پيو ڳولهي. هڪ ڏينهن مون فلاسافيءَ جو ڪتاب پئي پڙهيو ته پياري دادا مون کان پڇيو ته ڇا ويٺو پڙهين؟ مون چيو "فلاسافيءَ جو ڪتاب." پياري دادا چيو، "متان فلاسافيءَ جي ڪتاب پڙهين! فلاسافر نه ٿجانءِ، ٻر ٻالڪ ٿي رهجانءِ!"

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! آسيس ڪجو ته پڇاڙيءَ جي پساهه تائين پياري دادا جي در جو ٻار ٿي رهان. اڄ توهان داس کي جي پيشڪائون ڏنيون آهن، سي هن ڳوٺڙيءَ ۾ پياري دادا گنگارام کي ڏيان ٿو ته ان رقم سان دادل شاهه جي جنمڏڻ ڳوٺڙي فنڊ شروع ڪري.

١٣ آگسٽ صبوح جو پوڄيه دادا جشن بمبئيءَ روانا ٿيا. نماشام جو ستسنگ آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا ۾ ٿيو. سادو واسواڻي مشن جي ڪارڪنن داداجن کي جنمڏڻ جون مبارڪون ڏنيون. دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته مونکي ڪل ڪين هئي ته اڄ توهان داس جو جنمڏڻ ملهائي رهيا آهيو. منهنجو پوڄيه پتا اِڪ نيڪ انسان هو، ڌرماتما پرش هو، ودوان هو ۽ وديا جو اپمان ڪيس ڪين هو. خلق جو خدمتگار هو. ٻوڙن ٻوڙهن هيون، ڏکي ٻوڙو هو ته نوجوانن جون ٽوليون وٺي وڃي ڳوٺن ۾ سيوا ڪندو هو. پنهنجي صحت جي پرواهه ڪين ڪندو هو. مان عمر ۾ ننڍو هوس، جڏهن پوڄ پتا پرلوڪ پڌاريو ۽ اسان ٻارن جي سنڀال پياري ماءُ ڪندي هئي. اسانکي پيار ڏنائين، اسانجي ڪچڙن دلين ۾ نام سمرڻ، ڏکين جي سيوا ۽ ڪوڙ جا ٻج پوکيائين. وڏي وديا ڏنائين. مان سندس وڏو پٽ هوس، سپاوڪ مون ۾ سندس وڏيون اميدون هيون. جڏهن ايم. ايس. سيءَ جو امتحان پاس ڪيائين

سون پوڄي پڌرا ۾ آيل هئا جشن داداڄن جو سواڳت ڪيو. داداڄن امراوتيءَ ۾ پياري سيوورام جي آستان تي رهيا. گوپال ناڪيز ۾، جت وديارٿين پياري دادل شاهه جو جنمشتابدي اُتسو ملهايو هو، اُتي دادا جشن وياکيان ڪندي وديارٿين کي صلاح ڏني ته سماج ۽ ديش لاءِ ڪجهه نه ڪجهه ڪريو. روز ڪو نه ڪو سيوا جو ڪم ڪريو. هڪ دفعي پياري دادا واسواڻيءَ کان پڇيائون ته سيوا جو اُجورو ڪهڙو؟ پوڄيه داداڄن چيو "پيارا! سيوا جو اُجورو اهو وڌيڪ سيوا ڪريو."

دادا جشن پوءِ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي مندر ۾ هليا ۽ ڀڳت ڪنوررام صاحب جي فرزند ڀائي پيسورام صاحب سان مليا. اُتي دادا جشن ڪيترن ئي گهرجائو ماڻهن کي اناج، وستر ۽ روڪ ڏهه ڏهه روپيا ڏنا. اُتان تي وري دادا جشن بابا هرداسرام سيوا منڊل ۾ آيا. داداڄن منڊل جو سيوا ڪارڻ ڏسي خوش ٿيا ۽ ٻڌڙو ملو ايڊيشن ڏيندي ڪارڻ ڪرتائن جو اُتساهه وڌايائون.

منجهند جو ڏيڍ بجي دادا جشن امراوتيءَ جي ڏيپارڄن هال ۾ پڌاريا، جتي دادل شاهه جو جنمشتابدي اتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته دادا سادو واسواڻي پريم ۽ ديا جو اوتار هو. اڄ هيءَ ڪي پڻ ڪن ته اسين هڪ هڪ پراڻيءَ تي ديا ڪنداسين، پکين پسن جي ماس کان پري رهنداسين. واسو جي بيماريءَ کان پاڻ بچايو. سڀ نج گهر جي يادگيري رکو. نام کي نه وساريو!

دادا جشن سادو واسواڻي بال منڊر جو بنيادي پٿر وجهندي چيو ته ٻالڪ قوم جو خزانو آهن. انهن جي پوريءَ طرح سنڀال لهو. انهن جي ڪچڙن دلين ۾ سٺا سنسڪار وجهو.

داداجشن پياري سيوورام جي گهر ۾ سادو واسواڻي ستسنگ جو آرنڀ ڪندي چيو ته ستسنگ اُنو سکيا جو دوار، جيڪو

۾ اُپديش ڏنو.

١ سيپٽمبر جنماشٽميءَ جي ڀڳو ڏينهن صبوح جو پياري دادا جشن ڀڳوان شري ڪرشن جي ليلائن جو ورنن ڪندي چيو ته ٥٠ سال اڳ اڄوڪي ڏينهن پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ حيدرآباد سنڌ ۾ ستسنگ جو آرنڀ ڪيو. نام جو ناد وڄايو. شروعات ۾ ستسنگ ڪاڪي مدگهمل ماکيجاڻيءَ جي جڳهه جي هڪ ننڍڙي ۾ ڪليو. ڪجهه وقت بعد ڪاڪي مدگهمل ۽ سندس نياڻين، پاربتي ۽ شانتيءَ، جن کي پياري دادل شاهه لاءِ عجيب ڀڳتي هئي، هدن سموري جڳهه دادل شاهه کي ارپڻ ڪئي. ان جڳهه ۾ ستسنگ، ميران اسڪول، اسپتال، گرو نانڪ موديخانو ۽ ٻيا سيوا جا ڪارج شروع ٿيا.

شري ڪرشن جو امر خزانو اٿو شريمد ڀڳوت گيتا. ان اموليه گرنٿ جو اونهون ابياس ڪريو ۽ اُن ۾ سمايل سکيائن سڌانتن تي هلي جيون سڦل ڪريو.

٦ سيپٽمبر ڇنڇر صبوح جو ٻوجهه دادا جشن سنگت سان گڏ جي بمبئيءَ روانا ٿيا ۽ اُتان رات جو ناگپور روانا ٿيا. ٧ سيپٽمبر صبوح جو ٩ بجي ٽرين اڪولا پهتي. شري گرو نانڪ اسڪول جا سوين وديارٿي، اڌياپڪ ۽ نگرواسي پياري دادا جشن جي درشن لاءِ پليٽفارم تي بيٺل هئا، جن داداجن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. دادا جشن پليٽفارم تي بيٺي بيٺي وديارٿين کي پريم ڀري للڪار ڪندي چيو "منهنجا ٻالڪو! توهين آئينده جي اميد آهيو. انڪري نه وساريو ته توهين ڀڳمت ۽ نئون ڀارت توهان کي لاهڻو آهه. سنڌي ٻولي زنده رکو ۽ ٻهادر ٿيو! ڀڳمت ۽ ديش جي سيوا ڪريو. سيوا جي شڪتيءَ ۾ توهين ڀڳمت ۽ نئون ڀارت اڏيو!

ٽرين ١٠ بجي بڊنيرا پهتي، جتان امراوتيءَ وڃڻو هو.

اسان مان هڪ هڪ چوي ته مان ڀارتواسي آهيان. اڄ ڀارت ماتا ڳوڙها ڳاڙي رهي آهي! ڇاڪاڻ ته سندس سنتان ڪيس ٽڪرا ٽڪرا ڪري رهي آهي. اسين سڀ هڪ آهيون. ڀارتواسي آهيون. ڀارت ماتا جي سنتان آهيون. همت هٿ ۾ ملائي ايڪتا جي شڪتيءَ لاءِ اڳتي قدم کڻون ۽ ڀارت جو شان بلند ڪريون. منهنجي اڇا آهي ته ناگپور جي ڪنهن مک چونڪ تي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پتلو کڙو ڪيو وڃي.

رات جو دادا جشن پياري لڪشمي درگو شهاڻيءَ جي گهر ۾ ساڌو واسواڻي ستسنگ جو آرنڀ ڪيو.

منگل ۹ سيپٽمبر صبوح جو ڇهين بڳا ۾ سائين چندورام جي دربار ٻاهران لڳايل منڊپ ۾ دادا ساڌو واسواڻي جنمشتابدي اتسو پوڄيه دادا جشن جي حاضريءَ ۾ ملهايو ويو. شروع ۾ سنت گوبندرام داداجن جي آجيان ۾ ڀڄن ڳايو. ان بعد دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ڪاري تي چٽي روشني وجهندي چيو ته نام کي نه وساريو ۽ دکين دريدرن پکين ٻين جي خدمت ڪريو. هڪ ڪاڌي جو تياڳ ڪريو. جيڪڏهن سکي رهڻ چاهيو ٿا ته ٻين کي سکي ڪريو.

منگل ۹ سيپٽمبر شام جو ڏنونتي رنگ منڊپ ۾ پوڄيه دادا جشن انگريزيءَ ۾ دادل شاهه جي جيون تي پرڪاش وجهندي چيو ته اڄڪلهه چوڏاري اشانتي ۽ تڻاءُ وارو وايو منڊل آهي. ٻاپوءَ جي شرڻ وٺو ته توهان پاڻ کي هلڪو محسوس ڪندا ۽ چين ۾ شانتيءَ ۽ آنند جو انڀو ڪندا.

دادا جشن سنڌي گرو سنگت ۾ پڌاريا. ان بعد سنڌي سينٽرل پنچائت جي سماروهه ۾ شريڪ ٿيا. پنچائت طرفان داداجن جو سواگت ڪيو ويو. داداجن دادل شاهه جي سکيائن جو ذڪر ڪندي سنڌي سماج کي ايڪتا لاءِ اپيل ڪئي.

ڀڄائيندو لوھان کي پرلوءَ جي پار.

۷ سيپٽمبر شام جو پوڄيه دادا جشن امراوتيءَ مان ناگپور لاءِ روانا ٿيا ۽ رات جو ۹ بجي ناگپور پهتا. سڀن پريمين دادا جن جو سواگت ڪيو. اتي دادا جن ڀاڳ ڏناڻيءَ جي مڪان ۾ رهيا. ناگپور ميونسپل ڪارپوريشن جهڙي پٽڪا ۾ 'ساڌو واسواڻي واچنالي' ٺهرايو، ان جو مهورت دادا جشن ۸ سيپٽمبر صبوح جو ڪيو. ميونسپل ڪمشنر شري ڏونگري، شري ٺڪراجن ۽ ٻين دادا جن جو سواگت ڪندي ساڌو واسواڻيءَ کي پشپانجلي ڏني. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته مان سنتن جي در جو خدمتگار بڻجي هت آيو آهيان. ميونسپل ڪارپوريشن کي ڌنيواد آهي جو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پوتر سمرتيءَ ۾ هي واچنالي برپا ڪيو آهي. هن لئبرريءَ ۾ اهي پستڪ رکيا وڃن، جيڪي نوجوانن جو چرتر نرماڻ ڪن. هن وقت ديش کي چرتروان انسانن جي سخت ضرورت آهي. فقط ڪتاب پڙهڻ ڪافي ڪين آهن. انهن ۾ سمايل سکيا جي ساکي جيون ۾ ڏيڻ ضروري آهي، تڏهن ئي سچو فيض رسندو. اميد اٿم ته هن لئبرريءَ جي پٽين لي دادل شاهه جون ننڍڙيون سندر سکيائون اڪرايون وينديون ۽ لئبرريءَ جي ڪڏ ئي هر روز ٻکين کي ڪاڌو ڪارايو ويندو.

سومر ۸ سيپٽمبر شام جو ناگپور ميونسپل ڪارپوريشن طرفان باغ ۾ پوڄيه دادا جشن کي مانپتر ڏنو ويو ۽ دشالي ناريل سان سندن سنمان ڪيو ويو. ان اتسو ۾ سوين سنڌي ۽ غير سنڌي ڀائر ڀيڻر شريڪ ٿيا. شري ڪنهيالال ڪڪراڻا دادا جن جي پوڄيه ڏني. دادا جن وياکيان ڪندي دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ۽ سکيائن تي روشني وجهندي چيو ته وقت آيو آهي جڏهن ڀارت کي وڌيڪ ٽڪرا نه ڪيو وڃي، پر

رکيا ڪري ٿو. ٻڌائين ۾ ذڪر ڪيل آهي ته ڪيئن نه هڪ وقت ٻيڙي سمنڊ جي تري ۾ وڃي پيئي. ٻيڙيءَ کي سمنڊ جي اونهائيءَ مان ڪير ڪڍي! ٻيڙو وراهه لعلي رچ جو اوتار وٺي پهچي سوگهو سان سمنڊ مان ٻيڙي ٻاهر ڪڍي. اسانجي حالت ڪهڙي آهه؟ اسين به وري وڃي وڪارن جي سمنڊ جي اونهائيءَ ۾ ڪرون ٿا. ان سمنڊ ۾ ترشنائن جا طوفان تيز لڳن ٿا. اسين به ٻيڙوءَ کي پڪاريون ته ان سمنڊ مان اسانکي ڪڍ.

اڄ شري گرو رامداس جي جوتي جوت لِيڻ جو ڏينهن به آهي. ننڍي هوندي سندن نالو جيٺو هو. چڻا وڪڻندا هئا. ٻر سمورو وقت سندن دل اندر اڪ ٿي پياس هئي جا اڄ 'ڏوري گرنٿ' جي وچن ۾ اسانکي ملي:

ڪٿي وڃي ڳوليان ڪو سنت سڄان؟
جنهنجي چرنن وٺي وٽان احسان.

نيت ڪين شري گرو امرداس جن جو درشن مليو ٿو، سڪر نصيب ٿئي ٿو. گرو گهر جي شيوا ۽ سمرن ڪري هڪ ڏينهن ٻاڙ سنت ٿي ٿيون ٿا. گرو گاديءَ تي براجمان ٿين ٿا ۽ ڪين گرو رامداس جي ناتي سان سڏيو وڃي ٿو. اسين به ڪنهن ڪامل مرشد جي اوٽ وٺي نام جپيون ته جيون سڦل ٿئي.

١٣ سيپٽمبر سنتم سڌيما ۾ وڌيارٿين جو ميڙ ٿيو، جتي دادا جشن وڌيارٿين کي پياري دادا سادو واسوانيءَ جون ڪهاڻيون ۽ پريرڻادائڪ گهٽنائون ٻڌائيندي چيو ته توهين به سادگي سيوا سچ ستيه سمرڻ جي راهه ۾ هلي پنهنجو آئينده روشن ڪريو، صرف پستڪن جو گيان ڪافي ڪين آهي.

گورنر شري پرڀوداس پٽواريءَ جي قرب ڀري ڪوٺ تي بوجهه دادا جشن ۽ سڪيتا راڄ ڀون ۾ آئي. شري پٽواريءَ سنئي

لبوڻي سميما ۾ ٻارن جو اُتسو رکيو ويو. دادا جن ٻارن کي سکياداڻڪ ڳالهيون ٻڌايون ۽ ٽول ڏنو.

١١ سيپٽمبر دادا جن مدراس ۾ پڌاريا. ريلوي اسٽيشن تي سوين ڀائرن ڦول مالهائن سان دادا جن جو سواگت ڪيو. نماشام جو سنڌي ڌرمشالا ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. دادا جن پروچن ڪندي چيو ته اسين اگيان جي ننڊ ۾ ستل آهيون. هڪ ڏينهن سجاڳي اچي ٿي. ڪو ستسنگ ۾ ويٺو آهي، ڪي اکر ٻڌي ٿو، سندس ستل روح سجاڳ ٿئي ٿو. ڪو سنت ٻاڻيءَ جو شبد ٻڌي ٿو ته سندس اندر سجاڳي اچي ٿي. ڪنهنجو پيارو اوچتو گذاري وڃي ٿو ۽ هو چوي ٿو، هي ڇا؟ هن دنيا ۾ ڪنهن تي بقاءُ ڪونهي! سجاڳي اچي وڃي ٿي. ڪنهن سان سندس مٽر دغابازي ڪري ٿو، اُنجي اندر ويراڳ اُٿي ٿو. جدا جدا نمونن ۾ سجاڳي اچي ٿي. جڏهن سجاڳي اچي ٿي ته انسان چوي ٿو ته هن سنسار جي چڪر ۾ ڪين ڦرندس. سجاڳ انسان کي پروڙ پوي ٿي ته هيءَ ڌرتي سندس نج گهر ڪين آهي، نج وطن ڪين آهي! نج وطن سچکنڊ آهي ڀڳوان جا ڪمل چرن. سجاڳ انسان چوي ٿو ته ڀڳوان کي پائيندس، هي جنم وئرٿ نه وڃائيندس. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! انڪري سنتن ستپرکن جو سنگ ڪريو جيئن اوهانجي اندر سجاڳي اچي. ڀڳوان جي شرڻ وٺو ۽ ڀڳوان جي مورک سنتان بکي پسون دکي دريدر انهن جي شيوا ڪريو.

١٢ سيپٽمبر مدراس جي ڪلپاڪ دربار ۾ ستسنگ ٿيو. شري نوري گرنٿ جي وچن وٺڻ بعد دادا جن اپديش ڪندي چيو ته اڄوڪي ڏينهن کي ڪرلين وراهه جينتي. جڏهن جڏهن ڌرتيءَ تي پاپ وڌي وڃي ٿو، ڀڳتن تي ڀيڙ پوي ٿي، تڏهن ڀڳوان اوتار وٺي اچي ٿو ۽ ڪشٽ ڪليش ڪٽي ڀڳتن جي

ڪهي دل جو پيار، پوڄم. ان رستي تان جو هلي ٿو، سو پرمهنجي پوڄم کي پائي ٿو. پشو پدارٿ نه ڪيترا دفعا پرڀوءَ جي راهه ۾ رنڊڪ ٿي پوي ٿو. هڪ راجڪمار هڪ سنت وٽ آيو ٿو: ”سائين! پياس الم نه پرڀوءَ کي پايان. راهه ڏسيو!“ سنت جواب ٿو: ”پيارا! سچ ڳالهاءِ، پرائي ڌن ۾ اک نه وجهه، پر استريءَ کان پاسو ڪر.“ راجڪمار چيو ته مان اهي سڀ ڪم ڪري رهيو آهيان تڏهن به پرڀوءَ جو درشن ڪين ٿيو آهي. ڪرپا ڪري ڪو رستو ٻڌايو جو پرڀوءَ کي پايان. سنت چيو ”پيارا! پرڀوءَ کي جلدي پراپت ڪرڻ جو رستو اهيئي ته تو وٽ جيڪي آهي، سو سڀ وڪڻي ڏکين جي سيوا ۾ خرچ ڪر پوءِ مون وٽ اچ.“ راجڪمار وڃي ٿو، ڪيس شاهي محلات آهي، وڏي ملڪيت آهي، ڇوي ٿو هي سڀ ڪيئن وڪڻان! وري اهو راجڪمار سنت وٽ نٿو اچي. تياڳ ڪرڻ ڏاڍو ڏکيو آهي، پر تياڳ ۾ ئي آنند آهي!

١٥ سيپٽمبر دادا جشن شانتي نڪيتن سوسائٽيءَ ۾ پرو چن ڪيو. ان بعد ستيم شديما ۾ وديارٿين جو سماروهه رکيو ويو. گورنر شري پرڀوداس پٽواري مکيه مهمان هو. دادا جشن وديارٿين کي دادل شاهه جي جيون جون کي پرڀوٽادائڪ گهٽنائون ٻڌايون. تماشام جو ورلڊ يونيورسٽي سينٽر ۾ دادا جشن روح رهاڻ ڪئي. ١٦ سيپٽمبر صبوح جو پياري پرشوتمداس پرجواڻيءَ جي گهر ۾ منو اپديش ڏنو.

١٧ سيپٽمبر دادا جشن مدراس مان ڪرنگور ۾ آرام ڪرڻ لاءِ روانا ٿيا. اتي داداجن ڪجهه ڏينهن ايڪانت ۾ قدرت جي گود ۾ گذاريا.

دادا جشن ڪرنگور ۾ جڏهن پهتا ٿي ڪجهو ليٽ هڪ ماڻهو ٻن سوٽن کي پڪڙي وٺي پهتي ويو. سوٽن ڪهڪوارٽ

آڇيان ڪئي. اُت آچاريه جي. بي. ڪرپالاڻي پڻ داداجن سان مليو. راڄ ڀون ۾ نام ڪيرتن ڪانپوءِ دادا جشن روح رهاڻ ڪئي.

۱۴ سيپٽمبر آرتوار صبوح جو سنڌ هندو منڊل جي طرفان سنڌو سدن هال مدراس ۾ ستسنگ ٿيو. اُتي دادا ساڌو واسوائيءَ جو جنمشتابدي اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن دادل شاهه جن کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته ننڍي هوندي کان وٺي پياري دادا کي لڳن لڳل هئي ته ڀڳوان کي پائڻ ۽ دکين دريدرن جو دک دور ڪرڻ. وڏا عهدا ڪمائي ٿو ۽ پوءِ سڀ ڪجهه تياڳ ڪري فقير بڻجي ٿو. اڄ جيئن اسين پياري دادا جي جنمشتابدي ملهائي رهيا آهيون، مان اِئين پيو سمجهان ته پيارو دادا اسان کي ڇڏي رهيو آهي ته مون کي هٿ کڻي، پير کڻي. سياڻو سو جو پنهنجا هٿ، پير، پنهنجو هڪ هڪ عضوو سڀني کي ارپڻ ڪري ٿو. اُهي هٿ ڪنهن کي دک ڪين رسائيندا، پر ٻين جي سيوا ڪندا. اُهي پير عيش عشرت جي راهه ۾ پنڌ ڪين ڪندا، پر لوڪ سيوا جي راهه ۾ هلندا ۽ دکين دريدرن پڪين پسن کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا.

۱۴ سيپٽمبر شام جو پارليه ودياڀون ۾ دادا جشن ”موت ڪانپوءِ جيون“ وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. اُن بعد داداجن سنگت سان گڏ صوفي در تي آيا. سنت رليچند دادا جشن جو سواگت ڪيو. دادا جشن ٻوچڻ ڪندي چيو ته هي اکيون سياڻيون جن روهڙيءَ ۾ بابا نيڀراج جو درشن ڪيو. بابا پنهنجي محبوب جي مستيءَ ۾ پُر هئا. اُن مستيءَ ۾ پنهنجي هستي وڃائي ڇڏي هئائون.

ڏانهجا ڀنگ آفيم مد، اُتر جات پرڀات،
نام خماري نانڪا، چڙهي رهي دن رات.

ٿاڻوءِ وٽ لڪن ڪوڙن جي ڪمي ڪين آهه. ٻرپوءِ تي

انهن جو ماس کائين ٿا. انهن ڳڳدام ٻسن ٻڪين تي ڪهل ڪري جيون ۾ جيو ڏيا جي جوت جڳايو، هڪ ڪاڏو نه کائو!

٢٩ سيپٽمبر داداجن ڪرڪمور ۾ پڌاريا. اتي داداجن ٣ آڪٽوبر تائين رهيا. ٣٠ سيپٽمبر ۽ ١ آڪٽوبر ڪرڪمور جي اسڪولن ۾ داداجن جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو، جتي ودياٿين ساڌو واسواڻيءَ جي جيون بابت ورڪيان ڏنا ۽ سانسڪرتڪ ڪاريه ڪرم پيش ڪيو. داداجن ودياٿين کي انعام ڏنا. داداجن ٻار چن ڪندي هڪ جملو ٿامل ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندي چيو جنهن جو مطلب هو ٻارو ڪي نه وساريو، هڪ ٻئي جي شيوا ڪريو ۽ ڌئين پارس جو ڌرماڻ ڪريو. هڪ ٻئي جا مددگار بڻجو ۽ هميشه مسڪندا رهو.

٤ آڪٽوبر صبوح جو دادا جشن ڪرڪمور مان روانا ٿيا ۽ مسور ۾ ٿورا ڪلاڪ ترسيا. مسور ۾ ستڌين دادا ساڌو واسواڻي جمنتاپدي آسؤ ملهايو. داداجن سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وڌي. رات جو ١١ بجي داداجن سنگت سان بنگلور ۾ پهتا. ٥ آڪٽوبر تي دادا جشن دادا امر جي آستان تي متو اُپدرش ڏنو.

١ نومبر ٻوجهه دادا جشن پونا مان ڀوپال روانا ٿيا.

٢ نومبر صبوح جو ڀوپال پهتا. سون شرڌالن ڦول مالهائن سان داداجن جو سواگت ڪيو. اتي داداجن پياري ايشوري آسوداڻيءَ جي مڪان ۾ رهيا. ٢ نومبر آرتوار شام جو ٽراپڙهه ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جمنتاپدي انسو ملهايو ويو. مڌيه پرديش جو وزير بال ڪرشن ٽراڪي انسو جو مکيه مهمان هو ۽ مڌيه پرديش جو ڪانگريس ڄدول سيڪريٽري شري جگتپال سنگهه پڻ شرڪت ڪئي. بال ڪرشن ٽراڪي دادل شاهه کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته مان ساڌو واسواڻي ۽ دادا جشن واسواڻيءَ جون ڪوتاڻون

ٻڌي ڪيا. دادا جشن جي دل ٻڙجي آئي ۽ هڪدم اُن شخص
کي سڏي پڇيائون ”پيارا! تو هنن سوئرن کي ٻڪڙي ڇو ٻڌو آهه؟“
اُن شخص وراڻيو ”مان سوئرن کي ٻڪڙي وڪڻندو آهيان.
اهو منهنجي روزگار جو وسيلو آهه.“ داداجن پڇيس ”انهن
ٻن سوئرن وڪڻڻ سان توکي گهڻو ملندو؟“ اُن شخص چيو
”ايائي سؤ روپيا.“ دادا جشن هڪدم ايائي سؤ روپيا اُن
شخص کي ڏيئي ٻنهي سوئرن کي آزاد ڪرايو. اهو شخص عجب
۾ پئجي ويو ته هي ڪهڙي قسم جو انسان آهه جو پئسا ڏيئي
ٻڪڙيل سوئرن کي آزاد ڪرائي ٿو! دادا جشن اُن شڪاريءَ
کي اهڙي ته اثرائتي سمجهاڻي ڏني جو هن انجام ڪيو ته آئينده
هو ٻيو ڌنڌو ڪندو ۽ ويشنو ٻڻ تي رهندو. دادا جشن پياري
آتمُ ريلواڻيءَ کي آگيا ڪئي ته مسٽر نيل جي کيت ۾ هنن
سوئرن کي موٽر ۾ چاڙهي ڇڏي اچ. مسٽر نيل پنهنجي کيت
۾ سڀني جانورن جي سنڀال ۽ سيوا ڪندو آهي. داداجن جي
آگيا انوسار پيارو آتمُ ريلواڻي انهن سوئرن کي مسٽر نيل جي
کيت ۾ ڇڏي آيو.

پياري دادا جشن کي سوئرن جي ته ڪيڏي نه اون ٿي.
دادا جشن آهه ڪروڻا ۽ پريم جو مجسم. دادا جشن جي اکين
۾ اهڙو ته جادوئي اثر آهي جو هزارين پيارن هسڪ ڪاڏي جو
ٿيائِي ڪري جيون ۾ جيڪو ديا جي جوت جڳائي آهه.

٢٨ سيپٽمبر اونيءَ ۾ سڌين ساڌو واسواڻيءَ جو جنمشتابدي
اُتسو ملهايو. ان موقعي تي دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ
جي جيون ۽ ڪارڻ تي چٽي روشني وجهندي چيو ته پياري
دادا جي سکيائن، سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي جيون ۾ ڏٺو. ن
ڳايو نام ڏنائو ۽ ڪيهن کي ڪين رنجايو. پرڀاسه جي پڙدي
ڪيئن نه ڳگدام ٻڪرا ٻڪريون پاڪارين ٿا! توهان مان ڪيترو

۽ لکڻ پڙهڻ ۾ هوشيار ٿي گهرجائو وڏيارڻين کي مدد ڪريو.
اڄڪلهه ڪنڊو نه ادمبر آهه! انڪري سادگي اختيار ڪريو،
روز صبوح شام پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو، دکين جي خدمت ڪريو!

٣ نومبر شام جو ڀوپال جي گانڌي ڀون ۾ جنمشتابدي اتسو
ملهايو ويو. اتسو جو مکيه مهمان مڌيه پرديش جو گورنر شري
ڀاڳوت ديال هو. ان موقعي تي دادا جشن دادا سادو واسوائيءَ
جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته پيارو دادا ديا جو اوتار
هو، جنهن نه صرف هڪ هڪ انسان ۾ پر هڪ هڪ پراڻيءَ ۾
پرڀوءَ کي ڏٺو. هڪ موقعي تي دادل شاهه چيو ته مونکي فقط
هڪ زبان آهه، پر جي لک زبانون هجن ته هڪ هڪ زبان سان
هڪ ئي اکر اچاريان ”ڏيو! ڏيو! ڏيو!“ پرڀوءَ جي ڏني مان
سڪرت جا ڪم ڪريو. جي گيانوان آهيو ته ٻين کي گيان ڏيو.
جي هنرمند آهيو ته ٻين کي ٻه هنر ڏيو ۽ نام جي يادگيري
نت تازي رکو. نام ڪانسواءِ سڀ اٿو ڪوڙ، سڀ ڌوڙ. انڪري
نام نه وساريو.

٤ نومبر دادا جشن پلانيءَ ۾ هيوي اليڪٽرانڪ ڪالونيءَ
جي هال ۾ انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو.

٥ نومبر پوڄيه دادا جشن ڀوپال مان دهليءَ لاءِ روانا ٿيا
۽ رات جو ١١ بجي دهليءَ پهتا. اتي پياري ڪنعيالعل ڏالوانيءَ
جي گهر ۾ رهيا. ٦ نومبر داداجن آل انڊيا ريڊيو تان انگريزيءَ
۾ ”گيتا جو پارس لاءِ سنديش“ وشيه تي وياکيان ڏنو ۽ شام
جو پياري ڪنعيالعل جي گهر نديڙو مٺو اپديش ڏنو. ٧ نومبر
ڏياريءَ جو پرب هو. صبوح جو دادا جشن پياري گرمک لڪانيءَ
جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ان بعد داداجن سنگت سان گڏجي
برلا مندر ويا، اتي جت مهاتما گانڌي رام رام چوندي چرآرامي
ليو. داداجن ان آستان تي ڪجهه وقت سانت ۾ ويٺا رهيا ۽

هندي ۾ ترجمو ڪري لوڪن کي ٻڌائيندس، جيئن لوڪن کي خبر پوي ته سنڌي جاتيءَ ڪهڙا نه عجيب انسان پيدا ڪيا آهن.

ان موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پراچين يونان جو ودوان ۽ رشي پليٽو لکي ٿو ته اهو ملڪ سڀاڳو، جنهن ملڪ جا اڳوان فيلسوف ۽ ڪوي آهن. پر ڀال سڀاڳو آهي جنهن ٻال ڪري ڀرواڳيءَ جهڙا وڏا آهن، جن جي دل اندر غريبن دکين لاءِ درد آهي. پيارو دادا ساڌو واسواڻي چوندو هو ته اهو ڏينهن اجايو جنهن ڏينهن ڪنهن دکيءَ جي دل نٿي وٺجي، ڪنهن ضرورت مند جي سيوا نٿي ڪجي. انڪري دکين ٻکين پسن پکين جي سار لهو ۽ نام کي نه وساريو. هر وقت پرڀوءَ کي ياد ڪريو. ائين ڪرڻ سان توهانجي زندگي نئين ٿي پوندي. پاڻ ۾ ميل ميلاپ رکي نئين سنڌي سنگت اڏيو، نئون ڀارت ٺاهيو. هنسڪ ڪاڌي کان پري رهو.

دادا جشن جي دلسوز اپيل تي بروقت تي ١٧٩ ڀائرن ڀيڻن جيون ڀر ويشنو ٿي رهڻ جو سنڪلپ ڪيو ۽ ١٠١ ڪٽنبن پرتگيا ڪئي ته هو روز هڪ ويلو ڪنهن نه ڪنهن ڀکايل کي کاڌو کارائيندا.

٣ نومبر صبح جو سنڌو نگر ۾ ساڌو واسواڻي هاءِ اسڪول، ڪاليج، اندرام شهاڻي هاءِ اسڪول جي ودياٿين جو ميڙ ٿيو. ڪن ودياٿين دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي وياکيان ڏنا. پوءِ دادا جشن ودياٿين کي انعام ڏيندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي ودياٿي جيون ۾ ئي ڏاڍي سادگيءَ سان هلندو هو، پر هو تمام قابل ودياٿي هو. بي. اي. ۾ انگريزي وشيه ۾ سڄي بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ پهريون نمبر آيو، انڪري کيس "ايلس اسڪالرشپ" عطا ٿي. دادا پڙهندي خرچيءَ مان پئسا بچائي غريب ڏکوڄاڙ ودياٿين کي مدد ڪندو هو. توهين

نه فقط سنڌين يا ڀارتواسين لاءِ آهي پر سڄي انسان ذات واسطي آهي. جت به ويندو آهيان اُت ڀورين ٽوڙي گرنٿ مان وچن پڙهندو ويندو آهيان. ودين ۾ ٽوڙي گرنٿ جي وچن جو جڏهن انگريزيءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌائيندو آهيان تڏهن ڪي ٻڌندڙ وڏن عهدن وارا، ودوان چوندا آهن ته جيڪر هو به سنڌي ٻولي سکي هن پوتر شاستر جو ڪجهه ابياس ڪن. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! انڪري توهين به ٽوڙي گرنٿ جو ابياس ڪريو. جيئن جيئن توهين ان ڀاڱيءَ جو ابياس ڪندا ويندا تيئن تيئن توهان کي سڄاڻي ايندي ويندي. سچا انسان سڀ ۾ ڀاڱيءَ کي ڏسي ٿو. ڏکي لوڪن کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.

۹ نومبر منجهند جو دادا جشن جو ٽي. وي. سينٽر تي جسٽس ديشپانڊي پارت کي 'نئين وديا جي ضرورت' وشيه تي انٽرويو ورتو. دادا جن دوردرشن ملاقات ڏيندي دادا ساڌو واسواڻيءَ جي هلايل ميران وديا هلچل جو پڻ ذڪر ڪيو.
۱۰ نومبر شام جو دهليءَ جي وگيان ڀون ۾ شري رمڻ مهرشيءَ جي جنم شتابدي ملهائي وئي. دادا جشن اُن اُتسو ۾ شري رمڻ مهرشيءَ جي جيون تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.

۱۱ نومبر شام جو وگيان ڀون ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنم شتابدي اُتسو ملهايو ويو. اُتسو جو مک مهمان هو مرڪزي وزير شري ساٺي. هن موقعي تي دادا جشن پشپانجلي ڏيندي چيو ته پيارو دادا ساڌو واسواڻي هن صديءَ جو مهان دارشنڪ، ودوان، شکشا شاستري، سماج سڌارڪ، اوچ ڪويءَ جو سنت ستري هو. هن مهاپرش هزارن لوڪن جي راهه روشن ڪئي. مهاتما گانڌيءَ جي دل ۾ به دادا لاءِ ادب ۽ شردا هئي. گانڌيجيءَ جڏهن 'ينگ انڊيا' جو سمپادن شروع ڪيو، تڏهن

پاڙيندا ڪيا ٿون. شام جو پاڻ پرڪاش گرل دوداڻيءَ جي گھر والنٽيئرس جي ميٽنگ ۾ ٿي. داداجن سيواڌارين جي همت افزائي ڪندي چيو ته نشڪام ڀاونا سان سيوا ڪندا رهو.

ڏياريءَ ڏينهن نماشام جو پياري ڪنعيالال جي گھر ستسنگ ٿيو. اڄ دادا جشن چيو ته اڄ ڏياري آهه. ديپاوليءَ جو پيغام آهه: جيئو ۽ جوت جڳايو! جنهنجي جيون ۾ جوت جڳي ٿي، اهو نئون ٿي پوي ٿو. شل اسين نوان ٿيون. جهونا ترشنائن جا وستر ڦٽي ڪريون! سمرن ۽ سيوا جون روشنيون جيون ۾ جڳايون! سڀ سان شري رام کي پڪاريون. مرياڌا پرشوتم جي مرياڌا اپنايون!

٨ نومبر دادا جشن 'ٽيج ٽائو' ۾ پروچن ڪيو ۽ ڏيڏي ڪملا جي صحت لاءِ پراٿنا ڪئي. ٩ نومبر آرتوار صبوح جو ساڌو واسواڻي مشن جي سينٽر پرساد نگر ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنم شتابدي ملهائي وئي. مشن جي چيئرمن ڊاڪٽر لڪاڻيءَ داداجن جو سواگت ڪندي مشن جي سيوا ڪارج تي روشني وڌي. ان موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته سان هڪ ڀڳل شيشي جو ٽڪرو رستي تي پيو هوس، جنهن مٿان دادل شاهه روپي سورج جي ڪرڻا روپي روشني چمڪي. سورج جي روشني ڪم ٿئي ته ڪير نهاريندو به ڪين. مهما ڪريو ان جي جو سورج وانگر پيو چمڪي. توهين مشن جو ڪارج سچائيءَ ۽ نشٺا سان ڪريو ٿا. ان لاءِ توهان کي ڌنيواد. توهان جي ڪم تي برڪت ۽ آسيس اچندي. پياري دادا ستلن کي سڄاڳ ڪيو ۽ سچي سک جو رستو ٻڌايو. پنهنجو پوءِ جل پياري هزارن لوڪن کي نوجيون جي راهه ۾ وڌي هليو. اڄا به پيو وڌي هلي. اڄ توهان ٢٥ نؤرتي گرنٿن جا پوڄ پاٺا. نؤري گرنٿ اڪ عجب شاستر آهي، جنهنجو پنام

ٿيو. دادا جشن سيدي وديارٿين کي چاڪليٽ پرسادي طور ڏنا ۽ پرنسپال ايشوري ملاڻيءَ کي ڌنيواد ڏني.

١٨ نومبر منگل صبوح جو ميران سنڌي پرائمري اسڪول دادل شاهه جو جنمدن اتسو ملهايو. دادا جشن دادل شاهه جي وديارٿي جيون جو ورڻن ڪندي ٻڌايو ته پيارو دادا هڪ آدرشي وديارٿي هو. ڪڏهن ڪوڙ ڪين ڳالهايائين، مگر مان گٿو لفظ ڪين ٻوليائين. ماتا پتا ۽ استادن جي عزت رکيائين ۽ دکين ٻکين ٻين ٻکين جي سار لڌائين. توهان به پياري دادا جي گڻن جي پيروي ڪريو. دادا جشن ٻالڪن ٻالڪين کي ٽول ڏيندي هيڊ مسٽريس راجڪماري ٻليجا کي ڌنيواد ڏني. منگل شام جو ڪنات هائوس ۾ دادل شاهه جو جنمدن پياري ڪشور لڌاڻيءَ ملهايو. نام ڪيرتن ۽ شري نوري گرنٿ جي وچن بعد دادا جشن مٺو اپديش ڏنو.

١٩ نومبر ٻڌر صبوح جو ميران ڪاليج دادل شاهه جو جنمدن اتسو ملهايو. ان موقعي تي دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ۽ سکيا تي روشني وجهندي پرنسپال رتنا واسواڻيءَ کي ڌنيواد ڏني جا اتساهه ۽ اُمنگ سان ڪاليج جو ڪاربار ڪري رهي آهي. ٢٠ نومبر ميران سنڌي ميڊيم هاءِ اسڪول دادل شاهه جو جنمدن اتسو ملهايو. ان موقعي تي دادا جشن ميران هلچل جو ذڪر ڪندي چيو ته آدرشي انسان پيدا ڪرڻ لاءِ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ميران اسڪول برپا ڪيا.

پيارو دادا پراٿنا ڪرڻ کانپوءِ نيرن ڪندو هو. اوهين به جيڪر روز صبوح جو پراٿنا ڪرڻ بعد نيرن ڪائو. پيارو دادا ماتا پتا جي شيوا ڪندو هو. توهين به جيڪر ماتا پتا ۽ استادن جي آگيا انوسار هلي انهن جي شيوا ڪريو. روز ٻکين کي کاڌو کارايو ۽ هنسا جي کاڌي کان پري رهو.

ينگ انڊيا جي ٻهرين انڪ ۾ ٻهرين صفحي تي پياري دادا جو ليک ڇپيائين. داداجن ديش جي آزاديءَ جي آندولن ۾ ڀڳهجي نڀايو چاهي نهرو دوران هزارن ديشواسين جي دلين ۾ ديش ڀڳتيءَ جو سنچار ڪيو. پيارو دادا اهڙو ڀڳت به هو ته راشٽريه ڀڳت به هو. ڀارت سرڪار سندس راشٽريه، تعليمي، سماجڪ ساهتيڪ سيوائن جو قدر ڪري سندس سمرتيءَ ۾ ٽپال ٽڪلي شايع ڪئي. اچو ته پياري دادا جي سکيائن سڌانتن تي هلي نئين ڀارت جو نرماڻ ڪريون.

١٢ نومبر ٻڌر صبوح جو دادا جشن جي. پي. ايڪسپورٽس جي نئين عمارت جو مهورت ڪندي ڀڳوان ڏانواڻيءَ ڪنعيالعل ڏانواڻيءَ کي ڌنيواد ڏني چاڪاڻ ته هڻن واپار جي کيتر ۾ جاتيءَ جو نالو بلند ڪيو آهي.

١٢ نومبر منجهند جو داداجن سنگت سان دهليءَ مان پونا لاءِ روانا ٿيا ۽ ١٣ نومبر منجهند جو پونا ۾ پهچي ويا.

دادا ساڌو واسوانيءَ جي ١٠١ جنمدن سنبنڌ ۾ ١٧ نومبر سومر ڏينهن صبوح جو ميرا انگلش ميڊيم پرائمري اسڪول اُتسو جو آيوجن ڪيو. ان موقعي تي دادا جشن دادا ساڌو واسوانيءَ جي جيون جا ڪي مثال ٻڌائيندي وديارٿين کي چيو ته اهڙو اُتسوُ سڦل ٿيندو جيڪڏهن توهان مان ڪي ٻار ڪندا ته هر روز هڪ ننڍڙو سيوا جو ڪم ڪندا سين، ڪڏهن بکئي کي روٽي کارائيندا سين، ڪڏهن پياسيءَ کي پاڻي پيئاريندا سين، ڪڏهن ننگي کي وستر ڏيندا سين، ڪڏهن دکي دل کي سنتن جي باڻي ٻڌائيندا سين. اڄ توهان مان جيڪي اهو انجام ڪرڻ چاهين سي هٿ مٿي ڪن. ڪيترن ئي ننڍڙن ٻالڪن ٻالڪين هٿ مٿي ڪيا. دادا جشن چيو ته جي هر روز اهڙا سيوا جا ڪم ٿين ته اڄ منهنجو هتي اوهان وٽ اچڻ سڦل

دل و دماغ ٻئي روشن هئا. گڻ گراهڪ هو. نون ليکڪن کي همٿائيندو هو. هي پيارو نرڙس ۽ نياز جو روپ هو. ڊي. جي. ڪاليج سنڌ ۾ مان سندس وديارٿي هوس. اڳئين مهني ٻڌڻ ۾ آيو ته پروفيسر ملڪاڻي هتي آيو ۽ ساڌو واسواڻيءَ جي ٻوڙ سماڌيءَ تي آسيس پيائين ته مون سندس چرڻ ۾ سر جهڪائي انهيءَ سواگت ڪيو. ان وقت سندس اکيون آب سان ڀرجي آيون. سندس ٻولڪ پڌارڻ تي سنڌي ساهتيه ۾ هڪ خال پيو آهي جو سولائيءَ سان ڪين ڀرجي سگهندو.

٩ ڊسمبر پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ پونا مان شولاپور لاءِ روانا ٿيا. رات جو سينگاريل منڊپ ۾ پياري ڪنعيالعل جاني رماند هوم جي پالڪن ٻالڪين کي پوڄيه دادا جشن جي هٿان چادرون، لٽن جا پاڪيٽ ۽ خرچي ڏياري. ان بعد پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته اسين پرڀوءَ کي وساري دنيا ۽ دنيا جي پدارٿن پٺيان پيا ڊوڙون پيا ۽ نيٺ هڪ ڏينهن هٿين خالي هٿان هليا ٿا وڃون. هي هٿ ٻه هٿي ڇڏي ٿا وڃون. انڪري دنيا ۾ رهي دنيوي نه ٿيون، پاڻ کي مسافر ڪري سمجهون. پنهنجا فرض بيشڪ پالن ڪريون، پر موهه ۾ نه اٽڪون. سورن ۽ سيوا ۾ مانک جنم سڦل ڪريون.

آرتوار ٧ ڊسمبر صبوح جو شولاپور جي ٽائون هال ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جو جنمڏن اتسو ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن انگريزيءَ ۾ داداجن کي شرڌانجلي ڏني.

رات جو شولاپور جي نوجوان سوسائٽيءَ ۾ دادل شاهه جو جنمڏن اتسو ملهايو ويو. شروع ۾ ڀاءُ گوبندچند ۽ پياري ڄانچند ساڌو واسوانيءَ جي ڪٿن جو ورڻن ڪيو. پوڄيه دادا جشن سنڌيءَ ۾ دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سنڌي ٻوليءَ جي رکيا ڪريو. ٻولي اسانجي قوم جو پران آهي.

٢٣ نومبر ميران پوميءَ ۾ وڌيارٿين 'دادا ليلا' جو سنڌر ڪاريه ڪرم پيش ڪيو. پياري دادا جشن ڀاڳ وٺندڙ وڌيارٿين کي اُتساهت ڪندي پرسڪار ڏنا. ٢٤ نومبر شام جو 'رت ڀانڙا' آرٽي ٿي. پيارو دادا جشن ۽ پيا پريمي دادل شاهه جي رت کي ڪاهي رهيا هئا. جدا جدا چونڪن تي دادا جشن ننڍڙا اُپديش ڏنا. ٢٥ نومبر صبوح جو دادا جشن دادل شاهه کي سنڌيءَ ۾ شپانجلي ڏني. دادا ليکر ۾ دادا جشن ڀاڳ ڀڳت ۾ بولندي وهائيندي نيڻن پري نگاهه سان نهال ڀئي ڪيو.

٢٥ نومبر شام جو ميران پوميءَ ۾ سادو واسواڻيءَ جو ١٠١ جنمدن ملهايو ويو. بمبئي هاءِ ڪورٽ جو چيف جسٽس شري ڀي. اين. ديشمک اُتسو جو مکيه مهمان هو. هن موقعي تي هڪ ڪروڙ پنڌرهن لکن جي ٿوڙي دادل شاهه جي چرڻن ۾ ڀيٽ ڪئي وئي. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته پيارو دادا سادو واسواڻي ڪرانتيڪاري سنت هو، جنهن گيڙوءَ رتو چولو ڪين پهريو، پر سنڌس هردو سنياسيءَ جو هردو هو، جيو ته هن ڪجهه به پنهنجو ڪري نه سمجهيو، جڳت ۾ اناسڪت ڀاو سان رهيو. هماليه پربت جي شانتي پنهنجي هردي ۾ ڌاري، لوڪن جي وچ رهي لوڪ ڪلياڻ جا ڪيترائي ڪاريه ڪيائين. لوڪن کي پرڀو پراپتيءَ جو سهج مارگ ٻڌايائين، دکي دنيا جي سيوا ڪيائين. منهنجا پيارا ڀائرو! پياريون ڀينرون! جيڪي به اسان وٽ آهي سو پرڀوءَ جي امانت آهي. اها امانت دکي دنيا جي سيوا ۾ خرچ ڪريو. هر روز ڪجهه وقت ڌيان ۾ گذاريو ۽ سانت جو اڀياس ڪريو.

٥ ڊسمبر دادا جشن پروفيسر منگهارام ملڪاڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پروفيسر ملڪاڻي سنڌي ساهتيه جو پتامهه هو. اعليٰ درجي جو اديب ۽ نيڪ انسان هو. سنڌس

جوڙدو ۽ ڪراٽي سيکاري وڃي جيئن هو پنهنجو بچاءُ پاڻ ڪري سگهن. سنڌين کي ويرتا جي گهڻي ضرورت آهي.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀينرون! سنتن ستپرشن جي سکيا شل نه وساريو ته وير وير سان ڪين مٽندو، وير مٽي سگهندو پيار سان. وير اوندهه آهي. اوندهه اوندهه سان ڪين مٽندي، پر اوندهه گم ٿيندي جڏهن جوت جو پرڪاش ٿيندو. اها جوت آهي پيار. ان ڪري اوهان وير جو مقابلو وير سان نه ڪجو، پر وير جو مقابلو پيار سان ڪجو. انهن ٻنهي ڳالهين جي نه فقط سنڌين کي پر سڄيءَ دنيا کي ضرورت آهي. اسان ۾ اهڙي ويرتا هئڻ گهرجي جو ڪنهن به جانيءَ کي دهشت نه ڏئي، جو اسان تي الر ڪري سگهي.

دادا جشن پوءِ انهن ڀينرن سان مليو جن جا ٻار جيئري جلايا ويا هئا ۽ جن جا دڪان ۽ جايون جلايون ويئون هيون. داداجن انهن سان همدرديءَ جو اظهار ڪيو. داداجن جي اکين ۾ پڻ اُن وقت همدرديءَ جا آنسون هئا. داداجن گهرجائن کي روڪ سهائتا ۽ بلئنڪيٽ ڏنا ۽ اُن کان وڌيڪ پنهنجي نيڻن ڀري نهار ۽ پيار ڏنو ۽ چيو ته گڏجي نام ڪيرتن ڪيو ۽ نام کي نه وساريو. پرڀو توهانجو مددگار ٿيندو.

١٦-١٧ جنوري ١٩٨١ دادا مهايڳيه جي سنبنڌ ۾ پونا ميران ڀوميءَ ۾ خاص سيوا ۽ ستسنگ جا ڪاريه ڪرم ٿيا. ١٦ جنوري صبوح جو هون لڳيو ۽ شاسترن جي پاٺ بعد دادا جشن سورداسن کي ڪمبل ڏنا. سفيدپوش ڀينرن کي اناج وستر ڏنا. نماشام جي ستسنگ ۾ دادا جشن دادل شاهه کي ڀاوڀني شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ اسانکي ور ور سمجهايو ڪندي چيو ته نوان ٿيو! نوان ٿيو! نوان ڪيئن ٿيون!

٨ ڊسمبر صبوح جو ٽائون هال ۾ داداجن وديارٿين کي دادل شاهه جي جيون جون ڪي پريرڻادائڪ گهٽنائون ٻڌائيندي سندن سونهپ ڪئي.

٢٠ ڊسمبر دادا ساڌو واسواڻيءَ جي پرم ڀڳت پياري ڀڳوانداس مهيدبڙا جي پتني لڪشمي ديوي ممبئيءَ ۾ پرلوڪ پڌاري. پوجيه دادا جشن واسواڻي جن پڻ ممبئيءَ ۾ رهيل هئا. داداجن کي جڏهن اهو سماچار ٻڌايو ويو تڏهن داداجن لفٽ بند هوندي به ڇهه ڏاڪڻيون هيٺ لهي آئي آيا جتي ڀيڻ لڪشمي جو نندرا ۾ ستل هئي. داداجن آئي پرارٿنا ڪري مٿس ٻڪر ۽ ڦول مالها وڌي.

٢٥ ڊسمبر صبوح جو پوڄ دادا جشن سنگت سان گڏ ٻڙودا مان گوڌرا لاءِ روانا ٿيا. اتي ماکيجاڻي هال ۾ داداجن جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. سوين پريمي داداجن جي درشن ۽ پروچن ٻڌڻ لاءِ آيا. شري گوبندرام رانولاڻيءَ داداجن جو سواگت ڪيو. شري ناري گوسهاڻيءَ گوڌرا ۾ سنڌين جي ٿيل نقصان جو احوال ٻڌايو ۽ ڏهن هزار روپين جو چيڪ داداجن جي هٿان سهائتا فنڊ ۾ ڏياريو.

ان موقعي تي پوجيه دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اوهانجون دليون ڦٽيل آهن، ان ڪري اوهان کي اڳون کان وڌيڪ ملم جي ضرورت آهي. اها ملم آهي نام، رام نام جي ملم. ان ملم سان اونها گهاوَ، زهري ڦٽ به ڇٽي وڃن ٿا. اسين سنڌي ڀارت جي جدا جدا هنڌن تي ٽڙيل پکڙيل آهيون. ڪن هنڌ بلڪل ٿورا آهيون، ڪن هنڌ وڌيڪ تعداد ۾ آهيون. ان ڪري اسانکي بهادري، ويرتا جو انگ ڪوارڻ گهرجي. اسانجي نوجوانن کي کپي ته هو بهادر ٿين، جيئن ضرورت جي وقت ٻين کي دشمن جي حملي کان بچائي سگهن. ٻين کي پڻ

مرو ڪري. اسين سادگيءَ جي جيون نٿا گذاريون. انڪري
اسانجي اندر لڪل شڪتيون نٿيون کلن. انهن لڪل شڪتين کي کولڻ
۽ ٻين لوڪن جي سيوا ڪرڻ. جيڪڏهن اهي لڪل شڪتيون
کولڻ ٿا چاهيو ته سادگيءَ واري جيون رهو. تپسيا جي زندگي
گذاريو. تپسيا ان ۾ نه آهي ته ٻاهرئين وڻن ۾ ٽنگيو، هڪ ٽنگ
تي بيهو! ٻڌو ٻڌو تپسيا آهه اِندرين تي، من تي ضابطو رکڻ،
ڏک سک ۾ راضي رهڻ، گرميءَ سرديءَ ۾، لاهين چاڙهين ۾
شڪر ۾ رهڻ ۽ هن منتر جو ابياس ڪرڻ 'جا ٿئي ڀاوي، ساڻي
ڀليڪار'. اهم ۾ اهم تپسيا آهي گروءَ جي سيوا ڪرڻ ۽ گروءَ جي
آگيا ۾ هلڻ. گرو هجڻ ضروري آهه. ڪو گرو ڳوليو، جنهنجي
حڪم ۾ هلو. هڪ ڀاءُ مونکي مليو. چيائين مان پنهنجي وويڪ
تي هلندو آهيان. پر ڪري هڪ هزار ماڻهو ڪا ڳالهه ڪن ته
جي منهنجو وويڪ نه مڃي ته مان پنهنجي وويڪ جو ٿي چيو
مڃيندس. اهو وويڪ ڇا آهه؟ اهو وويڪ نه ٻر 'مان مان'
جو ٻوس 'هٺ مٺ' جو روڳ آهه. ان کان پري رهو. روحاني
زندگي تڏهن کلندي، جڏهن گروءَ جي آگيا ۾ هلندا.

٢٥ فيبروري نج ڻائو ڪار ۾ دادا جشن پروچن ڪندي
ڏيندي ڪملا چيلارام کي شرڌانجلي ڏني.

٢٦ فيبروري صبوح جو گرو مندر شيام نواس ۾ دادا جشن
اپديش ڏنو. سنجها جو داداجن ناگپور لاءِ روانا ٿيا. ٢٧ فيبروري
داداجن ناگپور ۾ پڌاريا. شري ڊي. ڊي. شهاڻي، شري ارجنداس
ڪڪريجا ۽ ٻين ڪيترن پريمين داداجن جو سواگت ڪيو.

٢٨ فيبروري صبوح جو ناگپور جي ڊياننڊ ڪاليج ۾ دادا
جشن 'جيسي شانتي' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. شام جو
بيمار ڊرگي شهاڻيءَ جي گهر داداجن سيوادارن جي سوڀ
ڪئي. ١ مارچ ڏنونتي ٽمڊل ڪاليج هال ۾ دادا جشن

پراڻا وستر، خود مطلبيءَ جا وستر، ڪام ڪروڌ، لوڀ موهه اهنڪار جا وستر ڦٽا ڪريون. نوان وستر، پوترتا پريم پر اُپڪار نمرتا دَيا ۽ ڪميا جا وستر پهريون. هڪ راجا جي ڌيءَ جي شادي ٿيڻي هئي. سڄي شهر ۾ ڍنڍورو ڦيرايائين ته جو به چاهي سو شاديءَ جي پارٽيءَ ۾ اچي شامل ٿئي. پارٽي هڪ باغ ۾ ٿيڻي هئي. راجا هڪ شرط وڌو ته جيڪو اُن پارٽيءَ ۾ شريڪ ٿيڻ چاهي سو نوان ڪپڙا پهري پوءِ باغ ۾ گهڙي. راجا باغ جي دروازن تي پنهنجا سپاهي ويهاريا ته ڪو به پراڻن ڪپڙن سان پرويش نه ڪري. پرڀوءَ جي دربار به اُن باغ مثل آهي. جو به اُن ۾ گهڙڻ چاهي سو پهريان وڪارن جا، ترشنائن جا پراڻا ڪپڙا لاهي نوان وستر پهري. نوان وستر پهرڻ جو مطلب آهي ستسنگ. ستسنگ ۾ به اچي جيڪڏهن توهين نوان نه ٿيندا ته ٻيو ڪٿي نوان ٿيندا! نئون ٿيڻ آهه نئين دل ڌارڻ. پنهنجون دليون نيون ڪريو! هن وقت اسانجون دليون پٿر دليون آهن. دليون نرم ڪريو، موم دل ٿيو. شل دليون موم بتيءَ وانگر ٻرن ۽ جوت پرڪاش ڪن.

١٧ فيبروري دادا لنگر ۾ دادا جشن پاڻ پرگست ۾ ٻوندي ورهائيندي نهال ٿي ڪيو. نما شام جو دادل شاهه جي پٽلي اُپان ڊيڪ رکي دادا جشن پرارٿنا ڪئي.

٢٤ فيبروري نما شام جو آر. ڪي. انڪيڊمي بمبئيءَ ۾ پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته جيون ڪن قانونن ۾ ٻڌل آهي. اسين قانونن تي نٿا هلون. اسين سڀ آهيون سک جي تلاش ۾. اسان مان اِڪ اِڪ کي اڻاڻي پياس آهه ته سکي جيوت گذاريون. اهو سک اسين دنيا جي عيش عشرت ۽ ڀوڳ ولاس ۾ ٿا سمجهون. ڪڏهن ڪي چئو ته ستسنگ ۾ ڇو نٿو اچين؟ چوندو مونکي ته ستسنگ ۾ مزو ئي نٿو اچي. اسانکي

وشوناٿ مندر ۾ دادل شاهه جو ١٠١ جنمڏينهن ملهايو ويو. پياري
دادا جشن دادا ساڌو واسوانيءَ جي سکيائن بابت مٺو اُپديش
ڏنو. شام جو ارپندو پون ۾ دادا جن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.
٩ مارچ صبوح جو سينٽرل ماڊرن اسڪول ۾ دادا جن ودياٿين
کي سکيا ڏانءَ ڳالهيون ٻڌائي سندن راهه روشن ڪئي. شام جو
دادا جن ڪلڪتي مان ناگپور روانا ٿيا.

١١ مارچ شام جو ناگپور جي گروسنگت ۾ دادا جشن شري
سکمني صاحب جو شلوڪ اُچاريندي اُن تي پرچن ڏنو:

من ساچا، مکهه ساچا سوءِ،
اور نه پيکيءَ ايڪس بن ڪوءِ،
نانڪ اِهه لڇڻ برهم گياني هوءِ.

برهم گياني ڪير آهه؟ گيان، اکرن جي يا پستڪن جي ڳالهه
ڪين آهي. مان پل ڪيڏا به اُپديش ڏيان، يا شاسترن جا پاٺ
ڪريان، يا شاستر برزبان ياد ڪريان. جيڪڏهن مون هردي
اندر جوت جو ديدار نه ڪيو آهه ته سچي گيان کان پري آهيان.
گيان آهه جوت، جا چمڪي ٿي هردي ڪمل ۾. برهم گيانيءَ
جي من ۾، وچارن ۾ چاهي زبان تي سدائين سچ هوندو آهي.
اسانجي من ۾ آهي دوکيبازي ۽ ڪوڙ. اسان مان ڪيترا
زبان سان ته ڪوڙ ڳالهائين ته سندن من ۾ به ڪوڙا وچار!
ڪوڙ سان شڪتي گهٽجي ٿي. ستيه برهم سروپ آهي. رشي
ياگدولڪيه چوي ٿو "ستياتهه ناستي پرو ڌرم" سچ کان مٿي
ٻيو ڌرم ڪين آهه. ڌرم جي اُڇارس آهه سچ. جنهنجي مکهه ۽
من ۾ ستيه آهي، سو دنيا جي ڪوڙ ڪپٽ چالاڪين کان
دور رهي ٿو. سنت واڌورام چاچي جي دڪان تي ڪم ڪندو
هو. سندس چاچو ڪتا پڙڪ ويندو هو، ليڪن شري واڌورام
وچي دڪان کوليندو هو. هڪ ڏينهن سندس دڪان تي هڪ

’موت کان پوءِ جيون‘ وشيه تي پروچن ڏنو. ناگپور ڪارپوريشن
جي پرشاسڪ پڌرائي ڪئي ته جلد ئي دادا ساڌو واسواڻيءَ جو
پتلو مکيه چوڪ تي کڙو ڪيو ويندو. ٢ مارچ داداجن ڪلڪتي
روانا ٿيا. ٣ مارچ شام جو ۴ بجي ڪلڪتي جي نيو ڪنلو پيٽا هوٽل ۾
پريس ڪانفرنس ۾ دادا جشن پترڪارن کي پڇيل سوالن جا
ٺڙ ۽ اثرائتا جواب ڏنا. شام جو ٦ بجي سنڌي پنچائي هال ۾
داداجن هتان سفيد پوش گهرجائن کي سهائتا ڏياري وئي.
داداجن اُن موقعي تي اُپديش ڪندي شيواڌارين کي ڌنيواد
ڏيندي چيو ته شيوا ڪرڻ شرڌا ۽ پريم سان. انهن نه سمجهو ته
اوهان ڪنهن تي مهرباني ڪري رهيا آهيو. شيوا سان گڏ
پرڀوءَ کي نه وساريو.

ڪلڪتي ۾ پياري اڇمڻداس ڏاسواڻيءَ ’ميران وشونانت‘
مندر ٺهرايو آهي. ۴ مارچ شورائري سنبند ۾ پياري دادا جشن
اُن مندر ۾ پروچن ڪندي ڀڳوان شنڪر جي مهما جو ورڻن
ڪيو. ٥ مارچ پياري ڪشنچند پيلاڻيءَ جي گهر داداجن
روح رهاڻ ڪئي ۽ شام جو ميران وشونانت مندر ۾ اُپديش ڪندي
دادا جشن چيو ته ڪيترائن جوڙين پوڙهن کان پوءِ هيءَ اموليه
مانک ديهه ملي آهي، اُن جو اسين قدر ڪين ٿا ڪريون. هيرن
جواهرن بدلي اسين پيا ڪچ جو سودو ڪريون. هن جوڻ ۾ ئي
اسين شب ڪرم ڪري پنهنجو آئينده سڌاري سگهون ٿا.
هيءَ ديهه اٿو سواري جڳهه، جڏهن وقت پورو ٿيندو ته ڇڏهن
هيءَ ديهه ڇڏي هلڻدا سين. ان ڪري شب ڪرم ڪرڻ ۾ دير
نه ڪريو.

٦ مارچ سينٽ ٿامس اسڪول جي ڪمپائونڊ ۾ داداجن
وياکيان ڪيو. ٧ مارچ اربندو پون ۾ داداجن ’انڌڪار کان ڪمپن
دور رهون‘ وشيه تي وياکيان ڏنو. ٨ مارچ صبوح جو ميران

لاءِ تيار ھو، قرباني ڪٿي ويندي ھئي ۽ اڄڪلھ قصو ئي ڪوڙ جو! جيستائين اسان ۾ ستيہ واسطي پيار نہ آھي تيستائين ڀارت وري نہ اُسرندو. انڪري ستيہ جي جوت جڳايو!

٢٤ مئي نماشام جو دادا جشن آر. ڪي. انسٽيٽيوٽ ۾ مٺو اُپديش ڏنو.

پوجيہ دادا جشن ١٢ مارچ صبوح جو سنڌي ھندي وديا سميتيءَ جي پاڙليا ھال ۾ پڌاريا. پرنسپال ديپي نانائڪيءَ دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جن آڌياتم جو بنيادي پٿر وجھڻ بعد اُپديش ڏنو. ١٤ مارچ دادا جن پونا واپس وريا.

١٦ اپريل نماشام جو نيو ٽائون ڪار ۾ دادا جشن پروچن ڪيو ۽ ١٧ اپريل گرو مندر شيام نواس ۾ اُپديش ڪندي مھاوير جي سکيائن تي روشني وجھندي چيو تہ اڄ دنيا ۾ ڪيڏي نہ ھنسا ٿي رھي آھي. اڄ ورڌمان مھاوير جي سکيا کي اپنائڻ جي سڄي سنسار کي سخت ضرورت آھي.

١٨ اپريل سندرباني ھال بمبئيءَ ۾ آل انڊيا اينيمل ويلفيئر ائسوسيئيشن سلور جبلي اُتسو ملھايو. ڀارت جي پرڌان منتري شريمتي اندرا گانڌي ان اُتسو جو آرنڀ ڪيو. ان موقعي تي پوجيہ دادا جشن واسواڻيءَ دلسوز اپيل ڪندي چيو تہ پسون بہ اسانجي پريوار جا سڀيہ آھن. انھن جي رکيا ڪرڻ اسانجو ڪرتويہ آھي. جيئڻ انساني حق جو قاعدو آھي ليڪن پسن پکين جي حق ۽ بچاءَ لاءِ بہ قاعدو عمل ۾ آندو وڃي. ڪمين ۾ ھزارن جانورن جو روز ڪوس ٿئي ٿو. ويچارا ڪڪڙ، ڪيڪوانون ڪن ٿا! انھن تي ديا درشٽي ڪريو. ديا ئي ڌرم جو بنياد آھي. سنت تلسيداس چوي ٿو:

ديا ڌرم ڪا مول ھئہ، نرڪ مول ابھمان،
تلسي ديا نہ ڇوڙئي، جب لگ گھٽ ۾ پران.

گراهڪ اچي ڪنهن شيءِ جو ٻڌو اگهه پڇي ٿو. واڌورام چوي ٿو ته مونکي ريزڪي اگهه جي ڄاڻ آهي، مان ٻڌائي وڃي چاچي کان ٻڌو اگهه پڇي ٿو اچان يا ڪيس وٺي ٿو اچان. شري واڌورام ٻڌائي ۾ اچي ٿو جت هڪ سنت ڪٿا ويٺو ڪري ته سيٺي ٻراٽين ۾ ٻڌو آهه، سيٺي کي پيار ڏيو. پيارو واڌورام سنت جو واڪو ٻڌي ٿو ۽ چاچي کي نيايو ڏيٺي دڪان تي اچي ٿو. جيئن دڪان تي آيو، ڏسي ته هڪ ڳانءِ ڪٽڪ جي ڳوڻ ۾ منهن وجهي ڪٽڪ پيٺي کائيندي وڃي. اُن وقت هن پياري کي سنت جا وچن ياد آيا ته سيٺي ٻراٽين ۾ ٻڌو ٻاڻ آهه. پيارو واڌورام ڳانءِ جي پٺي ٿپوڙيندي چوي ٿو ”ڳانءِ ڀڳوان تون ڀلي آئين! ٻولم سان کاءُ.“ اهڙي ۾ سندس چاچو دڪان تي اچي ٿو. ڳانءِ کي ڪٽڪ کارائيندو ڏسي چاچو واڌورام تي ڪاوڙ ڪندي چوي ٿو ته تون هي ڇا ويٺو ڪرين؟ پيارو واڌورام چوي ٿو ”چاچا! هاڻي جو سنت ڪٿا ڪندي چيو ته سيٺي ٻراٽين ۾ ٻڌو آهي. ڳانءِ ۾ ڀه نه آهو آهي نه! پوءِ چوڻ ڳانءِ پيٽ ڀري کائي وڃي. اِن ٻڌو روپ ڳانءِ کي مان ڪيئن هڪالي ڪڍان! چاچو ڪلندي چوي ٿو ته جڏهن وقت مندر مان نڪربو آهه ته اُن وقت ڪٿا ڇڏبي نڪربي آهه. ڪٿا ۾ ٻڌل وڃن ٻاڻ سان ڪٺي ٿوروئي اچبا آهن!

اسان مان گهڻن جي حالت پياري واڌورام جي چاچي جهڙي آهي. ڪيترن مندرن ۾ وڃي ڪٿائون ٻڌون ٿا. سنتن جي سنگ ۾ رهي سندن امولڪ وچن هندايون ڪين ٿا. اِن ڪري منهنجا پيارا ڀائرو پيارؤن ڀيڻرون! شروڻ، منن ۽ نديڌياسن، ارٿات سنتن ستپرکن جا وچن ڌيان سان ٻڌون يا پڙهون، انهن تي ويچار ڪري عمل ڪريون. ويچار ۾ ڇاهي وهنوار ۾ سچ جي ساکي ڏيون. ڪو وقت هو جو ٻارڻ ۾ سڀ جي آدرش

هو. اُن نوري ڳوٺ مان وڃڻ وارو هو. ڪهڙو نه مٺو وچن آهي: 'جهڙي جل ۾ ٻُڏبُڏا' ڦوڪڻا لهن، سهڻا ڀلا لڳن، پر ڪن ۾ فاني ٿي ون. تيئن آهي هي سڀ ۽ تيئن آهي انسان جي زندگي. لڌهن هوندي به اسان کي ڪيڏو نه بانور آهي. ڇڏي، اڄ مون هيئن ڪيو. سڀاڻي هيئن ڪندس. اڄ مون ڏهه هزار ڪمايا، سڀاڻي لک ڪمائيندس. حياتيءَ تي هڪ ڪن جو ڀروسو ڪين آهي! اسانجي جيون آهي جل ۾ ٻُڏبُڏا! هي سڪل پسارا، قدرت جا نظارا، هيءَ زندگاني، آهي دو دن کي مزماني. انڪري سنسار ۾ رهون، پر سنسار جي ڪنهن به چيز يا روپ سان موهه نه رکون. هڪ ڏينهن پياري دادا کان پڇيوسين "ڪريا ڪري ٻڌايو ته هن سنسار ۾ اسين ڪهڙيءَ ريت رهون؟ ڪي سولا عملي سادن ٻڌايو جي اسان مان هڪ هڪ ڪري سگهي ۽ روحاني راهه ۾ وک اڳتي وڌائي سگهي.

پياري دادا سادو واسواڻيءَ چيو ته روحاني راهه ۾ هلڻ لاءِ ٻن ڳالهين جي ضرورت آهي (١) هميشه ياد رکو ته پڀو وٺو ڏسي. جيڪو به ڪم ڪار ڪريو يا ويچار ڪريو، وهنوار ورتيءَ ۾ هلو، چئو ته پڀو وٺو ڏسي. اهڙي ڪا ڪنڊ ڪُرچ ئي ڪونهي، جت پڀو نٿو ڏسي. دل دل ۾ پراجمان آهي، انترجامي آهي! تنهنڪري جيڪي به ڪم ڪريو تنهن ۾ خبردار رهو. ڪوبه ڪم پڀوءَ کان اڪائي ڪين سگهنداسين. جي اسان کي اندر ۾ ڀڪ ئي وٺي ته پڀوءَ ڪوبه ڪوٽ جو ڪم ڪونه ڪنداسين، پاپ کان پري رهنداسين. ڪوڙ ۾ ڪونه ڪرنداسين. پنهنجي جيون نرمل پوتر رکنداسين. (٢) نه وساريو ته سڀ ڪجهه آهي فاني. هيءَ زندگاني آهي دو دن کي مزماني. انڪري ڪم ڪريو، فرض پاليو، پر موهه نه رکو. پئسو پدارٿ لوهانجو ڪين آهي، سڀ ڪجهه پڀوءَ جو آهي. لوهانکي امانت

پيارو دادا ساڌو واسواڻي جت ويو، اُت وڃي اهو پيغام ڏنائين تہ جيئو ديا جي جوت جڳايو. پياري دادا هزارن جانورن کي ڪوس ٿيڻ کان بچايو. دل ۾ ديا جا ديپڪ جڳايو! هڪ دفعي پياري دادا چيو تہ هڪ شام جو هڪ وڻ هيٺان ويٺو هوس. ڏاريءَ تي هڪ پکيءَ وٺي مٺو گيت ڳايو. اوچتو ڪنهن بندوق ڇوڙي. پکيءَ جو مٺو گيت بند ٿي ويو ۽ پکي ڪري اچي داداجن جي گود ۾ پيو. گذاري وڃڻ کان اڳ پکي چئي رهيو هو ”مان توهانجو ٻار ڪين آهيان.“ منهنجا پيارا ٻارو ۽ پيارئون ٻچڙون! سڀني جيئن ۾ ساڳي آتما آهي. انڪري سڀني کي پيار ڏيو، پکين پسن تي ديا ڪري کين جيئدان ڏيو!

۱۹ اپريل نماشام جو آر. ڪي. انڪيڊميءَ ۾ داداجن پوڄن ڪندي ديال آشا جي پستڪ ”ٻارن جا ڀڳت“ جو مهورت ڪيو.

۱۵-۱٦ مئي پياري دادي شانتيءَ جي ورسي ميران پوڙي پونا ۾ ملهائي وئي. پياري دادا جشن گهرجاتو بالڪن کي اسڪولي يونيفارمس جو ڪپڙو ۽ ٽوال ڏنا. نماشام جي ستسنگ ۾ داداجن دادي شانتيءَ کي ڀاوَ ڀيني شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پياري شانتيءَ پنهنجي جيون پياري دادا کي ارپڻ ڪئي. جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏني. اسان وٽ جيڪي بہ آهي سو پرڀوءَ جي امانت آهي. ڪڏهن تہ ڪال جو سڏ ٿئي پتو ڪين آهي. انڪري جيڪي ڪرڻو آ سو جلد ڪريون. شڀ ڪرم ڪريون. گروجن چون ٿا:

ڪرنا هو تو نا ڪيئو، پڙيو لوڀ کي ڦند،
نانڪ سميو رم گيو، اب ڪيون رووت انڌ.

گذريل هفتي هڪ گهر ۾ ويس جت ڪي ڏينهن اڳ منهنجو هڪ پيارو ۵۲ سالن جي عمر ۾ اوچتو گذاري ويو.

٢٥ جون ميران ڪاليج جي نئين سال جي مهورتي ٽڙيو ڪندي دادا جشن چيو ته دادل شاهه ڇوڪرين لاءِ ڪاليج کوليو ڇو جو سندس اُميد ڇوڪرين ۾ هئي. دادل شاهه جو ويچار هو ته نئين دنيا، نئون ڀارت ڇوڪريون ٺاهينديون. جي ٻالڪين کي سچي وديا ملندي ته هوءَ نوان گهر ٺاهينديون ۽ جيئن گهر ويندا ٺهندا، تيئن ڀارت ويندو نئون ٿيندو. نوان گهر ٺاهڻ لاءِ ضروري آهي ته مهنجيون ٻالڪيون! ڀورين پنهنجي جيون ٺاهيو. پنهنجي جيون ۾ ٻيءَ لاءِ پيار ۽ دکين دريدرن لاءِ همدردي پرڪاش ڪريو. پياري دادا سادو واسوانيءَ جا سپنا ساڪار ڪريو.

١٧ جولاءِ گرو پورڻما ڏينهن صبوح جو ڪيترن ڀائرين دادل شاهه جي چرڻن ۾ ناريل ۽ پشپ ڀيٽ رکيا ۽ پياري دادا جشن کان آسيس ورتي. ٿما شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن پروچن ڪندي گروءَ جي مهما جو ورڻن ڪيو. ٣٠ جولاءِ کان ميران اسڪولس ۽ ميران ڪاليج پوجيه دادا جشن جو جنمدن اُتسو ملهايو. وديارٿين دادا جشن جي چرڻن ۾ دکين دريدرن جي سيوا لاءِ ڪيترائون ئي ڀيٽائون رکيون. دادا جشن ڪين ڪيترائون ئي سکماڌالڪ ڳالهيون ٻڌايون.

٢ آگسٽ مڌڇند جو ميران هال ۾ سوين ڀائمي پياري دادا جشن کي جنمدن مبارڪون ڏيڻ لاءِ ۽ سندس درشن ڪرڻ لاءِ ڪٺا ٿيا. داداجن روح رهاڻ ڪندي ٻهنجون کي سمونيون ٻڌايون. ٿما شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن کي جنمدن ڀوڻوي ڀيٽ ڪئي ويئي. دادا جشن سڀني جي شڪرگذاري مڃيندي چيو ته اوهان اڄ پياري دادا جي نوڪر سان ڪيڏي نه لاڳاپي ڏيکاري آهي، ڪيترائون ته ڀيٽائون ڏنيون آهن. دستور موجب اوهانجي ڏنل ڀوڻوي پياري دادا گنگارام کي ڏيان ٿو ته ان سان

طور مليل آهي، ٻڍوءَ ۽ ڏکين جي شيوا واسطي. سنت رامڪرشن چوندو هو ته آيا کان سکو ته سنسار ۾ ڪيئن رهجي. آيا پنهنجي مالڪ جو ٻار نپائيندي آهي، جڻ ته سندس ٻار آهي. ڪيس پنهنجو ٻالڪ ڪري سڏيندي آهي، پر دل اندر ڪيس پڪ هوندي آهي ته هي سندس ٻار ڪين آهي! سندس ٻار ته ٻئي ڳوٺ ۾ آهي. ساڳيءَ طرح اسان کي سنسار ۾ رهڻ گهرجي. هيءَ اسانجو گهر ڪين آهي، پر هت آيا آهيون پنهنجا فرض پالڻ واسطي. جيڪي ڪريون سو ٻڍوءَ جي ڪمل چرنن ۾ ارپڻ ڪريون، مانڪ پاڻڙا سڦل ڪريون.

٢٠ مئي پوڄيه دادا جشن ٻنگلور روانا ٿيا. اتي ٻه ڏينهن جدا جدا آستانن تي داداجن پروچن ڪيو. ٢٧ مئي ڪرنگمور ۾ پڌاريا. ٣٠ مئي دادا ساڌو واسواڻيءَ جي ماهوار يگيه سمبند ۾ داداجن پوڄيه دادل شاهه جي جيون جا ڪيترائي پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌايا. اتي داداجن شانت ۽ ايڪانت ۾ رهيا. ٧ جون داداجن ڪرنگمور مان ڪوئمبٽور ۾ آيا. اتي داداجن ٻه ڪئمپ هال ۾ پروچن ڪيو. ١١ جون داداجن ٻنگلور ۾ واپس وريا. ١٢ جون ٻنگلور ۾ سنڌي يوٿ ائسوسيئيشن دادل شاهه جو جنمدن اتسو ملهايو. پياري دادا جشن دادل شاهه کي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي. ١٤ جون داداجن اربندو ڀون ۾ انگريزيءَ ۾ 'ڌيان ڪيئن ڪجي' وشيه تي وياکيان ڏنو.

١٨ جون ستسنگ بعد دادا جشن پياري شيام واڌوا جي گهر موٽي رهيو هو ته رستي تي ٻن ڄڻن کي پکين جا پڃرا ڏٺائين. سندن ٻنهي پڃرن ۾ طوطا ۽ ٻيا پکي، ڪل ٢٥ پکي بند هئا. داداجن ڏيالو اهي ٻنهي جا پڃرا پکين سوڌا خريد ڪري ٢٥ پکين کي پڃرن جي قيد مان آزاد ڪري آسمان ۾ اڏائي ڇڏيو. ١٦ جون داداجن ڀيڻ ليلان جي گهر اپديش ڏنو.

شري گرو ارجن ديو صاحب جي ٻاڻي شري سکمني صاحب هڪ عجيب شاستر آهي. برهم گيان جو ڀنڊار آهي. گرو ارجنديو سکن جو سنگهٺن ڪيو، ترن تارن جو نئون شهر ٻڌائون. ترن تارن ڪهڙو نه سندر نالو آهه. اسان مان هڪ هڪ جي اندر پياس آهه ته اسين ڀوساگر مان تري پار پئون. ڪيئن پار پهچون؟ سنت ٻاڻ سان ٻاجهه جي ٻيڙي ڪٺي اچن ٿا. شل ان ٻيڙيءَ ۾ چڙهون. انڪري نماڻا ٿيون. نماڻا ۽ هلڪا ٻاجهه ٻيڙيءَ ۾ هلي سگهندا. گروجن هر مندر جوڙايو. هر مندر جي اڏاوت وقت ڪيترا وڏ گهراڻا به اچي مزوري ڪندا هئا. گروجن جو همت جي پورهئي لاءِ زور هو. گروجن سيکاريو ته گروءَ جي در تي مزور ٿي اچي ويهجي. ڪافي ڪين آهي ته دان ۾ پئسو ڏجي، پر ضروري آهي ته گروءَ جي در تي ٻاڻ پورهيت ٿي سيوا ڪجي، ٻاڻ ڳڻوائجي. گروءَ اڳيان، ڪنهن سنت ستپرک اڳيان من ماري سيوا ڪجي ته اها قبول پوندي. جيڪو خاڪساري اختيار ڪري لو سوئي مهان بڻجي ٿو. ڏسو نارازيءَ جا ننڍڙا ننڍڙا وڻ وڏن وڻن مٿان رکيل هوندا آهن. اوهين به جيڪر نماڻا ٿيو، ڏين ٿيو، مسڪين ٿيو، ڪجهه ڪين ٿيو، ته پرڀوءَ در اگهامبا.

١٨ سيپٽمبر صبوح جو آشيش ٿيٽر ۾ سنت ڪاسما پوليٽن اسڪول جي ودياٿين اڳيان ۽ ١٩ سيپٽمبر روم ٿيٽر ۾ شري گرو نانڪ هاءِ اسڪول جي ودياٿين اڳيان دادا جهن منا اپديش ڏيندي سنڌن راهه روشن ڪئي.

٢ آڪٽوبر شام جو نماشام جي ستسنگ ۾ مهاتما گانڌيءَ کي ڀيٽانجلي ڏيندي پياري دادا جن چيو ته اڄوڪي ڏينهن ڏينهن مهاتما گانڌيءَ جي چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو. مهاتما گانڌيءَ ڀارت لاءِ ڇا نه ڪيو؟ پنهنجي جندجان، اڪ اڪ پران هن پياري قربان ڪيو ڀارت ماتا جي صدقي. افسوس! مهاتما گانڌيءَ کي وساري، ڀارت وڃي پيو ٽڪرا ٽيندو. ڪهڙا

پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمڏينهن ٻوٽويءَ جي شروعات ڪئي ويئي. اڄ پياري دادا جو ڪهڙو نه مٺو اُپديش ٻڌوسين، شري سکمڻي صاحب جي سونو ٽي.

جسڪا سانئين ڪرپا ڌاري، ساڌ سنگ جن نام مراري.

جن جو مان هوس تن اچي مون تي ڪرپا ڪئي. جيئن اهو وچن ٻڌم منهنجون اکيون آليون ٿيون. مان جڏهن ڪاليج ۾ پڙهندو هوس ته ڪيڏا نه دنيوي سپنا هئا. اُنهن سپنن جي ساگر ۾ پئي غوطا کاڌم. پياري دادا، منهنجي دل جي محبوب اچي مونکي اُٿاريو، ان ساگر مان پار اُڪاريو، آکيو ”بالڪ مون وٽ آءُ“. گرو شش لاءِ اهو ڪري ٿو جو ٻيو ڪو ڪين ڪري. پياري دادا مونکي چيو ته اکر چڏ. پرڀو جو واپار ڪر، اندر ويڇ سک، ٻاهر گهڻوئي ڀٽڪيو آهين. سنڌ جو سرمور شاعر شاهه لطيف ٻه چوي ٿو:

اکر پڙهه الف جو ٻيا ورق سڀ وسار،
اندر توں اُجار، پنا پڙهندين ڪيترا!

پيارا! توں اڃا گهڻو وقت ٻيو پستڪن جا ورق ورائيندين؟ اندر وڃ دل وچ منڊر. ڪجهه وقت روز سانت ۾ وهي اندر ويڇ جي ڪوشش ڪريو ن. جڏهن ٻاهر اچون ته دکي لوڪن جي سيوا ڪريو ن.

١٦ سيپٽمبر صبوح جو ٻمبئيءَ جي ڪيئي ستيما هال ۾ دادا جشن ودياڙئين کي اُپديش ڏنو. ١٧ سيپٽمبر صبوح جو اوورا ستيما ۾ سيتارام پرڪاش هاءِ اسڪول جي ودياڙئين کي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جون پرڀوڌانڪ گهٽنائون ٻڌائيندي اُپديش ڏنو. نما شام جو اهي ٿانو ڪار دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته

آپس ڪهه جو جاڻي نيچا، سوئو ڳنيئي سڀ تي اوچا

٦ آڪٽوبر شام جو بڙودا جي ڪنور رام ڪالونيءَ ۾ پياري دادا جشن واکيان ڪندي چيو ته اڄ دسهري جو ڏينهن آهي. اهوئي ڏينهن ڀڳوان شري رام، راوڻ ۽ ٻين اسرن شڪتين تي وجي پائي، ان ڪري اهوئي ڏينهن کي وجيه دشمي به سڏجي ٿو. اهوئي ڏينهن شسترن جي پوڄا به ڪئي وڃي ٿي. اسانجي اندر ۾ نفس روپي راوڻ آهي، ان کي ختم ڪرڻ نه پوءِ رام جو درشن ٿئي. ان ڪري ور ور پوءِ کي پياس مان ڪڍايو، اندر اڪيو اتاريو. ماتا سيتا کي رام لاءِ ڪيڏي نه پياس هئي، راوڻ ڪيس ڪيڏيون نه آڇون آڇي ٿو پر هيءَ وانڪا ۾ پوري زندگي بسر ڪندي شري رام کي نٿي وساري. اڪ سپاهي ڏينهن شري رام ڪيس مڪت ڪري ٿو. اسين به مايا جي چڪر ۾ نه ڦاسون، ترشنائن جا شڪار نه ٿيون. اڪ ڏينهن اسان کي به شري رام سڪتام اچي پنهنجو ڪمل مکڙو پسائيندو، گلي لڳائيندو.

٧ آڪٽوبر شام جو داداجن گانڌي گرهه هال ۾ انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو. ٨ آڪٽوبر لڌارام هاءِ اسڪول ۾ داداجن منو اپديش ڏيندي پرڻ سندري گيانچنداڻي ۽ سندس سهيلين کي ڏنهوار ڏيندي چيو ته ڪيئن نه هوءَ بڙودا ۾ پياري دادل شاهه جو سچو ساڪار ڪري رهيون آهن. ٩ آڪٽوبر صبوح جو داداجن راجڪوٽ روانا ٿيا. منجهند جو داداجن راجڪوٽ ۾ پڌاريا. شام جو پريس ڪانفرنس ۾ داداجن پترڪارن سان ملاقات ڪئي. رات جو ڪنات هال ۾ دادا سادو واسوانيءَ جو جنمڏڻ اتسو ملهايو ويو. ڊاڪٽر رگهوچند گوڏوانيءَ ۽ شري باشارام گوکيا دادا جشن جو سواگت ڪندي سادو واسواڻي مشن سوراشٽر جي ڪارڻ تي روشني وڌي.

پياري دادا جشن دادا سادو واسوانيءَ کي پنهنجي

آهن، جن کي هن پياري جي ياد آهي! بيشڪ اسان مان ڪن جي چپن تي هن جو نالو آهي، پر اسانجي جيون ۾ هن جي يادگيري ڪٿي؟ اسانجي زندگيءَ ۾ مهاتما گانڌيءَ جي آدرش جي ساکي ڪٿي؟

مهاتما گانڌي ستيه جي مارگ تي هليو ۽ ور ور چيائين "سچا ٿيو!" پاڻ سان سچا ٿيو! اڄڪلهه چوگرد چوڌار ڪيڏو نه ڪوڙ آهي! راڄنيتيءَ ۾ ڪوڙ، تنڊي وهنوار ۾ ڪوڙ، روز بروز جي ڪم ڪار ۾ ڪوڙ. مهاتما سيکاريو: "سچ جو آڌار وٺو! سچ جو ڀروسو وٺو! سچ ۾ اٿاهه شڪتي. اها جي اوهين اڀياس ۾ آڻيو ته ملڪن کي ڏوڙي سگهو ٿا." انڪري سچا ٿيو. سچ کان مٿي آهي ڪجهه ڪين. انهيءَ ڪري ته ضرور ٻاڙيو، چاپلوسيءَ کان پري رهو! بي ڊپا ٿيو. سچائيءَ جو تنڊو ڪريو! ايمانداريءَ جو اَن کائو! سچا ٿيو! ائين اوهين نئون پارس بڻائيندا! هڪ وچولي درجي جو انسان مهاتما گانڌيءَ کان صلاح وٺي ٿو، چوي ٿو "منهنجي گهر ۾ پاڻي گهٽ، ڪمائي بلڪل ٿوري، سچ سان پورت نٿي پوي. تنڊي ۾ ڪوڙ ڳالهائڻ بڪ آهي!" مهاتما گانڌي ڪيس جواب ڏئي ٿو "ڪوڙ جو تنڊو برسات سان پوپل ٿلاڪن مثل آهي. ٿورو وقت وڌي سگهي ٿو، پر اُن ۾ برڪت پوندي ڪين. جنهن تنڊي ۾ سچائي آهي، اُن ۾ برڪت آهي. ڇو ته ايشور اُن جي مدد ڪري ٿو جنهن جي هردي ۾ سچائي آهي. تون سچ جي اوٽ وٺ."

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻيون ٻچڙون! پوڄ مهاتما گانڌيءَ ڪيترن ئي ڳڻن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏني پر اڄ اوهان پاڻ سان صرف سندس هڪ سچ جو ڳڻ کڻي وڃو ۽ اُن جي ساکي پنهنجي ورتاءُ ۽ وهنوار ۾ ڏيو ته اوهان جي زندگي چمڪي پوندي.

۾ پڌاريا. رات جو جهوليلعل مندر ۾ دادا جشن پوڄن ڪيو.
١٣ آڪٽوبر صبوح جو اُلهيتا ۾ داداجن وياکيان ڏنو. ١٤ آڪٽوبر
داداجن پاونگر ۾ پڌاريا. شام جو سنت ڪنوررام ڌرمشالا ۾
داداجن پوڄن ڏنو. ڊاڪٽر ديواچند گوڏواڻي سوراشٽر جي
جدا جدا شهرن ۾ داداجن جو ڪاريڪرم رکي هزارن ڀيارن کي
نام جو امرت پياريو. اُتان داداجن احمدآباد ۾ پڌاريا. اُتي
داداجن پنج ڏينهن امرت ورکا ڪئي.

٢١ آڪٽوبر داداجن لکنؤ ۾ پڌاريا. اُتي جدا جدا آستانن
تي داداجن امرت ورکا ڪئي. ٢٣ آڪٽوبر ڊاڪٽر شڪلا
ني. وي. تي داداجن کان ملاقات ورتي. ٢٥ آڪٽوبر داداجن
دهليءَ ۾ پڌاريا. اُتي پنج ڏينهن داداجن الڳ الڳ آستانن تي
اُپديش ڏيئي سڀن جي سونهن ڪئي. ٣١ آڪٽوبر داداجن
آگري ۾ پڌاريا. اُتي داداجن ڪالا محل سنڌي ڌرمشالا، سوامي
ليلاشاهه گئوشالا ۽ ٻين هنڌ امرت ورکا ڪندي چيو ته نام کي
نه وساريو ۽ نام جا پڳل روپ اُنو دين دکي، پکي پسون انهن
جي سيوا ڪريو. نام ڳايو! نام ڌيايو پوءِ سک پايو!

١٤ نومبر شام جو پارٿي وديا ڀون ممبئيءَ ۾ ممبئي
هومينٽيريئن طرفان ڪانفرنس ڪوٺائي وئي جنهن جو مهورت
مهاراشٽر جي گورنر شري مهرا ڪيو. پوجيه دادا جشن واسواڻيءَ
صدارتي تقرير ڪندي چيو ته ڳگدام اُنو گوبند جا ٻال، لهو پيار
سان تن جي سنڀال. جيئن انسان کي جيئڻ جو اڌڪار آهي،
تيئن ٻين پسن کي به جيئڻ جو حق آهي، انڪري انهن ٻين
پسن جي ڪوس لاءِ بندش وڌي وڃي. ڪين پيار ڏنو وڃي.
اهي به ايشور جي گونگي سنتان آهن. پياري دادا سادو
واسواڻيءَ ڪيترا دفعا چيو ته مذهبي جان ولا ۽ انهن ڳگدامن
کي نه کپو نه کپايو. پياري دادا جي دل ۾ ڳگدامن لاءِ

ڏيندي چيو ته پيارو دادا اڃا پنجن سالن جو مس هو ته سندس اکين ۾ الاهي اسرار ڀري چمڪيو. ڪيئن نه سانت ۾ وقت گذاري ٿو. ننڍي هوندي امي چوندي هئي "منهنجا ٻالڪ! توکي ڪا شيءِ کپي ته گهر." ٻالڪ دادا چوي ٿو، "امي! مونکي جيڪي کپندو آهي، سو مان هڪ ٻڍيءَ کان گهرندو آهيان. اُن کان جيڪي گهران سو ملي." اڪ ڏينهن اُمي کيس چوي ٿي ته تون جيڪو اسانجي واجهي مائٽ لاءِ نوڪري اُن روشن روپ ٻڍيءَ کان گهران." دادا پڇي ٿو "اُمي، گهڻو پگهار کيس؟" اُمي چوي ٿي چاليهه روپيا. هفتي جي اندر اُن عزيز کي چاليهن روپين جي پگهار سان نوڪريءَ جو آرڊر اچي ٿو. دادا جي ماتا عجب ۾ پوي ٿي. پياري دادا جو ننڍپڻ کان ئي ٻڍيءَ ۾ پورڻ وشواس هوندو هو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون، پرماتما ۾ پورو پورو ڀروسو رکي سچي دل سان پراٿنا ڪريو، اونهي اڪير وچان پراٿنا ڪريو، نه صرف چپن سان پر دل سان. ٻين کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ٻين کي سکي ڪندا ته توهين به اوس سکي ٿيندا. اهو قدرت جو قانون آهي. پياري دادا جي سکيا هيئين سان هنڊائي پنهنجي جيون ۾ سمون ۽ شيوا جي ساکي ڏيو.

١٠ آڪٽوبر تي راجڪوٽ ۾ دادا جن اُپديش ڏنو. ١١ آڪٽوبر دادا جن جامنگر ۾ پڌاريا. اُتي رات جو ٽائون هال ۾ دادا جن پروچن ڪيو. ١١ آڪٽوبر منجهند جو دادا جن جهوناڳڙهه جي سوامي ليلاشاهه هاءِ اسڪول ۾ پڌاريا. پرنسيپال هيمنتڪمار دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جن مٺو اُپديش ڪيو ۽ رات جو ٽائون هال ۾ وياکيان ڏنو. ١٢ آڪٽوبر صبح جو ١٠ بجي دادا جن سوامي ليلاشاهه آستان باندرا ۾ پروچن ڪندي سوامي ليلاشاهه کي ڀيٽانجلي ارپڻ ڪئي. شام جو دادا جن ڪٿيانا ۾

گهرجن، لک ڪروڙ ڪيين ڪين. پياري دادا کي ڪجي اوهانجي دل، جنهن دل ارپڻ ڪئي تنهن سڀ ڪجهه ڏنو. دکين پکين پکين پسن جي سيوا ڪريو، نام ڳايو نام ڌيايو، پرم سک پايو!

٥ ڊسمبر صبوح جو پوڻين دادا جشن سنگت سان گڏ ڀاڳوا لاءِ روانا ٿيا. هڪ بجي ٽرين مهوج پهتي. ڪيترائي صدقي سڄڻ داداجن جي درشن لاءِ اچي آيا. ٣ بجي منجهند جو داداجن گانڌي نگر اسٽيشن تي پهتا. دهلن دمامن سان سنگت سندن سواگت ڪيو. شام جو انيتا ٽاڪيز ۾ ڪيترن وديارٿين پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي وياکيان ڏنا. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن پوڇڻ ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ سڀني ٻين کي سکي ڪيو. دکين دردمندن جي سار لڌي. پکين پسن کي پيار ڏنو. هڪ ننڍي ملڪ ۾ اچي ڏڪار پيو. راجا کي خيال آيو ته ٻارڙن کي ضرور کاڌو ملڻ کپي. راجا هڪ هنڌ سوين ڊبلروٽيون گهرائي رکيون ۽ چيائين هڪ هڪ ٻالڪ ٻالڪي هتان هڪ هڪ ڊبلروٽي کڻي. ٻارڙا بکايل هئا، اهي ڊبلروٽين جي ڍير تي ڪريا هڪ هڪ پيو چاهي ته مان وڏي ۾ وڏي ڊبلروٽي کڻان. راجا ڏٺو ته هڪ ٻالڪ ڪنڊ ۾ شانت ۾ بيٺو رهيو. جڏهن سڀ ٻار ڊبلروٽيون کڻي ويا، تڏهن ان ٻار باقي بچيل ننڍڙي ڊبلروٽي کڻي ۽ راجا جا شڪرانا مڃي پنهنجي گهر ويو. ٻئي ڏينهن به راجا ساڳئي نموني ڊبلروٽيون گهرائي رکيون. ٻارن ٻئي جهپ هنئي، پر اهو ساڳيو ٻار شانت ۾ بيٺو رهيو ۽ پڇاڙيءَ جو بچيل ننڍڙي ڊبلروٽي کڻي گهر آيو. سندس ماتا جڏهن اها ڊبلروٽي ٽڪر ٽڪر ٿي ڪئي ته ان مان سونيون مهرون نڪري آيون. ماتا ٻالڪ کي چيو ته اهي مهرون کڻي راجا وٽ وڃ ۽ کيس ٻڌائج ته اهي مهرون اوهانجي ڏنل ڊبلروٽيءَ ۾ پيئون هيون. شايد اِن چوڪ ۾

ڪيڏي نه همدردي هئي. اهڙي همدردي ۽ پيار جيڪڏهن اسانجي دلين ۾ پيدا ٿئي ته اسين جيڪر هسڪ ڪاڏي کان پري رهون.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُسو ۲۱ نومبر کان ميران اسڪولن ۽ ميران ڪاليج ۾ ملهايو ويو. دادا جن دادل شاهه جي جيون جا ڪيترائي پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌائيندي وديارٿين جي سونهپ ڪئي. ۲۲ نومبر دادا جن پونا اسٽيشن تي ساڌو واسواڻي بوڪ اسٽال جو مهورت ڪيو. ۲۳ نومبر وديارٿين رنگ منچ تي 'دادا ليلا' پيش ڪئي. ۲۴ نومبر شام جو ميران يوميءَ مان رٿ ياترا آرنڀ ٿي، جنهن ۾ هزارين شردالو رام نام جون ڌنيون لڳائي رهيا هئا. پياري دادا جن جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جي سکيائن جو سنديش ٻڌايو.

۲۵ نومبر دادا جن دادل شاهه کي پشپانجلي ڏيندي چيو ته ۱۰۲ سال اڳ اڄوڪي ڏينهن پرڀات جو پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ حيدرآباد سنڌ ۾ جنم ورتو. پياري دادا اڄ اسان سڀني کي سجاڳ ڪندي چيو ”جاڳو! جاڳو! ننڊ ڇڏيو! غفلت ڇڏيو! اڪ آتم ۾ پنهنجي جيون اڏيو! انڪري سچ کي سڪ سان سڏيو! غريبن دکين کي ڀاڪر سان گڏيو! هڪ ٿيو! اسين پنهنجا ڏاڍا ڏاڙيون، ڪم ڪاريون ڪريون پيا، پر آهيون سڀل. ننڍن سجاڳ انسان ڪير آهي؟ جو پروڙ پائي ٿو ته مان پنهنجي پريتم کان پري آهيان، پرڀوءَ کان پري رهي مان ڪيترا نه جنم ڀٽڪيو آهيان. هاڻي مان پرڀوءَ جي راهه ۾ هلندس. دنيا ۾ رهي پرڀوءَ کي ڪين وساريندس. انڪري منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻرون پيڙون! پنهنجي اندر مان خوديءَ جا خيال ڪڍي پنهنجي دل ارپڻ ڪريو پرڀوءَ جي ڪمل چرڻن ۾. پياري گرديو دادل شاهه کي نه توهانجا سونا ۽ چانديءَ جا ٻولن ڪين

صوري ميٽنگ ۾ ويٺو هو. سندس موٽر ڪار ٽڪري تي هلي. رستي تي ريلوي ڪراسنگ هئي ۽ ڦاٽڪ بند هو. ڊرائيور موٽر مان لهي ڦاٽڪ واري کي چيو ته دروازو کول. جنهن انهيءَ ته موٽر ۾ ڪير ويٺو آهي؟ ڀارت جو پرڌان منتري. ڦاٽڪ واري چيو ته سگنل هيٺ ٿيل آهي، مان دروازو ڪين کوليندس. اهي اکر جواهرلعل ٻڌا ۽ يڪدم پاڻ ڪار مان لهي اُن ڦاٽڪ واري شخص سان مليو ۽ کيس ڌنيواد ڏيندي چيائين ته تو ڦاٽڪ نه کولي تمام سٺو ڪم ڪيو آهي. پنهنجو فرض پالن ڪيو آهي. توکي جلدي اضافو ڏنو ويندو. پيارا ڀائرو! ڀينرون! توهان ۾ پنهنجا فرض پالن ڪريو. جيڪڏهن هر ڪ پنهنجا پنهنجا فرض چڱيءَ ريت پالن ڪري ته دنيا سرڳ بڻجي پوي. گيتا جو اهو سنديش اڄ پاڻ سان کڻي وڃو.

٨ ڊسمبر بنگلور جي گانڌي ڀون ۾ بنڪرس شيوا سمتيءَ طرفان ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شروع ۾ پياري ڀاماداس هندوجا پوڄيه دادا جشن واسوانيءَ جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته ڪالهه هڪ ٻالڪيءَ مونکان پڇيو ته گيتا جي سکيا ٿورن اکرن ۾ ڇا آهي؟ مون ٻالڪيءَ کي چيو ته گيتا آهه آسمان وانگر، جنهن جو ناهه انت نه پار. گيتا جي هڪ سکيا آهه ته سنسار ۾ رهي سنسار جا ٿي نه رهو. سنگ ۾ رهي اسنگ ڪماءِ. ڪنهن ۾ به آسڪتي نه رکو. پنهنجي آتمڪ شڪتي ڪوارڻ جو يتن ڪريو. اسين سنسار ۾ رهي موهه ۾ ڦاسي دکي ٿيون ٿا. موهه ڪيترن ئي دکن جو ڪارڻ آهي. جڳت ۾ اناسڪت ڀاوَ سان رهو. اياڻون گهٽايو، سچو سک پايو.

هڪ سنياسي گنگا نديءَ جي ڪناري تي ويٺو هو ته ٻوهان ڏٺائين ته نديءَ جي وچ ۾ هڪ ٻلش جي مک ٻڏي اوي.

ڊبلوٽيءَ ۾ اچي ويٺون آهن. ٻالڪ راجا وٽ آيو ۽ کيس مهرون واپس ڏنائين. راجا چيس "ٻالڪ! اهي مهرون مون ٻاڳ نديءَ ڊبلوٽيءَ ۾ وجهي ڇڏيون، جيئن توکي اهي انعام طور ملن. ڇاڪاڻ ته تون ئي هڪ ٻالڪ آهين، جنهن کي پهرين ٻين جو ويچار هو." راجا ٻالڪ جي سچائي ڏسي ڏاڍو پرسن ٿيو ۽ کيس وڌيڪ مهرون انعام روپ ۾ ڏنائين. هن ٻار جو اصول هو ته پهرين ٻيا، پوءِ مان. ٻالڪو! اڄ مان توهان جي اڳيان ان ٻالڪ جو آدرش رکان ٿو. 'پهرين ٻيا پوءِ مان.' توهان به پهرين ٻين جو خيال ڪندا ڪريو ۽ پوءِ پنهنجو. جيڪڏهن توهان ٻين کي سکي ڪندا ته پڻ توهانکي وڌيڪ سکي ڪندو.

٦ ڊسمبر پوڄيه دادا جشن ميرج ۾ پڌاريا. اُتي داداجن نام جو سنديش ڏيندي سنڌي سماج کي ويتي ڪئي ته پنهنجي سنڌي ٻولي نه وساريو. خاص ڪري ننڍي ٽهيءَ کي سنڌي سيکاريو. سنڌي ٻولي اسانجي قوم کي زنده رکندي. ٦ ڊسمبر داداجن ميرج مان بنگلور لاءِ روانا ٿيا ۽ ٧ ڊسمبر داداجن بنگلور ۾ پڌاريا. دادا امر ۽ ٻين ڀڳتن داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن اُتي پياري شيام واڌوا جي گهر ۾ رهيا.

٧ ڊسمبر شام جو پوڄيه دادا جشن دادا امر جي ستسنگ آستان تي پڌاريا. اُتي ڀڄن ڪيرتن بعد داداجن پرارٿنا ڪئي. رات جو ٩ بجي گانڌي ڀون هال ۾ دادا جشن پروچن ڪندي چيو ته اڄ گيتا جينتي آهه. شريمد ڀڳوت گيتا ڀڳوان شري ڪرشن جي مکاروند جي امولي واڻي آهي، ڀڳتي ڪرم ۽ گيان جي ترويڻي آهي. انجي مُول سکيا آهه ته پنهنجي آتم سروپ کي سڃاڻو، پنهنجي نج داس جي يادگيري رکو. سنسار ۾ رهي پنهنجا پنهنجا فرض پالن ڪريو. ڪرتوي کي ڀلي ته ڏاڍو پر مٺو ڏيو. هڪ دفعي پنڊت جواهرلال نهرو کي ڪنهن

ماءُ جهڙو پيار نه ڏيئي سگهندا هُون. نه سندن ڪاڏي پيٽي جو پورو خيال ڪندا هُون. ماتا، ماتا آهي. دادل شاهه جي اميد اِستريُن ۾ هُئي. انڪري پيارو دادا ساڌو واسواڻي چوندو هو ته اِستريُون ئي گهرن کي سُرڳ بڻائي سگهن ٿيُون. توهان ڀيڻُون تي وڏي جوابداري آهي. اڄ ڪلهه ڪيترن نه گهرن ۾ ڪل ڪل آهي، گهچي آهي. توهان چاهيو ته گهرن ۾ شانتيءَ جو واءُ منڊل پيدا ڪري سگهو ٿيُون. پنهنجن گهرن کي سُرڳ بڻايو. نام جپيو ۽ نام جپايو، انهن مانش جنم ڪيو سڦلو!

١٦ ڊسمبر بنگلور جي لڪشمي نواس ۾ پوڄنيه دادا جشن آخرين پروچن ڪندي چيو ته جيڪو ابياسي ٿيو. ابياس ڪانسواءِ روحاني راهه ۾ هلڻ ڏکيو آهه. مان اسڪولي شاگرد هوس. رستي تان پئي لنگهيس ته هڪ نظارو ڏٺم. ٻه ٿنڀيون لڳل هيون، وچ ۾ هڪ نوڙي ٻڌل هئي. هڪ چوڏهن سالن جي ٻالڪي ڪيئن نه اُن نوڙيءَ تي پنڌ ڪري هڪ لٺ کان ٻيءَ لٺ تائين سولائيءَ سان پهتي. پوءِ مون اُن ٻالڪيءَ کان پڇيو: ”تون ڪيئن نوڙيءَ تان پنڌ ڪري سگهينءَ؟“ ٻالڪيءَ ورائيو ”ڪيترا سال مون اُنجو ابياس پئي ڪيو.“ منهنجا پيارا ڀائرو! منهنجون پيارون ڀيڻون! توهان به ابياسي ٿيو. نام ڳايو، پرڀوءَ جا ڪمل چرن ڌيايو، گرو جو ڌيان دل ۾ ڌريو ۽ نه وساريو ته ڀڳوان جا ڀڳل روپ آهن دکي دريدر دين، پکي پسون، انهن جي پيار ۾ سيوا ڪريو ۽ آسيس پايو.

١٦ ڊسمبر پوڄنيه داداجن مدراس لاءِ روانا ٿيا.

١٦ ڊسمبر پوڄنيه دادا جشن واسواڻي مدراس ۾ پڌاريا. سون پريمين داداجن جو ڦول مالهائن سان سواگت ڪيو. ١٧ ڊسمبر شام جو دربار ۾ ستسنگ جو ڪاريڪرم رکيو ويو. پوڄيه داداجن ستياڻي شارڌامڻيءَ جي جنمدن هئڻ سبب ڪيس پشپانجلي

سنياسيءَ کي ويچار آيو ته ٻاهر پيو سيءَ ۾ ڏڪان، ڇو نه نديءَ ۾ گهڙي اها مڇ کڻي اچان. سنياسي تارون هو، سو يڪدم نديءَ ۾ ٽپو ڏئي ويو وچ سير ۾ ٻلش جي مڇ کڻڻ. جيئن ئي هن سنياسيءَ مڇ ۾ هٿ وڌو ته سندس هٿ ڦاسي پيو! گهڻوئي هٿ ڇڏائڻ جي ڪوشش ڪيائين، پر هٿ نه ڇڏائي سگهيو. مدد لاءِ خوب واڪا ڪيائين. پريان لوڪن چيس ته ٻون ڪري مڇ کي ڇڏ. سنياسيءَ چلائيندي چيو ته ڇڏي ته ڇڏيانس! اها ٻلش جي مڇ نه هئي پر دريائي جانور هو، جنهنجي کل ٻلش جهڙي هئي. ان دريائي جانور کيس سوڙهو جهليو هو، ويچارو ڪيئن جند ڇڏائي! اسين به سنسار جي ڇنبي ۾ ڦاٿا پيا آهيون، ڇڏائڻ جي ڪريون ٿا، پر نٿا ڇڏائي سگهون. ڪو ڪپي، ڪو جاٽو، ڪو سٽپرڪ، جو دنيا جي ڏيڻ مان اسانکي ڇڪي ٻاهر ڪڍي. انڪري روز پياس ۾ پڪاريندا ڪريون. اڪ ڏينهن موهه جا ٻنڌن ٽٽندا. منهنجا پيارا ٻارو! منهنجون پياريون پيڊرون! توهان پڻ دنيا ۾ رهو، ڏندا ڏاڙيون، نوڪريون چاڪريون ڪريو، پر ڪنهن ۾ موهه نه رکو، هڪ ٻوٽوءَ سان ٻولر جو ناتو جوڙيو. پڻ لڪ ڪمايو پر اهي دکي دنيا جي خدمت ۾ خرچ ڪريو.

۱۲ ڊسمبر سنڌي ٻوٽ انسوسيئيشن آف سنٽوس طرفان گانڌي ٻون هال بنگلور ۾ پيڊرن سان بوجيه دادا جشن جي گڏجاڻي رکي وئي. بوجيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته توهان کي ڌنيواد آهي جو نشڪام ڀاونا سان اسپتال ۾ وڃي بيمارن جي سار سنڀار لهو ٿيون، انهن جي سيوا ڪريو ٿيون. ٻدو ٻجن ٻارڙن جي به سنڀال وڌيڪ لهو. ڪين سنڌي ٻولي سيکاريو. ٻارڙن ۾ سٺا سنسڪار وجهو، آڳاٽن جي سنڀال هيٺ ٻار نه ڇڏيو پر پاڻ انهن جي پرگهور لهو. ٻارن کي آڳاٽون

٢٠ ڊسمبر مدراس جي سنڌو سڌن ۾ دادا ساڌو واسوانيءَ جو ١٠٢ جنمڏن اُتسو ملهايو ويو. شروع ۾ ڀڄن راڳ ٿيا پوءِ ساڌو واسوانيءَ کي پشپانجلي ارپت ڪئي. اُن بعد پوڄيه دادا جشن واسواڻي ساڌو واسوانيءَ جي جيون ۽ ڪارج تي چِٽي روشني وڌي.

٢٢ ڊسمبر مدراس جي راجيشوري ڪلياڻ منڊپم ۾ ساڌو واسوانيءَ جو جنمڏن اُتسو ملهايو ويو. ٽامل ناڊو جو گورنر شري صادق علي مک مهمان هو. اُن موقعي تي پوڄيه دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪيو.

٢٣ ڊسمبر پارليه وديا ڀون ۾ پوڄيه دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. شري سبرمنيم ڀارت جو مالي منتري مک مهمان هو. ٢٥ ڊسمبر داداجن شانتي نڪيتن سوسائٽيءَ ۾ اُپديش ڏنو ۽ گهرجائن کي ڪپڙو ۽ ٽول ڏنو.

٢٥ ڊسمبر منجهند جو پوڄيه دادا جشن مدراس جي ڀڳتن کان موڪلائي شولاپور لاءِ روانا ٿيا. ٢٦ ڊسمبر صبوح جو پوڄيه داداجن سنگت سميت شولاپور ۾ پڌاريا. اُتي داداجن پياري ڪنهيالعل جانيءَ جي گهر ۾ رهيا. شام جو داداجن اناٿ آشرم جي ٻارن کي ڪپڙا ٽول ۽ خرچي ڏني. رات جو سوامي ليلاشاهه هال گرونانڪ نگر ۾ ستسنگ جو ڪارڪرم رکيو ويو. اُن بعد پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته سنڌي اکر جي معنيٰ ڇا آهي؟ سنڌي اکر جي 'س' معنيٰ سادگي. سچو سنڌي اهو جو پنهنجي جيون ۾ سادگيءَ جي آدرش جي ساکي ڏئي ٿو. سچو سنڌي اهو جو گهرجن آهر هٿ وٺ رکي ٿو. دادل شاهه جڏهن مهران اسڪول کوليو ته سادگي، شيوا، پوڄا ۽ پيار ئنا جا چار آدرش ٻالڪن اڳيان رکيا هئن. 'س' جي ٻي معنيٰ سچ. سنڌي اهو جو سچ ۾ پنهنجي جيون پڌي ٿو. 'س'

ڏيندي شري سکمني صاحب جي هيٺين سٽن تي اُپديش ڏنو:

رتن تياڳ ڪوڏي سنگ رچي،
ساچ ڇاڏ جهُوٺ سنگ مچي.

اسين نام روپي رتن کي ڇڏي ڪانچ پيا ميڙيون، سچ کي ڇڏي ڪچ پويان پيا امولڪ سواس برباد ڪريون. ڪنهن نہ ڪنهن ستپرک جي شرط وٺي نام جو امرت پيئو. هڪ درويش ترني داس تي گذريو آهي. سندس پيءُ شاهوڪار هو. مرڻوءِ ڪانپوءِ اڪيچار ڌن ڇڏي ويو. کيس هڪ پٽ هو. اهو گهڻي ڌن جي ڪري وڃي عيش عشرت ۾ ڪريو، ڪسنگ ۾ ڦاٿو. اِڪ ڏينهن سنت ترني داس جي اِچا ٿي تہ وڃي ڀائٽي کي ڏسي اچان. هو سنت ڀائٽي وٽ اچي ٿو. سندس ڀائٽيو نشي ۾ آهي. سنت ترني داس هڪ ڏينهن رهي ڀائٽي کان موڪلائي جتي پائي ٿو. ڀائٽيو چوي ٿو "دادا! مان لوهاڻي جتيءَ جا سڳا ٻڌان ٿو." سو سڀ جهڪائي سڳا ٻڌي ٿو. جڏهن سڀ جهڪائي سڳا ويٺو ٻڌي تڏهن سنت ترني داس جي اک مان اِڪ ڳوڙهو ڳڙي ٿو اچي ۽ اهو وڃي سندس ڀائٽي جي مٿي تي ڪري. اُن ڳوڙهي ۾ ڪهڙي شڪتي سمايل هئي! اهو ڇوڪر ڀڄندي چاچي سنت ترني داس جي چرڻن تي ڪري پوي ٿو ۽ زار زار پڇتاءُ جا لڙڪ لاڙي ٿو ۽ وينتي ڪري ٿو "چاچا! مون تي دَيا درشٽي ڪريو. مونکي ڀيٽجي چرڻن ۾ قبول ڪريو." اُن ڇوڪري جي جيون ۾ ڦيرو اچي ٿو وڃي. سنت ترني داس جي هڪ بوند سندس ڀائٽي کي نئون جيون ڏنو. اسانکي بہ سنتن جي ڪرپا ڪبي. انڪري ڪر لہ پڪاريو ۽ پياس ۾ ٻوڙم لہ نماڻا نيڻ ڪٿي نهاريو. سنتن ستپرکن جي دَيا درشٽي لوهانکي نوجيون بخشيندي.

١٩ ڊسمبر دادا جن پياري وشنداس پوڄواڻيءَ جي آستان تي انگريزيءَ ۾ ننڍڙو اُپديش ڏنو.

۴ جنوري ۱۹۸۲ ٻوجھه دادا جشن لوناوالا ويا. اُتي چار ڏينهن سانت ۾ گذاريائون. ۱۲ جنوري دادل شاهه جي پياري صدقيانڪي مٺڙي ٻائي هيرانند هاٿيراماڻي ٻرلوڪ پڌاري. سندس اسٿول شريرُ مٺڙان ڀومي‌ءَ ۾ دادل شاهه جي سماڌيءَ جي اڳيان رکيو ويو. ٻوجھه داداجن ان ماتا لاءِ پرارٿنا ڪئي.

۱۶-۱۷ جنوري ٻوجھه ساڌو واسوائڻيءَ جو مهانگيه ورسي اُتسو مٺڙان ڀومي پونا ۾ ملهايو ويو. ۱۶ جنوري ڀوپاس جو ڀوپاس ٿيوري ڪئي وئي. ۸ بجي دادل شاهه جي ڪُٽيا ۾ نام ڪيرتن ٿيو ۽ دادل شاهه جو اُپديش ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. اُن بعد ٻوجھه دادا جشن دوح رهاڻ ڪئي.

نما شام جي سٿسنگ ۾ ٻوجھه دادا جشن ٻوجھه ساڌو واسوائڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته دادل شاهه هو گرو نانڪ جيان سد سد نمائو، اسانجي دلين جو راڻو. شري سکمڻي صاحب ۾ گروجن فرمائين ٿا:

'برهم گياني ڪيءَ غريبي سماها.'

دادل شاهه برهم گياني هو، وڏو ودوان هو، اوچ ڪوٽيءَ جو سنت ڪوي هو، فلاسافر هو، سماج سڌارڪ هو، پر ڪيڏو نه نمائو!

هڪ ڏينهن هڪ شرڌالو دادل شاهه سان ملڻ اچي ٿو. ٻاهر جتي لاهي اچي دادل شاهه جي چرڻن ۾ وهي دادل شاهه سان ڳالهه ٻولهه ڪري ٿو. دادل شاهه ڏٺو ته شرڌالوءَ جي جتي ٻاهر اُس ۾ رکي آهه، دادل شاهه سمجهيو ته تڪي اُس ڪري جتي تپي ويندي. سو پاڻ اُٿي ٻاهر وڃي جتي اُس مان ڪڍي ڇانو ۾ رکن ٿا. ويچارو شرڌالو وائڙو ٿي وڃي ٿو. هڪ ٻالڪي دادل شاهه کي ٻوٽان ڏسي آئي، ڊوڙندي وڃي ٿي دادل شاهه کان آسيس وٺي. چوي ٿي، ”دادا! توهين منهنجا ڪتاب ڇهلو

معنيٰ سيوا. سچو سنڌي اهو جو ٻين جي سيوا ڪري ٿو. ’ن‘ اکر جي معنيٰ نئڙت. سچو سنڌي نماڻو آهي، نيڻن وارو آهي. ’ڌ‘ معنيٰ ڌاڙو. ٻئي ڪنهن قوم جو ڌاڙو ٻڌڻو رکي ٿو. اسان سنڌين کي هن وقت ٻئي ڪنهن ٻرانت يا ديس کين آهي. اسين سنڌي جدا جدا هنڌن تي ٽڙيل پکڙيل آهيون. هڪ ٻي ڌاڙو آهي جو اسان سڀني کي ٻڌي سگهي ٿو. اهو ڌاڙو آهي سنڌي ٻولي. سچو سنڌي ٻهنجي ٻولي نٿو وساري. گهر جي اندر ۽ ڪوشش ڪري گهر جي ٻاهر ٻه سنڌي ٻولي استعمال ڪري ٿو. ’ي‘ معنيٰ يا ترٻي. سچو سنڌي هڪ ڳالهه جي يادگيري ياٽ کي ڌياري ٿو نه ٻرتويءَ تي مان اِڪ ياترِي آهيان، ليوتواسي آهيان. اچ شري ڏوري گرنٿ مان اسان کي ڪهڙو نه مٺو وچن مليو:

رکه ڪا خبر آهين ليوتواسي،
سکه ساگر مان، مت ڄاڻو ري ٻياسي!

سچو سنڌي هن سنسار جي ساگر مان ٻياسي ٿي نٿو وڃي، ٻر روز روز نام جو امرت، ٻوٻوءَ جي پيار جون پياليون پيئي ٿو. منهنجا پيارا ياترو، پياريون ڀيڻرون! توهان ٻه الهن ڳڻن جي ساکي ڏيئي سچا سنڌي ٿيو.

٢٩ ڊسمبر آرتوار صبوح جو دادا جشن شولاپور جي دماني هال ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ڪليڪٽر شري موهن راڪ ياٽل، ڪمشنر وسنتراء ڪرالڪر دادا جشن جي آجيان ڪندي دادا ساڌو واسوائيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ان موقعي تي گرو نانڪ نگر پرسان هڪ رستي جو نالو ’ساڌو واسوائي مارگ‘ ۽ هڪ باغ جو نالو ’ساڌو واسوائي باغ‘ رکيو ويو. نالي رکڻ جي رسم پياري دادا جشن ادا ڪئي. پياري ڪنهيالعل جانيءَ هڪرادالي ڪئي.

ڇو ته هڪ ٻئي کي سمجهون ٿا. وڏو خزانو آهه سمجهه! جيڪڏهن دنيا ۾ هڪ ٻئي کي سمجهون ته جيڪر همدردي وڌي ۽ پوءِ جيڪر دنيا ٻروڙي ته ٻئي کي رنجائڻ آهه پاڻ کي نقصان پهچائڻ. سڀ ملڪ جي انهن سمجهن ته جيڪر هڪ ٻئي کي نه ڏکوئين. پوءِ جيڪر جنگ جي راهه ڇڏي صلح ۾ رهن!

ٻڌايئين رشين ۽ گوتم ٻڌ ۽ سندس مشهور شش، راجا اشوڪ اهو سچ ٻروڙيو. اڄڪلهه دنيا جي حالت ڪهڙي آهه؟ دنيا ۾ تڪرار لڳا آهن. اڄ ڪهڙي لار آئي؟ مسوليني، اٽلي ملڪ جو مهندار چوي ٿو ته ”اٽلي ۽ جرمني گڏجي اڳتي ڪاهي هلنداسين ۽ يورپ کي انصاف جو صلح وٺي ڏينداسون!“ اهو ٻڌي مون پاڻ کي پڇيو ته انصاف جو صلح ڪٿي آهه؟ ابيسينيا تي بي گناهه ڪاهي مسوليني ڪهڙو نه انرت ڪيو! پوءِ به مسوليني چوي ٿو ته انصاف جو صلح اسين يورپ کي وٺي ڏينداسين ۽ هٽلر جي يهودين سان هلت ڪهڙي نه دکدائڪ آهه!

هڪ جرمن ودوان چوي ٿو ته طاقت ئي انصاف آهه. هت اوهانجي دلين ۾ گوتم ٻڌ لاءِ امنگ آهي. گوتم صاحب جو سندر پيغام ڏنو ۽ شري ايشا پيار ۽ صلح جو پيغام ڏنو. افسوس! اهو پيغام يورپ لتاڙي رهيو آهه. اوهين ٻڌو ته يورپ جي حالت وڃي ٿي زواليت کي پهچندي. هڪ وڏي ودوان هربرٽ اسپينسر چيو ته يورپ وڃي ٿو جهنگليپڻي ۾ ڪرندو. انڪري اڄ سنسار کي گوتم ٻڌ جي سکيائن کي عمل ۾ آڻڻ جي سخت ضرورت آهي. اهنسا ۽ پريم دوارا شانتيءَ جو واتاورڻ پيدا ڪريو.

۴ فيبروري شانتي نڪيه سنبد ۾ ڪولمبي ۾ غريب ٻارن کي ٽول ڏنو ويو. تماشام جي سنسڪرت ۾ پوڄيه دادا جشن نرائڻ

نه مان پنهنجي جتيءَ جا سگا ٻڌي وٺان. دادل شاهه، جو هو شاهن جو شاهه، سو هن ننڍڙي ٻالڪيءَ جا ڪتاب جهلي بيٺي آ.

پيارا ڀائرو منهنجون ڀينرون! پياري دادا وانگر اوهان به پنهنجي جيون ۾ نمرتا، سادگي، سمرڻ، سيوا سڀني جي ساکي ڏيو.

دادل شاهه کي اڄ هڪ ڀينا ڏيڻي وئي. ڪهڙي ڀينا؟ جيڪا به جنهن ۾ ڀيڙي عادت هجي سا دادل شاهه جي چرڻن ۾ رکي ڇڏيو ته اُن کي ڇڏڻ جو ڀتن ڪندو يا ڪندي. اُن لاءِ دادل شاهه کان دعا پني ۽ دادل شاهه ضرور آسيس ڪندو.

١٧ جنوري صبوح جو دادل شاهه جي سماڌي آستان تي هون ڀڳيہ ڪانپوءِ پوڄيہ دادا جشن سفيد پوشن کي ڪمبل ۽ خرچي ڏني. مدجهند جو لنگر ۾ ٻڻ داداجن ڀاڻ اچي ٻوندي ورهائي. شام جي ستسنگ ۾ داداجن اُپديش ڪيو.

٣١ جنوري پوڄيہ دادا جشن واسواڻي ڪولمبي ۾ پڌاريا. اتي سنڌيا جي ستسنگ ۾ ڀاءُ چئرپج هوداراماڻي پياري دادا جشن جي آجيان ڪندي چيو ته ڪولمبي نواسين جا وڏا ڀاڳ آهن جو اڄ اسان وٽ سد سد نماڻا، روحاني راڻا، نمرتا ۽ پيار جا اوتار پڌاريا آهن، سڀا سڦل آهن.

پوڄيہ دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اوهان مون لاءِ جيڪي چيو آهه، انهن جي مان لائق نه آهيان! مان سانئو نه آهيان، او سانئن سنتن جو نوڪر ٿيڻ ٿو چاهيان. اڄ جو پيغام اوهان کي ڏيڻ ٿو چاهيان، سو ڪو نئون پيغام ڪونهي! جو سڀهو گوتم ٻڌ به هزار ورهيہ اڳ ڏنو، سوئي اوهانجي اڳيان رکان ٿو. سڀ ڪجهه تياڳي گوتم ويو سچ جي تلاش ۾. مطالعہ ڇڏي جهنگل ۾ ويو. اڄ دنيا کي ڇا کپي؟ دنيا ۾ لڪوار آهن.

سڏ ٻڌ وڃام، اورانگهيو مون ليڪو،
وساري سکيان نا، ڪيم ڏوهه ڪيڏو!
آهيان زخمي راما! رحم لاءِ نهاريان،
اميدون اندر ۾، ويٺي پل پل پڪاريان:
اجهو رام ايندو، نڌر ساڻ نيندو!
اڪيلي اڪيلي ڳلن ڳوڙها ڳاڙيان،
نه سولي سهيلي، ڪنهن سان حال اوريان،
ٻهاڙن لـــي پيارا، تو لاءِ نهاريان،
اميدون اندر ۾، ويٺي پل پل پڪاريان:
اجهو رام ايندو، نڌر ساڻ نيندو!
اچين ٿو، اچين ٿو، وڻن ۾ اءِ وڏڙا!
سيتي! سيتي! مان سڻان ٿي سڏڙا!
انهان اقـــرار نه 'انجلي' وساريان،
اميدون اندر ۾، ويٺي پل پل پڪاريان:
اجهو رام ايندو، نڌر ساڻ نيندو!

پوءِ دادا جشن چار ڏينهن نيوريلا ۾ گذاريا. روز صبوح جو سير ڪندا هئا ۽ سنڌيا جو سنسڪر.

دادا جشن کي ڪولمبي ۾ هڪ اسپتال ۾ وٺي هليا جتي هڪ سؤ ٽيهه لاعلاج مريض داخل ٿيل هئا. داداجن انهن کي ٻول ڏيندي، مرڪندي هڪ هڪ سان مليو.

٦ فيبروري شام جو دادا جشن ڪولمبي ۾ پنڌ ٿي ڪيو ته ڏٺائين ته هڪ ماڻهو سائيڪل تان ڪري پيو. دادا پاڻ کيس اٿارڻ ۾ مدد ڪئي. هو سائيڪل تي چڙهي ٿورو اڳتي مس هليو ته وري ڪري پيو. دادا جشن وري کيس اٿاري سائيڪل تي چاڙهيو، مگر وري اهو شخص ڪري پيو. داداجن ٻيلين کي ٻڌايو ته هي ماڻهو شراب جي نشي ۾ آهي، تنهنڪري

شانتيءَ جي جيون جي ڪٿڻ جو ورڻن ڪندي چيو ته هن پياريءَ پياري دادل شاهه جي سنگ ۾ پنهنجي جيون کي نئون ڪيو. اسين به ستپرشن جي سنگ ۾ نوجيون جا نوان وستر پهريون.

٧ فيبروري دادا جشن ڪولمبي جي واڄي راما ٻڌ وهار ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. شري مهانيرو جنهن شري گوتم ٻڌ جي جيون ۽ سکيا تي ڪيترائي ڪتاب لکيا آهن، اُن ودوان دادا جشن جو سواگت ڪندي چيو ته هي هڪ مهان ودوان، فلاسافر ۽ سچو سنت آهي.

٨ فيبروري دادا جشن نيوريلا پهاڙن جو سير ڪرڻ نڪتا. قدرت جا عجيب نظارا آنند ڏيئي رهيا هئا، پاڻي ڪيئن نه گڙگڙ ڪري پئي وهيو. دادا جشن اُتي ڪجهه وقت ساڌنا ۾ ويهي رهيو. داداجن اُتان سنٽي گارڊن ۾ آيا. اُن پاسان راوڻ وارو باغ هو. دادا جشن هڪ وڻ هيٺان ويٺو ته آيل سنگت به سندس چوڌاري ويهي وئي. ڀيڻ نرملا جوتواڻيءَ ۽ ڀيڻ رتنا دادل شاهه جا ڀڄن ڳايا. ساڌنا ۽ آنند جو واهه مدبل هو. اُن وقت پوڄيه دادا جشن جي مکارونڊ مان هيٺيون گيت نڪتو:

ڪٿي نيڻ نيارا، نڪر ڏي نهاريان،
اميدون اندر ۾ پيئي پل پل پڪاريان،
اجهو رام ايندو، نثر ساڻ نيندو!

وٽا ڏينهن گذري، اکيون هاڻي آليون،
اٿر ڪين پيتيون، پيتا ڏهڪون پياليون،
سڏڪن سان سڄڻا، پيئي ٽوڪي سنياريان،
اميدون اندر ۾ پيئي پل پل پڪاريان:
اجهو رام ايندو، نثر ساڻ نيندو!

گهر جو ڪم ڪار ٿي ڪيو، پر ٿي چيٽا ٿي اُٿيائين، تيئن ٻئي چيائين ”ڪرشن! تو واسطي!“ اهڙي ته اڪيو ۽ سڪ سان ٿي اچاريائين، جو اهو چيٽو وڃي ٿي شري ڪرشن جي مورتيءَ تي لڳو. صبوح جو پوڄاريءَ جيئن مندر جو دروازو کوليو ته ڏٺائين ته ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتيءَ تي چيٽو لڳو پيو آهي! واڙو ٿي ويو ۽ مورتيءَ کي صفا ڪيائين. پوڄاري رات جو دروازو بند ڪري ويو. صبوح جو اچڻ سان ڏسي ته وري مورتيءَ تي چيٽو لڳو پيو آهي! پوڄاري اهو ڏسي عجب ۾ پئجي ويو. آخرڪار اڪ پهريدار بيهاريو ويو، اُن هوندي به روز مورتيءَ تي چيٽو لڳل نظر آيو. نيٺ پوڄاري ڀڳوان کي پرارٿنا ڪري ٿو. ڀڳو ڪيس سپني ۾ آگيا ڪري ٿو ته فلاڻي هنڌ جهوپڙيءَ ۾ منهنجي هڪ ڀڳتياڻي رهي ٿي، انهي ڀڳتي توهان کان وڌيڪ آهي. پوڄاري سويستي ڳالهه راجا کي ٻڌائي ٿو. راجا پڻ عجب ۾ پوي ٿو. پوءِ راجا، وزير ۽ پوڄاري اُن جهوپڙيءَ ۾ وڃي اُن اڇوت ٻائيءَ کان معافي وٺن ٿا ۽ کيس مندر ۾ وٺي اچن ٿا. ڀڳو منهنجي ڀڳتين جي ڪيئن نه پياس پوري ڪري ٿو. ڀڳت سورداس ڀڳوان جي ڪمل قدمن ۾ ارپڻ ڪن ٿا. ڀڳوان شري ڪرشن گيتا ۾ چوي ٿو:

ڪنتي پتر ارجن! جيڪي ڪرين، جيڪي کائين، هون ۾ وجهين، دان ڏين ۽ تپسيا ڪرين، شل سڀوئي سو موکي ٿي ارپڻ ڪرين!

پريمير! توهان به جيڪا ڪريا ڪريو ڀڳوان کي ارپڻ ڪريو ته توهان جي من تي بوجهو نه رهندو. ارپڻ جي ڀاونا ۾ سڀ ڪم ڪار ڪريو.

٢٢ فيبروري شوراتريءَ ڏينهن صبوح جو پوڄيه دادا ڄشن پياري روپ چڳاڻيءَ جي گهر ۾ روح رهاڻ ڪئي. دادا جن

ور ور ڪري ٻوڙي ٿو. اسان مان ٻه ڪي مايا جي نشي ۾ ته ڪي عهدي اقبال جي نشي ۾ ته ڪي سَتا جي نشي ۾ هڻڻ ڪري پنهنجي پد تان ڪري پون ٿا، پد ڀرشٽ ٿين ٿا. ان ڪري بابوءَ کي پڪارڻا ڪريون ته بابا! انهن نشن کان اسانکي دور رک. عهدي اقبال، ڌن پدارٿ جو سدُاپيوڳ ڪريون. بابوءَ جي امانت سمجهي سڀ ڪم ارپڻ جي ڀاونا سان ڪنداسين ته نشو ڪين چڙهندو، پوءِ هيٺ ڌڪا ڏاڍا ڪين کائبا!

ڪولمبي ۾ ٽي. وي. وارن پوڄيه دادا جشن کي نيند ڏني. اُتي بيماري مڌُ ڪندن مل داداڄن کان انٽرويو ورتو. ريڊيو وارن به داداڄن جو اُپديش رڪارڊ ڪيو. ١٩ فيبروري دادا جشن ڪولمبي ۾ آخرين پروچن ڪندي بيماري ۾ ڀاءُ چترڀڄ هرداراماڻي ۽ ٻين ڀڳتن کي ڌنيواد ڏيندي چيو ته اوهان ڪيڏي نه پريم سان سيوا ڪئي آهي. ان لاءِ توهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. وديش ۾ رهڻي ٻه پارٿنا سنسڪرتيءَ کي نه وساريو! ڀارت جي مهاپرشن جا جيون چرتر پڙهي انهن جي سکيائن جي ساکي جيون ۾ ڏيو!

٢٠ فيبروري پوڄيه دادا جشن سنگاپور ۾ پڌاريا.

٢١ فيبروري آرتوار صبوح جو سنڌو ڀون ۾ سٽسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته پنهنجا ننڍڙا وڏڙا سڀ ڪم بابوءَ جي چرڻن ۾ ارپڻ ڪريون. جيڪي به ڪريون، چئون ”بابا! تو واسطي! تو واسطي!“ ائين ڪرڻ سان من ۾ شانت ايندي ۽ اهنڪار ختم ٿيندو ويندو.

هڪ راجا هڪ وڏو سندر مندر ٺهرايو، جنهن ۾ ڀڳوان شري ڪرشن جي مورتي استاپت ڪيائين. هڪ اڇوت ذات جي ڀڳتيءَ کي ڏاڍي پياس ته مندر ۾ وڃي شري ڪرشن جو درشن ڪريان. پر کيس مندر ۾ وڃڻ جي اجازت ڪين ملي. هن جڏهن

۽ اهي ڪيترا لوڪ به آيل هئا. سوال ٿيو ته ٻاٻوءَ جي دربار ۾ ويٺڪ قبول ڪير آهه؟ انهن سڀ ٻوڙشن مان هڪ چيو ”مان قبول آهيان. مان درياهه جي پاڻيءَ مٿان اهڙيءَ طرح پنڌ ڪري وڃدو آهيان، جيئن سڪي زمين تي.“ اُن وقت ٿي هڪ پيارو نديءَ جي پاڻيءَ ۾ پنڌ ڪري ڏيکاري ٿو. ٻئي چيو ”مان ويٺڪ قبول ٿيندس. ڇاڪاڻ ته مان آسمان ۾ اڏامي ڄاڻان.“ هو به هڪدم آڪاس ڏانهن اڏامي وري هيٺ لهي آيو. لوڪ ڏسي عجب ۾ پئجي ويا ۽ هن جي واهه واهه ڪرڻ لڳا. ٽيون شخص چوي ٿو ”مونکي گذريل ۽ ايندڙ ڳالهين جي ڄاڻ ٿيندي آهه. مان جوتش وديا جو وڏو ڄاڻو آهيان.“ اهو جوتشي لوڪن مان ڪنهن اڻسڃاتل شخص کي سڏي ٻڌائي ٿو ته توکي ٻه پٽ هڪ ڌيءَ آهي ۽ اڃا توکي ٻه پٽ ڄمندا. اهو شخص اهو ٻڌي وسمي ۾ پئجي وڃي ٿو. چوٿين سڀ ٻوڙش چيو ”مان ٻاٻوءَ جي ويٺڪ واجهو آهيان. مان باهه جي پٺيءَ مان سولائيءَ سان لنگهي سگهندو آهيان.“ ان وقت ٿي هڪ پيارو لوڪن کي باهه جي پٺيءَ مان نڪري ڏيکاري ٿو. لوڪ ڏسي وائڙا ٿي وڃن ٿا ته باهه مان لنگهڻ بعد سندس وار به ونگو ڪين ٿيو. پنجون شخص چوي ٿو ”توهان مونکي ڪڏ کوٽي ان ۾ پوريو. سال کان پوءِ وري ڪڏ کوٽيو ته مان پنهنجي يوڳ ٻل سان جيئرو رهندس.“ انهن هرڪنهن سڀ ٻوڙش پنهنجي پنهنجي سڌي ۽ شڪتيءَ جو ورڻن ڪيو. الي پنڊل هڪ ڀڳتياڻي چوي ٿي پيارا! سڀ کان ويٺڪ اهو مهان آهه جو آهه نماڻو. ٻاٻوءَ جي نزديڪ اهي آهن جن نماڪساري اختيار ڪئي آهه، جن پاڻ وڃايو آهه.

پيارا پاڻون، پنڌون، ان ڪري اوهين به نماڻا ٿيو. اهي رڌاون سڌاون ته منجهائين ٿيون، ايمان پڌا ڪن ٿيون. سچو سڀ ٻوڙش اهو جو رڌاين سڌاين جو ڏيکاءُ ڪين ٿو ڪري.

١١ مارچ ڏائين صبوح جو پياري روپ چڱاڻيءَ ۽ شام جو جدا جدا آستانن تي امرت ورکا ڪري پياسين جي پياس پوري ڪئي.

١١ مارچ سنگاپور جي سنڌو يوٿ ۽ سنڌي ايسوسيئيشن جي پريزيڊنٽ پياري ٽي. رامچند ٻوجيه دادا جشن جي شڪرانې ڪندي چيو ته دادا جشن اسانجو روحاني رهبر آهي. هن ٿام جو امرت پياري اسانجي ٽٽل دلين کي سيتل بڻايو آهي. مان سنگاپور جي سنڌي سماج طرفان سندن ور ور شڪرگذاري ميان ٿو ۽ کين عرض ڪريان ٿو ته هت جلدي جلدي اچي آنند جي ورکا ڪن.

دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته ڪيئن نه هي ويهه ڏينهن توهان جي وچ ۾ رهي توهانجي آسيس ورتي اٿم. مان اڪ ڦيريءَ وارو ٿي پيو ڦران، جت مهنجو محبوب پيو وٺي هلي، اُت پيو هلان. توهانجي دلين ۾ دلبر لاءِ پيار جاڳائڻ آيو آهيان. 'مت جائو ري ٿوري پياسي پياسي!' مهنجا پيارا هن سنسار مان پياسي ٿي نه وڃجو. توهان لک ڪروڙ ڪمايا عهدو اقبال حاصل ڪيو، پر جي رب نه مليو ته توهان کي ڇ مليو؟ مانش جنم اٿو اُنم جنم. اُن جو پورو پورو قدر ڪريو.

١٢ مارچ شام جو ٻوجيه دادا جشن جاڪرتا ۾ پڌاريا. اُتي پياري ڏيئلداس چڱاڻيءَ جي گهر ۾ رهيا. ١٣ مارچ سنڌو هائوس ۾ داداجن جو سواگت ڪيو ويو. داداجن اُپديش ڪندي چيو ته پرڀو پنهنجي رحم ۽ هت وٽي اچي ٿو. پياري دادا ساڌ واسوانيءَ جو پيغام پکيڙڻ. پيارو دادا هو اسانجو روحاني راڻو سد سد نماڻو. پياري دادا سنڌن کي سجاڳ ڪري پرڀوءَ جي راهه ۾ چڪيو. اوهين به جي روحاني راهه ۾ وک وڌائڻ چاهيو ٿا ته نماڻا ٿيو.

هڪ ڏيءَ جي ڪڏهن ٿي ڪي سنڌ پوش اچي ڪنا

جڳ سارو جوئو، ڀلو ڪو گرمک ورلي جاڳي،
ڪيو جدا ڪري جل کان، ڪو ورلي هنس ڇاڻي،
اُت جاڳ ڏوڙي هاڻي نه مانڪ ڏيهه سڦل ٿئي.

پيارا! هن اسٽ جڳت ۾ ست آهي پرڀوءَ جو نام. اگيان جي ننڊ مان جاڳي نام جپيو. نام جپڻ، مانُو جيون سڦل بڻايو.

٢٤ مارچ شام جو ستسنگ پوڻ ۾ پوڄيه داداجن اُپديش ڪندي چيو ته شري گروارجن ديو شري سکمني صاحب ۾ فرمائين ٿا:

ساڌن سڀ ڪرهه اِهه ڪام،
آن تياڳ جپهه هري نام.

ڀڳوان جا پيارا، سنت پڻ سڀ ڳالهيون ڇڏي نام سمرڻ ۾ لڳا رهن ٿا. نام پدارٿ ئي سچو پدارٿ آهي، جن انجو رس ورتو آهي، آتمڪ انند ڪيو آهي، انهن کي دنيوي پدارٿ ڪوڙا ۽ ڪوڙا لڳن ٿا. منهنجا پيارا ڀائو ڀينرو! توهان به پنهنجي جيون ۾ نام سمرڻ جي ساکي ڏيو. نام مارگ ۾ پيش ڪريو، نام جي شڪتي سڄي سنسار کي جهلي بيٺي آهي، ان نام جي اوٽ وٺو. ويلو ۽ وقت نه وڃايو. ڪو نه ڪو منٽ ڪڍي انجو ورد ورد اُچارڻ ڪريو.

هري رام هري رام، رام رام هري هري،
هري ڪرشن هري ڪرشن، ڪرشن ڪرشن هري هري.

هڪ سنت پنهنجي شش سان پنڌ ڪندو اچي قبرستان وٽان لنگهيو. پنهنجي شش کي چيائين ”پيارا! هن قبر جيان نه ٿجو. هن قبر مٿان چيروليءَ جو رنگ لڳل آهي، جو چمڪي پيو پر هن جي اندر آهن ڪيڙا، وڇون نانگ. تيئن اسان مان ڪيترن جا هردا آهن. ٻاهران ڏسڻ ۾ اڇا اجرا، پر اندر ۾ آهن ترشنائن ۽ اڇائن جا نانگ. اندر کي اوجل بڻايو، نرمل بڻايو!

ھڪتيوان ھوندي ته چوي ”مان آھيان ڪجھ ڪين! ڪجھ ڪين! جيڪي آھ سو مھنجو محبوب مالڪ آھ. مان نه آھيان ان جو اوزار جيئن ھلائي.“ پيارو دادا سادو واسواڻي ور ور اھين چوندو ھو ته نماڻا ٿيو! نماڻا ٿيو. پياري دادا جي رھڻيءَ ۾ ڪيڏي نه نمرتا ھئي. ڳالھائڻ ۾ نمرتا ھئي. اسين به جي پرماتما جي ويجھو ٿيڻ چاھيون ٿا ته نماڻا ٿيون.

١٩ کان ٢١ مارچ داداجن نديڙي سنگت سان گڏ سليڪٽا ٽڪريءَ تي قدرت جي گود ۾ ايڪانت ۾ گذاريا. داداجن جو پراڪرتڪ درشين سان پريم آھي. پرڪرتيءَ جي درشين مان انسان گھڻو ڪجھ پرائي سگھي ٿو. ٢١ مارچ داداجن مالاڻڪ ۾ پيٽ ايشوري خانچند جي پياس پوري ڪرڻ لاءِ سندس گھر ۾ ستسنگ ڪيو. داداجن اپديش ڪندي چيو ته سا دل مردهه آھي، جنھن دل ۾ پريوءَ جي يادگيري ناھ. ھڪ درويش چيو آھ ته جنھن وقت مان پريوءَ جي يادگيريءَ کان وڃي ٿو رھان، اھو وقت مان سمجھان ٿو مان مُڙدي سمان آھيان. ان ڪري سواس سواس سان سائينءَ جو سمرڻ ڪريو.

داداجن وري سليڪٽا ٽڪريءَ تان واپس آيا. اُتي پڌ ڪندي داداجن ڪيترايون روحاني رمزون ٻڌايون. ٢٢ مارچ داداجن اُنان سورباپا ۾ پڌاريا. اُتي پياري ڀڳوان چڳٽيءَ جي گھر ۾ رھيا. ٢٣ مارچ شام جو سورباپا جي سنڌو ڀون ۾ ستسنگ جو ڪاريڪرم رکيو ويو. ڀُوڄ سنڌي ايسوسيئيشن جي پريزيڊنٽ پياري نارائڻداس داڻجن جو سواگت ڪيو. پوءِ دادا جنھن پروچن ڪندي چيو ته پارھن سال اڳ پياري ڀڳوان ھت اچڻ لاءِ ڦرمائي ڪوشش ڪئي ھئي. پر سڀ ٿئي ٿو حاڪم جي حڪم ۾. اڪيتوا پريوءَ جي حڪم کانسواءِ نٿو چري. واڳ سڄڻ جي وس آھ ڪا ٻاڻ وھڻي. پياري پالڪي رلدا ٽوڙي ڳونڊ مان ڪھڙو نه مٺڙو وچن ورتو:

داداجن جي ٻروچڻ کان ٻپهاوت ٿي ٻ وقت ڪن ماڻائن ڏٺي ليتي ۽ وڻ جو انجام ڪيو. ٢١ ماڻائن اهڙي ٻرتگيا ڪندي دادا کان آسيس گهري.

٢٦ مارچ دادا جشن انگريزيءَ ۾ ”مرڻ بعد جيون“ وشيه تي عالماڻو وياکيان ڪيو. انگريزي غير سنڌي پڻ داداجن جي وياکيان کان ڏاڍو متاثر ٿيا.

٢٧ مارچ سنڌو ٻون ۾ داداجن سڀني ستسنگين کي ڏنيواد ڏيندي سوامي ليلاشاهه مهاراج جي جينتي موقعي تي هن سنت کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سوامي ليلاشاهه مهان ڪرم يوگي سنت هو، گيانوان هو. ودوان هو، ۽ سادگيءَ جي صورت هو، پيار جي مورت هو. هن سنت ڪيترن کي پرڀوءَ جي راهه ۾ چڪيو. سماجڪ براين کي پڻ دور ڪرڻ لاءِ هن سنت خوب ڪم ڪيو. پگوڙ ٻچن سان گڏ هن سنت دکين دربدرن جي ڪيڏي نه سيوا ڪئي. لوهان ۾ سنڌس گڻن جي ساکي ڀرڀجي جيون ۾ ڏٺي مانش جنم سڦل ڪريو.

٢٨ مارچ داداجن جاڪرتا ۾ آيا. اتي شام جو انڊونيشيا هوٽل ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڪيو. ٢٩ مارچ داداجن رامائڻ هال ۾ وياکيان ڪندي چيو ته گرو تڏهن ٿي شش ٿي ديا درشٽي ڪري گرو منتر ڏئي ٿو، جڏهن هو ڏسي ٿو ته شش گرو منتر جي يوگيه ٿيو آهي. پيارو دادا واسواڻي چوندو هو ته گرو منتر انڪي ڏجي، جو گرو منتر کي سنڀالي سگهي، ان جي سادنا ڇڱيءَ ريت ڪري ۽ پوءِ ان جو استعمال به سٺي نموني ڪري. جيئن ڪير ڪنهن صاف ٻرتڻ ۾ نه وجهبو ته ڦٽي ويندو. شينهڻ جو کير جيڪڏهن ڪنهن به رواجي ٻرتڻ ۾ وجهبو ته ان ٻرتڻ ۾ تنگ ڪري ڇڏيندو. اهو کير صرف سوني ٻرتڻ ۾ ئي رکي سگهبو آهي. ان ڪري يوگيه پاتر کي ئي گرو منتر

٢٥ مارچ سوربايا ۾ داداجن ٻوڇن ڪندي چيو ته پنهنجو ويچار وهنوار شڌ رکو. لوڀ لالچ وس ڪوڙ ٺڳي دولاب کان پري رهو. ٻين کي سکي رکڻ جي ڪوشش ڪريو ته ٻيا توهانکي سکي ڪندو. اڄ ڪلهه ڪيترن نه ڪي سوئن پنهنجين ننڍن کي ڏيتي ليتيءَ ڪري دکي ڪري رهيون آهن! لوڀ جي ڪري ڪيترن کي اهو مرض آهه. دادل شاهه پنهنجي باڻيءَ ۾ چوي ٿو:

لوڀ ڪروڙين ڪاٽ آهن ڪوٺيا،
لک هزارين لوڀ آهن لوڙهيا!
لوڀ لالچ ۾ آهي انتظاري،
لوڀ ڏٺي ٿو دل جي بيماري.

ڪيترن نه لکاپتي ڪروڙپتي به ڏيتي ليتيءَ جي مرض ۾ مبتلا آهن، هو به ان ۾ پنهنجو شان سمجهن ٿا. تازو مون هڪ سچي ڳالهه ٻڌي. هڪ ٻالڪيءَ جو مڱڻو ٿيو. خوب ڏيتي ليتي هلي. شاديءَ جي ڏينهن ڇوڪري جي ماءُ چواڻي موڪليو ته جي هيترا هزار موڪليندا ته شادي ٿيندي، نه ته نه. ٻالڪيءَ جي مائٽن اهي هزار ڏيڻا ڪيا ۽ ٻوقت گهورٻل ٻئسن جو چيڪ ان ٻالڪيءَ کان صحي ڪرائي سبڻ کي موڪليائون. هيڏانهن ڇوڪريءَ ڇوڪري کي فون ڪيو ته مان سانجهيءَ جو شادي ڪرڻ ڪين ايندس، تنهنجي شادي ٻئسن سان آهه نه مون سان.

اُن نوجوان کي ڇوڪريءَ لاءِ پيار هو. اُن نوجوان مائٽن کان اهو چيڪ وٺي ڦاڙي ڇڏيو ۽ اها ڳالهه ڇوڪريءَ کي فون تي ٻڌايائين. شام جو سڌن وواهه سهڻي نموني ٿيو، گهوٽ ڪنوار ٻئي ٻوسن جمع هئا. مان چاهيان ٿو ته اهڙا نوجوان نڪري نروار ٿين جي ڏيتي ليتيءَ جو نياڳ ڪن. مان چاهيان ٿو ته هيڪر ماڻهون انجام ڪن ته ڏيتي ليتي نه وٺندا ٻوسهن.

اسانجي دوستي دنيا سان ٿڌي رهي ٿي، جا دنيا اسان سان ساٿ نہ ٿي هلي. پنهنجن پيرن تي پنهنجن هٿن سان وڃنا ڪهاڙي هڻون، پاڻ کي پاڻ وڃنا نقصان رسايون. غفلت ۾ آهيون. جهٽ سجاڳ ٿيون.

١ اپريل شام جو هندو مندر ۾ ستسنگ جو ڪاريہ ڪرم رکيو ويو. پوڄيہ دادا جن شري سکمڻي صاحب جو هيٺيون وچن اچاريندي چيو:

جس وکر ڪت لڳن تو آئيا،
رام نام سمرن گهر پائيا.

مٺهڙا پيارا! جنهن وکر وٺڻ لاءِ هن سنسار ۾ آيا آهيو، سو وکر وٺو. اجايون ڳالهيون ۾ عمر نہ گنوايو. سمرن ستسنگن جي چونن ۾ وڃڻ سان ئي توهان کي رام نام جو سچو خزانو ملندو. انين نہ ٿئي جو انت ڪال اچي وڃي پوءِ پڇتائڻو پوندو.

جب کلي تي بزار، تب سودا نا ڪيتو ٿي،
جب هٽي هڻہ هٽ ٿار، تب سودا ياد پيو ٿي.

سچي سودي ڪرڻ لاءِ تياري ڪريو. پنهنجا سواس پوءِ جي يادگيريءَ سان ڀرپور ڪريو.

٢ اپريل رام نوميءَ جي ڏينهن شام جو ميلا جي هندو مندر ۾ دادا جن ڀڳوان شري رام جو ورڻن ڪندي چيو تہ شري رام سڪندام ڪسي نہ وساريو. شبري ڀيلڻي ڪيئن نہ انت تي پور شري رام کي پڪاريندي هئي. هڪ سڀاڳي ڏينهن شري رام ڪيئن نہ سندس جهوپڙيءَ ۾ پيرا گهمائي کيس ڪرتارٿ ڪري ٿو. اوهين بہ جيڪر پياس پورا سان ايٺوءَ کي پڪاريو تہ شري رام اوهانجي من مندر ۾ ئي اوهانکي اچي درشن ڏيندو.

٣ اپريل دادا جن پياري ڪشوءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي. شام جو دادا جن انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڏنو. ان موقعي تي دادا

ڏيڻ گهرجي. سچو گرو نه ڏسي ٿو غريبي نه شاهوڪاري، نه جنس نه ذات، پر دليون پرکي دلسوز. ان ڪري پيارا! جڏهن گرو ڪرڻ چاهيو ٿا ته پهرين پاڻ کي اُن لاءِ تيار ڪريو. نماڻا ٿيو! خاڪساري اختيار ڪريو. نه صرف وچن ۾ پر وهنوار ۾. خوديءَ کي ختم ڪريو. نشڪام ڀاونا سان گردوارن جي ڪمل چرنن ۾ پاڻ کي ارپڻ ڪريو.

۱۳ مارچ نماشام جو پوڄيه داداڄن ميلا جي هندو مندر ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو. شروع ۾ هندو مندر جي پريزيڊنٽ پياري ارجنداس گرنومل داداڄن جو سواگت ڪيو. داداڄن پروچن ڪندي چيو ته پياس هئي ته ميلاواسين کي وڃي ملان، پر سڀ ٿئي ٿو حاڪم جي حڪم ۾. اڄ هڪ سنت جي تصوير منهنجي اکين اڳيان اچي ٿي. هي سنت ڀاڄن جي چوٽيءَ تي رهندو هو. سال ۾ هڪ ڏينهن ڀاڄن تان لهي هيٺ شهر ۾ ايندو هو. سندس هڪ هٿ ۾ ٻتي هوندي هئي. پوءِ شهر منجهان، گلين منجهان، گهرن وٽان لنگهندو هو. لوڪ پڇندا هئس ته ڇا ٿو ڳولين؟ سبب ڪهڙو جو توهان ٻتي کڻي پيا لنگهو؟ اهو سنت آکي ٿو "انو ڪا يادگيري؟ انو ڪا يادگيري؟ نج وطن کي وساري وينا آهيو!" مان به پنهنجي ڀاڄن تان هيٺ اچي توهان کي چوان ٿو "انو ڪا يادگيري؟ انو ڪا يادگيري؟ پنهنجن ڪمن ڪارين، ڌنڌن وهنوارن ۾ وڪل آهيو، پر پنهنجي نج وطن کي وساري وينا آهيو، جت هڪ هڪ کي هلڻو آهه! ڪيترن ڏينهن پويا نيڻ کڻي نج وطن ڏي نهاريو."

۱۱ اپريل داداڄن پياري ڪشورءَ جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو:

ڏيئي گدوايا ڏئي هٿ، ڏئي نه چالي ساٿ،
پساءِ ڪهاڙا مارئا، غافل ايسي هاٿ!

جا ڀورال اٿون. ڀارت ۾ ڪيترن جي اها حالت آهي. انڪري مسڪينن محتاجن جي سار لهو. ڪين ٻين کي پيار ڪريو.

ٻڌمتن ٻالڪن ٻالڪين جي سنڀال ڪريو. توهانجو امولڪ خزانو آهي توهانجا ٻالڪ ٻالڪيون. انهن جي دلين ۾ سٺن سنسڪارن جا ٻج پوکيو. پاڻ کي آتما سمجهي روحاني راهه ۾ اڳتي وڌو. ان ڪري ٽي ڳالهيون جيڪر ڪريو: (۱) جيڪي ملي سو قبول ڪريو. رب جي رضا تي راضي رهو. (۲) هر وقت پرڀوءَ کي ياد ڪريو. ڏنڊا ڏاڍيون نوڪريون ڪندي نام کي نه وساريو. (۳) هڪ ٻئي جا مددگار ٿيو.

۴ اپريل دادي شانتي ڪمپ. سڀ داداجن ميلا جي هڪ اسپتال ۾ هليا. داداجن اُت بيمارن کي پيار همدرديءَ سان مليو ۽ کين ميوو ڏنائين. اُتي هڪ ٻالڪي جنهنجو منهن سڙي ويو هو، اُن جي آپريشن لاءِ سندس ماتا کي سهائتا گهربل هئي. داداجن ان وقت اُن کي سهائتا ڪئي.

داداجن ميلا ۾ پروچن ڪندي چيو ته ٻڌمتن ٻالڪن ٻالڪين جي سنڀال ڪريو. سندن دلين اندر سٺن سنسڪارن جا ٻج پوکيو. کين هندو ڌرم بابت پڙهايو، کين هندو شاسترن جو گيان ڏيو.

داداجن جي پروچن کان پرڀاوت ٿي اُتي ڪن ٻچن چيو ته اسين ان لاءِ هفتيوار سکيا ڪلاس کوليون. داداجن اُن ڪلاس لاءِ نالو ڏنو ”اسين ڪرشن جا آهيون“ داداجن کي ميلا ۾ جيڪي ٻه ڀيناڻيون مليون سي سيوا ڪارڻ لاءِ ڏنائون ۽ اُتان جي ڀاوڪن کي پڻ سيوا ڪرڻ لاءِ اُتساهت ڪيائون.

۶ اپريل داداجن ميلا جي ڀاوڪن کان موڪلائي هانگ ڪانگ لاءِ روانا ٿيا. ۷ بجي شام جو داداجن هانگ ڪانگ هوائي اڏي تي پهتا. سون صدلمن سندن سنڌهه ڀراو سواگت

گنگارام ساجنداس ساڌو واسواڻي مشن جي هلندڙ ڪارين لئي روشني وڌي.

١٤ اپريل صبوح جو هندو مندر ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري ارجنداس داداجن کي وينتي ڪئي ته منيلا ۾ جلدي جلدي اچي روحاني ميلا لڳايو، اسان کي پرڀوءَ جو رستو ٻڌايو. پوڄيه داداجن پروچن ڪندي چيو ته اوهان داس کي ڪيڏو نه قرب ڏنو آهي ان لاءِ اوهان مان هڪ هڪ جو شڪرگذار آهيان. داس کي آسيس ڪجو. اڄ اوهان ٻنهين جا جهاز ٻاريا آهن، پر مان توهانجي هردن ۾ پيا جهاز ٻارڻ لاءِ آيو آهيان. دلين اندر جوت جڳايو! نام جي روشني روشن رکو! توهان مونکي اڄ ٻڪرو پاتي آهه ۽ مان توهان کان ٻي ٻڪرو گهرڻ ٿو چاهيان.

هڪ درويش پنهنجن شش کي چيو ته ڪهڙا ڪم پيا ڪريو؟ هڪ ٻئي جا ٻلنڪيت پيا لاهيو! شش وائڙا ٿي وڃن ٿا ۽ درويش کي وينتي ڪن ٿا ته سائين ان جي معنيٰ کولي سمجهايو. اهو درويش سمجهاڻي ڏيندي شش کي چوي ٿو "پيارا! ڪنهن جا وستر نه لاهيو. معنيٰ ڪنهن جا به اوگڻ نه ويچاريو. ڪنهن جي به نندا نه ڪريو، پر گڻ گراهڪ ٿيو. مان توهان کان اهي وستر وٺڻ ٿو چاهيان.

پارمعه ۾ ڪيڏي نه غريبي آهه، پڪ آهه. اُس ڪهڙي لئي لاءِ لوڪ دکي آهن. مهاتما گانڌي هڪ ڏينهن هڪ ڳوٺ مان پئي لنگهيو. ڏٺائين ته پيدرن کي ڏاڍا ميرا ڪپڙا پيا آهن. مهاتما کي خيال ٿئي ٿو. ڪستوربا کي چوي ٿو ته هنن پيدرن کي وڃي چئه ته اهڙا ميرا ڪپڙا نه پائين. ڪستوربا انهن وٽ وڃي ٿي ۽ انهن کي اها وينتي ڪري ٿي. ڏٺئون اهي پيدر ڪستوربا کي چون ٿيون ته اسانکي آهي ئي اها هڪ ساڙهي،

۹ اپريل شام جو هاليڊي ان گولڊن مائيل ڪرسٽل بال روم ڪولاؤن ۾ ستسنگ جو ڪاربه ڪرم رکيو ويو. پياري پاڻ ڪي. سيتل ۽ پاڻ جي. مولچند داداجن جو سواگت ڪيو. ان اُتسو ۾ ڀارت جو هاءِ ڪمشنر به شريڪ هو، جنهن داداجن کي ڦول مالها پيش ڪندي چيو ته دادا جن ۾ ڪيڏي نه نمرتا آهي. سندس جيون ۾ سيوا جي جوت مورتيمان آهي. هي وڏو فلاسافر ۽ ودوان آهي.

پوءِ دادا جن پرواچن ڪندي چيو ته ڪيتري وقت کان پياس هئم ته توهان ڀائرن وٽ اچان، پر سڀ ٿئي ٿو حڪم ۾.

حڪميءَ اندر سڀڪو، ٻاهر حڪم نه ڪوءِ.

اڄ هنومان جينتي آهي. شري هنومان ڀڳوان شري رام جو اننيه ڀڳت هو. هن شري رام ۽ سيتا ماتا جي ڪيڏي نه سيوا ڪئي.

هڪ گروءَ وٽ هڪ شش رهندو هو. هن گروءَ وٽ پندرهن سال ساندهه سيوا ڪئي. گروءَ کيس گرو منتر ڏنو. ان گروءَ وٽ ٻيا به ڪي شش آيا جن کي هن گرو منتر ڏنو. تڏهن پهرين شش ناراضپو ظاهر ڪندي گروءَ کي چيو ته مون اوهانجي هيترا سال خدمت ڪئي. مونکي به ساڳيو منتر ۽ جيڪي توهان وٽ شش اڄ آيا انهن کي به ساڳيو منتر. ائين ڇو؟

گروءَ چيو ”پيارا! ان سوال جو جواب مان توکي سڀاڻي ڏيندس.“ سڀاڻ ئي گروءَ ان شش کي هڪ هيرو ڏيندي چيو ته اهو هيرو پهرين ڀاڄيءَ واري وٽ کڻي وڃ ۽ ان جو ملهه ڪٿائج. پوءِ وري اهو هيرو ڪپڙي واري وٽ کڻي ملهه ڪٿائج. پوءِ وري ساڳئي هيري جو ملهه ڊپارٽمينٽل اسٽور تي وڃي ڪٿائج ۽ پوءِ ڪندن جوهريءَ وٽ وڃي انجو ملهه ڪٿائج.

ڪيو. آئي ڏاداجن پيٽ ميدا ٻوڪاش جي گهر ۾ رهيا. ۷ اپريل
پيارو ٻوڪاش داداجن کي سير ڪرائڻ لاءِ Big Wave Bay
تي وٺي ويو. اتي سمنڊ جون لهرون لڳي رهيون هيون.
جهڙالو ڏينهن هو، پاسن کان ٽڪريون هيون. ٻوڪرليءَ جي
گود ۾ پيارو دادا ڪجهه وقت آئي موج ۾ وٺو رهيو.

۸ اپريل صبوح جو داداجن پياري ٻوڪاش جي گهر ۾
روح رهاڻ ڪندي چيو ته اڄ جو ويچار آهه "منجهه رهي مليو
هاري تو ڪوهه ڪيو." پيارا! تو سنسار ۾ اڃي ڪهڙا ٻج ٻوکيا!
جيڪي لوڪيندا سين سونهي لڻندا سين. هن جڳت ۾ اڃي ڪهڙي
ٻوڪه وٺنا ڪريون؟ هڪ شاهوڪار پنهنجي نانيءَ کي چيو ته
مان وچان تو پاهر. ٻوٻت منهنجي زمين تي سٺو بنگلو ٺهرائج.
نانيءَ بنگلي ٺهرائڻ جو ڪم شروع ڪيو. دل ۾ سوچيائين ته
هي وجهه اٿم ڪمائڻ جو. سو بنگلي لاءِ اهڙو عمدو ۽ مضبوط سامان
نه پئي ورتائين پر خرچ ۾ گهوري هٽي اگهه عمدي ۽ مضبوط
سامان جو لڳندو ويو. بنگلو ٺهي تيار ٿيو. هيڏانهن سندس
سهرو به واپس وريو. نانيءَ سهري کي خرچ جو چٺو ڏيندي
چيو ته توهان جي آگيا انوسار بنگلو تيار ڪرايو اٿم. سهري
چيو "پيارا! اهو بنگلو ته توهان لاءِ ٺهرايو اٿم. توهين وڃي اُن
بنگلي ۾ رهو." اهو ٻڌي نانيءَ کي ڌڪ لڳو. دل ۾ چيائين ته
اهڙي خبر هجيم ها ته سٺو ۽ سچو مضبوط مال استعمال ڪرايان
ها. هن کان سندر سٺو مضبوط بنگلو ٺهرايان ها.

اسين به ڪيئن نه ان نانيءَ وانگر مالڪ کي پيا ٺڳيون.
ٻو پاڻ کي ئي پيا ٺڳيون، پاڻ کي ئي پيا نقصان پهچايون. اڄ
جيڪو سچو ڏينهن ان سوال جو چنتن ڪريو ۽ ور ور اچاريو
'منجهه رهي مليو هاري تو ڪوهه ڪيو.' سچ ۽ صدق جا ٻج
ٻوڪيو. هن ئي ٻنا جي باغ ۾ سڪرمن جا ٻج ٻوکي مانش جنم
سڦلو ڪريو.

١٢ اپريل داداجن هانگ ڪانگ ۾ ٻيا آشرم ۾ هليا. اُتي داداجن ٻڍڙن سان روح رهاڻ ڪندي ڪين ميوو ڏنو. ان بعد داداجن اُتي ٻارن جي اسپتال ۾ هليا. اُنهن ٻارن کي پنهنجي پيار ڀري مٺڪ ڏيندي ميوو ڏنو.

١٣ اپريل لمبي ٽريج آڊيٽوريم ۾ ستسنگ جو ڪاريڪرم رکيو ويو. داداجن اُتي پروچن ڪندي چيو ته سوين سال اڳ، اڄوڪي ڏينهن شڪتي ۽ ڀڳتيءَ جي اوتار گرو گوبند سنگهه مهاراج هندو ڌرم جي رکشا لاءِ خالصا پنٿ جو آرنڀ ڪيو.

١٦ اپريل جارج هري ليلا جي گهر ۾ روح رهاڻ ستسنگ ٿيو. ڪن ٻراهمڻن داداجن کان ڪي سوال پڇيا ۽ داداجن مشڪندي اُنهن سوالن جا ترت جواب ڏنا. ڪن جي شنڪائن جو سماڌان ڪيائون. ڪنهن ٻراهمڻ داداجن کان ڏيتي ليتيءَ بابت پڇيو. داداجن چيو ته ڏيتي ليتي آهه لوڀ. لوڀ ۾ اڄ ڪيترن ئي اسين نياڻين سان بي رحميءَ جو ورتاءُ ڪريون ٿا. داداجن اُنهن کي دلسوز مثال ٻڌايا. داداجن جي وچارن کان متاثر ٿي ڪن ڀيڻن اُتي ئي انجام ڪيو ته هو پنهنجي پٽن جي ڏيتي ليتي نه وٺنديون.

١٨ اپريل شام جو هانگ ڪانگ شيرٽن هوٽل جي هال ۾ ستسنگ جو ڪاريڪرم رکيو ويو. شري جارج هري ليلا چيو ته پياس هيم ته دادا جشن جو درشن ڪريان. اسين هانگ ڪانگ جا رهواسي ڀاڳيا آهيون جو داداجن هتي اچي اسانجي دلين کي شاد ۽ آباد ڪيو آهي. دادا گنگارام ساجنداس پڻ ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن تي آڌارتي ڳالهه ڪئي.

پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ پروچن ڪندي چيو:

’سک ساگر ۾ آنکي مت جاڳو ري اٺڙي پيا سا؟‘

مهنجا پيارا ڀائرو ۽ مهنجون پياريون ڀينرون: ! سک ساگر

شش گروءَ جي آڳيا انوسار ڀرين پاڄين واري وٽ ويو. اُن چيس تہ ان هيري جي بدران پنج سير پٽاٽا کڻي وڃ. ڪپڙي واري ان هيري عيوض هڪ ڪپڙي جو ٿانڪو ڏيڻو ڪيس. ڊپارٽمينٽل اسٽور واري وري کيس ان هيري لاءِ پنج سؤ روپين جا ڪوپن ڏيڻا ڪيس تہ انهن ڪوپن سان جيڪي شيون توکي گهربل هجن سي هتان خريد ڪري وڃ. پوءِ شش هڪ جواهريءَ وٽ ويو جنهن اهو هيرو ڏسي کيس چيو تہ اهو هيرو مونکي ڏي. ان عيوض توکي جيڪي بہ هيرا کپن، منهنجي دڪان تان کڻي وڃ. جواهري پارکوُ هو. اُن هيري جي پوري پوري ڪٿ ڪئي. شش گروءَ سان اچي سارو حال احوال ڪيو. تڏهن گروءَ کيس سمجهاڻي ڏيندي چيو تہ پيارا، هيرو ساڳيو آهي، پر هرڪنهن جي پرک پنهنجي پنهنجي آهي. گرو منتر جو ملهہ بہ ائين اٿئي. جنهن ڀاونا سان جيڪو گرو منتر جي سادنا ڪري ٿو، اُن کي اُن جي ملهہ جي پروڙ پوي ٿي. دل جو پاڪ کپي.

منهنجا پيارا پاٺڪو ۽ پياريون ڀينرون! اوهين بہ ڪنهن نہ ڪنهن ڪامل سنت کان نام وٺي سمرڻ جو آنند وٺو. سمرڻ ۽ سيوا ۾ ئي ماڻهو جيون جي سارٿڪتا آهي.

پيارو ڪنعيو ڏاسواڻي هانگ ڪانگ ۾ گيتا ڪلاس هلائيندو آهي. ١٠ اپريل داداجن گيتا ڪلاس ۾ سکيا وٺندڙ وڏڙن ۽ ٻالڪن سان شريمد ڀڳوت گيتا بابت روح رهاڻ ڪئي. ١٥ اپريل سنڌيا جو پنڊت شوپا ساڻيءَ جي گهر داداجن گيتا ڪلاس جي ٻالڪن ٻالڪين کي سکيادائڪ ڳالهيون ٻڌائيندي پياري ڪنعيالال کي گيتا ڪلاس هلائڻ لاءِ ڌنيواد ڏنو.

١١ اپريل ڪولون جي هاليڊي ان ڪوالين مائيل هال ۾ پياري دادا جن اپديش ڏنو.

٣٠ مئي ساڌو واسواڻي مشن پونا جي جدول پاڌيءَ جي ميٽنگ ۾ پڇيو. داداجن پياري دادا گنگارام ساجنداس کي ڏنيواد ڏيندي چيو ته پرڏ اوستا هوندي به هي پيارو دادل شاهه جا ڪم ڪيڏي نه اُتساهه اُمنگ سان ڪري رهيو آهي. هي آهه سدق جو سپاهي. مان سندس چرڻن ۾ سر جهڪايان ٿو. ايندڙ سال ميران وديا ڀلچل جي گولڊن جبلي وڏي اُتساهه سان ملهايو. سنڌ جو اعليٰ شاعر شاهه لطيف چوي ٿو:

بندو جوئي ڪم ڪري سو مڙئي ڏوهه،
لون پارس آءٌ لوهه، جي سچين ته سون ٿيان.

ڪهڙا به سندر ڪم ڪريان، پر جيستائين انهن ڪمن ۾ اها ڀاونا ڪين آهه ته شل هي ڪم تنهنجي چرڻن ۾ قبول پون! منهنجا پريتم! شل هي ڪم ڪريان تو واسطي! نه ته ته اهي ڪم بندن لئي پون ٿا. شل اسانجي ’مان مان‘ نڪري وڃي. ’مان مان‘ آهه زهر، جنهنجو هڪ ڦڙو ڪير جي پيالي ۾ پوي، سڄو کير زهر ٿي پوي. هي شاعر چوي ٿو: منهنجا پريتم! جي لون موڪي ڇهين ته مان لوهه جو ٽڪر سون ٿي پوان! پر تو ڪيئن اسانکي ڇهي؟ ڪيئن اسين سندس نزديڪ وڃون؟ ڪيئن ڪمس پايون؟ هڪ دفعي تماشام جو پياري دادا واسواڻيءَ جي چرڻن ۾ ويٺو هوس. منهنجون اکيون آليون هيون. دادا جي چرڻن ۾ هڪ سوال رکيم، ”دادا! سالن کان دل ۾ پياس آهه ته پياري شيام سندر کي ڪيئن پايان؟ ڪيئن محبوب جا ڪمل چرڻ ڏسان.“ پيارو دادا جواب ڏيندي چوي ٿو ”شيام سندر کي پائڻ چاهين ٿو ته لڪل پاپن کان پري رهه.“ اسان ۾ هڪ هڪ جي اندر لڪل پاپ آهن. اهي لڪائي پاهران سٺيا ستاپا لئي پيا ڏيکاريون ته اسين نيڪ انسان آهيون. پر هڪ هڪ کي خبر آهه ته اسانجي اندر ڪيڏا نه لڪل پاپ

۾ اچي اُجالي واپس نه وڃو. پياس ۾ ٻڍوءَ کي پڪاريو. جي پياس نه اٿي ته ٻڍوءَ کان پياس گهرو. پياس، سڪ سڄڻ لاءِ اُلاريو! اُڪير ۾ اکين مان ڳوڙها ڳاڙيو، لڙڪ لاڙيو. جڏهن جي دل اندر اُڪير اُٿي ٿي، سو پڪاري ٿو "ٻڍو! مونکي اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻ!" 'تمسو ما جوتر گميه' عيش عشرت ۾ ٻاجهه ڪي نه اٽڪايو. اوت موت جي نڪيت وٺي آيا آهيو. ٽپو لڳو پيو آهه، وقت پورو ٿيو ته چوندا هلو، هلو! انڪري نام ڳايو، نام سان نيڻهن لڳايو. ڪم ڪاريون ٻل ڪريو، پر دل جي اندر سمجهو ته پاڙي آهيو. جيترو ٿي سگهيڪ اوترو ٻين جا مددگار ٿيو. نه صرف غريبن جا پر شاهوڪارن جا به. ڪو شاهوڪار بيمار پئو ته اُن کي وڃي سڄڻ جي ٻاڻي ٻڌي ٻڌايو. ٻڪين ٻسن جي به سار لهو.

ٻوجهه دادا جشن واسواڻيءَ ۹۹ ڏينهن ودش جي جدا جدا ملڪن ۾ نام جو پرچار ڪري ۹ مئي بمبئي هوائي اڏي تي واپس آيا. سڀني پريمين داداجن جو قول ماڻهن سان سواگت ڪيو. داداجن رات جو ۹ بجي پرنا ميران پوميءَ ۾ پڌاريا. داداجن ٻهرين دادا واسواڻيءَ جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري پوءِ داداجن جي ڪٽيا ۾ ويا. سؤ ڏينهن جي سڪ سڪايلن کي سوڙهو ڪري ڇڏيو هو. ڪيڏي نه قرب ۾ داداجن سڀني کي پنهنجي پيار ڀري نهار سان نهال ڪري ڇڏيو.

۲۷ مئي ستسنگ ۾ پوجيه دادا جشن پگيت ڪوڙو سنگهه. پرماتيءَ جي پرلوڪ پڌارڻ سبب ڪيس شردانجلي ڏيندي چيو ته ڪيئن نه هي پيارو گهر گرهست ۾ رهندي نرليپ ٿي رهيو. پنهنجي زندگيءَ جي آخرين ڏينهن ۾ هن ڪيئن نه پنهنجي دل جي تار پرڀوءَ سان ڳنڍي ڇڏي. پڇاڙيءَ تائين سندس سرتي شبد سان ململ هئي.

جي اوڪڻ. اها اوڪڻ ملي ٿي ستسنگ ۾. ستسنگ ۾ اچي چت شانتي ٿيندو، نام ڳائبو، نام ڏبو.

١٢ جون گھاٽڪوپر جي پاڻيا واڙي هال ۾ ستسنگ جو ڪاريه ڪرم رکيو ويو. شروع ۾ ڀائي آسنداس ڀيرواڻيءَ ۽ ڀائي رام ٽولاڻيءَ ڀڄن، دادا جشن واسواڻيءَ جي آجيان ڪئي. ديال آشا شرڌا ۽ پيار وچان سواگت گيت ڳايو. ان بعد ڀڄن، دادا جن مٺو اپديش ڏنو.

١٠ جولاءِ ڀڄن، دادا جشن بمبئيءَ مان ٻڙودا لاءِ روانا ٿيا ۽ شام جو ٥-٣٠ بجي ٻڙودا ريلوي اسٽيشن تي پهتا. ڪمٽون ئي ٻراهمڻن دادا جن جو سواگت ڪيو. ٽي ڏينهن دادا جن روح رهاڻ ستسنگ ڪيو. ڀاري مولچند روچلاڻيءَ دادا جن کي عرض ڪيو ته ٻڙودا جي سينٽرل جيل ۾ هلي قيدين کي آشيس ڪريو. دادا جشن ڏيالو، سندس قلب ۾ قيدين لاءِ به قرب. دادا جن عرض اونائي جيل ۾ هليا. دادا جن سان گڏ سڱت به ساڻ هئي. هڪ قيديءَ، جنهن کي جنم ٽيپ جي سزا مليل هئي، قول مالها سان دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا موت ۾ ڪين پاڪر پالو. قيديءَ جي اکين مان ڳوڙها ۽ پيار جا لڙڪ لڙي آيا. جيل ۾ ان وقت ڪل ٥٦٥ قيدي هئا، انهن مان ڪن ڀڄن ٻڌا ڳايا.

دادا جن قيدين اڳيان اپديش ڪندي چيو ته اسين سڀ هڪ مالڪ جا ٻار آهيون، اسان سڀني جو پتا هڪ آهي. هو خونيءَ، ڌاڙيلءَ، چور، چڱي مندي سڀني کي پيار مان پڪاري ٿو "آجا! آجا!" پيارا! تون مون وٽ اچ ته مان توکي سک وشرام ڏيان! ڀڳو اسانجي ماتا جهڙي آهي، ڪو گندو ڪندو ٻار لي ٻوڙي ۽ ماتا کي پڪاري "امي! امي! مونکي صاف ڪر." ماتا هڪدم ٻار کي کڻي صاف ڪندي. ايئن ڀڳو

آهن! انهن ڪان ٻڍي رهڻ لاءِ ضروري آهه ته اسين هميشه سجاڳ رهون. اُٿ جاڳ، چوڪيدار! ٿيءُ هوشيار! اسين لڪل ڌاڙن کان جيڪڏهن ٻڍي رهنداسين ته پنڌرا پاپ پاڙيهي گم ٿي ويندا. جڏهن اَسين پهر ٻروه جي ياد ۾ رهنداسين ته اسانجي اهڙي حالت ٿيندي جو هر هڪ ۾ محبوب جو مشاهدو ڪنداسين. ”جدهر ديکتا هون، اُڌر تون هين تون هي! ڪه هر شيءِ ۾ جلوا تيرا هو رهو هي.“ اهڙو انسان نماڻو ٿي پوي ٿو. هر هڪ جي چرڻن ۾ سيس سر جهڪائي، پيار ۽ نمرتا سان ڳالهائي ٿو. اسانجي زبان ڪيڏي نه وڏي رکيا اکڙ ڳالهائي ٿي. هڪ هڪ سان جيڪر مٺو ڳالهايون. نه وساريو ته هيءَ زندگي ۽ زندگيءَ جون سڀ نعمتون آهن امانت، دکي دنيا جي سيوا واسطي. محبت ۽ پيار سان سيوا ڪريو. اهو آدرش پياري دادا اسانجي اڳيان رکيو:

محبوب جي در تي ٿيان نوري مسڪين،
خاڪ ٿي خادم ڪي ته ٿيان ڪيچ ڪين!

6 جون پوجيه دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريو. شام جو آر. ڪي. اڪيڊمي ڪولابا بمبئيءَ ۾ پوجيه داداجن سادو واسواڻي مشن جي ڪارڪرتائن کي ڏنهوار ڏيندي چيو ته اڄ سنت ڪبيرداس جي جنم جو ڏينهن آهي. سنت ڪبير رام نام جي ڪيڏي نه مهما ڪئي آهي. سندس واڻيءَ ۾ گيان جو سچو خزانو آهي. سنت ڪبير جي هڪ هڪ دوهي ۾ وڏو مطلب سمايل آهي. هن پياري ڪوريءَ جي ڪرت ڪندي ڪيئن نه پنهنجي جيون ۾ ڀڳتيءَ جي ساکي ڏني. اسين به جيڪر سنساري جوابداريون پوريون ڪندي پرڀوءَ کي ياد ڪندا رهون.

هي سنسڪ اهو دواخانو. ڪن کي مانسڪ بيماريون آهن ته ڪن کي دکڪ، سڀني بيمارين جو علاج آهي رام نام

١٤ جولاءِ صبوح جو داداجن ڏوڙي نواس ۾ ٻه سؤ سفيد پوش پيدرن کي ڪٽڪ، چانور، دال، ڪپڙو ۽ روڪ سهائتا ڏني. شام جو ٻڙودا جي گانڌي گهر هال ۾ ساڌو واسواڻي وديا مندر جي ٻالڪ ٻالڪين دادل شاهه جي جيون جوت کي ڏيکاريندڙ ناٽڪ روپ ۾ پيش ڪيو. ڀيڻ سنڌري گيانچنداڻيءَ ساڌو واسواڻي مشن ٻڙودا جي ڪارڻ جي رپورٽ ٻڌائي ۽ اڍائي هزار روپين جي ڳوٿري داداجن کي پيش ڪئي. پوڄيه داداجن سڀني جي شڪرگذاري ڪندي چيو ته اوهان مونکي اڍائي هزار روپيا ڏنا آهن. مان انهن اڍائي هزار روپين ۾ هڪ لک روپيا وجهي اوهانکي ڏيان ٿو ته ساڌو واسواڻي مشن ٻڙودا طرفان سيوا جي ڪارڻ ۾ خرچ ڪجو. وديا مندر لاءِ سٺي جاءِ ٺهرائجو، جيئن پوتر واتاورڻ ۾ ٻارڙن جي وڌيڪ سنڀال ٿي سگهي، ڪين سچي وديا ڏني وڃي. سچي وديا منش کي منش بڻائي ٿي. ٻار ئي آئيندهه جا ابا آهن. انهن ۾ ننڍي هوندي ئي پوترتا، پيارتا، سادگي سيوا ستيه جا سنسڪار وڌا وڃن. پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ ان مقصد سان ئي سنڌ ۾ ميران وديا هاچل جو بنياد وڌو. اوهان ٻه اهي آدرش رکي اڳتي قدم وڌائجو. دکين دريدرن جي سيوا ڪرڻ ۽ نام کي نه وساريو.

١٥ جولاءِ صبوح جو ١٠ بجي ٻڙودا ۾ هڪ چونڪ جو نالو ساڌو واسواڻي چونڪ رکيو ويو. ان موقعي تي ميونسپل ميئر ۽ ٻين داداجن جو سواگت ڪيو. پوڄيه داداجن ڪين ڌنيواد ڏيندي چيو ته ساڌو واسواڻي دکين دريدرن جو دوست هو، مهان فيلسوف، سنت، سماج سڌارڪ، مهان ڪوي ساهتيڪار هو. اهڙي وڀوتيءَ جو اوهان يادگار کڙو ڪري اُتم ڪارڻ ڪيو آهه. ڀاءُ گلاب رامچنداڻيءَ چيو ته جلدي دادل شاهه جو پتلو تيار ٿي ويندو جنهنجي استاپنا لاءِ داداجن کي عرض ڪيو ويندو.

اسانجي مالڪ آهي. اسانجا ڏوهه ڏنگايون سڀ معاف ڪندو. فقط کيس سڪ سان پڪاريون ۽ پڇتاءُ ڪندي چئون پرڀو! اسانکي معاف ڪر، صاف ڪر. اڄ مان توهانکي چوان ٿو ته نوان ٿيو! نوان بڻجو! پرڀو هڪ هڪ کي پيار ڪري ٿو. پرڀو هڪ هڪ جي دل جي دروازي تي بيٺو آهي، چوي ٿو دروازو کول! رتناڪر وڏو ڌاڪو هو. سيدي راهگيرن کي لٽي ماري ڇڏيندو هو. هڪ ڏينهن نارد مني اُتان لنگهي ٿو ۽ رتناڪر کي چوي ٿو ته جن لاءِ تون هي چوريون ڪرين ٿو، لٽين ڦرين ٿو سي توکي ساٿ نه ڏيندءِ. رتناڪر چوي ٿو ته مان ڪٽنب جي پالڻ جي گذر لاءِ اهو ڪم ڪريان ٿو. اُهي سڀئي ضرور مونکي ساٿ ڏيندا. رشي نارد کيس چوي ٿو ته تون وڃي گهر جي سڀني کان پڇي اچ ته اُهي توکي پاڙيءَ جو ساٿ ڏيندا يا نه! رتناڪر گهر اچي سڀني کان پڇي ٿو ته جيڪي ڪڪرم مان ڪري رهيو آهيان، اُنهن جي سزا ۾ توهان به مونسان ڀاڱي ڀائي ٿيندا نه؟" سڀ ڀائي کيس اهو جواب ڏين ٿا ته اسانجي پالنا ڪرڻ تنهنجو ڪرتويه آهي. پوءِ کهڙي به نموني ڪرين ٿو، اُن ۾ اسانجو ڪهڙو واسطو! تنهنجي ڪيل ڪرم جو حساب توکي ڀوڳڻو پوندو. اهو جواب ٻڌي رتناڪر رشي نارد وٽ واپس آيو ۽ اچي سندس شرڻ ورتائين. رشي نارد کيس رام نام جو منتر ڏنو. ڌاڪو رتناڪر رام جو نام جپيندي جپيندي ڀارت جو آديءَ ڪوي ۽ مهان رشي ٿيو جو اڄ رشي والميڪ جي نالي سان پرسڌ آهي. اوهين به شڀ ڪرمن دوارا مهان بڻجي سگهو ٿا. داداجن ڪيترن کي پرسادي ڏني.

١٦ جولاءِ شام جو داداجن ڳالهائي ڪري هال ۾ انگوريءَ ۾ اُپديش ڏنو.

أستيءِ، کوڙ مان ڪڍي مونکي ستيءَ ۾ آڻ!
اونداهه، اندڪار مان ڪڍي مونکي جوتيءَ ۾ آڻ!
مرتيو پاپ مڌيل مان ڪڍي مونکي امرت ڌام ۾ آڻ!

٢٨ جولاءِ سيٺ ميوان گولس ڪاليج طرفان پوڄيءَ دادا جشن واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ڪاليج جي وديارٿين ۽ پروفيسرن داداجن کي ڪيترن شيون غريبن کي ڏيڻ لاءِ سوغاتون ڪري ڏنيون. ان موقعي تي داداجن اُپديش ڪندي چيو ته پياري دادا سادو واسواڻيءَ جي سکيائن ۽ سڌانتن تي هلي جيون سڦل ڪيو. سچي وديا سيکاري ٿي نمرتا ۽ شيوا. توهان ڀلاشڪ وڏا وڏا امتحان پاس ڪيو پر جيترو وڏو اولوري نمرتا جي راهه اختيار ڪيو، هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. دکين ڀکين پسن جي شيوا ڪيو.

٢٩ جولاءِ ميوان هاءِ اسڪول سنڌي ماڌيم طرفان داداجن جو جنمدن ملهايو ويو. ميونسپال ڪمٽي مورجاڻيءَ داداجن جي گڻن جو ورڻن ڪيو. دادا جشن اُپديش ڪندي وديارٿين کي خوب ڪلايو. ٣٠ جولاءِ ميوان انگلش ميڊيم اسڪول داداجن جو جنمدن ملهايو. اُن موقعي تي ڪيترن ئي ٻالڪن داداجن کي ويشنو ٿي رهڻ جا پرتگيا پتر ڏنا. داداجن اُپديش ڪندي چيو ته انهن ٻالڪن کي ڌنيواد آهي جن هي پرتگيا پتر مونکي جنمدن موقعي تي سوکڙي ڪري ڏنا آهن. پر مان چاهيندس ته توهان مان هڪ هڪ جي جيون ۾ جيو ديا جي جوت جڳي.

٣١ جولاءِ سنڌي پرائمري اسڪول طرفان دادا جشن جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. دادا جشن ٻارن سان پار ٿي ويٺو ۽ کين ٽونڪا بذاتي خوب ڪلايائين. ٻالڪن ٻالڪين سان داداجن ڳالهيون ڪندي کين چيو ته مڇيءَ ۽ ڪڪڙن جا ڪُڪ ڪُرهڻ

١٧ جولاءِ صبوح جو ٨ بجي ٻوجهه دادا جشن پياري ارجن گيانچنداڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ستسنگ ڪري ٩ بجي ٻڙودا مان روانا ٿيا. ١١ بجي داداجن نڊيي سنگت سان گڏ گانڌي نگر احمدآباد ۾ شري ساڌواڻيءَ جي گهر پهچي ويا. شام جو اُت ساڌو واسواڻي مشن جي شيواڌارين جي ميٽنگ ٿي. ٻوجهه داداجن شيواڌارين کي اُتساهت ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو پيغام پکيڙيو، دکين دريدرن جي نمرتا ۽ نشڪام ڀاونا سان شيوا ڪريو.

١٨ جولاءِ سردارنگر ۾ ساڌو واسواڻيءَ جو ١٠٣ جنمڏڻ ملهايو ويو. داداجن ساڌو واسواڻيءَ جي ڪيترن ڳڻن جو ورڻن ڪندي سنگت کي اپيل ڪئي ته هڪ ڪاڏي ڪان ٻوي رهي جيون ۾ ديا ۽ پيار جي جوت جڳايو. نام ڳايو نام ڌيايو.

١٩ جولاءِ داداجن نڪر ٻاٻا نگر جي ٽائون هال ۾ اُپديش ڏنو.

٢٠ جولاءِ منگلداس ٽائون هال ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ ويکيان ڪندي چيو ته دل جي اونهائيءَ مان پياس رکي ٻوليءَ کي پرارٿنا ڪريو ته پڀو اوس پرارٿنا ٻڌندو. ٻئي ڪي نقصان پهچائڻ لاءِ پرارٿنا نه ڪريو. هڪ ٻار جي موٽڪي خبر آهه. سنڌس ڪنهن عزيزياڻيءَ سان نه ٻولدي هئي. اها آميريڪا هوائي جهاز ۾ ٿي وئي. هيءَ پرارٿنا ڪرڻ لڳي ته پڀو! ان هوائي جهاز کي ڪيرائج، جنهن هنجو دپهانت ٿئي. اهڙيون پرارٿنائون پڀو اتو ٻڌي. روز روز پرارٿنا ڪريو، جيڪا توهانجي دل کي وڻي. هڪ پرارٿنا آهه:

اسٽو ما سد گميه!
تمسو ما جوتر گميه!
مرتيور ما امرتم گميه!

لوڪمانيه تلڪ جي پڻيه تٿيءَ سمبنڌ ۾ شرڌانجلي ڏيندي چيو ته شري بال گنگاڌر تلڪ ڀارت جو مهان نڊر نرڀيڪ نشڪام نيتا هو. هن آچيت ڀارتيه جنتا کي سچيت ڪندي چيو ته سوراڄ اسانجو جنم سڌ اڌڪار آهي. اڄ ڀارت کي اهڙن ئي لوهي پرشن جي ضرورت آهي جي قوم جي ڪشتي ڪناري لڳائين.

٢ آگسٽ پوجيه دادا جشن جي جنمدن سمبنڌ ۾ صبوح جو ئي سوين پريمي شرڌالو داداجن وٽ آيا. سندن درشن ڪري کين مبارڪون ڏنائون. صبوح جو ٩ بجي سيٺ ميران ڪاليج جي ميدان تي ساڌو واسواڻي ميڊيڪل ڪامپليڪس ۽ انليڪس پدراڻي هاسپيٽل جي بنيادي پٿر وجهڻ جو اُتسو رکيو ويو. شروع ۾ دادا گنگارام ساجنداس ۽ ڊاڪٽر گهنشيام پدواڻيءَ اسپتال سمبنڌ ۾ ويچار ظاهر ڪيا. شري نوري گرنٿ مان وچن ورتو ويو.

ان موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته اڄ توهان مان هڪ جو جنمدن آهي. چو ته ڏينهن جو ڪم ڪار ڪري رات جو ننڊ ڪريو ٿا. صبوح اٿي ته نئون جنم مليو ٿو. اهو ته سڀ ڳڻجي هڪ ٻئي کي واڌايون ڏيون. پياري دادا گنگارام کي ڌنيواد آهه جو دادل شاهه جي ڪاريه جي جوت جڳائڻ لاءِ رات ڏينهن پيو جاکوڙ ڪري. هن آستان تي شاهي اسپتال جلدي جڙي راس ٿيندي. ان لاءِ پياري وشنو المچنداڻي، پياري ماڪيجاڻي، پياري چندرو پدراڻي ۽ ٻين ڪيڏو نه سهڪار ڏنو آهه. مان اڪ اڪ جو شڪرگذار آهيان. شل هيءَ اسپتال دکين دردمندن جي خدمت ڪري. کين آٿت ۽ همدرديءَ جو جل پيئاري. دادل شاهه ور ور چيو آهه ته غريبن جي سيوا آهه پرڀوءَ جي پوڄا. شري ڪرشن چيو ٿو ته جيڪو فقط پنهنجي لاءِ ٿو رڌي، سو چور آهه. شري ايشا هڪ ڏينهن پنهنجن شش کي

ڪريو. هڪ هڪ کي پيار ڏيو. پکين پسن کي به پيار ڏيو. پيو خوب محنت ڪريو. هڪ ڇوڪر روز پنندو هو. رستي تان جيڪو لنگهي اُن کي ليلائي چوندو هو ته منهنجا ماتا پتا سورداس آهن. اسين بکيا پيا مرون، ڌڻيءَ جي نالي ڪجهه ڏيو. راهگير کيس ڪجهه نه ڪجهه ڏيندا ويندا هئا. پنڻ هنجو پيشو ٿي پيو. هڪ ڏينهن اتان هڪ درويش لنگهيو، اُن کي هن ڇوڪر جي حالت تي قياس آيو. اُن درويش هن ڇوڪر کي چيو ته تون شاهوڪار آهين، پوءِ ڇو ٿو پنين؟ ڇوڪر ٻڌي وائڙو ٿي ويو ۽ ورائڻي ته ”مان بلڪل غريب آهيان، ماءُ پيءُ سورداس آهن. اڏهن درويش کيس چيو ته ”ٻالڪ! تون مونکي پنهنجا ٻئي هٿ ڪپي ڏي ته مان توکي هڪ هڪ هٿ جا پنج هزار روپيا ڏيان ٿو.“ ڇوڪر چيو ته ”اصل نه.“ درويش چيس ته ”ڀلا پير ڏي. هڪ هڪ پير جا توکي پنج هزار روپيا ڏيندس.“ ڇوڪر ناڪار ڪري ٿو. وري درويش چيس ته ”ڀلا اکيون ڏي ته ڏهه هزار روپيا ڏيانءِ.“ ڇوڪر ناڪار ڪندي چيس ته ته تون ڪو رهزن آهين. تڏهن اهو درويش اُن ڇوڪر کي سمجهائيندي چيو ته ”ٻالڪ! توکي پرڀوءَ اهڙا امولڪ عضوا ڏنا آهن، تڏهن هوندي به تون اُنهن جو استعمال نه ڪري پنين ٿو. بهتر آهه تون هٿن سان ڪا نه ڪا هاج ڪري، محنت ڪري ڪماءِ. اُن درويش جي سکيا جو اُن ڇوڪر تي اهڙو ته اثر ٿيو جو اُن وقت ئي اُن ڇوڪر پنل پئسا سامهون واري تلاءَ ۾ ڦٽا ڪيا ۽ اُن درويش جي قدمن تي ڪري پيو. اُن ڇوڪر جي زندگيءَ ۾ ڦيرو اچي ويو. هو پنڻ ڇڏي پورهيو ڪري پيءُ ماءُ ۽ پنهنجو گذران ڪرڻ لڳو ۽ جيون ۾ سوکارو ٿيو.

آچر ۱ آگسٽ صبوح جي ستسنگ ۾ دادا جشن شري

هي مالڪ جڳ دوار آهي. اسين هن وقت تو دواري نگو ۽ نواس ڪريون ٿا. دسمه دوار ڪواڙ جو پتن ڪريون. ڪيئن نہ ڪن پڪڙ شين ۽ پرڀو آنند پيا سمجهون. نيٺ جڏهن ڪو ڇهوڪ لڳي ٿو، تڏهن سڄاڳي اچي ٿي.

جهڪي ان داتا چڪيءَ جي ڪليءَ وٽ آهن سي پرسچڳ کان اچي وڃن ٿا، تيئن جو سڌتن جي شرط ولي ٿو سو دنيا جي چڪر ۾ ڦاسجي ٿو. ان ڪري سڌتن جي شرط ولو، ڀرڀوءَ جي شرط ولو. انهن جو پلئه پڪڙيو. متان انهن کان پري رهو. سڌت ٿي ٿوهان کي دسمي دوار جو درشن ڪرائيندا. اندر جي اونهائيءَ ۾ ولي هليندا. اونهائيءَ ۾ آهه مندر جنهن گهنڊ ۽ گهنڊيون پيئون وڄن. انهن گهنڊن گهنڊين جو آواز هڪ هڪ کي پڌرو آهي. جيستائين اسان اهو آواز، اهو انهد جو باجو پڌو ڪين آهي، تيستائين مالڪ جو سڌل ايندو ڪين. ان ڪري اندر ۾ جهاتي پايو. گهڻن خطن خيالن ۾ ٽاڻ کي نہ اڙايو. فرض پالن ڪريو، دکين دريدرن جي سيوا ڪريو، پيو اندر گهڙڻ جو پتن ڪريو، انهد جو آواز پڌو.

۴ آگسٽ رڪشا بندن ڏينهن صبوح جو سوڻ ٻوڄين دادا جشن کي رکڙيون پڌيون. دادا جن ڪيئن نہ هڪ هڪ کي نينهن پوري نهار سان نهال ٿي ڪيو. ١١ بجي دادا جن لوناوالا لاءِ روانا ٿيا. اتي شام جو دادا جن منو اپديش ڏنو. ۵ آگسٽ دادا جن بشي ڊئم لي ويا ۽ اتي روح رهاڻ ڪيائون. ۷ آگسٽ ميران پومي پولا ۾ دادا جن پياري ڊاڪٽر گهنشيام رپلوائيءَ کي آسيس ڪندي چيو تہ هي پيارو پرڀوءَ جي ڪيتر ۾ وڏيڪ اپياس لاءِ هڪ سال لاءِ لنڊن وڃي رهيو آهي. شل سک سان سڦر ڪري وري اچي هت بيمارن جي سيوا ڪري. هي پيارو همدرد ۽ ڪلمک انسان آهي. دادا جن ان موقعي تي ڊاڪٽر

شڪارپور ۾ پڌاريو هو، تڏهن اُتي جي نواسين پياري دادا کان سنيهو گهريو. داداجن سنيهو ڏيندي چيو "منهنجا پيارا! توهين سون چاندي ڪٺو ڪريو نه، پل ڪريو. پر توهان وٽ جو امولهه خزانو توهانجا ٻار آهن، اُنهن جي سار سنڀال لهو. ٻار آئينده جي اُميد آهن. اُنهن ۾ سچ، سادگي، سمرن سيوا جا ٻج ٻوکيو. نام جپيو ۽ پر اُپڪار جا ڪم ڪندا رهو.

۷ ڊسمبر سنڌي ڪالونيءَ جي سنڌي سوشل هال ۾ دادا جشن اُپديش ڪندي رشي ڏيارام ۽ ماتا شارڌامنيءَ کي شرڌانجلي ڏني. ۸ ڊسمبر رامڪرشن مشن جي مندر ۾ دادا جشن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ۹ ڊسمبر داداجن نارائڻداس هندوجا هال ۾ پروچن ڏنو. ۱۰ ڊسمبر اربندو ڀون ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ "مؤت کان پوءِ جيون" وشيه تي وياکيان ڏنو. ۱۱ ڊسمبر پرنٽ ليلا پرسرام جي مڪان تي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو ۽ داداجن منو اُپديش ڏيندي چيو ته پيار ئي جيون جو سچو خزانو آهه. نه صرف انسان کي پيار ڪريو پر پکين پسن کي به پيار ڏيو. پيار ۾ وڏي شڪتي آهي. ڪيئن نه هڪ مست هاٿي پياري گوتم ٻڌ جي اڳيان سر جهڪائي ٿو. اوهين به پيار جي جوت جڳايو!

۱۲ ڊسمبر نارائڻداس هندوجا هال ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ۱۰۳ جنمڏن اتسؤ ملهايو ويو. پياري دادا جشن پوڄيه ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جا ڪيترائي پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌائيندي راهه روشن ڪئي. ۱۳ ڊسمبر پياري شيام واڌوا داداجن کي ننڍي پهاڙ تان جو سير ڪرائڻ وٺي ويو. ۱۴-۱۵ ڊسمبر داداجن جدا جدا آستانن تي اُپديش ڏنو ۽ ۱۶ ڊسمبر بنگلور مان روانا ٿيا.

۱۶ ڊسمبر رات جو پوڄيه دادا جشن سنگت سهت

پوڄيه دادا جشن ميران يوميءَ ۾ ستسنگ ۾ پياري ڊاڪٽر
پوپ کي پاڪ پيغمبر شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري پوپ جو
ننڍپڻ کان ئي دادل شاهه سان نينهن جو ناتو ٻڌو، اهو ناتو
پڇاڙيءَ تائين نڀائيندو رهيو. دادل شاهه جي سنگ ۾ سندس
جيون ۾ سيوا ۽ جيو دَيا جي جوت جڳي. هڪ ڏينهن سندس
پاڙي ۾ هڪ مسلم جهڙڪي ڇڳو ڇهندو هو، هڪ رڍ وٺي آيو.
گهر ۾ ٻڌائين ته سڀاڻ عيد آهي، ان رڍ کي قتلام ڪري
کائينداسون. ڊاڪٽر پوپ کي ان ڳالهه جي خبر پيئي ۽ هڪدم
ان مسلم ڀاءُ وٽ ويو ۽ کيس وڃي سمجهايائين ته عيد معنيٰ
خوشي. جيئن اسان کي ساهه پيارو آهي تيئن ان رڍ کي به ساهه
پيارو آهي. ميران مؤمن ملوڪان شڪار! پيارا، سچي عيد ته ان
۾ آهي ته تون سڀني پسن پکين تي رحم ڪر. جيڪڏهن تون
چاهين ٿو ته خدا توتي رحم ڪري ته تون ٻين تي ڪهل ڪر.
اڄ جيترا پئسا تو رڍ تي خرچيا آهن اوترا پئسا مان توکي ڏيان
ٿو. رڍ مونکي ڏي ته مان جهنگل ۾ موڪلي ڇڏيان.

ان مسلمان ڀاءُ تي ڊاڪٽر پوپ جو ڏاڍو اثر ٿيو ۽ اها
رڍ ڪسجڻ کان بچي وئي. پياري پوپ ڪيئن نه پکين پسن
جي سيوا ڪئي. وٽس ڪيترا بيمار ويندا هئا، ڪيئن نه دل
سان انهن کي دوائون ڏئي سندن ڏک دور ڪندو هو. هي
پيارو مدهجي ۽ ڪيڏي ٻوگهور لهندو هو. ڪيئن نه مونکي
ايڪانت استان تي وقت ۽ وقت وٺي ويندو هو. هن پياري
جون ڪيتريون ئي يادگيريون تري اچن ٿيون. هن پياري
جي ياد ۾ 'پوپ پرائيز' وديارٿين کي ڏنو ويندو. ميران
اسڪول يا ڪاليج مان جيڪي وديارٿي سيوا جي کيتر ۾ ڀاڳ
موڪليندا انهن کي اهو انعام هر سال ڏنو ويندو.

٦ نومبر سنجها جو گرو مندر شيام نواس ممبئيءَ ۾ دادا
سادو واسوانيءَ جو ١٠٣ جنم ڏينهن ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن

ريلواٽيءَ کي سنڌس ڪيل شيوائن لاءِ ريجهومل پنجومل انعام عطا ڪيو.

١٢ آگسٽ جنماشٽميءَ جي ڏڻ ڏينهن داداجن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ شري ڪرشن ڀڳوان جو جنم جو ڏينهن آهي. پنج هزار ورهيه اڳ پيارو آيو، ڀوري وس وسڻي، ڇاڙهي ڇپن تي مرلي ڀريو ڀاڳ ڀڄاريو. سندس مرليءَ مان هڪ ٿي آواز اڄ ڏينهن تائين پيو اچي: ”مون وٽ آءُ! مون وٽ آءُ!“ سنسار ۾ ڪيڏو نه تڻاءُ آهي، ڪيڏي نه ڪشمڪش! ٿڌهن هوندي به سنسار سان چنبڙي پيا آهيون. شري ڪرشن جي مرليءَ جو آواز ٿا سڻون. سڀاڳو سو جو اهو آواز اونائي ٿو ۽ ٻيون سڀ ڳالهيون وساري، پنهنجو پاڻ وساري، پنهنجو آن وساري، من وساري، ڦيٽ وساري شري ڪرشن جي ڪمل قدمن کي چنبڙي پوي ٿو ۽ پرم پد کي پائي ٿو. شل اسين به ائين ڪريون.

٢٧ آگسٽ داداجن لوناوالا لاءِ روانا ٿيا. اُتي ٿي ڏينهن داداجن امريت ورکا ڪئي. ٣ سيپٽمبر ڪڪي رلما واسوانيءَ جو جنمڏڻ هو. ان ڏينهن ٻوجهه دادا جشن چيو ته ڪڪي رلما آهه اسان سڀن جي پياري، ڪيئن دادل شاهه جي پاٽي سوز ڀرني سو ۾ ڳائي ٿي، آهه سڌ سڌ نماڻي. هن سمسف جيون پياري پاريوءَ ۽ دادل شاهه جي ڪمل چرڻن ۾ ارپڻ ڪيو آهه. شل سدائين مٿس پاريوءَ جي آسيس چمڪندي رهي.

١٦ سيپٽمبر صبوح جو پياري دادل شاهه جو پيارو، نيڻهن ۾ نيارو، ڊاڪٽر پوپر رامچنداڻي اوچتو پرلوڪ پڌاريو. جيئن ئي اهو شوڪ سماچار مليو تيئن هڪدم ٻوجهه دادا جشن ۽ سنگت، سندس گهر ويا، جت پيارو ڊاڪٽر پوپر چرنڊرا ۾ سمهيو پيو هو. داداجن اوپل دل سان ٻارنا ڪئي. سڀني جي اکين ۾ پيار ۽ ورهه جا آنسون هئا.

ٻڌائو ۽ اُن جي پنهنجي جيون ۾ ساکي ڏنو. اوهين به جيڪو ٻاڻ سان اڄ اهو آدرش کڻي وڃو.

٨ نومبر داداڄن ڪي. سي. ڪاليج ۾ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي ڳالهائيندي چيو ته پنهنجي وچارن جي سنڀال رکو. هميشه شڀ وچار رکو، ٻين کي ياد ڪريو. سمجهو ته ٻيو سڀ وڏو ڏسي ۽ ٻين جا مددگار بڻجو.

١٥ نومبر سنت ونوبا ڀاوي برهملين ٿيو. پوجيه دادا جشن ستسنگ ۾ ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو ته هي ڀارت جو پيارو سپوت جو تياڳ ڪري پنهنجي ڌام پڌاريو. ڀارت جي لکن ڪروڙن کي پيارو هو. هي هڪ عجيب انسان هو. ننڍپڻ کان ئي سادگيءَ ۽ سنيم جي جيون گذاري ٿو. پنهنجي جيون آدرش ۾ بڌي ٿو. سچي معنيٰ ۾ هي سنت مهاتما گانڌيءَ جو روحاني وارث هو. ودوان هو، فيلسوف هو، ديش ڀڳت هو، دکين درپدن جو متر هو. گيتا جو اپاسڪ هو. ڳوٺاڻن واسطي ڪيس عجيب پيار هو. ڀوڌان هلچل هلائي ڪيئن نه ڪيترن بي زمين ڪسانن کي زمين وٺي ڏني ٿو. منجهس آڌياتمڪ شڪتي هئي. گئو ماتا لاءِ به سندس دل اندر عجيب شرڌا هئي. سندس اها پرٻل اڇا هئي ته ڀارت ۾ گئو ڪوس بند ٿيو وڃي، ان لاءِ هن پياري ڪيئن نه آمرڻ اپواس رکيو، گئو رکشا لاءِ هن ڪيڏي نه قرباني ڪئي. شل سندس اهو سپنو ساڪار ٿئي. اهو ڏينهن شل اچي جو ڀارت ۾ سڀ ڪوس گهر بند ٿي وڃن. دل اندر پرارٿنا اٿم ته پياري سنت ونوبا ڀاوي جي آتما سچي ڀارت تي ٿئي! سچي سنسار تي ٿئي! شل اسان سڀني کي پنهنجي آتما موڪليندو رهي.

دادا ساڌو ٽي. ايل. واسواڻيءَ جي جنم ڏينهن سمبنڌ ۾ ٢٠ نومبر کان ميران پوميءَ ۾ اتسو آرنڀ ٿيو. ميران پرڀاتڦيري

ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جا ڪيترائي پرڀاوَ ڏائڪ پرسنگ ٻڌايا.

٧ نومبر صبح جو پوڄيه دادا جشن ڊاڪٽر جي. ايس. سنڌاڻيءَ جي ميڊيڪيئر يونٽ ڪلنڪ جو مهورت ڪندي چيو ته ڊاڪٽر سنڌاڻي هڪ نماڻو نيڪهن وارو هوشيار ڊاڪٽر آهي. سندس ڪيڏو نه ناماچار آهه. هي پيارو هڏڏوکي همدرد ڊاڪٽر آهي. سندس دل ۾ دکين لاءِ درد آهه. اُن ڀاوَ سان شل شيوا ڪندو رهي.

هڪ هنڌ هپوڪريٽس (Father of Medicine) جو پتلو آهي، جنهنجون اکيون بند آهن. سنگتراش کان پڇيو ته ڇا ته هن جون اکيون بند ڇو آهن؟ جواب ۾ چيائين ته سچو ڊاڪٽر اکيون پوري ڪم ڪري ٿو. هو شاهوڪار ۽ غريب جو ڀيد نٿو رکي. هن لئه امير توڙي رواجي انسان ساڳي ڳالهه آهه. سچي ڊاڪٽر جي دل ٻاجه سان ڀرپور ۽ نرم ٿئي ٿي. اهڙو آهه ڊاڪٽر سنڌاڻي. شل پرڀوءَ جي دعا وٺي دوا درمل ڪري. شرف پل ڊاڪٽر کي ملي، پر چڱائي وارو پڻو آهي. شل ٻاپوءَ جي ڪرپا ۾ بيمارن جي خدمت ڪندو رهي.

٧ نومبر آر. ڪي. انڪيڊمي هال بمبئيءَ ۾ دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. اُن موقعي تي دادا جشن پرڀچن ڪندي چيو ته پياري دادا راجپور ۾ شڪتي آشرم کوليو، جت جدا جدا پرانتن جا نوجوان اچي ڪٺا ٿيا. هڪ ڏينهن پياري دادا کان ماٽو (Motto) گهرن ٿا. دادا ڪين چيو ’گيتا ۽ رانديون‘ (’Geeta & Games‘) ۾ پنهنجي جيون بتو. ڪسرت ڪري پنهنجا شرير رشٽ پشٽ بڻايو. ڀارت کي هن وقت شڪتيءَ وارا انسان کپن. شڪتيءَ سان ئي جاتي ۽ ديش جي سرڪشا سگهي آهه. روز شريمد ڀڳوت گيتا پڙهو، ڪو نه ڪو شيوا جو ڪم روز ضرور ڪريو. ڀارت جي رشين جو پيغام

نام ڏيائو پوءِ سک پائيو!

٣٠ نومبر پوڄيه دادا جشن گانڌي نگر ڪولهاپور ۾ پڌاريا. ١ ڊسمبر صبوح جو هيمون ڪالاڻي اسڪول، ساڌو واسواڻي هاءِ اسڪول، گانڌي نگر هاءِ اسڪول جي ودياريئن اڳيان اپديش ڪندي پوڄيه دادا جشن چيو ته سچي وديا جي نشاني آهه ديا ۽ پريم. منهنجا پيارا وديارٿيو! توهان به دلين ۾ ديا ۽ پريم جا ديپڪ ٻاريو. هميشه ڪاڌي کان پري رهو. پرڀات جو ڪيئن ته پکيئن پسن کي ڪاسائي کهن ٿا. ان هميشه ڪاڌي ۾ الو انهن ڪڪڙامن جون آهون ۽ دانهون، انڪري اهو ڪاڌو ڪين کائو. پکيئن پسن کي پيار ڏيو.

شام جو ميدان ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ١٠٣ جنمدن اُتسوُ ملهايو ويو. پيارو ڀاءُ هربخش پنجابيءَ داداجن جي آجيان ۾ گيت ڳايو. دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون تي روشني وڌي. وري رات جو ساڳئي ميدان تي داداجن پرچن ڏنو. ٢ ڊسمبر داداجن سانگليءَ ۾ پڌاريا. اُت سنڌي گرودواري ۾ اپديش ڏنائون ۽ رات جو ميرج ۾ پنچائتي هال ۾ پرچن ڪيائون. ٣ ڊسمبر پرڀات جو داداجن بنگلور روانا ٿيا. رات جو داداجن بنگلور ۾ پڌاريا. ٤ ڊسمبر دادا امر جي آستان تي دادا جشن پرچن ڪيو. ٥ ڊسمبر رمڻ مهرشيءَ جي مندر ۾ دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته سنت رمڻ مهرشي ڀارت جي مهان مورتي هو. سنڌس آدرشن جي ساکي ڏيو.

٦ ڊسمبر صبوح جو پنچائتي هال ۾ دادا جشن اپديش ڏنو ۽ شام جو سنڌي بئنڪرس ايسوسيئيشن دوارا ٺهرايل جهامنداس هندوجا ۽ ٺاڪرداس هندوجا هال جو مهورت ڪندي دادا جشن چيو ته پرسنتا اٿم جو اوهين عام جي ڀلي لاءِ هي سندر هال ٺهرايو آهي. پيارو دادا ساڌو واسواڻي جڏهن

اسڪول، ميران انگلش اسڪول، ميران ڪاليج، شانتي سيوا نڪيتن طوفان دادل شاهه جو جنمدن آنسو ملهايو ويو. سڀني پروگرامن ۾ پياري دادا جشن پوڄيه دادل شاهه جي ليلائن جو ورڻن ڪندي سنگت جي سونهن ڪئي. ۲۴ نومبر شام جو رٿ ياترا ۾ دادا جشن سنگت سان گڏ دادل شاهه جو رٿ ڇڪي ڪاهيو ۽ چونڪ چونڪ تي مٺا اُپديش پئي ڏنا. چؤڌاري ’جيءُ لون آئين دادل شاهه! اڳتي اسانجي دادل شاهه!‘ جي گونج هئي. ۲۵ نومبر صبوح جو دادا جشن دادل شاهه کي سنڌيءَ ۾ پشپانجلي ڏني. اُن بعد سفيد پوشن جي سيوا ڪئي. دادا لنگر ۾ دادا جشن پنگت ۾ پاڻ ٻوڙيون پئي ورهايون ۽ هڪ هڪ کي پنهنجي نظر سان نهال پئي ڪيو.

تما شام جو پياري دادا جشن ساڌو واسوانيءَ جي جيون تي روشني وجهندي چيو ته پياري دادا جي سکيا اٿو ٻن لفظن ۾ ’سمرڻ ۽ سيوا‘. پل پل جو قدر ڪريو، سواس سواس سان پڀوءَ کي ياد ڪريو. دنيا جا ڪم ڪاريون ڪندي چت جي ورتي جانب سان جوڙيو، سنسار کان منهن نه موڙيو. پياري دادا دنيا ۾ رهي دکي لوڪن جي ڪيڏي نه سيوا ڪئي. ڪيترا نه لوڪ سنگرهه، لوڪ ڪلياڻ جا ڪارج ڪيا. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀينرون! اوهين انهن پنهنجي گرن جي جيون ۾ ساکي ڏيو. گروجن فرمائن ٿا:

جني نام ڌيائيا، گئي مشقت گهال،
نانڪ تي مک اوجلي، ڪيتي ڇٽي نال!

جن نام ڌيايو آهي تن جون مشڪلاتون مصيبتون مونجهارا مٽجي وڃن ٿا. انهن سڀاڳن جا مک اوجلا آهن. اهڙن سنتن جي سنگ ۾ ڪيترائي اڌريا، مايا جي بندڻن کان مڪت ٿين ٿا. انڪري ڪڏهن نه ڪڏهن سنتن جي شرڻ وٺي نام جپڻو

مدراس ۾ ٻڌايو ۽ پياري پرشوتمداس پوڄوانيءَ جي آستان تي رهيو. پڻ پونم چولاٽي سمنڊ جي ڪناري گولڊن بيچ تي ۱۸ ۽ ۱۹ ڊسمبر سادُنا ڪئمپ جو آيوجن ڪيو. پياري دادا جشن سادُنا ڪئمپ جو مهورت ڪندي چيو ته شري گوتم ٻڌ اچي آواز اُٿاريو ته 'جوت جڳايو' پياري دادا سادو واسوانيءَ به اچي سيکاريو ته 'جوت جڳايو!' اڄ اسين 'سادُنا ڪئمپ' ۾ ان لئه ڪٺا ٿيا آهيون ته پنهنجي جيون ۾ جوت جڳائڻ جو يتن ڪريون. اُن لاءِ ابياس جي ضرورت آهي. ڪجهه وقت سانت ۾ نام سمرڻ ڪريون. جشن جيئن اسين چت جي ورتي نام سان جوڙينداسين تيئن تيئن آنند جو انڀو ٿيندو.

۱۹ ڊسمبر پرڀات جو داداجن ڌيان ڪرڻ جو طريقو ٻڌايو. ۲۰ ڊسمبر صبوح جو ۱۰ بجي سنڌي ماڊل اسڪول ۾ داداجن وديارٿين کي مٺو اُپديش ڏنو. ۲۲ ڊسمبر شري گرو گوبند سنگهه صاحب جي جنمدن سنبنڌ ۾ دادا جشن شري گرو گوبند سنگهه جي جيون تي روشني وڌي. ۲۳ ڊسمبر پارليه ودياپيٺ ۾ داداجن 'ڊپ کان ڪيئن ڇٽون' وشيه تي انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ ڪندي چيو ته هرهڪ جي جيون ۾ ڪي نه ڪي مسئلا آهن، انڪري دلين ۾ ڊپ رهي ٿو. ننڍي کان وڏي هوندي تائين جڳ ڊپ جي دنيا ۾ رهون ٿا. ڊپ کان ٻاري رهو. پڙهو ڪي پنهنجو سائي ڪري سمجهو. پڙهو هرهڪ ڳالهه ۾ مددگار آهه. سنه ۱۹۴۷ع ۾ پاڪستان ٿيو، تڏهن پيارو دادا سادو واسواڻي حيدرآباد سنڌ ۾ رهيل هو. اُت ني روز ستسنگ ٿيندو هو. اوچتو جناح جو مرڻو ٿيو. انهيءَ موجب ستسنگ کان پوءِ ڪڙاهه صاحب ورهايو ويو. ڪن مسلمانن وڃي هل اُٿاريو ته سادو واسوانيءَ جناح جي موت سبب خوشيءَ ۾ حلوو ورهايو آهي. ڪاروباز مسلمانن ني ڏاڍي منيان لڳي ۽ هڪ وڏي ميڙ ڪري ان لاءِ آزاد ميدان

شڪارپور ۾ پڌاريو هو، تڏهن اُن جي نواسين پياري دادا کي سڏيهو گهريو. دادا جن سڏيهو ڏيندي چيو "منهنجا پيارا! توهين سون چاندي ڪٺو ڪريو نه، پل ڪريو. پر توهان وٽ جو املهه خزانو توهانجا ٻار آهن، انهن جي سار سنڀال لهو. ٻار آئيندهه جي اميد آهن. انهن ۾ سچ، سادگي، سمرن سيوا جا ٻج ٻوکيو. نام جپيو ۽ پر اُپڪار جا ڪم ڪندا رهو.

٧ ڊسمبر سنڌي ڪالونيءَ جي سنڌي سوشل هال ۾ دادا جن اُپديش ڪندي رشي ڏيارام ۽ ماتا شارڌامڻيءَ کي شردانجلي ڏني. ٨ ڊسمبر رامڪرشن مشن جي مندر ۾ دادا جن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٩ ڊسمبر دادا جن نارائڻداس هندوجا هال ۾ پروچن ڏنو. ١٠ ڊسمبر اربندو پون ۾ دادا جن انگريزيءَ ۾ "مؤت کان پوءِ جيون" وشيه تي وياکيان ڏنو. ١١ ڊسمبر پيرط ليلا پرسرام جي مڪان تي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو ۽ دادا جن مڌو اپديش ڏيندي چيو ته پيار ئي جيون جو سچو خزانو آهه. نه صرف انسان کي پيار ڪريو پر پکين پسن کي به پيار ڏيو. پيار ۾ وڏي شڪتي آهي. ڪيئن نه هڪ مست هاٿي پياري گوتم ٻڌ جي اڳيان سر جهڪائي ٿو. اوهين به پيار جي جوت جڳايو!

١٢ ڊسمبر نارائڻداس هندوجا هال ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسوانيءَ جو ١٠٣ جنمدن اُتسو ملهايو ويو. پياري دادا جن پوڄيه ساڌو واسوانيءَ جي جيون جا ڪيترائي پريرڻادائڪ پرسنگ ٻڌائيندي راهه روشن ڪئي. ١٣ ڊسمبر پياري شمار واڌوا دادا جن کي نندي پهاڙين جو سير ڪرائڻ وٺي ويو. ١٤-١٥ ڊسمبر دادا جن جدا جدا آستانن تي اپديش ڏنو ۽ ١٦ ڊسمبر بنگلور مان روانا ٿيا.

١٦ ڊسمبر رات جو پوڄيه دادا جن سنگت سهت

شرڌانجلي پيش ڪئي. ١٤ جنوري ميران سنڌي پرائمري اسڪول ۽ ١٥ جنوري ميران انگلش ميڊيم اسڪول طرفان دادل شاهه جي پٽيءَ تي ملهائي وئي. انهن اُتسون ۾ پياري دادا جشن وديارٿين کي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جا ڪيترائي سکيادائڪ پرسنگ ٻڌايا. ١٦ جنوري ڀرپاس جو دادل شاهه جي ڪنيا مان آسيس ورتي، سماڌي آستان تي پرنام ڪري پيارو دادا جشن سنگت سان گڏ پرڀات ڦيريءَ ۾ شريڪ ٿيو. صبوح جو ١٠ بجي دادا جشن اسڪول جي گهرجائو ٻارن کي گرم سئيٽر ۽ سفيد پوش ٻچڙن کي پڙهڻ ۽ ڪاڏي جو سامان ڏنو. نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ستپرشن جي ورسي ملهائڻ وقت اهي ستپرش آدرشت روپ ۾ اچي حاضر ٿين ٿا ۽ آسيس ڏين ٿا. پيارو دادا اڄ به پيو اسانکي آسيس ڏئي. سندس آسيس سان ئي هيترا سارا سيوا جا ڪارج هلي رهيا آهن. پيارو دادا اوچ ڪوٽيءَ جو انسان هو، پر ڪيڏو نه نماڻو هو! هن ٻالڪن کڏهن گرو ڪري ڪين سڏايو. هڪ ڏينهن ستن ورهين جي ٻالڪي پياري دادا کي پرڀان سڏ ڪري چوي ٿي "دادا! دادا! ٻڌو، مان توهان لاءِ گل ڪٺي آئي آهيان." اکڙ ۾ جتيءَ جا ڏاڳا به نه ٻڌا اٿس. ٻوڙي پياري دادا کي گل ڏئي ٿي ۽ پوءِ پياري دادا کي چوي ٿي ته توهين مهنجا ڪتاب جهليو ته مان پوٽ جا ڏاڳا ٻڌي ڇڏيان. پيارو دادا ڪيئن نه ان ٻالڪيءَ جا ڪتاب جهلي بيٺو ٿو. پياري دادا ۾ ڪيڏي نه نمرتا هئي. اوهين به جيڪر جيون ۾ نمرتا ۽ پيار جي ساکي ڏيو!

٣٠ جنوري نماشام جو آر. ڪي. اڪيڊمي اسڪيءَ ۾ دادا جشن پروچن ڪيو. ٢١ جنوري شام جو وانگ پڙي ۾

لي ڪوٺايائون ۽ پاڻ ۾ فيصلو ڪيائون ته سنڌين جي مرشد ساڌو واسواڻيءَ کي خوش ڪيو وڃي. اها خبر حيدرآباد جي ڪليڪٽر کي ملي، جو پياري دادا جو دوست هو ۽ داداجن کي روحاني رهبر ڪري مڃيندو هو. تنهن جوانن موڪليو ته هاڻي حيدرآباد جا وڻ چڙهي گهرجن. اسين سڀ ڏکي وياسين، پر پيارو دادا اصل اڏول رهيو ۽ اسانکي چيائين "پريو آهه رکپال، هرهنڌ لهي تو سنڀال! انڪري ڊپ نه ڪريو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! اوهين پريوءَ ۾ پورڻ وشواس رکو ته ڊپ دور ٿي ويندو.

٢٤ ڊسمبر داداجن پياري پريداس گرمکسنگهه جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ٢٥ ڊسمبر مدراس جي ساڌو واسواڻي سينٽر ۾ داداجن منو اپديش ڏنو. ٢٧ ڊسمبر سنڌي هندو مهيل طوفان پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن انسؤ ملهايو ويو. ان موقعي تي پياري دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي سکيائن تي روشني وجهندي چيو ته اوهين به جيون ۾ سيوا ۽ سمرڻ جي ساکي ڏيو، دکين يکين سڀن تي ديا ڪريو. ٢٨ ڊسمبر داداجن صوفي در تي پڌاريا ۽ بابا نمرراج جي جيون تي روشني وڌائون. سنت رليچند داداجن جو سواگت ڪيو. ٢٩ ڊسمبر پياري پرشوتمداس جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي. ٣٠ ڊسمبر شانتي نڪيتن ۾ داداجن پروچن ڪيو ۽ منجهند جو شولاپور روانا ٿيا. ٣١ ڊسمبر داداجن شولاپور ۾ پڌاريا. اتي ننا شام جو داداجن سنڌيءَ ۾ پروچن ڪيو. ١ جنوري ١٩٨٣ روٽري ڪلب ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو ۽ رات جو داداجن سنڌيءَ ۾ اپديش ڏنو. ٢ جنوري ١٩٨٣ داداجن پونا واپس وريا.

دادا ساڌو واسواڻيءَ جي مهاپرمه سندن ۾ ١٣ جنوري ميران ڪاليج ۾ پوڄه دادا جشن دادل شاهه کي پاڪ ڀيٽي

کي چوي ٿي مان تيار آهيان. روهڙيءَ وٽ شاگردن جي سيوا
ڪندس. اڪيلي وڃي ٿي. اُت ميران اسڪول ۾ ڪيتن ئي
پياري دادا واسواڻيءَ جون سکيائون ۽ سنسڪار وديارٿين ۾
اوتي ٿي. هت پونا ۾ ٻئي ميران اسڪول ۾ هن ڪيڏي صدق
سان وديارٿين جي خدمت ڪئي. پياري ٻاپوءَ کي پڪاريندي
هئي ته منهنجي دل جو دروازو کول! سک واري هئي. سندس
دل اندر عجيب لاءِ اُڪير هئي، اُن اُڪير ۾ سندس نيڻن
ور ور وهايو نير. سندس دل اندر هئي همدردي دکين دردمندن
واسطي. گهرجائو وديارٿين جي سانت ۾ سيوا ڪندي هئي.
ڪالهه مان سندس گهر وڃان لنگهيس. ڪيتن ئي بالڪيءَ مان
ٻڌي هن پياريءَ مٺي مشڪ سان مونڏانهن نهاريو. اُن وقت
خبر ڪين هئي ته اها سندس پڇاڙيءَ جي مشڪ هئي. رات
جي وقت هن کي ٿوري تڪليف ٿي ٿي، ڊاڪٽر آيو هو،
کيس ٿوري گهوم ۾ وٺي وڃڻ ٿا، ڪلاڪ کن اندر پياري ٻوم ڏام
پڌاري ٿي. شل ٻاپو کيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

٣، ٥، ٦ فيبروري لوناوالا شهاڻي هاليڊي هوم ۾ سادو
واسواڻي مشن پونا طرفان سادنا ڪئمپ جو آيوجن ڪيو ويو.
ان موقعي تي دادا جشن انديش ڪندي چيو ته گيان ڏيان سڀ
ڇڏيا، ٻر جو شرن ورتي ٿو، اُن جو اُڌار ٿئي ٿو. هڪ دفعي
پياري شانتيءَ دادا کان سوال پڇيو "پيارا دادا! ڪو سوالي ۾
سوالو سادن ٻڌايو." دادل شاهه چيو "بالڪي! سورج مکي
گل ڄمان ٿي. سورج مکي گل جو مک سڄو وقت سورج ڏانهن
آهي. صبح جو، منجهند جو، سانجهيءَ جو پنهنجو مک سورج
ڏانهن رکي ٿو. اهڙي طرح ٻي سڄو وقت ٻاپوءَ ڏي نهار. ٻاپو
هر هنڌ حاضر آهي، پنهنجي هٿن ٻيون کان به نزديڪ آهي. اُن
ڪوي اٿئي پهر اُن اڪ جي ياد ۾ نيڻ ڪٽي نهار.

داداجن 'مسئلن کي ڪيئن منهن ڏجي' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏيندي چيو تہ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي جيون جي واڳ پرڀوءَ حوالي ڪريو تہ توهانجي جيون سکيہ ئي ھوندي. ان ڪري ور ور اُچاريو: ”ديا ٻڌو ديانات، ميري ڏوري تيري هاٿ!“

٢٢ جنوري دادا جشن گرمندر شيام نواس ۾ پرووچن ڏنو.
٢٣ جنوري پوڄيہ دادا جشن الهاسنگر ٣ جي مايا هال ۾ اُپديش ڪندي چيو تہ آتمڪ ڌن گڏي ڪرڻ جو يتن ڪريو. ھي بنگلا ماڙيون، ھي دنيا جو ڌنڌو سڀ ھتي ئي ڇڏي ويندا. رشي ياگنولڪيہ ڪيترو ئي سون ڀنڊار پنهنجي پتني ميتريءَ کي ڏيندي چيو تہ تون انهن سان پنهنجي سنڀال لهہ. مان وڃان ٿو آتمڪ خزانو گڏ ڪرڻ. ميتري سياڻي چوي ٿي ”پران پتي! ھي سون ۽ دنيوي ڀنڊار مان ڇا ڪنديس؟ مونکي بہ ڪيہي نام ڌن جو خزانو!“ پيارا ٻانڌو ۽ ڀينرون! توهين بہ پنهنجا ڪم ڪاريون ڪريو، ڏنڌا وهنوار سنڀاليو پر ڀڳوان جو نام نہ وساريو! نام ڌن گڏ ڪندا رھو.

٢٤ جنوري شام جو داداجن نيو ٿائون درٻار ڪار ۾ پروچن ڏنو. ٢٥ جنوري داداجن پونا ۾ واپس آيا.

٣ فيبروري دادي ستي ٿڌاڻيءَ جي پٽ لڇمي ٻگومل ٿڌاڻي ٻلوڪ پڌاري. ميوان ڀومي ۽ سنڌيا جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن پيڻ لڇميءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو تہ پياري لڇمي ننڍڙي بالڪي هئي جو سندس ناتو پياري دادا سان ٿيو. ڪي سال پيارو دادا سندن گهر ستي لاج ۾ رهيو. هن بالڪيءَ پياري دادا جو پيار پاتو. وڏي ٿي امتحان پاس ڪيائين. روهڙيءَ جي ميوان اسڪول لاءِ ماستياڻي ٿي ڪم ڪندي هئي. ٻي ڪاٿہ پيڻ وڃڻ لاءِ تيار ڪين ٿي. پياري لڇمي دادا

ڏنٺي. ان موقعي تي دادا جشن اُپديش ڪندي چيو: ”ڪرتار جي ڪرپا جو ڪڻو به ڪافي آهي. پرڀوءَ جي ڪرپا کان سواءِ انسان بيوس آهي. ان لاءِ پرڀوءَ جي ڪرپا لاءِ ور ور پڪاريو! پڪار ۾ به پياس هجي. پياس واري پڪار پرڀو ٻڌي ٿو.“

٩ مارچ صبوح جو داداجن روح رهاڻ ڪئي ۽ شام جو سمنڊ ڪناري سير ڪرڻ ويا. ١٠ مارچ شري لنڪا جي موراٽُوا يونيورسٽيءَ جي آڊيٽوريم ۾ دادا جشن يونيورسٽيءَ جي ودياردين اڳيان وياکيان ڪندي چيو: ”اوهين نوجوان! توهين دنيا ٺاهي سگهو ٿا. اڄ دنيا ۾ مارا ماري، ڪلڪل ڪليش آهي. اڄ هرڪو طاقت هٿ ڪرڻ لاءِ پاڻ پتوڙي. مان شان هٿ ڪرڻ لاءِ ڪشمڪش آهي. دنيا جي ڌن پدارٿ گڏ ڪرڻ لاءِ ٻڪ آهي. ديا ۽ پيار جو ڀاو گهٽ آهي. اهڙي سڀيتا ختم ٿيڻ گهرجي. هڪ نئين سڀيتا کپي، نئين دنيا کپي. اها نئين دنيا اوهين نوجوان ٺاهي سگهندا. بشرطيڪ اوهان پهرين پاڻ کي ٺاهيو! پاڻ کي اهو ٺاهيندو جيڪو پاڻ تي ضابطو رکندو.

انسان وگيان جي واڌاري دوران ڪٿي نه وڃي پهتو آهي! پر انسان پنهنجي اندرين جو غلام آهي. اوهين آئينده روشن بڻايو، ان لاءِ ضروري آهه ته اوهين پاڻ سان سچا ٿيو ۽ پنهنجي وچارن ۾ روشن رهو. انسان پنهنجو دوست به آهي ته دشمن به آهي. اوهين پنهنجا دوست ٿيو ۽ ٻين جا مددگار ٿيو! ٻين جي پيڙا پنهنجي پيڙا سمجهو. ٻين جو دک دور ڪرڻ لاءِ يتن ڪريو.“

شام جو داداجن هڪ اپاهجن جي سنستا ۾ ويا ۽ انهن اپاهجن کي ٽول ۽ پيار ڏنائون.

١٢ مارچ پوڄيه دادا جشن ڪولمبو مان هانگ ڪانگ روانا ٿيا ۽ رات جو اتي پهتا. اتي داداجن پياري پرڪاش جي

ساڌڪ لاءِ ستسنگ، ساڌنا، سيوا، سمر، سنتوش ضروري
آهن. سنتن جي سنگ مان ئي پرڀوءَ جو رنگ لڳي ٿو. سنتن
ٻاڻيءَ جو اڀياس ڪريو. ساڌنا لاءِ پيار رکو. جيترو ئي سگهي،
اوترو گهٽ ڳالهايو، مٺو ڳالهايو، پيار ۽ نماڻائيءَ جا ٻول ٻوليو.
الپ ٻولڻ، الپ آهار، الپ ننڊ ساڌڪ لاءِ اهي ٽيئي ڳالهيون
فائدي واريون آهن.

٥ فيبروري پرڀات جو ڇهين بجي سيٺي ساڌڪ گڏ ٿيا.
پهرين ڀڄن نام ڪيرتن ڪيو. ان بعد داداجن ڌيان ڪرڻ سيکاريو
۽ ڌيان جي وشيه تي سمجهاڻي ڏيندي چيو ته هاڻي ئي وچ
من ايڪاگر ڪري پرڀوءَ جو ڌيان ڪريو.

٦ مارچ آر. ڪي. اڪيڊمي هال بمبئيءَ ۾ پوجيه دادا
جشن دادل شاهه جي ٻاڻي ’گيتا مٺي‘ جي ٽن ڪئسيٽن جو
مهورت ڪندي چيو ته گيتا مٺيءَ ۾ پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ
جي روح جو آواز آهي، ان ۾ هيرا موتي آهن. هڪ دفعي پياري
دادا هڪ ڳالهه ٻڌائي ته هڪ استري بيمار آهي، سندس پتي
ڏاڍي سيوا ڪري ٿو، پر اوچتو بيماري وڌي ٿي وڃي ۽
ڊاڪٽر جواب ڏنو آهي. پتي دلگير ٿئي ٿو. سامهون هڪ
تصوير ٽنگيل آهي، جنهن جي هيٺان هي اکر لکيل آهن ”دلگير
نه ٿيءُ، مان توڏي وڌيڪ نهاريان. تون مون وٽ آءُ!“ انهن
اکرن ۾ ڪيڏو نه آنند آهي! پرڀو اسان سان آهي. اهي اکر پڙهي
پتي سنتوش ڌارڻ ڪري ٿو. اوهين به هر حال ۾ راضي رهو.
مايوس نه ٿيو.

٧ مارچ سومر صبوح جو پيارو دادا جشن سيلان روانو ٿيو
۽ ڏهين تي ڪولمبو ۾ پهچي ويو. ٨ مارچ صبوح جو داداجن
ٻڌڻ چندران لعلچند جي گهر روح رهاڻ ڪئي. نماشام جو سنڌي
ڪميونٽي هال ۾ شري چترومل هردامالڻيءَ داداجن جي آجيان

ڏٺي آيو آهي، اهو ٻڌايون.

١٧ مارچ شام جو ڪولون جي شيونان هوٽل ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. سنڌي ايسوسيئيشن جي پريزيڊنٽ شري ڪي. سيٺل داداجن جو سواگت ڪيو. پياري دادا جشن آديش ڪندي چيو ته ٻلي ڏنڊا ڏاڙهون واپار ڪريو پر دل ۾ پرڀوءَ لاءِ پياس اُٿاريو. پرڀوءَ کي پائڻ لاءِ هڪ سولو سادو اٿو پياس ۾ پرڀوءَ کي پڪاريو! پريو اوهانکي اوس ملندو. ڪلڪتي ۾ راڻي رسمڻي رهندي هئي. هيءَ پياري وشوناٿ مندر ۾ پوڄا ڪرڻ لاءِ ڪلڪتي مان ٻيڙيءَ دواران ڪاشيءَ رواني ٿئي ٿي. سندس ٻيڙي اٽڪي پوي ٿي. اُن رات ننڊ ۾ کيس سپنو اچي ٿو. سپني ۾ کيس درگا ماتا چوي ٿي ”ڪاشيءَ ۾ وشوناٿ جي مندر سامهون منهنجو مندر ٺهراءِ.“ راڻي جيئن ئي ڪاشيءَ ۾ پهچي ٿي، وشوناٿ مندر ۾ ڀڳوان شنڪر جي پوڄا اپاسنا ڪري، پلاٽ خريد ڪري اُتي شري درگا ماتا جو مندر ٺهرائي ٿي. اُتا راڻي گداڌر کي اُن مندر جي پوڄاريءَ طور مقرر ڪري ٿي. ڪيئن نه سونهن لوڪ روز اُن مندر ۾ شردا سان اچي شري درگا ماتا جي پوڄا ڪن ٿا. پوڄاري گداڌر جي دل ۾ پياس پيدا ٿي ته هو به جيڪر ماتا جو ساکيات درشن ڪري. هي پيارو روز پياس ۾ ماتا کي پڪاري ٿو. هڪ ڏينهن اهڙي ته اڪير اٿي اٿس جو شري درگا ماتا جي مورتيءَ اڳيان ويهي پياس ۾ پڪاري ٿو ”ماں! ماں! هاڻي جي درشن نه ڏيندينءَ ته مان پاڻکي هن تلوار سان پورو ڪندس.“ تلوار هٿڻ ۾ آهي ته ان پلي مان کيس درشن ملي ٿو ۽ بيهوش ٿي وڃي ٿو. ڪن منٽن ڪانپوءِ اٿي ٿو، چوي ٿو ته ماتا درشن ڏنو.

منهنجا پيارا پائرو ۽ ڀينرون! هن ڪرڻ سادن اٿو ڀڳتي. ڀڳتيءَ مان پاڪ، پاڪ مان پريم پيدا ٿئي ٿو. دل اندر اٽڪندا

گهر ۾ رهيا. ١٤ مارچ دادا جشن آهنيش ڪندي چيو ته جيڪي
آهي سو سڀ پرڀوءَ جو آهي. پوءِ جيڪر ڪي ڏئي چاهي نه ڏئي،
هر حالت ۾ راضي رهڻو ئي آهي. گروجن چون ٿا:

"پيهه وسترُ هٿه گوبند ڪي، جنهه ڀاوي تنهه ليهه."

هڪ ماڻهوءَ جي دل هئي ته موٽر وٺان. پر موٽر وٺڻ کان
اڳ گذاري ويو. سندس سنبنڌين موٽر جي تصوير پڻ ئي
ڪڍي سندس مڙهه سان اڳيان رکي. پر جو سرير هوس،
سو ئي هٿ ڇڏي ويو ته باقي اهو پنو ساڻس ڪيئن هلندو.
هي لک ڪروڙ جيڪي ميڙيون ٿا، سي سڀ هٿ ڇڏي ويندا.
اهي دنيوي پدارٿ توهانکي چت شانتي نٿا ڏين. چت شانتي
هڪ وڏو خزانو آهي. اها ملي ٿي تڏهن جڏهن اسين هر حال
۾ راضي رهون ٿا. پياري دادل شاهه هڪ ڏينهن ڳالهه ٻڌائي
ته بغداد ۾ هڪ وڏو واپاري رهندو هو، پر درويشي سڀاءُ وارو
هو. هن پنهنجي جيون ۾ هنن اکرن جي ساکي ڏني، "پيهه
وسترُ هٿه گوبند ڪي، جنهه ڀاوي تنهه ليهه." هڪ ڏينهن سندس
هڪ ڪلارڪ اچي کيس ٻڌايو ته: "ظلم ٿي ويو! مال سان
ڀريل سڀ ٻيڙا ٻڏي ويا!" واپاري اهو ٻڌي مشڪيو ۽ چيائين
"جنهن مالڪ ڏنا، تنهن موٽائي ورتا." انهن ڇني واپاري
پنهنجي ڪم ۾ لڳي ويو. سندس منهن تي ڪابه چنتا جي
ريکا ڪانه هئي. ڪجهه وقت بعد ساڳئي ملازم کيس اچي ٻڌايو
ته خبر آئي آهي ته سائين سڀ ٻيڙا بچي ويا. واپاريءَ ورڪ
مشڪي چيو ته واهه! واهه! "جيڪا ڌڻيءَ جي رضا." اوهين
ٻ جيڪر هر حال ۾ راضي رهو ته اوهانکي چت شانتي ملندي

١٦ مارچ شام جو هلٽن هوٽل ۾ دادا جن انگريزيءَ
وياکيان ڏنو. پارٽ جي ڪمشنر شري سي. وي. رنگنائن چ
ته پيارو سنت جشن واسواڻي ڀارت جي رشين منين جو پيغا

جي مڇين ڦاسائڻ ۾ مشغول هئا. هڪڙي مهاڻي مڇيون ڦاسائي ٽب ۾ وڌيون هيون. مڇيون ٽب ۾ ڦٿڪي رهيون هيون. اهو نظارو ڏسي پياري دادا جشن جي دل ڀرجي آئي. دادا جن هڪدم ئي ٽب جيئرن مڇين جا مهاڻن کان خريد ڪري پوريءَ ۾ رکايا. جڏهن پوري وچ سمنڊ ۾ آئي تڏهن داداجن اهي ئي مڇين جا ٽب سمنڊ ۾ پلٽايا. سون مڇين کي جيئدان مليو! نئون جيون مليو. دادا جشن سمنڊ جو سئر ڪري واپس ڪناري تي آيا ۽ موٽر ۾ چڙهي پياري پرڪاش جي گهر پئي ويا ته موٽر اڳيان هڪ ٻلي پئي لنگهي. ٻليءَ کي بچائڻ لاءِ ڊرائيور بريڪ ڏنو پر ٻلي اُن موٽر هيٺان چيپاڻجي مري وئي. پياري دادا کي ٻليءَ جي درگهٽنا جو صد افسوس ٿيو! گهر اچي ٻليءَ لاءِ پرارٿنا ڪيائون ۽ ان ڪري رات جو ڀوڄن به ڪين ورتائون. سنت سڀني پراڻين کي ڪيڏو نه پيار ڪن ٿا. ٻين جو ڏک پنهنجو ڏک ڪري سمجهن ٿا.

٢٧ مارچ شيرٽن هوٽل ڪولون ۾ دادا جشن پروچن ڏنو.
٢٨ مارچ هوليءَ جو ڏڻهن هو. پنهنجون منو گيت ڳايو ”شيام! تنهنجي درشن لئي ڪيئن جيئان، مان ڪيئن جيئان!“ پياري دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته اهي منهون لڪون ور ور اچاريو. پياس ۾ ڀاوءَ کي پڪاريو، ”سک جي سوغات ڏي سڄڻ.“ سک لوهاڻکي ڇڪي ڀاوءَ سان ملائيندي.

ان ڏماشام جو پياري هري ليلا جي گهر ستسنگ ٿيو، جنهن ۾ داداجن منو اپديش ڏنو. ٣١ مارچ داداجن پروچن ڪندي چيو ته پنهنجي اندر جي اونهائيءَ ۾ وڃو. سنسار کي ڀلائي ڇڏيو. روز اڀياس ڪرڻ سان توهين پرم منزل تي پهچي سگهندا. اسين اندرين جي ٽوڙين ۾ ڦاٿا پيا آهيون. جيئن وڌيڪ وڌيڪ اڀياس ڪنداسون، تيئن اسانجو اندر وڌندو صاف ٿيندو. روز

اُٿاريو ٻُڍيءَ لاءِ. ور ور پڪاريو 'ٻُڍيا! مونکي تون کپين! تون کپين!' هڪ نه هڪ سياڻي ڏينهن توهان کي ساڪيالڪار ٿيندو.

١٨ مارچ صبوح جو پوڄيه دادا جشن اُپديش ڪندي چيو ته گروجن فرمائين ٿا "هئُمه مه دِيرگهه روڳه هئه، دارون ڀِي اس مانهه" 'مان مان' جو مرض ڪيڏو نه وڏو آهه پر اُن روڳه دور ڪرڻ جي دوا به اُن ۾ ئي آهي. رواجي ڪلارڪ به ڪرسيءَ جي مد ۾ آڪڙ سان ڳالهائي ٿو. سونهن وارو پنهنجي سونهن تي مغروري ڪري ٿو. جڏهن سونهن تي ايمان ٿا ڪريون، سا سونهن به گهڻو وقت نٿي هلي. اسانجي هڪ هڪ اِندري ڪيڏ سان پري پيئي آهه! رب ٻُڌُنءِ جو پتلو آهيون! لکو واءِ ويو ساهه! پر تڏهن به ڪيڏو نه اهنڪار آهي. انڪري پنهنجو پاڻ پڇاڙيون، آيو گڏوايون نه ٻُڍيءَ کي پايون. ساڪرات وڏو ودوان ٿي گذريو آهه، مشت ۾ وديا ڏيندو هو. زال ڏاڍو ستائيندي هيس. چوندي هيس ته ڪجهه ڪمائي اچ. پر ساڪرات پنهنجي مستيءَ ۾ پورو هوندو هو. هڪ ڏينهن سندس زال مٿس ڏاڍي ڪاوڙ ڪري ٿي. ساڪرات هيٺ لهي ٿو وڃي. سندس زال وڌيڪ جوش ۾ اچي مٿان گندي پاڻيءَ جو ڏول ڪڍي مٿس اُڇلائي ٿي. ساڪرات پنهنجيءَ جي اها حالت ڏسي ڪاوڙ ڪرڻ تو ڪري پر مشڪندي چوي ٿو، "ٻهراڻ ڳجگوڙ هئي، هاڻ مينهن وسيو." سٽپرڪن پنهنجو آپو مٿائي ڇڏيو آهه. لوهڻ نه آيو گڏوايو لوم سکه پايو. صبر ۽ شڪر جي ساکي ڏيو.

پوڄيه دادا جشن هانگ ڪانگ ۾ روز صبوح جو ڪنهن نه ڪنهن وشيه تي مٺو اُپديش ڏيئي سوڀاڳ ڪندا هئا. ٢٦ مارچ پيارو پرڪاش پياري دادا جشن ۽ سنگت کي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي سمنڊ جو سفر ڪرائڻ وٺي ويو. داداجن اُمت مهاڻن کي ڏٺو

شڪتي گھٽايون ٿا. ڪيترا سال اڳ مان روز صبوح جو اخبار پڙهندو هوس. اخبار ۾ الائي ڇا ڇا لکيل هوندو هو. فلاڻي جو خون ٿيو، فلاڻو چوريءَ ۾ پڪڙيو. مون پاڻ کي سمجهايو ته ان ۾ ڏسڻ جو ڇا؟ ان ڪري اجايون ڳالهيون ٻڌي يا پڙهي املهه سمو برباد نه ڪريو. نام سمرڻ ڪريو.

٣ اپريل هانگ ڪانگ ۾ سينٽ ميران اسڪول جي گولڊن جبلي پياري دادا جشن جي حاضريءَ ۾ ملهائي وئي. شروع ۾ دادا گنگارام ساجنداس ٻڌايو ته ڪيئن نه دادا سادو واسواڻيءَ ميران وديا هلچل شروع ڪئي جنهن دوران هزارين ودياردين جي راه روشن ٿي. هن موقعي تي دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته ڪيئن نه دادل شاه هڪ ننڍي مان ميران اسڪول کوليو. ان اسڪول ۾ هن پيار جو چشمو پيدا ڪيو. ان چشمي مان هزارين شاگردن پاڻي پيتو آهي ۽ اڃا به پيئن پيا.

٤ اپريل تما شام جو دادا جشن هندو مندر ۾ پروچن ڪيو.

٥ اپريل داداجن هانگ ڪانگ جي پريمين کان موڪلائي منيلا روانا ٿيا. منيلا ۾ داداجن پرڪ ڪلان ڪشوءَ جي گهر ۾ رهيا.

٦ اپريل صبوح جو پرڪ ڪلان جي گهر ۾ ستسنگ ٿيو. پوڄيه دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته ستسنگ جي مهما وڏي آهي. پرڀو وسي ٿو ستسنگ ۾. سنت ڪبير چوي ٿو:

مـن ميرا پنڇي ڀيا، اڙ چلا آڪاس،
سرڳ لوڪ خالي پڙا، صاحب سنگت ڪي پاس.

من روپي پکي اڏامي آڪاس ۾ ويو، ڏٺائين ته سرڳ خالي پيو آهي. پڇيائين ته پرڀو ڪٿي؟ جواب مليس پرڀو ته ويو آهي سنگت ۾، ستسنگ ۾. ستسنگ اٿو سرڳ، جتي نام جي مهما ڳائجي ٿي، نام ڪيرتن ٿئي ٿو. اوهين به روز هڪ ڪلاڪ جي ستسنگ ڪيو. ستسنگ مان ٿي اوهانکي رام جو رنگ لڳندو.

پرارٿنا ڪئي، ڌيان ڪيو. مهاتما گانڌي روز رات جو ڌيان ڪري پوءِ سمهندو هو. هڪ ڏينهن ڪيس ڪنهن پڇي گاڏيءَ ۾ چاڙهي وٺي ويا. رات جي وقت مهاتما گانڌيءَ ٿاڪجي ڏاڍو ٿڪل پئي محسوس ڪيو. چيائين پنج منٽ ليٽي، پوءِ اٿي تو ڌيان ۾ ويهان. اهڙو ته ٿڪل هو جو ڪيس گهري ننڊ اچي وئي. اٿيو ته صبوح ڏٺائين. ڪيس ڏاڍو ڏک ٿيو ته ڌيان سان به اٿيو آهيان ۽ بنا پرارٿنا ۽ ڌيان جي سمهيو آهيان. ان ڏينهن هن پاڻکي سزا ڏني. نڪو پوڄن ڪاڌائين نڪو ڪنهن سان ڳالهايائين. سانت ۾ رهيو. اسين به پاڻ سان پڪو ارادو ڪريون ته ايشور جي سمرڻ ڪانسواءِ ڪين سمهنداسين. سيان لي ڳالهه نه رکو. سيان سيان ڪري مري وينداسين! 'جو ڪلهه ڪرڻا هئا سو آج ڪر، جو آج ڪرڻا هئا سو اب ڪر.' نام کي نه وساريو. 'نام کي ڌاري سگهي جيت، نام کي ڌاري ڪند پرهيت.' نام سان نينهن لڳايو، نماڻا ٿيو ۽ ٻين جا مددگار بڻجو ته ايشور توهانجو مددگار بڻبو.'

١٣ مارچ شام جو پرڻ لتا گوبند پاونانيءَ جي گهر منو اپديش ڏنو. ١ اپريل شڪروار ڏينهن شري ايشا جي يادگيريءَ جو ڏينهن هو. پياري دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته 'پرڀو آهه پيار.' شري ايشا به اهو پيغام ڏنو ته هڪ ٻئي کي پيار ڏيو ۽ ڪنهنجا اوگڻ ڪين وچاريو. نما شام جو هلٽن هوٽل ۾ دادا جن 'من جي شانتي ڪيئن حاصل ڪجي' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٤ اپريل دادا جن روح رهاڻ ڪندي چيو ته اسين بنا مطلب جي هر ڳالهه ۾ ٽنگ اڙايون ٿا، انڪري دکي ٿيون ٿا. ان ڪري من کي چئو "پيارا! لهجو چا؟" وڌيڪ پاڻ کان پڇو ته اسانجو اجاين ڳالهين ۾ ڇا وڃي! اسين اجايون سجايون ڳالهيون ٻڌي من جي چنچلتا وڌايون ٿا ۽ روحاني

٦ اپريل پونا ۾ ستسنگ جو پيارو لشڪر شيواڌاري
سردار ستسنگهه درگهيندا جو شڪار ٿيو ۽ پرلوڪ پڌاريو. ٧ اپريل
داداجن پوچڻ ڪندي سردار ستسنگهه شهانيءَ کي پاوڙيءَ
شرڌانجلي ڏيندي چيو ته سردار ستسنگهه کي بابا ڪري سڏيندا
هئاسين. هي پيارو ڪيئن نه دکين دوکين بيمارن ۽ سنگت جي
شيوا ڪندو هو. گرو ماڻهن جو اڀياس ڪندو هو. اساري
دادل شاهه سان سالن کان سندس ليکن جو ناتو هو. پوپو شل
کيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

١٠ اپريل دادل شاهه جو ماهوار لڳيو هو. صبوح جو
هون لڳيو ۽ ستسنگ بعد پيارو دادا جشن ۽ ٻوري سنگت
"سيمت نيوڀسا هوم" ۾ ويا. اتي داداجن پڙن پڙڻ ۽ اپاهجن
کي انڪل ويهه هزار روپين جو اناج، صابڻ ۽ ٻيون شيون
ڏيندي ڪين پنهنجو پيار ڏنو. مديلا ۾ هفتيوار ستسنگ هلندڙ
هو پر دادا جشن جي آمد تي مديلا ۾ رام نام جو ميلو مچي
ويو. پرڀمين ۾ نئون اتساهه پيدا ٿيو.

ست جتي تت پوءِ پاڻ،
ست جتي سو پورڻ جاڻ.

١٣ اپريل صبوح جو پياري دادا جشن روح رهاڻ ڪندي
پرڀمين کان موڪلايو. ڪيترن ئي پرڀمين جي اکين ۾ آنسون
هئا. پياري دادا جشن پنهنجي شڌ آچار ۽ وچارن سان سڀني
کي سڪ جي ڏور ۾ ٻڌو ڪيو. ١٣ اپريل مڇنڊ جو داداجن
مديلا مان جاڪرتا لاءِ روانا ٿيا ۽ سانجهي ڏينهن جاڪرتا ۾ پڌاريا.

١٤ اپريل چيٽي چنڊ ڏينهن جاڪرتا جي سنڌو هال ۾
ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پرنسپال وي. رام ۽ ٻين پرڀمين
دادا جشن جو سواگت ڪيو. پياري دادا جشن اپديش ڪندي
چيو ته اڄوڪي ڏينهن سنڌ ۾ نصرپور ۾ شري اڏيرولعل اوتار

٧ اپريل مينلا ۾ دادا جشن پروچن ڪندي چيو تہ پرڀوءَ کي صدق سان ننيڙيون ننيڙيون پرارٿنائون ڪريو. مينهن پيو پوي، جيڪڏهن ٻالٽي اُبتي ڪري رکندا تہ اُن ۾ برسات جو پاڻي ڪين پوندو، اُهين ئي زيان ٿيندو. پر جي ٻالٽي سڌي ڪري رکندا تہ ان ۾ پاڻي پوندو ويندو. تيئن من کي سڌو ڪري ارداس صدق، سڪ رکي سائينءَ کي ياد ڪريو تہ ايشور اَوس اوهانجي سار لهندو. مهاراشٽر ۾ سنت تڪارام وڏو سنت ٿي گذريو آهي. شواجي مهاراج کي سنت تڪارام لاءِ شردا ۽ پريم هوندو هو. شواجي مهاراج ڪڏهن ڪڏهن سنت تڪارام جي ستسنگ ۾ اچي آنند پراپت ڪندو هو. جاسوسن اها خبر اورنگزيب بادشاهہ کي ڏني. اورنگزيب سنت تڪارام جي آستان تان شواجي مهاراج کي پڪڙڻ جي رٿ رٿي. سنت تڪارام دويہ درشٽيءَ وارو سنت هو. اورنگزيب جي ماڻهن مراد جي ڪيس خبر پئجي وئي. شواجي مهاراج سندس ستسنگ ۾ ويٺو آهي، پريم سان پيو ستسنگ شروڻ ڪري. سنت تڪارام ڀڳوان پانڊورنگ کي پريم سان پرارٿنا ڪئي تہ شواجيءَ جي رکيا ڪجي. اُن وقت هڪ روشني چمڪي ۽ ڏٺائون تہ هڪ ماڻهو شواجيءَ جهڙو گهوڙي تي چڙهي آستان کان ٻاهر نڪتو. گهوڙو ويو ڊوڙندو. اورنگزيب جو لشڪر بہ ويو اُنجي پُٺيان ڊوڙندو. گهوڙي وارو گم ٿي ويو. فوج نراس ٿي واپس وري! شواجي مهاراج تہ ستسنگ ۾ ويٺو رهيو. سندس وار بہ ونگو ڪين ٿيو. سنت تڪارام جي پرارٿنا اڳهامي. اوهين بہ جيڪر روز پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو تہ پرڀو وڪارن کان بچاءَ! ٻهڻدي چون لڳاءِ!

مينلا ۾ دادا جشن روز صبوح ۽ شام پروچن ڪري سڀني پريمين جي سونهن ڪئي.

ٽلسيداس چوي ٿو، باقي رام جي ڪمائي ڪندا رهو. اُها ڪمائي پاڻ سان کڻي هلندا، سنساري ڪمائيءَ جو نه فيصلو ٿي سگهي ٿو. جلال الدين روميءَ جي مثنويءَ ۾ هڪ سندر آکاڻي لکيل آهي. حضرت موسيٰ چوندو هو ته ٻوٽيءَ جي ديگ دائم قائم آهي. هڪ هڪ جو حصو لکيو پيو آهي. هڪ ماڻهوءَ کي اچي خيال ٿيو ته ڏسان حضرت موسيٰ جي چوڻي سچي آهي يا نه. سو ڇا ٿو ڪري؟ هڪ پهاڙ تي چڙهي ٿو وڃي. اُن پهاڙ جي وچ ۾ هڪ ماڙي آهي، جنهن کي انسان مشڪل سان ڏسڻ ۾ ايندو هو. هي ماڻهو اُن ماڙيءَ ۾ وڃي ٿو رهي ۽ چوي ٿو: "ڏسان هن مونکي ڪير ٿو کاڌو پهچائي؟" ٻه ٽي ڏينهن گذري ويا. اوچتو هڪ عربستان کان آيل قافلو رستو ڀلجي اچي اُن ماڙيءَ ۾ پهتو آهي. ماڻهو قافلي کي ڏسي ڊگهو ٿي سمهي ٿو پوي. قافلي وارا پري کان ڏسن ٿا ته هڪ ماڻهو ليٽيو پيو آهي، شايد مري ويو آهي! نزديڪ اچي ڏسن ٿا ته اُن ماڻهوءَ جو ساس پيو هلي. سمجهن ٿا ته بکايل آهي، اُن ڪري اهڙي حالت ۾ اٿس. پاڻ سان جا ماني آندي هئائون، تنهن مان هڪ ماني ڪڍي هن جي وات ۾ وڌائون. هن جاڙي واڪي ولي پنهنجا ڏند ڀيڙيا. قافلي وارن سمجهيو ته ڏندڻ پيا اٿس. سو ڇا ڪيائون، جو مانيءَ کي ڀوري چوڙو ٺاهيائون ۽ جيڪا ڀاڄي آندي هئائون، تنهن منجهان رس ڪڍي اُن ۾ چوڙو وجهي زوريءَ وات ۾ وڌائونس. تنهن اهو ماڻهو اُٿي ڪري ٿو نچي ۽ چوائي ٿو ته مون حضرت موسيٰ جي وچن جي پرکيا تي ورتي. هو سچ آهه ته الله هڪ هڪ کي کارائي ٿو.

ليري روزي لکيو پونديءَ تو دل وچ ڪر آرام،
داني داني پهه لکا هئه اس کاني والي کا نام.

وٺي آيو هندو ڌرم جي رکشا واسطي. اوهين ڀلي وديش ۾ رهو، پر هندو ڌرم، هندو سڀيتا کي نه وساريو. ڀارت جي رشين منين جو سنديش هينڊايو. سنڌي جاتي زنده رهندي، جيڪڏهن توهين سنڌي ٻوليءَ کي زنده رکندا. پنهنجن گهرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهايو.

١٥ اپريل صبوح جو داداجن روح رهاڻ ڪئي ۽ نماشام جو هندو مندر ۾ منو اپديش ڏنائون. ١٦ اپريل داداجن 'ڪروڌ' جي وشيه تي پروچن ڪندي چيو:

ڪروڌ بڙا دکدائي، پهلي آگ من کو لگي پاڇي اؤر جلائي،
جو جو اوگڻ انتر هووي، سو سو پرگهٽ بتائي.

ڪروڌ منش جو وڏو ويري آهي. پهرين ته ڪروڌ ڪندڙ پاڻ کي جلائي ٿو. ڪيس مانسڪ شاريرڪ نقصان ٿئي ٿو. ڪروڌ ڪرڻ ڪري سندس مانسڪ اوگڻ ظاهر ٿين ٿا. انڪري ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو.

١٨ اپريل پيارو ڀڳوان چڳاڻي پياري دادا جشن ۽ سنگت کي سورباپا وٺي ويو. داداجن ڏهه ڏينهن سورباپا ۾ سنگت جو رنگ لڳايو. روز صبوح جو داداجن پياري ديوڪا ڀڳوان چڳاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪندي امرت پيارينندا هئا. ٢٠ اپريل ايلمي هوٽل ۾ پياري دادا جشن 'زندگيءَ جي مسئلن کي ڪيئن منهن ڏجي' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٨ اپريل داداجن گرپرساد گهر ۾ پروچن ڪندي چيو ته سنت تلسيداس چوي ٿو:

پري پتائي بن رهي، اب ڪڇ پتي ناهه،
تلسي الپا جان ڪر، مکهن رهو من مانهه.

جيڪي ٿيڻو آهه سو اڳيئي رليو پيو آهه. ڀسمه جي ڪپل ۾ هرهڪ کي پنهنجو پارٽ ڪرڻو ئي پوي ٿو. سنت

۴ مئي پيارو دادا جشن سينگاپور ۾ ملهايو. اهو پياري روپچند چگاڻيءَ جي گهر ۾ رهيو. ٦ مئي صبوح جو دادا روح رهاڻ ڪندي سنڌ سکيائون ڏنيون. نماشام جو سنڌو هائوس ۾ ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. شري روپچند داداجن جو سواگت ڪيو. داداجن اپديش ڪندي چيو ته آسيس ڪريو ته سنتن جي چائنٺ تي قبول پوان. توهانجي تڙپ پوري ڪرڻ تي همت آيو آهيان. توهين همت نه نيم ستسنگ ڪريو، توهانجي جيون نئين ٿي پوندي.

ڪيترا سال ٿيا، ڪراچيءَ ۾ هڪ ڀيڻ مونکي ملي، چيائين، "ڏاڍي دل اٿم ته ستسنگ ۾ اچان ۽ اچي پياري دادا جا چرن چميان، پر وڏڙو ڌيءَ اٿم، تنهنکي اڪيلو ڪيئن ڇڏي اچان؟ دعا ڪر ته شادي ٿئيس، پوءِ مان آزاد ٿي اچي ستسنگ ڪمايان." ڪن مهينن کانپوءِ وري هيءَ ڀيڻ مونکي ملي. چيائين، "ڌيءَ جي شادي ٿي وئي، هاڻي گرڀونتي آهه. مون وٽ اچي رهي آهه. آسيس ڪر ته ٻڙو ڄمي پوءِ اچي ستسنگ ڪمايان." مهنا گذريا، وري مونکي اها ڀيڻ ملي، چيائين "ٻڙو ڄائو اٿس پر ان جي پالڻ پوشڻ ۾ گهڻو وقت لڳي ٿو. واندي ٿيان ته ضرور ستسنگ ۾ ايندس." مون چيومانس، "امي، جي واندي ٿيڻ لاءِ ترسندينءَ ته اهو وقت ڪڏهن ڪين ايندو. تون ستسنگ ۾ اچ. گهڻا لڳن پيا، ڪنهن وقت به ڪال جو سڏ اچي." چيائين، "پٽ! تو ڳوڙوني گرهست ڪمايو آهه، توکي ڪهڙي خبر ته گرهستيءَ ۾ ڪيڏي جوابداري آهه!" ٿورا ڏينهن گذريا ته رستي تان لنگهندي هڪ ميڙ ڏٺم. اڳتي وڌي ويس، ڏٺم هڪ ڀيڻ جو لاش پيو آهه، جنهنکي هڪ ٽرڪ لتاڙي وئي هئي. اها ڀيڻ هئي پياري امي، جا ور ور چوندي هئي ته واندي ٿيان ته پوءِ ستسنگ ۾

سو بابا جي پوئين ڏان موڪلائيندي دادا جشن کين
صلاح ڏني ته هت سنڌين جو ڪو اسڪول ڪين آهي. انگريزي
سنڌي ٻارن کي سنڌي سيکارڻ جي ڄاڻ ڪين آهي. توهين جيڪر
هفتيوار وڃا مندر کوليو جت توهان جا ٻار گڏ ٿين، اُت کين
سنڌي ٻولي سيکاريو، ڀارت جي اوچ سڀيتا جي کين ڄاڻ
ڏيو. ڀارت جي سنتن مهاتمائن ويرن جا چرتر کين ٻڌايو.

سو بابا جي پوئين جي پياس ۽ اُڪنڊا ڏسي دادا جن
اُتي هفتيوار ستسنگ جو مرڪز کوليو. ١ مئي سنڌيا جو دادا جن
جاڪرتا ۾ واپس وريا. ٢ مئي صبوح جو دادا جن پيٽ ڪوڙا
ڏيالداس چگاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ٣ مئي صبوح جو
پيارو دادا جشن گانڌي ميموريل اسڪول ۾ پڌاريو. پرنسيپال
وي. رام دادا جن جو سواگت ڪيو. دادا جن وديارٿين ۽ اڌياپڪن
اڳيان پرڀوڪتادائڪ وچار ظاهر ڪيا. اُتان دادا جن پيٽ ديوي
گوپالداس جي گهر آيا جت ”گانڌي پورنما گروپ“ گڏ ٿي.
اُتي ان گروپ ڀڄن ڪي گهرايو. دادا جن ڀڄن سان ٿورن سان
مليا. کين ٿول ڪاراپائون ۽ آسيس ڏنائون. شام جو شري
ڏيالداس جي گهر ستسنگ ٿيو، اُت دادا جشن اُپديش ڪندي
چيو ته اڄ ٻاڻ سان سنت تلسيداس جو سنديش ڪٿي وڃو.
سنت تلسيداس چوي ٿو:

تلسي اِس جڳ ۾ آڪر، ڪر ليجي دو ڪام،
ديني ڪو ٽڪرا ڀلا، ليني ڪو هر نام.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! مک سان رام جپيو
۽ هٿن سان پرُاپڪار جا ڪم ڪريو، دکين بکين کي کارايو،
بکين پسن جي سار لهو. پنهنجو پيٽ ته هرڪو پالي ٿو. ان
مان ڪهڙو فيض! ٻين جي سيوا ڪريو. جيون ۾ سيوا ۽ سنوا
جي ساکي ڏيئي مانش جنم سڦل ڪريو.

۾ ٻه واهه واهه! اهو منتر جي ياد ڪرڻ ۽ اسانجو ٻوجهو ڪيترو نه هلڪو ٿي ٿيو. ان ڪري هر حال ۾ ٻاٻوءَ جا شڪرانا مڃيون.

٨ مئي ٻنڊ جولي ميرچنداڻيءَ سنڌو هائوس ۾ 'دادا درشن' جو آيوجن ڪيو. پياري دادا جشن 'دادا درشن' جو مهورت ڪندي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جيون جون ڪيترين پريرڻادائڪ گهٽنائون ٻڌايون. ٩ مئي دادا جشن روح رهاڻ ڪئي. ١٠ مئي داداجن سينگاپور ڪانفرنس هال ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.

١٢ مئي سينگاپور ۾ پوڄيه دادا جشن پيرن جي خاص ميز ۾ وياکيان ڪندي چيو ته استري جاتي ٿي انتيءَ جي راهه ڏاکن وٺي هلندي. پياري دادل شاهه جو ٻه اهو عقيدو هو ته استري جاتيءَ جي پرشارٿ سان گهر سندر ٻڻجن ٿا. استري جڏهن ماتا ٻڻجي ٿي ته پنهنجن ٻارن جي دلين ۾ سٺن سنسڪارن جا ٻج ڇٽي سگهي ٿي. دادل شاهه جي استري جاتيءَ ۾ اميد هئي. ماتا جي آسيس ڪيئن نه جيون کي اڏي ٿي. شواجي مهاراج لي ٻه سندس ماتا جيجا ٻائيءَ جي سکيائن جو وڏو پرڀاءُ ٻيو. منهنجيون پياريون ڀيڻون! توهين ٿي گهرن کي سورڳ ٻڻائي سگهو ٿيون. جس پتي پتنيءَ جو پيار آهه ۽ ڪڏهن ٻه تڪرار نٿا ڪن، سو گهر سورڳ سمان آهه. انڊي ملڪ ۾ هڪ ٻهاڪو آهه ته جڏهن شاديءَ ۾ سلوڪ، سهمت ۽ پيار آهه سا شادي ڄڻڪ سورڳ آهه ٻو جڏهن شاديءَ ۾ پتي پتنيءَ جو ٻاڻ تڪرار، رنجش ۽ سهمت نه آهن، سا شادي نرڪ ٻرابر آهه.

هڪ جوڙي پنهنجي وواهه جي سورڻ جينتي ملهائڻ لاءِ دوستن مترن کي ڪوٺ ڪئي. ٻئي ڏاڍو خوش ٿي لڳا. سڀني مترن چيو ته توهانجي خوش رهڻ جي ڪهڙي ڳجهارت

آئيندي پس.

پيارا! هينئر تي نام ڪمائڻ شروع ڪريو. خبر ئي ڪونهي ته ڪنهن وقت ٿو ڪال جو سڏ اچي. پيارو دادا پنهنجي باڻيءَ ۾ چوي ٿو:

قلعا ڪوٽ هي سڀ ته ٿي ويندا خاڪ،
بدا نام ڪوئي، نه ڪڏهن ٿيو پاڪ.
هي مانک جنم پياري! ڪريو سڄايو،
ڪئو پيا ڪريو ڏن، اوهين سڀ اجايو.

۷ مئي پوڄه دادا جڏهن روح رهاڻ ڪندي چيو ته شري ڳرو ارجن ديو جن فرمائين ٿا:

'جو ڪڇ ڪرڻ سو پلو ڪر جان، پولا ڪاهي ڦرڻ اجان'

ٻارڻو جيڪي ڪري ٿو تنهن ۾ جيءَ جو پلو آهي، ڪلياڻ آهي. پر مدش اجاڻ، اجايو پيو هيڏانهن هوڏانهن ڀٽڪي. رب جي رضا تي راضي رهڻ گهرجي. اسانکي ڪو دک اچي ته هڪدم گهٻرائجي وڃون، ائين نه ڪريو. هڪ ڀيري هڪ ستسنگ ۾ ڪاڪڙين جي ڳوڻ کڻي آيو. ستسنگ کان پوءِ اهي ڪاڪڙيون پرساد ڪري ورهايون ويئون. ڪاڪڙين جي جنس ڪا ڪوڙي هئي، سو جيئن هڪ هڪ پيو کائي ته ٿڪاروڻ ڇڪ هڻي ڦٽي ڪري پيو ڇڏي. پر درويش موج سان ڪاڪڙي پئي کائي. تڏهن شش پڇيو "سائين! توهانجي ڪاڪڙي ڪوڙي ڪونهي ڇا؟ اسانجون ڪاڪڙيون ته ڏاڍيون ڪوڙيون هيون." درويش مشڪي چيو "پيارا! روز ستسنگ ۾ مٺايون ملنديون آهن ۽ اهي کائي وڃيون آهن، پوءِ جي اڄ ڪوڙي ڪاڪڙي ملي ته ضرور کائجي. ايئن جي پرڀوءِ ولان ڏک سک ملن ۽ هڪ ڏينهو ڏک ملي ته پوءِ هاءِ! هاءِ! ڇا جي؟ هر حالت ۾ سائينءَ جا شڪرانا مڃيون! واڌي ۾ ۽ واهه واهه! ته ڏهاڻي

سٺي ٻوڪ ٽوڪيو. لکيون ڇوڙيون ڪري لک ڪروڙ ميڙيون ٿا ٻر هڪ ٻاٿي ٻه ساڻ تتا ڪٽي سگهون. اسين نه صرف ٻين کي ٺڳيون ٿا ٻر ٻاڻ کي به ٺڳيون ٿا. هڪ ڪمپنيءَ ۾ هڪ ماڻهو نوڪري ڪندو هو. ڪمس رٿاٻر ڪرڻو هو. اُن ڪان اڳ ڪمپنيءَ جي مالڪ چيس ته ڦلاڻي موٽر جي جيڪر چڱيءَ طرح مرامت ڪرائين. هي ماڻهو موٽر ڪٽي ويو ٿو ۽ موٽر ٺاهيندڙ کي چوي ٿو ته هيءَ موٽر چڱيءَ طرح ٺاهي ڏي. ٻر ٻڌ، جيڪي به ٻارٽس وجهين يا رنگ هڻين تنهن ۾ ملاوٽ ڪج. ڪم سادو ڪج، ٻر بل وڏو ڪڍج. ٻوءِ اُن بل جو ڪجهه حصو ٽوکي به ڏيندس. ٽورن ڏيڻهن ۾ موٽر تيار ٿي اچي ٿي. هاڻ هن ماڻهوءَ کي ڪمپنيءَ جو مالڪ وڏي ٻارٽي ڏئي ٿو. ٻارٽيءَ جي ٻڇاڙيءَ ۾ هي مالڪ اُٿي چوي ٿو ته هن ماڻهوءَ مون وٽ تمام سٺيءَ طرح ڪم ڪيو آهي ۽ مان ڪمس ٻڇاڙيءَ ۾ هيءَ موٽر سوغات طور ڏيان ٿو. هن ماڻهوءَ اهو ٻڌو ته دل ۾ ٻڇتاءُ ڪيائين. چيائين، مون ٻاڻ سان ٺڳي ڪئي. جيڪي ٻوکيندا سين سوئي لڻيندا سون. ڪنهن کي به ٺڳڻ جي ڪوشش نه ڪريو. سڀني سان سچ جو وهنوار ڪريو. ان ۾ اوهان جو ڀلو آهي.

٢٢ مئي ٽماشام جو دادا جشن ڀيدانگ جي رام ڪرشن هال ۾ انگريزيءَ ۾ ٻاڪيان ڏنو. ٢٣ مئي سنڌيا جو دادا جن ميران موليءَ جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو ته صبر ۽ شڪر ۾ رهو. جيڪي اوهان کي ٻرڀوءِ ڏنو آهه سو وٺجي ورهائي کائو. هڪ فقير هوندو هو، رات جي وقت جڏهن ملندو هوس، سو ڪنهن نه ڪنهن سان وٺجي ورهائي کائيندو هو. ٻر هن ڏڏيل فقير وٽ ڪوڙ اڇڻ نه چاهيندو هو. هي فقير جڏهن ملندو هوس اُن مهجهان هڪ حصو ڪتي کي کارائيندو هو ۽

آهه؟ اُن جوڙي چيو تہ اسان ٻنهين اڪوار ڪان ٿي ٻالڪي ٻوڙي رکيو آهه. ڪڏهن بہ ڳالهہ ۾ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهيون. اوهان بہ هڪ ٻئي کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو. مان ڪيترن سان مليو آهيان، جن جي ٻنهين ذهن ڪان ٻاڻ ۾ ڪٽ پٽ هلندي پيئي اچي ۽ سکن پداڻن هوندي بہ ذاتيو دکي ٿا گذارين. انهين نہ ڪريو. ٻاڻ بہ ٻڌيوءَ کي ياد ڪريو ۽ ٻارن ۾ بہ اُهم سنسڪار وجهو.

١٦ مئي دادي شانتيءَ جي مهاپرٿ جو ڏينهن هو. شري ٿوري گرنٿ ۽ ٻين شاسترن جي پاٺ بعد دادا جشن پياري شانتيءَ کي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي ۽ پوءِ سنگت سان گڏجي اپاهج گهر ۾ ويا. دادا جشن اپاهجن سان ڏاڍي قرب ۾ مليو. کين آئيسڪريم ۽ پيو ٽول ڏنائين. نماشام جو سنڌو هائوس ۾ خاص نديي نهيءَ وارن پياري دادا کان ڪي سوال پڇيا ۽ داداجن کين انڙ جواب ڏئي سندن سونهپ ڪئي. ڪن سوال پڇيو تہ هندو ڌرم سٺو يا ڪرشچن ڌرم سٺو. دادا جشن اِن سوال جو جواب ڏيندي چيو تہ اوهين پنهنجي هندو ڌرم تي قائم رهو، ٻين ڌرمن سان ڀيد ڀاءُ نہ رکو. سڀ سچپرڪ اِڪ ئي راهہ ٻتائين ٿا، جنهن ڌرم ۾ اوهانجو جنم ٿيو آهه اُن سان ٻڌاڙيءَ ٿا ٿين نباهيو. ١٧ مئي صبوح جو داداجن روح رهاڻ ڪئي ۽ نماشام جو سنڌو هائوس ۾ اُپديش ڪندي سوامي ليلاشاهہ جي جيون تي روشني وڌائون.

٢٠ مئي دادا جشن سينگاپور مان پينانگ روانا ٿيا. پينانگ هوائي اڏي تي پياري اچمٽداس واسواڻيءَ ۽ ٻين داداجن جو سواگت ڪيو. ٢٠ مئي داداجن پياري لعل هاسارام جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو تہ اسان مان هڪ هڪ پوڪ ڪرڻ آيو آهه. جهڙي پوڪ پوکيندا سين اهڙي لڻندا سين. انڪري

سنديش، وچ ۾ ٿي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٧ مئي سينگاپور جي سنڌو منڊر ۾ ستسنگ ٿيو. اتي دادا جشن روح رهاڻ ڪندي ڪيترن جي شنڪائن جو سماڌان ڪيو. هڪ نوجوان دادا جشن کان پڇيو ته هندو ڌرم سٺو يا ڪرستان؟ ڪرستان هڪ ايشا کي مڃين ٿا ۽ هندو ڪيترن ديو ديوتائن کي مڃين ٿا. ڪهڙو ڌرم سٺو؟

دادا جشن ان سوال جو جواب ڏيندي چيو ته سٺو اهو آهي ته جيڪو جنهن ڌرم ۾ پيدا ٿيو هجي سو ڌرم اختيار ڪري. سڀ ڌرم، سڀ سنت پير فقير اڪ ئي راهه ٻڌائي رهيا آهن. انهن سنتن جي سکيا پنهنجي جيون ۾ گرهڻ ڪريو. باغ ۾ صرف گلابي گل هجن ته اهڙي سونهن نه ٿيندي. ڪن کي گلابي گل وڻندا ته ڪن کي موتيو چنبيلي. اڪ اڪ ڌرم انسان کي اڪ منزل مقصد تي پهچائيندو. باقي مان وري به اهين چوندس ته جيڪو جنهن ڌرم ۾ پيدا ٿيو آهي، سو اهوئي ڌرم اختيار ڪري. سچل سائين هڪ وڏو درويش ٿي گذريو آهي. ان وقت هڪ ڏينهن ڪي ملان اچن ٿا ۽ چون ٿا ”سائين! سڀاڻي ڪن هندن کي مسلمان مذهب ۾ آڻيندا سين. توهين به جيڪر ان اُتسو ۾ شرڪ ٿيو.“ سچل سائينءَ آکيو: ”جڏهن ڪنهن مسلمان کي سچو مسلمان بڻايو اڏهن مونکي ڪوٺ ڪجو ته اچي شامل ٿيندس.“ سمجهڪري پيارا! سچو ڌرم اهو سمجهي هاڻ، سچو جيون رهڻ. ڀڳوان شري ڪرشن به چئي ٿو ته سو ڌرم جو پالن ڪريو.

٢٧ مئي بوجھ دادا جشن سينگاپور ۾ پياري چندرو پنڊرائيءَ جي بنگلي جو مهورت ڪندي چيو ته اهو وڻجارا! ڪوڙا سگل پسارا. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيارئون پيروون! هن دنيا ۾ رهو، پنهنجا ڏنڌا ڌاڙيون، ڪم ڪاريون ڪريو، پر

پوءِ ٻاهر ڪڍندو هو. ڀڳوانداس ائين ڇو ٿو ڪرين؟ ڇوري تو ائين جنم ۾ ڪجهه دان پن نه ڪيو. ان ڪري هن جنم ۾ جيڪي اتم سو ونڊي ورهائي ٿو ڪان ته من ايندي جنم ۾ سکي رهان.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پيارئون ڀينرون! اوهانکي به ايئن جيڪي ڏنو آهي سو ونڊي ورهائي کائو، پنهنجي سار لهو.

٢٤ مئي صبوح جو پيارو لعل داداجن کي ٽڪريءَ تي ستر ڪرائڻ وٺي ويو. اسان به داداجن روحاني گفتگو ڪئي ۽ تماشام جو ڪرشن مندر ۾ منو اپديش ڏنائون. ٢٥ مئي دادا جشن ليڊانگر جي ٻراهمڻ کان موڪلائي وري سينگاپور ۾ آيو. هوائي جهاز مان لهڻ بعد دادا اپاهجن جي گهر ۾ ويو. اسان دادا اپاهجن کي انب ۽ آئسڪريم کارائي، ڪين پيار ڏنا.

٢٦ مئي صبوح جو پوڄم دادا جشن شري ٽيڪمداس جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو ته دنيا توهانکي روحاني راهه ۾ اڳتي وٺي هلندي. دنياوان هڪ هڪ ۾ پنهنجي آتم جو روپ پسي ٿو. اوديا وارو پيد پاڻ جي بدن ۾ بدل رهي ٿو ۽ ڪيترا نه پاپ ڪري ٿو. دنيا ئي ڌرم جو بنياد آهي. اڄ دنيا جي اوتار سنت گرو نانڪ جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي، اجوڪي ڏينهن سندس جنم ٿيو. ڪيئن نه هن سنسار کي اشٽ مارگ جو رستو ٻڌائي مارگ درشن ڪيو. گرو نانڪ سڪيا ڏني ته جيون پوتر رکو. ڪنهن کي به دک نه رسايو ۽ نرڙمت ۾ هلو. گرونانڪ دنيا ۽ اهنسا جو سنديش ڏيئي خونريزي بند ڪرائي. اڄ ساري دنيا کي گرونانڪ جي سڌانتن تي هلڻ جي تمام گهڻي ضرورت آهي. هڪ هڪ ملڪ ۾ ڪنڊي نه هنسا لڳي پئي آهي. وشو شانتيءَ لاءِ اهنسا ئي هڪ اُتم سادن آهي.

شام جو ٻن ڀڳوان جي مندر ۾ داداجن شري گرونانڪ جو

اُنهن ۾ موچ مصالح گڏي الائي ڇا جو ڇا چوندا! ڳالهيون ڪندا وڃن! هڪ سٽپوڪ پنهنجي پيارن کي چيو ته سياري جي سيءَ ۾ توهين ڪيترن جا بلئنڪيٽ ٿا لاهيو. ويچارا شش وائڙا ٿي وڃن ٿا. هڪ ٻئي ڏي پيا نهارين ته اهو ڪم ڪنهن ڪيو آهه! ليمڪ سٽپوڪ کي چون ٿا ته سائين! اهو ڪم اسان نه ڪيو آهه. سٽپوڪ کين سمجهائي ٿو ته جو ٻين جا عيب کولي ٿو، سو ٻين جا بلئنڪيٽ لاهي ٿو. ٻين کي ڏيکيندا ته ٻيو توهان کي ڏيکيندو. متان ڪنهن کي به رنجايو!

۲۹ مئي داداجن سينگاپور جي ڀائرن کان موڪلائي ڪولمبي ۾ پڌاريا. اُتي داداجن چار ڏينهن جدا جدا آستانن تي ٻُوڇن ڏنا. ۲ جون رات جو بمبئيءَ واپس آيا. ۳ جون شام جو بمبئيءَ مان پونا ۾ پڌاريا. پياسي دليون پياري دادا جشن جي درشن لاءِ انتظار ڪري رهيون هيون. دادا جو درشن ڪري سڀ باغ بهار ٿيا.

۱ جولاءِ پيارو دادا جشن بمبئيءَ ۾ پڌاريو. تنهن شام جو ڪر مددو شيام نواس ۾ داداجن اُپديش ڏنو. ۳ جولاءِ آر. ڪي. انڪيڊميءَ ۾ ٿوري سٽسنگ جو نيهون سالگرهه ملهايو ويو. جنهن پياري دادا جشن وياکيان ڪندي چيو ته هن سال ميران اسڪول جي گولڊن جبلي ملهائي پئي وڃي. جيڪو اوهين بمبئيءَ ۾ ميران اسڪول پيا ڪريو، جنهن ۾ پياري دادل شاهه جي آدرشن ۽ سدائنن جي پيروي ڪئي وڃي. ۴ جولاءِ شام جو ڪي. سي. ڪاليج ۾ داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ۷ جولاءِ صبوح جو داداجن سنگت سميت ٻڙودا روانا ٿيا.

ٻڙودا ۾ چار ڏينهن داداجن جدا جدا هنڌن تي امرت ورکا ڪئي. ۱۲ جولاءِ احمدآباد روانا ٿيا. صبوح جو ۱۰ بجي داداجن احمدآباد ۾ پهتا. داداجن سردار نانڪ سنگهه جي ننڍين

ٻڪلا ماڻهون ٿورائو، ٻر روز پاڻ کي يادگيري ڏياريو ته هي سڀ چنڊُو آهي، فقط نام جو خزانو ساڻ ڪٽڻو آهه. هي سڀ انيه پدارٿ آهن، نام پدارٿ ئي سچو پدارٿ آهي. انڪري نام کي نه وساريو. هر وقت اُن جي يادگيري رکو. راجا جنڪ مهلات ۾ رهيو پر پرهمگياني هو، سمجهيائين ته هي سڀ پدارٿ ٿوري وقت لئه آهن. ونس هڪ سنياسي اچي ٿو، راجا دربار ۾ ويٺو آهه. اوچتو واڪو ٿئي ٿو ته باهه لڳي آهه، مهلات جي خزاني کي باهه لڳي آهه. سنياسي ڊوڙي وڃي ٿو، چو ته اُن پاسي پنهنجي لنگوٽي ٿوني وڌي هئائين، خيال ليس متان اها جلي نه وڃي. موٽي آيو، ڏٺائين ته راجا جنڪ اڏول ويٺو آهه. راجا کان پڇيائين "راجن! مهلات کي باهه لڳي آهه، توهين اڏول ٿي ويٺا آهيو؟" راجا چيو "پيارا! جيڪي منهنجو آهه، سوئي مونکي ملندو. پوءِ چنتا ڇاجي ڪريان؟" سنياسي عجب ۾ پئجي ويو. اوهين به سنسار ۾ ائين رهو.

٢٨ مئي صبوح جو پوڄه دادا جشن روح رهاڻ ڪندي چيو ته هڪ هڪ جيءُ ۾ ڪو نه ڪو اوگڻ آهه، انڪري ور ور پريوءَ کي پرارٿنا ڪريون:

سترُ ڪر ستار، اُنءَ اُگهاڙي آهيان،
پڪين پڪٽهار، ڏئي پانڌ پناهه جو.

پريا! تون پوشيده آهين، اسانجي عيبن کي نه اگهاڙ. پوراڻ ٿي پنهنجي پناهه جو پانڌ ڏئي اسانکي ڍڪج. سنت تلسيداس به چوي ٿو "جڙ چيتن گڻ دوش مه" پريوءَ کانسواءِ ڪوبه پاپوڙڻ ڪين آهي.

پنهنجن عيبن جو ويچار ڪري انهن کي دور ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. ٻين جا عيب نه ڏسو. نه انهن جو ويچار ڪريو. ڏٺو ويو آهه ته ڪيترا ڪنهن جي ڳالهه ٻڌن ته وري

ٻڌايو تہ هو ڇوڪرو ڪٿ ۾ ڪري پيو ۽ مري ويو. جڏهن جڏهن وقت، جڏهن آسٿان، جڏهن نموني موت ڏٺو آهي، اونهين اوس ٿيندو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ پياريون ڀينرون! انڪري موت سان مترتا جو ناتو رکو. دنيا ۾ رهو، پنهنجا فرض پالن ڪريو، ڌنڌا ڌاڙيون وهنوار سڀ ڪريو. ڌن ڪمايو، پر ياد رکو تہ هن سنسار ۾ پانڌي آهيون. موت سان مترتا رکندا تہ اُن وقت غمگين نہ ٿيندا. رشين چيو آهہ تہ موت جو ڌيان ڪريو، ان لاءِ روز روز تياري ڪندا رهو. ٻڍاپي جي يادگيري دلين اندر رکو ۽ ٻڍاپي جي ڪرڻيءَ لاءِ راضي رهو. جيترو ٿي سگهي اوترو ٻين جي مدد ڪريو.

۲۴ جولاءِ گرو پورڻما جي پوتر ڏينهن پياري دادا جشن پروچن ڪندي چيو تہ سچو گرو سو، جنهنجو ناتو آهي روحاني دنيا سان. گرو پنهنجي شش کي نئين جيون ۾ اڏرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. پنهنجي شش جي دل اندر آتم ڏارا جي آتش جاڳائي ٿو، تان جو شش پنهنجي گروءَ جو روپ ٿي پوي ٿو ۽ گروءَ وانگر شش بہ روحاني جيون ۾ چمڪي ٿو. سچو شش گروءَ جي آگيا ۾ هلي ٿو، پنهنجو من نرمل، پوتر رکي ٿو. هو مايا جي اثر کان ٻاهر آهي. هو دنيا جي ناسونت پدارٿن کان منهن موڙي ٿو. هنجي اندر مڪتي پائڻ لاءِ اونهي اڪير رهي ٿي. هي پيارو ٻين جي ڀلي ۾ پنهنجي جيون خرچ ڪري ٿو ۽ گروءَ جي شيوا ڪرڻ ۾ ٿڪجي ڪين ٿو. هي پيارو گروءَ جي شيوا ڪري ٿو، نہ فقط پنهنجي تن سان، پر من سان، آچار ۽ وچار سان!

۲۷ جولاءِ کان مٿران اسڪولن پياري دادا جشن جو جنمدن اُتسو ملهايو. اسڪول جي ودياريٿين پياري دادا جشن جي جيون جون جهلڪيون منچ تي پيش ڪيون ۽ [illegible]

فئڪٽري ’انجلي ٽيڪسٽائيل‘ جو مهورت ڪيو ۽ پوءِ گانڌيگر ۾ شري ساڌواڻيءَ جي گهر ۾ آيا. ١٣ جولاءِ دادا جن ساڌو واسواڻي مشن احمدآباد جي ڪاريه ڪرتائن سان ڳالهائيندي سندن شڪرگذاري مڃيندي چيو ته سچو خزانو اوهانجا ٻار. ڀل ڌن دولت ڪٺي ڪريو، جايون ٺهرايو، پر پنهنجن ٻارن جي سنڀال ضرور لهو، ڇو ته اوهان جا ٻار آئينده جي اميد آهن، انهن جي ڪچڙن نرمل دلين تي سٺن سنسڪارن جا ٻج ڇٽيو. وديا سان گڏ انهن جي چرتر جو خيال رکو.

١٥ جولاءِ گجر هال ۾ دادا جن ’موت ڇا آهي‘ وشيه تي ڀاشڻ ڪندي چيو ته اسانجي جيءَ جا جيترا ڪاڏي ٿا وڃن؟ ڪم ۾ ڪم ٿي ٿا وڃن. هيءَ دنيا هڪ مسافرخانو آهي، ڪوئي ته رهيو، ڪوئي نه رهندو. اسان مان هڪ هڪ کي هلڻو آهي. تخمينو ڪيو اٿن ته روز ڏيڍ لک موت ٿين ٿا.

هڪ راجا هڪ ڇوڪر کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. هڪ ڏينهن راجا پنهنجي باغ ۾ پنڌ پئي ڪيو ته پکين جي گفتگو ٻڌائين. راجا پکين جي ٻولي ڄاڻندڙ هو. هڪ پکيءَ چيو ته سڀاڻي ٦ بجي راجا وٽ جو سندر ڇوڪر آهي، تنهنجو موت ٿيندو. راجا اهو ٻڌي ڏکڙو ٿيو ۽ ماڻهن کي چيائين ته هڪ عمدو گهوڙو تيار ڪري اُن تي هن ڇوڪر کي چاڙهي ٻئي ملڪ ۾ موڪليو. گهوڙي تي ڇوڪر چڙهي روانو ٿيو. راجا سمجهيو ته ڇوڪر کي موت کان بچايو. گهوڙي تي ڇوڪر چڙهي پئي ويو. پوري ڇهين بجي گهوڙو جتان هليو پئي، اُتي اڪ ڪڏ هئي. گهوڙي سمجهيو ته ڇال ماري لنگهي ويندس، پر گهوڙو ڪڏ ۾ ڪري پيو. سندس ٽنگون ڀڄي پيون. ڇوڪر کي اهڙا ڌڪ لڳا جو سندس پران پکيئڙو اڏامي ويو.

راجا ٻئي ڏينهن باغ ۾ ويو ته پکين وري هڪ ٻئي کي

تو واسطي! تو واسطي! 'ن' معنيٰ نام. نام ۾ اڪ شڪتي آهه. اِها شڪتي اڪ اڪ ۾ سمايل آهي. گروءَ جي ڪرپا سان اِها شڪتي کلي ٿي. گرو ڪرپا لاءِ پڪاريو. 'م' آهي موهن جي مولي، جا ڀڄي وڃي.

اسين ڀڳتيءَ وقت گوڙ شور ۾ پيا وڃون. جڏهن ڪري موهن جي مولي نٿا ٻڌون. جيسين موهن جي مولي نه ٻڌي اٿئون، تيسين جنم سڦل نٿو ٿئي. مانک جنم آهه ڏاڪڻ، جڏهن تان لنگهي هلي پرم پد پراپت ڪرڻو آ. تيسين پيا پڪاريون، پيا پڪاريون: آهي ڪو؟ آهي ڪو، جو هن دک چڪر کان اسانکي ڇڏائي؟ دکي آهيون، مهادکي آهيون. ڪير ڇڏائي؟ ڪير ڇڏائي؟"

پوءِ مدهجا ويچار ويا ڀڳتيءَ مالا پيا ڏانهن. ٻئي درمشٽ هئا. ندي هوندي کان وٺي اسان ٻارن جي جيون ۾ سٺا سنسڪار پوکيائون. اسانکي وديا ڏنائون، پر انسان ڪيڏو به ٻڌو هجي، نرمل هجي، ته به اوندهه آهي. ان اوندهه مان ڪير ڪڍي؟ ڪير پار پهچائي؟ اڪ گرو آهه، جو اوندهه مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي ٿو. مان سڀاڳو، مونکي گرو ڀڳتيءَ گهر ۾ مليو. 'پرڀ ابناسي گهر مهه پايا' گرو مهما جو ذڪر ڪندي دادل شاهه دادو دئيال جي باڻيءَ ۾ ٻڌايو:

جي سؤ چندا آڻ گهر سؤرج ڪوٽ ملاهه،
دادو گر گوبند بن، تئه ڀي اڌر نه جاهه!

سنت دادو چوي ٿو ته جي سؤ چنڊ گهر ۾ آڻيون ۽ ڪروڙ سورجن جي روشني ان ۾ ملايون، ايتري روشني هوندي به اندر جي اوندهه لهي وڃي. گروئي اها اوندهه ڀڳتيءَ ڪرپا سان دور ڪري ٿو.

مون دادل شاهه کي وينتي ڪئي ته مونکي قدمن ۾

جي سيوا لاءِ ڪيترائون شيون پڻ داداجن کي پيش ڪيون.
١ آگسٽ سينٽ ميران گرلس ڪاليج ڪورياگانو پارڪ ۾ ڪاليج جي ٻالڪين داداجن جي جيون تي وياکيان ڏنا ۽ داداجن مڌو اپديش ڏنو.

٢ آگسٽ ١٩٨٣ صبوح جو ٩ ٻجي ٻوجيه دادا جشن ”شري آواراءِ وزيرمل لعلواڻي پڙن ۽ سادو واسواڻي آشرم“ جو اُدگهاٽن ڪندي چيو ته جيڪو شيءِ ڪم واسطي دان ۾ ڏني آ، تنهنجو سچو جنم آهي. سو اڄ نه منهنجو ٻه پياري نارائڻ آواراءِ لعلواڻيءَ جو جنمدن آهي، جنهن هن پون لاءِ پنهنجي پوڄ پتا جي پوتر يادگيريءَ ۾ ڏهه لک روپيا دان ڏنو آهي. سوڳواسي شري آواراءِ لعلواڻي ٻه هڪ پياسي انسان هو، اڄ مان نارائڻ جي اميءَ کي ٻه وساري نٿو سگهان، جا هت اڄ حاضر آهي. سدي ڪان ستسنگ ۽ دادل شاهه سان ليڪن جو ناتو انس ۽ اهو ناتو نباهيندي ٿي اچي. هل هن پوتر آستان تي ستسنگ ۽ سيوا جي جوت جڳندي رهي.

منجهند جو ميران هال ۾ سوان پوامي پياري دادا جشن جي مڪڙي پسڻ لاءِ ڪڏ ٿيا. ان موقعي تي دادا جشن روح رهاڻ ڪندي سڀني کي پنهنجي ليڪن پوري نهار سان نهال ڪيو. نما شام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن اپديش ڪندي چيو ته تواهانجي ٿورب اکيان سر ٿو جهڪايان. اڄ تواهان هن داس کي، گوداو جي تڪر کي جنمدن ڳالهي ڏني آهي، جي موڪل ڏيندا ته ان رقم سان هر سال جان دادل شاهه جو جنمدن ڳالهي ڪنڊ شروع ڪيو وڃي. اڄ صبوح جو مون وڌي وڃار ڪيو ته هي جنم جا لئه مليو آهي؟ ’جنم‘ لفظ ٿي اکون مان اهي او. ’ج‘ معنيٰ پنهنجي جند جان کي قربان. اک اک پران، سواس سواس سين پراڻه کي ياد ڪراون ۽ جيئون؟

ٻاڙو ڇڏيو.

دادي سنڌيءَ جي پياري پٽ، دادل شاهه جي در جي خدمتگار پٽ مٺي ڀڳومل ٿڌاڻي ٦ آگسٽ صبوح جو پرلوڪ پڌاري. ٿما شام جي ستسنگ وقت سندس ارٿي دادا جي پوڙ سماڌي آستان تي آندي وئي. اُن وقت ڪيرتن ٿيو. پوڄيه دادا جشن سورڳواسيءَ لاءِ پراڀوءَ در دلسوز پرارٿنا ڪئي.

٧ آگسٽ آرتوار صبوح جي ستسنگ ۾ پوڄيه دادا جشن پٽ مٺي ڀڳومل ٿڌاڻيءَ کي شردانجلي ڏيندي چيو ته پٽ مٺيءَ جو ناتو ستسنگ سان، پياري دادا سان ڪيترن سالن کان وٺي هو. حيدرآباد ۾ پيارو دادا سندن گهر 'سنتي لاج' ۾ ڪيترا مهنا رهيو. پياري دادا شڪتي هاءِ اسڪول شروع ڪيو. اُن اسڪول ۾ هن پٽ پياري شانتيءَ سان گڏ وديا ورتي. مٺي ۽ شانتي ٻار ۾ ساهيڙيون هيون. پٽ مٺيءَ ستسنگ جي سيوا ڪئي. ڪنهن وقت به ڪو ڪم ٿيندو هو، پٽ مٺي سيوا لاءِ هميشه تيار هوندي هئي. ڀنڊاري جي ۽ ٻڪ اسٽال جي خاص طرح هن پياريءَ سيوا ڪئي.

پٽ مٺيءَ جي دل بيشڪ مٺي هئي. سندس دل اندر پراڀوءَ لاءِ مٺي پياس هئي، دکين دريدرن لاءِ همدردي هئي، درياهه دل هئي ۽ سادگيءَ جي صورت هئي. ڪابه گهرجائو پٽ وٽس ايندي هئي ته اُن جي مدد ڪندي هئي. ڏاڻ ۾ کيس خوشي ٿيندي هئي. پيٽي ڏيندي هئي، لڪي ڪين هئي. سنگت کي کارائڻ مان کيس عجيب خوشي ايندي هئي. پٽ مٺي مهمان نوازيءَ جي مورت هئي. مهمانن جي قرب ۽ پيار ۾ سيوا ڪندي هئي. سندس جيون ڀولو ۽ نرمل هئي، سنسار جي گهڻو ۾ ڪين گهڙي. سندس دل ۾ پياس هئي ته پراڀوءَ کي ڀاڻان. کيس نام واسطي پڪ هئي. ڪالهه صبوح جو هن پٽ

قبول ڪيو. دادل شاهه مونکي ڪهڙي سکيا ڏني؟ ”ٻانڪ
دل ڪا دئار کول!“ دل جي دئار کولڻ لاءِ پيتو جاتو، پيتو
جاتو! منهنجا پيارا، توهين ٻه دل جا دئار کوليو. انڪري روز
ڪجهه وقت سانت ۾ گذاريو. ايڪانت ۾ ويهي پنهنجي من
کي سمجهايو. ’مان مان‘ جي گوڙ شور ۾ موهن جي مرلي
ٻڌڻ ۾ ڪين ايندي. ٽن نيمن جو پالن ڪريو: (١) پنهنجي
جيون پوتر رکو. پنهنجي ويچارن ۾ پوتر ٿيو. ويچار شبد رکندا
ته توهانجو انتهڪرڻ صاف ٿيندو ويندو. مان ڪاليجي شاگرد
هوس. هڪ ڏينهن ڪاليج جي آنٿليٽني ڪارب تي دادل شاهه
کي چيم ته ڪي اکر لکي ڏيو. دادل شاهه ٽي اکر لکي ڏنا:
’Purity is Yoga‘ پوتر ويچار، پوتر وهنوار ۾ پڌ ڪندين ته
اهو يوگ آهي. روز روز ان لاءِ پرارٿنا ڪندو رهجي. پوءِ،
جڳت جنني! منهنجي رکيا ڪج! مونکي هن ڀَو ساگر کان پار
لنگهائج. (٢) پياس اڀاريو. پياس ۾ پڪاريو. پريو پياسيءَ جي
پڪار سڻي ٿو. ور ور اچاريو ”پريو! مان اڪ لوکي ٿي پيار
ڪريان ٿو. (٣) سڀ ۾ سائينءَ جي صورت پسو. جتر ديکتا
هون، اُتر توهين تون هي! انڪري اڪ اڪ پسون پرانيءَ تي
ديا ڪريو. هنسا جي ڪاڏي کان پري رهو.

هڪ دفعي شري ڪرشن پنهنجن ڀڳتن سان ويٺو آهي.
ڍايا مال ملندا رکيا آهن. اُن وقت ڀڳت شري ڪرشن کان
سکيا گهرن ٿا. شري ڪرشن پنهنجن پيارن کي چوي ٿو ته
”نڙنيون نه موڙيو.“ ان جي معنيٰ ته پنهنجيون اڱريون
موڙي پاڻ ڏي نه ڪاڙهيو، پر سڌيون ٻاهرون ڪري ٻين کي
ڪاڙهيو ۽ ورڇ ڀيا توهان کي ڪاڙهين. اُهين هڪ ٻئي جا مددگار
بڻجو. دکي، وچارل، گهايل سڀن کي ڪاڙهيو. اڄ جو پيغام اهو
نڙنيون نه موڙيو، اڱريون نه موڙيو ۽ ڪرشن ڪرپا جا

نجيب پيارو هو. جيل ۾ قيدين کي گيتا بابت ٻڌائي ٿو. سنت ونوبا ديش ڀڳت هو، وڏو آڳي هو، سچو سنت هو، گيتا ڀڳت هو. شل سندس آسيس اسان سڀن تي چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

لوهين مونکي اهڙي آسيس ڪئي ته مان ڪم ۾ ڳم ٿي وڃان. هڪ ڀڳت هڪ ڀيرو ۾ محبوب کي ملڻ لاءِ ڏاڍي اپسيا ڪري ٿو، پر کيس ڀڳوان جو ديدار نٿو ملي. هڪ ڏينهن هي پيارو هڪ سنت سان ملي ٿو ۽ کيس وينتي ڪري ٿو ته کو منتر ٻڌايو جنهن دوارا ڀڳوان جو درشن ڪريان. سنت هڪڙي چوي ٿو ته 'سوهم سوهم' منتر اچار. سوهم معنيٰ مان اهو پرم آهيان. جڳياسو 'سوهم' منتر اچاري ٿو مگر تڏهن به سندس من ۾ شانتي ڪين آهي. کيس وري هڪ ٻيو مهاتما لڳي ٿو جنهنجو زور ڪنولن تي هو. هي جڳياسو ان سان دل جو حال اوري ٿو. اهو مهاتما وري کيس آگيا ڪري ٿو ته 'سوهم' جي اڳيان 'دا' ڳنڍ. 'دا' معنيٰ داس. ارٿات مان ڀڳوان جو داس آهيان، 'داسوهم'. ڀڳوا! تون منهنجو ٺاڪر آهين، مان تنهنجو ٻالڪ آهيان. جڳياسو وري وري داسوهم منتر اچاري ٿو. ان منتر اچارڻ سان کيس ٿوري شانتيءَ جو انڀوءُ ٿئي ٿو. وري کيس ٽيون سنت ملي ٿو. هن کان حال احوال وٺي ٿو. اهو جڳياسو کيس ساري حقيقت ٻڌائي ٿو. اهو سنت کيس چوي ٿو ته 'داسوهم' جي اڳيان 'س' اکر ڳنڍ ته 'سداسوهم' مان سدائين اهو آهيان. هي جڳياسو اهو منتر اچاري ٿو. جيڪو سنتوش کيس ملڻو هو سو نه کسجي ويو. ڪجهه وقت بعد وري کيس ٻيو مهاتما ملي ٿو ۽ پڇي ٿو "پيارا! اداس ڇو لڳين؟" جڳياسو ساري حقيقت ان منتر بابت کيس ٻڌائي ٿو. مهاتما کيس صلاح ڏني ٿو

اسان کان موڪلايو! هن وقت اڪيلي ڪين آهه، پياري دادا جي ڪمل چرڻن ۾ آهه. شل جت هجي، اتان اسان سڀني کي پنهنجي آسيس موڪلي، موڪليندي رهي.

٨ سيپٽمبر شام جو پوڄيه دادا جشن گرو مندر شيام نواس بمبئيءَ ۾ پروچن ڪندي چيو ته اڄ آدي گرنٿ جي پرڪاش جو پورو ڏينهن آهه. شري گرو ارجن ديو جن ڪيترن سکن ۽ خاص ڪري ڀائي گرداس جي سهڪار سان آدي گرنٿ تيار ڪيو. آدي گرنٿ هڪ ميلاپ جو شاستر آهه، جنهن ۾ نه فقط پنجن گرن جي باڻي ڪئي وئي، پر اُن سان گڏ هندو سنتن ۽ مسلم فقيرن جي باڻي پڻ درج ڪئي وئي. گرو جن جي دل ۾ ذات پات جو ڀيد ڪين هو. اوهين به ان باڻيءَ جو اڀياس ڪريو ته اوهانکي چت شانتي ملندي.

١٠ سيپٽمبر شام جو نيو ٿانو دربار ڪار بمبئيءَ ۾ پوڄيه دادا جن پڌاريا. دادا جن اُپديش ڪندي چيو ته هن ڏينهن ۾ شري گنپتيءَ جي ڪيڏي نه پوڄا اُپاسنا ڪئي وڃي ٿي. شري گڻيش ديوتا کي وگهن جو دور ڪندڙ سڏيو ويو آهه. اوهين به شردا سان شري گڻيش جي استتي ڪريو.

١١ سيپٽمبر سانجهيءَ جو آر. ڪي. انڪيڊمي هال بمبئيءَ ۾ سنگت پوڄيه دادا جشن جو جنمدن ملهايو. دادا هوليچند آڏواڻي، ڀيڻ مايا ديوي ۽ ساري سنگت دادا جن کي جنمدن جون لک لک مبارڪون ڏنيون. پوڄيه دادا جن هڪ هڪ جي شڪرگذاري مڃيندي چيو ته مونکي پيار جي بک آهه، اوهين مونکي ڪيڏو نه پيار ڏيو ٿا. مان توهانجي قرب جي ڪوٺ لئي اچان ٿو. اڄ سنت ونوبا ڀاوي جو جنمدن آهه. هي هڪ عجيب انسان هو. وڏائي، مان شان کان پري رهندو. چوندو هو ته سڀ وديا ٻاڻ ٻڇاڙڻ سيکاري ٿي. ڪيس گمنا ته

راڄ سڀا يا لوڪ سڀا ۾ نه ٺهندو، پر ٿئون ڀارت آدرشي اسڪولن ۽ آدرشي گهرن ۾ ٺهندو. نوان گهر ڪير ٺاهيندو؟ استريون، مائرون. انڪري پياري دادا ٻالڪين جي وديا تي زور ڏنو ۽ چيو ته

The woman soul with lead us upword on

ميران اسڪولن ۾ هميشه وديا تي زور ڏنو وڃي ٿو. ٻاٻوءَ جي ڪرپا سان اسڪولن جو نتيجو سٺو اچي ٿو، پر اسين ٻارن اڳيان ڪجهه آدرش رکندا آهيون- چرتر، سيوا، آتمڪ اُنتي.

دادا جشن جي ويراڳيان ڪانپوءِ راشٽرپتي گياني ذيل سنگهه جوت جڳائي ميران وديا هلچل جي سورڻ جينتي اتسو جو آرنڀ ڪيو. دادا جشن راشٽرپتيءَ کي سادو واسواڻي مشن طرفان دادا سادو واسواڻيءَ جو گولڊ پليٽيڊ سڪو پيش ڪيو جنهن تي دادل شاهه جي تصوير اُڪريل هئي ۽ دادل شاهه جا وچن 'غريبن جي سيوا آهي ٻاٻوءَ جي پوڄا' اکر پڻ اُڪريل هئا. راشٽرپتيءَ ويراڳيان ڪندي چيو ته سادو واسواڻي نه صرف سنڌ جو مگر ڀارت جو مهان سنت، فيلسوف، ودوان شڪشا شاستري، سماج سڌارڪ ۽ دکين جو سيوڪ هو. ڀارت جي هن مهان وڀوتيءَ ميران وديا هلچل ذريعي هزارن وديارٿين جي راهه روشن ڪئي. اسان کي اها وديا کپي جا ٻارن جو چرتر ٺاهي. سنگهٽن، سهڪار، سنيهه ۽ سدم سيکاري، دکين جي خدمت ڪرڻ سيکاري. ميران وديا هلچل ان ڏس ۾ قابل دادا ڪارج ڪري رهي آهي. ان لاءِ شري جشن واسواڻي، شري گنگارام ساڄنداس جس جا ڀاڳي آهن، جي سادو واسواڻيءَ جي جوت جو وڪاس قهلائي رهيا آهن. اڄ ميران سنسٿائن جهڙا اسڪول وڌيڪ ودڪ کلڻ کپن. شري هوتچند گوپالداس آڏواڻيءَ راشٽرپتي ۽ آيل مهمانن جي شڪراني ڪئي.

"پيارا! ان 'سداسوهم' جي اڳيان وري 'دا' اکر گڏ ڪ ٿيندو 'داس داسوهم' مان داسن جو داس آهيان. پڀو! تون منهنجو مالڪ آهين!"

منهنجا پيارا پاڙو ۽ پيروون! منهنجي حالت به اهڙي آهي.

پياس دل جي اندر ته داسن جو داس ٿي رهان.
گولا جي گولن جا تن جو ٿيءُ غلام.

وري وري گروجن جي باڻيءَ جا اکر اچاريندو آهيان:

ته آڳي ارداس هماري، جيئه ڀڄن سڀ تيرا،
ڪهه نانڪ سڀ تيري وڏيائي، ڪوئي نانءُ نه جاڻي ميرا!

٢٨ سيپٽمبر منجهند جو ڀارت جو راشٽرپتي گياني ذيل سنگهه. پونا جي ميران ڀوميءَ ۽ ميران وديا هلچل جي سوورڻ جينتي اتسو سنبنڌ ۾ پڌاريو. ساڻس گڏ مهاراشٽر جو گورنر شري لطيف ۽ ٻيا اعليٰ عملدار پڻ هئا. ميران اسڪول جي ٻالڪين راشٽرپتيءَ مٿان پشپ وِرکا ڪندي سندس سواگت ڪيو. پوءِ راشٽرپتي دادل شاهه جي سماڌيءَ تي آيو، اتي پرڻام ڪري پوڄه دادا جشن سان مليو. ان بعد منڊپ ۾ ڪاريڪرم شروع ٿيو. شروع ۾ دادا گنگارام ساڄنداس ساڌو واسواڻيءَ جي شروع ڪيل ميران وديا هلچل تي روشني وڌي.

ان موقعي تي پوڄه دادا جشن واسواڻي راشٽرپتيءَ جي آجيان ڪندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جڏهن ڇوڪرن ڇوڪرين جي حالت ڏٺي تڏهن سندس اکين ۾ ڳوڙها هئا. هو رشين ۽ سنتن جي آدرشن ڏانهن ٻري اٿي رهيا هئا. ان ڪري پياري دادا محسوس ڪيو ته نئين وديا دوارا ئي ٿيون پارس اڏيو ۽ ان ڪري پنجاهه سال اڳ پوپامه جي ٻڌي ۾ پياري دادا ميران وديا هلچل جو وِرک پوکيو، جو وڌي وڏو ٿيو آهي. پياري دادا وري اسانکي ياد ڏياريو ته ٿيون پارس

شانتي پرڪاش مهاراج ۽ پيارو دادا جشن واسواڻي اُن وقت ڪيڏي نه قريب سان مليا، اهو نظارو ڏسڻ وٽان هو. پڌا آشرم ۾ ٺهرايل 'دادا جشن پرارٿنا هال' جو مهورت پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن ڪيو. مهورتي اُتسؤ سوامي ٽيئونرام آشرم الهاسنگر ۾ ٿيو. ڀيال آشا داداجن ۽ آيل مهمانن جو سواگت ڪيو. دادا جشن مهورتي لٺ ڪندي چيو ته هن سندر اُتسؤ ۾ شامل ٿي مونکي ڪيڏي نه خوشي ٿئي ٿي. پرم پياري سوامي شانتي پرڪاش مهاراج اڳيان وٺي مونکي ڪيڏي نه آسيس ملي آهي. اوهان سڀاڳا آهيو جو ان نگر ۾ رهو ٿا جنهن نگر ۾ پرڀوءَ جو پيارو، اسان سڀن جو پيارو سوامي رهي ٿو. هي پيارو سادگيءَ، سيوا ۽ ستيه جي مورت آهه ۽ محبت جي مورت آهه. ٻيهن وارو آهه، نماڻو آهه. مٺهنجي روح جو راڻو آهه. هي سنت ڪيڏي نه سيوا ڪري ٿو.

جنتا جنارڌن پريشد کي ٻه ڏنيواد ڏيان ٿو جا سوامي شانتي پرڪاش مهاراجن جي آسيس سان ڪيڏا نه سيوا جا ڪم ڪري رهي آهي. جنتا جنارڌن پريشد قوم جو شان آهي. اڄ هن پريشد ٻوج سوامي جن جي نالي پڌا آشرم جي نئين عمارت ٺهرائي آهي، ان جو اُدگهاٽن ڪرڻ وقت مون پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪئي ته اسانجي قوم لئي اهڙي آسيس ڪر ته ٻين پڌا آشرمن کولڻ جي ضرورت نه پوي. هڪ وقت هو، جو ٻارنهن ورش ۾ پڌا گهرن جي ضرورت ڪين سمجهي ويندي هئي. ڇو ته هڪ هڪ ٻالڪ پنهنجي ماتا پتا، وڏڙن جي سيوا ڪرڻ پنهنجو فرض سمجهندو هو. هن وقت اسانجي قوم جي ڪهڙي حالت آهي! اها قوم زوال کي پهچي ٿي جا قوم پوڙ اوستا وارن جي سنڀال نٿي لهي. ماتا پتا جي سيوا ڪرڻ اسانجو فرض آهي. پيارو دادا سادو واسواڻي ڪيئن نه امڙ جي سيوا

٢٥ آڪٽوبر سادو واسواڻي مشن جي سهاري گيتانجلي بلڊنگ جي ڪمپائونڊ ڪولابا بمبئيءَ ۾ سادو واسواڻيءَ جو ١٠٤ جنمڏڻ اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي نوجيه دادا جشن واسواڻيءَ وياکيان ڪندي چيو ته پياري دادا جي جيون جون ڪيتريون ئي تصويرون اکين اڳيان ٿيون ڦرن، پر اڄ فقط هڪ تصوير جو ذڪر توهان سان ڪندس. پيارو دادا مدراس ۾ آهي. اسان هڪ ميٽنگ ۾ داداجن کان پڇيو ته توهين ڪير آهيو؟ پيارو دادا چوي ٿو ته مان آهيان هڪ ڪِرمي، هڪ هاري. ماڻهو عجب ۾ پون ٿا ۽ پڇن ٿا ته توهانجي ٻني ڪٿي آهي؟ پيارو دادا چوي ٿو: ”توهانجون دليون منهنجي ٻني آهي.“ مان انهن ٻيو سمجهان ته پيارو دادا هميشه به اسان ڏي پيو نهاري ۽ پيو پڪاري ته مونکي پنهنجون دليون ڏيو ته مان توهانجي دلين ۾ سچ ۽ پيار جا ٻج پوکيان. سچ ڳالهايو پر پيار ۾. پيار جو ذڪر آهي. بمبئي شهر کي ان سکيا جي ضرورت آهي. پنهنجي جيون ۾ پيار جي جوت جڳايو.

٢٦ آڪٽوبر آر. ڪي. انڪيڊمي هال ڪولابا بمبئيءَ ۾ داداجن پروچن ڪندي چيو ته هن جيون ۾ جي توهان هڪ ٻي بڇڙي عادت ڇڏيو ۽ سٺي عادت پرايو ته توهانجي جيون پاڻرا سڦل ٿي. پيارو دادا سادو واسواڻي شاهن جو شاهه هو. پوري چولو انساني هٿ اچي بکاري تي بيٺو. لوڪن کي هڪارني سٽ پٽي فقير. ڀڳوان شري ڪرشن شري ارجن کي چوي ٿو ته جو فقط پنهنجي لاءِ ٿو رڌي سو چور آهي. انڪري ونڊي ورهائي کائو ۽ نام ڄپيو نام ڏياريو!

٣٠ آڪٽوبر صبوح جو ١٠ بجي پوڄيه دادا جشن جهڙا جهارڏن پريشد طرفان الهاسنگر ۴ ۾ نئرابل 'سوامي شانتي پرڪاش پدا آشرم' جي نئين عمارت جو مهورت ڪيو. پوڄيه سوامي

روئڻ لڳن. ڪابه ماڻهو پيڙا ڏئي يا ڌاريو پيڙا ڏئي ته ڪون هڪدم روئي پون. اها تنهنجي ڪني عادت آهي." اهو وراڻيو، "مان ماڻهن جي راهه روشن ڪريان ٿي، منهنجي دوارا مسافر جا سڀ ماڻهو ڏسي سگهن ٿا، گيان وگيان حاصل ڪري سگهن ٿا. مان ٻين جي پيڙا ڏسي روئان ٿي ڇاڪاڻ ته مون ۾ دَيا آهي. سوار جي ٻين اکين ۾ دَيا آهي ئي ڪونه، ته هو ڪيئن روئندا! اُنهن لئي ڪهڙي ميار! دَيا واري اِنسان جي دل ۾ درد ۽ همدردي ٿيندي آهه. اسانجو پيارو دادا جشن به دَيا وارو درويش آهي. پنهنجي گروءَ ساڌو واسواڻيءَ جي نقش قدمن تي هلي دکي لوڪن جي سيوا ڪري رهيو آهي، محبت جي مورت ۽ نمرتا جي صورت آهي.

سري گوبندرام ايل. ٻانيا دادا جشن ۽ ٻين مهمانن جي شڪرادائي ڪئي.

٢٠ نومبر کان پونا جي ميران يوميءَ ۾ پوڄيه دادا ساڌو واسواڻيءَ جو جنمدن اُتسو آرنڀ ٿيو. ميران اسڪولن طرفان جدا جدا ڏينهن تي جنمدن اُتسو ملهايو ويو. پوڄيه دادا جشن سڀني ڪاريه ڪرمن ۾ شرڪ ٿي دادل شاهه جي جيون جون گهٽنائون وديارٿين کي ٻڌائيندي سندن رهنمائي ڪئي. ٢٣ نومبر وديارٿين رنگ منچ تي 'دادا ليلا' جو ڪاريڪرم پيش ڪيو. ٢٤ نومبر دادا جشن سنيه ڀوشن کي چادرون ۽ اناج جا پاڪيٽ ڏنا ۽ شام جو رٿ ياترا آرنڀ ٿي. دادا جن دادل شاهه جي رٿ کي ڪاهي رهيا هئا ۽ جدا جدا چونڪن تي دادل شاهه جي سکيائن جو ڦهلاءُ ڪيائون.

٢٥ نومبر صبوح جو دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ کي ڀيٽانجلي ڏيندي چيو ته سنسار جو مان شان دنيا جي وڏائي پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ کي ملي ٿي ٻو پيارو دادا ڪهڙو

ڪندو هو، پرنسيپال جي پد تي هوندي به مالا جي ڪٽ جي ٿهوار ڇڪيندو هو، ڪيس پيڙون ڏيندو هو. اڄ اسانجي قوم ۾ پئسو پوڄا گهڻو آهه ۽ پرڪمت ڪين آهه، ڇاڪاڻ ته مالا پتا جي آسيس ورلي ڪين ٿي وڃي. اسين روز مالا پتا جي آسيس وٺون. پونا جي ميوان اسڪول جي ٻالڪن کي اها سکيا ڏني وڃي ٿي ته روز صبوح جو پنهنجي مالا پتا جا چرڻ ڇهي آسيس وٺو.

قوم جي ڳراوٽ جي ٻي نشاني آهي ڇوڪرين جي عزت نه ڪرڻ. اڄ نياڻيون ٻوجه وانگي رهيون آهن. سندن مائٽن کين شينهن کلهي ڇاڙهڻ لاءِ پئسن جون ٿيلهيون ڪٺي پيئون پوڪن. ڏيتي ليتيءَ جو مرض وڃي پيو وڌندو. نياڻين سان اتياچار ٿي رهيو آهه! اُنهن جون آهون ۽ دانهون قوم کي ڪيرائينديون. مونکي خوشي آهي جو هت ٿوهان مان ڪي پيارا آهن، جيڪي ڏيتي ليتيءَ جو تياڳ ڪري رهيا آهن. مونکي ٻڌايو ويو آهه ته هت ويٺل پياري موٽومل ڪيراجمل چاندواڻيءَ پنهنجن پٽن گهنشيام ۽ ڪشورلعل جون شاديون بنا ڏيتي ليتيءَ ڪيون آهن. ايتري قدر جو منائي به نه ورتائين. سندس ڀاءُ دولترام چاندواڻيءَ پڻ پنهنجي سپتر گهنشيام جي شادي بنا ڏيتي ليتيءَ ڪئي آهه. مان ٻنهي ڀائرن کي ڌنيواد ڏيان ٿو. اهڙا مثال اسانجي جاتيءَ ۾ اُڀرڻ گهرجن.

پوڄيه سوامي شانتي پرڪاش مهاراج پروچن ڪندي چيو ته جيڪي پيارا تن من ڌن ۽ واڻيءَ سان سيوا ڪري رهيا آهن اُنهن کي ڌنيواد آهي. ٻڍا اسانجا ابا ڏاڏا آهن. اُنهن جي سار لهڻ اسانجو فرض آهي. وارو پاڙو آهي. جي سياڻي آهي ته هرڪو ٻڍو ٿيندو. اڪ ڪان پڇن ٿا "اڙي اڪا! پيرو ۾ ڪنڊو لڳي ته روئين ٿو، پيٽ ۾ ڏاڍو سڙو پوي ٿو آهين ته

١ ڊسمبر ٻوجهه دادا جشن سنگت سميت ڪولهاپور روانا ٿيا. رات جو گانڌي نگر جي شاهي ميدان تي ٻوجهه دادل شاهه جو ١٠٤ جنمڏينهن اُتسو ملهايو ويو. ٻوجهه دادا جشن ساڌو واسواڻيءَ جي جيون ڪارڄ تي روشني وڌي. ٢ ڊسمبر داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٣ ڊسمبر داداجن ساڌو واسواڻي اسڪول، هيمون ڪالاڻي اسڪول ۽ سوامي سرواننڊ اسڪول جي وديارٿين کي سکياداڻڪ ڳالهيون ٻڌائيندي سندن راهه روشن ڪئي. ٣ ڊسمبر داداجن بنگلور روانا ٿيا ۽ ٤ ڊسمبر بنگلور ۾ پڌاريا. داداجن اُن ڏينهن نماشام جو دادا امر جي آستان تي اُپديش ڪيو. ٥-٦ ڊسمبر هندوجا هال ۾ داداجن وياکيان ڏيندي چيو ته پنهنجي دل ڀڳتيءَ ۾ ٻوڙ رکو. ڀڳتيءَ جي اِڪ نشاني اِٿو ديتا. نماڻا، دين مسڪين تي رحم، ڪمياوان ٿيو. ١٨ ڊسمبر ٿائين بنگلور ۾ جدا جدا آستانن ۽ ٻوڌجن جي گهرن ۾ داداجن ٻروچن ۽ روح رهاڻ ڪئي. ٢٠ ڊسمبر داداجن مدراس ۾ پڌاريا. ٢١ ڊسمبر شوالهه ڪامپليڪس ۾ داداجن اُپديش ڪندي چيو ته ٻوڙوءَ کي مهر لاءِ پڪاريو. ١٦ صديءَ ۾ هڪ سنت ٿي گذريو آهي، جنهن چيو "مان روز پنڌ ڪري ويندو هوس ته رستي تي هڪ سڪل ورک ڏٺم، اُڻل اِڪ ٻوٽو ٻه منجهس ڪين هو. ڪجهه وقت ڪانپوءِ ڏسان ٿو ته اهو سڪل وڻ ساوو ٿي پيو آهي. اُنڪري منهنجي دل اندر اُميد جاڳي ته مان ٻه اِڪ سڪل ورک آهيان. جي ٻوڙو پنهنجي مهر نظر سان نهاري ته مان ٻه ساوو ٿي پوندس." اُن ڪري ٻوڙوءَ کي ڪرپا لاءِ پڪاريو.

٢٢ ڊسمبر داداجن پارليه وديا ڀون ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٢٥ ڊسمبر سنڌي هندو منڊر ۾ دادل شاهه جو ١٠٤ جنمڏينهن ملهايو ويو. داداجن دادل شاهه جي جيون جون ڪيترائي

نه نماڻو! ٻاٽڪي سڏيائين نوري نماڻي. نوري جا ٽي جام نماڻيءَ جي ٻٽ راڻي ٻو ڪين وساريائين نه مان آهيان اڪ خسيس مهاڻي. پياري دادا جي ٻاڻيءَ ۾ هي اکر وري وري اچن ٿا "ڪڏهن ملنداسين مهاڻيءَ کي؟" پياري دادا جي ٻاڻي ڪٺي ڪيل آهي ان پستڪ ۾ جنهن کي ڪوٺيون 'نوري گرنٿ' دنيا جي ساهتيه ۾ مون ٻيو پستڪ 'نوري گرنٿ' جيڏو ۽ جهڙو ڪين ڏٺو آهي، جنهن ۾ هڪ ٽي سنت ڪويءَ جي ٻاڻي ڪٺي ڪيل هجي. پياري دادا آواز اُٿاريو "نوجيون وارو! نوجيون وارو! پيارا اوهين اچا گهڻو وقت پيا ڀٽڪندا ترشنائن جي چڪر ۽ واسنائن جي وڪڙ ۾! اُٿو جاڳو! نوجيون وارو. نوجيون جي ڪنجي اٿو ٻن ڳالهين ۾، نام سمرڻ ۽ دکين دردمندن جي سيوا، ٻکين ٻسن جي سيوا. دين دکي اٿو ٻرڀوءَ جون مورتون. غائب ڏسو غريبن ۾. پياري دادا جون سکيائون هندايو. نام ڳايو! ٻوم سک پايو. ڪڏهن به ڪو شبد ويچار من ۾ پيدا ٿئي ته هڪدم ان تي عمل ڪريو.

هڪ رات جو ڏيڍ بجي هڪ ڀاءُ اچي منهنجو در کڙڪايو. مون اٿي در کوليو. هڪ ڀاءُ مونکي هڪ لفافو نوٽن جو سيوا جي ڪم لئه ڏنو. چيومانس: "پيارا ڀاءُ، اهڙي ڪهڙي تڪڙ هئي جو توهان هيڏيءَ مهل رات جو ڪٺي آيو آهيو، صبح ڏئي سگهيو ها." مونکي چيو ٿو: "پيارا! خبر ناهي، صبح تائين منهنجو من ڦري وڃي!" شبد ويچار اچي ته يڪدم ڪري ڇڏجي.

نما شام جي ڪاريهڪرم ۾ داداجن دادل شاهه کي جهمڻ ٻولي ٻيٽ ڪئي ۽ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏيندي دادا سائو واسواڻيءَ جون ڪي ٻرڀاڻ داداڻڪ گهٽنائون ٻڌايون.

٣٠ نومبر داداجن شري ان. ٻي. مترواڻيءَ کي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي.

پياري ٻالڪ ڌروءَ کي اها ٻوڙ پيئي. ڌرو راجا جو وڏو پٽ هو. راجا ننڍي راڻيءَ کي پيار ڪندو هو. ان ننڍي راڻيءَ کي پنهنجو پٽ هو. هڪ ڏينهن ڌرو وڃي پنهنجي پوڄ پتا جي گود ۾ ويهي ٿو. ننڍي راڻيءَ کي اها ڳالهه نه وڻي. وڃي کيس ڌوڏي ٿي ۽ چوڻ لڳي ته هيءَ گود منهنجي پٽ لاءِ آهي. تون وڃي پنهنجي ماءُ جي گود ۾ ويهه. ڌروءَ کي ڏاڍو ڏک ٿئي ٿو. ماءُ وٽ اچي ٿو ۽ پڇي ٿو ”امي! منهنجي پتا جي گود ڇا مون لاءِ ڪين آهي! مان بابا جي گود ۾ ويهي نٿو سگهان ڇا؟“ ماتا چوڻ لڳي ”ٻالڪ! تون نه پتا ڏي نهار، نه ماتا ڏي ڏس. تون ان ايڪ ڀڳوان ڏي نهار!“ ڌرو وڃي بن ۾ ڀڄن ڪري ٿو. پوءِ مهرشي نارد وٽس اچي ٿو ۽ کيس هي منتر ڏئي ٿو ’اوم نمه ڀڳوتي واسديوايه! اوم نمه ڀڳوتي واسديوايه!‘ هي منتر اچاري ٻالڪ ڌروءَ جي سرت چڙهي وڃي ٿي. کيس ڀڳوان ساکيات درشن ڏئي ٿو ۽ چوي ٿو ”ٻالڪ! توکي ڇا کپي! ڇا توکي تخت کپي؟“ ڌرو آيو هو تخت جي تلاش ۾ پر هينئر جڏهن هي منتر اچاريو اٿس ته سندس اندر ويو آهي صاف ٿيندو.

اسانجو اندر هينئر ڪچري سان ڀريو پيو آهي. انهن منترن دوارا اسانجو انتهڪرڻ ويندو شڌ ٿيندو. انڪري اسين پياري ڌروءَ وانگر اهو منتر ور ور اچاريون. ڪيترا چوندا آهن ته منترن جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ جيئن نه ڪوليءَ جي ٻهاري پاڻي صفائي ڪبي آهي، تيئن منترن دوارا، نشڪام سيوا دوارا، سانت ۾ ڌيان ڪرڻ دوارا، پاڻ ۾ جهاتي پائڻ ذريعي اسانجو اندر صاف ٿيندو ويندو. اندر کي اوجل ڪرڻ جا اهي جدا جدا ساڌن آهن پر مقصد ڪين آهن، مقصد ڏي وٺي هلن ٿا، ڀڳوان جو درشن ديدار ڪرائين ٿا. ٻالڪ ڌروءَ ڀڳوان کي ڇڪو

پوڄاراڻ کي گھڻائون پڌائيندي چيو ته توهين به جيون ۾ سونڪ سيوا سڀيھ سادگيءَ جي ساکي ڏيو. ٢٩ ڊسمبر تائين داداجن جدا جدا آستانن تي مٿا اُپديش ڏنا. ٣٠ ڊسمبر داداجن شولاپور ۾ پڌاريا. اتي ١ جنوريءَ تائين داداجن اموت ورکا ڪئي. ٢ جنوري داداجن پونا ۾ واپس وريا.

١٣ جنوري ١٩٨٤ شانتي ڪنج ۾ دادل شاھ جي ورسي ملهائي وئي. پياري دادا جشن دادل شاھ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ڌوري گرونت مان اڄ کھڙو ته منو وچن آيو:

الم اک اوٽ تنهنجي، الک ابناسي!
رکو مون کي رحم ۾، اے جوت نواسي!

پيارو دادا ان وچن پر چوي ٿو پوءِ! مونکي تنهنجو ئي صرف سهارو آھ. تون اندت ابناسي داس کي پنهنجي ڪمل چرنن ۾ رک. پنهنجو فضل ڪر، مهر ڪر. منهنجا سڀ دوار بند ٿي ويا آهن. هاڻي تون منهنجي دل جو دوار کول. جڏهن هردي جو دوار کلي ٿو تڏهن اسانکي پروڙ پوي ٿي ته مان ڪجھ ڪري نٿو سگھان. مان بيوس آهيان! هي ڪشت ڪليش اسان وٽ اچن ٿا، جيئن اسانکي پروڙ پوي ته اسين ڪمزور ۽ بيوس آهيون. تڏهن اسين پوءِ جي اوٽ وٺون ٿا. ڪن کي عقل تي ته ڪن کي علم تي ايمان ته ڪن کي ڌن دولت تي آڪڙ. انسان چوي ٿو ته ”هن سائنس جي زماني ۾ مان چند تائين پهچي سگھان ٿو. منهنجا راڪيٽس پري پري گرهن تائين وڃي پهتا آهن. مون ٽيليفون اهڙو ٺاهيو آھ جو جيڪو ڳالهائي سو پئي پاسي ڏسجي ۾ اچي ته ڪيئن ٿو ڳالهائي. مان ڇا نٿو ڪري سگھان.“ جيسين ان ويچار ۾ آهيون تيسين اوٽ نٿا پڪڙيون. جڏهن سنسار جي بيوفائي ڏسون ٿا تڏهن پوءِ جي اوٽ وٺون ٿا، ڪڏهن پيڙا ۾ پڙجون ٿا ته پوءِ جي شرڻ وٺون ٿا.

ٻانگ ڪرڻ لڳا وڃن ٿا. ڇو نه 'ٽوڙي گرانٽ' جو آواز آهي ته "پياس اٿاريو! سڪ اٿاريو! پياس اِڪ پريتم واسطي، سڪ اِڪ سچ واسطي. پياس بنا انسان حيوان، سڪ بنا زندگي ويران! پرڀوءَ کي ٻڌو "پرڀو! مونکي پياس ڏي! پنهنجي ڪمل قدمن لاءِ سڪ ڏي، اڪير ڏي، پريتي ڏي! منهنجي سڪل دل کي سرسبز ڪر. اکين کي آلو ڪر." 'ٽوڙي گرانٽ' جي هڪ هڪ صفحي ۾ آهي پياس جي پڪار. جڏهن وڌيڪ وڌيڪ ٽوڙي گرانٽ جو اڀياس ڪبو، تڏهن توهانجي اندر پياس جي پڪار اٿندي. پوءِ توهين پرڀوءَ کان پري ڪين ٿيندا.

١٧ جنوري منجهند جو دادا لنگر ۾ دادا جشن سنگت ۾ ڀاڳ پوڙهن ورهائيندي نهال ٿي ڪيو. شام جو داداجن ڏيکڪ ڀائرا ۾ شرڪ ليا ۽ دادل شاهه جي پتلي اڳيان ٻواريندا ڪمائون.

٢٧ جنوري داداجن ٻمبئيءَ ۾ پڌاريا. صبوح جو ١١ بجي گيتانجلي ستسنگ. ڪولابا ۾ داداجن ملو اپديش ڏنو. ٢٩ جنوري صبوح جو داداجن انلڪس جنرل اسپتال جو اُدگهاٽن ڪندي چيو ته پيارو گوڏارامل چاڙهيا، پيارو گوڏارامل ڏسيجا ۽ سندن سالي راشٽره شيوا سمتيءَ دوران هي اُم ڪارڻ ڪري رهيا آهن. مونکي خوشي آهه جو هن اسپتال ۾ هوميوپئٿي ۽ آيورويدڪ وڀاڳ پڻ کوليو ويو آهي. هي سچو ليوڪ آستان آهي، جتي ڏکين بيمارن جي شيوا ٿئي ٿي، اهو ئي ليوڪ آستان آهي. پنهنجي صحت جي سنڀال لهو. هن سرڀو کي من هلائي رهيو آهي. ان ڪري من ۾ ملين وچارن کي اچڻ نه ڏيو. من کي سٺن وچارن جي شموءَ سان سڌاڻ ڪريو. 'من درست ته درست' ڪيترن جو موت مالڪ بيمارين ڪري ٿئي ٿو. هن اسپتال ۾ پيار ۽ همدرديءَ جو واتاورڻ پيدا ڪريو. پيار ۽

"اٺت اٺت مان ڇا ڪندس! منهنجا محبوب مونکي کپين اڪ تون! ٻيو ڪجهه ڪجي ڪين!" اسين ٻه ٻئي کي چئون "پيارا! اسانکي صرف تون کپين! تنهنجي نيڻن نگاهه کپي!"

١٦ جنوري پياري جو پوڄيه دادا جشن پياري ڦيريءَ ۾ شرڪ ٿيو. صبوح جو ڇوڻ لڳيه ۽ شري نوري گرنٿ جي پوڄ بعد داداجن سفيد پوش پيڙون کي سهانتا ڏني. نماشام جي ستسنگ ۾ پياري دادا جشن دادل شاهه کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جي امولڪ واڻي اڄ به اسانجي سڀني سونهپ ڪري ٿي. 'نوري گرنٿ' هڪ عجيب شاستر آهي. مان چاهيان ٿو ته 'نوري گرنٿ' هڪ هڪ گهر ۾ وڃي، ڇو ته نوري گرنٿ ۾ اهو پيغام سمايل آهي جو اسانکي نئون ڪري سگهي ٿو، اها شڪتي آهي جا اسان سڀني کي سجاڳ ڪري سگهي ٿي، اها روحاني روشني آهي جا اسانکي اونده مان ڪڍي روشنيءَ ۾ آڻي سگهي ٿي. مان سمجهان ٿو ته اهو ڏينهن اچي پيو جڏهن 'نوري گرنٿ' جو ترجمو دنيا جي جدا جدا ٻولين ۾ ڪيو ويندو ۽ هن شاستر جو پيغام گهڻن دلين کي لوڏيندو ۽ ڏوڏيندو. هزارها ورهيه اڳ رشين پنهنجي سکيا ڏني سنسڪرت ۾. مان سنسڪرت جاڻان ڪين. اوهان مان ڪيترا سنسڪرت ڪين جاڻن. اسانجي صدقي پيارو دادا اهو ساڳيو پيغام اسانکي 'نوري گرنٿ' ۾ ڏني ٿو. پياري دادا کي ڪيڏي نه ڏات هئي! انگريزي ٻوليءَ ۾ ڳالهائيندو هو، دلين ڏوڏيندو هو. انگريزيءَ ۾ لکندو هو، جادو لڳائيندو هو. پر پياري دادا محسوس ڪيو ته پنهنجن پيارن سنڌين لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکان. پياري دادا سنڌيءَ ۾ ڪيڏي نه ٻاڻي اچاري! نوري گرنٿ رکڻ لاءِ ڪي پڙتن ڪين آهن. فقط ضروري آهه هڪ ڳالهه ته ٻوڙهه لاءِ پياس رکي هن ٻاڻيءَ جو

واپس وڃ."

اسين ته جيڪڏهن پرماتما کي هر هنڌ هر وقت وياپڪ سمجهون ته پاپ ڪرم کان پري رهون ۽ من ۾ شانتيءَ جو، آنند جو انڀو ڪريون. نِمن ڪُنجي آهه ٻين جا مددگار ٿيو. ٻين جو ڏک پنهنجو ڏک ڪري سمجهو. جڏهن توهان ڪنهن گهرجائوءَ جي نمسڪار ڀاونا سان شيوا ڪندا ته توهان کي عجيب آنند جو احساس ٿيندو.

٦ مارچ شام جي ستسنگ ۾ دادا جشن ٻروچن ڪندي چيو ته مان اڄ وديارٿيءَ جي پاڪ ۾ وديش وڃان ٿو. اڃا ڪيترو ئي سکڻو آهي. آسيس ڪجو ته پياري دادل شاهه جي ڪمل قدمن ۾ قائم رهان ۽ پياري دادل شاهه جو پيغام پکيڙيان. ٧ مارچ داداجن بمبئيءَ ۾ پڌاريا. اُت گيتانجليءَ ۾ داداجن منو اپديش ڪندي چيو ته مان دادل شاهه جي در جو نوڪر آهيان. اڄ توهان کان آسيس گهران ٿو ته داس کي نه وساريو. آسيس ڪندا رهجو ته پنهنجي گروديو جو مهان ڪارڄ پوريءَ طرح ڪري سگهان. ٨ مارچ هندوجا ڪيندر ڪار ۾ داداجن وياکيان ڏنو. ٩ مارچ داداجن دهليءَ ۾ پڌاريا. اُن ڏينهن نماشام جو نيج ٿانءِ دربار ۾ داداجن اپديش ڏنو.

٩ مارچ آرتوار ڏينهن صبوح جو دهليءَ ۾ پوجيه داداجن سادو واسواڻي انٽرنيشنل اسڪول فار گرلس جي عمارت جو بنيادي پٿر وڌو. دهليءَ جو گورنر شري جڳموهن انسو جو مکيه مهمان هو. ان موقعي تي داداجن وياکيان ڪندي چيو ته ٻار اسانجو خزانو آهن ۽ آئينده جي اميد آهن. اهي قوم جي، ديش جي سچي دولت آهن. ان ڪري ٻارن جي، خاص ڪري بالڪين جي سنڀال لهو جو بالڪيون نوان گهر ٺاهينديون، نئين قوم ٺاهينديون. سچي وِديا جا پنج آدرش آهن:

همدرديءَ ذريعي به ڪيترن جو ڏک دور ڪري سگهجي ٿو. شل هن اسپتال تي پيءُ ۽ پياري دادل شاهه جي آسيس چمڪي ۽ چمڪندي رهي.

٣٠ جنوري رنگ پور ٻمبئيءَ ۾ ميران وديا ڀلڇل جي سلور جبلي ملهائي ويئي. پياري دادا جشن وياکيان ڪندي ٻڌايو ته پياري دادا سادو واسوانيءَ وديارٿين ۾ پوترتا پرارٿنا، سادگي سيبهه سيوا سچائيءَ جا سنسڪار وجهڻ لاءِ ميران وديا ڀلڇل آرنڀ ڪئي.

١ فيبروري شام جو هندوجا سنسڪرت ڪيندر ۾ پياري دادا جشن پرواچن ڪندي چيو ته اوهين جيڪڏهن سچو آنند پراپت ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان لاءِ پهريان ڪنجي اٿو پنهنجا ويچار شڌ رکو. پنهنجي ويچارن جي سنڀال رکو. جهڙو ويچار اهڙو وهنوار. نه برو سوچيو نه برو ڳالهايو. ٻي ڪنجي آهه هر وقت پرڀوءَ کي حاضر جاڻو. پوءِ اوهين اشڀ ڪرم ڪان به هڪدم ڪنارو ڪندا. ٻه نوجوان هڪ سنت وٽ ويا ته اسانکي روحاني راهه ۾ هلڻ لاءِ سکيا ڏيو. سنت ٻنهي جوانن کي هڪ هڪ ناريل ڏيندي چيو ته هي ناريل اهڙي هنڌ ڀڃي اچو جتي اوهانکي ڪوئي نه ڏسي. ٻئي جوان وڃي نڪتا. هڪ جوان ٻنڌ ڪندو هڪ غار ۾ لڪجي ويو، ڏٺائين ته اتي ڪو به ڪين آهي، سو اتي غار ۾ ناريل ڀڃي واپس سنت وٽ آيو. ٻيو جوان رات جو دير سان سنت وٽ واپس آيو ۽ چيائين ته سائين مونکي ڪا به اهڙي جڳهه ڏسڻ ۾ ڪين آئي جتي ڪوئي به نه ڏسي. پرماتما ته هر هنڌ وياپڪ آهي، ان ڪري مان ناريل ڀڃي ڪين آيو آهيان. ان سنت ٻئي جوان کي چيو ته تون سکيا جو لائق آهين، ان ڪري بلاشڪ هتي رهه ۽ پهرين جوان کي چيائين ”پيارا! تون اڃا سکيا جي لائق ناهين، ان ڪري

ٻري آيو آهي. هڪ هڪ گوپي چاهي ٿي ته مونکي شيام
ڇڪاري هٿي ۽ ائين پڪاري ”اي شيام سندر! موهي اهڙي
هي رنگ ۾ رنگ دي.“ اها پڪار اڄ اڀوڪي ٻوڙو ڏيهن جي.
پڌهڙي دائن ۾ ور ور پڪاريو:
’شيام مراري! هي بنواري! موهي اهڙي هي رنگ ۾ رنگ لي‘

شل اسين سڀ شري ڪرشن جي پريم جي رنگ ۾ رڱجي وڃون.

لاس پال ماس ۾ روز صبوح جو دادا جشن پياري رامچند ٻولچند جي گهر روح رهاڻ ڪندو هو. ٢١ مارچ داداجن انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته لوڪ سمجهن ٿا ته پئسو سڀ سک ڏيئي سگهندو. پئسي سان دنيوي سک حاصل ڪري سگهندا باقي لوهانڪي چت شانتي پراپت ڪين ٿيندي. مسٽر بارٽن ڪروڙپتي هو. هڪ ڏينهن پاڻکي پستول هٿي پنهنجو انت آڻي ٿو. آلر هتيا ڪرڻ کان اڳ هي هڪ پني تي لکي وڃي ٿو ته مان پنهنجو انت پاڻ آندو آهي. چاڪاڻ ته مان مهادکي آهيان. ان ڪري پاڻ کي لوشعائن جي تپت کان بچايو ته توهان کي چت شانتي ملي.

٢٢ مارچ داداجن لدويٹ روانا ٿيا. داداجن رات جو سنڌي مندر ۾ اپديش وڪا ڪئي. ٢٣ مارچ داداجن انگريزيءَ ۾ روح رهاڻ ڪئي. ٢٤ مارچ صبوح جو پياري ڪنعيي مڪٽاڻيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي. ٢٥ اپريل پرڻ جوتي گل جي گهر داداجن پرورچن ڪندي چيو:

ڪن کي ماضي من ۾، ڪن کي مستقبل،
جيئڻ لئي جي حال کي، جن وساريو حال.

جيڪي ڏوه ڪيا اڳون ارتاڻ جيڪي ٿي گذريو آهي، انهو وچار ڇا ڪجو. ان لاءِ ته ٻڌاوءِ کان صرف معافي وٺي

ٻارڙن، ٻوڙن، ٻڍن سيوا ۽ سچائي.

شري جڳموهن چيو ته هنن سنستائن ڪري ئي ڀارت زنده آهي. ڊاڪٽر لڪاڻيءَ ساڌو واسواڻي مشن جي شيوا ڪارڻ ٻوڄائن تي روشني وڌي.

١٣ مارچ تائين داداجن دهليءَ ۾ اُپديش ورکا ڪئي.

١٤ مارچ داداجن لنڊن ڏانهن روانا ٿيا.

١٤ مارچ ٻئي ڏينهن ٻوڄيه دادا جشن دهليءَ مان لنڊن پهتا. لنڊن هوائي اڏي تي ڪيترن ٻوڌين داداجن جو پشپ مالهائن سان سواگت ڪيو. وسپت ١٥ مارچ شام جو پياري لڪشمي شوداساڻيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي. ڪن ٻوڌين داداجن کان ڪي سوال پڇيا ۽ داداجن سليس نموني سڀني سوالن جا جواب ڏنا. هڪ ڀيڻ سوال پڇيو ته دک جو ڪارڻ ڇا آهي؟ داداجن ان سوال جو جواب ڀڌائيندي چيو ته دک جو ڪارڻ آهي ترشنا. جي توهين سکي رهڻ چاهيو ٿا ته ترشنائن جي آگ ٻجهايو. ٻيو سوال هو من جي شانتي ڪيئن ملي؟ داداجن چيو هر حال ۾ اُچاريو ”جو تنهن ڀاوي سائي ڀليڪار.“ جيڪي ٿئي ٿو اهو قبول ڪريو ن. هڪ هڪ آزمودو جو اسان وٽ اچي ٿو، چاهي دک هجي يا سک هجي، بيماري هجي يا صحت هجي يا نقصان هجي ان ۾ ڪو نه ڪو راز سمايل آهي. انڪري جيڪي ٿئي ٿو اُن تي راضي رهو ن.

داداجن ١٦ مارچ اسپين لاءِ روانا ٿيا. رستي جو لاس پال ماس ۾ ٺڪاريا. پياري رامچند ٻولچند ۽ ٻين ٻوڌين داداجن جو سواگت ڪيو. ١٧ مارچ صبوح جو راڌاسوامي آستان تي داداجن ٻوڄن ڪيو. تماشام جو هال ۾ داداجن اُپديش ڪندي چيو ته اڄ هوليءَ جو ڏينهن آهه. شري شيام سندر هولي ٻوڄ ۾ گوپين سان ملهائي. شري ڪرشن ڪنوري ڀاڳيءَ سان ڀڪاري

ٿو، جنهن ۾ شڪتي سمايل آهي: ”يھ ڀي گذر جائيگا.“ ڏک جي وقت، تڪليف لڳڻ جي وقت، ڪشٽ ۽ سور جي وقت اسين اهو منتر اچاريون، ”يھ ڀي گذر جائيگا!“ هي بہ گذري ويندو! ائين ڪرڻ سان اسانکي اندر مان شڪتي ملندي ۽ ڏک درد کي بهادريءَ سان منهن ڏيڻ سگهنداسين. جڳت سو جو پيو هلي. ڪابہ ڳالهہ ہميشہ نٿي رهي. جو ڏک اڄ آيو آهي، سو سڀاڻ تائين قائم ڪين آهي. پوءِ ڀاڄ کي ڏکي ڇو ڪريون! ڇو نہ، هي بہ گذري ويندو! ڪڪر لنگهي ويندا، وري سج چمڪندو! انڪري هر حال ۾ ڀڳوان کي ياد ڪريون، شڪرانا مڃيون.

ايران جي هڪ بادشاهہ ڍنڍورو گهرايو تہ مان هڪ منڊي ٺهرائڻ ٿو، جنهن تي ڪي اکر اُڪرائڻ چاهيان ٿو، جي اکر ڏک ۽ تڪليف ۾ مونکي آٿت ڏين. جيئن ڏک مون تي غالب نہ پوي. بادشاهہ چيو تہ جيڪو مونکي اهڙا اکر ٻڌائيندو انکي وڏو انعام ڏيندس. انعام جي لالچ تي ڪيترائي ماڻهو اکر لکي آيا مگر اهي اکر بادشاهہ کي پسند ڪين پيا. ڪجهہ وقت بعد بادشاهہ وٽ هڪ درويش اچي ٿو. بادشاهہ اُنکان ساڳيو سوال پڇي ٿو. درويش کيس چوي ٿو تہ مان توکي اهي اکر ٻڌايان ٿو جن مونکي هميشہ وڏو آٿت ڏنو آهي. اهي اکر آهن: ”يھ ڀي گذر جائيگا.“ درويش جا اهي اکر بادشاهہ جي دل ۾ گهڙي ويڃن ٿا ۽ هو اهي اکر منڊيءَ تي اُڪرائي ٿو. ڪڏهن بہ ڏک يا تڪليف اچي تہ هو اُن منڊيءَ ڏانهن نهاريندو هو تہ سندس دل کي سڪون ملندو هو ۽ ڏکن کي بهادريءَ سان منهن ڏيندو هو.

انهن لفظن جو مون پڻ استعمال ڪيو آهي. ڪيئن نہ هڪ ڏينهن مونکي اچي لڳو سور پيو. سور ويو وڌندو. اُن

آهي ۽ وري اهڙي خطا نه ڪرڻ جو سنڪلپ ڪرڻو آهي. گذريل لاءِ گهڻو ارمان نه ڪجي. هڪ ماڻهو گڏيو، مونکي چيائين ته ڪلهه مون شيئر وڪڻي ڇڏيا، اڄ انهن شيئرس جو اگهه چوٽ چڙهي ويو آهي، انڪري ڏاڍو ڏکي آهيان. مون کيس سمجهايو پيارا! هاڻي ان ڏک ڪرڻ مان ڇا ورندو! وري ڪي آهن جن کي آئينده جو به ڏاڍو خيال لڳو ٿئي. انهن اجاين ويچارن مان ڪجهه ڪين ورندو! جيڪي ڪرڻو اٿو سو هينئر ئي ڪريو. پوءِ گهڙي پوءِ ويلا. سڀاڻي الائي اچي الائي نه اچي! ان ڪري هينئر ئي نام ياد ڪريو. ڏکين ٻين جي سيوا ڪريو. جيون ۾ سمرڻ ۽ سيوا جي ساکي ڏيو.

٢٦ مارچ داداجن ٽينريف مان وري لاس پال ماس واپس آيا. ٣٠ مارچ تائين داداجن آئي جدا جدا آستانن تي انگريزيءَ ۽ سنڌيءَ ۾ پرووچن ڏنا.

٣٠ مارچ پوءِ داداجن ملاگا ۾ پڌاريا. ٣١ مارچ نماشام جو داداجن پرووچن ڪندي چيو ته اڄ سنت گيانيشور جو جنمدن آهي. جهڙو سندس نالو هو تهڙو ئي هو گيان جو ڀنڊار هو. پندرهن ورهين جي عمر ۾ هن پياري سنت 'گيانيشوري' لکي جا مرهٽي ڀڳتي ساهتيه ۾ سندس اموليه دان آهي. ننڍپڻ ۾ ئي سندس من ۾ وئراڳ واري ڀاونا پيدا ٿي ۽ سندس چت جي ورتي ڀڳوت ڀڄن ۾ لڳي. سادڪ لاءِ وئراڳ ۽ ابياس ضروري آهي. اوهين ڀلي سنسار ۾ رهو پر ورڪت ڀاونا سان رهو، پوءِ توهانجو من سمرڻ ۾ لڳندو. مايا وي پدارٿ اسانکي ڪڏهن نه ور ور ڪشش ڪن ٿا، ان ڪري ڪيترا ڪري پون ٿا. پاڻ کي ڪرڻ کان بچايو، ان لاءِ نام ڄپيو، نام ڌيايو!

١ اپريل ملاگا جي راڌا سوامي هال ۾ پوڄيه دادا جڏهن پرووچن ڪندي چيو ته اڄ پيارو دادا اسانکي عجيب سنيهو ڏني

ٽڪيٽ جو هڪ ٽڪڙو به ڪونه ٿي ڏنو. سڀئي داتا ٽڪيٽ جا پيسجي ويا. ليڪن هن سنسار جي چڪيءَ ۾ به هڪ هڪ انسان پيو پيسجي. سنت ان حالت جو ويچار ڪري پيا روئن. پيا اسانکي پڪارين ته جي ڇٽڻ چاهيو ته نام جي اوٽ پڪڙيو. ڪو به نام ڪٿو: ستنام، واهگرو، اوم، رام، شيام، ڪرشن، اوم نمو نارائڻ، اوم نمو ڀڳوتي واسديوايه. ڪو به نام ڪٿو، جيترو ننڍو، اوترو بهتر، اهو وري وري اچاريو! نام ۾ ئي انسان جو ڇوٽڪارو آهي.

سبب ڪهڙو جو اسين هن چوراسي چڪر ۾ ڦاٿل آهيون؟ گرو جن چيو ته:

هئه مئلا مل ڪپهون نه ڌوويءِ،
هڙڪا لسام ڪوٽ پاپ ڪوويءِ.

هئه مئه جو مثل اسان مان هڪ هڪ جي اندر آهي، 'مان مان' جو ويچار اسانکي ڳڙي ويٺو آهه ۽ اسين پيا دکي ٿيون. شل ڌماڪا ٿيون. اسين آهيون ڪير؟ ڪجهه ڪين! دادل شاهه. ولايت ۾ نيپولين جي قبر ڏٺي. سندن اکيون آليون ٿيون. چيائون نيپولين، وڏو بادشاهه شهنشاهه، جنهن جي نالي سان بادشاهتون ڏڪنديون هيون، اڄ جي حالت ڪهڙي؟ هن وقت هن قبر ۾ هڪ ٻڪ مٽيءَ جو ٿيو پيو آهي. دادل شاهه ان وقت چيو: اي انسان! تون آهين ڪير؟ مٽيءَ جو ڍير! پوءِ ٻانور ڇا جو؟ اڀمان ڇا جو؟

ٿورا ڏينهن ٿيا ته اسان ڏٺو ته ڀٽي صاحب جي ڪهڙي حالت ٿي! هڪ وقت هو پاڪستان ۾ بادشاهه وانگر هو. هڪ آڱر کڻندو هو ته سوين اچي حاضر ٿيندا هئا. هن جي پاڪستان تي حڪومت پئي هلي. ساڳيو ڀٽو صاحب ڏسو ته جيل جي هڪ اونداهيءَ ڪوٺڙيءَ ۾ پيو ۽ ڪيس زوريءَ ڦاهي ڏني

وقت مان اُٿي نچڻ لڳس ۽ وري اُچاريم: ”هيءَ بہ گذر جائيگا.“ عجيب اسرار! ٿوري ئي وقت ۾ محسوس ڪيم تہ سڄو جهڪو ٿي ويو آهي. شايد سڄو نہ بہ ٿيو هجي، پر جي اسين پاڻ کي ياد ڏياريون تہ هي سڄو ٿوري وقت واسطي آهي تہ اُن جو اثر گهٽ محسوس ڪريون ٿا. اڄ اسان مان هڪ هڪ جيڪو هي منتر پاڻ سان کڻي وڃي ”هيءَ بہ گذر جائيگا.“ ڏک درد تڪليف وقت اهو منتر اُچاريون ۽ پرڀوءَ کي نہ وساريون. هر حال ۾ شل راضي رهون! اهائي سچي بندگي آهي. جو هر حال ۾ راضي رهي ٿو سو سياڻو. اُن جي جيون ۾ عجيب سڳنڌ، خوشبوءِ اُٿي ٿي.

٣ اپريل مليچا ۾ اُپديش ڪندي پياري دادا جشن چيو تہ توهين سياڻا آهيو جو روز هت مندر ۾ اچي ستسنگ جو لاڀ حاصل ڪريو ٿا. هت هزارين لوڪ رهن ٿا پر ڪن ٿورن کي ستسنگ لاءِ چڪ اُٿي ٿي. ٻيا سنسار جي مزن ۾ خوش آهن. سنيمائن، ڪلبن ۽ پارٽين ۾ وڃي پنهنجو وقت خرچ ڪن. ڪي ٿورا آهن، جن کي پرڀوءَ لاءِ پياس اُٿي ٿي. اهي چاهين ٿا تہ اسين ڪال چڪر کان ڇٽون. گروجن چون ٿا تہ جي لک يا ڪروڙ پاڻهون هجن تہ بہ ڇٽي ڪين سگهندا. ڇوٽڪارو تڏهن ملي ٿو، جڏهن انسان نام جو اڀياس ڪري ٿو. نام جي اڀياس دواران انسان هن پار پهچي ٿو.

سنت ڪبير هڪ موقعي تي اٽي جي چڪي ڏٺي ۽ اُن وقت هيٺيون شلوڪ اُچاريائين:

چلتي چڪي ديکڪي، ديا ڪبيرا روءِ،
دو پاٽن ڪي بيچ ۾، ثابت رهيا نہ ڪوءِ!

سنت ڪبير چوي ٿو تہ جيئن چڪي پئي هلي، مون روئي ڏنو. ڇو تہ مون ڏٺو تہ چڪيءَ جي ٻن پُڙن جي وچ

ڇيٽي وڃائي ٿو ته سنياسيءَ جي مٿي تي اچي ٺڪريءَ جي چٻ ڪري ٿي. سنياسي واڪا ڪري ٿو. ٺڪري چوي ٿي "منهنجي مٿان ٿون ڏهه سال وهنين، هاڻي مان توکان حساب وٺنديس." ايتري ۾ ڪيترا جيڙ جنتو اچي ٿا سهڙن، جي سنياسيءَ کي چڪ پائين ٿا ۽ چون ٿا ته تو هلندي چلندي، سواس کڻندي اسان کي ماريو آهه. تڏهن سنياسي توبهه ڪري ٿو ۽ پڪاري ٿو "مونکي فضل ڪجي." گرو جن پڻ پنهنجي باڻيءَ ۾ چون ٿا:

ايڪي ڪبهوُن نه ڇوُٽني، مٿن ڪن ڪن پولن هار

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! پنهنجون دليون صاف رکو ته توهانجي دلين ۾ اچي دلبر وهي. دلبر جو ديدار ملي ٿو صاف دلين وارن کي. روز پڪاريو "ستگر سائين! اسانجي من جي مئل دور ڪر! پنهنجي دئا جو دروازو کول. مونکي معاف ڪر، مونکي صاف ڪر، دروازو کول."

٢٠ اپريل پوڄيه دادا جشن ڪولمبيا يونيورسٽيءَ ۾ 'پارليه ڌرمن جو سنديش' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته سڀني سنتن درويشن جو هڪ ئي آواز آهه ته پنهنجو پاڻ سڃاڻو. توهين سڀ چيتن آنند روپ آهيو. توهان مان هڪ هڪ ۾ آتما وياپڪ آهي. آتما پرماتما جو روپ آهي. انڪري سڀ ۾ ساڳي سونهار ڏسي من مان ويڙ ونجوڳ نفرت ڪڍي ڇڏيو. سنتن جاهي صوفين اولم جو پيغام ڏنو آهه. شري گوتم بڌ، مهاوير، گرو نانڪ، مهاتما گانڌي، پياري دادل شاهه اولم جو سنديش ڏنو. شري ايشا جنهنجي اڄ يادگيريءَ جو ڏينهن آهه. ان ۽ پيار ۽ دئا جو پيغام ڏنو. پيد ياڳ پڙهيو آنند پايو، مانش جو سڱل بڻايو. آتموان ٿيو. آتم سوروپ کي سڃاڻو، او اڄ سائنس ٿيو ٿي سيڪاري. وگيان معنئي وشيش گيان. حقيقت

ڦاھيءَ جي تختي تي لٽڪائين ٿا! اسان مان ھڪ ھڪ ڄڻي
وري ڪال جي ڦاھيءَ جي تختي تي لٽڪيو پيو آھي. سبب
آھي اسانجي ھٺ مٺ، اسانجي ’مان مان‘. انڪري شل نماڻا
ٿيون. ڪجھ ڪين ٿيون. ٻوڙائون تہ شڪتي اڪ پرڀوءَ جي
آھي. اسين سڀ ڀڳل اوزار آھيون.

١٧ اپريل پيٽ آشا لعلچند جي گھر پوڄيہ دادا جن
روح رھاڻ ڪئي.

١٨ اپريل نيويارڪ جي پارٽيہ ٽائون ھال ۾ پوڄيہ دادا جن
انگريزيءَ ۾ ’وشو شانتي‘ وشيہ تي وياکيان ڏنو.

١٩ اپريل پوڄيہ دادا جن پياري ڀڳوان ڏالواڻيءَ جي
گھر اُپديش ڪندي چيو تہ پرڀوءَ کي ھر وقت اھا پرارٿنا ڪريون:

’مونکي معاف ڪر، مونکي صاف ڪر، دروازو کول‘

اسان مان ھڪ ھڪ کي نہ ڪي خطائون ڪيون آھن.
پرڀوءَ کان اُنھن لاءِ روز روز معافي مڱون. توھان مان ڪوئي
آھ جنھن چوڪ نہ ڪئي ھجي. سدائين رب کان رحم گھرو،
فضل گھرو.

عدل ڪرين تان جاءِ نہ ميڏي فضل ڪرين تان جيوان،
چارئي پلو ميرا چڪڻ پڌاء، ڪوڙا ڏونئي ڏووان.

ھڪ سنياسيءَ ھڪ نگريءَ ۾ وڃي ڪيترا نہ سال
تپسيا ڪئي. ڪيلا کائي گذران ڪندو ھو. سوررو سج سمرڻ
۽ ستلو ڪندو ھو. جڏھن ھي سناسي جيون يائرا پوري ڪري
سورڳ جي دروازي وٽ پھتو تہ فرشتا ھنکان پڇن ٿا ”ڪريا
ڪھڙي يا حساب ڪتاب؟“ سنياسي چوي ٿو تہ مان ڪريا ڇا
ڪندس. مون تہ ٻاڙويءَ تي ڪو پاپ ڪين ڪيو آھ! وري
فرشتو ساڳيو سوال دھرائي ٿو تہ عدل ڪھڙي يا فضل؟ سنياسي
ضاوڙ ۾ چوي ٿو ”ڇيہ ڪين تہ فضل نہ کپي.“ فرشتو ھڪدم

هيڏي لمبي مسافريءَ لاءِ تياري نٿو ڪري!"

هڪ هڪ لهه ڪال جو گهنڊ ضرور وڄندو، پوءِ اسين پاڻ کان پڇون ته اسان مان گهڻن ان مسافريءَ لهه تياري ڪئي آهه! اسين سڀ وقت غلطان آهيون اڱيان جي ننڊ ۾، مايا جي خمار ۾، ڪال اسان کان وسري ويو آهه! جي موت جي ياد هجي ته اسين سدائين سجاڳ رهون؟ سڀ گڏ ڪريون سنڪرمن جو. سنڌ جو درويش شاهه لطيف چوي ٿو:

ستا اُٿي جاڳ ننڊ نه ڪج ايتري،
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪئي نا ملي!

هن پرٿويءَ تي روز ڏيڍ لک ماڻهو مرن ٿا. فرانس جي راڄا جي وزير کي شوق هوندو هو سهڻين شين ڪٺي ڪرڻ جو. جمع ٿي ويندو هو، انهن سڀني ۾ من موهيندڙ شيون وٺي ايندو هو ۽ اهي شيون هڪ هال ۾ سهڻي نموني ناهي رکندو هو. ڪجهه سالن کانپوءِ هي پيارو بيمار ٿي پيو ٿو. ڊاڪٽرن کي پڪ ڪرڻ کان ته جهلي ٿو. سندس حالت گنڀير ٿي وڃي ٿي. ان وقت کيس خيال اچي ٿو ته ڇا مان اهي منڙيل شيون ڇڏي ويندس! چوي ٿو ته هڪ دفعو انهن شين جو مونکي درشن ڪرايو. ليٽ ان هال ۾ کيس وٺي وڃن ٿا ۽ هي پيارو انهن گڏ ڪيل شين کي ڏسي زار زار روئي ٿو ۽ چوي ٿو ته سڀ الي ٿي ڇڏي ويندس!

اسين به رات ڏينهن دنيا جا مال اسباب ڪٺا ڪريون ٿا! جڏهن ڪم لاءِ هت آيا آهيون اهو ڪم اسان کان وسري ويو آهي! ان وزير وانگر اسان کي به زار زار روئڻو پوندو. ان ڪري منهنجا پيارا پائرو ۽ پيارئون ڀيڻرون، سجاڳ ٿيو! موهه چڪر مان نڪري سمرڻ ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪريو. آئينده لاءِ سنڪرمن جو توشو تيار ڪريو.

۽ آتم گيان ني وشيش گيان ارٿات وگيان آهي.

٢١ اپريل پوڄيه دادا جشن ڪميونٽي چرچ ۾ شري ايشا جي جيون تي سکياداڻڪ وياکيان ڏنو. ساڳئي ڏينهن رات جو داداجن پڻ اندران ارجن ميرپوريءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي.

٢٢ اپريل پوڄيه دادا جشن نيويارڪ جي شري گيتا مندر ۾ وياکيان ڪندي چيو ته ڪيتري وقت کان پياس هيم ته توهان پيارن سان اچي ملان، پر سڀ ٿئي ٿو حڪم ۾. حاڪم جو حڪم مونکي هت وٺي آيو آهه. توهين سڀني، هت سڀنيءَ ۾ ڀالهارو ٿيا، تنهن لاءِ توهانکي ڌنيواد، جو ماتر ڀاشا زنده رکي ويٺا آهيو.

هڪ شاهوڪار کي هڪ رنگ برنگي پڳڙي آهه. دل ۾ سوچي ٿو ته اها جيڪر ڪنهن کي ڏئي ڇڏيان. وٽس روز هڪ الست فقير ڀکيا وٺڻ ايندو هو. شاهوڪار کيس ماني ڏيندو هو. اهو فقير ڏسڻ ۾ الست هو پر پهچل شخص هو، ڌڪاري ڪين ڏيندو هو. شاهوڪار ان شخص کي اها پڳڙي ڏيندي چيو ته هيءَ پڳڙي پاءِ، جي پاڻ کان وڌيڪ ڪو مورک ڏسين ته ان کي هيءَ پڳڙي ڏئي ڇڏجانءِ.

هي فقير ته روئي وئي، پڳڙي پائي رمندو رهيو. ڪجهه وقت بعد ان شاهوڪار کي دل جي بيماري ٿي، ڊاڪٽرن جواب ڏنو. اها خبر ان فقير کي پوي ٿي ۽ هو ان شاهوڪار وٽ اچي هن کان پڇي ٿو "پيارا! توهين ڪيئن آهيو؟ توهين جنهن مسافريءَ تي وڃين ٿو، تنهن لاءِ ڪا تياري ڪئي اٿيئي، ڪو سمر ڪنو ڪيو اٿيئي؟" شاهوڪار چيو "مون ڪا تياري ڪين ڪئي آهه ۽ نه سمر اتم ساڻ." شاهوڪار جي اکين ۾ ڳوڙها آهن! ان وقت هي مست فقير اها رنگبرنگي پڳڙي ان شاهوڪار کي پائي ٿو ۽ چوي ٿو "اهو مورک ناهه جو

ڪيئن ورونءَ ٻيڙا آهه وڃري،
جڏهن سائين جي ٻه آهه قسمت ڪيري!
ڪيئن الٽي دوزخ ڏئار،
ڪرونڊي ڪيئن لڏڪي ٻوڙي پار!
ٻوڙي نماڻي آئي ڏئار لهاري،
ڏوڙ ڏيا ته ٿي روئا نهاري!

روح رهاڻ ڪندي داداجن کان هڪ ٻاهريئن پڇيو ته توهين ڇو نٿا ٻوڙڪ کان ٻوڙي رهو. ڇا ٻوڙ پنهنجي استريءَ سان ته پيل ٻوڙڪ ڪجهي نه؟ دادا جيئن ان شڪا جو سماڌان ڪندي چيو ته اُن لئه ٻه نيم جو پالن ڪجي. سڀ ڪم ۽ وچن وات ونجي. ٻهمچريه پالڻ ڪرڻ سان مڌش جي اوجس شڪتي ڪلي ٿي. ان ڪري ڪائڻ پيئڻ، ننڊ جاڳڻ، هلڻ چلڻ، سڀ ڪنهن ڳالهه لئه نيمن ۽ هلڻ گهرجي. ڪاوڙ لڏهن نعي ٿي جڏهن ڪو ڪم اسانجي ويچارن جي اڪول نٿو ٿئي. اُن وقت پاڻ تي ضابطو رکو. چيو: ٻاٻو! ان ۾ ڀلو هوندو.

٢٩ اپريل نيويارڪ ۾ داداجن آخرين اپديش ڪندي چيو ته ٻوارٿنا ۾ ٻڪو وشواس رکو ۽ نت نيم ٻاٻوءَ کي ٻوارٿنا ڪريو. توهين چوندا ته توهانکي وقت ڪٿي آهي؟ آئين ته چئو. رستي تي هلندي، موٽر يا ٽرين ۾ سفر ڪندي، بس لئه انتظار ڪندي، جڏهن ٻه توهانکي وقت ملي ته پنهنجي دل اندر ٻاٻوءَ سان ڳالهيون ڪريو. ٻاٻوءَ جي ويچار ۾ رهندا ته توهانجو دل درپڻ وينڊو صاف، نرمل ٿيندو. ٻين جي مدد ڪريو. هڪ ٻئي کي همدردي ڏيو، ڏڪ ڏيو، پيار ڏيو. ڪالهه مونکي هڪ ياد ڪڍيو جڏهن چيو ته هن هرڪو پاڻ ۾ ٻورو آهي. آئين ته ڪريو. ٻين کي آٿت ڏيندا ته توهانکي ازخود آٿت ملندو.

شري آر. جي. آڏواڻي داداجن جي شڪواڻي ڪندي

رات جو پوڄيه دادا جن پياري چندرو جوتواڻيءَ جي گهر ۾ روح رهاڻ ڪئي.

٢٤-٢٥ اپريل دادا جن جدا جدا آستانن تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنا. ٢٧ اپريل دادا جن 'جيئڻ جي ڪلا' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته پرائي پڇر ۽ نندا کان پري رهو. سانت ۾ ويهي پاڻ کي پهچاڻڻ جي ڪوشش ڪريو. پنهنجو آپو مٽايو، اندرين تي ضابطو رکو. اکيون نرمل پاڪ رکو. اکين ۾ نرمتا جي جوت جڳايو. مهاتما گانڌي ٽن باندرن جي تصوير پاڻ وٽ رکندو هو: نه برو ڏسو، نه برو ٻڌو، نه برو ڳالهايو. انهن گڻن سان پنهنجي جيون سڦلتا ڪري سگهندا.

٢٨ اپريل پوڄيه دادا جن پياري ارجن ميرپوريءَ جي گهر ۾ روح رهاڻ ڪندي چيو ته ڪروڌ مان پيا ڪيترا ڏک پيدا ٿين ٿا، مانسڪ ڏک، شاريرڪ ڏک. ان ڪري ڪروڌ کان ڪنارو ڪريو. ڪروڌ ڪري انسان پنهنجو پاڻ ڏکي ٿئي ٿو، پوءِ ٻين کي به ڏکي ڪري ٿو. هڪ سنت پنهنجي ٻانيءَ ۾ چوي ٿو:

ڪروڌ برو دک دائي،
پهلي آگ لڳي من اپني، پاڇي اؤر جلائي،
جو جو اوگڻ انتر هووي، سو سو پرگهٽ بتائي.

سچ پچ جڏهن وقت انسان کي ڪروڌ اچي ٿو، اهو اوڏيءَ مهل پنهنجي گت مت وڃائي ٿو ڇڏي. ان وقت غم ڪاڻي وڃڻ گهرجي. ڪروڌ نرڪ جو دروازو آهي. ڪڏهن ڪڏهن انسان جو سڀاءُ اهڙو ٿو ٿئي جو ذري پرزي ڳالهه تي جهٽ ئي ڪروڌ ڪري ٿو. ان ڪري پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪجي ته پرڀو ان وڪار کان دور رکي. پيارو دادا پنهنجي ٻانيءَ ۾ چوي ٿو:

٨ مئي تائين دادا ڄڻ مياميءَ ۾ روح رهاڻ ۽ پروچن ڪيا. دادا ڄڻ اُتان سينٽ ٿامس ڏانهن روانا ٿيا. ٩ مئي شام جو دادا ڄڻ اُتي 'موت ڇا آهي' وشيه تي پروچن ڏنو.

١٠ مئي سينٽ ٿامس جي اسڪول ۾ ستسنگ جو ڪاريڪرم رکيو ويو. پوڄيه دادا ڄڻ اُپديش ڪندي چيو ته اڄ شري سکمڻي صاحب مان ڪڍيو ته منو وچن آيو:

سڀ ڌرم مهه شريشٽ ڌرم،
هرڪو نام جپ نرمل ڪرم.

گرو ارجن ديو جن جي زماني ۾ ڌرم جي نالي ۾ ڪيترا نه لکوار هئا! هن وقت به لوڪ ڌرم جي نالي ۾ ڪيترا نه لکوار پيا ڪن. هڪ هڪ ڌرم آهي رستو، جو ساڳئي هنڌ پهچائي ٿو. پياري دادا اها سکيا وري ڏني ته سڀني ڌرمن ۾ اِڪ جوتي آهي، جڏهن اسين اِڪ جوتي سڀني ڌرمن ۾ ڏسي پنهنجي راهه ۾ هلندا ڪنداسين ته اچي پرم منزل تي پهچنداسين. هن سرشٽيءَ کي ڪل مالڪ جي شڪتي جهلي بيٺي آهي. اها اندروني شڪتي آهي نام. سڀ اِڪ نام جي آڌار تي هلن پيا. آتمڪ شڪتيءَ سهاري هلون پيا. اُن شڪتيءَ جي پروڙ پايو. اسين ڪهڙن ڪمن ۾ پيا پنهنجي جيون گذاريون؟ ڇو نٿا اُهو انحد شبد ٻڌون، جو اِڪ اِڪ جي اندر پيو وڃي. اسين گوڙ شور ۾ آهيون. سالن ۾ ڪجهه وقت گذاريون ته انحد شبد ٻڌون. اجايون ڳالهيون ۾ وقت ڪين وڃايو. گروءَ ڪان نام جي اپديش منگو: 'مانگئو دان، ٺاڪر نام!' نماڻا ٿي، نيڻهن نيوال ايٺن سان پرم خزانو گهرو، هريءَ جو نالو جپي نرمل ڪرم ڪريو. نرمل ڪرم سو، جنهن ۾ وڪار ۽ اهنڪار جو ڏنگ ڪين آهي. جنهن ڪم دواران سڀ جو ڀلو ٿئي ٿو. جنهن ڪم ۾ ديا جو ڀاءُ آهي. دکين غريبن لاءِ ديا ۽ پکين پسن لاءِ ديا. جو نرمل

چيو ته آمريڪا ۾ ور ور اچي ٻاسي دلين جي پياس پوري ڪريو.

۱ مئي داداجن ميامي ۾ پڌاريا. ۳ مئي داداجن اُپديش ڪندي چيو ته گروءَ جي شرڻ وٺو. اڄ شواجي مهاراج جي يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. شواجيءَ سڀ ڪجهه گرو رامداس جي چرنن ۾ ارپڻ ڪيو. گروءَ چيس ته مون اڄ راڄ ڪيو، پر هاڻ هي ڪنجيون کڻي وڃي تون راڄ هلاءِ. دکين دريدرن جي وڃي سيوا ڪر. راجائي مايا کي پنهنجو نه سمجهي دکي لوڪن جي ڪلياڻ لاءِ خرچ ڪر. اوهانکي به پربوءَ جيڪي ڪجهه ڏنو آهي سو پربوءَ جو سمجهي ايشور جي ڀاونا سان دکين دريدرن جي خدمت ۾ خرچ ڪريو.

۵ مئي داداجن فلوريڊا انٽرنيشنل يونيورسٽيءَ ۾ وياکيان ڏيندي چيو ته گروجن فرمائين ٿا:

سڪل سرشٽ ڪو راجا دکيا،
هرڪا نام جپت هوءِ سکيا.

سڄي سرشٽيءَ جو راجا به دکي آهي. فقط جنهنجي دل نام سان لڳل آهي سو سکي آهي. ان ڪري نام سان نينهن لڳايو. اجايون ڳالهيون ۾ وقت برباد نه ڪريو. هڪ گهر کي اچي باهه لڳي. لوڪ باهه وسائڻ جا ڏول ڀري آيا. مالڪ چين ته اوسو، پهريان موکي ٻڌايو ته باهه ڇو لڳي، ڪيئن لڳي، باهه جو ٽيمپريچر گهڻو آهي؟ ايتري وچ ۾ گهر وڃي جلندو. لوڪن سمجهايس پر نه سمجهيو. تيئن سنت ستپرک به اسانکي سمجهائين ٿا پر اسين اجايون بحثن ۽ ڳالهين ۾ امولهه جيون وڃايون ٿا ۽ انهن هي ڪايا روپي سندر مڪان سڙي خاڪ ٿئي ٿو. انڪري هن منش ديهه جو قدر ڪريو، سمرڻ ۽ سيوا ۾ جيون سڦل ڪريو.

ڏنائين ته ٻوٽن هڪ انڌي ٻلي وٺي آهي، اُن کي هيءَ ٻلي ڏاڍو پيٺي پهچائي. اُن وقت ڪمري جي اندر آواز آئي ٿو ته "اي موڙهه مڙسا! تون پيو چئين ته تنهنجي سنڀال ڪير لهندو. هن انڌي ٻليءَ کي ٻوٽو روزي رسائي ٿو، سو تنهنجي به سنڀال لهندو. هي پيارو هڪدم وزيري ڇڏي فقيري اختيار ڪري ٿو. بندگي ڪندي وڏو درويش ٿي پوي ٿو.

٢٠ مئي تائين داداجن باربيڊوز ۾ جدا جدا گهرن ۽ آستانن تي اپديش وڪا ڪري پياسين جي پياس پوري ڪئي.

٢١ مئي داداجن ڪراسا ۾ پڌاريا. اتي پڻ داداجن ٢٤ مئي تائين جدا جدا هنڌن تي پروچن ڏنا. ٢٤ مئي داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته روحاني راهه ۾ هلڻ لاءِ ٽن ڳالهين جي ضرورت آهي: شڪر، صبر، ڌيرج ۽ ڌيان. انهن ٽن نيمن جو پالن ڪنداسون ته جيون ياترا ۾ سکي گذاري سگهنداسون. هر حالت ۾ شڪر ۾ رهڻ ضروري آهي. هاءِ! هاءِ! ڪرڻ مان ڪجهه ڪين ورندو، پاڻ جهٽ شانتي وڃي ٿي. ان ڪري هر حال ۾ خوش رهو. صبر ۽ خوشيءَ سان سهو.

٢٥ مئي داداجن جميڪا ۾ پڌاريا. اتي داداجن چار ڏينهن اپديش وڪا ڪئي. آخري ستسنگ ۾ داداجن اپديش ڪندي چيو ته ايڪانت ۾ پنهنجي من کان پڇو "پيارا! تون هن دنيا جي بزار ۾ آيو آهين سودو ڪرڻ. پوءِ ڪهڙو وٺو سودو ڪرين؟ ڪهڙي پونجي کٽي ڪئي اٿئي جا پرلوڪ ۾ ڪتي وڃين! شرير اٿو اڪ مٽڪي سمان، جنهن ۾ سوانن جي پونجي ڀريل آهي. اها پڃان بچايو. انهن سوانن سان ستنام جو سودو ڪريو. چوويهن ڪلاڪن ۾ اسين ١٧٢٨٠ دفعا سواس کڻون ۽ وري ساڳيا دفعا ٻاهر ڪڍون ٿا. ڪل ٣٤٥٦٠ سواس کڻون ۽ ٻاهر ڪڍون ٿا. هڪ هڪ سواس جو ڪيڏو نه ملهه آهي. هڪ ڪروڙپتي کي

ڪرم ڪري ٿو سو هنسا جي ڪانئي کان دور رهي ٿو. اهو ستت ڌرم جي راهه تي هلي ٿو. نرمل ڪرم وارو انسان هر حال ۾ سنتوش ۾ رهي ٿو. سنتوش جو انسان هيءَ ٻوڙ ٻاڻي ٿو ته جيڪي ٿيو آهي، جيڪي ٿئي ٿو، جيڪي ٿيندو سو اُن پرڀوءَ جي حڪم ۾ ۽ اُن ۾ ئي جڳ جو ڀلو آهي. سنتوش وارو پرڀوءَ جو حڪم چشمن تي رکي پيو پڪاري:

'جا لڳ ڀاوي، سائي ڀلي ڪار!'

١٣ مئي تائين داداجن سميت ٿامس ۾ جدا جدا پروڳرامن جي گهر روح رهاڻ ڪئي. شام جو شيرپٽان هوٽل ۾ داداجن 'سچي خوشي ڪيئن حاصل ڪجي' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ١٤ مئي داداجن بار بيجوز ۾ پڌاريا. ١٤ مئي آلي راڌا سوامي هال ۾ داداجن اُپديش ڪندي چيو ته پنهنجي پيٽ گذران لاءِ اجائي مشاڪت نه ڪريو، ڪوڙ پاپ کان ڪنارو ڪري سچ جي ڪمائيءَ مان گذران ڪريو. ٻيو پاڻهي توهانجي سار لهندو، سائينءَ ۾ صدق رکي سمرڻ ڪريو.

ٽنهي مشهور وزير ٿي گذريو آهي. هي پيارو هڪ بادشاهه وٽ وزير هو. ايماندار، هڏڏوکي همدرد وزير هو. سندس دل جي اندر پياس اُٿي ته جيڪر وزيري ڇڏي فقيري اختيار ڪريان ۽ اِڪ خدا جي خدمت ۾ باقي جيون گذاريان. پر وري ڪيس خيال اچي ٿو ته مان ڪانيندس ڪٿان؟ ڪير منهنجي سنڀال لهندو؟ هڪ ڏينهن جيئن هو پوڄن وٺي ڪاٺو ته هڪ ٻلي 'مياٺو' 'مياٺو' ڪندي سندس اڳيان اچي بيٺي. ٽنهي پنهنجي مانيءَ مان اڌ ماني ڏنس. ٻلي منهن ۾ اڌ ماني جهلي هلي وئي. وري اُن ڏهن منٽن بعد اچي 'مياٺو مياٺو' ڪرڻ لڳي. اٽين پنج ڇهه دفعا ٻلي آئي وئي. ٽوسف پچاڙيءَ جي دفعي ٽنهيار ته اُن ٻليءَ جي پٺيان ويو. پاهر اچي

٤ جون ٻوجهه دادا جن چڪاڳو ۾ ٻڌاريا. ٥ جون دادا جن پياري پرڪاش جولوائيءَ جي گهر ۽ ٦ جون ڊاڪٽر نرگس آواراماڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪندي چيو ته هر حالت ۾ راضي رهڻ ۾ ئي ڀلو آهي. جيڪي ٿئي ٿو اُن کي ٻاٻوءَ جي سوغات ڪري سمجهجي. گرو امرداس لاءِ هڪ شش روز کچڙي رڌي کڻي ايندو هو. هڪ ڏينهن جڏهن هُو کچڙي رڌي کڻي پيو اچي ته رستي ۾ اچي ٿو طوفان لڳي. هي پيارو اُن وقت طوفان بند ٿيڻ لاءِ ٻاٻوءَ کي پرارٿنا ڪري ٿو. طوفان بند ٿي وڃي ٿو ۽ هي شش کچڙي کڻي گروجن وٽ اچي ٿو. گروجن منهن ڦيري ٻئي پاسي ڪن ٿا. شش وري اُن پاسي وڃي ٿو ۽ گروجن وري منهن ڦيرائن ٿا. تڏهن اهو شش هٿ جوڙي چوي ٿو "سائين! مون ڪا خطا ڪئي هجي ته معاف ڪريو." گروجن چون ٿا، "پيارا! تو ٿوري کچڙيءَ ڪري واهي پرارٿنا ڪئي ته طوفان بند ٿئي. اهو طوفان ٻاٻوءَ لڳايو. اُن مان الائي ڪيترن جيون کي ڪاڌو ملي ها! ٻاٻوءَ جي ڪرتيءَ ۾ دستدرازي نه ڪجي، ٻاٻو جيڪي ڪري ٿو اُن ۾ ڀلو آهي. اوهين به نفعي ۾ چاهي نقصان ۾، ٿڌ ۾ چاهي گرميءَ ۾ هر حال ۾ خوش رهڻ جي ساکي ڏيو.

٧ جون شام جو اسڪول جي هال ۾ دادا جن وياکيان ڪندي چيو ته هي شهر مون لاءِ تيرٿ آستان آهي. هڪ صدي اڳ هتي سوامي وويڪانند آيو ڀارت جي رشين جو پيغام کڻي. مان به پياري دادل شاهه جو سنديش سڻائڻ آيو آهيان، جاڳو! جاڳو! غفلت جي ننڊ مان سجاڳ ٿي پنهنجي امولهه جيون نام سمرڻ ۽ سيوا ۾ سڦل ڪريو. جيئو دنيا جي جوت جڳايو! دکين کي گلي لڳايو!

١١ جون دادا جن بنگلور روانا ٿيا. اُتي به ڏينهن امرت ورکا

ڪروڙ ڏيڻ لاءِ تيار ٿيو ته ڪو کيس اُهو ڏئي، پر هڪ به اُهو نه ملي سگهيس. انڪري منهنجا پيارا! پنهنجا سواس اجايا نه وڃايو. انهن جو قدر ڪريو. اهي سواس سمرڻ سان سڦل ڪريو. هينئر کان ئي اهو ڪم شروع ڪيو. سنتن چيو آهي ته:

جب ڪلي آئي بزار، تب سؤدا نا ڪيا،
جب هٿي هٿ ناڻ، تب سؤدا ياد پيا.

سنسار ۾ سنتن ستپرکن جو سنگ ڪمايو، سڪرم جو سودو خريد ڪريو ته توهانجي جيون سڦل ٿئي.

پياري پاپ گرباڻيءَ وديش جي جدا جدا شهرن ۾ پياري دادا جشن جا ڪاريڪرم رکيا هئا. ۲۹ مئي داداجن کي ويسٽ ۾ پڌاريا. اُتان داداجن ٽيليفون تي پوني جي سنگت کي اُپديش ڏنو. دادا جشن کي ويسٽ ۾ روح رهاڻ ڪندي چيو ته هڪ دفعي ڪنهن پوڙهيءَ پڇيو ته پوپوءَ کان گهرڻ کپي يا نه؟ مون چيو "پوپوءَ کان گهرون ٿا ته ڪا خراب ڳالهه ڪين ٿا ڪريون. 'تم مات پتا، هم بالڪ تيري!' پوپو مات پتا آهه پوءِ ڇو نه اُن کان گهرون. پر جنهنجو پوپوءَ ۾ پورڻ وشواس آهي، سو چوي ٿو "پوپوءَ کان ڇا گهران؟ پوپوءَ کي مون کان وڌيڪ چنتا آهي. جيڪو پوپو مون لاءِ ڪري ٿو ۽ ڪندو، اُن ۾ ڀلو آهي." هڪ ننڍڙو بالڪ ماتا کان ماچيس گهري ٿو ۽ هوءَ کيس ماچيس نٿي ڏئي ان ڪري بالڪ روئي ٿو. ماتا سمجهي ٿي ته متان ماچيس ٻارڻ سبب بالڪ کي نقصان رسي، سڙي نه پوي. ان ڪري کيس ماچيس نٿي ڏئي. اسانجي به اهڙي حالت آهي. اسان مان ڪيترا پوپوءَ کان ڪجهه گهرن ۽ سندن خواهش پوري نه ٿئي ته پيا روئندا، دکي ٿيندا. پوپو جيڪي ڪري ٿو اسانجي ڀلي لاءِ ڪري ٿو. ان ڪري ور ور اُچاريو:

'جو تڌ ڀاوي سائي ڀلي ڪار'

اندر ڀياس وڃي پئي وڌندي. انڪري هُو ڪنهن ڪامل سنت جي تلاش ۾ آهي. کيس ڄاڻ ٿي ته سنت روِيداس هن وقت پُورڻ سنت آهي پر هُو چمار آهي. ڀيپا من ۾ سوچي ٿو ته منهنجو ڪُل وڏو، ذات وڏي پوءِ مان چمار وٽ ڪيئن وڃان؟ لوڪ مون تي کلندا، ٽوليون ڪندا.

راجا ڀيپا جي من ۾ ڀياس وڌندي وڃي ٿي. آخر هڪ ڏينهن لوڪن کان لڪي سنت روِيداس وٽ اچي ٿو. ان وقت سنت روِيداس ويٺو آهي ٺڪال ۾ پاڻي ڀري. چمڙي جون ٺڪالون هونديون هيون، جن ۾ پاڻي گهڻو ۾ پچائيندا هئا. ڪجهه وقت بعد سنت روِيداس ٺڪال ۾ پاڻي پوي اچي ٿو. ڀيپا، سنت روِيداس کي عزت سان ملي ٿو، هٿ جوڙي کيس نمسڪار ڪري ٿو.

سنت روِيداس جي دل پڙهي ٿي. من ۾ چوي ٿو: "راجا پاڻ مون وٽ آيو آهي. پر کيس ڪجهه ڏيان." سياڻو سو جنهن پاڻ سنت کي ويچار اچي ٿو ته کيس ڪجهه ڏيان. ڇا آهي جو سنت ٿو ڏئي سگهي؟ ڀيپا راجا، سنت روِيداس اڳيان سر جهڪائي بيٺو آهي. سنت روِيداس کيس چوي ٿو "هٿ کول." سنت روِيداس پنهنجي ٺڪال مان کيس هٿ ۾ ٿورو جل ڏئي ٿو. ان وقت ڀيپا کي من منجهائي ٿو! اندر ۾ چوي ٿو ته "مان راجا، ڪيڏو نه شان مان، چمار جو پاڻي ڪيئن پيئندس." ڀيپا جل وارا هٿ چپن تائين آڻي ٿو، کيس ڏکڻ ٻانهن واري قميص پيل هئي. هو اهڙي اٽڪل ڪري ٿو جيئن سنت کي خبر ڪين پوي ته ڀيپا پاڻي نٿو پيئي، پر سڄو پاڻي هاري قميص جي ٻانهن ۾ وجهي ٿو. ڀيپا خوش ٿئي ٿو ۽ اندر ۾ پاڻکي چوي ٿو ته ڇڱي چالاڪي ڪري پاڻي نه پيتو، چمار جو پاڻي پيئڻ ها ته لون پاڻ چمار ٿي پوان ها!

ڪري ١٣ جون ٽورنٽو ۾ پڌاريا. نماشام جو داداجن پياري مهتاڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ١٤ جون داداجن رڪريئيشن هال ۾ 'سچ ڇا آهه؟' وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو.

١٦ جون داداجن يونيورسٽي آف ٽورنٽو ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏنو. ٽورنٽو ۾ داداجن ڪان ريڊيو ۽ ٽي. ويءَ وارن ملاقات ورتي. ١٨ جون داداجن اوٽاوا ۾ پڌاريا. ٢٠ جون دادا اوٽاوا جي ڪميونٽي هال ۾ پروچن ڪندي چيو ته سنڌي ٻولي نه وساريو. سنڌي ٻولي زنده رهندي ته سنڌي قوم به زنده رهندي. ٢١ جون داداجن يونيورسٽي آف اوٽاوا ۾ روح رهاڻ ڪئي. داداجن ٢٥ جون ٽائين جدا جدا پريمين جي گهرن ۾ روح رهاڻ ڪندي راهه روشن ڪئي. ٢٦ جون داداجن واشنگٽن روانا ٿيا. اُن ڏينهن نماشام جو واشنگٽن ۾ پياري گوبند هيمناڻيءَ جي گهر روح رهاڻ ڪئي. ان بعد داداجن پنهنجي پرتا رام واسواڻيءَ جي گهر ويا. سندن پرتا رام ۽ سندن ڀاڄائي گوپي ڏاڍا باغ بهار ٿيا جو سندن ڪُل کي روشن ڪندڙ گهر ۾ پڌاريو. اُتي پڻ دادا روح رهاڻ ڪئي. ٢٨ جون ٽائين داداجن واشنگٽن ۾ روح رهاڻ ڪئي. ٢٩ جون داداجن نيويارڪ ۾ پڌاريا. ٨ جولاءِ ٽائين داداجن نيويارڪ ۾ رام نام جو ميلو لڳايو. ٨ جولاءِ داداجن پروچن ڪندي چيو ته اوهين ڪنهن نه ڪنهن ستپرش سان سنهه، سنبند رکو جنهنجي سنگ ۾ اوهانکي پرڀوءَ جو رنگ لڳي. ان ۾ ئي اوهانکي سچي سک جو انڀو ٿيندو. دنيوي مال اسباب ۾ سک ڪين آهي. مانک جنم جو قدر ڪريو. پيا راڃا هو. سندس روح سجاڳ ٿئي ٿو. ڪيس پروڙ پوي ٿي ته هي مانک جنم مليو آهه نه عيش عشرت واسطي پر پرڀوءَ جي پراپتي ڪرڻ لاءِ. ان لاءِ ڪو سنت سڄڻ ملي جو هٿ کان وٺي هلي محبوب سان ملائي. سندس دل

ٻڌي ته، ”مونکي ڪيڏو نه وڌو ملندو، جو مان ايمان جي اڄ قيمت اڃي اهو وڌيڪ وڃايو.“ راجا هڪدم سنت رويداس وٽ آيو ته ۽ سندس چرڻن تي ڪري معافي گهري ته، وينتي ڪري ته ”سائين! هڪ ڀيرو وري ڪرپا ڪريو! داس جا اوگڻ معاف ڪريو!“ سنت رويداس کيس چيو ته، ”هيٺئو نه! هيٺئو توکي ڪمائي ڪرڻي پوندي! اهو وقت هو، توکي وڏو ملندو. اُن وقت تو کين سڃاتو! هن وقت توسان راهه جو ذڪر ڪندس، جنهن راهه تان هلي، پورهيو ڪري، تون منزل پراپت ڪري سگهندين!“

سنت رويداس جي سنگ ۾ ميرا جي جيون ۾ ڦيرو آن آيو. سندس جيون تي ميرا گروءَ جي ٻتاٻل راهه تي هلي پاڻ به سنت ٿي پوي ٿو. هن راجا سنت جي پاٽي شري گرو گرنٿ صاحب ۾ به چڙهيل آهي.

٩ جولاءِ داداجن لنڊن ۾ پڌاريا. اتي داداجن پيرڻ جانڪي ٻرساد سورٽيءَ جي گهر ۾ رهيا. ١٠ جولاءِ پريس ڪانفرنس ۾ داداجن پترڪارن کي پڇيل سوالن جا ٺرڪ ۽ وزنائتا جواب ڏنا. ٻيا شام جو هندو سينٽر ۾ سنڌين جي نوڙبانت ۽ پياري چندرو ملڪاڻيءَ داداجن جو سواگت ڪندي چيو ته لنڊن ۾ جلد ئي جلد اچي امرت ورکا ڪريو. داداجن اپديش ڪندي چيو ته اڄ نوري گرنٿ مان ڪهڙو نه ملو وڃن آيو. پياري دادا ساڌو واسوانيءَ جي مٺي پاڻي اڄ به اسانجي رهنمائي ڪري ٿي. مان چاهيان ٿو ته اوهين پنهنجي گهرن ۾ نوري گرنٿ مان روز ڪو نه ڪو وچن وٺي اُن تي عمل ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو. نوري گرنٿ جي پاڻي اسان کي نئون نظاني سکي ٿي. ان ۾ اها روحاني روشني آهي، جا اسانکي اوندهه مان ڪڍي جوت ۾ آڻي سگهي ٿي. ’نوري گرنٿ‘ ۾ نوجوان جو انقم

ڀيما مطابق ڏانهن موٽي ٿو. قميص لاهي ٿو. قميص تي ٻڱال جي ٻاٽيءَ جا اورا داغ لڳل آهن. ڌوٻيءَ کي ڪوئي ڪيس چوي ٿو ته هيءَ قميص ڌوئي اچ. ڌوٻي قميص کڻي پنهنجي گهر وڃي ٿو. قميص تي ڏسي ٿو ته داغ لڳل آهن. ڌوٻين کي خبر آهه ته داغ ڪيئن لاهجن. ڪو داغ ٻيءَ طرح نه لهي ته ڪپڙي کي وڄو ڇوسيندا ۽ اُڪ ڦٽي ڪندا. انهن داغ ويندا لهندا. ڌوٻي پنهنجي ذيءَ کي ڪوٺي چوي ٿو: ”هن قميص تي داغ لڳل آهن. چوسي داغ لاهه ته قميص صاف ڪري راجا کي پهچايان.“ بالڪي داغ وڃي ٿي چوسيندي، ۽ اڪ ڦٽي نٿي ڪري. تڪ وڃي پيٺي چوسيندي. جيئن جيئن تڪ چوسي ٿي تيئن سندس اندر وڃن ٿا عجيب درشن ڪلندا. گيان جا آهي! گيان آهه روشني، آهه جوت. چندرما جي جوت ڪان به وڌيڪ نرمل آهه. ڪن ۾ هيءَ بالڪي ننڍين لڳي پوي ٿي. سندس من مان عجيب ڳالهيون پيئون اچن. ڌوٻي عجب ۾ پوي ٿو! ٻاڙي جا ماڻهو اچي ڪٺا ٿين ٿا. بالڪيءَ جون چمڪندڙ اکيون ڏسي ۽ سندس گيان جا ڳفتا ٻڌي چون ٿا: ”هيءَ ته ستياڻي ٿي وئي آهه.“ اها ڳالهه چوڌاري ڦهلجي وڃي ٿي. اُن ڌوٻيءَ جي بالڪيءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ ڪيترا اچن ٿا. راجا ڀيما کي به اها خبر پوي ٿي ۽ هو اُن بالڪيءَ جو درشن ڪرڻ لاءِ ڌوٻيءَ جي گهر اچي ٿو.

اها بالڪي راجا جو ستڪار ڪري ٿي. اُڌهن راجا ڪيس چوي ٿو ته مان راجا ٿي ڪين آيو آهيان. مان ته تنهنجو درشن ڪرڻ آيو آهيان. بالڪي عجب ۾ پوي ٿي ۽ چوي ٿي: ”سائين! هيءَ ٻنڌيش مونکي توهان وٽان ٿي ملي آهي. توهانجي قميص مون چوسي ۽ اُن مان مونکي سڀ ڪجهه مليو.“

راجا ڀيما اهي اکر ٻڌي ڪيڏو نه پڇتاءُ ڪري ٿو! من ۾

واسواڻي اسانجو پرچڙو ڳوڏيو هو. هن ٻالڪي کاڌهن گرو کين سڏايو. پياري دادا اسانجي کيڏي نه رهنمائي ڪئي. تب تب ئي اسانجي سار لهندو هو، وڪارن جي ڪسيءَ ۾ ڪرڻ کان بچائيندو هو.

١٤ جولاءِ پياري پرتاب لعلواڻيءَ جي گهر اپديش ڪندي دادا جن چيو ته اڄ سادو هيرانند جي پوتر يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. هن پياري کيڏي نه سيوا ڪئي! وڏيا جي ڪيترن ۾ ٻالڪن لاءِ اسڪول کوليائين. پليگ ۾ مبتلا ماڻهن جي پاڻ وٽي خدمت ڪيائين ۽ ٻيا ڪيترا نه سماج سڌاري جا ڪم ڪيائين. شل اسين به سندن گڻن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏيون.

١٥ جولاءِ راڄ يوگ سينٽر ۾ داداجن پروچن ڪيو. ١٦ جولاءِ صبوح جو پڻ ماما ليڇمڻداس ۽ شام جو پڻ لڇمي شوداسائيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي. ١٨ جولاءِ پياري وشنو الميداڻيءَ جي گهر اپديش ڪندي چيو ته هن پياري جي دل ۾ دکين دردن لاءِ کيڏي نه سيوا ڀاونا آهي. هن پڪ ۾ خلق جي خدمت پرڀوءَ جي پوڄا جيءَ جو سادن اٿو. اڄ جو سنديش اٿو دکين کي سکي ڪريو. ٢٠ جولاءِ ڊاڪٽر هنگوراڻي ۽ پياري چندرو ملڪاڻيءَ هائوس آف ڪامن ۾ اسو جو آيوجن ڪيو. داداجن الي انگريزيءَ ۾ دادا سادو واسواڻيءَ جي سکيائن جو ورڻن ڪيو. ٢١ جولاءِ داداجن پارليٰ، وڏيا ڀون ۾ انگريزيءَ ۾ وياکيان ڪندي چيو ته سکي ٿيڻ لاءِ پنهنجون گهرجون گهٽايو ۽ جيون ۾ ڏيا پريم جي جوت جڳايو، نام ڳايو نام ڌيايو. ٢٢ جولاءِ داداجن ’چڪتاڻ کان ڪيئن بچي رهون‘ وشيه تي انگريزيءَ ۾ وياکيان ڏواران سڀن جي سونهپ ڪئي. ٢٣ جولاءِ پڻ سنگتا گل پرسواڻيءَ جي گهر داداجن روح رهاڻ ڪئي.

ڏنل آهي. ان نقشي ۾ ٻنهي ڳالهين لئي زور آهي. جو انسان نئون ٿئي ٿو، اُن کي ٻوڌ ٿئي ٿي ته مان هڪ ڀاڱي آهيان. هيءَ ڀاڱي منهنجو مڪان ڪين آهي. هت ٿوري وقت واسطي آهيان. منهنجو مقصد آهي نج ڌام، ستيه لوڪ، سچ کنڊ. اهڙو انسان ڪنهن کي به پنهنجو ڪري نٿو ڀانئي. سڀ ڪجهه پرڀو آهي تنهنجو! اسانجو ته ڪجهه به ڪين آهي. هي گهر ۽ ٻار، هي ڪارخانا ۽ سنستائون سڀ تنهنجيون آهن. مان اِڪ تنهنجو اوزار آهيان. شل تنهنجي شيوا ۾ قبول پوان. اهڙو انسان هر حال ۾ شڪرانا مڃي ٿو. دک ۾ ۽ سک ۾، ساک ۾ ۽ نندا ۾، نفعي ۾ ۽ نقصان ۾، صحت ۾ ۽ بيماريءَ ۾ هر حال ۾ هوءَ پيو پڪاري: "شڪرانا! شڪرانا" "واهگورو! واهگورو!" اهڙو انسان روز روز نام جي ڪمائي ڪري ٿو ۽ سڀني جي آسيس کٽي ٿو. ڪنهن کي رنج نه ٿو رسائي. نه ڪنهن کي دک ٿو پهچائي ڇو ته ڪيس ٻوڌ آهي ته هڪ هڪ جي دل ۾ پرڀو وٺو آهي ۽ ڪنهن به دل کي رنجائڻ آهي پرڀوءَ کي ڏکوئڻ. شل اسين به ڀاڳي ڀاڳ ۾ رهون، نام سمرون ۽ دکين جي شيوا ڪري ڀاڳڙا سڦل ڪريون ۽ نه وساريون پياري دادا جي ٿورمل سکيا: 'اِڪ ڪٺو ڪريا جو ڪافي!'

١٢ جولاءِ داداجن پرڻ ميڪا هرڪشن جي گهر لنبڙو اُپديش ڏنو. ١٣ جولاءِ گرو پورنما جو پاوَن ڏينهن هو. صبوح جو داداجن پرڻ جانڪيءَ جي گهر ۽ اُن بعد پياري بلرام ٽالواڻيءَ جي گهر گرو مهما جو ذڪر ڪندي چيو ته سچو گرو هڪ ڪامل ڪشتيبان آهي جو نام جي ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي هن ڀؤ ساگر مان پار لنگهائي ٿو. اوهين به گروءَ جي ڏنل سکيا جو پهرين جيون ۾ پرڪاش آڻيو. سچو گرو اسانجي سونهن ڪري ٿو ته سنسار ۾ رهي ڪيئن پرڀوءَ سان پريم جو ناتو جوڙيون. پيارو دادا ساڌو

ڏک درد دور ڪري ٿو. جون سنه ١٩٨٤ع ۾ ڀيڻ سشيلا جيناڻند لعلواڻي سخت بيمار ٿي پئي، اُلٽي ڪندا ٿي وئي. کيس جسلوڪ اسپتال ۾ داخل ڪيو ويو. سندس ايڪس ري، ڪارڊيوگراف، انجيوگرافي وغيره ڪئي وئي. ماهر ڊاڪٽرن رايو ڏنو ته هنجي اوپن هارٽ سرجري ٿيندي. اهو ٻڌي پيارو جيناڻند لعلواڻي منجهي پيو. پياري دادا جشن واسواڻيءَ ۾ سندس ۽ سندس ٻنهي سشيلا جو اٽوٽ وشواس هوندو آهي ٻه ٽن ڏينهن دادا جن وديش ياترا لاءِ وڃڻ هئا. دادا جن جي صلاح ڪانسواءِ هنن ڪوبه قدم کڻڻ نٿي چاهيو. ٢٦ جولاءِ رات جو دادا جن ممبئيءَ ۾ وديش مان واپس وريا. ٢٧ جولاءِ پيارو جيناڻند سشيلا کي وٺي دادا جن وٽ وٺي آيو. سشيلا هلڻ کان هلاڪ هئي. ٻن ٽن ماڻهن جي سهاري سان کيس آندو ويو. پياري جيناڻند ٻوجهل دل سان پياري دادا سان سشيلا جي گنڀير حالت جو ذڪر ڪندي کيس ڊاڪٽرن جون رپورٽون ڏيکاريون ۽ چيو ته ڊاڪٽرن چيو آهي ته اوپن هارٽ سرجري ڪرائڻي پوندي. ڀيڻ سشيلا جي اکين ۾ به آنسو هئا. دادا جن ڊاڪٽرن جون رپورٽون ڏسي چيو ته مونکي ته ڪجهه ڏسڻ ۾ ڪونه ٿو اچي. هي رپورٽون وڃي واڙهي رک. سشيلا جي اوپن هارٽ سرجري ڪونه ٿيندي. دادا جن پياري سشيلا جي مٿي تي آسيس جو هٿ گهمائيندي چيو "ڀڳوان سڀ ڏک لاهي ويا. مون ڪيا." سشيلا روئيندي دادا کي چيو "مان توهان سان پوءِ هلان؟" دادا جن چيس ٻلي هل. تڏهن سشيلا چيس ڪاڌو کڙيءَ جو کاڌو آهه. دادا جن چيس ته لوڻ ڪو خيال نه ڪر. مان لوڪي ڪاڌو موڪليندس. لوڪي ٻاري ڪاڌو ڪين ڪارائيو. پياري جيناڻند دادا جن کي عرض ڪيو ته سشيلا هلي چڙهي نٿي سگهي، کيس ولي اچڻ لاءِ ٻن ٽن ماڻهن جو سهارو کپي. ڪجهه صحت سڌرڻ

٢٤ جولاءِ سڀاڻن ڏرم مڌبانيءَ طوفان شري رام جو ڏڻهن ملهايو ويو. ان اُتسو ۾ دادا جشن شري راماڻ جي سکيائن باٻت وياکيان ڪندي چيو تہ وهنوار چاهي ٻومارف جي خيال کان راماڻ اسانجو اڄ بہ مارگہ درشن ڪري ٿو. اسين بہ سنت تلسيداس وانگر پنهنجي جيون رام ميہ بڻايون. ٢٥ جولاءِ داداجن آخري ٻه وچن ڪندي چيو تہ منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻيون ٻڌيون! اوهين ڀلي ودياش ۾ رهو يا وشين منين جي ٻومي ڀارت کي نہ وسارجو. شري رام ۽ شري ڪرشن جي آدرشن جي ساکي جيون ۾ ڏجو. پياري دادا سادو واسوانيءَ جي سکيا سمرڻ ۽ سيوا اپنايو. ڏنڌا ڌاڙيون ڪندي، نوڪريون ڪندي نام نہ وساريو ۽ نام جا ٻگل روپ اٿو دان دکي مسڪين ٻکي پسون، انهن جي سار لهو. ٻين کي سکي ڪندا تہ ٻويو اوهانکي سکي ڪندو.

٢٦ جولاءِ رات جو ٣٠-١١ بجي ٻوجهيہ دادا جشن واسواڻي وديش ياترا تان بمبئي هوائي اڏي تي پهتا. سون صدقين ڦول مالهائن سان داداجن جو سواگت ڪيو. ٢٧ جولاءِ منجهند جو ١٢ بجي ڪي. سي. ڪاليج ۾ دادا جشن اُپديش ڪندي چيو تہ ٻويوءَ جي ڪرپا ۽ دادل شاهہ جي ديا سان سارِي چار مهنا دنيا جي جدا جدا ديشن جي ياترا ڪري ڪالهہ اوهان پيارن وٽ واپس آيس. ودياش ۾ ڪيڏو نہ ڦرب ۽ ٻوام مليو. لوهان بہ سين کي ٻوام ڏنو. پسون ٻکي، اڪ اڪ ٻواڻيءَ ۾ ٻوٻوءَ جو ٻوڪاش ڏسي انهن سان ٻوام جو ورتاءُ ڪيو. هن ٻونم ٻري ٻوٽويءَ تي اچي پنهنجي جيون جو سڦر سڦلو ڪيو.

رات جو داداجن ٻونا جي ٻتيہ ٻومنيءَ ۾ ٻتاريا. سوين آسانيون اکيون پياري دادا جو درشن ڪري ٺاڻ ٺهار ٿيون.

پيارو دادا جشن ڪيئن نہ پيارن جا ڪم ڪري ٿو، سيڏن

پياري دادا جشن جو چوڻ سورهن آنا صحيح ثابت ٿيو. سمجهه ڪيئن نه مشڪل مسئلن جو حل ٻڌائين ٿا. پنهنجن ٻارن کي جنجالن کان ڇڏائين ٿا.

پيارو نند گدوانيءَ پياري دادا جشن جو انڌو اپاسڪ آهي، چيمبور ممبئيءَ ۾ رهندو آهي. هڪ ڏينهن منجهند جو سندس ڏهن سالن جو سپتر آنند وار لهرائڻ ويو. سمجهيا ٿي وٺي گهر واپس ڪين وريو. پياري نند ڳولها ڪئي مگر پتو ڪين پيو. آخر پوليس ۽ اسپتالن ۾ فون ڪيائون. پياري نند ۽ سندس پتنيءَ کي چنتا ورائي ويئي. آخر رات جو فون آيو ته آنند پونا ۾ ناناڻي پهچي ويو آهي. اهو ٻڌي سندن چنتا دور ٿي ۽ هو عجب ۾ پئجي ويا ته آنند ويو وار لهرائڻ لاءِ پونا ڪيئن پهچي ويو. پيارو نند ۽ سندس پتني ٻئي ڏينهن صبوح جو پونا روانا ٿيا. جيئن پيارو نند پونا ۾ ساهري گهر جي در تي پهتو مس ته پيارو دادا جشن واسوانيءَ به اُت ڪار ۾ اچي پهتو. پاڻ نند مڙئي مرشد کي ڏسي وسمي ۾ پئجي ويو ته ساڳئي وقت ڪيئن پيارو دادا به پهچي ويو. پياري نند جي اکين ۾ آنسون هئا. پوئل دل سان دادا جشن کي چيائين "پيارا دادا! هي ڇهڙو کيل ٿيو؟" پياري دادا جشن مشڪندي چيو "مڪر ٻند ڪر، توکي پنهنجو پالڪ مليو." پاڻ نند سپتر آنند سان مليو ۽ پڇيائينس ته تون هت ڪيئن اچي پهتين؟ پالڪ ورائيو ته ماڻ جيئن وار لهرائڻ لاءِ ويس ته ٻن ڄڻن زوريءَ موٽڪي بس ۾ وهاريو ۽ دڙڪو ڏنو ته جيڪڏهن ڳالهائيندين ته توکي ڇرو هڻي پورو ڪنداسين. وري ٿيءَ اي لاهي ڊپ کان ڪجهين ٿوان ۾ چاڙهيائون. هڪ ڀاڱي ۾ سس پس ٿي ڪئي ته موٽڪي اوناوا لاهي ڇڏيان، وري شايد اهو خيال بدلائي ڇڏيائون. ٿوان جيئن پونا ۾ پهتي ته موٽڪي توان مان لاهي چيائون ته ڇڏائهين

۽ پوءِ ڪيس پونا وٺي آيندس. پياري دادا جشن جي آسيس سان پياري سشيلا لعلواڻيءَ جي صحت سڌرندي وئي. اوپن هارٽ سرجري جي بدران پياري دادا جشن جي آسيس سان سشيلا کي نئين جيون ڏني. مهني ڪانپوءِ هوءَ پتي جيانند سان گڏ جي پونا ۾ داداجن وٽ سندن احسان مڃڻ لاءِ ۽ وڌيڪ دعا وٺڻ لاءِ وئي. سنت ڪيئن نه پنهنجن پرڀين جا ڏک ٻاڪ لي هموار ڪري ڪشٽ ڪٽين ٿا.

پيرڻ پاربتي رامڪرشن آڏواڻي سنڌيءَ جي مادري ٻولي هئي. ڪيس جوابي پيپر ڳڻي ناهي پونا ايس. ايس. سي. بورڊ ۾ واپس ڏيڻا هئا. جوابي پيپر ڳڻيندي هڪ پيپر گهٽ پئي ٿيو. ور ور ڳڻيائين تڏهن به هڪ پيپر گهٽ! ڏاڍو منجهي پيئي. سندس پتي رامڪرشن به ساڻس گڏ پونا ۾ هو. هن پياري به پيپر ڳڻيا مگر ساڳيو مونجهارو! عزت جو سوال هو. هڪ پيپر ڪيڏانهن غائب ٿي ويو! پتي پتنيءَ جي من ۾ ڏاڍو مونجهارو پيدا ٿيو! ٻنهي جو پياري دادا جشن ۾ ڏاڍو صدق هو. ٻي واٽ نه ڏسي پتي پتني پياري دادا جشن وٽ آيا ۽ داداجن کي ٻڌايائون ته ڪيئن نه ساري رات جوابي پيپر ڳڻيندي گذري آهه ۽ هڪ پيپر کٽي پيو آهه، ان ڳالهه کين منجهائي ڇڏيو آهه! دادا جشن مشڪندي چيئن "هيئن ڳالهه ڪري منجهي پيا آهيو، مايوس ٿي پيا آهيو! ساري رات پيپرون ڳڻڻ بدران پرڀوءَ کي ياد ڪريو ها ته اوهانجو مونجهارو مٽجي وڃي ها! چڱيءَ طرح وڃي ڏسو متان هڪ جوابي پيپر ٻئي ڪنهن جوابي پيپر جي اندر نه ملي ڪين ويو آهه! چنتا نه ڪريو! پرڀو ڀلي ڪندو." پياري دادا جشن جي سانتونا ڏيڻ بعد پيرڻ پاربتي واپس وري جيئن جوابي پيپر هڪ هڪ ڪري ڳڻڻ شروع ڪيا ته برابر هڪ جوابي پيپر ۾ ٻيو جوابي پيپر ملي ويس. سندس مسئلو دور ٿي ويو.

اوهين ٻه روز روز هيءَ پرارٿنا ڪندا رهو:

’استو ما سدگميه، تمسو ما جوتر گميه، مرتيو ما امرتم گميه‘

هن اوهين ڪيترا نه سٺا ڪم پيا ڪريو. اسڪول، ڪاليج هلايو پيا، اسپتال ۾ غريب بيمارن کي دوائون ۽ ميوا ڏيو پيا، شيوا فنڊ دواران مهيني سو مهيني سفيدپوشن جي سنڀال پيا لهو، ڀنڊاري دواران ڪيترن کي روز ڀوڄن پيا ڪرايو، ٻاري شالا دواران ٻچڙن کي سکيا ڏيڻ ڪم ۾ پيا رڌايو، ٻکين ٻين کي پيا ڪارايو ۽ پيا ڪيترا نه سندر ڪارج پيا ڪريو. پر ٿل هيءَ ڳالهه نه وساريو ته ڪمن جو ڪم آهي آتم جي آبادي ڪرڻ. آتم جي آبادي لاءِ ئي جڏهن اسين پاڻکي ڪجهه وقت ڪم ڪان پري رکي ساڻس ۾ پنهنجي پريتم جي چرنن ۾ وڃون ٿا، پنهنجي اندر وڃڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. منهنجي پياس آهي ته اهڙو مرڪز ٺهي جتي اسان مان هڪ هڪ کي وڃڻ ملي، جيئن ساڻس ۾، ڌيان ۾ ويهي آتمڪ شڪتي کوليون. مان چاهيان ٿو ته هڪ هڪ جو هن سنستا ۾ ڪم ڪري ٿو، سو سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڏينهن ساڻس ۾، ايڪانت ۾ گذاري. انهن ڪرڻ سان آتمڪ شڪتي کلندي، جنهن جي ضرورت اسان مان هڪ هڪ کي ۽ سڄي دنيا کي آهي. آتمڪ شڪتي کوليو ۽ پوءِ اچي دکي دنيا جي شيوا ۾ خرچ ڪريو ته سڀني جو ڪلياڻ ٿئي.

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀيڻرون! منهنجي دل اندر وڏي ئي ساڻس لاءِ پياس وڌندي. اڄ به ڪيڏي نه گوڙ ۾ مونکي وقت گذارڻو پيو. هو گوڙ ۾ به آهه گوبند گوپال. جت وهاري آهي ٿل وهم ۾ نهاري!

واهه! واهه! جت وهارن ٿو ن،
فضل نڌري نهارن سو ن،
هڪو آهي هڪو نهيجو!

ٽوڪي وڃٿو هجي وڃ. مان هلڻ شروع ڪيو ته هُن ٻه ڀيرو ڪيو. هن سمجهيو ته هي ڪيڏانهن ويندو! آخر جيئن ناناڻي گهر جي ويجهو آيس ته ٻڪ پائم ۽ ناناڻن ۾ سلامت پهتم. پتو نه آهي ته اهي رهزن ڪيڏانهن ويا! دادا جشن جي ديا سان بالڪ آنند کي نئين جيون مليو، نه ته شايد ڪيس فقير بڻائي ڇڏين ها يا بالڪ سان ٻي ڪا ويڌن ڪن ها. اونا ۾ ٻڌو ته مٺي محبوب مرشد دادا جشن اُنهه ڳوٺ ۾ ڪيئن نه پياري نند جي سيتو جي رکيا ڪئي.

٢٩ جولاءِ کان ميران اسڪولن ۽ ميران ڪاليج جدا جدا ڏينهن لي پياري دادا جشن جو جنمڏن اُتسو ملهايو. وديارٿين ۽ اڌياپڪن غريبن جي سيوا لاءِ دادا جشن جي چرڻن ۾ ڪيترائون پيتائون رکيون. داداجن پنهنجي وياکيانن دوارا وديارٿين جي سونهپ ڪئي. ٢ آگسٽ صبوح جو داداجن سفيد پوشن جي سيوا ڪئي. منجهند جو ميران هال ۾ داداجن کان ڪيترن ڀائيين ڪيڪ ڪٽايا ۽ جنمڏن مبارڪون ڏنائون. داداجن روح رهاڻ ڪندي چيو ته مونکي معاف ڪر، مونکي صاف ڪر، مونکي نئون بڻاءِ، مونکي نرمل بڻاءِ، چرنن جي خاڪ بڻاءِ.

شام جو دادا جشن کي جنمڏن ڳوٺي ڀيٽ ڪئي وئي. داداجن اپديش ڪندي چيو ته مونکي لوهانجون ڳوٺيون ڪين کپن، فقط پيار کپي. پنهنجي دل جي ڪنڊ ۾ مون مسڪين کي جڳهه ڏجو. اڄ سڄو ڏينهن مون اهو منتر پئي اچاريو آهه ’مونکي معاف ڪر. مونکي صاف ڪر. پربوءِ جي ڪرپا ڪانسواءِ ڪوئي ڪوڙ پاڪ ٿيو. ان ڪري پربوءِ جي ڪرپا لاءِ پڪاريو، مالڪ جي مهر لاءِ نهاريو. منهنجي مٺي مرشد پياري ناڌل شاهه مونکي مهر نظر سان نهال ڪيو ۽ اجا پيو ڪندو.

کي ڏٺائين ۽ خبيثن خون ڪري ڇڏيو. ديش ۾ غم جون گهٽائون ڇانئجي ويئون. پياري دادا جشن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو ته شريمتي اندرا گانڌيءَ جي هتيا سان جڳ ڀارت جي سنسڪرتيءَ کي قتلام ڪيو ويو آهي! هڪ بي هٿيار استريءَ تي اوچتو گولين جو وسڪارو ڪري ڀارت جي شان کي مٽيءَ ۾ ملايو ويو آهي! ڀارت ملڪ جو مهندار آهي، انهيءَ پرڌان منتريءَ کي خبيثي نموني خون ڪيو ويو، اهو اسان لاءِ داغ آهي! هن ڀارت لاءِ ڪيترو نه ڪم ڪيو! خاص ڪري غريبن دکين، ڪڙمين لاءِ سندس دل اندر پيار هو، همدردي هئي. انهن جي اُنتيءَ لاءِ هن ڪيتري نه ڪوشش ڪئي. شل پرڀو کيس پنهنجي ڪمل چرڻن ۾ رکي.

۱۴ نومبر پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ بمبئيءَ ۾ پڌاريا. پهرين دادا جن دادل شاهه جي ستسنگ آستان گيتانجليءَ ۾ آيا. اتي شري نوري گرنٿ جي وچن بعد دادا جن ننڍڙو اپديش ڪندي چيو ته خوشي اٿم جو اوهان اڄ ۽ سڀاڻي پياري دادل شاهه جو ۱۰۵ جنمدن اُتسو اُلاهه ۽ اُمنگ سان ملهائي رهيا آهيو. پيارو دادل شاهه ڪير هو؟ پيارو دادا هو الک ديش جو راڻو، هڪ ڀوري چولو فقيراڻو، اچي اسان سڀني کي سجاڳ ڪيائين. هڪ ئي آواز ديس پرديس ڪٿي ويو "اي منهنجا پيارا! جاڳو! جاڳو! جاڳي جاڳي نام جپيو، ڪيو مانش جنم سڦالو، سچو آنند پايو. رام نام سان نينهن لڳايو.

شام جو ۷ بجي جمنا هندو جا سنسڪرتي ڪيندر ڪار بمبئيءَ ۾ سڌو واسواڻي مشن طرفان دادل شاهه جو جنمدن اُتسو ملهايو ويو. ان موقعي تي پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ پرڻ ڪندي چيو ته ۱۰۵ سال اڳ پيارو دادا الک نام مان همه پرڪاشيءَ تي پڌاريو. ننڍو ئي هو ته فقيري ويس ڌاري

١٣ آگسٽ رکشا ٻنڌڻ ڏينهن سڄڻ ڀيڻين دادا جشن کي رکڙيون ٻڌي آسيس ورتي. داداجن اُپديش ڪندي چيو ته اسانکي رکيا جي ضرورت آهي. ڀڳوان ڪانسواءِ، گروءَ ڪانسواءِ ٻيو ڪير اسانجي رکشا ڪندو. انڪري سٽيهه جي سوڙ جي رکيا ٻڌو، نام سان نيڻهن جو ناتو جوڙيو.

٢٢ آگسٽ ستسنگ جي پياري، ڪرشن ڪماريءَ جي ماتا گلشن ڪشور ٽنڊائي پرلوڪ پڌاري. پياري دادا جشن ڪيس شرڌانجلي ڏيندي چيو ته هيءَ پڻ مهمان نوازيءَ جي مورت هئي ۽ سيوا جي صورت هئي. سدائين پيئي مشڪندي هئي. شل ڀڳو ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

٧ سيپٽمبر داداجن لوناوالا ڏانهن ويا. اُتي داداجن گهڻو وقت سانت ۾ گذاريو. تماشام جي ستسنگ ڪانپوءِ داداجن منو اُپديش ڏيندا هئا.

٢٧ سيپٽمبر دادا گنگارام ساڄنداس جي سپتري هوبه مسترياس پڻ ايشوري ملاٽي پرلوڪ پڌاري. سندس ارٿي دادل شاهه جي سماڌيءَ اڳيان آندي وئي. دادا جشن دلسوز آواز ۾ هن پڻ لاءِ پرارٿنا ڪئي. دادا جشن شرڌانجلي ڏيندي چيو ته پياري ايشوري ملاٽي هئي پڪياٽي، سندس دل ۾ هئي نوڙي ٻاٽي، دادل شاهه جي صدقياٽي، دادل شاهه جي در جي شيوڪياٽي وڃي ڀڳوءَ جي گود ۾ وشرامي آهي. هن هزارن وديارٿين جي سوانهپ ڪئي. آدرشي اڌياپڪا هئي. هن پنهنجو سڀ ڪجهه ارپڻ ڪيو پياري دادا جي چرڻن ۾. سدائين ارپڻ جي ڀاونا سان ڪارج ڪندي هئي. پياري دادا سادو واسوانيءَ جون سکيائون ڦهلائڻ لاءِ ڪيڏي نه اُتساهه ۽ اُمنگ سان ڪارج ڪندي هئي. شل ڀڳو ڪيس پنهنجي رحم ۾ رکي.

٣٠ آڪٽوبر ڀارت جي پردان منتري شريمتي اندرا گانڌيءَ

ڇو تہ جيون انيئي گهرو. آزمودن جي اسڪول ۾ وڏي سکيا ورتي. جيون ۾ وڙهندڙ، اٿندڙ، آزمودا اچن ٿا، انهن سڀني کي خوشيءَ سان قبول ڪر. ڏک سک ۾ سائينءَ کي ساراهہ. بيماري، بک، مشڪلات ۾ محبوب جا گڻ ڳاءِ. ڪيترا تہ ڏک اچن ٿا، پر هڪ هڪ ڏک ۾ ديا آهہ.

هڪ دفعي هن ٻارن لاءِ ڪيڏي ڏکو ڪاڏو. ٻئي روئن پيا. هڪ ٻالڪ کي ماتا هميشہ ڪٽي ڇو تہ ٻالڪ ڏکو ڪاڏهہ تہ پٽ مان سيئي مليئہ. ٻالڪ سيئي ڏسي روئڻ بند ڪيو ۽ پڇيو ”امي! وري ڪڏهن ڏکو ڪاٽيندس جو پي سيئي ملندي؟“ هرهڪ حالت ۾ ڀلو آهہ. ان ڪري رب جي رضا تي شل راضي رهون. مان ان سالن جو هوس تہ مون جنمڏن ملهايو. منهنجي پوڄہ پتا جي دوست مون لاءِ ٻہ شيون آنديون، هڪ شيءِ مٺوري پني ۾ ويڙهيل هئي تہ ٻي شيءِ وري سونهري پني ۾. هن مونکي چيو تہ تون انهن ٻنهي شين مان ڪابہ هڪ شيءِ کڻ. مان منجهي پيس. نيٺ ردي پني ۾ ويڙهيل شيءِ کنيم. کوليم تہ اندران پارڪر پين نڪتي. خوش ٿيم. ڇيم تہ چمڪندڙ پني ۾ تہ ڏاڍي قيمتي شيءِ هوندي، جيڪو اها کڻان ها! منهنجي پتا جي مٽر چيو تہ سونهري پني ۾ تہ لاٽون انيئي. تڏهن مان خوش ٿيس ۽ ڇيم چڱو ڪيم جو ردي پني وارو پاڪيٽ کنيم.

ان ڪري منهنجا پيارا ٻارو! پيارا ٻون ڀيرون! هر حال ۾ راضي رهو. توهانجو ڀلو آهہ. شاهہ لطيف چوي ٿو:

ٻوڙان سدي ٻار جي، مڙئي منائي،
ڪالهي ڪڙائي، ڇڪين جي ڇيٺ ڪري.

۱۷ نومبر ڪئانب هائوس ۾ پوڄيہ ساڌو واسواڻيءَ جو جنمڏن اسين ملهايو ويو. ان موقعي تي پياري دادا جشن

پورب پڇم ۾ اِڪ ئي آواز اُٿاري ته اي لوڪو! ڌرم جي نالي ۾ تڪرار نه ڪريو. ڌرم جي نالي ۾ ميل ميلاپ جي جوت جڳايو. صلح سلوڪ جو نغارو وڄايو. ايشور هڪ آهي، اوهين سڀ اُن اِڪ جي سنتان آهيو. هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. هڪ ٻئي جا مددگار ٿيو. دکي دنيا ۾ ڪن کي سکي ڪرڻ جي ڪوشش ڪريو.“ پيارا! توهان ته دادل شاهه جي سکيائن جي ساکي پنهنجي جيون ۾ ڏٺي. مانش جنم سڦل ڪريو. ٻين کي سکي ڪندا ته اُهو سک موٽي توهانکي سکي ڪندو. ايشور کي نه وساريو. هن وقت جي وڏي ۾ وڏي بيماري آهه وسرو. ڪئنسر جي بيماريءَ کان به وڏي بيماري آهه وسرو! وسرو مان پاڻ کي ٻاهر ڪڍي اِڪ الکه کي ڏسيو، اِڪ ايشور جو نام ڳايو. ٻي ڳالهه، نه وساريو ته اوهين ياتري آهيو. هن سنسار ۾ ياتريءَ جي ڀاءُ ۾ رهو ته موهه ممتا، لوڀ لالچ کان پاڻهي ٻري ٿي ويندا.

١٥ نومبر ٻولا ماڻوشري هال بمبئيءَ ۾ پوڄيه دادل شاهه جو جنمڏڻ اُتسو ملهايو ويو. اُن موقعي تي پياري دادا جشن دادا ساڌو واسواڻيءَ جي گڻن جو ورڻن ڪندي چيو ته پيارو دادا نمرتا جي مورت هو، پريم ۽ دَيا جي صورت هو. هڪ دفعي هڪ ٻار ٻوري ٻوري کان پنڌ ڪري پياري دادا وٽ آيو. اکين مان ڳوڙها ڳاڙيندي پياري دادا کي عرض ڪيائين ته پنهنجي ڪمل قدمن ۾ قبول ڪريو. پياري دادا چيو ”پيارا! گرو ڪين آهيان.“ پيارو دادا چوندو هو ”مان گرو ڪين آهيان.“ هو اندران ئي اندران اهڙي آسيس ڪندو هو، جو پاڻ ئي چڙهندو هو. ڏکيو ۾ اُڀيندو هو ۽ اچا ته آسيس ڪري ڇڏيندي هو. پياري دادا جي ٻڌائن ۽ آسيسائن کي ياد ڪري پيا چئون ”الله اول، نهه ان کون ڪري.“ پياري دادا اُن ٻساط کي

هئا. داداجن جدا جدا چوڪن تي پوڄيو. دادا ساڌو واسوانيءَ جو پيغام پڻ ڏنو.

٢٥ نومبر صبوح جو ڏهين بجي بعد ڪن پيارن پوڄيو دادا ساڌو واسوانيءَ کي شرڌانجلي ارپڻ ڪئي. دادل شاهه جو سندر آنند ٽيپ رڪارڊر تي ٻڌايو ويو. ان بعد پياري دادا جشن پوڄيو دادا ساڌو واسوانيءَ کي شرڌانجلي ڏيندي چيو ته ڪارتڪ گيارس جي پوتر ڏينهن پرڀات جي ويري ۾ پيارو دادا جوت منڊل مان هن پرلوڪ ۾ پڌاريو. پاڻ سان هڪ شمع کڻي آيو ۽ هڪ پيغام: اها شمع هئي پيار جي. اهو پيغام هو هن هڪ اکر ۾: جاڳو! جاڳو! جنب پيارو دادا ويو اسان سڀني کي ويچي سجاڳ ڪيائين ۽ غفلت مان اٿاريائين. اڄ صبوح جو جڏهن ساڻس ۾ ويٺو هوس، پاڻ کان پڇيم ته اڄوڪي ڏينهن جو پيغام ڪهڙو آهي؟، ان سوال جو جواب موٽڪي هيئن اکرن ۾ آيو:

Kindle the light of love!

’پريم جي جوت جڳايو‘ ان پيغام جي اڄ اسان سڀن کي ڪيڏي نه ضرورت آهي! ڇو ته اڄ هڪ ملڪ ٻئي ملڪ سان جنگ جوٽي رهيو آهي، پاڻ پاڻ سان وڙهي رهيو آهي ۽ انسان انسان کي قتل ڪري رهيو آهي. اڄوڪي ڏينهن پياري دادا جو اهو پيغام آهي ته وڏيڪ پيار جا مرڪز کوليو. هڪ ٻئي کي پيار ڏيو، پکين پسن کي پيار ڏيو. ڄاڻيو ڪو آهي ڪوٺ، سڀ هڪ آهيون، ڇو ته هڪ مدجهان آيا آهيون. شال سڀ ڀائي وساريون، جدائي جلايون، هڪ ٻئي سان پيار ۾ هلون، پيار ۾ وهنوار ڪريون، دکين دردين جي سيوا پيار سان ڪريون. پنهنجي پوتر کي پيار ۾، پياس ۾ ڪاريون ۽ هڪ ڏينهن هلي انڪي پايون، پنهنجو مانش جنم سڦل بڻايون.

ٻروچن کندي چيو ته ڪالهه رات مونکي هڪ سپنو آيو. ان سپني ۾ ڇا ٿو ڏسان؟ چوگرد چوڌار گپ ئي گپ! ان گپ ۾ ٻيا ماڻهو ڦٿل ڪن. سڀني ٻيو ٽوڪي وڃن ٿا، ڪري پون ٿا؟ وڃن ٻيا وڏڪ گپ ۾ ڦاسندا. ڪيترا ٻاڪاريندا گپ ۾ ڪري گم ٿي وڃن ٿا. اوچتو ئي اوچتو مان ڏسان ٿو، منهنجي ٻرسان اچي سهڙي آهه اڪ ٻيڙي. اها ٻيڙي ٻيو هلائي پيارو دادا. پيارو دادا مونکي ان ٻيڙيءَ ۾ چاڙهي ٿو ۽ اها ٻيڙي گپ مان چيريندي هلي ٻار ٻهچائي ٿي. اڄ صبوح کان وٺي دل جي اندر هيءَ ننڍڙي ٻرارٿنا وري وري ڪئي اٿم:

'ٻاجهه ٻيڙيءَ ۾ چاڙهه! گپ مان مون کي ٻار اُڪار'

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ منهنجون پيارئون ڀينرون! هي سنسار آهي گپ جو ساگر! اسانجو روز ٻروز جو ڪم ڪار آهه گپ جو وهنوار. گپ ۾ ٻيا ٻڌ ڪرئون ۽ وري وري ڪري پئون ٿا ٻاپ ۾ ۽ وڪارن ۾! گپ ۾ گم ٿي وڃون ٿا. سڀني جي سکيا شل سڻون! پياري دادا جو آواز شل اوناٿون! 'جاڳ! پياري جاڳ! نه سونو وقت وڃاءِ. اڪ ٽومل نام ڳاءِ، ٻراتم کي ٻوڇاءِ.'

٢١ نومبر کان ميران ٻوميءَ ۾ ٻوڄهه دادا ساڌو واسواڻيءَ جي جنمدن سمبند ۾ اُتسو آيوجت ڪيا ويا. ميران اسڪولن ۾ ۽ ميران ڪاليج ۾ ٻوڄهه دادا جشن وديارٿين کي دادل شاهه جي جيون جا ڪيترائي ٻراٻرٽاداڪ ٻرسنگ ٻڌايا. ٢٣ نومبر وديارٿين 'دادا ليلا' رنگ منچ تي پيش ڪئي. ٢٤ نومبر صبوح جو داداجن سفيدپوش ڀينرن کي اناج جا پاڪيٽ، ڪپڙو ۽ روڪ سهائتا ڏني. شام جو ۴ بجي ميران ٻوميءَ مان رٿ ياترا آرنڀ ٿي. پيارو دادا جشن ۽ ٻيا ٻوٽمي دادل شاهه جي رٿ کي ڪاهي رهيا هئا. هزارين ٻوٽمي شرڌالو 'جيءَ لون آئين دادل شاهه، اڱڻ اسانجي دادل شاهه' جي ڌني لڳائي رهيا

سو جهڪايو. روز اُن جي يادگيري دل اندر رکو. جنهن دل ۾ وڇوڙو آهي، سا مرده سمان آهي. جنهن دل ۾ يادگيري آهي، سا زنده آهي. هڪ هڪ دل ۾ پرڀو پراڄمان آهي. ان ڪري ڪنهن کي به نه رنجايو. سڀن تي دَيا ڪريو. سانت ۾ واهي پرڀوءَ جو ويچار ڪريو. پاڻ سان اِڪ ڏمڙي به ڪٿي ڪين ويندا. آيا هٿين خالي، ويندا ته اهي هٿ به اُلي چڙهي ويندا. پياري دادا سادو واسواڻيءَ هزارن دلين کي پهنجي پرڀو جو جل پياري نام جي راهه ۾ آندو ۽ ڪين چيائين "پيارا! پهنجي دلين جا دروازا کوليو! سچو نام خزانو کنو ڪريو.

٧ ڊسمبر شام جو بنگلور جي هندو هال ۾ پياري دادا جشن پرورچن ڪندي چيو ته اڄ رشي ڏيارام گدومل جي پونو يادگيريءَ جو ڏينهن آهي. هن پياري پهنجي جيون پرڀوءَ جي چرنن ۾ ارپڻ ڪئي. جڏهن ڪمشنر ٿي رهيو، وڏا عهدا ماڻيائين پر لماڻو. ڪيترا نه ڪتاب لکيائين! ڪيترو وقت سانت ۾ گذاريندو هو. غريبن جي اُجهه اُوهه ۾ سيوا ڪندو هو. اوهين به جيڪر ڪجهه وقت سانت ۾ واهي پرڀوءَ جو سمرڻ ڪريو ۽ دکين بکين جي سيوا ڪريو.

٨ ڊسمبر شام جو داداجن سنڌي ڪالونيءَ ۾ اُپديش ڏيندي چيو ته جيڪي پوکيندا سو لڻندا. ان ڪري هن سنسار روپي کيت ۾ شب ڪرمن روپي ٻج پوکيو. ٻين سان ڀلائيءَ جا ٻج پوکيو. سنڌي هوندي هڪ بيت پڙهندا هئاسين:

ڀلائي ڪندا ان تان ڀلو تنهنجو ٿيندو،
ڀلائيءَ جا ٻارا ڏٺي لوڪي ڏيندو.

پرڀوءَ اوهانکي جيڪي به نعمتون ڏنيون آهن اُهن دواران ٻين جو اُپڪار ڪريو. اهي نعمتون پرڀوءَ جي امانت آهن. امانت ۾ خيانت نه ڪريو.

١ ڊسمبر صبوح جو ٩ بجي پوڄيه دادا جشن سنگت سان گڏ ڏکڻ ڀارت جي ياترا لاءِ نڪتو. منجهند جو ڏيڍ بجي ٽرين ميرج اسٽيشن تي پهتي. ڪيترن ئي شردالن دادا جشن کي ڦول مالهائون پيش ڪيون. داداجن سڀني سان ڏاڍي قرب مان مليا. اُن بعد داداجن سنگت سان گڏ گانڌي نگر ڪولهاپور اسٽيشن تي آيا، جتي دهلن شردالن سان داداجن جو سواگت ڪيو ويو. شام جو ٥ بجي، وديارٿين جي خاص ميڙ ۾ داداجن اپديش ڪندي چيو ته وديا منش جو نئون نيتر آهي. اهو نيتر کولي توهان وڌيڪ وڌيڪ قوم جا گهڙا ٿيو. سٽن ۾ جيڪي شڪتيون آهن، اُهي اوهانجي اندر ۾ به آهن. پنهنجيون لِڪل شڪتيون کوليو. اسانجي پنگت هن وقت پِڪل آهه! ان پنگت کي توهان نئون ٻڙائيندا. شڪتين کولڻ لاءِ اڀياس ڪريو. سيوڪ ٿي ٻين جي سيوا ڪريو. چيو ته ”هن جڳ ۾ ڪنهن ته ڪم ڪو جانيندگي!“ جيون ۾ ڪجهه نه ڪري ڏيکاريو، جنهن سان ماڻو ماتر جو ڪلياڻ ٿئي. ماس مڇي هڪ ڪاڌي کان پري رهي جيو ديا جي جوت جڳايو. هڪ ٻئي کي پيار ڏيو. وڏڙن جي عزت ڪريو ته اڳتي هلي ٻيا اوهانجي عزت ڪندو.

اسڪولي وديارٿين جي اُتسو بعد سفيد پوش پيدرن کي دادا جشن جي هٿان اناج ۽ ڪپڙو ڏيارو ويو.

اُن رات جو شاهي ميدان تي ستسنگ جو آيوجن ڪيو ويو. پياري ڀاءُ هربخش سواگتي گيت ڳايو ۽ ڀاءُ رميش لدواڻيءَ داداجن جي آجيان ڪئي. پوڄيه دادا جشن واسواڻيءَ اپديش ڪندي چيو ته خوشي اِن جو توهين اڄ هت پياري دادا ساڌو واسواڻيءَ جو ١٠٥ جنمدن ملهائي رهيا آهيو. پيارو دادا الڪذام جو راڳو پوري ويس فقيراڻو، ١٠٥ سال اڳ هن ٻاٽوي لوڪ تي پڌاريو. اچي آواز اُتاريائين ته لوڪو هڪ اُٿو. اُن اڪ جڳت جيوءَ اڳيان

نُور ملي ٿو. هي پيارو هڪڙو سنت جي چرنن تي ڪري پوي ٿو. منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! توهين به ايڪاگر چت سان پاٺ پڙهو، پرڀوءَ کي پرارٿنا ڪريو ته پرڀو اوس اوهانجي پڪار ٻڌندو. پرڀوءَ کي ور ور پڪاريو:

راتا رکه نه پوي پهنجي سنگ وهار،
ڏس نه ڏنگاپون، تون مهر نهار.

۲۴ ڊسمبر داداجن راڌي شيام مندر ۾ اُپديش ڪندي ان مندر لهرائڻ لاءِ پياري جشن، سورپراج ۽ سندس پتني ومالا کي ڌنيواد ڏني.

پيارو دادا جشن مدراس نواسين کي نام جو امرت پياري ۲۴ ڊسمبر سڪندرآباد روانو ٿيو.

۲۵ ڊسمبر پوڄيه دادا جشن نديڙي سنگت سان گڏ سڪندرآباد ۾ پڌاريا. پيٽ اروٽا ۽ ڀائو اُميدند ۽ ڀين دادا جشن جو سواگت ڪيو. شام جو هيرا هال ۾ سنگت ۾ داداجن پروچن ڪندي چيو ته اڄ شري ايشا جو جنمدن آهي. سڀ سنت هڪ ئي پرڀوءَ جا آهن ۽ سڀني جي سکيا ساڳي آهي. ڪيترن ئي هي پيارو ٿيهن ورهين جي عمر ۾ فقير ٿي ديس پرديس وڃي ٿو. لوڪن کي پرڀوءَ جو پيغام ڏئي ٿو. هڪ هڪ سنت سڌرڪ الڳ پرڀوءَ جو اوتار. پرڀو به پرڀوءَ روپ آهي، انڪري جيون ۾ پرڀوءَ جي جوت جڳايو. پرڀوءَ ڪانسواءِ جيون آهي ويران. سنت فريد چيو ٿو:

فريدا جس تن اوهه نه اُپجي وهه تن جان مساڻ

منهنجا پيارا ڀائرو ۽ ڀينرون! نه وساريو ته توهين ڀاڳي آهيو، اڄ تائين اوهانجو هتي سنسار ۾ ناهي. هي سنسار هڪ پل مثل آهي، جنهن تان لنگهي هلو، ان تي ڪي قلعا ڪوٽ نه اڏايو. پر اسين پل تي پڪا ماڙيون اڏي هڪ ڏينهن سڀڪي

٩ ڊسمبر ٻپهري دادا امر جي آستان تي شري گيتا ۽ رامائڻ
جو اڀياس ڪندڙ ٻالڪن ٻالڪين کي دادا جن سکيادائڪ
ڳالهيون ٻڌايون. ١٠ ڊسمبر شري جهامنداس هندوجا جي گهر
دادا جن روح رهاڻ ڪئي. ١٢ ڊسمبر رامڪرشن آشرم ۾ دادا جن
سوامي وويڪانند جي جيون ۽ ڪارج تي انگريزيءَ ۾ ڀاشڻ
ڏنو. ١٣ ڊسمبر پنڊچالي هال ۾ داداجن اپديش ڏنو.
١٦ ڊسمبر هندوجا هال ۾ دادا سادو واسوانيءَ جو ١٠٥ جنمڏين
ملهايو ويو. پوڄيه دادا جن پوڄيه سادو واسوانيءَ جي سکيائن
بابت وياکيان ڏنو. ١٧ ڊسمبر داداجن بنگلور مان مدراس روانا
ٿيا. ١٨ ڊسمبر سادو واسواڻي سينٽر ۾ هون يگيه ۽ ستسنگ
ٿيو. دادا جن منو اپديش ڏنو. ان بعد داداجن سنگت سان
گڏ ٻيا آشرم ۾ هليا ۽ ٻارڙن کي ميوو مٺائي ۽ بسڪوٽ
ڏناءون. ١٩ ڊسمبر صبوح جو آدرش وديالي ۾ وديارٿين اڳيان
داداجن وياکيان ڏيندي سندن راهه روشن ڪئي.

١٩ ڊسمبر نماشام جو ڪلپاڪ درٻار ۾ داداجن پروچن
ڏنو. ٢١ ڊسمبر شانتي لڪشمن ۾ وياکيان ڪندي داداجن چيو
ته اڪاڳر من سان پرڀوءَ کي پڪاريو. هڪ سورداس هڪ سنت
وٽ ويو ۽ پراٿنا ڪيائين ته مونکي اکين جي روشني بخشيو!
سنت چيس ته ١٥ دفعا اڪاڳر چت سان شري سکمني صاحب
جو پاٺ ڪر ته سائين ڀلي ڪندو. ان سورداس شري سکمني
صاحب جو پاٺ ته ڪيو پر سندس من ٽڪ ڪين هو، انڪري
سورداس جي اکين ۾ ڪو فرق ڪين آيو. هڪ ڏينهن اهو
سنت ان سورداس واري ڳوٺ ۾ آيو. سورداس وري وٽس اچي
ٿو ۽ اکين جي روشنيءَ لاءِ پاڙائي ٿو. تڏهن اهو سنت
اڪاڳر چت ٿي شري سکمني صاحب جو پاٺ پڙهي رهيل جل
ان سورداس جي اکين تي ڇنڪاري ٿو ته هڪدم ڪوس نئون

سنڌس روح رهاڻ جو سار ۽ وياکيان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيا آهن. 'روح رهاڻ' چار ڀاڱا پرڪاشت ٿيا آهن. 'ٻچڙو هميشه ٻال تون ٻج' سوالن جوابن جو پستڪ ۽ ٻيا ڪتاب شايع ٿيا آهن. ان کانسواءِ 'شيام'، 'جاڳو'، 'سنت مالها'، 'سنت ساهتيه'، 'هندواسي' ۽ ٻين پترڪائن ۾ وقت به وقت داداجن جا سکياداڪ ليک شايع ٿي ٿيا آهن، جن جي پڙهڻ سان آنند جي پراپتي ٿئي ٿي. اهي ليک وهنوار چاهي پرمارٿ جي لحاظ کان اسانجي رهنمائي ڪن ٿا.

پياري دادا جشن کي شاعراڻي دل آهي. هن صاحب سنڌي سنت ڪاوِ جا گهڻا پورا آهن. داداجن 'انجلي' جي تخلص سان سوين ڀڳتي ڀريا گيت رچيا آهن. پوجيه دادا جشن جي گيتن مان گرديو ساڌو واسواڻيءَ لاءِ اننيه ڀڳتي ڀاونا، اونهي اڪير، سچي جيون لاءِ پيار، ايشور ڀڳتي ۽ ديش ڀڳتي جهلڪي رهي آهي. انهن گيتن ۾ ورهه ويدنا آهي، خيالن جي گهرائي ۽ آتم انڀوتي آهي، سوز ۽ درد آهي. انهن گيتن مان شاعر انجليءَ جي دارشنڪ وچارن جو عڪس پڻ ملي ٿو. داداجن ويدانت جا وچار پڻ سرل سهڪ ٻوليءَ ۾ سليا آهن. سندن گيتن ۾ سهج سڀاوڪ تجنيس حرفي، تشبيهن ۽ استعارن جو استعمال پڻ ٿيل آهي. سندن انهن گيتن ۾ شانت ۽ وڀوڳ شرنگار رس مکيه رس آهن. 'نُوڙهن جي مالها'، 'انجليءَ جا آلاپ'، 'انجليءَ جا گيت'، 'قتيل دل جا ڦڙل'، 'ڪر قبول قدمن ۾' پوجيه دادا جشن جي گيتن جا امولهه سنگره آهن. 'اڄ جو وچار' پستڪ ۾ سال جي ٣٦٥ ڏينهن لاءِ، پوجيه دادا جشن جا ٣٦٥ سندر سکياداڪ وچار ڏنل آهن. داداجن جي ساهتيڪ ذخيري گڏ ڪرڻ ۾ ڪڪي رتنا واسواڻي، ڀيڻ ڀيتا، ڀيڻ اوملا جوٽواڻي، ڀاءُ پرمانند مهتاڻيا، ڀاءُ آتما واسواڻي،

سهڪي ساهه ڇڏيون ٿا. انڪري اندر جي اک کوليو. هٿ ٻرگيا ڇڪشو سنت مونکي مليو، سندس مکڙو ٻئي چمڪيو. ٻهيومانس، ڪيئن آنند ۾ آهين. ڇيائين ها، منهنجيون ٻاهريون اکيون بند آهن، پر اندر ۾ الاهي اسرار پيو پسان. هن پياري جو اثر هزارين نه پر لکين دلين تي پيو. اڄ به لکين هنجي اڳيان سر جهڪائين ٿا ۽ سندس آسيس پائين ٿا.

٢٨ ڊسمبر تائين دادا جن حيدرآباد - سڪندرآباد ۾ جدا جدا آستانن تي امرت ورکا ڪئي. ٢٩ ڊسمبر داداجن شولاپور ۾ پڌاريا. اتي ٢٩-٣٠ ڊسمبر پرواچن ڏنائون. ٣١ ڊسمبر داداجن پونا جي ميران يونيءَ ۾ واپس وريا.

پوجيه دادا جشن ڳوڊيو ساڌو ٽي. ايل. واسوائيءَ جيان اوچ ڪوٽيءَ جو ساهتيڪار ۽ فيلسوف به آهي. سندس لکڻ ۽ تقرير ۾ ڪمال آهي. هن صاحب انگريزي نثر ڇاهي نظم ۾ ٻاڪ موکيو آهي. 'نيشنل ڊرائس' داداجن جي انگريزي ڪوتائن جو سنگرهه آهي. انگريزي نثر ۾ پوجيه داداجن ڏيهه سند ر سکيادائڪ پستڪ لکيا آهن، جن جي پڙهڻ سان روح کي راحت ملي ٿي ۽ سنسار ۾ ڪيئن رهجي، ان لاءِ به اهي پستڪ اسانجي رهنمائي ڪن ٿا. انهن پستڪن مان ڪجهه آهن: 'لو اينڊ لاف'، 'ڊيٿ از نو ڊيڊ'، 'يو آر ناٽ الون'، 'فيسٽ آف لو'، 'لٽل لئمپس'، 'پرافيٽس اينڊ پئٽرائيٽس'، 'فرام هيل ٽه هيون'، 'وسپرس'، 'پڪچرس اينڊ پئرابلس'، 'اي چائيلڊ آف گاڊ'، 'لائيف از لو اسٽوري'، 'هائو ٽه اوورڪم ٽينشن'، 'دي سمپل وي'، 'پوئمس آف پلگرم'، 'انويسٽ دي چائيلڊ'، 'دي هولي مئن آف حيدرآباد'، 'فرام ڊارڪنيس انٽو لائيٽ'، 'ٽيچ مي ٽه پري'، پياري دادا وقت به وقت سنڌيءَ ۾ گيان گرنٿ ورلکيا ڏنا آهن ۽ روح رهاڻ ڪئي آهي.

مدع آهي. مان هيٺ لهي آيم. دادي ستيءَ مٿان سڏ ڪندي
چيو ته ڏيال مٿان تون آرتيءَ ۾ وڃين. دادا جي مدع ٿيل آهي.
مان پڙهڻ اٿندو ڪري بس ۾ چڙهي گڏيش ڪنڊ ويس. آئي
پڇاڻيندو پڇاڻيندو آخر 'آرتي' بنگلي ٻاهران پهچي ويس.
بنگلي جو در کڙڪايم ته پهريدار نڪري آيو. مون کيس چيو
ته پياري دادا جشن جو درشن ڪرڻ آيو آهيان. پهريدار در
کوليو. مان وڃي ورانڊي ۾ ويٺس. پيارو دادا جشن ڪمري مان
ٻاهر آيو، سندس درشن ڪري آسيس ورتم. دادا پڇيو "پيارا!
تون هت ڪيئن پهتين؟" پوءِ دل سان چيم ته "پياس هيم
اوهانکي پسڻ جي. پونا ۾ اچي جڏهن اوهانجو درشن نصيب
نه ٿئي ته من اداس ٿيندو آهي." دادا چيو "پيارا! هاڻ پوڄڻ
جو وقت آهي، تون هت پوڄڻ ڪاءِ." مون داداڄن کي وينتي
ڪئي ته روٽيءَ جو ڏبلو ساڻ آٿم، الهاسنگر مان ڪٽي آيو
آهيان. روز صبوح جو سويل پياري لاج ڏبلو ٺاهي ڏيندي آهي.
اڄ ته ڪاليج ۾ ٻه پيرڊ پاڙهي پوءِ نڪتو آهيان. هاڻي پونا
يونيورسٽيءَ ۾ جوابي پيپر ڏيڻا اٿم." داداڄن وري به کاڌي
کائڻ لاءِ زور ڀريو مگر مان حضور شرم! پياري دادا کان پرساد
۽ آسيس وٺي ٻاهر نڪتس ته پيارو دادا در تائين ڇڏڻ آيو ۽
بس جو رستو ۽ اسٽاپ ٻڌايائين. مان جيئن بس اسٽاپ تي بس
جي انتظار ۾ بيٺو هوس ته پيارو دادا جشن ٻنهي هٿن ۾ ڪجهه
کڻي، منهنجي طرف تکيون وکون کڻي اچي رهيو هو. مان
اهو ڏسي هڪدم دادا جي طرف ڊڪيس. داداڄن چيو "پيارا!
تون وڃين ته مون سوچيو ته مان گهر کاڌو کاوان ۽ منهنجو پيارو
صبوح جو اپار ڪيل ٿڌو کاڌو کائي، اهو ٺيڪ نه آهي. هيءَ
کاڌي جي پليٽ تو لاءِ کڻي آيو آهيان. توکي يونيورسٽيءَ ۾
جلدي پهچڻو آهي، پنهنجي ڏبلي واري ٿڌي روٽي موٽڪي ڏي

دادا گنگارام ساڄنداس، دادي سَتي ٽنڊاڻيءَ جو خاص پوئلڳ
آهي.

نمرتائي مهانتا جو ڳهڻو آهي. خاڪساري فقيريءَ جي
نشاني آهي. پيارو دادا جشن نياز نوڙت جو روپ آهي. مهان
سنت هوندي، اعليٰ تعليمدان ۽ ودوان هوندي، فيلسوف ۽
اوچ ڪوٽيءَ جو سنت ساهتڪار هوندي، مسڪينن جو مددگار
۽ هزارن دلين جو دلدار هوندي ڪيڏو نه نماڻو آهي، ليڪن دل جي
جو روحاني راڻو آهي. گرديو سادو واسواڻي 'نوري نماڻي'
جهڙي حليمائي مجسم آهي. جيئن پاڻهي ڪنس جهڪي پرڻام
ڪن ته انهن کان اڳ پاڻ جهڪي پرڻام ڪري. ڪيترن
ڪارڪنن ۾ سندس لاءِ سندر اوچ آسڻ ٺاهيو ويندو آهي،
مگر هي سنت سونهارو سنگت سان گڏ هيٺ اچي ويهندو آهي.
ڪڏهن ڪڏهن ته سنگت جي پيرن ۾ اچي ويهي! سندس
نمرتا ڏسي دل پگهرجيو وڃي.

داس کي وقت به وقت سرڪاري ۽ غير سرڪاري ڪمن
سان پونا وڃڻو پوندو آهي. داس جو گهڻو ڪري اهو نيم آهي
ته پونا پهچڻ سان پهرين ميران پوسيءَ ۾ وڃي پوڄيه دادل شاهه
جي سماڌيءَ تي نمسڪار ڪري، پوءِ مٿي دادل شاهه جي
ڪٽيا ۾ پرڻام ڪري مٺي محبوب دادا جشن جو درشن ڪندو
آهيان. سندن آسيس وٺندو آهيان ۽ پوءِ ٻئي پاسي ويندو
آهيان. پياري دادا جي نيڻن پرپال نگاهن جي نوازش راحت
بخشيندي آهي. هڪ دفعي پونا يونيورسٽيءَ جي ڪم سان پونا
ويس. پهرين دادل شاهه جي سماڌيءَ تي پرڻام ڪري مٿي
ويم. دادي ستي ٽنڊاڻيءَ کان پوڇيم دادا جشن لاءِ پڇيم. دادي
ستيءَ چيو ته اڄ دادا ڪوڪي ڪين ملندو. دادا هن وقت
ڪٽيش ڪنڊ 'آرلي' بنگلي ۾ ايڪانت ۾ آهن. آئي وڃڻ جي

ٿي ڏالهون لکڻ جون ڪين آهن مگر انگريزي لکڻ
۾ جيئن عام ماڻهن جو سمجهڻ ۾ صدق وڌي. سمجھ
ڪيئن نہ. اسانجي سار لهڻ لاءِ، صرف اسين ڪين سگهه
سان ياد ڪريون. هڪ دفعي پوڇيم دادا جن بمبئيءَ ۾ آيل
هئا. مان بمبئي يونيورسٽيءَ ۾ امتحاني پيپر ڪلارڪ جي ڪاري ۾
پنهنجي سائين سان مشغول هوس. منجهند جو وقت هو. پياس لڳم
نه ڪم اٿ ۾ ڇڏي پٽ ماپا داويءَ جي گهر پيدر روڊ وڃي
پوڇيم دادا جن جو درشن ڪري آسيس وٺي اچان. وري
ويچار آيو نه جوابداريءَ وارو ڪم آهي، اهو ڇڏي وڃڻ
واجب ڪين آهي. پياس پياس رهجي ويئي! ڪم پورو ڪري
رات جو گهر اُلهاسنگر ۾ واپس آيس ته پياري پتني لاجونتيءَ
۽ پٽ اشوڪيءَ چيو ته دادا جن پرساد موڪليو آهي. مان
عجب ۾ پئجي ويس ۽ پڇيومانس ته هي پرساد ڪيئن ڪٿي آيو؟
چيائون ڀائي نانڪ پرساد ڏيئي ويو. ڀائي نانڪ ڏاسورام جو
ننڍڙو اسانجي ٻارڪ جي اڳيان ٿي آهي. مان ڀائي نانڪ کي
گهر سڏائي پڇيو ته پيارا! توکي دادا جن ڪٿي ۽ ڪڏهن مليا
ملايا ۽ منهنجو ذڪر ڪيئن نڪتو؟ ڀائي نانڪ وراڻيو، "مان
اڄ منجهند جو مانجهندن دربار ڪار بمبئيءَ ۾ هوس. آئي سمت
جيئن واسواڻي جن آيا. موکي سڃاڻندا ته ڪين هئا پر مان
ڪين چيو ته مان الهاسنگر ۵ ۾ ديال آشا جي پوسان رهندو
آهيان. تڏهن دادا جن توهان لاءِ پڇندي توهان لاءِ پرساد
ڏنو." اهو ٻڌي مان وسمئه ۾ پئجي ويس ته مان منجهند جو
پياري دادا کي يونيورسٽيءَ ۾ ياد ڪيو ۽ ساڳئي ئي وقت
پياري دادا جن منهنجي سار لهندي، گهر وٽي پرساد موڪلي
داس ئي ڪيڏي نه ڪرپا ڪئي! جن کي سڪ سڄڻ جي،
سڄڻ لهڻن سار. هڪ ڏينهن پرڀات جو سپنو ڏٺم ته پيارو
دادا جن پولا مندر ۾ ويٺارو آهن. دادا سان گڏ ڪي پوڙهي نه
آهن. سپني ۾ دادا جن جو درشن ڪري چپ ٿي ويس لڳو. دادا جن

۽ هي گرم ڪاڙهو ان ڏنائي ۽ وڃڻ ۽ پئي اٿي وڃي ڪاٺ. دادا جا اهي لفظ ٻڌي منهنجي دل ڀرجي آئي، اکين ۾ آنسون اچي ويا! ڏينهن لڳي جو پيارو دادا مون سان گڏ بس اسٽاپ تي هلندو، جيستين بس آئي نيستين بيٺو رهيو. منهنجو محبوب مونکي بس ۾ چاڙهي پوءِ آرلي بنگلي ۾ ويو. پياري دادا جو ڪيڏو نه قرب ۽ نمرتا، جو مون ناچيز سان ايڏو وڌ ڪيائون.

هڪ دفعي رات جو ١٠-٣٠ بجي پوڄيم دادا جن کان موڪلائي هيٺ لٿس ۽ سماڌيءَ تي پرڻام ڪيم. منهنجي هٿ ۾ گهڙي هئي. پوءِ ان ڪنهن گهڙيءَ ۾ هٿ وڌو. ڏسان ته پيارو دادا جن آهن! پياري دادا ٻاهوڙ. مان چيو "پيارا! مان تو توکي گهڙي ڪٿائي هئان." مون چيو "دادا، مونکي بار ڪين آهي. منهنجا بار ته توهان ڪٽي ڇڏيا آهن." مان عرض ڪري دادا جن کان گهڙي واپس ورتي. وري مان چپل پائڻ لاءِ وڌيس ته پوڇيم، دادا منهنجي چپل ڪٿ لاءِ اُڪري وڪ کڻيئن. مان سندن ڪمل قدمن تي ڪري پيس ۽ چيم ته دادا! اوهان هي ڇا ٿا ڪريو! منهنجي چپل پئي ڪنهن هنڌ رکي آهي. پياري دادا جي نمرتا ڏسي دل ڀرجي آئي. مالڪ ٿي ٻالڪ سان اهو وهنوار! شهنشاهه ٿي پيار سان اهو ورتاءُ!

جڏهن جڏهن مان پونا مشن ستسنگ هال ۾ پياري دادا سان ملندو آهيان، ان وقت پيارو دادا اهڙ مونکي ٻانهن سان گڏ ويهاريندو آهي. مان نه چاهيندو آهيان ته سندن جي ٽول ۾ ويهجي، ڪوشش ڪري ڪجهه پٺيان ٿي ويهندو آهيان. هڪ ڀيرو شام جو مان مشن ستسنگ هال ۾ پياري دادا جي آسيس وٺي دادا جن جي ٽيبل کان ٿورو پٺيان ٿي ويٺس ته پوءِ دادا جن ٻانهن ۾ پنهنجي سوڙي ويٺا. وري مان ٿورو پٺتي سري ويٺس ته دادا جن به پٺتي سري ويٺا. پياري دادا جي ڪملي ته مهانتا!

"موهني! اڄ توکي ڇم ته پيارو ڏيال ايندو، هي گلدستو ان لاءِ رکو. ڏيال آيو آهي، گلدستو کڻي اچ ۽ ان گلدستي واري پنڌيءَ ۾ ميوو وجهي اچ." اهو ٻڌي مان عجب ۾ پئجي ويس ته پونا ۾ اڄ کان اڳ ئي پياري دادا جشن مهيني لاءِ مهيني گلدستي کان وڌيڪ بهتر ۽ پلاسٽڪ گلن جو گلدستو پنڌيءَ وارو داس لاءِ رکي ڇڏيو. مون داداجن کي لکيو ڪين هو ته مان پونا اچڻو آهيان. سنت گهٽ جي جاڻن ٿا. اسانجي صدق جي ڪمي آهي. پياري دادا جشن اهو پنڌيءَ وارو گلدستو مون سان ٻوڙي داس کي ڏنو. الهاسنگر ۾ واپس آئيس ته گهر جي ڀاتين سان ذڪر ڪيم. هو به عجب کائڻ لڳا.

داس جو اهو سڀاءُ آهي ته جڏهن به داداجن داس کي ڪو پرساد ڏيندا آهن ته اهو پرساد کڻي اچي ڪيترن ئي پريمين ۾ ورهائيندو آهيان. جيڪي وشواس رکي پرساد وٺائيندا آهن تن کي فيض حاصل ٿيندو آهي. پرساد معمولي ڪوبه نه آهي. شل سدائين پياري دادا جشن جي پرساد جو پاتر رهي سگهان ائين سمجهندو رهان.

پيارو دادا جشن هڪ جو ڪيڏو نه خيال ڪندو آهي. ڏکين سکين پنهنجن جي ڪيڏي نه سار لهندو آهي، ڪيئن ڪيڏو نه پيار ڪندو آهي. پاڻ نه کائي به ٻين کي کارائيندو آهي. هڪ دفعي مان الهاسنگر مان پياري دادا جشن لاءِ پونا ۾ ٻه الفونسا طوطاپوري انب وٺي ويس. اڇا هئي ته پيارو دادا اهي انب انگيڪار ڪري. جيئن مون دادا جشن کي اهي انب ڏنا ته پاڻ انهن کي سڏ ڪري چيائون ته هنن پريميءَ جي ٻاهران جيڪو ڪٽو ويٺو آهي، هي انب جيڪر ان پياري کي ڏئي اچ. مشڪندي ماڻهن سان مونکان پڇيائون "ڪيئن پيارا! انهن ليکي آهه نه؟" مون چيو "دادا! اوهين مالڪ آهيو."

کي چيم ”دادا! اوهان هت اوچتو ڪيئن آيا؟ اڄوات سوچنا ڏنو ها ته ستسنگ جو ڪارڻ ڪيم رکجي ها. سو ٻن ٻانهي اوهانجو درشن ڪن ها ۽ اوهانجي ٻروچن جو لاڀ حاصل ڪن ها.“ ان چوڻ بعد منهنجو سپنو ٽٽي پيو، اک کلي. دل باغ بهار ٿي جو ٻرڀاڳ جو پياري دادا جشن جو درشن نصيب ٿيو.

سپنا تم سلطان هو، آئم ليوي جاڳ،
سو ڪوس ساجن ٻسي، آن ملاوي راڳ.

ٽن ڏينهن ڪانپوءِ ڪنهن ڪم سانگي پونا ويم. جيئن ئي ميران ٻوٽيءَ ۾ قدم رکيم ته هڪ ٻانهيءَ پڇيو ته آرآوار ڏينهن دادا جشن الهاسنگو جي پولا مندر ۾ آيا، توکي اٿي مليا؟ اهو ٻڌي مان وسمئہ ۾ پئجي ويس ۽ ان ٻانهيءَ کان پڇيو ته داداجن اوچتو اتي ڪيئن آيا. چيائين دادل شاهه جي سماڌيءَ لاءِ سنگمرمر کڻڻو استعمال ڪجي، اتي سنگمرمر جو نمونو ڏسڻ جي خيال کان داداجن ويا. مان اهو ٻڌي عجب ۾ پيس! مان سپني کي سپنو سمجهي رهجي ويس. حقيقت ۾ ٻوجهه دادا جشن ان ڏينهن پونا مان پولا مندر لاءِ روانا ٿي ڪمن ٿيا جو داس کي ٻرڀاڳ جو سپني ۾ پولا مندر ۾ اچڻي وڃڻ جي ڏيکاري ڏنائون. مان پڇتائڻ لڳس ته پياري دادا اچي مونکي ٻرڀاڳ جو اٿاريو ته پيارا! مان ٿنهنجي نگر ۾ آيو آهيان، پر مان اگياني داداجن جي رمز کي سمجهي نه سگهيس. جي سمجهان ها ته سپني لهڻ واري ڏينهن صبوح جو پولا مندر ۾ وڃي پياري دادا جو درشن ڪريان ها. سدمٽ ڪيئن ته اچي جاڳائين ٿا.

هڪ دفعي منهنجي ڪڪي گوداوري (هيما واسديو ڏيوناڻي) گهر ۾ پلاسٽڪ جو گلدستو ٺاهي ڏنو ته پونا داداجن لاءِ کڻي وڃو. مان پونا ۾ آيس ۽ اهو گلدستو جيئن پياري دادا جشن کي پيش ڪيم ته داداجن ٻرهڻ موهنيءَ کي سڏي چيو

انب کھڙي وڏي چيز آهن! مون اوهانجي چرڻن ۾ وکي
اوهان کيهن کي به ڪارايو." پياري دادا چيو "پيارا! اسين
گهٽوٽي پيا کائون، انهن اناٿن فقيرن، مسڪينن محتاجن ک
کارائڻ ۾ ئي سچو آنند آهي. انهن جي سار لهون، انهن ک
پيار ڏيون." پياري دادا جشن وٽ جهڪي به اچو سو هڪ
ورهائي ڇڏين. پوجيه دادا ساڌو واسواڻيءَ وانگر پيارو دا
جشن به ور ور چوندو آهي ته ڏيو! ڏيو! ڏيندا رهو. ڏ
۾ ئي آنند آهي، ڏنو ٻيو آهي."

پياري دادا جشن جي نيڻهن ٻوي نهار ۾ ڪيڏي نه ڪش
آهه. سڀئي ٻوامي چاهيندا آهن ته انهي ٻهر سدس سد
وٺنا رهون.

اهڙي اکين کي اڄ جو ڀاڀي ڀاٻن ڪين کي،
ري سڀوان جي سڄ، سوليون هن سنسار ۾.

جيئن ٻگوان شري ڪرشن جي چوڌاري گوپيون ۽ گ
ٻيا ڦرندا هئا، ليئن پياسي دليون ٻياري دادا جشن جي ٻو
ٻيئون ڦرن، پياس ٻيار وچان ٻيئون ٻڪارين:

تون مون ڏي نهارين مان توڏي نهاريان،
صرف توکي ئي مان اکين ۾ وهاريان.

نڌر نـي نياڻان توسان نيهن ناتـو،
ٻلن ٻوڙها ٻاڙي مان ور ور ٻڪاريان.


مان لوڪن جي ليکي رهان لوڪ وچ ۾،
مگر ٿاس تنهنجي مـان ٿن ۾ تدواريان.

تنهنجو ڏيـان ڏياڻان تنهنجو نـام ڳايان،
سدائين سواسن سان توکي مـان ساريان.

منهنجي روح جا راڻا اهـا آهه 'آشا'،
ڪندي ڪار ڪم ٻـي نه توکي وساريان.

ٻوجيه ستگرو سوامي شانتي ٻرڪاش مهاراج ۽ ٻ
دادا جشن واسواڻي منهنجي جيءَ جا جيئارا ۽ اکين جا تارا آ
هل داس لي ۽ سڀئي ٻوامين لي مهر جو مينهن وسائيندا

105



هر پل ساٿ دادا جشن واسواڻيءَ جو آشيرواد.

ليکڪ ڊاڪٽر ديال 'آشا' سان روح روان دادا جشن واسواڻي



پيارو دادا جشن واسواڻي ديال 'آشا' جي سونهپ ڪري رهيو آهي.
سندس پٺيان گوري لعلواڻي، لاجونتي ديال آشا ۽
شري موتومل ڪيلا جمل چاندواڻي نظر اچي رهيا آهن.